# فهرست


**پيش لفظ** الطاف جاويد ..... 17

**مڪي واري انقلاب جو ورجاءُ ڪڏهن ۽ ڪيئن ؟** مولانا عبيدالله سنڌي ..... 22

نئين سيرت طيبہ لکڻ جي ضرورت ..... 26

نزولي ترتيب جي باري ۾ ..... 32

علي[رضه] وارو صحيفو: ..... 35

رسولي ترتيب نزول جي حڪمت ..... 35

قرآن ڪي نزولي ترتيب موجب سمجهڻ جي اهميت تي اخبار "مدينہ"

بجنور جو نوٽ ..... 41

**پاڱو پهريون تاريخي پس منظر ..... 47**

حجاز جي خصوصيت: ..... 52

حق جا ڳولائو: ..... 52

مڪو: ..... 53

**اسلامي انقلاب جا تاريخي بنياد ..... 56**

**اسلامي انقلاب جو قومي پس منظر. 63**

**اسلامي انقلاب جي پهرين منزل ... 67**

**پاڱو پهريون: صبح ولادت** ... 67

حجاز: ..... 68

**نبوت کان اڳ** ..... 69

ٻولي ۽ بيان جي تعليم: ..... 69

عرب جو ادبي ماحول: ..... 70

عبدالمطلب ۽ ابو طالب جي

ڪفالت: ..... 71

شام جو سفر: ..... 72

حج جا ميلا: ..... 73

مذهبي اهميت: ..... 73

حرب الفجار: ..... 75

حلف الفضول: ..... 76

مڪي جي تعمير: ..... 76

بين الاقوامي تعليم: ..... 77

حضرت خديجہ سان نڪاح: ..... 78

پاڻ دنيا ڪي ڪيئن ڏٺائون: ..... 78

حق جا ڳولائو: ..... 79

**نبوت ۾ ان کان پوءِ** ..... 81

غار حرا ۾ ويچار: ..... 81

پهرين وحي جو نازل ٿيڻ: ..... 82

وجود ڇا آهي؟: ..... 83

علم ڇا آهي؟: ..... 85

پهرين وحيءَ جي لفظن جي

تحقيق: ..... 87

**پاڱو ٻيون: مڪي دؤر** ..... 89





Sindhica Academy, Karachi



زندگي ۽ ڪائنات بابت اسلامي

نظريي جا بنيادي اصول ۽

انهن جي قرآني تشريح: ..... 89

**پهرين وحي جو فلسفو ۽**

**انهيءَ جي مختصر تشريح** ... 90

توحيد خداوندي جو تصور نہ

رڳو عادلاڻو، پر رحمت ڀريو

پڻ آهي: ..... 92

مشرڪن سان خطاب: ..... 93

عيسائي عقيدا: ..... 93

يهودين سان خطاب: ..... 94

مجوسي عقيدا: ..... 94

خدا جي هستي ڪي مڃڻ جو

ڪهڙو مقصد آهي؟: ..... 94

خدا ڪي مڃڻ جو مطلب ڇا

آهي؟: ..... 95

خدا بابت قرآن جو تصور: ..... 98

خدا ڪي مڃڻ جو مقصد: ..... 99

علم ڇا آهي؟: ..... 101

**پاڱو ٽيون: ڳجهي دعوت** ... 103

(ڊسمبر 610ع کان فيبروري 612ع)

..... 103

هن دؤر جون ڪي خاصيتون .. 110

**اسلامي انقلاب جي ٻين منزل ..... 123**

**ظاهر ظهور دعوت** ..... 123

المنذر و المزڪي ..... 123

پهرين دعوت: ..... 124

(1) سورت قريش: ..... 125

(2) سورت واليل: ..... 127

اعطيٰ: ..... 128

اتقي: ..... 128

صدق بالحسنيٰ: ..... 128

(3) سورت والعديٰت: ..... 129

(4) سورت الزالزال: ..... 131

ڏاڍ ۽ مرضي جي مسئلي جو

حل: ..... 131

ماديت جو فلسفو: ..... 132

روحانيت جو فلسفو: ..... 132

ٻي دعوت: ..... 132

(5) سورت والعصر: ..... 132

(6) سورت التڪاثر: ..... 133

(7) سورت القارعہ: ..... 134

(8) سورت الناس: ..... 135

(9) سورت والشمس: ..... 137

(10) سورت الهمزه: ..... 138

(11) سورت المعارج: ..... 138

جهنمي معاشرو ..... 138

جنتي معاشرو ..... 139

(12) سورت عَبَسَ: ..... 142

(13) سورت البلد: ..... 144

(14) سورت الفجر: ..... 146

(15) سورت الاعليٰ: ..... 148

(16) سورت الڪوثر: ..... 150

(17) سورت الماعون: ..... 151

(18) سورت اللهب: ..... 152

(19) سورت الطارق: ..... 152

نظام شمسي سان استدلال: ... 153

انساني خلقت مان استدلال: ... 153

ٻوٽن جي خلقڻ ۽ مينهن مان

استدلال: ..... 153

(20) سورت المزمل: ..... 154

(21) سورت التين: ..... 155

هڪ غلط فهمي جو ازالو: ڊ ... 158

(22) سورت الانشقاق: ..... 166

(23) سورت الانفطار: ..... 166

(24) سورت المرسلات: ..... 167

(25) سورت القيامہ: ..... 168





www.sindhsalamat.com

(26) سورت الواقع: ........... 169
(27) سورت نوح: .............. 171
(28) سورت النازعات: ........ 173
(29) سورت البروج: ........... 174
(30) سورت المدثر: ........... 174
(31) سورت مطففين: ......... 176
(32) سورت ن والقلم: ......... 176
(33) سورت التڪوير: ......... 177
قريش جي سردارن جو ٻيو وفد
ابوطالب وٽ: ............... 177
(34) سورت الذاريات: ...... 179
(35) سورت الحاق: .......... 180
(36) سورت القمر: .......... 180


**اسلامي انقلاب جي ٽين منزل .... 185**


قرآن، نصاري، المذڪر
والمبشر والهادي ........... 185
پس منظر: .............. 185
سورت الغاشيه: ......... 191
سورت نباء: .......... 191
سورت الدهر: ........ 192
سورت الرحمان: ...... 193
سورت ق: ......... 193
حبش جي عيسائين ۽ بنو المطلب ۾
لاڳاپو: ............ 196
حبش جي پهرين هجرت: ....... 197
حبشه ڏانهن هجرت ڪان پوءِ
وارو قرآن .......... 199
(1) سورت النجم: .......... 199
(2) سورت الملڪ: ......... 203
(3) سورت حم الاحقاف: ...... 203
(4) سورت الدخان: ....... 205
(5) سورت اخلاص: ....... 206
(6) سورت الصف: ....... 206
(7) سورت السجده: ......... 206
(8) سورت مريم: ......... 207
کليل طرح تبليغ جو ٽيون سال ۶
نبوي: ......... 208
(9) سورت الطور: ........ 208
(10) سورت صٓ: ....... 210
(11) سورت الحجر: ...... 211
(12) سورت الڪهف: ..... 212
(13) سورت طٰه: ..... 214
(14) سورت المؤمنون: ...... 215
(15) سورت الانبياء: ...... 216
(16) سورت يس: ....... 217
(17) سورت الشعراء: ...... 217
(18) سورت الرعد: ...... 218
حضرت عمر رضي الله عنه جو ايمان
آڻڻ: ........ 219
حضرت عمر جي ايمان آڻڻ
ڪان پوءِ: ....... 220
حضرت عمر جي اسلام آڻڻ
ڪان پوءِ قرآني تعليم: ...... 220
(19) سورت الفرقان: ...... 220
(20) سورت الشوري: ...... 221
دين ۽ شريعت ۾ فرق: ...... 221
نبوت ڪان اڳ چاڻ ڏيندڙ
وسيلا: ........ 223
(21) سورت السبا: ...... 225
(22) سورت المؤمن: ...... 227
(23) سورت الزمر: ...... 228
(24) سورت الڪافرون: ...... 231


**اسلامي انقلاب جي چوٿين منزل ..232**


شعب ابي طالب ۾ ٽن سالن جو
قيد ۽ قبيلن ڏانهن رسالت جي
تياري .......... 232




Sindhica Academy, Karachi



محمد المرسل ......
قرآن مظلومان ........ 232
رسالت جي تياري: ....... 234
اخلاقي سياست ئي نبوت ئجو
مقصد ........ 234
اسلام ۽ ٻئي مذهب ۽ فلسفي
مڪتبہ فڪر ......... 236
مذهب جا ٻہ قسم: ........ 237
يهودين ۽ هندن جي تباهي: ... 237
غلاميءَ جو رواج: ....... 238
دين ۽ سياست: ........ 239
شعب ابي طالب ۾ سماجي
بائيڪاٽ: ....... 241
توريت ۽ بني اسرائيل ....... 241
توريت ۽ قرآن: ....... 242
حضرت آدم ۽ نوح عليہ السلام: .. 242
حضرت ايوب عليہ السلام: .... 243
حضرت ابراهيم عليہ السلام: .. 243
اسماعيل عليہ السلام ۽
اسحاق عليہ السلام: ...... 243
حضرت يوسف عليہ السلام: ... 244
حضرت موسيٰ عليہ السلام: ... 245
شعب ابي طالب جي قيد واري
زماني جي انهن قصن جو بيان: 245
حڪومت ۽ دين به جاڙا ٻار
آهن ........ 245
ڪتابي سياست جي تمهيد: ... 246
1. سورت لقمان، اخلاقيات ۽
پارٽي فنڊ: ....... 247
ڪتابي يا ديني سياست: ..... 248
موسوي انقلاب جو طريقو: .... 248
ذبح عظيم جو مطلب: ...... 248
يوسفي انقلاب جو طريقو: .... 249
2. البقره رڪوع 35: ...... 249
3. سورت ابراهيم عليہ السلام ۽
قرآن ۽ توريت جو ڪم: ..... 250
4. سورت يوسف: ...... 250
قرآن ڪريم ۾ قصا بيان ڪرڻ
جو مقصد: ....... 251
5. سورت القصص: ...... 251
قرآن ۽ توريت سان مقابلو: ... 251
موجوده دؤر جي قرآني تعليم
جو تت: ....... 253


**اسلامي انقلاب جي پنجين منزل .. 254**


پاڱو پهريون: مڪي ڪان ٻاهر
رهندڙ قبيلن، مجوسين ۽
يهودين ڏانهن ڌيان ....... 254
شعب ابي طالب مان رهائي ڪان
ابو طالب جي وفات تائين ..... 254
رسول الله ﷺ ۽ سندن ساٿين
جي شعب ابي طالب مان رهائي 254
عيسائين جي هار ۽ مشرڪن
جي خوشي: ....... 255
الاهي حڪومت جو قيام: ..... 256
قومن جي تباهيءَ جو سبب: ... 256
قرآن ۽ يهودي شعب ڪان پوءِ: 258
(1) سورت الاعراف: ....... 260
مسلمانن تي ظلم: ....... 262
وفات سيده خديجه رضہ: ..... 264
قبيلي جي سردار ابو طالب
جي وفات: ....... 265
رسول الله ﷺ جا ظالم
هم وطن: ....... 266
پاڱو ٻيون: ابو طالب جي
وفات ڪان مطعم بن عدي
جي پاڙي تائين ....... 267
جلاوطني...... يا موت: ..... 267




www.sindhsalamat.com

(1) سورت جن جو نازل ٿيڻ .. 270
(2) سورت الحمد (فاتحه) جو
نازل ٿيڻ: ............. 270
قرآن کي سمجهڻ جو اصول .. 271
(3) سورت يوسف ۾
(4) سورت فاتحه: ............ 272
يوم الدين: ............... 273
ظالمن کي ڍگهي مدت تائين
سزا نہ ملڻ جو سبب: ......... 274
ملڪ: ............ 275
(5) سورت جاثيہ: .......... 276
**ڀاڱو ٽيون: قبيلن کي تبليغ،**
**مطعم جي پنيرائي ۾**
**مديني ڏانهن هجرت** ...... 278
(6) سورت الزخرف: ........ 279
(7) سورت النمل: .......... 280
بيبي سوده بنت زمعہ سان
نڪاح: ............ 281
حضرت عائشہ رضي الله عنها سان
پاڻ ﷺ جي مڱڻي: ......... 281
پاڻ ڪريم ﷺ جي نڪاحن
تي اعتراض: ......... 282
اسلام جو سڏارو: ........ 283
ڳجهي بيعت عقبہ (ذي الحج
11 نبوي): .......... 283
هن بيعت جون خاص ڳالهيون: 284
بني اسرائيل کي شامل
ڪرڻ جي خواهش: ......... 285
اسراء يا معراج جي حڪمت: .. 285
(8) سورت بني اسرائيل: ...... 286
قرآن ۾ نماز: .......... 287
(9) سورت هود (للڪار): ...... 288
بيعت عقبہ ثاني
(ذي الحج 12 نبوي): ......... 289

جنگ جي امڪان جو ذڪر: .... 289
رسول الله ﷺ جي تقرير: ..... 290
جنگ تي بيعت: ........ 290
ابولهب جي جاسوسي: ...... 291
(10) سورت يونس: ......... 291
(11) سورت النحل ۾ (12)
سورت انعام: .......... 293
هجرت جون اوڪايون: ........ 293
مجوسين کي تبليغ: ........ 293
سورت النحل جو تت: ........ 294
سورت الانعام جو تت: ....... 296
هڪڙو فلسفياڻو بحث: ....... 297
**مڪي جي آخري دؤر**
**جا ڪي اهم واقعا** ........ 299
سويد رضي الله عنه جو اسلام قبولڻ: ... 299
ابوذر غفاري رضي الله عنه جو اسلام
قبولڻ: ........ 299
ضماد آزدر رضي الله عنه جو اسلام
قبولڻ: ........ 299
حضرت سوده سان پاڻ
سڳورن ﷺ جو نڪاح: ...... 299
حضرت عائشہ رضہ سان
مڱڻي: ........ 300
رسول الله ﷺ جي قتل جون
صلاحون: ....... 300

**ڀاڱو ٻيون ........ 303**
**مدني دؤر: اسلام جي انقلابي نظريي**
**تي توحيدي معاشري جي قيام**
**لاءِ جاکوڙ ........ 303**

**اسلامي انقلاب جي ڇهين منزل ... 305**



Sindhica Academy, Karachi


**ڀاڱو پهريون: مديني ڏانهن**
**هجرت کان بدر تائين**
**مدني دؤر** ........ 305
رسول الله ﷺ جن قبا ۾: ...... 305
اوس ۽ خزرج جو ميلاپ: ...... 307
مديني جي فتح: ....... 307
پهرين جمعي جو خطبو: ....... 308
مواخات (ڀائيچارو): ....... 312
اصحابِ صفہ: ......... 312
مسجد نبوي ﷺ جي اڏاوت: . 312
جماعتي زندگيءَ جي
شروعات: ........ 313
نبوي خاندان: ....... 313
ڪتابي جمهوريت يا
توحيدي معاشري جو قيام: .... 313
اسلامي آئين جا بنيادي اصول: 314
يهودين سان معاهدو: ....... 317
**يهودين سان خطاب** ....... 318
(1) سورت البقره، رڪوع 4: ... 318
آدم جو قصو: ......... 318
(2) سورت البقره رڪوع 5، 6 ۽ 7،
تورات: ........ 324
(3) سورت البقره رڪوع 8،
اسلام جي عالمگير تعليم: ..... 324
محمدي حڪومت جو يهودين
سان معاهدو (ميثاقِ مدينہ): ... 325
معاهدي جو تتُ: ....... 325
مشرڪ قبيلن سان معاهدا: .... 326
عاشوري جو روزو: ....... 327
روزي جو فرض ٿيڻ: ...... 327
(4) سورت البقره رڪوع 2، 4: 328
قريشن جي ڌمڪي: ....... 328
رسول الله ﷺ جي تقرير: .... 328
عياش جو اغوا تي وڃڻ: ...... 329

رسول الله ﷺ امير العالمين
جي حيثيت ۾: ....... 329
طالوت جي قصي ۾ خوني
ويڙهه جو ذڪر: ...... 329
جنگ جو قديم طريقو: ..... 331
بانگ: ....... 333
پاڻ ڪريم ﷺ جي جنگي
حڪمت عملي: ...... 333
غزوه ودان – معاهدو
بنو خمره رض: ...... 333
بواط وارو غزوو ۽ معاهدو: ... 333
ڪرز وارو حملو: ...... 334
انفاق يا جنگي چندو: ...... 334
سورت البقره 24 رڪوع،
دنيا کي ظلم کان بچايو: ...... 334
سورت البقره 35 رڪوع: ...... 334
سورت البقره 36 رڪوع: ...... 335
سورت البقره 37 رڪوع: ...... 335
شفاعت جو مسئلو: ....... 335
بنو مدلج وارن سان معاهدو: .. 336
غزوه ذوالعشيره: ...... 336
سورت المائده 4 رڪوع: ..... 336
سورت المائده 5 رڪوع: ..... 336

**اسلامي انقلاب جي ستين منزل ... 337**
**ڀاڱو پهريون: بدر جي فتح کان ا**
**حد جي خوني ويڙهه تائين** 337
هيٺن جي مدافعت ....... 337
روم جي فتح: ....... 338
عام القتال سنہ 2 هہ: ...... 338
سورت البقره 27 رڪوع: ..... 339
سورت البقره 17 رڪوع قبلي
جي تبديليءَ جو حڪم: ..... 340
سورت البقره 17 ۽ 18 رڪوع: 340



www.sindhsalamat.com

سورت البقره رڪوع 22: ...... 341
سورت البقره رڪوع 21: ...... 341
سورت البقره رڪوع 9 کان 21: 341
سورت البقره رڪوع 12: ...... 342
سورت البقره رڪوع 13: ...... 342
سورت البقره رڪوع 14 ۽ 15: 342
بقره رڪوع 11: .............. 343
سورت البقره رڪوع 16: ...... 343
مسلمانن کي نصيحت: ......... 345
توريت جي تحريف جو مسئلو: 345
يهودين کي تنبيه: سورت
جمعه رڪوع 1: ............... 346
بني اسرائيل جي آزاديءَ
واري ڏهاڙي تي روزو: ......... 346
سورت البقره رڪوع 23: ...... 346
روزي جو صدقو: .............. 347
بدر واري جنگ: .............. 347
مسلمانن سان صلاح مشورو: ... 348
جنگ لاءِ صلاحون: ........... 348
مينهن ۽ ننڊ: ................ 349
سورت الانفال رڪوع 5،
خوني ويڙهه بابت پهرين آيت: .. 350
بدر جي قيدين جي باري ۾
صلاحون: ................... 350
غلامن جي آزاديءَ جو پهريون
قانون: ..................... 351
طلاق بائن کان پوءِ واپسي: .... 351
سورت الانفال رڪوع 2: ...... 351
سورت الانفال رڪوع 1: ...... 352
فطري وارو صدقو: ........... 352
جنگ جا قانون_ سورت انفال:
رڪوع 10: ................... 352
سورت الانفال رڪوع 9: ...... 353
سورت الانفال رڪوع 8: ...... 353
سورت الانفال رڪوع 7: ........ 353
**خانداني معاملا ۽**
**عورتن جي عزت افزائي** ... 354
طلاق، ظهار يا ايلاء: ........... 354
سورت النساء رڪوع 1،
يتيمن سان انصاف: ........... 355
رڳو هڪڙي عورت سان
نڪاح ڪريو: ................. 355
وراثت جو حق: ............... 356
عورتن سان سهٽي نموني
هلڻ جو حڪم: ............... 356
رنڙ عورتن جي آزادي: ......... 357
ٻانهين سان نڪاح ڪريو: ...... 357
عورتن جي ملڪيت جو حق: ... 357
سيني سان محبت ۽ سهٽي
سلوڪ سان هلڻ جو حڪم: ..... 358
يهودين جو ذڪر: .............. 358
يهودين جي لڳاتار نافرماني: .. 360
يهودين تي سزائون: ........... 361
آل عمران رڪوع 19: .......... 362
قريش جو خط: ................ 362
بنو قينقاع وارن تي حملو: ...... 363
سورت النساء رڪوع 7: ....... 363
وضو جو حڪم: ................ 363
سورت النساء رڪوع 8: ....... 363
غزوه سويق: .................. 364
بي بي فاطمه جو حضرت
علي رضي الله عنه سان نڪاح: ......... 364
سورت النساء رڪوع 10: ...... 364
امتحان وارو سال 3 هه: ........ 365
غزوه غطفان: ................. 365
ڪعب بن اشرف يهودي جو
قتل: ......................... 365
قرده وارو سريو: .............. 366




Sindhica Academy, Karachi


سورت النساء رڪوع 12: ...... 366
مومن کي قتل ڪرڻ جي سزا: .. 366
سورت النساء رڪوع 13: ...... 366
سورت النساء رڪوع 14: ...... 367
سورت النساء رڪوع 21: ...... 367
سورت النساء رڪوع 16: ...... 367
سورت النساء رڪوع 18: ...... 367
سورت النساء رڪوع 19: ...... 367
سورت محمد رڪوع 1: ....... 368
سورت محمد رڪوع 2: ....... 368
سورت محمد رڪوع 3: ....... 368
سورت محمد رڪوع4: ....... 369
سورت صف رڪوع1: ......... 369
سورت صف رڪوع 2: ........ 369
سورت مائده رڪوع 6: ....... 370
سورت مائده رڪوع 7: ....... 370
سورت مائده رڪوع 8 ۽ 9: .... 370
سورت مائده رڪوع 10: ...... 370
بدر جي سوپ کان پوءِ: ........ 375
سورت انفال رڪوع 3: ........ 376
سورت انفال رڪوع 4: ........ 377
سورت انفال رڪوع10: ........ 378

**اسلامي انقلاب جي اٺين منزل .... 379**
**خاتم النبيين ﷺ** ........... 379
(احد کان بيعت رضوان تائين) 379
تاريخي پس منظر: ............ 379
مسلمانن جي بهادري: ......... 380
**احد واري ويڙهه** ............... 381
احد جون ڪي خاص ڳالهيون: 383
مسلمانن جو جوابي حملو ۽ ڪيد
پوڻ: ........................... 386
احد واري ويڙهه جو قرآن ۾
ذڪر: .......................... 386
سورت آل عمران رڪوع 14: .. 387
سورت آل عمران رڪوع 15 ۽ 16: 387
سورت آل عمران رڪوع 17: .. 388
سورت آل عمران رڪوع 15: .. 388
سورت آل عمران رڪوع 19: .. 388
سورت آل عمران رڪوع 20: .. 389
سورت النساء رڪوع 24: ..... 389
سورت النساء، رڪوع نمبر 15: . 390
نڪاح جا اثر: ................ 390
ستر قراء جو قتل: ............ 391
ڏهن مسلمانن جو قتل: ......... 391
سورت بينه: .................. 392
بنو نضير وارن جي ڏيهه
نيڪالي: .................... 393
سورت آل عمران، رڪوع 12: . 393
سورت حشر، رڪوع 1: ....... 393
سورت حشر رڪوع نمبر 2: .... 394
سورت حشر، رڪوع نمبر 3: ... 394
صلوات الخوف: ............... 394
سورت النساء، آيت نمبر 23: .. 394
غزوه ذات الرقاع: ............ 395
غزوه دومت الجندل: .......... 395
سورت النساء رڪوع نمبر 9: .. 395
غزوه مريسيع: ............... 395
سورت المنافقون: ............ 396
واقعه افڪ: ................. 396
زنا ۽ سورت النور رڪوع
1 کان 4 تائين: ............... 396
پردو ۽ حياءُ: ................. 397
غلامن کي آزاديءَ جو حق: .... 397
سورت النور رڪوع نمبر 5،6
۽ 7: ......................... 397
سورت النور رڪوع 8 ۽ 9: .... 397
مجلس جا ڪي آداب: ......... 397




www.sindhsalamat.com

زينب ۽ زيد بن محمد جي
گھرو ويڙهه ۽ ناهه: ........ 397
ظهار ڇا آهي؟: ........ 398
سورت مجادله رڪوع 1: ....... 398
سورت مجادله رڪوع 2: ...... 398
سورت مجادله رڪوع3: ...... 399
الله جو تولو: ........ 399
**مديني تي پوري عرب ۽**
**يهودين جو گڏيل حملو.... 399**
حضرت سلمان فارسيءَ
جي صلاح: ........ 400
سورت الاحزاب رڪوع
نمبر 2، آيت 9 کان 20: ....... 401
غزوه بني قريظه: ........ 401
سورت الاحزاب، رڪوع 3،
آيت نمبر 21 کان 27: ........ 402
سورت البقره، رڪوع نمبر 26: . 402
سورت النساء، رڪوع نمبر 11: . 402
پٽيلي جي طلاق ڏنل
سان نڪاح: ........ 402
سورت الاحزاب رڪوع 1: ..... 404
سورت الاحزاب، رڪوع 5: .... 404
بي بي زينب سان نڪاح: ...... 405
خاتم النبيين: ........ 405
نبوت جي خاتمي ۽ حڪمت
جي ضرورت: ........ 406
سورت البقره رڪوع نمبر 28: . 409
سورت البقره رڪوع نمبر 29: . 410
طلاق بائن کان پوءِ رجعت: .... 410
رسول الله ﷺ کي بيبين
سڳورين طرفان لٽي ڪپڙي
وذائف لاءِ مطالبو: ........ 410
سورت الاحزاب رڪوع 4: ..... 411
سلام بن ابي حقيق يهوديءَ
جو قتل: ........ 411
**مديني جي اوسي پاسي رهندڙ**
**قبيلن کي سيڪت........ 411**
صحف ابراهيم ۽ صحف
موسيٰ جا قانون: ........ 411
سورت آل عمران، رڪوع نمبر 8: . 412
سورت آل عمران رڪوع نمبر 9: .. 413
سورت آل عمران، رڪوع نمبر 10: . 413
سورت آل عمران، رڪوع نمبر 11: . 413
عيسائين ڏانهن وفد: ........ 413
حلالي ڪانسواءِ بي بي زينب جو
پنهنجي مڙس جي حوالي ٿيڻ: . 414
سورت البقره رڪوع نمبر 30: . 414
سورت البقره رڪوع نمبر 3: ... 414
سورت مائده آيت 36 ۽ 37: .. 415

**اسلامي انقلاب جي نائين منزل ... 416**
**بيعت رضوان کان مڪي**
**جي فتح تائين........ 416**
**دولت ڪتابيه جو عربي**
**پروگرام ..... بيعت رضوان**
**ئي فتح مبين آهي: ........ 416**
اسلام جو عالمگير ڪردار: ..... 416
مڪي ڏانهن پر امن روانگي: ... 417
بيعت رضوان، مرڪزي انقلابي
ڪاميٽيءَ جو قائم ٿيڻ: ........ 419
بيعت رضوان ئي فتح مبين
آهي: ........ 420
سڪينهٴ ۽ زمين و آسمان جون
فوجون: ........ 420
قريشن جي ناه لاءِ منت ميڙ: .... 420
قومن جي تباهيءَ جا ڪارڻ: ... 422
رسول الله ﷺ جو ڪارنامو: .. 422



معاهدي جي لکت ۾ رحمان ۽
رسول الله لکڻ تي اعتراض: ... 423
**جنگبندي جو معاهدو ۽ انهيءَ**
جا هاڪاري نتيجا: ........ 423
سورت الفتح رڪوع 1: ....... 424
سورت الفتح رڪوع2: ....... 424
**مساوات جو سال 7 ھ ....... 425**
فتح حديبيه کان پوءِ ڪتابي
جمهوريت (توحيدي معاشري)
جو قيام ........ 425
غزوه خيبر / اسلامي معاشي
نظام: ........ 425
دل: ........ 427
شهزادي صفيه سان نڪاح: .... 427
سدارا: ........ 427
سورت الفتح رڪوع نمبر3: ... 428
سورت الفتح رڪوع نمبر 4: ... 428
غزوه وادي القريٰ، 7 هجري: ... 429
اطاعتِ فدڪ، سنه 7 ھ: ....... 429
حضرت ابو هريره جو اسلام
قبولڻ: ........ 429
دنيا کي الله جي اطاعت
جي دعوت، صفر سنه 7 ھ....... 429
عيسائي بادشاهن کي اسلام
جي دعوت: ........ 429
**پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هرقل**
**روم جي نالي تي لکيل خط .. 431**
**پاڻ ڪريم ﷺ جو حارث بن ابي**
**شمر غساني جي نالي تي لکيل**
**خط مبارڪ ........ 438**
**فارس جي بادشاهه خسرو**
**ڏانهن پاڻ ڪريم ﷺ**
**جو خط مبارڪ........ 439**
باذان جو اسلام قبولڻ: ........ 442
**پاڻ ڪريم ﷺ جو قبط جي**
**بادشاهه مقوقس ڏانهن**
**خط مبارڪ ........ 444**
ماريه قبطيه: ........ 447
ابراهيم بن رسول الله ﷺ .... 447
**پاڻ ڪريم ﷺ جو اصحمه**
**نجاشي جي نالي تي خط**
**مبارڪ ........ 448**
نجاشيءَ جو اسلام قبولڻ: ..... 451
مجوسين ڏانهن هڪڙي خدا
کي مڃڻ جي دعوت: ........ 453
سورت الاعراف رڪوع نمبر 2: 453
آل موسيٰ جي سچائي: ........ 454
سورت آل عمران رڪوع نمبر 7: 454
جزيي يا ڏل جي شروعات: .... 455
مڪي کان مسلمان تي اچڻ وارا: 455
سورت البقره رڪوع نمبر 24: 456
**عمرة القصاص........ 456**
مديني کان روانگي: ........ 456
آخري نڪاح: ........ 457
عام المساوات کي اهم واقعا: 457
**عام الفتح سنه 8 ھ........ 458**
ابراهيم بن محمد ﷺ جي
جمڻ ۽ ان جا اثر: ........ 458
گهڻن نڪاحن ۽ هڪ زال
تي نظر: ........ 459
**ڪابين ........ 460**
گهڻن مڙسن وارو مسئلو: ...... 461
سورت الاحزاب رڪوع نمبر 6: 462
سورت الاحزاب، رڪوع نمبر 7: 463
سورت الاحزاب رڪوع نمبر8: 463
سورت الاحزاب رڪوع نمبر9: 463
**موته وارو سريو 8 ھ ........ 463**
سورت النساء، رڪوع نمبر 13: 464

مڪي ۾ پر امن طريقي سان
داخل ٿيڻ (سنه 8 ه) ........ 464
سورت الممتحنه رڪوع نمبر 1:.. 465
سورت الممتحنه رڪوع نمبر 2: . 465
مڪي اندر پر امن طرح سان
داخل ٿيڻ: ........................ 466
اسلام (خدائي فرمانبرداري)
تي بيعت: ........................ 467
سورت الممتحنه رڪوع نمبر 3: . 468
نبوي تقرير ۽ ان جي ادبي
اهميت:........................ 468
مدني دؤر جو مڪي قرآن 471
سورت البقره رڪوع نمبر 20:. 471
سورت البقره رڪوع نمبر 1:.. 471
سورت البقره رڪوع نمبر3: ... 472
مڪي تعليم جي مڪي ۾
پڇاڙي:........................ 473
آخري للڪار يا جنگ: ......... 474
سورت النصر:................... 475
مشرڪن جي دلجوئي: ......... 475
سورت الحديد رڪوع نمبر1: . 476
سورت الحديد رڪوع نمبر2: . 476
سورت الحديد رڪوع نمبر3: . 476
سورت الحديد رڪوع نمبر4: . 477
سورت الحديد جي اهميت: ... 477
سورت التغابن رڪوع نمبر1:.. 478
سورت التغابن رڪوع نمبر2:.. 478
غزوه حنين، هوازن ۽ ثقيف
قبيلن جي مدافعت 8 ه .... 478
اوطاس وارو سريو:............ 479
غزوه طائف: ................. 479
جعرانه وارو عمرو: ............ 480
انصارن جي هڪ غلط فهمي
جو ازالو:....................... 480
سورت البقره رڪوع نمبر 25: .480
سورت البقره رڪوع نمبر 19: .481
انساني زندگيءَ جو مقصد481
شهيد مئل نه پر جيئرا آهن: ....482
صفا ۽ مروه:.................... 483
حج ڇا آهي؟ .................. 483
قرباني ۽ قرآن: ................ 484
سورت الحج رڪوع نمبر1: .... 485
سورت الحج رڪوع نمبر2: .... 486
سورت الحج رڪوع نمبر 3: .... 486
سورت الحج رڪوع نمبر4: .... 486
سورت الحج رڪوع نمبر 5: .... 486
سورت الحج رڪوع نمبر 6: .... 486
فتح کان پوءِ فرض: ........... 487
سورت الحج رڪوع نمبر 7: .... 487
مڪي جي ڪافرن کي جواب:.. 487
سورت الحج رڪوع نمبر8: .... 488
سورت الحج رڪوع نمبر 9: .... 488
سورت الحج رڪوع نمبر 10: .. 489
سورت النساء رڪوع نمبر 20: .489
اصلي ڪافر: ................. 490
اصلي ايمان: ................. 490
سورت النساء رڪوع نمبر 23: .490
وحي جي نوعيت: ............. 490
متشابهات ۽ عيسائي:........ 491
8 هجري جا مختلف واقعا: ..... 492
**اسلامي انقلاب جي ذهني منزل ...494**
دنيا جي قومن جي لاءِ
رحمت ڪتابي حڪومت
جو عالمي پروگرام ......... 494
عام البرات يا عام الوفود .. 495
نجران جا عيسائي ۽ اصحاب
الاخدود:...................... 496



سورت آل عمران، محڪمات ۽
متشابهات جو بحث: ........... 497
متشابهات بنسبت ترتيب نزول
جي اهميت:.................... 498
قرآن جون سموريون آيتون
محڪم آهن: .................. 502
الله تعاليٰ جي قدرت ۾ شڪ
جي گنجائش نه آهي: ........ 502
حد کان لنگهيل ۽ علم ۾ پختا
انسان:......................... 503
انهن ۾ علم جا پختا: ............ 503
بحث تصور في الارحام جو
هو، آل عمران، رڪوع نمبر 1: .. 503
ڪلام جو تت: ................. 504
مباهلي جي دعوت: ........... 506
مايعلم تاويله الا الله جو مطلب: 506
حد کان لنگهي ويل جي هوڏ: . 507
سورت آل عمران رڪوع نمبر 1: 508
تصور في الارحام ۽ غيب
جو علم: ...................... 509
محڪمات يا ام الڪتاب ۽
متشابهات يا بنت الڪتاب: ... 509
راسخين في العلم:............ 509
سورت آل عمران رڪوع نمبر2: . 510
سورت آل عمران رڪوع نمبر 3: 510
سورت آل عمران رڪوع نمبر 4: 510
سورت آل عمران رڪوع نمبر 5: 511
سورت آل عمران رڪوع نمبر 6: 511
مباهلي جي دعوت: ........... 511
ڪتاب وارن کي توحيد جي
ڪلمي جي دعوت ......... 512
آڳاٽو انسان ڇا هو؟ ........... 512
نجران جي عيسائين سان معاهدو:
512 ..............................
زڪوات جي شرح مقرر نه آهي: 513
سورت البقره رڪوع نمبر 26: 513
سورت البقره رڪوع نمبر 27: 513
سورت التوبه رڪوع نمبر 8: ... 513
سورت الحجرات، مسلمانن کي
لڇڻ سکڻ لاءِ هدايت: .......... 514
نبي ﷺ جي بيبين جو
احتجاج: ..................... 514
بي بي ماريه جي عزت افزائي: . 515
رسول الله ﷺ جي ولي عهدي
جو معاملو:.................... 515
سورت التحريم رڪوع نمبر 1: 516
سورت التحريم رڪوع نمبر 2: 517
رومي سامراج سان مقابلي
جي تياري: ................... 517
سورت التوبه رڪوع نمبر 6: ... 517
سورت التوبه رڪوع نمبر7: .... 518
سريو فلس، حاتم طائي جي
ڌيءَ جي عزت افزائي:......... 518
سورت طلاق: ................. 518
غزوه تبوڪ:................... 519
سورت التوبه رڪوع نمبر 9: ... 519
سورت التوبه رڪوع نمبر 10: . 519
جماعتي انقلاب: ............. 520
تبوڪ کان موٽي اچڻ تي
قرآن ڪريم منافقن
کي وعيد..................... 521
سورت التوبه رڪوع نمبر 11: . 521
سورت التوبه رڪوع نمبر 12: ...... 521
مسجد ضرار: ................. 521
سورت التوبه، رڪوع نمبر 13: 521
سورت التوبه رڪوع نمبر 14: . 521
سورت التوبه رڪوع نمبر 15: . 522
سورت التوبه رڪوع نمبر 16: . 522

ثقيف وارن جو وفد،
رمضان 9 ھ: ................... 522
اسلامي طريقي تي حج: ....... 523
سورت التوبہ رڪوع نمبر 1: ... 523
سورت التوبہ رڪوع نمبر2: .... 523
سورت التوبہ رڪوع نمبر4: .... 524
ڪتاب وارن تي جزيو: ......... 524
سورت التوبہ رڪوع نمبر 5: ... 524
**عام الوداع** (10 ھ،.......... 525
قرآن جي تدوين، رمضان 10 ھ: 525
البقره، 38،39،274 ۽ 283: 526
جناب ابراهيم عليه السلام جي وفات: 526
فاتح ۽ نبيءَ ۾ فرق: ........... 526
سورت المائده جي اهميت: ... 528
سورت المائده رڪوع نمبر1: . 528
احرام جي حالت ۾ خون خرابو نہ
ڪريو:........................ 528
سورت المائده رڪوع نمبر2: . 528
سورت المائده رڪوع نمبر 3: . 528
سورت المائده جو
پهريون اڌ، رڪوع نمبر6:..... 529
سورت المائده رڪوع نمبر11: . 529
سورت المائده رڪوع نمبر 12، 13 ۽
14: ........................... 529
سورت المائده رڪوع 15 ۽ 16: . 530
عيسيٰ عليه السلام جي وفات يا
شهادت کان پوءِ: ............. 530
**حجة الوداع** 10 ھ ............ 531
حج وارو خطبو: ............... 531
نئين اسلامي ڪيلينڊر
جو مسئلو: .................... 536
سورت التوبہ رڪوع نمبر 5: ... 536
**عام الحزن يا عام الوفات،**
(**سنه** 11 ھ، **مطابق** 632ع) 537

خم غدير تي خطبو: ............538
سور البقره رڪوع نمبر 40:....539
قرآن جي آخري ۽ جامع دعا: ..539
سريو اسامہ بن زيد، 27 صفر 11 ھ،
مئي 632ع:.....................539
**رسول الله ﷺ جي وفات** ..540
آخري وصيت:..................541
وفات کان پوءِ:..................541

**آخري ڳالھ سيرت پاڪ جو تت...542**
**اسلامي انقلاب جي پهرين**
**منزل** ............................546
ڳجهي دعوت:...................546
**اسلامي انقلاب جي ٻين**
**منزل** ............................547
اعلانيہ دعوت:..................547
**اسلامي انقلاب جي**
**ٽين منزل** .......................550
رحمان پرستن سان دوستي: ...550
**اسلامي انقلاب جي**
**چوٿين منزل**.....................552
ٻائيڪاٽ ۽ يهودين ڏانهن
ڌيان: ............................552
**اسلامي انقلاب جي**
**پنجين منزل** .....................552
مختلف قبيلن ۾ خدائي
قانون (دين) جي تبليغ:.........552
الله تعاليٰ جنهن لاءِ گهري
ان تي وحي نازل ڪري
سگهي ٿو: ........................555
**مڪي تعليم جو تت** ........555
**مديني جي هجرت کان پوءِ** .559
**اسلامي انقلاب جي ڇهين**
**منزل** ............................559

قومن جي سرداري:.............559
خوني ويڙھ جو مقصد: .........560
**اسلامي انقلاب جي ستين**
**منزل** ...........................560
خوني ويڙھ جي انسان دوست
ڪردار تي وڌيڪ روشني: .....560
قومن جو اتحاد:.................561
عيسائين ڏانهن ٻيهر ڌيان:....561
**اسلامي انقلاب جي**
**اٺين منزل**......................562
ڳذريل نبين جي تصديق ۽
نبوت جو خاتمو:...............562
**اسلامي انقلاب جي**
**نائين منزل** ...................563
موت تي بيعت ڪرڻ وارن
انقلابين جي جماعت: .........563
**اسلامي انقلاب جي**
**ڏهين منزل** ...................566
اسلامي انقلاب جو
بين الاقوامي پروگرام: .........566
ڪلام جو تت: ..................569
**مديني ۾ قائم ٿيندڙ**
**معاشري ۽ رياست جو**
**نقشو**...........................570

**ڀاڱو ٽيون_ نزولي ترتيب جي تحقيق جي**
**تاريخ ........................573**
**مصنف طرفان پيش لفظ .......575**
ڏکيائيون: .....................579

**اسلامي عالمگير انقلاب جي تاريخ ۽**
**حضرت شاھ ولي الله دهلوي بطور امام**
**انقلاب.........................582**
قرآني انقلاب جون پهريون مرڪز:
582 ...........................
هن انقلاب جو ٻيو مرڪز:......583
هن انقلاب جو ٽيون مرڪز:....584
دهلي بطور انقلابي مرڪز: ....584
امام ولي الله دهلويؒ: ......584
حضرت شيخ الهندؒ: .........585

**قرآن ڪريم جي نزولي ترتيب ... 589**
پيش لفظ: ......................589
هن وقت تائين انهيءَ سلسلي ۾ ڇا
ٿيو آهي؟ ......................599
عبدالله بن عباس وارو صحيفو:606
مصحف حسينؒ بن علي ۽ عڪرمہؒ:
610 ...........................
**قرآن ڪريم جي نزولي ترتيب جي**
**سلسلي ۾ مستشرقن جو ناڪام**
**ڪوششون......................614**
ميور:...........................614
نوئل ڊيڪي: ...................621
ايچ گرم:.......................624
هارٽ وگ هرش فلڊ: ..........626
راڊول:.........................628
مرزا ابو الفضل: ................628
نظر ثاني:.......................629



www.sindhsalamat.com
Sindhica Academy, Karachi

# پيش لفظ

سترهين صدي ۾ يورپ واري علمي ۽ تهذيبي انقلاب (Renascence) بابت، جيڪو فرانس جي انقلاب ۽ روس جي اشتراڪي انقلاب جو سبب بڻيو، اتان جي دانشورن ۽ عالمن جو خيال هو ته هي انقلاب يونان جي عقليت ۽ فلسفي جو نتيجو آهي. پر پوءِ واري ٿيل تحقيق مان پروڙ پئي ته انهيءَ انقلاب جو اصل محرڪ مسلم اسپين جا اهي علم ۽ فلسفا هئا جيڪي مسلمان فلسفين، طبيبن ۽ دانشورن جي تخليق هئا. مسلم اسپين ته ختم ٿي ويو، پر يورپ تحقيق جي نتيجي خيز طريقي (Inductive Method of Investigation) جي ذريعي انهيءَ علمي مواد کي اڳتي وڌايو ۽ زمين، فضا ۽ سمنڊن جي هر ڪنڊ کي ڏوئي ورتو جنهن سان علم جو هڪ تمام ٿي وڏو ذخيرو وجود ۾ اچي ويو.

موجوده دؤر ۾ اولهه جي سيني دانشورن انهيءَ مسئلي تي روشني وڌي آهي، ايتري تائين جو پرنس چارلس به پنهنجي ڪيمبرج يونيورسٽي جي بن ليڪچرن ۾ انهيءَ تي تحقيقي روشني وڌي آهي. هن جو چوڻ آهي ته اولهه جو علم ۽ تهذيب مسلم اسپين جي عربن جي علمي ڪوشش جو نتيجو آهي.

انهيءَ تحقيق سان اها ڄاڻ ملي آهي ته اولهه جي علمي ۽ تهذيبي انقلاب، فرانس جي سياسي انقلاب ۽ روس جي اشتراڪي انقلاب جو سرچشمو اهوئي انقلاب آهي، جيڪو اسلام جي صورت ۾ مڪي ۾ ظاهر ٿيو هو. جو ته مڪي جو انقلاب اصل ۾ اولهه جي سيني انقلابن ۽ تبديلين جي ماءُ آهي. علامه اقبال پنهنجي تقريرن ۾ انهيءَ تي سٺي نموني روشني وڌي آهي ۽ ٻڌايو آهي ته اولهه جو هيءُ علمي ۽ تهذيبي انقلاب حقيقت ۾ مسلمانن جي فڪري انقلاب جو نتيجو آهي. انهيءَ ڪري اهو مسلمانن لاءِ ڌاريو نه پر انهن جي سنڌي ٿي فڪر جو اولڙو آهي. افسوس آهي جو علامه اقبال کي ڇڏي مسلمان دانشورن انهيءَ موضوع تي ڪو گهڻو تحقيق مواد ناهي ڏنو. ان جي برخلاف اهي اولهه جي فڪري انقلاب کان تمام گهڻو متاثر ٿي ويا ۽ انهيءَ تبديليءَ کي اولهه جي


Sindhica Academy, Karachi

ذهني جستجو جو نتيجو سمجهڻ لڳا آهن. غار حرا ۾ نازل ٿيڻ وارين پنجن آيتن مان هڪ آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته الله تعاليٰ انسان کي قلم جي ذريعي علم سيکاريو آهي. هتي قلم جو لفظ خاص طرح سان ڌيان طلب آهي، جنهن جو مطلب اهو علم آهي جيڪو تجربي ۽ مشاهدي تي ٻڌل هجي ۽ معاشري لاءِ مفڪر جي فڪر جي ظاهري حقيقتن سان هڪجهڙائي رکندو هجي.

جيتوڻيڪ ارسطو علم جي ٻنهي شاهراهن يعني استخراجي (Detective) طريقي ۽ استقرائي (Inductive) طريقي جي نشاندهي ڪئي هئي. راجر بيڪن جي سلسلي کان عرب دانشورن تحقيق جي استقرائي طريقي کي ڇانٽي ورتو هو، پر آمدرفت ۽ لڏپلاڻ جي ذريعن جي غير ترقي يافته هئڻ ڪري استخراجي طريقو ته گهڻو ئي وڌيو ويجهيو، پر استقرائي طريقو ترقي نه ڪري سگهيو. ان کان گهڻو عرصو پوءِ سترهين صدي ۾ فرانس بيڪن ۽ جان سٽوارٽ مل انهيءَ طريقي جي فائديمند هجڻ تي روشني وڌي آهي ۽ فرانس بيڪن استخراجي ۽ استقرائي يعني سائنسي طريقي کي ڪوريئڙي (عنڪبوت) ۽ ماکيءَ جي مک (نحل) سان تشبيهه ڏني آهي.

ڪوريئڙو ڪمري جي هڪڙي ڪنڊ ۾ ويهي پنهنجي پڪَ سان ڄارو ناهي شڪار کي ڦاسائي ٿو، جڏهن ته ماکيءَ جي مک وري سوين گلن، ميون ۽ وڻن مان رس چوسي پنهنجي ماناري ۾ ماکي ناهيندي آهي جيڪو سندس خوراڪ جي لاءِ به ڪم ايندو آهي، ته بيمارين کي شفا به ڏيندي آهي ۽ جنهن جي ميڻ مان روشني پيدا ڪئي ويندي آهي جيڪا علمي تحقيق ۾ مدد ڏيندي آهي. اهڙي طرح برٽرنڊ رسل چيو آهي ته چنڊچاڻ واري طريقي ٻن هزار سالن تائين انساني ذهن کي ترقي کان روڪي ڇڏيو هو.

جيڪڏهن مسلمان عالم ۽ مفسر پروڙڻ واري طريقي سان ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي اهميت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ها ته مسلم معاشري ۾ تحقيق جي نتيجن تي غور ڪرڻ واري طريقي (سائنس) جي روشني يورپ کان گهڻو پهريان پکڙجي وڃي ها. پر مسلم ذهن استخراجي واري طريقي کي پنهنجائي ورتو جيڪو قياس تي ٻڌل هو ۽ معاشري جي ظاهري حقيقت فڪر مطابقت کي ضروري قرار نه ڏنو هو. جيتوڻيڪ مڪي مان ايرنڌڙ انقلاب جي نتيجي ۾ بغداد ۽ قرطبه جا عظيم الشان علمي ادارا وجود ۾ آيا جن مان شيخ الاشراق شهاب الدين سهروردي، ابن ماجه، ابن طفيل ۽ ابن رشد جهڙا فلسفي ۽ بو علي سينا جهڙا طبيب پيدا ٿيا. انهن سيني ڳالهين جي باوجود علمي تحقيق استخراجي طريقي تي ئي قائم رهي.


www.sindhsalamat.com

سيرت طيبہ تي ڪيترا ئي ڪتاب لکيا ويا آهن، جيڪي رڳو واقعن تي ٻڌل آهن. جن مان اها خبر نہ پئجي سگھي تہ اسلام ڪا معاشري جي طبقاتي نظام کي بدلائي توحيدي معاشرو قائم ڪرڻ واري انقلابي تحريڪ هئي. نہ ئي وري اسلام جي انهيءَ انقلابي تحريڪ جي هر موڙ تي نازل ٿيڻ وارين قرآني آيتن جي خبر پئجي سگھي آهي، انهيءَ جو بنيادي سبب اهو آهي تہ قرآن مجيد کي نزول جي ترتيب موجب مرتب نہ ڪيو ويو هو ۽ انهيءَ ڪري ئي قرآن ۽ سيرت هڪ ٻئي کان الڳ الڳ ٿي ويا.

مون هن سيرت طيبہ کي سهيڙڻ ۾ ٻنهي ڳالهين جو خيال رکيو آهي: يعني پروڙڻ واري طريقي سان ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي اهميت ۽ انقلابي جدوجهد جي هر موڙ تي نازل ٿيڻ واري قرآني آيت جو. اهوئي سبب آهي جو هيءَ سيرت عام طرح لکي ويندڙ سيرتن کان الڳ حيثيت اختيار ڪري وئي آهي. سيرت جي آخر ۾، ترتيب نزول جي باري ۾ پروفيسر اجمل خان جي تحقيق جو وچوڙ بہ ڏنو اٿم تہ جيئن علمي تحقيق کي سمجھڻ وارن ذهنن کي مطالعي ۾ آساني ٿئي.

اهڙيءَ طرح سيرت جي مطالعي سان هڪ پاسي تہ سيرت ۽ قرآن جو پاڻ ۾ لاڳاپو قائم ڪرڻ ۾ مدد ملندي، ٻئي پاسي خود قرآن جي آيت وار تفسير ڪرڻ سان جيڪو ذهني مونجهارو پيدا ٿي پيو آهي، تنهن کان ڇوٽڪارو ماڻڻ ۾ مدد ملندي. ڇو تہ ڊاڪٽر فضل الرحمان پنهنجي تصنيف "ميجر ٿيمز آف قرآن" (Major Themes of Quran) ۾ ۽ جامعہ مليہ جي مولانا اسلم جيرا جيوري ٻڌايو آهي تہ آيت وار قرآني تفسير نہ رڳو زندگيءَ جي هر شعبي ۾ جامعيت سان پهچائي ٿو، پر ان سان ذهني سجاڳي پيدا ٿي پوي ٿي. قرآن پاڪ جي نزولي ترتيب سان تفسير نہ لکڻ جي ڪري ئي اڄ تائين قرآن جي بنياد تي فرانس ۽ روس جهڙو انقلاب اچي نہ سگھيو ۽ مسلم معاشرو هزارين تفسيرن ۽ سيرت تي لکيل ڪتابن جي باوجود بہ اڄاتائين زوال ڏانهن هلندو پيو وڃي. اميد آهي تہ سيرت پاڪ تي هيءَ تصنيف مسلم ذهنن کي موجوده طبقاتي معاشري جي بدران توحيدي معاشرو قائم ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي ۽ يورپ جي علمي تحقيق جو سبب يونان جي بدران مسلم ذهن کي سڃاڻيندي ۽ ان کي ذهني پستي جي کُن مان نڪرڻ جو سبب بڻبي.

**الطاف جاويد**

23-3-2002

169/D ماڊل ٽائون لاهور



Sindhica Academy, Karachi

# انقلاب مکہ کی واپسی کب اور کیسے ہو گی؟

انقلاب مکہ کی واپسی کب اور کیسے ہو گی؟
کون سی وادی میں ہے کون سی منزل میں ہے

عشق بلا خیز کا قافلۂ سخت جاں
دیکھ کا المنی شورش اصلاح دیں

جس نے نہ چھوڑے کہیں نقش کہن کے نشاں
حرف غلط بن گئی عصمت پیر کنشت

چشم فرانسیس بھی دیکھ چکی انقلاب
جس سے دگر گوں ہوا مغربیوں کا جہاں

ملت رومی نژاد کہنہ پرستی سے پیر
لذت تجدید سے وہ بھی ہوئی پھر جواں

روح مسلماں میں ہے آج وہی اضطراب
راز خدائی ہے یہ کہہ نہیں سکتی زباں



www.sindhsalamat.com

دیکھئے اس بحر کی تہ سے اچھلتا ہے کیا
گنبد نیلو فری رنگ بدلتا ہے کیا!

موت ہے وہ زندگی جس میں نہ ہو انقلاب
روح امم کی حیات کشمکش انقلاب

صورتِ شمشیر ہے دست قضا میں وہ قوم
کرتی ہے جو ہر زمان اپنے عمل کا حساب

نقش ہیں سب نا تمام خونِ جگر کے بغیر
نغمہ ہے سودائے خام خون جگر کے بغیر

(از علامه اقبالؒ)


Sindhica Academy, Karachi

# مڪي واري انقلاب جو ورجاءُ ڪڏهن ۽ ڪيئن ؟

مڪي واري انقلاب جو ورجاءُ ڪڏهن ۽ ڪيئن ۾ اقبال ٻڌايو آهي ته جيستائين تمام سخت ويڙهاند نه ٿيندي تيستائين مڪي واري انقلاب جو ورجاءُ نه ٿيندو هتي سخت ويڙهاند جو مطلب، توحيدي معاشري جي جوڙڻ خلاف مخالف، قوتن جي جدوجهد جي، مخالفت ۾ ويڙهه آهي. روايتي اسلام ۽ ٻيا سيئي مذهب، جيڪي توحيدي يعني غير طبقاتي معاشري جي جوڙڻ جي لاءِ جدوجهد نٿا ڪن، سي غلط آهن. ڇو ته مذهب رڳو عبادتن ۽ رسمن جي مجموعي جو نالو نه آهي. جيڪڏهن ائين هجي ها ته هر ڪنهن نبي ۽ رسول جي، سندس معاشري جو مالدار طبقو ۽ ان جون ساٿي جماعتون مخالفت نه ڪن ها ۽ نه ان کي تڪليفون ڏين ها. جيئن سورت سبا آيت 25 ۾ ٻڌايو ويو آهي.

انهيءَ ڳالهه جو دليل هي آهي ته سوره مزمل ۾ رسول الله ﷺ کي چيو ويو ته هو رات جو عبادت لاءِ اٿي ويهڻ کي گهٽائي ڇڏي، ڇو ته ڏينهن ۾ ڪين تمام ڳورو ڪم ڪرڻو آهي. اهو ڳورو ڪم ڪهڙو هو؟ اهو هو مشرڪ، يعني طبقاتي معاشري کي توحيدي، يعني غير طبقاتي معاشري ۾ بدلائڻ جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ.

قرآن ڪريم توحيدي معاشري جي آڻڻ لاءِ ڪهڙو دليل ڏنو آهي؟ سوره قصص جي پنجين ۽ ڇهين آيت ۾ انهيءَ معاشري جو نقشو هن طرح ڏنو ويو آهي:

ترجمو: ”اسان جي مرضي هئي ته انهن ماڻهن تي مهرباني ڪريون
جن کي زمين تي هيٺو ڪري ڇڏيو ويو هو، انهن کي اڳواٽي ڏيون
۽ انهن کي ئي وارث ڪيون ۽ زمين تي انهن کي اقتدار بخشيون ۽


www.sindhsalamat.com

انهن کان فرعون ۽ هامان ۽ انهن جي لشڪرن کي اهوئي ڏيکاريون جنهن جو انهن کي ڊپ هو.“ (ترجمو تفهيم القرآن)

هاڻي مولانا آزاد جي ”ترجمان القرآن“ جو ترجمون ڏسو.

ائين اسان جو فيصلو اهو هو ته جيڪا قوم سڀ کان وڌيڪ هيٺي سمجهي ويندي هئي تنهن تي احسان ڪريون. انهيءَ قوم جي ماڻهن کي سرداري ۽ رياست عطا ڪريون، ملڪ جو وارث بڻايون ۽ انهن جي ئي حڪومت ملڪ ۾ قائم ڪري ڇڏيون. فرعون ۽ هامان ۽ حڪمران قوم کي، جنهن کي ڏبري قوم جي طرف کان بغاوت ۽ ٻجي وڃڻ جو کٽڪو رهندو هو ۽ جنهن جي لاءِ اهي ڪين هيٺو رکندا هئا، انهيءَ کي ئي انهن جي اڳيان آڻيون.

انهيءَ آيت جي تشريح ۾ مولانا آزاد لکيو آهي ته هتي فرعون جي بادشاهت جو ذڪر آهي، پر غور ڪبيو ته هن آيت ڪريمہ جي اندر قرآن ڪريم هڪ تمام ئي غيرمتبدل الاهي قانون جي ڄاڻ ڏني آهي. هو ٻڌائي ٿو ته دنيا هڪ پاسي طاقت ۽ عزت آبرو جي نمائش جو هنڌ ته ٻئي پاسي وري مزدورن جي بربادي ۽ انهن جو ڪوس گهر آهي. طاقتور قومون هيٺي قومن کي پنهنجو غلام ۽ زيردست بڻائينديون آهن. انهن ۾ ڦوٽ وجهنديون آهن، مختلف قومون ۽ ٽولن کي پاڻ ۾ گڏجڻ ناهن ڏينديون. ڇو ته جيڪڏهن اهي پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٿي وڃن ته اهي هيٺا نه رهندا. انهن جي پاڻ ۾ ٻڌي ۽ هڪ ٿي وڃڻ واري طاقت ظالمن جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيندي.

جاگيردارن ۽ صنعتي سرمائيدارن جو حال به ساڳيو ئي آهي. اهي مزدور طبقي ۾ ڏار وجهڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن، ته جيئن اهي ٻڌي ڪري پيداواري وسيلن تي قبضو نه ڪري وڃن. پر خدائي قانون چوي ٿو ته جيڪڏهن مزدور پنهنجي سمجھ کي طبقاتي فلسفي سان هٿياربند ڪري وٺن ۽ ٽريڊ يونين يا گڏيل سهڪار جي صورت ۾ گڏ ٿي وڃن ته اهي پيداواري ذريعن کي، استحصال پسند طبقي کان ڦري، انهيءَ تي قبضو ڄمائي وٺندا. جيئن ته الله تعاليٰ اهي پيداواري وسيلا سمورن انسانن جي لاءِ پيدا ڪيا آهن، تنهن ڪري ٿورڙن ماڻهن جو انهن وسيلن تي قبضو ڪري، گهڻن انسانن کي انهيءَ مان فائدو ماڻڻ کان محروم ڪري ڇڏڻ، خدائي قانون ۽ مرضيءَ جي ابتڙ پڻ آهي.

تنهن ڪري اسلام ختم نبوت جي حوالي سان هڪ بين الاقوامي تحريڪ آهي، جنهن جو مقصد دين جي دعوت جي بنياد تي، انساني وحدت ۽ خلافت آدم جو قيام آهي. ان جو مقصد هڪ اهڙي معاشري جو آهي جيڪو ڊپ، ڳڻتي ۽ محنت جي استحصال کان پاڪ هوندو. اهڙي معاشري کي


Sindhica Academy, Karachi

توحيدي يا غير طبقاتي معاشرو به چيو ويندو آهي.

اهڙو معاشرو ٺاهڻ جي لاءِ مديني ۾ ئي ڪوشش شروع ٿي وئي هئي. رسول الله ﷺ خيبر جي فتح واري موقعي تي يهودين جي زمينن ۽ باغن کي رياست جي ملڪيت ۾ وٺي ڇڏيو هو ۽ انهن کان پيداوار جي صورت ۾ حصو وٺڻ شروع ڪري ڇڏيو. اهو وهنوار اها ڪڙمت نه هئي، جنهن ۾ زمين جو مالڪ ڪڙمي کي پوکيءَ لاءِ زمين ڏئي ٿو ۽ پيداوار جي اڌ کان به وڌيڪ حصو ان کان وٺي. خيبر جي فتح کان پوءِ زمينن ۽ باغن جي ملڪيت يهودين وٽ نه هئي، پر اها بيت المال کي ڏني وئي هئي، تنهن ڪري اها ڪڙمت نه هئي.

نبي ڪريم ﷺ جن ڪڙمت کي وياج تي مبني (ربوا) ڪاروبار سڏيو آهي. حضرت رافع بن خديج ۽ ٻين اصحابن جون روايتون انهيءَ تي شاهد آهن. حضرت عمر فاروقؓ عراق، مصر ۽ شام جي زمينن کي رياستي ملڪيت ۾ وٺي ڇڏيو هو ۽ ڪڙمين کان ڍل ورتي هئي. اهو ئي سبب آهي جو امام ابو حنيفہؒ، امام شافعيؒ ۽ امام مالڪؒ سور سڻا پر ڪڙمت جي اجازت نه ڏني. امام يوسفؒ ملوڪيت جي دٻاءَ هيٺ ڪجھ شرطن سان انهيءَ جي اجازت ڏني هئي. اهڙيءَ طرح امت ۾ جاگيرداري نظام قائم ٿيڻ جو موقعو ملي ويو. اڳتي هلي مشينن جي ايجاد کان پوءِ، مسلمانن صنعتي سرمائيداري کي پنهنجائي ورتو.

اقبالؒ پنهنجي تصنيف ”*فلک مریخ میں مرغدینی معاشرہ اور محکمات عالم انسانی*“ ۾ انهيءَ ئي اشتراڪي معاشري جو خاڪو ڏنو آهي ۽ ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم، مدني رياست کي اشتراڪي جمهوريت سڏيو آهي.

مڪي ۾ ته پوکيءَ لائق زمين ئي نه هئي جڏهن ته مديني ۾ به تمام ئي ٿورڙي هئي. ٻئي پاسي اسلامي انقلاب مديني جي حدن مان نڪري مصر، شام ۽ عراق تائين پهتو ته حضرت عمر فاروقؓ زمين کي عوامي ملڪيت قرار ڏئي بيت المال ۾ شامل ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ حضرت عثمانؓ جي رياستي سيڪريٽري مروان بن حڪم حضرت عمرؓ جي خلافت راشده واري نظام کي ختم ڪري پنهنجو نظام قائم ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڪري ئي شاھ ولي اللهؒ ”ازالة الخفا“ ۾ حضرت عثمان جي رياست جي آخري ڇهن سالن واري عرصي کي خلافت راشده ناهي سڏيو.

اهو ئي سبب هو جو اقبال پنهنجي الهه آباد واري تقرير ۾ چيو هو ته ملوڪيت جي ڪري دنيا اسلام جي معاشي نظام مان لاڀ نه ماڻي سگهي. ملوڪيت جهڙي طرح غلامي جي اداري کي دائمي بڻائي ڇڏيو هو، اهڙيءَ


www.sindhsalamat.com

طرح پيداواري وسيلن تي (جيڪا انهيءَ زماني ۾ رڳو زمين جي صورت ۾ هئي) پڻ ماڻهن جي ذاتي ملڪيت قائم ڪري ورتي. اهو عمل اصل ۾ دمشق جي خلافت کان ئي شروع ٿي چڪو هو. تصوف جي تحريڪ رڳو نفس جي پاڪائيءَ تي زور ڏنو، پر معاشري جي تبديلي کي نظرانداز ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري ماڻهن جي گهڻائي نفس جي پاڪائيءَ کان بہ محروم ٿي وئي.

انهيءَ ڪري مڪي واري انقلاب جو ورجاءُ ان وقت ئي ممڪن آهي جڏهن پيداواري وسيلا جهڙوڪ زمين، ڪارخانا، ڪاڻيون، پيٽرول، گيس جا ذخيرا وغيره، ذاتي ملڪيت مان نڪري مزدور طبقي جي ملڪيت ۾ اچي ويندا. اهوئي هڪ طريقو آهي جنهن سان محنت جي استحصال واري عمل جو خاتمو ٿي ويندو، جنهن ۾ هڪ ڪارخانيدار ٿوري ئي عرصي ۾ هڪ مان چار ڪارخانا ناهي وٺي ٿو، جڏهن تہ انهن ئي ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي هڪ ڏينهن جون بنيادي ضرورتون بہ پوريون نٿيون ٿين، ۽ اهي پيڙهين کان مزدور ئي رهن ٿا.

مڪي واري انقلاب جي ورجاءُ لاءِ جاگيردارن، ڪارخانيدارن، وڏن وڏن واپارين جي وجود کي ۽ انهن جي معاشي نظام کي ختم ڪرڻ جي هڪ ڳاٽي ٽوڙ ٽڪر ڪاٽڻو پوندو، جنهن جو مثال روس، چين، ويٽنام ۽ ڪيوبا وغيره جي انقلابن ۾ موجود آهي.

شروع کان ئي مڪي واري انقلاب جي عمل کي روڪڻ جي لاءِ پهريان پهريان حضرت عمرؓ کي شهيد ڪيو ويو، جڏهن تہ حضرت ابوبڪرؓ کي انهن طاقتن سان خونخوار جنگ وڙهڻي هئي جن اسلام جي معاشي نظام کي نٽي مڃيو. ان کان پوءِ حضرت عثمانؓ کي شهيد ڪيو ويو، جنهن کان پوءِ جنگ جمل ۽ جنگ صفين جي صورت ۾ گهرو ويڙهہ شروع ٿي وئي. ائين پوءِ خلافت جي اداري کي مديني مان ڪڍي دمشق ۾ پهچايو ويو جتي نبوي طريقي واري عليءَ جي خلافت کي ملوڪيت جي طريقي واري عليءَ جي خلافت ۾ بدلايو ويو. عباسي سلطنت ۾ ملوڪيت پنهنجي عروج تي هئي. جهڙي طرح دمشق ۾ حڪمران ۽ متاهين طبقي جي مفادن جي حفاظت جي لاءِ ڏاڍ جو فلسفو تخليق ٿيو هو، بغداد ۾ بہ اهو ئي ڪم ابوالحسن اشعري جي فلسفي ڪيو. مڪي واري انقلاب جي ورجاءُ لاءِ اشعري فلسفي جي بدران، علحدگي واري فلسفي کي، جديد زماني جي گهرجن هيٺ، ڪجهہ سڌارن سان گڏ واپس آڻڻو پوندو. علحدگي واري فلسفي کي موجوده دؤر ۾ ”تحقيق جي سائنسي طريقي“ سان نسبت ڏني پئي وڃي. قرآن علحدگي واري فلسفي جي سڌاري جي لاءِ عَلَمَ


Sindhica Academy, Karachi

بالقَلم چيو آهي. يعني اهو علم جيڪو رڳو قياس تي ٻڌل نہ هجي، جيئن ڄندڇاڻ يا استخراجي پر اهو علم جيڪو تجربي ۽ مشاهدي تي ٻڌل هجي.

اقبال قرآني جهان جي شعبن ۾، آدم جي خلافت جي قيام جي لاءِ جتي تحقيق يعني سائنسي طريقي تي زور ڏنو آهي، اتي تخليق کي سمجهڻ ۽ پنهنجائڻ جي تلقين پڻ ڪئي آهي. تخليق جو مثال حرا واري غار ۾ تحنث آهي، جنهن جي ڪري نئون معاشرو، نئين رياست ۽ نوان انسان پيدا ڪرڻ ۾ مدد ملي. اولهہ وارن سائنسي تحقيق سان گڏ تخليق کي ختم ڪري ڇڏيو، جنهن سان انهن جو معاشرو اخلاقي گڻن ۽ نفس تي ضابطي جي عمل کان محروم ٿي ويو آهي.

اهي ڳالهہ چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ مڪي واري انقلاب جو ورجاءُ، ذڪر ڪيل گهرجن کي پورو ڪرڻ کان سواءِ ناممڪن آهي، پوءِ ڀلي چو نہ اسلام ۽ شريعت کي لاڳو ڪرڻ جي لاءِ ڪيترو ئي هُل مچايو وڃي.

## نئين سيرت طيبہ لکڻ جي ضرورت

سيرت طيبہ تي اڻ ڳڻيا ڪتاب لکيا ويا آهن، پر انهن مان ڪنهن بہ انهيءَ سماجي انقلاب جي واضح نشاندهي نہ ڪئي آهي، جيڪو مديني جي معاشري ۾ ظاهر ٿيو هو. سيني ليکڪن رڳو واقعن کي ورجايو آهي، پر انهيءَ انقلابي تبديليءَ تي روشني نہ وڌي آهي جنهن جي بنياد تي ڊاڪٽر خليف عبدالحڪيم مديني جي رياست کي ”اشتراڪي جمهوريت“ چيو آهي. انهيءَ جو بنيادي سبب هي آهي تہ لکڻ وارن انهيءَ ڳالهہ کي بلڪل ئي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي تہ اسلام جو بنيادي ڪارنامو طبقاتي معاشري کي توحيدي معاشري ۾ تبديل ڪرڻ هو. نبين جي بعثت جي شروعات ئي انهيءَ وقت ٿي، جڏهن زرعي دؤر جي شروعات کان وٺي معاشرو ٻن مخالف معاشي طبقن ۾ ورهائجي ويو هو. شروع کان ئي مالڪ ۽ ٻانهي جا ٻہ طبقا وجود ۾ اچي ويا هئا. ٿورڙن هوشيار ۽ چالاڪ ماڻهن، معاشري تي پنهنجو قبضو ڄمائڻ شروع ڪري ڇڏيو هو ۽ پيداواري ذريعن تي، جيڪو ان وقت ”زمين“ هئي (ڇاڪاڻ تہ مشينون ان وقت ايجاد ڪونہ ٿيون هيون)، پنهنجي ذاتي ملڪيت قائم ڪري ورتي. انهن ماڻهن غلامن جي محنت جي استحصال سان حاصل ڪيل دولت جي زور تي رياست قائم ڪري ورتي. قبيلي جي چڱي مڙس آهستي آهستي بادشاهہ جي حيثيت اختيار ڪري ورتي ۽ جنگين جي ذريعي غلامن جي تعداد ۾، جيڪي حقيقت ۾ قيدي هئا واڌارو ڪرڻ شروع ڪيو. رياست جا جزا


www.sindhsalamat.com

جهڙوڪ، فوج، پوليس، عدالتون ۽ قانون وغيره وجود ۾ اچڻ لڳا، جن جو بنيادي ڪم مالدار طبقن جي دولت ۽ اقتدار جي حفاظت ڪرڻ هو.

هي اهو وقت هو جڏهن غلام پنهنجي انساني حيثيت وڃائي هڪ وکر بڻجي ويو هو. ڪيس قتل توڙي وڪرو ڪري سگهجي پيو. ان کان سخت پورهيو وٺي سگهجي پيو ۽ ناقابل برداشت سزا ڏئي سگهجي پئي. اهڙيءَ طرح انسان جو انسان تي ظلم وڌندو ويو. غلام جي محنت جي استحصال سان حاصل ڪيل دولت ۽ اقتدار کي قائم رکڻ ۽ ان ۾ اجا به واڌاري جي لاءِ جنگ ۽ فساد عام ٿيندو ويو. بابلي، سميري، ڪلداني، آشوري، ايراني، مصري ۽ روما جهڙين شروعاتي تهذيبن تي ٻڌل سلطنتن انسانن تي جيڪي ظلم ڪيا، سي تاريخ جي ورقن ۾ لکت جي شڪل ۾ موجود آهن. دولت ۽ اقتدار جي نشي جنسي ڪميٽائپ کي جنم ڏنو. پيداواري ذريعن تي ٻڌل تهذيب بابت موجوده زماني ۾ اقبالؒ چيو آهي ته:

خواجه نان بندهٔ مزدور برد

آبرؤِ دختر مزدور برد

انهيءَ مان اندازو ٿي سگهي ٿو ته ڇڙواڳ بادشاهن ۽ حاڪمن جي دور ۾ انسانيت جو ڪهڙو حال هوندو هو. قرآن نبوت جي بعثت جو هڪ سبب "بعضكم لبعض عدو" واري صورتحال کي سڏيو آهي. يعني جڏهن انسان مالڪ ۽ ٻانهي جي طبقن ۾ ورهائجي ويو ۽ ٻنهي طبقن جا مفاد هڪٻئي جي تمام ئي مخالف ٿي ويا، معاشري جي ارتقا سان گڏ مالڪ ۽ ٻانهي، جاگيردار، هاري ۽ مشين جي ايجاد کان پوءِ ڪارخانيدار ۽ مزدور جي شڪل اختيار ڪري ورتي ۽ اهي ٻئي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پيا.

عام تاريخدانن تاريخ ۽ ان جي واقعن کي بادشاهه ۽ اميرن جي واقعن سان واڳيل ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي طرح تاريخ عوام جي بدران بادشاهن ۽ حاڪمن جي اڳيان پويان ڦيرا پائڻ لڳي. عوام جون حالتون ڇا هيون؟ انهن جي محنت ڇا ڇا پيدا ڪيو ۽ ڪهڙيون شڪليون اختيار ڪيون؟ انهن جي محنت جو ڪهڙن ڪهڙن حيلن سان استحصال ڪيو ويو؟ غلامن تي ڪهڙا ڪهڙا ظلم ڪيا ويا؟ وغيره؛ انهن سڀني ڳالهين کي مؤرخ نظرانداز ڪندو رهيو. غلامن جي پنهنجي آزاديءَ جي لاءِ جدوجهد ۽ بغاوتن جو ذڪر نه ڪيو ويندو هو، پر جيڪڏهن ائين ٿيو به، ته اهو به بادشاهن جي مفادن جي حوالي سان ٿيو آهي.

انهيءَ تاريخي پس منظر سان اهو واضح ٿي وڃي ٿو ته، نبوت ۽ نبين جي بعثت جو اصل مقصد حقيقت ۾ غلام ۽ مالڪ تي ٻڌل معاشري جي انهيءَ


Sindhica Academy, Karachi

ڍانچي کي بدلائڻو هو. يعني توحيد الاهي واري نظريي کي، سماجي لحاظ کان معاشرتي موافقت پيدا ڪندي، مخالف معاشي طبقن جي معاشري کي ختم ڪري، توحيدي ۽ غيرطبقاتي معاشرو قائم ڪرڻ هو، جيڪو خوف يعني جنگ، فساد ۽ بغاوتن ۽ ڏک يعني غربت، بک، مسڪيني، جهالت ۽ غلاميءَ کان پاڪ معاشرو هجي، ته جيئن پيداواري ذريعن (جهڙوڪ، زمين، ٻيلا، کاڻيون، سمونڊ ۽ پوءِ مشينون ۽ ڪارخانا جن ۾ محنت اجتماعي شڪل ۾ موجود آهي) کي ڏهه سيڪڙو ماڻهن جي ملڪيت جي قبضي مان ڪڍي ڪري، عوام جي (جيڪو نوي سيڪڙو هو) قبضي ۾ ڏنو وڃي. الله تعاليٰ اهي سڀئي ذريعا "الخلق عيال الله" جي حوالي سان سڀني انسانن جي لاءِ پيدا ڪيا هئا: جيئن ته قرآن چيو آهي:

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۚ (البقره:٢٩)

"اهو (الله) ئي آهي جنهن جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي (سو) توهان (سڀني) جي لاءِ پيدا ڪيو."

قرآن جي مطابق نبين جي بعثت سامي، آريائي ۽ زرد قومن جي هر ڳوٺ ۾ ٿي هئي. انهن سڀني نبين جي بعثت جو مقصد توحيد الاهي جي تصور موجب معاشري جي برخلاف مفاد رکڻ واري معاشي طبقي کي غير طبقاتي يا توحيدي معاشري ۾ تبديل ڪرڻ هو، ته جيئن نوي سيڪڙو ماڻهو پنهنجي مادي، جسماني، تهذيبي ۽ علمي ضرورتن کي آسانيءَ سان حاصل ڪري، عبادت ۽ خدا جي ياد جي ذريعي خدا سان ويجهڙائپ حاصل ڪري سگهن. پر ٿيو ائين جو مذهبي پيشوائن نبين جي انهيءَ سماجي نصب العين، يعني معاشري جي نيئن سر جوڙجڪ جي تصور کي، مراعات يافته طبقي جي مفادن کي تحفظ ڏيڻ جي لاءِ، عوام جي نظرن کان پاسيرو ڪري ڇڏيو. مٿان وري اها ڳالهه ديني نقط نظر کان انهن جي ذهنن ۾ ويهاري وئي ته دولت جي ورهاست الله تعاليٰ ڪندو آهي؛ مالڪ، جاگيردار ۽ ڪارخانيدار جي دولت مزدور جي محنت جي استحصال جو نتيجو نه آهي، پر اها الله جي جوڙيل تقدير آهي.

هر مذهب، ويندي اسلام جي مذهبي پيشوائن به انهيءَ مسئلي کي نظرانداز ڪيو ۽ آخرت جي ڇوٽڪاري کي رڳو ظاهري عبادتن جي ادائگي، عبادتگاهن جي تعمير ۽ سينگار ۽ صبر ۽ شڪر سان واڳي ڇڏيو ۽ اها ڳالهه واعظن ۽ خطبن ۾ ور ور ڪري چئي ويندي آهي ته خدا جي طرفان امير ۽ غريب جي قائم ڪيل طبقن کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش حقيقت ۾ خدائي


www.sindhsalamat.com

حڪمن جي خلاف بغاوت آهي، جنهن جي سزا جهنم آهي. امير جيڪڏهن عبادتون ڪن ۽ پنهنجي دولت سان خيراتون ۽ صدقا ڏيندا رهن ته اهي محنت جي استحصال واري ڏوهه ۾ ملوث هجڻ جي باوجود به جنت ۾ داخل ٿيندا.

هي هو اهو تاريخي پس منظر، جنهن کي سيرت نگار نظرانداز ڪندو رهيو آهي. هو اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت عرب معاشري ۾ زنا ۽ شراب يا قتل ۽ خون خرابي جا قصا ته بيان ڪندو رهيو آهي، پر هُن اسلام جي ظاهر ٿيڻ کان اٺ هزار سالن کان به وڌيڪ عرصي تي ٻڌل آڳاٽي تاريخ کي، جنهن جي شروعات زرعي دؤر جي شروعات سان ٿي هئي، محمد عربي ﷺ جي بعثت ۽ اسلام کي الڳ ڪري ڇڏيو. ان کي غلام ۽ زرعي غلام جي محنت جي استحصال سان حاصل ڪيل دولت جا ڍير نظر ڪونه آيا، جن تي جاگيردار ۽ مالڪ جي آسائشن جو دارومدار هو.

اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت عرب معاشرو دنيا جي ٻين معاشرن جو حصو هو، جن ۾ غلام ۽ مالڪ تي ٻڌل معاشي طبقا موجود هئا. غلام جي محنت جي استحصال سان، عظيم الشان سلطنتون قائم ٿينديون هيون. قرآن ڪريم اسلام کان اڳ وارن معاشرن جي جوڙجڪ تي روشني وجهندي، نموني جي طور تي حڪمران طبقي (فرعون)، مالدار طبقي (قارون) ۽ انهن طبقن کي مذهبي جواز عطا ڪرڻ وارا مذهبي پيشوائيت (بلعم باعور ۽ هامان) جي نشاندهي ڪئي آهي. رسول الله ﷺ پنهنجي واپاري سفرن ۾، انهن معاشرن جي بچي ويل آثارن کي پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ انهن جو مطالعو ڪيو هو. پاڻ غار حرا جي اڪيلائين ۾ انهن جي تباهه ڪندڙ نتيجن ۽ انهن جي ازالي جي طريقن تي ويچار ڪيو هو. حقيقت ۾ غار حرا ۾ نازل ٿيڻ واري پهرين وحي جو، جيڪا سورت علق جي شروعاتي پنجن آيتن تي مشتمل هئي، تاريخي پس منظر به محنت جي استحصال سان حاصل ڪيل دولت ۽ ان جي ڪثرت کان خوف ۽ ڳڻتي تي ٻڌل حالتن تي مشتمل هو. ايتري تائين جو حبشه ڏانهن حجرت واري وقت تائين نازل ٿيل آيتن ۽ سورتن جا مخاطب اميرن جو طبقو آهي ۽ قرآن جو لهجو انهن جي خلاف تمام ئي سخت ۽ طوفاني آهي.

قرآن مطابق انساني معاشري کي، جنهن جي شروعات آدم[ع] جي زمين تي لاهڻ واري وقت کان ٿئي ٿي، ڏاڍائي ۽ وڏائي ڪندڙن جي مقابلي ۾ هيٺن ۽ نئڙت سان هلڻ وارن ٻن مخالف طبقن تي مشتمل قرار ڏنو آهي. پر سيرت نگار ۽ قرآن جو تفسير لکڻ واري مفسر، انهن طبقن ۽ انهن جي پاڻ ۾ ڇڪتاڻ جي منطقي نتيجن کي بنيادي طور تي نظر انداز ڪري ڇڏيو. انهن زنا ۽ شراب


Sindhica Academy, Karachi

وغيره جي قصن کي ته هر هر ورجايو آهي، پر غلام جي محنت جي استحصال مان گڏ ڪيل دولت، جيڪا حقيقت ۾ انهن بڇڙن ڪرتوتن جو بنيادي سبب آهي، جو ذڪر ئي نه ڪيو آهي.

قرآن جڏهن اهو چوي ٿو ته قومن جي تباهي جو سبب (بني اسرائيل) ۽ نبين کي ايذائڻ وارو طبقو (السباء) ڏاڍ ڪندڙ (مالدار) آهي ته انهيءَ جي معنيٰ ئي اها آهي ته دولت جي گهٽائي جو بنيادي سبب محنت جو استحصال آهي. پر اسان جو تاريخدان ۽ مفسر دولت جي جهجهائي مان پيدا ٿيندڙ بڇڙائيءَ کي هٿي ڏيڻ واري منطقي نتيجي جو ذڪر ته ڪري ٿو، پر ان جي بنيادي سبب، محنت جي استحصال جو ذڪر نٿو ڪري. هو انهيءَ ڳالهه تي ڌيان ئي نٿو ڏئي ته هڪڙو تمام ئي ننڍڙو طبقو، جيڪو ڏهه سيڪڙو انسانن تي ٻڌل آهي، تنهن وٽ دولت جي جهجهائي اچي ڪٿان ٿي؟ جڏهن ته نوي سيڪڙو انهيءَ کان محروم آهن. نتيجو اهو آهي ته سيني تفسيرن ۽ سيرت طيبه جو مطالعو، مسلم معاشري ۾ ڪا به انقلابي تبديلي نه آڻي سگهيو آهي ۽ مسلم معاشرو اڄا تائين غربت، جِهالت ۽ بد امني جو شڪار نظر اچي پيو.

اِهو آهي اُهو تاريخي پس منظر، جنهن کي نظرانداز ڪندي، سيرت طيبه لکڻ وارو ذهن، اسلام کي معاشري جي طبقاتي ورڇ کي ختم ڪري غير طبقاتي يا توحيدي معاشرو جوڙڻ واري انقلابي تحريڪ جي بدران هڪ اصلاح پسند مذهب سڏي ٿو، جنهن جو مقصد رڳو ظاهري عبادتن جي ادائگي ۽ واعظ ۽ خطبي جي ذريعي اخلاق کي پنهنجائڻ جي تلقين ڪرڻ آهي يا وري رڳو مسجدن جي تعمير ۽ سينگار ڪرڻ ئي عبادت قرار ڏنو ويندو آهي. هو انهيءَ ڳالهه کي نظرانداز ڪري ڇڏي ٿو ته فرد جي تربيت ۽ پرگهور خلا ۾ نه ٿيندي آهي پر معاشري ۾ ٿيندي آهي ۽ معاشرتي قوتون ان جي اخلاقي ۽ ذهني تربيت ۾ پاڳي پائيوار ٿين ٿيون. جيڪڏهن معاشرو طبقن تي مشتمل هوندو ته فرد يا ته ڏاڍائي ڪرڻ وارن جي طبقي مان هوندو، جيڪو محنت جي استحصال کي قدرت جو قانون سمجهندي پنهنجي دولت ۾ واڌارو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ انهيءَ دولت جي جهجهائي سان پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد جي اعليٰ ماحول ۾ علمي ۽ تهذيبي تربيت ڪندو ۽ معاشري ۾ اعليٰ مقام حاصل ڪندو؛ يا وري اهو فرد مزدور ۽ ڏتڙيل طبقي ۾ اک کوليندو جتي محرومي، غربت، بک، جهالت ۽ پوئتي رهجي وڃڻ ان جي تقدير بنجي ويندي.

ڇا اسلام انهن طبقن کي قائم رکڻ جي لاءِ آيو هو؟ يا انهن طبقن کان پاڪ ۽ صاف معاشرو قائم ڪرڻ گهري ٿو؟ اسان جو تاريخدان ۽ مفسر انهيءَ سوال جو


www.sindhsalamat.com

جواب اڄ تائين نہ ڏئي سگهيو، اجا بہ هو انهيءَ ڳالهہ تي ڳنڍ ڏئي ويٺو آهي تہ معاشري جي طبقاتي ورڇ خدائي تقدير آهي، جنهن کي بدلائي نٿو سگهجي.

جڏهن سيرت طيبہ جو قرآن پاڪ جي نزول جي ترتيب سان مطالعو ڪيو وڃي ٿو تہ، تاريخي پس منظر ۾ صاف نظر اچي ٿو تہ نہ رڳو اسلام، پر دنيا جا سيئي مذهب، پوءِ ڀلي اهي سامي، آريائي يا زرد قومن سان واسطو رکندڙ ئي ڇونہ هجن، معاشري جي طبقاتي ورڇ کي تبديل ڪرڻ، پنهنجي ظهور جو بنيادي سبب ٻڌائن ٿا. ٿيو ائين جو هزارين سالن جي عرصي ۾ مذهبي پيشوائن، نبين يا مذهبن جي مقدس بانيڪارن جي انقلابي تعليم کي، مراعات يافتہ طبقي جي مفادن ۾ بدلائي ڇڏيو. اڄ حالت اها آهي تہ نہ رڳو ٻين مذهبَن، پر اسلام جي نقلابي تعليم کي بہ بدلايو ويو آهي، ايتري تائين جو لفظ انقلاب کي دين جو دشمن سڏيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ اسلام ۽ ٻين مذهبن جو اصل منصب رڳو دعوت ڏيڻ ۽ مسئلا ٻڌائڻ آهي، نہ ڪہ انقلاب! ٻين لفظن ۾، مذهب اصلاح جي لاءِ آيا آهن نہ ڪہ انقلاب جي لاءِ!!

سيرت طيبہ کي جڏهن انهيءَ تاريخي پس منظر ۾ قرآن جي نزول جي ترتيب سان مطالعو ڪيو وڃي ٿو تہ نتيجا سيرت جي روايتي تاريخدان جي اخذ ڪيل نتيجن کان مختلف، اجا بہ مخالف نڪرن ٿا. جنت، جنهن مان نڪرڻ کان پوءِ انساني نسل شڪار ڪري پيٽ پاليندو هو، تنهن جو شڪار دريائن مان مڇي ۽ ٻئي جانور پڪڙي ۽ ٻيلن مان ميون ۽ جانورن جي گوشت مان حاصل ڪرڻ هوندو هو. انسان قبيلن جي شڪل ۾ رهندا هئا ۽ قبيلن کي جتي ڪاڏ خوراڪ ملندي هئي اتي رهائش اختيار ڪري وٺندا هئا. دريائن ۽ ٻيلن تي ڪنهن قبيلي يا ماڻهو جو ذاتي قبضو نہ هوندو هو. ٻين لفظن ۾ اجا روزيءَ جي وسيلن تي فردن جي ذاتي ملڪيت قائم نہ ٿي هئي. قرآن انهن حالتن کي "وَكُلَا مِنْهَا رَغَدًا حَيْثُ شِئْتُمَا" جي لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. پر زراعت واري دؤر ۾ فصل تي فردن جو ذاتي قبضو ٿي ويو ۽ انهيءَ آزاد زندگي جو، جنهن کي جنت چيو ويو آهي خاتمو ٿي ويو. زراعت سان زمين تي ذاتي ملڪيت جي شروعات، هڪٻئي سان جهيڙي جهٽي ۽ فساد جي شڪل اختيار ڪري ورتي. قرآن انهيءَ حالت کي استعاري طور آدم جي ٻن پٽن هابيل ۽ قابيل جي قصي جي صورت ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ قابيل زبردستي هابيل کي قتل ڪري ان جي زال ۽ مال ملڪيت تي قبضو ڪري ورتو. هابيل شڪار واري زماني جي علامت آهي، ڇو تہ هو قربان گاهہ ۾ ڏاچي يا ٻيو ڪو جانور وٺي آيو هو ۽ قابيل اَنَ جا داڻا ڪٽي آيو هو جيڪو زراعت واري دؤر جي نشاني آهي، جنهن


Sindhica Academy, Karachi

۾ ڪٽڪ جي ٻوڪي شروع ٿي وئي هئي. هابيل جي قتل يعني شڪار واري دؤر جي خاتمي کان پوءِ قابيل وارو دؤر شروع ٿيو جيڪو پيداواري ذريعن تي ذاتي ملڪيت تي مشتمل هو ۽ اڄ تائين جاري آهي. هن دؤر ۾ قابيلي فطرت يعني ڦر مار ۽ ٻين جي دولت تي ڌاڌ سان قبضو، جنسي ڇڙواڳي، هڪ طبقي ۾ دولت جي ڪثرت ۽ گهڻن ئي انسانن جو محروم ۽ لاچار ٿيڻ، شراب نوشي، جوا بازي جهڙين بڇڙين عادتن معاشري کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو. قرآن جو هي چيو هو تہ توهان وٽ نبي ايندا رهندا، پوءِ جيڪو معاشرو انهن جي تعليم تي عمل ڪندڙ ٿيندو سو خوف ۽ ڳڻتي، يعني مخالف طبقن جي ويڙهہ جهيڙن کان بچيل رهندو تہ اها حالت نبين جي وفات سان گڏ ئي ختم ٿي ويندي رهي، ايتري تائين جو اسلام ۾ بہ اها حالت رڳو ٽيهن سالن تائين ئي رهي. ان کان پوءِ ملوڪيت ۽ ان جي منطقي مخالفت جو دؤر شروع ٿي ويو. ويهين صديءَ جي شروعات ۾ اشتراڪي انقلاب جنتي معاشرو جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مذهب کي بلڪل ئي نظر انداز ڪري ڇڏڻ جي ڪري، اشتراڪي معاشرو انهن اخلاقن ۽ عادتن کي حاصل ڪرڻ کان محروم رهيو جيڪو هڪ غيرطبقاتي معاشرو جوڙڻ جي لاءِ اٽٽر هوندو آهي.

ٻئي پاسي مذهبي پيشوائن پنهنجن ڪجهہ ذاتي مفادن خاطر، مراعات يافتہ طبقي جي مفادن جي تائيد ڪري، ديني نطقہ نظر کان جنتي معاشري جي ٺاهڻ کي تقريباً ناممڪن ٻڌائي ڇڏيو آهي. آدم جو زمين تي موڪلڻ جو مقصد اهو هو تہ هاڻي انسان زميني زندگي ۾ جنت جي جوڙجڪ ڪري. پر جيستائين مذهبي پيشوائيت جو ادارو قائم آهي، جنت جي جوڙجڪ ناممڪن نظر اچي ٿي ۽ هي ادارو انهيءَ وقت تائين ختم ڪونہ ٿيندو جيستائين پيداواري ذريعن تي عوام جي ملڪيت قائم نٿي ٿئي ۽ پاڪ ڪتابن جو مطالعو مذهبي پيشوائن جي بدران عالمن جي ذريعي نٿو ڪيو وڃي. انهن ٻنهي تبديلين سان ئي انساني وحدت ۽ خلافتِ آدم جو قيام ۽ وحدت دين جو تصور عملي جامو پهري سگهندو ۽ انسان ملتَن جي لفظن ۾ ٻيهر پنهنجي گم ٿيل جنت کي حاصل ڪري وٺندو.

## نزولي ترتيب جي باري ۾

"مڪي جو انقلاب" تصنيف جيئن تہ نزولي ترتيب موجب سهيڙي وئي آهي، ۽ قرآن حڪيم جي نزولي ترتيب تي تمام ٿورو ڪم ٿيو آهي. رڳو پروفيسر اجمل خان انهيءَ تي سائنسي تحقيق واري طريقي جي مدد سان


www.sindhsalamat.com

روشني وڌي آهي. اجا بہ اهو سچن خوابن ۾ رسول الله ﷺ جي حڪم موجب پڙ آهي، انهيءَ ڪري اسان محمد اجمل خان جي تحقيق کي ان جي تفصيلي صورت ۾ ڏئي ڇڏيو آهي تہ جيئن پڙهندڙ انهيءَ تحقيق کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهن ۽ ان جي روشنيءَ ۾ سيرت طيبہ جو، جيڪا نزولي ترتيب موجب سهيڙي وئي آهي، مطالعو ڪري سگهن.

اها مسلمانن جي بدقسمتي آهي جو عالمن انهيءَ جي تحقيق ڏانهن ڪو توجهہ نہ ڏنو، ۽ اجمل خان صاحب جي تصنيف مڪمل قرآني سيرت ”ڪبير“ جيڪا ٻن هزار صفحن تي مشتمل آهي، ۽ جنهن ۾ سيرت جي واقعن سان گڏ قرآني آيتون ڏنيون ويون آهن، اڄ تائين ڇاپجي نہ سگهيون. جڏهن تہ قرآن کي سمجهڻ جي لاءِ اهو ضروري آهي تہ سيرت پاڪ کي قرآني آيتن سان گڏ بيان ڪيو وڃي تہ جيئن خبر پئجي سگهي تہ رسول الله ﷺ جي انقلابي جدوجهد جي هر موڙ تي، جيڪي نوان نوان مسئلا پيدا ٿيندا رهيا، انهن جي حل جي لاءِ وحي جي ذريعي جيڪا روشني گڏوگڏ پهچندي رهي، انهيءَ جي نوعيت ڪهڙي هئي؟ اها ڳالهہ تہ صاف ظاهر آهي تہ تفسيرن جو تمام وڏو ذخيرو قرآن کي پوري طرح سمجهڻ ۾ ڪابہ مدد ڏئي نہ سگهيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو مسلم معاشرو ڏينهون ڏينهن پستي ڏانهن وڌندو پيو وڃي، ايتري تائين جو ڪيترين ئي صدين تائين اولهہ وارين قومن جو غلام رهيو آهي. نہ رڳو ايترو پر آزادي ڪان پوءِ بہ ڪنهن مسلمان ملڪ اندر اسلامي نظام لاڳو نہ ٿي سگهيو آهي. انهيءَ جو سڀ ڪان وڏو سبب اهو ئي آهي تہ قرآن حڪيم کي ان جي تاريخي حوالن ڪان الڳ رکي ڪري مطالعو ڪيو ويندو آهي. قرآن زندگيءَ جي هر شعبي جي باري ۾ جيڪي هدايتون ڏنيون آهن، زندگي ۽ ڪائنات جي باري ۾ انهيءَ جو جيڪو تصور ڏنل آهي، انهيءَ کي معاشري جي نئين سر اڏاوت ۾ استعمال نہ ڪيو ويو. جڏهن تہ ٿيڻ تہ ائين گهربو هو تہ وري وري ان جو مطالعو ڪيو وڃي ها. چو تہ قرآن جي سندي مرضي بہ اها ئي آهي تہ ان کي وري وري پڙهيو وڃي ۽ ان جي بيان ڪيل مقصد کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

هتي مڪي سورتن جو مڪمل تجزيو نہ ڏنو ويو آهي، چو تہ ان جي نہ تہ اهو مناسب هو ۽ نہ ئي ان جي ضرورت هئي. پڙهندڙ انهيءَ تجزيي کي ” قرآن جي نزولي ترتيب“ جي اصل مسودي ۾ ڏسي سگهن ٿا.

ڏيڍ هزار سال جي ڊگهي مدت واري وٿي ۾ نزولي ترتيب جي ڪامياب تحقيق پروفيسر اجمل خان جي ڀاڱ ۾ آئي آهي. جڏهن تہ سيرت پاڪ ۽ قرآن


Sindhica Academy, Karachi

حڪيم جي تفسير تي اڻ ڳڻيا ڪتاب لکيا ويا آهن. نزولي ترتيب کي ڇڏي ڏيڻ جي ڪري نہ تہ انهن جي ذريعي مسلم معاشرو مديني ۾ قائم ٿيڻ واري اسلامي جمهوريت جي فڪر ۽ عمل کي اڳتي وڌائي سگهيو ۽ نہ ئي مسلمان قرآن حڪيم جي ڪائناتي معاشرتي علمن سان پنهنجي شعور کي هٿياربند ڪري سگهيو ۽ نہ ئي وري انهن کي پنهنجي نفسيات ۾ لاڳو ڪري سگهيو، انقلاب جي هڪ بين الاقوامي تحريڪ بڻجڻ جي بدران، رڳو ظاهري عملن جي ادائگي وارو ”مذهب“ بڻجي ويو.

”مڪي جو انقلاب“ لکڻ مان اسان جو مقصد اهو آهي تہ قرآن جي بين الاقوامي انقلابي تحريڪ جي تصور کي ٻيهر جياريو وڃي ۽ اسلام جي اصل ڪائناتي ۽ معاشرتي تعليم کي مرتب ۽ مربوط شڪل ۾ سامهون آندو وڃي تہ جيئن مسلم امت ٻين قومن جي فڪرن جي پويان رلندي نہ وتي ۽ سموري مسلم امت قرآن جي هڪ ئي تعبير تي گڏ ٿي وڃي ۽ پوءِ انهيءَ تعبير کي دنيا جي ٻين غير مسلم قومن تائين پهچائي، وحدت انسانيت ۽ آدم جي خلافت جي قرآني مقصد کي عملي طرح حاصل ڪري سگهي.

جيستائين قرآن حڪيم جي تعليم کي ان جي نزولي ترتيب موجب سهيڙيو نہ ويندو، مسلمانن جي فڪري پريشاني کي ختم نٿو ڪري سگهجي. چوتہ هر فرقي پنهنجي پنهنجي تعبير ۽ تفسير گهڙي رکي آهي ۽ انهيءَ ڳالهہ تي مطمئن آهي تہ اها ئي قرآن جي حقيقي تعليم آهي. عالمن جو فرض آهي تہ اهي فرقيوارانہ تعصب کي ڇڏي ڪري نزولي ترتيب جي مدد سان اسلام جي حقيقي تعليم کي عام ڪن ۽ انهيءَ تعليم تي امت کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.

قرآن جي نزولي ترتيب جي تحقيق تي جيترو ڪم اوڀر ۽ اولهہ ۾ اڄ تائين ٿيو آهي، اجمل خان صاحب انهيءَ کي پوريءَ طرح واضح ڪري ڇڏيو آهي. مون انهيءَ تحقيق کي جيئن جو تيئن نقل ڪيو آهي، تہ جيئن سوچ ۽ سمجهہ رکڻ وارا ماڻهو، انهيءَ جي مطالعي مان ڪجهہ سمجهي سگهن تہ قرآن ۽ سيرت طيبہ جو اصل مطلب سمجهڻ جي لاءِ انهيءَ جي ڪيتري ضرورت آهي. اها تحقيق هن ڪتاب جي آخر ۾ ضميمي جي طور تي ڏني وئي آهي. هتي رڳو اخبار ”مدينہ“ بجنور ۽ حضرت مولانا عبيدالله سنديؒ جا خيال ڏنا ويا آهن، تہ جيئن مسئلي جي اهميت کي چٽو ڪري سگهجي.

نزولي ترتيب جون ٽي صورتون آهن:

1) **خدائي ترتيب:** جنهن ترتيب سان رسول الله ﷺ جي دل مبارڪ تي مڪي ۽ مديني ۾ قرآن نازل ٿيو ۽ پاڻ ماڻهن کي ٻڌايائون.


www.sindhsalamat.com

2) **رسولي ترتيب:** مختلف سورتن ۾ رسول الله ﷺ جن الله تعاليٰ جي حڪم سان ڪجهه آيتن ۽ لفظن جو واڌارو ڪيو ۽ آيت بسم الله الرحمٰن الرحيم کي سورتن جي شروعات لاءِ استعمال ڪيو.

3) **عثماني ترتيب:** هيءَ سورتن جي هاڻوڪي رائج ترتيب آهي. ڪجهه محدثن جو خيال آهي ته سورتن جي هيءَ ترتيب رهنمائي ڪندڙ نه آهي. امام مالڪؒ قاضي ابوبڪرؒ ۽ ابن فارس انهيءَ ٽولي سان واسطو رکن ٿا ۽ چون ٿا ته قرآني سورتن جي اها ترتيب اصحابن جي اجتهاد تي ٻڌل آهي جنهن کي مختلف اصحابن پنهنجي پنهنجي اجتهاد سان ڏني هئي، انهن مان عثمانؓ وارو صحيفو به هڪ آهي. باقي قرآن جي ڪيترين ئي سورتن کي رسول الله ﷺ هڪ خاص ترتيب سان تلاوت فرمائيندا هئا.

## عليؓ وارو صحيفو:

حضرت عليؓ جو صحيفو نزولي ترتيب موجب هو. سيوطي، ابن عباس، حسن ۽ عڪرمه * جون روايتون "اتقان" ۾ ڏنيون آهن.

ابن نديم جو چوڻ آهي:

"حضرت عليؓ جي هٿن جو لکيل قرآن مون ابي يعلي حمزه الحسيني وٽ ڏٺو آهي. اهو نزولي ترتيب موجب آهي ۽ امام حسن جي خاندان ۾ پيءُ پٽ جي طرف کان نقل ٿيندو رهيو آهي."
(الفهرست 42)

حافظ سيوطي لکيو آهي:

"حضرت عليؓ سيني کان پهريان قرآن کي نزولي ترتيب موجب گڏ ڪيو هو." (اتقان 58)

## رسولي ترتيب نزول جي حڪمت

رسول الله ﷺ جن الله تعاليٰ وٽان نازل ٿيڻ واري وحي کي مختلف سورتن ۾ گڏ ڪري ڇڏيو، پر انهيءَ عمل جي حڪمت بابت مفسرن ڪا به وضاحت نه ڪئي آهي. سوال آهي ته آخر ڇاجي ڪري رسول الله ﷺ نزولي ترتيب موجب خدائي وحي کي سهيڙيو ۽ گڏ نه ڪيو؟ انهيءَ ڳالهه تي ويچار ڪرڻ سان خبر پئي ٿي ته ائين ڪرڻ سان مڪي ۽ مدني تعليم جي جدا جدا ٿي وڃڻ جي ڪري مسئلن کي اُڪلائڻ ۾ ڏکيائي ٿي پئي ها. انهيءَ جي باري ۾ ٻه ٽي مثال ڏنا ويندا آهن:

(1) **پهريون مثال:** سورة علق جي پهرين پنجن آيتن کي ٻين آيتن سان ملائڻ


Sindhica Academy, Karachi

۾ اها حڪمت نظر اچي ٿي ته پهرين وحي جي پنجن آيتن ۾ جنهن نظريي جي نشاندهي ڪئي وئي آهي ۽ جنهن تي انقلابي جدوجهد کي قائم ڪيو ويو آهي، مخالف ۽ انقلاب جون اهي دشمن قوتون، جيڪي مالدار طبقي تي ٻڌل هيون، تن جي خلاف جدوجهد، تشدد ۽ دشمني وارو رويو اختيار ڪرڻ ضروري هو. هن سورة ۾ انهيءَ جو نقشو چٽيو ويو آهي. يعني پهرين وحي جو ڏنل نظريو ۽ انهيءَ تي انقلابي جدوجهد رڳو دعوت هدايت جي مرحلي مان سولائيءَ سان نه گذرندي، پر انهن کي تمام ئي تشدد ۽ موتمار ڏگ تان لنگهڻو پوندو. مسلمان عالمن پهرين وحي جي معاشرتي، نفسياتي، علمي ۽ ڪائناتي مقصدن کي پٺيءَ پويان اڇلائي ڇڏيو. انهيءَ ڪري بادشاهه ۽ بااختيار گروهه ۾ انهن مقصدن جي خلاف ڪو به رد عمل پيدا نه ٿو ٿئي.

(2) **ٻيو مثال:** سورة فاتحه جو آهي، جنهن جو هڪ حصو مڪي ۾ ۽ ٻيو حصو مديني ۾ نازل ٿيو. پر ٻنهي کي ملائڻ سان هڪ پوري جو پورو زندگي ۽ ڪائنات جو نظريو ٺهجي ويو، جنهن کي وري وري نمازن ۾ ورجائڻ سان انهيءَ نظريي بابت شعور جاڳندو رهي ٿو.

(3) **ٽيون مثال:** سورة مزمل جو آهي، جيڪا مڪي سورت آهي ۽ انهيءَ وقت نازل ٿي هئي، جڏهن تشدد چوٽ چڙهي ويو هو. انهيءَ جي اندر الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ وارن جو ذڪر آهي، جيڪو مديني ۾ عمل ۾ آيو. انهيءَ مان خبر پئجي ٿي ته قرآن اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش پيو ڪري ته تشدد ڪرڻ واريون طاقتون رڳو واعظ ۽ هدايتن تي ختم نه ٿينديون، پر انهن جي لاءِ مرڻ ۽ مارڻ ضروري آهي. اهڙي طرح شعب ابي طالب ۾ رسول الله ﷺ انهيءَ نتيجي تي پهتا ته جيستائين هن نظريي تي ڪا رياست وجود ۾ نه ايندي، تيستائين اهو نظريو پنهنجي مقصد ماڻڻ ۾ ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهندو. رياست جو مطلب ئي اهو هوندو آهي ته مخالف طاقتن جي خلاف مرڻ مارڻ واري مرحلي ۾ ٽپي پئجي.

(4) **چوٿون مثال:** سورة بقره جو آهي، جنهن جا چاليهه رڪوع مدني زندگيءَ جي ڏهن سالن ۾ نازل ٿيا. انهن چاليهن رڪوعن ۾ انساني زندگيءَ جي لڳ ڀڳ سيني مسئلن بابت حڪمن ۽ هدايتن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيا ويو آهي، جنهن کي سمجهڻ ۽ انهن تي دسترس حاصل ڪرڻ تمام سؤلو ٿي ويو آهي ۽ رياست کي پنهنجن فيصلن ۾ انهن حڪم مان ڪم وٺڻ ۾ تمام گهٽي سولائي ٿي وئي آهي.


www.sindhsalamat.com

(5) **پنجون مثال:** سورة نور ۾ عورتن جي مسئلن ۽ زنا وغيره جي سزائن جو ذڪر آهي، جنهن سان خدائي نور مان هدايت وٺڻ ۽ انهن عملن سان انهيءَ تعلق تي روشني پوي ٿي. اهڙيءَ طرح هر سورة ۾ رسول الله ﷺ انهيءَ بابت وحي الاهي کي هڪ جاءِ گڏ ڪري ڇڏيو. پر انهيءَ جو اهو مطلب نه آهي ته قرآن جي نزولي ترتيب تي ڪابه تحقيق ئي نه ڪئي وڃي. انهيءَ تحقيق جو سڀ کان وڏو فائدو سيرت پاڪ کي سهيڙڻ ۾ سامهون اچي ٿو. جيستائين سيرت سان گڏ ان خاص موقعي تي نازل ٿيل قرآن کي پيش نه ڪيو ويندو، ته پوءِ قرآن جو رڳو واقعن جو مجموعو بڻجي پوڻ سان اهو معلوم نٿو ٿئي ته انقلابي جدوجهد، ڪهڙي قسم جي معاشري جي اڏاوت ڪئي آهي ۽ انساني مسئلن کي نئين تعليم جي روشنيءَ ۾ ڪهڙي طريقي سان اُڪلايو آهي.

وحي الاهي کي مختلف سورتن ۾ گڏ ڪرڻ واري حڪمت کي نه سمجهڻ سان قرآني تعليم جا مقصد اکين اڳيان غائب ٿي ويا. مفسر آيتن جي ترتيب موجب يعني آيت وار تفسير ڪندا آهن، جنهن سان نظرياتي پريشاني نه رڳو ختم نٿي ٿئي، پر اجا به وڌي وڃي ٿي. قرآن کي سامهون رکڻ ڪانسواءِ سيرت جي سهيڙ رڳو واقعن کي ورجائڻ جو عمل بڻجي وڃي ٿو، جنهن مان اها خبر نٿي پوي ته توحيد الاهي جي نظريي تي معاشري جي اڏاوت ڪهڙي طريقي تي ڪئي وئي آهي. جڏهن ته سيرت کي قرآن موجب سمجهڻ ۽ انهيءَ مطابق عمل ڪرڻ سان انهيءَ توحيدي معاشري جي اڏاوت عمل ۾ اچي ٿي، جنهن ۾ هڪ ٻئي مخالف معاشي طبقا نه هوندا آهن. پيداواري وسيلا، مثلاً زمين، ڪارخانا، ڪاٽيون، گيس ۽ پيٽرول جا ذخيرا فردن جي بدران عوام جي ملڪيت هوندا آهن، جن جو انتظام گڏيل سهڪار جي مجلس جي ذريعي هلايو ويندو آهي، جيڪي رياست جا فرض نڀائيندي آهي.

انهن ٻنهي ڳالهين کي نظرانداز ڪري ڇڏڻ سان تفسير ۽ سيرت، ٻئي نه رڳو اسلام جي معاشي، سياسي، ازدواجي ۽ تهذيبي نظام کي دنيا جي سامهون پيش ڪرڻ کان بيوس رهيا، پر اجا به مسلم معاشري ۾ انهيءَ نظام کي اختيار ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا انهيءَ ڪري ئي مون ” انقلاب مڪه“ ۾ سيرت سان گڏوگڏ قرآن کي به سامهون رکيو آهي، جيڪو اجمل خان صاحب جي تحقيق تي آڌاريل آهي. جيڪڏهن الله جي توفيق گڏ رهي ته نزولي ترتيب جي حڪمت هيٺ پوري قرآن جي تشريح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ته جيئن قرآن جي باري ۾ اٿندڙ نظرياتي پريشاني کي ختم ڪري سگهجي.



Sindhica Academy, Karachi

## قرآن ۽ دنيا جي مذهبن جي حقيقي تعليم کي نظر انداز يا انهن جي انڪار ڪرڻ جا نتيجا

موجوده دؤر ۾ يورپ وارن مذهب جي باري ۾ غلط تصور جاري ڪري ڇڏي آهي ته مذهب جو انساني زندگي جي جوڙتوڙ سان ڪو به تعلق نه آهي. انهيءَ رويي ”مذهب“ جي باري ۾ عام بي تعلقي پيدا ڪري ڇڏي آهي، ۽ ائين سمجهيو ويو آهي ته مذهب جي تعليم تي عمل ڪرڻ يا نه ڪرڻ سان زندگي تي ڪوبه اثر نٿو پوي.

”مذهب“ جي باري ۾ انهيءَ رويي جون ٻه شڪليون آهن. انهن مان هڪڙو ته مذهب جو بلڪل ئي انڪار آهي، جيئن يورپ وارن اختيار ڪري ڇڏيو آهي. ٻيو رويو مذهب جي تعليم کان اڪ پوٽ ۽ لاپرواهي وارو آهي. ٻنهي روين جو نتيجو هڪ ئي آهي. انهيءَ باري ۾ قرآن هي ٻڌايو آهي ته مذهب جي اصل تعليم کان انڪار يا انهيءَ کان غفلت جو زندگيءَ تي گهرو اثر پوي ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ قرآن سورهء نور جي آيت نمبر 39 ۾ پهريون مثال ڏنو آهي:

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَعْمَالُهُمْ كَسَرَابٍۭ بِقِيْعَةٍ يَّحْسَبُهُ الظَّمْاٰنُ مَاۗءً ۭ حَتّٰٓي اِذَا جَاۗءَهٗ
لَمْ يَجِدْهُ شَيْــــًٔا وَّوَجَدَ اللّٰهَ عِنْدَهٗ فَوَفّٰىهُ حِسَابَهٗ ۭ وَاللّٰهُ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ۝ؗ۳۹

”۽ اهي ماڻهو جن ڪفر جي روش ورتي آهي تن جا عمل انهيءَ رڃ وانگر آهن جا ڪنهن وارياسي بيابان ۾ هوندي آهي. اڃايل ماڻهو ان رڃ کي پاڻي ٿو سمجهي (۽ ان ڏي ڊوڙندو ٿو وڃي) تان جو جڏهن اتي پهچي ٿو تڏهن خبر پويس ٿي ته هتي ته ڪجهه به نه آهي ۽ هو الاهي قضا کي پاڻ وٽ ٿو ڏسي. سو خدا سندس (بد) عملن جو حساب پوريءَ طرح ڪري انهن جي بدلو ڪيس ڏئي ٿو ۽ (يقين ڄاڻو ته) الله تعاليٰ حساب وٺڻ ۾ بلڪل تکو آهي.“

سورة نور جي آيت نمبر 40 ۾ ان جو ٻيو مثال ڏنو ويو آهي:

اَوْ كَظُلُمٰتٍ فِيْ بَحْرٍ لُّجِّيٍّ يَّغْشٰهُ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ سَحَابٌ ۭ
ظُلُمٰتٌۢ بَعْضُهَا فَوْقَ بَعْضٍ ۭ اِذَآ اَخْرَجَ يَدَهٗ لَمْ يَكَدْ يَرٰىهَا ۭ وَمَنْ لَّمْ يَجْعَلِ
اللّٰهُ لَهٗ نُوْرًا فَمَا لَهٗ مِنْ نُّوْرٍ ۝ۧ۴۰

”يا اهي (پليل بدڪار ماڻهو) جڻ ته هڪ تمام ئي اونهي سمنڊ جي اونده ۾ آهن، جنهن تي لهرن مٿان لهرون ڇانئجي ويون آهن ۽ انهن



www.sindhsalamat.com

جي مٿان وري ککر آهن، يعني اونده مٿان اونده جا ته چڙهيل آهن. (ايتري قدر جو) جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍي ته ان کي ٻه ڏسي نه سگهي. (هيءَ حقيقت آهي ته) جنهن کي خدا (سندس جهل ۽ خود غرضيءَ سبب) روشني ڪسي ڇڏي تنهن جي لاءِ ڪا ٻه روشني آهي ئي ڪانه.“

(انهن ٻنهي مثالن جا نتيجا ۽ تاريخ شاهد آهي)

ٻئي مثال ۾ مذهب جو بنيادي مقصد غير طبقاتي معاشري کي قائم ڪرڻ جي بدران رڳو عبادتن ۽ ظاهري رسمن تي عمل ڪرڻ جو ذڪر آهي. يعني مولانا مودودي جي چوڻ موجب، عملي طرح انڪار جي باوجود ڪجهه نيڪ ڪم ڪرڻ آهي. مذهب جو اهو تصور هڪ رڃ آهي جيڪو ظاهر ۾ ته مذهب کي مڃڻ تي ٻڌل آهي، پر اصل ۾ عملي طرح ان جو انڪار ڪري ڇڏڻ آهي. اصل ۾ اڄ اسلام ۽ ٻين سڀني مذهبن جي پيروڪارن جو اهو ئي عمل آهي. مذهب کي مڃڻ جي باوجود انهيءَ تي عمل نٿو ڪيو وڃي، جنهن سان عملي طرح انهن جي لاءِ مذهب رڃ وانگر ٿي ويو آهي، جيڪو ظاهر ۾ ته مذهب ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر حقيقت ۾ انهيءَ جي حيثيت هڪ رڃ واري آهي.

انهن ۾ پهريون مثال انهن جو آهي جيڪي مذهب کي هڪ بيڪار شيءِ سمجهن ٿا ۽ انهيءَ جو بلڪل ئي انڪار ڪن ٿا. انهيءَ ٽوليءَ ۾ اولهه جا مفڪر ۽ ڪميونسٽ ڳڻيا وڃن ٿا. انهن جو مثال انهيءَ ماڻهوءَ جهڙو آهي، جيڪو ڪنهن اهڙي جاءِ تي ڦاٿل هجي جتي نپٽ اونده هجي ۽ روشنيءَ جو هڪ ترورو به ان کي نه نظر اچي. مولانا مودودي فرمائي ٿو ته هو سمجهي ٿو ته ايٽم بم، هائيڊروجن بم، آواز کان وڌيڪ رفتار جهاز ۽ چنڊ تائين پهچڻ واريون تيز رفتار سواريون ٺاهڻ جو نالو علم آهي. ان وٽ معاشيات ۽ ماليات، قانون ۽ فلسفي ۾ مهارت جو نالو علم آهي. پر حقيقي علم اڃا ڪا ٻي شيءِ آهي، جنهن جي اڃا تائين انهن کي ڪا خبر ئي نه آهي. انهيءَ علم کان اهي بلڪل ئي اڻڄاڻ آهن. انهيءَ جي مقابلي ۾ هڪ اٽڪل ڳوناٽو علم وارو آهي، جيڪڏهن هو سچ جي سڃاڻ جي ذريعي لاڀ حاصل ڪري ٿو.

وڌيڪ فرمائي ٿو ته انهيءَ خدائي نور ڏانهن رهنمائي ڪرڻ وارن تمام گهڻن اُهڃاڻن مان ٿورڙن کي نموني جي طور تي پيش ڪيو پيو وڃي. پوءِ جيڪڏهن انهن کي دل جي اکين سان کولي ڏٺو وڃي ته هر پاسي الله جي قدرت ۽ ڪاريگري جون نشانيون پَسي سگهجن ٿيون. پر جيڪي ماڻهو دل جا انڌا آهن، سي جيڪڏهن پنهنجون ظاهري اکيون ڦوٽاري به ڏسن ٿا ته انهن کي علم


Sindhica Academy, Karachi

حياتيات، علم حيوانات ۽ ٻين انيڪ قسمن جا علم ته گهڻو ڪجهه ڪندي نظر اچن ٿا، پر الله جي ذات ان کي ڪٿي نظر نٿي اچي.

گذريل تاريخ جون تمام وڏيون تهذيبون انهيءَ ئي اونده جي ڪري تباهه ۽ برباد ٿي ويون. موجوده يورپ جو ڏيک ويک ظاهر ۾ هر ڏسندڙ اک کي خيرو پيو ڪري، پر حقيقت ۾ اهي تباهيءَ کي منهن ڏئي رهيا آهن. ٻه دل ڏڪائيندڙ جنگيون ٿي چڪيون آهن، ۽ هر روز ننڍيون ننڍيون جنگيون ۽ اندروني ويڙهه جهيڙو هر وقت ٿيندا رهندا اٿن. زلزلا، طوفان، مينهن، ڳڙو، هر زور تباهي مچائيندا رهندا آهن ۽ هاڻي ٽين جنگ جون تياريون به ٿي رهيون آهن. اقبال لينن جي زباني اولهه وارن جي تهذيب جو صحيح خاڪو چٽيو آهي:

یورپ میں بہت روشنیٔ علم و ہنر ہے
حق یہ ہے کہ بے چشمۂ حیواں ہے یہ ظلمات

اولهه ته سراسر جهالت ۽ گمراهيءَ جو اونداهو سمنڊ هو ۽ آهي، پر انهن جو نقل ڪرڻ ۾ اوپر جون قومون به مذهب کان بيخبر ٿي ويون آهن، جنهن ڪري اهي پاڻ پاڻ جي تباهه ڪندڙ مصيبتن ۾ ڦاسي ويا آهن.

ٻئي حالتون، يعني مذهب جو بلڪل ئي انڪار ۽ مذهب کي رڳو ڏيکاءَ جي شيءِ سمجهڻ، هڪجهڙا نتيجا پيدا ڪندا رهندا. يعني ان وقت تائين تباهي ۽ بربادي رهندي، جيستائين اها ڳالهه ذهن ۾ ويهي نه وڃي ته اسلام جو مقصد هڪ غير طبقاتي معاشرو قائم ڪرڻ هو. جيڪڏهن مسلمانن انهيءَ ڳالهه کي نه سمجهيو، ته انساني زندگي اڳي وانگر اونده ئي رهندي.

(1) اسلام ڇا آهي؟ اجمل خان صاحب فرمائي ٿو: ”اسلام ڪو نئون مذهب نه آهي. شهري نظام جي شروعات کان ئي هر ملڪ ۽ قوم ۾ اهڙا مصلح پيدا ٿيندا رهيا آهن، جيڪي چوندا رهيا ته اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ. الله کي پنهنجو مالڪ ۽ پالڻهار مڃڻ ۽ ان جي ٻانهپ ڪرڻ ئي فطري دين آهي. ڪنهن ديوتا، انسان يا وڻ جي اڳيان ڪنڌ نوائڻ، انسانيت جي عزت ۽ مرتبي کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ آهي. اسلام، يعني الله جي فرمانبرداري جي مقابلي، ڪفر ۽ شرڪ ۽ بي ديني ۽ شيطان جي فرمانبرداري جي تعليم ڏيڻ وارا، انساني عقل کي اونداهين ۾ رکي، اڻڄاڻ انسانن کي ڦريندا رهيا آهن. انهيءَ ڪري ئي قرآن جي تعليم لِيُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ آهي. يعني رحمان ۽ شيطان جي پاڻ ۾ جنگ اسلامي تاريخ ۾ پهرين نمبر تي اچڻ جي حقدار آهي.“


www.sindhsalamat.com

(2) اهڙن سيني دينن جي مطالعي سان، جن جو تعلق سامي ۽ آريائي تهذيبن ۽ خاص طرح هندو فلسفي ۽ ايراني مذهب سان آهي، اسلامي حقيقتن تي پيل سيئي پردا کڄي سگهن ٿا.

(3) انهيءَ کان پوءِ عرب وارن جي سماجي حالت، رهڻي ڪهڻي، عرب جو شهري نظام ۽ ان سان گڏ رسولِ عربي ﷺ جي سيرت جو، قرآني آيتن جي تاريخي پسِ منظر کي ذهنَ ۾ رکندي، مطالعو ڪرڻ ضروري آهي. انهيءَ طريقي تي سيرت جو ڪو به ڪتاب سهيڙجي نه سگهيو آهي. "مڪي جو انقلاب" انهيءَ ڳالھ کي سامهون رکندي لکيو ويو آهي.

## قرآن کي نزولي ترتيب موجب سمجهڻ جي اهميت تي اخبار "مدينه" بجنور جو نوٽ

حضرت الحاج پروفيسر محمد اجمل خان پنهنجي تحقيق جو هڪ اهم مقالو انگريزي ۾ لکيو هو ۽ وشوا ڀارتي شانتي نڪيتن (بنگال) جي طرفان ان جي اشاعت 1936ع ۾ ٿيڻ واري هئي، پر موصوف مناسب ڄاتو ته قرآني جي ترتيب جي باري ۾ پاڻ جيڪو ڪجھ لکيو اٿائون اهو اردو جي ڇهجهي تعداد ۾ ڇپجندڙ اخبار "مدينه" ۾ ڇپرايو وڃي. تنهن کري جناب مولوي ابو سعيد صاحب بزمي (ايم اي)، جيڪو رسالي "مدينه" جو ايڊيٽر آهي، تنهن هيٺ ڏنل نوٽ سان گڏ ڪجھ قسطن ۾ ان کي ڇاپيو:

"ڪيترن ئي سالن جي لڳاتار مطالعي کان پوءِ جناب پروفيسر محمد اجمل خان صاحب، جيڪو "سياسيات"، "مقدمه فلسفه" وغيره جي سهيڙ ڪندڙ آهي، تنهن اسلام جي حقيقت ۽ انهيءَ جي بنيادي سچائين بابت انگريزي ۾ ڪجھ مقالا لکيا آهن. انهيءَ علمي ۽ مذهبي ڪوشش ۾ پاڻ ٽي سال شانتي نڪيتن (بنگال) ۾ به گذاريا، جتي نه رڳو آرام ۽ سڪون آهي پر مسلمان بادشاهن جي مدد سان عربي ۽ فارسي جو هڪ اعليٰ ڪتب خانو به ميسر ٿي سگهيو آهي. انهيءَ کان سواءِ هر مذهب ۽ هر ٻوليءَ جا محقق به علمي بحث مباحثي جي لاءِ موجود آهن. موصوف انگريزي مقالن کي اڃا ڇاپيو نه آهي، پر گهري ٿو ته اردو ڄاڻندڙ ماڻهو هڪ اهم مقالي جو ترجمون نظر مان ڪڍن ۽ ان کي پڙهڻ کان پوءِ پنهنجي تڪڙي تبصري سان فائدو حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏين ته جيئن اصل ڪتاب THE ORIGINAL ASPECTS OF ISLAM کي انگريزي ڄاڻيندڙ


Sindhica Academy, Karachi

۽ خاص طرح سان يورپ وارن جي اڳيان پيش ڪرڻ کان پهريان، هندستان جا عالم ۽ فاضل انهيءَ تي غور ڪري سگهن."

اسان پروفيسر صاحب جا ٿورائتا آهيون جو پاڻ پنهنجي تحقيق جي نتيجن جي اظهار لاءِ "مدينه" اخبار ۽ ان جي پڙهندڙن کي سڀ کان پهريان موقعو ڏنائون." (ايڊيٽر مدينه، بجنور 24 ڊسمبر 1940ع)

" ڪتاب ڇاپيندڙ" جو نوٽ:

هن مقالي جي اهميت جو اندازو انهيءَ ڳالھ مان ٿي سگهي ٿو ته ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ماڻهن قابل احترام مصنف کي هن تحقيق تي مبارڪون ڏنيون آهن ۽ ڪيترن ته سموري مقالي کي تجزين ۽ حاشين سان گڏ ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪرڻ جي لاءِ زور پريو آهي. اسان جناب موصوف جا ٿورائتا آهيون جو پاڻ مڪي ۽ مدني دؤر جي سيني سورتن جي فهرست اردو ۾ ترتيب ڏني، ۽ ڪتاب جي صورت ۾ اسان کي هن مقالي کي ڇاپڻ جي اجازت ڏني. هتي اسان اهو به عرض ڪرڻ گهرون ٿا ته اخبار "مدينه" جي هزارين ۽ لکين معزز پڙهندڙن مان رڳو هڪ ماڻهو مقالي جي پوري ٿيڻ کان پهريان، ٻي سمجهي جو اقرار ڪندي، مناظرانه رنگ جي بدران، ترتيب قرآن جي قرآني سهيڙ تي هڪ ڏکو مضمون مدينه جي ايڊيٽر کي موڪلي ڏنو ۽ ڳڙوڳڙ اها به درخواست ڪئي ته اڳتي جي لاءِ مقالي کي نه ڇاپيو وڃي. پر "اخبار مدينه" اهڙي قسم جي تحقيق کان پنهنجي پڙهندڙن کي محروم رکڻ مناسب نه ڄاتو. بهرحال، اسان کي هدايت آهي ته جيڪڏهن هاڻي به ڪو علم وارو انهيءَ ترتيب ۾ ترميم پيش ڪري ته انهيءَ کي ايندڙ اشاعت ۾ شامل ڪيو وڃي. (ناشران ڪتاب گهر الھ آباد، 2 فيبروري 1941ع)

قرآن کي نزولي ترتيب موجب سمجهڻ جي اهميت بابت شاه ولي الله جي حڪمت جي شارح، مرد مجاهد حضرت الحاج مولانا عبيد الله سنڌي جي راءِ:

"مسلمان قرآن حڪيم کي انسانيت جي لاءِ آخري رباني پيغام مڃي ٿو. ٻين لفظن ۾ ائين چوڻ گهرجي ته انهيءَ عقيدي کي اڄوڪي ذهنيت جي ويجهو آڻڻ جي لاءِ قرآن دنيا کي بين الاقوامي انقلاب جو پروگرام ڏئي ٿو".

اهڙي طرح مطالعو ڪندڙ جي فڪري ضرورت جو خيال رکيو وڃي ته سڀ کان پهريان انهيءَ تحريڪ جو بنيادي مقصد مقرر هئڻ گهرجي، جنهن کي


www.sindhsalamat.com

اسان هُوَالَّذِيۡۤ اَرۡسَلَ رَسُوۡلَهٗ بِالۡهُدٰى وَدِيۡنِ الۡحَقِّ لِيُظۡهِرَهٗ عَلَى الدِّيۡنِ كُلِّهٖ ۭ ۾ پوشيده ڏسون ٿا. (پڙهندڙن کي اسان سفارش ڪريون ٿا تہ اهي هن آيت جو تفسير ”ازالہ الخفا“ جي پهرين جلد جي شروعاتي صفحن ۾ ضرور مطالعو ڪن)

انهيءَ سان گڏوگڏ پارٽي پروگرام جي ضرورت ٿيندي، جنهن کي قرآن جي ڪيترين ئي سورتن ۾ حزب الله جي لاءِ، تفصيلي حڪم ڏئي ڪري مڪمل ڪيو ويو آهي.

ان کان پوءِ هڪ مرڪزي جماعت جو جوڙڻ ضروري ٿيندي، جيڪا هن پروگرام کي هلائڻ جي ذميواري قبولي ۽ ان کي هر ڪمي بيشي ۾ مناسب تبديلي جو پورو اختيار هوندو. اسان جي نظر ۾ ”وَالسّٰبِقُوۡنَ الۡاَوَّلُوۡنَ مِنَ الۡمُهٰجِرِيۡنَ وَالۡاَنۡصَارِ وَالَّذِيۡنَ اتَّبَعُوۡهُمۡ بِاِحۡسَانٍ ۙ رَّضِىَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ وَرَضُوۡا عَنۡهُ“ ۾ انهيءَ جماعت جو هئڻ گهربل آهي.

انهن مفڪرن کي ٻئي مرحلي ۾ انهيءَ معاشري جي ضروت محسوس ٿيندي، جيڪو سيني انقلابي نظرين تي سوياري ٿي ويو هجي. انهيءَ معاشري جا ميمبر، جنهن وقت موقعو ڏسندا، انقلابي حڪومت قائم ڪري وٺندا. اهي پراڻي حڪومت کي ٽوڙي ڇڏيندا، ۽ پنهنجي پروگرام موجب نيئن حڪومت قائم ڪندا. اسلامي عقيدن، اخلاقن ۽ اسلامي حڪومت جي وچ واري ڪڙي ئي انقلابي معاشرو آهي. ان جا حڪمَ ۽ نظريا هڪجهڙا هجڻ سان فڪري تسلسل قائم ناهي رهندو. انهيءَ جو ئي نتيجو آهي جو هر دؤر ۾ مناسب پروگرام ناهڻ ۾ قرآن حڪيم کان مدد نہ ملي سگهي. اسان جي فقيہ، حڪومت جي حڪمن کي بہ عقيدن ۽ اخلاقن وانگر تحفظ ڏين ٿا جنهن سان هڪ قسم جي بيحسي پيدا ٿي وڃي ٿي. ڪيترا ئي عالم انهيءَ سچي قصي مان رڳو ايترو ياد رکن ٿا تہ زاني جو سنگسار ۽ چور جو هٿ ڪٽڻ ضروري آهي. تنهن هوندي بہ انهن جي ڪوشش تفصيلي حڪمن کي گڏ ڪرڻ ۾ تمام گهٽي ساراهہ جوڳي آهي. الله سائين انهن کي ان جو شل چڱو بدلو ڏئي. انهيءَ سان گڏوگڏ جيڪڏهن ڪو خدا جو ٻانهو انهيءَ انقلابي معاشري جا حڪم الڳ ڪري ٿو ڇڏي جيڪي حڪومت جي لاءِ وجوب جي سبب وانگر آهن، تہ مفڪرن جون سموريون ڏکيائيون ختم ٿي وينديون. حڪومت ۽ معاشري جي حڪمن کي متانهون رکڻ جي لاءِ قرآن پاڪ جي مکي ۽ مدني سورتن جو مقرر ڪرڻ ضروري آهي.

رسول الله ﷺ مکي ۾ زندگيءَ ۾ اهو ڪم ڪيو جو عدم تشدد (اهنسا) جي پابندي سان اڄ تائين هڪ وڏي شان واري گڏيل انقلابي جماعت تيار ڪري ورتي، جنهن جو مثال اڄ تائين دنيا نہ ڏئي سگهي آهي.



جن ماڻهن کي مهاجرن جو لقب ڏنو ويو آهي، اهي تہ مکي جا رهندڙ هئا. توهان کي حيرت ٿيندي تہ مديني جي انصارن جي جماعت بہ مکي واري دؤر ۾ تيار ٿي. انهن جي ٻن عنصرن مان مستقل مرڪزي جماعت تيار ٿي آهي، جنهن مديني ۾ اسلامي حڪومت پيدا ڪري ورتي.

قرآن مجيد جي هر سورة جي باري ۾ مفسرن وٽ روايتون موجود آهي تہ اهي مکي ۾ نازل ٿي يا مديني ۾. پر ڪيترين ئي سورتن جي باري ۾ روايتون ايترو تہ مختلف آهن جو انهن کي برابري يا ترجيح ڏيڻ ممڪن ئي ناهي. ڪجهہ حڪمن جي تاريخ غلط روايتن سان منسوب ٿي آهي، انهيءَ ڪري اهو روايتي سلسلو اطمينان جوڳو نہ رهيو آهي.

مولانا اجمل خان بالقابہ جو، مفسرن تي سدائين احسان رهندو، جو هن اندروني شهادتن جي مدد سان، مکي سورتن جي تعين ڪرڻ جو ڏکيو ڪولي ڇڏيو آهي ۽ روايتن جي اختلاف سان جيڪو مونجهارو پيدا ٿيو هو، تنهن کي ختم ڪرڻ جي تمام ئي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي.

مولانا محمد اجمل خان نوجوان مسلمانن جي لاءِ تقليد جو نمونو آهي. هو گيتا جو ترجمو ڪري ٿو، هو قرآن ي حڪمن جي روشنيءَ ۾ طبعي نظام پيدا ڪرڻ جي لاءِ جدوجهد ۾ مصروف آهي. اهڙي طرح هو هندستاني مسلمانن جي لاءِ نئون پروگرام مقرر ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪري رهيو آهي. الله ڪري تہ شل اسان جو نوجوان طبقو، جيڪو تمام وڏي عمل جي قوت رکي ٿو، شعر ۽ شاعري کان بچي، پروگرام سوچڻ ۾ لڳي وڃي. هن جو بنيادي مقصد ڏنڌلو آهي ۽ هو اسلاميت ۽ هندوستانيت ۾ برابري نٿو ڪري سگهي. انهيءَ ڏوڙ ۽ مٽيءَ کي قرآني نظرين سان ئي صاف ڪرڻو پوندو، جنهن جو سلسلو مولانا اجمل خان شروع ڪيو آهي.

جيڪڏهن جامعہ مليہ ڪڏهن قرآني تحقيق جي لاءِ فيڪلٽي قائم ڪري تہ مان انهيءَ جي اڳيان شاهدي ڏيڻ جي لاءِ تيار آهيان تہ مولانا اجمل خان کي ڊاڪٽر مڃيو وڃي. والله هوالموافق.

**(مولانا) عبيد الله سنڌي**
23 ڊسمبر 1940ع
بيت الحڪمت، جامعہ نگر دهلي



Sindhica Academy, Karachi
www.sindhsalamat.com

# انقلابِ مکہ



# پاڳو پهريون

# تاريخي پس منظر

# تاريخي پس منظر

سردارن جي زورآوري، ڏاڍ ۽ ڏمر ۽ پنهنجي محنت جي استحصال کي ڏسندي، غلام ۽ پوئتي پيل طبقن جي ماڻهن جون اکيون، ڪنهن مدد جي لاءِ واجهائي واجهائي ٿڪجي چڪيون هيون. هر مرد توڙي، زائفان، جوان توڙي ٻار، سيني جي دلين ۾ ڏاڍن جي خلاف نفرت جي باهه پڙڪا ڏئي رهي هئي. غلام ۽ پوئتي پيل ماڻهو، پنهنجي محنت جي استحصال ڪان سواءِ ديوتائين جي خوف ۾ گهيريل هئا، ۽ انهيءَ خوف جي ڪري پوپا ۽ نالي چڙهيا مذهبي اڳواڻ انهن کي ڦريندا رهندا هئا. نراسائي، نااميدي ۽ اوندهه اندوڪار ڪان سواءِ انهن جي اڳيان ٻيو ڪجهه بہ نہ هو. انهيءَ وحشت ۽ جهالت جي ماحول ۾ عقل ۽ سمجهه جو استعمال ڏوهه سڏيو ٿي ويو. يونان جي غير تجرباتي عقليت هر جاءِ تي حاوي ٿي پئي هئي. انهيءَ عقليت يا منطق ۾ ڪنهن وڏي واقعي (General Proposition) جو معروضي، مادي ۽ سماجي حقيقت سان هڪجهڙائي کي ضروري نہ سمجهيو ويندو هو. هڪ مفڪر ڪوريئڙي وانگر ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي پنهنجي فڪرن جو ڄارو اُڻيندو رهندو هو. برٽرينڊ رسل چواڻي، اهڙي قسم جي فڪر ٻن هزار سالن تائين ترقي کي بيهاري ڇڏيو.

هر پاسي غلامن جون قطارون پنهنجي سردارن جي دولت ۽ عيش آرام جي لاءِ سخت محنت ۽ ڪشالو ڪندي نظر اينديون هيون. پوپ گريگوري جي حڪم سان بيماري ۾ دوا جي ذريعي علاج ڪرائڻ يا ڪنهن طبيب سان مشورو ڪرڻ، پنهنجي ساهه جو سانگو لاهڻ هو. ڇو تہ هر مرض جو علاج ماڪي، ڪير ۽ بپتسمي جو پاڻي سمجهيو ويندو هو. عيسائي حڪمرانن ۽ پادرين جي حڪم سان طب، فلسفي، نجوم ۽ رياضي جي تعليم منع ڪيل هئي. ڪاريگرن کي قتل ڪيو ويندو هو ۽ انهن طرفان پنهنجي فن تي لکيل ڪتابن کي ساڙيو ويندو هو. سڪندريہ جو شاهي علمي مرڪز ۽ ڪتب خانو ساڙي


Sindhica Academy, Karachi

رک جو ڍير ڪيو ويو. هائي پيشيا جيڪا هڪ وڏي علم ۽ ڪردار واري عورت هئي، تنهن کي بہ قتل ڪري ان جي جسم کي ڳيا ڳيا ڪيو ويو هو.

ايشيا ۾ ”ماني“ جي ڪل لهرائي وئي هئي. گوتم ٻڌ جو عوامي (پالي ٻوليءَ) فلسفو برهمن جي ٻولي (سنسڪرت) ۾ بدلايو ويو هو. مزدڪ جي اشتراڪي تحريڪ کي ختم ڪري ان جي پولڳن کي ڪُٺو ويو هو. بام مارگيون يا عوامي انقلابين، پيڪورس جي عياشي کي عام ڪري ڇڏيو هو. اهي عورت، گوشت ۽ شراب جو پوڄا ڪندا هئا. جادو، ڊارن ۽ ديوتائن جي پوڄا پرستي جي وهمن عقل جو لڏو پٽائي ڇڏيو هو.. فلسفو منظم سوچ ويچار جي عمل جي بدران، اجائي حجت بڻجي ويو هو. مذهب سياست جي هٿن ۾ عوام کي ڦرڻ ۽ انهن کي بدحالي تي قائم رکڻ جو هڪ هٿيار بڻجي چڪو هو. انهيءَ جو سبب اهو هو تہ مذهبي اڳواڻن واڳ ڏٽين ۽ دولتمند طبقن سان پنهنجا مفاد ماڻڻ جي لاءِ ٻانهن ٻيلي ٿي پيا هئا. عوام کي ٻڌايو ويو هو تہ الله تعاليٰ ئي انهن جي نصيب ۾ غربت، جهالت، پسماندگي، محڪومي ۽ غيرمهذب زندگي لکي ڇڏي آهي. تنهن ڪري ڪين صبر ۽ شڪر سان، الله جي انهيءَ رضا تي راضي رهڻ گهرجي، جنهن جو اجر ڪين مرڻ کان پوءِ ملندو.

سائنس يا حقيقي علم کي نڳي ۽ دوکو سڏيو ويو. پوپاگري، جادو ۽ ديوتا پرستي انسان کي موت جي ڪنڌيءَ تي پهچائي ڇڏيو هو. سياست مذهب جي هٿيار سان انسانيت کي جنگ، بيماري، ڦرمار ۽ غلامي گهاون سان بيوس ڪري ڇڏيو هو. غلام پنهنجي انساني حيثيت ئي وڃائي چڪو هو. هو پنهنجي مالڪ جي ملڪيت بڻجي ويو هو، جنهن کي قتل ڪري سگهجي پيو، وڪرو ڪري سگهجي پيو ۽ ڏاڍ ۽ ڌڪاءَ سان ان کان سخت پورهيو وٺي سگهجي پيو. ان کي فوج ۾ ڀرتي ڪري ٻين ملڪن ۽ زمينن تي قبضي جي لاءِ استعمال ڪري سگهجي پيو.

مذهبن جي ماڻهن الڳ الڳ ويڙهاڪ ٽولن جي شڪل اختيار ڪري ورتي هئي ۽ هر هڪ ٽولو پنهنجي پاڪ پوتر اڳواڻ جي تعليم کان پري ٿي ويو هو. اسلام کان اڳ عيسائيت ۽ ٻڌ ڌرم بين الاقوامي مذهب جي حيثيت رکندا هئا، پر ٻئي حقيقي معنيٰ ۾ ميسارجي چڪا هئا.

عورت هر جاءِ تي خواريءَ ۾ ڦاٿل هئي. حضرت عيسيٰ[ع] کان پوءِ وينس جي ڪونسل فيصلو ڪيو تہ عورت ۾ روح نہ آهي، تنهن ڪري هزارين عورتن کي جادوگرياڻي سڏي جيئرو ساڙيو ويو. هندوستان ۾ ڪيس پنهنجي مڙس


www.sindhsalamat.com

سان گڏ سڙڻ (ستي ٿيڻ) تي بيوس ڪيو ويو هو. گهڻن ئي مذهبن ۾ عورت رُنِجڻ ڪان پوءِ ٻي شادي نہ ڪري سگهندي هئي ۽ نہ ئي مرد جي ظلم ڪان ڇوٽڪارو ماڻڻ جي لاءِ طلاق وٺي سگهندي هئي.

مطلب تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي ٻالڪپڻ ڪان وٺي نڪاح تائين ۽ نڪاح ڪان مرڻ گهڙيءَ تائين، خوف ۽ ٻڪ ۾ ڦاٿل انسانيت جي هر طبقي ۽ قوم جي ماڻهن کي ڏٺو هو. ڪٿي ديوتائن ۽ اڻ ڏٺو قوتن جي خوف انسانن جا ڪنڌ پوڄارين ۽ پوپن جي ذريعي بتن، ڀوتن ۽ جنن جي اڳيان نوائي ڇڏيا هئا. ڪٿي مالدار يهودين قرض جي خوف ۾ انسانن کي ڦاسائي غلام ٺاهي ڇڏيو هو. ڪٿي سامراجي فوجون، جيڪي عام طرح غلامن تي ٻڌل هونديون هيون، آزاد انسانن کي قتل ۽ غلاميءَ جي خوف ۾ ڦاسايون ويٺيون هيون تہ ڪٿي جهالت ۽ اٽڪاٽائي، مريضن کي تعويذ ڪنڊڙن جي غلامي ۾ ڦاسائي رکيو هو. ڪٿي ڪوڙي انا ۽ وڏائي جي نالي تي شاعر پنهنجي ٻڪ کي قصيدن جي ذريعي مِٽائي رهيا هئا. هر جاءِ تي انسان ٻڪ ۽ بدحالي ڪان مجبور ٿي، ظالمن ۽ جابرن جي چاپلوسي ڪرڻ تي مجبور هو. ايتري تائين جو هو پنهنجي عزت وڪڻي ڪري پنهنجو پيٽ پاليندو هو. تنهن ڪري مذهب، سياست ۽ معاشرت جي ڪا بہ ڪنڊ ذهني خوف ۽ جسماني ٻڪ ڪان خالي نہ هئي.

روم جي حملي ڪان پوءِ يونان جو علمي مرڪز تباهہ ٿي چڪو هو. پنجين صدي عيسوي ۾ سڪندريہ جي تمام ئي وڏي علمي مرڪز کي عيسائي راهبن ۽ پادرين ختم ڪري ڇڏيو هو. چين ۾ اندروني جنگين جي ڪري ڪنفيوشس ۽ لاوتز جو فلسفو ۽ تعليم پساهہ پورا ڪري چڪا هئا. ايران ۾ جمشيد پور جو تعليمي مرڪز بہ ننڊ جي خمار ۾ هو. هندستان، جتي سانکي فلسفو ٻڌ فلسفي جي صورت ۾ پيدا هو، اتي بہ تانترڪ مذهب پڪڙي رهيو هو ۽ ماڻهن جادو منتر، قرباني ۽ عياشي کي صوفياڻي رنگ ۾ پيش ڪري، عقل کي ڏيهہ نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي. عام ماڻهن جي ٻولي يعني پالي ٻولي ختم ڪئي وئي هئي ۽ علم کي لڪائڻ جي لاءِ سنسڪرت يعني برهمڻي ٻولي جاري ڪئي وئي هئي. جيتوڻيڪ نالنده اها درسگاهہ هئي جتي برهمڻن ۽ ٻت پرستن جي مذهبن جي، سنسڪرت ۾ تعليم ڏني ويندي هئي ۽ جتي فلسفي، طب ۽ رياضي جي تعليم بہ ڏني ويندي هئي. پر سيئي ذات پات جي ٻنڌڻن ۽ مجاورن جي گهڙيل اصولن ڪان اڳتي وڌي نہ سگهيا هئا. پراڻن خيالن جي پاسداري چوٽ چڙهيل هئي.


Sindhica Academy, Karachi

## حجاز جي خصوصيت:

دنيا جي مقابلي ۾ رڳو حجاز ئي هڪ اهڙو ٽڪرو هو، جتي دنيا جهان جي هر ملڪ جي فلسفي ۽ مذهب کي پناهہ ملندي هئي. ٻئي ڪنهن بہ ملڪ ۾ مذهبي ۽ سياسي پناهگيرن جو ايڏو وڏو هجوم نہ هو، جيترو عرب ۾ هو. انهيءَ جو سبب اِهو هو تہ هتان جي آزادي پسند رهاڪن ڪنهن غير ملڪي فاتح کي ڪڏهن بہ هن پاسي اچڻ جو موقعو ئي نہ ڏنو هو. مڪي ۾ هر مذهب جي واپاري کي مڪمل طرح مذهبي آزادي هئي. حج جي زماني ۾ تہ عام امن جي ڪري، قتل ۽ خون خرابو بہ بنهہ نہ هوندو هو. انهيءَ ڪري هزارين سالن جي واپاري زندگي هتي هڪ عام رواداري پيدا ڪري ڇڏي هئي. هتي مشرڪ ۽ بت پرست، نصراني تثليث کي مڃڻ وارا توڙي نسطوري موحد بہ موجود هئا. يهودين بہ پنهنجي قبيلن جي مخصوص الٰہ، الوهہ يا يهودا جي پوڄا کي جاري ڪري ڇڏيو هو ۽ ٻن خدائن کي مڃڻ وارا مجوسي بہ هئا. مانوي بہ نيڪ ۽ بد ۽ سوجهري ۽ اوندهہ جي فلسفي کي سمجهڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا هئا. هتي عدم تشدد (اهنسا) جي تصور کي ايتري تہ هٿي ڏني وئي هئي، جو حج جي زماني ۾ قتل ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ هئي، پر ڪنهن ٻوٽي يا گندگاهہ جي پن کي پٽڻ بہ منع ٿي ويو هو ۽ ان کي گناهہ سمجهيو ويندو هو. سيئي ماڻهو پراڻين ريتن رسمن ۽ شرافت جي رواج ۾ هلندڙ اصولن جا سختي سان پابند هئا. پنهنجي عزت جي لاءِ سر جو سانگو لاهڻ بلڪل آسان هو. سخاوت، جوابازي، شراب خوري ۽ بدلي يا قصاص تي فخر ڪندا هئا. غلام کي انسانيت ڪان ٻاهر سمجهندا هئا، پر انهن کي رکڻ ۽ غلام بنائڻ کي خراب نہ سمجهندا هئا. ڇوڪرين کي جيئرو پوري ڇڏيندا هئا تہ جيئن غربت جي ڪري ان کي غلاميءَ واري زندگي ڪاٽڻي نہ پوي.

## حق جا ڳولائو:

هر ملڪ ۽ هر دؤر ۾، ڪنهن نہ ڪنهن ڪنڊ ۾ حق جي ڳولا رکڻ وارن جو هڪ ٽولو ضرور هوندو آهي. پوڪي راهي واري زماني ڪان وٺي جڏهن معاشرو ٻن هڪجهڙن طبقن، يعني مالڪ ۽ غلام ۾ بدلجي ويو، ائين ئي پيداواري وسيلن تي قابض طبقي پنهنجي دولت ۽ اقتدار جي زور تي، وسيلن ڪان محروم طبقن يعني غلام ۽ پوئتي پيل عوام تي، پنهنجي دولت ۽ اقتدار


www.sindhsalamat.com

۾ واڍاري جي لاءِ وڏا ظلم شروع ڪري ڇڏيا. انهيءَ ظالماڻي ريت کي ختم ڪرڻ لاءِ پيغمبرن جي موڪلڻ جو سلسلو شروع ٿيو. انهن جي اڳواڻي ۾ مجبور ۽ غلام بڻايل انسانن ڏاڍ ۽ ظلم، اڻ ڄاڻائي ۽ غلامي ۽ بک ۽ بدحالي جي خاتمي ۽ علم ۽ تهذيب کي ترقي وٺائڻ لاءِ ڏاڍن طبقن جي خلاف جدوجهد شروع ڪئي. پر هر دفعي، اڳتي هلي، انهن جي فڪر ۽ عمل کي ميساريو ويو. رومي ڪليسا ۽ شهنشاهيت جي حڪم سان عقل کي استعمال ڪرڻ منع هو. هندستان ۾ ڪاليداس، امر سنگها ۽ دهن ونتري جا نالا سامهون اچن ٿا. ڇهين صدي عيسوي ۾ آريہ ڀٽ، راهمي هير ۽ برهم گپت جا نالا اچي وڃن ٿا جي نجوم ۽ رياضيءَ جا ماهر هئا. ايتري تائين جو راجا هرش پنهنجو پاڻ بہ شيو جي پوڄا ڇڏي ڪري ٻڌ ڌرم اختيار ڪري ورتو هو. هندن جي وڏ گهراڻي ذاتين ۾ ڪي چڱا ماڻهو پيدا ٿيا هئا. هر مذهب ۾ اهڙا عقليت پسند، پراڻين ريتن رسمن کي ٽوڙيندڙ ۽ عوامي مفادن جي حق ۾ ڳالهه ڪرڻ وارا ماڻهو پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن مذهبي اڳواڻن ۽ واڳ ڌڻين ۽ آسودن جو مقابلو ڪندي پنهنجي سر اگهائي ڇڏيا.

## مڪو:

عرب، خاص ڪري مڪو سيني قومن جو واپاري مرڪز هو. اوڀر ۽ اولهہ، روم ۽ شام، هند ۽ ايران جا واپاري هتي اچي گڏ ٿيندا هئا. ڪي سمجهہ ڀريا ماڻهو عوام جي مشرڪاڻي وهم پرستي جي ڪري مايوس ٿي چڪا هئا. ستين صدي عيسوي ۾ ڪيترائي اهڙا نالا ملن ٿا، جن بت پرستي کي ڇڏي ڏنو هو. بتن جي نالن تي جيڪي سڪان باسبيون هيون ۽ قربانيون ٿينديون هيون تن کي اهي حرام سمجهندا هئا. ڇوڪرين کي ماري ڇڏڻ کي پاپ سمجهندا هئا ۽ قديم سادگي ۽ ايمانداري، جيڪا انسان جو فطري گڻ هو ۽ جنهن کي حضرت ابراهيمؑ جي وقت ۾ خدا ترس ماڻهن جاري ڪيو هو، تنهنجي ڳولا ۾ هئا ۽ ان کي جيارڻ گهرن پيا. انهن مان زيد بن عمر بہ هڪ هو جيڪو بت پرستي کي ڇڏي چڪو هو. ورقہ بن نوفل عيسائي ٿي ويو هو ۽ انجيل جو عربي ترجمو ڪري رهيو هو. عبيد الله بن جحش رسول الله ﷺ کان عربي ڪلام ٻڌو تہ هو مسلمان ٿي ڪري حبشہ ڏانهن لڏي ويو. عمر بن عثمان بن الحويرث قيصر روم وٽ هليو ويو ۽ عيسائي ٿي ويو. مطلب تہ اهڙا ڪيترائي حق جا ڳولائو هئا جيڪي شرڪ وارين رسمن کي ڇڏي حق واري دڳ جي ڳولا


Sindhica Academy, Karachi

۾ هئا. ائين پوءِ اهڙي ماحول ۾ پاڻ ﷺ جن خدائي آواز ٻڌو ۽ پوري اعتماد ۽ يقين سان، جيڪو کين ورثي ۾ مليو هو، انسانيت جي سڌاري جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو.

تفصيلي تاريخي پس منظر جيڪو ڇئن حصن تي مشتمل آهي، سو پروفيسر اجمل خان صاحب پاڻ شايع ڪرايو هو. هاڻي وڏي ڪوشش ڪان پوءِ پاڪستان ۾ ان کي شايع ڪيو ويو آهي. مون رڳو تمام ئي ٿورڙن لفظن ۾ انهيءَ دؤر جي باري ۾ معلومات لکي آهي. انهيءَ مختصر پس منظر کي جيڪڏهن وري وري پڙهيو وڃي تہ قرآن کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ملي سگهي ٿي ۽ قرآن سمجهڻ جي باري ۾ ڪجهہ مفسرن آيت وار تفسير جي ذريعي جيڪو نظرياتي مونجهارو پيدا ڪري ڇڏيو آهي، سو تقريباً ختم ٿي وڃي ٿو. ڇوتہ هيءُ پس منظر ٻڌائي ٿو تہ اسلام جي ظاهر ٿيڻ جو مقصد نہ تہ ٻين مذهبن کي ختم ڪري پنهنجي حڪومت قائم ڪرڻ گهري پيو، ۽ نہ ئي رڳو نماز ۽ حج جهڙين ظاهري عبادتن جي ادائگي تي ڇوٽڪاري جو دارومدار رکڻ سيکاري ٿو. ان جي بدران اهو معاشري جي طبقاتي طريقي کي بدلائي توحيدي نظريي جي بنياد تي توحيدي يا غير طبقاتي معاشرو قائم ڪرڻ گهري ٿو. هي معاشرو اهڙن ماڻهن جي تخليق جي ضمانت بڻجي ٿو، جيڪي هڪ پاسي پنهنجي جنس ڄاين يعني انسانذات جي لاءِ رحمت، محبت ۽ صنعت گري جا جذبا رکندو هوندو تہ ٻئي پاسي هو عبادت جي گهٽائي سان پنهنجي فطرت جي نوراني سگهہ (Divine Energy) جي واڌويجهہ جو احساس رکندو هوندو. رڳو ظاهري عبادتن جي ادائگي کي ڇوٽڪاري جو ذريعو بنائڻ، اسلام ۽ ان جي تعليم کي ميسارڻ جي برابر آهي.

ڪجهہ مفسرن سڀ کان وڏي غلطي اها ئي ڪئي آهي تہ اسلام ۽ قرآن جي تاريخي پس منظر کي معاشرتي حالتن کان بلڪل الڳ ڪري ڇڏيو ۽ قرآن کي نبي ڪريم ﷺ جي سيرت پاڪ، يعني سندن انقلابي جدوجهد ۽ ان جدوجهد جي مختلف سماجي حالتن کان الڳ ڪري، پنهنجي ماحول ۾ مطالعو شروع ڪري ڇڏيو. پروفيسر اجمل خان نزولي ترتيب جي تحقيق جي ذريعي قرآن جو رشتو ٻيهر رسول الله ﷺ جي انقلابي جدوجهد ۽ ان جي مختلف دؤرن سان ڳنڍي ڇڏيو آهي. انهن مفسرن قرآن حڪيم جي انقلابي مطلبن تي پنهنجي ذاتي فڪر جا جيڪي ٿُلها پردا چاڙهي ڇڏيا آهن، ان جي ڪري اسلام، جيڪو بک، جهالت، فحاشي، غلامي ۽ مذهبي گروهہ بندي کي


www.sindhsalamat.com

ختم ڪري توحيدي يا غير طبقاتي معاشرو ۽ وحدت انسانيت، اجا بہ آدم جي خلاف قائم ڪرڻ جي لاءِ آيو هو، سو هڪ عالمگير انقلابي تحريڪ جي بدران، هڪ روايت پسند مذهب بڻجي ويو آهي. ان ڪان سواءِ مسلم امت ۾ بہ مذهبي پيشوائيت جو ادارو قائم ٿي ويو آهي. اهي ٻئي پردا انهيءَ تحقيق سان ختم ٿي ويا آهن. قرآن جو زندگيءَ سان لاڳاپو، جيڪو ڪٽجي چڪو هو، سو ٻيهر بحال ٿي ويو آهي. هاڻي اهو لازمي ٿي ويو آهي تہ قرآن جي تفسير جي لاءِ سيرت پاڪ جا اهي انقلابي مرحلا، جن ۾ قرآن نازل ٿيندو رهيو ۽ ان سان گڏ انساني تهذيب ۽ دنيا جي مذهبن جي تاريخ جو گهرو مطالعو ڪيو وڃي، تہ جيئن خبر پئجي سگهي تہ نبوت جي اداري جي شروعات ڪڏهن ۽ چو ٿي؟ ۽ تاريخ ۾ انهيءَ جا ڪهڙا نتيجا نڪتا؟ ۽ دنيا جي مذهبن جي مقدس ڪتابن ۾ ملنڊڙ هڪجهڙي تعليم ڪهڙي آهي؟ ايندڙ صفحن ۾ قرآن جو جيڪو مطالعو پيش ڪيو ويندو، تنهن ۾ اهو ئي مقصد رکيل هوندو.


Sindhica Academy, Karachi

# اسلامي انقلاب جا تاريخي بنياد

اها ڳالھ چڱيءَ طرح سان سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ انقلاب جي سائنس جا ذڪر ڪيل بنيادي جزا ۽ اصول جيتوڻيڪ موجوده زماني ۾ سهيڙيا ويا آهن، تڏهن بہ خاص طرح اشتراڪي انقلاب ڪان پوءِ، انهن جي وڌيڪ چٽائي ٿي وئي آهي. پر اهي اصول ۽ جزا پنهنجي ڇڙوڇڙ حالت ۾ انساني تاريخ جي سڀني انقلابن ۾ موجود رهيا آهن. جڏهن تہ اهي پنهنجي منظم ۽ نمايان حيثيت ۾ رڳو مڪي پاڪ مان ايرندڙ انقلاب ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. تنهن ڪري هيٺ اسلامي انقلاب جي حوالي سان انهن تي ڪجھ وڌيڪ روشني وڌي پئي وڃي. چو تہ انقلاب جي انهن بنيادي اصولن جي روشني ۾ ئي، قرآني فڪر ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي جدوجهد جو حقيقي مفهوم سمجھ ۾ اچي سگهي ٿو. انقلابي اصول جي اها سهيڙ ختم نبوت جو هڪ دليل بہ آهي.

ڪو بہ نظام فڪر ۽ عمل يا زندگيءَ ۽ ڪائنات جو نظريو اوچتو ظاهر نہ ٿيندو آهي، پر اهو پنهنجي هڪ تاريخ رکندو آهي. پنهنجي سهيڙ ۽ جڙڻ ڪان اڳ معاشرتي قوتون، انهيءَ ڪي آهستي آهستي وجود ۾ آڻينديون آهن. وقت جي سڀ ڪان وڏي ضرورت جي طور تي اهو عوام جي جذبن ۽ خواهش جي صورت ۾ موجود هوندو آهي ۽ تاريخ جي ڪنهن مناسب موڙ تي، ڪنهن باصلاحيت ماڻهو جي ذهني ڪوشش جي ذريعي، معاشري ۾ هڪ سگهاري ۽ اثرائتي قوت جي حيثيت سان ابري سامهون اچي ويندو آهي. انهيءَ ڪري ئي ڪنهن بہ نظريي يا فڪر ۽ عمل جو صحيح مطالعو، ان جي تاريخي بنيادن ۽ معاشرتي پاڙن جي پس منظر ۾ ئي ڪري سگهجي ٿو.

اسلام پنهنجي فڪر ۽ عمل جو بنياد، يهوديت ۽ مسيحيت جي ميساريل اصلي سامي مذهبن ۽ آريائي ۽ زرد قومن جي شرڪ ڳاڏڙ مذهبن جي بدران، حضرت ابراهيمؑ جي نظرين ۽ عقيدن تي رکيو. چو تہ دنيا جي مذهبن


www.sindhsalamat.com

جي تاريخ ۾، پوءِ ڀلي اهي اصلي سامي هجن يا آريائي ۽ زرد قومن سان تعلق رکندڙ هجن. رڳو حضرت ابراهيمؑ جي شخصيت ئي اهڙي آهي جنهن جا ڪئي پاسا آهن ۽ جن جي ڪري پاڻ صحيح معنيٰ ۾ بين الاقوامي شخصيت وارا آهن ۽ عالمگير فڪر جي شروعات ڪندڙ سڏيا وڃن ٿا.

سندن شخصيت جو پهريون پاسو اهو آهي ته پاڻ نج توحيد جي فڪر کي اڀاريائون. جيڪو مختلف مذهبن جي شرڪ گاڏڙ تعليم ۾ دٻجي ويو هو. جڏهن ته انساني زندگي جي معاشي، ثقافتي ۽ نظرياتي پاسن ۾ وحدت جي اڏاوت، توحيد جي اقرار تي ئي ڪري سگهجي ٿي. وحدت الاهيه جو مفهوم وحدت انسانيت ۽ مڪمل آزادي آهي. ڊاڪٽر علي شريعتي ٻڌايو ته توحيد ۾ خدا جو هڪ ئي منهن هوندو آهي. يعني عوام جو منهن. جڏهن ته شرڪ ۾ خدا جا ٽي منهن هوندا آهن. يعني فرعون، هامان ۽ مذهبي پيشوا بلعم باعور جا منهن.

قرآن به خدا کي الناس يعني پٺتي پيل، محروم، بکين، مجبور ۽ محڪوم جو رب (معاشي لحاظ کان) عوام جو حاڪم ۽ سربراهه (ملڪ الناس) ذهني، اخلاقي، ارتقا ۽ ذات جي تزڪيي جي لاءِ عوام جو نصب العين (الٰه الناس) چيو آهي. يعني معاشي، سياسي ۽ ثقافتي لحاظ کان عوام جي حاڪميت ۽ سربراهي جو قيام! انهيءَ نقطي نظر کان ڊاڪٽر شريعتي انهن سيني معاشرن کي مشرڪ سڏيو آهي، جيڪي مختلف ٽڪراءَ وارن معاشي طبقن تي ٻڌل آهن. سورة العصر نبين کي شروعاتي معاشرن کان سواءِ سيني طبقاتي معاشرن کي خساري يا ٽوٽي وارا معاشرا سڏيو آهي.

حضرت ابراهيمؑ جي شخصيت جو ٻيو رخ هي آهي ته انهيءَ دؤر جي مهذب دنيا ۾، پاڻ پنهنجي تحريڪ جا ٻه مرڪز قائم ڪيائون. هڪ مرڪز فلسطين ۾، جتي سندن وڏو پٽ اسحاق آزادي، برابري، علم ۽ ڀلائي ۽ بهترين سچائي جي ماپن تي، توحيدي معاشري جي اڏاوت جي لاءِ ڪوششون ڪري رهيو هو.

ٻيو مرڪز حجاز جي مرڪزي شهر مڪي ۾ حضرت اسماعيل جو آهي، جتي هڪ قديم عبادتگاهه. جنهن جي نشاندهي قرآن ۽ شهرستاني ”الملل والنحل“ ۾ ڪئي آهي، اڏي پنهنجو فڪري مرڪز قائم ڪيو. جاگرافيائي لحاظ کان عرب جي ٻيٽ کي ڌرتي جي گولي تي هڪ مرڪزي حيثيت حاصل آهي. جو ته ان سان ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ کنڊن جون


Sindhica Academy, Karachi

سرحدون ملن ٿيون. مڪو پنهنجو پاڻ به انهن مرڪزي شهرن ۽ اچ وڃ وارن رستن مان هڪ هو جن تي انهيءَ دؤر جي واپاري، تمدني ۽ علمي زندگيءَ جو دارومدار هو: جيئن ايٿنز، روم، انطاڪيه، سڪندريه، بلخ، ري، بغداد، دمشق، غزني، ٽيڪسلا ۽ ڪاشي (بنارس) وغيره هئا، جيڪي بين الاقوامي واپار ۽ علمن ۽ فنن جو مرڪز رهي چڪا هئا. انهن مان ڪجهه ته اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت به پنهنجي اڳوڻي حيثيت ۾ موجود هئا.

فلسطين جو مرڪز ته يهودي يا عبراني قوم جي فڪر ۽ عمل کان ٿيندو حضرت عيسيٰؑ کان پوءِ پنهنجي تاريخي پڄاڻي کي پهتو. پر يهوديه (Jodia) تي روم جو قبضو ٿي وڃڻ جي ڪري، حضرت مسيح جي تعليم، جيڪا اصل ۾ حضرت ابراهيم ﷺ جي ئي فڪر ۽ عمل جي هڪ شاخ هئي، سڄي يورپ ۾ پکڙجي وئي، جنهن کي اڳتي هلي سينٽ پال بگاڙي ڇڏيو ۽ اها ئي بگاڙيل مسيحيت يورپ جو مذهب بڻجي وئي.

حضرت عيسيٰؑ کان پوءِ مڪي جو مرڪز محمد عربي ﷺ جي بعثت جي ڪري، دنيا جي قومن ۾ مرڪزي حيثيت اختيار ڪري ورتي. اهڙي طرح حضرت ابراهيمؑ جا ديني فڪر ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ ۾ مشهور ٿي ويا ۽ انهيءَ مشهوري جي ڪري ئي حضرت ابراهيمؑ جي فڪر جو ڪردار بين الاقوامي ٿي پيو.

يهودي ذهنيت، مڪي جي ابراهيمي توحيد واري مرڪز کي نظرانداز ڪري، فلسطين جي هيڪل سليماني سان پنهنجي پاڻ کي واڳي ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي بين الاقوامي حيثيت وڃائي ڇڏي. انهيءَ جي برخلاف مسيحيت پنهنجي تعليم جي اشاعت کي بين الاقوامي شڪل ته ڏني، پر توحيد جي خالص نظرياتي بنياد جي جاءِ تي تثليت، ڪفاري، موسوي شريعت جي منسوخي ۽ دنياوي زندگيءَ کي خيرآباد چئي رهبانيت کي پنهنجائي ورتو. انهيءَ طرز عمل جي ڪري يهوديت جي مذهبي گروهه بندي وانگر مسيحيت به هڪ مذهبي گروهه بڻجي وئي ۽ پاپائيت (يعني هڪ ماڻهو) کي هڪ جدا مرڪز بڻائي ڇڏيو. جنهن جي ڪري ڪيترين ئي خرابيون پيدا ٿي ويون، ۽ مارٽن لوٿر جي مذهبي سڌاري جي تحريڪ ڪَرُ کنيو، ٻئي پاسي صنعتي يورپ ۾، سائنسدانن ۽ انسان دوست دانشورن جي طرف کان، ڪليسا جي سائنس دشمني ۽ عقيدن جي اختلاف کي بنياد بڻائي، انسانن تي خوفناڪ ظلم ۽ ڏاڍ جي ڪري، مذهب کي رد ڪيو ويو ۽ ان جي جاءِ تي سيڪيولر


www.sindhsalamat.com

نقطي (Secularism) کي عام شهرت ملي وئي. تنگ نظر قوميت جي تصور جي عالمگير مسيحي امت جي تصور جاءِ والاري ورتي. ان کان سواءِ مسيحيت، يهوديت وانگر مذهبي گروهه بندي ۽ رسمن ۽ ظاهر پرستي سان گڏ وياج تي مبني معاشي نظام کي به پنهنجائي ورتو، جنهن اڳتي هلي تمام ئي خونخوار ۽ بي رحم سامراجيت جي صورت اختيار ڪري ورتي. انهيءَ سامراجي ۽ وياج تي مبني معيشت ايشيا، آفريڪا، ۽ لاطيني آمريڪي قومن جي مزدورن جي محنت جو بڇڙي نموني استحصال ڪيو ۽ انهن جي زرعي، معدني، پيٽرول ۽ سون ۽ جواهرن جي ذخيرن کي تمام ئي بيشرميءَ سان لٽيو. مسيحيت جي حالت ايتري تائين پهچي وئي جو ڪليسا جهڙي تمام ئي وڏي تنظيم جي هوندي، اولهه جي قومن جا اڇي چمڙي وارا ماڻهو، ٽن سئو سالن تائين آفريڪا جي رهاڪن کي پڪڙي برطانيا ۽ خاص طرح آمريڪا ۾ وڪرو ڪندا رهيا. غلاميءَ جي هيءَ اها تمام ئي مڪروهه، ڏاڍائي ۽ بي رحمي واري صورت هئي، جنهن جو مثال قبل مسيح وارين تاريخن ۾ به، غلامن تي اهڙي ڏڪائيندڙ ظلم ۽ زيادتي جو ڪٿي به نٿو ملي. غلامن کي آڻڻ جي لاءِ برطانيه جي راڻي جيڪو جهاز ڏنو هو، انهيءَ جو نالو به جهاز المسيح هو.

اسلام جي جامعيت ۽ عالمگير هجڻ جو هڪڙو دليل هيءُ به آهي ته هن آريائي ۽ زرد قومن جي مذهبن ۽ ان جي مقدس بانين جو جيتوڻيڪ چٽائيءَ سان ذڪر نه ڪيو آهي، ڇو ته اهي قومون ان جون سڌوسنئون مخاطب نه هيون، پر اهو چٽي ڪري ته هن ڪجهه نبين جا نالا ٻڌايا آهن، ۽ ڪن جا نالا نه ٻڌايا آهن (المؤمن آيت 87)، سامي نسل جي نبين کان سواءِ به سيني قومن جي رهبرن کي پنهنجي پروگرام ۾ شامل ڪري ڇڏيو. انهيءَ کان سواءِ نموني جي طورتي حضرت لقمان، جيڪو گهٽي ياڳي مفسرن وٽ نبي نه هئو، جي تعليم کي به پنهنجائي ورتو. سائرس (ذوالقرنين) ۽ ذوالڪفل (مهاتما ٻڌ) جهڙن آريائي مذهبن جي بانين جو مختصر ذڪر ڪري، پنهنجي تعليم جو دائرو انهن قومن تائين پکيڙي ڇڏيو. هڪ حديث پاڪ ۾ جناب ڪرشن جو هن طرح ذڪر ڪيو ويو آهي ته ”اسمه کاهن لونه اسود“ يعني ان جو نالو ڪاهن ۽ رنگ ڪارو آهي ان جو وطن هند آهي.

شاهه ولي الله محدث دهلويؒ نبوت ۽ نبوت جي قابليت جي موضوع تي هڪ ڊگهو بحث ڪيو آهي. اهڙي طرح قرآن ڪجهه اصحابن جي فيصلن کي به وحي الاهي جي سند عطا ڪري، اهو ٻڌائي ڇڏيو ته هر اها تعليم، راءِ يا


Sindhica Academy, Karachi

مشورو، جنهن جو بنياد انسان جي ذهني سڌاري، اخلاقي سڌرائي، معاشي ۽ سياسي برابري، آزادي، امن ۽ سلامتي ۽ وحدت فڪر تي ٻڌل هوندو ته اصل ۾ اها الله جي ئي ڳالهه آهي، ڇو ته الله تعاليٰ الناس (عوام) جو پالڻهار، مالڪ ۽ معبود آهي. انهيءَ کان سواءِ قرآن عبادتن جي شڪل کي اهميت نه ڏني آهي، رڳو نفس جي پاڪائي، اخلاقن جو سڌارو، ۽ عوام جي سار سنڀال تي زور ڏنو آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ انساني عزت ۽ مرتبي جو دارومدار نسل، رنگ قوميت، مذهب يا ٻوليءَ جي بدران پرهيزگاري يعني سٺن اخلاقن، محبت، برابري، علم ۽ نيڪيءَ تي رکيو آهي.

تنهن ڪري اسلام کان اڳ، جتي يهوديت ۽ مسيحيت جي تعليم ميسارجي چڪي هئي، اتي يونان، ايران، چين، اسڪندريه ۽ هندستان جي مذهبَ ۽ فلسفياڻا فڪرَ ۽ اسڪولَ به زندگيءَ جي مسئلن کان الڳ ٿي چڪا هئا. انهن مان ڪجهه ته رڳو تاريخ جي صفحن ۾ پساهه کڻي رهيا هئا ۽ باقي ٻين جو زمين تي نالو نشان به باقي نه رهيو هو.

اسلام نبوت واري سلسلي جي خاتمي جو اعلان ڪري جتي داخلي عقليت (Inductive Rationalism) ۽ تجربي ۽ مشاهدي جي ذريعي انساني مسئلن کي اڪلائڻ ۽ سلجهائڻ جي اهميت کي مڃيو، اتي هاڻي ٻئي ڪنهن نبي جي نه اچڻ جو اعلان ڪري انساني وحدت جي خلاف ڪنهن نئين مذهبي گروهه جي اڏاوت جو دروازو سدائين جي لاءِ بند ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڪري مولانا عبيدالله سنڌي فرمايو آهي ته ختم نبوت جي عقيدي کي اڄوڪي ٻوليءَ ۾ اسلامي انقلاب جو بين الاقوامي پروگرام چيو ويندو.

حضرت ابراهيمؑ جي شخصيت جو ٽيون رخ الاهي تجلي جي ظاهر ٿيڻ جي صابيت کان حنفيت ڏانهن منتقلي آهي. انهيءَ مسئلي تي شاهه ولي الله دهلويؒ جيڪو هندستان ۾ اسلامي فڪر جو سڀ کان وڏو شارح ۽ انساني وحدت جو زبردست مبلغ آهي، روشني وڌي آهي. انهيءَ جي باري ۾ مولانا عبيدالله سنڌي، جيڪو شاهه ولي الله جي حڪمت جو سڀ کان وڏو مفسر آهي، شاهه ولي الله جي انهيءَ تصور جي وضاحت ڪندي فرمائي ٿو:

> ”شاهه صاحب جي تصوف ۾ اهو ئي ڪمال آهي ته هو تجلي الاهي جو مسئلو اهڙيءَ طرح سمجهائي ٿو جو ان جو هڪ پاسو ته واجب الوجود (جنهن جي لاءِ هر مذهب پنهنجو الڳ نالو ڏنو آهي) سان من وجه عينيت واري نسبت رکي ٿي. يعني انهيءَ تجلي سان تعلق


www.sindhsalamat.com

رکڻ تي چئي سگھجي ٿو تہ اسان الله تائين پهچي وياسين“. ”ٻئي پاسي تجلي پنهنجي مظهر جي رنگ ۾ اهڙيءَ طرح رنگجي وڃي ٿي جو انساني عقل ۽ باطني حواس جو وچ انهيءَ سان تعلق پيدا ڪري سگھي ٿو. ۽ هن ڪان پوءِ اهو چوڻ صحيح هوندو آهي تہ مون خدا تعاليٰ کي ڏٺو يا ان جي ڳالھ ٻڌي!“

”انهيءَ طرح جي هڪجھڙائي ڪان پوءِ آرين فلاسافي (حڪمت) ۽ سامي نبوت ۾ اختلاف ختم ٿي ويندو“.

(شاھ ولي الله کي حڪمت ڪا اجمالي تعارف، ص 85)

انهيءَ باري ۾ پروفيسر محمد سرور فرمائي ٿو تہ:

”مولانا سنڌي مذهب جي باري ۾ سموري انساني فڪر جي ارتقائي ڪشمڪش کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿو. هڪ حصو جيڪو حضرت ابراهيم ؑ کان پهريان گذري چڪو آهي، جنهن کي صابي دؤر چئجي ٿو. ٻيو حصو حضرت ابراهيم ؑ کان حنيفيت جي دؤر تي مشتمل آهي“.

”آدم ؑ جي زماني کان وٺي جيڪي شريعتون مقرر هيون، اهي انهيءَ فلسفي جي ماتحت هيون ۽ انهيءَ زماني جي ضرورتن کي پورو ڪنديون هيون. جيئن جيئن انسانيت ترقي ڪندي وئي، تيئن تيئن انهيءَ فلسفي جي تشريحن ۾ بہ واڌارو ٿيندو ويو. حضرت ابراهيم ؑ کان پهريان وارو دؤر صابئن جو دؤر آهي. تاويل الاحاديث ۾ انهيءَ دؤر جي (جنهن ۾ حضرت آدم ؑ، ادريس ؑ، نوح ؑ ۽ ابراهيم ؑ کان اڳ وارا نبي سڀ‍ُورا داخل آهن) پوري تشريح ملندي. حضرت ادريس ؑ طبعي، ارضياتي ۽ الاهي علمن جو باني سمجھيو وڃي ٿو. حڪمت جي انهن قسمن جو مرڪز بدلبو رهيو. ڪڏهن هند، ڪڏهن ايران ۽ ڪڏهن يونان. ان ڪان پوءِ ابراهيمي دؤر آيو. حنيفن انهيءَ فلسفي جي صورت کي ٻئي رنگ ۾ پيش ڪيو. فلسفو اهو ئي آهي جيڪو صابئين جي دؤر ۾ هو، انهيءَ جي تشريحي صورت بدلبي پئي وڃي“.

”لفظ ”صابي“ جي تشريح ۾ مولانا فرمايو تہ مشهور عرب تاريخدان ابن اثير هندن، چينين، يونانين ۽ ٻين قديم قومن کي صابي سڏي ٿو. صابي عقيدن ۾ نظارا پرستي جي بنياد تي ٻڌل دين آهي. انهن وٽ لدني علم جي تجلي، روشن ستارن تي ٿيندي آهي ۽ قدرت جي


Sindhica Academy, Karachi

نظارن جي درسني ۾ خالق جو جلوو نظر اچي ٿو“.

حنيفيت ۾ انهيءَ تجلي جي جلوي واري جاءِ ڪامل ماڻهن جي دل آهي. انهيءَ کي حنفي ملت ۾ ”نبي ڪريم ﷺ“ چيو ويندو آهي. عام مسلمانن حران ۾ رهڻ واري هڪ محدود فرقي کي صابي سمجھيو آهي. اصل ڳالھ هيئنئن آهي تہ اسلام، عيسائيت ۽ يهوديت کان سواءِ، باقي قومن جي ماڻهن کي صابئين ۾ ڳڻيو وڃڻ گھربو هو“. (افڪار و حالات، مولانا عبيد الله سنڌي، ﷺ 85-86)

مولانا فرمائي ٿو:

”ٻين ملڪن جا عالم، جيڪي گذريل صدي ۾ جدت وارو فڪر رکن پيا، انهن مان جن کي شاھ صاحب جا قرآني، حديثي ۽ فقهي علم پهتا، سي ان جو چڱيءَ طرح قدر ڪندا رهيا. پر شاھ صاحب جي تصوف کي مڃڻ انهن جي لاءِ تمام ڳري ڳالھ هئي. انهيءَ مان اهي سمجهن ٿا تہ اسان ايرانيت ۽ هنديت ڏانهن ويجهو پيا ٿيندا وڃون. جڏهن تہ اهي سامين ۽ آرين قومن ۾ هڪ ٽڪراءُ ثابت ڪرڻ ۽ پنهنجي پنهنجي ڳالھ کي مٿي ڪرڻ جي لاءِ ضروري سمجهن ٿا. حجاز ۾ رهندي، اهڙي قسم جي ماڻهن سان اسان جو گھڻو واسطو پيو. پر جڏهن اسان انهن جو پنهنجي عظيم مقصد ڏانهن ڌيان ڇڪايو جيڪو آرين قومن کي سامي نبوت جي سمجھائڻ سان پيدا ٿئي ٿو ۽ انهيءَ سان انسانيت جيترو بلندي تي پهچي ٿي، انهيءَ جي لاءِ شاھ صاحب جي تصوف، رستي جي خرابين کي ٻهاري ڇڏيو آهي، تہ اهي انهيءَ جو قدر ڪرڻ لڳا“.

(شاھ ولي الله کي حڪمت ڪا اجمالي تعارف ص، 86)

اهڙيءَ طرح شاھ ولي الله ۽ ان جي مفسر مولانا عبيد الله سنڌي حضرت ابراهيم ؑ جي حنيفيت ۽ نبوت ۽ صابي يعني آريا قومن جي حڪمت ۾ هڪجهڙائي ڏئي اسلام کي بين الاقوامي فڪر قرار ڏئي ڇڏيو.

اسلامي انقلاب جي بين الاقوامي رخ کي واضح ڪرڻ کان پوءِ هاڻ انهيءَ جو قومي رخ پيش ڪيو وڃي ٿو.


www.sindhsalamat.com

# اسلامي انقلاب جو قومي ۽ ذاتي پس منظر

مڪي جي بين الاقوامي حيثيت جي ڪري اتي هر سال هڪ واپاري پڙي لڳندي هئي جنهن کي ”سوق عڪاظ“ چيو ويندو هو. اها پڙي طائف کان مڪي تائين ڏهن ملين جي علائي تي پکڙيل هوندي هئي. انهيءَ ۾ هندوستان، چين، ايران، حبش، مصر، سمرقند، بخارا، مطلب ته ڏورانهن ملڪن جا واپاري پنهنجو مال کپائڻ جي لاءِ آڻيندا هئا ۽ گڏوگڏ پنهنجي مذهبن، فڪرن، فلسفن ۽ ٻين علمن کي به آڻيندا هئا. انهيءَ ڪري ئي مڪي ۾ سڀني مذهبن جي بنيادي تعليم، فڪرَ ۽ نظريا پکڙيل هئا. انهيءَ صورتحال کي ڏسي ڪري اها ڳالهه پڪي طرح چئي سگهجي ٿي ته اسلام رڳو عرب ۽ حجاز جي مقامي حالتن جي پيداوار نه هو، پر انهيءَ جي نظرياتي جوڙجڪ ۾ دنيا جي سڀني مذهبن جي فڪرن، رسمن ۽ مختلف فلسفن جي مڪتبن به حصو ورتو هو.

انهيءَ باري ۾ مولانا سنڌي فرمائي ٿو ته:

”قرآن حنيفيت ۽ صابيّت، ٻنهي قومن جي فڪرن جو بلڪل وچ آهي. صابي ذهنيت به انهيءَ نور مان فائدو ماڻي سگهي ٿي ۽ حنيفيت به. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي هڪ حديث ۾ روايت ٿيل آهي ته ”ڪل ارض مثل آدمڪم و نوح مثل نوحڪم“. فرمايائون ته ”هتي ارض جو مطلب قوم آهي ۽ دنيا کي ستن وڏين قومن، تهذيبن يا جهانن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.“ تورات، انجيل ۽ قرآن رڳو اهڙي طرح جي هڪ قوم جي تاريخ آهي. انهيءَ قسم جا واقعا لڳ ڀڳ سمورين قومن تي گذري چڪا آهن.“

مولانا صاحب فرمايو: اهو سمجهڻ ته الله تعاليٰ جا پيغمبر ۽ خلق خدا کي سڌي واٽ ڏيکارڻ وارا رڳو دجله ۽ فرات جي ماٿرين ۽ شام ۽ حجاز ۾ ئي آيا، ڪنهن به طرح مڃڻ جوڳو نه آهي.


Sindhica Academy, Karachi

مولانا صاحب وڌيڪ فرمايو:

”شاهه صاحب (شاهه وليُّ اللّٰهؒ) جي انهيءَ فڪر مان ئي مون اهو سمجهيو ته قرآن مجيد قومن کي گڏائي هڪ ڪنڌڙ آهي ۽ اهو رڳو هڪ گروهه يا قوم جي تاريخ جي بيان تائين محدود نه آهي. ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته ان ۾ گهڻو تڻو ذڪر بني اسرائيل جي نبين جو ڪيو ويو آهي، پر اهو به هڪ مصلحت ۽ وقت جي گهرجن موجب هو. پڪ سان فڪر به انسانيت وانگر لامحدود هوندو آهي. پر جڏهن اهو ٻين کي ٻڌائڻ جي لاءِ خاص لفظن ۽ حرفن ۾ بيان ڪرڻو هجي، ته مخاطبن کي ڌيان ۾ رکندي، ان کي هڪ خاص وقت ۽ علائقي سان مخصوص ڪرڻو پوندو آهي. قرآن جي انداز جي حدبندي به انهيءَ سبب جي ڪري ئي آهي. پر انهيءَ جي باوجود، هر هنڌ ان جي آيتن ۾ سمايل مفهوم جي عالمگيريت ۽ جامعيت بلڪل چٽي آهي. جيڪڏهن ماڻهو قرآن جي مطالعي ۾ غور ۽ فڪر کان ڪم وٺي ته ان تي اها ڳالهه واضح ٿي ويندي ته سموري انسانذات قرآن پاڪ ۾ پنهنجو مطلب ۽ مقصد حاصل ڪري سگهي ٿي.“ (افڪار و حالات: صفحه86)

انهيءَ ڪري اسلام حضرت ابراهيم عليه السلام جي تحريڪ کي، سامي قومن جي دائري مان ڪڍي، آريائي ۽ زرد قومن (صابئين) تائين پکيڙي ڇڏيو ۽ يهوديت ۽ نصرانيت کان سواءِ، غير سامي قومن جي ڏاهن جي فڪرن ۽ نظرين مان به استفادو ڪيو. انهيءَ ڪانسواءِ يهوديت ۽ مسيحيت جي فڪري ۽ عملي غلطين جي خلاف جدوجهد، اسلام جي نظرياتي ۽ سماجي ماحول جي تياري ۾ تمام گهڻو حصو ورتو.

## ذاتي پس منظر:

پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن، نبوت کان اڳ وارن پنهنجي واپاري سفرن ۾، مختلف قومن جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي مطالعي ۽ مشاهدي مان نتيجا اخذ ڪيا. مظلوم ۽ محروم فردن جي عملي سهائتا جي لاءِ پاڻ هڪ عوام دوست ۽ انساني همدردي واري مجلس، ”حلف الفضول“ جو بنياد وڌائون. ڇو ته اهڙي نموني جي هڪ تحريڪ بني اسرائيل جي نبين ۾ به قائم رهي چڪي هئي جنهن کي ايسينية (Essenies) چيو ويندو هو. حضرت عيسيٰ[4] به انهيءَ


www.sindhsalamat.com

فرقي يا تحريڪ جو هڪ رڪن هو. اهو فرقو حضرت عيسيٰ[4] کان پوءِ عيسائيت ۾ ضم ٿي ويو هو. ويجهڙائيءَ ۾ ئي انهيءَ فرقي جا آثار بحيره مردار کان اٺ ميل پري هڪ ڀِڙي جي کوٽائيءَ مان لڌا ويا آهن. جيڪا انهيءَ فرقي جي هڪ وسندي هئي.

نندپڻ جي ڏينهن ۾ ٻڪرين چارڻ جي محنت ۽ تڪيلف جي احوالن کان واقفيت ۽ پنهنجي اعليٰ اخلاقن جي ڪري عوام جي اندر صادق ۽ امين جي حيثيت ۾ شهرت ماڻڻ. حجر اسود کي پنهنجي جاءِ تي لڳائڻ جي سلسلي ۾ پنهنجي ڏاهپ سان عرب قبيلن ۾ هڪ خونخوار جنگ کي روڪڻ واري تدبير سان، سندن امن دوستي ۽ جنگ ۽ فساد کان نفرت جو اظهار هو. سوق عڪاظ جي ڪري مڪي ۾ پکڙيل مذهبن ۾ موجود فڪري غلطين ۽ انهن مذهبن جو انساني زندگي جي عملي مسئلن سان لاتعلقي ۽ بي عملي تي غار حرا جي خاموش اڪيلائين ۾ ويچارڻ. اهي سيئي ڳالهيون پاڻ ﷺ جي فڪري طريقيڪار جو ڏس ڏين ٿيون.

غار حرا ۾ ڳوڙهي سوچ ويچار کانپوءِ پاڻ ﷺ جن سمجهي ڇڏيو هو تہ تاريخ جي شروعاتي دورن کان ئي ظالم ۽ مظلوم، حاڪم ۽ محڪوم، آقا ۽ غلام جي وچ ۾ هڪ ڇڪتاڻ ۽ ٽڪراءَ جي ڪيفيت هلندي پئي اچي. اهڙي طرح مختلف قومن، ملڪن ۽ معاشي طبقن ۾ اندروني ڇڪتاڻ ۽ خونخوار فسادن جي نوعيت ۽ انهن جي سببن جي ڪين واقفيت ٿي چڪي هئي. ايراني ۽ رومي سامراجي حڪومتن جي وچ ۾ هلندڙ جنگ ۾ ٻنهي طرفن کان غلامن تي ٻڌل فوجون حصو وٺنديون هيون ۽ انهن ڊگهي عرصي تائين هلندڙ جنگين، جن جو اصل سبب طبقاتي ڇڪتاڻ ۽ ٽڪراءُ هو، عربن جي واپار ۽ انهن جي رستن کي بند ڪري ڇڏيو هو، جن تي قريش ۽ ٻين عرب قبيلن جا واپاري قافلا ايندا ويندا هئا.

آخرڪار انهيءَ ڳٽتي، سوچ ويچار ۽ غور ۽ فڪر رمضان مهيني جي سترهين تاريخ جي بابرڪت رات جي آخري حصي ۾، جنهن کي قرآن ڪريم ”ليلة القدر“ چيو آهي ۽ جڏهن پاڻ ﷺ جي عمر مبارڪ چاليهن سالن جي ٿي چڪي هئي، وحي الاهيءَ جي روشني ۾ سورت علق جي پهرين پنجن آيتن ۾ زندگيءَ کي ٻيهر سکيو ستابو ۽ جاري ساري رکڻ، انسانن وچ ۾ نسل، قوميت، رنگ، مذهب ۽ ٻوليءَ ۾ فرق جي بنياد تي پيدا ٿيڻ وارن ويڇن ۽ تصورن کي ٻاهر ڪري ڇڏڻ، فطرت جي مظهرن جي پوڄا جي جاءِ تي انهن جي


Sindhica Academy, Karachi

مطالعي ۽ انهن ۾ ڪم ڪرڻ وارن قانونن کي سمجهڻ ۽ انهن کي انسان جي تعميري مقصدن ۽ ڀلائي جي لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ تخليق جي مسئلي کي صحيح بنيادن تي حل ڪرڻ جي لاءِ نہ رڳو بنيادي تصورَ مهيا ڪري ڇڏيا، پر عملي اُپائن جو ڏڳ بہ سمجهائي ڇڏيو ويو.

تنهن ڪري اسلام جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ جي انهن ذاتي، قومي ۽ بين الاقوامي حالتن ۽ وحي الاهيءَ جي روشنيءَ ۾ وجود جي اصليت (Ontology) ۽ علم (Epistemology) جي بنيادي مسئلن جو حل ڏيڻ سان، نبوت واري سلسلي جي خاتمي جا سبب مهيا ڪري ڇڏيا. جنهن جو مطلب اهو هو تہ پهرين وحي کان پوءِ، اچڻ وارن زمانن ۾ انسان کي وري وري نبوت جي رهنمائي جي ضرورت نہ رهندي، پر هو پنهنجي علم ۽ تجربي ۽ وحي الاهي جي انساني زندگيءَ جي سڀني رخن تي، ان جي بنيادي جزن جي روشنيءَ ۽ مدد سان، پنهنجي مقصد حيات يعني عالمگير روحاني، غير طبقاتي معاشري جي منزلن تائين پهچ حاصل ڪرڻ جي قابل ٿي ويو آهي، جنهن ۾ هڪ فرد پنهنجو پاڻ کان بيگانو ٿي وڃڻ واري ڪُن مان ڇوٽڪارو ماڻي وٺندو ۽ انسانيت پنهنجي وڃايل وحدت ۽ جنت کي ٻيهر حاصل ڪري وٺندي.


www.sindhsalamat.com

# اسلامي انقلاب جي پهرين منزل

## ڀاڱو پهريون: صبح ولادت

وانت لما ولدت اشرقت الارض — وضـــائت بنـــورک الافـــق
فنحن في ذلک الضياء في النور — وســـهل الرشـــاد نختـــرت

(العباس بن مطلب)

پرهه ڦٽيءَ جو پهر هو. ربيع الاول جو چنڊ ستارن جي جهرمٽ کي ڏسي کيتري دير تائين دير اڳي لکي ويو هو. باک جو سوجهرو ستارن جي ٽڏي مٿي روشني تي سوڀارو ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. جون مهيني جي گرمي کي بياباني رات مڪمل شڪست ڏئي ڇڏي هئي. جبل عرفات کان بوقبيس تائين بيابان جون نرم هبڪارون، صبح جي ٽڏڙين هيرن سان گڏ نخري سان اڇي رهيون هيون. سج جا سونهري ڪرڻا، بحر الهادي ۾ وهنجي سهنجي ڪيترائي ڪلاڪ پهريان روانو ٿي چڪا هئا ۽ هوانگ هو جي ماٿري ۾ لاتزي جي سادي زندگي، ڪنفيوشس جي آڳاٽي وضع داري ۽ گوتم ٻڌ جي آرين مارگ (صراط مستقيم) سان پاڪر ۾ هئا. هتان کان اڳتي وڏي گنگا ۽ جمنا جي لهرن کي گهوريندي اهي ڪرڻا، سون وانگر جرڪندڙ ماٿري ۾ بيهي ويا هئا، ڇو تہ سمرقند اوپر جو يونان ٻڌجي ويو هو.

ٿورو اڳتي يوناني ۽ ساساني غلامن جون فوجون پنهنجي آقائن جي لاءِ فارس کان آفرڪا ۽ اطاليہ تائين تباهي مچائي رهيون هيون. انهيءَ سان گڏوگڏ يونان، شام، روم ۽ هند جي بهترين ڪتابن جو پهلوي ٻوليءَ ۾ ترجمو بہ جاري هو. اهو فلسفو، جيڪو جسٽينين جي حڪم سان ايڪيتاليهہ سال پهريان پنهنجي مدرسن کي بند ڪري چڪو هو، مختلف ملڪن ۾ پکڙجي پنهنجي


Sindhica Academy, Karachi

آڳاٽن بحثن کي جاري رکيو ويٺو هو. پر مذهب، لڙائي ۽ واپار سڄي دنيا کي ٻن طبقن ۾ ورهائي ڇڏيو هو، جن مان هڪ ظالم (آقا) ۽ ٻيو مظلوم (غلام) هو.

### حجاز:

ريگستاني عرب جو اهو علائقو، جنهن کي هاڻي حجاز چون ٿا، نہ تہ هن وقت تائين ڪنهن سڪندر جي حڪم هيٺ آيو آهي، نہ ئي ڪنهن فاتح کي هن پاسي وڌڻ جي جرئت ٿي آهي. هزارين سالن کان سڄ ۽ چند مڪي جو طواف ڪندا رهيا، پر اڄ تائين انهن واپاري سرگرمين ۽ مهمان نوازي جي محفلن کانسواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي ڏٺو. هزارين سالن کان حج اڪبر جي موقعي تي، مذهب جيڪو واپار ۽ امن جو فرمان جاري ڪري ڇڏيو هو، اهو اڃا تائين جاري آهي. حج اصغر يعني اعتدال شمسي يا خريف ڪتيءَ جي منڊ ۾ بہ مذهب اڳيان اچي ٿو ۽ امن جي اعلان سان واپار ترقي ڪري ٿو. بهرحال مقصد واپار ۽ خوشحالي آهي. انهيءَ ڪري ئي مذهب جي ڪا واٽ مقرر نہ آهي. بي ديني کان بت پرستي تائين جيترا بہ طريقا ٿي سگهن ٿا، سڀئي جاري آهن. انڪار ۽ اقرار، ڪفر ۽ ايمان جا جيترا بہ طريقا ٿي سگهن ٿا، سڀني جا ساٿي هتي موجود آهن. مطلب تہ مهذب دنيا ۾ رڳو حجاز ئي هڪ اهڙو علائقو آهي، جتي سڀني مذهبن کي معاش جي لاءِ جيئاريو ويو آهي. اتي ڪنهن هڪ خيال يا پارٽي يا شخص جي حڪومت نہ آهي، پر انهيءَ خيالن جي فرق ۽ جاودگريءَ هڪ طرح سان خيالن جو ڳٽ جوڙ پيدا ڪري ڇڏيو آهي.

محرم ۾ ابرهہ جو لشڪر تباهہ ٿي ويو هو. حملي جي دوران ئي سڀئي حاجي سفر جي تياري ڪري چڪا هئا ۽ واپارين جا قافلا عڪاظ ڏانهن روانو ٿي چڪا هئا. مڪي ۾ حملي جي پنجويهن ڏينهن کان پوءِ خاموشي ڇانيل هئي. ربيع الاول جي نائين يا ٻارهين تاريخ هئي. پرهہ ڦٽيءَ جو نور اڃا پوري طرح نہ پکڙيو هو جو سڄو جهان محمد عربي ﷺ جي ڄمڻ سان پرنور ٿي ويو ۽ فاطمہ زوجہ بن ابوالعاص رض جيڪا سيده آمنہ وٽ موجود هئي اهو ڏسي حيران ٿي وئي تہ انهيءَ رات جو آسمان جا ستارا وڏيڪ چمڪندڙ ۽ ويجها پئي محسوس ٿيا. ڄڻ تہ سموري ڪائنات خليل الله جي دعا ۽ مسيحا جي خوشخبري تي گهور ٿي رهي هئي.

رَبَّنَا وَابْعَثْ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ


www.sindhsalamat.com

وَالۡحِکۡمَةَ وَیُزَکِّیۡهِمۡ ؕ اِنَّکَ اَنۡتَ الۡعَزِیۡزُ الۡحَکِیۡمُ ﴿۱۲۹﴾

(خليل الله جي دعا: سورة بقره)

وَمُبَشِّرًۢا بِرَسُوۡلٍ یَّاۡتِیۡ مِنۡۢ بَعۡدِی اسۡمُهٗۤ اَحۡمَدُ ؕ

(مسيحا جي خوشخبري: سوره الصف)

مطلب جي آڪهه ۾ خوشيءَ جون هيرون ڳهلڻ لڳيون. ابولهب پنهنجي ٻانهي ثوبيہ کي انهيءَ خوشيءَ ۾ آزاد ڪري ڇڏيو. سيده آمنہ ننڍڙي محمد (صہ) کي ٻن چئن ڏينهن تائين کير پياريو، ان کان پوءِ ثوبيہ پيارڻ شروع ڪيو.

عربن جي رواج موجب سردارن جي ٻارن کي کير پيارڻ جي لاءِ ڳوٺاڻيون عورتون وٺي وينديون هيون، پر محمد ﷺ کي يتيم سمجهندي ڪنهن نہ ورتو. آخرڪار سعديہ قبيلي جي هڪ عورت حليماء خالي هٿين موٽي وڃڻ بدران يتيم محمد ﷺ کي وٺي وڃڻ ئي مناسب ڄاتو. اهو بنو سعد قبيلو، طائف جي چراگاهن ۾ ڦرندو هو ۽ بنو هوازن جي هڪ شاخ هو. هن قبيلي جي ٻولي پوري عرب جي لاءِ فصاحت ۽ بلاغت جو مثال هئي. انهيءَ ڪري ئي پاڻ فرمايو هئائون:

انا من اعرابکم انا من قريش و لساني لسان بني سعد بن بکر
”مان نج عرب آهيان، ڇو تہ مان قريش منجهان آهيان ۽ منهنجي ٻولي بہ نج آهي، جيڪا بنو سعد ۾ ٻولي ڳالهائي ويندي آهي“.

هيءُ بنو سعد قبيلو طائف جي ويجهو رهندو هو. هتان ئي مڪي وارو واپاري گس لنگهندو هو، جنهن تي هر سال حج جي مهينن ۾ ڏهہ ميل ڊگهو هڪ ميلو لڳندو هو، جتي سڀني قومن جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا. ننڍپڻ ۾ هتي ئي پاڻ سڳورن ﷺ کي سموري عرب ۽ دنيا جي قومن جي حالتن کي سمجهڻ جو موقعو مليو.

## نبوت کان اڳ

### ٻولي ۽ بيان جي تعليم:

شروع کان ئي عرب جي سڀ کان فصيح ٻولي، جيڪا بنو سعد ۾ ڳالهائي ويندي هئي، پاڻ ﷺ جي ڪنن ۾ پُرندي هئي. مکو جيتوڻيڪ هڪ



Sindhica Academy, Karachi

غير آباد ماٿري هيو، پر طائف وري انهيءَ رڻ ۾ هڪ جنت جو ٽڪرو هو. بنو هوازن ۽ بنو ثقيف جا ميدان ۽ چراگاهه طائف جي اوسي پاسي ۾ هئا.

طائف مڪي جي ڏکڻ ۾ آهي ۽ اڄ تائين مڪي وارن ۽ حاجين جي لاءِ ميون ۽ ڀاڄين جي منڊي بڻيل آهي. انهيءَ جاءِ تي حضر موت (يمن) جي رستي هندستان جو مال، صنعاء يمن ۾ ايندو هو ۽ حضر موت جون ڪارڪون، يمن جو قهوو ۽ اَنُ قافلن سان گڏ هتي ايندو هو. يمن جي ئي ويجهو، سمنڊ جهاڳي سوڊان ۽ حبشہ جا واپاري بہ ايندا ويندا هئا جيڪي ٻيڙين وسيلي پر گهٽو ٽٽو اٺن جي ذريعي طائف کان ٿيندي مڪي ۽ پوءِ مڪي کان شام، عراق ۽ مصر ويندا هئا. اهي قافلا سياري ۾ (رحلة الشتاء) يا وري گرمين ۾ (رحلة الصيف) هلندا هئا. طائف ۾ لات ديوي جو مندر هو. هر قوم ۽ ملڪ جا مسافر عربن جي اڳواٽي ۾، مختلف بازارن ۾ گڏ ٿيندا هئا ۽ طائف ۽ مڪي کان ضرور لنگهندا هئا. مڪي ۾ هر قوم جا بُتَ هئا. طائف ۽ مڪي جي وچ ۾ عڪاظ جو ميلو لڳندو هو سو عرب جي سڀني ماڻهن جو هڪ اسڪول هو. انهيءَ ڪري ئي پاڻ ڪريم ﷺ ننڍپڻ کان ئي رجب ۽ ذي الحج جي ميلن کي ڏسڻ، ان جي مسافرن ۽ مذهبي اڳواڻن ۽ واپارين جي حالتن کي سمجهڻ شروع ڪيو هو. يعني ٻن يا ٽن سالن جي عمر کان ئي پاڻ ﷺ کي سمجهہ اچي وئي هئي. پاڻ ننڍپڻ کان ئي نبي ٿي چڪا هئا.

## عرب جو ادبي ماحول:

شاعري جا مجموعا جيڪي شايع ٿي چڪا هئا. شاعرن جو خيال هو تہ شاعري انهن جي پنهنجي صلاحيتن جو نتيجو نہ هئي. پر جِنَن جي مدد جو نتيجو هئي. انهن عشق، غزل يا تشبيب سدائين عورت جي ذڪر سان شروع ٿيندي هئي انهن جي جنگي فرياد، بحر رجز جي وزنائتن لفظن ۾ هوندي هئي ۽ دشمن جي دل کي لوڏي ڇڏيندي هئي. انهن جا قصيدا بدلي جي باهہ کي اهڙو تہ ڀڙڪائي ڇڏيندا هئا، جو ڪيترن ئي نسلن تائين قصاص جو سلسلو هلندو رهندو هو. انهن جي شاعري واکاڻ، خود ثنائي تي ٻڌل هوندي هئي ۽ پنهنجي پوري قبيلي جي عظمت جو اظهار ڪندي هئي يا وري گلا ۾ هوندي هئي. اها گلا پنهنجي مخالف جو نالو نشان ئي مٽائي ڇڏيندي هئي. انهن جي قصيدن جي شاعراڻي تمهيد ۾ عربي زندگيءَ جي سادگي، انهن جو سفر، انهن جي اٺن ۽ قدرتي حالتن جو بيان دلين ۾ تير ۽ ڀالا ٻڌجي ڪپي ويندا هئا.

انهيءَ وقت جي مشهور شاعر امراء القيس، عمرو بن ڪلثوم، طرفہ



www.sindhsalamat.com

نابغہ علقمہ الاعشيل لبعيد، ڪعب بن زهير جا خوبصورتي سان سينگاري لڪيل شعر ڪعبي تي لٽڪيل هئا. تابط شرا ۽ شنفره جي شاعري دليري ۽ بهادري جا معيار مقرر ڪري ڇڏيا هئا. سخاوت، دليري، غيرت، ننگ ۽ حڪمت سيکارڻ وارن شاعرن جي کوٽ نہ هئي. ڪل يوگ ۽ چرچن ۾ بہ ڪين ڪمال حاصل هو. اميہ بن ابي الصلت جو ڪلام گهڻو ڪجهہ قرآن سان ملندڙ جلندڙ هو. انهيءَ ۾ شڪ جي ڪابہ گنجائش نہ هئي تہ مڪو نہ رڳو واپار ۽ مذهب جو مرڪز هو، پر شعر ۽ شاعري، تقرير ۽ داستان گوئي جو بہ مرڪز ۽ معيار هو.

انهيءَ ادبي ماحول ۾ پاڻ ﷺ جي ذهني پرورش ٿي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ دعوت اسلام کان پهريان ئي پاڻ شاعري ۽ تقرير جا بهترين نقاد هئا ۽ ڪين عرب جي شاعرن جا شعر گهٽائيءَ سان ياد هئا. عرب شاعرن جي ڪلام جا ڪيترائي نمونا اڃا تائين موجود هئا، پر اهي انسان ۾ خود اعتمادي پيدا ڪرڻ جي بدران شيطانن تي پروسو ۽ قسمت تي شاڪر رهڻ سيکاريندا هئا. پاڻ سيني ڪي ادبي حقيقت پسندي (Literary Realism) جي معيار تي پرکي انهن ڪي بيڪار ۽ بيهوديون ڳالهيون سڏيو هو. سندن سچي چمار انهيءَ ڳالهہ جي شاهد آهي تہ سندن هر ڪلام ڪي، پوءِ توڙي اها ادبي هجي يا اخلاقي، ديني هجي يا سياسي، حق هجي يا باطل، پرکڻ جو معيار پنهنجو هو. اهو هيءُ تہ اهو ادب يا اخلاق جيڪو خود اعتمادي سان خدا شناسي سيکاري ٿو، اهو ئي حق، خدا طرفان ۽ سنو آهي، نہ تہ اهو باطل، شيطاني ۽ بڇڙو آهي.

پاڻ طائف جي ميدان ۾ ملهہ وڙهڻ، ڪانياٽي هلائڻ ۽ پنهنجي حفاظت ڪرڻ سکي چڪا هئا. مديني ۾ جڏهن ماءُ سان گڏ آيا تہ ترڻ بہ سکي ورتو هو. مڪي واپس ويندي ابواء جي هنڌ ماءُ گذاري وئي. اهو خود اعتمادي جو پيو سبق هو. ام ايمن يتيم ۽ بي سهاري ٻار ڪي مڪي ۾ وني آئي. قضا ۽ قدرت جا ڪارندا، جيڪي سندن تعليم تي مقرر هئا، ڇهن سالن جي ٻالڪ ڪي دنيا جي ور وڪڙ واٽن تي هلڻ سيکاري رهيا هئا!

## عبدالمطلب ۽ ابو طالب جي ڪفالت:

ڏاڏي مطلب خوشيءَ خوشيءَ سان ٻالڪ کي پنهنجي سنڀال ۾ ورتو ۽ سندس وفات جو ويجهو ٿيو تہ ڪين وقت ابوطالب جي حوالي ڪري ڇڏيو. عبدالمطلب کان پوءِ حرب بن اميہ طاقتور رئيس بڻجي ويو ۽ عباس کان رفاعہ يعني حاجين ڪي ماني کارائڻ واري سعادت بہ کسي ورتي. رڳو زمزم يعني سقايہ عباس بن عبدالمطلب وٽ رهجي ويو. آمدني نہ هجڻ جي ڪري ابوطالب


Sindhica Academy, Karachi

تنگي ۽ غربت جي زندگي گهاري رهيو هو. پاڻ نہ رڳو ابوطالب سان گڏ ٻڪريون چاريندا هئا، پر مزدوريءَ تي ٻين جون ٻڪريون بہ چاريندا هئا تہ جيئڻ پاٽيرا رهن.

## شام جو سفر:

حضرت يعقوبؑ جي زماني کان وٺي نبطي قوم الحجر (پٽرا) ۾ واپار جي اڪيلي ٺيڪيدار هئي. رومين جي زماني ۾ جيڪي شاهي دڳ تعمير ٿيا هئا، اهي يمن ۽ فارس تائين واپارين ۽ فوجن جو لنگهہ هئا. هڪڙو دڳ عيبلہ (هاٽوڪو عقبہ) تائين ويندو هو. انهيءَ دڳ جي هڪ شاخ دمشق تائين ۽ ٻي غزه تائين ويندي هئي. هاشم بن قصي جي وفات غزه ۾ ئي ٿي هئي. الحجر (پٽرا) جي ڏکڻ ۾ بصريٰ هو ۽ سوق عڪاظ جي واپار جو رخ انهيءَ پاسي هوندو هو. ابوطالب 12 نبوي ۾انهيءَ شهر (بصريٰ) جو سفر ڪيو هو ۽ پاڻؐ جن بہ ساڻن گڏجي هلڻ لاءِ ضد ڪيو هو.

حجاز جا ٽي شهر تمام ئي اهم هئا. طائف، مڪو ۽ يثرب. اهي ٽئي شهر انهن مک دڳن تي موجود هئا، جن ڪان عربن جو واپار لنگهي مڪي تائين پهچندو هو، اتان ڪان شام، مصر عراق ۽ حبشہ تائين خشڪي ۽ سامونڊي رستي اونهاري ۽ سياري جي مندن ۾ انهيءَ واپار جا قافلا پهچندا هئا. اونهاري جو واپار (رحلة الصيف) بهار جي مند ۾ شروع ٿيندو هو. انهيءَ موقعي تي طائف ۽ مڪي جي وچ ۾ وڏو ميلو لڳندو هو، جنهن ڪي حج اڪبر چوندا هئا. واپار جي بازار گرم هوندو هئي ۽ هر ملڪ جو مال متا ستا جي لاءِ موجود هوندو هو. هند جا واپاري، زيارتي ۽ مهاجر سمرقند ۽ بخارا، ايران ۽ عراق، شام ۽ روم ۽ مصر ۽ حبشہ جي واپارين سان ملي ڪري، هڪ ٻئي جي ملڪن جي داستانن ڪي ٻڌندا هئا. شاعرن ۽ خطيبن، افسانا ٻڌائندڙن ۽ جوتشين ۽ مسافرن ڪي انهيءَ زماني ۾ هيءَ دولت مفت ۾ ملندي هئي.

طائف کان مڪي ويندي دڳ تي هڪ نخلہ نالي هنڌ اچي ٿو، اتي عزيٰ ديوي جو مندر هو. ان جا پوڄاري ابوطالب جا دوست هئا. پاڻ سڳورن ﷺ طائف وارن جي ايذاءَ کان بچي، هن ئي نخلہ واري هنڌ پناهہ ورتي هئي. نخلہ کان اڳتي مڪو هو. اتي جيڪا جاءِ بتن جي لاءِ ٻٽيل هئي، اها حضرت ابراهيمؑ جي زماني کان قائم هئي. انهيءَ ڪي ڪعبو چيو ويندو هو. ان جي هڪ پٽ ۾ هڪ ڪارو پٿر ”حجر اسود“ لڳل هو، جنهن ڪي حضرت ابراهيمؑ لڳايو هو ۽ انهيءَ جي سامهون کان ئي طواف شروع ٿيندو هو.


www.sindhsalamat.com

طائف زرخير هو، پر مڪي جو علائقو غيرآباد هو. انهيءَ ڪري انهيءَ جي آباديءَ جي گذر سفر جو دارومدار ڪعبي جي زيارتين ۽ مختلف ملڪن جي واپار جي اپت تي هئو. مڪي جي آبادي انهن خاندانن تي ٻڌل هئي، جيڪي قريش جو اولاد هئا. قريش بنو اسماعيل هئا، يعني عرب جا اَڳاتا رهاڪو نہ هئا، پر حضرت اسماعيلؑ جي زماني کان انهن عرب کي پنهنجو وطن بڻايو هو.

چوٿين صدي عيسوي ۾ ايران ۽ قسطنطنيہ جي جنگين جي ڪري واپاري دڳَ بند ٿي ويا، جنهن ڪري مڪي جو وڻج واپار ٺڏو ٿي ويو هو. پاڻ ﷺ جي حقيقي چاچي هاشم قيصر ۽ نجاشي سان واپاري ناهہ ڪيا هئا ۽ پنهنجي ڀاءُ عبدالدار کان ڪعبي جي خدمت جا ٻہ شعبا کسي ورتا، جنهن ڪري پاڻ ﷺ جي وقت تائين هاشمين ۽ عبدالدار وارن جي پاڻ ۾ اٽڪٽ هلندي ٿي آئي. پاڻ ﷺ جي ڄمڻ کان چاليهہ ڏينهن اڳ يمن جي گورنر ابرهہ مڪي تي هَلان ڪئي. الله جي قدرت سان سڄو لشڪر هاٿين سميت تباهہ ۽ برباد ٿي ويو.

## حج جا ميلا:

حج جي مهينن ۾ امن رهندو هو. سيني مهذب ملڪن جا واپاري قافلا ايندا هئا. مڪي ۾ ٺهندڙ چم جون شيون، خوشبو، دوائون، ڪنئور ۽ ملم جي لاءِ بلسان[1] جو وڪرو ٿيندو هو. شام جا سُڪل ميوا ۽ ڳاڙهسري نارنگي رنگ جا ڪپڙا، عراق جون تلوارون، بحرين جي موتين ۽ سپن جون ٺهيل شيون، حبشہ جا ٽانو ۽ غلام، ايران جون قالينون ۽ چاندي جا ٿانو، شرابَ ۽ ڳهَہ بہ وڪرو ٿيندا هئا. شراب جي محفلن ۾ ناچ ۽ راڳ جو هُل لڳو پيو هوندو. شاعر اٺن تي چڙهي پنهنجا شعر ٻڌائيندا ۽ داد وٺندا هئا. خطيب فصيح ٻوليءَ ۾ خطبا ڏيندا هئا. اها مند بهار جي هوندي هئي. ٻين ملڪن ۾ تہ رڳو هڪ مهينو بسنت يا بهار جو ميلو لڳندو هو جڏهن تہ ايران ۾ نوروز، فلسطين ۾ عيد فصح ۽ ايسٽر ٿينديون هيون. مڪي ۾ ٽن مهينن — ذي القعد، ذي الحج ۽ محرم— جي مهينن ۾ ميلو لڳندو هو. اهي ٽي مهينا خوشين ۽ امن امان جا مهينا هوندا هئا.

## مذهبي اهميت:

هن ميلي ۾ نہ رڳو سيني ملڪن جا واپاري ايندا هئا، پر سيني مذهبن جا پوئلڳ بہ ايندا هئا. هندو رڳو ڀاڄيون کائيندو هو، يهودي سوئر ۽ اٺ جو گوشت نہ کائيندو هو ۽ ڇنڇر جي ڏينهن ڪوبہ ڪم نہ ڪندو هو، عيسائي سڀ

[1] ”بلسان“ مصر ملڪ جي هڪ مشهور وڻ جو نالو آهي.


Sindhica Academy, Karachi

ڪجھ کائيندو هو. ٻئي پاسي ٻانهي ۽ غلام تي هر مذهب جو آقا سخت هوندو هو. غلام وڪرو ڪندڙ گهڻو ڪري ائين ڪندا هئا تہ ماءُ هڪ ماڻهوءَ کي وڪرو ڪري ڏني تہ ٻار وري ٻئي ماڻهو کي وڪڻندو هو. آسودو واپاري پنهنجي حفاظت جي لاءِ ڪيترائي غلام رکندو هو پر غريب مسافرن ۽ غلامن جو ڪو حال پڇڻ وارو ڪونہ هو. تنهن ڪري اهي ميلا وڏي نظر رکڻ واري جي لاءِ عبرت جي سبق کان گهٽ نہ هئا.

يتيم محمد ﷺ ۾ هاڻي ايتري سمجھ اچي وئي هئي تہ هو مختلف قومن ۽ هڪ قوم جي مختلف طبقن يعني غلام ۽ آقا جي صحيح حالت جو اندازو ڪري سگهي ۽ انهن مان سبق وٺي. هاڻي ان ڳالھ جي ضرورت نہ هئي تہ ڪو بحيرا راهب يا ڪو نصراني يا ڪو زرتشي رسول الله ﷺ کي اهو ٻڌائي تہ غريبن، يتيمن، بيواهن ۽ غلامن جي هڪ اهڙي ٽولي آهي، جنهن جي ساھ ۽ عزت جو دنيا ۾ ڪو مُلھ نہ آهي. انهن جي ڄمار ٻين جي لاءِ آهي ۽ انهن جي مصيبتن جو ڇوٽڪارو رڳو سندن موت آهي. مطلب تہ حالتن جو مطالعو ڪرڻ جي لاءِ پاڻ ﷺ جي اندر طبقاتي نقطہ نظر پڪو پختو ٿي چڪو هو. افسوس آهي جو مسلمان عالمن، سنت نبوي جي پيروي ۾ طبقاتي نقطہ نظر اپنائڻ ۽ بيڪسن، مظلومن ۽ پيڙهيل طبقن جي اهنجن جو احساس ڪرڻ جي بدران، غلامي جي اداري کي هٽي ڏئي، معيشت جي جاگيرداري نظام کي بہ اسلامي معاشي نظام جي طور تي پنهنجائي ورتو. ڳالھ اجا اتي ختم نٿي ٿئي؛ مشين جي ايجاد کان پوءِ صنعتي سرمائيداري نظام کي بہ اسلامي معاشي نظام سڏي، محنت جي استحصال کي جائز سمجهيو ويو. اهڙيءَ طرح اسلام جي نالي تي هڪ اهڙو معاشي نظام پنهنجايو ويو، جنهن ۾ غريب مزدور ۽ هاري جي مقابلي ۾ جاگيردار، مالدار ۽ صنعتي سرمائيدار کي الله جي جوڙيل تقدير سمجهيو ويو. ائين اڄ تائين ”ہے وہی سرمایہ داری بندہ مؤمن کا دین“ وانگر سرمائيداري نظام کي اسلامي نقطہ نظر کان جائز سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪري ئي عالمن جا خطبا، تقريرون ۽ تفسيرون امت جي زوال کي روڪي نہ سگهيون؛ ايتري تائين جو ابراهم لنڪن غلاميءَ کي ختم ڪيو ۽ مارڪس جي سائنسي تحقيقن جاگيرداري ۽ صنعتي سرمائيداري تي ڳاٽي ٽوڙ ڌڪ هنيون.

شام جي سفر ۾ پاڻ هي ڏٺائون تہ رستي ۾ ڪجھ شهر ويران پيا آهن. انهن تي خدائي عذاب نازل ٿيو هو ۽ اهي تباهہ ڪيا ويا هئا. رومي، مصري، يوناني ۽ ايراني رهڻي ڪهڻي ۽ انهن جي مٺ سٺ ٻولين ۽ مذهبي ۽ سماجي ريتن رسمن کي بہ چڱيءَ طرح ڏٺائون ۽ محسوس ڪيائون. پاڻ ڏٺائون تہ انهن


www.sindhsalamat.com

ھر ڪي تہ اللہ تعاليٰ جي نعمتن سان فيضياب آھن ۽ وڏو تعداد اھڙن ماڻھن جو آھي، جيڪو عرب جي واپارين وانگر محنت مزدوري جي زندگيءَ ۾ گھيريل آھن. چون ٿا تہ انھيءَ سفر ۾ پاڻ ﷺ تي بحيرا راھب جي سادگي ۽ خداپرستيءَ جو گھرو اثر ٿيو. ھو ھڪ نسطوري توحيد پرست فرقي جو عيسائي ھو ۽ انھيءَ دؤر ۾ آريوس ۽ نسطورين وغيره جي موحد ساٿين تي تثليث پرستن جيڪي ظلم روا رکيا ھئا، تن بابت ھيءُ راھب داستان ٻڌائيندو ھو. بھرحال، اھو چوڻ صحيح نہ آھي تہ ڪنھن ھڪ راھب يا دستور يا غلام يا رومي آفيسر کان پاڻ ﷺ انھيءَ زماني جي معاشري جو صحيح نقشو سکيو ھو. حقيقت ھيءَ آھي تہ پاڻ ﷺ جي شروعاتي سادي ۽ فطري پالنا، سندن اندر اھا صلاحيت پيدا ڪري ڇڏي ھئي تہ جڏھن ڪين بازنطيني ۽ ايراني تمدن سان واسطو پيو تہ ان جي ظاھري ڏيک ويک کان پاڻ مرعوب نہ ٿيا، پر پاڻ انھيءَ شھري زندگيءَ جي اندروني اوڻائين کي ھڪ ئي نظر ۾ سمجھي ورتائون. امير ھجي يا غريب، ھر ماڻھو مکي جي وارن وانگر خوف، بک ۽ بدحاليءَ ۾ گرفتار نظر ايندو ھو، چو تہ ھر ماڻھو دولت گڏ ڪرڻ کي ئي پنھنجي زندگي سمجھيون ويٺو ھو. مال جي لالچ ھر ماڻھوءَ کي اجتماعي طورت تي سوچڻ ۽ عام انساني ڀلائي تي سوچڻ کان محروم ڪري ڇڏيو ھو.

پوءِ ھيءُ بہ سوچڻ گھرجي تہ چاليھن سالن جي عمر تائين پاڻ لڳاتار واپار جي ڏنڌي سان لڳا رھيا ۽ عرب جي ھر ڪنھن بازار ۽ ميلي (حج جي گڏيل واپاري سرگرمين) ۾ شامل ٿيا ۽ عرب کان ٻاھر بہ عيسائي ۽ مجوسي ملڪن ۾ ويا ۽ رڳو ھڪ بحيرا راھب کي نہ، پر سوين راھبن، برھمڻن ۽ غير عرب يوپن ۽ واپارين کي ڏٺو.شام جي سفر کان پوءِ اھم واقعن منجھان حرب الفجار ۾ عملي طرح حصو نہ ڳنڍڻ ۽ حلف الفضول جي منڊلي جو قيام، حضرت خديجہ سان نڪاح، شام ۽ يمن ۽ بحرين تائين جو سانگ ۽ ڪعبي جي اڏاوت ۾ حصو ڳنڍڻ رسول اللہ ﷺ جي زندگيءَ جا اھم موڙ آھن.

## حرب الفجار:

ابن سعد جي چوڻ موجب، پاڻ ﷺ جي عمر تيھن سالن جي لڳ ڀڳ ھئي جو حرب فجار ڇڙي پئي. ھن لڙائيءَ کي فجار يا ناجائز انھيءَ ڪري چون ٿا جو ھيءَ محرم مھيني ۾ شروع ٿي ھئي، جيڪو امن وارو مھينو ھو. پاڻ ﷺ جن ويڙھ ۾ حصو نہ ورتو، رڳو پنھنجي چاچن ڏانھن جيڪي تير اچن پيا، تن کي روڪين پيا. ھن ويڙھ جي غلط نوعيت جي ڪري پاڻ ان ۾ حصو نہ


Sindhica Academy, Karachi

ورتائون. انھيءَ مان خبر پوي ٿي تہ پاڻ جائز ۽ ناجائز جنگين ۾ فرق رکندا ھئا، تنھن ڪري ئي ناجائز جنگ باقاعده شريڪ نہ ٿيا.

## حلف الفضول:

عرب ۽ مڪي جي معاشري ۾ توري توري ڳالھ تي ويڙھ ٿيندي ھئي. مظلوم جو ڪوبہ دانھن ٻڌڻ وارو نہ ھو. يعني اھڙي ڪابہ عدالت ڪونہ ھئي، جيڪا انصاف ڪري سگھي ۽ ڪمزور کي سندس حق ڏياري سگھي. ھن معاھدي جي ڪري مظلومن کي ھڪ وڏو سھارو ملي ويو ۽ غاصب دٻجڻ لڳا. ھن جماعت جي ٺھڻ جو سبب ھيءُ ٿيو جو عاص بن وائل کي يمن جي ڪنھن رھاڪو پنھنجو مال وڪرو ڪري ڏنو. پر عاص پنھنجي سرداري جي مغروريءَ ۾ ڪيس پئسا نٿي ڏنا. يمني پنھنجي مٿان ٿيندڙ ظلم جي دانھن ڪجھ شعرن ۾ ظاھر ڪئي، جن کي ٻڌي ڪري قريش قبيلن جا سربراھ عبداللہ بن جدعان جي گھر ۾ گڏ ٿيا ۽ بنو ھاشم، بنو المطلب، اسد، زھره ۽ تيم وارن ھي عھد ڪيو تہ:

(1) اسان مان ھر ماڻھو مظلوم جي حمايت کي پنھنجو فرض سمجھندو، جيستائين جو ڪيس حق نہ ملي وڃي.

(2) جيستائين مظلوم کي سندس حق نہ ملي وڃي، اسان مان ڪير بہ سک سان نہ ويھندو.

پاڻ انھيءَ معاھدي ٿيڻ وقت موجود ھئا ۽ ان کان پوءِ پاڻ فرمايائون تہ انھيءَ جماعت جي رڪنيت مون کي ڳاڙھن اٺن کان بہ وڌيڪ پياري ھئي ۽ ھاڻي بہ جيتوڻيڪ اسلامي دؤر آھي، پر مان ھن قسم جي ٿيندڙ معاھدي جو دل سان طرفدار آھيان. سندن انھن لفظن مان مڪي واري انقلاب جو رجحان ۽ نصب العين متعين ٿئي ٿو تہ ھي انقلاب مراعتون ڏنل طبقي جي خلاف ھو ۽ محنت ڪندڙ مزدور ۽ پوئتي پيل ماڻھن جي مفادن جو حامي ھو. پر اسان جي مفسرن ۽ عالمن، ملوڪيت جي گھرجن جي اثر ۾ اچي، انھيءَ نصب العين کي پوئتي اڇلائي ڇڏيو، انھيءَ ڪري ئي ڪنھن تفسير يا تقرير ۾ انھيءَ نصب العين جي حمايت نظر نٿي اچي ۽ اھو طبقو اڄا تائين ڪسمپرسي جي حالت ۾ گھيريل آھي.

## مڪي جي تعمير:

حلف الفضول کان پوءِ جڏھن پاڻ ﷺ جي عمر مبارڪ پنجويھن سالن جي ٿي تہ سندن امانت ۽ ديانت جو چرچو پري پري تائين ھُلي ويو ھو. انھيءَ زماني ۾ ڪعبي جي اڏاوت ڪمزور ٿي وئي ھئي. ھيناھين ۾ ھجڻ


www.sindhsalamat.com

جي ڪري اوسي پاسي جي جبلن تان مينهن جو پاڻي ٻوڏ جي شڪل ۾ اچي گڏ ٿيندو هو. ڪعبي جي پٿيون ماڻهوءَ جي قد برابر هيون ۽ ڇت تي هبل جو بت ڪوڙيل هو. قريشن هڪ رومي مستريءَ جي مدد سان ان جي پٿين کي وري اوساريو ته ان وقت حجراسود کي پنهنجي جاءِ تي رکڻ جو شرف، هر قبيلي جو رئيس حاصل ڪرڻ گهري پيو. ڪن ته رت جي پيالي ۾ هٿ ٻوڙي انهيءَ شرف کي حاصل ڪرڻ جو عهد ڪيو. آخرڪار سڀني جي گڏيل صلاح سان اها ڳالهه بيٺي ته سڀاڻي صبح جو جيڪو ماڻهو سڀن کان پهريان حرم ۾ داخل ٿيندو اهو ئي حجراسود کي پنهنجي جاءِ تي رکندو. محمد عربي ﷺ ئي صبح جو سڀ کان پهريان حرم ۾ داخل ٿيا ۽ سڀني چئي ڏنو ته هي امانتدار ئي انهيءَ ڪم جي لاءِ سڀ کان پلو آهي. پاڻ هڪڙي چادر وڇائي حجراسودکي انهيءَ تي رکيائون ۽ سڀني رئيسن کي چيائون ته سڀئي ماڻهو چادر جي پاندن کي پڪڙي مٿي کڻن. جڏهن پٿر ڇاتيءَ جيترو مٿي کڄي ويو ته پاڻ پٿر کي کڻي ڪري ان جاءِ تي رکيائون جتي اڄ تائين کوڙيل آهي. اهڙيءَ تدبير تي سڀئي خوش ٿي ويا.

## بين الاقوامي تعليم:

حديثن مان ثابت آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن نه رڳو شام جون بازارون ڏٺيون هيون، پر يمن ۾ جرش ۽ اولهه ۾ بحرين تائين به ويا هئا. هتي ايراني حاڪم منذر بن ساوي حڪمران هيو ۽ يهودين ۽ عيسائين جي وڏي آبادي هئي. اهڙيءَ طرح يمن جي غلامن جي فوج جي مدد سان 585ع ۾ حبشي حڪومت ختم ڪئي وئي هئي. سعدي ڪرب تخت تي ويٺو هو. ان کي وهزار ماريو ۽ پاڻ حاڪم بڻجي ويٺو. هتي يهودي ۽ عيسائي حڪومت رهي چڪي هئي ۽ هن وقت تائين اتي عيسيٰ؈ کان گهڻو اڳ وارين مختلف قومن جا آثار ڏٺا وڃن ٿا. اها ڳالهه به پڪي آهي ته ڇهين صدي عيسوي کان گهڻو پهريان، ٻڌ ڌرم سمرقند کان مصر ۽ يونان تائين پهچي چڪو هو. منڪريت بيديني ۽ انڪار جو هر تصور پوري مان ۽ شان سان، ٻچڙي ۾ ٻچڙي بت پرستي سان گڏوگڏ هلي رهيو هو. مطلب ته مختلف قومن جي ڄاڻ پاڻ ﷺ کي شام ۽ عرب جي بازارن، حج جي ميلن ۽ هر قسم جي ماڻهن جي ملاقاتن سان حاصل ٿي، ۽ پڻ مڪي مان به حاصل ٿي جيڪو سڀني مذهبن جو سال ۾ به دفعا مرڪز بڻجي ويندو هو.



Sindhica Academy, Karachi

## حضرت خديجه سان نڪاح:

پاڻؐ جن فطري طرح دنيا کي ڏسڻ گهرن پيا ۽ انهيءَ جو وسيلو رڳو واپار ئي هو. بيبي خديجه مڪي جي هڪ مالدار عورت هئي. هن پاڻ سڳورن ﷺ جي امانت ۽ ديانت جو حال ٻڌي، پنهنجي واپار جو منتظم بڻائي ورتو. پاڻ ﷺ جي ڪري هن جي واپار ۾ وڏو فائدو ٿيو. آخرڪار پاڻ ﷺ سان ان جو نڪاح ٿي ويو. نڪاح جي وقت حضرت خديجه جي عمر چاليهه سال ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي عمر پنجويهه سال هئي. سيده خديجه جو ڀائٽيو زبير بن العوام عشره مبشره مان هيو. بيبي خديجه 65 سالن جي عمر ۾ شعب ابي طالب مان نڪرڻ کان پوءِ وفات ڪري وئي. سورة والضحيٰ ۾ (يعني تون مفلس هئين الله توکي آسودو ڪيو) جي لفظن ۾ حضرت خديجه سان تعلق ڏانهن اشارو آهي. ان مان پاڻ ﷺ کي چار نياڻيون زينبؓ، رقيهؓ، ام ڪلثومؓ ۽ فاطمهؓ ٿيون ۽ ٻه پٽ قاسم ۽ طيب ڄاوا، جيڪي ٻاروتڻ ۾ ئي وفات ڪري ويا.

## پاڻ دنيا کي ڪيئن ڏٺائون:

ننڍپڻ کان وٺي نڪاح تائين ۽ نڪاح کان وٺي نبوت جي ملڻ تائين پاڻ ﷺ جن خوف ۽ بک ۾ قاتل انسانيت جي هر طبقي ۽ هر قوم جي غريب ماڻهن کي ڏٺو هو. ڪٿي اڻ ڏٺل قوتن جي خوف انسان جي ڪنڌ کي پوڄارين ۽ پوپن، بتن ۽ اڻ ڏٺل ڀوتن ۽ جنن جي اڳيان جهڪائي ڇڏيو هو ته ڪٿي مالدار يهودين وري قرض جي خوف ۾ انسان کي ڦاسائي رکيو هو. ڪٿي سامراجي فوجن آزاد انسانن کي قتل ۽ غلامي جي خوف ۾ اڙائي ڇڏيو هو ته ڪٿي وري جهالت ۽ اٽڪاٽائيءَ مريضن کي تعويذي پوپن جي غلاميءَ ۾ وڪوڙي ڇڏيو هو. ڪٿي ڪوڙي انا جي نالي تي شاعر پنهنجي بک کي قصيدن جي ذريعي مٽائي رهيا هئا. ڪٿي انسان بک ۽ تنگيءَ کان مجبور ٿي ڪري ظالمن ۽ جابرن جي چاپلوسي ڪرڻ تي مجبور هو، ايتري تائين جو انسان پنهنجي عزت وڪڻي پنهنجو پيٽ پالڻ تي مجبور ٿي پيو هو. مطلب ته مذهب، سياست ۽ معاشرت جو ڪو هڪ پاسو به ذهني خوف ۽ جسماني بک کان خالي نه هو.

هن دؤر جون سڀئي وڏيون تهذيبون، جهڙوڪ ڪابلي، ڪلدي، آشوري، رومي، مصري وغيره وغيره غلامن جي محنت جي استحصال ۾ ملوث هيون ۽ جنگين ۾ غلامن جي ذريعي پنهنجي سلطنت ۽ اقتدار ۾ واڌارو ڪنديون هيون. اتي غلام ۽ عورت به مظلوم جنسون هيون. انساني معاشرو غلام ۽



www.sindhsalamat.com

مالڪ جي طبقن ۾ ورهائجي چڪو هو. مالڪن جي طبقي ۾ ڌن دولت جي ريڙهہ پيڙهہ، علم ۽ تهذيب جون برڪتون هيون، پر پوءِ بہ اهو طبقو پنهنجي اقتدار ۽ دولت جي حفاظت ۽ ان ۾ واڌاري جي لاءِ ڪمزور قومن کي غلام بنائڻ جي لاءِ جنگ ۽ فساد مچايون وينو هئو. غلام ۽ پوئتي پيل طبقا بک، جهالت، بدامني، ڏاڍ ۽ ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيا هئا.

افسوس آهي جو اسلام کان پوءِ بہ ملوڪيت جي اثر ۾ اچي، مسلمانن انهن سڀني خرابين کي پنهنجائي ورتو ۽ اڳاٽين تهذيبن وانگر، يورپ جي تهذيب جي ظاهري ڏيک ويک کان متاثر ٿي، اڄ بہ پنهنجي مسلڪ کان پاسيرا ٿي ويا آهن. انهن جون سموريون تفسيرون، تقريرون ۽ نصيحتون انهيءَ مراعتون ڏنل طبقي جي مفادن کي تحفظ ڏيڻ جو فرض نڀائي رهيون آهن.

## حق جا ڳولائو:

غلامي، ظلم ۽ ڏاڍ، جنگ ۽ جهيڙو، جهالت، غربت ۽ بک ۾ گهيريل دنيا کي انهن خرابين کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي لاءِ هر دؤر ۾ حق جي ڳولا ڪرڻ وارا بہ پيدا ٿيندا رهيا آهن. قرآن انهن مان گهڻن کي نبيءَ جو لقب ڏنو آهي.

يورپ ۾ جيتوڻيڪ رومي ڪليسا ۽ شهنشاهيت جي حڪم هيٺ عقل جي استعمال کان روڪيو ويو هو، پر پوءِ بہ اهڙا ماڻهو موجود هئا، جيڪي حقيقتن جي ڳولا ۾ رهندا هئا. تعويذ جي جاءِ تي علاج ۽ انجيل جي جاءِ تي فلسفي کي پسند ڪندا هئا. اهڙا ماڻهو بہ هئا جن حق پرستي ۽ حق جي ڳولا ۾ پنهنجا سِرَ گهوري ڇڏيا.

هندستان ۾ هندو فلسفو ۽ چانڪيہ ٻڌ فلسفي جي عقليت جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. هندستان ۾ جيتوڻيڪ تانترڪ مذهب بہ پکڙجي چڪو هو، ۽ ماڻهن جادو ٽوڻي، قرباني ۽ ڏنَ کي صوفياڻو رنگ ڏئي، عقل کي ڏيهہ نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي، پر پوءِ بہ پنجين صدي کان ستين صدي تائين تاريخ علم ۽ عقل وارن جي ڪارنامن کان خالي نہ آهي. جيتوڻيڪ عام ماڻهن جي پالي ٻولي ختم ڪئي وئي هئي ۽ علم کي ڳجهو رکڻ لاءِ سنسڪرت، يعني برهمڻ مذهب ۽ برهمڻي ٻولي ۾ ٻڌ کي جاري ڪيو ويو هو، تنهن هوندي بہ بڪرماجيت جي زماني (پنجين صدي عيسوي) ۾ اجين جيڪي نورتن پيدا ڪيا، اهي شعر، ٻولي ۽ طب ۾ اڄ بہ مشهور آهن. ڪاليداس، امر سنگهہ ۽ ڌن ونتري جا نالا سدا حيات ٿي ويا آهن. ڇهين صدي ۾ آريہ ڀٽ، وراهمي هيرا ۽ برهما گپت پيدا ٿيا. گپت نجوم ۽ رياضي جو ماهر هو. ستين صدي ۾ انهيءَ


Sindhica Academy, Karachi

دؤر جو حالتون چيني سياح هيون سانگ لکيون آهن، جن مان خبر پئي ٿي تہ راجہ هرش پاڻ بہ شيو پرستي ڇڏي، ٻڌ ڌرم اختيار ڪري ورتو هو. نالنده يونيورسٽي ۾ برهمڻن ۽ بت پرستن جي مذهبن جي سنسڪرت ۾ تعليم ڏني ويندي هئي، جتي فلسفي، طب ۽ رياضيءَ جي تعليم بہ هوندي هئي ۽ مٿاهين ذاتين ۾ پلئون پلا ماڻهو پيدا ٿي رهيا هئا. جيتوڻيڪ اهي سڀئي ذات پات جي ٻنڌڻن ۽ پوڄارين ۽ برهمڻن جي ٻڌاين اصولن کان اڳتي وڌي نہ سگهيا هئا، قدامت پرستي تمام ئي چوٽ چڙهي وئي هئي، پر جيڪي قدامت پرست هئا، اهي سنسڪرت ادب کان محروم ڪونہ هئا.

عرب، خاص طرح مڪو، سڀني قومن جو واپاري مرڪز هو. اوپر ۽ اولهہ، روم، هندستان ۽ ايران جا واپاري ۽ ڪي محبتي ماڻهو هتي اچي گڏ ٿيندا هئا. اهي عوام جي مشرڪاڻن وهم سان ڀريل عقيدن کان بيزار ٿي چڪا هئا. ستين صدي عيسوي ۾ ڪيترائي اهڙا نالا ملن ٿا، جن بت پرستي ڇڏي ڏني هئي، بتن جي نالي تي جيڪي ديڳيون لهنديون هيون ۽ جيڪي قربانيون ٿينديون هيون، تن کي اهي حرام سمجهندا هئا. نياڻين کي ماري ڇڏڻ گناهہ ڀائيندا هئا ۽ اوائلي سادگي ۽ ايمانداري، جيڪا انسان جي فطري خصلت هئي ۽ جيڪا حضرت ابراهيمؑ جي وقت ۾ الله وارن جاري ڪئي هئي، تنهنجا ڳولائو هئا ۽ ان کي جيئارڻ گهرن پيا. زيد بن عمر بت پرستي کي ڇڏي چڪو هو. ورقہ بن نوفل عيسائي ٿي ويو هو ۽ انجيل جو عربي ۾ ترجمو ڪري رهيو هو. عبيدالله بن جحش رسول الله ﷺ جي شروعاتي ڪلام کي ٻڌو ۽ مسلمان ٿي ڪري حبشہ ڏانهن هجرت ڪري ويو. عثمان بن الحويرث قيصر روم وٽ هليو ويو هو ۽ عيسائي ٿي ويو هو. انهن حق جي ڪاهوڙين ۾ ابوبڪر صديقؓ بہ شامل هو. مطلب تہ ان قسم جا ڪيترا ئي حق جا ڳولائو هئا، جيڪي شرڪ جي ريتن رسمن کي ڇڏي حق جي ڳولا ۾ هئا. ايتري تائين جو رسول عربي محمد ﷺ بن عبدالله خدائي سڏ ٻڌو ۽ انهيءَ خوداعتمادي ۽ يقين سان گڏ جيڪو کين ورثي ۾ مليو هو، انسانيت جي اصلاح جي لاءِ ڪم شروع ڪري ڏنائون. هتان کان پاڻ ﷺ جي اها تاريخي زندگي شروع ٿئي ٿي، جنهن جي باري ۾ سمورو قرآن شاهد آهي ۽ جنهن جو هڪ هڪ لفظ، ڪلام الاهي هجڻ جي ڪري، انهيءَ ئي حالت ۾ محفوظ آهي، جنهن طرح رسول الله ﷺ جن مسلمانن کي ٻڌايو هو.

محمد عربي ﷺ جن جيئن ئي نبوت جي منصب تي فائز ٿيا، تہ کين تمام گهڻين تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي ويو. رسول الله ﷺ کان پهريان جيترا بہ نبي ٿي گذريا آهن، انهن کي بہ قرآن جي چواڻي شاهوڪار طبقي جي


www.sindhsalamat.com

هتان اهنج ۽ ايذاءَ سَهڻا پيا (سورة السباء، آيت 35). ائين اسان ڏسون ٿا ته سقراط کي زهر پياريو ويو، ڇو ته هن بت پرستيءَ جي خلاف نصيحت ڪرڻ شروع ڪئي هئي، ۽ نوجوانن جي اخلاقي سڌاري جي لاءِ. انهن کي ڏاهپ ۽ فڪر جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو. حضرت موسيٰؑ غلامن جو لشڪر وٺي رات جي وقت ۾ نيل درياءَ ٽپي رهيو آهي. حضرت عيسيٰؑ کي ٽن سالن جي تبليغ کان پوءِ رومي ڪارندن ۽ يهودي عالمن ڪين سوري تي چاڙهڻ جي سِٽ سٽي. حضرت ابراهيمؑ کي بتن جي پوڄا جي مخالفت ڪرڻ تي باهه ۾ وڌو ويو. ڪرشن جي کي پانڊئن جو حق ڏيارڻ جي لاءِ ڪورئن سان خوفناڪ جنگ وڙهڻي پئي، رام چندر جي کي چوڏهن سالن جي لاءِ ڏيهه نيڪالي جي سزا ڏني وئي. گوتم ٻڌ ملڪ مڏي ڇڏي بک ۽ بيماري ختم ڪرڻ جي لاءِ ڪيترن ئي سالن تائين جاکوڙ ڪئي. زرتشت کي اتر ايران ڏانهن ڪڍيو ويو. ڪنفيوشس نيڪ ۽ سٺي حياتي جي تبليغ جي لاءِ در در رلندو رهيو. انهن سڀني حق جي طالبن کي مالدار طبقي جي هٿان اهنج ۽ ايذاءَ سَهڻا پيا. ڇو ته اهي سڀئي توحيد رباني جي بنياد تي غير طبقاتي معاشرو قائم ڪرڻ گهرن پيا. اهي آقا ۽ غلام، جاگيردار ۽ هاري، ڪارخانيدار ۽ مزدور جي ٽڪراءَ وارا مفاد رکڻ وارن طبقن کي ختم ڪري. غير طبقاتي معاشرو اڏڻ گهرن پيا. رسول عربي ﷺ جيتوڻيڪ اهڙي رياست قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، پر سندن وفات کان پوءِ ٽيهن سالن جي اندر ئي نبوت واري طريقي تي هلندڙ خلافت کي مورثي بادشاهت ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ اهو عمل اڄ تائين جاري آهي.

## نبوت ۽ ان کان پوءِ

### غار حرا ۾ ويچار:

روم ۽ ايران جي ڇڪتاڻ وچ اوڀر جي واپار کي تباهه ڪري ڇڏيو هو، جنهن ڪري ڪيترن ئي سالن کان شام، عراق ۽ مصر جو واپار بند ٿي چڪو هو. پاڻ سڳورن ﷺ جون واپاري سرگرميون ڏکڻ ۽ اوڀر عرب تائين محدود ٿي ويون هيون. پاڻ انسانيت جي انهيءَ تباهيءَ کي پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا هئا. ڇوٽڪاري واري واٽ جي ڳولا هئي، پر ڳس اڃا تائين نه مليو هو. ويجها سنگتي به انهيءَ عالمي صورتحال کان پريشان هئا. ڪعبي جا پوڄاري ۽ پوپا به مايوس هئا.


Sindhica Academy, Karachi

انهن حالتن ۾ پاڻ ڊسمبر (رمضان) جي مهيني ۾ مڪي کان ٽي چار ميل پرڀرو هڪ ٽڪري ڏانهن هليا ويا ۽ رمضان جو سڄو مهينو انهن حالتن مان ڇوٽڪاري جي واٽ ڳولڻ جي لاءِ غور و فڪر ۽ ويچار ۾ گذاري ڇڏيائون.

هن ٽَڪري کان ميلن تائين پکڙيل واريءَ جي رڻ پٽ کي ڏسي سگهجي پيو. هتي ڪجهه ڇپون اهڙيءَ طرح هيون، جيڪي هڪ ڪوٺيءَ جي شڪل اختيار ڪري ويون هيون جتي هر وقت رات هجي توڙي ڏينهن، ماٺ ۽ سڪون هوندو هو.

جيڪي ماڻهو ڳجهه جي رازن کان واقف آهن، تن کي خبر آهي ته هر ڪنهن ڪاهوڙي ۽ حق جي طالبن کي هڪ ئي ڳس تان هدايت ملندي آهي. حيرت آهي ته رڳو حق جي ڳولائن تي ئي روحاني عالم يا وجداني ڪيفيت طاري ٿيندي آهي. ماڪيءَ جي مک کي پرواني واري دل جو درد ڇو نٿو ملي؟ حقيقت هيءَ آهي ته ڪروڙين انسانن ۾ رڳو هڪڙي ئي اک ياف يا بجلي جي سگهه کي سڃاڻندي آهي ۽ اربين انسانن ۾ ڪو هڪ ئي ماڻهو شايد انهيءَ جي لائق هوندو آهي ته هو ظلم ۽ ڏاڍ کي ختم ڪرڻ وارو ڳس سڃاڻي ۽ دنيا کي خوف، جهالت ۽ بک کي ختم ڪرڻ جو طريقو ٻڌائي، مراعتون ڏنل طبقي جي هٿان پاڻ تي ظلم ۽ زيادتيون سهي ٻين کي ڇوٽڪارو ڏياري سگهي.

### پهرين وحي جو نازل ٿيڻ:

گهٽ ڪري 27 رمضان 610ع جي رات هئي جنهن ڪري چانڊوڪي جهڪي ٿي وئي هئي ۽ حرا جي غار ۾ جناب محمد عربي ﷺ نيم بيداري يعني مراقبي جي حالت ۾ ويٺا هئا جو اوچتو جبرئيل امين ڪين ڏکي ورتو ۽ سورة العلق جون شروعاتي پنج آيتون نازل ٿيون:

اِقۡرَاۡ بِاسۡمِ رَبِّكَ الَّذِىۡ خَلَقَ‌ۚ ﴿۱﴾ خَلَقَ الۡاِنۡسَانَ مِنۡ عَلَقٍ‌ۚ ﴿۲﴾ اِقۡرَاۡ وَرَبُّكَ الۡاَكۡرَمُۙ ﴿۳﴾ الَّذِىۡ عَلَّمَ بِالۡقَلَمِۙ ﴿۴﴾ عَلَّمَ الۡاِنۡسَانَ مَا لَمۡ يَعۡلَمۡؕ ﴿۵﴾

انهن پنجن آيتن ۾ اسلام جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ وارن ڏهه هزار سالن جو معاشي، سياسي ۽ ثقافتي پس منظر موجود آهي. پاڻ ڪريم ﷺ انسانن جي ڇوٽڪاري جي ڳولا ۾ حرا غار جي اڪيلائين ۾ غور ۽ فڪر ڪندا هئا. هنن پنجن آيتن ۾ ڪين انهيءَ ڏک جو ڏس ڏنو ويو، جنهن موجب رڳو هڪ آقا، هڪ مالڪ، هڪ پالڻهار جي ٻانهپ ڪئي وڃي ۽ ٻين آقائن، مالڪن ۽ پالڻهارن جي خلاف بغاوت ڪئي وڃي ۽ انهن کي هڪ طبقي جي حيثيت ۾


www.sindhsalamat.com

ختم ڪيو وڃي. ڇو ته انهن جي ڪري انسان ظالم ۽ مظلوم، آقا ۽ غلام جي طبقن ۾ ورهائجي، انساني وحدت وڃائي چڪو هو. ان سان گڏ ئي جادوگرن، پوپن، شاعرن، مذهبي پيشوائن، بادشاهن ۽ مغرور اميرن کي، جيڪي غلامن جي محنت جو استحصال ڪري دولت گڏ ڪندا ۽ اقتدار تي قبضو ڪندا آهن، تن کي هڪ طبقي جي حيثيت ۾ ختم ڪيو وڃي ۽ اهو اعلان ڪيو وڃي ته سڀ انسان انساني مرتبي ۾ هڪجهڙا آهن. ڇو ته اهي سڀئي هڪ ئي خالق جا خلقيل آهن ۽ سڀئي پاڻ ۾ ڀائر آهن، ڇو جو انهن جو خلقيندڙ ۽ پالڻهار هڪ آهي. انهيءَ ئي کين علم ۽ سمجهه ڏني آهي. هو تمام ئي ٻاجهارو ۽ مهربان آهي ۽ انساني آقائن وانگر مطلبي نه آهي. خود غرضي، ننڱي، ظلم ۽ جهالت ته شيطاني ڪم آهن. هنن پنجن آيتن ۾ انهيءَ ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي ته توحيد الاهيءَ جي تصور کي معاشري تي لاڳو ڪيو وڃي ته جيئن معاشرو، جيڪو مخالف معاشي طبقن ۾ ورهائجي چڪو آهي، طبقن کي ختم ڪري هڪ وحدت جي شڪل اختيار ڪري وٺي. ڇو ته خالق عليم ئي رزق يا پيداوار جا وسيلا سڀني انسانن جي لاءِ پيدا ڪيا آهن ۽ انهن کي عقل ۽ سمجهه عطا ڪري ڇڏي آهي ته جيئن اهي انهن وسيلن مان فائدو وٺي سگهن ۽ هر ماڻهو پنهنجي محنت جو فائدو پاڻ ئي ماڻي. ٻيو ڪو ماڻهو انهن وسيلن تي قبضو ڪري، ٻين جي محنت جي ثمر تي قبضو نه ڪري سگهي. جيئن ته زراعت واري زماني کان وٺي انساني معاشرو آقا ۽ غلام جي طبقن ۾ ورهائجي ويو هو، تنهن ڪري وحدت الاهي جو مطلب وحدت انسانيت به آهي. اهي معاشي طبقا ڪٿان کان آيا آهن؟ انهيءَ تي مون پنهنجي تصنيف " انقلاب مڪ" ۽ "فهم قرآن کي جديد منهاج" ۾ طبقاتي پيرادائم جي عنوان هيٺ تفصيل سان بيان ڪيو آهي.

انهن پنجن آيتن ۾ جتي توحيد الاهي جي تصور کي، معاشرتي لاڳاپي سان توحيدي معاشري جي قيام تي روشني وڌي وئي آهي، اتي فلسفي جي ٻن بنياي مسئلن تي به توجهه ڏنو ويو آهي. يعني وجود (Ontology) ڇا آهي ۽ علم (Epistemology) ڇا آهي؟ جڏهن کان انسان سوچ ۽ سمجهه کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو آهي. اهي ٻئي مسئلا ان جي ڌيان هيٺ رهيا آهن ۽ فلسفي جي مختلف اسڪولن ان جو جواب ڏنو آهي.

## وجود ڇا آهي؟:

انهيءَ جو جواب هن وقت ٽائين ٻن بنيادي نظرين تي ڏنو ويو آهي.


Sindhica Academy, Karachi

ڦهريون هيءُ ته ڪائنات ڪي هڪ زنده، سمجهه ڀري ۽ مرضيءَ جي مالڪ هستيءَ خلقيو آهي. ٻيو هيءُ ته رڳو مادو ۽ ان جا قانون ڪائنات جي خلقت جو سبب بڻيا آهن. اهڙيءَ طرح فلسفي جي ڪجهه مڪتبن روح ۽ مادي کي الڳ الڳ وجود سڏيو آهي. انهن وٽ مادي ۾ حرڪت روح جي ڪري آهي. حرڪت سان گڏ ارادو به پيدا ٿيندو آهي. هيءُ ارادو پنهنجي مادي جسم جي حدبندين جو پابند هوندو آهي. جيئن ته ارادو روح ۾ ئي پيدا ٿيندو آهي، تنهن ڪري روح مادي تي سوپارو رهندو آهي ۽ مادي کي حرڪت ڏيندڙ آهي.

ماديت جي فلسفي جي لحاظ کان هر شيءِ مادي مان نهيل آهي. جهڙيءَ طرح تنبوري جي تارن مان آواز پيدا ٿيندو آهي، اهڙيءَ طرح حياتي يا زندگي به مادي مان پيدا ٿيندي آهي. جيڪڏهن تنبوري جون تارون ٽوڙي وڃن ته آواز پيدا نه ٿي سگهندو، ائين ئي جسم جي بناوت جي خاتمي سان زندگي به ختم ٿي ويندي آهي.

ماديت مان ڏاڍ جو تصور پيدا ٿيندو آهي. جهڙيءَ طرح جانور ۽ ٻوٽا پنهنجا مخصوص عمل ڪرڻ تي مجبور هوندا آهن، ائين ئي انسان به مجبور آهي. هو جيڪو ڪجهه ڪندو آهي، انهن مادي جزن جي بناوت جي ڪري ئي ڪندو آهي، جيڪي ان جي جسم ۽ دماغ ۾ مخصوص اندازي سان آهن ۽ عملن کي حرڪت ڏيندڙ آهن. ڇڻ ته انسان به مادي شين وانگر بلڪل مجبور آهي. هيءُ فلسفو ماديت جو لازمي نتيجو آهي.

فڪر جي ٻئي مڪتب وٽ روح ۽ مادو، ٻئي هڪ روح اعظم جي تخليق آهن جيڪو هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو ۽ خلقيندڙ ۽ قدرت رکندڙ هجڻ جي ڪري مختار ڪل آهي. هر شيءِ ڪنهن مقصد هيٺ خلقي وئي آهي. ڪابه شيءِ پنهنجي طور تي سٺي يا خراب نه آهي. خالق ڪنهن مقصد هيٺ سٺي يا خراب شيءِ بڻائي آهي. جيئن ته هو خلقيندڙ ۽ قدرت رکندڙ ۽ تمام ئي ٻاجهارو، حڪيم ۽ انصاف وارو به آهي، تنهن ڪري هو جيڪا به شيءِ پيدا ڪندو آهي، ڪنهن نه ڪنهن پلي مقصد لاءِ ئي پيدا ڪندو آهي.

ماديت واري فلسفي جو سڀ کان وڏو عيب هيءُ آهي ته اهو تخليق جي مسئلي کي چڱيءَ طرح سنواري نه سگهيو. تخليق جي لاءِ ضروري آهي ته سمجهه، ارادو، زندگي ۽ مقصد موجود هجي. پر مادي ۾ نه زندگي آهي، نه سمجهه ۽ نه ارادي ۽ مقصد جو احساس آهي. جڏهن ته تخليق جي لاءِ لازمي طور اهڙي هستيءَ جي موجودگي ضروري آهي، جيڪا اهي گڻ رکندي هجي.


www.sindhsalamat.com

اسان جي دؤر ۾ فلسفي تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي ۽ فڪر جا ڪيترائي نوان مڪتب وجود ۾ اچي ويا آهن. انهن ۾ ماديت (Materialism) ۽ مثاليت (Idealism) ڪان سواءِ تجربيت (Pragmatism)، اراديت (Voluntarism)، ارتقائيت (Evolution)، جدلياتي ماديت (Dialectical Materialism)، وجوديت (Existentialism) ۽ نوفلاطونيت (Neo-Platonism) ذڪر جوڳا آهن.

## علم ڇا آهي؟:

حڪمت ۽ فلسفي جو ٻيو مسئلو علم جي باري ۾ آهي. يعني علم پنهنجو پاڻ ڇا آهي ۽ ڇاجي ڪري حاصل ٿيندو آهي؟ علم جو مسئلو وجود جي ماهيت جي مسئلي ڪان وڌيڪ اونهو آهي.

ڪاغذ جي ايجاد ۽ علم کي عام ڪرڻ جي تحريڪ مسلمانن شروع ڪئي هئي. انهيءَ جي نتيجي ۾ هسپانيه جي سلطنت جي ذريعي روشن خيالي يورپ ۾ شروع ٿي. ايتري تائين جو يورپ ۾ لاڪ، هيوم ۽ ڪانٽ جهڙا فلسفي پيدا ٿيا جن ٻڌايو ته علم تجربي سان حاصل ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ بشپ بارڪلي ۽ ميل برانش جو چوڻ هو ته علم فطرت ڪان مٿانهن وسيلن سان حاصل ٿيندو آهي.

مسلمانن افلاطون ۽ ارسطو جي تجرباتي فلسفي ۾ نئين سر ساهه وڌو. ڇو ته عيسائي شهنشاهه جسٽي مين افلاطون ۽ ارسطو جي مدرسن کي هزارين سالن ڪان بند رکيو هو. مسلمانن انهن کي ٻيهر کوليو. خاص طور تي ابن رشد جي فلسفي ٻڌايو ته علم تجربي سان حاصل ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ هو علمن ۾ تجربي ۽ مشاهدي کي چڱيءَ طرح نيائي نه سگهيو. ابن رشد افلاطون جي عالم مثال جي تصور کي غلط سڏي ڪري رد ڪري ڇڏيو. ابن رشد ڪان پوءِ لاڪ به تجربي ۽ مشاهدي کي علم جي حصول جو ذريعو ٻڌايو. موجوده سائنس "سبب ۽ نتيجي" جو لازمي هجڻ تي زور ڏنو. ڇو ته اهو تجربي ۽ مشاهدي جي وسيلي علم حاصل ڪرڻ جو بنياد آهي. "پيدائشي تصور" به تجربي ۽ مشاهدي سان حاصل ٿئي ٿو.

اسلام جي ظاهر ٿيڻ جي وقت دنيا ۾ هيءُ خيال عام هو ته نجومي ۽ پوپا ستارن ۽ جنن سان لاڳاپن جي ڪري لڪيل ڳالهيون انهن ڪان ڄاڻي، ماڻهن کي ٻڌائيندا آهن. يعني غيب يا ڳجهه جو علم روحن کي هوندو آهي ۽ اهي ان بابت اسان کي القاء يا الهام جي ذريعي ڄاڻ ڏيندا آهن. عرب به انهيءَ خيال


Sindhica Academy, Karachi

ڪان ٻاهر ڪونه هو. پهرين وحيءَ ۾ "علم بالقلم" جو مطلب ئي اهو هو ته سمورو علم، پوءِ ڀلي اهو اسان جي حواسن جي ذريعي حاصل ٿئي، توڙي باطني ادراڪ سان، ظاهر هجي يا باطني، انهن کي حواسن سان حاصل ٿئي ٿو، جن جو خلقيندڙ الله تعاليٰ آهي. يعني پهرين ئي وحيءَ الهام ۽ مشاهدي ۾ هم آهنگي پيدا ڪري ڇڏي ۽ حواسن کي اعتبار جوڳو سڏيو. وجود ۽ علم جي باري ۾ پهرين وحي ٻڌائي ٿي ته:

(1) وجود جي حقيقت هيءَ آهي ته هڪ خالق آهي، جنهن توکي پيدا ڪيو، اهو ئي تنهنجو پالڻهار (آقا) آهي. حقيقي خالق ۽ مخلوق الڳ الڳ وجود رکن ٿا ۽ روح ۽ مادي جو وجود خالق سان واڳيل آهي.

(2) علم جي حقيقت هيءَ آهي ته انهيءَ پالڻهار (آقا) قلم يعني تجربي ۽ مشاهدي جي ذريعي انسان (آدم) کي انهن ڳالهين جي ڄاڻ ڏني جن کي هو نه پيو ڄاڻي. يعني عقل ۽ سمجهه عطا ڪري، حيوان مان انسان بڻائي ڇڏيو ته جيئن قلم سان پنهنجن تجربن ۽ مشاهدن کي هڪ ٻئي تائين پهچائي ۽ جادوگرن وانگر هر ڳالهه کي ڳجهو يا راز ۾ رکي شيطاني ڪم نه ڪري. هيءَ ان جي تمام ئي وڏي ٻاجهه آهي جو هن اهو عقل ۽ سمجهه عطا ڪئي، جيڪا انسان جي لاءِ علم جو ذريعو بڻي. (وَعَلَّمَ اٰدَمَ الۡاَسۡمَآءَ كُلَّهَا) هنن ٻنهي حقيقتن جا ٻه سلبي پاسا هي به آهن:

(الف) الله ڪان سواءِ ٻيو ڪو خدا، مالڪ يا خالق نه آهي، هو اڪيلو ۽ بيمثال آهي.

(ب) الله تعاليٰ ٻاجهارو آهي، يعني ٻين مالڪن وانگر ظالم ۽ مطلبي نه آهي. هن جي ٻاجهه جو سڀ ڪان وڏو دليل هي آهي ته هن انسان جي فائدي جي لاءِ ان کي عقل ۽ سمجهه وارو بڻايو ۽ پاڻ وٽان علم عطا ڪيو. ٻي ڪابه اهڙي هستي نه آهي جيڪو ڪيس سچو علم يا خبر ڏئي سگهي. سچي علم جي سڃاڻ هيءَ آهي ته اهو علم راز ۾ نه رکيو وڃي ۽ نه ان کي ذاتي مفادن کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻايو وڃي. ٻين لفظن ۾ سچو علم الله تعاليٰ جي طرف ڪان عام انساني ڀلائي جي لاءِ ڏنو ويندو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ ٻيو جيڪو علم آهي، سو ٺڳڻ جو ذريعو آهي ۽ پڪ سان شيطاني وسوسي سان پيدا ٿئي ٿو. ۽ آخر ڪار استاد ۽ شاگرد ٻنهي کي تباهه ڪري ڇڏيندو آهي.


www.sindhsalamat.com

**پهرين وحيءَ جي لفظن جي تحقيق:**

(1) پهرين وحي ۾ جيئن انسان چيو ويو آهي، ان کان پوءِ آدم چئي ڪري سڏيو ويو آهي.

(2) جنهن شيءِ کي انهيءَ ۾ علم سڏيو ويو آهي، ان کي بعد ۾ ڪتاب (قانون) ۽ حڪمت (فلسفو) چيو ويو آهي.

**اقراء:** هن لفظ جي معنيٰ عام طور تي پڙهڻ ڪئي ويندي آهي. پر قرآني سيرت ۾ پروفيسر محمد اجمل خان صاحب لکيو آهي ته هي سامي لفظ آهي. فونيقن جي ذريعي يورپ پهتو. انگريزي ۾ (Cry) ٻٽيو، سنسڪرت ۾ ڪيرتي (شهرت ڏيڻ) ۽ ڪارد (ڳائڻ وارو) ٿيو.

عربي قراء جي معنيٰ "چوڻ" آهي ۽ نه ڪنهن لکيل شيءِ کي "پڙهڻ". جڏهن مسلمانن ۾ ڪتابت عام ٿي ته لکيل شيءِ کي پڙهڻ جي لاءِ به قرات جو لفظ استعمال ٿيڻ لڳو. جڏهن ته انهيءَ جي معنيٰ رڳو چوڻ ئي آهي. ايتري تائين جو امام بخاري جي زماني ۾ هڪ حديث ۾ قرات يعني لکيل شيءِ کي پڙهڻ جي معنيٰ ۾ لکجي ويو. يعني انهيءَ جي باوجود جو خدا تعاليٰ ڄاڻي پيو ته رسول عربي ﷺ پڙهيل لکيل نه آهي، پر ملائڪ کين حرير تي لکيل شيءِ کي پڙهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

اهو خيال به ته امي جو مطلب اڻ پڙهيو آهي، انهيءَ ئي زماني ۾ رائج ٿي ويو هو. جڏهن ته امي ڪتاب واري جي پيٽ ۾ استعمال ٿيندو آهي، پوءِ ڀلي اهو اڻ پڙهيو نه ئي هجي. بهرحال قراء جي معنيٰ "چوڻ" آهي. اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ جي معنيٰ اها ئي آهي جيڪا بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ جي آهي. يعني الله جي نالي سان شروع ڪري چوڻ جي. اهڙيءَ طرح ڪجهه سورتن ۾ قل ۽ اُتل چوڻ جي معنيٰ ۾ آهي. (سيرت قرآنيه، ص 138)

جسٽس سيد امير علي به لکيو آهي: "اقراء جو ترجمو عام طرح "پڙهه" ڪيو ويندو آهي، پر مون (Deutsch) جي تجويز ڪيل ترجمي کي اوليت ڏني آهي. يعني "چئو".(روح اسلام ص 93)

اصل ۾ اقراء جي معنيٰ "اعلان ڪرڻ" آهي. يعني اعلان ڪر پنهنجي پالڻهار جي نالي سان. لفظ اقراء جي ٻنهي معنائن ريعني "پڙهه" ۽ "اعلان ڪر" ۾ تمام وڏو فرق موجود آهي. "پڙهه" اڪيلي ماڻهو کي مخاطب آهي، جڏهن ته "اعلان ڪر" ٻين ماڻهن کي خطاب ڪرڻو آهي ۽ انهيءَ ۾ انقلابي روح نظر اچي


Sindhica Academy, Karachi

ٿو جيڪو "پڙهه" واري لفظ ۾ نه آهي. "پڙهه" جو خطاب رڳو رسول الله ﷺ جي ذات اقدس تائين محدود ٿي وڃي ٿو، جڏهن ته "اعلان ڪر" جو خطاب نه رڳو مڪي، حجاز ۽ عرب جي انسانن جي لاءِ آهي، پر دنيا جي سڀني قومن جي لاءِ پڻ آهي. اسلام جو هيءُ عالمي يا بين الاقوامي پاسو پهرين وحيءَ ۾ به موجود آهي، جنهن کي نظر انداز ڪري اسلام جي پيغام کي امت مسلمه تائين محدود ڪري ڇڏيو ويو ۽ هيءَ ڳالهه ترجمي ۽ تفسير ۾ به پيدا ٿي وئي. ائين اسلام جي عالمگير انقلابي روح دفن ٿي ويو جيڪو ختم نبوت جي عقيدي جو منطقي نتيجو هو.

- **رب:** جو مطلب آقا (غلام جو مالڪ) آهي، پوءِ ڀلي اهو پنهنجي غلام يا ٻانهي جي پرورش ڪندو هجي يا نه ڪندو هجي.
- **انسان:** پيار ۽ محبت، انسان ذات، آدم نه ڪي شيطان، جيڪو نفرت جو مجسمو آهي.
- **علق:** پيار ۽ محبت، ڇڪور، چمنبڙي وڃڻ، لڙڪي پوڻ، لڳاءُ. اهو حيوان جيڪو ماءُ جي ڳنڀيرڻي ۾ پرورش حاصل ڪري پيدا ٿيو هجي، نه ڪي جن يا نانگ وغيره جي جيڪو ماءُ جي ڳنڀيرڻي جي لڳ يا علق سان نه پر آني مان پيدا ٿيندا آهن ۽ انهن ۾ نفرت جي باهه ڀريل هوندي آهي.
- **الاڪرام:** تمام ئي ڪرم ڪندڙ. انهيءَ مالڪ جي صفت آهي، جيڪو خالق آهي. ٻئي آقا ڪرم ڪندڙ ٿي سگهن ٿا، پر عام طرح ظالم به هوندا ئي آهن. پر الله کان سواءِ الاڪرم ڪوبه نه آهي. دنيا ۾ انصاف ڪندڙ خدا جو تصور هو، پر ڪرم ڪندڙ جو نه، جنهن کي فضل ڪرڻ وارو به چيو ويندو آهي. چو ته انصاف ۾ گناهه معاف نٿا ٿي سگهن، انهن تي سزا لازمي آهي. پر ڪرم ڪندڙ يا فضل ڪندڙ گناهن کي معاف ڪري سگهي ٿو.
- **علم:** (سائنس، سچائي) رڳو الله تعاليٰ ئي ڏئي ٿو، نه ڪي اهرمن يا ڪو جن.
- **الانسان:** اهو ئي خيال لفظ آدم سان به ظاهر ڪيو ويو آهي. يعني حيوان مان نڪري ماڻهو انسانيت جو لباس پهريو.
- **قلم:** علم جو ذريعو، عقل ۽ تجربو ۽ مشاهدو. يعني حقيقي علم، عقل يا قلم آهي. يوناني فلسفي ۾ ان کي لوگاس (Logos) يا عقل اول چوندا آهن.


www.sindhsalamat.com

# پاڱو ٻيون: مڪي دؤر

## زندگيءَ ڪائنات بابت اسلامي نظريي جا بنيادي اصول ۽ انهن جي قرآني تشريح:

مڪي دؤر ۾ نازل ٿيڻ واري قرآن، زندگيءَ بابت اسلامي نظريي تي چڱيءَ طرح روشني وڌي آهي. هن نظريي جا جزا هن طرح آهن:

(1) خالقِ ڪائنات ۽ زندگيءَ جو تصور
(2) مرڻ کان پوءِ وري جيئڻ، جنهن ۾ عملن موجب جزا ۽ سزا ڏني ويندي.
(3) رسالت ۽ وحي الاهي.
(4) الله تعاليٰ پيداواري ذريعا پنهنجي مخلوق جي لاءِ خلقيا آهن، انهيءَ ڪري ٿورڙن ماڻهن جو انهيءَ تي قبضو الله جي رضا جي خلاف آهي، تنهن ڪري اهي عوام جي ملڪيت آهن.
(5) غير انساني ۽ غير معاشرتي اخلاقي قدرن تي تنقيد ۽ انهن جا نتيجا.
(6) انساني ۽ معاشرتي اخلاقي قدرن جي سڃاڻ ۽ نشاندهي.
(7) علم بالقلم يعني تجربي ۽ مشاهدي تي ٻڌل علم جو رستو.

سموري مڪي دؤر ۾ نازل ٿيڻ وارو قرآن انهن بنيادي جزن تي دليلن سان ڀريل آهي ۽ انهن دليلن کي هر هر ورجايو ويو آهي ته جيئن ماڻهن جي ذهنن ۾ چڱيءَ طرح اها ڳالهه ويهي وڃي ۽ ذهني ۽ معاشرتي انقلاب جو سبب بڻجي.

مڪي دؤر ۾ نازل ٿيڻ واري قرآني حصي جون ٻه خاصيتون آهن:

(1) مڪي آيتن ۾ ڏنل تعليم عام انسانن جي لاءِ آهي. قومن جو عروج ۽ زوال، انهيءَ تعليم تي عمل ڪرڻ يا نه ڪرڻ تي دارومدار رکي ٿو. انهيءَ ۾ ڇڙا اصول ڏنا ويا آهن. اهي تعليم ۽ اصول دنيا جي سڀني مذهبن جي تعليم جا بنيادي اصول آهن.
(2) مڪي قرآن فلسفي جي ٽن بنيادي اصولن، يعني وجود (Ontology) ڇا آهي؟ ۽ علم (Epistemology) ڇا آهي؟ تي روشني وڌي آهي. ان کان پوءِ فلسفي جي سڀني مڪتبن جيڪي يونان، اسڪندريه، جمشيد پور (ايران)، هندستان ۽ چين کان اڀريا آهن، انهن جي ٽنهي بنيادي اصولن جو جواب ڏنو آهي ۽ انهيءَ تي تنقيد ڪندي قرآن پنهنجو نقطِ نظر پيش ڪيو آهي.


Sindhica Academy, Karachi

اختصار جي ڪري فلسفي جي سڀني فڪري اسڪولن جو جواب هتي نقل نه ڀيا ڪري سگهجن، تنهن ڪري جيڪو جواب قرآن انهيءَ باري ۾ ڏنو آهي، رڳو انهيءَ کي پيش ڪيو ويو آهي.

## پهرين وحي جو فلسفو ۽ انهيءَ جي مختصر تشريح

غار حرا ۾ پهرين وحي، جي نزول کان پوءِ، جيڪا پنجن آيتن تي ٻڌل هئي، پاڻ ڪريم ﷺ جن وري ڪڏهن به غور فڪر لاءِ غار ۾ نه ويا. ڇو ته جنهن مقصد جي لاءِ غار جي اڪيلائين ۾ غور ۽ فڪر جي لاءِ ويندا هئا، سو کين حاصل ٿي چڪو هو. ”وَجَدَكَ ضَالاًّ فَهَدىٰ“. انهن پنجن آيتن ۾ فرد جي نفسياتي اصلاح ۽ معاشري جي نئين سر انقلابي اڏاوت جي لاءِ مڪمل نظريو ڏئي ڇڏيو ويو هو. هاڻي ضرورت هئي ته انهيءَ نظريي جي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ، فرد ۽ معاشري ۾ تبديلي آڻڻ جي لاءِ جاکوڙ شروع ڪئي وڃي. هيءَ جاکوڙ ڏهن منزلن مان گذري، جن مان پنج منزلون مڪي دؤر ۾ ۽ پنج منزلون مدني دؤر ۾ پنهنجي پڄاڻي کي پهتيون.

هنن پنجن آيتن جي اهميت هيءَ آهي ته جيڪڏهن باقي قرآن نه به نازل ٿئي ها، ته ٻين پاڪ ڪتابن جي روشنيءَ ۾ انهن جي تفسير ۽ تشريح سان فرد ۽ معاشري، ٻنهي کي بدلائي سگهجي پيو. ڇو ته سڀئي پاڪ ڪتاب پنهنجي بنيادي تعليم ۽ زندگيءَ جي مقصد جي مقرر ڪرڻ ۾ هڪجهڙائي رکن ٿا. هن نظريي جا هيٺيان جزا آهن:

(1) ڪائنات جي هر شيءِ جو خلقيندڙ الله تعاليٰ آهي.
(2) انسان جي تخليق جو جوهر محبت مان ڪنيو ويو آهي. (احسن تقويم)
(3) هيءُ خالق يا آقا سڀني ٻاجهارن کان وڌيڪ ٻاجهارو آهي.
(4) هن آقا قلم، يعني تجربي ۽ مشاهدي جي ذريعي علم سيکاريو آهي.
(5) هن آقا انسان کي عقل ۽ سڃاڻ ڏئي، حيوانيت جي پڙ مان ٻاهر ڪڍيو. ڇو ته حيواني صورت ۾ هي صفتون ۽ گڻ هن وٽ نه هئا.

پاڻ ڪري ﷺ جن تي هنن پنجن آيتن ۾ هيءُ واضح ڪيو ويو هو ته انهيءَ پالڻهار يا مالڪ جي ٻانهپ سان ئي جنهن ڪائنات کي خلقيو آهي، انسان جو خوف ۽ ڳڻتي، بک ۽ جهالت ختم ٿي سگهي ٿي. معاشرو جيڪو ٻن مختلف ۽ مخالف معاشي طبقن ۾ ورهائجي چڪو آهي، ٻيهر توحيدي


www.sindhsalamat.com

معاشري جي صورت اختيار ڪري سگهي ٿو. اهو خالق ئي علم، ڀلائي، سونهن ۽ محبت جو سرچشمو آهي. اهي مراعات يافته طبقا جن علم ۽ سونهن تي به قبضو ڪري رکيو آهي، انهن قدرن جا سرچشما نه آهن. هاڻي هن نظريي جي جزن جي مختصر تشريح ڪئي پئي وڃي ۽ ان جي معاشي، سياسي ۽ ثقافتي ڳالهين ڪي چٽو ڪيو پيو وڃي.

(1) سوال هيءُ آهي ته پالڻهار يا خالق ڪير آهي؟ قرآن ڪريم الله جي هيئت تي بحث نه ڪيو آهي. جو ته فلسفي جا مختلف مکتب انهيءَ جي مختلف تشريح ڪندا آيا هئا. ڪو ان ڪي مادو چوندو هو، ڪو ان ڪي روح سمجهندو هو ۽ ڪو ان ڪي اهڙي قوت سمجهندو هو جيڪو بجلي وانگر سموري ڪائنات ۾ ڦهليل هجي. پر قرآن ٻڌايو ته اهو هن دنيا جو هڪ خالق ئي آهي. جيڪڏهن ان ڪان وڌيڪ هجن ها ته هرڪو پنهنجو پنهنجو الڳ حڪم هلائڻ سان هر پاسي انتشار ڦهلائي ڇڏي ها ۽ ڪائنات ڪنهن هڪ قانون جي پابند نه رهي سگهي ها. قرآن ٻڌايو ته دنيا هڪ طبعي قانون جي پابند آهي. "لَا الشَّمْسُ يَنْۢبَغِيْ لَهَآ اَنْ تُدْرِكَ الْقَمَرَ" (سورة يٰس) هر شيءِ جو هڪ مقصد آهي، جيڪو پهريان ڪان مقرر ڪيو ويو آهي. يعني هن مادي ۽ اخلاق جي دنيا ۾ هڪ ڏاهپ ڪم ڪري رهي آهي. تنهن ڪري دنيا هڪ رانديڪو نه آهي " وَمَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا لٰعِبِيْنَ ۝١٦ " (الانبياء: 39) انسان جي تخليق جو به هڪ مقصد آهي. " اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَنْ يُّتْرَكَ سُدًى ۝٣٦ " (قيامه: 36) "رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا ۚ " (آل عمران:191)

اسان جي دؤر ۾ مغربي ادب جيترا ناڪاري تصور ڏنا آهن، ته هيءَ ڪائنات عقل ڪان ڪوري آهي، هن ۾ ڪوبه سمجهه يا شعور نه آهي. زندگي لا حاصليت (Absurdity) ۽ لا يعنيت (Futility) رکندڙ آهي. هيءَ پنهنجي اندر ڪوبه مقصد يا نصب العين نٿي رکي؛ اهو سڀ ڪجهه غلط آهي. انهن نظرين جي ڪري يورپ ۽ آمريڪا ۽ انهن جي اثرن جي ڪري ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جا نسل به جبلتن جي حيواني گهرجن جي تڪميل جي کُن ۾ ڦاسي ويا آهن. شراب نوشي، جوئا بازي، جنسي ڇڙواڳي، ڪمزور قومن جي فردن ۽ انهن جي محنت جي استحصال ۽ انهن جي معدني ذخيرن ۽ وسلين تي قبضو ڪرڻ، مزدور جي محنت جو سر عام استحصال جنهن سان رعايتون ڏنل طبقو دولت جا ڍڳ ناهي وٺي ٿو، بينڪن جو وياج تي مبني ڪاروباري نظام وغيره، ڪائنات ۽ زندگيءَ بابت، انهن ناڪاري نظرين جو نتيجو آهي. جديد دانشور سائنس جي مدد سان ڪائنات ۾ هڪ طبعي (قانوني) نظام جا ته قائل


Sindhica Academy, Karachi

آهن، پر اخلاقي نظام جا قائل نه آهن. نه رڳو قرآن، پر سڀني الاهي ڪتابن انهيءَ جي برخلاف اهو ٻڌايو آهي ته هن ڪائنات ۾ هڪ اخلاقي نظام به موجود آهي. دنيا جي تاريخ پنهنجي عمل ۾ انهيءَ اخلاقي نظام جي پابند آهي. قرآن عاد، ثمود، فرعون وغيره جي قومن جي مطالعي مان هي نتيجو ڏيڻ گهري ٿو ته قومن جي بربادي، اخلاقي بد اعمالي جو نتيجو رهي آهي. هتي ياد رهي ته انهيءَ اخلاقي بد اعمالي ۾، مزدور جيڪو انهيءَ دؤر ۾ غلام جي صورت ۾ موجود هوندو هو، جيڪو اڳتي هلي معاشرتي ارتقا جي ڪري زرعي غلام بڻيو ۽ هاڻي مشين جي ايجاد ڪيس پگهاردار غلام بڻائي ڇڏيو آهي، تنهن ۾ هن جي محنت جو استحصال به شامل آهي. پر اجا به ائين چئجي ته اهو محنت جو استحصال ئي سموري اخلاقي خرابيءَ جو سبب آهي. قرآن حڪيم جي مفسرن ۽ سيرت پاڪ جا تاريخدانن اخلاقي بد اعمالي ۾ غلام (مزدور) جي محنت جي استحصال ڪي بلڪل ئي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي. انهن جي نظرن ۾ غلام ۽ ان جي غلامي هڪ فطري ڳالهه آهي. انهيءَ ڪري ئي بادشاهت واري زماني ۾ غلاميءَ ڪي هڪ دائمي اداري جي شڪل ڏني وئي هئي، جنهن ڪي آمريڪا جي هڪ انسان دوست صدر ابرهام لنڪن، غلاميءَ جي پنيرائي ڪندڙن سان ويڙهاند ڪري ۽ ان ڪان پوءِ پنهنجي حياتيءَ تان هٿ کڻي، هن غير انساني اداري ڪي ختم ڪرڻ جي سعادت ماڻي. انسان ڪي ان جي خلقڻهار آزاد پيدا ڪيو آهي يعني جهڙي هو پوک پوکيندو، تهڙي ئي لڻندو. (لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى)

## توحيد خداوندي جو تصور نه رڳو عادلاڻو، پر رحمت ڀريو پڻ آهي:

مڪي جي مشرڪن جو واپاري وهنوار ڪيترن ئي ديوتائن (الٰه) جي مدد جي آسري تي هلي رهيو هو. انهن جو خيال هو ته هڪ الٰه وٽان ڪم نه ٿئي ته ٻئي ديوتا يا الٰه ڪان مدد وٺڻ گهرجي. پر ان جي برخلاف پاڻ ﷺ جن اڪيلي الله جي پرچار شروع ڪئي. پاڻ ٻڌايائون ته مدد اهو ئي الٰه ڪري سگهي ٿو، جنهن ۾ ايتري سگهه هجي جيڪو پيدا به ڪري ۽ مخلوق ڪي سڌي گس تي آڻي. " الَّذِيْ خَلَقَ فَسَوّٰى " (الاعلىٰ:3) ان ڪان سواءِ انسانن ۾ پنهنجي نفس جي غلامي به پکڙيل هئي، " مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ " (فرقان:43) اهڙي صورتحال ۾ انهيءَ اڪيلي الله جو تصور غلامن ۾ پکڙجي ويو. جيڪو الله، سڀ شيءِ جو خلقڻهار آهي ۽ پنهنجي ٻانهن تي ظلم نٿو ڪري " وَاَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ " (آل عمران: 182) " وَمَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعٰلَمِيْنَ " (آل عمران: 108). هيءُ


www.sindhsalamat.com

مالڪ يا خالق عدل ڪرڻ ۾ بہ پنهنجي رحمت جي قانون جو پابند آهي، يعني گناهن کي معاف ڪري ڇڏيندو آهي ”وَاِنَّ رَبَّكَ لَذُوۡ مَغۡفِرَةٍ لِّلنَّاسِ عَلٰى ظُلۡمِهِمۡ“ (الرعد:6) عادل هئڻ جي باوجود بہ هر گناهہ کي معاف ڪري ڇڏيندو ”قُلۡ يٰعِبَادِىَ الَّذِيۡنَ اَسۡرَفُوۡا عَلٰٓى اَنۡفُسِهِمۡ لَا تَقۡنَطُوۡا مِنۡ رَّحۡمَةِ اللّٰهِ‌ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَغۡفِرُ الذُّنُوۡبَ جَمِيۡعًا‌ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ“ (الزمر:53) انهيءَ خالق پنهنجي لاءِ هڪڙو قانون جوڙي ڇڏيو آهي، جنهن سان هو هر ٻانهي جا گناهہ معاف ڪري سگهي ٿو. ”كَتَبَ عَلٰى نَفۡسِهِ الرَّحۡمَةَ“ (الانعام:12)، پر شرط اهو آهي تہ اهي پنهنجي گذريل گناهن کان توبہ ڪن ۽ آئينده جي لاءِ ڪوبہ گناهہ نہ ڪن ”فَمَنۡ تَابَ مِنۡۢ بَعۡدِ ظُلۡمِهٖ وَاَصۡلَحَ فَاِنَّ اللّٰهَ يَتُوۡبُ عَلَيۡهِ“ (المائده:39). اڳتي هلي قرآن انهيءَ خالق يا رب کي هڪ مالڪ يا بادشاهہ سڏيو آهي، جيڪو هر انسان کي ان جي عملن مطابق جزا ۽ سزا ڏئي ٿو. (سورة الناس)

جيئن تہ يهودين ۽ ٻين قومن پنهنجي پنهنجي قبيلن جو الڳ الڳ خدا ٺاهي ڇڏيو هو. انهيءَ ڪري پاڻ ﷺ جن مڪي وارن کي چيو تہ ”رحمان“ رڳو عيسائين جو خدا نہ آهي، پر هو سڀني جو جو خدا آهي. اهو ئي اسان جو الله آهي. يهودين کي چيو تہ اسان جو توهان جو خدا ڪو الڳ نہ آهي، پر هڪڙو ئي آهي، ”اِلٰهُنَا وَاِلٰهُكُمۡ وَاحِدٌ“ (العنڪبوت:46)

قرآن جو هيءُ اصول آهي تہ جن ماڻهن سان هو مخاطب ٿيندو آهي، انهن جي عقلي سطح جي مطابق انهن کي تعليم ڏيندو آهي ۽ چوندو آهي تہ خدا هڪ آهي. ڇو تہ وڌيڪ خدا هجڻ جي صورت ۾ اهي پنهنجا پنهنجا قانون هلائن ها، جنهن جي ڪري دنيا ۾ تمام وڏي گڙٻڙ پيدا ٿي وڃي ها.

## مشرڪن سان خطاب:

اهي ماڻهو جيڪي ڪيترن ئي ديوتائن جي پوڄا ڪندا آهن ۽ ٻتن، ستارن ۽ روحن کان مدد گهرندا آهن، تن کي قرآن چوي ٿو تہ اهي تہ پاڻ ئي محتاج آهن. انهيءَ ڪري اڪيلي الله جي پوڄا ڪريو جنهن سڀني کي پيدا ڪيو آهي. اهي ديوتا، ٻُتَ، ستارا ۽ روح توهان جا خلقيندڙ نہ آهن، پر اهي تہ پاڻ ئي ڪنهن جا خلقيل آهن. انهيءَ ڪري رڳو اڪيلي الله کان ئي مدد گهرو.

## عيسائي عقيدا:

اهي ماڻهو جيڪي الله جي ذات ۾ ٻين کي ڀائيوار ڪندا آهن، جيئن عيسائي ڪندا آهن، يا ديوتائن ۽ پيرن فقيرن کي خدا جو ڀائيوار ڪندا آهن ۽


Sindhica Academy, Karachi

انهن کي سفارشي سمجهندا آهن ۽ انهن جي اندر بہ خدا جي طاقت ۽ قدرت کي مڃيندا آهن. قرآن چوي ٿو تہ هڪ قدرت ۽ پوري پوري سگهہ رکندڙ هستي جي برابر هڪ ڪمزور مخلوق ڪيئن ٿي ٿي سگهي؟ نہ خدا ايترو ڪمزور آهي جو ان کي پنهنجو وارث ڇڏڻ يا پٽ کي ڪم حوالي ڪرڻ جي ضرورت هجي. تنهن ڪري خدا تہ اهو آهي جيڪو اڪيلو هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي. سدائين جيئرو ۽ بيهڪ وارو (حي و قيوم) آهي، جيڪو گهري سو ڪري سگهي ٿو. پر هو ڪنهن تي بہ ظلم نہ ڪندو آهي ۽ نہ پنهنجي رحمت واري قانون جي خلاف ويندو آهي.

## يهودين سان خطاب:

يهودين جو اهو سمجهڻ تہ اهي الله جا پٽ آهن يا يهودا رڳو يهودي قوم جو خدا ۽ خدا جي رحمت رڳو انهن جي لاءِ ئي آهي، خدا کي هڪ حد ۾ قيد ڪرڻ آهي. خدا تہ سڀني قومن جو خدا آهي، ڇو تہ هو ئي حقيقي خالق آهي. هن کي پنهنجي سموري مخلوق پياري آهي، رڳو توهان ئي ان جا لاڏلا نہ آهيو.

## مجوسي عقيدا:

مجوسين جو عقيدو بہ غلط آهي تہ نيڪي ۽ بديءَ جا بہ الڳ الڳ خدا آهن. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ انساني زندگي لڳاتار ويڙهہ ۽ جهيڙي ۾ ڦاٿل هجي ها. ڇو تہ بدي جو خدا پنهنجو قانون لاڳو ڪرڻ گهري ها ۽ نيڪيءَ جو خدا ان جي مخالفت ڪري ها. ائين اهي ٻئي سدائين پاڻ ۾ جهيڙيندا رهن ها. تنهن ڪري مڃڻ گهرجي تہ نيڪي ۽ بديءَ جو خدا هڪڙو ئي آهي، جيڪو عملن جي نتيجي موجب فيصلو ڪندو آهي.

## خدا جي هستي کي مڃڻ جو ڪهڙو مقصد آهي؟ :

جيڪي ماڻهو مادي کي خالق سمجهن ٿا، اهي اهو نٿا ٻڌائي سگهن تہ تخليق جي لاءِ شعور، ارادو، زندگي ۽ مقصد جو هجڻ ضروري آهي ۽ انهن گڻن کان سواءِ تہ تخليق ٿي ئي نٿي سگهي. جڏهن تہ مادو انهن گڻن يا صفتن کان وانجهيل آهي. جيڪڏهن مادي ۾ جدلياتي چرپر مڃجي بہ ڪٽي، تہ بہ چرپر جو هيٺاهين کان مٿاهين ۽ سادي کان منجهيل ڏانهن وڃڻ هڪ شعوري ۽ ارادي عمل آهي، جڏهن تہ مادي جي چرپر شعور ۽ ارادي کان محروم آهي. تنهن ڪري ماديت ۽ دهريت جو فلسفو بلڪل ئي غلط ثابت ٿيو آهي.


www.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ڪٽي اهو مڃيو به وڃي ته ذڪر ڪيل گڻ مادي ۾ جبري طرح موجود هوندا آهن، ته پوءِ مادي جي سموري تشريح ۾ شڪل ئي بدلجي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح مادو الاهي تجلي جو مظهر بڻجي وڃي ٿو. اها هڪ واضح حقيقت آهي ته جيڪڏهن ڪڪڙ ڪي اصلي آنن جي بدران پٿر جي آنن تي آرو ڪرائجي ته چوزا ڪڏهن به ڪونه ڦٽندا، جو ته پٿرن ۾ اهي گڻ ۽ عنصر نه آهن جن سان چوزو ٺهندو آهي. مادي جي شروعاتي شڪل اليڪٽران ۽ پروٽان، شعور، ارادي، زندگي ۽ مقصد کان خالي آهن ته انهن مان تخليق ڪيئن ٿي ٿي سگهي؟ تنهن ڪري اهوئي وجود يا هستي آهي جيڪا زندگي، حڪمت، شعور ۽ ارادي جي مالڪ آهي.

## خدا کي مڃڻ جو مطلب ڇا آهي؟:

خدا کي مڃڻ جو اهو مطلب نه آهي ته رڳو زباني اقرار ڪيو وڃي، پر انهيءَ جا ٽي پاسا آهن:

- **پهريون پاسو:** پهريون پاسو ڪائنات جي باري ۾ آهي. جيڪڏهن ڪائنات شعور ۽ سمجهه کان خالي آهي ته انهيءَ جو اهو مطلب ٿيو ته انهيءَ جي تخليق جو ڪو مقصد نه آهي. تنهن ڪري انسان، جيڪو ڪائنات جو شعور ۽ ارادي وارو حصو آهي، تنهن تي ڪنهن به قسم جي ذميواري نٿي لاڳو ٿئي. دوستو وسڪي چيو آهي ته هڪ ماڻهو جيڪڏهن خالي گهر ۾ هجي ته جيئن گهري تيئن رهي سگهي ٿو، ڪپڙا پائي يا اگهاڙو ٿي وڃي. جيڪڏهن ڪيس خبر پئجي وڃي ته گهر ۾ ڪو ٻيو ماڻهو به موجود آهي ته هو پنهنجي عملن ۾ محتاط ٿي ويندو. ائين جيڪڏهن ڪائنات شعور يا سمجهه کان خالي آهي ته انسان پنهنجي زندگيءَ جي لاءِ، پنهنجي مرضيءَ وارا مقصد مقرر ڪندو، پوءِ اهي اخلاقي لحاظ کان ڀلي ڪيترائي خراب ڇونه هجن. پر خدا جي موجودگيءَ ۾ هو اهڙا مقصد مقرر ڪندو، جيڪي اخلاقي معيار تي پورا ايندا هجن. اهڙيءَ طرح فرد هڪ ”ذميوار“ فرد جي حيثيت اختيار ڪري وٺندو.

خدا جي موجودگي ۾ هر شيءِ مقصد واري ٿي ويندي آهي ۽ ڪائنات جو سمورو عمل ڪنهن نصب العين ۽ مقصد سان واڳيل ٿي ويندو آهي. خدا جي تصور کان سواءِ ڪائنات جي هر شيءِ ۽ ان جي ارتقائي چرپر بي معنيٰ ۽ بي مقصد ٿي ويندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو تاريخ جون اهي


Sindhica Academy, Karachi

سيئي تهذيبون، جيڪي انساني جبلتن جي حيواني گهرجن جي پورائي ۾ لڳيون رهيون، انهن جو نالو نشان ئي مٽجي ويو آهي. جو ته خدا جو تصور زندگيءَ کي هڪ مقصد عطا ڪري ٿو، جنهن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن وصفن ۽ گڻن کي پنهنجائڻو پوندو آهي، جيڪي خدا جون وصفون آهن. اهڙيءَ طرح اهو الله جي ويجهڙائي کي حاصل ڪرڻ جي عمل ۾ حسي ۽ مادي سطح کان مٿانهون ٿيندو ويندو آهي ۽ هن جو معاشرو اعليٰ اخلاقي گڻن وارو هجڻ جي ڪري، خلافت ۽ نيابت الاهي جي حاصل ڪرڻ ۾ مددگار هوندو آهي.

- **ٻيو پاسو:** خدا جي تصور جو ٻيو پاسو انسان جي نفسيات جي باري ۾ هوندو آهي، جنهن جي ڪري ماڻهو جبلتن جي حيواني گهرجن کي پورو ڪرڻ جي بدران اعليٰ اخلاقي گڻن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ته جيئن هو جبلتن جي حيواني گهرجن کي پنهنجي وس ۾ رکي ۽ انهن کي اعليٰ اخلاقي گڻن جو پابند بڻائي سگهي. جو ته هن جو انهيءَ ڳالهه تي پڪو ويساهه هوندو آهي ته هو خدا جي نور سان ظاهر ٿيو آهي ۽ خدا جي نور ڏانهن ئي وڃي رهيو آهي. جيڪڏهن هو ائين نه ڪندو ته زندگي جي حيواني گهرجن جي سطح تائين محدود ٿي ويندو. اهڙي ماڻهوءَ جو معاشرو، تمدن ۽ تهذيب شراب نوشي، جنسي ڇڙواڳي، جوئابازي ۽ هر ناجائز طريقي سان دولت ميڙڻ ۽ هم جنس پرستي جهڙن غيراخلاقي اوگڻن جي عڪاسي ڪندڙ هوندو. اهڙي طرح اڄوڪي اولهه جي تهذيب اسان جي سامهون آهي جيڪا تحقيق جي سائنسي طريقي سان فطرت جي قوتن تي پهچ حاصل ڪري، انهن سان جبلتن جي حيواني گهرجن جي پورائي جي عمل ۾ لڳي پئي آهي.
- **ٽيون پاسو:** خدا جي تصور جو ٽيون پاسو انساني معاشري جي باري ۾ آهي. الخلق عيال الله موجب الله تعاليٰ انسان کي پيدا ڪيو ۽ ان جي پالڻ لاءِ وسيلا به پيدا ڪيا. جنهن جو مطلب اهو آهي ته هر ماڻهو انهن وسيلن مان فائدو وٺي، پنهنجي مادي ۽ جسماني ضرورتن کي حاصل ڪري ۽ انهن ضرورتن جي پورائي کان پوءِ عبادت ۽ نفس جي پاڪائي جي مدد سان الله ڏانهن موٽڻ جي تياري ڪري.

جيڪڏهن پيداواري وسيلن تي عوام جي گڏيل ملڪيت جي بدران ڪن ٿورڙن ماڻهن جو قبضو ٿي وڃي ۽ معاشري ۾ متضاد مفاد رکڻ وارا معاشي طبقا پيدا ٿي وڃن، ته پوءِ تمام ئي ٿورڙي تعداد وارا ماڻهو، پيداواري وسيلن تي قابض


www.sindhsalamat.com

تي وڃن ٿا ۽ گهٽائي انهن وسيلن مان فائدو ماڻڻ کان محروم ٿي وڃي ٿي. هن گهٽائي وٽ رڳو پنهنجي محنت هوندي آهي، جنهن کي هو پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري ويٺل ماڻهن کي وڪڻي، پنهنجي پيٽ پالي ٿي. اهڙي طرح گهٽائي حيواني سطح کان هيٺ ٿي، انساني درجو حاصل ڪرڻ کان محروم ٿي وڃي ٿي.

زراعت واري زماني کان وٺي انسان آقا ۽ غلام جي ٻن طبقن ۾ ورهائجي ويو هو. آقا تي ٻڌل طبقي وٽ دولت جي جهجهائي هوندي هئي. انهيءَ جي قبضي ۾ علم ۽ تهذيب جا ادارا به هوندا هئا. جڏهن ته غلام طبقو گهٽائي ۾ هجڻ جي باوجود به علم ۽ تهذيب کان محروم هوندو هو. معاشرتي ارتقا سان گڏوگڏ آقا جاگيردار ۽ ڪارخانن جو مالڪ بڻجي ويو، جڏهن ته غلام زرعي غلام ۽ پگهاردار غلام بڻجي ويو.

مشين جي ايجاد ٿيڻ کان پوءِ معاشري جا ٻه طبقا وڌيڪ واضح ۽ متانهين حيثيت اختيار ڪري ويا، جو ته هڪ ڪارخاني جي ڇت جي هيٺان سوين مزدور گڏجي ڪم ڪندا هئا ۽ تحقيق جي سائنسي طريقي جي ڪري هن ڳالهه جي خبر پئي ته دولت اچي ڪٿان ٿي؟ اهڙيءَ طرح ثابت ٿيو ته اها غلام، زرعي غلام ۽ پگهاردار غلام جي محنت جي استحصال جو نتيجو هوندي آهي.

زرعي معاشري جي شروعات کان ئي غلام پنهنجي مالڪن جون ٻنيون ڪيڙيندا هئا، انهن جي لاءِ محلاتون تيار ڪندا هئا، انهن جي فوجن ۾ ڀرتي ٿي انهن جي بادشاهت کي وڌائيندا هئا. مالڪ انهن تي تمام گهڻا ظلم ڪندا هئا. انهن کي قتل ڪندا، لڱ ڪانداريندڙ سزائون ڏيندا ۽ ڪين وڪرو به ڪري ڇڏيندا هئا. اهڙيءَ طرح انسان جو انسان تي ظلم وڌندو ويو ته انهيءَ صورتحال کي بدلائڻ جي لاءِ نبين سڳورن کي موڪلڻ جي شروعات ٿي. اهي پاڪباز ماڻهو هر ملڪ، هر قوم ۽ هر ڳوٺ ۾ آيا. انهن سيني جي دعوت هڪڙي ئي هئي. انهن ٻڌايو ته هن ڪائنات جو خالق هڪڙو ئي آهي. هيءُ خالق سيني قومن جو خالق پڻ آهي. انهن توحيد الاهي جي تصور تي زور ڏنو. جيئن ته هر قبيلي ۽ هرقوم جا بت جدا جدا هئا، جن جي اهي پوڄا ڪندا هئا ۽ هر قوم يا قبيلو پنهنجي بُت جي، ٻين قومن ۽ قبيلن جي بتن تي وڏائي ثابت ڪرڻ لاءِ جتن ڪندو هو، تنهن ڪري انهن جو پاڻ ۾ جنگين ۽ فسادن جو سلسلو هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين هلندو ايندو هو.

نبين سڳورن توحيد الاهي جي تصور کي پيش ڪيو ۽ ٻڌايو ته سيني قومن جو خلقيندڙ هڪ آهي، جنهن جي پوڄا ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ڪري توحيد الاهي جو تصور انساني اتحاد جو تصور رکندڙ هو. توحيد الاهي جي تصور کي جڏهن معاشري تي لاڳو ڪيو ويو ته توحيدي معاشرو وجود ۾ اچي ويو، جيڪو


Sindhica Academy, Karachi

متضاد مفاد رکڻ واري معاشي طبقي جي ڇڪتاڻ کان پاڪ ۽ صاف هو. پر ٿيو ائين جو مذهب جي پاڪباز باني ۽ انهن جي ٿورڙن سچن پيروڪارن کان پوءِ، مذهبي پيشوائن پنهنجي دنياوي زندگي جي سهولتن ۽ آسائشن جي لاءِ، پيداواري وسيلن تي قابض طبقي جي مفادن کي تحفظ ڏيڻ جي خيال سان مذهب جي باني نظريي کي پنيءَ پويان ڦٽو ڪري ڇڏيو جنهن موجب خدا جي وحدانيت جو مطلب معاشري کي متضاد طبقن کان پاڪ ۽ صاف ڪرڻ آهي. اهڙي لوڀي مذهبي پيشوائيت عوام کي ٻڌايو ته غربت، جهالت ۽ مسڪيني الله تعاليٰ انهن جي تقدير ۾ لکي ڇڏي آهي، جنهن کي بدلائي نٿو سگهجي. غربت ۽ دولت جي جهجهائي انسان کي الله تعاليٰ جي طرفان ئي ملندي آهي. غريب کي ان جي تڪليفن ۽ پورهئي جو اجر مرڻ کان پوءِ ملندو، تنهن ڪري ڪيس صبر ۽ خوشيءَ سان زندگي گذارڻ گهرجي ۽ ڪيس پنهنجي مالڪ يا آقا جو فرمانبردار ٿي رهڻ گهرجي. سيني مذهبن جا مذهبي اڳواڻ ۽ پيشوا اڄ تائين اها تعليم ڏيندا رهيا آهن. پر هاڻي علم جي ترقي ۽ تحقيق جي سائنسي طريقن، انهيءَ نڳيءَ جو پردو ڦاڙي ڇڏيو آهي ۽ چٽائي ڪري ڇڏي آهي ته غربت ۽ حڪومت اصل ۾ محنت جي استحصال جي ڪري ئي آهي. جيڪو طبقو محنت جو استحصال ڪري ٿو سو امير آهي ۽ محنت وڪرو ڪندڙ غريب رهجي وڃي ٿو.

خدا جي وحدانيت يا توحيد الاهي جي عقيدي جو معاشرتي مقصد معاشري کي متضاد معاشي طبقن کان پاڪ ڪري محنت ڪرڻ وارن فردن تي مشتمل غير طبقاتي معاشرو قائم ڪرڻ آهي. رڳو زباني طور خدا جي توحيد جو اقرار، هڪ ڳجهو ۽ اجايو عمل آهي. سوشلسٽ فلسفي معاشري کي غير طبقاتي بڻائڻ جي عمل مان خدا جي تصور کي ڪڍي ڇڏيو، جنهن جي ڪري ڪيترا ئي ناڪاري اثر ظاهر ٿيا ۽ سوشلسٽ معاشرو اخلاقي ڇڙواڳي جي ڪري پريشاني جو شڪار ٿي ويو.

## خدا بابت قرآن جو تصور:

خدا جي وجود کي مڃڻ جو فائدو تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو، جڏهن معاشرو توحيدي حيثيت اختيار ڪري وٺي. اهو معاشرو فرد کي اخلاقي ترقيءَ ۾ مدد ڏئي ٿو. جيئن ته استحصال کان پاڪ ۽ صاف معاشرو قائم نه ٿي سگهيو، ۽ جيڪو ٿيو سو به خدا کان انڪار تي ٻڌل هو، تنهن ڪري خدا پرست ۽ خدا کان انڪاري، ٻن شڪلين ۾ معاشرو طبقاتي ٽڪراءَ سان پيدا ٿيڻ واري غير اخلاقي ۽ غير انساني اثرن کان پاڪ نه ٿي سگهيو. قرآن جو خدا بابت تصور قبائلي ۽ قومي نه آهي، پر عالمگير آهي. اهو دنيا جي سيني قومن جو


www.sindhsalamat.com

خلقيندڙ ۽ پالڻهار آهي. انهيءَ تصور مان هڪ اهڙي تهذيب وجود ۾ اچي ٿي، جيڪا انساني اتحاد جو بڻياد بڻجي ٿي. اهو ئي خدا علم جو سرچشمو بہ آهي. دنيا ۾ امن، ترقي ۽ خوشي کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ قومن جي وچ ۾ سياسي اتحاد قائم هجي ۽ اهو سياسي اتحاد اخلاقي اتحاد تي دارومدار رکي ٿو. پهرين وحي ۾ اهو ٻڌايو ويو تہ سڄي دنيا ۾ سياسي ۽ ثقافتي اتحاد رڳو انهيءَ ئي تصور تي قائم ٿي سگهي ٿو تہ، سڀني انسانن جو ۽ سڀني قومن جو آقا اهو ئي هڪ خدا آهي جيڪو هر شيءِ جو خلقيندڙ آهي. قرآن ٻڌايو تہ مخلوق هجڻ جي حيثيت ۾ سڀئي انسان هڪجهڙا آهن ۽ ڪا بہ قوم ٻي قوم کان مٿانهين نہ آهي. خدا جي انهي تصور کي محدود ڪرڻ جي ڪوشش، انسان جي آزاديءَ کي مٿائي ڇڏي ٿي. اها ظلم ۽ خواري ۽ بزدلي جي علمبردار آهي. ڪائنات جي خالق جي وحدت ئي انساني وحدت ۽ انساني عظمت رکڻ واري آهي. انهيءَ تصور تي صحيح عمل سان ئي نفرت ۽ ظلم مِٽجي وڃي ٿو ۽ محبت ۽ عدل پيدا ٿئي ٿو. اهو ئي تصور ثقافتي وحدت جو بنياد آهي ۽ اهو ئي خدائي قانون ۾ حق وارو دين آهي.

خدا جي انهيءَ تصور کي رسول الله ﷺ جن مختلف منزلن ۾ ڏاڪن جي ذريعي دنيا تائين پهچايو ۽ انهيءَ ئي تصور تي مديني ۾ رياست قائم ڪئي. انهيءَ ئي تصور جي روشنيءَ ۾ ميثاق مدينہ بہ ترتيب ڏنو ويو جنهن ۾ يهودين ۽ مشرڪ قبيلن تي ٻڌل هڪ اتحاد قائم ڪيو ويو، جنهن کي "امت واحده" جي لفظن ۾ بيان ڪيو ويو هو. افسوس جو يهودين جي غداري جي ڪري اهو تصور اڳتي وڌي نہ سگهيو. ان کان پوءِ اڳتي هلي خلافت راشده جي جاءِ تي بادشاهت جا بنياد قائم ڪيا ويا.

اسان جي دؤر ۾ وحدت انساني جي قيام لاءِ "ميثاق مدينہ" هڪ روشن نموني جي حيثيت رکي ٿو، پر مسلمان عالمن جي تنگ نظري جي ڪري انهيءَ تي عمل نہ ٿي سگهيو.

## خدا کي مڃڻ جو مقصد:

خدا کي مڃڻ جو رڳو اهو مطلب نہ آهي تہ هر وقت الله جو ورد ڪيو وڃي، يا ٻين معبودن کي مڃڻ وارن تي تشدد شروع ڪيو وڃي. ان جو مطلب اهو آهي تہ جڏهن هيءَ ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وڃي تہ سڀني قومن جو خلقيندڙ هڪ آهي، انهيءَ جي تعليم بہ هڪ آهي تہ انهيءَ هڪڙي خدا يا الٰہ جو ئي حڪم مڃڻ گهرجي. انسان ذات سان محبت ڪرڻ خدا کي خوش ڪرڻ جو


Sindhica Academy, Karachi

ذريعو آهي. ٻين سان نفرت نہ ڪرڻ گهرجي، پوءِ پلي ان جو بنياد مذهبي ۽ قومي اختلاف ئي ڇونہ هجي. خدا جي مرضي ۽ حڪم جي نافرماني ڪندي، ٻين کي نقصان ڏئي پنهنجو فائدو حاصل ڪرڻ، جيئن مزدور جو استحصال ڪري دولت حاصل ڪرڻ، ڪنهن بہ صورت ۾ جائز نہ آهي.

الله تعالىٰ نتو گهري تہ انسان ان جي نالي تي هڪ ٻئي کي قتل ڪن ۽ ڦر مار ڪن. هوش حواس ۽ عمل جا دروازا انهيءَ لاءِ انسانن تي کوليا ويا آهن تہ جيئن انهيءَ هوش ۽ حواس کان ڪم وٺي، اخلاقي ۽ سماجي ترقي ڪريون. پر انسان خدا جي مرضي جي خلاف پنهنجو پاڻ کي متضاد معاشي طبقن ۾ ورهائي ڇڏيو. هڪ تمام ئي ننڍڙي ٽولي خدا جي طرفان انسانن جي فائدي جي لاءِ پيدا ڪيل وسيلن تي قبضو ڪري گهڻائي کي محروم ڪري ڇڏيو ۽ انهن محروم فردن جي محنت جي استحصال سان دولت گڏ ڪرڻ شروع ڪئي. اهڙي طرح معاشرو ٻنهي گروهن جي گڏيل مفادن جي چڪتاڻ ۾ پريشاني جو شڪار ٿي ويو ۽ اها حالت ان وقت تائين قائم رهندي، جيستائين پيداواري وسيلن تي عوام جو قبضو نتو ٿي وڃي.

انهن متضاد مفاد رکڻ وارن طبقن جي پاڻ ۾ چڪتاڻ جي ڪري فرد هڪ مُنو تي خدا ڏانهن بہ متوجهہ نتو ٿي سگهي ۽ اهڙي طرح اهو قرب الاهي کان محروم رهجي ويندو آهي جيڪو ان جي زندگيءَ جو مقصد آهي. ائين معاشري جي گهڻائي، پيداواري وسلين کان محروميءَ جي ڪري، غربت ۽ جهالت ۾ ڦاٿل رهي ٿي ۽ تهذيب جي برڪتن کان پڻ محروم رهي ٿي.

دنيا جي مذهبن جي پيشوائن، پيداواري وسلين تي قابض طبقي جي مفاد کي، مذهبي نقط نظر سان تحفظ ڏنو ۽ عوام کي عبادت ۽ رسمن جي ادائگي سان مطمئن ڪري ڇڏيو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ دنيا جا سڀئي مذهب محنت جي استحصال کي جائز سڏي رهيا آهن ۽ غربت ۽ حڪومت کي خدائي تقدير تصور ڪن ٿا. تنهن ڪري خدا کي مڃڻ جو مقصد ئي اهو آهي تہ پيداواري وسيلن کي ٿورڙن فردن جي قبضي مان ڪڍي، عام مزدور طبقي جي ملڪيت ۾ ڏنو وڃي تہ جيئن هر ماڻهو پنهنجي جسماني ۽ مادي ضرورتن جي پورائي سان مطمئن ٿي، عبادت الاهي ڏانهن متوجهہ ٿي سگهي. اهڙي طرح هو پنهنجي علم ۽ عمل سان پنهنجي مالڪ الله سان ويجهو ٿيندو وڃي جيڪو ان جي تخليق جو اصل مقصد آهي.


www.sindhsalamat.com

## علم ڇا آهي؟:

پهرين وحيءَ وجود ۽ علم جي باري ۾، جيڪي علم بنسبت فلسفي جا بنيادي مسئلا آهن، پنهنجو نقط نظر پيش ڪيو آهي. وجود ته الله تعاليٰ جو آهي ۽ علم جو سرچشمو به الله تعاليٰ جي ذات آهي. وحي الاهي رڳو اهو نه چيو ته خدا تعاليٰ انسان کي علم ڏنو آهي، پر ان کي علّم بالقلم چيو آهي.

اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت يوناني عقليت هر طرف ڇانيل هئي. ارسطو جيتوڻيڪ منطق جي ٻنهي قسمن يعني داخلي منطق (Inductive Logic) ۽ استخراجي منطق (Deductive Logic) جو ذڪر ڪيو آهي. پر معاشرتي حالتن جي ڪري داخلي منطق وڌي ويجهي نه سگهيو، ان جي بدران استخراجي منطق سوچڻ جو اوزار بڻجي ويو.

انهن ٻنهي ۾ فرق اهو آهي ته استخراجي منطق گهٽائي کان هيڪڙائي ڏانهن اچي ٿو جڏهن ته داخلي منطق هيڪڙائي جي مطالعي سان گهٽائي کي ترتيب ڏئي ٿي. مثال طور جيڪڏهن چيو وڃي ته انسان فاني آهي، ته استخراجي منطق انهيءَ مان اهو نتيجو ڪڍي ٿو ته جيئن ته سمورا انسان فاني آهن انهيءَ ڪري زيد به فاني آهي جو اهو ”هڪ“ انسان آهي. پر داخلي سوچ جو ذريعو زمين جي هر خطي جي هر انسان جو مطالعو ڪري ٿو ۽ انهيءَ جي تفصيلي مطالعي مان اهو نتيجو ڪڍي ٿو ته سمورا انسان فاني آهن. ارسطو جي زماني ۾ پيغام رساني ۽ لڏپلاڻ جا وسيلا به ترقي يافته نه هئا، انهيءَ ڪري هيڪڙائي وارو مطالعو تمام ڏکيو هو، جنهن ڪري داخلي منطق وڌيو ويجهيو، جنهن ۾ هيڪڙائيءَ جي تفصيلي مطالعي جي ضرورت نه هئي.

انهن ٻنهي منطقن جي باري ۾ سترهين صدي جي محقق فرانس بيڪن چيو آهي ته استخراجي منطق جو مثال هڪ ڪوريئڙي وانگر آهي، جيڪو هڪڙي ڪنڊ ۾ ويهي پنهنجي اندران پڪَ ڪڍي پنهنجي شڪار کي ڦاسائڻ جي لاءِ ڄارو اڻيندو رهندو آهي، اهڙيءَ ئي طرح استخراجي محقق به پنهنجي ڪمري ۾ ويهي گهٽائيءَ مان هيڪڙائي نتيجو ڪڍندو رهندو آهي. جڏهن ته داخلي محقق جو مثال ماکيءَ جي مک وانگر آهي جيڪا سوين گلن ۽ ميون مان رس چوسي پنهنجي ماناري ۾ ماکي ٺاهي ٿي. داخلي محقق ڪنهن وڏي واقعي (General Proposition) مان نتيجو ڪڍڻ جي لاءِ تفصيلي مطالعو ڪندو آهي، جنهن ۾ ان کي ڪيترن ئي جاين جو سفر به ڪرڻو پوندو آهي. تحيقي جي داخلي طريقي کي تحقيق جو سائنسي طريقو سڏيو وڃي ٿو.


Sindhica Academy, Karachi

علم بالقلم جو مطلب تحقيق جو داخلي طريقو آهي. ڇو ته قلم تفصيلي تحقيق جي نتيجن کي لکي ٿو، جنهن مان ڪو نتيجو نڪري ٿو. قلم کان بنا حاصل ٿيڻ وارو علم تجربي ۽ مشاهدي تي ٻڌل نه هوندو آهي، جڏهن ته قلم جي ذريعي حاصل ٿيندڙ علم تجربي ۽ مشاهدي تي ٻڌل هوندو آهي. پهرين وحي علم بالقلم چئي ڪري سائنسي علم جو ڏس پتو ڏنو آهي، يعني غير سائنسي يا غير داخلي علم کي پيش نه ڪيو آهي. اصل ۾ تحقيق جو داخلي طريقو وڏي يا ننڍي نتيجي جي معروضي يا مادي حقيقت سان مطابقت نٿو رکي. مثال طور جيڪڏهن چيو وڃي ته وڻ دسترخوان هوندا آهن (وڏو نتيجو) هي به وڻ آهي؛ (ننڍو نتيجو) انهيءَ ڪري هي به دسترخوان آهي. (نتيجو) جيستائين وڏي نتيجي ۽ ننڍي نتيجي جو تعلق آهي، نتيجو صحيح آهي. پر وڏو نتيجو معروضي حقيقت جي مطابق نه آهي، وڻ دسترخوان نه هوندا آهن، انهيءَ ڪري نتيجو معروضي حقيقت مطابق نه آهي.

انهيءَ جي مقابلي ۾ تحقيق جي داخلي يا سائنسي طريقي موجب جيڪڏهن وڏو نتيجو معروضي حقيقت سان هڪجهڙائي نٿو رکي ته سائنسي طريقو نتيجي کي قبول نه ڪندو آهي ۽ ان کي غلط سڏيندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اولهه واري تحقيق جي سائنسي طريقي جي استعمال سان، صحيح علم کي اخذ ڪيو آهي جنهن جي ڪري يورپ تمام گهڻي ترقي ڪري ويو آهي. ڇو ته سائنسي طريقي سان حاصل ڪيل علم فرضي ڳالهين تي ٻڌل نه هوندو آهي، پر پڪين حقيقتن تي ٻڌل هوندو آهي ۽ تجربي ۽ مشاهدي سان انهيءَ جي سچائي کي پرکي سگهجي ٿو.

پر افسوس هيءُ آهي ته اسان جي عالمن ۽ مفسرن علم بالقلم جي حقيقت کي سمجهڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي آهي، جنهن جو نتيجو هيءُ نڪتو آهي جو مسلم معاشرو اڄ ڏيڍ هزار سال گذري وڃڻ کان پوءِ به پوئتي پيل ۽ غير ترقي يافته آهي. مسلم ملڪن جي يونيورسٽين ۾ جيڪي علم پڙهايا وڃن ٿا اهي سڀئي علم اولهه جي محققن جا تحقيق ڪيل آهن. پهرين وحي جي انهيءَ علمي حقيقت جي نشاندهي جي باوجود، مسلم عالم ۽ محقق عام طور تي استخراجي عقليت جي ڏيڻ ۾ قائل رهيا. ايتري تائين جو اڄ به ديني مدرسن ۾ استخراجي عقليت کان ئي ڪم ورتو پيو وڃي ۽ انهيءَ جي لاءِ دليل اهو پيو ڏنو وڃي ته خدا جي هستي ۽ طبعيات کان هٽي ڪري ٻيا عقيدا، تجربن ۽ مشاهدن سان معلوم نٿا ڪري سگهجن. جڏهن ته اها ڳالهه بلڪل ئي غلط آهي. قرآن ڪريم وري وري فطرت جي مطالعي جي تاڪيد ڪئي آهي. جيتوڻيڪ امام غزالي ۽ ڪانٽ ٻڌايو آهي ته طبعيات کان هٽي ڪري، حقيقتن


www.sindhsalamat.com

ڪي ڄاڻڻ جي لاءِ عقل ڪم نٿو ڏئي سگهي. پر غزالي ۽ ڪانٽ پاڻ به وجدان جي واڌويجهه جي ذريعي، طبعيات کان پوءِ وارين حقيقتن جو مشاهدو ڪرڻ جي امڪان جو اظهار ڪيو آهي. دنيا جي هر مذهب جي صوفين سڳورن انهن حقيقتن جو مشاهدو ڪري ثابت ڪيو آهي ته اهي حقيقتون ڪنهن فرضي ڳالهه تي ٻڌل نه، پر صحيح معنيٰ ۾ حقيقتون آهن. تنهن ڪري علم بالقلم تجربي ۽ مشاهدي تي ٻڌل هوندو آهي، پوءِ ڀلي اهو عقل جي ذريعي حاصل ٿئي يا وجدان جي ذريعي حاصل ٿئي. وري جيڪڏهن مشاهدن تي غور ڪيو وڃي ته انهن مشاهدن جي هڪجهڙائي انهيءَ ڳالهه جو دليل بڻجي وڃي ٿي ته طبعيات کان پوءِ واريون حقيقتون فرضي ڳالهيون نه آهن، پر ڪي حقيقتون آهن جيڪي زندگيءَ تي پنهنجو اثر ڇڏينديون آهن.

برگسان وقت Time جون به شڪليون ٻڌايون آهن. انهن مان هڪ زمان متسلسل (Serial Time) ۽ ٻيو زمان خالص (Duration) آهي، جنهن جي ذريعي حواس ۽ عقل جو واسطو زمان متسلسل سان رهندو آهي، جيڪو رات ۽ ڏينهن ۾ ورهائبو آهي. زمان خالص جو تعلق وجدان سان هوندو آهي. زمان متسلسل شي (Thing) کي ان جي جزن ۾ ڏسندو آهي. انهيءَ جي پهچ سڀ (Whole) تائين ناهي هوندي. جڏهن ته زمان خالص حقيقت کي سڀ جي حيثيت سان ڏسندو آهي. تنهن ڪري ڪانٽ ۽ غزالي جو هيءُ موقف صحيح آهي ته عقل ۽ حواس حقيقت تائين پهچ حاصل نٿا ڪري سگهن. جو ته انهيءَ جي لاءِ وجدان جي ضرورت آهي. وحي الاهي وجدان سان تعلق رکي ٿي. پر هيءُ حقيقت ياد رکڻ گهرجي ته وجدان جو تعلق به تجربي ۽ مشاهدي سان آهي. اهو غير عقلي نه آهي جيتوڻيڪ ظاهر ۾ عقل کان مٿانهون آهي.

## پاڱو ٽيون: ڳجهي دعوت

(ڊسمبر 610ع کان فيبروري 612ع)

جيئن ته هن کان پهريان بيان ٿي چڪو آهي ته انقلاب جي جزن مان سڀ کان پهريون جزو نظريو هوندو. انهيءَ نظريي ۾ انقلاب جو فلسفو ۽ نصب العين جي تفصيل هوندي آهي. نظريي تي سهمت ٿيڻ وارن فردن جي جماعت يا پارٽي جوڙي ويندي آهي جيڪا سياسي جاکوڙ سان انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.


Sindhica Academy, Karachi

غار حرا ۾ نازل ٿيڻ وارين پنجن آيتن ۾ اسلامي انقلاب جو مڪمل نظريو ۽ نصب العين ڏنو ويو هو. جيئن ته ايران ۽ روم جي پاڻ ۾ جنگين جي ڪري واپاري رستا بند ٿي ويا هئا. قريش جي سردارن جي معاش جو ذريعو رڳو حج جي ميلي ۽ واپاري قافلا هئا. انهيءَ ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن سوچيو ته جيڪڏهن هن وقت کين بت پرستي کي ڇڏي ڏيڻ جي صلاح ڏني وئي ته اهي سمجهندا ته انهن جي روزيءَ جو آخري سهارو به ختم ڪيو پيو وڃي. تنهن ڪري فيصلو اهو ڪيو ويو ته ڪجهه عرصي تائين چپ چپات ۾ ڪم ڪيو وڃي ۽ جيڪي به ماڻهو انقلاب جا ٻانهن ٻيلي هئا، انهن تي ٻڌل هڪ جماعت جوڙي وڃي. ان کان پوءِ حالتون بدلجندي ئي اعلانيه جاکوڙ شروع ڪئي وڃي.

ڪوهه صفا جي ڪڇ ۾ ابو الارقمؓ (اسدي) جي گهر ۾ نبي ڪريم ﷺ جن پناهه ورتي ڇڏي هئي، ۽ هتان کان ئي ڳجهي دعوت پکيڙي پئي وئي. حضرت ابو بڪرؓ جي ڪوشش سان ڪجهه آزاد ۽ غلام ماڻهن انهيءَ دعوت کي قبولي ورتو. شروع ۾ مؤمن يا مسلم جي بدران سچار جو لفظ استعمال ٿيندو هو. دعوت هيءَ هوندي هئي:

(1) گهڻ ئي پالڻهارن جي جاءِ تي رڳو هڪڙي ئي پالڻهار جي پوڄا ڪئي وڃي ۽ ارباب من دون الله جي ٻانهپ ۽ غلاميءَ جي خلاف بغاوت ڪئي وڃي. مقصد هيءُ هو ته الله جي جوڙيل نظام حيات جي مقابلي ۾ اهي مشرڪ آهن جن زندگيءَ جو نظام پنهنجي مرضي موجب ٺاهي ورتو هو. خدا جي نظام ۾ رزق حاصل ڪرڻ جا ذريعا سڀني لاءِ کليل ۽ عام هئا. هر ماڻهو پنهنجي جسماني ۽ ذهني قابليت جي موجب انهن مان فائدو ماڻي سگهي پيو. انساني معاشري ۾ متضاد معاشي مفاد رکڻ وارا طبقا ڪونه هئا. يعني آقا ۽ مالڪ جو وجود نه هو. پر انهن ”ارباب من دون الله“ معاشري کي آقا ۽ غلام ۾ ورهائي ڇڏيو هو. انهيءَ ورڇ مطابق گهڻائي غلامن تي ٻڌل هئي جڏهن ته آقائن جو تعداد تمام ٿورو هو. جيئن ته انهن آقائن جو رزق، علم ۽ تهذيب جي وسيلن تي قبضو هو، انهيءَ ڪري انسانن جي گهڻائي غربت، جهالت،غلامي، مسڪيني ۽ ڪسمپرسي جي حالت ۾ جڪڙيل هئي.

”ارباب من دون الله“ اهي مالڪ هئا، جن کي مذهبي پيشوائن بتن ۽ انهن تي قائم ٿيڻ واري مذهبي اڳواڻي واري نظام جي سردارن تائين محدود ڪري ڇڏيو هو ته جيئن آقائن جا مفاد محفوظ رهن. ان کان پوءِ


www.sindhsalamat.com

معاشري جي ارتقا سان گڏوگڏ اهي آقا، جاگيردار، صنعتڪار ۽ ڪارخانن جي مالڪن جي حيثيت ۾ بدلجي ويا ۽ غلام، زرعي غلام ۽ پگهاردار غلام جي شڪل اختيار ڪري ورتي.

”ارباب من دون الله“ جي خلاف بغاوت اصل ۾ معاشي طبقاتي نظام ۽ بتن جي حمايت ۽ حفاظت ڪرڻ واري مذهبي اڳواڻي واري نظام جي خلاف بغاوت هئي، جنهن اڄ بت پرستي جي خاتمي ڪان پوءِ هاڻي مذهبي پيشوائيت جي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي. گڏوگڏ اهو به ته اڄ جا ”ارباب من دون الله“ جن جي قبضي ۾ رزق جا وسيلا، جهڙوڪ زمين، ڪارخان، ڪوئلو ۽ ٻيون معدني ڪاٽيون، پيٽرول ۽ گيس جا ذخيرا، ٻيلا ۽ دريا وغيره آهن، سي انهيءَ جاگيردار، صنعتي سرمائيدار، وڏن واپارين جيڪي اسٽاڪ ايڪسچيج جي وڏي جوئا خاني سان تعلق رکن ٿا، شاهوڪار نظام رکندڙ بينڪرن ۽ سمگلرن وغيره جي نالن سان به سڏيا وڃن ٿا. اڄ به انسانن جي گهڻائي هارين ۽ مزدورن تي مشتمل آهي، انهن سان گڏ وڏو تعداد پوئتي پيل ۽ نادار انسانن جو آهي.

هن معاشي طبقن تي ٻڌل نظام انسانن جي وچ ۾ هڪجهڙائي ڪي ختم ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ نظام خود غرضي، حسد ۽ نفرت ڪي هٿي ڏني، جنهن جي نتيجي خوف، ڳٽتي ۽ بک جو هر طرف راڄ آهي. نيڪي ۽ شرافت جا جذبا ڏٻجي ويا آهن.

(2) جيڪي ماڻهو انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪري وٺن ته رڳو رب الخالق، المعلم جي پوڄا ڪئي وڃي، انهن ڪي گهرجي ته ٻين ڪي به شرڪ ۽ ڪفر جي اونداهيءَ مان ڪڍن ته جيئن انساني هڪجهڙائي قائم ٿي سگهي ۽ طبقاتي معاشرو توحيدي معاشري ۾ بدلجي وڃي. پيداواري وسيلا ٿورڙن ماڻهن جي قبضي مان نڪري مزدورن ۽ عوام جي ملڪيت ۾ اچي وڃن ۽ ائين ڪينو، نفرت ۽ خود غرضي جي جاءِ تي محبت، نيڪي ۽ شرافت والاري. اهڙي قسم جي تبديلي ئي بک، خوف ۽ جهالت ڪي ختم ڪندي.

(3) هن دعوت ڪي مڃيندڙن جي جماعت جو امام نبي ڪريم ﷺ جن پاڻ هئا، جيڪي رب الخالق والمعلم جا موڪليل پيغمبر هئا. اهو رحماني پيغام انسانيت ڪي اونداهي ۽ ڪفر مان ڪڍي سوجهري ۽


Sindhica Academy, Karachi

ايمان ڏانهن، اٻاڻائيءَ مان ڪڍي علم ڏانهن ۽ اڻ ڳڻين آقائن جي غلامي ۽ ذلت مان ڪڍي رڳو هڪ آقا (الله) جي غلامي جي شرف ڏانهن وٺي وڃي ٿو. اها ئي ڳالهه اسان جي دؤر ۾ جاگيردارن ۽ صنعتي سرمائيدارن جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ماڻڻ آهي. اسلام جي شروعاتي دؤر ۾ مڪي جا پيداواري وسيلا واپار تي مشتمل هئا. مڪي ۽ مديني ۾ زمين پيداواري وسيلو نه هئي. پر انهيءَ جي باوجود به نبي ڪريم ﷺ جن زمين جي باري ۾ اهو فيصلو ڏنو ته پوکي ڪرڻ جي بدران جيڪڏهن زمين ڪي هارپي تي ڏنو وڃي ته اهو معاملو ربوا (وياج) جو آهي. تنهن ڪري ڪڙمت ڪي ناجائز سڏيو ويو ۽ ٻڌايو ويو ته زمين جو مالڪ اهو آهي جيڪو ان ڪي پاڻ کيڙي ٿو. پر بادشاهي نظام جي دٻاءَ ۾ اچي، جنهن ۾ غلامن جي ادارن ڪي مستقل بڻايو ويو هو، جڏهن ته قرآن فديي يا احسان سان غلام ڪي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو، امام ابو يوسفؒ ڪڙمت جي اجازت ڏئي ڇڏي، جنهن سان مسلمانن ۾ جاگيرداري نظام قائم ٿي ويو. اصل ۾ انهيءَ جي شروعات دمشق جي خلافت ڪان ئي شروع ٿي وئي هئي، پر انهيءَ جي تڪميل عباسي خلافت ۾ ٿي.

نبي ڪريم ﷺ جن ڪڙمت ڪي وياج تي مبني ڪاروبار سڏيو هو جنهن جو نتيجو اهو ٿيو ته حضرت عمرؓ جي زماني ۾ جڏهن عراق، شام ۽ مصر وغيره جي زمينن جي ورهاست جو مسئلو اڳيان آيو ته حضرت عمرؓ انهيءَ ورهاست مان مطمئن نه ٿيو، ايتري تائين جو ڪين قرآن حڪيم مان ڄاڻ ملي ته انهن زمينن ۾ انهن جو به حصو آهي، جيڪي هن ڪان پوءِ اچڻ وارا آهن. تنهن ڪري سڀئي زمينون گڏيل ملڪيت ۾ ورتيون ويون ۽ خلافت راشده تائين مسلم معاشرو جاگيرداري جي لعنت ڪان محفوظ رهيو.

جن ماڻهن حضرت رسول الله ﷺ جي دعوت تي ڪن ڏنو ۽ ڳجهي پارٽي جا ميمبر بڻجي ويا، انهن جا نالا هيٺ ڏنا ويا آهن. انهن اصحابن جي باري ۾ تفصيل سيرت جي عام ڪتابن ۾ ملي ويندو. انهن ۾ ڪيترا ته اهڙا ماڻهو به آهن، جن تي لڱ ڪانداريندڙ ظلم ڪيا ويا:

1. حضرت خديجة الڪبريٰؓ، نبي ڪريمؐ جي شريڪ حيات.
2. حضرت زيدؓ بن حارث، نبي ڪريم ﷺ جو آزاد ڪيل غلام.
3. حضرت عليؓ بن ابي طالب، نبي ڪريمؐ جو سؤٽ.


www.sindhsalamat.com

4. حضرت ابو بڪرؓ بن قحافہ نبي ڪريمؐ جو ننڍپڻ جو سنگتي ۽ ساٿي.

5. حضرت عثمان بن عفان (4 محرم 24 ھ ۾ حضرت عمرؓ کان پوءِ خليفا چونڊيا ويا ۽ 8 ذي الحج 35 ھ ۾ شهيد ڪيا ويا).

6. حضرت زبير بن العوام (اسدي) رسول الله ﷺ جي پڦي جا پٽ هوا. سخت سور سٺا. 36 ھ ۾ سجدي جي حالت ۾ شهيد ڪيا ويا.

7. عبدالعزيٰ بن عوف (زهري) اسلام کان پوءِ ان جو نالو عبدالرحمان رکيو ويو. حضرت عمرؓ جي خلافت کان پوءِ ڪنڌائتو ٿي ويهي رهيو.

8. طلحہ بن عبيد اللهؓ (تميمي) حضرت ابوبڪرؓ جو مائٽ هو. احد جي جنگ ۾ رسول الله ﷺ کي بچائيندي سندس آڱريون ڪٽجي ويون. حضرت عليؓ جي زماني ۾ خلافت جو اميدوار هو. پر حضرت زبيرؓ جي الڳ ٿي وڃڻ سان هي بہ پاسي ٿي ويو. شهيد ڪيو ويو.

9. ابو عبيده عامر بن الجراحؓ (فهري). نجران وارن جي لاءِ معلم ٿي ڪري ويو. شام جي فوجن جو سالار بڻيو. بيت المقدس کي صلح سان فتح ڪيو. 8 ھ ۾ وفات ڪيائين.

10. سعد بن ابي وقاصؓ (زهدي) فاتح ايران.

11. عمير بن ابي وقاصؓ مائٽي ۾ پاڻ ﷺ جو مامو هو. ڪوفي کي آباد ڪيائين ۽ 55 ھ ۾ مديني کان ٻاهر ڪنڌائتو رهندي وفات ڪيائين.

12. ابو سلمہ عبد الله بن عبدالاسدؓ رسول الله ﷺ جو پڦاٽ ۽ رضاعي ڀاءُ هو. جنگ احد ۾ زخمي ٿيو ۽ 4 ھ ۾ وفات ڪيائين.

13. ام سلمہؓ ام المؤمنين هئي. پاڻ ﷺ سان نڪاح ۾ اچڻ کان اڳ ابوسلمہ جي زال هئي.

14. عثمان بن مظعونؓ.

15. سائبؓ ۽ ان جا ٻہ ڀائر

16. قدامہؓ.

17. عبد اللهؓ. سؤٽ هو.

18. معمر بن الحارثؓ 2ھ ۾ وفات ڪيائين. هو تهجد گذار ۽ روزا رکندڙ هو.

19. عامر بن فهيره (ازدي)حضرت ابو بڪرؓ ان کي خريد ڪيو ۽ آزاد ڪيو هو. غار ثور وارن ڏينهن ۾ اهو ئي ٻڪريون چاريندي هجرت جي


Sindhica Academy, Karachi

موقعي تي ڪير پيارينده هو. 4 ھ ۾ جڏهن ستر (70) قاري شهيد ٿيا تہ هيءُ بہ انهن ۾ شامل هو.

20. ابو حذيفہؓ بن عتبہ شروع ۾ اسلام جو سخت مخالف هو. پر ايمان آندائين. 54 سالن جي عمر ۾ مسيلمہ ڪذاب سان وڙهندي شهيد ٿيو.

21. رقمؓ بن ابي ارقم (اسدي) پيءُ جو نالو ابو ارقم هو. صفا جبل جي هيٺان ان جو گهر هو. اتي ئي رسول الله ﷺ جن پناهہ ورتي هئي. 83 سالن جي عمر ۾ وفات ٿيس. 140ھ ۾ خليفي منصور عباسي سندس يادگار گهر کي خريد ڪري ورتو هو.

22. غلامن ۽ عورتن جي طرفان تصديق. وقفي وقفي سان ٿورڙا غلام ۽ عورتون بہ انهيءَ انقلابي برادريءَ ۾ شامل ٿيند رهيا. غلامن مان:

(أ) عمار بن ياسرؓ 20 هجري ۾ ڪوفي جو والي بڻيو. پنهنجي پر اثر تقريرن سان تقريباً ڏهہ هزار ڪوفين کي حضرت عليؓ جو حامي بڻائي ورتو. (90) سالن جي عمر ۾ جنگ جمل ۾ شهيد ٿيو.

(ب) صهيبؓ بن سنان (رومي) موصل جي رهڻ وارو هو. حضرت عمرؓ جي شهادت کان پوءِ خلافت جي فيصلي تائين خليفو رهيو. 38 ھ ۾ مديني ۾ 72 سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائون.

(ت) بلال حبشيؓ اميہ بن خلف جو غلام هو جيڪو مٿس لڳ ڪانداريندڙ انداز سان ظلم ڪندو هو. حضرت ابوبڪرؓ کيس خريد ڪري آزاد ڪري ڇڏيو هو.

(ث) ان کان سواءِ ڪيترائي غلام هن انقلابي هلچل ۾ شامل ٿي ويا هئا ۽ تڪليفون برداشت ڪرڻ کان پوءِ بہ حق تي قائم رهيا. اسلامي دؤر ۾ انهن کي عزت ۽ مرتبو مليو.

(ج) اسماء بنت عميس، حضرت جعفر بن ابي طالب سان گڏ حبشہ ڏانهن هجرت ڪئي. ڪيترن ئي سالن تائين جلاوطني برداشت ڪئي. 7 هجري ۾ رنڙ ٿي وئي ۽ حضرت ابوبڪرؓ جي نڪاح ۾ آئي.

(ح) ام الفضلؓ زوجہ عباسؓ عورتن مان حضرت خديجہؓ کان پنيان ئي مسلمان ٿي وئي هئي. ياد هجي تہ هيءَ ۽ ٻيون عورتون پنهنجن مڙسن کان پهريان انهيءَ جماعت ۾ شامل ٿي ويون هيون


www.sindhsalamat.com

۽ هر طرح پنهنجي خلاف خانداني مخالفت کي بہ برداشت ڪيو.

(خ) اسماء بنت حضرت ابو بڪرؓ جو ايمان آڻڻ وارن ۾ ارڙهون نمبر آهي. هي انهيءَ عبدالله بن زبير جي ماءُ آهي، جنهن يزيد جي خلافت جو انڪار ڪيو ۽ شهيد ڪيو ويو.

(د) رسول الله ﷺ جون ٻہ نياڻيون بي بي رقيہؓ ۽ بي بي ام ڪلثومؓ بہ انهيءَ ٽولي ۾ شامل هيون جيڪي اسلام آڻڻ ڪان پوءِ سخت تڪليفن ۾ مبتلا ٿيون.

(ذ) عائشہؓ بنت ابي بڪرؓ پاڻ پيدائشي مسلمان هيون. پاڻ نبي ڪريم ﷺ جي سڀ ڪان ننڍي عمر واري گهرواري هئي. جنگين ۾ زخمين کي پاڻي پياريندي ۽ انهن جي ملم پٽي ڪندي هئي. 11 هہ ۾ نبي ڪريم ﷺ جن سندن ڪوٺيءَ ۾ دفن ٿيا. بيواهيءَ جا 48 سال گذارڻ ڪان پوءِ 62 سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. پاڻ وڏي فقيهہ هئي.

(ر) فاطمہؓ بنت خطاب، حضرت عمرؓ جي ڀيڻ هئي. هن حضرت عمرؓ ڪان پهريان اسلام قبوليو هو.

(ز) اميمہؓ بنت خلف بہ شروعاتي مسلمانن مان هئي. پنهنجي ڀاءُ اميہ بن خلف جي سخت مخالفت جي هوندي بہ مسلمان ٿي وئي. پنهنجي مڙس خالد بن سعيد سان گڏ حبشہ هجرت ڪئي.

هن فهرست تي هڪ نظر وجهڻ سان اها ڳالهہ چٽي ٿي وڃي ٿي تہ اسلامي انقلاب هڪ عوامي انقلاب هو. اهو رعايتون ڏنل طبقي جي مفادن جي حفاظت جي لاءِ نہ آيو هو. ڪڙمت کي ربوا (وياج) سڏڻ جو مطلب ئي اهو هو تہ انهيءَ دؤر ۾ جيئن تہ پيداواري وسيلو صرف زمين هئي، تنهن کي مزدور يعني عوام جي قبضي ۽ ملڪيت ۾ ڏنو وڃي تہ جيئن جاگيرداري نظام قائم نہ ٿي سگهي. رعايتون ڏنل طبقي جا ڪجهہ فرد، جيڪي انقلابي جاکوڙ ۾ شامل هئا سي نيڪ دل ۽ انسان دوست هئا ۽ هيءُ ٿورڙو تعداد هر عوامي انقلاب ۾ شامل رهيو آهي. اهي ماڻهو اصل ۾ زمين جا مالڪ نہ هئا جيڪي محنت جي استحصال جو ذريعو بڻبي رهي آهي، پر واپاري هئا. هن دؤر جي واپار ۾ محنت جي استحصال جو تمام ئي ٿورڙو شبهو هو. اهو واپار قافلن جي صورت ۾ هوندو هو، جنهن کي حڪومت پنهنجي قبضي ۾ وٺي نٿي سگهي.

اسلامي انقلاب تي، رعايتون ڏنل طبقي حضرت عثمانؓ جي خلافت


Sindhica Academy, Karachi

جي آخري سالن ۾ قبضو ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني هئي. انهن جي شهادت ڪان پوءِ جنگ جمل ۽ جنگ صفين ۾ انهيءَ طبقي خلافت تي قبضو ڪري ورتو ۽ انهيءَ کي مديني ڪان دمشق ڪٽي ويا، جتي انهيءَ عوامي انقلابي جمهوريت کي بادشاهيت ۾ بدلائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي وئي.

ڳجهي دعوت جو دؤر لڳ ڀڳ ٽي سال جاري رهيو. انهيءَ عرصي ۾ غلام، عورتون ۽ مرد سڀئي هن نئين ايرندڙ انقلابي تحريڪ ۾ شامل ٿي رهيا هئا. خوف، بک، جهالت ۽ نالي چڙهين مذهبي پيشوائن ڪان آزادي جو پروگرام ٻڌجي چڪو هو ۽ الله تعاليٰ، جيڪو پالڻهار ۽ خالق ۽ ڪريم هو، تنهنجي ٻانهپ جي ڳجهي تياري ٿي رهي هئي.

انهيءَ دؤر ۾ وحي الاهي جي ذريعي جيڪي سورتون نازل ٿيون، انهن جو خطاب نہ تہ اميرن سان هو ۽ نہ ماڻهن سان. اهي رڳو رسول الله ﷺ جي دل کي ڏڍ ڏيڻ ۽ ڪين انقلاب جي ڏکين مرحلن مان گذارڻ جي لاءِ دل ٻڌائڻ جي لاءِ هيون. اهي سورتون والضحيٰ، الم نشرح، الفلق، الفيل ۽ القدر وغيره هيون.

جن جو مفهوم هيءُ هو تہ انقلاب جي مقصد ۽ حڪمت عملي جي باري ۾ رسول الله ﷺ جي دل کي ڪشادو ڪيو ويو آهي. ڀڪ سان سندن ڳالهہ متاثهين هوندي. ڏک ۽ سک جو اچڻ انساني زندگيءَ جو حصو آهي. ڪين يتيميءَ جي حالت ۾ پناهہ ملي. انقلاب جو ڏڳ نہ ملڻ تي ڪين ڏگ ڏسيو ويو. مسڪينيءَ ڪان شاهوڪاري ملي. اهڙي طرح هر اچڻ وارو دؤر ڀهرين دؤر ڪان ڀلو ٿيندو ويندو. خدا جادوگرن ۽ حاسدن ڪان ڪين پنهنجي پناهہ ۾ رکندو ۽ اهي هاٿين وارن وانگر تباهہ ٿي ويندا. انهن جادوگرن وغيره جو مقابلو انهيءَ سلامتيءَ واري تعليم سان ڪيو ويندو، جيڪو الروح آهي، يعني قرآن سان اسان سان گڏ ملائڪ آهن جيڪي امن ۽ سڪون ۽ سلامتي پيدا ڪندا آهن.

## هن دؤر جون ڪي خاصيتون

(1) هن دؤر ۾ خدا جي لاءِ واحد جو لفظ استعمال نہ ڪيو ويو، پر اڻ سڌي طرح توحيد الاهي جي تصور تي زور ڏنو ويو تہ خلقيندڙ اڪيلو آهي. ٻيو ڪو بہ خالق نہ آهي. وجود بہ انهيءَ جو آهي ۽ علم جو سرچشمو بہ اهو ئي آهي.

(2) خدا جي سيني صفتن ۾ صفت "رب" تي وڌيڪ زور ڏنو ويو، جو تہ رب جي معنيٰ آقا آهي. انهيءَ دؤر ۾ غلامي عام هئي. روم، ايران، مصر وغيره وڏيون تهذيبون غلام بڻائيندڙ بہ هيون ۽ غلامن تي ٻڌل ٻڻ


www.sindhsalamat.com

هيون. سندن مالڪ تمام ئي ظالم ۽ مطلبي هئا. انهن جي مقابلي ۾ رب جو تصور تمام ئي ٻاجهه ۽ مهرباني وارو هو، جيڪو خالق به هو ۽ علم ڏيڻ وارو ۽ معلم به هو. جيتوڻيڪ ڪجهه مالڪ مهربان به هئا، پر الله ڪرم ڪندڙ هو يعني ان جهڙي بي حساب مهرباني ڪرڻ وارو ٻيو ڪو به مدمقابل نه آهي. انهيءَ ڪري انهيءَ (ڳجهي دعوت واري) دؤر ۾ انساني آقائن جي مقابلي ۾ الله تعاليٰ کي رب (آقا) سڏيو ويو آهي ته جيئن غلام پنهنجي دنياوي آقائن کان بغاوت ڪري جيڪي ظالم، خونخوار، خود غرض ۽ انسانيت کي علم ۽ تهذيب جي برڪتن کان محروم رکڻ وارا هئا. انهيءَ هڪڙي آقا جي بندگي ۾ اچي وڃن جيڪو خالق آهي، مهربان آهي، اجا به تمام ئي مهربان آهي ۽ علم ڏيڻ وارو معلم پڻ آهي.

(3) هتي رڳو علم نه چيو ويو، پر علم بالقلم چيو ويو آهي. قلم تجربي توڙي مشاهدي ۽ انهن جي نتيجن کي محفوظ ڪرڻ جو ذريعو هو ته جيئن اچڻ وارا نسل انهن تجربن ۽ مشاهدن مان فائدو ماڻي علم کي وڌيڪ ترقي ڏين. انهيءَ ڪري علم مان مراد سائنس ۽ تاريخ بابت علم آهن. يورپ مسلمانن کان استفادو ڪري تجربي ۽ مشاهدي تي ٻڌل علم يعني سائنس کي، جنهن کي استقرائي علم به چيو وڃي ٿو، تمام گهڻي ترقي ڏني. انسان زمين ۽ سمنڊن جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ فضا کي به فتح ڪري چنڊ تي پير رکيو. سائنس تحقيق جي داخلي طريقي جو ٻيو نالو آهي. استخراجي طريقو سائنسي مطالعي جي برخلاف، ان جو ضد آهي. انهيءَ تي تفصيلي نوٽ پهريان گذري چڪو آهي.

(4) قرآن جي پهرين ئي وحيءَ اخلاقيات کي اقتصاديات سان وابسته سڏيو آهي. جيڪڏهن معاشرو اهڙي اقتصاديات تي ٻڌل هوندو، جنهن ۾ محنت جو استحصال ڪيو ويندو هوندو ۽ معاشرو آقا ۽ غلام جي طبقن ۾ ورهائجي ويو هوندو، يعني هڪ طبقو جيڪو تمام ئي ٿوري تعداد ۾ آهي، سمورن پيداواري وسيلن ۽ اقتدار تي قابض هجي ۽ ٻيو طبقو اهو جنهن ۾ مزدورن ۽ پوئتي پيل محروم انسانن جي تعداد جو نوي سيڪڙو هجي، ته اهڙي اقتصادي ۽ معاشي نظام ۾ سڀئي بداخلاقيون، جهڙوڪ خون خرابي، ويڙهه جهيڙو، جنسي ڇڙواڳي، جوئا بازي، قمار، شراب نوشي، عزت جي نيلامي، ڪمزورن جي مال تي ڌاڙ سان قبضو



ڪرڻ وغيره شامل هوندا. اجا به ائين چئجي ته اهو طبقاتي معاشي نظام ئي انهن بيمارين کي پيدا ڪندو آهي. انهيءَ جو اصل سبب پيداواري وسيلن تي قبضو رکڻ واري طبقي (آقا، جاگيردار ۽ صنعتڪار) جي مفادن ۽ انهن وسيلن کان محروم گهٽائي، جيڪا پنهنجي محنت وڪڻي ڪري پيٽ پالڻ وارن (يعني غلام، زرعي غلام ۽ پگهاردار غلام) جي طبقي تي ٻڌل، جي وچ ۾ ٿيندڙ طبقاتي ڇڪتاڻ آهي.

جيڪڏهن پيداواري وسيلا عوام جي ملڪيت ۾ هجن ته طبقاتي ڇڪتاڻ ختم ٿي ويندي ۽ معاشري ۾ امن، برابري، محبت، پاڻ ۾ تعاون، جنسي صحتمندي، ڪمزور جي مدد ڪرڻ وارا انسان پيدا ٿيندا. تنهن ڪري اخلاقي نظام جو چڱو يا خراب هئڻ معاشي نظام جي طبقاتي يا غير طبقاتي هئڻ تي دارومدار رکي ٿو. قرآن انهيءَ نظريي تي چڱيءَ طرح روشني وڌي آهي، ۽ عياش ۽ وڏائي ڪندڙن جي مقابلي ۾ ڪمزورن، عام انسانن ۽ گهٽائي وارن طبقن جي وضاحت ڪئي آهي ۽ مقصد هيءُ ٻڌايو آهي ته عياشن جي طبقي کي ختم ڪري معاشري کي غيرطبقاتي معاشري ۾ بدلايو وڃي. پر خلافت جي دمشق ڏانهن منتقل ٿيڻ ۽ اسلام جي انقلابي اڳواٽي تي رعايتون ڏنل طبقي جي قبضي، طبقاتي معاشري کي توحيدي يا غيرطبقاتي معاشري ۾ بدلائڻ جي تصور کي ئي ختم ڪري ڇڏيو ۽ بادشاهيت جي اداري کي دائمي طرح مضبوط ڪري ڇڏيو. اهو ئي سبب آهي جو ڏيڍ هزار سالن کان مسلمان معاشرو طبقن ۾ ورهائبو آيو آهي، جنهن ڪري هر طرح جي بداخلاقي ۾ ڦاٿل آهي. جيستائين اهو طبقاتي نظام قائم رهندو، اها ڇڙواڳي ۽ بد اخلاقي به قائم رهندي.

(5) اسلام جادو جي اثرن کي مڃي ٿو. پر جادوگر کي انسان دشمن سڏي ٿو ۽ ڪين پنهنجي جادوگري ختم ڪرڻ جي هدايت ڪري ٿو. پر هيءُ ڪاروبار نه رڳو انساني معاشري، پر مسلم معاشري ۾ اڄ تائين پنهنجا پير ڄمايون بيٺو آهي. قرآن ضد آهي جادو ۽ منتر وغيره جو. اها تعليم جيڪا حق هجي، هدايت ۽ نور هجي، جنهن جي پڙهڻ سان جبل به هلڻ لڳن، سو ڪلام پڪ سان الله تعاليٰ جي طرف کان هوندو. ”وَلَوۡ اَنَّ قُرۡاٰنًا سُيِّرَتۡ بِهِ الۡجِبَالُ“ (الرعد:31). ڪافر قرآن کي جادو چوندا هئا ۽ جادو ڪوڙ هوندو آهي ”وَلَئِنۡ قُلۡتَ اِنَّكُمۡ مَّبۡعُوۡثُوۡنَ مِنۡۢ بَعۡدِ


www.sindhsalamat.com

الْمَوْتِ لَيَقُوْلَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ“ (هود:7)

(6) ملائڪَ يا ملائڪُ (جمع ۽ واحد) اُهي طبعي قوتون آهن جيڪي سموري ڪائنات ۾ ملن ٿا. يهودي ۽ عيسائي انهن کي جسم وارو سمجهندا هئا ۽ اهو ته اهي الله جون فرمانبردار روحاني قوتون يا فرشتا آهن. جهالت جي زماني ۾ عرب انهن کي ماديون سمجهندا هئا ۽ پنهنجي ديوين (لات، منات ۽ عزيٰ) کي ملائڪَ چوندا هئا. انهن جو خيال هو ته اهي الله جون ڌيئر آهن ۽ انهن جي ماءُ هڪ جنڙي آهي ”فَاسْتَفْتِهِمْ اَلِرَبِّكَ الْبَنَاتُ وَلَهُمُ الْبَنُوْنَ“ (الصافات: 149) جڻ ته خدا ۽ جن جي مائٽي ڳنڍي، ٻنهي کي خوش ڪرڻ گهرندا هئا ” وَجَعَلُوْا بَيْنَهٗ وَبَيْنَ الْجِنَّةِ نَسَبًا ط “ (الصافات:158)

قرآن ڪيترائي دفعا سڪينه يعني دل جي اطمينان ۽ جنود الله يعني الله تعاليٰ جي عطا ڪيل همٿ جي نزول جو ذڪر ڪيو آهي. اهڙي طرح ملائڪن سان گڏ الروح يعني خدا جي قوت يا جبرئيل جو ذڪر آهي. انهيءَ ڪري الروح کي امر رب يا وحي چيو ويو آهي. اهڙي طرح ” يُنَزِّلُ الْمَلٰٓئِكَةَ بِالرُّوْحِ مِنْ اَمْرِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖٓ“ (النحل:2)، ” قُلِ الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ “ (بني اسرائيل:58) ۽ ”وَ كَذٰلِكَ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ رُوْحًا مِّنْ اَمْرِنَا“ (الشوريٰ:52) به چيو ويو آهي. مطلب ته قرآني اصطلاح ۾ ملڪ يا فرشتو اها خدائي قوت آهي، جيڪو انسان جي دل ۾ اطمينان، ڀروسو، همٿ ۽ استقامت پيدا ڪري ٿو. موجوده زماني جي اصطلاح ۾ انهيءَ کي ضمير يا وجدان چئي سگهجي ٿو. يا استعاري طور هي خدائي آواز آهي، جيڪو هر انسان ٻڌي سگهي ٿو ”فَاَلْهَمَهَا فُجُوْرَهَا وَتَقْوٰىهَا“ (والشمس:8)

هاڻي انهن سورتن جي مفهوم تي ٿورڙي وضاحت ڪجي ٿي. وڌيڪ وضاحتون توهان کي تفسيرن ۾ به ملي وينديون.

(1) غار حرا ۾ اچڻ واري پهرين وحي الاهي پنجن آيتن تي ٻڌل هئي، جنهن ۾ فلسفي جي ٻن بنيادي سوالن جو جواب ڏنو ويو هو: هڪ اهو ته وجود ڇا آهي؟ ۽ ٻيو اهو ته علم ڇا آهي؟

هستي ۽ معرفت يعني وجود ۽ علم جي هيئت جي ڳولا ۾ انسان فلسفي جا ڪيترا ئي فڪري مڪتب پيدا ڪري ورتا هئا. انهن مختلف مڪتبن انساني ذهن کي پريشاني ۾ وجهي ڇڏيو هو. پهرين وحيءَ حقيقت سان گڏوگڏ اهو به ٻڌائي ڇڏيو ته وجود توڙي علم جو سرچشمو رب، الخالق ۽ المعلم جي ذات


Sindhica Academy, Karachi

آهي. انهيءَ خالق جي حڪمن جي فرمانبرداري طبقاتي معاشري کي، جيڪو سڀني بداخلاقين جو بنياد آهي، توحيدي معاشري ۾ بدلائي ڇڏيندي ۽ اهڙيءَ طرح انسان ذات بک، جهالت، خوف ۽ غلاميءَ جي لعنت کان ڇوٽڪارو ماڻيندو.

انهن پنجن آيتن جي نزول کان پوءِ انهن ۾ ٻڌايل زندگيءَ جي فلسفي ۽ ڪائنات جي تصور ۽ نصب العين کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڳجهو طريقو پنهنجايو ويو. انهيءَ عرصي ۾ نبي ڪريم ﷺ جي دل کي ڏاڍو ڪرڻ ۽ انقلاب جي ڳري بار کي کڻڻ جي لاءِ سندن دل کي ڪشادو ڪيو ويو.

(2) والضحيٰ: انهيءَ سلسلي ۾ ٻي سورة والضحيٰ نازل ٿي. پهرين وحي کان پوءِ وحي جو سلسلو ڪجهه عرصي جي لاءِ بند ٿي ويو هو.

نبي ڪريم ﷺ سمجهيو ته شايد انقلابي جاکوڙ ۾ خدائي هدايت جو سلسلو بند ٿي ويو آهي. اها سورة انهيءَ ئي فڪرمندي جو جواب آهي، ته فطرت (الله) ۽ ان جون قوتون جڏهن انساني معاشري ۾ انقلابي هلچل شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪري وٺنديون آهن، ته پوءِ انهيءَ هلچل کي ظالم طبقي هٿان تباهه ۽ برباد ٿيڻ لاءِ بي سهارو نه ڇڏيو ويندو آهي. دنيا جي سماجي انقلابن ۾ به اهو ئي عالمگير قانون ڪم ڪندو رهيو آهي. رسول الله ﷺ کي تسلي ڏني وئي آهي ته فطرت جا مظهر ۽ ان جون ڀاتل سڀاتل عادتون انهيءَ ڳالهه جو دليل آهن ته هيءُ انقلاب ضرور ڪامياب ٿيندو. اهڙي طرح تيرهن سالن جي سخت جاکوڙ کان پوءِ رسول الله ﷺ کي مديني ۾ انهيءَ فڪر تي ٻڌل هڪ رياست قائم ڪرڻ جو موقعو مليو ويو. ائين اها اڳڪٿي ته توهان کي جلد ئي خوشخبري ڏني ويندي، پوري ٿي وئي.

هونئن به رسول الله ﷺ جي زندگيءَ ۾ شروع کان ئي هڪ ڳجهو هٿ ڪم ڪندي نظر اچي ٿو، جيڪو انهن جي حفاظت ۽ جاکوڙ جي هر موڙ تي سندن نظرياتي رهنمائي ڪندو هو. پاڻ يتيم هئا، ڪو معمولي واقعو به هن بي سهاري ۽ يتيم جي زندگيءَ کي اُجهائي نه سگهيو، اجا به ڪين مضبوط پناهه ڏني وئي. انسانيت کي ذلت جي اوڙاهه مان ڪڍڻ جو صحيح طريقو ۽ صحيح فڪر جي خبر نه هئي؛ ڪيترائي رستا موجود هئا، جن مان هڪڙو ئي صحيح ڳس هو، تنهن ڳس کي ڇٽو ڪري ٻڌايو ويو. پاڻ مسڪين هئا، انقلابي هلچل شروع ڪرڻ لاءِ مالي پريشاني مان ڪنهن حد تائين ڇوٽڪارو ضروري هو ته جيئن پوري توجهه سان هلچل جي انقلابي ۽ جاکوڙي فڪر جي بنيادن کي مضبوط ڪري ۽ هڪ پڙ تي آڻي بيهاري سگهن، ڪين آسودو ڪيو ويو. هن


www.sindhsalamat.com

انقلاب جو مقصد ۽ نصب العين بہ ٻڌايو ويو تہ مظلوم، يتيم ۽ پوئتي پيل ۽ غلام طبقي جي حالت کي تبديل ڪرڻ آهي، تہ جيئن اهي مالي خوشحالي، هڪجهڙائي، پاڻ ۾ محبت ۽ علم ۽ تهذيب جي برڪتن مان فائدو ماڻي پنهنجي ذات جي تڪميل ڪري سگهن.

آخر ۾ ٻڌايو ويو تہ اسلامي انقلاب تاريخ جي ٻين غير ديني انقلابن کان الڳ آهي. جو تہ ٻين دنياوي انقلابن جو مقصد رڳو مادي خوشحالي ۽ امن ۽ سڪون حاصل ڪرڻ هوندو آهي. پر نبوي انقلاب مادي خوشحالي ۽ علم ۽ تهذيب جي برڪتن سان گڏوگڏ عبادت الاهي جي ذريعي پنهنجي زندگيءَ جي روحاني پاسي جي تڪميل ڪرڻ پڻ آهي، تہ جيئن انسان اهو قرب الاهي حاصل ڪري سگهي، جيڪو ان جي زندگيءَ جو مقصد آهي. جو تہ مرڻ کان پوءِ ڪيس پنهنجي مالڪ جي اڳيان پيش ٿيڻو آهي. سورة مزمل ۾ رسول الله ﷺ جي راتين جو عبادت ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي تہ ڏينهن ۾ انقلابي جاکوڙ جي لاءِ انهيءَ کي گهٽائي ڇڏن.

اسان جي دؤر ۾ اشتراڪي انقلاب جو نصب العين رڳو عوام جي خوشحالي هو. انساني نفس ۾ عبادت جي ذريعي اخلاقي ۽ روحاني گڻن کي واضح ڪرڻ انهيءَ جو مقصد نہ هو. انهيءَ ڪري ئي اهو ناڪام ٿي ويو ۽ انسان وري معيشت جي استحصالي نظام واري ڏٻڻ ۾ ڦاسي ويو.

(3) ٽين سورة الم نشرح آهي، جنهن سان اسلام جي نظريي کي سمجهڻ ۽ ان کي زندگيءَ تي لاڳو ڪرڻ ۽ زندگيءَ کي ان جي گهرجن موجب تبديل ڪرڻ لاءِ صحيح گس ۽ طريقيڪار تي ذهن جو کلي وڃڻ بابت شرح صدر آهي. حضرت شاھ عبدالعزيزؒ الم نشرح جي تفسير ۾ ٻڌايو آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جو چار دفعا سينو کوليو ويو. (1) حليمہ سعيده وٽ جڏهن پاڻ اڃا ٻالڪ هئا. (2) ڏهن سالن جي عمر ۾ جڏهن ٻالڪپڻ جو دؤر ختم ٿيو ۽ پاڻ ابو طالب سان گڏ شام ويا. (3) وحي جي نازل ٿيڻ کان پهريان، يعني چاليهن سالن جي عمر کان پهريان، جڏهن پاڻ مڪي ۾ ان جي اوسي پاسي جي ماڻهن کي هدايت ڪرڻ وارا هئا. (4) طائف مان موٽڻ کان پوءِ جڏهن سورة اسراء نازل ٿي ۽ پاڻ ﷺ جو توجه قومن کي اسلام جي تبليغ ڏانهن ٿيو. انهيءَ جو مطلب اهو آهي تہ انقلابي جاکوڙ جي هر موڙ تي سينو کلندو رهيو. جو تہ انقلابي جاکوڙ ۾ انقلابي ڪارڪنن ۽ انقلابي نظرين جي پيروڪارن جي سلامتي انهيءَ ڳالهہ تي دارومدار رکندي آهي تہ انساني مسئلن جو صحيح حل


Sindhica Academy, Karachi

پيش ڪرڻ وارو انقلابي نظريو ۽ ان کي ڪامياب ڪرڻ وارو صحيح رستو ٻئي صحيح هجن، نہ تہ انقلاب جي ناڪاميءَ جي صورت ۾ انقلابي ڪارڪنن کي مخالفت چٽي ڇڏيندي آهي. تنهن ڪري تباهيءَ جو تصور ئي انقلابي رهنما جي چيلهہ ڇڀي ڪري ڇڏيندو آهي. انهيءَ کان سواءِ اهو ٻوجهہ جنهن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن محسوس ڪري رهيا هئا، سو هيءُ هو تہ نہ رڳو مڪي ۽ حجاز ۽ عرب ۾ ئي انساني زندگي شڪست ڪاڌل هئي پر عرب کان ٻاهر بہ پاڻ ﷺ جن پنهنجي واپاري سفرن ۾ مشاهدو ڪري ڏٺو هو تہ هر جاءِ تي غلامي جو نظام رائج آهي ۽ معاشري جي ٻن مظلوم طبقن يعني مشاهدو ڪري هر قسم جا ظلم ڪيا پيا وڃن. جنسي ڇڙواڳي عام آهي. ماڻهن جي سامهون زندگيءَ جو ڪو اعليٰ مقصد بنهہ نہ آهي. جبلتن جي حيواني گهرجن جي پورائي لاءِ سموري جاکوڙ ڪئي پئي وڃي. پنهنجي عملن جي جوابدهي جو تصور اٽليو هو. مذهبن جا پيروڪار پڻ آخري زندگيءَ جي تصور کي وساري چڪا هئا. معاشري کي طبقاتي ڇڪتاڻ مان ڪڍي، انهيءَ ۾ وحدت پيدا ڪرڻ واري نصب العين کي مذهبي اڳواڻن، رعايتون ڏئي طبقي جي مفادن جي تحفظ جي لاءِ، ديني فرضن وانگر عوام جي نظرن کان پري رکيو هو. رڳو ظاهري عبادتن جي ادائگي ۽ عبادتگاهن جي اڏاوت ۽ سينگار کي ئي آخرت واري زندگي ۾ جوٽڪاري جي ضمانت سڏيو ويو هو. مذهبن جي پاڻ ۾ اختلاف تي تشدد ڀريا ٽولا ٺهجي پيا هئا ۽ دين جي وحدت جي تعليم جو تصور ختم ٿي ويو هو، جنهن تي وحدت انسانيت جو قيام ممڪن ٿي سگهي پيو.

توحيد الاهي، آخرت ۽ رسالت تي ايمان جي باري ۾ پاڻ ﷺ جن الله تعاليٰ جي خاص مهربانيءَ سان سمجهي ورتو هو تہ اهو ئي زندگي جي هر بگاڙ جو علاج آهي. الله تعاليٰ جي انهيءَ رهنمائيءَ سان سندن ذهن جو ٻوجهہ هلڪو ٿي ويو. الله تعاليٰ ٻڌايو تہ هر اهنجائيءَ کان پوءِ سنهنجائي جو اچڻ لازمي آهي ۽ پاڻ ﷺ جو انقلابي ڪم اڳتي وڌي رهيو آهي ”وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ“. جڏهن پاڻ ڪليل دعوت جي شروعات ڪيائون تہ مڪي جي غلام ٻڌائيندڙ سردارن جي پاسي کان سخت مخالفت جي هوندي بہ انقلابي هلچل ۾ شامل ٿيڻ وارن جو تعداد لڳاتار وڌندو رهيو.

آخر ۾ زور ڏنو ويو تہ جڏهن بہ توهان انقلابي ڪمن يا ذاتي ضرورتن مان واندڪائي حاصل ڪريو تہ پنهنجي خالق حقيقيءَ ڏانهن متوجهہ ٿيو. انهيءَ سان هڪ تہ انقلابي تعليم ۽ عمل جي باري ۾ سينو کلندو ۽ ٻيو عبادت ۾ الله


www.sindhsalamat.com

تعاليٰ سان رابطو قائم ٿيندو جيڪو صحيح فڪر ۽ عمل جو سرچشمو آهي ته رهبر به آهي.

(4) سورة فلق: جادو ۽ ٽوٽي جو عمل تمام آڳاٽو آهي. انسان پنهنجي تجربي سان هيءَ ڳالهه سمجهي ورتي هئي ته جيڪڏهن نفس کي قابو ڪيو وڃي ته انهيءَ جي اثرن سان ڪم ڪيئي سگهجي ٿو، جيئن اڄ ڪلهه مسمريزم جو عمل آهي. جيڪڏهن توجهه کي هڪ جاءِ تي ڳنڍ ڪرڻ جي سگهه پيدا ڪئي وڃي ته انهيءَ قوت سان هو پنهنجي مرضيءَ موجب ڪم وٺي سگهي ٿو. اسلام جادو يا سحر ۽ انهيءَ جي اثرن کي مڃي ٿو، جو دشمن کي هيٺ ڪرڻ يا تباهه ڪرڻ جي لاءِ اهو به هڪ حيلو هو.

رسول الله ﷺ تي هڪ يهودي لبيد بن اعصم ۽ ان جي ٻن ڀينرن جادو ڪيو هو، جنهن سان پاڻ ڪريم ﷺ جي جسم تي انهيءَ جا اثر ظاهر ٿيا. انهيءَ واقعي جو تفصيل تفهيم القرآن ۾ ڏنو ويو آهي. قرآن ۾ بابل جي هاروت ۽ ماروت جو ذڪر آهي، جن کان ماڻهو جادو سکندا هئا. ويندي حضرت موسيٰؑ جي سامهون جادوگرن لٺيون ۽ رسا اڇلائي انهن کي نانگن بلائن جي شڪل ۾ بدلائي ڇڏيو هو ۽ سوين ماڻهن جي هجوم تي انهن جي جادو جو اثر ٿيو هو. ايتري تائين جو پاڻ موسيٰؑ به انهن لٺين ۽ رسن کي نانگ سمجهي رهيو هو. وحي الاهي لٺ کي اڇلائڻ جو حڪم ڏنو جيڪو هڪ اجگر بلا بڻجي ويو ۽ جادوگرن جي نانگن کي ڪائي ويو هو.

اسلام ٽوٽي ڦيٽي ۽ جادو وغيره کي پنهنجو ڏنڌو ناهي، انهيءَ کي دولت ڪمائڻ جو ذريعو بنائڻ کان منع ڪئي آهي. اها ڳالهه پڌري هجي ته جادو جو اثر نبي ڪريم ﷺ جي جسم تائين محدود هو. سندن نبوت جي ڪمن تي ان جو ڪو به اثر نه ٿيو هو.

فلق جو مطلب آهي ته تخليق جو عمل ٽٽي جدا ٿيڻ يا جدليات (Dialectics) سان ٿيندو آهي. انهيءَ عمل ۾ مثبت مان ان جو منفي پيدا ٿيندو آهي ۽ ٻنهي ۾ ٽڪراءَ سان طفره (ٽپي) جي ذريعي هڪ نئون ميلاپ وجود ۾ ايندو آهي جيڪو پنهنجي خاصيت ۽ شڪل، ٻنهي ۾ پنهنجي مثبت ۽ منفي کان الڳ هوندو آهي. اهو ميلاپ تخليق ۾ هڪ واڌارو هوندو آهي جيڪو ان کان پهريان موجود ڪونه هو.

برائي سراسر منفي يا ناڪاري شي آهي. برائي جيڪڏهن پنهنجي اندر هاڪاري خاصيتون نٿي رکي ته اها سراسر برائي ٿي آهي. برائيءَ جو وجود


Sindhica Academy, Karachi

انهيءَ ڪري آهي جو هر شيءِ عيبدار ۽ هڪ حد اندر آهي. انهيءَ ڪري پنهنجو ناڪاري پاسو به رکندي آهي. پنهنجي تڪميل جي عمل ۾ هاڪاري ۽ ناڪاري پاسا پاڻ ۾ ٽڪراءَ ۾ اچي ويندا آهن، جنهن سان نئين تخليق ٿيندي آهي، جيڪا ما قبل کان وڌيڪ مڪمل هوندي آهي. اقبال چيو آهي ته:

کائنات ابھی نا تمام ہے شاید
کہ آ رہی ہے دمادم صدائے کُن فیکون

ٻڇڙائي پسند جماعتون ۽ ماڻهو پنهنجي ٻڇڙائي پکيڙڻ جي لاءِ رات جي وقت جي چونڊ ڪندا آهن. نفث في العقد جو مطلب جادوگر جماعتن کان سواءِ انقلابي فڪر جي خلاف ستون سٽڻ واريون جماعتون به ٿي سگهن ٿيون.

ساڙولو ماڻهو ٻئي ڪنهن کي پنهنجي مرتبي کان وڌيڪ مرتبو حاصل ٿيڻ تي پيو سڙندو ۽ پڇرندو آهي ۽ مختلف حيلن سان انهيءَ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ابوجهل به انهيءَ ڪري ئي مخالف هو ته هو رسول الله ﷺ جي قبيلي کي، پاڻ ﷺ کي نبوت ملڻ جي ڪري، پنهنجي قبيلي کان مٿانهون سمجهندو هو ۽ اها ڳالهه سهي نٿي سگهيو. تنهن ڪري مخالفت تي لهي آيو. نبي ڪريم ﷺ کي الله تعاليٰ جادو ۽ حسد جي باهه کان آخري گهڙيءَ تائين محفوظ رکيو.

اها ڳالهه ياد رهي ته هر انقلابي هلچل جي خلاف حسد ڪرڻ وارا ۽ هلچل کي ناڪام ڪرڻ جي لاءِ مختلف ٽوڙ ڦوڙ وارا حربا هلائڻ وارا ماڻهو موجود هوندا آهن، پر آخرڪار اهي ناڪام ٿيندا آهن.

(5) الفيل: هيءَ پاڪ سورت ٻڌائي ٿي ته فطرت جن انقلابن کي پاڻ پيدا ڪرڻ گهرندي آهي، انهيءَ سان انسانيت جي هر قسم جي سگهه ۾ ارتقا ۽ واڌويجهه جو عمل پيدا ٿيندو آهي. انهن انقلابن ۾ اهڙا واقعا پيدا ٿيندا آهن، جيڪي انقلاب لاءِ جاکوڙيندڙ ماڻهن ۽ قوتن جي مرضي ۽ وس کان ٻاهر هوندا آهن. پر اهي واقعا انقلاب جي ڪاميابيءَ جي لاءِ ضروري هوندا آهن. ابرهه جو حملو ۽ ان جي تباهي به اهڙن ئي واقعن مان هڪ آهي.

پهرين مهاڀاري لڙائي ۾ روسي فوجن جي هار ۽ انهن جي ڏتڙيل حالت وغيره، اهڙا واقعا هئا جو ڪامريڊ لينن جي وس کان ٻاهر هئا، پر اهي ئي واقعا اشتراڪي انقلاب جي ڪاميابيءَ جي ضمانت بڻيا.

رسول الله ﷺ جي پيدائش کان چاليهه ڏينهن پهريان هيءُ حملو ٿيو هو. هاٿين جي فوج کي هارائڻ عربن جي وس کان ئي ٻاهر هو. عبدالمطلب ته


www.sindhsalamat.com

رڳو پنهنجا اٺ واپس وٺي آيو. جيڪڏهن ابرهه پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي وڃي ها ته اسلامي انقلاب آڻڻ ممڪن ئي نه هو. ڇو ته هو پنهنجي سگهه سان انهيءَ کي چٿي ڇڏي ها. جيئن ته تاريخ ۾ اهو ڏسجي ٿو ته غلامن ۽ پوئتي پيل طبقن جي انقلابن کي ڇڙواڳ حڪومتن پنهنجي سگهه سان چٿي ڇڏيو. انهيءَ ڪري ابرهه جي تباهي اسلامي انقلاب جي ڪاميابيءَ جي لاءِ سراسر الله تعاليٰ جي طرفان پلائي هئي.

(6) القدر: اسلامي انقلاب جي اهميت ۽ عظمت تي روشني وڌي وئي آهي. اها رات يا گهڙي جنهن ۾ انسانن جي تقدير کي بدلائڻ لاءِ انقلابي پروگرام ۽ جاکوڙ جا طريقا جڙندا آهن، سا سڀني غيرانقلابي راتين يا گهڙين کان وڌيڪ ڀلاري ۽ مانائتي هوندي آهي.

غار حرا ۾ اها رات، جنهن ۾ پهرين وحي نازل ٿي، مڪي حجاز يا عرب، پر سموري دنيا جي تقدير کي بدلائڻ واري رات هئي ۽ اها ئي انهيءَ جي عظمت هئي. اهڙيءَ رات ۾ ملائڪ انسانن جي تقدير بدلائڻ جي لاءِ خدائي تعليم ڪٺي انقلابي اڳواڻ جي دل تي نازل ٿيا. ايتري تائين جو انقلابي جاکوڙ، جهالت جي اونداهيءَ رات کي ختم ڪري، انسانن جي لاءِ امن، سلامتي، ترقي ۽ عظمت جي روشن صبح کي نروار ڪري ڇڏيو. دنيا جا سڀئي انقلاب، جن انساني ترقي ۽ سلامتيءَ جي لاءِ نوان پروگرام ڏنا آهن، انهن انقلابن جا پروگرام جوڙڻ واريون گهڙيون صحيح اندازن واريون گهڙيون هونديون آهن ۽ امن ۽ سلامتي واريون هونديون آهن. سورة دخان ۾ ليلة القدر کي ”ليلة المبارڪة“ به چيو آهي.

دعوت واري ڳجهي دؤر ۾ جيڪي سورتون نازل ٿيون، انهن سڀني مان گڏيل طور تي هدايت ۽ انقلابي جاکوڙ جا جيڪي قانون ۽ نصب العين جڙيا سي هي آهن:

(1) دنيا جي سڀني قومن جو خالق ۽ مالڪ هڪ آهي.
(2) انسان جي سڀني ڏکن ڏاکڙن جو علاج علم، محبت، پنهنجي مالڪ جي فرمانبرداري ۽ غلاميءَ جو خاتمو ڪري انساني برابري قائم ڪرڻ ۽ پيداواري وسيلن تي عوامي ملڪيت قائم ڪرڻ ۽ نفس جي پاڪائي آهي. (پهرين وحي)
(3) انقلاب جو مقصد توحيد الاهي جي بنياد تي، هر ماڻهوءَ جي لاءِ علم جي روشني، جبلتن جي حيواني گهرجن تي اعليٰ اخلاقي گڻن جو


Sindhica Academy, Karachi

ضابطو، انهيءَ مقصد جي لاءِ حيواني گهرجن جي غيرانساني ۽ غيراخلاقي حدن کان پاسو ڪرڻ ۽ گهٽائيءَ سان عبادت ۽ خدائي ياد کي اپنائڻ (والضحيٰ، الم نشرح). ٻين لفظن ۾ غلامي واري نظام جو خاتمو آڻي عوامي جمهوريت کي قائم ڪرڻ.
(4) انقلاب جي دشمن قوتن، جهڙوڪ پيداواري وسيلن تي قبضو ڪرڻ وارن جادوگرن، پوپن، ساڙسڙين، مذهب جي نالي تي غيرعقلي وسوسا پکيڙيندڙن، سياسي ڏاڍ جي ذريعي شخصي ۽ قومي آزادي کسڻ وارن، جنسي ڇڙواڳي ۽ بيحيائي پکيڙيندڙن، علم جي واٽ ۾ رڪاوٽون وجهڻ وارن، قوم جي اندر نفرتون پکيڙيندڙن ۽ مزدورن جي محنت جو استحصال ڪرڻ وارن جو خاتمو ڪرڻ. (الفلق)
(5) انقلابي نصب العين کي حاصل ڪرڻ واري جاکوڙ دوران انهيءَ ڳالهه تي ويساهه رکڻ ته فطرت (الله تعاليٰ) اٽل ۽ اڏول آهي ۽ مخالف قوتن کي اک ڇنڀ ۾ ختم ڪري سگهي ٿو. (الفيل)
(6) انهيءَ رات جي برڪت سان، جنهن ۾ پهرين وحي نازل ٿي هئي، پنهنجي نصب العين سان مضبوط وابستگيءَ کي تازو ڪرڻ ۽ عبادت ۽ ذڪر الاهيءَ جي ذريعي پنهنجي نفس ۾ نوراني ڪيفيت پيدا ڪرڻ. (القدر)

**نوٽ:** غار حرا ۾ نازل ٿيڻ وارين پنجن آيتن ۽ ”ڳجهي دعوت“ واري زماني ۾ نازل ٿيندڙ ٻين پنجن سورتن ۾ قيامت جي ڏينهن جو تصور نه آهي، پر الله سان لاڳاپو قائم ڪرڻ لاءِ سختيءَ سان تاڪيد ڪئي وئي آهي. ٻئي پاسي سمورو قرآن انهن سورتن جو تفصيل آهي. خاص ڪري پهرين وحي جي پنجن آيتن جي تشريح سڄو قرآن آهي. انهيءَ جو مطلب اهو آهي ته قرآن جي نظر ۾ مرڻ کان پوءِ واري زندگي هن دنيا واري زندگيءَ جو ئي هڪ سلسلو آهي. انهيءَ دنياوي زندگي ۾ ماڻهو ۽ قوم جي نفسيات ۾ اعليٰ اخلاقي ۽ روحاني گڻن کي سگهارو ڪرڻ ئي آخرت واري زندگيءَ ۾ ڇوٽڪاري جي ضمانت آهي. اڄ جي جديد ٻوليءَ ۾ قرآني انقلاب جو نصب العين هي آهي:

(1) پيداواري وسيلن ۽ روزيءَ جي سرچشمن مان شخصي ملڪيت کي ختم ڪري مزدور يعني عوام جي ملڪيت کي قائم ڪرڻ.
(2) انهيءَ معاشي انقلاب کان سواءِ سياسي ڏاڍ ۽ جبلتن جي حيواني گهرجن جي انسان جي اعليٰ تخليقي صلاحيتن تي بالادستي ختم نٿي ٿي سگهي. ڇو ته هن معاشي انقلاب کان سواءِ دولت گڏ ڪرڻ واري


www.sindhsalamat.com

لالچ ۽ جذبو ختم نٿو ٿي سگھي.

(3) عوامي جمهوريت قائم ڪرڻ جيڪا مزدورن جي اجتماعي نظام جي سياسي شڪل آهي. (نماز جو قائم ڪرڻ اصل ۾ هڪ اجتماعي نظام پڻ آهي.)

(4) علم حاصل ڪرڻ لاءِ هر قسم جي رڪاوٽ جو خاتمو ۽ علم جي اشاعت کي عام ڪرڻ.

(5) فنون لطيفه جو اعليٰ اخلاقي گھرجن جي حدن ۾ رهندي اظهار ڪرڻ.

(6) عورت کي سيني معاشي ۽ سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جي اجازت. پر جاهليت جي لوڏ ڪان روڪڻ. جاهليت جي لوڏ قرآن جو اصطلاح آهي، جنهن جو مطلب آهي ته ظاهري ناهه نوهه ۽ هار سينگار ڪري ٻاهر اچڻ، اڌ اگھاڙو ويس پهرڻ وغيره. انهيءَ جو علاج هيءُ آهي ته چادر ڍڪي، جنهن سان سمورو جسم پردي ۾ اچي وڃي ٿو، ٻاهر اچجي. منهن کليل رکڻ جي اجازت آهي.

(7) زندگيءَ جو مقصد آخرت واري زندگيءَ ۾ ڇوٽڪارو ماڻڻ آهي. جو ته فرد جي محدود ”انا“ جو حق تعاليٰ جي لا محدود ”انا“ ڏانهن چاڙهو ضروري آهي. انهيءَ جي لاءِ سماجي ذميوارين جي پورائي سان گڏوگڏ عبادت ۽ خدا جي ياد سان روح ۾ نورانيت پيدا ڪرڻ ضروري آهي.

علامه اقبال قرآن جي تعليم کي هنن پاڳن ۾ بيان ڪيو آهي: جاويد نامه ۾ قرآني جهان جي شعبن جو عنوان ڏنو آهي. پهريان ٻه حصا ڇهين خطبي جي آخر ۾ ڏنا آهن:

(1) ڪائنات جي مادي تصور جي مقابلي ۾ ان جو روحاني تصور.

(2) رڳو مادي ۽ جسماني ضرورتن جي پورائي جي مقابلي ۾ انسان جو روحاني ڇوٽڪارو.

(3) خلافت آدم يعني اهڙي عالمي حڪومت ۽ انساني وحدت قائم ڪرڻ جنهن جو بنياد وحدتِ دين آهي.

(4) الاهي حڪومت (ميڪاولي جي مطابق روحاني ۽ اخلاقي ڳڻن تي ٻڌل حڪومت ۽ اهي ڳڻ سيني مذهبن ۾ ساڳيا ئي آهن) ۽ عوامي جمهوريت جو قيام.

(5) الارض لله: ”الارض“ جو مطلب رڳو زمين نه پر زمين جي هيٺان ۽ ان جي مٿان، قدرت جيتريون به شيون پيدا ڪيون آهن، اهي سڀئي زمين


Sindhica Academy, Karachi

جي لفظ ۾ شامل آهن: جهڙوڪ ڪوئلو ۽ معدني ڪاٽيون، پيٽرول ۽ گيس جا ذخيرا، ٻيلا وغيره. جڏهن ته ”لله“ جو هتي مطلب عوام آهي نه ڪي ٿورڙا ماڻهو، جيڪا شيءِ الله ڏانهن منسوب ٿي وڃي سو عوامي بڻجي ويندو آهي.

(6) حڪمت وڏي ڀلائي آهي (سائنسي علمن جي ذريعي معلوم ڪيل سيني علمن ۽ فنن کي انسان کي ٽوڙڻ جي بدران ان جي جوڙڻ ۽ اڏاوت ۽ ترقي جي لاءِ استعمال ڪرڻ، ايٽم جي ٽوڙڻ سان ايٽم بم ٺاهڻ جي بدران ان سان بجلي پيدا ڪرڻ ۽ ٻين ڪمن ۾ استعمال ڪرڻ). پر سرمائيداري نظام ۾ اهو سڀ ڪجهه ناممڪن آهي. ڇو ته سرمائيداري نظام ۾ شين جي پيداوار، زمينون، ڪارخانا يا تحقيقي ادارا وغيره، مالڪ جي ذاتي نفعي جي لاءِ قائم ڪيا ويندا آهن. جڏهن ته سماجي معيشت ۽ عوامي جمهوريت ۾ پيداوار عوام جي گھرجن جي پورائي لاءِ ڪئي ويندي آهي، نه ڪي نفعو حاصل ڪرڻ جي لاءِ.

حضرت علامه پاڻ چيو آهي ته قرآني جهان جي شعبن جو هيءُ نظام اڃا تائين زمين تي قائم نه ڪيو ويو. اشتراڪي انقلاب اهو خواب پورو ته ڪيو هو، پر انهيءَ انقلاب جي نظرين جو بنياد ماديت جي فلسفي تي رکيو ويو هو، جنهن ۾ رڳو مادي گھرجن جي پورائي کي ئي انساني ڇوٽڪاري جو ذريعو سمجهيو ويو هو. جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو آخرڪار اهو نظام به پيچ ڏاهه جو شڪار ٿي ڪري ختم ٿي ويو.

هاڻي اهو مسلمانن جو فرض آهي ته اهي زندگيءَ جي هن نظام کي ديني نقط نظر سان خدائي حڪم سمجهندي قائم ڪن. باقي شريعت جي نفاذ اسلام کي ٻيهر رائج ڪرڻ جون زباني دعوائون، بي مقصد بحث ڪان وڌيڪ ڪا حيثيت نٿيون رکن.


www.sindhsalamat.com

# اسلامي انقلاب جي پهرين منزل

## ظاهر ظهور دعوت

### المنذر و المزکي

ساڍن ٽن سالن جي چپ چاپ پرچار کان پوءِ ٿورڙن جانثارن ۾ انقلاب جي اهميت ۽ ضرورت کي سمجهڻ وارن جي هڪڙي جماعت پيدا ٿي وئي هئي. وَرَفَعۡنَا لَكَ ذِكۡرَكَ جي آيت انهيءَ ڳالھ تي شاهد آهي. هاڻي وقت اچي ويو هو ته قريش جي سامهون علي الاعلان پرچار شروع ڪئي وڃي. ڳجهي دعوت واري زماني ۾ رڳو اهڙن ماڻهن ۾ پرچار ڪئي پئي وئي، جيڪي سمجهہ ڀريا هئا ۽ انسانيت جي ڀلائي ۽ ڇوٽڪاري جي لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ۽ حوصلو رکن پيا.

انقلاب برپا ڪرڻ جا جيڪي طريقا هئا، انهيءَ جي پهرين مرحلي ۾ ٻڌايو ويو هو ته دولت حاصل ڪرڻ جي حوس ۽ غلامن، عورتن ۽ ٻين پٺتي پيل طبقن جي محنت جي استحصال لاءِ انهن تي ظلم ڪرڻ ته جيئن وڌ کان وڌ دولت گڏ ڪري سگهجي، اها معاشرتي چال چلت قومن جي بربادي‍ءَ جو سبب بڻبي رهي آهي. ڇو ته دولت ۽ پيداواري وسيلن تي ٿورڙن ماڻهن جي قبضي ۽ گهڻائي کي غلام بڻائي وٺڻ ۽ انهن کي علم، مالي خوشحالي ۽ انهن کي آزادي‍ءَ کان محروم رکي ڪري خوف ۽ هراس ۾ جڪڙڻ سان معاشرو ٻن مخالف معاشي مفاد رکڻ وارن طبقن ۾ ورهائجي ويندو آهي. ان کان سواءِ انهن جي پنهنجو پاڻ ۾ ڇڪتاڻ جي نتيجي ۾ ڪيترين ئي بداخلاقيون پيدا ٿي پونديون آهن. اهڙي طرح معاشري مان امن ۽ سڪون ۽ محبت ۽ شرافت جهڙا اعليٰ گڻ تباهہ ٿي ويندا آهن.

ٻئي مرحلي ۾ انهيءَ رعايتون ڏنل طبقي جي ماڻهن کي ٻڌايو وڃي ته


Sindhica Academy, Karachi

اهو نہ سمجهو ته ظلم ۽ استحصال ڪندو رهڻ سان توهان ڪنهن سزا ۽ تباهي کان بچي ويندا ۽ توهان جي زندگي خوشي ۽ فرحت سان گذر ٿيندي. ائين نہ آهي، جيڪڏهن هن دنيا ۾ توهان کي سزا نہ ملي ته مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ ۾ توهان جي هر ڳالهہ ۽ عمل جي باري ۾ توهان کان ضرور پڇاڻو ٿيندو ۽ توهان کي سدائين جي لاءِ جهنم جي باهہ ۾ سڙڻو پوندو. هن دؤر ۾ نبي ڪريم ﷺ کي المنذر يعني بڇڙن ڪمن جي نتيجن کان ڊيڄاريندڙ ۽ المزڪي يعني بڇڙن ڪمن ۽ عملن کان دلين کي پاڪ ۽ صاف رکڻ واري تعليم ڏيڻ وارو چيو ويو آهي. هن دؤر ۾ ڳالهہ ٻولهہ وڏيرن (بڇڙن مالدار طبقن) سان هئي.

### پهرين دعوت:

نبوت جو چوٿون سال شروع ٿي چڪو هو. محرم 4 نبوي ۾ حج جي موسم واري رونق ختم ٿي چڪي هئي. واپاري پنهنجن پنهنجن علائقن ڏانهن واپس هليا ويا هئا. مڪي ۾ عام طور تي خاموشي ۽ سڪون وارو ماحول پيدا ٿي ويو هو. انهيءَ ماحول ۾ الله جي رسول (صہ) صفا جبل تي چڙهي قريشن کي سَڏ ڪيا سيئي گڏ ٿي ويا ته پاڻ انهن کي چيائون ته جيڪڏهن مان توهان کي چوان ته هن ٽَڪري جي پويان هڪڙو لشڪر توهان تي حملو ڪرڻ لاءِ لڪي ويٺو آهي ته ڇا توهان منهنجي ڳالهہ مڃيندؤ؟ سڀني هڪ ئي آواز ۾ چيو ته توهان ته سچار ۽ امانتدار آهيو، انهيءَ ڪري اسان کي توهان جي ڳالهہ تي ڀروسو آهي. ان کان پوءِ پاڻ انهن کي چيائون ته جنگ جي ڪري واپار ٺپ ٿي ويو آهي، واپار جي لاءِ اونهاري ۽ سياري جي موسم ۾ رجب ۽ ذي الحج کان پوءِ وارا جيڪي وقت مقرر هئا، سي روم ۽ ايران جي پاڻ ۾ جنگ جي ڪري بيڪار ٿي ويا آهن. واپار جي ڪري ٻڪ ۽ خوف وارو ماحول ختم ٿي ويندو هو، سو هاڻ ناهي ٿيو پر اسان انهيءَ ۾ ڦاسي ويا آهيون. توهان حاجين جي لُٽ ڦُر ۾ اچا تائين لڳا پيا آهيو، دولتمند طبقو گهٽي ميڙِي جو حرص ڪٽي قبرن ۾ وڃي پوي ٿو، پر مسڪينن، غلامن ۽ مسافرن جي ڪير بہ سار نٿو لهي. انهيءَ تي ابولهب جي زال پاڻ ﷺ کي ٺوڪيندي چيو ته ڇا اسان پنهنجي دولت غريبن ۾ ورهائي ڇڏيون؟ ڇا اهو چوڻ جي لاءِ اسان کي سڏيو هيئي؟ ابولهب بہ ان جو پاسو ڪنيو ۽ جهيڙو ٿي پيو. ماڻهو واپس هليا ويا، باقي جيڪي پوئتي رهجي ويا تن کي رسول الله ﷺ جن فرمايو:

انهيءَ صورتحال جو هڪڙو ئي علاج آهي ته توهان سڀني ديوتائن ۽


www.sindhsalamat.com

آقائن جي غلامي ختم ڪري هڪڙي اڪيلي پالڻهار يا مالڪ جي غلامي اختيار ڪريو جيڪو سڀني جو خالق آهي. اهو ديوتائين وانگر قرباني جي رت ۽ گوشت سان خوش ناهي ٿيندو. اهو ظالم نه آهي ۽ دنيا جي آقائن وانگر پنهنجي غلامن جي محنت جو استحصال ناهي ڪندو، پر هن سندن فائدي لاءِ ڪين ڏاهپ ۽ سمجهه سان نوازيو آهي. انهيءَ ڪري سڀئي انسان برابر آهن. مالڪ ۽ غلام جي فرق کي ختم ڪيو وڃي ۽ سڀئي پاڻ ۾ اتحاد ڪن. ايئن ڪرڻ سان عقل ۽ عمل جي سگهه آزاد ٿي تخليقي ڪمن ۾ لڳي ويندي. مايوسي ختم ٿي ويندي ۽ بازار جي ٻاڙائي جو به خاتمو ٿي ويندو. اڄوڪن لفظن ۾ پاڻ ﷺ جو پيغام هيءُ هو ته آقا ۽ غلام تي ٻڌل طبقاتي معاشري کي ختم ڪري توحيدي يعني غير طبقاتي معاشرو قائم ڪيو وڃي، جيڪو مخالف معاشي مفاد رکڻ وارن طبقن کان پاڪ ۽ صاف هجي. سڀئي ماڻهو پنهنجي محنت مان ڪمايل پونجي جا پاڻ ئي مالڪ هجن. انهن جي محنت جي آمدني جي وڏي حصي تي ڪو به ماڻهو قبضو ڪرڻ وارو نه هجي. هڪڙو طبقو جيئن ته پيداواري وسيلن جو مالڪ آهي، تنهن ڪري سڀئي شرارتون، جهالت، ساڙ، نفرت ۽ ڦر مار اهو طبقو ڪري ٿو جيڪو دولت مند آهي. اهڙي طرح پوپن ۽ جادوگرن جو طبقو ۽ ڪوڙيون تعريفون ڪرڻ وارا شاعر به انهيءَ لڏي ۾ شامل آهن.

هن گڏجاڻي جو نتيجو اهو نڪتو جو ماڻهن ۾ انهيءَ پيغام جي باري ۾ چور پڇور شروع ٿي وئي ۽ ماڻهو نبي ڪريم ﷺ کان سوال ڪرڻ لڳا. مثال طور اهو ته حاجين کان پئسا وٺڻ ڪهڙو گناهه آهي؟ اسان انهن کي ڳجهه جون ڳالهيون ٻڌايون ٿا جن سان انهن جو واپار وڌي ٿو. اهي اسان وٽان جادو سکندا آهن ۽ تعويذ لکڻ سمجهندا آهن، انهيءَ سان سندن دشمن برباد ٿيندا آهن ۽ ڪين گهڻا پُٽَ ڄمندا آهن. جنن ۽ شيطانن کان حفاظت ۾ رهندا آهن. غلام يا ڏاريي سان ٻاجهه سان پيش اچڻ ڪمزوري جي نشاني آهي ۽ ظلم ڪرڻ ئي شرافت آهي. جيڪي ظلم نٿا ڪن انهن تي ٻئي ماڻهو ظلم ڪندا آهن. نبي ڪريم ﷺ انهن سڀني ڳالهين جو جواب وحي جي ٻوليءَ ۾ ڏنو. انهيءَ زماني ۾ جيڪي سورتون نازل ٿيون اهي هي آهن: (1) سورة قريش، (2) سورة والليل، (3) والعاديات ۽ (4) الزلزال. انهن جو مختصر مطلب هيءُ آهي:

## (1) سورت قريش:

قريشي ڇڙوڇڙ هئا. قصي بن ڪلاب انهن کي گڏ ڪيو ۽ هڪڙي قبيلي ۾ سلهاڙيو. ائين هن مڪي ۾ هڪڙي شهري رياست قائم ڪري ورتي. هن جا


Sindhica Academy, Karachi

به پٽ هئا: عبدالمناف ۽ عبدالدار. عبدالمناف جا چار پٽ هئا: هاشم، عبدالشمس، مطلب ۽ نوفل. شام جي غساني بادشاهه سان هاشم، حبش جي بادشاهه سان عبدالشمس، يمن جي حڪمرانن سان مطلب ۽ عراق ۽ فارس جي حڪومتن سان نوفل واپاري لاڳاپا قائم ڪيا. انهيءَ عمل سان مڪو عرب ٻيٽ جو سڀ کان وڏو واپاري مرڪز بڻجي ويو ۽ قريش وري ماڻهن جا اڳواڻ بڻجي ويا.

هن مبارڪ سورة کان انقلاب جو ٻيو دؤر شروع ٿيو ۽ ڳجهي پرچار وارو زمانو ختم ٿي ويو، انقلابي جاڪوڙ جو اعلان ڪيو ويو. صفا جبل کان انهيءَ جي شروعات ڪئي وئي. انهيءَ زماني ۾ عرب جو واپار ايران ۽ روم جي لڳاتار جنگين جي ڪري تباهه ٿي ويو هو ۽ عرب جي اندروني امن امان واري صورتحال عرب قبيلن جي پاڻ ۾ ويڙهه جهيڙن جي ڪري تباهه ٿي چڪي هئي. گذريل ڇهه سؤ سالن کان سڄي دنيا بدامني ۽ ويڙهه جهيڙي ۾ ڦاٿي پئي هئي. غلامن جي خريد ۽ وڪرو عام جام هو، ڏاڍائي واري بادشاهت جو رواج هو. عورت مظلوم هئي ۽ وڪائو مال وانگر نيلام ٿيندي هئي. اگهاڙپ، جنسي ڇڙواڳي هر طرف پکڙجي چڪي هئي. ادب ۽ آرٽ انسان جي حيواني يا شيطاني خواهشن جي نمائندگي ڪري رهيا هئا. غلامن جي محنت جو بي رحمي سان استحصال ڪيو ويندو هو. لڳاتار جنگ جي ڪري انسانيت ماتم ڪري رهي هئي. انهيءَ ماحول ۾ هن سورة مبارڪ ۾ اهو اعلان ڪيو ويو ته سڀني دنياوي آقائن جي خلاف بغاوت ڪري هڪ آقا، جيڪو سڀني جو خالق، نوازشون ڪندڙ، مربي ۽ راهه ڏيکاريندڙ آهي. جي غلامي اختيار ڪئي وڃي. هڪ آقا جي غلام هجڻ جي حيثيت ۾ سڀئي انسان برابر آهن. پنهنجو پاڻ ۾ ٻڌي ڪئي وڃي، انهيءَ سان بک ۽ جنگين واري گدلاڻ ختم ٿي ويندي. ڪعبي جي پالڻهار جي عبادت ۽ اطاعت سان ئي بک ۽ ڀؤَ جو خاتمو ٿيندو.

انهيءَ جو اهو مطلب هو ته مالدار پنهنجي دولت پنٽي پيل طبقن ۾ ورهائن ته جيئن قبائلي وڏائيءَ کي ختم ڪري برابري پيدا ڪئي وڃي. ڇو ته سڀئي ماڻهو الله تعاليٰ جو عيال آهن. انهيءَ ئي آقا انهن کي پيدا ڪيو ۽ انهن جي لاءِ رزق جو سامان ميسر ڪري ڏنو آهي. ٿورڙن ماڻهن کي اهو حق ناهي ته اهي قولي ۽ عملي طرح پنهنجو پاڻ کي خدا سڏائن ۽ الله تعاليٰ جي اختيارن ۾ ڀائيوار بڻجي، رزق جي وسيلن تي قبضو ڪري وٺن ۽ عام انسانن کي بک ۽ بدحالي ۾ ڦاسائي ڇڏين. ٻين جي زمينن ۽ مال ملڪيت تي قبضو ڪرڻ جي لاءِ عوام جي جنگ جي ڪوري ۾ اڇلائي ڇڏين.

پهرين وحي جي پنجن آيتن ۾ اهو ئي پيغام ڏنو ويو هو ته محبت،


www.sindhsalamat.com

مساوات، شهري انصاف ۽ تجربي ۽ مشاهدي جي بنياد تي حاصل ڪيل علم جي مدد سان ارتقا ڪرڻ ۽ عبادت جي وسيلي نفس جي پاڪائي حاصل ڪرڻ ئي ڪاميابيءَ جي ضمانت آهي.

انهيءَ دؤر ڪان وٺي مڪي جي اميرن ۽ سردارن جي، رسول الله ﷺ ۽ غريب مسلمانن سان دشمني چوٽ چڙهي وئي. اهي ماٺهو تشدد تي لهي آيا. پر پاڻ انهن جي مقابلي ۾ تشدد جي واٽ وٺڻ جي بدران هر قسم جي ظلم کي برداشت ڪيائون.

سورة قريش هڪ ٻي ڳالهه تي به قرآني ثبوت پيش ڪري ٿي ۽ اهو شمسي ڪئلينڊر بابت آهي. قرآن جڏهن ”عمل نسئي“ کي قانون جي خلاف سڏيو ته ان جو مطلب اهو هو ته قمري ڪئلينڊر جي بدران شمسي ڪئلينڊر کي پنهنجايو وڃي. چو ته قمري ڪئلينڊر کي شمسي ڪئلينڊر سان مطابقت ۾ آڻڻ جي لاءِ ڏينهن کي گهٽايو وڌايو ويندو آهي. جڏهن ته شمسي ڪئلينڊر ۾ ٻارنهن مهينا پورائي رهندا آهن. سورة قريش ۾ اونهاري ۽ سياري ۾ واپاري قافلن جي وڃڻ جو مطلب اهو هو ته اها موسم پنهنجي وقت تي اچي وڃي ٿي. اهي ئي امن ۽ واپار (حج يا ميلي) جا ڏينهن هوندا هئا: جڏهن حج اڪبر مارچ ۾ ۽ حج اصغر سيپٽمبر ۾ هوندو هو. هاڻي بيت الله جي ڪري ماڻهن کي بک ۽ ڀؤَ مان انهن ميلن ۽ واپار (حج) جي ذريعي ڇوٽڪارو ملندو هو. اهي مهينا چيٽ ۽ ڪتي جي وچولي موسم ۾ ايندا هئا، انهيءَ ڪري شمسي ڪئلينڊر ئي صحيح ڪئلينڊر آهي.

## (2) سورت واليل:

سورة قريش ۾ انهيءَ اعلان جي وضاحت ڪان پوءِ ته جاکوڙ جون ٻه واٽون آهن. هڪ ”اعطيٰ“ (سخاوت) واري ۽ ٻي ڪنجوسيءَ واري. اسلامي انقلاب جو بنياد اعطيٰ واري واٽ آهي.

هن سورة ۾ ٻن مختلف واٽن يا طبقن جي چٽائي ڪئي وئي آهي ته جيئن انقلابي جاکوڙ ۾ ڪا به نظرياتي مونجهه پيدا نه ٿئي. هڪ انقلابي پنهنجو مال انهيءَ ڪري خرچ ناهي ڪندو ته هو ڪنهن جو بدلو چڪائي رهيو آهي يا ٿورو ڪري رهيو آهي، پر هو اهو سڀ ڪجهه پنهنجي پالڻهار جي راضپي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪندو آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي ته هن کي پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي ترقي ۽ پاڪائي گهربل هوندي آهي.

ٻي واٽ يا طبقو انهن جي برعڪس آهي. شاهه ولي الله ؒ فرمايو آهي ته


Sindhica Academy, Karachi

جڏهن ڪنجوسي پسند ڌريون، جيڪي سرمائيداري ۽ دولت کي گڏ ڪري رکڻ جون حامي هونديون آهن، معاشري تي حاوي ٿي وينديون آهن ته انسان جي تخليقي صلاحتين جي واڌويجهه رڪجي ويندي آهي. پوءِ الله تعاليٰ طرفان موڪليل ڪو نبي يا ڏاهو انسان وحي الاهيءَ جي مدد سان انهيءَ حالت کي بدلائي ڇڏيندو آهي.

هن سورة ۾ مالدار طبقن ۽ انهن جي پنيرائي ڪرڻ وارن کي، جيڪي انساني معاشري جي تاريخ جي پهرين ڏينهن کان محنت جي استحصال تي ٻڌل غربت، محرومي، جنسي ڇڙواڳي، رنڊي بازي، اغوا، ويڙهه، ڦرمار، قتل وغيره جهڙن ڪرپائتن غيراخلاقي عملن جي لاءِ بهانو ڳولڻ وارن فلسفياڻن ۽ اخلاقي نظرين ۽ ڪائناتي تعبيرن گهڙڻ جو سبب بڻبا آهن، اهو ٻڌايو ويو آهي ته اهي طبقا پنهنجي غير انساني فڪرن ۽ عملن جي نتيجن کان مرڻ پڄاڻان به ڇوٽڪارو حاصل نه ڪري سگهندا، پر اجا به جيڪڏهن هن دنيا ۾ سزا کان بچي ويا ته آخرت ۾ ڏکوئيندڙ عذاب ۾ مبتلا ڪيا ويندا.

انهن انساني استحصال پسند ظالم طبقن جي طرفان لادينيت ۽ ماديت جي فلسفن کي هٿي ڏني پئي وئي آهي. نه رڳو ايترو پر انهن الهامي مذهبن جي تعليمن کي ميساري، پنهنجي مفادن جي حق ۾ استعمال ڪيو آهي. قرآن ٻڌايو آهي ته اهي طبقا پنهنجي سزا کان ڪڏهن به بچي نه سگهندا. قيامت جي ڏينهن تي ايمان هڪ تمام ئي انقلابي نظريو آهي، جنهن کان سواءِ اخلاقن کي مضبوط بنيادن تي بيهارڻ ناممڪن آهي.

### اعطيٰ:

انقلابي جاکوڙ جي ڪاميابي ۽ پٺتي پيل طبقن جي خوشحالي جي لاءِ مال خرچ ڪرڻ آهي.

### اتقي:

فرد ۽ معاشري جي ڀلائي ۽ سڌارو، گڏيل ترقي ۽ خوشحالي ۽ انفرادي نفس جي پاڪائي جي لاءِ تبديلي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي.

### صدق بالحسنيٰ:

اهو پروگرام ۽ تعليم جيڪا نفس جي پاڪائي ۽ گڏيل خوشحالي پيدا ڪرڻ ۽ برابري ۽ ٻڌي جو سبب بڻجي.


www.sindhsalamat.com

نبوي انقلاب جي ڪاميابي کان پوءِ رياست اهڙا قانون جوڙيندي آهي، جن سان دولت کي ڪٺو ڪرڻ جو عمل ختم ٿي ويندو آهي ۽ عام خوشحالي جو دؤر شروع ٿي ويندو آهي. ماڻهو کي عبادت جي لاءِ گهڻو وقت ملندو آهي جنهن سان ان جي روحاني سگهه وڌي ويجهي ٿي.

نبوي انقلاب پنهنجي ڪاميابي ۽ جاکوڙ دوران استحصالي طبقن جي لاءِ واڌويجهه جا سڀئي دڳ بند ڪندو ويندو آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي ته انهيءَ جاکوڙ جي شروعات ۽ ان جي ڪاميابي ٻئي الله تعاليٰ جي قانونن موجب هونديون آهن. هن انقلاب جي شروعات ڪندڙ ۽ اڳواڻ کي وحي الاهي جي ذريعي واٽ ٻڌائي ويندي آهي. سڌو رستو خوشحالي، امن، سلامتي ۽ پرهيزگاري ۽ نفس جي پاڪائي وارو ئي رستو آهي.

دولت ۽ اقتدار جي حرص جو لازمي نتيجو لڳاتار جنگاڻ آهي. هن باهه (ناراً تلظيٰ) جو اولڙو آخرت واري زندگيءَ ۾ جهنم جي باهه جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي.

## (3) سورت والعديات:

سورة قريش جي انقلاب واري اعلان ۽ ان کان پوءِ سورة والليل ۾ انقلاب واري واٽ جي چٽائي کان پوءِ عرب جي تاريخ ۽ اڄ سڄي طرح دنيا جي تاريخ کي شهادت جي طور تي پيش ڪيو پيو وڃي ته نبوي انقلاب انسان جي اندروني قوتن تي اثر انداز ٿيندو آهي. اهو نه رڳو ٻاهرين حالتن کي بدلائي ڇڏيندو آهي، پر گڏوگڏ اهو به ٻڌائيندو آهي ته قومن جي بربادي ۽ زوالپڻي جو بنيادي سبب دولت جو حرص آهي، جنهن جي لاءِ مزدور جي پورهئي جو استحصال ڪيو ويندو آهي ۽ سڀئي اخلاقي برائيون اتان ئي پيدا ٿينديون آهن. قرآن ٻڌايو آهي ته دولتمندن سان گڏوگڏ انهن جي بتن جا پوڄاري ۽ پوپا ۽ جادوگر سڀئي دوزخ ۾ داخل ڪيا ويندا.

هن سورة جي شروع وارين آيتن ۾ نه رڳو عرب جي اندروني بدامني جي چٽائي ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ڌاڙا، ڦرمار، خون خرابو ۽ قبيلن جون هڪٻئي تي برتري جي اظهار جي لاءِ جنگيون؛ سڀئي اچي وڃن ٿا، پر ان سان گڏوگڏ بدامني جا بنيادي سبب پڻ ٻڌايا ويا آهن. اجا به ائين چئجي ته انهن لفظن ۾ نه رڳو گذريل، پر اچڻ واري تاريخ جو به نقشو چٽيو ويو آهي. يعني جيستائين پورهئي جي استحصال تي ٻڌل معاشي نظام قائم رهندو، تيستائين اهي حالتون برقرار رهنديون. تاريخ ۾ نظر ڪري ڏسبو ته هڪڙين قومن تي


Sindhica Academy, Karachi

ٻين قومن جي چڙهت ۽ حملا انهيءَ ئي دولت کي گڏ ڪرڻ ۽ زمين جي گهڻي کان گهڻي حصي تي قبضو ڪرڻ واري حرص جو نتيجو رهيا آهن ۽ سڀئي حيلا سرمائيداراڻي نظام جو منطقي نتيجو آهن.

**لڪنود:** خون خرابو، ڌاڙا ڦريون ۽ گهڻي کان گهڻي زمين تي قبضو ڪرڻ واري انساني تاريخ شاهد آهي ته انسان وڏي ٽوٽي ۾ آهي ۽ اهو ناشڪرو آهي. ناشڪري جبلتن جي حيواني گهرجن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ جو نالو آهي. انهيءَ سان همدردي، برابري، معاشرتي انصاف، دولت جي ورڇ ۽ نفس جي پاڪائيءَ جي بدران خون خرابي، ڦرمار ۽ قبيلائي دشمني وڌي ٿي. اڄ ڪلهه ته وري قوميت ۽ وطنيت جي بيڪار سياست جو دؤر اچي ويو آهي. انهن سڀني ۾ پنهنجي ذهني ۽ جسماني قوتن کي خرچ ڪرڻ، الله تعاليٰ جي ناشڪري جي برابر آهي. پنهنجو پاڻ انساني تاريخ به شاهد آهي ته انهيءَ سڄي ناٽڪ جو بنيادي محرڪ يا پس منظر ڌن دولت کي گڏ ڪرڻ جو حرص آهي، جنهن جو ذريعو غلام، زرعي غلام ۽ صنعتي يا پگهاردار غلام جي محنت جو ڪليل استحصال آهي.

هي سامراجي ذهن رکڻ وارا جنگ ۽ خون خرابي جي تباهين کان جيڪڏهن بچي به وڃن ته هڪ ڏينهن انهن کي قبرن مان ڪڍي حساب ورتو ويندو. نبوي انقلاب جي پيروڪارن جو الله تعاليٰ جي ذات تي ايمان کان پوءِ مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ تي ويساهه رکڻ لازمي هوندو آهي. انسان جو هيءُ فلسفو غلط آهي ته علمن جو اثر رڳو دنيا تائين محدود آهي. حقيقت هيءَ آهي ته موت کان پوءِ به هڪ ڏينهن حساب ڪتاب جو آهي جيڪو پڪ سان اچڻو آهي. الله تعاليٰ زندگيءَ جو روحاني بنياد آهي. انهيءَ کان ڪابه ڳالهه ڳجهي نه آهي. گناهه کي اڀارڻ واريون اندروني قوتون الله تعاليٰ جي سامهون ظاهر ٿي پونديون. ڇو ته بچڙائي کي هٿي ڏيڻ وارا رڳو ٻاهريان سبب نه هوندا آهن، پر ٻاهريان سبب به اصل ۾ اندروني هوندا آهن جيڪي عمل ۾ اچي ڪري تاريخ جو حصو بڻجي ويندا آهن ۽ ٻاهرين صورت اختيار ڪري وٺندا آهن.

نبوي انقلاب سمجهه کي بدلائي ڇڏيندو آهي. عبادت، ياد الاهي جي ذريعي معاشري کي تبديل ۽ توحيدي معاشرو قائم ڪري، سمجهه جي انهيءَ تبديليءَ ۾ آخرت واري زندگيءَ تي ايمان آڻڻ تمام ئي وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي. انهيءَ عقيدي کان سواءِ اخلاقن کي هاڪاري بنياد ناهي ملندو. انهيءَ عقيدي سان اخلاق فرد جي مرضي تي منحصر نٿو رهي ته هو سٺن اخلاقن کي اختيار ڪري وٺندو آهي. پر قيامت جي ڏينهن جو خيال ان کان اهو اختيار


www.sindhsalamat.com

كسي ونندو آهي ۽ كيس اعليٰ اخلاق پنهنجائڻ تي مجبور كري ڇڏيندو آهي. پنهنجي خود رخي واري آزادي جو خاتمو ٿي ويندو آهي. عمل جي اندروني سگهه ئي آخرت واري زندگيءَ ۾ جنت ۽ جهنم كي جوڙي ٿي.

## (4) سورت الزلزال:

هن سورة مبارك ۾ قيامت جي ڏينهن جو نقشو چٽيو ويو آهي. قرآني انقلاب جنهن حياتياتي نظريي تي ٻڌل آهي، انهيءَ ۾ سيني بڇڙائين ۽ تعميري عملن جي اثرن كي مرڻ كان پوءِ واري مدت تائين ڊيگهه ڏني وئي آهي. گذريل سورتن ۾ جن عملن جو ذكر كيو ويو آهي، هن سورة ۾ قيامت جي نقشي سان گڏوگڏ انهن جي اثرن جو بہ ذكر كيو ويو آهي.

مكي وارا مرڻ كان پوءِ جيئرو ٿي اٿڻ كي نہ مڃيندا هئا. يهودين جو نہ رڳو هكڙو فرقو انهيءَ ڳالهه كي مڃيندو هو، جڏهن تہ ٻيو چوندو هو تہ تورات ۾ اهڙو كوبہ تصور نہ آهي. قديم مصر وارا انهيءَ تصور كي بابل وارن وانگر روحاني واپسي سمجهندا هئا. ايرانين مان زرتشتي انهيءَ كي مڃيندا هئا. هندستان جا آريا نسل بہ مرڻ كان پوءِ روح جو هك قالب كان ٻئي قالب ۾ جنم وٺڻ (آواگون عقيدي) جا قائل هئا. يونان جا كجهه فلسفي، جهڙوك فيثاغورث بہ انهيءَ آواگون عقيدي جو قائل هو. قديم آفريكي قبلين ۾ تہ اڃا تائين اهو تصور هلندڙ آهي تہ مرڻ كان پوءِ انهن جا روح جانورن، ٻوٽن ۽ وڻن جي شكل ۾ وري وري ظاهر ٿيندا رهندا آهن.

پاڻ كريم ﷺ جن مكي وارن كي سڀ كان پهريان اهو تصور ڏنو تہ رڳو انهيءَ پالڻهار جو حكم مڃڻ گهرجي جيكو الله آهي. سيني كي خلقيندڙ ۽ تمام گهڻو ٻاجهارو ۽ مربي آهي. ان كانپوءِ پاڻ مرڻ پڄاڻان هك نئين زندگيءَ جو تصور ڏنو ۽ ٻڌايو تہ اها زندگي پك سان اچڻي آهي. اسلام انهيءَ تصور جي ذريعي انساني عمل ۾ هك اڻ مٽ سگهه ڀري ڇڏي. هاڻي انسان جي لاءِ موت هك نئي دنيا ۾ پهچڻ جو ذريعو بڻجي ويو جنهن ۾ سندس رهڻي كهڻي جو معيار سندس دنياوي زندگيءَ جا عمل آهن.

## ڏاڍ ۽ مرضي جي مسئلي جو حل:

انهيءَ سان ڏاڍ ۽ مرضيءَ وارو ڏكيو مسئلو بہ حل ٿي ويو تہ انسان پنهنجي اخلاقي عملن جي لاءِ مجبور نہ آهي. الله تعاليٰ كيس عقل ۽ سمجهه انهيءَ لاءِ ڏني آهي تہ جيئن هو ڍورن وانگر پنهنجي جبلتن جي اثر هيٺ نہ


Sindhica Academy, Karachi

رهي، پر انهن جبلتن كان مٿانهون ٿي پنهنجو عقل ۽ سمجهه كان كم وٺي. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو تہ هو مجبور نہ آهي پر پنهنجي مرضيءَ جو مالك آهي. هاڻي اها ان جي مرضي آهي تہ نيكيءَ جا كم كري الله تعاليٰ جو راضپو حاصل كري يا بڇڙائيءَ جي ڏٻڻ ۾ پاڻ ڦاسائي الله تعاليٰ كي ناراض كري پنهنجي آخرت برباد كري.

## ماديت جو فلسفو:

جيكي ماڻهو پنهنجو پاڻ كي سراسر مجبور سمجهن ٿا، انهن جي اڳيان اميد واري كا بہ وائي وات ناهي هوندي. اهي ماديت پرست بڻجي ويندا آهن. انهيءَ كري اهي مادي زندگيءَ كي موت تائين محدود سمجهن ٿا.

## روحانيت جو فلسفو:

جيكي ماڻهو پنهنجو پاڻ كي مرضيءَ جو مالك سمجهن ٿا، اهي پنهنجي عملن جو لاڀ حاصل كرڻ جو يقين ركن ٿا. اهي آسائتا هوندا آهن ۽ كنهن نہ كنهن شكل ۾ مرڻ كان پوءِ واري زندگيءَ جا قائل هوندا آهن. قرآن مرڻ كان پوءِ بہ زندگيءَ جي سلسلي كي قائم كري ڇڏيو ۽ نيكيءَ واري وات تي آيل موت كي بہ آسائتو ٻڌايو ۽ اهو بہ ٻڌايو تہ كنجوس ۽ ظالم ماڻهو موت كان پوءِ واري زندگيءَ كي انهيءَ كري نٿو مڃي تہ متان كي سندس بدعملن جي سزا ملي. پر سندس اها سوچ كيس پنهنجي بد عملن جي سزا كان بچائي نہ سگهندي ۽ آخر كار كيس پنهنجي بڇڙن عملن جو اگرو نتيجو پسڻو ئي پوندو.

## ٻي دعوت:

نبوت جي چوٿين سال، محرم جي مهيني ۾ پهرين دعوت ڏني وئي. هاڻي رجب ۾ ٻي دعوت ڏني وئي. انهيءَ لاءِ پاڻ ماڻهن كي گڏ كيو ۽ فرمايو تہ مان گهران ٿو تہ توهان كي دنيا ۾ بہ عزت ملي ۽ مرڻ كان پوءِ واري زندگيءَ ۾ بہ عيش ۽ آرام نصيب ٿئي. هن دفعي ماڻهن ظاهر ظهور مخالفت نہ كئي. پاڻ كريم ﷺ دولتمند ٽولن ۽ خاندانن كي دردناك عذاب كان ڊيڄارڻ شروع كري ڇڏيو. انهيءَ دؤر ۾ جيكو قرآن نازل ٿيو اهو هي آهي:

## (5) سورت والعصر:

دنيا جي قومن جي تاريخ مان شاهدي ورتي وئي تہ قومن جي بربادي


www.sindhsalamat.com

ايمان (مقصد جي تعين) ۽ نيڪ عملن (انهي ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ جاڪوڙ) جي اٿهوند جي ڪري ٿي آهي. مقصد جو مطلب هڪ پالڻهار (حقيقي مالڪ) جي ٻانهپ اختيار ڪرڻ ۽ ٻين سڀني (دنياوي) مالڪن کان بغاوت ڪرڻ آهي. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ۽ انساني ڀلائي ۽ سڌاري جي لاءِ حق واري دين جو قائم ٿيڻ ضروري آهي. انهيءَ مقصد ۽ نيڪ عمل کان سواءِ تاريخ جون سڀئي تهذيبون ۽ اڄ جي اولهائين تهذيب بہ حسي (Sensual) تهذيبون سڏيون وڃن ٿيون، جن جو مقصد رڳو جبلتن جي حيواني گهرجن کي پورو ڪرڻ هوندو آهي. انهيءَ ظلم، جنگ ۽ جهيڙي، جنسي ڪميٽائپ، چوري ۽ ڦرمار، ڪمزور کي ڦرڻ ۽ انهن جي محنت جو استحصال، دولت جي حرص جهڙيون سڀئي بداخلاقيون پيدا ٿين ٿيون ۽ اهي ئي برائيون قومن کي برباد ڪري ڇڏينديون آهن؛ ۽ اهو ئي قرآن جو قطعي ۽ عالمگير قانون آهي.
سڄي انساني تاريخ طبقاتي ڇڪتاڻ جي تاريخ آهي جنهن جي شروعات زراعت واري دؤر کان ٿي ۽ معاشرو بہ مخالف مفاد رکڻ وارن معاشي طبقن ۾ ورهائجي ويو. اِهي ئي اُهي حقيقتون آهن جن جي نتيجي ۾ سموري تاريخ انهن تباهي پيدا ڪندڙ تخريبي بداخلاقين سان ڀري پئي آهي. سموري تاريخ ۾ عورت ۽ غلام تمام ئي مظلوم طبقا هئا. انسان جي انسان مٿان ظلمن ۽ تباهيءَ سان سموري تاريخ رتورت آهي. انهيءَ صورتحال جو علاج رڳو توحيدي يعني غير طبقاتي معاشري جو قائم ڪرڻ آهي. جو تہ طبقاتي معاشرو مشرڪ ۽ شرڪ تي ٻڌل معاشرو هوندو آهي.

## (6) سورت التڪاثر:

سورة والعصر کان پوءِ تاريخ جي طبقاتي تصور جي سلسلي ۾ ”التڪاثر“ ۾ مالدار طبقن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. اسان جي دؤر ۾ مالدار طبقو ڪارخانيدارن، جاگيردارن ۽ وڏن واپارين تي ٻڌل آهي. انهيءَ طبقي جو مقصد ئي نفعو ڪمائڻ هوندو آهي نہ ڪي عوام جون ضرورتون پوريون ڪرڻ. اهو طبقو نفعو حاصل ڪرڻ جي لاءِ مزدور جي محنت جو بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي استحصال ڪندو آهي جيڪو حقيقت ۾ وياج آهي.
هنسورة ۾ انهيءَ طبقي کي دوزخ جي باهہ ۾ سڙا ڀوڳڻ جي ڌمڪي ڏني پئي وڃي. هيءُ اهو ئي طبقو آهي جيڪو انساني تاريخ ۾ سڀني بڇڙائين جو سرچشمو رهيو آهي ۽ اڄ بہ آهي. شراب خوري، زنا، رتوچاڻ، غربت، بيروزگاري وغيره، اهي سڀئي معاشرتي بيماريون انهيءَ ئي طبقي جي ڦرمار


Sindhica Academy, Karachi

۽ استحصال جي پيداوار آهن. انهيءَ ڪري ئي قرآن ڪريم ۾ هر جاءِ تي انهن کي دوزخ جي سزا کان ڊيڄاريو ويو آهي. ڌن دولت جو حاصل ڪرڻ ئي انهيءَ طبقي جو بنيادي مقصد آهي. هنن وٽ سڀئي پيداواري وسيلا هوندا آهن جڏهن تہ انساني گهڻائي انهن وسيلن کان محروم هجڻ جي ڪري هن طبقي وٽ پنهنجي محنت وڪڻي روزي حاصل ڪندا آهن.
هن سورة مبارڪ ۾ يقين جا ٽي درجا ٻڌايا ويا آهن. علم اليقين، عين اليقين ۽ حق اليقين. مثال طور جيڪڏهن ڪٿان ڪو دونهون اٿي رهيو هجي تہ گمان ٿيندو آهي تہ اتي باهہ ٻري رهي آهي (علم اليقين)، جيڪڏهن باهہ جا پيڙ نظر اچن تہ پڪ ٿي ويندي آهي (عين اليقين) پر جيڪڏهن انهيءَ پيڙ ۾ هٿ وڌو وڃي ۽ سڙاند محسوس ٿئي تہ اهو حق اليقين جو مرحلو آهي. جو تہ هاڻي انهيءَ جي باهہ هجڻ ۾ ڪوبہ شڪ نہ رهيو. حق اليقين جو مرحلو قيامت جي ڏينهن سامهون ايندو.

## (7) سورت القارعہ:

سورة تڪاثر ۾ دولتمندن جي لاءِ باهہ جي سزا ٻڌائي وئي هئي. هن سورة مبارڪ ۾ انهيءَ طبقي کي، جيڪي غلامن (پيداواري وسيلن کان محروم ٿيل طبقو جنهن وٽ پيٽ پالڻ جو ذريعو رڳو محنت ئي آهي، جاگيرداري زماني ۾ زرعي غلام ۽ هاڻي مشين جي ايجاد کان پوءِ ڪارخاني جو مزدور پگهاردار غلام بڻجي ويو آهي) جي استحصال سان پنهنجي تجوڙين کي ڀريندا آهن، انهن کي ”خَفَّتْ مَوَازِيْنُہ“ يعني ٽوٽي وارا ٻڌايو ويو آهي. انهن جي سزا هاويہ آهي، جيڪا دوزخ جي هڪڙي ڪاهي آهي.
”ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُہ“ جو مطلب مالي برابري قائم ڪرڻ، محنت جي استحصال کي ختم ڪرڻ، پنتي پيل طبقن کي انهن جي محنت جو حق ڏيڻ جي لاءِ پيداواري وسيلن کي گڏيل ماڻهن جي قبضي مان ڪڍي، عوام جي حوالي آهي. جو تہ جاگيردار ۽ صنعتي سرمائيدار مزدور کي ان جي پيدا ڪيل شين جي نفعي مان ڪجهہ بہ نتو ڏئي ۽ لڳ ڀڳ سڄي ساري نفعي تي پاڻ ئي مالڪ ٿي ويهي رهي ٿو. انهيءَ کي هو نفعو سڏي ٿو، جڏهن تہ حقيقت ۾ اهو نفعو نہ پر سراسر وياج آهي. جو تہ انهيءَ ۾ ڪارخاني جي مالڪ يا جاگيردار جي محنت شامل نہ هوندي آهي، پر محنت ڪرڻ واري جي محنت مان جيڪو نفعو حاصل ٿيندو آهي، تنهن کي بہ هو ڦٻائي وڃي ٿو. انهيءَ طبقاتي نظام کي ختم ڪرڻ کان سواءِ عوام نہ تہ علم حاصل ڪري سگهي ٿي ۽ نہ خوشحال


www.sindhsalamat.com

زندگيءَ جو مزو ماڻي سگهي ٿي. هن سورة ۾ قيامت جي قائم ٿيڻ جو حال بہ بيان ڪيو ويو آهي. اهو ٿي قيامت ۽ حساب ڪتاب جو ڏينهن آهي.

## (8) سورت الناس:

حق واري دين جي عملي پروگرام جي وضاحت جي لاءِ اها چوٿين صورت آهي. الناس جو مطلب عوام آهي. ٻي جاءِ تي ان کي ”الانام“ چيو ويو آهي. عوام جي گهٽائي غلامن ۽ پنتي پيل طبقن تي ٻڌل هئي. اسان جي دؤر ۾ اهي ئي غلام اصل ۾ زرعي ۽ پگهاردار غلامن جي صورت ۾ تبديل ٿي ويا آهن. پوپا، شاعر توڙي مذهبي ٺيڪيدار، سيئي دولتمندن جي مفادن جي پشت پناهي ڪندڙ آهن. اهي ئي خناس آهي. اسان جي دؤر ۾ اهي روحانيت جي دعويٰ ڪرڻ وارن مرتدن يا رڳو پنهنجي شهرت جو شوق رکڻ وارن شاعرن ۽ مذهبي پيشوائن جي شڪل ۾ موجود آهن.

رب الناس ئي عوام جو مالڪ حقيقي آهي؛ يعني پرورش جو سامان مهيا ڪرڻ وارو، تہ جيئن عوام انهن جي پيداواري وسيلن سان پنهنجون مادي ضرورتون پوريون ڪري سگهي. اهو ملڪ الناس يعني عوام جو بادشاهہ آهي، يعني فيصلو ڪرڻ وارو، دولتمند استحصال پسندن ۽ ڪنجوسن کي دوزخ ۾ وجهندو. الٰہ الناس يعني عوام جو معبود. بت ۽ انهن جي پوڄا ڪرڻ دولتمندن ۽ انهن جي ساٿارين جي سازش آهي، جنهن سان اهي عوام کي ڦرن ٿا ۽ انهن جي اندر بدحالي کان منهن موڙڻ لاءِ بي بنياد وهم پکيڙين ٿا. انهن کي علم جي روشني کان محروم رکن ٿا ۽ عقلن تي وسوسن جا پردا وجهي ڇڏين ٿا. اهي عوام کي ٻڌائن ٿا تہ بدحالي، غربت ۽ مسڪيني الله تعاليٰ انهن جي تقدير ۾ لکي ڇڏي آهي جنهن کي ختم نٿو ڪري سگهجي. تنهن ڪري انهن کي صبر ڪرڻ گهرجي ۽ انهيءَ جي بدلي مرڻ کان پوءِ انهن کي وڏو اجر ملندو. انهيءَ طبقي کي رستي کان هٽائڻ ئي حق واري دين جو اصل مقصد هوندو آهي تہ جيئن عوام ۽ انهن جي مالڪ (رب) ملڪ الناس ۽ معبود جي وچ ۾ سڌو سنئون لاڳاپو قائم ٿي سگهي.

جيتوڻيڪ جِنَ انسانن کان هڪ الڳ مخلوق آهن، پر عام ماڻهو انهن جي باري ۾ خبر چاِر نٿا لهي سگهن. جنهن ڪري اهي بحث جو موضوع نٿا بڻجي سگهن.

هن سورة مبارڪ ۾ انسان جون ٽي حيثيتون ۽ سندس الله تعاليٰ سان لاڳاپي جي وضاحت ڪئي وئي آهي. (رب) اهي ماڻهن کي غلام ڪندڙ ڪوڙا


Sindhica Academy, Karachi

آقا آهن. عوام جي پرگهور جو سامان الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي، جنهن کي هو پنهنجي محنت، عقل ۽ سمجهہ سان استعمال جي لائق بڻائي سگهن ٿا. (ملڪ) بادشاهہ ۽ حڪمران طبقا؛ ٻئي غلامن کي ڦرن ۽ انهن کي پنهنجي ظلم جي گهاڻي ۾ پيڙين ٿا، اڄوڪي نالي ۾ جمهوريت جي ايوانن ۾ اهي ئي جاگيردار، صنعتي سرمائيدار ۽ وڏا واپاري، جيڪي اسٽاڪ ايڪسچينج جي جوئا خانن کي هلائن ٿا، ويٺل آهن. الله تعاليٰ سڀ کان مٿانهين بادشاهہ هجڻ جي حيثيت سان بدڪار ماڻهن کي انهن جي عملن جي بدلي ۾ دوزخ ۾ وجهندو. ڇو تہ بادشاهہ توڙي فيصلو ڪرڻ واري حاڪم هجڻ (معبود) جي ڪري عبادت جي لائق رڳو الله تعاليٰ جي ذات آهي، جنهن عوام جي لاءِ ان جي پرورش جو سامان پيدا ڪيو ۽ انهن کي عقل ۽ فڪر جي روشني ڏني. (علم بالقلم) انهن کي تجربي ۽ مشاهدي جي سگهہ بخشي تہ جيئن اهي پنهنجي مرضي موجب ترقي ڪري سگهن. پر اهي دولتمند حڪمران طبقا، بت پرستي تي زور ڏيڻ وارا شيطان پنهنجي ذاتي مفادن جي لاءِ عوام ۾ قناعت، غلامي ۽ وهمن کي پکيڙين ٿا. اهو ئي خناس طبقو آهي. انهن جي برائيءَ کان رڳو الله تعاليٰ جي صحيح معنيٰ ۾ سڃاڻ، ايمان ۽ عمل سان ئي بچي سگهجي ٿو.

**خناس:** ظاهر ۾ تہ اهي دولتمند حڪمران ۽ مذهبي ٺيڪيدار (مذهبي پيشوا) عوام دوست ۽ مددگار جي حيثيت سان سڃاتا ويندا آهن، پر اهي پنهنجي اصلي ۽ خوفناڪ مقصدن کي لڪائيندا آهن. عوام ۾ وري اهو مشهور ڪندا آهن تہ اهي سندن دوست، مددگار ۽ ڀرجهلا آهن. انهن ٽنهي طبقن (دولتمندن، حڪمرانن ۽ مذهبي پيشوائن) طرفان پنهنجي مفادن ماڻڻ جي لاءِ وڏو مواد شايع ڪيو ويندو آهي. انهيءَ سڄي عمل ۾ عوامِ ڏينهون ڏينهن مفلس، غلام، مظلوم ۽ وهمن ۾ گهيربو ويندو آهي. اهو ئي اُهو معيار آهي جنهن سان انساني تاريخ ۾ هن طبقي کي پرکي ۽ سڃاڻي سگهجي ٿو. انهيءَ جي برخلاف الله تعاليٰ جي فرمانبرداري، پيداواري وسيلن تي عوامي ملڪيت؛ آمريت، بادشاهيت ۽ سامراجيت جي جاءِ تي علم دوستي، تجربي ۽ مشاهدي سان علم جو حاصل ڪرڻ؛ فطرت کي مسخر ڪرڻ سان ترقي جي ڏِگ تي هلڻ جي ضمانت آهي. اهو سڀ ڪجهہ الله تعاليٰ جي آقا، حاڪم ۽ معبود مڃڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿو. ٻئي پاسي رعايتون ڏنل طبقن الله ۽ مذهب جي نالي کي عوام کي ڦرڻ جو ذريعو بڻائي ڇڏيو آهي.


www.sindhsalamat.com

## (9) سورت والشمس:

هن سورة ۾ ڪاميابي ماڻهن وارن ۽ ناڪام ٿيڻ وارن طبقن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪائنات، انساني نفس ۽ تاريخ جون شاهديون پيش ڪيون ويون آهن. اهي ٽئي وسيلا انهيءَ ڳالھ تي شاهد آهن تہ انساني معاشرن ۽ قومن مٿان تباهي انهن جو مالدار طبقو آڻيندو آهي. انهن کي محڪوم ۽ غلام بڻائيندو آهي ۽ انهن کي علم ۽ عقل کان محروم رکندو آهي ۽ انهن جي تباهيءَ جو سبب بڻبو آهي.

سورة عصر ۾ بيان ڪيل تاريخ بابت نظريي جي وضاحت ۾ اهي سيئي مبارڪ سورتون بيان ڪيون پيون وڃن. يعني غربت، بدحالي، محڪومي، اظهار ۽ عمل جي آزادي جي کوٽ، علم ۽ تجربي کان محرومي، جهالت جي اوندهہ اهي ئي اهي سيئي شيون آهن جيڪي قومن کي برباد ڪنديون آهن. شاهہ ولي الله دهلويؒ جي قول موجب، جڏهن بادشاهن ۽ حڪمرانن جي طرفان پنهنجي حڪومت ۽ اقتدار بچائڻ ۽ رڳو پنهنجي عيش ۽ آرام جو سامان گڏ ڪرڻ لاءِ عوام کان سخت پورهيو ڪرايو ويندو آهي ۽ عام انسان عقلي ۽ ذهني لحاظ کان گڏهن ۽ ڍڳن جي حد تائين ڪري پوندا آهن ۽ آخرت جي علمن کان بي خبر ٿي ويندا آهن، تہ اهو معاشرو ۽ قوم برباد ٿي ويندي آهي. انهيءَ ڪري اسلامي معيشت، عوامي جمهوريت ۽ علم جي حاصلات کي عام ڪرڻ ئي ترقي، شان ۽ شوڪت جا ضامن آهن. دين الاهي بہ انهن ئي ڳالهين کي قائم ڪرڻ جي لاءِ آيو آهي. انهيءَ سان ئي عام ۽ خاص، سيئي پنهنجي آخرت واري زندگي ۾ ڪامياب ٿي سگهن ٿا. پرهيزگاري ۽ عبادت جو عمل اهڙي ئي ماحول ۾ صحيح نتيجا پيدا ڪندو آهي.

هن سورة جي پهرين کان ڇهين آيت تائين ڪائناتي شاهديون پيش ڪيون ويون آهن. ستين ۽ اٺين آيت ۾ انساني نفس جي شاهدي ڏني وئي آهي. نائين ۽ ڏهين آيتن ۾ ڪاميابي ۽ بربادي جي رستن جي چٽائي ڪئي وئي آهي. يارهين آيت کان سورة جي آخر تائين تاريخي شاهديون پيش ڪيون ويون آهن.

سوجهرو ۽ اونداهي، مٿانهين ۽ هيٺانهين، تکي ساڙيندڙ اس ۽ ٿڌي سوجهري جا ضد انهيءَ ڳالھ تي دلالت ڪن ٿا تہ انسان جي لاءِ بہ ٻہ واٽون آهن. هڪڙي واڌويجهہ ۽ ترقي جي واٽ ۽ ٻي وري بربادي ۽ بي حسي واري واٽ. انهن ٻنهي واٽن جي ڄاڻ انسان جي شعور ۾ وڌي وئي آهي، جيڪا ان لاءِ


Sindhica Academy, Karachi

اٽپوري آهي، جنهن ڪري الله تعاليٰ طرفان نبين کي موڪلڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. جيئن تہ انسان پنهنجي اندر يا ضمير جي آواز کي پنهنجي خواهشن جي دٻاءَ هيٺ غلط رخ ۾ ڦيري ڇڏي ٿو. تنهن ڪري مالدار طبقن نبين سڳورن جي سخت مخالفت ڪئي ۽ انهن کي تڪليفون ڏنيون، ۽ آخرڪار اهڙن پرڪارن جي ڪري سموري قوم تباھ ڪئي ٿي وئي. ثمود قوم جو واقعو انهيءَ ڳالھ تي شاهد آهي، جنهن جي سردارن پنهنجي نبيءَ کي چيو تہ توکي انهيءَ جي ڪري نٿا مڃون جو تون اسان جي نيچ ماڻهن سان اٿين ويهين ٿو.

## (10) سورت الهمزه:

هن سورة ۾ مالدار ماڻهن واري طبقي جي هڪڙي نفسياتي بيماري جي چٽائي ڪئي وئي آهي. اهو هيءُ تہ اهي سمجهندا آهن تہ محنت ڪندڙن جي محنت جي استحصال ۽ ٻين غلط طريقن سان جيڪا دولت گڏ ڪئي ويندي آهي سا سدائين انهن وٽ رهندي. الله تعاليٰ ٻڌائي ٿو تہ انهن جو مال، انهن جي وڏيرپ ۽ جاگيرون، انهن جا ڪارخانا، انهن جون شپنگ ڪارپوريشنون ڪين آخرت جي عذاب کان بچائي نہ سگهندا. گذريل سورتن ۾ لڳاتار اهو ٻڌايو پيو وڃي تہ سيني معاشرتي بيمارين جو بنياد حد کان وڌيڪ دولت گڏ ڪرڻ جو حرص آهي. ظالمن ۽ نافرمانن جي لاءِ باھ جا پيڙ ڍگهن ٿنين جي صورت ۾ پڙڪي رهيا هوندا ۽ اها باھ دلين تائين يعني عقل ۽ شعور تائين پهچي ويندي ۽ انهن کي برباد ڪري ڇڏيندي جنهن کان پوءِ اهي پنهنجي حواسن کان ڪم نہ وٺي سگهندا.

## (11) سورت المعارج:

هن سورة مبارڪ ۾ دوزخي ۽ جنتي معاشري جو نقشو چٽيو ويو آهي.

### جهنمي معاشرو

1. مالدارن جي ڦرمار، محنت جي استحصال، ڌاڙي ۽ ڌڪاءَ جي ذريعي پنهنجي تجوڙين کي ڀرڻ سان معاشري ۾ غربت، بدحالي ۽ مفلسي پيدا ٿئي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ گهڻن ئي انسانن کي، جيڪي گهڻو ڪري مزدور ۽ پورهيت هوندا آهن، الله تعاليٰ سان لاڳاپن ۽ علم جي سوجهري کان محروم ڪري ڇڏيندا آهن.
2. انهيءَ مالدار طبقي جي ڪري ئي جنسي ڇڙواڳي پيدا ٿئي ٿي. زنا


www.sindhsalamat.com

عام ٿي وڃي ٿي. مجبور ماڻهو پنهنجي عزت وڪڻڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن ۽ آسودا انهن غريبن جي عزتن سان کيڏڻ لڳندا آهن.

3. ڪائنات جي تصور ۾ الحاد ۽ ماديت جو تصور اڇي ويندو آهي.
4. هن طبقي وٽ معاهدي جي پابندي ڪابہ اهميت ناهي رکندي. انفرادي، قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي واعدي خلافي عام ٿي ويندي آهي.
5. هي مالدار طبقو ڪوڙا ڪيس ڪري ڊوڙ ۽ ڌانڌلي جي ذريعي ڪمزور ماڻهن جي ملڪيتن ۽ انهن جي محنت جي ڪمائي تي قبضو ڪري وٺندو آهي.
6. رشوت خوري، پنهنجا نوازڻ، جارحاڻي قوميت ۽ وطنيت هن ئي طبقي جا فڪري نتيجا آهن.
7. الله تعاليٰ سان تعلق پيدا ڪرڻ لاءِ نماز جي قائم ڪرڻ کي هيءُ طبقو وقت جو زيان سمجهندو آهي.
8. پنتي پيل طبقن جي مدد ڪرڻ، جيڪي حقيقت ۾ انهن طرفان ڪيل محنت جي استحصال جي پيداوار آهن، هنن جي لاءِ پئسو زيان ڪرڻ جي برابر آهي.
9. ٻين جي ملڪيت ۽ ٻين جي ڪچي مال جي ذخيرن تي قبضو ڪرڻ، غلامن ۽ مزدورن جي سستي محنت مان فائدو وٺڻ، پنهنجي دولت جي واڌاري جي لاءِ ويڙهہ ۽ خون خرابو ۽ قرمار ڪرڻ هن طبقي جو پسنديده مشغلو آهي.
10. انفرادي، قومي ۽ بين الاقوامي سطح تائين جيتريون بہ غيرانساني ريتون رسمون ۽ عمل نظر اچن پيا، سيئي انهيءَ مالدار طبقي جون ئي لچائيون آهن.
11. قرآن انهيءَ ئي معاشرتي پيش منظر کي دوزخ ۽ دوزخي معاشري جي نالي سان پيش ڪري ٻڌائي ٿو ۽ پنهنجي دعوت جو مقصد حق جي پيروڪارن جي هڪڙي جماعت تيار ڪري، انقلابي جاکوڙ شروع ڪرڻ ۽ جاني ۽ مالي قرباني جي مدد سان انهيءَ دوزخي معاشري کي جنتي يا توحيدي معاشري ۾ بدلائڻ سڏي ٿو.

## جنتي معاشرو

هي دوزخي معاشري جو ضد آهي.


Sindhica Academy, Karachi

1. هن معاشري ۾ پيداواري يا روزگار جي وسيلن کي انفرادي يا ذاتي (private) ملڪيت جي بدران مزدورن جي گڏيل سهڪار واري جماعت پنهنجي هٿ هيٺ رکندي آهي تہ جيئن دولت ڪن ٿورڙن ماڻهن جي هٿن ۾ گڏ ٿي بيهي نہ وڃي ۽ سورة حشر جي مطابق دولت هيٺين طبقي تائين بہ پهچي سگهي.
2. انهيءَ جو نتيجو اهو بہ ٿيندو آهي تہ عام ماڻهن جي ملڪيت ۽ محنت سان حاصل ڪيل موڙي کي ڪوڙن ڪيسن ۽ ڌاڙ جي ذريعي ڦريو ناهي ويندو، پر هر ڪنهن جي ذاتي (personal) ملڪيت جو احترام ڪيو ويندو آهي. يعني اها ملڪيت جيڪا رڳو اٽڙ ذاتي ضرورتن جو پورائو ڪندي هجي، جنهن ۾ ذاتي ”ضرورت“ عياشيءَ واري حد کي نہ پهچي.
3. دولت جو ٿورڙن ماڻهن وٽ رڪجي وڃڻ جي خاتمي سان جنسي چڙواڳي، چڪلي خوري، عزت وڪڻڻ ۽ ان طرح جي ٻين جنسي برائين جو خاتمو ٿي وڃي ٿو. عورت جي عزت ۽ پاڪدامنيءَ جو احترام ڪيو ويندو آهي. جنسي لاڳاپا جائز طريقن سان قائم ٿيندا آهن.
4. ڪنهن جي خلاف ڪوڙ شاهدي ڏيڻ، پنهنجي مفادن جي لاءِ معاهدن کي ٽوڙڻ ۽ واعدن کي ختم ڪرڻ جي ضرورت ناهي پوندي.
5. انساني زندگيءَ جو مقصد اخلاقي پاڪائي ۽ ترقي حاصل ڪرڻ ۽ الله تعاليٰ سان تعلق قائم ڪرڻ ٿي ويندو آهي، جنهن جي ڪري برائين ۽ بڇڙائين جي اندروني قوتن جو خاتمو ٿي ويندو آهي. ائين جبلتن ۽ حيواني گهرجن تي ضابطو حاصل ٿي ويندو آهي.
6. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ نماز قائم ڪئي ويندي آهي ۽ انهيءَ تي هميشگي اختيار ڪئي ويندي آهي تہ جيئن انساني نفس ۾ بڇڙائين يا جبلتن جي حيواني گهرجن جي اندروني قوتن جو خاتمو ٿي سگهي ۽ معاشري ۾ دائمي امن، خوشحالي، اخلاقي پاڪائي، ڀائپي ۽ برابري قائم ٿي وڃي. اهڙي معاشري ۾ عورت جو احترام قائم رهندو آهي جيڪو هر تعميري معاشري جو لازمي گڻ آهي.
7. اهڙيءَ طرح انفرادي، قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي انساني ترقي ۽ ان جي قوتن جي واڌويجهہ جاري رهندي آهي. ويڙهہ جهيڙي ۽ جارحاڻي وطنيت ۽ قوميت جا رجحان ختم ٿي ويندا آهن.
8. هن معاشري ۾ ڪائنات ۽ زندگيءَ جو تصور الحاد ۽ ماديت تي ٻڌل


www.sindhsalamat.com

نہ هوندو آهي، پر الله تعاليٰ کي پنهنجو مالڪ (پالڻهار) ۽ مربي مڃيو ويندو آهي. انسانن سان احترام ۽ محبت تي ٻڌل سلوڪ رکيو ويندو آهي. هر ڪنهن جي حقن جي سنڀال ۽ معاشرتي انصاف تي وڌ کان وڌ زور ڏنو ويندو آهي.

9. قيامت جي ڏينهن حساب ڪتاب ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ ڏني ويندڙ جزا ۽ سزا کان ڊيڄاريو ويندو آهي.

هن سورة مبارڪ ۾ هڪ ٻيو اشارو اهو بہ ملي ٿو تہ انساني تهذيب ۽ رهڻي ڪهڻي جي ترقي شايد پنجاھ هزار سالن تائين رهي. زرعي دؤر جي شروعات کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڏھ هزار سال تہ گذري چڪا آهن. اسلام کان پوءِ يورپ ۾ گذريل چار سؤ سالن کان ترقي جي رفتار تمام ئي تيز رهي آهي ۽ زمين جي گولي تان سامراج ۽ دولت جو ڪن ٿورڙن ماڻهن وٽ رکجي وڃڻ واري شيطاني عمل جي خاتمي کان پوءِ، ترقي جي رفتار گڏيل طور تي تمام تيز ٿي ويندي ۽ الله تعاليٰ جو منصوبو انسان جي هٿان مڪمل ٿيڻ ڪري ويڙھ جهيڙي واري حالت ماني ٿي ويندي ۽ ان کان پوءِ نئين دنيا ظاهر ٿيندي. اهڙي طرح ايندڙ چاليھ هزار سالن ۾ انساني ترقي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

اها ڳالھ ثابت ٿي چڪي آهي تہ سيئي اخلاقي بڇڙائيون دولت جو ٿورڙن ماڻهن وٽ رکجي وڃڻ جي ڪري پيدا ٿين ٿيون. اهڙا مالدار ماڻهو هزارن ۾ ڪي ٿورڙا ئي هوندا جيڪي الله لوڪ ۽ غريبن جي پرگهور لهڻ وارا هوندا. عام طرح وڏائي، گهمنڊ، ڪمزورن تي ڏاڍائي، جنسي ڇڙواڳي، جوئا بازي ۽ ٻئي انسان دشمن عمل عام طرح مالدار طبقي وارن کان ئي ٿيندا آهن.

هن سورة مبارڪ ۾ خدائي عذاب جي پڪڙ جي سختي کي بيان ڪيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ سزا ڏنل ماڻهو پنهنجي سزا کان بچڻ لاءِ پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ٻين مٽن مائٽن کي پنهنجي بدران ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندو.

اها ڳالھ چٽي ٿي وئي آهي تہ جيستائين پيداواري وسيلا ڪن ٿورڙن ماڻهن جي قبضي ۽ ملڪيت مان نڪري ڪري عوام جي قبضي ۽ ملڪيت ۾ نٿا اچي وڃن، انساني معاشرو جيئن جو تيئن دوزخي معاشرو بڻيو رهندو، پوءِ ڀلي علم ۽ ٽيڪنالاجي ۾ ڪيتري ئي ترقي ڇونہ ڪري وٺي.

جنتي معاشري جي جوڙجڪ لاءِ پيداواري وسيلن کي عوامي ملڪيت ۾ آڻڻ سان گڏوگڏ ڪائنات جي روحاني تعبير يعني هن ڪائنات جي خالق جي وجود کي مڃڻ ۽ انساني فطرت ۾ جبلتن کان سواءِ خدائي سگھ (Divine Energy) جي موجودگي کي مڃڻ بہ ضروري آهي. ڇو تہ ڪائنات ۽ انساني


Sindhica Academy, Karachi

فطرت جي روحاني تعبير کان سواءِ عوامي ملڪيت مان حاصل ٿيڻ واري خوشحالي ۽ خوشي، فردن منجهان ذڪر ڪيل اعليٰ مقصدن ڏانهن توجھ کي هٽائي جنسي ڇڙواڳي، شراب نوشي ۽ جوئابازي وغيره ڏانهن وٺي ويندي آهي. اشتراڪي معاشري ۾ مذهب کي رد ڪرڻ جي ڪري اها ئي صورتحال پيدا ٿي وئي هئي، جنهن جي ڪري ان جو وجود ئي ختم ٿي ويو.

## (12) سورت عَبَسَ:

(1) هن سورة مبارڪ ۾ سڀ کان پهرين ڳالھ حق واري دين جي پرچار بابت ڳالھ ڪئي وئي آهي ۽ اهو هي تہ هڪ انسان، جيڪو غريب ۽ مسڪين آهي، پر اهو حق جي ڳالھ کي سمجهي وٺي ٿو ۽ ايمان آڻي ٿو تہ اهو هڪ وڏي مالدار ۽ اتي ويٺي واري ماڻهو جي مقابلي ۾ انقلاب لاءِ وڌيڪ لاڀائتو ثابت ٿيندو آهي. جڏهن تہ مالدار ماڻهو حق واري ڳالھ کي مڃڻ لاءِ بہ تيار ناهي هوندو. قرآن انهيءَ حقيقت جي نشاندهي ڪئي آهي تہ اهي ماڻهو نبيءَ جي ڳالھ کي انهيءَ جي ڪري نٿا مڃين جو سندس انهيءَ ڳالھ کي ان جي غلامن ۽ ٻين پٺتي پيل طبقن جي ماڻهن مڃي ورتو آهي. ابوجهل بہ پاڻ ڪريم ﷺ جي دعوت جي جواب ۾ اهڙي ئي ڳالھ ڪئي هئي.

(2) قرآني تعليم توڙي قرآني انقلاب جي عظمت جي باري ۾ جيڪو ڪجھ بيان ڪيو ويو آهي سا ڪا معمولي تعليم يا معمولي انقلاب نہ آهي. انهيءَ تعليم کي اڳتي وڌائڻ وارا، ان جي اشاعت ڪرڻ وارا ۽ ان جي بنياد تي انقلاب آڻڻ وارا تمام ئي عظيم ماڻهو آهن. اها تعليم انسان کي عظمت جي تمام ئي مٿانهين درجي تي پهچائي ڇڏي ٿي. انهيءَ تعليم جي ڪري فرد توڙي معاشرو، اخلاقي برائين جي بڇڙائي کان ڇوٽڪارو ماڻيندي دوستي، محبت، معاشي خوشحالي، برابري، امن ۽ آزاد فڪري جي مٿانهين درجي تائين پهچي وڃن ٿا. نہ رڳو قرآن پر سڀني پاڪ آسماني ڪتابن تي ايمان رکڻ وارا، انهن جي حقيقي تعليم موجب انقلاب آڻڻ وارا ماڻهو تمام ئي عظيم انسان آهن. قرآن دينن جي هيڪڙائي جو قائل آهي.

(3) مالدارن ۽ حڪمران طبقن کي سبق ڏنو ويو آهي تہ انهن کي پٺتي پيل طبقن ڏانهن نفرت جي نگاھ سان ڏسڻ بدران، پنهنجي خلقت تي ويچار ڪرڻ گهرجي تہ انسان جي حيثيت ۾ انهن جي خلقت جو عمل بہ اهو ئي


www.sindhsalamat.com

آهي جيڪو هڪ غريب جو هوندو آهي. ٻئي هڪ ئي طرح ۽ هڪ ئي حالت ۾ پيدا ٿيندا آهن. رڳو طبقاتي ماحول جو فرق هوندو آهي، جنهن سان نئون ڄاول ٻار امير يا غريب جي حيثيت اختيار ڪري وٺندو آهي.

(4) طبقاتي اختلاف جي ڪري معاشي هيٺ مٿانهين به خدا تعاليٰ جي جوڙيل تقدير آهي. پر الله تعاليٰ اهو مقدر نه ٺاهيو آهي ته پٺتي پيل ۽ غريب طبقي جا ماڻهو پنهنجي حالت بدلائڻ جي لاءِ جاکوڙ به نه ڪن. اهو ته معاشي قانونن تي دارومدار رکي ٿو ته ماڻهو امير يا غريب پيدا ٿيندا آهن. اڄ جڏهن انهن قانونن جي سمجهه اچي چڪي آهي ته هاڻي اهو ٿي سگهي ٿو ته مزدور ماڻهو پنهنجي شعور کي جاڳائن ۽ پاڻ ۾ ٻڌي ڪري جاکوڙين ته جيئن استحصال پسند طبقن کان ڇوٽڪارو ماڻي، انهن کان به وڌيڪ مٿانهين ۽ عظمت ڀري زندگي گذاري سگهن.

(5) مالدار طبقن جا ماڻهو پنهنجي دولت جي ڪري وڏائي ۽ انسان دشمني جهڙن اجاڙيندڙ ۽ ناڪاري ڪردار کي پنهنجائي، خدائي حڪمن جي خلاف عمل سان پنهنجي پڇاڙي کي پهچن وڃن ٿا.

(6) قرآن چوي ٿو ته مالدار طبقي کي ويچار ڪرڻ گهرجي ته روزگار جي سيني وسيلن جي پيدائش هن طبقي جي دولت ۽ محنت جو نتيجو نه آهي. زندگيءَ جا وسيلا الله تعاليٰ پنهنجي سيني ٻانهن لاءِ پيدا ڪيا آهن، پر مزدور انهن جي پيدائش مان فائدو نٿو وٺي سگهي، ڇو ته انهن تي ڏاڍائيءَ ۽ ٺڳيءَ سان ڪي ٿورڙا ماڻهو قبضو ڪري وٺن ٿا. جيتوڻيڪ انهن وسيلن جي پيدائش تي انهن جو ڪو به وس نه آهي، اهي خدائي بخشش آهن. جيئن ته انهن وسيلن تي ٿورڙن ماڻهن جي قبضي سبب ماڻهن جي گهڻائي انهن مان فائدو حاصل ڪرڻ کان محروم ٿي وڃي ٿي ۽ پنهنجي محنت وڪڻي، پنهنجو پيٽ پالڻ تي مجبور هوندي آهي؛ انهيءَ ڪري قابض طبقو پنهنجي دولت جي گهڻائي جي ڪري، جيڪو اصل ۾ مزدور جي محنت جي استحصال جو نتيجو هوندي آهي؛ اقتدار، علم ۽ تهذيب جي وسيلن تي قبضو ڪري وٺندو آهي. اهڙي طرح انسان پنهنجي انساني حيثيت کان محروم  ٿي مزدور، غلام- زرعي يا ڀڳهاردار غلام جي حيثيت اختيار ڪري وٺندو آهي ۽ پنهنجي محرومي ۽ ناداري جي ڪري علم ۽ تهذيب جي برڪتن کان لڳاتار محروم رهندو آهي.


Sindhica Academy, Karachi

(7) جيڪڏهن هي مالدار ۽ حڪمران طبقو انهيءَ انساني ۽ معاشي حقيقت کي نه سمجهي ۽ پنهنجي دولت ۽ سگهه کي پٺتي پيل طبقي جي مدد ڪرڻ ۽ انهن کي انساني سطح تي ترقي ڏيڻ جي ڪوشش ۾ خرچ نه ڪري ته دوزخ جي باهه ۾ سڙڻ جي لاءِ تيار رهي. اتي عذاب جي ايتري ته سختي هوندي جو هو پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ ويجهن مٽن مائٽن کي به پنهنجي جاءِ تي عذاب ڏيارڻ جي لاءِ الله تعاليٰ کي درخواست ڪندو، پر هو انهيءَ عذاب کان ڇوٽڪارو ماڻي نه سگهندو.

القارعہ کان وٺي عبس تائين حق واري دين جو عملي پروگرام ڏنو ويو هو. يعني مالي برابري پيدا ڪرڻ، دولت جي حرص کي تياڳي ڇڏڻ، غلاميءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ثمود قوم جو مثال ڏنو ويو آهي ته ڪيئن اها نبيءَ جي تعليم جي مخالفت ڪري ٿي، ايتري تائين جو اها برباد ٿي وڃي ٿي. مڪي جي سردارن ۽ مالدارن طرفان پاڻ ڪريم ﷺ جي تعليم ۽ دعوت کي بلڪل ئي ڪوڙو ڪيو ويو. نه رڳو اهو، پر مالدارن ۽ سردارن ٻتن جي پوڄا کي ڇڏڻ ۽ موت کان پوءِ عملن جي پڇاڙي کي مڃڻ جو ڪليل طرح اعلان ڪري ڇڏيو. ان جي باوجود به نبي ڪريم ﷺ وحي الاهي جي ٻوليءَ ۾ انهن جي اڳيان ٿورڙا نيڪ ۽ تعميري عمل به رکيا، ته جيئن انهن کي اپنائي اهي ڇوٽڪارو ماڻي سگهن.

### (13) سورت البلد:

هن سورة  مبارڪ ۾ اصحاب الميمنہ (سڄي پاسي وارن) ۽ اصحاب المشئمہ (کٻي پاسي وارن) ماڻهن جو ڪردار چٽيءَ طرح ٻڌايو ويو آهي. اڄ جي اصطلاح ۾ انهن کان جيڪو معاشرو جڙي ٿو انهيءَ کي جنتي يا توحيدي معاشرو جڙي ٿو ۽ انهيءَ جي برخلاف جيڪو معاشرو جڙندو سو دوزخي يا شرڪ تي مبني معاشري سان سڃاتو ويندو. نه رڳو  قرآن، پر سيني پاڪ الهامي ڪتابن جي اها بنيادي تعليم آهي. جنت مان نڪرڻ کان پوءِ انسان ٻيهر پنهنجي جنت اڏي نه سگهيو. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي ته معاشرو ٻن مخالف معاشي مفاد رکڻ وارن طبقن ۾ ورهائجي ويو. هڪ ننڍڙي طبقي پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري ورتو. هن طبقي جو اقتدار تي به قبضو ٿي ويو. گهڻائي وٽ جيڪي غلام ۽ پٺتي پيل حالت ۾ رهڻ تي مجبور آهن، پنهنجي محنت کي وڪڻي پيٽ پالڻ کان سواءِ ٻيو ڪو ذريعو نه آهي. گذريل ڏهن هزار سالن کان پيداواري وسيلن تي قبضو ڪيل طبقي مزدور جي محنت جي استحصال


www.sindhsalamat.com

سان بيشمار دولت گڏ ڪري رکي، معاشري جي سيني ادارن تي اهو ئي طبقو حاوي ٿي ويو آهي. گهڻائي جيئن جو تيئن مسڪين ۽ محروم آهي. حبشہ ڏانهن هجرت تائين جيڪو قرآن نازل ٿيو، انهيءَ ۾ سڌي طرح انهيءَ مالدار طبقي تي سخت تنقيد ڪئي وئي آهي. انهن کي ٻڌايو ويو آهي ته اهي غلام ۽ پوئتي پيل ماڻهن جي پنهنجي دولت سان مدد ڪن، نه ته انهن جي بربادي اٽل آهي ۽ آخرڪار اهي پنهنجي ڪنجوسي، هٺ ۽ وڏائي جي بدلي دوزخ جي باهه ۾ اڇلايا ويندا.

هن سورة ۾ اصحاب الميمنہ ۽ اصحاب المشئمہ يعني ٻه معاشرا ۽ ٻن نمونن جا اخلاق، ٻن نمونن وارا زندگي گهارڻ جا انداز ۽ ٻه رويا وجود ۾ اچن ٿا. اهي ٻئي هڪٻئي جي برخلاف يا هڪ ٻئي جو ضد آهن، جن جو نقشو هتي چٽيو ويو آهي. انهن اخلاقن ۽ عملن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪو جنتي يا توحيدي معاشري جي جوڙجڪ لاءِ اٽل ۽ بنيادي حيثيت رکي ٿو. پاڻ ڪريم ﷺ جي جاکوڙ مکي جي دوزخي معاشري کي جنتي معاشري ۾ مَٽائڻ جي لاءِ هئي.

مفسر عام طرح انفرادي اخلاق جي نقط نظر کان آيتن تي غور ڪندا آهن. جڏهن ته قرآن ڪريم اهڙن پرهيزگارن جي جماعت جوڙي ٿو جيڪا رسول الله ﷺ جي اڳواڻي ۾ معاشري جي غلط ادارن، غلط اخلاقن ۽ غلطن فڪرن ۽ نظرين جي خلاف جاکوڙيندي موجوده معاشري کي مڪمل طرح بدلائي ڇڏي ۽ ان جي جاءِ تي هڪ اهڙي معاشري کي جوڙي، جنهن جو بنياد انفاق، صبر جي صلاحيت ۽ سگهه ۽ پاجهه تي بيٺل هجي.

هن سورة مباڪ ۾ بہ دولتمند طبقي جي پرڪارن تي تنقيد ڪئي وئي آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته غلامي جي اداري جو وجود ڏيک ويک، هٺ ۽ وڏائي، توڙي علم ۽ عقل جو غلط استعمال، گهڻو ڪري مالدار طبقي جي طرف کان هوندو آهي. انهيءَ جي مقابلي ۾ غلامي کي ختم ڪرڻ، انساني آزادي کي بحال ڪرڻ، دولت کي پنتي پيل طبقن تي خرچ ڪرڻ، محنت جي استحصال جو خاتمو ڪرڻ، فضول خرچي ۽ اجائي ناماچاري کان بچڻ، علم ۽ عقل کي نفس جي پاڪائي ۽ ترقي جي لاءِ استعمال ڪرڻ، يتيمن، مسڪينن ۽ محروم ۽ پنتي پيل ماڻهن جي سارسنڀال لهڻ انهيءَ لحاظ کان ته اهي بہ انساني سطح تائين اچي وڃن، معاشري جي ماڻهن جو صبر يعني پنهنجي نفساني خواهشن تي ضابطو ماڻڻ جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ ته جيئن معاشري ۾ هڪ ٻهاري لڳي وڃي؛ انهن سيني مقصدن جي لاءِ ٻاهرين ادارن کي اخلاقي قدرن تي آڻڻ ۽


Sindhica Academy, Karachi

جيڪي قوتون هن ڪم ۾ رڪاوٽ بڻجن، انهن جي طرف کان جيڪا تڪليف پهچي انهيءَ جو ثابت قدمي سان مقابلو ڪرڻ ۽ پاجهه يعني سيني ماڻهن جي روحاني، جسماني ۽ عقلي واڌويجهه ۾ مدد ڏيڻ ئي اهي اصول ۽ اخلاق آهن، جن جي ڪري معاشرو ترقي ڪري سگهي ٿو ۽ ماڻهو پنهنجي نفس جي پاڪائيءَ سان پنهنجي تخليقي مقصد کي پورو ڪري سگهي ٿو. اهڙن ڳڻن وارو اصحاب ميمنہ يعني سڄي پاسي وارن ماڻهن جو معاشرو آهي. اهڙي معاشري جي جوڙڻ ۽ ضرورت کان انڪار ڪرڻوارا اصحاب مشئمہ آهن ۽ اهي دوزخ ۾ وڌا ويندا.

انسان کي محنت ۽ جفاڪشي (ڪبد) تي پيدا ڪيو ويو آهي، ته جيئن هو انهيءَ جفاڪشي سان الله تعاليٰ جي پيدا ڪيل وسيلن ۽ پيداوار مان فائدو حاصل ڪري، جسماني ۽ اخلاقي لحاظ کان ترقي ڪري. پر ڪجهه ماڻهن پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري، گهڻائيءَ جي محنت جو استحصال ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ استحصال سان دولت حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. مزدور کي ان جي محنت مان حاصل ٿيل نفعي مان رڳو ايترو ڏنو ويندو آهي، جنهن سان هو رڳو جيئرو رهي سگهي، جڏهن ته نفعي جو سڀ کان گهڻو حصو سرمائيدار پاڻ وٽ رکي ڇڏي ٿو. هو سمجهي ٿو ته اها صورتحال جيئن جو تيئن قائم رهندي ۽ ڪابہ سگهه انهيءَ کي بدلائي نه سگهندي. هو انهيءَ حالت کي قائم رکڻ جي لاءِ پنهنجو مال بہ خرچ ڪندو آهي. پر الله تعاليٰ انسان کي اکيون، زبان ۽ چپ انهيءَ لاءِ ڏنا آهن ته هو پنهنجي سمجهه کي سجاڳ ڪري ۽ انقلابي جاکوڙ سان معاشري جي انهيءَ طبقاتي جوڙجڪ کي بدلائي. جيڪڏهن محروم ۽ پنتي پيل طبقا پنهنجي انقلابي جاکوڙ سان انهيءَ صورتحال کي نه بدلائيندا ته اهي سدائين جي لاءِ دوزخي معاشري جي باهه ۾ پاڻ بہ سڙندا رهندا.

## (14) سورت الفجر:

هن سورة مبارڪ ۾ مالدار طبقن جي ڪردار جي مخالفت ۾ پهريان ڪائناتي دليل ۽ پوءِ تاريخي شاهديون ۽ آخر ۾ نفسياتي دليل ڏنا ويا آهن. انهن شاهدين کان پوءِ قومن جي بربادي جا سبب بيان ڪيا ويا آهن، پوءِ قيامت جو حال، هٺ ۽ وڏائي ڪندڙ مالدار طبقن جي پڇاڙي ۽ سڀ کان آخر ۾ جنتي معاشري جي جوڙجڪ جا شرط، سبب ۽ حالتون بيان ڪيون ويون آهن.

هن سورة ۾ عاد ۽ ثمود جهڙين قومن جي مالدار طبقن جي ذڪر سان گڏ مصر جي فرعون جو بہ ذڪر آيو آهي. نزولي ترتيب ۾ هيءُ پهريون بادشاهه


www.sindhsalamat.com

آهي، جنهن جو نالو ڪنيو ويو آهي. مالدار ۽ استحصال پسند طبقا جڏهن حڪومت ناهيندا آهن ته انهن جو ڪردار اهڙو ئي هوندو آهي. حڪومت پلي واپاري هجي يا سرمائيداراڻي جمهوريت هجي يا ڪنهن هڪ ماڻهو جي آمريت يا بادشاهي هجي، پنهي جو ڪردار هڪجهڙو هوندو آهي. ڳالهه هاڻي طبقن سان حڪومت جي تنظيم تائين پهچي وئي آهي.

هن سورة ۾ چئن شين کي شاهديءَ طور پيش ڪيو ويو آهي. پهرين پرهه ڦٽي، ٻيو ڏهه راتيون، ٽيون اڪي ۽ ٻڌي راتيون ۽ چوٿون پڇاڙي ڪنڌڙ رات. اها شاهدي جزا ۽ سزا جي باري ۾ آهي، جنهن جو مڪي وارا شدت سان انڪار ڪري رهيا هئا. انهيءَ جي لاءِ عاد ۽ ثمود قوم جو ڪين مثال ڏنو ويو آهي.

- **پرهه ڦٽيءَ جو قسم:** هن جو مطلب اهو وقت آهي جڏهن رات جي اونداهيءَ مان صبح جو سوجهرو ظاهر ٿيندو آهي.
- **ڏهن راتين جو قسم:** انهيءَ جو مطلب هر مهيني جي ٽيهن راتين مان هر ڏهه راتيون آهن. پهرين راتين ۾ چنڊ سنهو هوندو آهي. ان کان پوءِ وارين راتين ۾ جيئن پوءِ تيئن چنڊ جي وڌڻ سان رات جو گهڻو حصو روشن ٿي ويندو آهي. آخري راتين ۾ وري اهو سڄي مان گهٽجي ننڍو ٿيندو ويندو آهي ۽ رات جو گهڻو حصو اونداهيءَ ۾ رهندو آهي، ايتري تائين جو مهيني جي آخري ٻه راتيون بلڪل ئي اونداهه ۾ هونديون آهن.
- **اڪي ۽ ٻڌي جو قسم:** هن جو مطلب ڪائنات جون سڀئي شيون ٿي سگهن ٿيون. جو ته هر شيءِ يا ته جوڙي جي صورت (ٻڌي) ۾ آهي يا وري اڪيلي (اڪي) آهي. اصل ۾ هتي اڪي يا ٻڌي جو مطلب ڏينهن جي قيرقار سان آهي. مهيني جون تاريخون هڪ مان ٻه ۽ ٻن مان ٽي ٿي وڃن ٿيون. مطلب ته قير قار پاڻ سان گڏ هڪ نئين ڪيفيت کڻي ٿي اچي.
- **ڪنڌڙ رات جو قسم:** انهيءَ جو مطلب اونداهي آهي، جيڪا سج جي لهي وڃڻ کان پوءِ دنيا تي ڇانئجي وئي هئي ۽ رات جي پڇاڙي سان سج جي اها روشني هاڻي ٻيهر موٽي اچي رهي آهي ۽ نئين صبح جي ظاهر ٿيڻ سان دنيا وري روشن ٿي وئي آهي.

انهن چئني قَسمن تي جيڪڏهن گڏيل حيثيت سان نظر وجهون ته خبر پوي ٿي ته هن ڪائنات ۾ جيڪو به ڪو ڪم ٿي رهيو آهي، سو ڏکي ٿي، بي مقصد، بي حڪمت ۽ مصلحت کان خالي نه آهي، پر هر ڪم جي پٺيان هڪ چٽي پٽي حڪيماڻي منصوبي بندي نظر اچي رهي آهي. ڪائنات جو هيءُ زبردست نظم ۽ ضبط ڪنهن قادر مطلق جو قائم ڪيل ٿو ڏسجي. هاڻي


Sindhica Academy, Karachi

جيڪڏهن اهڙي حڪيم، ڏاهي ۽ قدرت ۽ سگهه رکڻ واري خلقيندڙ کان دنيا ۾ رهڻ وارو ڪو ماڻهو انڪار ڪري ۽ گڏوگڏ آخرت جي جزا ۽ سزا جو انڪاري هجي ته چئبو ته اهو ٻن بيوقوفين مان هڪ جو ڪاچ ٿي ويو آهي. پهريون هي ته يا ته انهيءَ طاقت واري هستي جو انڪاري آهي ۽ سمجهي ٿو ته اها هن ڪائنات کي اهڙي بيمثال نظم ۽ ضبط سان پيدا ڪرڻ جي سگهه به رکي ٿي، پر انسان کي ٻيهر پيدا ڪري جزا ۽ سزا ڏيڻ جي سگهه نٿي رکي. يا وري ٻيو اهو ته، هو منڍ کان ئي الله تعاليٰ جي حڪمت ۽ ڏاهپ جو انڪاري آهي ۽ انهيءَ باري ۾ هو اهو سمجهي ويٺو آهي ته هن انسان کي دنيا ۾ عقل ۽ اختيار ڏئي ڪري پيدا ته ڪري ڇڏيو آهي، پر نه ته هو ڪائنس ڪڏهن حساب ڪتاب ڪندو ته هن پنهنجي عقل ۽ اختيار کان ڪم ورتو يا نه ۽ نه چڱن ڪمن جو بدلو ڏيندو ۽ نه خراب ڪمن جي ڪري سزا ڏيندو.

هن کان پوءِ تاريخ ۾ دليل ورتو ويو آهي جنهن لاءِ عاد ۽ ثمود ۽ ٻين قومن جا مثال ڏئي ڪري ٻڌايو ويو آهي ته هيءَ ڪائنات فطرت جي ڪنهن انڌي ٻوڙي قانون هيٺ عمل نه پئي ڪري، پر هڪ حڪمت پريو الله ان کي هلائي رهيو آهي. انساني تاريخ جو لڳاتار تجربو ٻن ڳالهين جي چٽي پٽي شاهدي پيش ڪري رهيو آهي. هڪ هيءُ ته آخرت جو انڪار هر قوم کي خراب ۽ آخرڪار برباد ڪري ڇڏي ٿو، جو ته آخرت هڪ حقيقت آهي. ٻيو هيءُ ته عملن جو بدلو ايندڙ ڪهڙي به وقت ۾ مڪمل طور تي عمل ۾ اچي سگهي ٿو. اهي ماڻهو يا قومون جيڪي فساد جو ٻج پوکي هن دنيا مان موڪلائي ويا هليا ۽ ان جي سزا چکي نه سگهيا، انصاف جي گهرج اها آهي ته انهن کي ڪنهن به وقت ۾ ڪنهن نه صورت ۾ سزا ڏني وڃي. انهيءَ ڪري ئي قيامت جو ڏينهن قائم ڪيو ويندو.

## (15) سورت الاعليٰ:

تسبيح ڪرڻ جو حڪم، يعني ذات باري تعاليٰ کي ان جي پاڪ نالن سان سڏڻ، جيئن سبحان ربي الاعليٰ، سبحان الله وبحمده سبحان الله العظيم.

”بتن جا نالا پنهنجي پس منظر ۾ تمام ئي ذڪار جوڳا هوندا آهن. بتن جا نالا انسانن جي وحدت کي ختم ڪري، انهن کي قبيلن ۾ ورهائي ڇڏيندا آهن. جو ته هر قبيلي جو بت جدا هوندو آهي، ۽ مالدار ماڻهو جادوگرن ۽ پوپن جهڙن طبقن جي پنيرائي ڪندا آهن.“

هن سورة مبارڪ ۾ چئن حدبندين (Dimensions) کان سواءِ ٽين اندروني ڳڻن جو ذڪر پڻ ڪيو ويو آهي، جيڪي هر شيءِ ۾ موجود آهن، ان


www.sindhsalamat.com

جون چار حدون هونديون آهن. انهن کان سواءِ ڪنهن بہ شيءِ جو وجود قائم نٿو رهي سگهي. ڊيگهہ، ويڪر، ٿولهہ ۽ وقت. قرآن چوي ٿو تہ انهن چئن پاسن کان سواءِ هر شيءِ ٽن خاصيتن واري بہ ٿيندي آهي. انهن خاصيتن کان سواءِ ڪنهن بہ شيءِ جو وجود نٿو ٿي سگهي. صحيح ڪرڻ (Disposeth) نسبت قائم ڪرڻ، نيڪ ڪرڻ (Measureth) اندازو قائم ڪرڻ، هدايت (Guideth) جنهن ڪم لاءِ ان کي پيدا ڪيو ويو آهي، انهيءَ جي لاءِ رهنمائي ۽ هدايت ڏيڻ: هنن ٽنهي قدرن کي (Dimensions of Creative Process) چئي سگهجي ٿو. مثال طور، ڪڪڙ جي جسم کي ڏسو، تہ انهيءَ ۾ هڪ نسبت نظر اچي ٿي. اها هڪجهڙائي ئي ان جي تقدير آهي ۽ اها هڪجهڙائي ۽ تقدير بلڪل انهيءَ ئي مقصد (هدايت) موجب آهي، جنهن جي لاءِ ان کي پيدا ڪيو ويو آهي. انهيءَ مان خبر پوي ٿي تہ چار حدبنديون تہ رڳو وجود ۾ اچڻ لاءِ ضروري آهن. پر انهن ذڪر ڪيل ڳڻن کان سواءِ بہ ڪا شيءِ يا وجود پنهنجي مقصد جي لاءِ ڪوبہ عمل نٿو ڪري سگهي. قرآن چيو آهي تہ هيءَ ڪائنات بي مقصد ناهي جوڙي وئي، پر هر شيءِ پنهنجو خاص مقصد رکي ٿي. تنهن ڪري مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهيءَ جي وجود ۾ تناسب ۽ هڪجهڙائي، ورجاءَ وارو انداز، مقصد ۽ هدايت جي ڳڻن کي وڏو ويو آهي.

اهو الله تعاليٰ ئي آهي جو ڪمال ۽ زوال کي آڻيندو آهي. اڄ جيڪڏهن مالدار طبقا زورآور، حڪمران ۽ واڳ ڌڻي آهن، تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ گهريو تہ سياڻي مزدور بہ پنهنجي سمجهہ کي سجاڳ ڪري ۽ پنهنجو پاڻ کي منظم ڪري حڪمران ٿي سگهن ٿا.

پرچار يا تبليغ جو اصول اهو آهي تہ حق جي ڳالهہ چوندا رهو، پوءِ جنهن کي نصيحت وڻٽي هوندي سو وٺي ئي ويندو، يعني جنهن ۾ واڌويجهہ جي صلاحيت آهي ۽ اهو پٿر وانگر سخت نہ آهي. اها ئي تعليم حضرت ابراهيم ۽ حضرت موسيٰ عليهم السلام جي صحيفن ۽ انهن کان پهريان وارن صحيفن ۾ بہ ڏني وئي آهي. ٻڌي ۽ انساني هيڪڙائي جي لاءِ سامي، آريائي، ۽ زرد قومن ۾ موڪليل نبين تي بہ ايمان آڻڻ ضروري آهي. ٻين قومن جا حڪيم ۽ صالح، جهڙوڪ ڪرشن جي، رامچندر جي، مهابير، مهاتما ٻڌ، زرتشت، سقراط، ڪنفيوشس ۽ افلاطون جو احترام بہ ضروري آهي تہ جيئن انساني هيڪڙائي قائم ٿي سگهي. جنهن بہ انسان واڌويجهہ ۽ ترقي ڏيڻ وارن اخلاقن کي پنهنجايو اهو ئي ڪاميابي ماڻيندڙ آهي. هن انقلابي ۽ اخلاقي تبديلي جي لاءِ مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ تي ايمان آڻڻ ضروري آهي.


Sindhica Academy, Karachi

## (16) سورت الڪوثر:

هن سورة جي نازل ٿيڻ وقت ڪافر سمجهندا هئا تہ محمد ﷺ جي نبوت واري دعويٰ جي ڪري، سڄي قوم ان کان ڪٽجي وئي آهي. نبوت جي ڪري ان جو واپار بہ بند ٿي ويو آهي ۽ وري پاڻ ﷺ جو پٽائون اولاد بہ نہ آهي، جو سندن نالو قائم رهي. هن سورة جي اندر مخالفن جي انهن انديشن جو جواب ڏنو ويو آهي. قرآن ڪريم حڪمت کي خير ڪثير سڏيو آهي. انقلاب جي لاءِ ٻن ڳالهين جي ضرورت هوندي آهي: يعني نظريو ۽ عملي پروگرام. انقلاب جي انهن ٻنهي ڳالهين رهنمائي خدائي وحي جي ذريعي ٻڌايون ويون. هي نظريو الله تعاليٰ جي هيڪڙائي، عملن جي نتيجي ۽ آخرت جي زندگي جي لاءِ اخلاقي ۽ روحاني ڳڻن جي پاڳن تي مشتمل اهي. عملي پروگرام اهو آهي تہ توحيد جي نظريي کي معاشري تي لاڳو ڪرڻ سان ئي توحيدي معاشرو قائم ٿي سگهندو جيڪو مخالف معاشي طبقن کان پاڪ ۽ صاف هوندو. پيداواري وسيلا ٿورڙن ماڻهن جي قبضي ۽ ملڪيت ۾ اچڻ بدران عوام جي ملڪيت هوندا. انسان پنهنجي ذميوارين کان ڪنهن بہ طرح آجو نہ آهي ڪيس پنهنجي عملن جو حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو. جيڪڏهن هن دنيا ۾ حساب ۽ ان جي جزا ۽ سزا پوري نہ ٿي سگهي تہ موت کان پوءِ انهيءَ جو پورائو ڪيو ويندو. انهيءَ جي لاءِ اخلاقي ۽ روحاني ڳڻ ٻڌايا ويا آهن، جن سان ماڻهو جي ذات جي تڪميل ۽ معاشري ۾ امن، معاشي خوشحالي، فڪر جي آزادي ۽ سياسي آزادي جي واڌويجهہ ٿيندي. فرد جي ذاتي تڪميل جي لاءِ عبادت ۾ محويت ۽ اخلاقي ۽ روحاني ڳڻن جو انساني نفس ۾ رچي وڃڻ لازمي آهي. اهو انهيءَ ڪري بہ ضروري آهي، تہ جيئن ماڻهو نہ رڳو پنهنجي جسماني ۽ مادي ضرورتن جو پورائو ڪري سگهي، پر جمالياتي گهرجن تحت سهڻي کان سهڻي ۽ ڀلي کان ڀلي ڏانهن وک وڌائي سگهي. اهو مقصد توحيدي معاشري جي قائم ڪرڻ کان سواءِ ممڪن نہ آهي. ڇو تہ نماز جي قائم ڪرڻ جي لاءِ معاشي مساوات کي لازمي قرار ڏنو ويو آهي. جيستائين پُٽائين اولاد جو تعلق آهي، تہ امت جي صورت ۾ رسول الله ﷺ کي روحاني اولاد عطا ڪيو ويو آهي جنهن ڪري قيامت تائين پاڻ ﷺ جو نالو مٿانهون رهندو ۽ سندن ذات بابرڪات جي مٿان هر وقت درود ۽ سلام موڪليو ويندو رهندو.

پر افسوس انهيءَ ڳالهہ جو آهي تہ مسلمان عالمن بہ ٻين مذهبن جي پيشوائن وانگر اسلام کي نماز پڙهڻ تائين محدود ڪري ڇڏيو ۽ توحيدي معاشري کي قائم ڪرڻ واري تصور کي بلڪل ئي نظرانداز ڪري ڇڏيو.


www.sindhsalamat.com

انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو نماز ته پوءِ به ڪي ماڻهو پڙهي ئي وٺن ٿا، پر معاشي خوشحالي ۽ برابري قائم نه ٿي سگهي. انهيءَ جي لاءِ توحيدي يا غير طبقاتي معاشري جو جڙڻ لازمي هو. مديني پاڪ ۾ قائم ٿيڻ واري رياست اجا پوري طرح غيرطبقاتي نه ٿي سگهي هئي جو خلافت کي دمشق ڏانهن منتقل ڪري بادشاهيت قائم ڪئي وئي. ڊاڪٽر خليفو عبدالحڪيم مديني واري رياست کي سماجوادي جمهوريت چيو اهي. پر ٿوري ئي عرصي کان پوءِ انقلاب جي دشمن قوتن انهيءَ رياست کي ختم ڪري ڇڏيو. جڏهن معاشرتي ترقيءَ منجهان بادشاهيت ختم ٿي، ته سرمائيداراڻي سوچ رکندڙ جمهوريت قائم ٿي وئي، جيڪا پنهنجي ڪردار ۾ بادشاهيت جي گهرجن کي پورو ڪندي آهي. جڏهن مدني رياست عوامي جمهوريت هئي، جنهن ۾ معاشيات، حڪومت ۽ قانونسازي تي عوام کي پهچ حاصل هئي، خلافت راشده جي خاتمي کان پوءِ اهي ٽئي ادارا رعايتون ڏنل طبقي جي چنبي ۾ اچي ويا ۽ اڄ تائين ان جي ئي هٿ ۾ آهن. سماجوادي انقلاب انهن ادارن کي عوام جي حوالي ڪري ڇڏيو هو، پر ڪن سببن جي ڪري اهي پاڻ ئي ڇڙوڇڙ ٿي ويا. تنهن ڪري خير ڪثير واري حڪمت نماز جي قائم ڪرڻ ۽ معاشي برابري ۽ انفرادي ۽ گڏيل گهرجن جي تڪميل لاءِ ڪافي آهي، اجا به ائين چئجي ته لازمي آهي.

## (17) سورت الماعون:

هن مبارڪ سورة ۾ ان ڳالهه جي چتائي ڪئي وئي آهي ته دولت جو حرص سرمائيداري ۽ جاگيرداري، يا سرمائيداراڻي سوچ رکڻ واري معاشري جي محروم ۽ پٺتي پيل طبقي جي معاشي حالت کي سڌارڻ جي بلڪل به قائل نه آهي. اڄوڪي اصطلاح ۾ محنت جي استحصال کي غير انساني عمل ۽ گهٽن انسانن کي سندن محنت ۽ جفاڪشي جي باوجود به انهن جي بردباري واري معاملي کي به اهي ڪا اهميت نٿا ڏين. اهو انهيءَ ڪري آهي جو اهي ماڻهو پنهنجي عملن جي نتيجن جي جزا ۽ سزا تي ويساهه نٿا رکن. اهي ماڻهو جيڪڏهن نماز پڙهن ٿا ته اها به ڏيکاءَ لاءِ ته جيئن ماڻهو انهن کي نيڪ ۽ نمازي سمجهندي، انهن جي انهيءَ استحصالي عمل کي نظرانداز ڪري ڇڏين جنهن سان اهي مزدور جي محنت جو استحصال ڪري دولت گڏ ڪن ٿا. انهن جي زڪوات، صدقا ۽ خيرات به انهيءَ ۾ اچي وڃن ٿا.
نه رڳو اسلام ۾، پر هر مذهب ۾ دولتمندن ۽ وڏيرن جو اهو ئي ڪردار


Sindhica Academy, Karachi

رهيو آهي. انهيءَ ڪري ئي هي طبقو مذهبي پيشوائن کي مالي مدد ڏئي، پاڻ سان ملائي، طبقاتي معاشري کي توحيدي معاشري ۾ بدلائڻ واري جاکوڙ کي ديني فرض سمجهڻ کان انڪار ڪري ٿو ۽ انهيءَ کي رڳو دنياوي معاملو سڏيو. انهيءَ مذهبي طبقي سان گٺ جوڙ ڪري دولت جي ورڇ کي خدا جي مرضي سڏي، پٺتي پيل ۽ مزدور طبقي کي مطمئن ڪري ڇڏيو. يعني اهو ته غربت، جهالت، غلامي خدا انهن جي نصيب ۾ لکي ڇڏي آهي. ائين حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته دين کان ڏوري ۽ لاپرواهي جو لاڙو، اجا به ائين چئجي ته الحاد، ماديت ۽ ماديت جي فلسفي تي ويساهه جو سبب به اهو ئي مالدار طبقو آهي. اهو ئي سبب اهي جو مذهبن جي پيروڪارن ۽ مسلمانن جون نمازون نه ته انسان دوستي، محنت جي قدر، محبت، ڀائپي، امن وغيره جي اعليٰ اخلاقي گڻن ۽ معاشري ۾ نيڪي جي واڌاري جو سبب بڻيون نه ئي فرد ۾ انهن اخلاقن کان سواءِ نفس جي پاڪائي ۽ خدا تعاليٰ ڏانهن خشوع ۽ خضوع سان متوجه ٿيڻ ۾ ڪا مدد ڏئي سگهيون. هن طبقي جي ڪنجوسي ۽ ڪميڻاپ جي حد اها آهي جو ڪا خسيس شيءِ به ڪنهن کي اڌاري طور استعمال لاءِ نٿا ڏين. (الماعون)

## (18) سورت اللهب:

قرآن ڪريم اسلام دشمن طبقي جي رڳو هڪڙي ئي ماڻهو جو نالو ڪنيو آهي ۽ اهو آهي پاڻ ڪريم ﷺ جو سڳو چاچو ابولهب ۽ ان جي زال ام جميل، جيڪا ابو سفيان جي ڀيڻ هئي. ٻئي اسلام ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جا سخت دشمن هئا. ايتري تائين جو ابولهب ته هڪ مهلڪ ڦرڙين واري مرض ۾ وڪڙي مري ويو. ان جي زال ۽ پٽن ڪيس ڇڏي ڏنو ۽ ڪجهه شيدي غلامن کي مزدوري ڏئي پهريان ته کڏ کوٽرائي پوءِ ڊگهن پنجرن سان ان جي ڏپ ڪيل لاش کي کڏي ۾ اڇلائي پورائي ڇڏيو. ابولهب وڏو پئسي جو پوڄاري ۽ وڏائي وارو ماڻهو هو. ان جو اصل نالو عبدالعزيٰ هو. ابولهب ڪيس انهيءَ ڪري چوندا هئا جو ان جو رنگ شعلي وانگر چمڪندو هو.

## (19) سورت الطارق:

مڪي جا ماڻهو مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ جو سختيءَ سان انڪار ڪري رهيا هئا. هن سورة مبارڪ ۾ مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ جا دليل ڏنا ويا آهن ۽ اهو ٻڌايو ويو آهي ته قرآن هڪ پڪي نڪي ڳالهه آهي ۽ ڪا ڪوڙي ڪچي ڳالهه نه آهي.


www.sindhsalamat.com

## نظام شمسي سان استدلال:

1. آسمان جا سيئي چمڪندڙ ستارا انهيءَ ڳالهه جي شاهدي ڏئي رهيا آهن تہ ڪا اهڙي هستي آهي جنهن انهن کي جوڙيو آهي، چمڪندڙ ڪيو آهي، فضا ۾ ٽنگي رکيو آهي، انهن جي حفاظت ۽ نگهباني ٿي رهي آهي، اهي سيئي پنهنجي پنهنجي مدار ۾ گهمي رهيا آهن، انهن مان ڪو هڪ ٻئي سان ٽڪرائي نٿو: اهو سمورو نظام پنهنجو پاڻ کنهن جوڙيندڙ کانسواءِ قائم ٿي نٿو سگهي. سائنسي تحقيق تہ انهن قانون کي ڳولي سگهي ٿي، پر اهو نٿي ٻڌائي سگهي تہ انهن جو خلقيندڙ ڪير آهي؟ ڇو تہ تخليق پاڻمرادو نٿي ٿي سگهي، انهيءَ جي لاءِ سمجهہ، زندگي، ارادو، حڪمت ۽ مقصد جو هجڻ ضروري آهي. پر مادو انهن صفتن کان خالي آهي.

## انساني خلقت مان استدلال:

2. انسان جي پهرين جوڙ ان جي ٻيهر پيدا ٿيڻ جو دليل آهي.

## ٻوٽن جي خلقڻ ۽ مينهن مان استدلال:

3. جهڙي طرح اهو بي مقصد عمل نہ آهي، ائين ئي قرآن بي مقصد عمل نہ آهي، پر اهو سچ ۽ ڪوڙ جي فرق کي صفا چٽو ۽ ظاهر ڪرڻ وارو آهي. جهڙي طرح مينهن وسڻ سان زمين مان ٻوٽا ڦٽي پوندا آهن، اهڙيءَ ئي طرح قرآن پاڪ جي تعليم تي عمل پيرا ٿيڻ سان معاشرتي زمين ۾ نئين زندگي پيدا ٿئي ٿي. ان جو مطلب اهو آهي تہ جهڙي طرح مينهن سان زمين مان ٻوٽا ڦٽائڻ جو عمل بي مقصد نہ آهي، پر نئين زندگيءَ جو سبب بڻجي ٿو، ائين ئي قرآن حڪيم جي تعليم جو ٻج بہ معاشرتي زندگيءَ ۾ پوکيو پيو وڃي جيڪو نئين زندگيءَ جي خلقت جو سبب بڻبو. جيئن زمين ڦاٽي ٻوٽن کي اپائي ٿي، تيئن انقلابي جاکوڙ سان نئين معاشرتي زندگي پيدا ٿي پوندي آهي ۽ مرڻ کان پوءِ بہ نئين زندگي پيدا ٿي سگهي ٿي.

مڪي جو مالدار طبقو قرآني انقلاب جو رستو روڪڻ جي تدبير ڪري رهيو آهي. الله تعاليٰ انهيءَ کي ناڪام بڻائڻ جي لاءِ قرآن کي ڪامياب ڪرڻ جي لاءِ تدبير ڪري رهيو آهي. تنهن ڪري صبر ۽ ثابت قدمي سان جاکوڙيندو



Sindhica Academy, Karachi

رهڻ ضروري آهي. مرڻ کان پوءِ واري زندگي تي قرآن ڪريم ورائي ورائي هي دليل ڏنو آهي تہ جهڙي طرح مينهن وسڻ سان مري ويل زمين وري جيئري ٿي پوي ٿي، اهڙيءَ ئي طرح مرڻ کان پوءِ ٻيهر زندگي پيدا ٿي سگهي ٿي. قدرت جا اها قانون، جيڪي مئل زمين کي جيئرو ڪن ٿا، اهي ئي قانون مرڻ کان پوءِ انسان کي زندگي عطا ڪندا آهن. سڀني پاڪ ڪتابن منجهان قرآن پاڪ ئي مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ تي وڌ کان وڌ زور ڏنو آهي. ڇو تہ انهيءَ عقيدي کانسواءِ انسان جي اندر اعليٰ اخلاقن جون پاڙون سايون نٿيون ٿي سگهن. عملن جي نتيجي جي طور تي جزا ۽ سزا جو ملڻ انسان جي مرضي تي ڇڏيل نہ آهي، پر اهو قدرت جو هڪ عالمگير قانون آهي. اهو انهيءَ ڪري آهي تہ جيئن هر سٺي ۽ خراب عمل جو نتيجو هن دنيا واري زندگيءَ ۾ پورو نٿو ملي. جيڪڏهن ظالم پنهنجي ظلم جو نتيجو هتي نٿو ڏسي تہ ان کي نتيجو ڏيکارڻ کانسواءِ ڇڏي ڏيڻ بہ هڪ ظلم آهي. جيئن تہ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن تي ظلم ڪندڙ نہ آهي، انهيءَ ڪري انصاف جي گهرج اها آهي ۽ ائين ئي ٿيندو تہ الله تعاليٰ هڪ ڏينهن انسان کي ان جي عملن جو بدلو ڪيس ضرور ڏيندو.

## (20) سورت المزمل:

هن سورة مبارڪ جا ٻہ رڪوع آهن. پهريون مڪي آهي، ٻيو مدني آهي. مدني رڪوع کي مڪي رڪوع سان گڏ ملايو ويو آهي. مدني رڪوع جي اهميت تہ مديني ۾ ئي ٿي سگهي پئي نہ کي مڪي ۾. مڪي رڪوع جا مطلب هي آهن:

1. قرآني انقلاب جي لاءِ راتيون جاڳڻ ضروري آهي. اڄڪلهہ جا مسلمان مصلح، جيڪي عبادت جي اهميت کي گهٽائن ٿا، اهي غلطي تي آهن.
2. رات جو جاڳڻ نفس تي ضابطي جي لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو. قرآن حڪيم جي معنيٰ ۽ مقصد تي ويچار ڪرڻ جي لاءِ بہ اهو تمام ئي مناسب وقت هوندو آهي.
3. پاڻ ڪريم ﷺ کي هدايت ڏني وئي آهي تہ مخالفن جي طرف کان جيڪو ڪجهہ بہ چيو پيو وڃي، انهيءَ تي صبر ڪريو ۽ سٺي طرح سان انهن کان الڳ ٿي وڃو.
4. فساد جو ڪارڻ اهو ئي مالدار طبقو آهي. اهي ئي قيامت جي ڏينهن جا انڪاري آهن. ڇو تہ انهن کي پنهنجي ظلم، محنت جي استحصال ۽ عيش آرام جي لاءِ هڪ اهڙي عقيدي جي ضرورت آهي، جنهن ۾



www.sindhsalamat.com

ڪائنن سندن عملن جي پڇاڙي جو ڪوبہ قانون نہ هجي. الله تعالىٰ
فرمايو آهي تہ ذرني والمكذبين اولي النعمة. (مالدار طبقي کي ۽
مون کي ڇڏي ڏي، مان انهن سان پڇي پوندس.

5. مڪذبين يوم الدين کي چيو پيو وڃي تہ محمد ﷺ جي حيثيت توهان جي نسبت ائين آهي جيئن موسىٰؑ جي فرعون ڏانهن هئي. جيڪا فرعون جي پڇاڙي ٿي هئي، نافرماني جي صورت ۾ توهان جي بہ اها ئي ٿيندي.
6. قرآن تہ رڳو هڪڙي نصيحت آهي، جنهن ۾ صلاحيت هوندي، اهو انهيءَ مان فائدو ماڻي وٺندو ۽ پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي زندگي کي پاڪ صاف ۽ سڌاري ۽ ترقي وارو بڻائيندو.

هن سورة مان بہ اها ئي ڄاڻ ملي ٿي تہ الله تعالىٰ ۽ آخرت جي ڏينهن جو انڪار مالدار طبقي جو ئي وطيرو رهيو آهي. ڇو تہ هو پنهنجي لاءِ مادر پدر آزادي گهري ٿو. سڀني اخلاقي برائين جو ڪارڻ اهو ئي مالدار طبقو آهي.

**مزمل:** مولانا عبيدالله سنڌيؒ مزمل جي معنىٰ ”رفيق (Comrades) بڻائڻ وارو“ ڪئي آهي. قرآن ڪريم انهن رفيقن کي والذين معه چيو آهي. جڏهن عام معنىٰ تہ اوڍڻ وارو ڪئي وئي آهي، جنهن جو انقلابي عمل سان ڪوبہ لاڳاپو نہ آهي.

## (21) سورت التين:

هن سورة مبارڪ ۾ پهريان تہ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ نبي ڪريم ﷺ کان پهريان نبين سڳورن جي مخالفت بہ ائين ئي ٿيندي رهي آهي، جيئن رسول الله ﷺ جي ٿي رهي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ انهن مرڪزن جو شان ٻڌايو ويو آهي. جبل ”تين“ جتان کان حضرت نوحؑ پنهنجي پرچار شروع ڪئي هئي، ان کان پوءِ جبل زيتون جتان کان حضرت عيسىٰؑ پنهنجو مشهور وعظ شروع ڪيو هو. طور سينين جتان کان حضرت موسىٰ کي وحي الاهي جي ذريعي هدايت جون تختيون مليون.

حضرت نوحؑ کان وٺي حضرت عيسىٰؑ تائين وارو زمانو انساني تاريخ جو هڪ وڏو حصو آهي، جيڪو انهيءَ ڳالهہ تي شاهد آهي تہ نبين سڳورن جي مخالفت ۽ انهن کي تڪليفون ڏيڻ وارو طبقو مالدار طبقو ئي هو. اهو ئي طبقو پاڻ ڪريم ﷺ جي لاءِ تڪليف ڏيندڙ رهيو آهي.

ڊاڪٽر حميد الله (پيرس واري) ٻڌايو آهي تہ تين جو مطلب مهاتما ٻڌ آهي. ڇو تہ ڪيس هڪ پراڻي انجير جي وڻ هيٺان ئي معرفت الاهي حاصل ٿي


Sindhica Academy, Karachi

هئي. ائين تہ انجير ۽ زيتون جو علائقو جتي اهي گهڻائي سان ڄمندا آهن، شام ۽ فلسطين آهي، جتان حضرت ابراهيمؑ کان وٺي ڪري حضرت عيسىٰؑ تائين گهڻائي نبي سڳورا ايندا رهيا آهن. بائبل جو قديم عهدنامو انهيءَ ڳالهہ تي شاهد آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ ۾ بہ سڀني نبين سڳورن جو ذڪر نہ آهي.

ٻي ڳالهہ اها چئي وئي آهي تہ انسان پنهنجي جسماني، ذهني ۽ نفسياتي بناوٽ ۾ ٻي هر مخلوق کان ڀلو آهي. پر انسان پاڻ ئي پنهنجو پاڻ کي تباهي ۽ بربادي جي کڏ ۾ ڪيرائي ڇڏيو آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ جڏهن انسان ڪٽڪ پوکڻ شروع ڪئي تہ شڪار جو دؤر ختم ٿي ويو، جنهن ۾ انسان آزاد هو ۽ ٻيلن مان ميوا ۽ جانورن جو گوشت حاصل ڪندو هو. دريائن ۽ سمنڊن مان مڇيون ۽ ٻين پاڻي وارن جانورن کي پڪڙي کائيندو هو. هن دؤر ۾ ٻيلن ۽ دريائن وغيره تي ڪنهن قبيلي جو ملڪيتي قبضو ڪونہ هو. پر جڏهن کان زمين تي پوک شروع ٿي تہ زمين ۽ ان جي پيداوار تي ذاتي ملڪيت جو قبضو ٿيڻ شروع ٿي ويو. هن دؤر ۾ خوراڪ جي محفوظ ٿيڻ ۽ گهڻو ذخيرو ٿيڻ جي ڪري پڪڙيو وڃڻ وارن قيدين کي خوراڪ جي کوٽ جي ڪري قتل نہ ڪيو ويندو هو، ۽ نہ ئي آدم خوري رهي جيڪا بک لاهڻ جو ذريعو هئي، جن کي خوراڪ جي طور تي کاڌو ويندو هو. هاڻي انهن کي غلام بڻايو پئي ويو ۽ انهن غلامن کان سخت پورهئي وارا ڪم ورتا وڃڻ لڳا. غلام جي انساني شخصيت ختم ٿي وئي هئي. ان کي قتل ڪري سگهبو هو، وڪرو ڪري سگهبو هو ۽ ان تي هر قسم جو ظلم ڪري سگهبو هو. غلام جي مالڪ کي ئي ان جو واڳ ڌڻي سمجهيو وڃڻ لڳو. هاڻي سياڻن ۽ پنهنجي مطلب ۽ فائدن جي سنڀال ڪرڻ وارن ماڻهن وڌ کان وڌ غلام (مرد ۽ عورتون) حاصل ڪرڻ شروع ڪيا. ائين معاشرو ٻن مخالف معاشي طبقن ۾ ورهائجي ويو. انهيءَ انداز ۾ معاشري جي ارتقا سان گڏوگڏ غلام زرعي غلام بڻجي ويو ۽ مالڪ يا آقا جاگيردار سڏجڻ لڳو. مشين جي ايجاد کان پوءِ جاگيردار ڪارخاني جو بہ مالڪ بڻجي ويو ۽ هاري ماهوار يا ڏهاڙي جي بنياد تي پگهاردار غلام بڻجي ويو. زراعت واري زماني کان وٺي اڄ تائين لڳ ڀڳ ڏهہ هزار سالن کان معاشرو جيئن جو تيئن انهن ٻن طبقن ۾ ورهائيل رهندو آيو آهي.

جاگيردار آقا ۽ ڪارخانيدار مالڪ جو پيداواري وسيلن تي مالڪاڻو قبضو آهي. يعني زمين، ڪاٽين، ڪارخانن، تيل ۽ پيٽرول جي ذخيرن ۽ ٻيلن وغيره تي معاشري جي ڏهہ سيڪڙو ماڻهن جو قبضو هلندو ايندو آهي. جڏهن تہ نوي سيڪڙو آبادي مزدور ۽ پنتي پيل، وسيلن کان محروم ماڻهن تي ٻڌل


www.sindhsalamat.com

هوندو آهي. اهي نوي سيڪڙو ماڻهو وسيلن کان محروم هجڻ جي ڪري، انهن پيداواري وسيلن جي مالڪ ٻٽيل ماڻهن وٽ پنهنجي محنت وڪڻي، پنهنجي ٻارن ٻچن جو پيٽ پالڻ تي مجبور هوندا آهن. زمين ۽ ڪارخاني وغيره جو مالڪ گڏيل پيداوار جي وڏي حصي تي قبضو ڪري وٺندو آهي. هو اجا بہ تمام ئي گهٽ حصو پورهيت کي ان جي مزدوري طور ڏيندو آهي. ڏهہ هزار سالن کان مزدور (غلام، زرعي غلام ۽ پگهاردار غلام) کي ايترو ئي ڏنو ويندو آهي جنهن سان هو تمام ئي ڏکيائي سان جيئرو رهي سگهندو آهي تہ جيئن هو آقا، زمين جي ٽڪري تي جاگيردار ۽ ڪارخانيدار جي دولت ۾ پنهنجي محنت سان واڌارو ڪندو رهي.

غلامي جو زمانو، اسلام جي ظاهر ٿيڻ تائين لڳ ڀڳ اٺ يا ڏهہ هزار سالن تي پکڙيل آهي. هن زماني جون سڀئي تهذيبون غلام ۽ آقا تي ٻڌل هيون. اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت بہ روم، ايران ۽ مصر جون غلام ٻڌائيندڙ تهذيبون موجود هيون. رسول الله ﷺ نبوت کان پهريان، پنهنجي واپاري سفرن ۽ مڪي ۾ ٿيندڙ ميلي سوق عڪاظ ۾ اچڻ وارن واپارين سان، جيڪي مختلف مڪلن مان ايندا هئا ۽ واپار سان گڏوگڏ پنهنجي مذهبن ۽ فلسفياڻن فڪرن کي بہ آڻيندا هئا، انساني معاشري جي انهيءَ ورچ جو حال پنهنجي اکين سان ڏٺو هو. عورت ۽ غلام جي حالت تمام ئي نيچ هئي ۽ انهن تي ظلم جي حد ٿي وئي هئي.

مصر جا اهرام هجن يا ديوارِ چين ۽ اتان جو عظيم الشان محلاتون ۽ عبادت گاهون، سڀئي غلامن جي محنت جو نتيجو هئا. انسان کي عقل ۽ سمجهہ ڏني وئي هئي ۽ انهيءَ ڪري ئي کيس احسن تقويم چيو ويو. پر پيداواري وسيلن تي ٿورڙن ماڻهن جي ملڪيت، انسان جي گهٽائيءَ کي انساني سطح کان ئي ڪيرائي جانور ٻڻائي ڇڏيو هو. شاهہ ولي الله دهلويؒ حجة الله البالغہ ۾ انهيءَ صورتحال تي تفصيلي روشني وڌي آهي. قرآن ڪريم انسان جي انهيءَ روش کي سندس اسفل سافلين تائين ڪري پوڻ سان پيٽيو آهي. نبوت جو سلسلو انسان کي انهيءَ اسفل سافلين جي حالت مان ڪڍي، ٻيهر انساني حالت ۾ آڻڻ جي لاءِ شروع ٿيو هو. نبين سڀورن توحيد الاهي کي شهري طور لاڳو ڪرڻ سان توحيدي معاشري جي قيام جي تاڪيد ڪئي هئي تہ جيئن انساني معاشرو مخالف معاشي طبقن تي مشتمل رهڻ بدران، غير طبقاتي معاشرو ٻڻجي وڃي جنهن ۾ هر ماڻهو محنت ڪري ۽ پنهنجي محنت جو پاڻ ئي مالڪ هجي ۽ پنهنجي جسماني ۽ مادي ضرورتن جي پورائي مان واندڪائي حاصل


Sindhica Academy, Karachi

ڪرڻ کان پوءِ الله تعاليٰ جي عبادت ۽ ذڪر جي ذريعي ان جو قرب حاصل ڪري، جيڪو اصل ۾ ان جي خلقت جو بنيادي مقصد هو.

پر ٿيو ائين جو هر نبي يا رسول کان پوءِ دين جي ڄاڻ رکڻ وارن مذهبي پيشوائن (جن ۾ مسلمان مذهبي پيشوا بہ شامل آهن) پنهنجي ذاتي فائدن حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڏاڍي طبقي سان ملي ڀڳت ڪري، توحيدي معاشري جي قيام کي ديني عمل جي بدران دنياوي معاملو سڏي، نبوت جي تعليم کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ عوام کي ٻڌايو تہ رڳو رسمي ۽ ظاهري عبادت ڪرڻ ئي ڇوٽڪاري جي لاءِ ڪافي آهي. دولت جي ورڇ الله سائين پنهنجي مرضي سان ڪندو آهي. يعني امير ۽ غريب جو نصيب الله تعاليٰ پاڻ ٺاهيو آهي، انهيءَ ڪري انهيءَ خدائي ورڇ کي ختم ڪرڻ انساني وس جي ڳالهہ نہ آهي. انهيءَ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ بہ هڪ وڏو گناهہ آهي.

اڄ هر پاسي ڏسي سگهجي ٿو تہ مزدور جي استحصال سان پيداواري وسيلن جو مالڪ دولتمند ۽ خوشحال آهي، پر مزدور جيئن جو تيئن محروم ۽ ڏتڙيل حال آهي.

## هڪ غلط فهمي جو ازالو: ڍ

عام طور تي اهو سمجهيو ويو آهي تہ قرآن ڪريم ۾ معاشي نظام جي باري ۾ جيڪي حڪم ڏنا ويا آهن، اهي دائمي آهن. ٻين لفظن ۾ اسلام کان پهريان ۽ توڙي اسلام ۾ پڻ پيداواري وسيلن تي جيڪو ٿورڙن ماڻهن جو ذاتي قبضو رهيو آهي، اهو پنهنجي جاءِ تي بلڪل صحيح آهي، پر اسلام ۾ دولتمندن جي لاءِ ڪي حڪم ڏنا ويا آهن، جن سان غريبن ۽ پنتي پيل طبقن جي غربت ۽ بک کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ملندي ۽ اهي آهن: (1) وراثت جي ويجهن مائٽن ۾ ورهاست (2) زڪوات جي ادائگي (3) وياج جي حرمت ۽ (4) صدقا ۽ خيراتون.

ائين ئي سمجهيو ويو ۽ مذهبي پيشوائن جي طرف کان بہ اهو ئي سمجهايو ويو آهي تہ مٿي ذڪر ڪيل وراثتي ۽ خيراتي حڪمن جي پابندي سان الله تعاليٰ جو اهو حڪم پورو ٿي ويندو، جنهن ۾ صاف طرح چيو ويو آهي تہ دولت رڳو توهان جي اميرن ۾ ئي نہ ڦري گهري. مشين جي ايجا کان پهريان تہ رڳو زمين ئي پيداواري وسيلو هئي ۽ ان وقت جاگيرداري نظام رواج ۾ هو. غلام ۽ آزاد ماڻهو جاگيردار جي زمين کي ڪيڙيندا هئا. جاگيردار پنهنجي غلامن ۽ ڪڙمين جي پرورش ڪندو هو. مذهبي پيشوائن اهو ٻڌائي ڇڏيو هو


www.sindhsalamat.com

تہ جاگيردار، غلام ۽ ڪاسبي سڀ الله سائين جوڙيا آهن ۽ اها ئي سندن تقدير آهي. پر انهيءَ جي باوجود ڪڏهن انهيءَ نظام جي خلاف بغاوتون بہ چڙي پونديون هيون. اهي بغاوتون حڪمران طبقن جي خلاف هونديون هيون، جو تہ حڪمران طبقي جو ئي انهن جاگيردارن تي هٿ رکيل هوندو هو. عام طرح مزدور، غلام ۽ ڪاسبي چپ چاپ ڪم ڪندا رهندا هئا.

اسلام انهيءَ نظام خلاف حڪم ڏنا آهن. قرآن ٻڌايو تہ سيئي پيداواري وسيلا الله تعاليٰ پنهنجي عيال (عوام) جي لاءِ پيدا ڪيا آهن. "هُوَالَّذِيْ خَلَقَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۚ" (البقرہ:29) رسول الله ﷺ فرمايو، زمين جو مالڪ اهو ئي آهي جيڪو انهيءَ کي کيڙي. يعني زمين واري پاسي کان بہ محنت جي استحصال کي ختم ڪري ڇڏيو ويو. خيبر جي فتح کان پوءِ رسول الله ﷺ خيبر جي زمينن ۽ باغن کي رياست جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ مقامي هارين کان اڌ پيداوار جي ڊل ونڻ شروع ڪئي. حضرت عمرؓ فتح ڪيل زمينن کي بيت المال ۾ داخل ڪري ڇڏيو. يعني انهن کي رياست جي ملڪيت قرار ڏئي ڇڏيو. پر حضرت عثمانؓ جي دؤر ۾ جڏهن بنو اميہ جو مالدار طبقو حڪومت جي عهدن تي مقرر ٿيو تہ ان هن نظام کي ختم ڪري ڇڏيو. خلافت مديني مان ڪٽي دمشق ۾ آندي وئي ۽ آهستي آهستي امير معاويہؓ مدني رياست جي اسلامي حالت کي بادشاهيت ۾ بدلائي ڇڏيو. ان کان پوءِ بادشاهت هڪ هزار سال کان بہ وڌيڪ عرصو ترڪي جي خلافت عثمانيہ تائين قائم رهي. آمريڪي صدر ابراهام لنڪن غلامي واري اداري کي ختم ڪري ڇڏيو، جنهن لاءِ ان کي چئن سالن تائين ويڙهہ بہ ڪرڻي پئي، ان کان پوءِ هو انهيءَ ئي مقصد ۾ پنهنجي زندگيءَ تان هٿ ڌوئي ويٺو.

مسلمان عالمن بادشاهت جي اثر هيٺ، انهيءَ سان ڳاهہ ڪري غلامي واري اداري کي دائمي بڻائي ڇڏيو. ڪڙمت جي اجازت ڏني وئي، جنهن سان رسول الله ﷺ جي فرمان تہ زمين جو مالڪ اهو ئي آهي جيڪو انهيءَ کي کيڙي ٿو: جي خلاف اهو نظام رائج ٿي ويو تہ هڪ شخص جيترو چاهي زمين رکي سگهي ٿو ۽ ٻٽئي تي هارين کان پوکي ڪرائي سگهي ٿو. اولهہ توڙي اسلامي دنيا ۾ غير اسلامي نظام فرانس واري انقلاب تائين قائم رهيو. باقي فرانس واري انقلاب ۾ جاگيردار ۽ گرجا گهر، ٻنهي کي زندگيءَ جي ڪاروبار مان ٻاهر ڪڍيو ويو، پر نئوبني تعليم يافتہ سماجي قدر رکندڙ نظام، مشين جي پيداوار جي بنياد تي سرمائيداري نظام قائم ڪري ڇڏيو، جنهن اڳتي هلي هڪ خونخوار سامراجي نظام جي شڪل اختيار ڪري ورتي. بئنڪنگ


Sindhica Academy, Karachi

سستم قائم ڪيو ويو جيڪو اصل ۾ جديد ڪاروباري نظام هو.

قرآن تہ فيصلائتي ڳالهہ ڪري ڇڏي تہ "هُوَالَّذِيْ خَلَقَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا" پر هن خدائي معاشي نظام جي خلاف، جيڪو سموري ڪائنات ۾ رائج آهي، زمين جي گولي ۽ مشينن تي تورڙن ماڻهن ذاتي قبضو ڄمائي ورتو ۽ گهڻائيءَ کي انهن ذريعن مان فائدو ماڻڻ کان محروم ڪري ڇڏيو ويو.

غار حرا ۾ نازل ٿيڻ واري پهرين خدائي وحي ۾ قلم جي ذريعي علم وارو اصول انسانن کي عطا ڪيو ويو هو، جنهن جو مطلب اهو هو تہ تجربي ۽ مشاهدي، يعني تحقيق جو سائنسي طريقو ئي حقيقي علم حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. مسلمان تہ علم جي انهيءَ طريقي کي استعمال نہ ڪري سگهيا، پر يورپ انهيءَ کي پنهنجائي ورتو ۽ فطرت جي مطالعي سان اڻ ڳڻيا علم حاصل ڪيا، جن مان سيني کان اهم شيءِ مشين هئي. ٻاڦ ۽ بجلي زندگيءَ جو انداز ئي بدلائي ڇڏيو هو. پر بغداد ۽ اندلس جي خلافتن جي زوال کان پوءِ مسلمان علمي طرح سان پنتي پئجي ويو ۽ نتيجي ۾ اولهہ وارين قومن جي غلاميءَ ۾ ڦاسندو ويو. تحقيق جي جاءِ تقليد والاري ورتي. اجتهاد، يعني آزاد ذهني سوچ جو دروازو بند ڪيو ويو، جنهن ڪري مسلمان جي زندگي هڪ جاءِ تي بيهجي وئي ۽ مسلم مذهبي پيشوائيت وري انهيءَ تي مهر هڻي ڇڏي تہ هيءَ تقليد ۽ سوچ جي بندش بلڪل قرآني ۽ ديني مسلڪ موجب آهي.

جڏهن صنعتي سرمائيداري نظام سامراجي شڪل اختيار ڪئي ۽ قومي سرمايو مالياتي سرمائي ۾ بدلجي ويو تہ انهيءَ تبديليءَ جا خوفناڪ نتيجا سامهون اچڻ لڳا. اولهہ وارن وري ڪارل مارڪس جي شڪل ۾ هڪ اهڙي محقق کي پيدا ڪري ورتو جنهن سائنسي تحقيق جي بنياد تي اهو ثابت ڪيو تہ محنت ئي سرمايو پيدا ڪندي آهي، سرمايو محنت کي پيدا ناهي ڪندو ۽ آدم سمٿ هيءَ غلط ڳالهہ چئي آهي تہ ڪچي مال کي ضرورت واري شين ۾ بدلائڻ واري عمل ۾ سرمايو ئي ڪم ڪري ٿو نہ ڪي محنت: مثال طور اڻ گهڙيل ڪاٺ کي ميز يا ڪرسي وغيره ۾ بدلائڻ جي لاءِ محنت نہ پر سرمايو خرچ ٿيندو آهي. مارڪس ٻڌايو تہ سرمايو (دولت) مزدور جي پورهئي جي استحصال سان پيدا ٿيندو آهي. اهو نہ زمين مان نڪرندو آهي ۽ نہ آسمان مان لهندو آهي. معاشي عمل جي شروعات ۾ جڏهن سرمائي جو وجود ڪونہ هو، ان وقت انسان وٽ رڳو محنت ئي هئي. پوءِ انهيءَ محنت ئي شين جي پنهنجو پاڻ ۾ متاسٽا واري عمل سان دولت پيدا ڪئي ۽ آساني پيدا ڪرڻ جي


www.sindhsalamat.com

لاءِ سِڪو ايجاد ٿيو. ان ڪان پوءِ غلامن جي محنت جي استحصال سان سرمائي جا ذخيرا پيدا ڪيا ويا. جيئن ته غلام تي ان جي آقا جو قبضو هوندو هو، انهيءَ ڪري دولت جي پيدائش تي، جيڪا غلام جي محنت جو نتيجو هئي، سندس آقا ئي قبضو ڪري ويٺو. معاشري جي ارتقا سان گڏوگڏ آقا جاگيردار ۽ جاگيردار ڪارخانيدار بڻجي ويو. غلام زرعي غلام ۽ پگهاردار غلام بڻجي ويو. محنت جو استحصل جيئن جو تيئن جاري رهيو ۽ اڄ تائين هلي پيو. زمين ۽ مشين جهڙن پيداواري وسيلن تي انهن جي مالڪن جو قبضو ٿي ويو.

جيستائين وياج کي حرام سڏڻ ۽ انهيءَ وياجي عمل کي الله ۽ ان جي رسولﷺ جي خلاف جنگ جي اعلان جي برابر سڏڻ جو لاڳاپو آهي، ته عالمن محنت جي استحصال ۽ وياج ۾ فرق کي سمجهيو ئي نه آهي. قرآن ڪريم هر انهيءَ عمل کي، جنهن ۾ ماڻهوءَ جي سندس محنت شامل نه هجي ۽ هو انهيءَ مان ڪو نفعو حاصل ڪري ٿو ته انهيءَ کي وياج سڏيندي حرام ٻڌائي ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪري ئي رسول اللهﷺ ڪڙمت کي وياج تي مبني ڪاروبار سڏيو هو. انهيءَ سلسلي ۾ پهرين ڳالهه ته اها آهي ته وياج جا ٻه قسم آهن. انهيءَ جو هڪ قسم ته هي آهي ته ڪنهن ماڻهو يا ڪنهن عورت جي شادي هجي، ان جي ڳئون مري وڃي ته هو ڪنهن شاهوڪار کان وياج تي قرض کڻي پنهنجي ضرورت پوري ڪري ٿو. ٻيو قسم بئنڪن وارو وياج آهي جنهن ۾ وياج تي قرض کڻي ڪارخانو لڳايو ويندو آهي ۽ ڪارخاني ۾ مزدور ڀرتي ڪيا ويندا آهن. انهن جي محنت جي استحصال سان اهي ڪارخانا ٿورڙن ئي سالن ۾ هڪ کان وڌيڪ ڪارخانن کي جوڙي وٺندو آهي. هڪ مثال سان اها ڳالهه چٽي ٿي ويندي. هڪ ماڻهو بينڪ کان بنا وياج جي هڪ ڪروڙ رپيا قرض وٺي ٿو ۽ انهن پئسن مان ڪارخانو قائم ڪري ٿو. ٿورڙن سالن ۾ قرض به ادا ٿي وڃي ٿو ۽ هڪ ڪارخاني جي آمدني مان وڌيڪ ڪارخانا به جڙي وڃن ٿا. سوال هيءُ آهي ته هڪ ڪارخاني مان وڌيڪ ڪارخانا ڪيئن ٿا ٺهن؟ جڏهن ته انهيءَ ئي ڪارخاني جا مزدور انهيءَ عرصي ۾ زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن کان به محروم رهن ٿا. انهيءَ عمل جو سائنسي مطالعو ٻڌائي ٿو ته مزدور اٺن ڪلاڪن واري عرصي ۾ جيتري پيداواري ڪري ٿو ۽ انهيءَ مان جيڪو نفعو حاصل ٿيندو آهي، ڪارخانيدار ان کي اهو پورو ادا ناهي ڪندو، پر هو مالڪ هجڻ جي حيثيت سان اڌ کان وڌيڪ نفعو پاڻ رکي ڇڏيندو آهي ۽ اڌ کان به گهٽو گهٽ حصو پورهيت کي مزدوري طور ڏيندو آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو ته پورهيت کي ان جي ئي پيدا ڪيل نفعي مان کي ٿورڙا پئسا مزدوريءَ جي


Sindhica Academy, Karachi

طور ڏيندو آهي. ائين کڻي سمجهو ته هڪ ڪارخاني ۾ سؤ مزدور ڪم ڪن ٿا ۽ ڏهه رپيا انهن جي ڏهاڙي جي حساب سان مزدوري آهي. شام جو هر هڪ مزدور ڏهه روپيا وٺي ڪري پنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿئي ٿو، پر ڪارخاني جو مالڪ انهن سئو مزدورن جي محنت جي پيداوار مان حاصل ٿيندڙ نفعي جو اڪيلو مالڪ ٿي ويندو آهي. انهيءَ ئي نفعي مان هو وڌيڪ ڪارخانا لڳائيندو وڃي ٿو يا ٻيو ڪو ڪاروبار شروع ڪري ٿو.

تنهن ڪري رڳو وياج کي ختم ڪرڻ سان محنت جو استحصال ختم نٿو ٿئي، پر اهو انهيءَ سرمائيداري ۽ جاگيرداري نظام هيٺ پوءِ به هلندو رهي ٿو. جيستائين محنت جو استحصال ختم نٿو ٿئي، نوي سيڪڙو ماڻهن جي مالي حالت انساني سطح تائين نٿي پهچي سگهي. محنت جي استحصال جو خاتمو ان وقت تائين نٿو ٿي سگهي جيستائين پيداواري وسيلا عوام جي ملڪيت ۾ نٿا اچي وڃن.

قرآن ڪريم سورة بقره جي آيت نمبر 29 کان سواءِ سوره حٰم سجده جي آيت نمبر 10 ۾ ٻڌايو آهي ته:

وَجَعَلَ فِيهَا رَوَاسِيَ مِن فَوْقِهَا وَبَارَكَ فِيهَا وَقَدَّرَ فِيهَا أَقْوَاتَهَا فِي أَرْبَعَةِ أَيَّامٍ ۚ سَوَاءً لِّلسَّائِلِينَ ﴿١٠﴾

”انهيءَ ئي (زمين کي وجود ۾ آڻڻ کان پوءِ) ان جي مٿان جبل کوڙيا ۽ انهيءَ ۾ برڪتون رکي ڇڏيون ۽ انهيءَ ۾ سيني سوال ڪندڙن (يعني ڪاڌ خوراڪ جي گهرج ڪندڙن) جي لاءِ هر ڪنهن جي طلب ۽ حاجت موجب بلڪل پوري اندازي سان خوراڪ جو سامان ميسر ڪري ڇڏيو. اهو سڀ ڪجهه چئن ڏينهن ۾ ٿي ويو“.

هن آيت مبارڪ جو مطلب هيءُ آهي ته زمين جي پيداوار هر هڪ ضرورتمند جي لاءِ انهيءَ جي ضرورت موجب هڪجيترو ڪليل هئڻ گهرجي. ڪنهن تي به انهيءَ جا دروازا بند نه ٿيڻ گهرجن. پر گڏيل قومن جي تحقيق موجب اڌ کان وڌيڪ دنيا پنهنجي بنيادي ضرورت جيتري خوراڪ حاصل نٿي ڪري سگهي. انهيءَ جو سڀ کان وڏو سبب اهو آهي ته انهن وٽ خريدڻ جي سگهه نه آهي. اها رپورٽ ڪيليفورنيا (آمريڪا) ۾ ڪم وارڻ واري ”خوراڪ ۽ ترقياتي حڪمت عملي جي اداري“ خوراڪ جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ڇاپي آهي، جنهن جو عنوان آهي ”عالمي بک بابت غلط مفروضا“. هن رپورٽ موجب دنيا ۾، خاص ڪري ترقي پذير ملڪن ۾ ڪروڙين انسان مناسب غذا کان محروم آهن، جڏهن ته دنيا ۾ ڪائڻ جي لاءِ تمام گهٽي


www.sindhsalamat.com

خوراڪ موجود آهي. محرومي جو سبب رڳو اهو آهي ته انهن وٽ خوراڪ حاصل ڪرڻ جي لاءِ گهربل رقم موجود ناهي هوندي ۽ انهن ۾ خريدڻ جي سگهه نه آهي. رپورٽ موجب اڄ به بکين ماڻهن جي موجودگيءَ جو سڀ کان وڏو سبب اهو آهي ته انهن ملڪن جو معاشي نظام غير منصفاڻو آهي، جنهن جي ڪري سڀئي ماڻهو خوراڪ جا وسيلا حاصل نٿا ڪري سگهن. رپورٽ چوي ٿي ته دنيا ۾ هن وقت جيتري غذا پيدا ٿي رهي آهي، جيڪڏهن اها هٽراڊو يا ظالماڻي روڪ کان سواءِ سڀني انسانن تائين پهچي وڃي ته اڄ به ڏيڍ کان ٻه کلو تائين غذائي شيون في ڏينهن جي حساب سان هر هڪ ماڻهوءَ جي حصي ۾ اچي سگهن ٿيون. ڪجهه ترقي پذير ملڪن ۾ خوراڪ جي پيداوار اتان جي سڀني رهاڪن جي لاءِ ڪافي آهي. پر انهن رهاڪن جو هڪ وڏو حصو خريدڻ جي سگهه کان محروم آهي، انهيءَ ڪري اهي ويلا ويهڻ تي مجبور آهن. پنجن سالن کان گهٽ عمر وارا 87 سيڪڙو ٻار مناسب خوراڪ کان محروم آهن، جڏهن ته اتي جهجهي مقدار ۾ خوراڪ موجود هوندي آهي. انهيءَ جو سبب رڳو اهو ئي آهي ته ماڻهن وٽ خريدڻ جي سگهه نه هوندي آهي. جنهن ملڪن کي ”بکيا ملڪ“ چيو ويندو آهي، اتي به ايتري خوراڪ موجود هوندي آهي جو سڀئي رهاڪو پنهنجي ضرورت موجب اها حاصل ڪري سگهن ٿا، پر سرمائيداراڻي معاشي نظام جي ڪري، اها خوراڪ انهن ملڪن جي رهاڪن کي ملڻ جي بدران منافعي خورن جي هٿان ٻين ملڪن کي برآمد ڪئي ويندي آهي. هندستان، ميڪسيڪو ۽ فلپائن جهڙن ملڪن ۾ زرعي انقلاب جي باوجود به انهن جا پنهنجا ئي لکين شهري بک وگهي مري رهيا آهن، جڏهن ته اتان جا سرمائيدار خوراڪ کي ٻاهر برآمد ڪن ٿا. ڏڪر سٽيل علائقن ۾ به جن وٽ خريدڻ جي سگهه آهي، اهي خوراڪ خريدي وٺندا آهن. ڪن ملڪن، جهڙوڪ نائيجيريا، برازيل ۽ بوليويا ۾ خوراڪ جهجهي مقدار ۾ پيدا ٿئي ٿي، پر ماڻهو بک کان مرندا آهن، ڇو ته انهن جو معاشي نظام انهن کي خريدڻ جي سگهه نٿو ڏئي. هن رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته جيڪڏهن زمين جا ننڍڙا ننڍڙا ٽڪرا هارين کي پوکيءَ لاءِ ملي وڃن ته خوراڪ جي پيداوار ۾ 80 سيڪڙو تائين واڌارو ٿي سگهي ٿو. ڇو ته اهي هاري زمين جي پنهنجي ذاتي مالڪي واري حصي تي تمام گهڻي محنت ڪندا آهن. آمريڪا جي انهيءَ رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته برازيل کان سويابين تيل جي برآمد وڏي پيماني تي ڪئي وئي آهي ته جيئن جپان ۽ يورپي ملڪن جي چوپاين کي سٺيو چارو ۽ غذا ملي سگهي. پر برازيل ۾ به اهڙن


Sindhica Academy, Karachi

ماڻهن جو تعداد هڪ ٽهائي کان وڌي ٻه ٽهائي ٿي ويو آهي جيڪي غربت جي سطح کان به هيٺ واري زندگي گذاري رهيا آهن. سبب رڳو اهو آهي ته انهن وٽ خريدڻ جي سگهه نه آهي. هن رپورٽ جو تت هيءُ آهي ته انسانن جي گهٽائي ڪي ڪاڌ خوراڪ جي شين تائين پهچ نه آهي جنهن جو سبب غلط معاشي نظام هئڻ جي ڪري سندن خريدڻ جي سگهه جو نه هجڻ آهي.

سورة النحل جي آيت نمبر 71 ۾ آهي ته:

وَاللّٰهُ فَضَّلَ بَعْضَكُمْ عَلٰى بَعْضٍ فِى الرِّزْقِ ۚ فَمَا الَّذِيْنَ فُضِّلُوْا بِرَآدِّىْ رِزْقِهِمْ عَلٰى مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَهُمْ فِيْهِ سَوَآءٌ ۭ اَفَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ ﴿٧١﴾

”۽ (ڏسو) الله تعاليٰ توهان مان ڪن کي ڪن تي روزي جي لحاظ کان برتري ڏني آهي (ته ڪو وڌيڪ ڪمائي ٿو ۽ ڪو گهٽ ڪمائي ٿو) پوءِ جن ماڻهن کي رزق (روزي) ۾ برتري حاصل آهي سي انهيءَ حڪم جا پابند آهن ته انهيءَ روزيءَ مان پنهنجي ماتحتن کي ڏيندا ڪن. ڇو ته اهي به انهيءَ ۾ برابر جا حقدار آهن. اهي ماڻهو ڇاجي ڪري الله تعاليٰ جي نعمتن جي ناشڪري ڪن ٿا (۽) ائين ناهي ٿيندو ته جنهن کي وڌيڪ روزي ڏني وئي آهي سو پنهنجي روزي پنهنجي ماتحتن کي موٽائي ڏئي جڏهن ته سڀئي انهيءَ ۾ برابر جا شريڪ آهن. پوءِ ڇا هي ماڻهو الله تعاليٰ جي نعمتن جا ڪليل طرح انڪاري ٿي رهيا آهن؟“

هن آيت جي تشريح ۾ مولانا مودودي ۽ مولانا ابو الڪلام آزاد ۾ وڏو فرق آهي. اڃا به ائين چئجي ته ٻئي هڪ ٻئي جو ضد آهن. مولانا مودودي سرمائيداراڻي نظام جو حامي آهي پر مولانا آزاد جو لاڙو هن نظام جي خلاف آهي ۽ هو معيشت ۾ سماجوادي رويي جو حامي آهي.

جيئن ته قرآن ڪريم توحيدي معاشري جي جوڙجڪ جي لاءِ نازل ٿيو آهي، جيڪو مخالف معاشي نظام کان پاڪ ۽ صاف هوندو اهي ۽ جنهن کي اڄڪلهه غير طبقاتي معاشرو چيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪري منهنجي نظر ۾ مولانا آزاد جو رويو وڌيڪ صحيح آهي. مولانا آزاد فرمائي ٿو ته:

هن آيت ۾ ٻه ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون، هڪ هي ته معاشي وسيلا سڀني وٽ هڪجيترا نه آهن ۽ اهڙي قسم جو اختلاف قدرتي آهي. الله تعاليٰ سڌي طرح انهيءَ کي پاڻ ڏانهن منسوب ڪيو آهي. ٻي ڳالهه اها ته رزق جي حقدار هجڻ جي معاملي ۾ سڀئي ماڻهو برابر جا حقدار آهن. پلو ڪو آقا هجي يا ٻانهو، ڪو زورآور هجي يا ڪو


www.sindhsalamat.com

هيٺو. ائين ٻه ڳالهيون هڪ جاءِ تي گڏجي انهيءَ سوال تي روشني وجهن ٿيون ته معاشي نظام جي معاملي ۾ قرآن جو منهن ڪهڙي پاسي آهي.

پر موجوده دؤر ۾ معيشت جي سائنسي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته قرآن موجب الله تعاليٰ پيداوار جي سيني وسيلن کي سيني انسانن لاءِ پيدا ڪيو آهي. (البقره: 29) ته پوءِ ڇا سبب آهي جو انسانن جي گهڻائي هڪ ٿورڙي تعداد وٽ پنهنجي محنت وڪڻي پيٽ پالي ٿي. انهيءَ جو مطلب اهو آهي ته معيشت جو اهڙو نظام الله تعاليٰ جي گهربل معاشي نظام جي خلاف آهي. انهيءَ جو رڳو هڪڙو ئي حل آهي، اهو هيءُ ته پيداواري وسيلا عوام (الخلق عيال الله) جي قبضي ۽ ملڪيت ۾ ڏنا وڃن، ته جيئن محنت جو استحصال نه ٿي سگهي. جيستائين رزق جي گهٽ يا وڌ هئڻ جو فرق آهي ته اهو ذهني ۽ جسماني قوت جي فرق جي ڪري آهي، پر مزدور جي محنت جي استحصال جي ڪري، معيشت جي درجن ۾ جيڪو فرق پوي ٿو، سو غير فطري ۽ غير انساني آهي. انهيءَ فرق جي لاءِ الله تعاليٰ ذميوار نه آهي. اهو انسان جي پنهنجي پاڻ ۾ لاڳاپي جي نوعيت جو نتيجو آهي. ذهني ۽ جسماني سگهه جي ڪري جيڪو فرق پيدا ٿيندو آهي، سو تمام ئي ٿورڙو هوندو آهي. ائين نه آهي ته ڏهه سيڪڙو ماڻهو ته اربين رپين جا مالڪ هجن ۽ نوي سيڪڙو ماڻهو ماني ڀُيي لاءِ محتاج ۽ پريشان هجن. اسلام کان پهريان هيءَ شڪل آقا ۽ غلام جي لاڳاپي جي هئي، جيڪو پوءِ جاگيردار ۽ ڪڙمي جي شڪل اختيار ڪري ويو. اسلام کان پوءِ، هاڻي اها صورتحال مشين جي ايجاد سان ڪارخانيدار ۽ مزدور جي شڪل ۾ سامهون آئي آهي. تنهن ڪري هن معاشي نظام جي خلاف پورهيتن جي بغاوت جائز آهي ته پيداواري وسيلن، جهڙوڪ زمين، ڪارخاني، ڪاٺين، پيٽرول ۽ گيس وغيره جي ذخيرن تي قبضو ڪري وٺن.

انسان جو احسن تقويم هجڻ جو سبب انهيءَ جي اندر خدائي روح جو ڦوڪيل هجڻ آهي. ڇو ته انسان ۾ خدائي روح ڦوڪيل هجڻ جي ڪري ان ۾ ارادو، ڪا شيءِ ٺاهڻ جي ڏات، نيڪ ۽ بد جي پرک، رهبري، پاڻ سجاڻڻ، خدمت، سوچ ويچار ۽ ڪجهه ڪرڻ جي سگهه ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پر انسان فطرت جي معاشي نظام جي برخلاف دولت کي هڪ جاءِ تي روڪي رکڻ ۽ ٿورڙن ماڻهن جي پيداواري وسيلن تي قبضي واري نظام کي پنهنجائي، ذڪر ڪيل گڻن سان پنهنجو پاڻ کي نقصان ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اها ئي معاشي، سياسي ۽ اخلاقي پستي آهي جنهن کي اسفل سافلين سان پيٽيو ويو آهي.


Sindhica Academy, Karachi

## (22) سورت الانشقاق:

هن سورة مبارڪ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته انسان شعوري يا لاشعوري طور تي لاچار ٿي پنهنجي خالق ڏانهن وڃي رهيو آهي، انهيءَ ڪري ڪيس نبين سڳورن جي تعليم تي غور ڪري پنهنجي اندر تبديلي آڻڻ گهرجي، ڇو ته عملن جا نتيجا هڪ ڏينهن ظاهر ضرور ٿيندا. عملن جي نتيجن جو ظاهر ٿيڻ موت کان پوءِ (اڃا به هن حياتيءَ ۾ به) انسان جي مرضي تي نه ڇڏي ڏنو ويو آهي.

قيامت جي ڏينهن زمين تان سمنڊ، جبل، ٻيلا وغيره سڀئي ختم ڪري، انهيءَ کي سنئون ميدان بڻايو ويندو ته جيئن سڀئي انسان ان تي بيهي سگهن. هر هڪ ماڻهوءَ کي ان جو اعمالنامون ڏنو ويندو. انسان کي هڪ حالت تي ناهي رهڻو، ڪيس ٻالڪپڻ کان جواني، جواني کان ڪراڙپ، ڪراڙپ کان موت، موت کان برزخ، برزخ کان ٻيهر زندگي، ٻيهر زندگيءَ کان حشر جو ميدان، حساب ڪتاب ۽ آخر ۾ جزا ۽ سزا وارين منزلن کان لازمي طرح گذرڻو پوندو.

ٽن شين کي زندگيءَ جي انهيءَ تسلسل تي شاهد بڻايو ويو آهي. يعني سج لهڻ کان پوءِ افق تي ٿيندڙ ڳاڙهاڻ، ڏينهن کان پوءِ واري رات جي اوندهه ۽ انهيءَ ۾ انسانن ۽ جانورن جو گڏ ٿي هڪ جاءِ تي اچڻ جيڪي ڏينهن جي وقت زمين تي ٽڙيل پکڙيل هئا ۽ چنڊ جو ان جي سنهڙي حالت ۾ ڏاڪي به ڏاڪي وڌو ٿي پورو چنڊ ٿي وڃڻ. جهڙي ريت اهي ڳالهيون پڪيون آهن اهڙيءَ ئي ريت انسان جي ذڪر ڪيل تقدير به پڪي ڳالهه آهي.

اهي آسودا ۽ قيامت جا انڪاري ماڻهو ٿورڙا ڏينهن پنهنجي دولت جي جهجهائيءَ سان عياشيون ڪري وٺن، ان کان پوءِ سدائين جي لاءِ دوزخ ۾ سڙندا. اهي پنهنجن ٻارن ٻچن ۾ مست هئا ۽ اڻ ڳڻيون حرام پايون ڪري، ڪيترن ئي انسانن جو حق ماري، پنهنجي ۽ پنهنجي آڪهه جي لاءِ عيش عشرت جو سامان گڏ ڪندا رهيا آهن.

## (23) سورت الانفطار:

نبي ڪريم ﷺ فرمايو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي قيامت جو ڏينهن پنهنجي اکين سان ڏسڻو هجي ته اهو سورة ”انشقاق“ ۽ سورة ”انفطار“ ۽ سورة ”التڪوير“ پڙهي.

هن سورة مبارڪ ۾ به سورة انشقاق وانگر قيامت جي ڏينهن تي روشني


www.sindhsalamat.com

وڏي وئي آهي ۽ انهيءَ ڏينهن جو نقشو چٽيو ويو آهي. انهيءَ ڏينهن انسان جو اعمالنامو تاريخ وار ترتيب ڏئي ڪري، ان جي سامهون پيش ڪيو ويندو. هن سورة ۾ اها هڪ نئين ڳالهه ٻڌائي وئي آهي تہ هر انسان تي ٻہ مانائتا ملائڪ ڪاتب ۽ نگران جي طور تي مقرر ڪيا ويا آهن جيڪي ان جي هر هڪ چرپر ۽ عمل کي محفوظ ڪندا يا لکندا وڃن ٿا. انهيءَ نگراني عملن جي ڳڻپ ۽ انهن جي جزا ۽ سزا کي يقيني ڪري ڇڏيو آهي. قيامت جي ڏينهن هر انسان جي عملن جو رڪارڊ ان جي سامهون پيش ڪيو ويندو، انهيءَ ڏينهن ڪو بہ سفارش ڪرڻ وارو ڪونہ هوندو، سڀئي اختيار اللہ تعاليٰ وٽ هوندا.

غلط طريقن سان دولت ڪمائڻ، ٻين ڪمزور انسانن جا حق ڦٻائي دولت حاصل ڪرڻ ۽ پوءِ انهيءَ دولت تي عياشيءَ واري زندگي گذارڻ اللہ تعاليٰ جي عذاب کي سڏڻ جي برابر آهي.

## (24) سورت المرسلات:

هن سورة مبارڪ ۾ بہ قيامت جي قائم ٿيڻ جا دليل آهن ۽ انهيءَ ڏينهن جو نقشو چٽيو ويو آهي. هن سورة ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪائنات ۾ رڳو طبعي قانون (physical laws) ڪم نٿا پيا ڪن، پر انهن ۾ اخلاقي قانون (moral laws) بہ ڪم ڪري رهيا آهن، جنهن جي مطابق انساني عملن جا نتيجا پيدا ٿيندا آهن ۽ اهي ئي نتيجا هن دنيا ۽ قيامت ۾ انسان جي لاءِ جزا ۽ سزا جو سبب بڻجندا.

سائنس رڳو طبعي قانون جي تحقيق ڪري سگهي ٿي، اخلاقي قانون انهيءَ جي تحقيقي حدن کان ٻاهر آهن. انهيءَ ڪري ئي نبين سڳورن کي موڪلڻ ۽ پاڪ ڪتابن جي نزول جو سلسلو شروع ڪيو ويو تہ جيئن انسان سٺن يا خراب عملن کي سڃاڻي سگهي. انهيءَ مقصد جي لاءِ مذهب جي ضرورت آهي. پر مذهبي پيشيوائيت، مذهب جي ٻڌايل اخلاقي قانونن جي جاءِ تي رڳو ظاهري رسمن ۽ عملي ڪردار کان بنا عبادت تي زور ڏئي ڪري مذهب کي بگاڙي ڇڏيو. قرآن ڪريم، جيڪو آخري خدائي ڪتاب آهي، ٻڌايو آهي تہ سڀني نبين سڳورن جيڪي عقيدا ۽ اخلاق ٻڌايا آهن، اهي سڀئي هڪجهڙا آهن. ائين ئي عبادت جو لاڳاپو انساني خدمت سان جوڙڻ لازمي آهي ۽ دينن جي هيڪڙائي ئي اصل ۾ انساني هيڪڙائي جي ضمانت آهي.

توحيد الاهي ۽ اخلاقي گڻن تي زور ڏيڻ جي بدران رڳو ظاهري عباداتي رسمن تي زور ڏيڻ سان عملن جي نتيجن ۽ انهن تي ملندڙ جزا سزا ۽


Sindhica Academy, Karachi

قيامت جي ڏينهن تان ماڻهن جو ڌيان هٽي ويو ۽ مذهب فساد جو بڻياد بڻجي ويو. يورپ وارن هن بگاڙيل مذهب جي جاءِ تي سيڪولرازم کي پنهنجائي ورتو جنهن جي ذريعي فطرت جي مطالعي سان حاصل ٿيڻ وارا علم تہ حاصل ٿي ويا، پر اخلاقي گڻن جو زندگيءَ سان واسطو ختم ٿي ويو. انهيءَ ڪري ضروري ٿي پيو آهي تہ مذهب جي ڏنل اخلاقي تعليم ۽ گڻن تي زور ڏنو وڃي ۽ مذهبي عبادتن ۽ رسمن جو مقصد بہ اهو ئي هو تہ انسان جي نفسيات ۾ اخلاقي گڻ پيوست ٿي وڃن.

## (25) سورت القيامہ:

هن سورة مبارڪ ۾ بہ مڪي وارن جي غلط عقيدن ۽ انهن جي گمراهين تي کين خبردار ڪيو ويو اهي. قيامت واري ڏينهن جي باري ۾ انهن جي سڀني شڪن ۽ اعتراضن جو جواب ڏنو ويو آهي. قيامت جي قائم ٿيڻ جي باري ۾ تمام ئي سگهارا دليل ۽ ثبوت ڏنا ويا آهن ۽ اها ڳالهہ واضح ڪئي وئي آهي تہ قيامت جي ڏينهن جي انڪار جو اصل سبب انهن جون نفساني خواهشون آهن. ڇو تہ جيڪڏهن اهي قيامت جي ڏينهن پنهنجي عملن جي حساب ڪتاب کي مڃي وٺن تہ اهي مراعتون ڏنل طبقي جا ماڻهو نہ تہ غلامن ۽ ٻين پٺتي پيل ماڻهن جي محنت جي استحصال سان دولت گڏ ڪري سگهندا ۽ نہ ئي انهيءَ جهجهي مقدار ۾ گڏ ڪيل دولت جي آڌار پنهنجي عيش پرستي کي جاري رکي سگهندا اهو ئي سبب آهي جو گهڻو ڪري نبين جي اڳيان پويان غلام ۽ مجبور ۽ مظلوم طبقي جا ماڻهو گڏ ٿي ويندا هئا. هن سورة ۾ ڪائنات کي قيامت واري ڏينهن جي اچڻ بنسبت شاهدي طور پيش ڪيو آهي. هن ڪائنات جي ابتدا جو بہ ڪو هڪ ڏينهن هو، انهيءَ جي ڪري لازمي طرح ان جي پڇاڙي بہ ضرور ٿيندي. سائنس اندر ٿرموڊائنامڪس جي ٻئي قانون ۾ ٻڌايو آهي تہ جنهن شيءِ جي شروعات آهي، انهيءَ جي پڇاڙي بہ لازمي آهي. هيءَ ڪائنات هر پل بدلجندڙ هجڻ جي ڪري دائمي ۽ هميشہ رهندڙ نٿي ٿي سگهي.

ٻي ڳالهہ هيءَ آهي تہ قيامت جي ڏينهن انسانن جي سڀني عملن جو حساب ڪتاب ٿيندو ۽ انهيءَ موجب ئي انهن کي جزا ۽ سزا ملندي. انهيءَ جي لاءِ نفس لوّامہ کي شاهد بڻايو ويو آهي. نفس لوّامہ کي اڄوڪي دؤر ۾ ضمير يا اندر جو آواز چون ٿا. انسان جو ضمير کيس هر غلط ڪم تي ٽوڪيندو آهي. انسان رڳو طبعي وجود نٿو رکي، پر ان سان گڏوگڏ کيس اخلاقي وجود بہ آهي. تنهن ڪري اخلاقي قانونن جي خلاف عمل ڪرڻ تي ان جو پڇاڙو لازمي


www.sindhsalamat.com

ٿي ويندو آهي. انهيءَ ڪري ملامت جو سامان به ڏنو ويو آهي. جيڪڏهن پڇاڙو نه هجي ته پوءِ ملامت جي به ضرورت نٿي رهي. ضمير جي ملامت انهيءَ ڳالهه جو پڪو ثبوت آهي ته انسان جو هڪڙو اخلاقي وجود به آهي، رڳو طبعي وجود وجود نه آهي.

## (26) سورت الواقعہ:

هن سورة مبارڪ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته قيامت جي ڏينهن انسانن کي ٽن ٽولن ۾ ورهايو ويندو:

"السابقون" يا "مقربون" اصل ۾ اهي ماڻهو آهن، جن دعوت جي شروعاتي ۽ ڏکئي وقت ۾ ايمان آندو ۽ انقلاب جي ضرورت ۽ اهميت کي سمجهيو. کُلي طرح پرچار کان پوءِ ظلمن ۽ ڏاڍاين جو سڀ کان وڏيڪ نشانو به هنن ئي ماڻهن کي بڻايو ويو. اهي انقلابي تحريڪ ۾ سڀني کان اڳرا آهن.

اصحاب ميمنہ جو مطلب عام صالح ۽ نيڪ ماڻهو آهن ۽

اصحاب مشئمہ: جو مطلب وري بڇڙا ۽ غلط ڪردار وارا ماڻهو آهن.

نبي ڪريم ﷺ جي امت ۾ اهي ٽن قسمن جا ماڻهو آهن. پهريان ايمان آڻڻ وارا، جن سڀني کان وڌيڪ تڪليفون سٺيون، اهي فڪر ۽ عمل ۾ سڀني کان وڌيڪ پهچ وارا ماڻهو آهن.

هن سورة ۾ انهن ٽنهي قسم جي انسانن جي رهڻ جي جاءِ انهن جي مرتبي موجب ٻڌائي وئي آهي. اصحاب ميمنہ وارن جي لاءِ جنتي معاشري جو نقشو چٽيو ويو آهي. ائين ئي اصحاب مشئمہ وارن جي لاءِ دوزخي معاشري جو نقشو به ٻڌايو ويو آهي. انقلابي تحريڪ ۾ سڀ کان پهريان شامل ٿيڻ وارا جنت جي مٿانهن درجن ۾ رهندا.

اصحاب مشئمہ کي "بام مارگي" به چيو ويندو آهي. هيءَ هلچل هندستان ۾ ڏٺي ويندي هئي. هن جو باني چارواڪ هو، پر انهيءَ جو مطلب هر اهڙو ماڻهو به آهي جيڪو انقلاب جي مخالفت ڪندڙ آهي. انهيءَ هلچل کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ڪرشن جي، رامچندر جي، مهاتما ٻڌ ۽ مهابير ڪم ڪيو. انساني امتن ۾ جيئن جيئن وقت گذرندو رهيو آهي، نبوي يا روحاني انقلاب جا اثر گهٽجي ويندا آهن ۽ اصحاب مشئمہ جو تعداد وڌي ويندو آهي. اسان جي دؤر ۾ اشتراڪي هلچل ۾ مذهب کي رد ڪري ڇڏڻ جي ڪري اصحاب مشئمہ وارا پرڪار پيدا ٿيڻ شروع ٿي ويا هئا. جبلتن جي حيواني گهرجن تي ضابطو رڳو مذهب جي تاڪيد ڪيل اخلاقي گڻن کي پنهنجائڻ سان ئي اچي سگهجي


Sindhica Academy, Karachi

ٿو، ٻي صورت ۾ اهي حيواني گهرجون تمام ئي تڪڙو بام مارگي فرقي جي بڇڙائين ڏانهن وٺي وينديون آهن.

هن سورة کان پوءِ قريشن جو پهريون وفد ابو طالب وٽ آيو ۽ ظلم ۽ زيادتين ۾ سختي اچي وئي. ائين ئي ٻيو وفد به آهي، جنهن کان پوءِ مخالفت ۾ ايذاء رساني جو پهلو حد کان وڌي ويو ۽ پاڻ ﷺ جي حڪم سان ماڻهن کي حبشہ ڏانهن لڏڻو پيو.

مڪي جي قريشن جو ابو طالب ڏانهن پهريون وفد: قريشن ابو طالب ڏانهن پهريون وفد موڪليو. روم ۽ ايران واري جنگ جي ڪري انهن ملڪن مان واپارين ۽ حاجين جو اچڻ بند ٿي ويو هو. رڳو هندستان ۽ بحرين يا يمن ۽ حبشہ جا واپاري ايندا هئا. اچڻ وارا نفعي جي اميد تي ايندا هئا. مڪي جي قريشن سمجهيو ته اها محمد ﷺ بن عبدالله ۽ بنو هاشم وارن جي سازش آهي، اهي گهرن ٿا ته خاني ڪعبي جي عزت گهٽجي وڃي ۽ ماڻهو هن پاسي نه اچن.

مڪي جي قريشن خدا جي هيڪڙائي جي بنياد تي عرب قبيلن کي هڪ مضبوط گڏيل ۽ سياسي وحدت بڻائڻ جي بدران اهو سمجهيو ته هڪڙي خدا جي پوڄا ۽ غلام ۽ آزاد جو فرق ميساري ڇڏڻ، انهن جي عزت ۽ مان مرتبي جي لاءِ هڪ وڏو خطرو آهي، جنهن سان انهن جي سماجي برتري ختم ٿي ويندي. تنهن ڪري انهيءَ تصور هيٺ انهن فيصلو ڪيو ته محمد ﷺ جي پيروي ڪرڻ وارن جي سخت مخالفت ڪرڻ ضروري آهي. انهيءَ لاءِ هنن سٺو اهو سمجهيو ته پهريان ابو طالب سان انهيءَ موضوع تي ڳالهه ڪئي وڃي، ٿي سگهي ٿو ته هو پنهنجي ڀائٽي کي سمجهائي انهيءَ ڪم کان روڪي وجهي.

انهيءَ وفد ۾ قريشن جا وڏا وڏا سردار شامل هئا. ابوسفيان بن حرب انهيءَ وفد جو اڳواڻ هو. انهيءَ سان گڏ ابوجهل بن هشام، وليد بن مغيره، فوج جو مهندار عاص بن وائل سان گڏ قريشن جا ٻيا به ڪي سردار شامل هئا. عتبہ ۽ شيبہ ۽ ابو البختري به انهيءَ هلچل جو مخالف نه هئڻ جي باوجود به انهيءَ وفد ۾ شامل هو. انهيءَ وفد وارن ابو طالب کي چيو:

> "ادا ابو طالب! تون ڏسين پيو ته تنهنجو ڀائٽيو اسان جي روزي تي لت ڏيڻ لاءِ پويان پئجي ويو آهي. هو چوي ٿو ته گهڻن خدائن جي بدران رڳو هڪڙي خدا جي پوڄا ڪريو. هو اهو نٿو سمجهي ته اسان سمورو بار هڪڙي خدا تي وجهڻ بدران ان کي گهڻن ئي خدائن ۾ ونڊي ورڇي ڇڏيو آهي. اسان مجوسين کان اهو سکيو آهي ته هر ڏينهن جو هڪ خدا (فرشتہ ايزد) هئڻ گهرجي. وري اسان


www.sindhsalamat.com

مسيحي مريم (ديوي)، ڏاڏي ابراهيم ۽ بابل جي ديوتا بعل جهڙن سيني خدائن کي مڃي ورتو آهي، جيئن جنهن به قوم جو ڪو ماڻهو هتي اچي ته اهو بنا ڪنهن پريشاني جي پنهنجي خدا يا ديوتا جي پوڄا ۾ لڳي وڃي. ان ڪان پوءِ جيڪڏهن ان جي مراد ڪنهن هڪڙي خدا وٽان پوري نٿي ٿئي ته هو ڪنهن ٻئي ديوتا ڪان مدد گهري وٺي. اسان پنهنجي ديوين کي خدا ته ڪونه ٿا مڃون، اسان ته انهن کي رڳو سفارشي ڪري ٿا سمجهون. اهي خدا جون ڌيئر آهن. لات ديوي طائف ۾ آهي، مناة سمنڊ ڪناري آهي جيڪا سومنات هندي جي برابر آهي. عزيٰ نخله ۾ آهي. انهيءَ ۾ ڀلا محمد ﷺ جو ڪهڙو ڪاٽو آهي؟ جيترا وڌيڪ ديوتا هوندا اوترو ئي نفعو به ته وڌيڪ ٿيندو".

"مرڻ ڪان پوءِ ٻيهر جيئرو ٿيڻ، غلامن، عورتن يا زيارتين تي جو مال ڦٻائڻ يا قصاص وٺڻ جي سزا جو ملڻ، اهي سڀ اجايون ڳالهيون آهن. ڪير به مرڻ ڪان پوءِ جيئرو نه ٿيو آهي. جيڪڏهن ڪو جيئرو ٿي به سگهي ٿو ته پوءِ ڀلا محمد ﷺ کي چئو ته قصي بن ڪلاب يا هاشم کي ٻيهر جيئرو ڪري ڏيکاري، اهي به ته اسان جا وڏا هئا. محمد ﷺ غلامن ۽ ڏٻرن ماڻهن ۾ بغاوت جي باهه ڀڙڪائي رهيو آهي. ان اسان جو سڀ ڪان وڏو نقصان هي آهي ته اسان جا ٺٽ ختم ٿي ويندا ۽ اسان جي لاءِ زندگي عذاب بڻجي ويندي".

ابو طالب انهن جون ڳالهيون ٻڌي، نرم لهجي ۾ جواب ڏئي وفد کي موٽائي ڇڏيو ته سوچي سمجهي ڪو قدم کڻيون وڃي. پاڻ ڪريم ﷺ کي جڏهن ان ڳالهه جي خبر پئي ته تمام گهڻو خوش ٿيا ته قريش هاڻي هوشيار ٿيا آهن، من پنهنجي غلفت واري ننڊ مان سجاڳ ٿي وڃن.

وفد جي موٽ وڃڻ ڪان پوءِ هاڻي کليل طرح پرچار جو ٻيو سال شروع ٿي ويو هو. يعني 5 نبوي ۾ رسول الله ﷺ پنهنجي پرچار ۾ وڌيڪ تيزي ۽ دليلن ۾ وڌيڪ وضاحت شروع ڪري ڏني ۽ خدائي وحي جي لهجي ۾ مختلف سورتن اندر مشرڪن جي اعتراضن جو ٻهريان ڪان به وڌيڪ چٽو جواب ڏيڻ لڳا.

### (27) سورت نوح:

هن سورة مبارڪ ۾ هڪ اهڙي سفر جي شروعات ٿي، جنهن ۾ مڪي


Sindhica Academy, Karachi

جا ڪافر ايمان آڻڻ وارن تي وڌيڪ ظلم ڪرڻ لڳا ۽ انهن کي اجا به وڌيڪ ايذائڻ شروع ڪيو. انهيءَ دؤر ڪان ٻهريان وارين سورتن ۾ مرڻ ڪان پوءِ جيئرو ٿيڻ تي وڌيڪ زور ڏنو ويو هو، پر انهن جي بتن جي مخالفت نه ڪئي وئي هئي. هاڻي جڏهن جو مڪي جي سردارن سختي سان بت پرستي کي نه ڇڏڻ واري روش اختيار ڪئي هئي ۽ مرڻ ڪان پوءِ واري زندگيءَ کي اجا وڌيڪ زور ڏئي انڪار ڪرڻ شروع ڪيو، ته انهيءَ ڪري هن دؤر ۾ انهن انڪارين جي دنياوي تباهيءَ جي باري ۾ وڌيڪ زور ڏيڻ ۾ آيو ۽ ٻڌايو ويو ته آخرت ۾ ته انهن جي بربادي آهي ئي آهي، پر گذري ويل قومن وانگر هن دنيا ۾ به انهن جي بربادي پڪي آهي.

هن دؤر ۾ اهي سورتون نازل ٿيون، جن ۾ گذريل نبين جي انڪار ۽ انهن جي قومن جي تباهي ۽ بربادي جو ذڪر آهي. ائين انهيءَ سلسلي جي ٻهرين سورة نوح آهي، جنهن ۾ حضرت نوحؑ جي قومي سردارن پنهنجي رسول جو انڪار ڪيو ۽ پنهنجي بتن جي پوڄا کي ڇڏڻ ڪان نابري واري. وري محروم ۽ غلام طبقن جو استحصال به سختي سان ٿيڻ لڳو هو، تنهن ڪري اها قوم دنيا جي تختي تان ميساري وئي. هن سورة اندر اصل ۾ مڪي جي سردارن کي ٻڌايو ويو آهي ته رسولن جي انڪار جو نتيجو تباهي ۽ بربادي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو. ٻهريان نوحؑ جي قوم برباد ٿي، هاڻي محمد ﷺ جي مخالفت جي ڪري توهان جي بربادي به پڪي آهي.

عراق ۾ نوح ﷺ جي قوم جي دلين ۽ دماغن تي نجومي ڇانيل هئا. ڪيتري نه افسوس جي ڳالهه آهي جو انسان اشرف المخلوقات آهي، پر پوءِ به هو پنهنجي خالق کي ڇڏي پنهنجي ئي جوڙيل بتن ۽ پنهنجي خواهشن (هوا) جي پوڄا ڪرڻ لڳي ٿو. بت پرستي اسان جي پنهنجي مرتبي کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي ٿي. هن جو پاڻ تان ويساهه کڄي وڃي ٿو ۽ اهو سمجهي ويهي ٿو ته ٻاوا، پير، پوپا ۽ نجومي ڪيس بک ۽ خوف مان ڇوٽڪارو ڏئي سگهن ٿا. هو مختلف ديوتائن جي نالن تي باسون باسي ۽ قربانيون ڪري ٿو ۽ سمجهي ٿو اهي ديوتان رت ۽ گوشت وٺي ان جي مدد ڪندا. اصل ۾ اهو گوشت ته ٻاون جي ئي پيٽ ۾ وڃي ٿو. اهي ٻاوا ديوين کي الله جون ڌيئر ٻڌائي ماڻهن کي بيوقوف بڻائيندا آهن. نتيجي طور قوم ٻي عملي ۽ بدعملي جو ڪاڄ ٿي تباهه ٿي ويندي آهي.

نوحؑ جي قوم جي ڪجهه بتن جي عرب وارن به پوڄا شروع ڪري ڏني هئي. جيئن ود قضاعه قبيلي جي هڪڙي شاخ بنو ڪلب وارن جو معبود هو.


www.sindhsalamat.com

هيءُ بت مرد جي شڪل ۾ هو جنهن جو مندر دومة الجندل ۾ هو.

هذيل وارن جي ديوي جي سواع قبيلو پوڄا ڪندو هو جنهن جي شڪل عورت جي هئي. ينبوع جي ويجهو رباط جي علائقي ۾ ان جو مندر هو. يغوث وري طي قبيلي جي شاخ انعم ۽ مذحج قبيلي جي ڪجھ شاخن جو معبود هو، جنهن جو مندر يمن ۽ حجاز جي وچ تي جرش واري علائقي ۾ هو. انهيءَ جي شڪل شينهن جهڙي هئي.

همدان قبيلي جي شاخ خيوان جو معبود وري يعوق هو، جيڪو گهوڙي جي شڪل جهڙو هو.

حمير قبيلي جي شاخ آل ذوالڪلاح جو معبود نسر هو، جنهن جو مندر بلخع واري علائقي ۾ هو ۽ ان جي شڪل گڏھ جهڙي هئي.

## (28) سورت النازعات:

سورة نوح ۾ حضرت نوحؑ جي قوم پاران سندس انڪار جي نتيجي ۾ انهيءَ قوم جي تباهيءَ جو ذڪر هو. هن سورة ۾ حضرت موسيٰؑ جو ذڪر آهي تہ فرعون ان جو انڪار ڪيو ۽ نتيجي ۾ هو نيل درياءَ ۾ ٻوڙيو ويو. نبين جي انڪار جي نتيجي ۾ قومون برباد ٿي وينديون آهن. سيني نبين جي قومن سان اها ئي ڪار ٿي.

فرعون پنهنجو پاڻ کي خدا يا خدا جو پٽ (عزيز) سڏرائيندو هو. انهيءَ جي قوم سحر يا جادوگري جي اثر ۾ هئي جيڪي ماڻهن کي مرڻ کان پوءِ سج ديوتا تائين پهچڻ جي تعليم ڏيندا رهندا هئا ۽ ڄاڻ وارا پروهت نيل درياءَ جي ديوي تي هر سال هڪ ڪنواري ڇوڪري کي جيئرو لوڙهي زرخيري ۾ لاياڻتي ٻوڏ آڻڻ جا قائل هئا. اهي بہ بت پرستي ۽ ستارا پرستي ۽ سج پرستي ۾ ايترا تہ جڪڙيل هئا جو سيئي ڪم غلامن جي حوالي ٿي ويا. پروهتن جو ڪم رڳو فرعون جي پوڄا جا طريقا ٻڌائڻ ٿي ويو هو.

بي عملي قوم کي گيدي ٻڻائي ڇڏيو هو. انهن کي ڪڏهن عمالقہ وارن فتح ڪيو، ڪڏهن يونان ۽ روم وارن تہ ڪڏهن وري جهالت جي ڪري پنهنجو پاڻ ۾ ئي وڙهي تباهہ ٿي ويا. اهو ئي حال بني اسرائيل وارن جو بہ هو. جيستائين انهن ۾ قومي وحدت قائم هئي ۽ اهي رڳو هڪڙي الله تي ڀروسو ڪندا رهيا، ان وقت تائين حضرت دائودؑ ۽ سليمانؑ جي حڪومت قائم رهي. صدوقي، فريسي، يهودا ۽ اسرائيل جي پنهنجو پاڻ ۾ جنگ ڇڙي پئي ۽ جتي ڪٿي ٽيڙ لڳي، نتيجي ۾ انهيءَ ڳالھ بني اسرائيل کي ٻين قومن جو غلام



بنائي ڇڏيو. بعل جي پوڄا ۽ وياج خوري سان گڏ ڪيل دولت انهن کي غلاميءَ کان بچائي نہ سگهي. هن سورة ۾ بہ قيامت ۽ حساب ڪتاب جي ڏينهن جي قائم ٿيڻ جي لاءِ وڏا سگهارا ۽ چٽا دليل ڏنا ويا آهن.

## (29) سورت البروج:

هن سورة مبارڪ ۾ ”اصحاب الاخدود“ وارن جو مثال ڏنو ويو آهي، جن کي مخالفن باهہ جي کاهين ۾ اڇلائي جيئرو ساڙي ڇڏيو هو. اهي پهريان عيسائي هئا. انهيءَ ئي سلسلي ۾ فرعون ۽ ثمود ۽ انهن جي لشڪرن جو ذڪر آهي تہ اهي الله تعاليٰ پاران موڪليل رسولن جو انڪار ڪرڻ جي ڪري برباد ٿي ويا ۽ انهن جي مٿان خدائي عذاب آيو. اصحاب الاخدود وارن جي مثال سان رسول الله ﷺ جي پيروڪارن کي تاڪيد ڪئي وئي آهي تہ انهن تي پلي ڪيترا بہ ظلم ڪيا وڃن، انهن کي گهرجي تہ اهي ثابت قدم رهن. فرعون ۽ ثمود جي قوم وانگر انهن مڪي جي سردارن جو بہ اهو ئي حشر ٿيڻ وارو آهي.

هن سورة جي نازل ٿيڻ واري زماني ۾ مسلمانن تي ظلمن جي حد ٿي وئي هئي. غلامن کي ماريو ڪٽيو ويندو هو ۽ جيڪڏهن انهن (آقائن) کي چيو ويندو هو تہ غلامن ۽ محرومن سان ٻاجھ ۽ محبت سان پيش اچو تہ مرڻ کان پوءِ بہ توهان عيش ۾ رهندؤ تہ اهي سختي سان آخرت واري زندگيءَ جو انڪار ڪندا هئا. اهي چوندا هئا تہ هڏين جي ڳري ۽ سڙي اٿو تي وڃڻ کان پوءِ ٻيهر ڪهڙي طرح حياتي ملندي؟ انهن چيو تہ اهي مؤمنن ۽ تصديق ڪندڙن تي ظلم ۽ زيادتيون ڪندا رهندا، اجا بہ انهن کي جيئرو ساڙيندا. قرآن ٻڌايو تہ اصحاب الاخدود وانگر مڪي جا سردار بہ تباهہ ۽ برباد ٿي ويندا. ظالم ۽ جاهل جو ڪنڌ جهڪي ويندو ۽ آخرڪار غلام آزاد ٿي ويندا. اها هڪ چٽي حقيقت آهي تہ پٿر تي ليڪ وانگر اهو خدائي قانون بہ اڻ مِٽ آهي. اها ئي تعليم قرآن کان پهريان موڪليل رسولن ۽ پيغمبرن کي ڏني وئي هئي. اهو ڪو جادو ۽ ٻوٻي گيري ڪونہ آهي، پر اها تہ هڪ چٽي ۽ صاف تعليم آهي. قرآن لوح محفوظ ۾ رکيل آهي، جتي توهان جي مخالفت انهيءَ کي مِٽائي نٿي سگهي.

## (30) سورت المدثر:

هن سورة مقدسہ ۾ انقلاب جي مقصد ۽ ان جي انڪار ڪندڙن جي پڇاڙي جي خبر ڏني وئي آهي. الله تعاليٰ جي وڏائي جو مطلب هيءُ آهي تہ اهي سيئي آقا، جيڪي غلامن سان ذڪار پريو ۽ ايذائيندڙ رويو رکن ٿا، تن جي

دنياوي وڏائي ۽ دٻدٻي ۽ اقتدار جو سختيءَ سان انڪار ڪيو وڃي، ۽ انهيءَ خدا جي وڏائي کي مڃيو وڃي جيڪو سڀني جو خالق، پاڇهارو ۽ مربي آهي. اصل ۾ غلامن کي ٻڌايو پيو وڃي ته پنهنجي آقائن جي خلاف بغاوت ڪن. فانذر جي لفظن ۾ اها ئي للڪار آهي ته آقائن کي انهن جي ظلمن ۽ بدڪرداري جي نتيجي کان ديڄاريو. هو وليد بن مغيره جو نالو وٺڻ ڪانسواءِ آسودن ۽ ٺٺ ٺانگر واري زندگي گذاريندڙن جي لاءِ، جيڪي غلامن تي ظلم ڪندا هئا ۽ قيامت جي قائم ٿيڻ ۽ جزا ۽ سزا جو انڪار ڪندا هئا، جو ذڪر ڪري هڪ عام خدائي قانون ٻڌايو آهي ته ظلم جو نتيجو آخرڪار تباهي ۽ بربادي ئي آهي. انقلاب جي رستي ۾ جيڪي تڪليفون آيون آهن، انهن تي صبر ڪرڻ ۽ بردباري سان انقلابي جاکوڙ کي جاري رکڻ ۾ ئي ڪاميابي آهي.

نبوي انقلاب جي ٻن خاصيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هڪ نماز جي پابندي ۽ ٻيو محروم طبقي جي محرومي، بک، جهالت ۽ غلاميءَ جو تدارڪ ڪرڻ. اسان جي دؤر ۾ ۽ تاريخ جي مختلف دؤرن ۾ انقلاب جو مقصد رڳو محروم ۽ پٺتي پيل طبقن جي محرومي ۽ مفلسي کي ختم ڪري، انهن ۾ مالي آسودگي، سياسي ۽ ذهني آزادي جو شعور پيدا ڪرڻ ٻڌايو ويو آهي. نبوي انقلاب جو مقصد مالي آسودگي، امن، فڪري آزادي ۽ غلاميءَ جو خاتمو ڪرڻ سان اهو آهي ته روح جيڪو خدا جي روح مان ڦوڪيل آهي، جي گهرجن کي پورو ڪيو وڃي ۽ خدا سان ويجهڙائي حاصل ڪئي وڃي. نماز انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. مذهبي پيشوائن رڳو ظاهري رسمن واري نماز تي زور ڏنو آهي، پر پٺتي پيل ۽ محروم طبقن جي حالت کي سڌارڻ واري ڳالهه کي نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي. انهن طبقن جي حالت رڳو خيرات ۽ صدقن سان سڌري نٿي سگهي، جيستائين جو پيداواري وسيلن کي انهن جي يونين جي ملڪيت ۾ نه ڏنو وڃي.

قرآن جادوگرن، پوپن ۽ جنن جو ڏنل علم نه آهي، پر اهو الله تعاليٰ جو ڪلام آهي. انهيءَ ڪري اهو حق آهي ۽ نيڪيءَ ڏانهن وٺي وڃڻ واري تعليم اهي. اهو اساطير الاولين (گذريل قومن جا قصا ۽ ڪهاڻيون) نه آهي ۽ نه ئي هي ڪو ڊاڙو ٺڪاءُ آهي. ان ۾ ڏنل هر قصي، مثال توڙي ڳالهه جو هڪ خاص مقصد آهي ۽ اهو هيءُ ته هن ڪائنات جو هڪ خالق ۽ پالڻهار (آقا) آهي. انسان کي پنهنجي علمن جي جزا ۽ سزا جي لاءِ ان جي سامهون وڃڻو آهي ۽ آخرت واري زندگي هڪ حقيقت آهي. قرآن جي تعليم مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته توحيد الاهي ۽ خدا پرستي ئي انساني وحدت جي ضمانت آهي ۽ پنهنجي


Sindhica Academy, Karachi

عملن جي ذميواري ئي انسان کي عزت ۽ عظمت ڏئي سگهي ٿي.

نبي ڪريم ﷺ کي اهو چيو ويو آهي ته پنهنجا ڪپڙا پاڪ ۽ صاف رکو. عرب جا جادوگر ۽ پوپا عام طرح گَدلا رهندا هئا ۽ انهن جا وار وڪوڙيل هوندا هئا. اهو حڪم اصل ۾ پاڻ ﷺ کي انهن کان الڳ ڪرڻ جي لاءِ آهي ته انقلابي پنهنجي جسم ۽ ڪپڙي کي صاف رکندو آهي.

## (31) سورت مطففين (التطفيف):

هن سورة مبارڪ ۾ به الله تعاليٰ جي انڪار ۽ آخرت ۾ عملن جي جزا ۽ سزا جي انڪارين جي خلاف دليل ڏنا ويا آهن. معاشي مسئلن ۾ هڪ تمام وڏو ڏوهه گهٽ تورڻ ۽ گهٽ ماپڻ آهي. هن سورة جي نزول جو زمانو سچار انسانن جي لاءِ تمام ئي ايذائيندڙ ۽ انهن تي ٺٺول وارو زمانو آهي. هن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته جڏهن مڪي جي ڪافرن جي سامهون تاريخي واقعا بيان ڪيا وڃن ٿا ۽ کين ٻڌايو وڃي ٿو ته الله ۽ آخرت تي ايمان نه آڻڻ سان قومي تباهي ايندي آهي ته اهي انهن دليلن (آيتن) کي اهو چئي رد ڪن ٿا ته اهي ته اڳين قومن جا قصا ۽ ڪهاڻيون آهن. هن سورة ۾ اخلاق جي آخرت جي عقيدي سان لاڳاپي تي روشني وڌي وئي آهي ته ماڻهوءَ ۾ جيڪڏهن سچي ۽ مستقل ديانتداري پيدا ٿي سگهي ٿي ته پوءِ رڳو خدا جي خوف ۽ آخرت تي ويساه رکڻ سان ئي ٿي سگهي ٿي. انهيءَ حالت ۾ ديانتداري (يا سٺا اخلاق) هڪ پاليسي نٿا رهن، جنهن سان دنياوي ڏيتي ليتي ۾ فائدو حاصل ٿيندو آهي، پر هڪ آخرت سان تعلق رکندڙ فرض بڻجي وڃي ٿي. انهيءَ جو دارومدار رڳو دنيا ۾ فائدو حاصل ٿيڻ تائين محدود ناهي رهندو.

## (32) سورت ن والقلم:

انڪار ڪندڙن جو رسول الله ﷺ جي مخالفت جو مقصد اصل ۾ اهو هو ته جيئن پاڻ دٻاءَ ۾ اچي انهن سان ٺاهه ڪن. پر رسول الله ﷺ کي نصيحت ڪئي پئي وڃي ته مخالفت، ٺٺول ۽ ايذاء رساني جو جيڪو طوفان اٿي رهيو آهي، انهيءَ جو بردباريءَ سان مقابلو ڪريو. پاڻ ﷺ تي چريو هجڻ واري الزام جو جواب اهو ڏنو ويو آهي ته توهان اخلاق جي اعليٰ معيار تي بيٺل آهيو. هن سورة ۾ مخالفتن جي لاءِ تمام ئي سخت لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. جهڙوڪ حَلَّافٍ مَّهِيْنٍ، هَمَّازٍ مَّشَّآءٍ بِنَمِيْمٍ، مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ ۽ عُتُلٍّ زَنِيْمٍ يعني گهڻا قسم کڻندڙ يعني خسيس، طعنا ۽ چغلي هڻندڙ، ڀلائيءَ کان


www.sindhsalamat.com

روڪيندڙ، ظلم ۽ زيادتيءَ ۾ حد کان لنگهيل، سخت بدڪار، ۽ بد بڻياد يعني حرامي ڦر.

اهو سڀ ڪجھ انهيءَ ڪري آهي تہ هو گهڻو مال ۽ اولاد رکي ٿو ۽ دليلن کي اڳين ماڻهن جون ڪهاڻيون سڏي ٿو. هن سورة ۾ هڪ باغ جي مالڪن جو مثال ڏنو ويو آهي. انهيءَ ۾ باغ جي مالڪن جي خاص ڳالھ اها ٻڌائي وئي آهي تہ انهن چيو تہ باغ جي ميوي مان ڪنهن مسڪين کي ڪجھ بہ نہ ڏنو وڃي، اجا بہ اها ڪوشش ڪن تہ گهڻن انسانن ڪو مسڪين باغ ۾ اچي ئي نہ سگهي. انهن جي بخيلپ ۽ ڪنجوسيءَ جي ڪري اهو باغ هڪ طوفان جي ور چڙهي ويو. انهيءَ جو مفهوم بہ اهو ئي آهي. اهو معاشرو، جيڪو طبقاتي هوندو، جنهن ۾ ڪي ٿورڙا ماڻهو گهڻن انسانن جي محنت جو استحصال ڪندا هجن، ۽ پيداواري وسيلن مان لاڀ ماڻڻ جي عام ماڻهن کي اجازت نہ ڏيندا هجن تہ، اهڙو معاشرو آخرڪار تباھ ۽ برباد ٿي ويندو آهي. اسلام کان پهريان واريون سڀئي تهذيبون انهيءَ ڏوھ جي ڪري ئي برباد ٿي ويون. قرآن تہ هڪ نصيحت آهي، اهي ڪنهن چريي جون ڳالهيون نہ آهن.

## (33) سورت التڪوير:

قيامت جي ظاهر ٿيڻ ۽ پوءِ حساب ڪتاب ٿيڻ جو نقشو چٽي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ قرآن ڪنهن جادوگر يا شيطان جو ڪلام نہ آهي ۽ نہ ئي ڪنهن جِنَ جو ڪلام آهي، پر اهو تہ وهي الاهي آهي ۽ دنيا جي سڀني قومن جي لاءِ هڪ نصيحت آهي. هيءُ شيطاني ڪلام ڪئين ٿو ٿي سگهي، جڏهن تہ هي شرڪ ۽ بت پرستي ۽ دهريت ۽ بي ديني کان هٽائي، خدا پرستي ۽ توحيد جي تعليم ڏئي ٿو. انسان کي بلڪل آزاد هئڻ بي مهار اٺ بڻجي وڃڻ جي بدران خدا پرستي، احساس ذميواري ۽ جوابدهي سيکاري ٿو. جاهلاڻين رسمن، ظلم، بدديانتي، بداخلاقي ۽ بدڪرداري کان منع ڪري ٿو. پاڪ ۽ پوتر زندگي، عدل ۽ پرهيزگاري ۽ اعليٰ اخلاقن پنهنجائڻ جي تاڪيد ڪري ٿو. قرآن جو پيغام سڀني انسانن يا قومن جي لاءِ آهي رڳو عرب وارن لاءِ نہ آهي.

## قريش جي سردارن جو ٻيو وفد ابوطالب وٽ:

نبوت جي پنجين سال ڪانپوءِ قريشن پنهنجو ٻيو وفد ابوطالب وٽ موڪليو. ڇو تہ انهن محسوس ڪري ورتو هو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جي هلايل هلچل جو اثر مڪي کان ٻاهر نڪري، واپارين ۽ زيارتين تائين بہ پهچڻ لڳو


Sindhica Academy, Karachi

هو. اهڙي طرح حج کان پوءِ اهي ابوطالب وٽ آيا ۽ کيس چيائون:

"توهان اسان جا وڏا آهيو. اسان جا سردار آهيو، شريف ۽ خانداني آهيو. اسان گهريو هو تہ توهان پنهنجي ڀائٽي کي سمجهائيندؤ ۽ ان کي انهن ڳالهيون کان روڪيندؤ. پر توهان ڪين نہ روڪيو. هاڻي اسان اهي ڳالهيون گهڻي دير تائين سهي ڪونہ سگهنداسين. توهان جو ڀائٽيو اسان جي وڏڙن کي ڳالهائي ٿو ۽ بتن کي بہ گهٽ وڌ چئي ٿو، تنهن ڪري يا تہ کيس جهلينس يا وري مقابلي جي لاءِ تيار ٿي وڃ تہ جيئن اسان ٻنهي مان ڪو هڪ باقي رهي".

ابوطالب تي انهيءَ ڌمڪيءَ جو وڏو اثر ٿيو. هو نہ تہ محمد ﷺ کي انهن جي حوالي ڪري پئي سگهيو، ۽ نہ وري قريشن کي ڇڏي پئي سگهيو. پاڻ رسول الله ﷺ کي سڏايائون ۽ چيائون تہ ڀائٽيا، مون تي ايترو ٻوجھ نہ وجھ جيڪو مان کڻي نہ سگهان.

رسول الله ﷺ سمجهيو تہ شايد منهنجو چاچو منهنجو ساٿ ڇڏي رهيو آهي. پنهنجي ۽ پنهنجي قبيلي جي حمايت کان محروم ڪري رهيو آهي يا وري ان ۾ ايترو ست نہ آهي جو پنهنجي قبيلي کان منهنجي حفاظت ڪري سگهي.

پاڻ فرمايائون تہ چاچا سائين، جيڪڏهن منهنجي هڪ هٿ تي سج ۽ ٻئي هٿ تي چنڊ رکيو وڃي تڏهن بہ مان پنهنجي ڪم کان پوئتي نہ هٽندس. منهنجي اڳيان ٻہ ئي واٽون آهن، ڪاميابي يا موت!

اهو چوندي رسول الله ﷺ جون اکيون پرجي آيون. پاڻ ٻيهي رهيا ۽ هلڻ لڳا تہ ابوطالب سڏي چيو تہ ڀائٽيا، موٽي اچ، جيئن وڻئي تيئن ڪر، مان توکي هنن ماڻهن جي حوالي نہ ڪندس.

قريشن جڏهن ڏٺو تہ ابوطالب ڪنهن بہ طرح محمد ﷺ تان پنهنجو هٿ هٽائڻ لاءِ تيار نہ آهي تہ انهن هڪڙي نئين ترڪ ڪئي. يعني مڪي جي هڪڙي تمام ئي خوبصورت ۽ سهڻي جوان عمار بن الوليد کي پاڻ سان گڏ وٺي آيا ۽ ابوطالب کي چيو تہ توهان هن نوجوان کي پنهنجو پٽيلو ڪريو ۽ پنهنجو ڀائٽيو اسان جي حوالي ڪريو تہ جيئن اسان ان کي ماري ڇڏيون.

ابوطالب انهن کي چيو تہ توهان مون کي ايترو ڪريل ماڻهو سمجهيو آهي ڇا جو مان پنهنجو ماڻهو تہ توهان کي ڏيان تہ جيئن توهان ان کي ماري ڇڏيو ۽ دشمن جي نوجوان کي پالي نپائي جوان ڪريان. ائين ڪڏهن بہ نٿو ٿي سگهي. هاڻي ٽرو هتان، جيڪو ڪرڻو اٿو ڪريو، باقي توهان جيئن چاهيو ٿا، ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيندو. مطعم بن عدي بہ انهيءَ ڳالھ کي انصاف ڀريو سڏيو،


www.sindhsalamat.com

پر ابوطالب انهيءَ فيصلي کي ٺُڏي ڇڏيو.

ان کان پوءِ رسول الله ﷺ اڳ کان به وڌيڪ جوش ۽ جذبي سان پنهنجي انقلابي پروگرام جي پرچار شروع ڪري ڏني. پر پاڻ ﷺ جيترو گهرن پيا ته هي مالدار ماڻهو سڌي واٽ تي اچي وڃن ۽ هڪ شريف قوم وانگر هن انقلابي هلچل ۾ همراهه ٿين، تيئن ايترو ئي انهن سردارن پنهنجي غلامن تي وڌيڪ ظلم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو، ايتري تائين جو رسول الله ﷺ تي به سخت حملا ڪري ڏنائون.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته دقيانوسي سوچ رکندڙ جماعتن جو سدائين اهو وطيرو رهيو آهي ته اهي پنهنجي ڀلائيءَ جي ڳالهه به ناهن ٻڌندا ۽ پنهنجو پاڻ ئي جوڙيل حقن کان ان وقت تائين هٿ ناهن کڻندا، جيستائين انهن کي مجبور نه ڪيو وڃي. انهن کي تمام ئي سختيءَ سان مڃائبو آهي. اهڙن ماڻهن سچار انسانن تي سخت ظلم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا. غلامن ۽ غريب طبقي جي ماڻهن کي سڀ کان وڌيڪ ايذاء رساني جو نشانو بڻايو ويو. ان سان گڏوگڏ انهن دولتمندن پاڻ ڪريم ﷺ جو به زور شور سان انڪار شروع ڪري ڏنو ته انهيءَ صورتحال کي ڏسندي رسول الله ﷺ کي حڪم ٿيو ته انهن جي ڳالهين تي ڌيان نه ڏين ۽ جن ماڻهن جي حق ۾ ڳالهه کي مڃڻ جي صلاحيت آهي، انهن ڏانهن ئي ڌيان ڏين. انهيءَ ڪري پاڻ ﷺ 5 نبوي جي رجب مهيني ۾ پنهنجي ڪجهه ساٿين کي حبشه ڏانهن هجرت جي اجازت ڏنائون.

## (34) سورت الذاريات:

ائين ته هن مبارڪ سورة ۾ نه رڳو سگهارن دليلن سان جزا ۽ سزا جي عمل ۽ قيامت جي قائم ٿيڻ جا ثبوت ڏنا ويا آهن، پر ٻڌايو آهي ته ڪائنات، تاريخ ۽ انسان جي پنهنجي وجود ۾ به اهڙيون نشانيون موجود آهن، جن مان ڄاڻ ملي ٿي ته انسان کي جانورن وانگر نه بڻايو ويو آهي ته جيڪڏهن اهو مري ويو ته ان جي عملن تي ڪابه جزا ۽ سزا نه هجي. پر حقيقت اها آهي ته انسان کي ارادي جو مالڪ ۽ سمجهه ڀريو بڻائي پيدا ڪيو ويو آهي. هو پنهنجي عملن جي چونڊ ڪرڻ جي معاملي ۾ آزاد آهي. اها ڳالهه تاريخ مان به ثابت ٿئي ٿي ته هر قوم ۾ نبي سڳورا موڪليا ويندا رهيا آهن جيڪي ڏسيندا رهيا آهن ته ماڻهن جي عملن تي ملڻ واري جزا ۽ سزا جي لاءِ هڪ حساب ڪتاب جو ڏينهن مقرر آهي، جنهن ۾ انهن کان حساب ڪتاب ورتو ويندو.

پر انهن سڀني دليلن کان سواءِ هن سورة ۾ نبي ڪريم ﷺ کي حڪم


Sindhica Academy, Karachi

ڏنو ويو آهي ته هاڻي توهان (ﷺ) انهن ڪافرن کان منهن موڙي ڇڏيو، ڇو ته انهن جي اندر حق کي مڃڻ جي صلاحيت ئي ختم ٿي وئي آهي. هاڻي توهان جي نصيحت جو رخ ٻين انهن ماڻهن ڏانهن هئڻ گهرجي، جيڪي انهيءَ حق جي واٽ تي هلڻ ۽ ان تي ايندڙ مصيبتن کي سهڻ لاءِ آماده آهن. اهڙيءَ طرح ٻن ٽن مهينن کان پوءِ اصحابن سڳورن جو هڪڙو ننڍڙو جٿو حبشه ڏانهن روانو ٿي ويو، جتي انهن پناهه وٺڻ سان گڏوگڏ اسلام جي پرچار ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي.

## (35) سورت الحاقہ:

هن سورة ۾ قيامت ۽ حساب ڪتاب واري ڏينهن جي قائم ٿيڻ بابت سگهارا دليل ڏيڻ سان گڏوگڏ تاريخي شاهديون به پيش ڪيون ويون آهن. يعني ڪابه قوم پنهنجي نبيءَ جي ڳالهه کي رد ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو وجود برقرار نه رکي سگهي آهي، پر اها تباهه ۽ برباد ٿيندي رهي آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ هن سورة ۾ جيڪا خاص ڳالهه چئي وئي آهي، سا هيءَ آهي ته هيءُ قرآن نه ته ڪنهن شاعر جو ڪلام آهي ۽ نه ئي ڪنهن ڀوپي جون ٻڌايل ڳالهيون آهن. پر هي جهانن جي پالڻهار الله جي طرف کان نازل ڪيل آهن. جيڪڏهن نبي (محمدﷺ) پنهنجي طرف کان ڪا ڳالهه اسان ڏانهن منسوب ڪئي هجي ها ته اسان ان جي شاهه رڳ کي ڪٽي ڇڏيون ها.

رسول الله ﷺ مڪي جي ڪافرن کي چيو ته مان جيڪا هيءَ تعليم توهان کي ڏيان ٿو انهيءَ جو مقصد توهان کان ڪو معاوضو وٺڻ نه آهي. مان نه توهان کان جادوگرن ۽ ڀوپن وانگر قرباني جو گوشت گهران ٿو، نه ڳجهه جون ڳالهيون ٻڌائڻ جي ڪا ٻٽاڪ هڻان ٿو، پر جيڪو ڪجهه توهان کي ٻڌايان ٿو انهيءَ ۾ ته رڳو توهان جي ئي فائدي جي ڳالهه آهي. هاڻي ائين سمجهو ته جيڪڏهن مان الله تعاليٰ تي ڪوڙ هڻان ها ته تباهه ۽ برباد ڪيو وڃان ها. اهڙي قسم جي للڪار وارا لفظ ثابت ڪن ٿا ته قرآن الله تعاليٰ وٽان نازل ڪيل آهي ۽ الله تعاليٰ جو ئي ڪلام آهي. اهو رسول الله ﷺ جو پنهنجو ٺاهيل ڪلام نه آهي. انهيءَ للڪار کان پوءِ به جيڪڏهن اهي انهيءَ تعليم کي نه مڃين ته انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته هاڻي انهن ماڻهن ۾ حق جي ڳالهه ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت ئي ناهي رهي. انهيءَ ڪري نصيحت جو رخ ڪنهن ٻي قوم يا قبيلي ڏانهن ڦيرائڻ ضروري آهي.

## (36) سورت القمر:

هن سورة مبارڪ ۾ به سورة الذاريٰت جا ”فَتَوَلَّ عَنۡهُمۡ“ وارا لفظ ورجايا


www.sindhsalamat.com

ويا آهن. رسول الله ﷺ کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ مڪي جي ڪوڙن کان پنهنجو منهن موڙي حبشہ جي انصارين ڏانهن ڪريو. ڇو تہ هاڻي انهن مڪي وارن ۾ حق جي ڳالهہ کي ٻڌڻ جي صلاحيت نہ رهي آهي. مختلف نبين ۽ انهن جي قومن جون شاهديون پيش ڪيون ويون تہ جهڙي طرح اهي قومون نبين جي انڪار جي ڪري تباهہ ۽ برباد ٿي ويون، توهان مڪي وارا بہ ائين ئي تباهہ ۽ برباد ٿي ويندؤ.

سورة الحاقہ ۾ للڪار آهي تہ هيءَ تعليم رسول الله ﷺ پنهنجي پاران نہ گهڙي آهي، پر اها جهانن جي پالڻهار الله جي طرف کان ڏني وئي آهي، تنهن ڪري انهيءَ جو انڪار پڪ سان تباهيءَ جو ڪارڻ بڻجي ويندو. ڇو تہ اها تعليم تمام ئي آسان عربي ٻوليءَ ۾ آهي، اهو گذريل قومن جي تاريخ مان عبرت وٺڻ لاءِ چٽيءَ طرح بيان ڪري ٻڌائي ٿو: اهو ئي فرق آهي الله جي ڪلام ۽ شيطاني ٻڌايل ڳالهين ۾. نجومين ۽ پوپن وانگر هي ڪلام اجائين ۽ واهيات ڳالهين سان پريل نہ آهي.

هن سورة تي اسلامي انقلاب جو هڪڙو دؤر ختم ٿي وڃي ٿو، جيڪو ڳجهي پرچار کان پوءِ کليل طرح پرچار سان شروع ٿيو هو. هن دؤر ۾ بہ سورتون نازل ٿيون، جن جو موضوع قيامت جي قائم ٿيڻ ۽ عملن جو حساب وٺڻ بابت آهي. هن دؤر ۾ خطاب مالدار طبقن ۽ غلام بڻائيندڙ سردارن ڏانهن رهيو آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ مذهبي ٺيڪيدارن کي بہ ڇنڊيو ويو آهي. هن ۾ ثابت ڪيو ويو آهي تہ مالدار طبقو ئي سڀني اخلاقي برائين جو بنياد آهي. نفس پرستي، خود غرضي، دولت گڏ ڪرڻ جو حرص، جنسي ڇڙواڳي، دولت جي گهٽائي جي ڪري عيش واري زندگي گذارڻ، دولت ۽ اقتدار ۾ واڌاري جي لاءِ غلامن ۽ پوئتي پيل ماڻهن تي ظلم ۽ زيادتيون ڪرڻ ۽ انهن جي محنت جو کليل طرح استحصال ڪرڻ، اهي سڀئي ڳالهيون مالدار طبقي کان ئي ٿين ٿيون. اهو ئي طبقو سڀني نبين سڳورن جو انڪار ڪندو ۽ انهن کي ايذائيندو رهيو آهي.

هن دؤر جي قرآني تعليم ٻڌائي ٿي تہ قيامت جي ڏينهن انهن کان پڇيو ويندو تہ الله تعاليٰ توهان کي عقل ۽ پيار سيکاريو، پوءِ اهي جادوگر، پوپا، شاعر ۽ مذهبي ٺيڪيدار توهان جي دماغن تي ڪيئن ڇانئجي ويا؟ توهان دولت جي لالچ ۾ انڌا ٿي ويا ۽ يتيمن، مسڪينن، غلامن، نياڻين ۽ ڪمزورن تي ظلم ڪندا رهيا ۽ انهن کي جيئرو پوريندا رهيا آهيو. هاڻي دوزخ جو عذاب توهان جي لاءِ تيار آهي، جنهن ۾ نہ توهان کي موت ايندو ۽ نہ ئي توهان کي عذاب کان ڇوٽڪارو ملندو. هن دؤر ۾ ٻڌايو ويو تہ اهو نہ سمجهو تہ محنت جي استحصال ۽ انفرادي بئنڪن جي وياج خوري سان گڏ ڪيل دولت توهان کي الله جي عذاب کان بچائي سگهندي.


Sindhica Academy, Karachi

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ مالدار طبقي وٽ دولت اچي ڪٿان ٿي؟ اسان جي دؤر ۾ سائنسي تحقيق سان هيءَ ڳالهہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ دولت پيداوار جي وسيلن تي قبضو ڪري، مزدور جي محنت جي استحصال سان اچي ٿي. مون پنهنجي لکڻي ”فلسفہ بيگانگي اور قرآن “ ۾ وڏي وضاحت سان انهيءَ تي روشني وڌي آهي. مشين جي ايجاد کان پهريان پيداواري وسيلو رڳو زمين هئي، جنهن جاگيرداري جي شڪل اختيار ڪري ورتي. اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت تائين غلامي عام هئي. غلام نہ رڳو زمين تي ڪم ڪندا هئا، پر مصر جي اهرامن، ديوارِ چين ۽ تمام ئي عظيم الشان محلاتن ۽ عبادتگاهن جي تعمير کان سواءِ، بحري ٻيڙن ۽ ساموندي جهازن جي چرخين کي بہ هزارين غلامن جي هٿن جي محنت سان چرپر ۾ آڻي، وڏن ڪندن جي وچ ۾ واپاري مال ۽ فوجن جي اچ وڃ ٿيندي هئي.

يورپ ۾ مشين ۽ انجڻ جي ايجاد کان پوءِ زراعت جو ڪم ڪرڻ وارا ۽ هر طرح جا غلام ڪارخانن ۾ مزدورن جي شڪل اختيار ڪري ويا. ڇو تہ اهڙي طرح اهي جاگيردار وٽ سڄي عمر جي قيد مان بہ ڇوٽڪارو ماڻي وٺندا هئا ۽ ڪارخاني ۾ ڪم ڪري آزاد زندگي بہ گذاريندا هئا. هاڻي جاگيردار سان گڏوگڏ ڪارخانيدار بہ محنت جي استحصال جي ڏيڍ تي شاهوڪار ٿي ويو ۽ انهن جاگيردارن سان گڏوگڏ ان جو ورتاءَ بہ هڪجهڙو يعني ظالماڻو رهيو. جيئن آقا غلام جي محنت جو استحصال ڪندو آهي، تيئن جاگيردار ۽ صنعتي سرمائيدار بہ هاري ۽ مزدور جي محنت جي استحصال ڪري ٿو. مشين جي ايجاد کان پوءِ تہ محنت جي استحصال ۾ اڃا بہ واڌارو اچي ويو آهي.

تنهن ڪري قرآن ڪريم ڪوڙن جي لاءِ تنبيهہ جو جيڪو لهجو اختيار ڪيو هو، اهو ئي هن دؤر جي سرمائيدارن جي لاءِ بہ هئڻ گهرجي. پر مذهبي پيشوائيت مزدور ۽ پٺتي پيل محروم ماڻهن کي ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ غربت ۽ مسڪيني کي الله تعاليٰ انهن جي نصيب ۾ لکي ڇڏيو آهي. قرآن جي سڀني تفسيرن کي کولي ڏسو، سڀني تفسيرن ۾ اها ئي ڳالهہ موجود ملندي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو مسلمانن ۾ اڄ تائين فرانس ۽ روس جي انقلاب جهڙو ڪوبہ انقلاب اچي نہ سگهيو آهي. انهن انقلابن يورپ کي وڏي ترقي ڏني ۽ انهن انهيءَ مذهب کي، جيڪو ميسارجي چڪو هو، زندگيءَ جي معاملن کان ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪيو. مسلمان مذهبي پيشوائن مسلمان حڪمرانن کي ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ جي اها ڌمڪي (خبردار ڪرڻ) جيڪا مڪي جي ڪوڙن جي لاءِ هئي، سان انهن جي لاءِ نہ آهي، ڇو تہ اهي مسلمان آهن. پر جيڪڏهن کليل اک


www.sindhsalamat.com

سان ڏنو وڃي ته انهن جي پرڪار ۾ روپ انهن جهڙا ئي آهن، جهڙا مڪي جي ڪوڙن جا هئا. مسلمان عالمن مالدارن کي ڪڏهن به اهو ناهي ٻڌايو ته انهن جي دولت، جيڪا مزدور جي محنت جي استحصال جو نتيجو آهي، تنهن مسلم امت کي تباهي ۽ غلامي ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي. انهن جي نمازن جي حقيقت کي ملا زاده ضيغم لولابي جو هي شعر، چٽيءَ طرح ظاهر ڪري ٿو:

اے شیخ امیروں کو مسجد سے نکلوا دے
ہے ان کی نمازوں سے محراب ترش آبرو

اسان جي دؤر جون سيئي اخلاقي بڇڙائيون ۽ انهن جون پيدا ڪيل جنگيون فساد، جنسي ڇڙواڳي، جوئابازي، شراب نوشي، محنت جو ڪليل طرح استحصال، بئنڪن جو ڪاروباري نظام جنهن جو بنياد وياج تي آهي، ڪڙمت ۽ پائيواري وغيره جو علاج رڳو اهو آهي ته الله تعاليٰ جي هيڪڙائي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان ۽ اشتراڪي معيشت کي پنهنجايو وڃي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٽي ڇڏجي ته پيداواري وسيلن تي ٿورن ماڻهن جو قبضو ختم ڪري، انهن کي مزدورن جي پنهنجو پاڻ ۾ جوڙيل منڊلين جي ملڪيت ۾ ڏنو وڃي. ڇو ته الله تعاليٰ ڏاڍ سان سمورا وسيلا ڪن ٿورن ماڻهن جي لاءِ نه، پر پنهنجن سمورن ٻانهن جي لاءِ پيدا ڪيا آهن. *(البقره:29)*

توحيد الاهي جي معنيٰ جتي انساني نفس ۾ اعليٰ اخلاقي گڻن کي پيوست ڪرڻ آهي، ته جيئن جبلتن جي حيواني گهرجن تي ضابطو آڻي سگهجي، اتي توحيدي معاشري جو قائم ڪرڻ به توحيد جو بنيادي ۽ لازمي گهرج آهي، جنهن کي اڄ جي ٻولي ۾ غير طبقاتي معاشرو چون ٿا. توحيدي معاشري کان سواءِ ماڻهو نيڪيءَ جا ڪم نٿو ڪري سگهي. ڇو ته جنهن معاشري ۾ هو رهندو آهي، سو اخلاقي برائين کي جنم ڏيڻ ۾ ئي رات ڏينهن رڌل آهي ۽ ماڻهو ننڍڙي ٻار وانگر بيوس ٿي ويو آهي.

ظلم اهو آهي ته قرآن جي هن چٽي هدايت جي باوجود ته مالدار طبقو ئي سڀني اخلاقي برائين جو منڍ آهي، قرآن ڪريم جو طبقاتي نقط نظر سان مطالعو نٿو ڪيو وڃي. اچا به سماجي معيشت، جيڪا اصل ۾ نبين سڀورن جي ٻڌايل معيشت آهي، تنهن کي ۽ ڪارل مارڪس کي ڪچيون گاريون ڏنيون وينديون آهن. مسلمانن جي ذهن ۾ اها ڳالهه ويهاري وئي آهي ته اها سرمائيداري ئي مؤمن ٻانهي جو دين آهي. مارڪس جو ڏوهه رڳو اهو آهي ته هن انساني تاريخ ۾ پهريون دفعو اهو ثابت ڪيو آهي ته هڪ ڪارخاني مان گهڻا ڪارخا ڪيئن ٺهندا آهن. مزدور، جن


Sindhica Academy, Karachi

جي محنت انهن ڪارخانن کي جنم ڏيندي آهي، سي پاڻ بنيادي ضرورتن کان پشت بپشت ڇاڄي ڪري محروم ڪيا وڃن ٿا. مارڪس بلڪل نبين جي تعليم موجب اهو چٽيءَ طرح واضح ڪري ڇڏيو ته دولت مزدور جي محنت جي استحصال جو نتيجو آهي. ٻيو اهو ته هن انهيءَ ميساريل مذهب کي رد ڪري ڇڏيو، جيڪو ٻڌائي ٿو ته مالدار جي دولت ۽ مزدور جي غربت الله تعاليٰ جو تقديري فيصلو آهي ۽ انهيءَ کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪرڻ ڏوهه آهي هاڻي اهو مسلمانن ۽ ٻين مذهبن جي پيشوائن جو فرض هو ته اهي ٻڌائن ها ته اها انهن جي مذهب جي حقيقي تعليم نه، پر بگاڙيل مذهب جي آهي.


www.sindhsalamat.com

# اسلامي انقلاب جي ٽين منزل

## قرآن، نصاريٰ، المذڪر والمبشر والهاديٰ

### پس منظر:

نبي ڪريم ﷺ ڪي ڪلي طرح پرچار ڪندي ڏيڍ سال لنگهي ويو هو. انهيءَ عرصي ۾ اها ڳالهه چڱيءَ طرح چٽي ٿي وئي هئي ته دنيا ۾ رڳو ٻن طبقن ۽ ٻن تصورن جي چڪتاڻ آهي. هڪ جماعت يا طبقي جو پيداواري وسيلن تي قبضو هوندو آهي جڏهن ته ٻيو طبقو يا جماعت انهن وسيلن کان محروم هوندي آهي. هاڻي انهيءَ ڳالهه کي اسان جي دؤر ۾ معاشي سائنس به ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته معاشرو رڳو ماڻهن جي اجماع تي ٻڌل نه، پر ٻن مخالف معاشي طبقن تي ٻڌل هوندو آهي. انهن مان هڪڙو طبقو، جنهن ۾ ماڻهن جو تعداد ڏهه سيڪڙو جي لڳ ڀڳ آهي، سو سڀني پيداواري وسيلن تي قبضو ڪيون ويٺو آهي. اهو مالدارن جو طبقو آهي. زمين، مشينون، ڪاٽيون، بيلا، تيل ۽ گيس جي ذخيرن تي انهن جو قبضو آهي. ٻيو طبقو، جيڪو لڳ ڀڳ نوي سيڪڙو ڪان به تعداد ۾ وڌيڪ آهي، پيداواري وسيلن کان محروم آهي. اهو پيداواري وسيلن جي مالڪن (جاگيردارن، صنعتي سرمائيدارن، ڪوئلي ۽ سون جي ڪاٽين جي مالڪن، پيٽرول ۽ گيس جي ذخيرن تي قبضو ڪري ويٺلن) وٽ پنهنجي جسماني ۽ دماغي محنت وڪڻي پنهنجو پيٽ پالي ٿو. مالدار طبقي بدنام فلاحي مملڪت قائم ڪري ڪوڙا واعدا ڪندي، ڪي ٿورڙا سڪا ماڻهن جي اڳيان اڇلائي ڇڏيا ته جيئن اهي پنهنجو حق گهرڻ جي لاءِ احتجاج يا انقلاب آڻڻ جي لاءِ جاکوڙ نه ڪن.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته جڏهن کان انسان ڪٽڪ اپائڻ شروع ڪئي آهي، انهيءَ وقت کان وٺي زراعت واري دؤر جي شروعات ٿي ۽ انساني معاشرو ٻن


Sindhica Academy, Karachi

طبقن ۾ ورهجي ويو. قرآن جي مطابق انهن مان هڪڙو طبقو آسودن ۽ وڏائي ڪندڙن تي ٻڌل هو، جيڪو مالدار طبقو آهي. انهيءَ جو ئي اقتدار ۽ پيداواري وسيلن تي قبضو آهي. ان سان گڏوگڏ اهو علم ۽ تهذيب جي وسيلن تي به قابض آهي. جڏهن ته ٻيو وري اهو آهي، جنهن کي قرآن مستضعفين (هيٺا) ۽ الانام (عام انسان) چوي ٿو. هي اهو طبقو آهي جيڪو اقتدار، پيداواري، علم ۽ تهذيب جي وسيلن کان محروم آهي. اها صورتحال سموري انساني تاريخ ۾ موجود رهي آهي ۽ اڄ به موجود آهي. انهن طبقن ۾ مذهب جي ڪابه سڃاڻ نه آهي. ٻنهي ۾ خدا کي مڃڻ وارا ۽ انڪار ڪندڙ موجود آهن. انهيءَ ڪري معيار مذهب نه، پر پيداواري وسيلن تي قبضو هجڻ يا نه هجڻ آهي. ٻنهي جا اخلاق جدا جدا آهن.

مڪي ۾ نازل ٿيڻ واري قرآن (جيڪو حبشه ڏانهن هجرت کان پهريان نازل ٿيو هو) جو مطالعو اسان کي ٻڌائي ٿو ته قرآن مڪمل وضاحت سان هن معاشي ۽ معاشرتي حقيقت کي چٽو ڪري ڇڏيو ته نبين، حڪيمن، ڏاهن ۽ حق جي پانڌيئڙن کي تڪليفون پهچائڻ وارا، غلاميءَ جي اداري کي قائم رکڻ وارا ۽ انهن جي محنت جو استحصال ڪندي پنهنجي دولت ۾ اقتدار ۾ واڌارو ڪرڻ وارا رڳو مالدار ماڻهو ئي آهن. مالدارن جو طبقو ئي سڀني اخلاقي بڇڙائين جو منڍ آهي.

هن مالدار طبقي جي مفادن جي تائيد ڪرڻ ۽ انهن جي حفاظت ڪرڻ وارا مذهبي پيشوا ئي آهن. اسلام ۽ ٻين سڀني مذهبن جو مذهبي علم رکڻ ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ وارو طبقو مذهبي عالمن جو طبقو آهي. دنيا جي مذهبن جي عالمن عوام جي ذهن ۾ اها ڳالهه ويهاري ڇڏي آهي ته دولت جي ورڇ الله تعاليٰ پاڻ ڪئي آهي. امير ۽ غريب جي تقدير ناهڻ وارو به الله تعاليٰ پاڻ ئي آهي. انهن عالمن قرآن ۽ پاڪ ڪتابن جي تفسير اهڙي طرح ڪئي آهي جو مالدار طبقي جي ڦرمار، انهن جي عياشيءَ جو سامان ۽ انهن جو اقتدار تي قبضو، عوام جي نظرن کان هٽي ويو آهي. انهن مذهبي پيشوائن توحيد الاهي جي تصور کي بگاڙي ڇڏيو آهي ۽ عوام کي ٻڌايو ته رڳو الله تعاليٰ کي اڪيلو مڃي وٺڻ ۽ ٿلهو زباني اقرار ڪرڻ ئي گهڻو آهي. انهيءَ جو معاشرتي عمل سان ڪوبه لاڳاپو نه آهي. تنهن ڪري توحيدي معاشري جو قيام هڪ دنياوي معاملو آهي. انهيءَ جو مذهب جي بنياد، عقيدن ۽ نيڪ عملن سان ڪو خاص تعلق نه آهي.

حبشه ڏانهن هجرت کان اڳ ۾ نازل ٿيڻ واري قرآن جي هر هڪ سورة انهيءَ معاشي ۽ معاشرتي حقيقت جي چٽائي ڪري ٿي.


www.sindhsalamat.com

رسول الله ﷺ ۽ سندن تصديق ڪرڻ وارن تي جڏهن مڪي وارن ظلم ۽ زيادتين جي حد ڪري ڇڏي ته پاڻ ﷺ عيسائين ڏانهن منهن ڪيو. پاڻ اهو سوچيائون ته گهٽ ۾ گهٽ اهي ماڻهو خدا پرست آهن، انهن سان گڏجي محاذ جوڙيون ۽ الله جي نالي کي مٿانهون ڪريون. انهيءَ دؤر جو قرآن پاڻ ﷺ کي اها ئي تعليم ڏئي ٿو، جيڪا نصراني نبي سڳورا ۽ خاص ڪري حضرت عيسيٰؑ ڏيندو هو. هاڻي قرآن پاڻ ﷺ کي بشير (خوشخبري ڏيندڙ)، صديق، صادق الوعد، مشاهد، مبشر، هادي وغيره جهڙا لقب ڏئي ٿو ۽ پاڻ قرآن کي وري رحمت، امر مفصل خطاب، حق، الڪتاب، هديٰ، نور، ذڪر مبارڪ، بلاغ مبين، ڪتاب مبين، فرقان، احسن الحديث ۽ بشارت سڏي ٿو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن محسوس ڪيو ته يهودي هڪ مئل قوم آهي ۽ غلامي ۽ جلاوطني ۾ جڪڙيل آهي. رڳو مجوسي ۽ نصارن مان ئي اها اميد ٿي سگهي ٿي ته الله جي حڪومت قائم ڪرڻ ۾ مدد ڏين. جيتوڻيڪ اهي سيئي الله جو نالو وٺندڙ هئا، پر خدا پرستي جو جيڪو لازمي جزو يعني نيڪ عملي، تنهن کي ٻئي قومون وساري چڪيون هيون ۽ انهن جا ملڪ گهٽي کان گهٽي زمين جي علائقي تي قبضو ڪرڻ جي حرص ۾ جڪڙيل هئا. باقي انهن ملڪن کان پري، ڪجهه عيسائي راهب ۽ هڪڙو عيسائي ملڪ موجود هو، جيڪو حقيقي تعليم تي عمل ڪندڙ هو. اهو ملڪ حبشه هو. هن ملڪ ۾ آريوس ۽ نسوريس جي عيسائيت رائج هئي. اهي نه ته مريم کي خدا مڃيندا هئا ۽ نه ئي وري عيسيٰؑ کي الله جو پٽ ۽ وارث مڃيندا هئا. انهن جي ٻولي حبشي هئي. اهي ماڻهو، "الله جو پٽ" واري اصطلاح کي استعارو سمجهندا هئا. يعني انهيءَ جو ترجمو الله جو پٽ ۽ الله جو وارث نه ڪندا هئا، پر الله وارو نيڪ ماڻهو ڪندا هئا. سوجهرو، اونداهي، نفرت ۽ پيار جي ڇڪتاڻ کي ختم ڪرڻ ۽ عام مروت ۽ ٻاجهه سان ڊپ ۽ ٻک جو علاج ڏسڻ وارا حڪيم ۽ نبي هر ملڪ ۽ قوم ۾ اسلام کان پهريان به ٿيا آهن. 277ع ۾ "ماني"، ايران جي شهر اڪباتنه ۾ پيدا ٿيو. "ماني" چيو ته يزدان خدا آهي ۽ اهرمن شيطان آهي. هن چيو ته مان يزدان جي طرف کان خلق خدا جي سڌاري جي لاءِ مقرر ٿيو آهيان. "ماني" اهو چوندي سوري تي شهيد ٿي ويو ته روح نور آهي ۽ مادو اونداهي آهي. انهن مان هڪڙو ڀلائي آهي ۽ ٻيو بڇڙائي. ان جي کل لهرائي وئي ۽ ان جي پيروڪارن ۽ اهم اڳواڻن کي ماريو ويو.

ماني کان پوءِ عام ماڻهن جي فڪرن ۾ هڪ نئي هلچل پيدا ٿي. انهيءَ جو باني "مزدڪ" هو. انهيءَ جي تعليم اها هئي ته اشتراڪي روحانيت ۾ دنيا جو


Sindhica Academy, Karachi

چوٽڪارو آهي ۽ آسماني بادشاهه تدبر، عقل، يادداشت ۽ خوشيءَ جي ذريعي روحاني دنيا تي حڪومت ڪندو آهي. انهيءَ آسماني خدا سان هن دنيا ۾ ويجهڙائي حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ انسان روحن جي هڪ شڪل کان ٻي شڪل ۾ منتقلي کان چوٽڪارو ماڻي سگهي ٿو. آخرڪار مزدڪ کي به ماريو ويو ۽ انهيءَ هلچل کي به ٻچڙي نموني چٿيو ويو. ماني ۽ مزدڪ جا تصور ايراني ۽ رومي بادشاهتن ۾ پکڙيل هئا. رسول الله ﷺ حبشه ڏانهن هجرت وقت مڪي وارن کان الله جي حڪم موجب ڌيان ڦيرائي پنهنجو منهن مجوسين ۽ نصارن ڏانهن ڪيو هو.

قرآن ٻڌايو ته ٻين مذهبن ۾ الله جا نالا اسماء حسنيٰ آهن ۽ مسلمانن کي اهي مڃڻ گهرجن. پر توحيد جو اهو تصور عربن، خاص ڪري قريشن جي لاءِ بلڪل نئون هو. قريش به بني اسرائيل وانگر اهو نه گهرندا هئا ته ٻي ڪنهن قوم جي خدا کي پنهنجو الله مڃن، ۽ رحمان جي لفظ کي، جيڪو عجمي آهي، عربي ۾ مڃن.

هن دؤر جي ڪجهه سورتن ۾ الله جو لفظ استعمال ئي نه ٿيو آهي، رڳو رحمان استعمال ٿيو. سورة مريم ۾ الله جو لفظ ڇهه (6) دفعا استعمال ٿيو، جڏهن ته رحمان جو لفظ سورهن (16) دفعا استعمال ٿيو آهي.

هن دؤر ۾ دنيا جي مذهبن جي اصل تعليم، جيڪا انهن مذهبن جي پاڪيزه بانين ڏني هئي، بگڙي وئي هئي. قرآن ڪريم دنيا جي مذهبن جي انهيءَ بگاڙيل تعليم کي نئين سر اجاگر ڪيو. مثال طور عيسائيت جي ڪافرانه عقيدن کي رد ڪندي عيسيٰؑ کي رڳو الله جو نبي ۽ رسول سڏيو، جيڪو مريمؑ جي پيٽ مان ڄايو هو.

1. 321ع ۾ نڪائيه جي ڪائونسل آريوس کي ڪافر ۽ لعنتي سڏيو. آريوس عيسيٰؑ کي الله جو مٽ ۽ همسري ڪندڙ نه مڃيندو هو ۽ نه ئي الله تعاليٰ ۽ عيسيٰ کي هڪ ئي جوهر مان سمجهندو هو، نه عيسيٰؑ پٽ هجڻ جي حيثيت سان قديم ٿي پئي سگهيو. ڪائونسل اهو فيصلو ڏنو ته عيسيٰؑ ۽ خدا قديم آهن، عيسيٰؑ خدا کان جدا آهي، پر پوءِ به هڪ ئي ذات آهي، ٻئي هڪڙي ئي جوهر مان آهن.
2. 381ع ۾ پولي ني ايس کي قسطنطنيه جي ڪائونسل ڪيس انهيءَ ڪري ڪافر سڏيو ته هو عيسيٰ کي انساني روح بدران خدائي روح مڃيندو هو، يعني عيسيٰؑ خدا هو ۽ مريم خدا جي ماءُ هئي. پر ڪائونسل جو فيصلو اهو هو ته جيتوڻيڪ عيسيٰؑ خدا ته هو، پر هو انسان به هو ۽ مريم انسان جي ماءُ هئي.


www.sindhsalamat.com

3. 431ع ۾ افيسس جي ڪائونسل نستوريس کي نہ رڳو ڪافر سڏيو، پر يهودا غدار کان بہ وڌيڪ لعنتي سڏيو، ڇو تہ هو چوندو هو تہ عيسيٰؑ جي فطرت انساني هئي. مريم کي خدا جي ماءُ نہ ڪوٺڻ گهرجي، پر عيسيٰؑ جي ماءُ سڏڻ گهرجي، ڇو تہ عيسيٰؑ انسان هو. جيتوڻيڪ انهيءَ جي اندر خدائي روح هو. ڪائونسل ٻڌايو تہ عسيٰؑ جون ٻئي فطرتون هڪ ئي آهن.

4. 451ع ۾ خالسيدون (Chalsidon) جي ڪائونسل يوتيجس (Eutyches) کي ڪافر سڏيو. ڇو تہ هو چوندو هو تہ عيسيٰ ۾ رڳو خدائي روح هو. اهو هڪ جوهري (Mono Physicist) سڏرائيندو هو. مصر ۾ انهن جي گهڻائي هئي ۽ اتي هو قبطي سڏرائيندو هو. اڳتي هلي اها ئي جماعت يعقوبي سڏي وئي. ڪائونسل فيصلو ڏنو تہ عيسيٰؑ جون ٻئي فطرتون جيتوڻيڪ هڪ ئي آهن، پر جدا جدا بہ آهن.

هاڻي انهن چئني فيصلن کي ملايو تہ نتيجو انساني سمجھ کان ٻاهر ٿي وڃي ٿو. (1) مسيح خدا ۽ قديم آهي. (2) اهو انسان بہ آهي. (3) مسيح جون ٻئي فطرتون هڪ ئي ٿي ويون آهن ۽ هڪ ئي آهن. (4) جيتوڻيڪ الڳ بہ آهن. نتيجو اهو نڪتو جو عقيدن جي انهيءَ مونجهاري واري معاملي عوام جي لاءِ واڳ ڏٽين جي مذهبي فتوائن جي ذريعي موت جو دروازو کولي ڇڏيو هو. ننڍڙي غلطي تي بہ انهن کي ختم ڪيو ويندو هو. احتسابي مجلسن (Inqusitions) جي تاريخ ظلم ۽ زيادتي کي پيش ڪري ٿي. انهيءَ جي تفصيل تي نظر وجهڻ سان وار ڪانڊارجي وڃن ٿا.

هن دؤر ۾ مجوسي دنيا جا بہ اهو ئي حال هو. ماني ۽ مزدڪ کي ختم ڪيو ويو هو ۽ سرڪاري طرح ٻن خدائن واري تصور خلاف ٻڙڪ ٻولڻ وڏو ڏوهہ هو، جنهن جي سزا موت هئي.

هندستان ۾ بہ انڪار ۽ اقرار ۽ بي ديني جا جيترا بہ قسم پيدا ٿي سگهن پيا، اهي سيئي موجود هئا ۽ ديوتائن جي پيدائش ۽ انهن جي جسم وارو هئڻ جي خيالن عوام کي هزارين فرقن ۾ ورهائي ڇڏيو هو.

مصري ۽ بابلي نسل جي ماڻهن يوناني فلسفي ۽ لوگاس سان جنگ جوٽي هڪ عجيب نظرياتي بيقراري پيدا ڪري ڇڏي هئي. انهن کي ڏکيائي اها سامهون اچي رهي هئي تہ جيڪڏهن خدا کي اڪيلو ٿا مڃن تہ مسيحؑ خدا نٿو رهي، وري جيڪڏهن مسيحؑ کي خدا مڃن ٿا تہ اها توحيد ختم ٿي وڃي ٿي، جيڪا توريت جي بنيادي تعليم هئي.


Sindhica Academy, Karachi

هن وقت دنيا جي مذهبن عقيدن جو جيڪو مونجهارو پيدا ڪيو آهي، انهيءَ ڪري ئي مذهب کي معاشري جي هن وقت اڏاوت ۽ سڌاري جي حدن کان مستقل طور تي ٻاهر ڪڍيو ويو آهي. جڏهن تہ مذهبن جي پاڪيزه بانين توحيد الاهي جي تصور کي پيش ڪيو، جنهن کي شهري زندگيءَ ۾ لاڳو ڪرڻ سان طبقاتي معاشري کي توحيدي معاشري ۾ بدلائي سگهجي پيو. نبيءَ جو موڪلڻ بہ اهو ئي هو تہ ماڻهو پنهنجي مادي ۽ جسماني ضرورتن کان مطمئن ٿي عبادت جي ذريعي الله تعاليٰ وٽ ويجهڙائي حاصل ڪري سگهي. پر پوءِ اچڻ وارن مذهبي پيشوائن عقيدن جي پنهنجي مرضي موجب ۽ مابعد الطبيعاتي تعبيرن سان توحيدي معاشري جي اصل مقصد کي پٺيءَ پويان اڇلائي ڇڏيو. انهيءَ جي نتيجي ۾ يورپ جي نئين سر اڏاوت ۽ سڌاري واري دؤر ۾ آخرڪار مذهب جي جاءِ تي سيڪيولرازم کي پنهنجايو ويو.

جنهن وقت مڪي وارن رسول الله ﷺ ۽ ان جي پوئلڳن تي ايذاء رساني جو سلسلو شروع ڪيو هو، ان وقت 611ع ۾ ايران جو قيساريہ تي قبضو ٿي چڪو هو ۽ اوڀر رومي سامراج جي وڏن وڏن شهرن تي ايراني فوجون قبضا ڪري چڪيون هيون. هرقل ملڪ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي پر عام عيش پسندي، فرقيواريت ۽ غلامي واري ماحول عوام کي گيدي بڻائي ڇڏيو هو. نتيجو اهو نڪتو جو 614ع ۾ بيت المقدس بہ ايرانين جي قبضي ۾ هليو ويو ۽ مقدس صليب ۽ پادرين جي مُک سردار کي بہ تسيفون (Tesiphon) اماڻيو ويو، اهڙي طرح صليب پرستن جي ذلت ۽ خواري آخري حد تائين پهچي چڪي هئي. واپاري قافلن جي اچ وڃ بند ٿي چڪي هئي.

انهيءَ زماني ۾ مڪي وارن رسول الله ﷺ جي سچار ساٿين تي ظلم ۽ زيادتين جي حد ڪري ڇڏي هئي. ايتري تائين جو رسول الله ﷺ تي بہ ٺٺوليون ڪيون ۽ ڪين تڪليفون پهچايون ٿي ويون. اهي اهڙيون حالتون هيون، جن جي هوندي وڏن وڏن ماڻهن جون همتون جواب ڏئي ويندیون آهن. پر پاڻ ڪريم ﷺ جي سامهون هڪ مقصد هو، جنهن جي لاءِ وڏي کان وڏي قرباني ڏئي سگهجي پئي. الله تعاليٰ جي طرف کان وري وري مڪي جي مشرڪن کان منهن موڙڻ جو حڪم اچي رهيو هو. انهيءَ ڪري رسول الله ﷺ انهن ظلمن کي سٺو ۽ ٻين ملڪن جي الله لوڪ ماڻهن سان ناتا جوڙڻ شروع ڪيا.

ڪجھ تاريخدان چون ٿا تہ عرب ان وقت تائين تيار هئا ۽ ان وقت انهن ۾ هڪ قوم جي حيثيت سان ايتري صلاحيت پيدا ٿي چڪي هئي تہ اهي انقلاب آڻي سگهن. پر انقلاب پاڻمرادو نہ ايندو آهي، انهيءَ جي لاءِ هڪ اهڙي انقلابي


www.sindhsalamat.com

رهنما يا اڳواڻ جي ضرورت ٿيندي آهي، جنهن ۾ اڳواٽي جي قدرتي صلاحيت هجي ۽ سيني تڪليفن ۽ اهنجن کي سهڻ جي اهليت هجي. اهڙو ماڻهو عربن کي محمد ﷺ جي صورت ۾ مليو هو.

ڪافرن جي شفاعت جو مسئلو: هن زماني ۾ اهو خيال عام هو ته الله هڪڙو آهي ۽ سموري ڪائنات جو خالق آهي. پر اسان جون ديويون، ديوتا، پوپا ۽ پوڄاري انهيءَ الله وٽ سفارش ڪري سگهن ٿا. عيسائي به اهو ئي خيال ڪندا هئا ته خدا تعاليٰ پنهنجي پٽ کي قربان ڪري ماڻهن جي پيدائشي گناهه کي معاف ڪري سگهي ٿو. پر رسول الله ﷺ جي ذريعي وحي موڪليو ويو ته ٻاجهاري الله جي اجازت کان سواءِ نه ته ڪير سفارش ڪري سگهي ٿو ۽ نه ئي ڪو ڪنهن ٻئي جي گناهه جو ڪفارو بڻجي سگهي ٿو. جيڪو جو پوکيندو سو ئي ان کي لڻندو.

وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ط

## سورت الغاشيہ:

پاڻ ڪريم ﷺ جن کي مڪي جي مالدارن کان منهن موڙڻ جو حڪم ٿي چڪو هو. ظلم وڌي رهيو هو. انهيءَ ظلم کان نه ته غلام ۽ ٻانهيون ٻچنديون هيون، ۽ نه ئي وري شريف ماڻهو. رسول الله کي ايذائڻ ۽ انهن جي مٿان ٺٺول ڪرڻ جي رفتار وڌي چڪي هئي. سچار ساٿين جو جيئڻ جنجال ٿيندو پئي ويو. انهيءَ ڪري نبي ڪريم ﷺ پنهنجن اصحابن کي حبشہ ڏانهن هجرت ڪري وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ۽ هاٽي وڃڻ وارا موقعي جي ڳولا ۾ هئا.

الغاشيہ (قيامت) جو اچڻ لازمي آهي. زمين، جبل، اُٺ، آسمان سيني جو ذڪر دليلن جي طور تي ٿيو آهي. قيامت جي ڏينهن عملن جو حساب ڪتاب ٿيندو، انهيءَ ڪري عدل ۽ انصاف جو رويو پنهنجايو ۽ ظلم ۽ زيادتين کان پاسو ڪريو. هن سورت ۾ به جنت ۽ دوزخ جو نقشو چٽيو ويو آهي.

## سورت نباء:

هن سورت مبارڪ ۾ به جنت جو نقشو ۽ ان جي نعمتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اصل ۾ مڪي دؤر ۾ نازل ٿيل قرآن ۾ لڳاتار ڪائناتي، نفسياتي ۽ تاريخي دليلن ۽ شاهدين سان اها ڳالهه ثابت ڪئي پئي وڃي ته انسان جي سيني اخلاقي خرابين ۽ معاشرتي گندگين جو ڪارڻ دولت جو ٿورڙن ماڻهن جي هٿن ۾ اچي هڪ جاءِ تي رڪجي وڃڻ آهي. جڏهن ته هن مالدار طبقي جو اقتدار تي


Sindhica Academy, Karachi

قبضو ڪري ظلم ۽ عياشيءَ جو ماحول پيدا ڪرڻ ئي انسان جي بدنصيبيءَ جو اصل ڪارڻ آهي.

پروگرام اهو آهي ته دولت کي پنٽي پيل طبقن ۾ ورهايو وڃي. دولت جا وسيلا عام ماڻهو جي هٿ وس اچڻ گهرجن. غلامي ۽ محڪوميءَ جو خاتمو ٿيڻ گهرجي. علم ۽ اظهار جي آزادي کي عام ڪيو وڃڻ گهرجي. انهيءَ جي لاءِ انسان کي گهرجي ته هن ڪائنات جي خلقيندڙ جي وجود کي مڃي ۽ قيامت جي قائم ٿيڻ تي ويساهه ڪري. پنهنجن اخلاقن کي انسانذات جي ڀلائي جي بنياد تي بيهاري ۽ پنهنجي پالڻهار جو ذڪر گهڻائي سان ڪندو رهي ته جيئن آخرت واري زندگي ۾ مٿانهون مرتبو حاصل ڪري سگهي.

انسان جي سڄي تاريخ انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ جي ڪهاڻي آهي. هي ننڍڙو طبقو، جنهن جي قبضي ۾ مال ۽ دولت آهي، پنهنجي اقتدار ۽ ناجائز عياشي کان مڙڻ لاءِ تيار ناهي.

اسان جي دؤر جي اشتراڪيت پيشوائن جي مذهب کي انهيءَ ڪري رد ڪري ڇڏيو جو اهو مالدار طبقي جي باري ۾ اهو چوي ٿو ته ان کي الله تعاليٰ دولت ڏني آهي. جيڪڏهن هو نبين جي آندل اصل مذهب موجب ائين چوي ته امير ۽ غريب جو فرق دولت جي غلط ورڇ جي ڪري پيدا ٿيو آهي ۽ قرآن جو مقصد انهيءَ غلط ورڇ کي ختم ڪري توحيدي معاشرو قائم ڪرڻ آهي ته اشتراڪي ماڻهو اشتراڪي مذهبي ماڻهو بڻجي ويندو.

## سورت الدهر:

هن سورت ۾ به جنت جي نعمتن جو ڪجهه تفصيلي ذڪر آيو آهي. نيڪ ماڻهن جي سڃاڻ هيءَ آهي ته الله جي محبت ۾ مسڪينن، يتيمن ۽ قيدين جي مدد ڪن ٿا. جڏهن ته اهو ڪم بدلي جي اميد تي نٿا ڪن.

**ڏاڍ ۽ اختيار:** ماڻهڻ کي حواس ۽ عقل ڏنو ويو آهي. جيڪڏهن اهي ان کي صحيح ڪم تي لڳائن ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ته انهن کي جنت نعيم ۾ جاءِ ڏني ويندي. جيڪڏهن اهي ناشڪرگذاري، بت پرستي ۽ خود پرستي جي ڪري ڪفر (اونداهي) ۾ پئجي وڃن ته انهن کي دوزخ ۾ اڇلايو ويندو. ڇو ته آسمانن ۾، زمين ۾ ۽ اوسي پاسي جي سموري پکڙيل ڪائنات جي هر شيءِ ۾ دليل موجود آهن. پر انسان دولت ۾ انڌو ٿي انهن دليلن کي نٿو ڏسي سگهي.


www.sindhsalamat.com

## سورت الرحمان:

هن سورت مبارڪ ۾ سڀ ڪان پهريان رحمان جو لفظ استعمال ٿيو آهي، جيڪو اسم صفت نہ، پر اسم ذات آهي. سورت سبا ۾ رحمان جي باري ۾ تاريخي شاهديون ڏنيون ويون آهن تہ يمن جا عيسائي خدا تعاليٰ کي رحمان چوندا هئا. جيئن تہ حبشہ ڏانهن هجرت جي اجازت ملي وئي هئي، انهيءَ ڪري عيسائي خدا تعاليٰ جي لاءِ جيڪي نالا وٺندا هئا، اهو ئي نالو استعمال ڪيو ويو آهي تہ جيئن حبشہ جي عيسائين سان دوستي پڪي ٿي وڃي. الله ۽ رحمان ٻئي هڪڙي ئي هستي جا نالا آهن.

هن سورت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هيءُ انهيءَ خدا جو ڪلام آهي، جيڪو ڇڙو عيسائين جو خدا نہ آهي، پر سڀني جو خدا آهن. هن ۾ هڪ هڪ شيءِ جو نالو کڻي ٻڌايو ويو آهي تہ اهي سڀ عوام جي لاءِ آهن، انهن تي ڪنهن جي ذاتي ٺيڪيداري نہ آهي. هن ۾ انسانن سان گڏوگڏ جنن کي بہ مخاطب ڪيو ويو آهي.

هن سورت ۾ زمين کي عوام جي ملڪيت سڏيو ويو آهي. تنهن ڪري جاگيرداري نظام غير اسلامي نظام آهي. رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ ڪڙمت، وياج جو ڪاروبار آهي، چو تہ انهيءَ ۾ محنت جو استحصال ٿئي ٿو.

هن ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ وقت بدلبو رهي ٿو، ڪائنات ۾ هڪ ارتقائي چرپر ڏٺي وڃي ٿي. الله تعاليٰ هر ڏينهن هڪ نئين شان ۾ مان سان پاڻ پَسائي ٿو. عالمن وقت جي چرپر کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري اجتهاد جو دروازو بند ڪيو ويو، پر معاشرو تہ ارتقا ڪندڙ آهي، انهيءَ ڪري اجتهاد لازمي آهي. خليفي عبدالحڪيم مديني واري رياست کي اشتراڪي جمهوريت سڏيو آهي، جنهن کي رجعت پسند قوتن بادشاهيت ۾ بدلائي ڇڏيو.

## سورت ق:

هيءَ سورت مبارڪ بہ حبشہ ڏانهن هجرت کان پهريان جي آهي. هيءُ دؤر منهن موڙڻ واري حڪم کان شروع ٿئي ٿو. هن ۾ بردباري جي تلقين ڪئي وئي آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي تہ هجرت جي اجازت ملڻ واري آهي. ڳالهہ ٻولهہ جو رخ عيسائين ڏانهن ٿي چڪو هو. سورت الرحمان سان رحمان جي نالي جو ذڪر بہ شروع ٿي چڪو هو، جيڪو هجرت جي شروعات هئي. هن اسم ذات جي ڪري حبشہ جي عيسائين سان هڪ ذهني ڳانڍاپو قائم ٿي وڃي ٿو ۽ انهيءَ ڳانڍاپي حبشہ ڏانهن هجرت ڪري ويندڙن جي حق ۾ تمام


Sindhica Academy, Karachi

ئي هاڪاري ڪردار ادا ڪيو.

مرڻ کان پوءِ جو انڪار اصل ۾ عقلي استدلال نتيجو نہ هو، پر مالدار طبقي جي ظلم ۽ عياشي انهن جي نفس ۾ اها ڳالهہ پيدا ڪري ڇڏي هئي تہ جيڪڏهن اهي انهيءَ ڳالهہ کي مڃين ٿا تہ رسول الله ﷺ جي تصديق ٿئي ٿي، انهيءَ ڪري سندن نفسن انهن جي لاءِ هڪ فريب پيدا ڪري ورتو هو. اصل ۾ فريب (Illusion) عقلي سوم نتيجو نہ هوندو آهي، پر نفساني خواهشن جو دٻاءُ ذهن ۾ اهڙا خيال پيدا ڪري ڇڏيندو آهي.

هن سورت مبارڪ کان پوءِ اصحابن جو پهريون قافلو حبشہ ڏانهن هجرت جي لاءِ روانو ٿي ويو، چو تہ مڪي ۾ ظلم جي حد ٿي چڪي هئي.

هن سورت ۾ مڪي وارن کي چيو پيو وڃي تہ ڏسو، الله جو قانون اٽل آهي. گمراهہ ۽ عيش پرست ماڻهو دوزخ ۾ ويندا. جهڙي طرح ساوڪ مري ويندي آهي تہ پوءِ وري ڦٽي ويندي آهي. ائين ئي توهان بہ مرڻ کان پوءِ مٽي سان مٽي ٿي وڃڻ جي باوجود بہ ٻيهر پيدا ڪيا ويندؤ ۽ توهان کي پنهنجي هر هڪ عمل جو حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو. توهان کان پهريان اصحاب الايڪہ، قوم تبع، ثمود، عاد، فرعون جي قوم، ۽ لوط جي قوم بہ برباد ٿي چڪيون آهن. اهي سڀئي پنهنجي بڇڙائين جي ڪري برباد ٿي ويون. اهي بہ قيامت جي ڏينهن جا انڪاري هئا ۽ عيش ۽ آرام واري زندگي گذاري رهيا هئا.

خدا ساهہ جي رڳ کان بہ وڌيڪ ويجهو آهي. اهو دلين جو حال ڄاڻي ٿو. اهو ئي قيامت جي ڏينهن جزا ۽ سزا ڏيندو. سڄي سورت قيامت جي ڏينهن بابت آهي.

حبشہ ڏانهن هجرت کان پوءِ مڪي جي ڪافرن اهو سوچڻ شروع ڪيو تہ ظلم ۽ ڏاڍ توڙي ڪِل ٺٺول سان بہ هيءَ هلچل ختم ٿيندي نظر نٿي اچي. هاڻي انهيءَ جو مقابلو ڪهڙي طرح ڪيو وڃي؟ تاريخ ٻڌائي ٿي تہ جڏهن بہ ڪو هادي، پيغمبر يا مصلح اصلاحي پروگرام کڻي ايندو آهي تہ رجعت پسند قوتون پنهنجي بڇڙائين کي ڇڏڻ جي بدران انهيءَ هادي يا مصلح کي ڏاڍ ۽ ڌڪاءَ سان فنا ڪري ڇڏڻ گهرنديون آهن. اڄ بہ دنيا ۾ ائين ئي ٿي رهيو آهي.

**نئين سازش:** هاڻي ابو لهب جي صدارت ۾ مجلس ويٺي ۽ ڪعبي جي چڱن مڙسن جا پنجويهہ ميمبر (سردار) سوچڻ لڳا تہ ڪهڙي طرح محمد ﷺ کي شڪست ڏني وڃي. انهن جي ذهنن ۾ اها ڳالهہ ويٺل هئي تہ نبو هاشم ۽ بنو مطلب جو مقابلو ڪرڻ سئولو نہ آهي، انهيءَ ڪري ٿاهہ اهو ٿيو تہ هيٺن کي ماري ڪٽي موٽائي پنهنجي دين تي آڻجي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ تي وري ڪل ۽


www.sindhsalamat.com

ٺٺول ڪئي وڃي ته جيئن ماڻهو محمد ﷺ کي معمولي پوپو يا جادوگر سمجهڻ لڳن.

وليد بن مغيره چيو ته مان ڪيترن ئي پوپن جون ڳالهيون ٻڌيون آهن، پر جيڪا ڳالهه محمد ﷺ جي ڪلام ۾ آهي، سو هڪ نئون تصور آهي. هن جو ته پوپن جي ڳالهين سان ڪو واسطو ئي نه آهي. محمد پوپن وانگر اهو نٿو ٻڌائي ته سياڻي مينهن وسندو يا نه ۽ سفر جي لاءِ ڪهڙو ڏينهن سياڳو آهي يا نياڳو. ڏاچي جي پيٽ ۾ نر آهي يا مادي يا بدلو وٺڻ جي لاءِ ڪهڙي ديوتا کان مدد ورتي وڃي. هو انهن سڀني ڳالهين کي هٺ ٺوڪيون ۽ شيطاني سمجهي ٿو.

ماڻهن چيو ته اسان هن جي ڳالهين کي جادو ۽ هٺ ٺوڪيون ڳالهيون چئي مشهور ڪنداسين ته اهي ڳالهيون ته اهڙيون ئي آهن، جهڙيون اسان جا جادوگر ۽ شاعر چوندا آهن.

وليد چيو ته هو ته جادوگري کي به شيطاني وسوسا سڏي ٿو ۽ چوي ٿو ته رب الناس (انسانن جو پالڻهار) انهن کي دوزخ ۾ وجهندو. هو شاعرن وانگر ڊراڙون نٿو هڻي، پر سچا واقعا ٻڌائي چوي ٿو ته شاعرن ۽ جادوگرن تي لعنت موڪليو. رڳو الله جي ٻانهپ تي متفق ٿي وڃو. يتيمن، غريبن، بيواهن ۽ بي سهارن جي مدد ڪريو. ٻکين کي کاڌو کارايو. هو جادوگرن وانگر ڪليل وارن ۽ ميرن ۽ گدلن ڪپڙن ۾ به نٿو رهي.

مجلس وارن چيو ته چڱو پوءِ اسان ان کي چريو سڏينداسون، جيڪو چريائپ واريون ڳالهيون ڪندو رهندو آهي. هن تي جن چڙهيل هوندو آهي، انهيءَ ڪري ڪير به هن جي ڳالهه نه ٻڌي. انهيءَ تي به وليد چيو ته حاجين، زيارتين ۽ واپارين تي به اها ڳالهه اثر نه ڪندي، ڇو ته اهي محمد جي ڪلام کي سمجهي وٺندا ته اهي ڪنهن جن يا شيطان جون ڳالهيون نه آهن، پر صاف ۽ سئولي عربي ٻوليءَ ۾ سمجهه ۾ اچڻ واريون ڳالهيون آهن.

مشرڪن آخرڪار قريشن جي عتبه بن ربيعه کي پاڻ ﷺ وٽ موڪليو. هو مڪي جو چڱو مڙس ۽ عرب جي ڪلام جو ماهر هو. هن رسول الله ﷺ کي چيو ته اي محمد ﷺ هن سڄي هل ٻڪيڙي مان آخر تنهنجو ڪهڙو مقصد آهي. جيڪڏهن توکي دولت گهرجي ته اها اسان توکي آڏي گڏ ڪري ڏيون ٿا. جيڪڏهن مرتبو گهرين ٿو ته سڄي مڪي جا واپاري ۽ پوڄاري سڀئي گڏجي توکي پنهنجي سردار ٿا بڻايون. جيڪڏهن ڪنهن سهڻي عورت جي طلب اٿئي ته عرب جي سڀ کان سهڻي عورت توکي پرڻائي ٿا ڏيون. جيڪڏهن ڪنهن جن يا ڀوت تنهنجي مٿان چڙهت ڪئي آهي اسان ان جو علاج ٿا ڪرايون.


Sindhica Academy, Karachi

رسول الله ﷺ فرمايو ته مون کي انهن سڀني شين مان ڪنهن به شيءِ جي طلب نه آهي. منهنجو ڪلام ڪنهن شيطان يا جن جو نه آهي، جنهن جو ڪوبه مقصد نه هجي ۽ نه ئي سمجهه ۾ ايندڙ هجي. ان کان پوءِ پاڻ هيءَ آيت تلاوت ڪيائون:

حٰمٓ ۞١ تَنْزِيْلٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۞٢ كِتٰبٌ فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ۞٣ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا ۚ فَاَعْرَضَ اَكْثَرُهُمْ فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ۞٤

”اي انسان، هي انهيءَ ”رحمان“ جي طرف کان دل تي نازل ٿيو آهي، جيڪو تمام ئي ٻاجهارو آهي. هيءُ ”علم“ ڳجهو نه آهي جو جادو سمجهو، پر چٽا دليل آهن ۽ سمجهه ۾ اچڻ واري ٻولي آهي ته جيئن توهان انهيءَ کي سمجهي سگهو ۽ عمل ڪريو. هي ڪلام جنت جي خوشخبري انهن ماڻهن کي ڏئي ٿو، جيڪي نيڪ عمل ڪن ۽ بڇڙائين لاءِ زور ڀريندڙن کي دوزخ جي تباهيءَ کان ڊيڄاري ٿو. پر توهان ٻڌڻ نٿا گهرو ۽ هن نصيحت کان منهن موڙي ڇڏيو ٿا“.

عتبه بن ربيعه ڀيريون دفعو سڏو سنئون هيءُ ڪلام پاڻ ڪريم ﷺ جن کان ٻڌو هو. انهيءَ ۾ نه ته ڪا پيش گوئي هئي ۽ نه ئي وري ڳجهه ڄاڻڻ جي ڪا دعويٰ. هو سمجهي ويو ته محمد جيڪا هلچل مچائي آهي، انهيءَ ۾ مڪي وارن جو ئي فائدو آهي. هو اهو به مڃي ويو ته جيستائين سڀني قبيلن ۾ ٻڌي ۽ سڀني انسانن ۾ برابري پيدا نٿي ٿئي، اهي ڪڏهن به ترقي ڪري نه سگهندا. هو موٽي ويو ۽ قريش جي سردارن کي چيو ڇيائين ته منهنجو خيال آهي ته محمد ﷺ کي ان جي حال تي ڇڏي ڏيو. جيڪڏهن هو ڪامياب ٿي ويو ته انهيءَ ۾ اسان جي لاءِ ڀلائي هوندي. پر جيڪڏهن ماريو ويو ته ڳالهه ئي ختم ٿي ويندي. پر پوءِ به مڪي وارن ايمان آڻيندڙن کي ڀيريان کان به وڌيڪ ايذائڻ شروع ڪيو.

## حبشه جي عيسائين ۽ بنو المطلب ۾ لاڳاپو:

چوٿين صدي عيسوي ۾ اٿاناسيوس (Athanaseus) جيڪو اسڪندريه جي پادرين جو سردار هو، تنهن 330ع ۾ حبشه جي گادي واري هنڌ آڪسيوم (Auxume) ۾ ڀيريون وڏو پادري موڪليو هو. هن ملڪ جي عيسائيت جي باري ۾ اهو ئي چئي سگهجي ٿو ته اهو عيسائي فرقن جي پاڻ ۾ ويڙهه کان پاسيرو هو. هتي آڳاٽي زماني کان وٺي يهودي واپار ڪندا هئا.


www.sindhsalamat.com

حبشين جو چوڻ هو تہ بلقيس راڻي حبشياڻي هئي ۽ حبشين جا بادشاهہ انهيءَ جي اولاد منجهان آهن. مسلمان ستين صدي ۾ جڏهن هتي پهتا هئا تہ آڪسيوم پنهنجي عروج تي هئو. انهيءَ جو بندرگاهہ ادولس (Adolis) هو. پنجين صدي عيسوي ۾ هتي عيسائي راهبن جي هڪڙي جماعت رهي پئي ۽ انهن جو هن ملڪ تي گهرو اثر پيو.

عبدالمطلب بن هاشم ۽ حملو ڪندڙ عيسائين ۾ دوستاڻي ڳالهہ ٻولهہ ٿي هئي ۽ ابرهہ عبدالمطلب جا اٺ موٽائي ڏنا هئا. شايد انهن ئي ڏينهن ۾ هاشم جي يمن ۽ حبشہ سان واپار هلندڙ هو ۽ عيسائي قومن سان دوستي بہ انهيءَ ئي خاندان جي وڏن قائم ڪري ورتي هئي.

**رحمان جو انڪار:** جيئن تہ ابرهہ جي حملي واري زماني کان وٺي عيسائين جي اقتدار ۽ انهن جي ديوتائن ۽ خدائن سان هڪ قسم جي نفرت پيدا ٿي چڪي هئي، انهيءَ ڪري جڏهن قرآن ۾ الله تعاليٰ جي لاءِ رحمان جو لفظ استعمال ٿيو تہ مڪي وارن سمجهيو تہ شايد هاڻي محمد ﷺ عيسائين سان ملي ڪعبي کي گرجا گهر ۾ بدلائڻ جو ارادو ڪيو آهي. انهيءَ ڪري انهن رحمان جو انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيو تہ شايد هي يمامہ جو رهاڪو آهي.

انهيءَ زماني ۾ حضرت عبد الله بن مسعود رضہ پهريون دفعو ڪعبي جي سامهون بيهي ڪري وڏي آواز سان سورت الرحمان جي تلاوت شروع ڪري ڏني. مڪي وارن ان جي منهن تي ٿڦڙون هڻڻ شروع ڪيون ايتري تائين جو هن جو سڄو منهن رتو رت ڪري ڇڏيو. پر هن مڙس مٿير پوءِ بہ سورت کي پورو ڪري ئي دم پٽيو. مڪي وارن چيو ”قَالُوْا وَمَا الرَّحْمٰنُ“ يعني اسان رحمان کي نٿا سڃاڻو.

## حبشہ جي پهرين هجرت:

هجرت ڪرڻ واري ڳجهي تياري شروع ڪري ڏني ۽ حبشہ جي واپارين سان گڏجي مڪي مان نڪري ويا. هن قافلي ۾ رڳو ٻارنهن مرد ۽ چار زائفون هيون. هن قافلي ۾ حضرت عثمان ۽ سندس زال رقيہ بنت رسول الله ﷺ بہ هئا. عتبہ جو پٽ ابو حذيفہ زبير (رسول الله جو پڦات) مصعب بن عمير عبدري، عبدالرحمان بن عوف، ابو سبره (رسول الله ﷺ جو پڦات)، عبد الله بن مسعود (پاڻ ڪريم ﷺ جو خاص خدمتگار) ۽ ڪجهہ ٻيا اصحابي سڳورا شامل هئا. اهي واپارين جي ويس ۾ شعيبہ جي بندرگاهہ وٽ پهتا ۽ اتان کان ٻيڙين ذريعي حبشہ پهچي ويا. اها هجرت رجب جي مهيني ۾ ٿي. هن مهيني ۾


Sindhica Academy, Karachi

ننڍو حج ٿيندو هو جنهن ڪري ويڙهہ جهيڙو منع هوندو هو. قريشن جا واپاري قافلا هن ئي سياري جي موسم ۾ ويندا هئا. (رحلة الشتاء)

رسول الله ﷺ جو مقصد هي هو تہ اهي مختلف قومون، جيڪي اڪيلي الله جي پوڄا ڪن ٿيون، پوءِ ڀلي اهي ڪهڙي بہ نالي سان ان جي پوڄا ڪندڙ هجن، اهي سڀئي گڏجي بي ديني ۽ شرڪ جي خلاف هڪڙو محاذ قائم ڪن. انهيءَ ڪري ئي رحمان جو لفظ بہ گهڻو ڪري عيسائين سان ڳالهائيندي چيو ويو. انهيءَ جو اثر اهو ٿيو جو حبشہ جي بادشاهہ مهاجر مسلمانن کي رحمان پرست سمجهي پناهہ ڏني ۽ قريشن جي حوالي ڪرڻ کان نابري واري ڇڏي.

افسوس جو اسان جي عالمن الله تعاليٰ جي مختلف نالن جي اهميت کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. جنهن جي ڪري مذهبن جي وچ ۾ صلح ۽ محبت پيدا ٿي سگهي پئي ۽ اهڙيءَ طرح انساني هيڪڙائي قائم ٿي وڃي ها. پر عالمن اسلام جي عالمگير حيثيت کي نظرانداز ڪري ان کي بہ مذهبن جي مختلف گروهن مان هڪرو گروهہ بڻائي ورتو. اهري طرح اسلام جو مقصد انساني هيڪڙائي جي قيام بدران رڳو پنهنجي گروهہ کي پڌائڻ بڻجي ويو. (مون پنهنجي لکڻي ”اسلامي انقلاب ڪا عهدنامہ“ ۾ انهيءَ تي تفصيلي روشني وڌي آهي)

مشرڪن جڏهن چيو تہ توهان جي تعليم شيطاني آهي، تہ پاڻ فرمايائون تہ شيطاني ۽ رحماني تعليم ۾ فرق هي آهي تہ شيطان جا پوڄاري زمين تي ظلم ۽ نفرتون پکيڙيندا آهن. جيئن توهان سچار انسانن سان ڪري رهيا آهيو: جڏهن تہ رحماني تعليم عدل ۽ انصاف ۽ احسان جي تاڪيد ڪري ٿي، جيڪا سراسر رحمت آهي.

پوءِ پاڻ فرمايائون تہ توهان ڀلي ڪيترا بہ ظلم ڪريو، لالچون ڏيو، پر مون وٽ ظلمن کان گهبرائڻ منهنجي حوصلي مند هئڻ واري ڳڻ جي خلاف ڳالهہ آهي. حضرت ابراهيم ۽ موسيٰ عليهم السلام جا صحيفا، زبور ۽ انجيل وغيره، سڀ جو سڀ نور ۽ هدايت آهن. انهن جي تعليم اها آهي تہ رڳو الله تعاليٰ کي ئي پنهنجو رب يا آقا مڃيو ۽ ٻانهي هجڻ جي حيثيت سان سڀني انسانن کي هڪجهڙو سمجهو. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيندو تہ هر ڪم انساني ڀلائيءَ جي لاءِ ٿيندو. مطلب پرستي جي جاءِ تي محبت ۽ گڏيل ڀلائيءَ جو جذبو قائم ٿيندو ۽ زندگي جنت بڻجي ويندي. جو تہ مالڪ ۽ آقا جو فرق ختم ٿي ويندو ۽ انسان جون تخليقي قوتون آزاد ٿي ڪري انسانيت جي ڀلائي ۽ خير جي لاءِ ڪم ڪرڻ لڳنديون. جهڙي ريت موسيٰ ع حق جي واٽ ۾ مصيبتون برداشت ڪيون، اهڙيءَ ئي طرح مان ۽ منهنجا ساٿي هر سختي کي برداشت ڪندا.


www.sindhsalamat.com

تڪليفن ڏيڻ ۽ ٺٺوليون ڪرڻ جو تمام ئي سخت دؤر: مطلب ته ايمان وارن جي لاءِ هيءُ تمام ئي سخت ۽ آزمائش وارو دؤر هو. مشرڪ تڪليفون ڏيڻ ۽ ٺٺوليون ڪرڻ ۾ ليڪو لنگهي ويا هئا. ياد رکو ته جڏهن به ڪا هلچل اهڙي دؤر ۾ گذري رهي هوندي آهي، ته ان وقت انهيءَ ڪي آگاٽن صحيفن واري تعليم ئي صبر ۽ ثابت قدمي تي اتساهيندي آهي ۽ نفرت جي بدران موعظت حسنه يا چپ چاپ مصيبتن کي سهڻ ئي فائديمند هوندو آهي. هيءُ ئي اهو وقت هوندو آهي، جڏهن تاريخ جي انقلابي تحريڪن جي بانين ۽ ان جي ساٿين تي ٿيندڙ ظلمن جو داستان ٻڌڻ ۽ پڙهڻ سان هنن کي سگهه حاصل ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري ئي الله تعاليٰ جي طرف کان وري وري ڪافرن کان منهن موڙڻ ۽ انتظار ڪرڻ جي تعليم ڏني پئي وئي.

## حبشه ڏانهن هجرت کان پوءِ وارو قرآن

### (1) سورت النجم:

هن دؤر جو سڀ کان اهم واقعو هن سورت ۾ ڏنو ويو آهي. جڏهن ظلم ۽ زيادتين ۽ ٺٺولين جي باوجود به ايمان آڻيندڙن جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو هو ته انڪارن ڪندڙن رسول الله سان ٺاهه ڪرڻ جي تياري ڪئي. انهن پاڻ ڪريم ﷺ کي چيو ته اسان الله کي مڃون ٿا، جڏهن سمنڊ ۾ اسان جا ديوتا اسان جو ساٿ نه ڏيندا آهن ته اسان الله کي ئي سڏيندا آهيون. اسان اهو به مڃون ٿا ته اسان جا ديوتا ڪا شيءِ پيدا به نٿا ڪري سگهن، پر اهي رڳو اسان جي روزي جو ذريعو آهن. مختلف ملڪن کان ماڻهو ڪعبي ڏانهن اچي پنهنجن پنهنجن خدائن ۽ ديوتائن جي پوڄا ڪن ٿا. اسان الله کي مڃون ٿا ۽ توهان هنن ديوين کي سفارشي سمجهو، يعني اهي الله تعاليٰ وٽ سفارش ڪري تڪليفن کي ختم ڪرائي سگهن ٿيون. اهي الله جون ڌيئر آهن. انهن موجب لات ۽ منات ۽ عزيٰ به الله جو ڌيئر هيون.

پاڻ ڪريم ﷺ انهن جي بيهودين ڳالهين کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ سمجهايو ته توهان پنهنجي لاءِ ته پٽ پسند ڪيو ٿا، ۽ الله تعاليٰ جي لاءِ وري ڌيئر گهرو ٿا. ائين ڪري توهان الله ۽ ديوتائن کي خوش ڪرڻ گهرو ٿا، جيڪا هڪ واهيات ڳالهه آهي. قرآن چيو ته ڪا به سفارش ڪم نه اچي سگهندي ۽ ڪنهن جو به ٻيو ڪو به بوجهه نه کڻي سگهندو. انسان جيڪو ڪجهه ڪندو، سو


Sindhica Academy, Karachi

ئي ڀريندو. "وَاَنۡ لَّيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰىۙ﴿٣٩﴾".

ڪجهه محدثن جو خيال آهي ته پهريان ته پاڻ ڪريم ﷺ جي طبيعت هن ڳالهه لاءِ آماده ٿي ته انهن ديوين کي شفاعت ڪندڙ مڃي وٺن، ٿي سگهي ٿو ته ان طرح هي ماڻهو آهستي آهستي شرڪ کان مڙي وڃن، پر الله تعاليٰ ڪين انهيءَ ٺاهه کان پري رکيو ۽ شيطان ڪين ٿيڙي نه سگهيو.

هن سورت ۾ حضرت جبرائيلؑ جو اصلي حالت ۾ رسول الله ﷺ جي سامهون اچڻ، سدرة المنتهيٰ ۽ جنت الماويٰ جو ذڪر به آهي.

**ابراهيم ۽ موسيٰ جي صحيفن جي بيان ڪيل تعليم:**

1. ڪو به بوجهه کڻندڙ ٻئي ڪنهن جو بوجهه نه کڻندو.
   اَلَّا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزۡرَ اُخۡرٰىۙ﴿٣٨﴾
2. انسان جي حصي ۾ اوترو ئي اچي سگهي ٿو، جيترو انهيءَ جي لاءِ هن ڪوشش ڪئي هوندي.
   وَاَنۡ لَّيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰىۙ﴿٣٩﴾
3. ان جي ڪئي ويل ڪوشش کي جلد ئي جاچيو ويندو ۽ انهيءَ موجب ڪيس جزا ۽ سزا ڏني ويندي.
   وَاَنَّ سَعۡيَهٗ سَوۡفَ يُرٰى﴿٤٠﴾ ثُمَّ يُجۡزٰىهُ الۡجَزَآءَ الۡاَوۡفٰىۙ﴿٤١﴾
4. آخرڪار توهان کي پنهنجي پالڻهار وٽ پهچڻو آهي.
   وَاَنَّ اِلٰى رَبِّكَ الۡمُنۡتَهٰىۙ﴿٤٢﴾
5. اهو ئي کلائي ۽ اهو ئي روئاري ٿو.
   وَاَنَّهٗ هُوَ اَضۡحَكَ وَاَبۡكٰىۙ﴿٤٣﴾
6. انهيءَ ئي موت ڏنو ۽ انهيءَ ئي زندگي بخشي.
   وَاَنَّهٗ هُوَ اَمَاتَ وَاَحۡيَاۙ﴿٤٤﴾
7. انهيءَ ئي ڦڙي مان، جڏهن اهو (ڳهڻ ۾) هاريو وڃي، نر ۽ مادي جوڙو جوڙو ڪري پيدا ڪيو.
   وَاَنَّهٗ خَلَقَ الزَّوۡجَيۡنِ الذَّكَرَ وَالۡاُنۡثٰى﴿٤٥﴾ مِنۡ نُّطۡفَةٍ اِذَا تُمۡنٰى﴿٤٦﴾
8. ٻي زندگي بخشڻ به انهيءَ جي قدرت آهي.
   وَاَنَّ عَلَيۡهِ النَّشۡاَةَ الۡاُخۡرٰىۙ﴿٤٧﴾


www.sindhsalamat.com

9. انهيءَ ئي آسودو ڪيو ۽ مال ملڪيت بخشي.
وَاَنَّهٗ هُوَ اَغْنٰى وَاَقْنٰى ﴿٤٨﴾
10. اهو ئي شعريٰ جو رب آهي.
وَاَنَّهٗ هُوَ رَبُّ الشِّعْرٰى ﴿٤٩﴾
11. انهيءَ ئي عاد وارن کي تباهہ ۽ برباد ڪيو ۽ ثمود وارن کي اهڙو مِٽائي ڇڏيو جو انهن مان ڪنهن کي بہ پوئتي نہ ڇڏيو.
وَاَنَّهٗٓ اَهْلَكَ عَادَا ۨالْاُوْلٰى ﴿٥٠﴾ وَثَمُوْدَا۟ فَمَآ اَبْقٰى ﴿٥١﴾
12. انهن کان پهريان نوح؈ جي قوم کي تباهہ ۽ برباد ڪيو، جو تہ اهي تمام ئي ظالم ۽ باغي هئا ۽ اونڌي ڪري سٽيل وسندي کي ڪٽي ڪري اڇلايو.
وَقَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا هُمْ اَظْلَمَ وَاَطْغٰى ﴿٥٢﴾ وَالْمُؤْتَفِكَةَ اَهْوٰى ﴿٥٣﴾
13. پوءِ ڇانئجي ويو اهو، جيڪو ڇانئجي ويو.
فَغَشّٰىهَا مَا غَشّٰى ﴿٥٤﴾
14. پوءِ اي ٻڌندڙ! تون پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جي باري ۾ شڪ ڪندين؟
فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكَ تَتَمَارٰى ﴿٥٥﴾
15. هيءَ پهريان وارين تنبيهن منجهان هڪ تنبيهہ آهي.
هٰذَا نَذِيْرٌ مِّنَ النُّذُرِ الْاُوْلٰى ﴿٥٦﴾

مشرڪن هيءَ خبر مشهور ڪري ڇڏي تہ پاڻ ڪريم ﷺ سان ناهہ ٿي ويو آهي. شوال 5 نبوي ۾ جڏهن اها خبر حبشہ پهتي تہ مهاجر مسلمان خوش ٿي مڪي موٽي آيا جتي اچي کين خبر پئي تہ اهو ڪافرن جي هڪڙي شيطانگيري هئي.

وحي خدائي جو انڪار ڪندڙن ۽ عيسائين جي شفاعت واري ۽ ڪفاري واري نظريي کان هن دؤر ۾ هر هر انڪار ڪيو ويو ۽ سمجهايو ويو تہ ڪوبہ ديوتا نہ تہ سفارش ڪري سگهي ٿو ۽ نہ ئي وري ڪابہ قرباني ڪنهن ٻچڙائي کي پنهنجي رت سان ڌوئي سگهي ٿي. هر هڪ عمل جي جزا ۽ سزا پڪي آهي. انسان پنهنجي مرضي جو مالڪ آهي. نيڪي ۽ بدي جي معاملي ۾ ڪيس اختيار حاصل آهي تہ جيڪو گهري سو رستو اختيار ڪري سگهي ٿو. عمل ۽ ان جي نتيجي ۾ سبب ۽ مسبب جو لاڳاپو آهي. لَيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى.


Sindhica Academy, Karachi

اسلام تي هيءُ الزام آهي تہ اهو قسمت تي شڪر ڪندو رهڻ ۽ بي عملي جي زندگي سيکاري ٿو. پر حقيقت ۾ انهيءَ جو بنيادي نظريو ئي صالح عمل ڪرڻ آهي، جنهن جو هڪڙو مقرر ڪيل مقصد آهي.

حبشہ جي مختلف عيسائي فرقن کي مهاجر مسلمانن جي ذريعي جيڪا تعليم ڏني وئي سا هيءَ هئي:

”الله تعاليٰ کي پٽ جي ڪابہ حاجت نہ آهي، انهيءَ ڪري دنيا وارا سمجهن ٿا تہ اسان جي مرڻ کان پوءِ اسان جي ملڪيت جو وارث ڪير ٿيندو؟ جيڪڏهن پٽ نہ ٿيو تہ پوءِ هيءَ دولت ڪهڙي ڪم ايندي؟ يا جيڪڏهن ڪنهن سان ويڙهہ ٿئي تہ انهيءَ صورت ۾ پٽ ساٿ ڏيندا آهن، پر الله تعاليٰ کي تہ موت ئي نہ آهي. هو سدائين جي لاءِ زنده ۽ سدائين بيهڪ وٺندڙ آهي. ڪيس ڪنهن بہ وارث جي ضرورت نہ آهي. هو هر شيءِ تي وس رکندڙ ۽ سگهارو آهي. ڪيس ڪنهن بہ مددگار جي ضرورت نہ آهي. هو مريم جو مڙس نہ آهي ۽ نہ ئي عيسيٰ؈ ان جو پٽ هو ۽ جيڪڏهن اهو الله جو جزو هجي ها تہ ان کي موت ئي نہ اچي ها. الله تعاليٰ جو ڪوبہ مٽ مائٽ ۽ برابري ڪرڻ وارو نہ آهي“.

هاڻي رهيو اهو سوال تہ جيئن تہ عيسيٰ؈ بنا پيءُ جي پيدا ٿيو تہ پوءِ پڪ سان سندن پيءُ خدا ئي هوندو. انهيءَ جو جواب هيءُ آهي تہ اهو الله جيڪو مٽيءَ مان آدم کي بنا پيءُ جي پيدا ڪري سگهي ٿو، جنهن ذڪريا؈ جهڙي ڪراڙي ۽ ان جي سنڍ زال کي اولاد ڏني سو انهيءَ ڳالهہ تي بہ وسوارو آهي تہ اهو ڪنهن عورت جي پيٽ مان بنا پيءُ جي پٽ پيدا ڪري. ان جو مطلب اهو بلڪل بہ نٿو ٿي سگهي تہ اهو الله جو پٽ آهي.

الله تعاليٰ جي عظمت ۽ قدرت جو ڪو ڪاٿو ئي نہ آهي. اهو ئي مئل زمين مان پوکون ۽ جيئري انسان ۾ مئل ٻچو پيدا ڪري ٿو. اهو ئي سائي وڻ مان باهہ پيدا ڪري ٿو، هو جيڪو گهري سو ڪري سگهي ٿو. اهو ئي مرڻ کان پوءِ، جڏهن توهان مٽيءَ سان ملي مٽي ٿي ويندؤ، بلڪل ئي وسارجي ويندؤ تڏهن هو توهان کي قيامت جي ڏينهن ٻيهر اٿاريندو. ڏسو اهڙي قسم جو قصو توهان جي ئي ڪتابن ۾ بہ غار وارن ۽ سندن نالي واري ڪتبي جي باري ۾ بہ ذڪر ٿيل آهي تہ سوين سال مئل رهڻ کان پوءِ ڪيئن جيئرا ٿي پيا (سورت ڪهف)، تہ پوءِ هنن ڳالهين تي حيرت ۾ پوڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ الله تعاليٰ تہ مئلن کي جيئرو ڪندڙ آهي. پوءِ ڇا هو اهو نٿو ڪري سگهي تہ ڪنهن کي


www.sindhsalamat.com

بنا پيءُ جي پيدا ڪري سگهي. تنهن ڪري اهو چوڻ ته عيسيٰؑ جي پيءُ جو نالو قرآن ۾ نه آيو آهي، جڏهن ته انهيءَ سان ملندڙ جلندڙ تعليم انجيل ۾ به آهي، ته پوءِ توهان انهيءَ ملندڙ جلندڙ آيت ڪي مڃي اهو نتيجو ڪڍو ٿا ته عيسيٰ جو پيءُ الله هو: ايئن چوڻ بلڪل ئي غلط ڳالهه آهي. توهان هن ملندڙ جلندڙ آيت کي ته مڃيو ٿا، پر هن ڇٽي آيت کي ڇو نٿا مڃو جنهن ۾ ڇٽيءَ طرح چيو ويو آهي ته الله تعاليٰ نه ڪنهن جو پٽ آهي ۽ ئي وري هو ڪنهن جو پيءُ آهي؟

## (2) سورت الملڪ:

قريش جا مشرڪ ماڻهو سمجهندا هئا ته انهن ديوين کي ڳجهه جي ڄاڻ هوندي آهي، ۽ شيطان انهن کي اهي ڳجهه جون ڳالهيون ٻڌائيندو آهي. هن سورت ۾ انهن کي چيو ويو آهي ته ڳجهه جي ڄاڻ الله کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي به نه آهي. توهان جون ديويون، توهان جي جادوگرن ۽ شاعرن مان ڪنهن کي به ڳجهه جي ڄاڻ حاصل نه آهي. اهي معبود جن کي توهان سڏيو ٿا، سي ڪنهن به شيءِ جا خلقيندڙ نه آهن، تنهن ڪري اهي توهان جو سڏڻ نٿا ٻڌي سگهن.

هن سورت ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته ڪائنات ۾ ايتري ته ڪامليت آهي جو انسان کي انهيءَ ۾ ڪٿي به ڪا اوڻائي نظر نٿي اچي سگهي. ائين ئي انسان جا عمل ۽ انهن جا نتيجا به هر حال ۾ ظاهر ٿيڻا آهن. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته ٻنهي جي وچ ۾ ڪا به اوڻائي نه اچي. تنهن ڪري انهن ديوتائن جي بدران الله تعاليٰ جي پوڄا ڪريو، جيڪو هيشه جيئرو ۽ هميشه بيهڪ ونندڙ توڙي ۽ علم وارو ۽ هر شيءِ جي خبر رکندڙ به آهي.

هن سورت جي اندر دوزخ جو هنيانءُ ڏاريندڙ نقشو چٽيو ويو آهي. هن ۾ رحمان جو لفظ به ڪيترائي دفعا آيو آهي.

## (3) سورت حم الاحقاف:

هن سورت مبارڪ ۾ قرآني تعليم کي تورات جي تعليم جهڙو ڏسيو ويو آهي ۽ انهيءَ کي نيڪو ڪارن جي لاءِ خوشخبري (انجيل) سڏيو آهي. خوشخبري جو لفظ عيسائي تعليم جو لفظ آهي. قرآن هتي للڪاريو آهي ته جيڪڏهن توهان سچا آهيو ته هن جهڙي تعليم ٺاهي ڪٽي اچو. اصل ۾ قريش جي انڪار ڪندڙن جي اڳيان ٽي ڳالهيون هيون، جن کي ڪوڙو ڪري اهي پنهنجي پراڻي ۽ ابن ڏاڏن واري مذهب کي تحفظ ڏيڻ گهرن پيا.

1. پهريون اهو ته الله تعاليٰ اڪيلو ۽ بي مثل نه آهي. اهي سندس قدرت ۾ ارادي ۾ شيطانن، جنن، ديوين ۽ ديوتائن کي به ڀائيوار سمجهندا هئا.
2. الله تعاليٰ پنهنجا پيغام شيطانن ۽ جنن جي ذريعي ئي موڪليندو آهي. ڇو ته اهي سندس بادشاهت ۽ سگهه ۾ ڀائيوار آهن. انهيءَ ڪري انهن وٽ قرآن به يا ته شيطاني ڪلام آهي يا وري پنهنجو پاڻ ٺاهيل آهي. انهيءَ ڪري رسول الله ﷺ الله جا رسول نه آهن.
3. اهي چوندا هئا ته اسان جي شيطانن سدائين اسان کي اهو ٻڌايو آهي ته جيڪو وٽيو سو ڪريو، ظلم، بدلي ۽ ٻڻ ٻٽياد وغيره تي وڏائي ڪريو. ڪابه اهڙي قوت نه آهي، جيڪو ٻيهر پيدا ڪري سزا ڏئي سگهي. مطلب ته اهي ڪنهن به طرح سان عملن جي بدلي واري ڏينهن ۽ حاڪمن جي حاڪم کي مڃڻ جي لاءِ تيار نه هئا. انهن جو مطالبو هو ته جيڪڏهن ڪا اهڙي طاقت آهي، ته انهيءَ جي ڪا ثابتي (نشاني) ڪٽي اچو ته انهيءَ ئي توهان کي موڪليو آهي.

**پاڻ ڪريم ﷺ هر دفعي قرآني جواب ڏنا ۽ ٻڌايو ته:**

1. جيڪڏهن ڪائنات جو خلقيندڙ هڪ الله نه هجي ها ۽ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ خدا هجن ها ته تمام وڏو بگاڙ (Ghoas) پيدا ٿي وڃي ها ۽ هيءَ ڪائنات (Cosmos) صحيح سلامت نه رهي سگهي ها.
2. جيڪا هستي پهريون ڀيرو خلقي سگهي ٿي، ته اها ٻيهر به خلقڻ تي وسواري آهي. انهيءَ ڪري مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿي اٿڻ هڪ پڪي ڳالهه آهي.
3. جيڪڏهن جادوگر ۽ ڀوپا شيطان جا قاصد ٿي سگهن ٿا، ته پوءِ ڇا جي ڪري نبي ۽ رسول الله تعاليٰ جا قاصد نٿا ٿي سگهن؟
4. الله جي وجود جو اهو ئي ثبوت آهي ته اهو هر شيءِ جو خلقيندڙ آهي ۽ سيني ديوتائن ۽ شيطانن ڪابه شيءِ نه خلقي آهي. اهي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي سگهه کان به محروم آهن. اها ئي الله تعاليٰ جي وجود جي آيت (نشاني ۽ معجزو) آهي.
5. جهڙي ريت جادوگرن ۽ ڀوپن جو ڪلام پنهنجي بڇڙي تعليم جي ڪري شيطاني ڪلام ثابت ٿئي ٿو، ۽ اها ئي ان جي آيت (نشان يا ثابتي) آهي؛ اهڙي ئي ريت الله تعاليٰ جي رسولن جو ڪلام انهن جي سٺي تعليم جي ڪير رحماني ثابت ٿيندو آهي. اها ئي شيطاني ۽ رحماني ڪلام جي نشاني آهي. اها ئي اها ڪسوٽي آهي، جنهن تي اها پرک ڪري


Sindhica Academy, Karachi

www.sindhsalamat.com

سگهجي ٿي ته ڪري شيطان جو قاصد آهي ۽ ڪير الله جو رسول آهي.

قرآن ڪريم ٻڌايو آهي ته هيءَ تعليم قرآن جي ذريعي ڏني پئي وڃي. پهرين صحيفن ۾ به اها ئي تعليم ڏني وئي هئي. جيئن ته رسول الله ﷺ پاڻ به فرمايو آهي ته مان ڪو ٻين کان الڳ ٿلڳ رسول نه آهيان "اِيْتُوْنِيْ بِكِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ هٰذَآ اَوْ اَثٰرَةٍ مِّنْ عِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" *(الاحقاف:4)*

هن سورت جي نازل ٿيڻ وقت ايمان آڻيندڙن کي ايذائڻ جو عمل پنهنجي اوج تي هو. انهيءَ ڪري نبي ڪريم ﷺ کي چيو ويو آهي ته هو پهريان اچڻ وارن مضبوط ارادن وارن رسولن وانگر صبر ڪن، جهڙي طرح حضرت عيسيٰؑ کي ايذايو ويو ۽ انهن صبر ڪيو.

قرآن ٻڌايو آهي ته ڳجهه جون خبرون آڻيندڙ ساهه واري مخلوق ٻن قسمن جي آهي. هڪڙا ملائڪ آهن جيڪي نور جا خلقيل آهن. ٻيا جن آهن جيڪي باهه مان پيدا ٿيل آهن. ملائڪن وانگر اهي به اسان جي اکين کان اوجهل رهن ٿا. ڪي جِنَ ايمان وارا به هوندا آهن. هن سورت کان پهريان چيو ويو هو ته جنن کي ڳجهه جي ڄاڻ نه هوندي آهي، جڏهن ته هن سورت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته جنن جي هڪڙي ٽولي قرآن ٻڌو ۽ ان جي تصديق ڪئي، ان کي پلو ڪلام سڏيو ۽ چيو ته هي اهڙو ئي ڪلام آهي، جهڙو حضرت موسيٰؑ ۽ ٻين نبين تي نازل ٿيو هو. مقصد اهو آهي ته جڏهن جن به مڃين ٿا ته سنو ڪلام الله تعاليٰ ئي موڪليندو آهي، ته پوءِ انهن شيطان جي پوڄارين کي به مڃڻ گهرجي ته اهي به يوپي گيري ۽ جادوگري کي ڇڏي ڏين ۽ قرآن جي سچائي کي مڃين.

### (4) سورت الدخان:

هن سورت پاڪ ۾ انهيءَ واقعي جو ذڪر آهي، ته جڏهن قريش جي انڪار ڪندڙن جا مسلمانن مٿان ايذاءَ تمام ئي سخت ٿي ويا ته رسول الله ﷺ دعا ڪئي ته حضرت يوسفؑ جي زماني جهڙو ڏڪر پيدا ڪر ته جيئن هي ماڻهو سنئين وات تي اچي وڃن. آخرڪار سخت ڏڪر پيدا ٿي ويو جيڪو ايترو ته سخت هو جو ابوسفيان جي اڳواٽي ۾ قريش جي سردارن جو وفد رسول الله ﷺ وٽ آيو ۽ ڏڪر جي خاتمي جي لاءِ دعا جي لاءِ عرض ڪيو، پر ان جي باوجود به اهي اڳي وانگر مخالفت، ٺٺوليون ڪندا ۽ ايذاءَ ڏيندا رهيا.

هن سورت ۾ فرعون جو مثال ڏنو ويو آهي ته هُن حضرت موسيٰؑ جي مخالفت ڪئي ۽ بني اسرائيل کي پوءِ به غلام بڻائي رکيو. نتيجي ۾ ڪيس درياءَ ۾ ٻوڙيو ويو. انهيءَ مثال سان قريشن کي خبردار ڪيو ويو آهي ته محمد


Sindhica Academy, Karachi

ﷺ جي مخالفت جي ڪري توهان جو حشر به فرعون جهڙو ئي ٿيندو.

قيامت جي ڏينهن جي اچڻ جو هڪڙو دليل هيءُ به آهي ته هن عقيدي کان سواءِ انساني نفس ۾ سٺن اخلاقن جو پيوست ٿيڻ ممڪن ئي نه آهي. ٻيو اهو ته ڪائنات ڪا راند نه آهي، پر هڪ حڪيماڻي نظام ۽ هڪ مقصد هيٺ وجود ۾ آئي آهي. قيامت جي لاءِ جلدي نه ڪريو، ڇو ته اها پنهنجي وقت تي ضرور ايندي ۽ عملن جو حساب ڪتاب ڪيو ويندو.

### (5) سورت اخلاص:

هن سورت ۾ ڳالهه ٻولهه گهڻو ڪري عيسائين سان آهي، جيڪي حضرت عيسيٰؑ کي الله جو پٽ مڃيندا هئا. انهيءَ ۾ شرڪ جي هر شڪل کي رد ڪيو ويو آهي.

### (6) سورت الصف:

هن سورت پاڪ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته قرآن حق جو ڪلام آهي ۽ ڪو جادو نه آهي. حضرت محمد ﷺ نه شاعر آهي ۽ نه ئي ڪو جن جو اثر ٿيل اٿس، پر هي ته حضرت ابراهيمؑ جي تعليم ڏئي ٿو. جن سان توهان پنهنجو نسبي لاڳاپو قائم ڪريو ٿا ۽ ان تي فخر ڪريو ٿا، جنهن ۾ بت پرستي هڪ ڏوهه آهي. حضرت ابراهيمؑ سيني بتن کي ڀڃي ڇڏيو هو ۽ الله تعاليٰ جي راضپي جي لاءِ پنهنجي پٽ کي قربان ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويو هو. تاريخ شاهد آهي ته توهان کان پهريان نوحؑ، موسيٰؑ، هارونؑ، الياسؑ، يونسؑ ۽ لوطؑ جهڙن نبين جون قومون پنهنجي انڪار ۽ وڏائي جي ڪري تباهه ۽ برباد ٿي چڪيون آهن. محمد ﷺ جي مخالفت جو نتيجو به اهو ئي ٿيندو. جنهن عذاب جي لاءِ توهان تڪڙ لائي ڏني آهي سو جلد ئي توهان جي سامهون اچي ويندو ۽ محمد ﷺ توهان جي مٿان سوڀارو ٿي ويندو. جيئن ته ڳالهه ٻولهه عيسائين سان ٿي رهي آهي، انهيءَ ڪري بائيبل ۽ انجيل ۾ آيل نبين جو ذڪر ڪري عيسائين کي ٻڌايو پيو وڃي ته شرڪ کي ڇڏي، محمد ﷺ تي ايمان آڻيو جيڪو انهن ئي نبين جي تعليم ڏئي رهيو آهي جن کي توهان سچاڻو ٿا ۽ توهان جي ڪتابن ۾ انهن جو ذڪر موجود آهي.

### (7) سورت السجده:

هن سورت ۾ دليلن سان الله تعاليٰ جي هستي، قيامت جي ڏينهن ۽ قرآن حڪيم جي الله تعاليٰ وٽان نازل ٿيل هجڻ جا دليل آهن. عيسائين کي


www.sindhsalamat.com

ٻڌايو ويو آهي تہ جهڙي طرح موسيٰ جو ڪتاب حق پرستي سيکاري ٿو، اهڙيءَ ئي طرح قرآن بہ الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ۽ ڀلائيءَ جي تعليم سيکاري ٿو. هن سورت ۾ انسان اندر خدائي روح جي ڦوڪجڻ جو ذڪر آهي، جنهن جي ڪري انسان ٻي هر مخلوق کان الڳ حيثيت اختيار ڪري ويو ۽ انسان جي اندر علم، فڪر، سمجهہ، ارادي، فيصلي ۽ اختيار جهڙا گڻ پيدا ٿي پيا. تنهن ڪري انهن گڻن کان ڪم وٺي انهيءَ تعليم کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو، جيڪا محمد ﷺ ڏئي رهيا آهن.

## (8) سورت مريم:

هن سورت جي نازل ٿيڻ کان پوءِ حبشہ جي ٻي هجرت ٿي. هن ۾ لفظ رحمان هر هر آيو آهي ۽ رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ مان رحمان کي مڃان ٿو ۽ عيسيٰؑ وانگر خوشخبري ڏيندڙ آهيان ۽ پڪ سان الله تعاليٰ ۾ هيءَ طاقت آهي تہ نہ رڳو هڪ سنڍ عورت کي ئي پٽ ڏي، پر هو ڪنواري عورت کي بہ پٽ ڏئي سگهي ٿو.

**حبشہ ڏانهن ٻي هجرت:**

جڏهن مڪي جا مهاجر واپس آيا تہ انهن ڏٺو تہ پاڻ ڪريم ﷺ سان ڪنهن بہ قسم جو ٺاهہ نہ ٿيو آهي. مڪي وارا اڳي وانگر رحمان ۽ قيامت جي ڏينهن جو انڪار ڪري رهيا آهن انهيءَ ڪري وڏي حج جي موسم (ذي الحج 5 نبوي) ۾ اصحابي سڳوارا ٻيهر حبشہ جي سردارن جي قافلي سان گڏجي هجرت ڪري ويا. محرم 6 نبوي تائين ٽرياسي (83) مرد ۽ ٻارنهن عورتون ۽ ٻار حبشہ پهچي ويا هئا. هن دفعي انهيءَ جماعت جو اڳواڻ حضرت جعفر بن ابي طالب رضہ هو. انهن سڀني ماڻهن کي اهو قرآن ياد هو، جيڪو انهيءَ زماني ۾ نازل ٿيو هو. انهيءَ ۾ گهڻو ڪري انهيءَ سچي عيسائي تعليم جو ذڪر هو، جنهن هيٺ قرآن مجيد توريت ۽ انجيل کي بہ هدايت جو نور ٻڌايو آهي.

نجاشي جي درٻار ۾ حضرت جعفر بن ابي طالب مسلمانن جي طرفان تقرير ڪئي. انهيءَ ۾ سورت مريم جي تلاوت ڪئي جنهن کي ٻڌي ڪري پادري ويندي نجاشي بادشاهہ بہ روئي ڏنو. انهن مڪي جي ڪافرن جي مقابلي ۾ هي لفظ چيا تہ هُو عَبۡدالله "وَ رَسُوۡلُه وَ رُوۡحَه وَ ڪَلِمَتَه اَلۡقَاهَا اِلٰی مَرۡيَمَ الۡعَذۡرا الۡبَتُول" نجاشي اهو ٻڌي ڪري مڪي وارن جي وفد جا تحفا واپس ڪري ڇڏيا ۽ مسلمانن کي پناهہ ڏني.

عام ماڻهن جو اهو خيال غلط آهي تہ نبي ڪريم ﷺ ۽ مڪي وارا


Sindhica Academy, Karachi

اهو نہ ڄاڻيندا هئا تہ دنيا ۾ ڪهڙيون قومون آباد آهن ۽ انهن جي دينن جو ڪهڙو ڪلمو آهي. حقيقت اها آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن دينن جي حقيقت کي سمجهي ورتو هو. قرآن ڪريم ۾ انهن دينن جو جيڪو ذڪر آيو آهي، سو انهيءَ جي ڪري تفصيلي نہ آهي تہ جن ماڻهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ٿي وئي سي انهن دينن جي تفصيلن کان آگاهہ هئا. جيئن تہ قرآن بنيادي ڳالهين ڏانهن متوجهہ ڪرائڻ گهري پيو، انهيءَ ڪري هن عيسيٰؑ جي خدائي جو بلڪل انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ان جي سوريءَ چاڙهڻ کان پوءِ جي باري ۾ نہ ٻڌايو تہ اهو ڪيڏانهن ويو.

حضرت ابوبڪرؓ بہ هجرت ڪري ويو هو، پر رستي ۾ ڪيس ابن الرغنہ جيڪو بنو قاره جو سردار هو، مليو ويو ۽ اهو ڪيس پنهنجي پناهہ ۾ واپس مڪي وٺي آيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ حضرت ابو بڪرؓ ان جي انهيءَ پناهہ کي واپس ڪري ڇڏيو ۽ الله تعاليٰ جي ڀروسي تي صبر ۽ بردباريءَ سان، الله جي واٽ ۾ جيڪا تڪليف آئي، انهيءَ کي سهندو رهيو.

## ڪليل طرح تبليغ جو ٽيون سال ٦ نبوي:

مڪي ۾ ڪليل طرح تبليغ جا ٽي سال پورا ٿي ويا هئا. وڏي حج جا جنهن آيا ۽ واپارين ۽ زيارتين جي ساڳي ئي موڙي رهي. انهيءَ ڪري معاشي تنگي ۽ عام بد امني قريشن جي پريشاني کي اجا بہ وڌائي ڇڏيو. شام ۽ عراق جون بازاريون بند پيون هيون. هاڻي حبشہ وارن سان بہ نفرت وڌي وئي هئي. انهن حالتن ۾ جيڪا ڪاوڙ ۽ ڪروڌ پيدا ٿي رهيو هو سو سڀني مسلمانن تي تمام گهڻي ظلم ۽ زيادتين جي شڪل ۾ لاٿو ٿي ويو. انهيءَ دؤر ۾ ڪجهہ اهڙا واقعا بہ ٿيا، جيڪي اسلام جي ايندڙ تاريخ ۾ تمام وڏي اهميت اختيار ڪري ويا؛ مثال طور وحي ۽ رسالت، نبين جي پاڪدامني، معجزو ۽ قرآن جو شان وغيره، هن سورت جي اندر قرآني لفظن ۾ انهن مسئلن جو جواب ڏنو وڃي ٿو.

## (9) سورت الطور:

(للڪار تہ رڳو قرآن ئي معجزو نہ آهي، پر سڀئي خدائي ڪتاب بہ معجزو آهن)

سورت الطور ۾ آخرت ۽ عملن جي جزا ۽ سزا کان سواءِ جيڪا نئين تعليم ڏني وئي آهي، سا مڪي جي ڪافرن جي لاءِ للڪار آهي تہ اهڙو ڪلام آڻيو، جيڪو هن جهڙو هجي. اها للڪار سڀني يوپن، جادوگرن ۽ شاعرن جي لاءِ هئي.


www.sindhsalamat.com

پاڻ ڪريم ﷺ دنيا وارن کي پهريون دفعو ٻڌايو ته ڳجهه جي ڄاڻ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي به نٿي ٿي سگهي ۽ اهو ئي جنهن ٻانهي لاءِ گهري، انهيءَ تي مهرباني ڪري ڳجهه جي ڳالهين کي ظاهر ڪري ٿو. موجوده سائنس ۽ فلسفي جي ڄاڻ رکندڙن انهيءَ ڳالهه کي يڪراءِ مڃيو آهي ته قدرت جي قانونن جو انڪشاف (ظاهري طرح) سوچ ويچار سان نٿو ٿئي پر اوچتو ئي اوچتو هڪ انسان تي الهامي طريقي يا لاشعوري نفسياتي واقعي جي طور تي قدرت جو ڪو راز ظاهر ٿي ويندو آهي، پوءِ پلي اهو باهه جو ساڙڻ هجي، يا ٻاف سان انجڻ بنائڻ يا ذرڙن (Atoms) کي تحليل ڪري انهيءَ مان ايٽم بم ٺاهڻ هجي. ڊاڪٽر سوروڪن پنهنجي مقالي ۾ ٻڌايو آهي ته جن سائنسدانن ۽ فلسفين کان انٽرويو ورتو ويو آهي، انهن مان 83 سيڪڙو ٻڌايو ته انهن جي سموري ڄاڻ انهن جي ذاتي سوچ ويچار جو نتيجو نه آهي. وليم جيمز به پنهنجي ڪتاب ”نفسيات واردات روحاني“ ۾ اهڙا ئي اشارا ڏنا آهن.

مڪي جي ڪافرن جڏهن خيال ڪيو ته هاڻي محمد ﷺ کي ڪيئن تنگ ڪيو وڃي ته آخرڪار انهن چوڻ شروع ڪيو ته قرآن به اسان جي پوپن ۽ جادوگرن جهڙي تعليم آهي جيڪا هو جنن ۽ شيطانن کان سکي اسان کي ٻڌائي ٿو. تنهن ڪري قرآن هڪ شيطاني ڪلام آهي ۽ ان جو آڻيندڙ شاعر يا پوپو آهي. رسول الله ﷺ کين انهيءَ جي جواب ۾ چيو ته ڳجهه جو علم جنن ۽ شيطانن کي نه هوندو آهي. جيڪڏهن ٿي سگهي ها ته اهو به قرآن جي تعليم جون ڳالهيون هجن ها، جنهن جو مطلب آهي ته هڪڙي اڪيلي الله جي عبادت ڪريو. مرڻ کان پوءِ عملن جي پڇاڻي جي لاءِ توهان وري جيئرا ڪيا ويندؤ ۽ فيصلي کان پوءِ جنت يا دوزخ ۾ ويندؤ.

ڳجهه جون اهي ڳالهيون الله تعاليٰ ئي پنهنجي رسولن جي ذريعي مختلف قومن کي ٻڌائيندو آهي. جيئن ته هن وقت تائين هن طرح جي ڳجهه جون ڳالهيون ٻڌائڻ وارو توهان جي قوم ۾ نه آيو، انهيءَ ڪري جيڪڏهن ٻيو ڪو پوپو يا شاعر ان قسم جي دعويٰ ڪندڙ آهي ته هو پنهنجو ڪلام، جيڪو منهنجي ڪلام جهڙي تعليم ڏيندڙ هجي، پيش ڪري.

مشرڪ انهيءَ للڪار کي ٻڌي لاجواب ٿي ويا. هن سورت ۾ چيو ويو آهي ته قرآن به تورات وانگر هڪ زندگيءَ جو قانون آهي. هن ۾ به قديم خدائي ڪتابن وانگر رڳو الله جي ٻانهپ ۽ مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ تي زور ڏنو ويو آهي. عرب ۾ جيئن ته ڪو به نبي نه آيو هو، انهيءَ ڪري اهڙي قسم جي تعليم پهريان کان موجود ڪو نه هئي، انهيءَ ڪري مشرڪ اهڙي قسم جي تعليم پيش


Sindhica Academy, Karachi

ڪرڻ کان بيوس هئا. جيئن ته شيطاني تعليم ۾ الله تعاليٰ جي ٻانهپ، مرڻ کان پوءِ واري زندگي، قيامت جي ڏينهن ۽ نيڪ عملي جو ڪو به ذڪر نه هو، اها ڳالهه انهيءَ ڳالهه جو ثبوت آهي ته قرآن الله تعاليٰ جي طرف کان آهي، شيطان جي طرفان نه آهي. انهيءَ ڪري ئي اها تعليم مڪي جي مشرڪن جي لاءِ هڪ معجزو هئي.

مڪي جا مشرڪ هيئنئن به چوندا هئا ته هيءَ تعليم پاڻ ڪريم ﷺ پنهنجي دليون گهڙي آهي. قرآن ڪريم انهيءَ ڳالهه جو جواب هن طرح ڏنو ته اها تعليم انهيءَ خالق جي طرف کان وحي ڪئي وئي آهي، جنهن نه رڳو زمين ۽ آسمان جوڙيا، پر انسان کي به پيدا ڪيو ۽ انهيءَ کي ٻڌڻ جي سگهه عطا ڪئي. اصل ۾ مشرڪ به اهو ئي سمجهندا هئا ته هيءُ خدائي ڪلام آهي، شيطاني ڪلام نه آهي. پر اهي ابترو ته ضد ۾ اچي ويا هئا، جو جيڪڏهن اهي آسمان کي ڪرندو ڏسن ته به چون ته هيءُ ته ڪڪر جو ٽڪرو آهي.

وحي انساني ڪوشش سان حاصل نه ٿيندي آهي، پر اهو خدائي ڪرم نوازي آهي. اها ڪرم نوازي هر قوم ۽ ملڪ ۾ سدائين ٿيندي رهي آهي. عرب ۾ حضرت اسماعيل[4] کان پوءِ ڪو به نبي نه آيو جيڪو انهن کي توحيد الاهي ۽ جنت جي خوشخبري ڏئي. مشرڪن جو خيال هو ته ڪجهه عيسائي، جيڪي مڪي ۾ ڪم ڪندا هئا، ته اهل ڪتاب وارن جا قصا پاڻ ڪريم ﷺ کي ٻڌايا آهن ۽ پاڻ وري انهن کي عربي ٻوليءَ ۾ بيان ڪري ڇڏين ٿا. پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو ته بيشڪ اهي اهل ڪتاب انهن قصن کي عجمي ٻوليءَ ۾ بيان ڪندا آهن، پر اهي ڳالهيون انهن جون پنهنجو هٿ ٺوڪيو نه آهن. قرآن وري وري مڃي ٿو ته توريت ۽ انجيل الله جون ڏنل هدايتون آهن. انهن ئي ڳالهين کي مان عربي ٻوليءَ ۾ بيان ڪريان ٿو، ڇو ته ٻنهي جو بنياد هڪ ئي آهي. جيئن ته عرب وارا عجمي ڪلام سمجهي نٿا سگهن، انهيءَ ڪري انهيءَ آڳاٽي تعليم کي وحي جي ذريعي عربي ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

## (10) سورت صٓ:

هن سورت مبارڪ ۾ هيءَ ڳالهه بيان ڪئي وئي آهي ته نبين کان به انسان هجڻ جي حيثيت ۾ اجتهادي غلطي ٿي سگهي ٿي، پر انهيءَ جو احساس ٿيندي ئي الله تعاليٰ ڏانهن موٽي ڪانئس معافي گهري وڃي ته الله تعاليٰ معاف ڪري ڇڏي ٿو. ائين ئي نبي ڪريم ﷺ ڪافرن جي ٺٺولين ڪرڻ ۽ تڪليفون ڏيڻ واري زماني ۾ گهريو ته شفاعت واري معاملي ۾ هڪ وچٿري


www.sindhsalamat.com

واٽ نڪري اچي ۽ قريش جيڪر مسلمان ٿي وڃن ته سٺو ٿيندو. پر الله تعاليٰ کين انهيءَ غلطي ڪرڻ کان بچائي ورتو.

ائين ئي حضرت يونسؑ کان به غلطي ٿي وئي هئي، پر احساس ٿيندي ئي هن پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽ ڪئي ۽ پنهنجي غلطي مڃي ورتي. حضرت سليمانؑ کان به دولت جي محبت ۾ غلطي ٿي وئي هئي، جو پاڻ پنهنجي ولي عهد کي صحيح طرح سان سکيا نه ڏئي سگهيو ۽ نه ئي پنهنجي قوم ۾ اتحاد جي سلسلي ۾ انهن جي تربيت ڪري سگهيو. هن به پنهنجي غلطيءَ کان توبه ڪئي ته الله تعاليٰ ڪيس به معاف ڪري ڇڏيو. پر سندس ولي عهد بيڪار ماڻهو هو، جو حضرت سليمانؑ جي مرڻ کان پوءِ جڏهن هو حڪومت ڪرڻ لڳو ته ڏهه قبيلا باغي ٿي الڳ ٿي ويا ۽ هڪڙو غلام بادشاهه بڻجي ويهي رهيو. هاڻي رڳو ٻن قبيلن جي يهودي بادشاهت رهجي وئي، جنهن کي بابل ختم ڪري ڇڏيو.

اهڙي طرح حضرت ايوبؑ کان به غلطي ٿي وئي هئي. شيطان ان کي آزمائش ۾ وڌو، پر پاڻ ثابت قدم رهيا ۽ الله تعاليٰ ان جي مدد ڪئي. ان کان پوءِ وارين سورتن ۾ ٻڌايو ويو ته شيطان سدائين ورغلائيندو رهندو آهي، پر غلطي ٿي وڃڻ کان پوءِ، جيڪڏهن سچي دل سان آئينده اهڙي غلطي نه ڪرڻ جو عهد ڪيو وڃي ته الله تعاليٰ معاف ڪري ڇڏيندو آهي.

## (11) سورت الحجر:

نبي ڪريم ﷺ کي دعوت ڏيندي وڏو عرصو گذري ويو ۽ قريشن جو مسلمانن سان ڪينو، ٺٺوليون ڪرڻ، انهن جي رستي روڪ ۽ ظلم ۽ زيادتين ۾ تمام گهڻو واڌارو ٿي ويو. هاڻي ڳالهه سمجهائي جي بدران فهمائش واري حالت کي پهچي چڪي هئي. انهيءَ ڪري منهن موڙڻ جو حڪم ٿيو.

قرآن ٻڌايو ته محمد ﷺ المنذر (ڊيڄاريندڙ) آهن. پاڻ ڳجهه جي هيءَ سڀ کان وڏي خبر ڏين ٿا ته الله "الواحد القهار" آهي، جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو به عبادت جي لائق نه آهي. هو ٻيهر جيئرو ڪندو ۽ نيڪ ماڻهن کي جنت ۾ جاءِ ڏيندو ۽ شيطان ماڻهن کي دوزخ ۾ سخت عذاب ڏيندو.

اهو سمجهي ڇڏيو ته الله تعاليٰ جي سچار ٻانهن تائين شيطان جي پهچ نه آهي. نه شيطان کي ڳجهه جي ڄاڻ حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ نه ئي قرآن ۾ شيطاني القاء کي ڪنهن طرح جو ڪو دخل آهي. قرآن جزا ۽ سزا جي باري ۾ جيڪو ڪجهه چوي ٿو، سو لازمي ٿيڻو آهي، انهيءَ ۾ ڪا به تبديلي نٿي اچي سگهي. اهو خدا جو قانون آهي. ياد رکو ته نيڪيءَ جا ڪم ڪرڻ ۽ شرڪ کان


Sindhica Academy, Karachi

بچڻ سان ئي الله تعاليٰ جو ديدار نصيب ٿيندو.

انهيءَ ڪري اي هادي! جيڪو ڪجهه چيو پيو وڃي، انهيءَ کي چٽو ڪري بيان ڪر ۽ پنهنجي پالڻهار جي تعريف ۽ واکاڻ ۾ وقت گذار ۽ مڪي جي مشرڪن کان منهن موڙ.

هن سورت ۾ به نبين سڳورن جو ذڪر آهي ۽ انهن جي نافرماني ڪرڻ واري قوم جي بربادي جو نقشو چٽيو ويو آهي. ان سان گڏوگڏ اهو به چيو ويو آهي ته انسان جيتوڻيڪ ڪني ٺيل مٽي (Mud) مان پيدا ڪيو ويو آهي، پر هن ۾ خدائي روح به موجود آهي. انهيءَ ڪري هو پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهي ته هو مٽيءَ ڏانهن وڃي ته خدائي روح ڏانهن پرواز ڪري.

هن ۾ چيو ويو آهي ته الله تعاليٰ رسول الله ﷺ کي "سَبۡعًا مِّنَ الۡمَثَانِيۡ" *(سورت فاتحه)* جنهن جو ست آيتون نماز جي هر رڪعت ۾ پڙهيون وينديون آهن ۽ "قُرۡاٰنَ الۡعَظِيۡمَ" ڏنو آهي. (مثاني اصل ۾ خدائي ڪتابن ۾ به هر هر ورجائي ويندڙ تعليم آهي) قرآن سڀني خدائي ڪتابن جي تعليم رکندڙ ۽ انهن جو نچوڙ آهي.

## (12) سورت الڪهف:

حبش جي ٻي هجرت کان پوءِ ڳالهه جو رخ عيسائين کان قري مڪي جي مشرڪن ڏانهن ٿي ويو هو ۽ انهن جي اعتراضن جا جواب ڏنا ويا هئا. سورت طور، سورت صٓ، سورت الحجر ۾ قرآن جو شان، نبين جي پاڪدامني، معجزي ۽ وحي ۽ رسالت تي مشرڪن جي اعتراضن جو جواب ڏنو ويو هو. هن سورت ۾ ڳالهه جو رخ وري عيسائين ڏانهن ٿي ويو ۽ دين جي هيڪڙائي واري عظيم حقيقت کي وائکو ڪيو ويو آهي.

ڪافرن کي چيو ويو ته هيءُ قرآن به توريت وانگر زندگيءَ جو قانون آهي. الله تعاليٰ ڪنهن کي به پنهنجو پٽ نه ڪيو آهي، پر هو جيئن گهري تيئن ڪري سگهي ٿو. مثال طور غار وارن کي سوين سالن تائين موت ڏئي وري جيئرو ڪري ڇڏيو. ڪافر گهرندا آهن ته مان قرآن جي دليلن کي بدلائي ڇڏيان، ائين بلڪل به نٿو ٿي سگهي. الله تعاليٰ جيئرو ڪرڻ تي وسوارو آهي. ياد رکو ته خدا جا ڪلما (قانون) ڪڏهن به بدلجي نٿا سگهن.

توهان جنن (۽ لات، منات، عزيٰ وغيره) کي پنهنجو شفاعت ڪندڙ مڃو ٿا. پوءِ ابليس به هڪ جن هو. جيئن هو انسان جو دشمن ۽ ان کي گمراهه ڪرڻ وارو هو، تيئن انهن ديوين به توهان کي گمراهيءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي.


www.sindhsalamat.com

اهي توهان جي شفاعت بلڪل نٿيون ڪري سگهن. اهو خدائي قانون آهي ته ديويون هجن يا عيسيٰ ؑ ۽ مريم، ڪنهن مخلوق جي پوڄا توهان جي ڪم نه ايندي. ڪوبه توهان جي سفارش نه ڪري سگهندو. قيامت جي ڏينهن اهي سڀئي توهان خلاف شاهدي ڏيندا.

تنهن ڪري نيڪ عملن سان گڏوگڏ شرڪ کان به پاڻ بچايو ڇو ته ٻنهي ۾ پاڻ ۾ ٻاهه جيترو اختلاف آهي. هن سورت ۾ مڪي جي مشرڪن جي ٽن سوالن جا جواب ڏنا ويا آهن. اهي سوال نبي ڪريم ﷺ جو امتحان وٺڻ جي لاءِ اهل ڪتاب (يهودي ۽ عيسائي) صلاح ڪري ڪيا هئا. پهريون سوال اهو هو ته غار وارا ڪير هئا؟ ٻيو ته خضر ؑ جي حقيقت ڇا آهي؟ ۽ ٽيون ذوالقرنين جو قصو ڪيئن آهي؟ رسول الله ﷺ نه رڳو انهن سوالن جا جواب ڏنا، پر مڪي ۾ ڪفر ۽ اسلام جي وچ ۾ جيڪا اٽڪَٽ هئي، انهيءَ تي انهن سوالن کي منطبق ڪري ڇڏيو. انهن کي چيو ويو ته:

1. غار وارا انهيءَ ئي توحيد جي قائل هئا، جنهن جي دعوت قرآن ڏئي رهيو آهي. جيڪڏهن انڪارن ڪندڙن جو حد کان وڌيڪ غلبو هجي ته هڪ مؤمن جو فرض آهي ته هو پنهنجي ايمان کي بچائڻ جي لاءِ اڪيلو ئي انهيءَ وسنديءَ مان نڪري وڃي.
   غار وارن جو سوين سالن ڪانپوءِ ننڊ مان اٿڻ مرڻ ڪان پوءِ واري زندگيءَ تي دليل آهي، جنهن جو توهان انڪار ڪري رهيا آهيو.
2. غار وارن جي قصي سان نبي ڪريم ﷺ کي هدايت ڪئي وئي آهي ته انهن ظالمن سان ڪنهن به قسم جو ٺاهه نه ڪريو، ۽ نه وري پنهنجي غريب ساٿين جي ڀيٽ ۾ انهن وڏن وڏن رئيسن ۽ سردارن کي اهميت ڏيو.
3. خضر ؑ جي قصي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته الله تعاليٰ جي مرضيءَ جو ڪارخانو جن مصلحتن هيٺ هلي رهيو آهي، انهن تان جيڪڏهن پردو ڪنيو وڃي ته توهان کي خبر پئجي ويندي ته هتي جو ڪجھ به ٿي رهيو آهي سو ٺيڪ ٿي رهيو آهي ۽ جيڪو توهان کي هر ڳالهه تي حيراني ٿئي ٿي سا ختم ٿي ويندي.
4. مڪي جي مالدار سردارن کي ٻڌايو پيو وڃي ته توهان پنهنجي ننڍڙي مالداري واري حيثيت تي آڪڙجي وڃو ٿا، پر ڏسو ته ذوالقرنين ڪيتري نه عظيم الشان بادشاهت ۽ وسيلن وارو هجڻ جي باوجود به پنهنجي اصليت کي نه وساريو ۽ پنهنجي خلقيندڙ جي اڳيان مٿو ٽيڪيندو هو. توهان پنهنجي خسيس گهرن ۽ ڌن دولت کي سدائين رهڻ وارو سمجهو


Sindhica Academy, Karachi

ٿا، پر ذوالقرنين هڪ مضبوط ڀت اڏڻ کان پوءِ به الله تي ڀروسو ڪيو ۽ چيو ته جڏهن الله گهرندو ته هيءَ مضبوط ڀت ٽٽي ويندي.

**حمزهؓ بن عبدالمطلب جو اسلام قبولڻ:** هڪ ڏينهن ابو جهل رسول الله ﷺ کي اڪيلو ڏسي تمام ئي سخت رويو اختيار ڪيو ۽ کين تمام گهڻو ستايو. حضرت حمزهؓ جڏهن شڪار تان واپس موٽيو ته ماڻهن ساڻس اها ڳالهه ڪئي. اهو ٻڌندي ئي هن ابوجهل کي حرم ۾ وڃي ڳولي لڌو ۽ هٿ ۾ جيڪا ڪمان هيس، سا ان جي مٿي ۾ اهڙو ته زور سان هنئي جو هُن کي ڦاڙ پئجي ويو ۽ رت وهڻ لڳس. ابوجهل جي ڌوهه ٻاسڻ جي ڪري جهيڙو ٽري ويو. حضرت حمزهؓ پنهنجي اسلام آڻڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ چيو ته مان بت پرستي ۽ شرڪ کان توبه ٿو ڪريان.

## (13) سورت طٰهٰ:

حضرت حمزه جي اسلام آڻڻ کان پوءِ هيءَ پهرين سورت آهي. انهيءَ ئي سورت جي تلاوت سان حضرت عمرؓ اسلام قبوليو هو. رسول الله ﷺ جن نيڪوڪارن کي نعمتن واري جنت جي خوشخبري ڏني هئي ۽ مشرڪن ۽ ظالمن، هٺ ۽ وڏائي ڪندڙ مالدارن ۽ طاغوتن کي خدائي عذاب کان ڊيڄاريو هو. انهن کي چيو هو ته گذريل قومون به توهان وانگر عملن جي بدلي جي پرواهه نه ڪنديون هيون. اهي به توهان وانگر ئي ظلم ۽ سرڪشي ۾ ڦاسڻ جي ڪري تباهه ۽ برباد ٿي چڪيون آهن. تنهن ڪري جيڪڏهن الله جي هيڪڙائي ۽ مرڻ کان پوءِ وري اٿڻ واري ڳالهه کي مڃي نيڪوڪاري نه اختيار ڪندؤ ته عاد، ثمود، فرعون ۽ لوط جي قومن وانگر توهان به تباهه ۽ برباد ٿي ويندؤ.

ڪافرن رسول الله ﷺ کان اهڙو نظر اچڻ وارو نشان (آيت) گهرڻ شروع ڪئي، جنهن سان ثابت ٿئي ته الله تعاليٰ هر شيءِ تي وسوارو آهي. انهن جي جواب ۾ رسول الله ﷺ فرمايو ته الله تعاليٰ جي قدرت ۽ طاقت جون آيتون (نشانيون ۽ دليل) هر پاسي پکڙيل آهن. اهو ئي آسمان کان پاڻي وسائي ٿو، انهيءَ ئي سڄي ڪائنات کي پيدا ڪيو آهي، اهو ئي حقيقي ۽ عدل ۽ انصاف ڪندڙ بادشاهه آهي.

موسيٰ ؑ فرعون کي سڀئي نشان ڏيکاريا، پر هن چيو ته هيءَ جادوگري آهي. پوءِ فرعون حضرت موسيٰ ؑ جي مقابلي ۾ پنهنجا جادوگر وٺي آيو، پر حضرت موسيٰ ؑ جي لٺ اجگر بلا بڻجي جادوگرن جي ٺاهيل سڀني نانگن کي ڪائي ڇڏيو. اهو معجزو ڏسي ڪري جادوگرن اتي جو اتي ايمان آندو. موسيٰ ؑ رات جي وقت بني


www.sindhsalamat.com

اسرائيل کي فرعون جي غلامي مان ڪڍي نيل درياءَ مان اڪري ويا. پر فرعون پنهنجي لشڪر سميت ٻڏي ويو ۽ سندس خدائي واري دعويٰ ڪيس ڪم نه آئي.

مڪي جي ڪافرن چيو ته جيڪڏهن الله جي توسان دوستي آهي ته پنهنجو گهر سون جو ٺهراءِ. هتي هڪڙو درياءُ وهائي ڏيکار يا اسان تي آسمان جو ٽڪرو ڪيراءِ. رسول الله ﷺ جواب ۾ فرمايو ته اهو خدائي قانون آهي، جنهن تي انساني تاريخ شاهد آهي ته الله تعاليٰ ڪنهن به قوم کي انهيءَ وقت تائين تباهه ۽ برباد نه ڪندو آهي، جيستائين جو انهيءَ ۾ پنهنجو ڪو هادي يا رهبر نه موڪلي. ڏسو مون توهان کي خبردار ڪري ڇڏيو آهي ته هر اها قوم جيڪا نفاق ۽ وهم پرستي ۾ ڦاٿي، سا تباهه ٿي وئي. جيڪڏهن توهان منهنجي تعليم تي ڪن نه ڏيندؤ ته توهان به خدائي عذاب ۾ گرفتار ٿي تباهه ۽ برباد ٿي ويندؤ.

جيئن ته سورت قيامه ۾ چيو ويو آهي ته وحي جي پڙهڻ ۾ جلدي نه ڪريو. سچي وحي کي دل ۾ گڏ ٿي وڃڻ ڪان پوءِ ٻڌائيندا ڪريو. ياد رکو ته الله تعاليٰ جو قانون انصاف پريو آهي. انهيءَ قانون موجب ڪنهن سان به ظلم نه ٿيندو. پر جيڪي پنهنجي عقل کي وڃائي وهمن جي نشي ۾ ٽُن آهن سي هڪ ڏينهن ضرور تباهه ۽ برباد ٿي ويندا.

تاريخ ۾ جيترا به رسول ٿي گذريا آهن، سيني جو پيغام مون وانگر اهو ئي هو ته الله تعاليٰ جي هڪيڙائي کي مڃيو. دين جي هيڪڙائي سان خيال جي هيڪڙائي پيدا ٿئي ٿي ۽ خيال جي هيڪڙائي سان انساني هيڪڙائي يعني سماجي برابري پيدا ٿيندي آهي. انهيءَ سان ئي دنيا ۾ به انسان لاءِ چڱائي آهي ۽ آخرت ۾ به ڪيس ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو. هيڪڙائي ۽ برابري انساني انصاف آهي. برائيءَ جو بدلو چڱائيءَ سان ڏيو.

حضرت آدم جي قصي مان اهو ٻڌايو ويو آهي ته جڏهن غلطي جو احساس ٿي وڃي ته آدم وانگر توبه ڪري وٺو. هن سورت ۾ پهريون دفعو نماز جي تاڪيد ڪئي وئي آهي ته جيئن ايمان وارن ۾ صبر ۽ بردباري، قناعت، انصاف ۽ احتساب لاءِ رضامندي پيدا ٿئي.

### (14) سورت المؤمنون:

هن سورت جي شروعات ۾ ئي اهي اخلاقي اصول ٻڌايا ويا آهن، جن کي پنهنجائڻ سان ذات جي تڪميل، سماجي سڌارو ۽ خدائي سڃاڻ حاصل ٿي سگهي ٿي. اهي ئي ڳالهيون انساني زندگيءَ جو بنيادي مقصد آهن. انسان جي


Sindhica Academy, Karachi

پيدائش، زمين، آسمان، ٻوٽن ۽ جانورن جي پيدائش ۽ ڪائنات جي ٻين آثارن مان شاهدي پيش ڪئي وئي آهي ته انساني زندگيءَ جو مقصد خدائي سڃاڻ حاصل ڪرڻ آهي. جهڙي طرح انسان ماءُ جي پيٽ ۾ هڪ قطري سان وڌي ويجهي، هڪ سمجهه ڀريو ۽ ارادي جي قوت وارو انسان بڻجي وڃي ٿو، ائين ئي انهن ذڪر ڪيل اخلاقي گڻن کي انساني نفس ۾ پيدا ڪرڻ سان هڪ نئون اخلاقي ۽ سماجي انسان بڻجي وڃي ٿو.

جهڙي ريت انسان کي هڪ مقصد جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي، هيءَ ڪائنات به هڪ مقصد هيٺ ٺاهي وئي آهي. ارتقا جو مقصد هڪ اهڙو مڪمل حيواني جسم تيار ڪرڻ هو، جيڪو خدائي تجلين کي برداشت ڪري سگهي ۽ خدائي سڃاڻ حاصل ڪرڻ جي لاءِ نفسياتي ۽ شعري تبديلين کي ڪم آڻي سگهي.

توحيد ۽ آخرت جي باري ۾ سيئي نبي سگهورا دعوت ڏيندا رهيا آهن ۽ انهيءَ سلسلي ۾ مالدار طبقو سيني نبين کي ايذائيندو رهيو. سيئي رسول هڪڙي ئي امت آهن. مڪي جا مير ۽ سردار ئي رسول الله ﷺ جي مخالفت ڪندا رهيا آهن.

سيني دينن جي تعليم هڪ ئي آهي ۽ اها ئي تعليم وري وري (مثاني) مختلف نبين جي ذريعي ڏني پئي وئي آهي ۽ هاڻي محمد ﷺ جي ذريعي به اها ئي تعليم ڏني پئي وڃي.

ياد رکو ته بيڪاري ۽ مطلب پرستي ۾ حيوان ۽ جانور به ڦاٿل آهن. پوءِ جيڪڏهن انسان به بيڪار ڳالهين ۾ ڦاسي ويو ته هو به جانورن واري حالت تي اچي ويندو. ڇا جانورن واري سطح ڪان انساني سطح تي اچڻ، سنو مقصد، مٿانهين زندگي ۽ مڪمل واندڪائي توهان جي لاءِ قبوليت جوڳي نه آهي؟

### (15) سورت الانبياء:

هر هڪ رسول بشر (انسان) هوندو آهي. رسول هجڻ جي حيثيت ۾ انهيءَ ۾ الوهيت ۽ خدائي جو گمان به نه هوندو آهي. نبوت جي نمايان گڻ (وحي الاهي) ڪانسواءِ نبي سگهورا اهڙا ئي انسان هوندا آهن جهڙا ٻيا انسان هوندا آهن. هر نبي ۽ رسول جي مخالفت ڪئي وئي. انهن کي ايذايو ويو، پر الله تعاليٰ جي مدد انهن کي همٿائيندي رهي. سيني نبين جو دين هڪ آهي.

قرآن نه جادو آهي ۽ نه ڪو اجايو خواب. جهڙي ريت زمين ۽ آسمان هڪ اٽل قانون هيٺ هلي رهيا آهن، اهڙي ئي ريت انساني زندگيءَ جو به اٽل قانون آهي ته هر عمل جي جزا يا سزا ملندي. اهي معجزا گهرن ٿا، پر رحمان جو


www.sindhsalamat.com

ڪوبہ پٽ نہ آهي. الله تعاليٰ جي خالقيت ئي سڀ کان وڏو معجزو آهي.

ياجوج ۽ ماجوج جو ذڪر پهريون دفعو آيو آهي. هن سورت ۾ بہ رحمان جو لفظ ڪيترائي دفعا آيو آهي.

### (16) سورت يٰس:

ماڻهو ئي رسول هوندو آهي، جيڪو ڪنهن عيوض يا مزدوري وٺڻ کان سواءِ نصيحت ڪندو آهي. اهي ماڻهو معجزا گهرن ٿا، جڏهن تہ مئل زمين جو جيئرو ٿي پوڻ ۽ زمين ۽ آسمان جي خلقت پنهنجو پاڻ ئي هڪ وڏو معجزو اهي. ائين ئي الله تعاليٰ مردن کي بہ جيئرو ڪندو. مخلوق الله تعاليٰ جو جيئرو جاڳندو معجزو آهي.

هن سورت ۾ چيو ويو آهي تہ جڏهن مالدارن کي چيو ويندو آهي تہ پنهنجي مالن سان غريبن جي مدد ڪريو تہ اهي چوندا آهن تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ گهري ها تہ پاڻ ئي انهن غريبن جي مدد ڪري ها: جڏهن الله تعاليٰ بہ هنن جي مدد نٿو ڪري تہ اسان تي ڪو فرض نہ آهي.

قرآن وري وري چيو آهي تہ بت ۽ شيطان ڪجھ خلقيندڙ نہ آهن.

هن سورت ۾ بہ رحمان جو لفظ وري وري آيو آهي.

### (17) سورت الشعراء:

هن سورت مان خبر پئي ٿي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جي دل ۾ بہ اها خواهش پيدا ٿي تہ پاڻ جيڪر ڪو اهڙو ظاهري نشان ڏيکاري سگهن ها، جنهن سان مشرڪن جا وات بند ٿي وڃن. پر قرآن چٽائي سان چئي ڇڏيو تہ الله تعاليٰ جي وجود ۽ قيامت جي ڏينهن جي لاءِ عقلي دليل ئي وڏيون نشانيون آهن. انهن ماڻهن جي دلين ۾ ايتري تہ اونده اچي وئي آهي جو جيڪڏهن انهن کي ڪا ظاهر نشاني نظر اچي بہ وڃي تہ بہ اهي انهيءَ کي نظر جو دوکو سڏيندا. موسيٰ جي زماني ۾ فرعون بہ عذاب جي مختلف قسمن کي جادو سڏيو هو. ڪتاب وارن کان پڇو تہ هن طرح جو خدائي ڪلام پهرين نبين کي بہ ڏنو ويو هو.

شاعرن جو ڪلام نڳيندو آهي، چو تہ اهي جو ڪجھ بہ چوندا آهن، انهيءَ تي عمل نہ ڪندا آهن ۽ نہ ئي انهن جي فڪرن ۾ قرآن جي تعليم وانگر ڪنهن منظم حياتي جي نظرئي جو ذڪر هوندو آهي. انهن جي ڪلام کي پرکڻ جو اهو ئي معيار آهي.

رسول الله ﷺ کي انهن ڪافرن کان منهن موڙڻ جو حڪم ڏنو پيو



وڃي ۽ پنهنجي خاندان وارن کي تيار ڪرڻ جي هدايت ڏني پئي وڃي تہ عملي طور تي اسلام جي خدمت ڪريو ۽ ٻي مؤمنن جي بہ مدد ڪريو.

هن سورت ۾ شاعري ۽ شعر چوڻ کان روڪيو ويو آهي، اجا بہ شاعري جي مخصوص صنف کان خاص طرح سان روڪيو ويو آهي. اسان جي زماني ۾ بہ ادب برائي ادب جي نظرئي تي تمام سخت تنقيد ڪئي وئي آهي ۽ هن ڳالھ تي زور ڏنو ويو آهي تہ شاعري کي زندگيءَ جي حقيقتن جو ترجمان هئڻ گهرجي. اها ئي ڳالھ قرآن بہ چئي آهي ۽ ايمان ۽ نيڪ عمل جي نفسياتي ۽ سماجي فائدن کي بيان ڪرڻ تي زور ڏنو آهي.

مڪي جا امير، رئيس ۽ غلام ٻٽائيندڙ مالدار سردار پاڻ ﷺ کي گهٽ نظر سان ڏسندا هئا ۽ چوندا هئا تہ سماج جي گهٽ حيثيت وارا ماڻهو محمد ﷺ جا پوئلڳ آهن. رسول الله ﷺ انهن کي سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پوندا هئا، تنهن ڪري پاڻ ﷺ کي چيو ويو تہ پاڻ پنهنجو پاڻ کي انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ نہ ڳارين، چو تہ اهي ماڻهو ايمان آڻڻ وارا نہ آهن.

امام شاھ ولي اللهؒ قرآن جي انداز کي ”گهاڙٽيو“ چيو آهي (الفوز الڪبير) خاص ڪري مڪي سورتن ۾ هڪ خاص قسم جي لئہ ۽ وزن ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ڪن سورتن ۾ تہ ڪجھ عبارتن کي رديف (Refrain) جي طور تي استعمال ڪيو ويو آهي ۽ هن قسم جو استدلالي طريقو شاعري جي قسم مان آهي، جيئن سورهء الرحمان ۾ ”فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ“ آهي.

### (18) سورت الرعد:

هن وقت تائين قريش بنو هاشم جي سردار ابوطالب وٽ رسول الله ﷺ جي باري ۾ ڳالھ ٻولھ ڪرڻ ايندا رهيا هئا، پر جڏهن انهن ڏٺو تہ پاڻ ڪريم ﷺ پنهنجو پاڻ ئي هڪ جماعت جا سردار بڻجي چڪا آهن تہ قريش جا سردار گڏ ٿيا ۽ فيصلو ڪيو تہ پاڻ ڪريم ﷺ کي مسجد حرام ۾ گهرائي ڳالھ ٻولھ ڪئي وڃي.

انهيءَ ڪوٺ مان پاڻ ڪريم ﷺ کي وڏي اميد ٿي پئي تہ هاڻي متان هي ماڻهو سنئين واٽ تي اچي وڃن، پر انهن اهو ئي چيو تہ توهان اسان جي معبودن ۽ ديوتائن کي گهٽ وڌ نہ ڳالهايو. پوءِ جيڪڏهن توهان پنهنجي انهيءَ نئين دين جي پرچار کان مڙي ويندا تہ اسان توهان کي پنهنجو بادشاھ مڃينداسين، توهان کي وڏي دولت ڏينداسين ۽ تنهنجي مٿان جيڪو جِنُ چڙهيل آهي انهيءَ جو بہ علاج ڪرائينداسين. يا وري توهان اسان کي ڪو


www.sindhsalamat.com

معجزو ڏيکاريو، ملائڪن کي شاهديءَ جي لاءِ گهرايو جيڪي اچي شاهدي ڏين تہ تون واقعي الله جو موڪليل نبي آهين. اهڙيءَ طرح انهيءَ ڳالهہ ٻولهہ مان بہ ڪو ڪڙ تيل نہ نڪتو.

پاڻ ڪريم ﷺ انهن کي چٽيءَ طرح ٻڌائي ڇڏيو تہ منهنجي مرضي هيءَ آهي تہ توهان هڪڙي زنده قوم بڻجي وڃو. پر انڪار تي سندرو ٻڌي بيٺل قوم کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ آئي ۽ اهي پنهنجي ضد تي ڳنڍ ٻڌي ويهي رهيا. رسول الله ﷺ انهن کي وري بہ چيو تہ رسول ڪو ملائڪ نہ، پر هڪ انسان ئي هوندو آهي. هر قوم ۾ رسول ايندا رهيا آهن. مختلف قومون پنهنجي پنهنجي هڪ خاص قانون جون پابند هونديون آهن. الله تعاليٰ هر زماني جي لحاظ کان پنهنجا حڪم موڪليندو رهيو آهي. (لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ). الله تعاليٰ ئي علم ۽ قانون جو سرچشمو آهي، انهيءَ ڪري هو جنهن قانون لاءِ گهرندو آهي، انهيءَ کي ڊاهي ڇڏيندو آهي ۽ جنهن لاءِ گهرندو آهي قائم رکندو آهي. اهو ئي قادر ۽ خالق مطلق آهي.

رسول الله ﷺ ۽ سندن اصحابن کي بہ، جيڪي ڪيترن ئي سالن جي ڏکي ۽ سخت جاکوڙ جي ڪري ٿڪجي رهيا هئا ۽ بيچينيءَ سان غيبي مدد جو انتظار ڪري رهيا هئا، تسلي ڏني وئي هئي.

## حضرت عمر ؓ جو ايمان آڻڻ:

حضرت عمرؓ جي ڀيڻ ۽ ڀيٽيويو ڳجهي طرح سان اڳي ئي ايمان آڻي چڪا هئا. پر عمر پاڻ ڪريم ﷺ جي تعليم کي سڌو سنئون ڪونہ ٻُڌو هو. حضرت عمرؓ مخالفت جو شوشو ٻڌو تہ رسول الله ﷺ کي قتل ڪرڻ جي لاءِ نڪري پيو. پاڻ ڪريم ﷺ ڪعبي ۾ تلاوت ڪري رهيا هئا، عمر اتفاق سان اها تلاوت ٻڌي تہ دل تي ان جو اثر ٿي پيس ۽ روئڻ لڳو. جڏهن رسول الله ﷺ پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيا تہ هي بہ سندن پويان هلڻ لڳو. عباس جي گهر جي ويجهو رسول الله ﷺ جن پيرن جو کڙڪو محسوس ڪيو تہ ڏٺائون تہ عمر هو. پڇا ڪيائونس تہ هيڏي رات گذري وئي آهي، ڪيئن آيو آهين؟ ورندي ڏنائين تہ الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻڻ جي لاءِ آيو آهيان. رسول الله ﷺ الله جو شڪر ادا ڪيو ۽ دعا ڪئي تہ الله تعاليٰ عمر کي نيڪيءَ جي دڳ تي هلائي. ان کان پوءِ عمر جي سيني تي هٿ ڦيرايائون ۽ ثابت قدمي جي لاءِ دعا ڏيندي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿي ويا.


Sindhica Academy, Karachi

## حضرت عمر جي ايمان آڻڻ کان پوءِ:

حضرت عمر پنهنجي اسلام آڻڻ جي ڄاڻ جميل بن معمر کي ڏني. هو اها ڳالهہ ٻڌندي ئي مسجد حرام ڏانهن ڊوڙيو ۽ واڪا ڪري چوڻ لڳو تہ اي قريشيو! عمر بي دين ٿي ويو. حضرت عمر چيو تہ هي ڪوڙ ٿو ڳالهائي، مان تہ سنئين واٽ تي اچي ويو آهيان. انهيءَ تي وڏو جهيڙو ٿيو، پر عاص عمر کي پنهنجي پناهہ ۾ وٺي ورتو.

هن وقت تائين مسلمان قرآن پاڪ کي کليل طرح مسجد حرام ۾ نٿي پڙهي سگهيا، پر عمر ۽ حمزه جي اسلام آڻڻ کان پوءِ انهن کي سگهہ ملي وئي. جهيڙي واري موقعي تي حضرت عمر سينو تاڻي بيهي رهندو هو جنهن جي ڪري ڪافر ڊڄي ويندا هئا.

## حضرت عمر جي اسلام آڻڻ کان پوءِ قرآني تعليم:

ائين معلوم ٿئي ٿو تہ مڪي جا ڪافر بہ اعتراض ڪندي ۽ رسول الله ﷺ کي تڪليفون ڏيندي ڏيندي ٿڪجي پيا هئا. حضرت عمر ۽ حضرت حمزه ؓ عنهما جي ايمان آڻڻ کان پوءِ مختلف قبيلن ۾ ايتري سگهہ نہ رهي هئي جو اهي جدا جدا ٿي رسول الله ﷺ ۽ سندس ساٿين جي مخالفت ڪري سگهن. پاڻ ڪريم ﷺ کي وري وري مشرڪن جي ارهہ زورائين کان درگذر ڪرڻ لاءِ چيو پئي ويو. انهيءَ ڪري ايندڙ سورتن ۾ سورت الفرقان کان سواءِ ڪنهن بہ سورت ۾ الرحمان جو لفظ نہ آيو آهي. ڄڻ تہ جيتري حد تائين مشرڪن جو تعلق هو، بحث کي ختم ڪيو ويو هو. باقي هن آخري سال ۾ الله تعاليٰ جون صفتون، جهڙوڪ عزير، نصير، اعليٰ، ڪبير، سميع ۽ بصير استعمال ٿيون. انهن ۾ مسلمانن کي ٻڌايو ويو تہ پالڻهار، جيڪو خالق آهي، سو ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ بہ آهي، هو توهان جي ضرور مدد ڪندو، انهيءَ جو نالو نصير (مددگار) آهي، اهو ئي سڀ کان مٿانهون (عظيم) ۽ سڀڪجهہ ڪرڻ تي وسوارو (قدير) آهي. ان جي وڏائي ۽ قدرت جي سامهون انڪار ڪندڙن جي مخالفت ڪامياب نہ ٿي سگهندي. رحمان جي هڪ صفت اها بہ آهي تہ هو ڪنهن کي پنهنجو پٽ ناهي بنائيندو.

## (19) سورت الفرقان:

مخالفت جي باوجود قرآن جو لهجو ائين ئي هيبت ڀريو ۽ منطقي آهي، جيئن گذريل دؤر ۾ هو. قرآن هاڻي مشرڪن جي اعتراضن جو جواب


www.sindhsalamat.com

ئي نٿو ڏئي پر هو چئي ٿو ته اهي مشرڪ چوپاين کان به بڇڙا آهن. اهي انساني فطرت کان پاسيرا ٿي ويا آهن ۽ نفاق ۽ مطلب پرستي ۾ حد کان لنگهي ويا آهن. عام انسانيت جي ڀلائي انهن جي اکين کان اوجهل ٿي وئي آهي. انسان کي همدردي ۽ محبت جو مجسمو ٿيڻ گهرجي، پر هي انڪاري سڌارو گهرندڙ ماڻهن کي به فرقو وجهندڙ ۽ بي سمجهه بنائڻ گهرن ٿا. اهي اهڙيون ته بي معنيٰ ڳالهيون ڪندا آهن ته الله ڇا آهي؟ هو ڏيکاري ڇو نٿو ڏئي؟ ملائڪ ڇاجي ڪري نازل نٿا ٿين؟ توهان انهن ماڻهن کي، جيڪي عباد الرحمان آهن، يعني مسلمان ۽ عيسائي، انهن کي چئو ته الله تعاليٰ وانگر ڪابه شيءِ نه آهي، انهيءَ ڪري هو توهان کي ڪيئن نظر اچي سگهي ٿو؟ ملائڪ ته انهيءَ وقت ئي نازل ٿيندا، جڏهن توهان تي عذاب ايندو. جڏهن توهان جو عقل سڌي رستي کي ايندو ۽ اهو سڀ ڪجهه پنهنجي اکين سان پَسڻ لڳندؤ، ته پوءِ ان وقت اها آهه ۽ زاري توهان جي ڪنهن ڪم نه ايندي. مال ۽ دولت ۽ رزق جي جهجهائيءَ توهان جي اندر جيڪا الله تعاليٰ جي خلاف بغاوت پيدا ڪئي آهي، سا انهيءَ وقت ختم ٿي ويندي.

## (20) سورت الشوريٰ:

ماڻهن ۾ توهان جي ڀلائي گهران ٿو. مان محبت جو دعويدار آهيان. ڀوپن وانگر پئسا وٺي ڳالهيون نٿو ٻڌايان. الله تعاليٰ جي واڪاڻ ڪريو، غريبن جي مدد ڪريو، ۽ جيڪو به ڪو ڪم ڪريو ته پاڻ ۾ صلاح مشوري سان ڪريو. ايئن ڪم ڪرڻ وارا جنتي هوندا آهن. ايمان آڻيندڙن کي پريشان نه ٿيڻ گهرجي. جنهن ظلم ۽ ڏاڍ کي سهي ورتو انهيءَ وڏو ڪم ڪيو. اهي سڀ همٿ وارا ڪم آهن. الله تعاليٰ انسان سان سڌو سنئون ڪلام نٿو ڪري. هو جيڪا وحي موڪليندو آهي، سا پردي پويان ايندي آهي.

## دين ۽ شريعت ۾ فرق:

هن ۾ به مسئلا اهڙا آهن، جن تي مفسرن جو وڏو اختلاف آهي. پهريون مسئلو ته دين ۽ شريعت جي وچ ۾ فرق جي باري ۾ آهي. قرآن ڪيترن ئي جاين تي چيو آهي ته دين الله تعاليٰ جي وجود کي مڃڻ، آخرت يعني قيامت تي ايمان آڻڻ ۽ نيڪ عملن تي قائم رهڻ جو نالو آهي. انهيءَ جو نتيجو خوف يعني جنگ ۽ جهيڙي ۽ ڳڻتي يعني غربت ۽ بک کان ڇوٽڪارو آهي.

قرآن حڪيم چٽيءَ طرح چيو آهي ته هر قوم کي هڪ شريعت يا واٽ


Sindhica Academy, Karachi

ڏني وئي آهي، پر دين سڀني جو هڪڙو ئي آهي. هر نبي پنهنجي مخصوص تاريخي ۽ ثقافتي ماحول ۾ دين جي مقصدن کي شريعت واري واٽ جي شڪل ۾ عمل هيٺ آڻيندو رهيو آهي. شريعت کي عملي طرح نافذ ڪرڻ اصل ۾ دين تي قائم ٿيڻ آهي. انهيءَ جو مطلب اهو ناهي ته رڳو ڪن عقيدن ۽ ڪن اخلاقي قانونن تي عمل ڪري وٺڻ سان مذهب جا مقصد پورا ٿي ويندا. هر قوم کي پنهنجي شريعت جو پابند ٿيڻ لازمي آهي.

قرآن جو چوڻ آهي ته شريعت جي اختلافن سان مذهبن جي وچ ۾ تشدد ۽ ويڙهه جهيڙو هجڻ خدائي مرضي جي خلاف ڳالهه آهي. انهيءَ طرز عمل سان انساني هيڪڙائي واري مقصد کي تمام وڏو نقصان پهچي ٿو ۽ انسان مذهبي مخالف ٽولن ۾ ورهائجي وڃن ٿا. هر مذهبي پيشوا اها دعويٰ ڪرڻ لڳندا آهن ته جيستائين ڪو ماڻهو انهن جي مذهبي گروهه ۾ شامل نٿو ٿئي، سو ڇوٽڪارو ماڻيندڙ نٿو ٿي سگهي.

قرآن چيو ته دين سڀني مذهبن ۾ هڪ ئي آهي، رڳو شريعت ۽ عمل واري واٽ ۾ فرق آهي. پر انهيءَ فرق کي نفرت ۽ فساد لاءِ استعمال ڪرڻ، مذهب جي مقصد کي پيچي پورا ڪرڻ جي برابر آهي. قرآن جي پيروڪارن جو اهو فرض آهي ته اهي مذهن جي وچ ۾ موجود شريعت ۽ عمل واري واٽ جي فرق کي جهيڙي جو ڪارڻ نه بڻائن. هر مذهب جي پيروڪار جو اهو به فرض آهي ته هو پنهنجي شريعت جا حڪم پورا ڪري ۽ اخلاقي گڻن کي پنهنجائي ۽ انهن تي عمل ڪري، جيڪا ڳالهه سڀني دينن ۾ هڪجهڙي آهي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي مطالعي سان اسلام جي ٽولي ۾ اچڻ گهري ٿو ته ڀلي اچي. قرآن انهيءَ باري ۾ ڏاڍ ۽ سختي کان روڪيو آهي. ميثاق مديني جي شاهدي اسان جي سامهون آهي ته رسول الله ﷺ يهودين ۽ مشرڪن کان امن جو معاهدو ڪري انهيءَ اتحاد کي ”امت واحده“ سڏيو آهي. انهيءَ جو مطلب اهو هو ته شريعت ۽ عمل واري واٽ جي فرق کي قائم رکندي دين جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هڪٻئي سان اتفاق ڪيو وڃي. ميثاق مدينه انساني هيڪڙائي ۽ آدم جي خلافت کي قائم ڪرڻ جي لاءِ هڪ تمام ئي اهم نمونو هو. پر يهودين ناهه جي انساني مقصدن کي نظرانداز ڪندي غلط طريقا اختيار ڪرڻ شروع ڪيا. هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته هيءُ ئي اهو نمونو هو جنهن تي اڄ به آدم جي خلافت کي قائم ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن اڄ يا ڪڏهن به دنيا جون قومون ڪو عالمگير نظام قائم ڪرڻ جي لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرن ته انهن جي لاءِ ميثاق مدينه هڪ نمونو ۽ پيڙهه جي


www.sindhsalamat.com

پٽر جو ڪم ڏيندو. افسوس ان ڳالھ جو آهي تہ مسلمان عالمن قرآن ڪريم اندر انهيءَ سلسلي ۾ ڏنل تعليم ۽ ميثاق مدينہ کي بلڪل نظرانداز ڪري اسلام کي جامع انساني تحريڪ بڻائڻ جي بدران دنيا جي مذهبن مان رڳو هڪڙو مذهب بڻائي ڇڏيو آهي، جيڪو ٻين مذهبي ٽولن وانگر هڪڙو ٽولو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ سڀ کان اهم ۽ قابل قدر ڪوشش مولانا ابوالڪلام آزاد جي سورت فاتحہ جي تفسير ۾ ”ديني وحدت ڪي اصل عظيم اور قرآن حڪيم“ جي عنوان سان هڪ مقالي جي شڪل ۾ ٿي آهي. مون پنهنجي لکڻي ”اسلامي انقلاب ڪا عهدنامہ“ ۾، جيڪا اصل ۾ سورت فاتحہ جو تفسير آهي، مولانا موصوف جو ”اهدنا“ جي عنوان هيٺ اهو سڄو مقالو ڏنو آهي.

هن مقالي ۾ مولانا آزاد جيڪو ڪجھ چيو آهي، مذهب جي بنياد تي انسانيت جو گڏجڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ اهڙو بنياد نٿو ٿي سگهي. ختم نبوت جي مقصدن ۾ سڀني کان بنيادي مقصد وحدت انسانيت ۽ آدم جي خلافت جو قائم ڪرڻ اهي. يورپ وحدت انسانيت ۽ آدم جي خلافت جي قيام لاءِ مذهب کي ڪڍي ڇڏيو ۽ ميڪاولي جي فلسفي کي پنهنجايو. پر گذريل ٻن خطرناڪ جنگين انهيءَ مؤقف جي ناڪاميءَ کي ظاهر ڪري ڇڏيو آهي.

انهيءَ ۾ بہ ڪو شڪ نہ آهي تہ جيستائين پيداواري وسيلن کي عوامي ملڪيت نٿو سڏيو وڃي، وحدت انسانيت ۽ خلافت آدم جي لاءِ ڪوبہ نظري بنياد ڪم نہ ڏئي سگهندو. تنهن ڪري شريعت ۽ دين جي هن قرآن ي مؤقف جي ڪاميابيءَ جي لاءِ قرآن ۽ دنيا جي مذهبن جي معاشي نظريي کي، جنهن ۾ پيداواري وسيلا عوامي ملڪيت سڏيا ويا آهن، پنهنجائڻ لازمي آهي.

## نبوت کان اڳ ڄاڻ ڏيندڙ وسيلا:

ٻيو مسئلو، جنهن تي روشني وجهڻ ضروري آهي، انهيءَ جو ذڪر هن سورت جي آخر ۾ ڪيو ويو آهي تہ رسول الله ﷺ کي نبوت کان اڳ نہ ڪتاب ۽ نہ وري ايمان جي باري ۾ ڪا ڄاڻ هئي ۽ نہ ئي وري پاڻ ﷺ دنيا جي مذهبن جي باري ۾ ڪجھ ڄاڻيندا هئا. انهيءَ ڳالھ ۾ تہ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ رسول الله ﷺ پنهنجي نبوت، وحي جي نازل ٿيڻ واري ڪيفيت ۽ نبوي مقصدن تي ايمان آڻڻ جي تفصيل کان اڻ ڄاڻ هئا. اهو الله تعاليٰ طرفان نوازش هئي جو الله تعاليٰ کين نبوت ۽ اهو بہ آخري نبي جي حيثيت سان چونڊيو. انهيءَ ڳالھ جو دليل اهو آهي تہ غار حرا ۾ وحي جي نازل ٿيڻ وقت پاڻ ﷺ جي جيڪا ذهني ۽ نفسياتي ڪيفيت ٿي، انهيءَ جي باري ۾ کين ڪوبہ تجربو نہ هو.


Sindhica Academy, Karachi

پر اها ڳالھ چٽي آهي تہ ۽ انهيءَ باري ۾ قرآني شاهدي بہ موجود آهي تہ عرب کان ٻاهر واري دنيا وارن لاءِ عرب جي واپاري سفرن ۽ حج جي وقت عڪاظ ۾ جيڪو وڏو ميلو لڳندو هو، جنهن ۾ انهيءَ دؤر جي ترقي يافتہ ملڪن جا واپاري پنهنجو وکر کڻي ايندا هئا، تہ انهيءَ وکر سان گڏ اهي پنهنجي مذهبي ۽ فلسفياڻن فڪرن کي بہ آڻيندا هئا. انهن ٻنهي وسيلن سان پاڻ ﷺ کي دنيا جي مذهبن ۽ انهن جي تعليم جي باري ۾ گهڻي ڄاڻ ملي ويندي هئي. نبوت کان اڳ ۾ ئي رسول الله ﷺ سمجهي ورتو هو تہ انسان ٻن طبقن ۾ ورهائجي ويو آهي، جن مان هڪڙو طبقو حڪمرانن، مالدارن ۽ آسودن ماڻهن تي ٻڌل اهي، جنهن جي قبضي ۾ دولت ۽ اقتدار جا وسيلا موجود آهن ۽ انهيءَ ئي طبقي وٽ علم ۽ تهذيب جا وسيلا بہ آهن. جڏهن تہ ٻيو طبقو غلامن، يتيمن، بيواهن ۽ پنتي پيل ماڻهن تي ٻڌل آهي، جيڪو دولت، اقتدار، علم ۽ تهذيب جي وسيلن کان محروم آهي ۽ رڳو پنهنجي محنت وسيلي پنهنجو پيٽ پاليندو آهي ۽ تمام ئي لاچاري ۽ غربت جي حالت ۾ زندگي گذاريندو آهي. پاڻ نہ رڳو مذهبن جي تعليم کي ڄاڻندا هئا، پر انهن تي پرک واري نظر بہ رکندا هئا.

انهن ٻنهي ذريعن مان حاصل ٿيندڙ ڄاڻ تي پاڻ حرا غار ۾ ويهي ويچاريندا هئا ۽ نہ رڳو عرب، پر سڄي دنيا جي ماڻهن کي انهيءَ غير انساني حالت مان ڪڍڻ جي لاءِ ڪنهن طريقيڪار ۽ واٽ جي لاءِ سوچ ويچار ڪندا رهندا هئا. پاڻ ﷺ جي سامهون ڪيترين ئي واٽون هيون، جن مان هڪڙي واٽ حلف الفضول هئي. انهيءَ حلف يا ٺهراءَ ۾ مڃيو ويو هو تہ هن سماجي نظام کي ڇيڙڻ کان سواءِ يتيمن، بيواهن ۽ غلامن جي شڪايت جو ازالو ڪيو وڃي، باقي پيداواري وسيلن تي ڪن ٿورڙن ماڻهن جي قبضي، غلامي واري اداري، جهالت ۽ غربت ۽ قبائلي نظام جي خاتمي جي لاءِ ڪا بہ وک نہ وڌائي وڃي.

سورت والضحيٰ جا هي لفظ ”وَوَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى“ انهيءَ ڳالھ تي روشني وجهن ٿا تہ نبي ڪريم ﷺ انسانيت کي هن غير انساني حالت مان ڪڍڻ جي لاءِ ڪنهن اثرائتي رستي جي ڳولا ۾ هئا، پر ڪنهن بہ رستي تي دلي اطمينان نٿي ٿيو، ايستائين جو الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان کين اهو رستو ٻڌايو ۽ اهو نظريو بہ ڏئي ڇڏيو، جنهن تي قائم رهڻ سان انسانيت جا سمورا ڏک ڏاکڙا ختم ٿي سگهيا ٿي. اهو هو توحيد خدائي جي شهري لاڳاپي سان توحيدي معاشري کي قائم ڪرڻ.

پاڻ ڪريم ﷺ جي سامهون ابراهيمؑ، دائودؑ، سليمانؑ موسيٰؑ ۽


www.sindhsalamat.com

عيسيٰؑ جا مسلڪ موجود هئا، جيڪي هڪ پوري طرح توحيدي معاشرو قائم ڪرڻ ۾ پوري طرح ڪامياب نہ ٿي سگهيا هئا. غار حرا جي اڪيلائين ۾ ويهي ڪيل ڳڻ ڳوت جي نتيجي ۾ خدائي وحيءَ جي ذريعي پنج آيتون پاڻ ﷺ جي مبارڪ دل تي نازل ڪيون ويون جن ۾ ڏهہ هزار سالن کان بہ وڌيڪ عرصي جو ذهني، نفسياتي ۽ سماجي پس منظر موجود هو. انهن پنجن آيتن جي نزول کان پوءِ پاڻ وري ڪڏهن بہ غار حرا ڏانهن نہ ويا. ڇو تہ هاڻي ڪين انهن آيتن يا انهيءَ نظريي موجب سڀ کان پهريان مڪي جي معاشري کي تبديل ڪرڻ جو ڏڳ ملي چڪو هو. تنهن ڪري هاڻي انهيءَ تي عمل ڪرڻ گهربل هو.

اها ڳالهہ ظاهر آهي تہ جيڪڏهن پاڻ ﷺ وٽ ان دؤر جي انسانيت جي مذهبي، معاشي، نفسياتي، ذهني، معاشرتي ۽ ثقافتي معلومات نہ هجي ها تہ پهرين وحيءَ ۾ عطا ڪيل پنجن آيتن ۾ سمايل نظريي کي نہ پاڻ سمجهي سگهن ها ۽ نہ ئي انهيءَ نظريي کي عملي جامو پهرائڻ جي لاءِ رستي جي چونڊ جي باري ۾ سمجهہ حاصل ڪري سگهن ها. الله تعاليٰ انهيءَ ماڻهو کي نبوت جي لاءِ چونڊيندو آهي، جنهن ۾ پنهنجي دؤر جي انسانيت جي معاملن کي سمجهڻ ۽ پوءِ ان جي حالت کي بدلائڻ جي واٽ ۾ رجعت پسند طبقن وٽان جيڪي تڪليفون ڏنيون وينديون آهن، تن کي صبر سان سهڻ جي صلاحيت هوندي آهي. اهو ماڻهو جيڪو نبوت جي منصب تي ويهٽو هوندو آهي، سو ڪو معمولي ماڻهو نہ هوندو آهي، پر پنهنجي وقت جي سڀني فلسفين، مذهبي عالمن ۽ سماجي معاملن کي سمجهڻ وارن جي مقابلي سڀني کان وڌيڪ لياقت رکندڙ ماڻهو هوندو آهي.

تنهن ڪري انهيءَ سورت سڳوريءَ جي انهن آيتن کي سامهون رکندي مفسرن رسول الله ﷺ جي نبوت کان اڳ واري علمي حيثيت جو جيڪو اندازو لڳايو آهي، سو بلڪل غلط آهي. اها جدا ڳالهہ آهي تہ پاڻ ﷺ کان پوءِ انقلاب جي دشمن قوتن خلافت کي نبوي طريقي واري بنيادن کان هٽائي بادشاهي واري طريقي تي آڻي بيهاريو ۽ اسلام پنهنجي مقصدن موجب انسانيت جي اها خدمت نہ ڪري سگهيو، جنهن جي لاءِ انهيءَ کي خدائي وحيءَ مقرر ۽ قائم ڪيو هو.

## (21) سورت السبا:

هن سورت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ علم وارا يعني ڪتاب وارا قرآن کي الله جو نازل ڪيل ڪلام يا ڪتاب مڃن ٿا. پر مڪي وارا وري بہ انهيءَ کي الله


Sindhica Academy, Karachi

وٽان نہ پيا مڃن ۽ نہ ئي قيامت جي ڏينهن کي مڃن پيا. اهي رسول الله ﷺ کي جن جي اثر ۾ آيل چوندا هئا جڏهن تہ اهي پاڻ جنن جي اثر هيٺ آيل هئا. حضرت سليمان جي قصي ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ جنن کي ڳجهہ جي ڪابہ خبر نہ هئي، ڇو تہ حضرت سليمانؑ جڏهن وفات ڪري ويو تہ اهو لٺ جي ٽيڪ تي بيٺو رهيو هو. جنن سمجهيو پئي تہ حضرت سليمانؑ کين ڏسي رهيو آهي ۽ اهي ڪم ڪندا رهيا. پر جڏهن لٺ کي اڏهيءَ کائي ڇڏيو ۽ لٺ ڪري پئي تہ سليمانؑ بہ ڪري پيو. تڏهن وڃي جنن کي خبر پئي تہ سليمانؑ وفات ڪري چڪو آهي ۽ انهن کي انهيءَ ڳالهہ تي ارمان ٿيو تہ اهي مفت ۾ ايترا ڏينهن لوڙيندا رهيا.

دولتمندن جو سدائين اهو حال رهيو آهي تہ اهي قيامت جي ڏينهن کي نٿا مڃن، تہ جيئن اهي پنهنجي ظلمن جو مزو چکڻ کان بچيل رهن. اهي پنهنجي جنن ۽ شيطانن جي دوکي ۾ ڦاٿل رهڻ جي ڪري بدلي واري ڏينهن جو انڪار ڪندا آهن. انهيءَ ڪري ئي اهي قرآن کي هٿ ٺوڪيو يا گهڙيل سڏين ٿا ۽ چون ٿا تہ اهو رسول الله ﷺ پنهنجو پاڻ گهڙيو آهي. اهي هيٺن تي ڏاڍ ڪن ٿا ۽ قرآن کان پهريان نازل ٿيل ڪتابن کي بہ نٿا مڃن، ڇو تہ انهن کي پنهنجي مالن ۽ اولاد تي گهمنڊ آهي.

انهن کي سبا قوم جي تباهيءَ ۽ برباديءَ مان سبق پرائڻ گهرجي. اتي هر پاسي باغ ئي باغ هئا، روزيءَ جي جهجهائي هئي، پر نيڪ عملن کي ڇڏي ڏيڻ يعني غلامن ۽ هيٺن تي ڏاڍ ڪرڻ جي ڪري اها قوم تباهہ ۽ برباد ٿي وئي. پاڻي جو بند مآرب ٽٽي ويو ۽ هڪ وڏي ٻوڏ سڄي وسنديءَ کي زمين جي ٽڪري تان مٽائي ڇڏيو. ائين پوءِ جتي باغ هئا اتي ڪانديرا پيدا ٿي ويا. ڇا شيطان اهڙي قسم جي نصيحت ڪري سگهي ٿو؟ انهيءَ ڳالهہ کي مالدار ڪوڙ ۽ جادو سڏيندا آهن. رسول الله ﷺ جي تعليم سڀني انسانن (ڪافة الناس) جي لاءِ آهي. اها تعليم حق آهي، باطل نہ آهي. ياد رکو، قيامت ضرور ايندي ۽ ظالمن کي ضرور سزا ملندي.

هن سورت ۾ جيڪو اختلافي مسئلو آهي سو تصوير ٺاهڻ ۽ بت سازيءَ جي باري ۾ آهي، جنهن کي مولانا مودودي جهڙن عالمن ڪيترين ئي حديثن جي روشني ۾ حرام سڏيو آهي. انهيءَ فتويٰ تي هن وقت تائين عمل نہ ٿيو آهي.

اسلام جنهن زماني ۾ آيو، انهيءَ زماني ۾ تعليم عام نہ هئي ۽ ماڻهو وهم پرست هئا. اهي فطرت جي قوتن جا خيالي بت جوڙي انهن جي پوڄا ڪندا هئا. قرآن مان رڳو اها ئي خبر پوي ٿي تہ تصويرون ۽ بت ٺاهي، انهن


www.sindhsalamat.com

ڪي خدائي صفتون ڏئي، انهن جي پوڄا ڪرڻ حرام آهي. حضرت سليمان[ع] تصويرون ۽ بت پوڄا پاٽ جي لاءِ نه ٺاهيا هئا. انهيءَ ڪري قرآن ان جو ذڪر ڪيو آهي.

اسان جي دؤر ۾ تحقيق جي سائنسي طريقي انهيءَ خطري کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. اڄڪلهه انهيءَ حقيقت کي مڃيو وڃي ٿو، جنهن جي حواسن سان ڄاڻ حاصل ٿئي، انهيءَ ڪري ئي خدا تعاليٰ جي هستيءَ جو انڪار ڪيو پيو وڃي يا وري انهيءَ کي خسيس مسئلو سمجهيو ويندو آهي، جنهن جو زندگيءَ سان ڪوبه لاڳاپو نه آهي. انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته بت پرستي اڄ به جاري آهي، پر انهيءَ جو بنياد قومي ثقافت تي آهي. ٻئي پاسي اها به ڄاڻ آهي ته مسلمان عالمن جي گهٽائي فوٽوگرافيءَ جي ذريعي پنهنجون تصويرون ڪيرائي ٿي.

بنيادي اصول هي آهي ته جيڪڏهن ڪنهن تصوير يا بت کي خدائي صفتون ڏئي ڪري انهيءَ جي پوڄا پاٽ نه ڪئي وڃي ته مصوري ۽ بت سازي حلال ۽ جائز آهي. جيڪي قومون پوڄا ڪن ٿيون ته اهو انهن جو پنهنجو فعل آهي، جنهن جي لاءِ ڪا ٻي قوم يا ماڻهو ذميوار نه آهي.

## (22) سورت المؤمن:

ڪوڙو ڪندڙن کي مخاطب ٿيندي وري چيو ويو ته هي الله تعاليٰ جو ڪلام آهي ۽ انهيءَ جي طرف کان ئي نازل ٿيو آهي. جيڪڏهن نه مڃيندؤ ته توهان جو به نوح[ع] جي قوم جهڙو حشر ٿيندو. توهان چئو ٿا ته توهان جون ديويون ملائڪ آهن. اهو غلط آهي، قيامت جي ڏينهن ملائڪ به اها ئي شاهدي ڏيندا ته اهي ماڻهو جن جي پوڄا ڪندا هئا. سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ جو حڪم ڏنو ويو ته جيئن تباهه ٿيل قومن جي کنڊرن کي ڏسي تاريخ مان سبق پرايون. فرعون موسيٰ کي قتل ڪرڻ پيو گهري، پر هو پاڻ ئي پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو. جو ته موسيٰ[ع] فرعون جي ربوبيت جو انڪار ڪري سمورن انسانن جي مالڪ (رب) کي پنهنجو مالڪ مڃيندو هو. اهڙيءَ طرح حضرت يوسف[ع] الله تعاليٰ وٽان علم پرائي ٻڌايو ته ڏُڪر اچڻ وارو آهي. ٻئي پاسي مصر جي فرعون پنهنجي جهالت جي ڪري پنهنجي وزير هامان کي حڪم ڏنو هو ته هڪ ڊگهو مينارو اڏايو وڃي ته جيئن مان انهيءَ تي چڙهي آسمان تي رهڻ واري خدا جي حقيقت کي ڄاڻي وٺان جنهن وٽان موسيٰ[ع] نبي ٿيڄي آيو آهي.

هر قوم ۾ الله جا رسول آيا آهن. حضرت موسيٰ[ع] تي به خدائي وحي


Sindhica Academy, Karachi

نازل ٿي، معجزا به مليس، پر ڪافرن انهن کي جادو ۽ دوکو سڏيو. هاڻي مڪي جا مشرڪ به خدائي عذاب گهرن ٿا، پر عذاب اچڻ تي توبه قبول نه ٿيندي آهي. الله تعاليٰ جي وجود ۽ ان جي قدرت جون نشانيون، ڪائنات جي هر شيءِ ۾، جانورن ۽ ٻيڙين ۾ به موجود آهن. الله تعاليٰ جنهن لاءِ گهرندو آهي، ان کي معجزا ڏيندا آهن. انهن جو انڪار ڪندڙن جي لاءِ جهنم تيار آهي ۽ ايمان آڻڻ وارن جي لاءِ جنت موجود آهي.

مان توهان جي ديوين کي معبود نٿو مڃان. مان انهيءَ مالڪ حقيقي کي مڃان ٿو جيڪو جيئرو آهي ۽ دنيا جي سڀني قومن جو آقا (رب العالمين) آهي.

الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن جو دعائون ٻڌندو ۽ قبوليندو آهي.

## (23) سورت الزمر:

هن سورت سڳوريءَ ۾ ڳالهه ٻولهه جو رخ ٻيهر حبشه جي عيسائين ڏانهن ٿيو آهي ۽ انهن کي چيو ويو آهي ته الله تعاليٰ جو ڪوبه پٽ نه آهي ۽ نه ئي ڪيس ان جي ڪا گهرج آهي ۽ ڪافرن جو اهو اصول به غلط آهي. ڪوبه ماڻهو ڪنهن ٻئي ماڻهو جو بوجهه نه کڻندو. (لَّا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰی).

مسلمانن کي هجرت ڪرڻ جو اشارو ڏنو ويو آهي (وَاَرْضُ اللّٰهِ وَاسِعَةٌ). هيءَ هجرت حبشه واري هجرت نه آهي، پر يثرب واري هجرت آهي ته جيئن ڪافرن جي ظلمن کان مڪمل طرح تحفظ ملي وڃي.

قرآن حڪيم کي "ڪتاباً متشابها مثاني" چيو ويو آهي. هتي سورت زمر جي 21، 22 ۽ 23 آيتن ۾ عيسائين کي سڏيندي ڪين ٻڌايو ويو آهي ته هي احسن الحديث (تمام ئي سٺو ڪلام) آهي ۽ اهڙي تعليم (ڪتاب) آهي جيڪا هڪ هڪ ٻئي سان هڪجهڙائي رکندڙ آهي ۽ وري وري ورجايل آهي. مثاني جو مطلب اهو آهي ته جيڪا تعليم هن قرآن ۾ ڏني وئي آهي، سا انهيءَ قرآن ۾ به هر هر ورجايل آهي ۽ هن کان پهريان وارن ڪتابن: توريت ۽ انجيل وغيره ۾ هر هر ورجائي وئي آهي ۽ هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ آهي.

مثاني جي لفظ سان جن سورتن جو جوڙو جوڙو مراد ورتو ويو آهي، سو بلڪل غلط آهي جنهن جي حمايت ۾ قرآن منجهان ڪوبه اشارو نٿو ملي.

قرآن جي تعليم سچو دين يعني اسلام يا الله تعاليٰ جي بندگي سيکاري ٿي. الله تعاليٰ جنهن کي گهرندو آهي، هدايت ڏيندو آهي. اها تعليم هڪ نور آهي، جيڪو دل جي اونداهين کي ختم ڪري ڇڏيندوآهي. هن تعليم سان الله تعاليٰ کان ڊڄڻ وارن (عيسائين) جا وار ڪانڊارجي وڃن ٿا ۽


www.sindhsalamat.com

انهن جون دليون نرم ٿي وڃن ٿيون.

هن دؤر ۾ ڪجھ ڪوڙو ڪندڙن ايمان آڻيندڙن کي ايترو تہ پريشان ڪيو ۽ ايترو تہ ذهني ۽ جسماني تڪليفون پهچايون جو انهن مان ڪيترا تہ بيهوش ٿي ويا. انهن تي ڏاڍ ڪري ڪانئن نہ رڳو شرڪ جون ڳالهيون چورايون پر هڪ گونھ ريڙهو جيت وڃي رهيو هو تہ انهيءَ کي بہ خدا مڃڻ تي مجبور ڪيو ويو، پر اهو الله جو ٻانهو رڳو ”احد، احد“ ئي چوندو رهيو.

جڏهن رسول الله ﷺ اها ڳالھ ٻڌي تہ خدائي وحيءَ جي ٻوليءَ ۾ ايمان وارن کي سڏيندي فرمايائون تہ جيڪڏهن توهان کان ڏاڍائي ۽ ڪنهن جي ظلم جي ڪري پاڻ تي ڪابہ زيادتي ٿي آهي تہ انهيءَ لاءِ گهٻرائڻ جي ڪابہ ڳالھ نہ آهي، توهان الله تعاليٰ جي ٻاجھ مان مايوس نہ ٿيو. بيشڪ الله تعاليٰ سڀني گناهن کي معاف ڪري ڇڏيندو. پڪ سان اهو ئي بخشيندڙ ۽ ٻاجهارو آهي. مطلب تہ اهو شرڪ ۽ انڪار، جيڪو ڪنهن مجبوري ۽ دماغي پريشانيءَ جي ڪري توهان کان ٿي ويو، الله تعاليٰ انهيءَ کي بہ معاف ڪري ڇڏيندو پر انهيءَ لاءِ شرط اهو آهي تہ توهان پنهنجو پاڻ کي الله تعاليٰ جو ٻانهو سمجهندا رهو ۽ بيقراريءَ جي حالت ۾ جيڪو گناھ ڪيو هو سو بہ معاف ڪيو ويندو.

لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ؕ (الزمر:53)

انهيءَ ڳالھ جو اندازو نٿو ڪري سگهجي تہ جنهن ملڪ ۾ آڳاٽو ۽ ابن ڏاڏن کان هلندڙ يا قبائلي قانون ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ قانون نہ هجي، اتي خاندان جي وڏن جو پنهنجي خاندان تي ڪيترو اقتدار هوندو آهي ۽ اهي ڏک ۽ ڪاوڙ جي حالت ۾ ڇا ڇا ڪري ويندا آهن. ٻانهي ۽ غلامن جو تہ ڪو داد فرياد بہ نہ هو. ان سان گڏوگڏ عرب ۾ پرجهلو يا حمايت وارو هجڻ جو قانون بہ موجود هو جنهن موجب جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن کي پنهنجي حمايت ۾ وٺندو هو تہ پوءِ اهو پنهنجي جان ۽ مال سان انهيءَ جي حفاظت ڪندو هو. پناهگيرن سان وڙهڻ جو مطلب ڄڻ پناھ ڏيندڙ کي ويڙھ لاءِ للڪار ڪرڻ هوندو هو.

انهيءَ دؤر ۾ مالدار سردارن وري زور ڀريو تہ پاڻ ﷺ ديوين کي شفاعت ڪندڙ مڃن، پر پاڻ ﷺ جن قرآن جي لفظن ۾ صاف صاف چئي ڇڏيو تہ اي جاهلو! ڇا اهو ممڪن آهي تہ مان توهان جي چوڻ تي الله کان سواءِ ٻيو ڪنهن جي ٻانهپ ڪرڻ لڳان؟ مون تي ۽ مونکان اڳين تي وحي نازل ٿي آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شرڪ ڪيو تہ ان جا سڀئي عمل ڇٽ ٿي ويندا ۽ توهان ٽوٽي ۾ پئجي ويندؤ. اهي ديويون شفاعت نٿيون ڪري سگهن. شفاعت رڳو الله تعاليٰ جي اختيار ۾ آهي. (قُلْ لِّلّٰهِ الشَّفَاعَةُ جَمِيْعًا ؕ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ)


Sindhica Academy, Karachi

بهرحال تڪبر ڪرڻ وارن جي لاءِ دوزخ آهي ۽ پرهيزگارن جي لاءِ جنت آهي.

**ڪوڙو ڪندڙن کان منهن موڙڻ لاءِ وري حڪم:**

ڪتاب وارن، خاص ڪري عيسائين ڏانهن ڳالھ ٻولھ جو رخ هجڻ کان پهريان ئي رسول الله ﷺ کي حڪم ملي چڪو هو تہ مشرڪن سان وڌيڪ بحث مباحثي جي ضرورت نہ آهي، انهن کان منهن موڙي ڇڏيو ۽ انهن کي انهن جي حال تي ڇڏي ڏيو.

وَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَاهْجُرْهُمْ هَجْرًا جَمِيْلًا ﴿۱۰﴾

مطلب تہ جيڪو ڪجھ اهي چون ٿا، انهن کي چوڻ ڏيو. پنهنجي آقا جي حڪم تي قائم رهو. حضرت يونس ؑ وانگر بي صبري نہ ڪريو.

ترجمو: ”جيتوڻيڪ تون انهن جي هدايت جي لاءِ آيو آهين، پر اهي قيامت جي ڏينهن کي نٿا مڃن تہ پوءِ انهن کان منهن ڦيري ڇڏ، توهان تي ڪابہ ميار نہ هوندي“.

فَتَوَلَّ عَنْهُمْ فَمَآ اَنْتَ بِمَلُوْمٍ (الذاريات ۽ القمر)

ڳالھ ٻولھ جو رخ عيسائين ڏانهن ٿيڻ سان ايمان وارن کي ايذائڻ جو عمل وڌي ويو تہ پاڻ ڪريم ﷺ کي وري انهن جي ڳالهين کان منهن موڙڻ جو حڪم ٿيو ۽ چيو ويو تہ توهان انهن جي انهن ڳالهين تي صبر ڪريو.

فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ (ق)

”اهڙو صبر ڪريو جهڙو اٽل ارادن وارن پيغمبرن ڪيو آهي“.

فَاصْبِرْ كَمَا صَبَرَ اُولُوا الْعَزْمِ مِنَ الرُّسُلِ (الاحقاف) فَارْتَقِبْ اِنَّهُمْ مُّرْتَقِبُوْنَ (الدخان) فَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿۱۷۴﴾ وَّاَبْصِرْهُمْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ ﴿۱۷۵﴾ (والصافات) وَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ (الطور) ۽ دائود ۽ ايوب ؑ جي صبر واري مثال کي سامهون رکو اِصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَاذْكُرْ عَبْدَنَا دَاوٗدَ ذَا الْاَيْدِ ۚ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ﴿۱۷﴾ (ص) جيڪو حڪم توهان کي ڏنو وڃي پيو انهيءَ کي چٽو پٽو بيان ڪري ڇڏيو ۽ مشرڪن جي ڳالهين کان منهن موڙيو فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ وَاَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ (الحجر) اها بہ ڳالھ ڌيان ۾ رکو تہ ڳالھ ٻولھ ۾ نرم لهجو اختيار ڪريو فَقُوْلَا لَهٗ قَوْلًا لَّيِّنًا لَّعَلَّهٗ يَتَذَكَّرُ اَوْ يَخْشٰى (طٰه) ڇو تہ الله تعاليٰ انسان کي انهيءَ جي سهپ کان وڌيڪ تڪليف ناهي ڏيندو. وَلَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا (المؤمنون) ”تنهن ڪري جيڪڏهن اهي الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي نہ مڃيندا تہ ڇا توهان پنهنجو پاڻ کي انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ پيا ڳاريندؤ؟“ لَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ اَلَّا يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ (الشعراء)

”(۽ ڏسو) الله تعاليٰ (جي هڪ سنت اها بہ آهي تہ هو) ڪنهن بہ قوم جي


www.sindhsalamat.com

حالت ان وقت تائين نٿو بدلائي جيستائين جو اها پنهنجو پاڻ ۾ تبديليءَ جو شعور ۽ صلاحيت پيدا نہ ڪري." اِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوۡمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوۡا مَا بِاَنۡفُسِهِمۡ (الرعد). "بهرحال اهي گهرن ٿا تہ توهان انهن جي ديوين ۽ بتن کي پنهنجي دين ۾ جاءِ ڏيو. انهن جي ڳالهہ بلڪل بہ نہ مڃجو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ سخت جاکوڙ ڪجو" فَلَا تُطِعِ الۡكٰفِرِيۡنَ وَجَاهِدۡهُمۡ بِهٖ جِهَادًا كَبِيۡرًا (الفرقان). "پر هن جهاد (ڪوشش) ۾ خوش اخلاقي ۽ نرمي کي هٿان نہ وڃڻ ڏجو" وَّاِذَا خَاطَبَهُمُ الۡجٰهِلُوۡنَ قَالُوۡا سَلٰمًا (الفرقان). "اجا بہ انهن کي چئجان تہ اسان پنهنجي عملن جا پاڻ جوابدار آهيون ۽ توهان پنهنجي عملن جي لاءِ پاڻ جوابدار آهيو. اسان هڪ ٻئي سان حجت بازي نہ ڪنداسين" لَنَاۤ اَعۡمَالُنَا وَلَكُمۡ اَعۡمَالُكُمۡ ؕ لَا حُجَّةَ بَيۡنَنَا وَبَيۡنَكُمۡ ؕ (الشوريٰ) قُلۡ يٰقَوۡمِ اعۡمَلُوۡا عَلٰى مَكَانَتِكُمۡ اِنِّىۡ عَامِلٌ ۚ فَسَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ (الزمر). جيڪو صحيح دڳ وٺندو تہ انهيءَ ۾ ئي ان جي لاءِ ڀلائي آهي ۽ جيڪو غلط راهہ وٺندو سو پاڻ ئي تباهہ ۽ برباد ٿي ويندو فَمَنِ اهۡتَدٰى فَلِنَفۡسِهٖ ۚ وَمَنۡ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيۡهَا ۚ (الزمر).

## (24) سورت الڪافرون:

منهن موڙڻ واري انهيءَ وري وري مليل حڪم کان پوءِ قطعي طور ڪافرن کي اهو چئي ڳالهہ کي ختم ڪيو ويو تہ "توهان پنهنجي واٽ تي هلندا رهو ۽ مان بہ پنهنجي دڳ تي هلي رهيو آهيان. توهان کي توهان جو دين نبيهہ هجي ۽ مون کي منهنجو دين"، ٻين سان منهنجو ڪو واسطو نہ آهي. لَكُمۡ دِيۡنُكُمۡ وَلِىَ دِيۡنِ.

اعلانيہ دعوت جو ٽيون باب بہ ختم ٿي ويو. هن بابت ۾ حبشہ ڏانهن هجرت جو ذڪر ٿيو ۽ ڳالهہ ٻولهہ جو رخ حبشہ جي عيسائين ڏانهن ٿي ويو. مشرڪن جو مسلمانن کي ايذائڻ جو عمل حدون اورنگهي ويو هو ۽ انهيءَ حالت تائين پهچي ويو هو جو هاڻي انهن کي هدايت ۽ نصيحت جي ڪا بہ ڳالهہ نٿي ٿي سگهي. تنهن ڪري سورت ڪافرون ۾ آخرڪار انهن کان منهن موڙيو ويو. هن کان پوءِ ڪافرن پاڻ ڪريم ﷺ کي ۽ انهن جي آکهہ جي ماڻهن کي شعب ابي طالب ۾ قيد ڪري ڇڏيو. اهو قيد ٽن سالن تائين جاري رهيو.


Sindhica Academy, Karachi

# اسلامي انقلاب جي چوٿين منزل

## شعب ابي طالب ۾ ٽن سالن جو قيد ۽ قبيلن ڏانهن رسالت جي تياري

## محمد المرسل ...... قرآن مظلومان

[محرم 7 نبوي (مارچ 616ع) کان ذي الحج 9 نبوي (مارچ 619ع) تائين]

رسول الله ﷺ جي جاکوڙ واري تاريخ ۾ انهن ٽن سالن وارو عرصو وڏي اهميت رکي ٿو جنهن ۾ ڳجهي دعوت جي ذريعي ظاهر ظهور دعوت جي لاءِ تياري ڪئي وئي هئي. ان کان پوءِ اڳئين مرحلي يعني علي الاعلان دعوت ۾ وري نظريي جي جزن تي وحي الاهي جي تفصيلي روشني ۾ اثرائتا دليل ڏنا ويا. ڪائنات، انساني معاشري ۽ انساني نفس کي شهادت جي طور تي پيش ڪيو ويو هو.

مڪي جي غلام ٻڌائيندڙ مالدار سردارن مسلمانن مٿان پنهنجي ايذاءَ رساني ۽ ظلم ۽ زيادتين واري مشق اڳي کان اڳري ڪري ڇڏي هئي ايتري تائين جو انهن کي حبشہ ڏانهن پناهہ لاءِ لڏ پلاڻ ڪرڻي پئي. رسول الله ﷺ تي هوڪرا ڪرڻ، ٺٺوليون ڪرڻ ۽ قتل ڪرڻ جون سٽون سٽڻ معمول بڻجي ويو. غلامن ۽ ٻانهن تي تشدد جي انتها ٿي وئي. آزاد ۽ شريف ماڻهو بہ انهيءَ ٺٺول کان بچي نہ سگهيا. نبي ڪريم ﷺ تمام ئي ثابت قدميءَ ۽ جوانمرديءَ سان انهن سڀني حالتن کي مڙس ٿي منهن ڏنو.

ڪليل طرح دعوت جي لڳ ڀڳ ٽن سالن جي مڪمل ٿيڻ تي هاڻي نئين صورتحال کي منهن ڏيڻو پئجي ويو. رسول الله ﷺ ۽ سندن قبيلي بنو هاشم ۽


www.sindhsalamat.com

بنو المطلب کي شعب ابي طالب ۾ قيد ڪيو ويو. انهن سان ڏيتي ليتي، لڳ لاڳاپن ۽ مٽي مائٽي جو بائيڪاٽ ڪيو ويو. ڪافرن جو خيال هو ته متان بک ۽ اڪيلائيءَ کان تنگ ٿي ڪري محمد ۽ ان جا سنگتي پنهنجي آڳاٽي مسلڪ تي واپس موٽي اچن، پر ٽن سالن جي قيد ۽ اڪيلائي ۾ به رسول الله ﷺ ۽ سندن سنگتين جي همت ۽ حوصلي ۾ هيٺائي پيدا نه ٿي سگهي. اجا به انهن ٽن سالن جي قيد ۾ رسول الله ﷺ تي اها حقيقت پڌري ٿي پئي ته جيستائين سياسي اقتدار حاصل نٿو ٿئي، ديني تعليم جو انساني زندگيءَ تي ڪو گهرو ۽ جوڳو اثر نٿو ٿي سگهي. مطلب ته رڳو انفرادي اخلاق کي سڌارڻ سان معاشري جي گڏيل زندگيءَ تي ڪوبه اثر ظاهر نٿو ٿي سگهي. شعب ابي طالب ۾ قيد ٿيڻ کان پهريان قرآن ۾ ”ارض الله واسعة“ يعني زمين جي وسعت ڏانهن اشارو ۽ ڪتاب وارن خاص ڪري عيسائين جي عقيدن ۽ رحمان جي ذڪر مان اهو پڌرو آهي ته هن وقت تائين نازل ٿيڻ وارو قرآن حبشه ڏانهن حجرت واري زماني جو آهي. حبشه ڏانهن حجرت جهڙي اهم واقعي جو قرآن ۾ ڪوبه ذڪر نه آهي. اهڙي طرح عيسائين سان ڳالهه ٻولهه جي تفصيل به قرآن ۾ موجود نه آهي، رڳو اشارا آيا آهن، جن منجهان ڄاڻي سگهجي ٿو ته قرآن جو اهو حصو حبشه ڏانهن هجرت ۽ عيسائين جي عقيدن تي تنقيد سان تعلق رکي ٿو.

شعب ابي طالب ۾ قيد ٿي وڃڻ کان پهريان بنو هاشم ۽ بنو عبدالمطلب جي خاندان منجهان حضرت حمزه، حضرت علي ۽ حضرت زيدؓ کانسواءِ ٻيو ڪوبه مرد رسول الله ﷺ تي ايمان آڻڻ وارن ۾ شامل ڪونه هو. ان کان سواءِ ٻئي جيترا به ماڻهو هئا، اهي رڳو قبائلي غيرت ۽ مائٽي جي ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جا حامي ٿي بيٺا هئا. ايتري تائين جو پاڻ ڪريم ﷺ کي به مڪي ۾ پرچار جي اجازت ڪونه هئي ۽ نه ئي وري ڪو سندن ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار هو. انهيءَ مان هڪڙو اهم سوال اڀري ٿو ته شعب ابي طالب ۾ قيد وارن ٽن سالن دوران جيڪو قرآن نازل ٿيو هو سو ڇا هو ۽ ان جي ڳالهه ٻولهه ڪنهن سان هئي؟ تفسيرون ۽ حديثون انهيءَ سوال جي جواب ڏيڻ ۾ چپ آهن.

اها ڳالهه پڌري آهي ته شعب جي اندر نظربند ٿيڻ وارن ۾ اهي ٿورڙا ماڻهو، جن جو ذڪر مٿي ٿيو آهي، سي ايمان وارا هئا، جڏهن ته باقي سيئي ڪافر هئا. شعب کان ٻاهر جيڪي مسلمان هئا، اهي به پريشان هئا ۽ گهرن پيا ته ڪنهن طرح سان انهن ڏکن ڏولاون مان ڇوٽڪارو ملي. دين جي تعليم (نظرئي جي حد تائين) ته اڳي ئي مڪمل ٿي چڪي هئي، تنهن ڪري وري مسلمانن


Sindhica Academy, Karachi

يا مشرڪن کي اهو ٻڌائڻ جي ضرورت نه هئي ته اسلام ڇا آهي؟ انهيءَ باري ۾ ڪنهن نئين وحي جي ضرورت نه هئي. اسلام جو بنيادي نظريو الله تعالا جي وجود ۽ مرڻ کان پوءِ واري زندگي ۽ عملن جي جزا ۽ سزا جي شڪل ۾ پيش ٿي چڪو هو. اهو به ٻڌايو ويو هو ته اسلام جو خدا ٻين قومن جي خدا وانگر نه رڳو انصاف ڪندڙ، پر بيحد ٻاجهارو به آهي. هو سزا به ڏئي سگهي ٿو ۽ معاف به ڪري سگهي ٿو. پر معاف ڪرڻ ۾ پنهنجي رحمت واري قانون جو پابند آهي.

## رسالت جي تياري:

پهريان ٻڌايو ويو آهي ته جهڙي طرح ڳجهي دعوت جا ٽي سال ظاهر ظهور دعوت جي تياريءَ جا سال هئا، هاڻي هيءُ نظريو اڳيان هو ته عرب قومن ۾ اسلام جي پرچار جي تياري جي لاءِ رسول الله ﷺ کي وڌيڪ ٽن سالن جي وٿي ڏني وڃي ته جيئن پاڻ ﷺ دنيا کي اسوهء يوسفي (قيد) ۽ اسوهء موسوي (هجرت ۽ جهاد) تي عمل ڪري اهو سمجهائي سگهن ته خدا تعالا تي ڀروسو ڪرڻ وارو هڪڙو اڪيلو ماڻهو به سڀني ڏکيائين کي مات ڏئي سگهي ٿو.

هن زماني ۾ ڳالهه ٻولهه نه ته ڪافرن سان هئي ۽ نه ئي وري ايمان وارن سان. هن دؤر ۾ جيڪي به سورتون نازل ٿيون انهن ۾ ڳالهه ٻولهه رسول الله ﷺ سان ڪئي ٿي وئي. هن دؤر جي تعليم جو مقصد رڳو اهو هو ته ”الملک والدين تو امان“ (يعني رياست ۽ دين ٻه جاڙا ڀائر آهن). هاڻي وحيءَ جو جيڪو سلسلو شروع ٿيو هو، سو ملڪ ۽ حڪومت جا اصول ٻڌائي ٿو. پاڻ ڪريم ﷺ جن دينن جي تاريخ تي غور ڪندي ڄاڻي ورتو هو ته جيستائين حڪومت ۽ سلطنت نه هوندي، ان وقت تائين دين قائم نٿو ٿي سگهي. ڇو ته دين ۽ سلطنت پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن. هڪڙي کان بنا ٻيو اڌورو آهي.

## اخلاقي سياست ئي نبوت جو مقصد

**اخلاقي سياست ئي نبوت جو مقصد آهي:** پاڻ ڪريم ﷺ کان پهريان حضرت موسيٰؑ انسان کي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي لاءِ اهڙا اصول قائم ڪيا هئا، جن تي ديني يعني عام انسانيت جي ڀلائيءَ جي لاءِ سلطنت قائم ٿي سگهي ٿي. اها سلطنت حضرت سليمانؑ جي زماني ۾ عروج تي پهتي. اهڙي طرح قرآن ايران جي بادشاهه ڪوروش (ذوالقرنين) جي به واکاڻ ڪئي آهي. حضرت عيسيٰؑ جو ذڪر به قرآن ۾ انهيءَ لاءِ ڪيو ويو آهي


www.sindhsalamat.com

ته اهو انصاف ۽ رحم جي بنياد تي سلطنت (خدا جي بادشاهت) قائم ڪرڻ گهري پيو. قرآن آدم کان وٺي نبي ڪريم ﷺ جي بعثت تائين جا تاريخي حوالا انهيءَ خيال سان ئي ڏنا آهن ته سڀني قومن ۾ انساني معاشري کي سنواري اخلاقي ۽ ديني بنيادن تي سياسي نظام قائم ڪيو وڃي. انهيءَ ئي مقصد ماڻڻ جي لاءِ دنيا جي قومن ڏانهن رهبر ۽ سڌارڪ انسان موڪليا ويا هئا. ديني تاريخ منجهان قرآن پاڪ اهو نتيجو ڪڍي ٿو ته هاڻي رڳو اهڙي ئي سياست زنده رهي سگهندي جيڪا نبين، رهبرن، فلسفين، حڪيمن، دينن ۽ ڪتابن (قانونن) جي هيٺ ڏنل بنيادي حقيقتن کي ڪڏهن به نه وساري:

1. خدا بابت عيسائين جي تصور موجب گهڻن معبودن يا هڪڙي گڏيل خدا جي بانهپ ائين ئي آهي، جيئن شيطان يا ان جي اولاد ۽ نفس اماره جي پيروي، تنهن ڪري انهيءَ روش کي تياڳڻ گهرجي ۽ رڳو هڪڙي ئي آقا ۽ خلقڻهار (رب العالمين) جي حڪمن تي عمل ڪرڻ گهرجي ته جيئن انساني جماعت جي اندر فرقو پيدا نه ٿئي ۽ حق واري دين تي اتحاد قائم ٿي سگهي.
2. انساني وحدت ۽ برابري جو نظريو جيستائين عملي طور تي معاشري ۾ استعمال نه ڪيو وڃي انهيءَ جو ڪوبه نتيجو نٿو نڪري. تنهن ڪري (اڄ جي مذهبي پيشوائن جو خيال ته) ايمان کان نيڪ عمل کي يا نيڪ عمل کان ايمان کي الڳ ڪرڻ، اسلام جي حقيقت کان منهن موڙڻ جي برابر آهي.
3. جيڪي ماڻهو انصاف پري سياست جي لاءِ ڪم ڪندا آهن، اهي ئي سچا مؤمن هوندا آهن. اهڙي طرح هر نبيءَ جي نبوت جي نظري تعليم جي روشني ۾ سياست يا عملي نبوت کي قائم ڪيو ويندو آهي ۽ رسالت جي انهيءَ اصل ڪم کي مڪمل ڪرڻ وارا هر دؤر ۾ اها ئي جدوجهد ڪندا رهندا آهن.

مڪي جي سردارن رسول الله ﷺ کي مجبور ڪيو ته پاڻ قبائلي ۽ قومي سياست جي بدران عالمي ديني سياست تي غور ۽ فڪر جي لاءِ اڪيلا ڇڏيا وڃن. تنهن ڪري شعب ابي طالب جا ٽي سال انهيءَ مقصد ماڻڻ جي لاءِ ڪم آيا. هن زماني ۾ قرآن يهودين جي تاريخ بلڪل انهيءَ ئي ترتيب سان ڏسي آهي جيئن بائبل ۾ آهي. شعب مان نڪرڻ کان پوءِ اهو سلسلو جاري رهيو. يهودين سان گڏ مجوسي به شامل ڪيا ويا ۽ مڪي جا مشرڪ انهيءَ ڳالهه کي سمجهي نه سگهيا ته هن قرآن ۾ ڪتاب وارن کي ٻڌيءَ جي دعوت ڏني پئي وڃي.


Sindhica Academy, Karachi

سنه 6 نبوي جو حج به ٻُسو هو. ايراني ۽ رومي سامراج پاڻ ۾ وڙهي رهيو هو. يتيمن، بيواهن ۽ غلامن خوف ۽ بڪ جي ڪري جنگ جي مخالفت شروع ڪري ڏني هئي. يروشلم ۾ عيسائيت خوار ٿي چڪي هئي. 616ع ۾ ايراني ساسانين فلسطين تي ۽ 619ع ۾ مصر تي قبضو ڪري ورتو هو. هيءُ اهو زمانو هو جڏهن ڪعبي جي مذهبي ٺيڪيدارن جي اڳواٽي ڪندڙ بنو عبدالدار ايمان آڻڻ وارن کي چٽي رهيو هو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي ساٿاري خاندان بنو هاشم جي حمايت کان پاڻ ﷺ ۽ ان جي ساٿين کي الڳ ڪرڻ جا جتن ڪري رهيو هو.
مڪي جي انهيءَ دؤر واري تاريخ تي پردو پيل آهي. حبش واري ابرهه جي ڪعبة الله تي حملي سبب مڪي وارن کي حبش ۽ عيسائين کان نفرت هئي. مسلمانن جي هڪڙي جماعت حبش ۾ پناهه وٺي چڪي هئي، انهيءَ ڪري ايرانين ۽ رومي عيسائين جي ڇڪتاڻ ۾ رڳو رومي عيسائين کان ئي ديني ۽ سياسي اتحاد جي اميد هئي. اها ته خبر نه پئجي سگهي ته انهيءَ دؤر ۾ نجاشي کان سواءِ مسلمانن ڪن ٻين عيسائي ملڪن سان به رابطو ڪيو هو يا نه؟ پر اها ڳالهه پڌري پٽ آهي ته انهن مڪي جي مشرڪن جي دشمنن سان رڳو انهيءَ ڪري دوستي ڳنڍي ورتي هئي جو اهي هڪ الله جي پوڄا ڪندڙ ۽ موحد هئا ۽ مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ جا به قائل هئا.

## اسلام ۽ ٻئي مذهب ۽ فلسفي مڪتبِ فڪر

دنيا ۾ جيترا به مذهب پيدا ٿيا سي سڀئي سٺي ۽ ترقيءَ واري زندگيءَ جا طريقا ٻڌائيندا هئا. سامي قومن مذهب جي ذريعي جيڪو طريقو سوچيو، اهو ئي طريقو آريائي قومن فلسفي جي ذريعي ٻڌايو. انسان هڪ سماجي جانور آهي. سماجي زندگي ۽ ترقيءَ جي لاءِ جهڙي طرح مذهب ۽ فلسفو ڪمائتا آهن، ائين ئي سياست به ان جي لاءِ ضروري آهي. پر مذهب کي دنياوي زندگيءَ کان الڳ ڪري پيشوا، راهب يا جوڳي ٻڌجي ويهي رهجي ته انسان جي ترقيءَ جو عمل رڪجي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن نظري فلسفو ۽ اخلاقي نصيحتون رڳو هڪ خيال تائين محدود ٿي وڃن ۽ عملي زندگيءَ سان انهن جو ڪو لاڳاپو نه رهي ته اهي به بي معنيٰ ۽ بي فائدي ٿي وينديون آهن.
تنهن ڪري جن قومن پنهنجي عملي زندگيءَ سان پنهنجي مذهب (اخلاقي قانونن) يا فلسفي کي واڳيو ۽ اهڙا قانون جوڙيا جيڪي انساني فطرت موجب هجن ۽ ترقيءَ سان گڏوگڏ انهن ۾ ترقي پسند تبديلي به آڻيندا رهن، سي


www.sindhsalamat.com

سيئي مسلم قومون ئي هيون. دنيا ۾ اهي ئي قومون ترقي ڪنديون آهن جيڪي ٻين کي به ترقيءَ جي ڊگ لائي سگهن. مطلب ته سماجي انصاف، رواداري، خدا پرستي، اسلام ۾ ترقي: اهي سيئي ساڳي معنيٰ رکندڙ لفظ آهن. انهن جو بنياد قرآن سان گڏوگڏ سيئي آسماني ڪتاب آهن. قرآن جو ڪم رڳو اهو آهي ته اهو سيني آسماني ڪتابن جي تصديق ۽ تشريح ڪري ٿو.

## مذهب جا ٻه قسم:

اسلام کان اڳ ۾ ٻن قسمن جا مذهب ملن ٿا: انهن مان هڪڙو قومي ۽ نسلي ترقي جي بنياد تي قائم هو: جهڙوڪ يهودي ۽ هندستان جا هندو. انهن مان ٻيو عام انساني برادري کي ترقي ڏيڻ گهري پيو جهڙوڪ چيني، ٻڌ، عيسائي، مانوي وغيره.

انهيءَ دؤر ۾ هر قوم پنهنجي قوم کي ٻين قومن کان مٿانهون سمجهندي هئي. رنگ ۽ نسل تي وڏائي ڪرڻ جو مرض هر جاءِ تي موجود هو. اهڙيون سيئي قومون تباهه ۽ برباد ٿي ويون جيڪي ٻين قومن کي غلام بڻائي، ڏاڍائيءَ سان انهن کان پنهنجي ديوتائين جي پوڄا ڪرائينديون هيون. اهڙين قومن ۾ آشوري، مصري، ڪلداني (خالدي)، ايراني، ساساني، يوناني ۽ رومي قومون شامل آهن. انهن قومن جي ترقي پنهنجي هٺ ۽ وڏائيءَ جي ڪري رڪجي وئي ۽ آخرڪار اهي ٻين قومن جي هيٺان غلام بڻجي ويون.

باقي اهي قومون جن پنهنجي سياسي زندگي ۾ عالمگير انساني پروگرام کي داخل ڪيو ۽ پنهنجي دين ۽ ملڪ جو مقصد گڏيل انساني ڀلائي رکيو ۽ پنهنجي سياست جو بنياد بين الاقوامي برابري ۽ همدرديءَ تي رکيو سي ايستائين زنده رهيون جيستائين انهن جي اندر اهو عالمگير جذبو قائم رهيو.

## يهودين ۽ هندن جي تباهي:

اسلام کان پهريان يهودي مذهب جي تعليم سياسي آزادي ۽ نيڪ عملي سيکاريندي هئي. ڪجهه ڏينهن جي لاءِ اها يهودي رياست بڻي ۽ جيستائين اها خدائي قانون جي فرمانبرداري ڪندي رهي تيستائين زنده رهي. ايران ۽ وچ ايشيا ۾ زرتشتي مذهب ۽ هندستان ۾ ڪجهه مختلف مذهبن جي پيروڪارن کي به پنهنجي رياست قائم ڪرڻ جو موقعو مليو. پر انهن مذهبن ۾ دين ۽ رياست کي گڏوگڏ هلائڻ واري تعليم ختم ٿي وئي هئي.


Sindhica Academy, Karachi

اهي رڳو اخلاقي طور يا فلسفي بنيادن تي ماڻهن کي نيڪ زندگي گذارڻ جون نصيحتون ڪرڻ لڳا هئا. ان کان پوءِ رياست تي حڪمراني ڪرڻ واري ذات (طبقو) الڳ ٿي ويو جيڪو برهمڻ ۽ پشڪن کان تعليم وٺندو هو. ائين حقيقي جمهوريت قائم نه ٿي سگهي جو برهمڻ گهٽ ذات وارن ماڻهن تي ظلم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو.

رڳو اشوڪ اعظم جي بادشاهت، جيڪا گوتم ٻڌ جي ٻڌايل انساني برابريءَ واري اصول تي ٻڌل هئي، قائم رهي سگهي. جو ته مهاتما ٻڌ، جيڪو قديم طريقو ٻڌايو هو، انهيءَ ۾ فڪر ۽ عمل جي صحت جو دارومدار سخاوت، رواداري، پيار ۽ انساني برابريءَ تي رکيو ويو هو ۽ اهو انهيءَ لاءِ هو ته جيئن ملڪ جو بادشاهه نفساني خواهشن تي ضابطو آڻي ذات پات جي فرق کي ختم ڪري ڇڏي. بمبسار ۽ اشوڪ انهيءَ تعليم تي عمل ڪيو ۽ ٻڌ ڌرم کي سياسي ترقيءَ جي لاءِ استعمال ڪيو جيڪو تمام ئي ڪامياب ويو.

## غلاميءَ جو رواج:

جڏهن انساني معاشرو شڪار واري دؤر مان نڪري زراعت واري دؤر ۾ داخل ٿيو ۽ هن ڪٽڪ ۽ ٻئي اَن پوک جي شروعات ڪئي ته معاشرو آقا ۽ غلام جي نالن سان ٻن مخالف معاشي طبقن ۾ ورهائجي ويو. سگهاري ٽولي زمين جي پوکيءَ وارن وڏن وڏن علائقن تي قبضو ڪري ورتو ۽ معاشري جي گهٽائي انهيءَ پيداواري وسيلي کان محروم ٿيندي وئي. جنگن ۾ پڪڙيا ويندڙ قيدي غلام بڻايا ويا، جو جو اَن جي جهجهي مقدار جي ڪري هاڻي انهن قيدين کي مارڻ جي ضرورت نه هئي، اجا به فتحن جي وسيلي گهٽي کان گهٽا غلام حاصل ڪرڻ جي ڊڪ ڊوڙ شروع ٿي وئي. حالت اتي وڃي بيٺي جو فلسفي به غلاميءَ کي هڪڙو فطري ادارو سڏڻ لڳا. ارسطو جو قول هو ته غلامي هڪڙي ضروري ۽ فطري شيءِ آهي. افلاطون به پنهنجي ڪتاب ”ري پبلڪ“ ۾ غلاميءَ جي خلاف هڪڙو ٻول ٻولي نه سگهيو. انهيءَ دؤر ۾ غلامن تي ڏاڍ ۽ ظلم جي ڪا حد ئي ڪونه هئي. سڪندر قديم فونيقي شهر طائر کي 332ع ۾ تباهه ڪري ڇڏيو ۽ ان جي سيني رهاڪن کي غلام بڻائي وڪٽي ڇڏيو. ارسطو کان پوءِ فلسفين غلاميءَ جي مسئلي تي ڪوبه توجهه نه ڏنو. فلسفين کان وڌيڪ ته يوناني شاعر غلامن سان همدرد ۽ انهن لاءِ ٻاجهه وارو جذبو رکندا هئا. يونان ۾ اهو قانون هو ته غلام کي اهو حق آهي ته هو پنهنجي


www.sindhsalamat.com

مالڪ کي پنهنجو مُلھ ڏئي آزاد ٿي وڃي. قرآن پاڪ بہ اهو ئي اصول ٻڌايو تہ غلام تي احسان ڪري يا فديو وٺي ڪري ڪيس آزاد ڪيو وڃي ۽ انهيءَ قانون تي عمل ڪرڻ هر آقا يا مالڪ لاءِ فرض سڏيو.

## دين ۽ سياست:

يونان ۾ جيڪا رياست قائم ٿي انهيءَ ۾ انساني برابريءَ جي جاءِ قومي وڏائيءَ واري جذبي والاري. جيتوڻيڪ يونان جي فلسفي، سياست، فطرت پرستي ۽ سنگتراشي يوناني ثقافت کي تمام ئي شاهوڪار بڻائي ڇڏيو هو، پر پوءِ بہ غلاميءَ واري رواج جي ڪري انهن جي ثقافت جا ڪيترائي حصا بگڙجي ويا هئا. سڪندريہ جي علمي مرڪز ۾ نون تصورن جي آميزش پيدا ٿي وئي، پر سياست وري بہ عالمگير تصور کان خالي رهي.

رومي سياست ۾ غلامي ۽ وياج، ٻئي شيون موجود هيون. جنگ جو مقصد ئي غلام حاصل ڪرڻ ۽ فتح ٿيل ملڪن ۾ وياج جو ڪاروبار ڪرڻ هو. روم کان ٻاهر رومي سامراج هر جاءِ تي تباهي مچائي ڇڏي هئي. 146 ق. م ۾ مقدونيہ کي غلام بڻايو ويو ۽ سڪندر وانگر رومين بہ ڪارنٿ سان ساڳئي ئي قسم جو ورتاءُ ڪيو ست سئو سال پراڻي فونيقي شهر قرطاجنہ جي ستيا ناس ڪري ڇڏي ۽ جنگ ۾ بچي ويل پنجاهہ هزار قيدين کي غلام بڻائي وڪڻي ڇڏيو. آگسٽن جي زماني ۾ ئي يمن کي فتح ڪيو ويو. ان وقت هندستان ۽ يمن سان ٿيندڙ مسالحن جو واپار، جيڪو ڳاڙهي سمنڊ کان گذرندو هو، رومين جي هٿ لڳو ۽ عرب وارا ان کان محروم ٿي ويا. ان زماني ۾ مڪي مان جيڪي شاهراهہ نڪرندي هئي سا بند ٿي وئي ۽ اُن جي قافلن جي جاءِ ٻيڙين والاري، جنهن جي نتيجي ۾ مڪي جي اهميت ختم ٿي وئي. پهرين صديءَ عيسويءَ ۾ يهودين جي بغاوت جي ڪري يونانين يهودين جو قتل عام شروع ڪيو ۽ سڪندريہ مان يهودين جو خاتمو ٿي ويو.

يهودين جي پاڙ ۾ جنگين فلسطين کي بہ ڪمزور ڪري ڇڏيو. 70ع ۾ رومين يروشلم کي فتح ڪري عبادتگاهہ ۽ باقي سڄو شهر تباهہ ڪري ڇڏيو. يهودي هيڏي هوڏي پڇي ويا. روم ۾ فتحن جي گهٽائي دولت ۽ غلامن جي تعداد کي وڌي هٿي ڏني، نتيجو اهو نڪتو جو رومين جي شروعاتي بادشاهت، جيڪا رومي اميرن توڙي غريبن جي جمهوريت تي ٻڌل هئي، سا آهستي آهستي هڪ خاص ٽولي جي آمريت بڻجي وئي. انهن جي اندر شهريت جو احساس ختم


Sindhica Academy, Karachi

ٿي ويو ۽ لوڀ ۽ مطلب پرستي اجماعتي زندگيءَ کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. پر رومي قانون غلامن ۾ اهڙو روح ڦوڪي رهيو هو جو اهي هن غير فطري نظام کي ختم ڪري ڇڏين. روما جي قر مار ۽ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ مسيحيت کي ٻيهر جيئرو ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ 529ع ۾ جسٽينن فلسفي جا اها اسڪول بند ڪري ڇڏيا هئا جيڪا افلاطون جي وقت کان هلندڙ هئا، پر هو انسان جي فلسفي سازي کي رومي قانون جي تدوين کان روڪي نہ سگهيو.

جيڪا عيسائيت جسٽي نين کان پنج سئو سال پهريان رومي سامراج پيدا ڪئي هئي سا سڪندريہ جي فلسفاٽي آب هوا ۾ يهودين، يونانين ۽ غلامن جي گڏيل ڪوڪ هئي. نہ رڳو ايترو پر انهيءَ عيسائيت بگڙجي هڪ پاسي اوير روم ۾ پادرين جي ٺيڪيداري پيدا ڪري ڇڏي تہ ٻئي پاسي ماني مذهب کي پيدا ڪيو. انهن ٻنهي ملي ڪري دنيا جي قديم شهر مڪي کي موقعو ڏنو تہ اهو سڪندريہ وانگر رڳو فلسفي ۽ مذهب ئي نہ، پر ان سان گڏوگڏ عملي سياست ۽ اخلاق کي ملائي معاشرتي زندگيءَ ۾ لاڳو ڪري.

عرب کان سواءِ هر جاءِ تي مختلف بادشاهتون قائم ٿي تباهہ ٿي چڪيون هيون. مختلف قسم جا قومي ۽ عالمي مذهب پيدا ٿي نئون لباس پهري چڪا هئا. ماڻهن وهمن کان نڪرڻ جي لاءِ پنهنجو عقل هلائڻ شروع ڪيو هو. ڇو تہ وهمن کان نہ تہ فلسفو خالي هو ۽ نہ ئي ڪو مذهب. هر ملڪ جي سياست تي مذهبي جماعتن پنهنجو اقتدار قائم ڪري ورتو هو جنهن جي نتيجي ۾ سقراط جهڙي مهان ڏاهي کي بہ زهر جو پيالو پيئڻو پيو، ڇو جو هو قومي مذهب جي خلاف ٻاهرين تصورن کي ايٿنز ۾ داخل ڪري رهيو هو.

مصري ۽ سامي قومن جي مذهبي حڪومتن سان جڏهن آريائي قومن جو ميلاپ ٿيو تہ هندستان، يونان ۽ چين ۾ اهڙيون عقلي تحريڪون اٿيون، جيڪي انساني تجربن ۽ مشاهدن جي بنياد تي نتيجا ڪڍڻ لڳيون. سمجھ جي اهڙي طريقي کي فلسفو بہ چوندا هئا ۽ سائنسي علم بہ چيو ويندو هو. پر اهو علم ۽ فلسفو مذهب بڻجي ويو. عقلي ترقي ڪرڻ جي بدران ماڻهن نئين عقلي طريقي سان حاصل ٿيندڙ ڄاڻ جي مٿان قديم مذهبي ڄاڻ کي اوليت ڏيڻ شروع ڪئي. انهيءَ سان قدامت پرستي پيدا ٿي ۽ ائين ترقي رڪجي وئي. جڏهن مختلف ملڪن ۾ مذهبي جماعتن سياست تي قبضو ڪري ورتو تہ هر ملڪ جي سياست تي مذهبي پيشوائن ۽ پوڄارين جي راءِ جو اثر ٿيڻ لڳو، ائين مذهب بہ سياسي هٿيار بڻجي قدامت پرست بڻجي ويو.


www.sindhsalamat.com

## شعب ابي طالب ۾ سماجي بائيڪاٽ:

هن تاريخي پس منظر ۾ شعب ابي طالب ۾ نظربندي وارن ٽن سالن ۾ نازل ٿيڻ واري قرآن جو مطالعو ڪيو وڃي ته خبر پوي ٿي ته هاڻي ڳالهه ٻولهه جو رخ عيسائين جي بدران يهودين ۽ مجوسين ڏانهن آهي. حبشه ۾ پناهه ورتل مسلمانن جي مدد سان مڪي کي فتح ڪرڻ جو وقت اڃا نه آيو هو. رسول اللهﷺ جن ڏاڏائيءَ جي بنياد تي شيطان پرستيءَ کي ختم ڪرڻ واري ڳالهه کي اڃا به مناسب نٿي ڄاتو.

## توريت ۽ بني اسرائيل:

قرآن ڪريم عبري قوم کي ڪٿي بني اسرائيل ته ڪٿي وري يهودي ڪري سڏيو آهي. اصلي ۽ معياري توريت ۾ پنج ڪتاب هئا، پر اها توريت ناپيد ٿي چڪو هو. ان کان پوءِ حضرت عزيرؑ 400 ق.م کان 360ق.م تائين ڪاتبن کي اهو زباني لکرايو. اهو توريت به 377 ق.م تائين اڻ لڀ ٿي چڪو هو. ان ڪانسواءِ توريت السبعين هو جيڪو 47 ق.م ۾ بروخيم جي ڪتب خاني ۾ باهه لڳڻ جي ڪري سڙي ويو. موجوده توريت، جنهن ۾ وڏي تحريف ڪئي وئي آهي سو سامري وارو توريت (Smaritan Roll) سڏجي ٿو.

حضرت عيسيٰؑ کان ٻه سئو سال اڳ توريت جو يوناني ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيو. جيئن ته اهو بائيبل جي شروع وارن پنجن ڪتابن تي ٻڌل آهي، انهيءَ ڪري ان کي پنتاتوش (پنج ڪتاب) جو نالو ڏنو ويو. انهن پنجن ڪتابن منجهان چار ڪتاب قانوني نظام جي باري ۾ آهن. هن شروعاتي معاهدي ۾، جيڪو الله تعاليٰ بني اسرائيل وارن سان ڪيو هو، جيڪي ڏهه حڪم بيان ٿيل آهن سي حمورابي قانون سان ايترو ته هڪجهڙائي رکندڙ آهن جو محققن جو خيال آهي ته اهي انهيءَ منجهان ئي ورتل آهن. جڏهن بني اسرائيل غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ماڻي مصر منجهان نڪتا ته انهن تي آشوري ۽ بابلي رهڻي ڪهڻي وڏو اثر وڌو هو. حضرت سليمانؑ کان پوءِ هيءَ قوم ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي: اسرائيل اترين فلسطين ۾ ۽ يهودي يروشلم جا حڪمران بڻجي ويا. 722 ق.م ۾ بني اسرائيل جا ڏهه قبيلا ڇڙوڇڙ ڪيا ويا ۽ آشورين اسرائيلي حڪومت کي برباد ڪري ڇڏيو. هاڻي رڳو بني يهود ۽ بني يامين ئي يروشلم جا حڪمران وڃي بچيا هئا. 606 ق.م ۾ بخت نصر انهن کي قيد ڪري بابل



وٺي ويو. هتي پنجهٺ سالن جي غلاميءَ ۾ انهن بابلي قانون ۽ رهڻي ڪهڻي کي سکي پنهنجي ڪهاڻي لکي. انهيءَ ڪهاڻيءَ جو مقصد اهو هو ته يهودي قوم ئي اڪيلي جيئري ۽ عزت واري قوم آهي ۽ اها پنهنجي خدا (يهودا) کي ٻين قومن جي خدائن کان وڌيڪ سگهارو سمجهن. هن قوم جي هر هر تباهي ۽ بربادي جو ڪارڻ الله تعاليٰ جي ذات کان بغاوت ۽ سرڪشي هئي. انهن جي سرڪشيءَ جو حال هي هو جو انهن پنهنجي عبادتگاهن جي ويجهو چڪلا کولي ڇڏيا هئا.

ڪوروش (سائرس يعني ذوالقرنين) ايراني بادشاهه جڏهن بابل کي فتح ڪيو ته يهودين کي مصر جي ڏنگ تي پيهر آباد ڪيو ۽ انهن کي يروشلم ۾ پنهنجو عبادتگاهه تعمير ڪرڻ جي جازت ڏني. انهيءَ ڪري ئي بائيبل ۾ ڪوروش کي موسيٰ ثاني سڏيو ويو آهي. قرآن ڪريم انهيءَ ئي سائرس کي ذوالقرنين سڏي ٿو، جو ته انهيءَ بائيبل ۾ مذهبي آزادي ڏئي ڇڏي هئي. هن جي بادشاهت ۾ هر قوم جي خدائن جي بنا ڪنهن جهل پل جي پوڄا ٿيندي هئي.

## توريت ۽ قرآن:

توريت ۾ حضرت موسيٰؑ کان هزارين سال پهريان جا قصا موجود آهن. حضرت آدم کان حضرت ابراهيم تائين جو ٻڻ ٻٽياد ۽ حضرت موسيٰؑ جي دؤر تائين وارا قصا ۽ ڪهاڻيون موجود آهن. ايتري تائين جو آدم جي پيدا ٿيڻ کان اڳ زمين ۽ آسمان جي پيدائش جو به ذڪر ٿيل آهي. ان کان سواءِ اها ڳالهه به لکي وئي ته الله تعاليٰ ڇهن ڏينهن ۾ هر شيءِ کي پيدا ڪري ستين ڏينهن آرامي ٿيو. (نعوذبالله) انهيءَ ڪري يوم سبت يعني ڇنڇر جي ڏينهن يهودي ڪوبه ڪم نه ڪندا آهن: رڳو آرام ڪندا آهن. قرآن پاڪ انهن سيني قصن کي عقلي معيار تي رکي انهن سان رڳو الله تعاليٰ جي وڏائي ثابت ڪئي آهي.

## حضرت آدم ۽ نوح عليه السلام:

قرآن چيو آهي ته شيطان جي دوکي ۾ اچڻ سان انسان کي سزا ملي ٿي. آدم کي باغِ عدن مان ڪڍيو وڃڻ کان پوءِ، مسجودِ ملائڪ هئڻ باوجود به، محنت ۽ ڪشالو ڪرڻو پيو. قرآن ۾ اهو ئي سبق نوحؑ واري طوفان جي حوالي سان ڏنو ويو آهي ته شيطاني وسوسن ۾ پيو رهڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو حضرت نوحؑ جو پٽ ۽ زال بئي تباهه ٿي ويا.


www.sindhsalamat.com

موجوده تحقيق اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ آدم ۽ نوحؑ جا قصا بابل ۽ بين قومن ۾ بہ موجود آهن. پر قرآن ڪريم انهن قصن جي حقيقت جي باري ۾ بحث نٿو ڪري پر اهو يهودين کي توجهہ ڏياري ٿو تہ اهي قصا توهان جي ڪتاب يعني توريت ۾ بہ موجود آهن، انهيءَ ڪري انهن مان سبق حاصل ڪريو ۽ شيطان کان پري ڀڄو.

## حضرت ايوب عليہ السلام:

توريت جي روايت موجب حضرت ايوبؑ 2233 ق.م ۾ پيدا ٿيو. هو هڪڙي عرب قبيلي جو چڱو مڙس هو. مختلف آزمائشن ۾ وڌو ويو جنهن کي هن صبر ۽ بردباريءَ سان برداشت ڪيو. ان کان پوءِ الله تعاليٰ ٻيهر ان کي اولاد ۽ مال ملڪيت عطا ڪئي.

## حضرت ابراهيم عليہ السلام:

توريت جي روايت موجب حضرت ابراهيمؑ ١٩٢١ ق.م ۾ سام جي اٺين پشت ۾ پيدا ٿيا. عرب مستعربہ پنهنجي نسبي سلسلي کي انهن تائين پهچائن ٿا. پاڻ اُر شهر جا رهاڪو هئا. قرآن ڪريم کين خدا پرست ۽ موحد سڏي ٿو. هنن بابلي ستارن پرستي کان منهن موڙي خدا پرستي کي اختيار ڪيو هو. انهن جي زندگيءَ مان اهو ئي سبق ملي ٿو تہ الله تعاليٰ جي ذات کي مڃيو وڃي، نجومين ۽ پوپن جيڪو سج ۽ چنڊ کي پنهنجو ديوتا ٻڌائي رکيو آهي، تن کان منهن موڙيو وڃي. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ بابلي رهڻي ڪهڻي جو بنياد آسماني ستارن جي پوڄا هئي ۽ بعل ديوتا اصل ۾ "را" يا "سوريا" آهي جيڪو مصر ۽ هندستان ۾ سج ديوتا جي نالي سان سڏيو ويندو هو.

## اسماعيل عليہ السلام ۽ اسحاق عليہ السلام:

توريت جي روايت مان ڄاڻ ملي ٿي تہ اهي ٻئي بزرگ حضرت ابراهيمؑ جا پٽ هئا. قرآن چوي ٿو تہ اسحاق ۽ اسماعيلؑ ٻنهي جي نسلن کي گهرجي تہ اهي آڳاٽي دين ابراهيمي ڏانهن، جيڪو اڪيلي الله جي ٻانهپ تي آڌاريل آهي، ڌيان ڌرين ۽ ٻئي پاڻ ۾ ٻڌي ڪري هڪڙي الله جو نالو مٿانهون ڪن. اسماعيلؑ 1912 ق.م ۽ اسحاقؑ 1891 ق.م ۾ پيدا ٿيا.
توريت ۽ قرآن ۾ انهيءَ ڳالهہ ۾ اختلاف آهي تہ ابراهيمؑ ڪهڙي پٽ


Sindhica Academy, Karachi

کي قربانيءَ جي لاءِ الله تعاليٰ جي اڳيان پيش ڪيو هو. قرآن ڪريم انهيءَ لاءِ حضرت اسماعيلؑ جو نالو ڪڍي ٿو جو هو سندن وڏو پٽ هو. بهرحال قرآن جو سبق اهو آهي تہ حضرت ابراهيمؑ پنهنجي پٽ کي الله جي نالي تي قربان ڪرڻ جو ارادو ڪيو پر الله تعاليٰ پنهنجي ٻاجهہ هيٺ انساني قربانيءَ کي منسوخ ڪري ڇڏيو. الله تعاليٰ واعدو ڪيو هو تہ ابراهيمؑ جي نسل کي وڌائيندس ۽ ڪنعان (فلسطين) جي حڪومت بخشيندس. انهيءَ ڪري ابراهيمؑ بيت الله جي اڏاوت ۽ خدمت کي اهڙي عظيم نعمت جي شڪرگذاريءَ جي طور تي پنهنجي ذمي ورتو.
قرآن بہ اهو ئي گهري ٿو تہ خدا پرستي انهيءَ ۾ ئي آهي تہ هڪڙي خدائي قانون تي عمل ڪندڙ حڪومت قائم ٿئي، ۽ پوءِ جڏهن اهڙي حڪومت قائم ٿي وڃي تہ انهيءَ ڏينهن خوشي ڪئي وڃي. اهڙيءَ طرح مسلمان اڄ تائين انهيءَ ابراهيمي سنت جي ياد ۾ هر سال حج ادا ڪندا آهن ۽ انهيءَ ڏينهن کي ڏڻ جي طور تي ملهائيندا آهن. اهي مڪي ۾ گڏ ٿي حضرت ابراهيمؑ، حضرت اسماعيلؑ ۽ حضرت اسحاق (اسرائيل) جو نالو ڳائيندا پيا اچن ۽ ائين سڄي دنيا کي امن ۽ ٻڌي ۽ خدا پرستي يعني خلق خدا جي خدمت جي دعوت ڏيندا آهن.

## حضرت يوسف عليہ السلام:

حضرت يوسفؑ حضرت يعقوبؑ بن اسحاقؑ جو پٽ هو. پاڻ مصر جا حڪمران ٿيا. کين خوابن جي تعبير کان سواءِ معاشي انتظام (يعني گڏيل معيشت) قائم ڪرڻ جو ڏانءُ پڻ هو. انهيءَ ئي معاشي انتظام جي ڪري ئي پاڻ مصر کي ڏڪر وارين حالتن کان بچايائون. حضرت يوسفؑ پنهنجي خاندان وارن کي مصر ۾ آباد ڪري ورتو. جڏهن انهن جو نسل وڌڻ لڳو تہ مصري ماڻهو ڏجڻ لڳا، جو تہ انهن کان اڳ عمالقہ جيڪي سامي نسل جا ڌنار هئا سي بہ مصر ۾ آيا هئا پر هتي ڪيترن ئي سئو سالن تائين تمام ئي ڏاڍ ۽ ظلم سان حڪومت ڪري چڪا هئا. انهيءَ ڳالهہ کي سامهون رکندي مصري بادشاهن (فرعونن) هڪڙو قانون ناهي ڇڏيو تہ اسرائيلي ڇوڪرن کي ڄمندي ئي نيل درياءَ ۾ اڇلائي ٻوڙيو وڃي يا قتل ڪيو وڃي. انهيءَ قصي کي بيان ڪرڻ منجهان قرآن ڪريم جو مقصد اهو آهي تہ يوسفؑ وانگر حق پرستيءَ سان ڪاميابي حاصل ٿئي ٿي پوءِ ڀلي پنهنجا سڳا ڀائر ئي پنهنجي جيءَ جا دشمن


www.sindhsalamat.com

چونه هجن. قريشي بہ رسول الله ﷺ جا پائر ۽ قبيلي پائي هئا، پر جڏهن اهي حق پرستيءَ ڏانهن نہ آيا تہ تہ اهي برباد ٿي ويا.

## حضرت موسىٰ عليہ السلام:

موسىٰ ؑ کي نيل درياءَ منجهان فرعون جي زال ڪڍي ورتو ۽ شاهي محلات ۾ سندن پرورش ٿي. حضرت موسىٰ ؑ مصر جي جادوگرن کي الله تعاليٰ جي طرف کان عطا ٿيل معجزن جي وسيلي شڪست ڏني ۽ پنهنجي قوم کي مصر مان لڏي وڃڻ تي آماده ڪري ورتو. انهن کي فرعون جي غلاميءَ مان ڪڍي سينا جي ميدان ۾ وٺي آيو، پر غلامن جو اهو انبوهہ ٻن سئو سالن تائين غلاميءَ ۾ گذارڻ جي ڪري ان لائق نہ رهيو هو جو اهي فلسطين کي فتح ڪري سگهن. انهيءَ ڪري انهن حضرت موسىٰ ؑ کي چيو تہ تون ۽ تنهنجو خدا ٻئي وڃي وڙهو ۽ اها زمين اسان کي فتح ڪري ڏيو، باقي اسان ڪجھ بہ نہ ڪنداسين. اهڙيءَ بزدليءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو اهي چاليهن سالن تائين سينا جي ميدانن ۾ خوار ٿي ڦرندا رهيا. آخرڪار انهن جي پوءِ وارو نسل هڪ مضبوط قوم بڻجي ايريو ۽ ڪنعان کي فتح ڪري ورتو. رسول الله ﷺ کي حضرت موسىٰ ؑ جي طريقي جي ڳالھ ڪري ڪين هجرت ۽ جهاد جو سبق ڏنو ويو.

## شعب ابي طالب جي قيد واري زماني جي انهن قصن جو بيان:

قرآن ڪريم مسلمانن کي اها ئي تعليم ڏني آهي تہ ڪوشش ۽ جاکوڙ ۽ جهاد کان پوءِ ئي ڪا قوم زنده يا ڪا غلام قوم آزاد ٿي سگهي ٿي. ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيو آهي تہ ڪنهن قوم کي بنا ڪنهن ڪوشش ۽ جاکوڙ جي بادشاهت ۽ عزت حاصل ٿي هجي.

## حڪومت ۽ دين به جاڙا ڀار آهن

شعب ابي طالب ۾ حضرت بي بي خديجہؓ، حضرت امير حمزيؓ، حضرت زيدؓ، ام ايمنؓ ۽ حضرت عليؓ کان سواءِ ٻئي سيئي مشرڪ هئا، پوءِ بہ پاڻ ﷺ جي لاءِ هڪ قسم جي چپر چانو هئا. شعب کان ٻاهر کي ٿورڙا مسلمان هئا، باقي ٻئي سيئي مسلمان حبشہ ڏانهن هجرت ڪري هليا ويا هئا. پاڻ ﷺ سان گڏ الله تعاليٰ طرفان ڏنل همٿ هئي، غريبن ۽ بي سهارن جي لاءِ محبت هئي.


Sindhica Academy, Karachi

خدائي وحي جو سلسلو هلندڙ هو پر پڌڻ وارا رڳو اهي ٿورڙا مسلمان ئي هئا. اها تعليم گھڻو ڪري پاڻ ﷺ جي لاءِ ئي هئي. حق واري دين کي قائم ڪرڻ جي لاءِ تڪليفن ۽ اهنجن واري ڪوري مان گذرڻ ضروري هو. پاڻ ڪريم ﷺ جي لاءِ اها ڳالھ چٽي ٿي وئي هئي تہ دين ۽ سياسي اقتدار هڪٻئي جي لاءِ لازم ملزوم آهن؛ هڪ کان سواءِ ٻئي جو قائم هجڻ ناممڪن آهي. دنيا ۾ ڪيترائي نبي آيا، پر انهن مان جيڪي پنهنجي حڪومت قائم نہ ڪري سگهيا سي پنهنجي دين کي اڳتي وڌائي بہ نہ سگهيا. حضرت موسىٰ ؑ، حضرت دائود ؑ ۽ حضرت سليمان ؑ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ الله تعاليٰ جي دين کي قائم ڪيو. حڪومت ختم ٿي وئي تہ ان سان گڏ يهودي دين بہ ختم ٿي ويو. حضرت عيسىٰ ؑ کي حڪومت ئي ڪونہ ملي، وري جڏهن ٽين صدي ۾ ملي تہ انهيءَ وقت تائين مذهبي ٺيڪيدارن يعني پادرين ۽ پوپن عيسائي دين کي رانديڪو بڻائي ڇڏيو هو. ائين سچي عيسائيت پردي پويان هلي وئي. ڪيترائي فلسفي بہ پيدا ٿيا، پر پنهنجي فلسفي جي بنياد تي ڪا حڪومت قائم نہ ڪري سگهيا. مارڪس ايريليس ۽ اشوڪ پنهنجي حڪومت جي زور تي عوام تائين وڏا فلسفياڻا اصول پهچايا، پر جڏهن بادشاهت ئي نہ رهي تہ نہ فلسفو رهيو ۽ نہ دين ئي قائم رهي سگهيو. انهيءَ ڪري بادشاهت يا حڪومت هجي تہ ڪتاب تي آڌاريل هجي ۽ اهڙي هجي جنهن کي جمهور پنهنجي حڪومت سمجهن تہ جيئن هڪ فرد جي مرڻ کان پوءِ بہ بادشاهت ختم نہ ٿئي. يعني مذهبي ٺيڪيداري يا مذهبي پيشوائيت جي نظام کان خالي هجي، انهيءَ جي پابند نہ هجي.

## ڪتابي سياست جي تمهيد:

مطلب تہ انهيءَ زماني جو قرآن ڪتابي سياست جي تمهيد هو، جنهن ۾ اهو ٻڌايو ويو هو تہ دين جو بنيادي مقصد دنياوي زندگيءَ جو سڌارو آهي. رڳو ٿورڙن ظاهري رسمن ۽ عبادتن کي ادا ڪرڻ دين نہ آهي. صرف دين يا وري رڳو سياست انساني سڌاري ۽ ترقيءَ جي لاءِ ڪافي نہ آهي.

اهو رسول الله ﷺ جو ئي ڪارنامو هو تہ پاڻ ﷺ جن عقل کي آزادي ڏئي ڪري دين ۽ دنيا کي هڪ ڪري ڇڏيو ۽ ماڻهن کي جمهوري، روحاني ۽ مذهبي پيشوائيت کان خالي حڪومت جو تصور ڏئي دين ۽ دنيا جي فرق کي ختم ڪري ڇڏيو.


www.sindhsalamat.com

هن دؤر جي سورتن ۾ مرڪزي سياسي پارٽيءَ جي لاءِ ڪجھ سونهري اصول ڏنا ويا ۽ خاص ڪري بني اسرائيل جي سياسي تاريخ کي اڳيان رکيو ويو.

## 1. سورت لقمان، اخلاقيات ۽ پارٽي فنڊ:

هن سورت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مرڪزي سياسي پارٽي کي نيڪ ڪمن جي عادت وجھڻ گهرجي. ماءُ پيءُ جي فرمانبرداري ضروري آهي، پر جڏهن اهي شرڪ جي لاءِ زور ڀرين ته الله تعاليٰ جي هيڪڙائي ۽ ان جي پوڄا واري مقصد کي انهن جو چوڻ تي ڇڏڻ نه گهرجي. تڪليفن کي ڪلندي ڪلندي سهڻ گهرجي. وڏائي نه ڪرڻ گهرجي. قدامت پرستي کان پاڻ بچائيندي وچٿري واٽ اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ ان سان گڏوگڏ الله تعاليٰ جي حڪمن کي مڃڻ ۽ ان جي مضبوط رسي (عروة الوثقيٰ) کي جهلي ٻيهڻ گهرجي. الله تعاليٰ جي شڪرگذاريءَ جو سنو طريقو اهو آهي ته هڪ پارٽي فنڊ قائم ڪري يتيمن، غريبن ۽ بکايلن جي مدد ڪئي وڃي. جڏهن معاشي برابري ۽ عمل ۾ ٻڌي پيدا ٿي وڃي ته پوءِ حڪومت قائم ڪرڻ به سهنجي ٿي پوندي.

لقمانؑ کي الله تعاليٰ ڏاهپ ۽ حڪمت عطا ڪئي هئي، انهيءَ به شرڪ ڪرڻ کان منع ڪيو آهي. دنيا جي اندر فطرت جا سيئي نظارا الله تعاليٰ جي قدرت جون نشانيون آهن، سو انهن ئي نشانين سان الله تعاليٰ کي سڃاڻيو.

الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ڪندي مضبوطيءَ سان پنهنجي مقصد تي قائم رهو. سک ۽ آرام ۾ به الله کي ياد ڪريو ۽ مسڪينن ۽ بکايلن ۽ يتيمن جي سهائتا ڪريو. اهڙن اصولن تي قائم رهڻ ئي ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي.

لقمان هڪ حڪيم هو، ڪو نبي ڪونه هو، پر قرآن ان جي تعليم کي پنهنجايو. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته اهي سيئي فلسفي، حڪيم، شاعر، جن جي تعليم ۾ شرڪ کان روڪيو ويو هجي، الله تعاليٰ جي هستيءَ تي ايمان آڻڻ جي ترغيب ڏنل هجي ۽ بنيادي اخلاقي تعليم ڏني وئي هجي، انهيءَ کي قرآن پنهنجائڻ جي اجازت ڏئي ٿو. انهيءَ معاملي ۾ معيار ته قرآن جي بنيادي تعليم ئي رهندي. قرآن انهيءَ اصول کي پنهنجائي پنهنجي تعليم جي پلاند کي ڪيترو نه پکيڙيو آهي ۽ تعليم جي هڪجهڙائيءَ جي ڪري نبي ۽ حڪيم (غير نبي) جي ظاهري ويڇي کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. افسوس آهي جو مسلمان عالمن قرآن جي انهيءَ اصول مان تمام ٿي ٿورڙو فائدو ورتو آهي.


Sindhica Academy, Karachi

## ڪتابي يا ديني سياست:

ديني يا ڪتابي سياست کي الاهي حڪومت به چيو ويندو آهي. انهيءَ جو مطلب اهو آهي ته الله تعاليٰ جي فرمانبردارن جي سياست اهڙي هئڻ گهرجي جو دنيا ۾ خدائي قانون (ڪتاب الله) لاڳو ٿي وڃي. مطلب ته جهڙي طرح الله تعاليٰ انسان کي آزاد پيدا ڪيو آهي سو ائين ئي آزاد آهي ۽ ڪوبه ديني يا سياسي ٽولو (فرعون يا مذهبي پيشوا ۽ رعايتون ڏنل طبقي جا ماڻهو) پنهنجو خدائي قائم ڪرڻ لڳن ته ابراهيمؑ ۽ موسيٰؑ وانگر انهن جي خلاف بغاوت جو جهنڊو ڦڙڪايو وڃي ته جيئن ڪو به عوام جي دماغن ۽ جسمن کي پنهنجي غلام بڻائي نه سگهي. اهو هن طرح ممڪن آهي ته صنعتي سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ مذهبي ٺيڪيدارن جي بدران رڳو الله تعاليٰ کي ئي پنهنجو مالڪ مڃيو وڃي ۽ ارباب من دون الله جي خدائيءَ جو انڪار ڪيو وڃي. تاريخ جي شروعات کان وٺي غلامن، زرعي غلامن ۽ پگهاردار غلامن تي سيٺين، جاگيردارن ۽ صنعتي سرمائيدارن پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري انهن تي پنهنجي خدائي مڙهي ڇڏي آهي.

قرآن ابراهيمؑ ۽ موسيٰؑ کي نموني جي طور تي پيش ڪيو آهي. حضرت ابراهيمؑ 1921 ق.م ۾ نمرود جي ستارن پرستيءَ کان انڪار ڪندي ۽ انهيءَ جي خلاف بغاوت ڪندي پنهنجي ڀائيٽي (لوطؑ) کي ساڻ ڪري هجرت ڪئي.

## موسوي انقلاب جو طريقو:

حضرت موسيٰؑ وانگر ڀيريان اڪيلو ئي اڪيلو هجرت ڪئي وڃي ۽ پوءِ موقعو ملندي ئي پنهنجي غلام قوم کي ساڻ ڪري نڪري پئجي ۽ حڪومت قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

## ذبح عظيم جو مطلب:

ابراهيمي انقلاب جو طريقو قرآن ڪريم انهيءَ لاءِ مڃي ٿو جو حضرت ابراهيمؑ سان الله تعاليٰ واعدو ڪيو هو ته جيڪڏهن هو خدائي قانون تي هلندو ته هو پاڻ ۽ سندس اولاد سدائين عزت واري رهندي. انهيءَ ڪري پاڻ پنهنجي وڏي پٽ اسماعيلؑ کي ڪعبة الله (خدائي گهر) جي خدمت جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون. ٻين لفظن ۾ ڪين خلق خدا جي خدمت جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون. اهو ئي ذبح عظيم يا وڏي قرباني آهي ۽ اها ئي الله تعاليٰ سان


www.sindhsalamat.com

ويجهڙائي آهي تہ خدا پرستي ۽ خلق خدا جي خدمت (ايمان ۽ عمل صالح) جي لاءِ پنهنجي جمار وقف ڪري ڇڏجي. اهو هو ابراهيمي انقلاب جو طريقو.

## يوسفي انقلاب جو طريقو:

حضرت يوسف ع (1707 ق.م) جو قصو بہ اها ئي ڳالهہ ظاهر ڪري ٿو تہ خدا پرستيءَ جو اجر هن دنيا ۾ بہ اهڙيءَ طرح ملي وڃي ٿو جو هڪڙو غلام بادشاهي ۽ حڪومت جون واڳون سنڀالڻ واري مرتبي تي پهچي سگهي ٿو. پر جڏهن بني اسرائيل عزير (Osiris) پرستي ۽ ڳابي (Memphis) پرستي شروع ڪري ڏني تہ پوءِ غلام بڻايا ويا. آخرڪار ٻن سالن جي غلاميءَ کان پوءِ الله تعاليٰ دشمنن وٽ ئي حضرت موسيٰ ع جي پرورش ڪرائي ۽ پاڻ الله تعاليٰ جي مدد سان هڪ غلام قوم کي آزاديءَ جو سبق ڏنو ۽ انهن کي ٻڌايو تہ انهيءَ عزير جي جاءِ تي الله جي پوڄا ڪريو ۽ اهو نہ سمجهو تہ توهان ابراهيم ع ۽ موسيٰ ع جي نسل مان آهيو، چو تہ الله تعاليٰ توهان تي پنهنجون رحمتون نازل ڪندو رهندو جيڪڏهن توهان جا عمل چڱا هوندا، ٻين لفظن ۾ جڏهن الله تعاليٰ تي ڀروسو ڪندي معاشي برابري ۽ آزاديءَ جي لاءِ جاکوڙ ڪندؤ تڏهن توهان کي حڪومت ملي ويندي. ائين ڪونہ ٿيندو تہ مان الله تعاليٰ کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃان ۽ ڪنعان وارن کي شڪست ڏئي توهان کي هڪ سائي ستابي ملڪ جو حڪمران بڻائي ڇڏيان. جيڪڏهن پنهنجو پاڻ همت واري زندگي شروع نہ ڪندؤ تہ سينا جي ريگستان ۾ بک وگهي مري ويندؤ ۽ من ۽ سلويٰ تہ پري رهيو پر بصر ۽ سبزيون يا داليون بہ ملي نہ سگهندوَ.

## 2. البقره رڪوع 35:

هن رڪوع جي اهميت اها آهي تہ هن ۾ يهودين جي شروعاتي تاريخ تي روشني پوي ٿي. يهودين جي تاريخ جي شروعات حضرت ابراهيم ع جي پٽ اسحاق (اسرائيل) کان شروع ٿئي ٿي. جيئن تہ قرآن توريت جي تصديق ڪندڙ آهي، انهيءَ ڪري رڳو ابراهيم ع جي واقعي کان قرآن شروع ٿئي ٿو ۽ شعب ابي طالب جي ماحول ۾ يهودين جي تاريخ وڏو حوصلو ڏيندڙ بڻجي پوي ٿي.

نمرود جو خيال هو تہ زندگي ۽ موت ان جي وس هيٺ آهي، پر حضرت ابراهيم ع کيس ٻڌايو تہ اهو اختيار رڳو الله تعاليٰ کي ئي آهي ۽ نمرود کي چيو تہ جيڪڏهن تون سج کي اوڀر بدران اولهہ کان اڀارين تہ پوءِ تنهنجي طاقت کي


Sindhica Academy, Karachi

مڃي سگهجي ٿو. الله تعاليٰ ئي مئل قومن کي جيئرو ڪندو آهي (۽ ان ڳالهہ جو بہ گهڻو امڪان آهي تہ قريشن جي مئل دلين ۾ بہ ساهہ وجهي) پوءِ حضرت ابراهيم ع جي قصي کي بيان ڪيو تہ انهن چئن پکين جا چار ٽڪرا ڪري ڇڏيا ۽ الله تعاليٰ انهن کي جيئرو ڪيو.

**نوٽ:** هيءُ رڪوع 2 هجري ۾ هيٺ ذڪر ٿيو.

الله تعاليٰ جو حضرت ابراهيم ع سان اهو واعدو ٿيل هو تہ بني اسماعيل ۽ بني اسرائيل ٻئي خدا پرستيءَ جي ڪري ترقي ڪندا ۽ مڪو امن جو گهر بڻجي ويندو. انهيءَ جو ذڪر خاص طرح سان سوره ابراهيم جي دعا ۾ آهي.

## 3. سورت ابراهيم عليہ السلام ۾ قرآن ۽ توريت جو ڪم:

هر قوم جو رسول انهن کي انهن جي ٻوليءَ ۾ ئي الله تعاليٰ جو ڪلام ٻڌائيندو آهي. قرآن جو ڪم بہ اهو ئي آهي جيڪو توريت جو هو: يعني اهو تہ ماڻهن کي جهالت جي اونداهيءَ مان ڪڍي معرفت ۽ علم جي روشنيءَ ڏانهن آندو وڃي. انهيءَ ڪم جي لاءِ مشهور نبين کان سواءِ ڪيترائي اهڙا نبي بہ اچي چڪا آهن، جن جي باري ۾ الله تعاليٰ کانسواءِ ٻيو ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي.

پر پوءِ بہ ماڻهن الله تعاليٰ جي وجود جي باري ۾ شڪ وارو رويو رکيو ۽ ان جي وجود بنسبت دليل گهرندا رهيا ۽ نبين کي ايذائيندا رهيا. مڪي جا قريشي بہ رسول الله ﷺ کي اهو ئي چوندا هئا.

حضرت ابراهيم ع بيت الله (ڪعبي) ۾ دعا گهري تہ اي الله سائين، هن شهر مڪي کي امن ۽ سلامتيءَ وارو ڪري ڇڏ. تنهنجو شڪر آهي جو تو مونکي ڪراڙپ ۾ اولاد عطا ڪيو. اي الله سائين، اسان کي بتن جي پوڄا کان بچائي رک، تون ئي ڳجهہ جو ڄاڻيندڙ آهين توکان سواءِ ٻيو ڪو بہ معبود نہ آهي.

## 4. سورت يوسف:

سورت يوسف جي ٻارهين رڪوع ۾ آهي تہ جڏهن يوسف ع جا ڀائر مڪر ۽ دوکي ڪرڻ ۾ مشغول هئا تہ انهيءَ وقت واريون ڳالهيون الله تعاليٰ توکي ٻڌايون، تون انهيءَ وقت اتي موجود ڪونہ هئين. اي محمد (ﷺ) خاطري رک تہ يوسف وانگر تنهنجي بہ نيت فتح ٿيندي.

ائين ئي سورت القصص جي پنجين رڪوع ۾ آهي تہ جڏهن حضرت موسيٰ ع کي توريت ڏنو ويو تون ان وقت اتي ڳالهين کي ڏسندڙ ڪونہ هئين ۽ نہ ئي تون ان وقت اتي موجود هئين جڏهن الله تعاليٰ موسيٰ ع کي سڏيو هو.


www.sindhsalamat.com

## قرآن ڪريم ۾ قصا بيان ڪرڻ جو مقصد:

قرآن ڪريم جيڪي قصا بيان ڪري ٿو انهن جو مقصد رڳو قصو يا ڪهاڻي بيان ڪرڻ نه هوندي آهي پر انهيءَ جو ڪو خاص مقصد هوندو آهي جنهن کي الله تعاليٰ پنهنجي رسول تي وحي جي ذريعي ظاهر ڪندو آهي. وحي جو مقصد رڳو حضرت موسيٰؑ ۽ حضرت يوسفؑ تي گذرندڙ واقعن کي بيان ڪرڻ نه هوندو آهي پر انهن واقعن منجهان جيڪا ڳالهه پيدا ٿيندي آهي ۽ جنهن جي لاءِ رسول الله ﷺ کي تيار ڪيو پيو وڃي سو اهو مقصد آهي جنهن جي لاءِ وحي نازل ٿي آهي. رسول الله ﷺ شعب ابي طالب ۾ بي سهارا هئا انهيءَ ڪري الله تعاليٰ وحيءَ جي ذريعي ڪين اميد ۽ ڪاميابيءَ جا قصا ٻڌائي ڪين تيار ڪري رهيو آهي ته الله تعاليٰ جي ذات تي ڀروسو ڪرڻ وارن کي پڪ سان ڪاميابي حاصل ٿيندي.

## 5. سورت القصص:

موسيٰؑ فرعون کي هارايو پر بادشاهت قائم ڪرڻ کان پهريان مدين ۾ وڃي تجربو حاصل ڪيو هو. موٽندي "ايمن" ماتري ۾ (جيڪا شعب ابي طالب وانگر هئي) متن وحي نازل ٿي ته پنهنجي قوم کي غلاميءَ مان ٻاهر ڪيد. اهي ڳالهيون الله وارن کي الله تعاليٰ وٽان آيل وحيءَ ذريعي معلوم ٿيون آهن ته موسيٰؑ جو مقصد ڇا هو؟ عام ڪتابن ۾ انهيءَ ڳالهه جي خبر ڪٿي ٿي پوي!

## قرآن ۽ توريت سان مقابلو:

حضرت موسيٰؑ کي ڪتاب يعني توريت ڏنو ويو جيڪو ماڻهن کي سڌي واٽ ڏيکاري ٿو، جيڪو رحمت هدايت آهي. ائين ئي حضرت محمد ﷺ کي عربي ٻوليءَ ۾ قرآن ڏنو ويو ته جيئن انهن ماڻهن کي نصيحت ڪن جن وٽ هن کان اڳ ڪو ڊيڄاريندڙ ڪونه آيو هو. اهو به توريت وانگر رحمت ۽ الله تعاليٰ طرفان موڪليل سچو ڪلام آهي، پر ڪافرن انهن ٻنهي کي جادو سڏيو.

انهيءَ تي رسول الله ﷺ ڪافرن کي للڪاريو ته جيڪڏهن توهان سچا آهيو ته هنن ٻنهي ڪتابن (يعني قرآن ۽ توريت) جي تعليم کان وڌيڪ ڀي ڪا سٺي تعليم آڻيو: مان انهيءَ جي پيروي ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيان. پر اهي خواهشن جا پوڄاري اهڙي ڪابه تعليم آڻي نه سگهيا. اهڙي قسم جي للڪار سورت احقاف ۽ سورت يونس ۾ به ڪئي وئي آهي.



هن سورت ۾ حضرت موسيٰؑ ۽ فرعون جي حالتن جي سلسلي ۾ رسول الله ﷺ کي هيءَ تعليم ڏني وئي آهي ته موسيٰؑ وانگر هجرت ڪرڻ کان پوءِ الله تعاليٰ جي ڀروسي تي غلامن جي مدد ڪرڻ سان ضرور توهان کي ڪاميابي حاصل ٿيندي. جاهلن سان منهن ماري نه ڪرڻ گهرجي ۽ انهن سان نرميءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ گهرجي. باقي انهن کي ايترو سو چئي ڇڏ ته الله تعاليٰ ڪنهن به وسنديءَ کي ان وقت تائين تباهه نه ڪندو آهي جيستائين انهن ڏانهن ڪو نصيحت ڪرڻ وارو نه موڪلي ۽ جيستائين اهي ظلم تي سندرو ٻڌي نه بيهن.

انهيءَ سلسلي ۾ موسيٰؑ جي قوم جي هڪڙي ماڻهو جو قصو به بيان ڪيو ويو آهي جنهن جو نالو قارون هو جيڪو وڏو شاهوڪار هو. هو چوندو هو ته هي جيتري به مڏي آهي سا مون پنهنجي هنر سان ڪمائي آهي پوءِ انهيءَ کي غريبن تي ڇو خرچ ڪريان؟ هن کي پنهنجي دولت تي غرور هو. ماڻهن سان ڀلائي ڪرڻ بدران هو دنيا ۾ فساد پکيڙيندڙ هو. هو چوندو هو ته مان پنهنجو مال ٻين کي ڇو ڏيان؟ آخر ڪار ان جو اهو مال تباهه ٿي ويو ۽ مسڪينن کي پڪ ٿي وئي ته روزي رزق ڏيڻ وارو رڳو هڪڙو الله تعاليٰ ئي آهي. هن قصي سان مسڪين مؤمنن کي دلاسو ڏنو ويو آهي ته الله تعاليٰ تي ڀروسو ڪرڻ وارن جي ئي آخرڪار سوڀ ٿيندي آهي ۽ اهو ته قريش جا غلام ٻڌائيندڙ مالوند ماڻهو آخرڪار ضرور تباهه ٿيندا.

الله تعاليٰ تي ڀروسو، خود اعتمادي ۽ ڏکن ڏاکڙن مان لنگهي پار پوڻ جي حوصلي جو مطلب انقلابي جاکوڙ سان انقلاب برپا ڪرڻو آهي. انهيءَ ڪري ئي هر انقلابي جماعت جي لاءِ، هن دؤر ۾ نازل ٿيڻ وارو قرآن هڪ روشن لاٽ آهي. صبر ۽ ثابت قدمي ئي ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي.

شعب ابي طالب ۾ رسول الله ﷺ کي غور ۽ فڪر ڪرڻ سان پڪ ٿي وئي هئي ته جيستائين ڪا ديني حڪومت قائم نه ڪئي ويندي، ديني تعليم منجهان عوام کي فائدو حاصل نه ٿي سگهندو. انهيءَ ڪري هن سورت القصص جي پنجين ۽ ڇهين آيتن ۾ انهيءَ حڪومت جو نقشو به چٽيو ويو آهي جنهن سان طبقاتي معاشرو، جيڪو حقيقت ۾ مشرڪ معاشرو هوندو آهي، توحيدي معاشري ۾ بدلجي ويندو. توحيدي معاشري ۾ اقتدار، قانونسازي ۽ دولت جا وسيلا عوام جي ملڪيت ۾ اچي ويندا آهن ۽ معاشرو مخالف معاشي طبقن بدران غير طبقاتي معاشرو بڻجي ويندو آهي جنهن ۾ حضرت عيسيٰؑ جي قول موجب ڪوبه شاهوڪار داخل ٿي نٿو سگهي.


www.sindhsalamat.com

## موجوده دؤر جي قرآني تعليم جو تت

1. **سورت لقمان:** ٻڌي ۽ ثابت قدمي ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي. وڏائيءَ کي پنهنجي زندگيءَ مان ڪوري ڪڍو ۽ محبت ۽ ٻاجھ ڪرڻ سکو.
2. **البقره رڪوع 35:** حضرت ابراهيمؑ نمرود کي ٻڌايو ته موت ۽ زندگي الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي ۽ ٻيو ڪنهن کي به انهيءَ جو اختيار نه آهي تنهن ڪري الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪنهن کان به ڊڄڻ نه گهرجي.
3. **سورت ابراهيمؑ:** الله تعاليٰ جو واعدو آهي ته مڪو امن ۽ سلامتيءَ وارو شهر ٿيندو. پڪ سان هتي اسلام قائم ٿيندو. اهو ئي عهد قديم آهي.
4. **سورت يوسفؑ:** حق وارا قيد ۽ نظربندي کان ڊڄي حق واري واٽ کي نه ڇڏيندا آهن. هڪ ڏنهن اهڙو به اچڻ وارو آهي جڏهن يوسفؑ وانگر حضرت محمد ﷺ کي به سوڀ نصيب ٿيندي ۽ مڪي وارا سندس فرمانبردار ٿيندا. بک ۽ ڏکر جو علاج اشتراڪي يا گڏيل معيشت آهي.
5. **سورت القصص:** حضرت موسيٰؑ هجرت کان پوءِ جهاد ڪيو ۽ يروشلم کي بني اسرائيل وارن حاصل ڪري ورتو. موسيٰؑ جي قوم غير الله (فرعون) جي غلاميءَ مان آزاد ٿي وئي. طبقاتي معاشري کي توحيدي معاشري ۾ بدلائڻ ئي نبوت جو مقصد آهي.

اي مڪي وارؤ، بت پرستيءَ کي ڇڏڻ سان توهان کي واپار ۾ گهاٽو نه ٿيندو. الله تعاليٰ جو حڪم ۽ فيصلو جاري ٿيندو ئي ٿيندو ۽ حق ۽ سچ جي سوڀ ٿيندي، جنهن جي لاءِ بنيادي شرط ثابت قدمي آهي.



# اسلامي انقلاب جي پنجين منزل

## ڀاڱو پهريون :مڪي کان ٻاهر رهندڙ قبيلن، مجوسين ۽ يهودين ڏانهن ڌيان

[محرم 10 نبوي (مارچ 619ع) کان صفر 13 نبوي (مئي 622ع)]

**نوٽ:** هن دؤر ۾ رسول الله ﷺ جي مبارڪ زندگي ٽن مختلف دؤرن مان گذري ٿي:

### شعب ابي طالب مان رهائي کان ابو طالب جي وفات تائين

هن دؤر ۾ رحمان جي بحث کي ختم ڪيو ويو ۽ يهودين ۽ مڪي جي اوسي پاسي وارن قبيلن تي خاص ڌيان ڏنو ويو. ٻن خدائن جي مڃيندڙن کي توحيد جي دعوت ڏني وئي، پر جڏهن مڪي ۾ رهڻ ناممڪن بڻجي ويو ۽ مديني (يثرب) ۾ عيسائي پيدا ٿيا ته پاڻ ڪريم ﷺ کي نه چاهيندي به مڪي کي ڇڏڻو پيو.

### رسول الله ﷺ ۽ سندن ساٿين جي شعب ابي طالب مان رهائي

10 نبوي جي شروع ۾ جڏهن 9 نبوي جي حج (مارچ 619ع) جا ڏينهن ختم ٿي رهيا هئا ته پاڻ ڪريم ﷺ جي خاندان سان همدردي رکڻ وارا ڪي ماڻهو جاڳي پيا. انهن ڏٺو ته بنو هاشم ۽ بنو مطلب تي ٽي سال ڏاڍا ڏکيا گذري چڪا آهن ۽ قريش سمجهن پيا ته هاڻي اسلام جلد ئي ختم ٿي ويندو. واپاري حالتون به بهتر ٿي رهيون آهن جو شام ۽ مصر تي ايرانين جي قبضي سبب


www.sindhsalamat.com

مڪي جي ايران دوست پارٽي جو ڪاروبار چمڪي پيو هو. عيسائين جي دوستن ۽ مسلمانن تي اهو اثر ٿيو جو حبش ڪان ڪيترائي مهاجر واپس موٽي آيا. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي ته عيسائين جا ديني فرقا ايرانين جي تلوار سان ختم ٿي ويندا ۽ هر جاءِ تي يزدان ۽ اهرمن جي پوڄا ٿيڻ لڳندي.

بنو هاشم ۽ بنو مطلب جا ڪيترائي مٽ مائٽ مختلف خاندانن سان لاڳاپو رکن پيا. هاشم، جيڪو شعب ۾ اَنُ پهچائيندو هو، هڪڙي ڏينهن زهير مخزوميءَ سان مليو. زهير ابو طالب جو ڀاڻيجو هو. هاشم چيو ته جيڪڏهن اها ئي مصيبت ابو الحڪم (ابوجهل) تي پوي ها ته ڇا هو اها برداشت ڪري ها؟ آخرڪار اهي ٻئي مطعم بن عدي وٽ ويا. هن به همدرديءَ جو اظهار ڪيو ۽ ان ڪان پوءِ ابو البختري به انهن سان شامل ٿي ويو. ائين ئي زمعه مطلبي به انهن سان گڏجي پيو. هاڻي اهي سڀئي همراهه صبح جي وقت ڪعبي شريف ۾ انهيءَ معاهدي کي ڦاڙڻ جي لاءِ پاڻ ۾ گڏيا. زهير حرم ۾ اچي ڪري چيو ته هيءُ معاهدي سخت ظلم تي ٻڌل آهي تنهن ڪري مان انهيءَ کي ڦاڙي ڇڏيندس. ابو جهل مخالفت ڪئي، ٻئي پاسي زهير جي ڇئني ساٿين ان جو پاسو ڪنيو. مطعم معاهدي کي ڦاڙڻ جي لاءِ هٿ وڌايو ته ڏٺائين ته اڌهيءَ انهيءَ معاهدي جي ظلم تي ٻڌل سڀني شرطن واري حصي کي ڪائي ڇڏيو آهي. ان ڪان پوءِ اهي ماڻهو هٿيار ٻڌي شعب ۾ ويا ۽ سڀني کي ٻاهر ڪڍي آيا. مخالفن جون چوڪيون به ڪجي ويون.

## عيسائين جي هار ۽ مشرڪن جي خوشي:

مڪي ۾ ٻه پارٽيون پهريان ڪان ئي موجود هيون. هڪڙي پارٽي هاشم بن عبدمناف جي هئي، جنهن شام ۽ مصر ڪانسواءِ حبش جي نجاشي سان به واپاري معاهدو ڪري ڇڏيو هو. هاشم جي مقابلي ۾ نوفل بن عبدمناف جي پارٽيءَ وري عراق ۽ ايران جي ساساني حڪمرانن سان معاهدا ڪري ڇڏيا هئا ۽ مڪي جي حڪومت جا به شعبا پنهنجي ﭘاءُ هاشم ڪان کسڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن جو لڳ لاڳاپو عيسائين جي دوستن سان هو جيڪي مصر، شام ۽ حبش سان واپار ڪندا هئا. پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي سفر دوران انهن ماڻهن جي ريتن ۽ رسمن ڪان سواءِ انهن جي فرقي بندين ڪان به واقف ٿي چڪا هئا.


Sindhica Academy, Karachi

## الاهي حڪومت جو قيام:

شعب ۾ قيد جي دوران الله تعاليٰ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي دل ۾ اها ڳالهه وڌي هئي ته رياست قائم ڪرڻ ڪان سواءِ ماڻهن جي اخلاقي حالت جو سنورجڻ ممڪن نه آهي. پاڻ ﷺ جن کي انهيءَ ڳالهه جي خبر پئجي چڪي هئي ته هر قوم ۾ هڪ پاسي مذهبي پيشوريت موجود آهي جنهن عوام جي دل ۽ دماغ کي ڏَڪي ڇڏيو آهي، جنهن سان الله جي پٽ هئڻ وارو عقيدو رکندڙن کي ڪو فائدو ٿئي ته ٿئي، باقي الله جا ٻانها ته تباهه ۽ برباد ٿي ويندا.

ٻئي پاسي مسڪين ماڻهن کي تعليم ۽ تهذيب ڪان بي خبر رکي ڪري اهڙو ڪيو ويو آهي جو روزانو هزارين ماڻهو مذهبي پيشوريت، جادوگرن ۽ ڀوپن جي لاءِ پنهنجو ساهه ڏئي رهيا هئا.

## قومن جي تباهيءَ جو سبب:

عاد ۽ ثمود جون قديم قومون به انهن مطلبي مذهبي پيشيورن، جادوگرن ۽ ڀوپن جي ٺڳين جو ڪاڄ ٿي ويون هيون. مصر جا فرعون توڙي يونان ۽ روم وارا به انهيءَ ڪري ئي مٽجي ويا هئا جو اهي سڀئي پاڻ کي ”انا ربڪم الاعليٰ“ چوندا هئا. انهن لاءِ پورهيو ڪرڻ ته پري جي ڳالهه هئي، پر ملڪ جي بچاءَ واري ذميواري به انهن غلامن جي حوالي ڪري ڇڏي هئي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن جي سامهون جيڪي قومون هيون انهن ۾ يهودين جي هزارين سالن جي تاريخ انهيءَ معنيٰ ۾ شاندار هئي ته اها قوم وري وري غلام بڻي ۽ پوءِ هر دفعي وڏي جاکوڙ سان آزادي ماڻي پنهنجي ديني رياست کي قائم ڪر ي سگهي. ان ڪان پهريان حبش جا عيسائي بادشاهه نجاشيءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪري چڪا هئا، هاڻي يهودين سان گڏوگڏ ايران ۽ عراق جي خدا پرستن سان ڳالهه ٻولهه جو وقت اچي ويو هو. انهيءَ زماني (619ع) ۾ قسطنطنيه جي عيسائي بادشاهه کي ايرانين وري وري شڪست ڏيڻ شروع ڪري ڏني هئي. ائين ايراني ساسانين مصر تائين واري علائقي تي سوڀ ماڻي ورتي هئي. مڪي جا مشرڪ خوش هئا ته جلد ئي ايراني فوجون حبش پهچي عيسائي فوج ۽ مسلمانن کي ختم ڪري ڇڏينديون. پر رسول الله ﷺ جن الله تعاليٰ وٽان وحي جي وسيلي خبر وٺي مڪي جي مشرڪن کي چيو ته ٿورڙن ئي سالن ۾ رومي فوجن کي ٻيهر فتح نصيب ٿيندي ۽ ٻن خدائن کي مڃيندڙن کي توريت جي هڪڙي خدا اڳيان مٿو ٽيڪڻو پوندو. انهيءَ هڪڙي الله کي


www.sindhsalamat.com

عيسائي به مڃيندا آهن ۽ مان به مڃان ٿو پيو. ان ڪان پوءِ ٿيو به ائين ئي: 622ع ۾ روم جي عيسائين ايران جي ڪراڙي خسرو پرويز کي هارايو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ايران جي هارائجڻ جو سبب اهو ٻڌايو ته ظالم سدائين هارائيندا ئي آهن. ظلم جون ٻه صورتون هونديون آهن: انهن مان هڪڙي صورت ته وياج خوري جي شڪل ۾ هوندي آهي جڏهن ته ٻي صورت وري غلامي ۽ اڻ برابري هوندي آهي. انهن ٻنهي ڳالهين جو بنيادي سبب غلامن ۽ پنتي پيل طبقن جي ماڻهن جي محنت جو استحصال ۽ مال ميڙي گڏ ڪرڻ جي هٻڇ آهي. ايرانين جي فوج جو گهڻو تڻو حصو غلامن تي ٻڌل هوندو هو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ٻڌايو ته مختلف فرقن جي اندروني طرح ۽ پنهنجو پاڻ ۾ فرقي بندي غير فطري آهي. اصل ۾ جن عيسائي فرقن، جهڙوڪ نسطوري، يعقوبي وغيره، جي مٿان رومي حڪومت وارن ظلم پئي ڪيا، سي به ايرانين سان ملي ويا ۽ يهودي به مجوسين سان گڏجي پيا هئا. ايتري تائين جو ايراني فوج ۾ يهودين جو تعداد 26 هزار تي ويو. ان وقت روم جو قيصر ماريس (Mauric) کي قتل ڪري فوڪاس جي حڪومت تي قبضو ڪري چڪو هو، پر هرقل ان کي شڪست ڏئي قتل ڪري ڇڏيو هو. هرقل جي دؤر ۾ ايرانين کي بيت المقدس تي به سوڀ حاصل ٿي وئي ۽ ان هڪڙي ئي شهر ۾ 90 هزار عيسائي ماريا ويا. انهن جو مقدس ڪليسا القيامه کي برباد ڪيو ويو. وڏي صليب کي مدائن موڪليو ويو. وڏي پادري زڪريا کي قيد ڪيو ويو ۽ سيئي وڏا وڏا گرجا ڊاٺا ويا. خسرو پرويز هرقل کي خط لکيو ته:

”سيني خدائن کان وڏي خدا، روءِ زمين جي مالڪ خسرو جي طرف کان ان جي ڪميني ۽ ابوجهه ٻانهي هرقل جي نالي. تون چوين ٿو ته تو کي تنهنجي پالڻهار تي ڀروسو آهي، سو تنهنجي پالڻهار ڇا جي ڪري يروشلم کي مونکان بچائي نه سگهيو؟“

انساني ٻڌيءَ جو سڀ کان پهريون شرط معاشي برابري، غلامي ۽ وياج خوريءَ جو خاتمو آهي، جو ته انهن شين سان طبقاتي ڇڪتاڻ پيدا ٿيندي آهي. موجوده دؤر جي سائنسي تحقيق ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته پيداواري وسيلن تي ڏهه سيڪڙو ماڻهن جو قبضو آهي جڏهن ته نوي سيڪڙو ماڻهو غلام ۽ پنتي پيل آهن. انهن ٻنهي طبقن جي وچ ۾ انهيءَ ڪري ئي ڇڪتاڻ پيدا ٿي پوي ٿي.

انهيءَ ڪري ئي سورت روم ۾ الله تعاليٰ چيو ته عيسائين وانگر فرقي بندي ڇڏي ڏيو. اصل دين (زندگي گذارڻ جو ڍنگ) اهو آهي ته سيئي انسان هڪ جنس هئڻ جي ڪري پاڻ ۾ برابر آهن. جيڪي ماڻهو وياج وٺن ٿا ۽


Sindhica Academy, Karachi

انسانن جي سهائتا لاءِ پنهنجو مال خرچ نٿا ڪن، اهي ئي ظالم آهن ۽ ظلم جو نتيجو نفاق ۽ بزدلي آهي جنهن جو نتيجو وري تباهي ۽ بربادي ڪانسواءِ ٻيو ڪونه آهي: اهو ئي الله تعاليٰ جو اٽل قانون آهي.

## قرآن ۽ يهودي شعب ڪان پوءِ:

شعب ابي طالب ۾يهودين جي تاريخ بيان ڪئي وئي هئي. انهيءَ دؤر جو قرآن يهودين کي ٻڌائيندو هو ته توريت ۽ قرآن هڪ ئي سرچشمي مان نڪتا آهن ۽ انهن جي تعليم به ساڳي ئي آهي. شعب مان نڪرڻ ڪان پوءِ جيڪي سورتون نازل ٿيون انهن ۾ بني اسرائيل جي باري ۾ چتائيءَ سان اهو چيو پيو وڃي ته اچو ته اسان ۽ توهان ٻين الله تي ايمان رکندڙ قومن سان گڏجي دنيا کي ٻيهر دين جو سبق پڙهايون ۽ شيطان جي دين کان بچايون. سڀ کان وڏي شيطانيت شرڪ ۽ فرقي بندي آهي جنهن جي ڪري قومون تباهه ٿي وينديون آهن.

انهيءَ دؤر (يعني شعب ابي طالب مان رهائي کان پوءِ) واري قرآن اهو به ٻڌايو ته رسول الله ﷺ جي ٻڌايل تعليم تمام ئي سؤلي آهي ۽ انهن هٽرادو گهڙيل پابندين کي ختم ڪري ٿي جيڪي رَبين، پوپن ۽ پادرين فطري دين ۾ داخل ڪري ڇڏيون آهن.

سورت اعراف جي آيت نمبر چوڏهن ۾ فرمايو ويو آهي ته اهو نبي چڱين ڳالهين جو حڪم ڏيندو ۽ بڇڙين ڳالهين کان روڪيندو. پاڪ شين کي انهن جي لاءِ حلال ۽ ناپاڪ شين کي انهن جي لاءِ حرام ڪندو. انهن جا بار هلڪا ڪندو جيڪي انهن جي مٿان پيل آهن ۽ ٻنڌڻ ٽوڙي ڇڏيندو: مثلاً ڇنڇر جي ڏينهن به شڪار ڪري سگهو ٿا ۽ اٺ جو گوشت به کائي سگهو ٿا.

انهيءَ زماني ۾ قرآن ڪٿي توريت جي حڪمن جي تصديق ڪئي ۽ ڪٿي وري ان جي اندر يهودين جي طرف کان ڪيل تحريفن ۽ غلط بيانن جي نشاندهي ڪئي: جيئن ته پنهنجي قوم جي دنيا جي سيني قومن ڪان مٿانهون سمجهڻ ۽ پنهنجي خدا (يهودا) کي ٻين قومن جي خدائن کان چڱو ڀلو ۽ سگهارو سمجهڻ ۽ اهو چوڻ ته خدا انهن سان واعدو ڪيو آهي ته هو اسرائيلين کي سدائين مٿانهون رکندو ۽ دنيا جون هزارين قومون انهن جي غلاميءَ جي لاءِ پيدا ڪيون آهن. دنيا جو سڀ کان ڀلو ملڪ ڪنعان انهن کي ڏيندو. انهن ۾ هڪڙو بادشاهه پيدا ٿيندو جيڪو سيني قومن کان اسرائيل جي غلامي ڪرائيندو. يهودين اهي سيئي ڳالهيون بابل جي قيد مان سکيون هيون.


www.sindhsalamat.com

هن دؤر جي قرآن توريت ۾ موجود ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪايو ته جيڪڏهن توهان توريت جي ڳالهين کي نه مڃيندؤ ته الله تعاليٰ جي پياري ۽ لائق قوم نه رهندؤ. اڃا به اها ڳالهه ڪئي ته جيڪو به ماڻهو نيڪيءَ جا ڪم ڪندو ته اهو الله تعاليٰ وٽ عزت ڀريو هوندو. انهن کي ٻڌايو ويو ته توريت ۾ لکيل آهي ته شيطان آدم کي ڏتاريو ته ان کان جيڪا غلطي ٿي وئي ته ان تي ڪيس سزا ڏني وئي. هاڻي جيڪڏهن ڪو گناهه ڪندو ته ڇا هو الله تعاليٰ جو لاڏلو هئڻ سبب سزا کان بچي ويندو؟ الله تعاليٰ جو لاڏلو ته اهو ئي آهي جيڪو گناهه ڪري ئي نه ۽ وري جي غلطي ٿي به وڃيس ته آدم[ع] وانگر پنهنجي غلطيءَ جو اعتراف ڪري توبه ڪري ۽ الله تعاليٰ جي رحمت تي ڀروسو ڪري. ان سان گڏوگڏ اهو به ٻڌايو ته بني اسرائيل ۾ ڪي چڱا ماڻهو به آهن جيڪي رڳو الله تعاليٰ جي ٻانهپ ڪن ٿا ۽ وياج وٺي ماڻهن کي پنهنجو غلام نٿا بڻائن. اهي ماڻهو حضرت موسيٰ[ع] جا سچا پيروڪار آهن. جادوگرن ۽ بادشاهن کان ڇوٽڪارو ماڻڻ گهرن ٿا. انجيل ۾ به خدا پرستي ۽ غريبن جي سهائتا ڪرڻ جي تعليم موجود آهي. انجيل ۽ توريت ۾ چيو ويو آهي ته نيڪيءَ ۽ ڀلائيءَ وارا ڪم ڪريو ۽ بڇڙن ۽ خراب ڪمن کان پاسو ڪريو ۽ خبردار ڪيو آهي ته اڻ برابري يعني فرقي بندي، غلامي ۽ شيطان پرستي جي ڪري قومن جي اندر تباهي ايندي آهي.

يهودي واپاري يثرب ۽ يمن کان مڪي ۾ ايندا ويندا رهندا هئا. پڪ سان انهن ٻڌو هوندو ته مڪي ۾ هڪڙو نبي پيدا ٿيو آهي جيڪو بني اسرائيل جي واکاڻ ڪري ٿو ۽ توريت جي هدايت کي نور سڏي ٿو، پر عيسيٰ[ع] کي الله جو پٽ نٿو مڃي رڳو مريم جو پٽ سڏي ٿو. عيسائين کي ڇوي ٿو ته ڪفاري ۽ شفاعت وارو تصور اجايو آهي. ڪوبه ڪنهن جو بار نه کڻندو. تنهن ڪري جهڙي طرح توريت ۽ انجيل الله تعاليٰ جو ڪلام آهي، ائين ئي قرآن به الله تعاليٰ جو ڪلام آهي.

شعب ۾ نظربند ٿيڻ کان پهريان عيسائين سان واقفيت ٿي چڪي هئي. شعب جي اندر ئي دين ابراهيمي جو نقشو تيار ٿي ويو هو ته جئين ابراهيم[ع] ۽ موسيٰ[ع] سياسي جاکوڙ ڪئي هئي ائين ئي قرآن ڪريم جي اطاعت ڪندڙن کي به پنهنجي رياست ماڻڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پوندي. ڇو ته رياست کانسواءِ دين (زندگيءَ جو قانون) جو قائم ڪرڻ ڏکيو آهي. شعب واري دؤر ۾ جيڪو قرآن نازل ٿيو انهيءَ جي ڳالهه ٻولهه جو رخ عيسائين، يهودين ۽ مجوسين ڏانهن هو. هاڻي شعب کان ٻاهر جيڪو قرآن نازل ٿيو هو، ان جي ڳالهه ٻولهه جو رخ وري به


Sindhica Academy, Karachi

عيسائين، يهودين ۽ مجوسين ڏانهن ئي آهي. انهيءَ ۾ سيني کي هڪڙي ئي ڪلمي تي متحد ٿيڻ جي دعوت ڏني وئي آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته جيڪي قومون خدا پرست آهن سي سڀئي هڪ آهن. فرقي پرستي ۽ ننڍڙي سوچ رکندڙ قوم پرستي کي ڇڏي اسلام جي عالمي هلچل کي سگهارو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهو ئي حضرت ابراهيم[ع] ۽ حضرت موسيٰ[ع] جو پيغام آهي.

## (1) سورت الاعراف:

شعب مان رهائي کان پوءِ سورت اعراف نازل ٿي جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سڀئي انسان پاڻ ۾ ڀائر آهن. پر شيطان انسانن کي برغلائيندو آهي ته هو ظلم ۽ ڏاڍ کان ڪم وٺي. توريت ۾ لکيل آهي ته الله تعاليٰ ئي سموري جهان جو اڪيلو مالڪ آهي. بني اسرائيل ۾ به ڪي چڱا ماڻهو آهن جيڪي زمين ۽ آسمان جي پالڻهار جي ٻانهپ ۽ فرمانبرداري ڪندا آهن ۽ موسيٰ[ع] جي پيروي ۾ غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ماڻي جادوگرن ۽ بادشاهن جي ظالم چنبي مان آزاد ٿي ويا آهن. انجيل ۾ پڻ خدا پرستيءَ جو سبق ڏنو ويو آهي. رسول الله ﷺ جو ذڪر انهن ڪتابن ۾ موجود آهي ۽ رسول الله ﷺ به توريت ۽ انجيل وانگر چڱن ۽ نيڪ ڪمن ڪرڻ جو حڪم ڏين ٿا ۽ بڇڙائين ۽ خراب ڪمن ڪرڻ کان روڪين ٿا.

رسول الله ﷺ جن نه ته علم غيب رکڻ جي دعويٰ ڪن ٿا ۽ نه ئي پاڻ جادوگر آهن. پاڻ ته رڳو اڻ برابري ۽ شيطان پرستيءَ کان روڪين ٿا ۽ اهو ته ڏيڇاريندڙ آهن. جيڪڏهن رسول الله ﷺ غيب جو علم رکندڙ هجن ها ته تمام ئي آسودا ٿي وڃن ها ۽ ڪنهن به مصيبت اچڻ کان اڳ ۾ ئي ان کان هوشيار ٿي وڃن ها ۽ اهڙيءَ طرح ڪين زندگيءَ ۾ ڪو به نقصان نه پهچي ها.

وَلَوْ كُنتُ أَعْلَمُ الْغَيْبَ لَاسْتَكْثَرْتُ مِنَ الْخَيْرِ ۚ وَمَا مَسَّنِيَ السُّوءُ ۚ

نفعو ۽ نقصان نبي جي وس ۾ نه آهي رڳو الله تعاليٰ جي ئي هٿ وس آهي. شيطان تقويٰ ۽ پرهيزگاري واري لباس کي ڪَسي اگهاڙو ڪري ڇڏيندو آهي، پر جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ تي ڀروسو ڪندا آهن سي پنهنجي غلطيءَ کان مڙي ويندا آهن ۽ پرهيزگاري اختيار ڪري وٺندا آهن. شيطان رڳو ٺڳي ئي سگهي ٿو. رڳو الله تعاليٰ ئي آهي جيڪو پنهنجي ٻانهن کي هدايت ڏئي ٿو ۽ شيطانيت کان بچائي ٿو. نبي به الله تعاليٰ جي اجازت کانسواءِ ڪنهن به طرح ڪنهن جي شفاعت يا سفارش نٿو ڪري سگهي.


www.sindhsalamat.com

قُلْ لَّآ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ

”(اي نبيﷺ) تون چئو تہ مان پنهنجي ذاتي نفعي ۽ نقصان جو بہ مالڪ نہ آهيان، پر اهو ئي ٿيندو آهي جيڪو الله گهرندو آهي.“

اي رسولﷺ جن حالتن ۾ تون گهاري رهيو آهي تن جي گهرج اها آهي تہ تون معافي ۽ درگذر کان ڪم وٺ. نيڪيءَ جو حڪم ڏيندو رهہ. جيڪي ماڻهو ان کان پوءِ بہ توکي ڏک پهچائن ٿا تہ پوءِ اهڙن جاهل ماڻهن کان منهن موڙ.

خُذِ الْعَفْوَ وَاْمُرْ بِالْعُرْفِ وَاَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ﴿۱۹۹﴾

ماڻهؤ! پنهنجي بتن جا ڪي نالا رکي ڇڏيا آهن ۽ انهن جي باري ۾ ڪي ڳالهيون گهڙي ڇڏيون آهن. مثال طور اهو تہ لات ديويءَ ۾ هيءَ طاقت ۽ منات ديويءَ ۾ هيءَ طاقت آهي ۽ پوءِ پنهنجي انهن گهڙيل ڳالهين کي بنياد بڻائي مونسان جهيڙيو ٿا. توهان وٽ انهن جي طاقت ۽ سگهہ جو ڪو بہ دليل نہ آهي. هاڻي وڌيڪ بحث بازيءَ جي ضرورت نہ آهي، رڳو انهيءَ ڳالهہ جو انتظار ڪريو تہ ڳجهہ مان ڇاتو پيو ظاهر ٿئي. مان بہ توهان سان گڏ انتظار ڪري رهيو آهيان.

اَتُجَادِلُوْنَنِيْ فِيْٓ اَسْمَآءٍ سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّا نَزَّلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ فَانْتَظِرُوْٓا اِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿۷۱﴾

ڪافر وري وري پاڻ ڪريمﷺ جن کان معجزي جي گهر ڪندا هئا. مثال طور اهي چوندا هئا تہ اسان جو ملڪ وارياسو ۽ پٿريلو آهي، سو تون پنهنجي الله کي چئو تہ هو هتي درياءُ وهائي. پاڻ ڪريمﷺ جن چوندا هئا الله تعاليٰ جي وجود جو ثبوت معجزو نہ آهي پر ان جو ثبوت تہ سموري مخلوق آهي. جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا تہ هر شيءِ کي الله تعاليٰ پيدا ناهي ڪيو تہ پوءِ توهان پنهنجي ديوين کي چئو تہ جيڪڏهن انهن ۾ اهڙي سگهہ آهي تہ پوءِ اهي پيدا ڪري ڏيکارين. جڏهن پاڻ ڪريمﷺ جن انهن کي انهن جي مطالبي موجب ڪو معجزو نہ ڏيکاريو تہ تہ اهي شرارت سان چوندا هئا تہ ڇا ڳالهہ آهي جو تون پنهنجي الله کي چئي اسان جو گهريل معجزو نہ ڏيکاري سگهين؟

وَاِذَا لَمْ تَاْتِهِمْ بِاٰيَةٍ قَالُوْا لَوْلَا اجْتَبَيْتَهَا ؕ

توهان الله تعاليٰ جي وجود جي لاءِ معجزو (ثبوت يا دليل) گهرو ٿا سو مون وٽ تہ عقلي دليل آهن. توهان پاڻ بہ سمجهي سگهو ٿا تہ هر شيءِ کي الله تعاليٰ ئي پيدا ڪيو آهي. اهي ئي دليل وحي الاهي جي وسيلي پيش ڪيا پيا وڃن.


Sindhica Academy, Karachi

قُلْ اِنَّمَآ اَتَّبِعُ مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ مِنْ رَّبِّيْ ۚ هٰذَا بَصَآئِرُ مِنْ رَّبِّكُمْ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۲۰۳﴾

سورت اعراف جو تت اهو آهي تہ شيطان هر قوم ۽ نبي کي آزمائش ۾ وڌو آهي. جيڪو ان جي دوکي ۾ اچي ويو سو تباهہ ٿي ويو ۽ جنهن الله تعاليٰ جي حڪم کي مڃيو ۽ ظلم کان پاسو ڪيو سو ڇٽي ويو.

## مسلمانن تي ظلم:

شعب ابي طالب مان نڪرڻ کان پوءِ رسول اللهﷺ جن ڏٺو تہ هر ڪٽنب پنهنجي پنهنجي مؤمن ماڻهن تي ظلم ڪري رهيو آهي ۽ ان ۾ ٻين کان اڳرو ٿيڻ جي ڪوشش ۾ لڳو آهي. مڪي ۾ ڪابہ اهڙي عدالت نہ هئي جيڪا ٿيڻ وارن انهن ظلمن جي داد رسي ڪري سگهي. قبيلائي زندگيءَ جو اهو نقشو جيڪو حضرت ابراهيم؈ جي دور ۾ هو سو اڃا تائين جاري هو. قبيلي جو چڱو مڙس ئي قبيلي وارن جي جان ۽ مال جو مالڪ هو. قبيلي جي اندر انفرادي آزاديءَ جو ڪوٺ هئي. انهيءَ دؤر ۾ سورت العنڪبوت نازل ٿي. ان جي تعليم بہ گذريل آيتن سان ملندڙ جلندڙ آهي ۽ مؤمنن کي دل وڏي ڪرڻ ۽ صبر ۽ ثابت قدميءَ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي، ڇو جو هن وقت تائين ظلمن جي حد ٿي وئي هئي.

نوح ۽ لوط؈ جون قومون ظلم ۽ شرڪ جي ڪري تباهہ ٿي ويون هيون. ابراهيم؈ کي توحيد جي انعام ۾ اسحاق ۽ يعقوب مليا ۽ انهن جي اولاد کي نبوت ۽ ڪتاب (شريعت) ملي. عاد ۽ ثمود پنهنجي سرڪشي جي ڪري الله تعاليٰ جي قهر هيٺ آيا. قارون، فرعون ۽ هامان کي انهن جي وڏائيءَ ويل ۾ وڌو. بت پرستي ۽ وڏائي ڪوريئڙي جي ڄار کان بہ وڌيڪ ڪمزور آهن.

هن سورت ۾ پاڻ ڪريمﷺ جن کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ ڪتاب وارن سان نهٺائي ۽ بردباريءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪريو. انهن کي چئو تہ اسان قرآن سان گڏوگڏ توهان جي ڪتابن کي بہ مڃون ٿا. جيڪو اسان جو معبود آهي، سو ئي توهان جو معبود آهي.

اِلٰهُنَا وَاِلٰهُكُمْ وَاحِدٌ وَّنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿۴۶﴾

پاڻ تي ٿيندڙ ظلمن تي صبر ڪريو ۽ الله تي ڀروسو ڪريو

الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿۵۹﴾

معجزو نہ اچڻ تي ڪافر چون ٿا تہ رسول الله تي نشانيون ڇو نہ ٿيون نازل


www.sindhsalamat.com

ٿين؟ معجزاتي نشانيون ڏيڻ تہ الله تعاليٰ جي اختيار ۾ آهي. مان تہ تاريخي نشانيون ٻڌائي رهيو آهيان تہ جيئن توهان ظلمن جي نتيجن کان هوشيار ٿي وڃو.

اِنَّمَا الْاٰيٰتُ عِنْدَ اللّٰهِ ۭ وَاِنَّمَآ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ۝۵۰

”ايمان آڻيندؤ تہ ٻڌي ۽ انصاف واري تعليم توهان جي لاءِ رحمت ثابت ٿيندي.“

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَرَحْمَةً وَّذِكْرٰى لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ۝۵۱

ڪافر چون ٿا تہ توهان جو تاريخي دليل صحيح آهي تہ اسان تي ظلم جي ڪري عذاب ڇو نٿو پيو اچي. اي رسول، انهن کي چئي ڇڏ تہ جڏهن وقت ايندو تہ عذاب اچي ئي ويندو. اوچتو اهو عذاب هڪ انقلاب جي صورت ۾ ايندو ۽ توهان کي تباهہ ڪري ڇڏيندو.

”اي عيسائيو! اهو نہ سمجهو تہ هڪڙي ماڻهوءَ جو بار ٻئي تي وڌو ويندو. جيڪو انڪار ڪندو، سو ئي سزا ڀوڳيندو. الله تعاليٰ جو اهو قانون ڪڏهن بہ بدلجي نہ سگهندو تہ جيڪي قومون بڇڙائيون ڪندڙ آهن سي نيٺ تباهہ ٿي وينديون.“ (الفاطر)

مشرڪ قرآن کي ٻڌڻ بہ برداشت نٿا ڪن. اهي قرآن پاڪ جي تلاوت وقت هل بکيڙو ڪن ٿا تہ جيئن مسلمان بہ ان کي ٻڌي نہ سگهن. مسلمانن کي گهرجي تہ انهن جي اهڙين حرڪتن جي باوجود بہ ساڻن خوش اخلاقيءَ سان پيش اچن ۽ چڱين ڳالهين سان دشمن کي بہ پنهنجو دوست بڻائن. عذاب جا ملائڪ ضرور ايندا، پر جڏهن عذاب مٿان اچي ڪڙڪندو تہ ان وقت ظالمن کي توبہ بہ نصيب ڪونہ ٿيندي.

عذاب جا اهي ملائڪ دنيا جي تاريخ ۾ ڪيترن ئي صورتن ۾ آيا آهن. مثال طور عاد وارن جي قوم جي لاءِ تيز طوفان بڻجي ۽ ثمود وارن جي قوم جي لاءِ وڄ بڻجي آيا ۽ انهن کي تباهہ ڪري ڇڏيائون.

اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ تي ڀرسو ڪري صبر ۽ ثابت قدمي کان ڪم وٺڻ وارن جي مٿان خوشخبري ڏيڻ وارا ملائڪ ايندا آهن ۽ انهن جي خوف ۽ ڳڻتيءَ کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن. هن خوشخبريءَ جو حقدار بڻجڻ جي لاءِ نيڪوڪاريءَ بنيادي شرط آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا تَتَنَزَّلُ عَلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةُ
اَلَّا تَخَافُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ ۝۳۰

انهيءَ ئي زماني ۾ مجوس جي مشرڪن سان بہ ڳالهايو ويو جيڪي ٻن


Sindhica Academy, Karachi

خدائن (يزدان ۽ اهرمن) کي مڃيندا هئا. انهن کي چيو ويو تہ سوجهرو ۽ اونداهي (يزدان ۽ اهرمن) بہ معبود نہ آهن. عبادت جي لائق رڳو هڪڙو الله ئي آهي، سو انهيءَ کي ئي سجدو ڪريو (وَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَهُنَّ) جنهن کين پيدا ڪيو آهي.

نيڪي ۽ برائي ٻئي هڪجهڙيون حقيقتون نہ آهن. دشمن سان بہ جيڪڏهن نرميءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندؤ تہ اهو توهان جو اهڙو دوست بڻجي ويندو جو ڄڻ تہ ڪو مٽ مائٽ يا ڪو يار (ولي حميم) هجي.

هن قرآن ۾ اهو ئي چيو ويو آهي جيڪو هن کان اڳ رسولن جي ڪتابن ۾ چيو ويو آهي تہ الله تعاليٰ نيڪ ڪمن جي جزا ۽ بڇڙن ڪمن جي سزا ڏيندو آهي. جيڪڏهن عربن جي سامهون عجمي ٻوليءَ ۾ ڪا تعليم پيش ڪئي وڃي ها تہ اهي نہ سمجهي سگهن ها. اهي اعتراض بہ وارين ها تہ جڏهن اسان عرب آهيون تہ پوءِ اسان کي تعليم وري عجميءَ ۾ ڇو پئي ڏني وڃي؟ انهيءَ جي باوجود بہ اهي ٻوڙن ماڻهن وانگر نٿا ٻڌن. اهو ئي حال موسيٰؑ جي آندل توريت جو ٿيو تہ ان جي ٻولي ڄاڻيندڙن ئي ٻڌو ۽ پوءِ انهيءَ ۾ اختلاف وجهي ڇڏيو. پوءِ ٻڌي وٺو تہ قرآن جي تعليم ڇا آهي.

قرآن چوي ٿو تہ جنهن بہ ڪا ڀلائي ڪئي تہ اها هن پنهنجي لاءِ ڪئي ۽ جي ڪڏهن ڪنهن برائي ڪئي تہ ان جو اثر بہ مٿس ئي ٿيندو. الله تعاليٰ سزا ڏيڻ ۾ حد کان نٿو لنگهي يعني ظلم نٿو ڪري، اجا بہ حساب ڪتاب وقت ان جي رحمت شامل رهندي.

مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهٖ وَمَنْ اَسَاۗءَ فَعَلَيْهَا ۭ وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ۝۴۶

قيامت ڪڏهن اينديءَ انهيءَ ڳالهہ جي ڄاڻ رڳو الله تعاليٰ کي ئي آهي. باقي اهي ماڻهو الله تعاليٰ جي وجود جون نشانيون هن ڪائنات ۾ ۽ پنهنجي اندر بہ جلد ڏسي وٺندا. انهن کي الله تعاليٰ جي وجود جي باري ۾ شڪ آهي، جڏهن تہ هر شيءِ کي الله تعاليٰ گهيري رکيو آهي.

اَلَآ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيْطٌ ۝۵۴

## وفات سيده خديجہ رضہ:

رمضان 10 نبوي ۾ شعب ابي طالب مان نڪرڻ جي ڪجهہ مهينن کان پوءِ سيده ام المؤمنين حضرت خديجہؓ جو لاڏاڻو ٿي ويو. هوءَ ايمان آڻڻ واري پهرين عورت هئي. پنهنجو سمورو مال ملڪيت توڙي عيش آرام پاڻ ڪريم ﷺ جي مٿان گهوري ڇڏيو هئائين. شعب جي ڏينهن جي سختيءَ


www.sindhsalamat.com

سندس چڱيلائيءَ کي برباد ڪري ڇڏيو هو ۽ ابولهب جي زال ام جميل جي سازشن سندس ذهني سڪون به ختم ڪري ڇڏيو هو. قرآن انهيءَ بڇڙي عورت (ام جميل) کي حَمَّالَةَ الْحَطَبِ (چغلي هٽي ويڙهه جي باهه ٻارڻ واري) چيو آهي. حضرت بيبي خديجه جون چار ڌيئر هيون: (1) زينبؓ (2) رقيهؓ (3) ام ڪلثومؓ ۽ (4) فاطمهؓ.

مديني ڏانهن هجرت ڪان پوءِ جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ پنهنجي گهروارن کي مديني سڏايو ته حضرت عباسؓ ايمان نه آڻڻ جي باوجود به سيده فاطمه ۽ سيده ام ڪلثوم کي مديني وٺي آيو. رستي ۾ حويرث بن نقيد انهن کي نيزو هنيو ته ٻئي اٺ تان هيٺ ڪري پيون. (حويرث کي هڪ غلام کي مارڻ جي قصاص ۾ فتح مڪي ڪان پوءِ ماريو ويو). وفات جي وقت حضرت خديجه جي عمر 64 سال هئي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي عمر مبارڪ پنجاهه سال اٺ مهينا ۽ چوڏهن ڏينهن هئي. ڪين حجون ۾ دفن ڪيو ويو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ کين پنهنجي هٿن سان قبر ۾ لاٿو. پاڻ ﷺ جي دل ۾ بيبي سڳوريءَ جي ياد سڄي ڄمار رهي.

## قبيلي جي سردار ابو طالب جي وفات:

شعب ابي طالب مان ڪرڻ جي ڪجھ مهينن ڪان پوءِ هاشمي قبيلي جو سردار ابو طالب به گذاري ويو. وفات جي وقت ان وٽ ابو جهل، عبدالله بن ابو اميه ڪان سواءِ حضرت حمزهؓ، حضرت عليؓ ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن به موجود هئا. پاڻ ﷺ جن انهن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪئي ۽ اتي موجود ماڻهن کي به توحيد جي دعوت ڏني ته مشرڪ ڪلڻ لڳا ته عجيب ڳالهه آهي محمد ڪيترن ئي خدائن کي اڪيلي خدا ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. هوڏانهن گهڻن خدائن جو فائدو اهو آهي ته هڪڙي دعا نه ٻڌي ته ٻين کي سڏي سگهجي ٿو.

ابوطالب جي مددگاري ۽ سهاري جي ڪري مشرڪن کي رسول الله کي مارڻ جي همت نه هئي. هاٽي قبيلي جو چڱو مڙس ابولهب کي ڪيو ويو، پر چڱو مڙس بڻجڻ ڪان پوءِ هو پاڻ ڪريم ﷺ وٽ آيو ۽ پنهنجي حمايت جو يقين ڏياريو. پر ٻين ماڻهن جي چوڻ موجب پاڻ ﷺ جن ان جي حمايت کي قبول نه ڪيو. هاٽي پاڻ ڪريم ﷺ جي مڪي ۾ زندگي هڪڙي ڏوهاري واري ٿي پئي ته جيڪو به گهري کين ماري ڇڏي. پاڻ ﷺ جو هڪڙو ئي پٽيلو زيد هو جيڪو قبيلائي قانون موجب سندن جائز وارث هو. ان ڪان سواءِ جيڪي ڪجھ مسلمان حبشه واري هجرت ڪان پوئتي رهجي ويا هئا سي


Sindhica Academy, Karachi

پنهنجي سر مصيبتن ۾ ڦاتل هئا ۽ ڳجهي مدد ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ به نه پئي ڪري سگهيا.

## رسول الله ﷺ جا ظالم هم وطن:

شعب ابي طالب ۾ نظربند ٿيڻ ڪان پهريان هر قبيلي وارو پنهنجي پنهنجي ماڻهن تي ظلم ڪرڻ ۾ آزاد هو. ابولهب جي زال ڪان سواءِ ڪنهن غير قبيلي واري جي ايتري همت نه هئي ته هو رسول الله ﷺ تي علي الاعلان حملو ڪري سگهي يا ڪين تڪليف پهچائي سگهي. پر شعب مان نڪرڻ ۽ قبيلي جي سردار ابو طالب جي وفات ڪان پوءِ اهو زمانو شروع ٿي ويو هو جو ظاهر ۾ رسول الله ﷺ جو ڪوبه پرجهلو يا مددگار نه رهيو هو. هاٽي مڪي جي لوڦرن علي الاعلان نبي ڪريم ﷺ جن جي مٿان حملا شروع ڪري ڏنا هئا. ان وقت جيڪڏهن ڪو ڪين (ﷺ) ماري به وجهي ها ته ان ڪان ڪو پڇڻ وارو نه هو.

هڪ ڏينهن هڪڙي لوفر سندن مٿي ۾ دوڙ وڌي پر پاڻ چپ چاپ پنهنجي گهر هليا ويا. فاطمه سانئڻ يا ام ڪلثومؓ سندن مٿو ڌوئيندي روئي ڏنو ته پاڻ فرمايائون ته ٻچا نه روءُ، الله تعاليٰ تنهنجي پيءُ کي بچائيندو.

عبد الله بن عمرو العاص جو بيان آهي ته هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ ڪعبة الله جي سامهون نماز ۾ هئا جو عقبه بن ابي معيط سندن ﷺ ڳچيءَ ۾ چادر وجهي اهڙو ته گهوگهو ڏنو جو پاڻ ﷺ جو ساهه ٻوساٽجي ويو. ايتري ۾ حضرت ابوبڪر اهو ڏسي ڪري ڊڪندو آيو ۽ عقبه کي ڌڪو ڏيندي چيو ته اڙي ظالمؤ! ڇا توهان انهيءَ ڳالهه چوڻ تي هڪڙي ماڻهوءَ کي مارڻ گهرو ٿا جو هو پنهنجو معبود رڳو هڪڙي الله کي مڃي ٿو؟ اهي ماڻهو پاڻ ﷺ کي ڇڏي ابوبڪر تي ٽٽي پيا ۽ کيس ايترو ماريائون جو هو بيهوش ٿي ويو. اهڙي قسم جا ڪيترا ئي واقعا ٿيا.

هاٽي اهو دؤر اچي چڪو هو مئخانن جي ڪيرين رسول الله ﷺ جي هجوَ ۾ ڪُليءَ طرح ڳائڻ شروع ڪري ڏنو. لوفرن پاڻ ﷺ جي مٿان گهٽين ۾ هوڪرا هڻڻ شروع ڪيا. قريش جي سردارن وٽ چتر ۽ ٽنول جو مرڪز به پاڻ ﷺ جي ذات گرامي بنجڻ لڳي. ابو جهل چوڻ لڳو اي عبدمناف اجهو توهان جو نبي اچي رهيو آهي. عقبه چيو ته جيڪڏهن هو پاڻ نبي جي بدران ملائڪ به بڻجي پوي ته به مان ان جي ڪاڻ ڪونه ڪيندس. پاڻ ﷺ انهن بدچالن جي شرارتن کي درگذر ڪري ڇڏيندا هئا. ابوجهل کي پاڻ فرمايائون ته تنهنجي لاءِ اهو وقت ويجهو آهي جڏهن تون ٿورو کلندين ۽ گهڻو روئندين. ان


www.sindhsalamat.com

کان پوءِ عقبہ کي فرمايائون تہ تون ڏاڍو ضدي ماڻهو آهين، تو ڪڏهن بہ حق جو پاسو نہ ڪنيو آهي. ان کان پوءِ پاڻ ويٺل ٻين ماڻهن ڏانهن مهاڙ ڪري فرمايائون اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن توهان هدايت واري واٽ تي اچي ويندؤ.

## ٻاڳو ٻيون: ابو طالب جي وفات کان مطعم بن عدي جي پاڙي تائين

[27 شوال 10 نبوي (مارچ619ع) کان ذي القعد 10 نبوي (اپريل 619ع) تائين]

### جلاوطني...... يا موت:

اِنَّ الَّذِيۡنَ قَالُوۡا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسۡتَقَامُوۡا تَتَنَزَّلُ عَلَيۡهِمُ الۡمَلٰٓـئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوۡا وَلَا تَحۡزَنُوۡا

”جيڪي ماڻهو چوندا آهن تہ اسان جو پالڻهار (سائين) الله آهي ۽ پوءِ انهيءَ ڳالهہ تي مضبوطيءَ سان ڄمي ويندا آهن تن جي ڍپ ۽ ڳڻتي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ الله تعاليٰ ملائڪن کي نازل ڪندو آهي.“

اِنِ الۡحُكۡمُ اِلَّا لِلّٰهِ‌ؕ يَقُصُّ الۡحَـقَّ‌ وَهُوَ خَيۡرُ الۡفٰصِلِيۡنَ ۝٥٧ قَوۡلُهُ الۡحَـقُّ‌ؕ وَلَهُ الۡمُلۡكُ يَوۡمَ يُنۡفَخُ فِى الصُّوۡرِ‌ؕ ۝٧٣

”فيصلو ڪرڻ رڳو الله تعاليٰ جي اختيار ۾ آهي، هو سچ کي بيان ڪندو آهي ۽ سڀني فيصلن ڪندڙن کان ڀلو آهي. ان جو قول سچو آهي، انهيءَ جي ئي بادشاهي آهي جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو (ان ڏينهن هو پاڻ ئي قاضي يا جج هوندو)“. (الانعام)

شوال 10 نبويءَ جون اونداهيون راتيون شروع ٿي رهيون هيون. بهار جي وچٽري رُت ۾ ريگستاني گل ٽڙي رهيا هئا. مڪي ۾ ذي القعد مهيني جون تياريون ٿي رهيون هيون ۽ مڪي ۾ رهڻ وارا پري پري کان پنهنجي وطن واپس موٽي رهيا هئا تہ جيئن حج جي موسم جو مزو ماڻين ۽ حاجين ۽ واپارين جي وسيلي پنهنجا کيسا گرم ڪن.

اهڙي وقت ۾ رسول الله ﷺ جن پاڻ سان گڏ ٿورڙيون ڪارڪون ۽ ڪجهہ سَتو ڪٽي طائف ڏانهن سفر شروع ڪيو. اونداهين راتين جي ڪري ڪنهن جي ڏسڻ جو خطرو گهٽ هو. ائين پاڻ عام گس کان هٽي ڪري جبلن مان لنگهندڙ سوڙهن پيچرن واري واٽ ورتي. حضرت زيدؓ بہ ساڻن گڏ هو.


Sindhica Academy, Karachi

پاڻ ﷺ اعلاءِ ڪلمة الحق جي لاءِ جلاوطني تي مجبور آهن. ٽن ڏينهن کان پوءِ ذي القعد جو مهينو شروع ٿي رهيو هو جيڪو هڪ مقدس مهينو هو. انهيءَ وقت ۾ اتان جا رهندڙ نہ تہ ڪنهن کي قتل ڪندا هئا ۽ نہ وري ڪنهن کان ڦر مار ڪندا هئا. انهن ٽن ڏينهن کان پوءِ پاڻ ٻيهر مڪي کان نڪري ويندا.

مڪي کان نڪري پاڻ بني بڪر ۽ بنو قحطان وارن وٽ ويا پر ڪٿي بہ ٽڪڻ جي ڪا صورت نظر نہ آئي. آخرڪار پاڻ طائف ڏانهن پنڌ پيا. انهيءَ پاڻمرادي جلاوطني جو سبب هيءُ هو تہ پاڻ پنهنجي قوم ۽ دنيا جي مڙني غلامن کي غير الله (سرمائيدارن ۽ جاگيردارن) جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ گهرن پيا. انهيءَ مقصد جي لاءِ پاڻ ماڻهن کي شيطان پرستيءَ جي بدران اڪيلي الله جي بندگي سيکارين پيا. پاڻ ماڻهن کي چوندا هئا تہ شيطان جي دوکي ۾ اچي ظلم، نفاق ۽ غلام سازي ڪندا رهندؤ تہ انهيءَ جي لاءِ تاريخ شاهد آهي تہ توهان تباهہ ۽ برباد ٿي ويندؤ. (سورت العصر)

پاڻ ﷺ جي ڳالهين کي سندن وطن وارا ڪوڙو سمجهندا هئا. اهي چوندا هئا تہ اسان کي ڪير سزا ڏئي سگهندو؟ اسان نہ الله کي مڃون ٿا ۽ نہ قيامت جي ڏينهن کي ۽ نہ ئي خدائي پيغام کي. ڀلا مرڻ کان پوءِ ڪو جيئرو بہ ٿيو آهي ڇا؟ ۽ ڏاڍائي تہ شرافت ۽ عزتداريءَ جو دليل آهي.

طائف مڪي کان ستر ميلن جي مفاصلي تي هڪ وڻندڙ علائقو آهي جيڪو باغن سان آباد لڳو پيو هو. اتي پاڻي بہ جهجهو هو جنهن ڪري سايون ڀاڄيون ۽ ميوا جهجها پيدا ٿيندا هئا. شهر جي ٻاهران مضبوط ڪوٽ ڏنل هو. هتي پاڻ ڪريم ﷺ جي چاچي عباس جي گهڻي زمين هئي ۽ ان کان سواءِ قريش جي ٻين بہ ڪيترن ئي ماڻهن جون ٻنيون يا ملڪيت هئي. عبدياليل، مسعود ۽ حبيب ٽئي ڀائر هتان جا چڱا مڙس هئا.

طائف ڏانهن ويندي عرب عاربہ حضرت اسماعيلؑ جي اولاد منجهان اصلي عرب رهندا هئا. هتي لات ديويءَ جو مندر بہ هو جيڪا هوازن قبيلي وارن جي ديوي هئي. اهو قبيلو بنو عدنان منجهان هو ۽ اهي نج عرب هئا. هن ئي قبيلي جي هڪڙي شاخ بني سعد ۾ پاڻ ﷺ جن پنهنجو ننڍپڻ گذاريو هو. هوازن وارن جي هڪڙي شاخ بنو ثقيف بہ هئي جن جو طائف تي حڪم هلندو هو ۽ اهي لات ديويءَ جا مجاور هئا. انهيءَ ديويءَ کي 9 نبوي ۾ مغيره ٽوڙيو هو.

طائف کان هڪ رات ۽ مڪي کان ٽن راتين جي مفاصلي تي عڪاظ نالي هڪڙو علائقو هو جتي هر سال وڏو ميلو لڳندو هو. هن ميلي ۾ جيڪي دڪان لڳندا هئا انهن جون قطارون طائف کان نخلہ تائين ڏهن ميلن تائين


www.sindhsalamat.com

پڪڙيل هونديون هيون. هن ميلي ۾ زرعي سامان کان سواءِ هندستان ۽ يمن کان آيل شيون به ملي وينديون هيون. هتي عرب جا وڏا ماهر شهسوار ۽ شاعر پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا ۽ شراب جا دؤر هلندا هئا. اهو ميلو هڪ مهيني تائين هلندو رهندو هو.

جيئن ته پاڻ ﷺ جن جي ننڍپڻ ۾ هتي ئي پرورش ٿي هئي، انهيءَ ڪري پاڻ نه رڳو عربي شاعري ۽ تقرير جي فن کان واقف هئا، پر عڪاظ ۽ مڪي ۾ رهندي جادوگرن، يوپن ۽ مجاورن جي ڪرتوتن کي چڱيءَ طرح سمجهي چڪا هئا. انهيءَ ئي هنڌ پاڻ غير ملڪين ۽ عربن جي ذهني ۽ سماجي حالتن جو اونهائيءَ سان مطالعو ڪيائون. مڪي ۽ عڪاظ کان ئي سموري اوپر سان ٿيندڙ واپار روم ۽ مصر تائين پهچندو هو. انهيءَ زماني ۾ ٽي وڏا شاهي رستا هوندا هئا. پهرين شاهراهه ايراني نار جي وچان وچان لنگهي مڪي ۽ پوءِ اتان ٿيندي دمشق تائين ويندي هئي. ٻي شاهراهه دجله کان الرمه جي ماٿري کان ٿيندي خيبر تائين ويندي هئي. ٽين سڀ کان اهم شاهراهه صنعاء يمن کان طائف، طائف کان مڪي ۽ مڪي کان مديني ۽ معان کان ٿيندي شام تائين ويندي هئي. انهيءَ ئي شاهي رستي تي هر سال بهار جي موسم ۾ عڪاظ جو وڏو ميلو لڳندو هو.

پاڻﷺ جن مڪي پهچي اتان جي سردارن کي اسلام جي دعوت ڏني ۽ اها خواهش ظاهر ڪئي ته اهي کين مخالف قوم کان بچائين. پر انهن مان هڪڙي سردار چيو ”جيڪڏهن الله تعاليٰ تو جهڙي ماڻهو کي پنهنجو پيغام ڏئي موڪليو آهي ته مان ڪعبي جي پردي کي وچي ڦاڙي ڇڏيندس“. ٻئي چيو ”ڇا الله تعاليٰ کي توکان سواءِ ٻيو ڪو ماڻهو نه مليو جنهن کي پنهنجو پيغامبر ڪري موڪلي ها، تو وٽ ته چڙهڻ جي لاءِ وهٽ به نه آهي؟“. ٽئين چيو ”مان توسان ڳالهائيندس به ڪونه: ڇو ته جيڪڏهن تون سچ پچ به الله تعاليٰ طرفان موڪليل آهين ته تنهنجي ڳالهه کي رد ڪرڻ خطري کان خالي نه آهي ۽ جيڪڏهن تو الله تي بهتان هنيون آهي ته پوءِ ته مونکي توسان ڳالهائڻ به نه گهرجي“. ان تي پاڻ ﷺ کين چيو ته چڱو، جي ايمان نٿا آڻيو ته انهيءَ ڳالهه کي پاڻ تائين ئي رکجو. پاڻ ﷺ جن انهيءَ ڳالهه ٻولهه جي خبر قريشن تائين پهچائڻ نه پيا گهرن ته جيئن اها ڳالهه سندن لاءِ وڌيڪ تڪليف جو سبب نه بڻجي.

انهن ٽنهي سردارن پنهنجا غلام ۽ لوفر ڇورا پاڻ ﷺ جي ڪڍ لائي ڇڏيا جيڪي کين گاريون ڏئي، لُڙ ڪري پٿر هڻي رهيا هئا جنهن جي ڪري سندن پير ڦٽجي پيا ۽ جُتيءَ مان به رت وهي نڪتو. زيدؓ جو مٿو به ڦاٽي پيو.


Sindhica Academy, Karachi

پاڻ ڀڄي وڃي هڪڙي وڻ هيٺ وڃي ويٺا ۽ هيءَ دعا گهري:

اَللّٰهُمَّ اِلَيْكَ اَشْكُو اضُعْفَ قُوَّتِي وَقِلَّةَ حِيْلَتِي وَهَوَانِي عَلَى النَّاسِ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ اَنْتَ رَبُّ الْمُسْتَضْعَفِيْنَ

”اي الله سائين! مان پنهنجي هيڻائي، بي سرو ساماني ۽ ماڻهن جي طرفان ٿيندڙ توهين جي دانهن توکي ٿو ڏيان. تون سڀني رحم ڪندڙن کان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهين، تون ئي هيڻن جو مالڪ آهين.“

ائين جڏهن پاڻ وڌيڪ اهنج ۽ تڪليف جي ڪري ويهي رهن پيا ته لوفر ڇورا کين اتان اٿارين پيا. ائين ڪندي پاڻ عتبه ۽ شيبه جي انگورن جي باغ ۾ وڃي لڪيا. هُنن پنهنجي عيسائي غلام عداس جي هٿ پاڻ ﷺ ڏانهن انگورن جو ڇُڳو موڪليو ته پاڻ ان کي قبول ڪيائون ۽ بسم الله الرحمٰن الرحيم پڙهي ڪري کائڻ شروع ڪيائون. عداس جڏهن ”رحمان“ جو نالو ٻڌو ته پڇڻ لڳو ته توهان ڪير آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته مان رحمان جو نبي آهيان. انهيءَ تي عداس ٻڌايو ته هو عيسائي آهي ۽ نينوا جو رهاڪو آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن انهيءَ شهر جي تاريخ کان واقف هئا، انهيءَ ڪري فرمايائون ته منهنجو هڪڙو ڀاءُ يونس نبي به تنهنجي شهر ۾ آيو هو ۽ منهنجو حال به توهان جي نبين جهڙو آهي جو انهيءَ جي ئي قوم جا ماڻهو کيس ايذائي رهيا آهن. اهو ٻڌي ڪري عداس پاڻﷺ جي هٿن پيرن ۽ مٿي کي چميو ۽ چيو ته واقعي توهان نبي آهيو.

## (1) سورت جن جو نازل ٿيڻ:

واپسي تي پاڻ نخله واري علائقي ۾ ترسيا ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪئي. اتي ڪجهه جنن قرآن پاڪ کي ٻڌو، پر پاڻ ﷺ انهن کي نه ڏٺائون. پاڻ ڪريم ﷺ جن کي وحيءَ جي ذريعي ٻڌايو ويو ته توهان جو قرآن جِنَ ٻڌي رهيا هئا. هن سورت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ماڻهن جو اهو خيال غلط آهي ته جنن کي ڳجهه جو علم هوندو آهي ۽ اهي يوپن کي اهو سيڪجهه ٻڌائيندا آهن. ڳجهه جو علم رڳو الله تعاليٰ وٽ آهي. انهيءَ کان پوءِ سورت ”الحمد“ يعني فاتحه جو پهريون اڌ نازل ٿيو.

## (2) سورت الحمد (فاتحه) جو نازل ٿيڻ:

سورت فاتحه جي باري ۾ تفصيلي بحث مون پنهنجي تصنيف ”اسلامي انقلاب ڪا عهدنامه“ ۾ ڪيو آهي، جيڪا هن سورت جو تفسير آهي. بهرحال


www.sindhsalamat.com

اها سبع مثاني نہ آهي. اصل ۾ سبع جي معنيٰ ست ئي ناهي، پر انهيءَ جو مطلب ٻئي بہ ڪيترائي حصا پڻ آهن ۽ المثاني انهن آڳاٽن الاهي ڪتابن کي چوندا آهن جن جي باري ۾ قرآن وري وري ڏيان ڇڪايو آهي. انهيءَ جو مقصد اهو آهي تہ الله تعاليٰ ڪيترا ئي حڪم وري وري بيان ڪيا آهن. انهيءَ جي ڪري قرآن جي باري ۾ سورت الزمر (رڪوع3) ۾ چيو ويو آهي تہ هيءُ سڀ کان ڀلو ڪلام اهڙي تعليم تي آڌاريل آهي جيڪا هڪ ٻئي سان هڪجهڙائي رکندڙ آهي ۽ پهريان بہ وري وري نازل ٿي چڪي آهي.

اَللّٰهُ نَزَّلَ اَحۡسَنَ الۡحَدِيۡثِ كِتٰبًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ

## قرآن کي سمجهڻ جو اصول:

قرآن پاڪ جي صحيح سمجهہ ان وقت ئي حاصل ٿي سگهي ٿي جڏهن قرآن پاڪ جي الڳ الڳ سورتن مان سموري سورت، يا اجا بہ هڪ دؤر جي سڀني سورتن جي نچوڙ کي سامهون رکيو وڃي. مختلف آيتن ۽ سورتن کي نازل ٿيڻ واري ترتيب کان الڳ ڪري سمجهڻ جي ڪوشش ۾ وقت نہ وڃايو وڃي. اهڙيءَ طرح قرآن پاڪ پڙهڻ سان چٽيءَ طرح سان خبر پئجي وڃي ٿي تہ 'ڪتب'، 'صحف آيات'، 'نور'، 'هدايت'، 'تنزيل' مطلب تہ اهڙي طرح جا جيترا بہ لفظ قرآن پاڪ ۾ اچن ٿا انهن جو مطلب اهو ناهي تہ رڳو قرآن جون آيتون ۽ حڪم مقصود آهن، پر جيئن تہ وري وري چيو ويو آهي تہ جيترا بہ ڪتاب آهن، انهن سڀني تي ايمان آڻڻ هر مسلمان لاءِ فرض آهي. (وَمَآ اُنۡزِلَ مِنۡ قَبۡلِكَ) يعني اها قرآن تعليم 'مثاني' (وري وري بيان ٿيڻ واري) تعليم آهي ۽ گذريل نبين جي ڪتابن ۾ وري وري بيان ٿي چڪي آهي. اهي ڪتاب 'سبع' يعني ڪيترائي آهن. مثال طور ابراهيمي صحيفو، موسوي صحيفو، دائود[ؑ] وارو زبور، سليمان[ؑ] ۽ لقمان حڪيم جا مثال، انجيل يحييٰ و عيسيٰ، ويدانت هند، مهاتما ٻڌ جا چار مقالا ۽ ٻيا ڪتاب. ( قرآن جي روءِ سان نبين جي بعثت سامي، آريائي ۽ زرد قومن، سڀني ڏانهن ٿيندي رهي آهي).

سورت فاتحہ جو پهريون اڌ پاڻ ڪريم ﷺ جي شعب ابي طالب مان نڪرڻ ۽ طائف کان واپسي کانپوءِ نازل ٿيو. وري آخري آيت مديني ۾ نازل ٿي جتي يهودي ۽ عيسائي هئا ۽ هتي 'صراط' جو لفظ عام طرح رائج هو. هتي ئي 'مغضوب عليهم' يعني وياج خور ۽ مغرور يهودي پناهگيرن جو وڏو تعداد موجود هو. شعب ۾ ٻين سورتن سان گڏ سورت يوسف بہ نازل ٿي جنهن


Sindhica Academy, Karachi

۾ سورت فاتحہ جو سمورو تصور موجود آهي. ان کان پوءِ طائف کان موٽندي سورت جن نازل ٿي جنهن سان 'عالمين' جو تصور چٽو ٿي وڃي ٿو. انهيءَ ئي زماني ۾ سورت اسراء نازل ٿي جنهن ۾ بني اسرائيل ڏانهن اشارو آهي.اهو ئي اهو زمانو آهي جڏهن دنيا ۾ ڪٿي بہ ڪا لڪڻ جي جاءِ ڪونہ هئي پر پوءِ بہ پاڻ نااميد يا خوفزده بلڪل بہ نہ ٿيا. سورت فاتحہ انهيءَ ئي ڇڪتاڻ ۽ آزمائش واري زماني جي يادگار آهي، انهيءَ جي لاءِ سورت يوسف ۽ سورت جن جو مطالعو هن جي مطالعي کان پهريان ضروري آهي.

## (3) سورت يوسف ۽ (4) سورت فاتحہ:

شعب ابي طالب واري زماني ۾ سورت يوسف نازل ٿي. جيڪڏهن اهي ئي حالتون ڪنهن ٻي قوم يا ماڻهوءَ تي آيل هجن، جيڪي انهيءَ وقت مسلمانن جون هيون تہ انهن ٻي سهارن ۽ مجبورن جي لاءِ سورت يوسف هڪ خدائي پيغام آهي جيڪو ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ جو يقين پيدا ڪري ٿو. لَقَدۡ كَانَ فِىۡ يُوۡسُفَ وَاِخۡوَتِهٖۤ اٰيٰتٌ لِّلسَّآئِلِيۡنَ۝ لَقَدۡ كَانَ فِىۡ قَصَصِهِمۡ عِبۡرَةٌ لِّاُولِى الۡاَلۡبَابِ۝ انهيءَ کان پوءِ سورت فاتحہ نازل ٿي. ڪجهہ لفظ جيڪي ٻنهي ۾ هڪجهڙا آهن:

- **ربّ:** يعني آقا يا مالڪ. قَالَ مَعَاذَ اللّٰهِ اِنَّهٗ رَبِّىۡۤ يوسف زليخا کي چيو تہ تنهنجو مڙس منهنجو رب (آقا) آهي.
  اَمَّاۤ اَحَدُكُمَا فَيَسۡقِىۡ رَبَّهٗ خَمۡرًا ۚ توهان مان هڪڙو پنهنجي رب (آقا) کي شراب پياريندو.
  اذۡكُرۡنِىۡ عِنۡدَ رَبِّكَ، ارۡجِعۡ اِلٰى رَبِّكَ انهن سڀني ۾ رب جي معنيٰ آقا يا مالڪ جي آهي.
- **ضلال:** اڻ تڻ، مونجهہ، دوکو، ڀل چڪ، شڪ. مثال طور زليخا کي چيو ويو تہ اِنَّا لَنَرٰٮهَا فِىۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ ۽ حضرت يعقوب کي چيو ويو قَالُوۡا تَاللّٰهِ اِنَّكَ لَفِىۡ ضَلٰلِكَ الۡقَدِيۡمِ.
- **دين:** يعني قانون (زندگي گذارڻ جو طريقو يا واٽ) مَا كَانَ لِيَاۡخُذَ اَخَاهُ فِىۡ دِيۡنِ الۡمَلِكِ پنهنجي ڀاءُ کي شاهي قانون تحت روڪي نٿي سگهيو. اَمَرَ اَلَّا تَعۡبُدُوۡۤا اِلَّاۤ اِيَّاهُ ؕ ذٰلِكَ الدِّيۡنُ الۡقَيِّمُ زندگيءَ جو حقيقي قانون يعني الدين ڇا آهي؟ اسلام يا الله تعاليٰ جي ٻانهپ آهي. (اِنَّ الدِّيۡنَ عِنۡدَ اللّٰهِ الۡاِسۡلَامُ).


www.sindhsalamat.com

- **الصراط مستقيم:** صراط جو رومي لفظ مديني ۾ استعمال ٿيو آهي. سورت يوسف ۾ صراط مستقيم جي لاءِ الدين القيم جو لفظ آهي.
الصراط مستقيم اسلام جو ٻيو نالو آهي، جڏهن ته اسلام الله تعاليٰ جي ٻانهپ جو نالو آهي. وَاِنَّ اللّٰهَ رَبِّيۡ وَرَبُّكُمۡ فَاعۡبُدُوۡهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسۡتَقِيۡمٌ (سورت يوسف ۾ به اهو ئي چيو ويو آهي ته ٻانهپ يا الله تعاليٰ جي اطاعت جو ٻيو نالو الدين القيم آهي.
- اَمَرَ اَلَّا تَعۡبُدُوۡۤا اِلَّاۤ اِيَّاهُ ؕ ذٰلِكَ الدِّيۡنُ الۡقَيِّمُ وَلٰـكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يَعۡلَمُوۡنَ
- **نعمت ۽ انعام:** موحد يا توحيد پرست هئڻ ۽ مشرڪ نه هئڻ ئي الله تعاليٰ جو سڀ کان وڏو فضل ۽ انعام آهي. مَا كَانَ لَنَاۤ اَنۡ نُّشۡرِكَ بِاللّٰهِ مِنۡ شَىۡءٍ ؕ ذٰلِكَ مِنۡ فَضۡلِ اللّٰهِ عَلَيۡنَا وَعَلَى النَّاسِ.
- **سورت الجن ۽ سورت فاتحه:** العالمين لفظ جو اُچار عالمين ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن اسان سورت جن کي ڏسون ته انهيءَ ۾ 'ثقلين' جو لفظ انسانن ۽ جنن جي لاءِ استعمال ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح سورت الرحمٰن ۾ معشر الجن والانس سان وري وري مخاطب آهي. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته قرآن پاڪ ۾ جتي جتي 'العالمين' جو لفظ آهي، اهو تثنيه جو صيغو آهي ۽ انسانن ۽ جنن جي دنيا جي ٻن جهانن لاءِ استعمال ٿيو آهي. نَحۡوَ جي چاڻ اهو قاعدو ۽ اصول مڃي ڇڏيو آهي ته جيڪڏهن تثنيه جو صيغو رڳو ٻن تائين محدود هجي ته ان کي مجموعي جي شڪل ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. مطلب ته عالمين جي معني انسانَ آهن يا جيڪڏهن انهيءَ کي تثنيه مڃيو وڃي ته جنَ ۽ انسان مراد وٺي سگهجن ٿا. ٻن جهانن يا سڀني جهانن سان انهيءَ جو لاڳاپو نه آهي. هي قرآن انسانن جي لاءِ آهي، نه جيتن جڻن، وڻن ٽڻن يا حيوانن، ملائڪن، لاهوت وغيره جهڙن هزارين جهانن لاءِ.

## يوم الدين:

'دين' جي معني نه رڳو سامي، پر آريائي ٻولين ۾ به 'قانون' ئي آهي. يوم الدين جو مطلب اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن قانوني يعني انصاف ڀريو فيصلو ٿيندو.
يوم الدين يا يوم الحساب ۽ يوم الفصل به هڪ فلسفياڻي بحث واري


Sindhica Academy, Karachi

شيءِ ٿي وئي آهي. مختلف قومن ۾ اهو تصور موجود آهي ته اسان جهڙا به عمل ڪنداسين اڳتي هلي انهن جو نتيجو ضرور ملندو. نيڪيءَ جو بدلو نيڪي ۽ برائيءَ جو بدلو برائيءَ جي صورت ۾ ضرور ملندو. هن حياتيءَ ۾ توڙي مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئرو ٿيڻ کان پوءِ پر ملندو ضرور. قرآن اهو ٻڌايو آهي ۽ پنهنجي شروعاتي تعليم ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته هن حياتيءَ ۾ آخره يعني اڳتي اچڻ واري حالت ۽ اوليٰ يعني گذري ويل حالت کان بهتر ٿيندي وڃي ٿي ۽ نيڪ عملن سان انسان مسلسل بهتريءَ ڏانهن ترقي ڪندو رهي ٿو. (الانشرح) ان سان گڏوگڏ مختلف سورتن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته بڇڙن عملن جي نتيجي ۾ هن دنيا ۾ قومون تباهه ۽ برباد ٿينديون رهيون آهن، يعني هن ئي دنيا ۾ انهن کي سزا ملندي رهي آهي.

## ظالمن کي ڊگهي مدت تائين سزا نه ملڻ جو سبب:

ڪيترائي اهڙا واقعا ٿيا آهن جو پنهنجي بڇڙائين ۽ بدعملي جي هوندي به مختلف ماڻهو ۽ مختلف قومون هن دنيا ۾ سزا نٿيون ڀوڳين. اڃا به ڊگهي عرصي تائين پنهنجي ظلمن ۽ ڏاڍاين سان دنيا وارن کي تنگ ڪنديون رهن ٿيون. انهيءَ جو سبب قرآن اهو ٻڌائي ٿو ته مظلوم ماڻهو يا مظلوم قومون پاڻ ئي انهيءَ لاءِ ذميوار آهن. انهن جو فرض هو ته اهي اهڙن ظالمن جي خلاف اٿي پون ها، انهن سان جهاد ڪن ها يا گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ تياريءَ ۾ زندگيون گذاري ڇڏين ها. پوءِ جيڪڏهن اهڙيءَ تياريءَ ۾ اهي مري به وڃن ها ته اهو انهن لاءِ عزت ڀريو موت هجي ها ۽ انهن کي اچڻ واري زندگيءَ ۾ به اجر ملي وڃي ها. جيئن چين، ويتنام، الجزائر وغيره ۾ غلاميءَ ۽ محنت جي استحصال جي خلاف جاکوڙ ڪئي وئي.
ظالمن ۽ بدڪردارن کي سدائين ٻڌايو ويو آهي ته اهي اهو نه سمجهن ته هن دنيا ۾ ظلم ڪري مري کپي ويندؤ ۽ ٻيهر پيدا ڪرڻ کان پوءِ توهان جو خلقڻهار توهان جي انهن ڏوهن جو حساب ڪري توهان کي سزا نه ڏيندو. خدا تعاليٰ قيامت جي ڏينهن جو مالڪ آهي، انهيءَ ڏينهن هو ذري ذري جو حساب ڪري آخري فيصلو ڪندو. هيءَ دنيا آخري فيصلي واري جاءِ نه آهي، هتي ته هر انسان پنهنجو عمل ڪرڻ لاءِ بلڪل آزاد آهي.
قديم مصرين ۾ اهو تصور عام هو ته مرڻ کان پوءِ انساني روح نٿو مري پر اهو سج جي مختلف برجن ۾ جادوءَ جي زور سان گردش ڪندي ڪندي را اعظم يا 'را' تائين پهچي وڃي ٿو. اهو ئي تصور قديم بابل ۾ به هو. هندي


www.sindhsalamat.com

آرين جي فلسفين ۾ ڪجھ يوناني، مصري فلسفين ۾ ٿورڙن وحشي قومن ۾ بہ اهو تصور عام هو تہ نہ رڳو انسان پر حيوانن جي مرندي ئي انهن جو روح ڪنهن ٻئي ڍانچي ۾ پيدا ڪيو ويجي ٿو۽ پنهنجي گذريل ڄمار جي عملن جي سزا ڀوڳيندو رهي ٿو. اهو تناسخ يا پيدائش جو چڪر لڳاتار جاري رهي ٿو ۽ نيڪ عملن سان ئي انهيءَ جهنجهٽ مان جان ڇٽي سگهي ٿي. لارڊ مهاوير ۽ گوتم ٻڌ بہ تناسخ کان ڇوٽڪاري کي ئي مڪمل آزادي يا بهشت چون ٿا. بهرحال تصورن کي ادا ڪرڻ جا مختلف طريقا آهن. حقيقت اها آهي تہ يوم الحساب ۽ مرڻ کان پوءِ وري جيئرو ٿي اٿڻ جو مقصد هڪڙو آهي تہ بڇڙن عملن جو نتيجو عذاب ۽ اهنج جڏهن تہ نيڪ عملن جون بدلو ثواب ۽ راحت آهي. اللّٰه تعاليٰ عملن جي جزا ڏيڻ وارو آهي ۽ اهو ئي اهو قاضي ۽ بادشاهہ آهي جيڪو ضرور انصاف ڀريو فيصلو ڪندو. سورة الحمد ۾ انهيءَ تصور کي انهيءَ وقت بيان ڪيو ويو آهي جڏهن جو وڏي عرصي تائين مڪي جي مشرڪن کي اهو ٻڌائي ڇڏيو ويو هو تہ توهان پنهنجي بدعملي، ظلم ۽ شرڪ جي ڪري هڪ ڏينهن هن دنيا ۾ اڳاٽين قومن وانگر تباهہ ڪيا ويندؤ. پر جيڪڏهن اتفاق سان بچي بہ ويؤ تہ مرڻ کان پوءِ ٻيهر پيدا ڪيا ويندؤ ۽ سزا ڀوڳيندؤ.

## ملڪ:

يعني بادشاهہ، قاضي القضاة يا آخري فيصلو ڪندڙ. دنيا ۾ اهو تصور عام هو تہ بادشاهہ ئي آخري فيصلو ڪندڙ ۽ حڪم آهي. اهو ئي قومي فوج جو سپهہ سالار هوندو آهي ۽ اهو ئي هر رعيتي جي جان، مال، عزت ۽ آبرو جو مالڪ يا خداوند هوندو آهي. ڪجھ قومن ۾ ان کي آسماني بادشاهہ سج جو اوتار مڃيو ويندو هو جيئن مصر ۾ فرعون، بابل ۾ بعل (سج) جو اوتار، حمورابي ۽ هندستان ۾ سورج بنسي راجا وغيره.

قرآن اللّٰه تعاليٰ کي انهيءَ ڪري ملڪ چيو آهي (جيئن ملڪ الناس، الٰہ الناس) اهو ئي مالڪ الملڪ آهي، اهو ئي آخري فيصلو ڪندڙ آهي. اَحۡكَمُ الحَاكِمِيۡن، خَيۡرُ الۡفَاصِلِين، لَمۡ يَكُنۡ لَّهٗ شَرِيۡكٌ فِى الۡمُلۡكِ. وَلَهُ الۡمُلۡكُ يَوۡمَ يُنۡفَخُ فِى الصُّوۡرِ سان ثابت آهي تہ اڄ هو فيصلو نہ ڪندو، پر قيامت جي ڏينهن بادشاهہ جي شان ۾ هوندو. تنهن ڪري آخرت ۾ فيصلو ڪرڻ واري جو تصور اهڙيءَ طرح ٻڌايو ويو آهي تہ هو يوم الدين ۾ بادشاهہ يا قاضي يا فيصلو ڪرڻ وارو بادشاهہ هوندو. اڄ هو آخري فيصلو نٿو ڪري ڇو تہ جيتوڻيڪ هو مالڪ آهي، پر اڄ هن انسان کي اختيار ڏئي آزادي ڏئي ڇڏي آهي تہ هو سٺا ۽ برا عمل ڪري جن جي جزا يا سزا


Sindhica Academy, Karachi

قيامت جي ڏينهن ڏيندو. تنهن ڪري اڄ هو مالڪ آهي سياڻي قيامت جي ڏينهن هو ملڪ يعني آخري فيصلو ڪرڻ وارو بادشاهہ هوندو.

**اِنَّا نَحنُ:** ڪيترين ئي جاين تي قرآن مجيد ۾ هن بادشاهت جي شان جي اظهار جي مقصد تحت اڪيلي اللّٰه جي لاءِ جمع جو صيغو استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو بادشاهي ڳالهہ ٻولهہ جو انداز رهيو آهي ۽ اڄا بہ آهي. مثال طور اِنَّآ اَنۡزَلۡنٰهُ فِىۡ لَيۡلَةِ الۡقَدۡرِ يا اِنَّا نَحۡنُ نَزَّلۡنَا الذِّكۡرَ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوۡنَ يا اِنَّآ اَعۡطَيۡنٰكَ الۡكَوۡثَرَ وغيره. انهن سڀني مان ثابت آهي تہ سورهءِ الحمد ۾ ملڪ آهي نہ ڪہ مالڪ. امام مالڪ جي قراءت ۾ بہ اها ئي پڙهڻي آهي.

**عبد:** نعبد ۾ رب العالمين جي نسبت سان ٻانهپ ۽ غلامي ترجمو ٺيڻ کپي. غلام جو اصل ڪم حڪم مڃڻ آهي، رڳو پنهنجي مالڪ جي ساراهہ جا ڍُڪ ڀرڻ ئي ڪافي نہ آهي. جيڪڏهن ساراهہ ڪرڻ جو حڪم آهي تہ اها بہ عملي ساراهہ آهي. يعني غلاميءَ جي سڀني حڪمن جي بجا آوري واري تصور ۾ اهو سڀ ڪجھ اچي وڃي ٿو.

**غضب:** سڀ کان وڏي نعمت اها ٻڌائي وئي آهي تہ انسان اللّٰه تعاليٰ جو ٻانهو ٿي رهي، شيطان کان پاسو ڪندو رهي. انهيءَ ۾ ئي ان جي ڀلائي آهي. تنهن ڪري غضب نعمت جو ضد ٿيو. يعني جيڪو ماڻهو مشرڪ يا انڪاري ٿيو، سو مغضوب آهي.

## (5) سورت جاثيہ:

انهيءَ ئي زماني ۾ سورت جاثيہ نازل ٿي جنهن ۾ هيٺيون ڳالهيون ٻيهر ورجايون ويون آهن. ان کان سواءِ طائف جي سفر کان واپسي ۽ مڪي ۾ داخل ٿيڻ تائين واري تعليم جو تت آهي جيڪو هن سورت ۾ تمام ئي اختصار سان هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

1. هيءُ ڪتاب يعني زندگيءَ جو قانون اللّٰه تعاليٰ جي طرف کان نازل ٿيو آهي. هي ڪو شيطاني قول نہ آهي جهڙيءَ طرح مشرڪن جو خيال هو.
2. انسان ڪابہ شيءِ خلقي نٿو سگهي. جيڪڏهن اهو ڄاڻو هجي تہ اللّٰه تعاليٰ موجود آهي ۽ ان جون نشانيون (آيتون) ڳوليو ٿا تہ اللّٰه تعاليٰ کي خالق مڃيو. ڇو تہ ايمان کان پوءِ آسمان، زمين ۾ اللّٰه تعاليٰ جي قدرت ۽ خلقڻهاريت جو نشانيون توهان کي هر جاءِ نظر اينديون. جيڪا بہ شيءِ ڏسندؤ تہ توهان کي خبر پوندي تہ انهيءَ جو خلقيندڙ اللّٰه تعاليٰ آهي ۽ توهان ۽ توهان جا ديوتا ڪابہ شيءِ خلقي نٿا سگهن. اِنَّ فِى السَّمٰوٰتِ


www.sindhsalamat.com

وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ جانورن جي خلقڻ، زمين ۽ آسمان جي ڦيرقار، آسمان مان مينهن، هوائون سيئي الله تعاليٰ جي وجود جون نشانيون آهن. پوءِ بہ انهن تي ٺٺوليون ڪرڻ ۽ وڏائي ڪندي نہ مڃڻ جهنم ڏانهن وٺي ويندو. ڏسو تہ سمنڊ ۾ ٻيڙيون خدائي قانون موجب هلي رهيون آهن، اهي بہ عقل ۽ سمجھ رکڻ وارن لاءِ وڏيون نشانيون آهن.

3. جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي وارو اصول هن دنيا ۽ آخرت واري دنيا سان نسبت رکي ٿو. مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا ڀلائي ڪندؤ تہ بہ پنهنجي لاءِ فائدو اٿو پر جي برائي ڪندؤ تہ ان جو نقصان بہ توهان کي ئي ٿيندو.

4. بني اسرائيل وارن کي الله تعاليٰ حڪومت، نبوت ۽ صاف سٿرو رزق ڏنو ۽ قومن تي فضيلت ڏني. فَضَّلْنٰهُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ

5. بصائر آيتن جي معنيٰ ۾: هيءُ قرآن انسانن جي لاءِ عبرت ڀريون ڳالهيون ٻڌائي ٿو. هٰذَا بَصَآئِرُ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ

6. الہ رب يا معبود جي معنيٰ ۾ آهي، يعني جنهن جي غلامي ڪئي وڃي. ڪجھ ماڻهو پنهنجي نفس جا ٻانها يا غلام بڻجي ويندا آهن. اَفَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ وَاَضَلَّهُ اللّٰهُ عَلٰى عِلْمٍ

7. دهريت کي جواب: اهي نفس پرست چون ٿا تہ دهر يا زمانو ئي ماريندو يا جياريندو آهي، الله تعاليٰ خالق نہ آهي. اها انهن جي خام خيالي آهي ۽ جڏهن انهن سان الله تعالي جي خالق هجڻ جو نشانيون بيان ڪيون ويندرين آهن تہ اهي چوندا آهن تہ جيڪڏهن الله خالق آهي تہ پوءِ اسان جي ابن ڏاڏن کي پيدا ڪري. انهيءَ جو جواب اهو ئي آهي تہ الله تعاليٰ ئي جياريندو ۽ ماريندو آهي ۽ اهو ئي بيشڪ قيامت جي ڏينهن سڀني کي جيئرو ڪري گڏ ڪندو.

8. الله تعاليٰ مَلِڪ يا بادشاهہ آهي. انهيءَ جي ئي آسمانن ۽ زمين تي حڪومت آهي ۽ اهو ئي قيامت جي ڏينهن بہ ملڪ (بادشاهہ) هوندو يعني آخري فيصلو ڪندو. وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ

9. جڏهن انهن کي چيو وڃي ٿو تہ قيامت ضرور ايندي (اَلسَّاعَةُ لَا رَيْبَ فِيْهَا) تہ اهي چون ٿا تہ اسان کي گمان تہ ٿيندو آهي پر انهيءَ جي پڪ نٿي ٿئي.


Sindhica Academy, Karachi

## ڀاڱو ٽيون: قبيلن کي تبليغ، مطعم جي پنيرائي ۽ مديني ڏانهن هجرت

[23 ذيقعد 10 نبوي (اپريل 619ع) کان صفر 13 نبوي (مئي 622ع)]

اِذْ هُمَا فِي الْغَارِ اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا ۚ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلَيْهِ وَاَيَّدَهٗ بِجُنُوْدٍ لَّمْ تَرَوْهَا

”جڏهن اهي ٻئي (محمد ﷺ ۽ ابوبڪرؓ) غار ۾ هئا تہ محمد ﷺ پنهنجي سنگتي (ابوبڪرؓ) کي چيو تہ غم نہ ڪر، الله تعاليٰ اسان سان گڏ آهي، تڏهن الله تعاليٰ ان تي پنهنجي سڪينہ نازل ڪئي ۽ اهڙين فوجن سان مدد ڪئي جن کي توهان نٿا ڏسي سگهو.“

سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَيْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا

”ڪيتري پاڪ ذات آهي اها جنهن رات وچ ۾ پنهنجي ٻانهي کي مڪي کان يروشلم تائين سير ڪرايو.“

جڏهن طائف وارن وٽان مايوسي ملڻ کان پوءِ پاڻ نخلہ پهتا تہ تمام ئي اداس ٿي پيا. ذيقعد ختم ٿي رهيو هو ۽ حج کان پوءِ جيڪو عام امن واري حالت هئي سا بہ ٽن مهينن کان پوءِ ختم ٿيڻ واري هئي. انهيءَ جي ڪري ضروري هو تہ مڪو ڇڏڻ کان پهريان ڪنهن نہ ڪنهن قبيلي کي پنهنجو پرجهلو بڻايو وڃي. انهيءَ مقصد هيٺ پاڻ نخلہ کان حرا جبل تائين آيا ۽ زيد کي مڪي ڏانهن موڪليائون تہ جيئن ڪنهن سردار جي حمايت حاصل ڪئي وڃي. انهيءَ لاءِ سڀ کان پهريان پاڻ اخنس بن شريق ڏانهن حمايت جي لاءِ چوائي موڪليائون جنهن جواب ڏنو تہ مان حليف آهيان انهيءَ ڪري حمايت نٿو ڪري سگهان. ان کان پوءِ پاڻ سهيل بن عمرو ڏي نياپو ڪيائون انهيءَ چيو تہ بني عامر جي حمايت بنو ڪعب تي لاڳو نٿي ٿئي. آخرڪار پاڻ مطعم بن عدي کان حمايت گهريائون جنهن لاءِ هو يڪدم تيار ٿي ويو. ان کان پوءِ مطعم ۽ ان جي خاندان وارا هٿيار ٻڌي مسجد حرام تائين پاڻ ڪريم ﷺ جن کي وٺي ويا ۽ چيو تہ مسجد ۾ داخل ٿي وڃو. پاڻ مسجد ۾ داخل ٿي ڪعبي جو طواف ڪيائون ۽ نماز پڙهيائون. مطعم پڙهو ڏياريو تہ اي قريشيو! مون محمد کي پناهہ ڏني آهي، انهيءَ ڪري نہ ڪير ڪين ايذائي ۽ نہ سندن گلا ڪري. ان کان پوءِ پاڻ ﷺ کي پنهنجي گهر پهچايو. ڪجھ وقت تائين پاڻ اتي رهيا.


www.sindhsalamat.com

مڪي ۾ تبليغ ڪرڻ ناممڪن هئي ۽ قريشن سان ڳالھ ٻولھ بہ بي فائدي هئي. انهيءَ ڪري پاڻ ﷺ انهيءَ ۾ سمجھيائون تہ حج جي موقعي تي جيڪي قبيلا ٻاهران اچن ٿا انهن سان مڪي کان ٻاهر ئي ڳالھ ٻولھ ڪئي وڃي. اهڙيءَ طرح پاڻ منيٰ ۾ وڃي ڪري مختلف قبيلن کي اسلام جي دعوت ڏيندا رهيا، پر هر جاءِ تي ابولهب سندن پيرو ڪنيو ٿي آيو ۽ قبيلن کي چوندو ٿي وتيو تہ هي ماڻهو گهري ٿو تہ لات ۽ عزيٰ ۽ پنهنجي دوست جنن کي ڇڏي ڪري بدعت ۽ گمراهيءَ ۾ پئجي وڃو.

10 نبوي ذي الحج مهيني ۾ قبيلي خزرج جا ڇهہ ماڻهو حج تي آيا. رسول الله ﷺ جن کين قرآن ٻڌايو. اهي ماڻهو مديني جي يهودين وٽان اهي ڳالهيون ٻڌندا ايندا هئا تہ هڪڙو نبي اچڻ وارو آهي، انهيءَ ڪري هنن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي تائيد ڪئي ۽ سندن ڳالهين جي تصديق ڪري مديني ڏانهن واپس هليا ويا تہ سورت الزخرف نازل ٿي.

## (6) سورت الزخرف:

علم جو سرچشمو الله تعاليٰ وٽ آهي. هيءُ چٽو علم عربي ٻوليءَ ۾ انهيءَ ڪري بيان ڪيو ويو آهي تہ جيئن توهان سمجهي سگهو (هيءُ جادو نہ آهي پر) انهيءَ جو سرچشمو (ام الڪتاب) الله تعاليٰ وٽ آهي. (يعني جادوءَ وانگر هيءُ شيطاني ڳالهيون نہ آهن) اهي (مشرڪ) ماڻهو گهرن ٿا تہ اها تعليم نہ ڏني وڃي جڏهن تہ الله تعاليٰ جا (موڪليل) نبي پهريان بہ ايندا رهيا آهن. ڪوبہ نبي ٺٺولين کان بچي نہ سگهيو پر ٺٺوليون ڪرڻ وارن جو انجام سدائين بربادي ئي ٿيو.

اهي ماڻهو ڄاڻن ٿا تہ هن سموري ڪائنات جو خالق صرف هڪڙو ئي آهي جيڪو مئل زمين ۾ مينهن جي وسيلي نئين زندگي پيدا ڪري ڇڏي ٿو. پوءِ بہ اهي مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ کي نٿا مڃين ۽ ٻانهن کي انهيءَ ۾ ڀائيوار ڪن ٿا.

اهي ماڻهو ملائڪن کي ماديون سمجهن ٿا ۽ چون ٿا تہ اهي الله جون ڌيئر آهن (لات، منات ۽ عزيٰ کي بہ الله تعاليٰ جو ڌيئر سمجهن ٿا). اهي الله تعاليٰ جي لاءِ ڌيئر پسند ڪن ٿا، پر پنهنجي لاءِ پسند نٿا ڪن ۽ چون ٿا تہ جيڪا زينت ۽ لاڏ ڪوڏ ۾ پلجي پر جنگ ۾ ڪم نہ اچي سا ڪهڙي ڪم جي؟ اهڙي طرح جڏهن ڪنهن قوم ۾ ڪو نبي آيو تہ (طائف جي سردارن وانگر) سدائين ائين ئي چوندا رهيا تہ اسان پنهنجي ابن ڏاڏن جي پيروي ڪندا آهيون


Sindhica Academy, Karachi

(يعني لات کي ديوي مڃيون ٿا). جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ کي اڪيلو ۽ ڀائيواريءَ کان پاڪ نٿا مڃن سي آخرڪار تباهہ ۽ برباد ٿي ويندا آهن. اهي ابراهيمؑ سان پنهنجو ٻڻ ڳنڍين ٿا جڏهن تہ اهو بت پرستيءَ جو مخالف هو.

هاڻي مڪي ۽ طائف جي سردارن وٽ حق ( قرآن ) ۽ رسول آيو تہ اهي حق واري ڳالھ کي جادو ٿا سڏين ۽ چون ٿا تہ اسان جي شهر جي ڪنهن وڏي ماڻهو تي اهو قرآن نازل ڇو ڪونہ ٿيو؟ اهي سمجهن ٿا تہ جهڙي طرح دنياوي دولت انهن جي سردارن کي ملي آهي، اهڙيءَ طرح رسالت بہ انهن جو حق آهي. جڏهن تہ رسالت تہ الله تعاليٰ جي رحمت آهي ۽ انهيءَ مال کان ڀلي آهي جنهن کي اهي ميڙي گڏ ڪن ٿا. انهيءَ ڪري ڀلي تہ دنيا ۾ ڪي ڏينهن عيش ڪري وٺن. پرهيزگارن کي آخرت ۾ بهشت جو آرام ۽ راحت حاصل ٿيندي ۽ ڪافرن کي جهنم نصيب ٿيندو. اي رسول! اهي ٻوڙا آهن ۽ ڪنهن چڱي ڳالھ کي ٻڌي نٿا سگهن.

اي رسول (ﷺ)! جهڙيءَ طرح اهي ماڻهو تنهنجي تعليم کي جادو ڪوٺين ٿا، اهڙي طرح موسيٰؑ کي بہ اهي جادوگر چوندا هئا. جڏهن سندس دعا سان عذاب ٽري ويندو هو تہ واعدو ٽوڙي ڇڏيندا هئا. فرعون بہ موسيٰؑ کي گهٽ سمجهندو هو، ڇو تہ ان جي نظر ۾ موسيٰؑ نہ تہ مالدار هو ۽ نہ ان سان گڏ ڪو ملائڪ هو.

ان کان پوءِ حضرت عيسيٰؑ جڏهن چٽيون نشانيون ۽ ڏاهپ ڀريون ڳالهيون (عقلي دليل) کڻي آيو ۽ ٻڌايو تہ جيڪو منهنجو پالڻهار آهي سو توهان جو بہ پالڻهار آهي ۽ اها ئي سڌي واٽ آهي. اِنَّ اللّٰهَ هُوَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ يعني پالڻهار جي ٻانهپ ئي سنئين واٽ آهي. انهن بہ انهيءَ تعليم کي نہ مڃيو ۽ اختلاف ڪيو ۽ قيامت جي باري ۾ شڪ ڪرڻ لڳا. انهن کي ڇئي ڇڏ تہ جيڪڏهن ”ٻاجهاري“ (الله) جو ڪو پٽ هجي ها تہ سڀ کان پهريان مان ئي ان جي ٻانهپ اختيار ڪيان ها. الله تعاليٰ رڳو آسمان جو ئي نہ پر زمين جو بہ خلقڻهار آهي. اها ڳالھ تہ ڪافر بہ مڃن ٿا تہ زمين ۽ آسمان الله تعاليٰ ئي جوڙيو آهي. سو جيئن تہ اهي تنهنجو چوڻ نٿا مڃن تنهن ڪري اي رسول ﷺ! انهن کان پنهنجو ذاتي توجهہ هٽائي ڇڏيو، انهن کي رڳو سلام ڪري ڇڏي ڏيو. انهن کي ستت ئي خبر پئجي ويندي. فَاصْفَحْ عَنْهُمْ وَقُلْ سَلٰمٌ ؕ

## (7) سورت النمل:

جيڪي ماڻهو عملن جي جزا ۽ قيامت جي ڏينهن جا انڪاري آهن، انهن کي سخت عذاب ڏنو ويندو.


www.sindhsalamat.com

موسيٰؑ اللہ تعاليٰ جي وجود جا نظر ايندڙ دليل پيش ڪيا ۽ چيو تہ اي فرعون جي ٽوليءَ وارؤ اهو سمورو عذاب توهان جي بداعمالين جي سبب هڪ چينپ آهي ۽ انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ اللہ تعاليٰ پنهنجين آيتن (نشانين) ڏيکارڻ تي وس وارو آهي. اهڙيءَ طرح يمن ۾ بلقيس راڻيءَ جي قوم سج جي پوڄاري هئي. سليمانؑ ڪتاب واري علم جي وسيلي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ سج کي اللہ تعاليٰ ئي پيدا ڪيو آهي. حضرت سليمانؑ انهيءَ علائقي ۾ اها ڳالهہ لکي انهيءَ جي شروعات بسم اللہ الرحمٰن الرحيم سان ڪئي ۽ راڻي بلقيس کي بہ ڏيکاريو تہ جِنَ ان جي هٿ وس آهن جيڪي اک چنبي ۾ هر ڪم ڪري سگهن ٿا. راڻي ايمان آندو ۽ ان کي عذاب کان ڇوٽڪارو نصيب ٿيو. پر جن قومن ثمود ۽ لوطؑ جي قوم وانگر ايمان نہ آندو سي تباهہ ۽ برباد ٿي ويون.

اي بني اسرائيلو! توهان انهن ڳالهين کي ڄاڻو ٿا، تنهن ڪري توهان اختلاف کان بچو ۽ مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ تي يقين ڪريو. اللہ تعاليٰ ئي قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪندو. (اِنَّ رَبَّكَ يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ بِحُكْمِهٖ ؕ)

مون کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ مکي جي پالڻهار (رَبَّ هٰذِهِ الْبَلْدَةِ) جو حڪم مڃان ۽ قرآن پڙهايان ۽ اهو تہ جيڪو بہ سڌي واٽ وٺندو سو پنهنجي فائدي لاءِ وٺندو ۽ جيڪو گمراهہ ٿيندو سو بہ پنهنجي لاءِ ئي ٿيندو. اللہ تعاليٰ جلد ئي اهڙيون نشانيون ڏيکاريندو جن کي توهان سڃاڻي وٺندؤ. پر هنن ماڻهن انهن نشانين کي جادو سڏيو.

## بيبي سوده بنت زمعہ سان نڪاح:

شعب ابي طالب مان نڪرڻ کان پوءِ بہ قريشن پاڻ ڪريم ﷺ جن سان ڪا بہ مٽي مائٽي قائم نہ ڪئي. پاڻ انهيءَ ظالماڻي سماجي بائيڪاٽ کي ختم ڪرڻ گهريائون. ان وقت حبشہ جي مهاجرن مان حضرت سڪران بن عمروؓ پنهنجي زال سوده بنت زمعہ سان مکي موٽي آيو. اهي ٻئي بنو عامر لوري جي قبيلي سان واسطو رکندڙ هئا. سڪران گذاري ويو ۽ بي بي سوده بي سهاري ٿي پئي. پاڻ ﷺ جن بہ اهو گهرن پيا تہ قريشن جي ضد کي ختم ڪن. انهيءَ ڪري پاڻ بي بي سوده سان نڪاح ڪري ورتائون جيڪا هڪ ئي وقت مهاجرياڻي توڙي مؤمنياڻي جا گڻ رکندڙ هئي.

## حضرت عائشہ رضي اللہ عنها سان پاڻ ﷺ جي مڱڻي:

قريشن کي شرمسار ڪرڻ ۽ پاڻ ﷺ جي ڏک کي گهٽائڻ جي خيال


Sindhica Academy, Karachi

کان حضرت ابوبڪرؓ پنهنجي ننڍي نياڻي ڏيءَ جي مڱڻي رسول اللہ ﷺ جن سان ڪري ڇڏي ۽ اهو ڏيکاريو تہ اهڙي ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾، جڏهن ايمان آڻڻ وارن جي زندگي هر وقت خطري ۾ هئي ۽ خاص طرح سان پاڻ ڪريم ﷺ تي ڪافرن جي ڪاوڙ حد کان لنگهيل هئي، ان وقت بہ پاڻ ﷺ جو هڪڙو اهڙو سنگتي موجود هو جيڪو پنهنجي جان ۽ مال قربان ڪرڻ لاءِ تيار هو. ٽن سالن کان پوءِ بي بي عائشہؓ جوان ٿي. پاڻ ڪريم ﷺ جي زالن مان صرف عائشہؓ ئي ڪنواري هئي. اهو حضرت ابوبڪر جو اهڙو احسان هو جنهن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن مڃتا ڏني ۽ فرمايو تہ مون تي جيڪڏهن ڪنهن ڪو احسان ڪيو تہ مون انهيءَ جو بدلو چڪائي ڇڏيو، پر ابوبڪر جي احسانن جو بدلو نہ ڏئي سگهيس.

## پاڻ ڪريم ﷺ جي نڪاحن تي اعتراض:

عام طرح سان عيسائي عالم پاڻ ڪريم ﷺ جي گهڻن زالن هجڻ تي اعتراض ڪندا آهن، پر اهي قومون جن ۾ زالن جي گهٽائي تي ڪا پابندي نہ آهي سي چُپ آهن. عيسائين جو اعتراض انهيءَ ڳالهہ کي وساري ڇڏي ٿو تہ رسول اللہ ﷺ جي زماني ۾ عورت جو جيڪو هيٺو حال هو انهيءَ جو لازمي نتيجو اهو هو تہ اها بد پيشو ڪرائي پنهنجو پيٽ پالي. تنهن ڪانسواءِ انهيءَ زماني ۾ غلامي جو رواج بہ عام هو ۽ ماڻهو عورتن کي خريد ڪري وٺندا هئا، ۽ انهن کان بد پيشو ڪرائي ان جي ڪمائيءَ مان تڳڻ کي خراب نہ سمجهندا هئا. زنا جو هڪڙو طريقو اهو بہ هو تہ ڪي بہ دوست ڪجهہ ڏينهن لاءِ هڪ ٻئي جو زالون پاڻ ۾ مَٽائيندا هئا. اهو بہ طريقو هلندڙ هو تہ هڪڙي آزاد عورت جيڪا ڪنهن جي بہ نڪاح ۾ نہ هجي ۽ گهڻن ماڻهن کان زنا ڪرائيندڙ هجي، پنهنجي ٻار جو ٻڻ قائم ڪرڻ جي لاءِ جنهن بہ ماڻهو لاءِ گهري تہ ان جو نالو وٺي سگهي پئي. ائين انهيءَ عورت ٻاران نامزد ڪيل ماڻهو انهيءَ ٻار جو پيءُ سمجهيو ويندو هو ۽ ان جي پرگهور ۽ پالنا انهيءَ ماڻهوءَ جي مٿان هوندي هئي. ڪجهہ قومن ۾ اهو بہ دستور هوندو هو تہ نامرد مڙس جي لاءِ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان ٻار حاصل ڪيو ويجي، انهيءَ کي زنا بہ نہ سمجهندا هئا. اهڙيءَ طرح جن قومن ۾ مادري قدر (Matriarchy) قائم هو، اتي اهو سوال ئي پيدا نہ ٿيندو هو تہ ٻار جو پيءُ ڪير آهي؟ قبيلي جو ڪوبہ ماڻهو ٻار جو پيءُ ٿي سگهندو هو. اتي اصل سوال اهو هو تہ ماءُ ڪير آهي؟ اهڙي طرح ڪيترين ئي عورتون مندرن ۽ ديوتائين جي نالي تي وينديون هيون. انهن مان جيڪڏهن


www.sindhsalamat.com

ڪاٻہ عورت زنا ڪري وجهندي هئي تہ ان جي انهيءَ حرڪت کي زنا نہ سمجهيو ويندو هو ۽ انهن جي اولاد خدا جي اولاد سمجهي ويندي هئي.

## اسلام جو سڏارو:

بهرحال انهيءَ زماني جي لحاظ کان زالن جي گهٽائي تہ پري جي ڳالهہ پر زنا کي بہ خراب نہ سمجهيو ويندو هو. پاڻ ڪريم ﷺ جن نہ رڳو زالن جي گهٽائي ۽ زنا جي عمل کي ختم ڪري ڇڏيو، پر اهڙيون حدون مقرر ڪري ڇڏيون جنهن جي ڪري زنا ناممڪن بڻجي وئي. يعني طلاق جو قانون جاري ڪري عورت کي اهو حق ڏنو تہ اها پنهنجي مڙس کان طلاق وٺي سگهي ٿي ۽ پنهنجي پسند جي مڙس سان نڪاح ڪري سگهي ٿي. اڄڪلهہ پڙهيل عورتون زنا انهيءَ ڪري ڪن ٿيون جو اهي پنهنجي مڙس کان طلاق وٺي نٿيون سگهن ۽ ان جو ٻيو سبب عورتن جي معاشي بدحالي آهي. اسلام عورت کي ورثي ۽ ملڪيت جو حق ڏئي ان کي معاشي بدحالي کان بہ بچايو ۽ ان ۾ اڃا بہ واڌارو اهو ڪري ڇڏيو تہ نڪاح جي بدلي جيتري رقم گهري پنهنجي ٿيندڙ مڙس سان مقرر ڪري، جيڪا ان جي ذاتي ملڪيت هوندي. مڙس جي مٿان اهو فرض ٿيندو تہ هو پنهنجي زال کي نہ رڳو زال هئڻ واري حيثيت ۾، پر طلاق يا جدائيءَ کان پوءِ بہ ڪجهہ مهينن تائين کاڌو پيتو ڏئي ۽ پنهنجي گهر مان نہ ڪڍي.

دنيا جي اڪثر علائقن ۾ ڇوڪري کي پيدا ٿيندي ئي ماري ڇڏيندا هئا. عرب، هندستان، انڊونيشيا ۽ ڪجهہ ملڪن ۾ اها رسم بہ هئي تہ مڙس جي لاش سان گڏ ان جي سڀني زالن ۽ ٻانهين کي بہ جيئرو ساڙيو ويندو هو. هاڻي بہ ڪيترن ئي ملڪن ۾ عورت کي ايترو تہ گهٽ سمجهيو وڃي ٿو جو انهن جا پيءُ ماءُ ان جي مرڻ جي تمنا ڪندا آهن. جو تہ ڇوڪرن کي جيستائين شادي ڪرڻ جي بدلي ۾ ججهو پئسو نہ ملي، اهي ڇوڪري سان شادي نہ ڪندا آهن ۽ پيءُ ماءُ کي ڏاج جي لاءِ سڄي ڄمار لوڙهٽو پوندو آهي. انهن حالتن جي روشني ۾ رسول الله ﷺ جن عورتن کي جيڪو درجو عطا ڪيو انهيءَ درجي تي غير مسلم عورتون اڃا تائين پهچي نہ سگهيون آهن.

## ڳجهي بيعت عقبہ (ذي الحج 11 نبوي):

طائف کان واپسي کان پوءِ رسول الله ﷺ جن هڪ سال تائين خدائي حڪم موجب مڪي وارن کان بلڪل ئي پاسيرا رهيا. اها سموري ڪارروائي ڳجهي هئي تہ جيئن قريش تڪليفون ڏيڻ ۾ واڌارو نہ ڪن. حقيقت ۾ اها ڳجهي


Sindhica Academy, Karachi

تياري انهيءَ لاءِ هئي تہ جيئن اهڙي ڪا جاءِ ملي وڃي جتي مسلمان پنهنجو هڪڙو سياسي مرڪز ٺاهي سگهن.

بهرحال 11 نبوي جي ذي الحج مهيني ۾ مديني جي ٻارنهن ماڻهن بيعت ڪئي ۽ واعدو ڪيو تہ اهي الله تعاليٰ کي اڪيلو ۽ لاشريڪ مڃيندا. چوري، زنا، نياڻين کي قتل ڪرڻ ۽ ڪنهن تي بهتان مڙهڻ کان بلڪل پري رهندا ۽ سڀني چڱين ڳالهين ۾ رسول الله ﷺ جي پيروي ڪندا. انهيءَ بيعت کي بيعت النساء بہ چئبو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن ڳالهين تي عورتون بہ بيعت ڪري سگهن ٿيون. اها بيعت الحرب يعني ڪنهن جنگ جي لاءِ بيعت نہ آهي.

## هن بيعت جون خاص ڳالهيون:

هن بيعت يا معاهدي کان پهريان مڪي جي مشرڪن ۽ حبشہ ۽ ٻين علائقن جي عيسائين کي قرآن جي ڪيترين ئي اخلاقي ڳالهين کي مڃڻ لاءِ زور ڏنو ويو هو، خاص طرح سان مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ کي اسلام جي بنيادي عقيدن ۾ ڳڻيو ويو هو. پر هن معاهدي ۾ ڪي ٿورڙيون اخلاقي ڳالهيون ٻڌائي چيو ويو تہ چڱين ڳالهين ۾ رسول الله ﷺ جي پيروي اختيار ڪندا. يعني جڏهن اهو مڃيو ويو تہ الله تعاليٰ اڪيلو ۽ لاشريڪ آهي ۽ محمد ﷺ ان جو رسول آهي تہ پوءِ ڪنهن نيڪ ڪم جي تفصيل ٻڌائڻ غير ضروري هئي. ايتري تائين جو عام طور تي انساني قتل کي بڇڙو سمجهيو ويندو هو، پر معاهدي ۾ رڳو ڇوڪرين کي قتل نہ ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي. انهيءَ مان خبر پوي ٿي تہ عرب ۾ عورت جو درجو ڪيترو هيٺ هو.

هن زماني جي معاشري ڪيترين ئي بڇڙين ڳالهين کي بہ ماڻهن جي نظرن ۾ چڱو ڪري ڇڏيو آهي. تنهن ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن چٽائي ڪري ڇڏي تہ جيتوڻيڪ عربستان وارا چوري، قرمار، زنا، اولاد کي قتل ڪرڻ، بهتان ٻڌڻ ۽ ڳالهہ کي وڌائي چڙهائي ٻڌائڻ کي خراب نٿا سمجهن، اڃا بہ ڪيترائي شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ زنا جون ڳالهيون فخر طور بيان ڪن ٿا (جيئن امراء القيس). قرمار ۽ شريف عورتن سان عشق ڪا چڱو سمجهن ٿا ۽ قتل کي مردانگي ۽ هندستان وارن وانگر شرافت جو نشان سمجهن ٿا. تنهن ڪري اهي ڳالهيون منڪر يعني بڇڙيون سمجهيون وينديون ۽ بيعت ڪرڻ وارن انهيءَ ڳالهہ کي مڃي ورتو.

بيعت کان پوءِ رسول الله ﷺ جن عبدالدار قبيلي جي پهرين مسلمان ۽ حبشہ ڏانهن هجرت ڪندڙ حضرت مصعب بن عمير کي سڏايو ۽ هنن ماڻهن سان گڏ مديني ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو. هي پاڪيزه انسان شروع کان وٺي


www.sindhsalamat.com

اسلام ۽ ڪفر جي ڇڪتاڻ ڪان چڱيءَ طرح واقف هو ۽ پاڻ به انهيءَ ئي قبيلي سان واسطو رکي پيو جيڪو سڄي عرب ۾ مذهبي پيشوريت ۽ بت پرستي ۾ سڀني ڪان الڳ سڃاڻ رکندڙ هو. مديني ۾ ان جي پهچڻ جي ٿورڙن ڏينهن جي اندر ئي مديني جا ڪيترائي مشرڪ شرڪ ڪان تائب ٿي پڪا موحد بڻجي ويا.

## بني اسرائيل کي شامل ڪرڻ جي خواهش:

هن زماني ۾ وري پاڻ ڪريم ﷺ جن بني اسرائيل ڏانهن ڌيان ڏنو. سندن دلي خواهش هئي ته مديني جا آسودا يهودي، جيڪي سڄي عربستان جي واپار تي ڇانيل آهن، مسلمانن ۽ عيسائين سان ملي ڪري هڪڙي متحد قوم بڻجي پون. سيئي الله تعاليٰ کي لاشريڪ مڃين ۽ مسجد حرام (مکي) کان مسجد اقصيٰ (يروشلم) تائين هڪڙي ئي الله تعاليٰ جي هيڪڙائي جي لولي هجي. سيئي ماڻهو مرڻ کان پوءِ واري زندگي ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندڙ بڻجي پون. يهودي توريت جي تحريف کان بچي ويل حڪمن تي عمل ڪن ۽ دنيا ۾ انصاف ۽ عدل پکيڙين، ظلم ۽ وياج خوريءَ کي ڇڏي ڏين. عيسائي مسيح ابن مريم کي حقيقي تصور ۾ مڃين ۽ ڪفاري واري دوکي مان نکري مذهبي پيشوائن (پوپن) کي ختم ڪري ڇڏين ۽ اڄوڪي دؤر جي پروٽسٽنٽن وانگر ڪليسا کي ڇڏي رڳو انجيل کي مڃين ۽ ڪيلسا جي مدد ڪانسواءِ انجيل ۽ توريت جي حڪمن تي عمل پيرا ٿين.

انهيءَ ڪري ئي الله تعاليٰ پنهنجي رسول ﷺ کي مکي کان يروشلم تائين وٺي ويو ته جيئن اهي هڪڙي مضبوط قوم بڻجي وڃن ۽ بني اسرائيل ۽ عيسائين کي جن ڳالهين ۾ اندروني اختلاف آهي، انهن کي قرآن جي ٻڌايل برابري ۽ منڪر ۽ معروف جي اصولن موجب مڃي وٺن.

## اسراء يا معراج جي حڪمت:

سوره بني اسرائيل حقيقت ۾ بني اسرائيل جي لاءِ هڪڙو پيغام هو ته اچو ته اسان ۽ توهان ملي ڪري هڪڙو متحد محاذ جوڙيون. توهان جا آسودا خودغرضي ڇڏي ڏين ته پوءِ آزادي ملي سگهي ٿي ۽ مکي ۽ يروشلم مان اڪيلي الله جو نالو مٿانهون ٿي سگهي ٿو. تورات جا ڏهه حڪم ته تمام سٺا آهن، پر انهن جو مقصد قرآن سان چٽو ٿئي ٿو ۽ اهو هيءُ ته اک، ڪن ۽ دل کي بڇڙن خيالن ۾ نه لڳايو. ظاهري ۽ باطني حواسن کي پاڪ رکو، وڏائي نه ڪريو، ظلم نه ڪريو ۽ ڪنهن کي ڏک نه ڏيو. (بلڪل اها ئي ڳالهه مهاتما ٻڌ جي اٺن


Sindhica Academy, Karachi

اصولن (هشت مارگ) جي باري ۾ به سچي ثابت ٿئي ٿي).

انهيءَ زماني ۾ مکي جا ڪافر انهيءَ ڳالهه کي سمجهي ويا هئا، انهيءَ ڪري اهي رسول الله ﷺ تي زور ڏيندا هئا ته ڪتاب وارن سان اتحاد ڪرڻ وارين آيتن کي بدلائي ڇڏيو. ان کان پوءِ رسول الله ﷺ کي پريشان ڪري مکي مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. قرآن انهيءَ روش جو جواب هي ڏنو ته جيڪڏهن الله جي رسول کي ڌيڄارڻ کان توهان نه مڙندؤ ته توهان کي ئي جلاوطن ڪيو ويندو. الله تعاليٰ جو قانون آهي ته ظالم کي سزا ضرور ملندي آهي.

## (8) سورت بني اسرائيل:

بني اسرائيل شرڪ، نفس پرستي ۽ فساد جي ٻه دفعا واٽ ورتي ۽ ٻه دفعا يروشلم تباهه ٿيو ۽ اهي غلام بڻائي وڪرو ڪيا ويا. جڏهن توبه ڪيائون ته دشمنن تي سوڀارا ٿيا ۽ بادشاهت به بحال ٿي وئي. تنهن ڪري اي بني اسرائيل! جيڪڏهن ٻيهر شرارت ڪندؤ ته وري تباهه ٿي ويندؤ. جيڪڏهن توهان آخرت جي ڏينهن کي مڃي وٺو ها ته بڇڙايون نه ڪريو ها ۽ نه تباهه ٿيو ها. قومون سدائين پنهنجي آسودن ماڻهن جي عيش پرستي، بڇڙائين ۽ خودغرضي جي ڪري تباهه ٿيون آهن. الله تعاليٰ جو دستور اهو رهيو آهي ته پنهنجو عذاب نازل ڪرڻ کان پهريان قومن کي خبردار ڪندو آهي.

قرآن جي اخلاقي حڪمن جو بنياد هيءُ آهي ته ڪن، اک ۽ دل کي پاڪ رکو، وڏائي نه ڪريو، ظلم نه ڪريو، ڪنهن کي تڪليف نه ڏيو: اهي ئي اخلاق توريت ۾ به بيان ٿيل آهن.

معجزا نه ڏنا ويندا، معجزن کي ڏسي ڪري ڪو به ايمان ناهي آڻيندو. الله تعاليٰ جي قدرت جون نشانيون چئني طرفن ۾ موجود آهن. هر شيءِ الله تعاليٰ جي تسبيح ڪري رهي آهي. قرآن ۾ ثمود جي قوم ۽ بني اسرائيل وغيره جون حالتون جيڪي نبي کي وحي جي وسيلي معلوم ٿينديون آهن، سي هتي بيان ڪيون ويون آهن. مشرڪ گهرن ٿا ته اڳوڻين قومن تي عذاب جا قصا بيان نه ڪيا وڃن ۽ دنيا ۽ آخرت جي عذاب کان ڪين نه ڌيڄاريو وڃي، ايتري تائين جو رسول الله ﷺ جن به انهيءَ ڳالهه ڏانهن لاڙو ڪري چڪا هئا، جيڪڏهن ائين ٿئي ها ته ٻيڻو عذاب اچي ها. جيئن ته الله تعاليٰ جي نيڪ ٻانهن تي شيطان غالب نٿو ٿي سگهي انهيءَ ڪري رسول الله ﷺ به اهڙي قدم کان بچي ويا.


www.sindhsalamat.com

توهان پيڇو ٿا تہ روح ڇا آهي؟ اهو تہ الله تعاليٰ جو حڪم آهي. اهو خدائي وحي آهي. پر اهڙين فلسفياڻين ڳالهين جي مشرڪن کي تمام ئي ٿورڙي ڄاڻ ڏني وئي آهي. جهڙيون عمديون ڳالهيون قرآن ۾ بين خدائي ڪتابن ۾ موجود آهن تهڙيون توهان جي شاعرن ۽ پوين جي ڳالهين ۾ موجود نہ آهن. توهان انهن خدائي تعليمات جو مٽ يا مثال ناهي پيش ڪري نہ ٿا سگهو. توهان پنهنجي سنگتي انسانن ۽ شيطانن کان بہ ڀلي جيترو وٽيوَ اوتري مدد وٺو، پر توهان اهڙيون ڳالهيون نٿا چئي سگهو. توهان کي گهرجي تہ شرڪ ڇڏي ڪري اڪيلي الله جي حڪمن کي مڃيو. موسيٰؑ تي معجزا نازل ٿيا، پر ماڻهن نہ مڃيو. مان هڪڙو انسان آهيان، نہ تہ چشما وهائي سگهان ٿو ۽ نہ آسمان ڪيرائي سگهان ٿو. سچا يهودي ۽ عيسائي قرآن ٻڌي ڪري خشوع کان سجدي ۾ ڪري پون ٿا ۽ چون ٿا تہ هيءُ بہ انهيءَ ئي سرچشمي کان روح القدس جي ذريعي ئي نازل ٿيو آهي جنهن جي ذريعي توريت نازل ٿيو هو. انهيءَ کي الله چئي ڪري سڏيو يا رحمان، سيئي چڱا نالا انهيءَ لاءِ آهن.

پاڻ 12 نبوي ۾ بنو هزيل قبيلي وارن ڏانهن ويا. حضرت ابوبڪر پاڻﷺ جن سان گڏ هو. انهيءَ قبيلي جي سردار جو نالو مفروق هو. حضرت ابوبڪرؓ مفروق کي چيو تہ منهنجو ساٿي الله تعاليٰ جو پيغام کڻي توهان وٽ آيو آهي. پاڻ فرمايائون تہ هڪڙي الله ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن جي بہ پوڄا نہ ڪريو ۽ نيڪ عملي اختيار ڪريو. انهيءَ موقعي تي پاڻ ﷺ جن سورت الانعام جو چوٿون رڪوع تلاوت فرمايو. مفروق چيو تہ افسوس جي ڳالھ آهي جو اهڙين عمدين ڳالهين کي بہ قريش نٿا مڃين، اڃا بہ خدائي عذاب کي دعوت ڏئي رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو تہ مان فارس (ايران) جي شهنشاھ جو حليف آهيان، نہ تہ توهان جي ضرور مدد ڪريان ها ۽ هن وقت ڪنهن بہ قسم جو جنگي معاهدو نٿو ڪري سگهان. پاڻ هن جي تعريف ڪيائون ۽ فرمايائون تہ الله تعاليٰ پنهنجي دين جي مدد فرمائيندو.

## قرآن ۽ نماز:

هر قوم ۾ پنهنجي الٰہ، ديوتا، خدا يا ملائڪ کان مدد گهرڻ جو طريقو اهو هو تہ اهي ان جي واکاڻ ڪندا ۽ ان جي اڳيان راڳ ڳائي ان کي خوش ڪندا هئا يا قرباني جي رت ۽ گوشت کي پيش ڪيو ويندو هو تہ جيئن هو پنهنجي پوڄاريءَ جي ڳالھ مڃي وٺي. ڪجھ قومن ۾ پنهنجي ديوتا کي خوش ڪرڻ جي لاءِ انساني قرباني بہ ڏني ويندي هئي ۽ ڪيترين جائن تي تہ ڇوڪريون بہ


Sindhica Academy, Karachi

انهن جي خدمت ۾ نذراني طور ڏنيون وينديون هيون. گل، شربت، شراب تہ هاٿي بہ ڪجھ ملڪن ۽ قومن ۾ پنهنجي ديوتا کي خوش ڪرڻ لاءِ پيش ڪيو ويندو آهي. (هندن وٽ اڄ بہ ڪالي ديوي تي انساني قرباني ڪئي ويندي آهي). پوڄا جي وقت مذهبي پيشوائن جي هڪڙي ٽولي ڪجھ منتر پڙهندي آهي، جنهن کي عوام سمجهي نہ سگهندو آهي. عوام کي تہ انهن منترن جي پڙهڻ جو حق بہ نہ هوندو آهي.

ان جي برعڪس قرآن پوڄا يعني عبادت جي طريقي کي ئي بدلائي ڇڏيو. انهيءَ ٻڌايو تہ نہ رڳو عبادت پر پنهنجي آقا جي ٻانهپ يعني فرمانبرداري بہ اختيار ڪئي وڃي. يعني ان جي حڪمن کي مڃڻ ئي ان جي عملي حمد ۽ ثنا آهي. رڳو زباني واکاڻ سان ڪوبہ آقا خوش نٿو ٿي سگهي جيستائين جو ان جي حڪمن جي بجاآوري نہ ڪئي وڃي. خدا رب (آقا) آهي، جڏهن تہ انسان عبد (ٻانهو) آهي. انهيءَ نعبد مان عبادت جو مفهوم بہ جڙي ٿو، اڃا بہ ائين چئجي تہ عبادت جي حقيقت جهانن جي پالڻهار جي ٻانهپ سان ئي واڳيل آهي. انهيءَ کان پهريان صلوٰة جي اها اصطلاحي معنيٰ ڪونہ هئي، پر اها پوڄا جو فرض ادا ڪرڻ يا سلام ڪرڻ جي معنيٰ ۾ هئي.

رسول الله جن جو اهو دستور هو تہ الله تعاليٰ جون آيتون عظمت ۽ شان جي مختلف موقعن ۾ تلاوت فرمائيندا هئا. جڏهن بہ موقعو ملندو هو تہ ڪعبي جي سامهون وڃي ڪري الله جو نالو وٺندا ۽ قرآن پڙهندا هئا. اها ڳالھ مشرڪن کي بلڪل نہ وڻندي هئي. اهي چوندا هئا تہ اسان جي ديوين جي بہ واکاڻ ڪريو. پر الله تعاليٰ کين سمجهائي ڇڏيو هو تہ ڪافرن ڏانهن لاڙو ڪرڻ بلڪل بہ صحيح نہ آهي ۽ الله تعاليٰ جي مدد سان پاڻ ﷺ جن انهن شيطانن جي چڪر ۾ ڪڏهن بہ نہ آيا.

## (9) سورت هود (للڪار):

انهيءَ ئي زماني ۾ سورت هود نازل ٿي جنهن ۾ قرآن تي اعتراض ڪرڻ وارن کي اهو چيو ويو تہ جيڪڏهن توهان جي نظر ۾ قرآني تعليم هٿ ٺوڪي آهي تہ پوءِ ڀلا توهان پنهنجي جنن ۽ ديوتائن جي مدد سان هن جهڙيون ڪي ڏھ سورتون ناهي کڻي اچو. ظاهر آهي، انهن ماڻهن وٽ انهيءَ ڳالھ جو ڪوبہ جواب ڪونہ هو. انهن جي شاعرن ۽ جادوگرن بہ اهڙن اعليٰ اخلاقي اصولن کي انساني سڌاري جي لاءِ استعمال ڪرڻ جي دعويٰ نہ ڪئي هئي. انهيءَ ڪري قرآن چيو تہ هاڻي بہ سمجهي وٺو تہ هيءُ تعليم انهيءَ ئي پلائيءَ


www.sindhsalamat.com

واري سرچشمي مان آئي آهي جتان توريت ۽ انجيل آيو آهي. انهيءَ جي تعليم جو تت اهو آهي ته الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن به معبود جي پوڄا نه ڪريو. اها تعليم ئي خدائي ڪلام آهي نه ڪي شيطاني. انهيءَ ڪري توهان ۽ توهان جا شيطان اهڙي تعليم نٿا پيش ڪري سگهن.

هن کان اڳتي هن سورت سڳوريءَ ۾ دنيا جي قومن جي تاريخ سان اهو ثابت ڪيو ويو آهي ته بدعملي ۽ ظلم (غلامن ۽ پنتي پيل ماڻهن جي محنت جي استحصال) سان قومون تباهه ٿينديون رهيون آهن. جيڪڏهن توهان به انهن حرڪتن کان مڙي نه ويا ته تباهه ۽ برباد ٿي ويندؤ. اي رسول ﷺ! ڪافرن کي چئي ڏي ته الله تعاليٰ جي مدد اچڻ واري آهي انهيءَ ڪري توهان انتظار ڪريو. اسان انهيءَ تي ئي ڀروسو رکون ٿا.

## بيعت عقبه ثاني (ذي الحج 12 نبوي):

هڪ سال جي عرصي ۾ حضرت مصعب بن عميرؓ جي ڪوشش سان مديني جا 73 مرد ۽ ٻه عورتون مسلمان ٿي چڪا هئا ۽ اهي حج جي موقعي تي حضرت مصعب بن عمير سان گڏجي آيا هئا. منيٰ ۾ رات جو هڪڙي ڳجهي گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ رسول الله ﷺ جن به پنهنجي چاچي عباس بن عبدالمطلب سان گڏ آيا. عباسؓ جو اسلام آڻڻ به ڳجهو رهيو. انهن مان ڪنهن کي به اها خبر ڪونه هئي ته ڪو ابولهب لڪي انهن جون سڀئي ڳالهيون ٻڌي رهيو آهي.

هاڻي عباس بن عبدالمطلب، جنهن کي مديني وارا سڃاڻيندا هئا، اٿي بيٺو ۽ چوڻ لڳو ته اي خزرج وارؤ! محمد ﷺ اسان جي قوم مان آهي ۽ اسان جي حفاظت ۾ آهي ۽ عزت سان گذاري رهيو آهي. اهو پاڻ انهيءَ ڳالهه جو خواهشمند نه آهي ته مڪو ڇڏي توهان وٽ هليو اچي. پر جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا ته جيڪو ڪم توهان جي سامهون آهي انهيءَ کي پورو ڪرڻ جي لاءِ سندن مديني وڃڻ ضروري آهي ته پوءِ توهان کي سندن مڪمل طرح سان حفاظت ڪرڻي پوندي. پوءِ جيڪڏهن ائين ڪري سگهو ته ڪين ڀلي پاڻ سان وٺي وڃو، پر جي نه ته هينئر ئي انهيءَ ڳالهه تان هٿ ڪڍو.

## جنگ جي امڪان جو ذڪر:

هاڻي سعد بن عباده انصاري جيڪو مديني کان مسلمان ٿي ڪري آيو هو سو اٿي بيٺو ۽ چيو ته ماڻهؤ! قريش محمد ﷺ جا جاني دشمن آهن،


Sindhica Academy, Karachi

جيڪڏهن اسان سندن پنيرائيءَ جو وچن ڪريون ٿا ته سمجهي ڇڏيو ته اسان عرب قبيلن کي جنگ جي دعوت ڏئي رهيا آهيون. تنهن ڪري جيڪڏهن گهرو ٿا ته دنيا ۽ دين، ٻنهي ۾ توهان جو ڀلو ٿئي ته پوءِ پنهنجي مالن جي تباهي ۽ چڱن مڙسن ۽ سردارن جي موت لاءِ تيار ٿي وڃو. ڇو ته قربانيءَ کانسواءِ اها ڳالهه حاصل نه ٿي سگهندي.

## رسول الله ﷺ جي تقرير:

پاڻ ﷺ جن فرمايو الله تعاليٰ جي غلامي ۽ روحانيت کي عام ڪرڻ ئي منهنجو پيغام آهي ۽ شيطان پرستي ياماديت کي مٽائڻ انهيءَ جي منزل آهي. جڏهن خدا پرستي ۽ محبت عام ٿي ويندو ۽ خود پرستي ۽ نفرت جو خاتمو ٿي ويندو ته الله تعاليٰ جو دين مٿانهون ٿيندو. هيءَ دنيا بهشت بڻجي ويندي. جيڪڏهن انهيءَ حق جي ڪلمي کي مٿانهون ڪرڻ جي لاءِ توهان تيار آهيو ته وچن ڪريو ته:

1. خدا پرستيءَ جي پيغام کي دنيا ۾ عام ڪرڻ جي لاءِ اسان هر طرح جو سهڪار ڪنداسين.
2. جڏهن مان مڪي کان هجرت ڪري مديني ايندس ته منهنجي ۽ منهنجي ساٿين جي حفاظت ۽ مدد اهڙيءَ طرح جان ۽ مال سان ڪندؤ جهڙي طرح توهان پنهنجي ٻارن ۽ عورتن جي ڪندا آهيو.

## جنگ تي بيعت:

انهيءَ کان پوءِ سڀني ماڻهن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هٿ تي بيعت ڪئي ۽ رسول الله ﷺ جن انهن کي اطمينان ڏياريو ته فتح مڪي کان پوءِ پاڻ مدينو ڇڏي مڪي نه ايندا ۽ فرمايو ته منهنجي ذميداري توهان جي ذميداري آهي، منهنجي عزت توهان جي عزت آهي، مان توهان جو آهيان ۽ توهان منهنجا آهيو. توهان جنهن سان وڙهندؤ مان به انهن سان وڙهندس، توهان جنهن سان ٺاهه ڪندا، مان به انهن سان ٺاهه ڪندس.

بل الدم الدم، والهدم الهدم، انا منكم وانتم منى احارب من
حاربتم و اسالم من سالتم

انهيءَ کان پوءِ رسول الله ﷺ خزرج جي نون ۽ اوس جي ٽن ماڻهن جي چونڊ ڪئي ۽ انهن کي حضرت عيسيٰؑ جي طريقي تي پنهنجو نقيب يا حواري بڻايو. انهن جو ڪم اهو هو ته مديني ۾ وڃي ڪري


www.sindhsalamat.com

اسلام کي مضبوط ڪرڻ ۽ ترقي ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪن.

## ابولهب جي جاسوسي:

اهي سڀئي ڳالهيون ابولهب ٻڌي ورتيون ۽ وڏي سڏ واڪو ڪري چيو ته اي خيمي وارؤ! توهان کي ڪا خبر پئي ته محمد ﷺ ۽ ان جا سنگتي توهان سان جنگ ڪرڻ وارا آهن.

عباس انصاري انهيءَ موقعي تي رسول الله ﷺ کي عرض ڪيو ته اسان هن جي منڊي تلوار سان لاهي ڇڏينداسين، پر رسول الله ﷺ جن انهن کي روڪي ڇڏيو ۽ پر امن رهڻ جي هدايت ڪئي ۽ خيمن ۾ واپس موٽي وڃڻ جو حڪم فرمايو.

صبح جو قريشن خزرج قبيلي جي سردار عبدالله بن ابي سان شڪايت ڪئي ته تنهنجا ماڻهو اسان جي خلاف سازشون ڪري رهيا آهن. قريشن ٻن مسلمانن کي جهلي ورتو ۽ انهن کي ڏاڍو ماريو. آخر انهن جبير بن مطعم ۽ حارث بن حرب کي سڏيو ته جبير انهن کي پنهنجي پناهه ۾ ورتو ۽ اهي واپس مديني پهچي ويا.

## (10) سورت يونس:

انهيءَ زماني ۾ سورت يونس نازل ٿي. مشرڪن جو مطالبو هو ته قرآن جي تعليم کي بدلائي ڇڏيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن هن وقت تائين جيڪا قرآن جي تعليم ڏني هئي، سا اها هئي ته الله تعاليٰ جي غلاميءَ جو اعلان ڪريو ۽ پڪ ڄاڻو ته انسان هجڻ جي حيثيت ۾ توهان سڀئي هڪجهڙا آهيو. وڏائي ۽ ننڍائي واري فرق کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ ظلم ۽ وڏائيءَ کي شيطاني فعل سمجهو نه ته تباهه ۽ برباد ٿي ويندؤ ۽ مرڻ کان پوءِ الله تعاليٰ توهان کي ٻيهر جيئرو ڪري توهان جي ظلمن جو حساب وٺندو. اها ڳالهه ته الله تعاليٰ ٻيهر جيئرو ڪندو، رڳو سمجهو ۽ عقل وارا ماڻهو ئي الله تعاليٰ جي نشانين کي ڏسي ڪري سمجهي سگهن ٿا. هر قوم جو هڪڙو وقت مقرر ٿيل آهي، جيڪڏهن اها بداعمالي ڪري ٿي ته اها تباهه ٿي ويندي آهي، انهيءَ ڪري جڏهن وقت ايندو ته خدائي عذاب نازل ٿيندو ۽ توهان تباهه ٿي ويندؤ.

جيڪي ماڻهو نفس پرست آهن اهي شيطان جا ٻانها آهن ۽ پڪ سان شيطان وانگر جنت مان ٻاهر لوڏيا ويندا. پر الله تعاليٰ تي ڀروسو ڪرڻ وارن کي هن دنيا ۾ نه ڪنهن شيطان، حڪمران يا مالدار ۽ جادوگر جو ڊپ آهي ۽ نه



Sindhica Academy, Karachi

ئي موت کان پوءِ اچڻ واري زندگيءَ جي باري ۾ ڪو فڪر يا ڳڻتي آهي. تنهن ڪري رسول الله ﷺ ۽ ان جي ساٿين کي صبر ڪرڻ گهرجي ۽ مشرڪن کي چئي ڏيڻ گهرجي ته اهي انتظار ڪن ۽ ڏسن ته الله تعاليٰ ڇا ٿو پيو ڪري. موسيٰ[ع] وانگر حق جي ڳالهه ٻڌائي وڃي ٿي ته فرعون وانگر اهي ڪافر انهيءَ کي ڪوڙو سمجهن ٿا، انهيءَ ڪري انهن جو انجام به اهو ئي ٿيندو جهڙو فرعون ۽ ان جي پيروي ڪرڻ وارن جو ٿيو.

مشرڪن کي انهيءَ ڳالهه تي حيرت آهي ته هڪ انسان تي هيءَ وحي نازل ٿي ته هو ماڻهن کي هوشيار ڪري ته بڇڙايون نه ڪن نه جهنم جو ٻل ٻڻجي ويندا ۽ ايمان وارن جي لاءِ خوشخبري آهي ته انهن کي نعمت وارا باغ ملندا ۽ اهو ته سڄي ڪائنات انهيءَ قانون تي هلي رهي آهي ته جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي. جڏهن ڪافر به مڃن ٿا ته الله تعاليٰ مٽِي مان جيئرو ۽ جيئري مان مٽِي کي پيدا ڪري ٿو ته پوءِ مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئرو ٿيڻ جي لاءِ ڪنهن معجزي گهرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. اهو قرآن اهڙي طرح الله تعاليٰ جو ڏنل علم آهي جهڙي طرح هن کان اڳ به رسولن کي ڏنو ويو آهي. هي منهنجو لکيل نه آهي.

جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا ته هن جهڙو ڪلام انسان ٺاهي سگهي ٿو ته پوءِ هن جهڙي ڪا هڪڙي سورت ٺاهي ڪٺي اچو. هر امت ۾ هڪڙو رسول ايندو آهي، مان به انسان آهيان. نه ته پنهنجو پاڻ کي ڪنهن معجزي جي ذريعي ڪو فائدو پهچائي سگهان ٿو ۽ نه ئي ڪو نقصان. اهي سڀئي ڳالهيون الله تعاليٰ جي حڪم سان ٿيندڙ آهن. اهي ڳالهيون هدايت ۽ نصيحت لاءِ توهان کي ٻڌايان ٿو. خدائي علم (ڪتاب مبين) ۾ هر شيءِ موجود آهي، اهو ئي ڄاڻي ٿو ته عذاب ڪڏهن ايندو. خدائي وحيءَ تي عمل ڪريو ۽ صبر ڪريو، پوءِ ڏسو ته الله تعاليٰ ڇا ٿو پيو ڪري. اهي ڪافر هن ڪلام کي جادو يا ڪوڙ سمجهن ٿا، تنهن ڪري انهن جو انجام به اهو ئي ٿيندو جيڪو فرعون جو ٿيو هو.

### مديني ڏانهن هجرت:

ابن هشام چوي ٿو ته الله تعاليٰ رسول الله ﷺ کي قتال جي اجازت ڏني هئي. انهيءَ اجازت کان پوءِ پاڻ مڪي جي مسلمانن کي چيائون ته الله تعاليٰ مديني ۾ توهان جا يائر پيدا ڪيا آهن ۽ اهڙي جاءِ پيدا ڪري ڇڏي آهي جتي توهان امن سان رهي سگهو ٿا، تنهن ڪري توهان مديني لڏي وڃو. پر قرآن ۾ انهيءَ ڳالهه جي ڪا به وضاحت نه آهي، ايتري تائين مديني وڃڻ کان پوءِ به پاڻ قتال جو حڪم نه ڏنائون، باقي ايترو سو آهي ته بچاءَ جي لاءِ مسلمانن کي تيار ڪندا رهيا.



www.sindhsalamat.com

بيعت عقبہ ثاني کان پوءِ ستت ئي مشرڪن اهو نتيجو ڪڍي ورتو هو تہ عرب جي دستور موجب موقعو ملندي ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيندا ۽ پوڄارين ۽ جادوگرن جي جماعت کي طاقت جي ذريعي ختم ڪري ڇڏيندا. پر پاڻ ڪريم ﷺ جن نہ تہ ڪو جنگ جو اعلان ڪيو ۽ نہ ئي جنگ شروع ٿيڻ کان پوءِ فوجن کي موڪلڻ وقت اهو ٻڌايو تہ پاڻ ڪٿي وڃڻ وارا آهن. انهيءَ کي فوجي اصطلاح ۾ ’توريہ‘ سڏيندا آهن. پاڻ ﷺ جن پنهنجي جنگي ڪيڏن کي ڳجهو رکندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن فوجن کي اهڙي رستي کان موڪليندا هئا جنهن جي ڪري دشمن کي انهيءَ ڳالهہ جي سمجهہ ئي نہ پوندي هئي تہ پاڻ ﷺ جن ڪيڏانهن پيا وڃن ۽ ڪٿي حملو ٿيندو.

## (11) سورت النحل ۽ (12) سورت انعام:

12 نبوي جي آخر ۾ مديني ڏانهن هجرت، يعني محرم 13 نبوي تائين اهي ٻئي سورتون نازل ٿيون. انهن ٻنهي سورتن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جي ٻارنهن سالن واري مڪي تعليم جو تت آهي ۽ اهو رڳو اها ئي ڳالهہ آهي تہ رڳو هڪڙي الله تي ايمان آڻيو ۽ ظلم جي بدران انصاف ۽ محبت کان ڪم وٺو، نہ تہ الله تعاليٰ توهان کي هن دنيا ۾ تباهہ ڪري ڇڏيندو ۽ مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئرو ڪري توهان جي بڇڙن عملن جي سخت سزا ڏيندو.

## هجرت جون اوڪايون:

هجرت جي موڪل ملڻ کان پوءِ مسلمان ڪنهن نہ ڪنهن طرح مديني پهچڻ لڳا، پر ڪيترا اهڙا بہ هئا جيڪي اڃا غلام هئا، قرضي هئا يا وري هيڻا هئا. ڪن کي تہ پنهنجي سموري مڏي ملڪيت مڪي ۾ ڇڏڻي پئي، ڇو تہ مڪي جا مشرڪ نہ پيا گهرن تہ مسلمان انهن جي ڪڙي مان نڪري ڪنهن سڪون واري جاءِ تي ٽڪن. اهي ڪن مسلمانن کي ٽڳيءَ سان مديني کان واپس بہ وٺي آيا. ڪي ڳجهي طرح سان مڪي مان نڪتا، باقي حضرت عمر بن خطابؓ سو سرعام ٻولائي نڪتا. پهريان ڪعبي جو طواف ڪيائين ۽ پوءِ مشرڪن کي چيائين تہ مان مديني پيو وڃان، ڪنهن کي همت آهي تہ اچي مونکي روڪي.

## مجوسين کي تبليغ:

انهيءَ کان اڳ بني هزيل سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي چڪي هئي. مڪي ۾ بہ


Sindhica Academy, Karachi

ايران جي مجوسين جا آثار ظاهر ٿي چڪا هئا ۽ يمن تہ انهن جي بادشاهت هئي، مصر تائين بہ انهن جو قبضو هو. تنهن ڪري جتي عيسائين ۽ يهودين کي الله تعاليٰ جي ٻانهپ جي دعوت ڏني پئي وئي اتي مجوسين کي پڻ، جيڪي ٻن خدائن ۽ باهہ جا پوڄاري هئا. پڻ توحيد جو پيغام ڏنو پئي ويو. انهن کي چيو ويو تہ اهرمن جي دنيا تي حڪمراني کي مڃڻ بدران رڳو يزدان جي هر جاءِ تي حڪومت مڃيو. حقيقت ۾ اها ئي تعليم زرتشت عيسيٰ؏ کان بہ هڪ هزار سال اڳي ڏني هئي. وقت جي وهڪري خدا پرستي واري مذهبي تصور ۾ بابلي تصور کي داخل ڪري ڇڏيو ۽ ماني ۽ مزدڪ انهيءَ کي فلسفياڻو يا صوفياڻو رنگ ڏئي ڇڏيو. اهڙي طرح اهي ئي بابلي تصور زرتشت جي اصل تعليم سمجهيا وڃڻ لڳا.

## سورت النحل جو تت:

خدائي حڪم ويجهو اچي ويو آهي (يعني هجرت جو وقت) تنهن ڪري اٻهرائي نہ ڪريو. اي مجوسيو، ٻن خدائن جي پوڄا نہ ڪريو. عقل وارن کان پڇا ڪري ڏسو تہ اهي توهان کي ٻڌائيندا تہ ڪائنات جي هر شيءِ الله تعاليٰ جي آڏو فرمانبردار آهي، تنهن ڪري توهان جي لاءِ بہ ڀلو انهيءَ ۾ آهي تہ طاغوت کان پاسو ڪريو، اهرمن جي پوڄا نہ ڪريو رڳو يزدان جي فرمانبرداري ڪريو (انما هو الٰہ واحد). اهو الله عدل ۽ احسان ۽ ٻڌي ۽ اتحاد جو حڪم ڏئي ٿو.

جڏهن الله تعاليٰ هڪڙي دليل (آيت) جي جاءِ تي ٻيو دليل ڏيندو آهي تہ ماڻهو سمجهندا آهن تہ نبيءَ انهيءَ کي پنهنجو پاڻ گهڙيو آهي، جڏهن تہ نيڪ ٻانهن جي باطن ۾ شيطان يا نفس پرستي داخل ئي نہ ٿي سگهندي آهي. اهي پنهنجو نفسياتي خواهشن سان ڪو دليل نہ ڏيندا آهن، يعني اهي آيتون پاڻ نہ گهڙيندا آهن، پر اهي الله تعاليٰ جي طرف کان هونديون آهن.

اي يهوديو! هر قسم جو پاڪ گوشت توهان جي لاءِ حلال آهي، پر توهان ڪي شيون پنهنجو پاڻ تي پاڻ ئي حرام ڪري ڇڏيون آهن، جڏهن تہ اهي شيون ملت ابراهيم؏ تي حرام ڪونہ هيون. انهيءَ ڪري توهان ابراهيم؏ جي طريقي جي پيروي اختيار ڪريو ڇو تہ اها ئي قديم ملت آهي. حرام ۽ حلال جا حڪم مون پنهنجي مرضيءَ سان نہ جوڙيا آهن، پر اهي ڳالهيون الله تعاليٰ ٻڌايون آهن جيڪو انساني فطرت کان چڱيءَ طرح واقف آهي.

مشرڪ چون ٿا تہ قرآن جي دليلن کي محمد ﷺ پنهنجو پاڻ بدلائي ٿو، جنهن مان سمجهہ ۾ اهو ٿو اچي تہ اهو ڪلام جادوگرن جي ڪلام وانگر


www.sindhsalamat.com

سندن پنهنجو ڪلام آهي. پاڻ ﷺ جن انهن جي جواب ۾ انهن کي فرمايو ته هڪ موقعي تي هڪڙي آيت ۽ ٻئي موقعي تي ٻي آيت الله تعاليٰ ئي مونتي نازل ڪري ٿو انهيءَ ڪري انهيءَ ۾ شيطاني وسوسي جو ڪوبه دخل نه آهي ڇو جو اهو ڪنهن انسان جو ڪلام نه آهي.

قرآن اصل ۾ خدائي تعليم آهي جيڪا عربي ٻوليءَ ۾ آهي. ايتري تائين جو توريت ۽ انجيل به الله تعاليٰ جي عبادت تي زور ڏين ٿا ۽ اهي ڪتاب به الله تعاليٰ جي طرفان نازل ٿيا هئا. هاڻي انهيءَ ئي تعليم کي صاف ۽ سؤلي عربي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. عيسائي به اهو ئي چون ٿا ته الله هڪ آهي. عيسيٰ[ع] ان جو پائيوار نه آهي، پر افسوس آهي جو توهان انهن جي ٻولي نٿا سمجهو ۽ نه عقيدن جي ڪا خبر اٿوَ. توريت ۽ قرآن ٻئي هدايت ۽ نور آهن. بيشڪ جبر و يسار وغيره عجمي ٻوليءَ ۾ ڪتاب جون ڳالهيون ڪن ٿا.

مجبور ماڻهن کي الله تعاليٰ معاف ڪندو. هيءَ آيت انهن ماڻهن جي لاءِ آئي آهي جن کي قريشن ماري ڪٽي ڪفر جو ڪلمو چوڻ تي مجبور ڪيو هو.

ابراهيم[ع] جي ملت هجڻ جو حق هيءُ آهي ته پنهنجي طرفان گهڙيل رسمن تي هلڻ جي بدران دين فطرت تي هلو. جانورن جي حلال ۽ حرام ڪان وڌيڪ پنهنجي عملن جي حرام ۽ حلال هجڻ تي ويچاريو. بدلي ڪان معاف ڪرڻ ڀلو آهي. ڪنهن کي جهٽڪ ڏيڻ ڪان سهٽي ڳالهه چوڻ ڀلي آهي. اهي ابراهيم جا صحيفا ۽ ابراهيمي قانون آهن ۽ توريت ۽ قرآن جي مڃڻ ڪان پهريان انهن قانونن کي مڃڻ ضروري آهي.

هر قوم جي مالدارن ۽ عيش ۾ رهڻ وارن جي ڪري قومون تباهه ٿيون آهن. اهي ماڻهو پنهنجي فائدي جي لاءِ قانون جوڙيندا آهن ۽ غريبن جي محنت جو استحصال ڪندا آهن ۽ انهن کي دلبي ۾ رکي ڪين عقل ۽ دولت ڪان محروم ڪري ڇڏيندا آهن. ڪوبه ماڻهو ڪنهن ٻئي جو بار نٿو ڪٽي سگهي. توهان سڀئي پنهنجن پنهنجن عملن جي باري ۾ جوابده آهيو. جيڪڏهن غير الله جي ذهني ۽ عملي غلاميءَ مان پاڻ کي آزاد ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪندؤ ته پوءِ جهنم ۾ رهڻو پوندوَ جنهن جا ذميوار توهان پاڻ ئي هوندؤ نه ڪو ٻيو. تنهن ڪري ڀلو انهيءَ ۾ اٿوَ ته الله تعاليٰ تي ايمان آڻيو يعني روحانيت ۽ حق پرستي جي دنيا جوڙيو. ماديت ۽ خود غرضي جي ڪوڙڪيءَ مان نڪري آزادي ۽ عزت حاصل ڪريو.


Sindhica Academy, Karachi

## سورت الانعام جو تت:

هاڻي مجوسين کي ٻيهر خطاب ٿئي ٿو ته اي مجوسيو! اونداهي ۽ سوجهرو الله (يزدان) ئي پيدا ڪيو آهي. پر اهي ڪافر اهرمن کي يزان جو مَٽ ۽ ثاني سمجهن ٿا. (هو الله احد) اهو الله اڪيلو ۽ بي مثال آهي، انهيءَ جو ڪوبه پائيوار نه آهي.

ڪافر مطالبو ڪن ٿا ته ڪا اهڙي نشاني ڏيکاريو جنهن کي ڏسڻ ڪان پوءِ انهن کي پڪ ٿي وڃي ته الله تعاليٰ موجود آهي ۽ جيڪڏهن اهڙي ڪا نشاني ڏيکاري نٿو سگهين ته پوءِ پنهنجي خدا کي چؤ ته اسان تي آسمان ڪيرائي ته جيئن ڀلي ته اسان تباهه ٿي وڃو.

ياد رکو، اهڙي قسم جو ڪوبه معجزو نه ڏيکاريو ويندو. نه حضرت موسيٰ[ع] جي عذاب وارن معجزن جهڙو ڪو معجزو ڏيکاريو ويندو. انهن جي سامهون الله تعاليٰ جي موجود هئڻ ۽ خالق هجڻ جون هزارين نشانيون موجود آهن جن کي اهي اکين سان پنهنجي روزمره جي زندگي ۾ ڏسي رهيا آهن ۽ انهن مان ڪنهن هڪ به شيءِ جي خلقڻ ڪان عاجز آهن، اهي ئي ته خدائي معجزا آهن.

بهرحال اي رسول (ﷺ)! جيڪڏهن تون انهن جي گُهر موجب معجزا ڏيڻ گهرين ۽ جيڪڏهن تنهنجي وس ۾ هجي جو تون زمين ۾ لهي وڃي يا آسمان تي ڏاڪڻ رکي مٿي چڙهي وڃين؛ جهڙي به قسم جو معجزو ڏيکارين اهي ايمان نه آڻيندا.

الله تعاليٰ گهري ته انهن تي عذاب نازل ڪري سگهي ٿو، پر اهي ماڻهو نٿا سمجهن ته ڇاجي ڪري هو عذاب نازل نٿو ڪري.

بهرحال اهي جنهن شيءِ (خدائي عذاب) جي اهي تڪڙ لائي ويٺا آهن سا مان نازل نٿو ڪري سگهان؛ مان ته رڳو خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ آهيان. يعني مان ته انهن کي رڳو انهن جي بداعمالين جي نتيجي ڪان هوشيار ڪرڻ آيو آهيان ۽ گهران ٿو ته اهي نيڪو ڪاري اختيار ڪري ترقي حاصل ڪن ۽ ذلت ۽ خواريءَ مان نڪري اچن.

نه مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نه ئي مان ڪو ڳجهه ڄاڻان ٿو ۽ نه ئي وري مان ڪو ملائڪ آهيان. مان ته توهان وانگر ئي هڪڙو انسان آهيان. مون تي ته الله تعاليٰ جي طرف ڪان اها وحي نازل ٿي آهي ته الله ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن جي به ٻانهپ نه ڪريان. جيڪڏهن توهان کي پڪ نٿي ٿئي ته هيءَ خدا جي طرف ڪان موڪليل وحي آهي ته ڪتاب وارن ڪان پڇي ڏسو ته خدائي وحي ڇا


www.sindhsalamat.com

ٿيندي آهي ۽ الله جو رسول ڪنهن کي چيو ويندو آهي.

يهودي ڪن ڳالهين کي ظاهر ڪندا آهن ۽ ڪن کي لڪائيندا آهن ۽ انهن ۾ ڪيترا ئي ٽولا ٿي پيا آهن. تنهن ڪري هيءُ قرآن ابراهيم ۽ موسيٰؑ جي واٽ وٺائڻ واري اها سچي تعليم آهي، جيڪا مڪي ۽ ان جي اوسي پاسي وارن ماڻهن جي لاءِ الله تعاليٰ موڪلي ڏني آهي.

توهان مردار کائو ٿا، اولاد کي ديوتائن لاءِ قربان ڪريو ٿا، نياڻين کي قتل ۽ جيئرو پوريو ٿا: مطلب ته توهان اخلاقي لحاظ کان تمام ئي ڪريل آهيو. مان توهان کي انهن ڳالهين کان بچائي ڪتاب وارو ۽ تهذيب يافته بڻائڻ گهران ٿو ته جيئن شرڪ نه ڪريو ۽ بڇڙين ڳالهين کان بچو. پڪ ڄاڻو ته هيءُ قرآن به موسيٰؑ جي ڪتاب وانگر برڪت پريو آهي. ماڻهؤ! الله جي عذاب کان ڊڄو، جيڪڏهن اهو اچي ڪڙڪيو ته پوءِ توهان جي توبه ڪرڻ ڪنهن ڪم جي نه هوندي. مان ملت ابراهيمي تي هلي رهيو آهيان، منهنجي نماز، منهنجي عبادت، منهنجو جيئڻ، منهنجو مرڻ سڀ اڪيلي الله جي لاءِ آهي.

اِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ حَنِيْفًا وَّمَآ اَنَا مِنَ
الْمُشْرِكِيْنَ قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ

”منهنجي نماز، منهنجو روزو، منهنجو جيئڻ، منهنجو مرڻ سڀ الله جي لاءِ آهي. جيڪو انسان جو پالڻهار (آقا) آهي.“

## هڪڙو فلسفياڻو بحث:

سورت الانعام ۾ هڪڙو فلسفياڻو بحث موجود آهي. شاهه ولي الله محدث دهلويؒ پنهنجي ڪتاب تاويل الاحاديث ۾ انهيءَ جو ذڪر ڪيو اهي ۽ مولانا عبيد الله سنڌيؒ پڻ انهيءَ تي تفصيلي بحث ڪيو آهي. مولانا جڳ مشهور تاريخدان حافظ عماد الدين ابن ڪثير جي حوالي سان فرمايو آهي ته صابي ڪنهن هڪڙي فرقي جو نالو نه آهي، پر غير سامي قومن يعني آريائي ۽ زرد قومن کي صابي چيو ويو آهي. ڇو ته حضرت ابراهيمؑ پهريان ستاري کي، پوءِ چنڊ کي ۽ آخري ۾ سج کي معبود مڃيو، پر جڏهن سج به لهي ويو ته هن چئي ڏنو ته مان لهي ويندڙن (آفلين) کي پنهنجو معبود نٿو مڃان.

شاهه ولي الله فرمايو آهي ته حضرت ابراهيمؑ کان پهريان سڀئي قومون ڪائنات جي نظارن مان حق تعاليٰ جي جلوي کي ئي خدا مڃيندا رهيا. حضرت ابراهيمؑ کان پوءِ انساني دل کي خدائي جلوي جو مرڪز مڃڻ شروع ڪيو ويو. حضرت ابراهيمؑ جو واقعو اصل ۾ انساني فڪر جو صابيت کان


Sindhica Academy, Karachi

حنيفيت ڏانهن سفر هو.

فطرت جي نظارن ۾ خدائي جلوي کي خدا جي قائم مقام مڃڻ جو هڪڙو نقصان اهو آهي ته انهن جي پوڄا ٿيڻ لڳي، اڃا به فطرت جي قوتن کي شخصيت جو روپ ڏئي خدائي صفتون انهن ڏانهن منسوب ڪري بت پرستي شروع ڪئي وئي. حضرت ابراهيمؑ انساني دل کي خدائي جلوي جو مرڪز سڏي اڻ ڏٺي الله جي عبادت جو بنياد وڌو. انهيءَ ڪري حنيفيت ۾ بت پرستي ۽ ظاهر پرستي سان پيدا ٿيڻ واري شرڪ جو خاتمو ٿي ويو.

جيتوڻيڪ قرآن چيو آهي ته انسان پنهنجي نفساني خواهشن جي پوڄا شروع ڪري ڏني، پر انهيءَ جي باوجود به ظاهر پرستي ۽ بت پرستي جي ڪري شرڪ جي جيڪا شڪل پيدا ٿئي ٿي سا نفساني خواهشن تي عمل ڪرڻ سان نٿي پيدا ٿئي. قرآن فطرت جي نظارن ۾ خدائي جلوي جو مطالعو ڪرڻ کي خدائي هستي جي موجودگي ۽ سڃاڻپ جي لاءِ هڪڙو ضروري وسيلو سڏيو آهي. نه رڳو اهو پر تخليق جي عمل کي به الله تعاليٰ جي وجود جو دليل سڏيو آهي.

ڪائناتي نظارن جي مطالعي جو هڪڙو فائدو اهو ٿيو جو صابي قومن انهيءَ مطالعي جي نتيجي ۾ مختلف علمن جو بنياد وڌو. رياضي، طبعيات، فلڪيات ۽ عمرانيات وغيره انهيءَ عقلي ويچار جو نتيجو آهن. حضرت نوحؑ کان پوءِ حضرت ابراهيمؑ تائين مختلف نبين خدائي الهام سان مختلف علمن کي سهيڙيو. اڄڪلهه جي سائنسي طريقي جيئن ته ٻاهرئين مطالعي ۾ وڌيڪ محويت کان ڪم ورتو آهي، انهيءَ ڪري اڻ ڳڻيا علم ۽ فن وجود ۾ اچي ويا آهن. پر جيئن ته تحقيق جي سائنسي طريقي رڳو حواس جي شاهدين کي اعتبار جوڳو قرار ڏنو آهي ۽ ڪائنات جي نظارن ۾ خدائي جلوي کي ڏسڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي آهي، انهيءَ ڪري ماديت ۽ دهريت جا فڪر ۽ نظريا پکڙي رهيا آهن.

هن موضوع يعني صابيت کان حنيفيت ڏانهن انساني فڪر جي ارتقا تي مولانا عبيد الله سنڌيؒ سورت الانعام جي تفسير ۾ تفصيل سان بحث ڪيو آهي. انهيءَ مطالعي جو بنياد شاهه ولي الله جو ڪتاب ’تاويل الاحاديث‘ آهي، جنهن ۾ پهريون دفعو انهيءَ مسئلي تي روشني وڌي وئي آهي.


www.sindhsalamat.com

# مڪي جي آخري دؤر جا ڪي اهم واقعا

## سويد رضي الله عنه جو اسلام قبولڻ:

حضرت سويد بن صامت شاعر هو ۽ لقمان جي حڪمت ڀريل ٻولن کي منظوم ڪندو هو، سو مڪي ڪان مديني آيو. قرآن کي ٻڌائين ۽ ايمان آندائين ته سچ پچ هيءُ خدائي ڪلام آهي. موٽندي قبيلي خزرج جي ڪنهن ماڻهو کيس شهيد ڪري ڇڏيو.

## ابوذر غفاري رضي الله عنه جو اسلام قبولڻ:

حضرت ابوذر غفاري (متوفي 33هه) مديني کان مڪي پيرين پنڌ آيو ۽ رسول الله ﷺ کان پڇيو ته اسلام ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون ”الله تعاليٰ جي ٻانهپ ۽ شيطان کان نفرت جو نالو اسلام آهي“. پاڻ ٻڌندي ئي انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪيائون جنهن تي قريشن کيس ڏاڍو ماريو ڪٽيو. آخرڪار ايمان آڻڻ کان پوءِ واپس موٽي مديني آيو. ان جي خاص ڳالهه اها آهي ته اسلام جي معاشي تصور کي، جيڪو سرمائيداري جو سخت مخالف آهي، هن چڱيءَ طرح سمجهي ورتو هو ۽ سرمائيداري يا مال ميڙي رکڻ جو سخت دشمن بڻجي ويو. هو معاشي برابري جو علمبردار هو ۽ هر جاءِ تي مال ميڙڻ جي خلاف نصيحتون ڪندو رهندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ ابوذرؓ حضرت دانيالؑ وانگر سڄي ڄمار خدا جي هيڪڙائي ۽ سرمائيداري جي خلاف تبليغ ڪئي. ان جو ڀاءُ انيس ۽ قبيلي غفار جا اڌ ماڻهو مسلمان ٿي ويا. آخري عمر ۾ پاڻ حضرت عثمانؓ جي حڪم سان ربذه جي سنسان علائقي ۾رهڻ لاءِ پابند ڪيا ويا جتي پاڻ وفات ڪيائون.

## ضماد آزدر رضي الله عنه جو اسلام قبولڻ:

هي اسلام قبولڻ کان پهريان جادوگر هو، پر جڏهن قرآن کي ٻڌائين ته جادو ڇڏي ڏنائين.

## حضرت سوده سان پاڻ سڳورن ﷺ جو نڪاح:

بيبي سڳوريؓ حبشه ڏانهن هجرت ڪندڙ ۽ حضرت سڪران جي زال هئي ۽ وڏي عمر جي هئي. سندن واسطو قبيلي عبدالشمس سان هو. پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت بيبي خديجهؓ جي وفات کان پوءِ ساڻن نڪاح فرمايو.


Sindhica Academy, Karachi

## حضرت عائشه رضه سان مڱڻي:

حضرت بي بي خديجهؓ جي وفات کان پوءِ حضرت عائشه جي پاڻ ڪريم ﷺ سان مڱڻي ٿي. مڱڻي جي وقت سائڻ نابالغ هيون ۽ اها مڱڻي حضرت ابوبڪر سندن پيءُ ۽ والي هجڻ جي حيثيت سان ڪئي هئي.

## رسول الله ﷺ جي قتل جون صلاحون:

13 نبوي جو محرم مهينو ختم ٿي چڪو هو ۽ حاجي ۽ واپاري پنهنجن ماڳن ڏانهن موٽي ويا هئا. هاڻي قريش جي سردارن دارالندوه ۾ هڪڙي ڳجهي گڏجاڻي ڪئي ته رسول الله ﷺ مان ڪنهن طريقي سان جان ڇڏائجي. انهن کي اها به خبر پئجي وئي هئي ته مديني وارن به مسلمانن جي پنيرائي ڪري ڇڏي آهي. انهيءَ تي هشام بن عمرو چيو ته زهير ۽ نابغه به وڏا ناليوارا شاعر هئا، انهن کي سنگهرن سان ٻڌي هڪڙي ڪوٺڙي ۾ واڙيو ويو هو، ائين ئي محمدﷺ کي به قيد ڪيو وڃي هو اتي ئي گهٽجي گهٽجي مري ويندو. پر هڪڙي ڪراڙي سردار چيو ته اهو طريقو غلط آهي، جو ته بنو هاشم ۽ انهن جا ساٿاري کين ڇڏائي ويندا. ابوالبختري چيو ته کين جلاوطن ڪري ڇڏيو، انهيءَ راءِ سان به اتفاق نه ڪيو ويو جو ته انهيءَ طرح سان محمدﷺ مختلف قبيلن ۾ پنهنجي ساٿين سان گڏجي مٿن حملو ڪري ڏيندو. تڏهن ابوجهل اها صلاح ڏني ته قريش جي هر هڪ قبيلي مان هڪ هڪ نوجوان ورتو وڃي ۽ اهي سيئي گڏجي محمدﷺ تي تلوار سان وار ڪن ۽ کين قتل ڪري ڇڏين. ائين ڪرڻ سان مڪي جي هر قبيلي ڏانهن محمد جو خون ورهائجي ويندو ۽ بنو هاشم وارا سيني سان وڙهي قصاص وٺي نه سگهندا. آخرڪار خون بها ڀري ڏيڻ تي ڳالهه نهي ويندي ۽ پوءِ اسان سيئي گڏجي اها رقم ادا ڪنداسين. قرآن پاڪ ۾ به انهيءَ واقعي جو ذڪر موجود آهي:

وَاِذۡ يَمۡكُرُ بِكَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لِيُثۡبِتُوۡكَ اَوۡ يَقۡتُلُوۡكَ اَوۡ يُخۡرِجُوۡكَ ؕ
وَيَمۡكُرُوۡنَ وَيَمۡكُرُ اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ خَيۡرُ الۡمٰكِرِيۡنَ ۝٣٠ (الانفال)

هيءَ آيت فتح بدر کان پوءِ سنه 2 هجري ۾ نازل ٿي.

انهيءَ صلاح تي سيئي سهمت ٿيا. رات جو قاتلن گهر تي ڪڙو چاڙهي ڇڏيو. پاڻ ﷺ جن پنهنجي خاص چادر حضرت عليؓ کي ڏڪائي ۽ پنهنجي بستري تي سمهي پوڻ لاءِ چيو. امانتون سندن حوالي ڪيون ته جيئن اهي مالڪن کي پهچائي ڏين ۽ پاڻ رات جي اونداهيءَ ۾ گهر مان نڪري پيا ۽


www.sindhsalamat.com

حضرت ابوبڪر کي ساڻ ڪري غار ثور ۾ وڃي لڪيا.

صبح ٿيندي ئي قريش جا اهي ماڻهو گهر ۾ گهڙي پيا ۽ چادر هٽائي جو ڏٺو ته بستري تي حضرت عليؓ ستو پيو آهي. ڪين حرم تائين ڪٽيندا وٺي ويا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪئي ته پاڻ ڪٿي آهن؟ مارڪٽ کان پوءِ حضرت عليؓ کي ڇڏي ڏنو ويو.

هاڻي ڪافرن پاڻ ڪريم ﷺ جي ڳولا شروع ڪري ڏني. حضرت ابوبڪر جي ڌيءَ اسماء کي به ماريو ڪٽيو. آخر ڪار پيرا آهوڙي ڳولا شروع ڪيائون ۽ ائين غار ثور تائين پهچي ويا. غار جي اندر ڪونه ويا جو اتي ڪوريئڙي جو جار ڏنائون ۽ هڪڙي ڪبوتري آنن تي آرو ڪري رهي هئي. انهيءَ موقعي تي حضرت ابوبڪرؓ کي سو ڳڻتي ورايو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪين فرمايو ته ڇا تون سمجهين ٿو هتي اسان رڳو ٻه آهيون، پر اسان سان گڏ ٽيون الله به آهي جيڪو سيني تي سوارو آهي. اهي ئي لفظ قرآن جو به حصو بڻجي ويا.

ثَانِيَ اثْنَيْنِ إِذْ هُمَا فِي الْغَارِ إِذْ يَقُولُ لِصَاحِبِهِ لَا تَحْزَنْ إِنَّ اللَّهَ مَعَنَا ۚ

پاڻ ﷺ جن ٽن ڏينهن تائين انهيءَ غار ۾ لڪيا رهيا. عامر بن فهيره ٻڪريون چاريندي اتان لنگهندو هو ۽ شام جي وقت ٻنهي کي کير پياري واپس ايندو هو. عبدالله بن ابوبڪر مڪي وارن جون خبرون چارون پيو آڻيندو هو. جڏهن قريش ڳولا ڪري ٿڪجي پيا ته ٻنهي جي گرفتاري جي لاءِ سئو اٺ انعام ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو.

چوٿين رات پهرين ربيع الاول 13 نبوي (پهرين مئي 622ع) پنجشنبه جي رات جو پاڻ غار مان نڪتا ۽ تمام ئي ڏکويل لهجي ۾ مڪي ڏانهن مهاڙ ڪري فرمايائون ته ”تون مونکي سڄي دنيا کان پيارو آهين، پر تنهنجا پٽ مون کي هتي رهڻ نٿا ڏين“.

عبدالله بن اريقط، جيڪو هڪڙو مشرڪ هو تنهن کي سونهون ڪري ٻئي اٺ تي چاڙهيو ويو. عامر بن فهيره ۽ حضرت ابوبڪر به گڏجي پيا ۽ ٻن اٺن جو قافلو روحانيت ۽ محبت جي دنيا وسائڻ لاءِ الله جي ڀروسي تي مديني ڏانهن راهي ٿيو.

**مڪي ۾ تبليغي زندگيءَ جا تيرنهن سال:**

تاريخ ٻڌائي ٿي ته حقيقت جي ڀيٽ ۾ هدايت جو رستو وڌيڪ ڏکيو ۽ اؤکو هوندو آهي. دنيا جي مصلحتن، عملي فلسفين ۽ پيغمبرن جا واقعا انهيءَ


Sindhica Academy, Karachi

ڳالهه جا شاهد آهن. حضرت ابراهيمؑ به حضرت لوطؑ سان گڏ اُر ڏانهن مهاجر بڻجي نڪتو هو. حضرت موسيٰؑ به هزارين غلامن کي وٺي ڪري فرعوني لشڪر کان بچي نيل درياءَ کي پار ڪيو هو. ڪيترن ئي نبين کي ته هجرت کان پهريان ئي شهادت جو پيالو پيئڻو پيو. حضرت شعيبؑ، حضرت صالحؑ ۽ حضرت عيسيٰؑ تي ڪهڙيون ڪهڙيون مصيبتون نه گذريون؟ اهي سڀئي خدا پرستي ۽ انساني برابريءَ جا علمبردار هئا.

گوتم ٻڌ پنهنجي راج پاٽ ۽ ٻارن ٻچن کي ڇڏي ڪري سنياسي بڻيو ته ان تي زندگيءَ جو راز کليو، ۽ جڏهن هن خون جي قرباني ڪرڻ وارن کي عقل ۽ سچائيءَ جو رستو ڏسيو ته ان جي مڃيندڙن جو ڪهڙو حشر ڪيو ويو، ويندي ان جي پيغام کي به سمجهه کان متي چيو ويو. اهو ئي حال زرتشت جو ٿيو ۽ ماڻهن ان کان پوءِ يزدان کي ڇڏي اهرمن جي پوڄا شروع ڪري ڏني. سقراط کي زهر جو پيالو پيئڻو پيو. موسيٰ ۽ ڪرشن کي پيدا ٿيڻ کان پهريان ئي موت جو پيغام انهن ئي ظالمن جي طرف کان مليو جيڪي عدل ۽ انصاف ۽ رحم ۽ ٻاجهه جي مطلب کان به اڻ واقف هئا. حضرت ابراهيمؑ جي لاءِ نمرودي آڙاهه ٻاريو ويو. پرهلاد ڀڳت جي لاءِ آتش هرينه (Hiranya Kashyapu) تيار ڪڪئي وئي ۽ هر دؤر ۾ اهڙن ماڻهن جي لاءِ باهه ڀڙڪائي ويندي آهي، پر آخرڪار خواري باطل جي ئي نصيب ۾ ايندي آهي.


www.sindhsalamat.com



# ڀاڱو ٻيون

## مدني دؤر: اسلام جي انقلابي نظريي تي توحيدي معاشري جي قيام لاءِ جاکوڙ


Sindhica Academy, Karachi


www.sindhsalamat.com

# اسلامي انقلاب جي ڇهين منزل

## پاڱو پهريون: مديني ڏانهن هجرت کان بدر تائين مدني دؤر

[12 ربيع الاول 1هه (جون 622ع) کان رجب 2 هه (آڪٽوبر 623ع)]

هن دؤر جون تمام ئي اهم خاصيتون هي آهن:

- انقلابي جماعت جي جوڙجڪ
- ڪتابي آمريت جو قيام
- توحيدي معاشري جي قيام لاءِ جاکوڙ جي شروعات

اِنَّآ اَنۡزَلۡنَا التَّوۡرٰىةَ فِيۡهَا هُدًى وَّنُوۡرٌ ۚ يَحۡكُمُ بِهَا النَّبِيُّوۡنَ الَّذِيۡنَ اَسۡلَمُوۡا

”تورات خدائي قانون آهي، جنهن ۾ هدايت جو نور يعني سوجهرو آهي ۽ الله کي مڃڻ وارا نبي انهيءَ مطابق ئي فيصلو ڪندا آهن“.

لَا يُشۡبِعُ الۡمُؤۡمِنُ دُوۡنَ جَارِهٖ

”ايمان واري جي لاءِ اها ڳالهه اڻ ٺيٺي آهي ته هو پاڻ ڍائي پر سندن پاڙيسري بکارو هجي.“

### رسول الله ﷺ جن قبا ۾:

هجرت نبوي جي وقت مصر تائين ساساني (ايراني) حڪومت ڇانيل هئي. هجرت کان ٻه سال پهريان يعني 620ع ۾ عربن جي هڪ نئي آبادي باختر ۾ قائم ٿي چڪي هئي. جيڪي عرب قبيلا ساساني سلطنت جي ويجهو هئا، انهن جي دوستي فارس وارن (ايرانين) سان ٿي چڪي هئي ۽ شام جي عربن جا لاڳاپا رومي سامراج سان هئا.

رومي شهنشاهيت جا ٻه حصا ٿي ويا هئا، روم ۾ لاطيني ٻولي ڳالهائڻ



Sindhica Academy, Karachi

وارن جي حڪمراني هئي ۽ اوڀارين ڪليسا جي ٻولي به لاطيني هئي، پر ان جو مرڪز قسطنطنيه هو جيڪو يوناني ڳالهائڻ لڳو هو ۽ اوير جي خيالن جو اثر وٺي رهيو هو. اصل ۾ اوير ۽ اولهه جي اها ڇڪتاڻ رومي ۽ يوناني ڪليسا جي ڇڪتاڻ هئي جيڪي اڄ به ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ جاري آهي.

مشرقي رومي سامراج ۽ ساساني (ايراني) سامراج جي پنهنجو پاڻ ۾ جنگين، شام، مصر ۽ ايشيا ڪوچڪ (ترڪي) کي تباهه ڪري ڇڏيو هو. ٻئي قومون عيسائيت ۽ مجوسيت جي نالي تي خون خرابي، غلامي، ڦرمار ۽ بدامني کي عروج تي پهچائي چڪيون هيون. ڪيترائي واپاري رستا بند ٿي چڪا هئا. مذهبي تعصب ۽ مذهبي قيد انساني عقل کي به غلام ۽ مجبور ڪري ڇڏيو هو. پادرين ۽ دستورين (عيسائي ۽ ايراني مذهبي پيشوائن) جي ڏنل فيصلي يا راءِ جي مخالفت ڪرڻ جو مطلب موت کي سڏڻ جي برابر هو.

انهن عالمي حالتن ۾ هجرت جو واقعو پيش آيو. رسول الله ﷺ جن 622ع ۾ مديني پهتا. غار ثور کان ٻن ڏاچين تي ٻڌل اهو قافلو رات جي وقت پنڌ پيو ۽ اٺن ڏينهن ۾ خميس جي ڏينهن 8 ربيع الاول 13 نبوي مطابق 25 جون 622ع تي قبا پهتو. هاڻي مڪو مسلمانن جي لاءِ امن واري جاءِ نه رهيو هو ڇو جو اتي اظهار جي آزاديءَ جي ڪوٽ هئي. ساهه بچائڻ لاءِ ڪو به ضامن نه هو. ايتري تائين جو مطعم بن عدي، جنهن پاڻ ڪريم ﷺ کي پناهه ڏني هئي، ان جو پٽ به پاڻ ڪريم ﷺ جي قتل واري صلاح ۾ شامل هو.

رستي ۾ سراقه ڏسي ورتو ۽ پيڇو ڪيو، پر هر دفعي سندس گهوڙو ٺاٻا کائيندو رهيو؛ آخر هن معافي گهري. حضرت ابوبڪرؓ جي غلام عامر بن فهيره ڪنهن شيءِ تي امان جو نشان هٽي ڏنو. رستي ۾ ام سعيد جي ڇني ۾ ٻڪري جو کير پيتائون. ٻي جاءِ تي بريده اسلمي کين ڦرڻ گهريو، پر پاڻ ڪريم ﷺ سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ کان پوءِ مسلمان ٿي ويو ۽ ساٿ ۾ رَلجي پيو. اڳتي رستي ۾ شام جي واپار کان موٽندي زبير بن عوم مليو ۽ ڪجهه اڇا ڪپڙا حضرت ابوبڪرؓ کي سوکڙي ڏئي مڪي روانو ٿي ويو.

قبا مديني کان ٻاهر هڪڙو ڳوٺڙو هو. مهاجر ۽ مديني جا مسلمان هتي ئي هڪ دڙي تي ويهي، ٻيپهري تائين رسول الله ﷺ جي اوسيئڙي ۾ هوندا هئا. آخرڪار اهو قافلو قبا پهچي ويو. حضرت ابوبڪرؓ رسول الله ﷺ جي مٿان چادر جي ڇانو ڪري بيٺو هو ته جيئن ماڻهن کين سڃاڻي سگهن. قبا پهچي ڪري پاڻ بني عمرو قبيلي وارن وٽ ترسيا. ٻئي ڏينهن تي حضرت عليؓ جن مڪي وارن کي انهن جو امانتون حوالي ڪري مديني پهچي ويا. انهيءَ جاءِ



www.sindhsalamat.com

تي پاڻ ﷺ جن پهرين مسجد تعمير ڪئي. اها مسجد ڪلثوم بن هدم جي زمين ۾ جوڙي وئي. قبا کان جڏهن پاڻ يثرب ويا ته گهڻو پوءِ منافقن به هڪ مسجد جوڙي هئي، جنهن کي مسجد ضرار ڪوٺيو وڃي ٿو. انهيءَ ۾ مسلمانن ۾ نفاق پيدا ٿيڻ جو خطرو هو، انهيءَ ڪري 9 هه ۾ قرآن ڪريم اهو حڪم ڏنو ته پهرين مسجد جو بنياد تقويٰ تي آهي ۽ ٻي مسجد ضرار جو بنياد نفاق تي آهي. تنهن ڪري انهيءَ مسجد کي ڊاٿو ويو ۽ جماعت ۾ ٻڏي قائم رهي.

## اوس ۽ خزرج جو ميلاپ:

عرب جا اهي رهاڪو جيڪي يمن مان اچي هتي آباد ٿيا هئا سي بن ماڻهن اوس ۽ خزرج جي اولاد مان هئا. ان سان گڏوگڏ مديني ۽ ان جي پرپاسي ۾ فلسطين جا چڙوچڙ ٿي ويل يهودي به اتي ئي آباد هئا. انهن اتان جي واپار تي قبضو ڪري رکيو هو ۽ پنهنجي بچاءَ جي لاءِ مضبوط ڪوٽ ٺاهي ڇڏيا هئا. جڏهن يهودين جي شرارتن جو عربن جواب ڏنو ۽ شام جي عربن جي مدد سان انهن کي قتل ڪرڻ شروع ڪيو ته انهن يهودين هڪڙي ٻي کيڏ کيڏي ۽ اوس ۽ خزرج قبيلن کي پاڻ ۾ ويڙهائي انهن کي هڪٻئي جو دشمن ڪري ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجو بچاءُ ڪندا رهيا.

اوس ۽ خزرج جي آخري ويڙهه جنهن کي حرب بعاث به چيو ويندو هو، هڪ سؤ سالن تائين هلندي رهي. پنهنجو پاڻ ۾ انهن جنگين کين بنهه هيڻو ڪري ڇڏيو هو. اوس وارن يهودين سان اتحاد ڪرڻ گهريو پر خزرج وارن يهودين کي ڌمڪائي اهو اتحاد ٿيڻ نه ڏنو. قريش سان به ڳالهه نه ٿي سگهي. آخر رسول الله ﷺ جي ڪوشش سان ٻنهي قبيلن ۾ ناهه ٿي ويو ۽ اهو هڪ ٿي ويا. قبا پهچڻ جي هڪ هفتي اندر پاڻ ﷺ جن ٻنهي قبيلن ۾ دوستيءَ جو معاهدو ڪرائي ڇڏيو ۽ جيڪو خون خزرج وارن جي ذمي هو سو اوس وارن معاف ڪري ڇڏيو. يثرب جي فتح جي سلسلي ۾ اها اسلام جي پهرين سوڀ هئي.

## مديني جي فتح:

شروع ۾ جيڪا عربن تاريخ لکي، انهيءَ جي خاص ڳالهه اها هئي ته انهن عربي واقعن کي گڏ ڪيو ۽ وچ ۾ قرآن ۽ عربي ڪلام جي تفسير ۽ تشريح ۽ غير متعلق واقعا به ملائي ڇڏيا. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو پوءِ اچڻ وارا محقق عرب راوين جي ذهني ۽ معاشرتي پسمنظر کي سامهون نه رکي سگهيا ۽ سچو معاملو بگڙي ويو. سيرت ۽ مغازي لکندڙن 8 هه ۾ پرامن


Sindhica Academy, Karachi

طريقي سان مڪي اندر داخل ٿيڻ کي "مڪي جي فتح" ڪري لکيو آهي، جنهن جو مطلب اهو ورتو ويو ته رسول الله ﷺ جن مڪي کي تلوار جي زور تي فتح ڪيو، جڏهن ته اها ڳالهه سراسر غلط آهي.

يثرب کي به پاڻ ڪريمن فتح ڪيو، پر انهيءَ کي "مديني جي فتح" جو نالو نه ڏنو ويو. انهيءَ ڪري ڪنهن جو به انهيءَ پاسي خيال نٿو وڃي ته اُتي به ته مڪي وانگر پر امن طريقي سان داخلا ٿي هئي. حقيقت ۾ مديني جي فتح اهڙي ته شاندار ۽ پرامن فتح هئي، جنهن جو مثال تاريخي دنيا ۾ ڪٿي به نٿو ملي.

قبا ۾ ڪجهه ڏينهن ٽڪڻ کان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ مديني وارن جي ڪوٺ قبولي ورتي ۽ جمعي جي ڏينهن قصواء ڏاچيءَ تي چڙهي يثرب ڏانهن روانو ٿيا. پاڻ ﷺ جي داخل ٿيڻ کان پوءِ يثرب جو نالو "مدينة النبي" مشهور ٿي ويو. رستي ۾ مختلف ڳوٺن جا ماڻهو هٿيار سجائي آڌرياء جي لاءِ اڳتي وڌي راهه تڪي رهيا هئا. مردن کان به وڌيڪ زائفان خوش ٿي ڏسڻ ۾ آيون. نينگريون مرحبا جا گيت ڳائي رهيون هيون، هر پاسي کان "ڀلي آيا جيءُ آيا، اي الله جا رسول اوهان جي لاءِ عزت، حفاظت ۽ سهولت موجود آهي" جي جهونگار لڳي پئي هئي.

هلم يا رسول الله ﷺ العزّ والمنعة والثورة

"پاڻ آڌر ڀاءَ ڪرڻ وارن کي دعائون ڏيندي فرمائن پيا ته ڏاچيءَ کي ڇڏي ڏيو ته هلندي هلي."

رستي ۾ ڏاچي بنو سالم جي پاڙي ۾ هلي ويهي رهي، پاڻ فرمايائون ته هتي ٽڪي نه پئبو، رڳو جمعي جي نماز پڙهبي. نماز کان پهريان پاڻ خطبو ڏنائون جنهن جي اهميت اها آهي ته اهو مڪي دؤر جي تعليم جو تت هو.

## پهرين جمعي جو خطبو:

1. سڀ ساراهه الله تعاليٰ جي لاءِ آهي جنهن کان مدد، معافي ۽ هدايت گهران ٿو ۽ جيڪي ماڻهو انهيءَ کي نٽا مڃين (ان جي حڪمن جو انڪار ڪن ٿا) ۽ ٻين کان مدد ۽ هدايت گهرن ٿا، سي سڀئي اونداهيءَ ۾ آهن. مان اهڙي ڪفر جو دشمن آهيان. ٻين جي اڳيان ڪنڌ نوائڻ انسانيت جي توهين آهي. الله تعاليٰ ئي سيني جو بادشاهه آهي، ڪنهن به ٻانهي جو ان جي مٿان ڪو زور بار نه آهي، هو سيني جو حاڪم آهي ۽ ڪنهن جو به محڪوم نه آهي.
2. مان به انهيءَ ئي مالڪ حقيقي جو هڪڙو ٻانهو آهيان ۽ انهيءَ جو هيءُ


www.sindhsalamat.com

نياپو توهان کي ٻه ٻڌايان ٿو ته انهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪنهن جي به فرمانبرداري نه ڪريو ۽ نه ئي غير الله کان مدد گهرو.

3. موت کان پوءِ واري حياتي پڪ سان آهي. انهيءَ تي ايمان رکندڙ انسان ئي پرهيزگار آهي. انهيءَ جو اندر اجري پوي ٿو ۽ هو برائين کان بچي وڃي ٿو. ان جون ڪوتاهيون معاف ڪيون وينديون آهن ۽ ان جي نيڪ ڪمن جو اجر وڌايو ويندو آهي.

4. ٻانهو هجڻ جي حيثيت ۾ انسان جي عزت ۾ ڪابه گهٽتائي نٿي اچي. ڪوبه خاص فرقو جهڙوڪ يهودي، موبد، برهمڻ وغيره الله تعاليٰ جي پسنديده قوم نه آهي. باقي ايترو ضرور آهي ته جيڪي ماڻهو پنهنجي جاکوڙ سان الله تعاليٰ جي ٻڌايل واٽ وٺي هلن ٿا انهن کي الله تعاليٰ پسند ڪري انسانيت جي هدايت ۽ رهنمائيءَ جي لاءِ چونڊي وٺندو آهي. اهڙن ئي ماڻهن کي الله تعاليٰ پنهنجا فرمانبردار ٻانها سڏي ٿو.

5. تاريخ مان سبق پرايو ۽ عقل کان ڪم وٺو. ياد رکو ته انڌي تقليد جي ڪري اڳوڻيون قومون تباهه ٿي ويون آهن. الله تعاليٰ جي فرمانبرداري اها ئي آهي ته سچائيءَ سان اسلام جي سڌي ۽ سنئين واٽ تي هلو. ڄاڻي ٻجهي انهيءَ کان پاسيرو ٿي وڃڻ اونداهيءَ (ڪفر) ۾ گم ٿي وڃڻ جي برابر آهي. الله تعاليٰ ئي سڀني معبودن کان وڌيڪ عبادت جي لائق ۽ اسان جي قوت ۽ عمل جو سرچشمو آهي.

*(اختصار سان تاريخ الامم، طبري)*

خطبي جو سمورو متن هن طرح آهي:

”سڀ ساراهه الله تعاليٰ جي لاءِ ئي آهي. مان ان جي ئي واکاڻ ڪريان ٿو. انهيءَ کان ئي مدد گهران ٿو، ان کان ئي معافي گهران ٿو، انهيءَ کان ئي هدايت جي لاءِ سوال ڪريان ٿو ۽ انهيءَ تي ئي ايمان آڻيان ٿو. ان جو ڪنهن به طرح انڪار نٿو ڪريان ۽ ان جي انڪاري جو هر طرح سان مخالف آهيان. مان شاهدي ڏيان ٿو ته الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪوبه معبود نه آهي. رڳو اهو ئي هڪڙو خدا آهي، انهيءَ جو ڪوبه ڀاڱي ڀائيوار نه آهي. محمد ﷺ ان جو خاص ٻانهو ۽ رسول آهي، جنهن کي الله تعاليٰ هدايت، نور ۽ سراسر نصيحت ڪري انهيءَ حالت ۾ موڪليو جو هن وقت تائين پيغمبرن جي آئي کي وڏي عرصو گذري چڪو هو. علم گهٽجي ويو هو ۽ گمراهي عام ٿي وئي هئي. جهالت جي اونداهي کي وڏو


Sindhica Academy, Karachi

عرصو ٿي چڪو هو. قيامت ۽ آخرت جو زمانو ويجهو اچي ٿيو هو. سو جنهن الله ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ڪئي، سو هدايت وارو ٿيو ۽ جنهن ٻنهي جي نافرماني ڪئي سو سڌي راهه کان ڀٽڪي ويو ۽ سخت گمراهيءَ ۾ ڦاسي پيو.

مان توهان کي زهد ۽ تقويٰ اختيار ڪرڻ جي نصيحت ڪريان ٿو، جو هڪ مسلمان پنهنجي ڀئي مسلمان ڀاءُ کي انهيءَ کان وڌيڪ ڀلي نصيحت نٿو ڪري سگهي. انهيءَ کان پوءِ وارو درجو اهو آهي ته هڪ ڀاءُ پنهنجي ڀئي مسلمان ڀاءُ کي آخرت جي لاءِ تياري جي ترغيب ڏئي ۽ ان کي پرهيزگاري جي لاءِ هدايت ڪري. سو الله تعاليٰ جنهن ڳالهه کان توهان کي بچڻ جو حڪم ڏنو آهي، انهيءَ کان پاڻ بچايو. انهيءَ کان وڌيڪ ڀلي ٻي ڪا نصيحت نه آهي ۽ نه ئي انهيءَ کان وڌيڪ اهميت وارو ڪو فڪر آهي. حقيقي پرهيزگاري انهيءَ جي آهي جيڪو پنهنجي دل ۾ پنهنجي پالڻهار جو خوف ۽ آخرت جي ڳالهين جي سچي هجڻ جو جذبو رکندي پنهنجي عملن کي بهتر ڪري. ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي ۽ پنهنجي پالڻهار جي وچ ۾ لاڳاپي کي ظاهري ۽ باطني طرح صحيح رکندو ۽ انهي جو مقصد رڳو الله تعاليٰ جو راضپو حاصل ڪرڻ هوندو ته ان جو اهو عمل دنيا ۾ انهيءَ جي ناماچاري ۽ مرڻ کان پوءِ ان لاءِ آخرت جو توشو هوندو. جنهن ڏينهن انسان پنهنجن چڱن عملن جو ضرورتمند هوندو ۽ باقي ٻيو جيڪو ڪجهه به هوندو انهيءَ جي لاءِ هو سَڌَ ڪندو ته جيڪر هن جي ۽ سندس عمل جي وچ ۾ ڪا وڏي عرصي جيتري وٿي اچي وڃي. الله تعاليٰ توهان کي پنهنجي عذاب کان به ڊيڄاريندو آهي، ان سان گڏوگڏ هو پنهنجي ٻانهن تي ٻاجهه ڪندڙ پڻ آهي. الله تعاليٰ پنهنجي ڳالهه ۾ سچو ۽ پنهنجي واعدي کي نڀائيندڙ آهي. ائين ئي ارشاد ٿئي ٿو ته:

مَا يُبَدَّلُ الْقَوْلُ لَدَيَّ وَمَآ اَنَا بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ﴿۲۹﴾

”منهنجي سامهون ڪنهن به ڳالهه ۾ تبديلي يا ڦيرگهير نه ٿي سگهندي ۽ مان پنهنجي ٻانهن تي ظلم نه ڪندو آهيان“.

سو اي ماڻهؤ! پنهنجي دنياوي توڙي آخرت وارين سڀني ڳالهين جي معاملي ۾، پوءِ اهي توڙي لڪيل هجن يا ظاهر ظهور، الله تعاليٰ کان ڊڄو. ڇو ته جيڪو ماڻهو الله تعاليٰ کان ڊڄندو آهي ته الله تعاليٰ انهيءَ جي ڀڇڙائين جو ڪفارو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان جي نيڪ عملن جي اجر ۾ واڌارو ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪو الله تعاليٰ کان ڊڄندو آهي سو عظيم الشان ڪاميابي تي پهچندو آهي. الله تعاليٰ جو خوف انسان کي الله تعاليٰ جي ڏمر ۽ ناراضپي


www.sindhsalamat.com

ڪان حفاظت ۾ رکندو آهي. الله تعاليٰ جو خوف پرهيزگارن جي مُنهن کي اڇو اجرو ۽ نوراني رکندو ۽ انهن جي پالڻهار کي راضي رکندو ۽ انهن جي مرتبن کي مٿاهون ڪندو آهي. اي ماڻهؤ! پنهنجو پنهنجو پاڳو وٺي وڃو ۽ الله جي معاملي ۾ زيادتي ڪان ڪم نه وٺو. الله تعاليٰ توهان کي پنهنجي ڪتاب جي تعليم ڏني ۽ توهان جي ڇوٽڪاري جي لاءِ هڪڙو طريقو مقرر ڪري ڇڏيو ته جيئن هو سندس تصديق ڪندڙن ۽ سندس انڪار ڪندڙن کي ڇاٽي وٺي. سو جئين الله تعاليٰ توهان تي ڀلائي ڪئي آهي تيئن توهان به ڀلائيءَ واري واٽ وٺو ۽ الله تعاليٰ جي دشمنن سان دشمني رکو. انهيءَ جي واٽ ۾ جهاد جو حق چڱيءَ طرح سان ادا ڪريو. انهيءَ ئي توهان کي اسلام جي لاءِ چونڊيو آهي ۽ توهان جو نالو مسلمان رکيو آهي. انهيءَ لاءِ ته جيئن جنهن کي تباهه ڪري تنهن کي پڪي حجت سان تباهه ڪري ۽ انهن مان جنهن کي سلامت رکي تنهن کي پڪي حجت سان سلامت رکي. الله تعاليٰ کانسواءِ دنيا ۾ ٻي ڪا به طاقت نه آهي. سو توهان الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪندا ڪريو ۽ آخرت واري زندگيءَ جي لاءِ نيڪ عمل ڪندا رهو. جو ته جنهن به پنهنجي ۽ الله تعاليٰ جي وچ ۾ معاملن کي صحيح رکيو ته الله تعاليٰ ان جي ۽ ماڻهن جي وچ ۾ ٿيندڙ معاملن جي لاءِ ڪافي ٿي ويندو، جو ته الله تعاليٰ ئي ماڻهن تي حڪم هلائيندو آهي، نه ڪ ماڻهو ان تي حڪم هلائيندا آهن، ۽ الله تعاليٰ ئي ماڻهن جي معاملن جو مالڪ ۽ مختار آهي، جڏهن ته ماڻهو ان جي معاملن ۾ اختيار نٿا رکن. الله تعاليٰ سڀ ڪان وڏو آهي ۽ ڪائنات ۾ ڪا به طاقت الله تعاليٰ کانسواءِ نه آهي“.

هيءَ ڳالهه ياد رکڻ جهڙي آهي ته هن سڄي خطبي ۾ مڪي وارن جي پاڻ ڪريم ﷺ سان ساڙ ۽ حسد، ڪفر تي آڪڙجي بيهڻ، مسلمانن کي اذيتون ڏيڻ ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي مارڻ جي لاءِ ڪيل ڪوشش جو ٿورڙو به ذڪر نه فرمايو. ان جي بدران پاڻ پنهنجي خطبي کي رڳو مسلمانن کي پرهيزگاري جي ترغيب ڏيڻ ۽ انهن کي الله تعاليٰ جي ياد ڏيارڻ تائين محدود رکيو. حق ۽ صداقت جي بيان ۾ سندن اهو طرز عمل تمام ئي ادب ۽ سلجهائپ ۽ بردباري ۽ درگذر جو بهترين نمونو آهي. جيڪڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جي جاءِ تي ٻيو ڪو هجي ها ته اهو ماڻهن ۾ ڪاوڙ ۽ جوش اڀاري ها ۽ انهيءَ موقعي تي ڪافرن جا عيب بيان ڪري ها، جو ته انهن ئي پاڻ ﷺ کي ايذاءَ ڏنا، مٿن ظلم ڪيا ۽ کين پنهنجي پياري وطن مان ڪڍيو. اهي ماڻهو سندن خدائي پيغام کي ان جي ٻانهن تائين پهچائڻ واري واٽ ۾ رڪاوٽ بڻجي پيا. الله تعاليٰ سندن شان ۾ هي جو فرمايو ته بلڪل صحيح فرمايو:


Sindhica Academy, Karachi

وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ۝٤

”اي محمد بيشڪ توهان اخلاق جي تمام ئي مٿانهين منزل تي پهتل آهيو.“

نمازَ ڪان پوءِ ڏاچي اڳتي وڌندي رهي ۽ پاڻ وري وري اهو فرمائي رهيا هئا ته هن کي ڪير به نه روڪي، اها الله تعاليٰ جي حڪم سان ڪٿي هلي ويهي رهندي. ڏاچي هلندي هلندي بنو نجار وارن جي پاڙي ۾ حضرت ابو ايوبؓ انصاري جي گهر جي سامهون اچي ويهي رهي. اهو پاڻ ڪريم ﷺ جو ناناڻو کهول هو. هتي پاڻ پنهنجي پٽيلي زيدؓ سان گڏ ٽڪي پيا.

## مواخات (ڀائيچارو):

پاڻ ڪريم ﷺ جن مڪي پهچڻ شرط سيني مهاجرن کي حضرت انس بن مالڪؓ جي گهر ۾ سڏايو ۽ انصارن، خاص ڪري بيعت عقبه ۾ شامل انصارن کي به سڏايو ۽ هر هڪ انصاريءَ کي هڪ هڪ مهاجر حوالي ڪندي فرمايو ته توهان ٻئي سڳن ڀائرن وانگر سمجهيا ويندؤ ۽ مرڻ کان پوءِ هڪ ٻئي جا وارث ٿيندؤ. مهاجرن جو ڳاٽيتو ستيتاليهه ٻڌايو وڃي ٿو. ڪيترائي مسلمان اجا به مڪي ۾ پوئتي رهجي ويا هئا ۽ ڪن مجبورين جي ڪري مديني نه اچي سگهيا، جڏهن ته ڪيترا ٻئي اجا تائين حبشه ۾ رهيا پيا هئا.

## اصحابِ صفه:

ڪجهه ماڻهو وري گهر ٻار کانسواءِ، مفلسي جي حالت ۾ زندگي گهاري رهيا هئا. انهن جي غربت جو حال اهو هو جو وٽن ضرورت موجب ڪپڙا به نه هئا. اهي ماڻهو هڪڙي ڇپر جي هيٺان مسجد جي ويجهو هڪڙي ٿلهي تي رهندا هئا. اهي ماڻهو اسلامي تعليم کي پکيڙڻ جي لاءِ رضاڪارانه ڪم ڪري رهيا هئا. بک ۽ ڏتڙيل حال هئڻ باوجود به اهي ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻ ڏوهه سمجهندا هئا. اهي مسلمانن جا راهب يا ٻڌن جا ڀڪشو هئا، پر نه ته پنهنجي مٿان نڪاح کي حرام سمجهندا هئا ۽ نه ئي وري ڪنهن کان ڪو سوال ڪندا هئا. رسول الله ﷺ جن انهن جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا.

## مسجد نبوي ﷺ جي اڏاوت:

جنهن جاءِ تي ڏاچي پهريون دفعو ويٺي هئي سا زمين ٻن يتيم ڀائرن جي هئي. انهن کي مناسب معاوضو ڏئي اتي مسجد اڏي وئي. اڏاوت ۾ اصحابن ۽ رسول الله ﷺ جن گڏجي ڪم ڪيو.


www.sindhsalamat.com

## جماعتي زندگيءَ جي شروعات:

مسجد ٺهي وڃڻ کان پوءِ انفرادي زندگي هڪ جماعتي زندگيءَ ۾ بدلجي وئي ۽ مديني ۾ طواف وارو طريقو ختم ٿي ويو. هتي نماز بيت المقدس ڏانهن منهن ڪري پڙهڻ شروع ڪئي وئي. اهو طئي ڪيو ويو ته سيئي ايمان وارا هڪڙي امام جي پويان بني اسرائيل جي قبلي بيت المقدس ڏانهن منهن ڪري قطار ۾ بيهندا ۽ امام الله تعاليٰ سان مخاطب ٿي ان جي فرمانبرداري جو اقرار ڪندو ۽ ان کان مدد گهرندو. (اياڪ نعبد و اياڪ نستعين) ان تي سيئي مقتدي رڳو آمين چوندا. اهڙي طرح نماز جو امام سياسي اڳوڻ يا قاضي به هوندو. اجا به ائين چئجي ته اها سياسي نظام جي هڪڙي شڪل هئي جنهن جو بنياد مشاورت تي هو. اسلام جو سياسي نظام مشاورتي جمهوريت آهي. اها سرمائيدارڻي جمهوريت نه آهي. انهيءَ کي عوامي جمهوريت (Peoples Democracy) چئي سگهجي ٿو.

## نبوي خاندان:

مسجد جي اوسي پاسي جهوپڙيون اڏيون ويون جن ۾ رسول الله ﷺ جون پاڪ زالون رهنديون هيون. مڪي مان رڳو بي بي فاطمة الزهرا ۽ ام المؤمنين حضرت سودهؓ زيدؓ سان گڏجي آيون ۽ حضرت عائشہ پنهنجي پاءُ عبدالله سان گڏ آئي. ائين انفرادي طرح مڪي ۽ مديني جي وچ ۾ اچ وڃ جو سلسلو جاري رهيو.

## ڪتابي جمهوريت يا توحيدي معاشري جو قيام:

هاڻي مديني ۾، جيڪو هن اسلامي رياست جي گاديءَ جو هنڌ بڻجي چڪو هو، باقاعدي سياسي زندگيءَ جي شروعات ٿي وئي هئي مهاجرن ۽ انصارن جي گڏيل ڪوشش سان هن نظريي کي عملي جامو پهرائڻ شروع ڪيو ويو جنهن کي مڪي جي ٽيرنهن سالن ۾ خدائي وحيءَ دليلن سان گڏ ماڻهن جي سامهون رکيو هو. اها مرڪزي جماعت (Central Cometee) اصل ۾ مڪي ۾ ئي قائم ٿي چڪي هئي. جو ته اوس ۽ خزرج جي ماڻهن مڪي ۾ رسول الله ﷺ جي هٿ تي بعيت ڪئي، جنهن جو بنياد اهو هو ته معروف (يعني نيڪيءَ جي سيني ڪمن) ۾ رسول الله ﷺ جي پيروي ڪئي ويندي. هاڻي مديني جي اوسي پاسي رهندڙ قبيلن سان اتحاد جي لاءِ معاهدن جي


Sindhica Academy, Karachi

شروعات ٿي.

اصل ۾ شعب ابي طالب ۾ رهڻ دوران ئي رسول الله ﷺ جن ايمان وارن جي لاءِ هڪڙي مضبوط رياست قائم ڪرڻ جو ارادو ڪري ورتو هو، جو ته جيستائين رياست قائم نٿي ٿي، تيستائين مشرڪ مسلمانن کي خدا پرستي ۽ عبادتگاهن ڏانهن وڃڻ کان روڪيندا ئي رهندا. ان ڪانسواءِ معاشرتي، معاشي ۽ سياسي ڏاڍايون به جاري رهنديون.

شعب واري دؤر ۾ ئي رسول الله ﷺ جن دين ابراهيم کي مڃيندڙ هڪڙي ٽولي ڏانهن دوستيءَ جو هٿ به وڌايو هو، يعني بني اسرائيل ڏانهن، جيڪي حضرت ابراهيمؑ جو اولاد هئا. شعب مان نڪرڻ کان پوءِ مجوسين سان معاهدو ڪرڻ گهربو ۽ انهن کي ٻڌايائون ته اصل دين ته هڪڙي الله جي پوڄا ۽ انساني وحدت ۽ برابري آهي. رسول الله ﷺ مڪي جي مشرڪن کي به صلاح ڏني ته اهي جنن ۽ بتن جي پوڄا ۽ وهمن جي چار مان نڪري دين ابراهيم تي هلن. پر انهن نه رڳو انڪار ڪيو پر مسلمانن کي ايذايو ۽ رسول الله ﷺ کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي.

هاڻي مديني ۾ يهودين سان، جيڪي اسرائيل (يعقوبؑ) جو اولاد هئا، سڌوسنئون ڳالهه ٻولهه جو موقعو مليو. شعب ابي طالب کان پهريان ۽ شعب ابي طالب جي زماني ۾ ابراهيم ۽ موسيٰؑ جو ذڪر ڪيو ويو هو. اتي ٻڌايو ويو هو ته توريت به خدا پرستي جو ئي حڪم ڏئي ٿو ۽ انهيءَ ۾ ٻڌايل قانون به سراسر نور ۽ هدايت آهن. هر مؤمن جي لاءِ اها ڳالهه لازم ڪئي وئي ته هو اڳاٽي وقت جي هر ملڪ ۽ قوم ۾ آيل نبين ۽ سڌارڪ انسانن کي مڃي جيڪي پڻ توحيد الاهي، انساني برابري ۽ نيڪ عملي جي تعليم ڏيندا آيا هئا.

## اسلامي آئين جا بنيادي اصول:

مديني ۾ جيڪو پهريون خطبو ڏنو ويو، انهيءَ ۾ پاڻ ڪن بنيادي اصولن جو ذڪر فرمايائون جن جي تفصيلي بحث جي هن وقت گنجائش نه آهي. انهن مان به اهم اصول هي به هئا:

- **پهريون اصول:** الله تعاليٰ ڪنهن خاص قبيلي يا قوم جو پالڻهار نه پر سيني قومن ۽ سموري ڪائنات جو پالڻهار آهي.
- **ٻيو اصول:** ڪوبه ماڻهو پنهنجي عملن جي جزا ۽ سزا کان بچي نٿو سگهي. جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي وارو اصول لاڳو رهندو. جيڪڏهن ڪنهن کي هن دنيا ۾ پنهنجي عملن جو بدلو نه مليو ته آخرت واري


www.sindhsalamat.com

زندگيءَ ۾ حاڪمن جو حاڪم ڪيس عدل ۽ انصاف سان بدلو ڏيندو. جيئن ته الله تعاليٰ ظالم نه آهي، اجا به سندس رحمت ۽ ٻاجھ سندس عدالت تي سوپاري رهندي، انهيءَ ڪري ڪنهن تي به ظلم نه ٿيندو.

انهن اصولن تي جيڪا رياست جڙي، انهيءَ ۾ انهن اصولن تي بحث مباحثو ڪرڻ، راءِ ڏيڻ يا مشاورت سان انهن اصولن ۾ تبديلي آڻڻ جي ڪابه گنجائش نه هئي.

1. الله تعاليٰ کي ميڃڻ اصل ۾ شيطاني قانونن ۽ غير الله کي غير فطري سمجھڻ جي برابر آهي. انهيءَ ڪري ڪابه جماعت بحث يا راءِ شماري جي ذريعي اهو طئي ڪرڻ جو حق نٿي رکي ته غير الله جي عبادت به ڪئي وڃي، يا انهن قانونن تي عمل ڪيو وڃي جيڪي منڪر (يعني معاشري ۾ بڇڙا عمل تصور ڪيا ويندا) آهن ۽ حق وارن وٽ معروف (يعني نيڪيءَ وارا) نه آهن.
2. مڪافات واري قانون کي ميڃڻ جو مطلب اهو آهي ته الله تعاليٰ وٽ ڪوبه ديوتا يا پيغمبر اها سفارش نٿو ڪري سگھي ته ڪنهن ماڻهو کي ان جي نسلي مٿيرائپ جي بنياد تي معاف ڪيو وڃي ۽ ان جي ڪنهن بڇڙي عمل تي سزا نه ڏني وڃي جو هو ”برهما“ يا اسرائيل جو اولاد آهي. ڄڻ ته مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ کي ميڃڻ انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته جيئن انهيءَ سان انساني برابريءَ وارو تصور هر ايمان واري جي دل ۾ ڪپي وڃي. ڪوبه ڪنهن غير قوم جي ماڻهو کي پنهنجو پاڻ کان گھٽ نه سمجھي، پنهنجي قوم جي غريبن ۽ محتاجن کي به رسوا نه ڪري. اجا به دنيا ۾ اهڙي برابري قائم ڪري جو غلاميءَ واري خواري، عورت جي هيٺائي ۽ ڏاريي جي گھٽتائي عزت، طاقت ۽ اوچائيءَ ۾ بدلجي وڃي ۽ اهڙو معاشي نظام سمجھ وارن ۽ عملي سرگرم ماڻهن جي صلاح مشوري سان جڙي، جنهن ۾ سيئي انسان برابري ۽ انصاف واري ثمر مان فائدو ماڻي سگھن. اڄڪلھ اهڙي معاشي نظام کي سوشلسٽ معيشت به چيو وڃي ٿو ۽ ان جو بنياد سائنسي تجربي ۽ مشاهدي جي بنياد تي آهي. اهڙي ئي معاشي نظام جي نفاذ جي لاءِ نبي سڳورا آيا ۽ تلقين ڪندا رهيا. انهيءَ معاشي نظام ۾ پيداواري وسيلا ڪن ٿورڙن ماڻهن کي قبضي ۾ نٿا رهن پر گڏيل انتظام سان عوام جي پهچ ۾ هوندا آهن ۽ هر ماڻهو پنهنجي محنت جي پيداوار ۽ انهيءَ مان حاصل ٿيندڙ نفعي جو پاڻ ئي مالڪ به


Sindhica Academy, Karachi

هوندو آهي. اها ڳالھ اڻ ٿيٽي آهي ته اهڙي معاشي نظام ۾ ڪو ماڻهو پيداواري وسيلن (جھڙوڪ زمين، مشين، ڪاٽيون، پيٽرول جي ذخيرن) تي قابض هئڻ جي ڪري مزدور جي محنت جو استحصال ڪري ۽ انهيءَ مان حاصل ٿيڻ وارو وڏو حصو پاڻ وٽ رکي ڇڏي ۽ ڪي ٿورڙا رپيا استحصالي مزوريءَ جي شڪل ۾ مزدور کي ڏئي ته جيئن هو انهيءَ قبضي خور جي دولت ۾ واڌاري ۽ انهيءَ ظالماڻي معيشت جي لاءِ هٿيار طور جئيرو رهي.

تنهن ڪري اسلامي رياست ۾ انهن ٻنهي اصولن ۽ انهن مقصدن تي بحث ڪرڻ جي اجازت بلڪل به نه آهي. باقي انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ کھڙيون واٽون ٿي سگھن ٿيون، انهيءَ تي بحث ڪرڻ جي ڪليل اجازت آهي. اها ڳالھ ظاهر آهي ته اسلام جي انهيءَ برابري ۽ انصاف واري نظريي، بادشاهت جي هڪ هزار سالن ۾ جيڪو ڪم ڪيو سو قرآن جي اصولي سياست ۽ معيشت جو تمام ئي بگڙيل ۽ ڏنڌلو عڪس آهي. اڳتي هلي انهيءَ بگڙيل ۽ ڏنڌلي عڪس کي مسلمان عالمن دائمي اصول ٻڌائي ڇڏيو ۽ سرمائيداري ۽ جاگيرداري نظام کي ئي اصل اسلامي معاشي نظام سڏي ورتو ۽ سوشلسٽ معيشت کي، جيڪا اصل ۾ قرآن ۽ نبين جي معيشت آهي، غير اسلامي سمجھيو ويو. انهيءَ ڳٺ جوڙ جي ڪري ئي عالمن جي ذاتي عيش ۽ انهن جي مدرسن جا سيئي خرچ اهو رعاتيون ڏنل طبقو ادا ڪندو رهيو آهي. عالمن جي فتوائن سان غلاميءَ جي اداري کي هميشگي عطا ڪئي وئي آهي. جڏهن ته قرآن دائمي يا پڳهاردار غلاميءَ کي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. خلافت راشده کان پوءِ پيداواري وسيلن تي آهستي آهستي ٿيندڙ انفرادي قبضي جي ذريعي، محنت جي استحصال ۽ انهيءَ طريقي سان حاصل ٿيندڙ دولت کي جائز سڏيو ويو. حضرت عمرؓ جڏهن معاشي مساوات قائم ڪرڻ ۽ غلاميءَ کي ختم ڪرڻ جو ارادو ڪيو ته کين قتل ڪيو ويو. اسلام ۾ سرمائيداري جي لاءِ دليل اهو ڏنو ويو ته حضرت عثمانؓ ۽ حضرت عبدالرحمان بن عوفؓ جھڙا اصحابي سڳورا به ته دولتمند ۽ غني هئا. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته انهن جي دولت انهيءَ دؤر ۾ ٿنيدڙ واپار ۽ محنت جي وسيلي حاصل ٿيندي هئي. زمين يا مشين وغيره تي انفرادي قبضي سان مزدور جي محنت جو استحصال ان جو ذريعو نه هو. ان کان سواءِ انهيءَ دولت تي انهن اصحابن جي حيثيت هڪڙي رکوالي يا امانتدار واري هئي ۽ اها ٻنا ڪنهن هٻڪ جي گڏيل مفادن ۾ استعمال به ڪئي ويندي هئي. ان جي پيٺ ۾ اڄ جو مراعتون ڏنل طبقو


www.sindhsalamat.com

ءِ ان کي اسلامي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ وارو مذهبي پيشوا. ڏينهون ڏينهن پنهنجي دولت ۾ حد کان وڌيڪ واڌارو ڪندو رهي ٿو.

رسول الله ﷺ مديني ۾ انهيءَ ڳالهه جو اعلان ڪيو هو ته زمين جو (جيڪا انهيءَ وقت پيداوار جو اهم ذريعو هئي) مالڪ اهو ئي آهي جيڪو ان تي پوکي ٿو ڪري. انهيءَ زمين کي ڪرُمت جي شڪل ۾ ٺيڪي تي ڪٽڻ ربوا يعني وياجي ڪاروبار آهي. انهيءَ ڪري ئي امام ابو حنيفه، امام شافعي ۽ امام مالڪ ڪرُمت جي اجازت نه ڏني آهي. انهيءَ جي بدلي ۾ هنن تڪليفون سٺيون. پر انهن جي شاگردن ڪجهه شرطن سان گڏ ڪرُمت جي اجازت ڏئي ڇڏي. انهيءَ جاگيرداري نظام ختم ڪرڻ جي لاءِ حضرت عمرؓ عراق، شام ۽ مصر جي زمينن کي رياست جي ملڪيت ۾ شامل ڪري ڇڏيو هو. پر دمشق واري خلافت کان قائم ٿيندڙ بادشاهت، زمين جي انفرادي ملڪيت کي ٻيهر جائز قرار ڏنو جنهن کان پوءِ اسان جي معتبر عالمن به بادشاهت واري انهيءَ معاشي نظام کي اسلامي نظام سڏيندي پنهنجائي ورتو. مولانا مودوديءَ ته زمين جي لا محدود ملڪيت جي مسئلي تي هڪڙو مستقل ڪتاب لکي ورتو.

رسول الله ﷺ مديني ۾ انساني برابري کي اڳتي وڌائڻ توڙي سياسي ۽ معاشي ترقي ۽ شهري بچاءَ جي معاملن ۾ يهودين ۽ مديني جي اوسي پاسي رهندڙ قبيلن سان دفاعي معاهدا ڪيا.

### يهودين سان معاهدو:

هن معاهدي جو قرآن پاڪ ۾ ذڪر نه آيو آهي. باقي مڪي دؤر ۾ نازل ٿيڻ واري قرآني حصي ۾ اسرائيل جي قانون (توريت) جي واکاڻ ڪئي وئي آهي. قرآن جو نزولي ترتيب سان مطالعو نه ڪرڻ جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو مفسرن ۽ عالمن سڳورن اهو ٻڌايو ته قرآن بني اسرائيل سان نفرت ڪري ٿو ۽ انهن جي عيبن کي بيان ڪري انهن قومي اتحاد ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو. جڏهن ته قبلي جي تبديلي تائين نازل ٿيل قرآن ۾ يهودين جي مخالفت جي ڪابه ڳالهه نه ٿيل آهي. اجا به قرآن پوءِ به توريت جي حڪمن کي ايئن ئي نور ۽ هدايت سڏيو آهي جيئن ان جا پنهنجا حڪم آهن.

اهو ياد رکڻ گهرجي ته شعب ابي طالب واري دؤر ۾ اها ڳالهه چٽي ڪئي وئي هئي ته هر دؤر ۾ نبين سڳورن اها ئي تعليم ڏني ته الله تعاليٰ کي ئي سيني جو خالق ۽ مالڪ مڃيو ۽ توهان جيڪو به عمل هن دنيا ۾ ڪندؤ، تنهن جي جزا ۽ سزا به اهو الله ئي ڏيندو.


Sindhica Academy, Karachi

باقي جيڪي ماڻهو پنهنجي خواهشن جي پيروي ۾ توريت جون تفسيرون لکن ٿا، انهن کي خبردار ڪيو ويو آهي ته جيڪو ڪجهه توهان مشناة ۽ تالمود ۾ لکندا آهيو، سو پنهنجو پاڻ ئي لکندا آهيو، اهو ڪتاب الله نه آهي. (يکتبون الکتاب بايديهم)

## يهودين سان خطاب

### (1) سورت البقره، رڪوع 4:

مديني ۾ اچڻ کان پوءِ سورت بقره جو چوٿون رڪوع نازل ٿيو. هن رڪوع جا ٻه ڀاڱا آهن. هڪڙي ڀاڱي ۾ ته آدم جي قصي جي حوالي سان يهودين کي ٻڌايو ويو آهي ته ابليس آدم تي پنهنجي برتري ظاهر ڪئي ۽ هٺ ۽ وڏائي جي ڪري آدم کي سجدو نه ڪيو. انهيءَ ڳالهه تان هو خدائي دربار مان تڙي ڪڍيو ويو. انهيءَ ڪري يهودين کي گهرجي ته اهي پنهنجي قوم کي الله جي پسنديده ۽ لاڏلي سمجهندي هٺ ۽ وڏائي نه ڪن ته جيئن اهي به ابليس وانگر الله تعاليٰ جي نظرن ۾ ڪري نه پون. انهن کي سمجهڻ گهرجي ته سيئي انسان هڪجهڙا آهن ۽ اهي پاڻ به انسان هئڻ جي حيثيت ۾ سيني انسانن جي برابر آهن، انهن کان مٿانهان نه آهن.

ٻئي حصي ۾ هبوط آدم (آدم کي زمين تي لاهڻ) جو ذڪر آهي. جنت ۾ هر طرح جو سک ۽ آرام موجود هو. جتي گهرن ڀيا جنت جا ميوا کائن پيا، پر شيطان ڪيس منع ڪيل وڻ جو ميوو (هٺ ۽ وڏائي) آدم کي سيڪاري جنهن جي نتيجي ۾ الله تعاليٰ آدم ۽ ان جي سنگتين کي جنت مان ڪڍي ڪري زمين تي اجلائي ڦٽو ڪيو. جتي ڪيس محنت ڪري پيٽ پالڻو پوندو ۽ هو ڏکن ۾ رهندو. آدم ۽ ان جو اولاد هڪٻئي جو دشمن بڻجي ويا ۽ آدم جي اولاد جي پاڻ ۾ انهيءَ دشمنيءَ کي قرآن ڪريم "بعضکم لبعض عدو" چيو آهي ۽ بهشت مان انهن کي ڪڍي ڇڏيو.

### آدم جو قصو:

اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهڻ گهرجي ته قرآن ڪريم آدم جي قصي کي جنهن انداز سان پيش ڪيو آهي، انهيءَ کي جيڪڏهن تاريخ جي آئيني ۾ ڏٺو وڃي ته خبر پوندي ته شروع ۾ انساني قبيلا خوراڪ جي ڳولا ۾ هِتي هُتي رلندا


www.sindhsalamat.com

رهندا هئا ۽ ٻيلن مان ميوا، پاڃيون ۽ جانورن جو شڪار ڪري ۽ دريائن مان مڇين ۽ ٻين پاڻي وارن پکين کي پڪڙي پنهنجو پيٽ گذر ڪندا هئا. انهن ٻيلن ۽ دريائن تي ڪنهن به قبيلي جا مالڪاڻا حق نه هوندا هئا. اهي پيداواري وسيلا سڀني لاءِ کليل هوندا هئا. قرآن جي لفظن ”**رغداً حيث شئتما**“ (جتان وڻيو اتان بنا روڪ ٽوڪ جي کائو پيئو) منجهان اها ڳالهه چٽيءَ طرح معلوم ٿئي ٿي.

ڪجھ قبيلن کي دجله ۽ فرات جي ماٽري ۾ پاٽمرادو ڦُتل ڪڻڪ جا ٻوٽا ملي ويا. انهن کي تجربي مان ڄاڻ ملي ته گوشت ۽ ميوا ته ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ڳري يا سڙي وڃن ٿا ۽ ڪائڻ جهڙا نٿا رهن، پر ڪڻڪ جا داڻا سال تائين پيو رهڻ باوجود به خراب نٿا ٿين. اهڙي قسم جي سمجھ اصل ۾ عورتن حاصل ڪئي هئي جيڪي مردن جي شڪار تي هليو وڃڻ کان پوءِ ٻيلن ۽ ٻنين مان خوراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ رلنديون رهنديون هيون. عورتن ئي سڀ کان پهريان ڪڻڪ جي پوکيءَ جو طريقو ڇاڻي ورتو هو. ڪڻڪ جي ملي پوڻ سان خوراڪ جو مسئلو حل ٿي ويو. روزيءَ جي ڳولا ۾ پٽڪندڙ قبيلن دجله، فرات، سنڌو ۽ نيل ندين جي ڪنارن تي رهائش اختيار ڪري ورتي. اتان کان ئي تهذيب جي شروعات ٿي. يعني هاڻي شڪار وارو زمانو پورو ٿي ويو ۽ زراعت وارو دؤر شروع ٿيو.

قرآن ڪريم جڏهن هبوط آدم (آدم کي بهشت مان ڪڍي زمين تي موڪلڻ) جو سبب ابليس ۽ آدم جي پنهنجو پاڻ ۾ دشمني ٻڌايو ته، اهو سماجي ارتقا جو اهو زمانو آهي جڏهن انسان پوکيءَ جي لاءِ وڏ کان وڏ زمين حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ ۾ وڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. ٽورڙن هوشيار ۽ طاقتور ماڻهن ۽ قبيلن ٻين کان زمينون کسي ورتيون. قرآن انهيءَ حالت کي آدم جي ٻن پٽن هابيل ۽ قابيل جي علامتي قصي ۾ بيان ڪيو آهي. آدم پنهنجي پٽن کي چيو ته توهان قربانگاهه ۾ پنهنجو پنهنجو نذرانو پيش ڪريو. جنهن جو نذر قبول پوندو سو صحيح آهي، اهڙي طرح توهان جو پاڻ ۾ جهيڙو ختم ٿي ويندو. هابيل هڪڙي ڏاچي يا ڪو شڪاري جانور ڪاهي آيو. جڏهن ته قابيل اَن ڪڻي آيو. هابيل جي ڏاچي شڪار واري زماني جي علامت هئي ۽ قابيل جو اَن زراعت واري دؤر جي نشاني هو. هابيل جو نذر قبول پيو، پر قابيل الله تعاليٰ جي فيصلي کي نه مڃيو ۽ هابيل کي قتل ڪري ان جي زال ۽ مال ملڪيت تي ڏاڍائيءَ سان قبضو ڪري ورتو. انهيءَ جو مطلب اهو هيو ته شڪار وارو زمانو ختم ٿي ويو، هاڻي زراعت وارو زمانو شروع ٿي ويو هو. شڪار واري زماني ۾ ٻيلا ۽ درياءَ خوراڪ حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو هئا ۽ انهن تي


Sindhica Academy, Karachi

ڪنهن به قبيلي جو ذاتي قبضو يا ملڪيت جي دعويٰ نه هئي. هر ماڻهو ۽ قبيلو آزاديءَ سان خوراڪ حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪري سگهندو هو، پر زراعت واري دؤر ۾ اچڻ کان پوءِ انساني معاشري جي صورتحال تبديل ٿي وئي. جيڪو ماڻهو زمين جي جنهن به ٽڪري تي پوکي ڪندو هو، تنهن زمين ۽ ان جي اپت جو مالڪ به هوندو هو. اتان کان ئي پيداواري وسيلن تي، جنهن جو اهم ذريعو زمين هئي، ماڻهن جي ذاتي قبضي ۽ ملڪيت جو دؤر شروع ٿي ويو. طاقتور ۽ هوشيار ماڻهن ۽ قبيلن ڪمزور ۽ اٻوجهه ماڻهن ۽ قبيلن کان زمينون کسي پنهنجي قبضي ۾ وٺڻ شروع ڪيون. هن دؤر ۾ هڪڙو ٻيو غير انساني ادارو قائم ٿي ويو، جنهن کي غلاميءَ وارو ادارو سڏيو وڃي ٿو.

شڪار واري زماني ۾ قبيلن جي پاڻ ۾ دشمني يا جنگ جي ڪري جيڪي قيدي حاصل ٿيندا هئا، تن کي خوراڪ جي کوٽ جي ڪري يا ته ماريو ويندو هو وري بک جي وقت انهن کي ڪُهي ڪاڌو ويندو هو. پر هاڻي ان جي ملي وڃڻ کان پوءِ انهيءَ جي ضرورت نه رهي ۽ قيدين کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو ويو. اهي غلام پوکي ڪري ڏيندا هئا يا وري وڏا وڏا محلات ۽ عبادتگاهه اڏي ڏيندا هئا. مصر جا اهرام ۽ ديوارِ چين جهڙن عجوبن جي اڏاوت جو ڪم به غلامي کان ئي ورتو ويو.

غلام جي ڪا به انساني حيثيت نه هئي. ان کي مالڪ جي ملڪيت ۽ ٻين عام شين وانگر هڪڙو وکر ئي سمجهيو ويندو هو. ان کي قتل ڪري سگهبو هو، وڪڻي سگهبو هو، ان کان سخت محنت ۽ پورهئي وارو ڪم وٺي سگهبو هو ۽ لڱ ڪانداريندڙ اذيتون ڏئي سگهبيون هيون. انساني تهذيب ۽ تمدن سان گڏوگڏ غلاميءَ جو ادارو به پنهنجون پاڙون هٽندو ۽ وڌندو ويجهندو رهيو. مال ملڪيت ۽ شان شوڪت رکڻ وارن ماڻهن پنهنجي اقتدار ۽ دولت ۾ واڌاري جي لاءِ وڌ کان وڌ غلام حاصل ڪرڻ جي لاءِ جنگيون شروع ڪري ڏنيون. انهن جنگين ۾ به غلامن جي ئي فوج کي اڳتي ڪيو ويندو هو. اسلام جي ظاهر ٿيڻ تائين سڀني قومن ۾ غلامي جو رواج هلندو رهيو هو. اسلام انهيءَ اداري کي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته غلام کان فديو وٺي ڪري (جيتري رقم ان سان طئي ٿي وڃي) يا ان تي احسان ڪري ان کي آزاد ڪري ڇڏيو. حضرت عمرؓ ارادو ڪيو هو ته غلاميءَ کي ختم ڪيو وڃي پر کين قتل ڪيو ويو ۽ انقلاب جي دشمن قوتن خلافت جي نبوت واري طريقي جي بدران بادشاهت واري طريقي تي خلافت کي قائم ڪري ڇڏيو جنهن جو مرڪز مديني جي بدران دمشق کي بڻايو ويو. غلاميءَ واري انهيءَ اداري کي ختم ڪرڻ جي سعادت


www.sindhsalamat.com

آمريڪا جي صدر ابراهيم لنڪن کي حاصل ٿي جنهن ڏکڻ آمريڪا سان چئن سالن تائين جنگ ڪري انهيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ آخر ۾ پنهنجي جان کي به جوکي ۾ وجهي ڇڏيو.

*اين سعـــادت بزور بازو نيست*
*تانه بخشد خـــدائے بخشنده*

هابيل کي قابيل ماري ڇڏيو ۽ اتان کان تاريخ جو جيڪو زمانو شروع ٿيو سو قابيل جو زمانو هو ۽ اهو ئي غلاميءَ وارو زمانو اڄ تائين هلندو پيو اچي. انهيءَ زماني ۾ انسان ٻن ٽولن ۾ ورهائجي ويو: يعني مالڪ ۽ غلام، جاگيردار ۽ ڪڙمي، ڪارخانيدار ۽ مزدور انهيءَ طبقاتي ڇڪتاڻ آدم جي بهشت کي بيڪار ڪري ڇڏيو. هاڻي قرآن چيو ته اسان جا نبي سڳورا توهان وٽ ايندا، پوءِ جيڪو انهن جي پيروي ڪندو سو هر قسم جي خوف ۽ ڳڻتي مان ڇوٽڪارو ماڻيندو. سورت قريش خوف کي امن جو ضد سڏيو ۽ ڳڻتي کي بک جي معنيٰ ۾ سڏيو آهي. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته هن زمين واري جنت مان اسان کي انهيءَ شڪل ۾ ميوو مليو جو ان ۾ خوف، ويڙهه جهيڙو، خون خرابو، رهزني، چوري جهڙين بڇڙاين سان گڏوگڏ ڏاڍن تي هيڻن جو غلبو هو. انهي جي اندر خوف سبب انسان جي سچي جي سچي تاريخ رتورت لڳي پئي آهي. ڳڻتي، بک، جهالت، غربت، محڪومي ۽ ٻيون اخلاقي خرابيون ان ڪانسواءِ آهن جيڪي خوف جو آخري نتيجو آهن. سموري انساني تاريخ تي قابيل ڇانيل آهي. جيستائين پيداواري وسيلن (جهڙوڪ زمين، مشين، ڪاٽيون، پيٽرول جا ذخيرا وغيره) تي ڪن ٿورڙن ماڻهن جي ذاتي ملڪيت ۽ ٺيڪيداري ختم نٿي ٿئي ۽ اهي پيداواري وسيلا مزدور ۽ عوام جي قبضي ۾ نٿا اچن، تيستائين تاريخ هابيل جي شرافت، امن، محبت، قومي جذبي ۽ انساني پائيپي جي ترجمان هئڻ بدران قابيل جي ارهه زورائين ۽ ڏاڍائين جي قصن کان وڌيڪ ڪا اهميت حاصل نه ڪري سگهندي. اسان جي دؤر ۾ سائنسي تحقيق سان هاڻي اها ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي ته دولت جي جهجهائي اصل ۾ مزدور جي محنت جي استحصال جو نتيجو آهي.

پيداواري وسيلن تي ڪن ٿورڙن ماڻهن جي قبضي ٿي وڃڻ جي ڪري مزدورن جي هڪ وڏي طبقي، يعني ڪڙمي ۽ مزدوروٽ پنهنجي گذر سفر جي لاءِ رڳو هڪڙي شيءِ آهي ۽ اها هيءَ آهي ته ان جي محنت جي اپت جو هڪ وڏو ڀاڱو پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري ويٺل ٽولو ڦاڙ ڪٽي وڃي ٿو ۽ ڪيس مزوريءَ جي شڪل ۾ ڪي ٿورڙا سڪا ڏئي ڇڏي ڏئي ٿو ته جيئن هو جيئرو


Sindhica Academy, Karachi

رهي ڪري انهيءَ جي دولت ۾ واڌاري جي لاءِ اڃا به محنت ڪندو رهي.

قرآن ٻڌايو آهي ته قابيل تاريخ ۾ ٽن شڪلين: فرعون (حڪمران)، قارون (سرمائيدار) ۽ بلعم باعور يا هامان (مذهبي پيشوا) ۾ وري وري ظاهر ٿئي ٿو.

قرآن تمام ئي چٽيءَ طرح ٻڌائي ڇڏيو آهي

”هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۚ “

”زمين ۾ ان جو سيئي پيداواري شيون سيني انسانن جي لاءِ خلقيون ويون آهن.“ (البقره: 29)

”ڪم“ جي ضمير ۾ سيئي انسان شامل آهن ۽ اهي انهن وسيلن مان استفادو حاصل ڪرڻ جا حقدار آهن. انهن وسيلن تي قبضو ڪري گهڻن کي محروم ڪرڻ وارا قرآن جي نظرن ۾ ”انداد“، ”خناس“ ۽ ”طاغوت“ آهن. مسلمان عالمن بادشاهيت جي اثر ۾ اچي انهيءَ طبقي جي حق ۾ فتويٰ ڏئي ڇڏي ۽ قرآن جي مرضيءَ جي خلاف گهڻائيءَ کي محروم ڪري ڇڏيو. پوءِ انهيءَ محرومي ۽ غربت جي ڪري ئي عوام خدائي قرب کي عبادت ۽ پانهپ جي ذريعي حاصل ڪرڻ کان محروم ٿي ويو جيڪو انهن جي زندگيءَ جو اصل مقصد هو. شاهه ولي الله پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب ”حجة الله البالغ“ ۾ لکيو آهي ته بادشاهه، اشراف ۽ مير وڏيرا پنهنجي عيش آرام واري ساز سامان جي ڏيک ويک لاءِ عوام کان ايترو ته پورهيو ڪرائن ٿا جو اهي گڏهن ۽ ڍڳن ڍورن جي سطح تي اچي وڃن ٿا. ائين اهي انساني مرتبي ۽ آخرت جي اعليٰ علمن ڏانهن ڌيان ڏيڻ کان محروم ٿي وڃن ٿا. ڊاڪٽر خليفو عبدالحڪيم پنهنجي ڪتاب ڪميونزم ۽ اسلام (جيڪو انگريزي ۾ آهي) ۾ هڪ حديث جو حوالو ڏنو آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته اميرن جي عيش عشرت جو سمورو سامان مزدور جي محنت جي استحصال جو نتيجو آهي.

قرآن اهو به ٻڌايو آهي ته نبين سڳورن کي تڪليفون ڏيڻ ۽ قتل ڪرڻ وارو اهو ئي مالدارن ۽ سڪن ۾ پليلن جو ٽولو آهي. ان سان گڏوگڏ اهو به ٻڌايو آهي ته ڪنهن به معاشري ۾ موجود سموريون برايون ۽ بڇڙائيون مالدار طبقي جي ڏاڍ ۽ استحصالي عملن جو نتجيو آهن. جيستائين پيداواري وسيلا عوام جي ملڪيت ۾ نٿا اچن، قتل، قر مار، عصمت فروشي ۽ عصمت جي پائمالي جا واقعا ٿيندا رهندا. نبين سڳورن کان پوءِ سائنسي تحقيق جي بنياد تي انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو روس واري انقلاب جي نتيجي ۾ هڪڙي اشتراڪي (گڏيل ۽ عوامي) رياست جڙي هئي، پر مذهب جي بلڪل ئي رد ڪرڻ جي ڪري اها تباهه ٿي وئي. ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم مديني جي


www.sindhsalamat.com

خلافت کي اشتراڪي جمهوريت سڏيو هو. پر انهيءَ کي به انقلاب جي دشمن قوتن ختم ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ جي جاءِ تي بادشاهت قائم ڪري ڇڏي. انهيءَ ڪري ئي اقبال چيو هو ته مسلمان رڳو ٽيهن سالن تائين انهيءَ جمهوريت کي قائم رکي سگهيا ۽ پاڪستان کي حاصل ڪرڻ جو مقصد اهو ٻڌايو هو ته اسلام تي عربي بادشاهت جي چڙهيل ڪوپي کي ٽوڙيو وڃي، ته جيئن حقيقي اسلام سامهون اچي سگهي، جيڪو نه رڳو نبوي مرضيءَ موجب هوندو پر اهو موجوده دؤر جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي اهليت به رکندڙ هوندو. پر پاڪستان ۾ جاگيردارن ۽ ڪنهن حد تائين ڪارخانيدار طبقي اقتدار تي قبضو ڪري عربي بادشاهت واري ڪوپي کي اجا به وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو ته جيئن حقيقي اسلام ڪڏهن به پنهنجي صورت ڏيکاري نه سگهي ۽ انهن جي جاگيرداري ۽ ڪارخانيداري قائم رهي ۽ محنت جو استحصال جاري رهي. افسوس جهڙي ڳالهه اها آهي ته اڻ ڳڻيل قرآني تفسيرن ۾ ”محنت جي استحصال“ جو ڪٿي به ذڪر نه آهي. ائين ٿو ڏسجي ته مفسرن وٽ محنت جو استحصال ڪو جرم ئي ناهي، اجا به اها ڪا فطري ڳالهه آهي. ائين ئي ارسطو به غلاميءَ کي فطري سڏيو هو.

بهرحال، آدم جي قصي ۾ طبقاتي نوعيت جي تشريح ڪانسواءِ انهيءَ جي معاشرتي اهميت ختم ٿي وڃي ٿي. عيسائي ۽ مسلمان عالمن انهيءَ قصي کي رڳو هڪڙو افسانو ٻڌائي ڇڏيو آهي ۽ آدم جو مطلب آدم جو اولاد نه سمجهيو ويو. جنت کي آسمان تي موجود ڪو باغيچو ۽ خوشين جو گهر سمجهيو ويو جتان الله تعاليٰ آدم کي زمين ڏانهن لاهي ڪڍيو هو. انهيءَ قصي کي تاريخ جي عمل کان جدا ڪري مطالعو ڪرڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو حضرت عيسيٰ جو فرمائڻ ته هو الله تعاليٰ جي بادشاهت کي قائم ڪرڻ جي لاءِ موڪليو ويو آهي، جنهن ۾ مالدارن جو ڪوبه عمل دخل نه هوندو پوءِ پلي سئي جي ناڪڙي مان اٺ ئي ڇونه گذري وڃي، ته انهيءَ جي معنويت نظرانداز ٿي وئي. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته الله تعاليٰ جي بادشاهت ۾ پيداواري وسيلا عوام جي ملڪيت ۾ آهن جن جي لاءِ الله تعاليٰ انهن وسيلن کي پيدا ڪيو آهي.

آدم جي قصي جي غلط تعبير ۽ تفسير جي ڪري سيئي مذهب، ويندي اسلام جي شڪل صورت به بگڙجي وئي آهي. پر مالدار طبقي وٽ مزدور جي محنت جي استحصال جي جواز لاءِ هڪڙو دليل اچي ويو آهي. انهيءَ دليل جي هوندي پيداواري وسيلن تي قابض طبقو پنهنجي ملڪيت ۽ دولت جي جهجهائي


Sindhica Academy, Karachi

جو جواز به پيدا ڪري ٿو ۽ ان کي تحفظ به ڏئي ٿو.

مالدار طبقي رياست ۽ ان جي ادارن کي پنهنجي ملڪيت ۽ دولت جي تحفظ جي لاءِ قائم ڪيو هو. انهيءَ ڪري ئي اهي ادارا (جهڙوڪ فوج، پوليس، ڪامورا شاهي ۽ حڪومت) اڄ تائين رڳو انهيءَ دولت ۽ ملڪيت جي حفاظت جو ئي ڪم ڏئي رهيا آهن.

ڊاڪٽر علي شريعتي چيو آهي ته قرآن سمجهڻ جي لاءِ آدم جي قصي ۽ هابيل ۽ قابيل جي قصي کي صحيح طور تي سمجهڻ تمام ئي ضروري آهي، انهيءَ ڪري مون هتي انهن ٻنهي جي مختصر تشريح ڪري ڇڏي آهي.

## (2) سورت البقره رڪوع 5، 6 ۽ 7، تورات:

اي بني اسرئيل، انهيءَ نعمت کي ياد ڪريو جيڪا مون توهان کي ڏني. توريت تي عمل ڪريو ته الله تعاليٰ پنهنجي واعدي موجب توهان کي غلاميءَ جي خواريءَ مان ڪڍي وٺندو. توريت ۾ پنهنجي خواهشن جي ڳالهين کي نه ملايو. صبر ۽ نماز سان مدد حاصل ڪريو.

الله تعاليٰ توهان کي فرعون جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڏياريو. موسيٰؑ کي الله تعاليٰ جي طرف کان اهو ئي حڪم هو ته الله تعاليٰ جي ٻانهپ اختيار ڪريو ۽ انسان (فرعون) جي ٻانهپ نه ڪريو. توهان کي دنيا جي قومن تي فضيلت ڏنائين، توهان کي سمنڊ (نيل درياءَ) چيري پار اڪارايائين ۽ فرعون ۽ ان جي لشڪر کي ٻوڙي ڇڏيائين. اسان موسيٰؑ کي ڪتاب ڏنو ته جيئن توهان هدايت واري واٽ وٺي هلو. توهان کي من ۽ سلويٰ عطا ڪيوسون، پوءِ اسان توهان کي چيو ته هن وسندي ۾ جتان وڻيو اتان کائو، پر توهان پوءِ به نافرماني ڪئي. توهان جي هر ڪنهن قبيلي جي لاءِ پٿر منجهان پاڻي جا چشما ڪڍيا سون. اسان حڪم ڏنو هو ته جيڪو به ڪو نبي يا سڌارڪ اچي، ان جي ڳالهين تي عمل ڪجو، پر توهان الٽو انهن کي ڪُهڻ شروع، ان جو نتيجو اهو نڪتو جو توهان وري وري غلاميءَ جي خواريءَ ۾ ڦاسي پيا ۽ غلاميءَ جو نتيجو خواري، غربت ۽ مسڪيني هوندو آهي. اهو ئي الله تعاليٰ جو ڏمر آهي.

## (3) سورت البقره رڪوع 8، اسلام جي عالمگير تعليم:

هن رڪوع ۾ اسلام جي عالمگير تعليم جو ذڪر آهي ته جيئن يهودي پنهنجي اصلاح ڪري وٺن.

پلي ڪوبه يهودي هجي يا عيسائي، صابي (آريائي) هجي يا رسول


www.sindhsalamat.com

عربي ﷺ کي مڃيندڙ هجي، اهي سڀئي جيڪڏهن الله تعاليٰ تي ايمان رکندڙ آهن ۽ آخرت جي ڏينهن کي به مڃين ٿا ۽ نيڪيءَ وارا عمل ڪن ٿا ته انهن جو پالڻهار انهن کي ضرور بدلو ڏيندو ۽ اهي خوف ۽ ڳڻتي مان ڇوٽڪارو ماڻيندا.

يهوديو! توهان ڳائي جي پوڄا شروع ڪري ڏني. مصر ۾ غلاميءَ واري زندگي توهان کي نه رڳو فرعون پر عزيرؑ جي پوڄا به سيکاري ڇڏي هئي. توهان ڳئون کي به اجاين بحثن ۾ ٽال مٽول کان پوءِ وڃي ڪٺو هو.

## محمدي حڪومت جو يهودين سان معاهدو (ميثاقِ مدينه):

يهودين قرآن جي انهيءَ تنقيد جي مخالفت نه ڪئي، اجا به جڏهن ڏٺو ته اوس ۽ خزرج وارن جي پاڻ ۾ ويڙهه جهيڙو ختم ٿي ويو آهي ته انهن به رسول الله ﷺ جن سان دوستيءَ لاءِ خواهش ظاهر ڪئي ۽ هڪڙو معاهدو تيار ٿي ويو. انهيءَ معاهدي جو آخري فقرو تمام ئي اهم آهي، جنهن مطابق پاڻ ڪريم ﷺ جن هڪ اهڙي امت (Nation) جا قاضي، حڪم ۽ امير سڏيا ويا جنهن ۾ خدا پرست مسلمان ۽ خدا پرست يهودي دفاعي مقصد جي لاءِ گڏجي پيا هئا. انهيءَ معاهدي کي مديني جي اوسي پاسي ۾ رهندڙ قبيلن سان به لاڳو ڪيو ويو ته اهي سڀئي هڪڙي سياسي مقصد جي لاءِ هڪڙي امت بڻجي پيا.

## معاهدي جو تَتُ:

1. مهاجر ۽ انصاري ۽ انهن سان گڏجي جهاد ڪندڙ سڀئي ماڻهو هڪڙي متحد امت آهن.
2. بني عوف جا يهودي به مؤمنن سان گڏجي هڪڙي امت بڻجي پيا. يهودين کي مڪمل مذهبي آزادي هوندي. (ته پنهنجي دين تي توريت جي روشنيءَ ۾ عمل ڪن).
3. هن معاهدي ۾ شامل قبيلي سان جيڪڏهن ڪو جنگ ڪندو ته سڀئي قبيلا هڪ ٻئي جي مدد ڪندا ۽ هڪٻئي جي خراب ۽ بڇڙائين ۾ مدد نه ڪندا. معاهدي ۾ شامل قبيلن مان ڪو به هڪ ٻئي جي مخالفت نه ڪندو.
4. انفاق يعني جيستائين ڪا به جنگ جاري رهندي، جنگي خرچن ۾ ٻئي برابر جا شريڪ هوندا.
5. خون بها ۽ فديي جو طريقو جيڪو پهريان کان هلندڙ هو، اڳتي به



ساڳيو ئي رهندو.
6. معاهدي ۾ شامل هر هڪ ڌر جو اهو فرض هوندو ته اها مظلومن جي مدد ڪندي (وانّ النصر للمظلوم) ۽ معاهدي ۾ شامل ڌرين جي مددگارن کي به پاڻ وانگر سمجهندو.(ان الجار کالنفس غير مضار ولااثم) . باقي ڪابه ڌر قريش کي پناهه نه ڏيندي.
7. معاهدي ۾ شامل ڌرين تي يثرب (مديني) ۾ ڪنهن جو خون وهائڻ ۽ ڦرمار حرام هوندي.
8. جيڪڏهن معاهدي ۾ شامل ڌرين ۾ ڪنهن ڳالهه تي جهيڙو ٿي پوي ۽ ڳالهه چڙهي وڃي ۽ فساد جو خطرو پيدا ٿي پوي ته انهيءَ جو فيصلو الله تعاليٰ جي حڪم موجب محمد رسول الله ﷺ ڪندا. (فردوه الي الله و الرسول)

ميثاقِ مدينه هڪ اهڙي پيڙهه هئي جنهن تي مختلف مذهبن جا پيروڪار پاڻ ۾ گڏجي هڪ عالمي حڪومت قائم ڪري سگهن ٿا. يورپ وارن ته متحد انسانيت جي جوڙجڪ مان مذهب کي ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪري ڇڏيو، پر اهي انهيءَ هوندي به ڪامياب نه ٿي سگهيا، ڇو ته مذهبن جي گروهه بندي ۽ نئين شڪل ڏيڻ جي ڪري پيدا ٿيندڙ اختلافن انساني اتحاد جي امڪانن کي ختم ڪري ڇڏيو. پر اسان ڏسون ٿا ته مديني واري ميثاق ۾ مذهبي اختلاف سان ڪابه ڇيڙ ڇاڙ نه ڪئي وئي، اجا به ان کي جيئن جو تيئن قائم رکندي امن، محبت ۽ پائيبندي وارن مقصدن تي گڏجي پوڻ لاءِ اتساهيو ويو. مسلمانن پنهنجي سچي تاريخ ۾ مديني واري ميثاق جي مثال مان تمام ئي گهٽ فائدو ورتو. عالمي حڪومت ۽ انساني وحدت جي جوڙجڪ جي لاءِ ڪنهن به قسم جي ڪوشش نه ڪئي وئي، جڏهن ته اهو ئي ختم نبوت جو مقصد هو.

## مشرڪ قبيلن سان معاهدا:

رسول الله ﷺ جن پاڻ هلي وڃي بنو خمره وارن سان دفاعي معاهدو ڪري ورتو ۽ 2 هجري جي جمادي الثاني ۾ بنو مدلج وارن سان به اهڙي ئي قسم جو معاهدو ڪري ورتو. اهي معاهدا قريشن جي واپار تي ڪاپاري ڌڪ هئا، ڇو ته انهن جا واپاري قافلا انهن ئي قبيلن وٽان لنگهي شام ڏانهن واپار لاءِ ايندا ويندا هئا. معاهدي جا شرط هي هئا:

1. بنو خمره (بنو مدلج) وارن کي محمد رسول الله ﷺ جي طرف کان جان ۽ مال جي امان ڏني وئي ۽ جيڪڏهن ڪو به انهن تي حملو ڪندو ته انهن جي مدد ڪئي ويندي. باقي جيڪڏهن اهي ماڻهو الله تعاليٰ جي


www.sindhsalamat.com
Sindhica Academy, Karachi

دين جي مقابلي ۾ وڌندا ته پوءِ اهو معاهدو ختم ٿي ويندو.
2. نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن به مدد لاءِ سڏيندا ته ڪين اچڻو پوندو.

## عاشوري جو روزو:

جهڙي طرح رسول الله ﷺ مڪي ۾ حبش وارن اهل ڪتاب عيسائين ڪي توحيد ڏانهن سڏڻ جي لاءِ رحمان ڪي مڃيو هو ته رحمان اسان جو خدا آهي ۽ ان جا سنا نالا هر ڪنهن قوم جي ٻوليءَ ۾ موجود آهن، ائين ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني ۾ اهل ڪتاب يهودين ڏانهن قرآني پيغام موڪلڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا ۽ ٻڌايو هو ته انهن سيني نبين جي حڪمن (توريت) ڪي، جن ڪي يهودي سچو مڃين ٿا مان به سچو مڃيان ٿو.

پاڻ انهيءَ تي ئي بس نه ڪيائون ته مسلمان يهودين جي قبلي بيت المقدس ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ لڳا هئا. اجا به جڏهن پاڻ ڏٺائون ته يهودي فرعون جي غلاميءَ مان ڇوٽڪاري جي خوشيءَ ۾ عاشوري جو روزو رکن ٿا ته پاڻ به انهن جي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ انهيءَ ڏينهن جو روزو رکيو. اهو عاشوري جو ڏينهن 10 محرم سن 2 ھ مطابق 18 اپريل 623ع هو.

فلسطيني يهودين جو نئون سال نيسال جي مهيني کان شروع ٿيندو هو. (خروج 2:12) اهو وقت مارچ ۽ اپريل جو وچ هوندو آهي. انهيءَ زماني ۾ يهودين جي عيد فسح 14 نيسال کان 21 نيسال تائين هوندي آهي. انهن ئي ڏينهن ۾ يهودين کي فرعون جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو مليو هو.

## روزي جو فرض ٿيڻ:

انهيءَ عيد فسح جي ڏڻ ۾ حضرت عيسيٰؑ يروشلم آيو ۽ يهودين ڪيس سوريءَ (صليب) تي چاڙهڻ جي سازش ڪئي، پر الله تعاليٰ ڪيس پاڻ ڏانهن کڻي ورتو. انهيءَ زماني ۾ عيسائي ايسٽر[1] جو ڏينهن ملهائيندا آهن ۽ ٻيهر هميشه واري زندگيءَ جي خوشخبري ماڻهن کي ٻڌائيندا آهن.

مسلمانن تي قبلي جي تبديليءَ کان پوءِ هن مهيني ۾ روزا فرض ڪيا ويا جنهن ۾ عيسائي مسيحؑ جي پيدائش جا روزا رکندا هئا. اهو عيسائي مهينو ڊسمبر ۽ رمضان جو مهينو سدائين ويجهو هوندا هئا. اجا تائين هجري چنڊ جو مهينو جاري نه ٿيو هو. اهو نبي ڪريم ﷺ جي وفات کان پوءِ جاري ٿيو.

[1] عيسائين جي عقيدي موجب حضرت عيسيٰؑ جي قبر مان اٿڻ جو ڏينهن جيڪو 21 مارچ يا ان کان پوءِ اچڻ واري آچر جي ڏينهن ملهايو ويندو آهي.


Sindhica Academy, Karachi

اهو سيڪجھ خدا پرست يهودين ۽ عيسائين سان گڏجي خدا پرستن جي گڏيل قوت کي هٿي ونائڻ جي هڪ ڪوشش هئي، ته جيئن بت پرست مشرڪن کي توحيد ڏانهن آماده ڪري سگهجي ۽ صحيح معنيٰ ۾ انساني وحدت قائم ٿي سگهي.

**مديني جي منافقن سان مڪي جي مشرڪن جي ڳٽ جوڙ:** جهڙي ريت حبش جي مهاجرن کي قريشن پريشان ڪيو هو، تيئن هاڻي هنن مديني ڏانهن هجرت ڪري ويندڙن کي متحد ۽ سگهارو ٿيڻ کان روڪڻ جي لاءِ مديني جي منافقن سان به ڳٽ جوڙ شروع ڪري ڏني.

اوس ۽ خزرج جا ڪجھ آسودا ماڻهو مديني جا سردار ۽ بادشاهه بڻيل هئا جن جو اڳواڻ عبدالله بن ابي سلول هو. ماڻهن ان کي رسمي طرح پڳ ٻڌائڻ جون تياريون به ڪري ڇڏيون هيون، پر مسلمانن ۽ نبي ڪريم ﷺ جي مديني اچڻ سان ان جو اهو خواب اڌورو رهجي ويو. انهيءَ ڪري هو پاڻ ۽ ان جا پوئلڳ ظاهر ۾ ته مسلمان هئا، پر دل ئي دل ۾ مسلمانن ۽ اسلام لاءِ دشمني ۽ ڪيني جا جذبا رکندا هئا.

## (4) سورت البقره رڪوع 2، 4:

سورت بقره جي ٻئي رڪوع ۾ انهن منافقن جو ذڪر ڪيو ويو آهي ته اهي ماڻهو ظاهر ۾ ته الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃن ٿا پر انهن جي دلين ۾ ساڙ ۽ حسد جي بيماري آهي، انهيءَ ڪري اهي حقيقت ۾ مسلمان نه آهن.

## قريشن جي ڌمڪي:

انهن منافقن کي قريشن لکيو ته توهان اسان جي ماڻهو کي پاڻ وٽ پناهه ڏني آهي. جيڪڏهن توهان ان کي پاڻ وٽان نيڪالي نه ڏني ته اسان توهان کي چتاءُ ٿا ڏيون ته اسان اوچتو حملو ڪري توهان جي مردن کي ماري ڇڏينداسين ۽ توهان جي زائفن کي ٻانهيون ڪري پاڻ سان وٺي وينداسين.

## رسول الله ﷺ جي تقرير:

قريشن جي ڌمڪين کي ليکي ۾ آڻيندي منافقن هڪڙي گڏجاڻي ڪئي جنهن جي رسول الله ﷺ کي خبر پئجي وئي. پاڻ ڪريم ﷺ انهن کي فرمايو ته توهان جي ٽن مائٽن جي وڏي ٽولي مسلمان ٿي وئي آهي، انهيءَ ڪري مسلمانن کي مارڻ جو مطلب اهو ٿيو ته توهان پنهنجن ئي ٽن مائٽن کي


www.sindhsalamat.com

ماريندؤ. جيڪڏهن قريشن حملو ڪيو ٻه ته مهاجر ۽ انصاري توهان جو ساٿ ڏيندا ۽ اسان جو ميثاق قائم رهندو. اهو ٻڌي سيئي ماڻهو ٽڙي پکڙي ويا ۽ عبدالله بن ابي نامراد ٿيو.

## عياش جو اغوا ٿي وڃڻ:

ابوجهل پنهنجي ويڳي ڀاءُ عياش کي هُشي ڏئي پاڻ سان گڏ مڪي وڃڻ تي آماده ڪري ورتو. رستي ۾ ان جا هٿ پير ٻڌائين ۽ مڪي ۾ وٺي وڃي قيد ڪري ڇڏيائينس. انهيءَ مان معلوم ٿيو ته مڪي جا مشرڪ بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي مديني ۾ ايندا هئا ۽ لڄائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، ڇو جو مهاجر اڃا ڪمزور هئا جڏهن ته ٻئي پاسي انصارن سان جيڪا بيعت ٿيل هئي سا مديني جي حدن اندر حفاظت جي لاءِ هئي.

## رسول الله ﷺ امير العالمين جي حيثيت ۾:

انهيءَ زماني ۾ حضرت سعد بن زراره گذاري ويو. انهيءَ ماڻهو سڀ کان پهرين عقبه ۾ بيعت ڪئي هئي ۽ هن ئي مديني ۾ جمعي جي نماز قائم ڪئي هئي. پاڻ بنو نجار قبيلي مان هو ۽ رشتي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جو مامو هو. ان جي گذاري وڃڻ کان پوءِ اهو بحث شروع ٿيو ته هاڻي قبيلي جو سردار ڪير ٿيندو؟ پاڻ ڪريم ﷺ جن انهيءَ جهيڙي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ پاڻ ئي قبيلي جا سردار بڻجي ويا جنهن تي سيئي هڪ ٿي ويا. هاڻي پاڻ نه رڳو مهاجرن، پر انصارن جا به سردار بڻجي پيا هئا ۽ يهودين سان معاهدي جي لحاظ کان سڀني قومن جا سردار يعني امير العالمين بڻجي ويا.

## طالوت جي قصي ۾ خوني ويڙه جو ذڪر:

مديني ۾ ڪجهي طرح سان مدافعتي ڪارروايون شروع ڪيون ويون هيون. پاڻ ڪريم ﷺ کي خبر هئي ته قريش، انصاري ۽ يهودي سيئي واپاري قسم جا ماڻهو آهن، اهي ڪنهن وڏي پئماني جي جنگ ۽ انهن جي اصولن کان اڻڄاڻ آهن. انهيءَ ڪري پاڻ مهاجرن کي ننڍين ننڍين جماعتن جي شڪل ۾ جنگي مشقون ڪرائڻ جو ارادو ڪيائون ۽ پلائي انهيءَ ۾ سمجهي وئي ته هينئر خوني ويڙهه جو حڪم نه ڏنو ويو. سورت الحج جي آيت "اُذِنَ لِلَّذِيۡنَ يُقٰتَلُوۡنَ بِاَنَّهُمۡ ظُلِمُوۡا ؕ" ۽ بقره جي 24 رڪوع جي آيت "وَقَاتِلُوۡا فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ" خوني ويڙهه بابت پهرين آيت نه آهي. اهڙي طرح سورت توبه جي اٺين رڪوع جي آيت "


Sindhica Academy, Karachi

اَلَا تُقَاتِلُوۡنَ قَوۡمًا نَّكَثُوۡۤا اَيۡمَانَهُمۡ " به خوني ويڙهه بابت پهرين آيت نٿي ٿي سگهي.

انهيءَ باري ۾ ذهني تربيت جي لاءِ قرآن ڪريم طالوت ۽ جالوت جي قصي ۾ خوني ويڙهه جو ذڪر ڪيو. مهاجرن کي ٻڌايو ويو ته هن کان اڳ به بني اسرائيل جي ماڻهن کي سندن وطن مان لوڏيو ويو هو. پر جيستائين اهي ويڙهه ۽ موت کان ڊڄندا رهيا، ڪجهه به ڪري نه سگهيا. تنهن ڪري الله تعاليٰ هڪڙي غريب، پر بهادر ماڻهو طالوت کي انهن جو سردار مقرر ڪري ڇڏيو. علم، عقلمندي ۽ بهادري، جيڪي دولت کان وڌيڪ پليون وٽون هونديون آهن، سي الله تعاليٰ طالوت کي عطا ڪيون هيون. هن بک اڃ تي ميلن جا ميل پنڌ ڪري پنهنجي جنگي اهليت کي ثابت ڪري ڇڏيو. آخر ڪار ائين هن تابوتِ سڪينه حاصل ڪري ورتو.

انهيءَ قصي سان ثابت ڪيو ويو آهي ته رسول الله ﷺ کان وڌيڪ ڪنهن به ماڻهوءَ ۾ سردار بڻجڻ جي صلاحيت نه آهي ۽ نه ئي ڪو ٻيو گم ٿي ويل تابوت (مڪي) کي هٿ ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ڪري هتي دولت جي نه پر عقل ۽ علم جي ضرورت هوندي آهي.

هن قصي ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته صبر ۽ ثابت قدمي سانِ مٺ جيترا ماڻهو به ماڻهن جي ڪنهن وڏي لشڪر تي سوپارا ٿي ويندا آهن. (كَمۡ مِّنۡ فِئَةٍ قَلِيۡلَةٍ غَلَبَتۡ فِئَةً كَثِيۡرَةًۢ بِاِذۡنِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيۡنَ) ڪڏهن ڪا ننڍڙي ٽولي ڪنهن وڏي لشڪر تي سوپاري ٿي ويندي آهي (اهو سڀ ڪجهه الله تعاليٰ جي حڪم سان ٿيندو آهي ۽ الله تعاليٰ صبر وارن (۽ همت کان ڪم وٺندڙن) سان گڏ آهي.

مطلب ته مرده قومون بهادري ۽ جاني توڙي مالي جهاد سان ئي جيئريون ٿي سگهن ٿيون. اهو صبر ۽ بهادري ئي الله جون فوجون آهن. هاڻي رسول الله ﷺ قريش جي واپاري گهٽن گهيرن کي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو ۽ جٿا موڪلڻ شروع ڪيا. انهن جٿن جي اڳواٽي بنو هاشم ۽ بنو مطلب وارن وٽ هوندي هئي. انهن جٿن مان، جن ۾ نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجو پاڻ شامل ٿيندا هئا، ان کي غزوه سڏيو ويندو هو ۽ جنهن ۾ ٻيو ڪنهن کي اڳواٽي ڏيندا هئا ته ان کي سريو سڏيو ويندو هو. اها جنگي مشق ڪرائڻ جو هڪڙو طريقو هو، ڇو ته انهن مهمن جو مقصد ڪنهن به قسم جي خوني ويڙهه نه هوندو هو: انهن جي نوعيت دفاعي هوندي هئي.


www.sindhsalamat.com

## جنگ جو قديم طريقو:

اڄوڪي دؤر ۾ جنگيون مهينن، اڃا بہ سالن تائين جاري رهن ٿيون جنهن جي نتيجي ۾ قومون تباهہ ٿي وڃن ٿيون. ڪي تہ جنگ ڪان پوءِ سخت مالي بحران جي ڪري بہ ختم ٿي وڃن ٿيون. جنگ جو قديم طريقو جديد جنگ جي طريقي ڪان بلڪل جدا هو.

قديم زماني ۾ ڪنهن ڪليل ميدان تي رڳو هڪڙو ڏينهن ويڙهہ هلندي هئي ۽ شام تائين انهيءَ جو فيصلو ٿي ويندو هو. جيڪي ماڻهو هار مڃڻ جي لاءِ تيار نہ هوندا هئا سي قلعي ۾ ويهي مهينن تائين پيا وڙهندا هئا. پر اها ويڙهہ شهرن ۾ ٿيندي هئي، ڳوٺن ۾ نہ ٿيندي هئي. يا وري شهري ديوتائن جي نالن تي ويڙهہ ٿيندي هئي.

عربن جو بہ اهو ئي اصول هو. گهوڙي تي سوار ٿي نيزن ۽ تلوارن سان وڙهندا هئا. پيادل فوجي پهريان تير ڇٽيندا هئا جنهن ڪان پوءِ ٻنهي فوجن ۾ هڪٻئي سان خوني ويڙهہ شروع ٿي ويندي هئي. انهيءَ ۾ زرهون بہ پهريون وينديون هيون، هر سپاهي پنهنجو جنگي سامان ۽ ڪاڌو خوراڪ پاڻ سان گڏ کڻي هلندو هو. دشمن ڪان ڦريل مال ۽ قيد ڪيل غلامن کي بہ پاڻ ئي سنڀالڻو پوندو هو. غنيمت جي مال ۽ غلامن جو چوٿون حصو فوج جي سردار کي ملندو هو.

اهڙي ويڙهہ ۾ جيڪڏهن ڪي ٿورڙا پر چڱي سکيا ورتل ماڻهو صبر ۽ ثابت قدمي سان ۽ موت جي اکين ۾ اکيون وجهي بي ڊپا ٿي وڙهندا هئا تہ سوڀ پڪ سان ٿي ويندي هئي. فوجي جرنيل جي لاءِ ضروري هوندو هو تہ اهو دشمن جي چالن ڪان چڱيءَ طرح خبردار هجي ۽ پنهنجي فوج جي همٿ ٻڌائڻ جا گُر بہ ڄاڻيندو هجي.

رسول الله ﷺ جي ڪاميابيءَ جو راز اهو ئي هو تہ پاڻ پنهنجي جنگي چالن کي منافقن، يهودين ويندي پنهنجن ڪان بہ ڳجهو رکندا هئا. جيڪي ماڻهو اڳاٽين جنگين کي موجوده دؤر وارين جنگين جي روشنيءَ ۾ ڏسن ٿا، سي غلط فهمي جو شڪار ٿي وڃن ٿا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي مدافعانہ ڪوشش کي جنگ جو نالو ڏئي ڇڏين ٿا. اِهي اُهو نٿا ڏسن تہ مسلمانن جي فوج ۾ ڪوبہ غلام نہ هوندو هو: جڏهن تہ رومي، ايراني ۽ ٻيون قومون غلامن جي ذريعي ئي ٻين کي غلام بڻائينديون هيون جنهن ڪري ڪيترين قومن کي تہ ناڪامي بہ پلئہ پوندي هئي.


Sindhica Academy, Karachi

مديني وارن سان مڪي وارا ۽ عرب قبيلن جا ماڻهو ڏهن سالن تائين وڙهندا رهيا. انهن سيني معرڪن ۾ رڳو بدر، مريسيع، احزاب، خيبر، حنين ۽ طائف وارن معرڪن ۾ ئي خوني ويڙهہ ٿي. انهن ڏهن سالن ۾ ستاويهہ غزوا ۽ ستيتاليهہ سريا هئا.

1. **حضرت حمزهؓ وارو سريو:** اهو سريو هجرت جي ستين مهيني جنگي مشق جي طور تي شروع ٿيو. ائين جنگ بدر ڪان پهريان ٿي سريا موڪليا ويا. پاڻ ڪريم ﷺ جن اڇي رنگ جو جهنڊو ٺاهي پنهنجي مبارڪ هٿن سان نيزي ۾ ٻڌي حضرت حمزو کي قريشن جي واپاري قافلي کي روڪڻ لاءِ روانو ڪن ٿا. سمنڊ جي ويجهو سيف البحر وٽ ابوجهل جي ٽي سئو ماڻهن تي ٻڌل قافلو نظر اچي ٿو. مقابلي جي لاءِ رڳو ٽيهہ مهاجر صفبندي ڪن ٿا. پر مجدي بن عمرو جهني جي ڪوشش سان ڳالهہ آئي وئي ٿي وڃي ٿي.
2. **حضرت عبيده المطلبي وارو سريو:** شوال ١ هجري ۾ ٽيهن مهاجرن جو جٿو حضرت عبيدهؓ جي اڳواڻي ۾ روانو ڪن ٿا. انهن کي بطن رابغ ۾ قريشن جي ٻہ سئو ماڻهن جو قافلو نظر اچي ٿو. تير اندازي ٿئي ٿي. حضرت سعدؓ تير سان گهائجي پون ٿا پر صفبندي ٿي تلوار نٿي هلي.
3. **حضرت سعد وارو سريو:** ذيقعده ١ هہ ۾ ويهہ مهاجر جنگي مشق جي لاءِ روانو ٿين ٿا. حڪم ڏنو ويو تہ خرار (مديني جي ويجهو هڪڙي ماٿري) ڪان اڳتي نہ وڃن. اتي پهچڻ تي خبر پئي ٿي تہ قريش جو قافلو هڪ ڏينهن پهريان لنگهي ويو آهي. ذيقعده مهيني ۾ جيئن تہ جنگ حرام هئي انهيءَ ڪري حڪم مليل هو تہ جنگ نہ ڪئي ويندي. قريشن جي قافلي وٽان بنا تلوار هلائڻ جي لنگهي وڃڻو هو.
4. **عام القتال 2هہ ١٨ اپريل 623ع:** بدر واري ويڙهہ ۾ عام تلوار هلي انهيءَ ڪري انهيءَ سال کي عام القتال يعني خوني ويڙهہ وارو سال چون ٿا.
5. **مسجد نبوي جو جمعو، سورت جمعہ رڪوع ٻيو:** صفر 2 هہ ۾ مسجد نبوي تيار ٿي وئي ۽ انهيءَ ۾ باقاعدي نمازون ٿيڻ لڳيون. جمعي جي ڏينهن رسول الله ﷺ جن نماز ڪان پهريان هڪڙو خطبو ڏيندا هئا، جنهن ۾ قرآن جي مختلف حصن مان پڙهي ٻڌائيندا هئا ۽ گذريل واقعن تي تبصرو ڪندا ۽ آئينده جي لاءِ حڪمت عملي بابت ٻڌائيندا هئا. هن وقت تائين يهودين جي مخالفت شروع نہ ٿي هئي انهيءَ ڪري سورت جمعہ جو پهريون رڪوع نازل نہ ٿيو هو. ٻئي رڪوع ۾ ٻڌايو ويو


www.sindhsalamat.com

ته ٻانگ جو آواز ٻڌڻ شرط پنهنجا ڪاروبار ڇڏي مسجد ۾ اچي وڃو. نماز ڪان پوءِ ڀلي پنهنجي ڪاروبار ۾ لڳي وڃو.

## ٻانگ:

مختلف قومن ۾ ماڻهن کي عبادت جي مقصد سان سڏڻ جا مختلف طريقا رواج ۾ هئا. ڪٿي گهنڊ وڄايو ويندو هو ته ڪٿي توتاڙو وڄايو ويندو هو. حضرت عمرؓ جي مشوري کي پاڻ ڪريم ﷺ جن پسند فرمايو ۽ نماز جي لاءِ ٻانگ شروع ٿي وئي.

## پاڻ ڪريم ﷺ جي جنگي حڪمت عملي:

انهيءَ زماني ۾ قريشن يهودين سان ڳٽ جوڙ ڪري ورتو ۽ يهودي مسلمانن جي جنگي تيارين ۽ منصوبن جي باري ۾ قريشن کي خبرون پهچائڻ لڳا. پاڻ ﷺ به پنهنجي جنگي منصوبن کي ڳجهو رکندا هئا ۽ حڪمت عملي اها اختيار ڪندا هئا ته جيڪڏهن اولهه واري پاسي وڃڻو هوندو هو ته پاڻ شروع ۾ اوڀر پاسي هلڻ لڳندا هئا ۽ لشڪر کي گهمائي ڦيرائي پنهنجي منزل تي پهچائيندا هئا. هڪ پاسي يهودي هئا ۽ ٻئي پاسي منافق. مشرڪن ۽ پڻ ناتجربيڪار مهاجرن به انهيءَ صورتحال ۾ ڏکيائي پيدا ڪري ڇڏي هئي. صفر 2 ھ ۾ قريشن مسلمانن کي ٻيهر ڌمڪي ڏني ته اسان توهان کي ناس ڪري ڇڏينداسين.

## غزوه ودان— معاهدو بنو خمرهؓ:

هاڻي رسول الله ﷺ جن پنهنجي سر پاڻ اسي مهاجرن سان گڏجي ابواء يا ودان تائين ويا. قريشن جو واپاري قافلو نه مليو. اهو پندرنهن ڏينهن جو سفر هو. مديني مان نڪرڻ وقت پاڻ سعد بن عباده کي پنهنجو جانشين مقرر ڪري مديني جا معاملا ان جي حوالي ڪري ڇڏيا. ودان جي ويجهو بنو خمره وارن سان دفاعي معاهدو ڪيو ويو. انهيءَ معاهدي ۾ بنو خمره وارن کي انهيءَ جي ڪري برابر جو ڀائيوار ڪيو ويو جو اهي مشرڪ هئڻ جي باوجود به مسلمانن تي حملو ڪرڻ وارن سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويا هئا.

## ٻواط وارو غزوو ۽ معاهدو:

ربيع الاول 2 ھ ۾ ٻه سئو مهاجرن سان گڏ پاڻ ڪريم ﷺ ٻواط ڏانهن ويا. اميه بن خلف جي ٻه سئو ماڻهن ۽ اڍائي هزار اٺن وارو قافلو ڪٿي به نه ملي


Sindhica Academy, Karachi

سگهيو، پر ٻواط جي رهاڪن کي جنگ جي صورت ۾ هڪٻئي جي مدد واري معاهدي ۾ شامل ڪري ورتائون.

## ڪرز وارو حملو:

انهيءَ ئي مهيني ۾ ڪرز بن جابر فهري مديني جي چراگاهن تي حملو ڪيو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي ڪيترن ئي جانور کي هڪلي وٺي ويو. انهيءَ حملي جي خبر ملندي ئي پاڻ ڪريم ﷺ زيد بن محمدؓ کي پنهنجو جانشين بڻائي ۽ حضرت عليؓ کي مهاجرن جو سالار ڪري ڪرز جي پويان لڳي پيا، پر هو ڀڄي ويو.

## انفاق يا جنگي چندو:

دنيا خوف ۽ بک ۾ گهيريل هئي، پر انهن کي خوف ۽ بک کان بچائڻ وارو ڪو به نه هو. رڳو مسلمانن جي جماعت هئي جيڪا پنهنجي پريشاني ۽ بي سروساماني جي باوجود پنهنجو پاڻ کي ۽ پاڻ سان گڏ سڄي دنيا کي انهيءَ مصيبت مان ڪڍڻ جو پختو ارادو رکي پئي. هن جماعت وٽ ذهني غلامي ۽ معاشي بک کان آزادي حاصل ڪرڻ جو نالو ”دينِ حق“ ۽ ان مان ڇوٽڪارو (ڀلائي) هو. انهيءَ جماعت جي امام ﷺ پهريان مديني ۾، پوءِ مديني جي اوسي پاسي هڪڙو دفاعي محاذ جوڙي ورتو. ان ڪان پوءِ الله تعاليٰ جي فوج جي لاءِ چندو گڏ ڪرڻ شروع ڪيو جنهن کي قرآني اصطلاح ۾ انفاق چيو وڃي ٿو.

## سورت البقره 24 رڪوع، دنيا کي ظلم کان بچايو:

مسلمانؤ! ڪافرن جي ظلم کان دنيا کي بچايو. انهيءَ ۾ ڏاڍ ۽ زور زبردستي جو ڪو به دخل نه آهي. جو ته اهو دين جو معاملو آهي. الله جو دوست بڻجڻ جو اهو ئي طريقو آهي.

## سورت البقره 35 رڪوع:

الله تعاليٰ جو قانون اٽل آهي. اهوئي قومن کي جيئرو رکي ٿو . جهڙي طرح الله تعاليٰ جي قانون موجب سج اوڀر کان ابري ٿو ۽ ڪو به ان کي اولهه کان نٿو اڀاري سگهي، ائين ئي الله تعاليٰ جي قانون موجب زنده قومون مرده ۽ مرده قومون زنده ٿي پونديون آهن. الله تعاليٰ ئي آهي جيڪو مردن کي زندگي عطا ڪري ٿو.


www.sindhsalamat.com

## سورت البقره 36 رڪوع:

خيرات نفعي جي خيال سان نہ ڪريو. انفاق حقيقت ۾ خوف ۾ گهٽتي ڪان بچائيندو آهي. پر نفعي جي لالچ سان نہ تہ صدقو ڪريو ۽ نہ ئي ڪنهن تي ٿورو ٿڦيو. ٻي صورت ۾ الله ۽ قيامت ڪي مڃڻ ڪانسواءِ جيڪو صدقو رڳو ڏيکاءَ لاءِ ڏنو ويندو آهي، سو ڪجهہ بہ فائدو نہ ڏيندو ۽ ان مان ڪو بہ لاڀ حاصل نہ ٿيندو.

## سورت البقره 37 رڪوع:

صدقو انهن ماڻهن تي خرچ ڪرڻو آهي جيڪي اصحاب صفہ وانگر پنهنجو وقت قوم جي ڀلائيءَ لاءِ خرچ ڪن ٿا ۽ واپار نتا ڪري سگهن ۽ نہ انهن جي غيرت ڪين ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻ جي اجازت ڏئي ٿي. جيڪو ڪجهہ بہ خرچ ڪيو وڃي سو نيڪيءَ جي رستي ۾ ڪيو وڃي نہ ڪہ شيطاني راهہ ۾. اڄ جي اصطلاح ۾ انهيءَ کي ڪل وقتي رضاڪار سڏيو وڃي ٿو.

## شفاعت جو مسئلو:

شفاعت جي مسئلي بابت مختلف قومن ۾ مختلف خيال هئا. يهودي سمجهندا هئا تہ اهي الله تعاليٰ وٽ وڏي مان وارا ٻانها (الله جا پٽ) آهن، پوءِ جيڪڏهن جهنم ۾ ويا بہ تہ ڪن ٿورڙن ڏينهن لاءِ ويندا، ان ڪان پوءِ انهن کي هميشہ واري جنت ملي ويندي.

عيسائين جو خيال اهو هو تہ عيسيٰ کي آدم جي اولاد جي گناهن جي بدلي الله تعاليٰ سوريءَ تي چاڙهي آدم جي سموري اولاد جي گناهن جو ڪفارو ڏئي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح انهن جي سفارش يا شفاعت جي ڪري اسان جا سيئي گناهہ ڌوپجي ويا.

مسلمانن کي اهو ٻڌايو ويو تہ توهان اهو نہ سمجهو تہ توهان جو بار ٻيو ڪو ڪڻندو. (لَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى) توهان جو چوتڪار رڳو نيڪ عملن، انفاق في سبيل الله ۽ جهاد جي ذريعي ئي ممڪن آهي. جماعتي زندگيءَ ۾ پوري جماعت جي هر هڪ ماڻهوءَ تي جاڪوڙڻ لازم ڪيو ويو آهي. الله تعاليٰ ڪنهن جي سفارش يا شفاعت سان توهان جي طرفان جهاد نہ ڪندو. باقي جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ تي ڀروسو رکن ٿا انهن کي سندن ٿورڙائي جي باوجود بہ گهٽائي تي سوڀ حاصل ٿيندي آهي. اصل ۾ ايمان ۽ صالح عملن جي نتيجي ۾ ئي ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي.



Sindhica Academy, Karachi

## بنو مدلج وارن سان معاهدو:

جمادي الثاني 2 هہ ۾ بنو مدلج وارن سان بہ دوستي وارو ناهہ ٿي ويو ۽ اهو طئي ٿيو تہ بنو خمره وانگر اهي بہ رسول الله ﷺ جا ساٿاري هوندا.

## غزوه ذوالعشيره:

جمادي الثاني 2 هہ ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن ٻہ سئو ماڻهن سان نڪتا ۽ ينبوع جي ويجهو ذوالعشيره تائين ويا پر قريشن جو قافلو نہ ملي سگهيو. هن غزوي ۾ حضرت حمزهؓ علمبردار هو ۽ پاڻ مديني ۾ ابو سلمہ مخزومي کي مديني ۾ نائب ڪري ويا هئا.

## سورت المائده 4 رڪوع:

بني اسرائيل جي قوم کي موسيٰؑ آزادي ڏيارڻ کان پوءِ چيو تہ فلسطين تي حملو ڪري ان کي فتح ڪري وٺو. پر اهي ٻن سئو سالن جي غلاميءَ واري زندگي گذارڻ ڪري گيدي ٻڌجي ويا هئا. تنهن ڪري چوڻ لڳا تہ تون ۽ تنهنجو خدا وڃي ڪري وڙهو ۽ اهو علائقو فتح ڪريو تہ پوءِ اسان انهيءَ شهر ۾ داخل ٿينداسون. اهڙي گيدي پڻي جو نتيجو اهو نڪتو جو اهي چاليهن سالن تائين سينا جي رڻ پٽ ۾ رلندا رهيا. ان کان پوءِ جڏهن نئون نسل پيدا ٿيو تہ اهو اڳتي وڌي سگهيو. سو اي مسلمانو! انهيءَ قصي مان سبق پرايو. يعني همت ڪرڻ وارن جي الله تعاليٰ مدد ڪندو آهي. تنهن ڪري همت ٻڌو ۽ مڪي کي فتح ڪري وٺو.

## سورت المائده 5 رڪوع:

قابيل بنا ڪنهن سبب جي پنهنجي ڀاءُ هابيل کي ماري ڇڏيو هو ۽ ان جي سزا ۾ جهنم جو ٻارڻ ٿيو. ياد رکو تہ اهو ئي الله تعاليٰ جو قانون آهي ۽ توريت جي حڪمن ۾ بہ اها ئي ڳالهہ لکيل آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهن ۾ئي ڪنهن ماڻهو کي بنا ڪنهن ڏوهہ گناهہ جي ناحق ماري ٿو تہ ان ڄڻ تہ سموري انسانيت کي ماري ڇڏيو ۽ قرآن اهو بہ چوي ٿو تہ جنهن هڪ ماڻهوءَ جي جان بچائي ان ڄڻ تہ سموري انسانيت کي بچائي ورتو. ارهہ زوارائي ڪرڻ خدائي قانون جي خلاف ڳالهہ آهي.



www.sindhsalamat.com

# اسلامي انقلاب جي ستين منزل

## پاڱو ڦريون: بدر جي فتح کان ا حد جي خوني ويڙهه تائين

[رجب 2هه کان شوال 3 هه مطابق آڪٽو 623ع کان جنوري 625ع تائين]

### هيٺن جي مدافعت

اَطِيۡعُوا اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ ۚ وَمَا رَمَيۡتَ اِذۡ رَمَيۡتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى ۚ

”الله ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ڪريو. جڏهن تو (پٿريون اڇلائي) هنيون ته حقيقت ۾ اهي تو نه هنيون پر الله هنيون هيون.“

وَّجَاهِدُوۡا بِاَمۡوَالِكُمۡ وَاَنۡفُسِكُمۡ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ؕ قُلۡ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ هَادُوۡۤا اِنۡ زَعَمۡتُمۡ اَنَّكُمۡ

الله جي واٽ ۾ جان ۽ مال ٻنهي سان جاکوڙ ڪريو. اي يهوديو جيڪڏهن توهان اها دعويٰ ڪريو ٿا:

اَوۡلِيَآءُ لِلّٰهِ مِنۡ دُوۡنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الۡمَوۡتَ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ؕ

وَلَا تَاۡكُلُوۡۤا اَمۡوَالَكُمۡ بَيۡنَكُمۡ بِالۡبَاطِلِ

”جيڪڏهن توهان انهيءَ ڳالهه ۾ سچا آهيو ته توهان انسانن جي مقابلي ۾ الله جا دوست آهيو (۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيو ٿا) ته پوءِ موت جي خواهش ڪريو. ٻيو هو ته هڪ ٻئي جو مال باطل طريقي (وياج) سان نه کائو.“

خَصۡلَتَانِ لَا يجتمعان فی مؤمن البخل و سوء الخُلقِ.

”الله تعاليٰ تي ايمان رکڻ وارو ڪنجوس ۽ بدڪردار نٿو ٿي سگهي.“



Sindhica Academy, Karachi

وَلَمۡ يكن رسول الله يُرِيۡدُ غزة اِلّا ورّى بغيرها

”رسول الله ﷺ جن جڏهن به ڪنهن جنگ جو ارادو ڪندا هئا ته انهيءَ کي راز ۾ رکندا هئا.“ *(صحيح بخاري)*

### روم جي فتح:

623ع ۾ هرقل جي فوجن ايراني سلطنت جا ڪجهه حصا خسرو پرويز کان کسي ورتا ۽ اصلي صليب جيڪو ساساني (ايراني) ڪٽي ويا هئا، تنهن کي واپس آڻڻ جي لاءِ هرقل جي حڪومت ڪوشش شروع ڪري ڏني هئي. 624ع ۾ رومي فوجن آذربائيجان جو آتش ڪدو ڊاهي ڦٽو ڪيو.

### عام القتال سنه 2 هه:

ٻي هجري جي رجب مهيني جي آخري حصي ۾ رسول الله ﷺ جن عبدالله بن جحش اسدي کي ٻارنهن مهاجرن سان گڏ قريشن جي چرپر جون خبرون معلوم ڪرڻ جي لاءِ نخله ڏانهن موڪليو ۽ هڪڙو خط ڏنو ۽ فرمايو ته هن خط کي ٻن ڏينهن جي سفر کان پوءِ کوليو وڃي. جڏهن انهيءَ خط کي کوليو ويو ته ان ۾ لکيل هو ته نخله تائين هلندا وڃو. (اها جاءِ مڪي ۽ طائف جي وچ تي هئي. يمن کان اچڻ وارا واپاري رجب جي مهيني ۾ هتان ايندا ويندا هئا جنهن جي نبي ڪريم ﷺ کي ڄاڻ هئي). خط ۾ اهو به لکيل هو ته نخله پهچي قريشن جون خبرون چارون وٺون ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ جڏهن ان پاسي وڃڻ لڳو ته پنهنجي ڪنهن به ساٿي کي ان پاسي وڃڻ لاءِ مجبور نه ڪجو. اهو سفر تمام ئي خطرناڪ هو ڇو جو اهو مڪي جي تمام ئي ويجهو ۽ قريشن کي ته اجا به وڏيڪ ويجهو هو.

ابن جحش خط جي مضمون جي باري ۾ پنهنجي ساٿين کي ٻڌايو ته سيئي هلڻ لاءِ تيار ٿي ويا. 30 رجب 2 هه (29 نومبر 623ع) تي اهو جٿو نخله پهچي ويو. خبر پئي ته قريشن جو هڪڙو واپاري قافلو اتي ترسيل هو ۽ رجب جو مهينو هجڻ جي ڪري انهن کي ڪنهن به قسم جو ڪو الڪو ڪونه هو. مسلمانن پنهنجو پاڻ کي حاجي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ پنهنجا مٿا ڪوڙائي ڇڏيا هئا.

مسلمانن جي پاڻ ۾ صلاح ٻيني ته جيتوڻيڪ هن مهيني ۾ جنگ حرام آهي، پر جيڪڏهن اڄ هنن کي ڇڏيو ويو ته سڀاڻي تائين اهي مڪي ۾ داخل ٿي ويندا ۽ اهو قافلو هٿن مان نڪري ويندو انهيءَ ڪري انهن تي حملو ڪيو ويو. واقدؓ عبدالله حضرمي کي تير هڻي ماري وڌو ۽ ڪجهه ماڻهن کي قيد به ڪيو.



www.sindhsalamat.com

انهن جي سامان کي غنيمت جو مال سمجهي مديني ڏانهن کڻي آيا. انهيءَ سامان ۾ تيل، شراب ۽ چمڙو بہ جهجهو هو. دستور موجب پنجون حصو قوم جي سردار کي ڏنو ويو. اهو پهريون خمس هو، جڏهن تہ ٻنهي مشرڪ قيدين کان فديو وٺي کين آزاد ڪيو ويو.

## سورت البقره 27 رڪوع:

انهيءَ واقعي تي قرآن ٻڌايو تہ بيشڪ حرام مهينن ۾ ڪنهن جو رت وهائڻ جائز نہ آهي، پر جيڪڏهن الله جي عبادت ۽ مڪي جي حرم ۾ وڃڻ کان ڪنهن کي ڏاڍائي ڪري روڪيو وڃي ۽ الله ۽ قيامت جو انڪار ڪيو وڃي ۽ ايمان آڻڻ وارن کي مڪي مان لوڏيو وڃي تہ اهي سڀئي ڳالهيون ڪنهن جو رت وهائڻ کان بہ وڌيڪ خراب آهن. ڪنهن کي پنهنجي روح جي آواز تي عمل نہ ڪرڻ ڏنو وڃي تہ اهو فتنو آهي جيڪو خون خرابي کان بہ وڌيڪ بڇڙي ڳالهہ آهي. جو تہ اهڙي فتني جي ڪري سخت ويڙهہ ٿي سگهي ٿي جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو ناحق مري سگهن ٿا.

خوني ويڙهہ جو جواز طالوت ۽ جالوت جي قصي ۾ اڳي ئي بيان ٿي ويو آهي. اتي اهو بہ ٻڌايو ويو تہ ظلم ڪرڻ ۽ ڪنهن کي بنا ڪنهن ڏوهہ گناهہ جي ماري ڇڏڻ ائين ئي آهي جڻ سموري انسانيت کي ماري ڇڏڻ. اصل ۾ اهو ٻڌايو ويو تہ جيڪڏهن ڪنهن کي دين تان ڏاڍائي سان ڦيرايو وڃي ۽ ان کي مسجد حرام جهڙي مقدس جاءِ تي وڃڻ ۽ عبادت کان روڪيو وڃي تہ اهڙي حالت ۾ شهر حرام (مڪي) ۾ بہ ويڙهہ جائز آهي. مطلب اهو آهي تہ جيتوڻيڪ خون خرابو هڪ بڇڙي ڳالهہ آهي پر جيڪڏهن اظهار ۽ عمل جي آزادي خطري ۾ هجي تہ پوءِ خوني ويڙهہ جائز آهي. اها ڳالهہ پهرين جي نسبت گهٽ خرابيءَ واري آهي.

مڪي واري دؤر ۾ قرآن پهريان عيسائين ۽ پوءِ يهودين ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو. مديني ۾ اچي پاڻ ڪريم ﷺ يهودين سان متحد امت ٺهڻ جو معاهدو ڪيو. تنهن ڪري يهودين جي شرارتن جي باوجود بہ قرآن توريت ۽ انجيل جي ڳالهين جو انڪار نہ ڪيو ۽ رڳو شديد ۽ ظالم يهودين کي گهٽ وڌ ڳالهايو، پر سڀئي يهودي قرآن جي نظر ۾ خراب نہ هئا ۽ نہ ئي توريت ۽ انجيل جا انڪاري هئا. انهيءَ حقيقت جي ڄاڻ قرآن جي نزولي ترتيب منجهان ملي ٿي، باقي عام مفسر ۽ عالم يهودين کي مغضوب ۽ توريت کي تحريف ٿيل سڏين ٿا غلط ڳالهہ آهي.


Sindhica Academy, Karachi

يهودين ۽ مشرڪن ٻنهي ۾ منافق ماڻهو موجود هئا. جڏهن انهن کي خبر پئي تہ نہ رڳو شام، پر يمن جي واپار کي بہ مسلمان ختم ڪري سگهن ٿا تہ عبد الله ابن ابي جيڪو منافق هو تنهن کي ۽ سندس ٽولي کي تہ همت نہ ٿي سگهي، پر يهوين مسلمانن سان پنهنجي خانداني دشمني ۽ فرقي پرستيءَ کي ظاهر ڪري ڇڏيو، جو تہ اسلامي ڀائپي ۽ معاشي برابري انهن جي وياج تي ٻڌل ڪاروبار کي تباهہ ڪري ڇڏيو هو.

## سورت البقره 17 رڪوع قبلي جي تبديليءَ جو حڪم:

شعبان 2 هہ ۾ پاڻ ڪريم ﷺ يهودين کي چيو تہ جنهن ابراهيمؑ جي نسل مان توهان آهيو انهيءَ ئي نسل مان بني اسماعيل وارا بہ آهن. انهيءَ ڪري ٻئي برابر آهن. مسلمان توهان جي نبين کي نبي ۽ توريت کي خدائي ڪلام مڃين ٿا، اهڙيءَ طرح اسان ٻنهي جا خيال ساڳيا آهن. تنهن ڪري اچو تہ سڀئي گڏجي الله جي پهرين گهر ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهون جنهن کي ابراهيم ۽ اسماعيل اڏيو هو. يروشلم جيتوڻيڪ دارالسلام آهي، الله جو گهر آهي، پر حضرت ابراهيمؑ کان گهڻو پوءِ سليمان بن دائودؑ جي دؤر ۾ جڙيو آهي. حضرت ابراهيمؑ يهودي نہ هو، باقي ائين سو آهي تہ ان جي اولاد جو هڪڙو پاڙو يهودي آهي (بقره 17). انهيءَ ڳالهہ کي يهودي بہ مڃين ٿا تہ ابراهيمؑ عبراني نسل مان هو ۽ يهودي يهودا جو اولاد آهن. ان کان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ ڪعبة الله ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ شروع ڪئي. قبلي جي تبديلي سان يهودين جي منافقت ظاهر ٿي پئي ۽ انهن ڪعبة الله کي پنهنجو قبلو مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هاڻي يهودي کلي طرح اسلام جي مخالفت ڪرڻ لڳا.

## سورت البقره 17 ۽ 18 رڪوع:

يهودين کي چيو ويو تہ ڪنهن خاص طرف ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ ۾ ڇا رکيو آهي؟ اصل ۾ ڳالهہ هيءَ آهي تہ مسجد حرام (ڪعبة الله) ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ اهو سڀ کان پهريون جوڙيل الله تعاليٰ جو گهر آهي. پر انهيءَ کان بہ وڌي شيءِ تہ اها آهي تہ ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي کان اڳرائي ڪئي وڃي ۽ پرهيزگاري اختيار ڪئي وڃي. اچو، ڪعبة الله کي توهان بہ پنهنجو قبلو ڪري مڃيو، ائين ڪرڻ سان نبي اسرائيل ۽ بني اسماعيل پاڻ ۾ هڪ ٿي ويندا.


www.sindhsalamat.com

## سورت البقره رڪوع 22:

نيڪي جا ڇه پاسا آهن. انهن مان هڪڙو الله، قيامت ۽ الله جي رسولن تي ايمان آڻڻ ۽ ان جي قانونن کي مڃڻ ۽ ٻيو الله جي محبت ۾ پنهنجو مال حقدارن تي خرچ ڪرڻ يعني مٽن مائٽن، يتيمن، محتاجن، مسافرن، غلامن ۽ قرضدارن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۽ نماز ۽ زڪوات ڏيڻ، واعدو پاڙڻ، مصيبت، ڏکن ۽ جنگ جي وقت ۾ صبر، بردباري ۽ ثابت قدمي کان ڪم وٺڻ آهي. پوءِ اهڙا ئي ماڻهو سچار به آهن ۽ پرهيزگار به آهن.

جيڪو ڪنهن کي قتل ڪندو ته ان کي سزا ملندي. ياد رکو ته قصاص (خون جو بدلي) ۾ ئي زندگي آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي قتل ڪرڻ وارو سزا کان بچي وڃي ته معاشري ۾ ڏقيڙ پيدا ٿي ويندو، تنهن ڪري توهان تي قصاص وٺڻ فرض آهي. (ياد رکڻ گهرجي ته قصاص انفرادي طرح سان نه پر جماعت جي طرف کان ورتو ويندو ۽ ڏاڍي کان ڏاڍي ڏوهاري کي به رياست جي قانون اڳيان ڪنڌ نوائڻو پوندو.)

## سورت البقره رڪوع 21:

يهودين کائڻ جي شين ۾ حرام ۽ حلال جو اصول پنهنجي من مرضيءَ سان گهڙيو آهي. اهي اٺ جو گوشت به نٿا کائن، توريت جي ڪيترن ئي حڪمن کي به نٿا مڃن، مطلب ته انهن جي پابندي نٿا ڪن ۽ انهن حڪمن کي لڪائن ٿا. پاڻ به غلاميءَ جو مزو چکي چڪا آهن، پر پوءِ به ماڻهن کي وياج تي قرض ڏئي انهن کي غلام بڻائن ٿا، انهيءَ ڪري اهي قيامت جي ڏينهن پڪڙيا ويندا.

## سورت البقره رڪوع 9 کان 21:

يهودين پنهنجي دلئون نيون نيون شرحون لکي توريت جي قانون ۽ ان جي مفهوم کي ئي بدلائي ڇڏيو آهي. ڪي يهودي، جهڙوڪ صدوقي فرقي وارا چون ٿا ته قيامت کي الله تعاليٰ قائم نه ڪندو. اهو فرقو ڄاڻي ٻجهي توريت جي حڪمن ۾ هيراڦيري ڪري ٿو ۽ انهن کي نٿو مڃڻ گهري. توريت ۾ هڪ اهڙي نبيءَ جو ذڪر موجود آهي جيڪو بني اسماعيل مان هوندو، پر هي انهيءَ ڳالهه کي لڪائين ٿا.

سو اي يهوديو! توريت جي حڪمن کي مڪمل طرح مڃيو، ائين نه ڪريو جو ان جي ڪنهن حڪم کي مڃيو ته ڪنهن کي نه مڃيو. پنهنجن ئي ماڻهن کي انهن جي گهرن مان لوڏڻ ۽ انهن کي قتل ڪرڻ جائز سمجهو ٿا، پر وري جي اهي



قيد ٿي پون ٿا ته انهن کي فديو ڏئي آزاد به ڪرايو ٿا. يهودي پٿر دل، پئسي جا پوڄاري ۽ وياج خور آهن جيڪي حق تي ايمان نه آڻيندا. اهي توريت جي ڇٽن حڪمن کان پوءِ به غير الله جي پوڄا ڪن ٿا. انهن ۾ رڳو فريسي فرقو ئي اهڙو آهي جيڪو رڳو زباني طور تي قيامت جي ڏينهن کي مڃي ٿو.

## سورت البقره رڪوع 12:

جيڪڏهن يهودي سچي دل سان قيامت جي ڏينهن کي مڃن ٿا ته انهن کي موت جي سَڌَ ڪرڻ گهرجي ته جيئن بهشت ۾ آرام ڪن. پر جيئن ته انهن جو آخرت تي ويساهه نه آهي، انهيءَ لاءِ اهي اهڙي سڌ ڪڏهن به نه ڪندا. مشرڪن وانگر اهي به هزار سال جيئرو رهڻ گهرن ٿا ۽ وياج جي ذريعي سان پيٽ ڀرڻ گهرن ٿا. مشرڪ ۽ يهودي ٻئي اعتراض ڪن ٿا ته ڪتاب الله (توريت) ۾ جيڪي حڪم الله تعاليٰ نازل ڪيا آهن، هاڻي الله انهن کي ڇو ٿو ٻيو منسوخ ڪري. انهن کي ڄاڻ هئڻ گهرجي ته الله تعاليٰ پنهنجا جيڪي حڪم منسوخ ڪندو آهي ته انهن کان به وڌيڪ بهتر حڪم ۽ دليل (آيتون) نازل ڪري ڇڏيندو آهي. يهودي ۽ مشرڪ، ٻئي توهان کي ايمان وارو ڏسڻ نٿا گهرن، اهي گهرن ٿا ته جهڙي طرح انهن موسيٰ؏ کي چيو ته ”نر الله جهرة“ اهڙو ئي مطالبو توهان سان به ڪن.

## سورت البقره رڪوع 13:

جيئن ته يهودين سان معاهدو ٿي چڪو آهي، تنهن ڪري الله تعاليٰ جو حڪم اهو ئي آهي ته انهن سان ٺهي هلو ۽ انهن جي شرارتن کي بخشي ڇڏيو. اڳتي جيڪو الله حڪم ڏيندو، انهيءَ موجب عمل ڪيو ويندو.

## سورت البقره رڪوع 14 ۽ 15:

افسوس آهي جو يهودين ۽ عيسائين وٽ ڪتاب (توريت ۽ انجيل) موجود آهي، پر پوءِ به هڪ ٻئي سان جُتيل رهن ٿا. ”اي بني اسرائيل توريت تي عمل ڪريو“ ڏسو، اسرائيل يعني يعقوب؏ به جهانن جي پالڻهار الله کي مڃيندڙ هو. انهيءَ ڪري توهان يهودي يا عيسائي نه ٿيو پر ابراهيمي ٿيو (نسلي وڏئي ڇڏي ابراهيم؏ وانگر الله جا ٻانها ٿي وڃو).

مديني ۾ جيتوڻيڪ يهودين سان اتحاد ٿي چڪو هو، پر اهي مڪي جي مشرڪن جي سازشن ۽ پنهنجي ئي ٽيڙي فطرت جي ڪري ابراهيمي دين جي رستي ۾ رنڊڪون پيدا ڪن پيا. اهي موسيٰ؏ جي آنڊل دين کي ڇڏي وياج جي

ذريعي ماڻهن کي غلام بڻائڻ گهرن پيا، جڏهن ته انهن جي قانون (توريت) ۾ غلامي حرام آهي. پاڪ ڪريم ﷺ انهيءَ دؤر ۾ يهودين سان ڪهرو نه ڳالهايو ۽ نه ئي انهن جي ڪتاب جو انڪار ڪيو. اهي ظاهر ۾ مسلمانن جا دوست هئا، انهيءَ ڪري ڪجهه ڳالهيون اهڙيون آهن جن جي وضاحت ضروري آهي:

## بقره رڪوع 11:

قرآن نه رڳو توريت ۽ انجيل جي تصديق ڪري ٿو ته اهي خدائي ڪتاب آهن، پر اهو به چوي ٿو ته "ابراهيمي صحيفا" به خدائي ڪتاب ۽ ان جا قانون آهن (هُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَهُمْ).

## سورت البقره رڪوع 16:

ملت ابراهيم اسلام آهي، هڪڙي الله جي عبادت اسلام آهي ۽ انهن سيني قانونن کي مڃڻ جيڪي مختلف رسولن تي نازل ٿيا پڻ اسلام آهي (ياد رهي ته انهن آريائي ۽ زرد قومن جا خدائي ڪتاب به شامل آهن).

"لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ" جو به اهو ئي مطلب آهي ته الله تعاليٰ جي پانهپ جي معاملي ۾ ڪنهن به نبيءَ جي تعليم کان منهن نه موڙيو ۽ هڪ جي تعليم کي مڃاهون ۽ ٻي کي گهٽ نه ڪريو. رڳو موسيٰ جي توريت کي ئي نه پر ابراهيمؑ جي صحيفن ۽ قرآن کي به مڃيو.

"هُوَ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ" جو اهو مطلب آهي ته الله توهان جو به خدا آهي ۽ اسان جو به. ائين نه آهي ته توهان جي خدا ته ڪو ٻيو آهي ۽ اسان جو يا ابراهيمؑ جو ڪو ٻيو خدا آهي. اهڙيءَ ريت ٻئي به ڪيترائي نبي الله تعاليٰ جي طرف کان هن دنيا ۾ آيا آهن اهي توڙي ابراهيمؑ يا محمدﷺ يا موسيٰؑ کان پهريان اسحاق ۽ يعقوب نبي گذري ويا، سي سڀئي يهودي يا عيسائي ڪيئن ٿي سگهن ٿا؟ تنهن ڪري رڳو موسيٰؑ جي تعليم کي مڃڻ صحيح نه آهي. اها ڳالهه به صحيح نه آهي ته جيڪو ڪجهه توريت ۾ آهي، انهيءَ کي مڃو ۽ ان کانسواءِ ٻي ڪنهن تعليم جو بلڪل ئي انڪار ڪيو وڃي:

قَالُوْا نُؤْمِنُ بِمَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا وَيَكْفُرُوْنَ بِمَا وَرَآءَهٗ وَهُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَهُمْ ط

"قرآن ته توريت جي تصديق ڪري ٿو، پوءِ توهان چاجي لاءِ ابراهيمي صحيفن ۽ قرآن جي تصديق نٿا ڪريو." (رڪوع 11)

"مَا نَنْسَخْ مِنْ اٰيَةٍ اَوْ نُنْسِهَا" مان ماڻهن اهو سمجهي ورتو ته قرآن ۾


Sindhica Academy, Karachi

به ڪيترين ئي آيتن جي تلاوت يا حڪم منسوخ آهي يا ٻئي ڳالهيون آهن. ننسخ جو مطلب هڪ محدود حڪم کي عام ڪرڻ آهي.

الله تعاليٰ جي قانون ۾ ڪا به تبديلي يا مٽا سٽا نه آهي. جيڪڏهن ائين هجي ته پوءِ علت ۽ معلول جو سلسلو ئي ختم ٿي ويندو ۽ هي عالم سڪون جي جاءِ تي عالم فساد بڻجي ويندو. تنهن ڪري جهڙي طرح طبعي قانون اڻ مٽ آهن اهڙي ئي طرح اخلاقي قانون به اٽل آهن. جهڙي طرح مختلف حالتن هيٺ طبعي قانون پنهنجن نون قانونن جا پابند آهن، اهڙي ئي طرح اخلاقي قانون به نئن حالتن ۽ گهرجن جا پابند آهن. حالتن جي بدلجڻ سان قانون نه بدليا آهن. قبلي بدلڻ جو عالمگير قانون نه مٽيو، پر يهودين جي مخصوص قانون کي ته رڳو يروشلم ئي قبلو آهي، عام ڪيو ويو آهي.

حضرت موسيٰ جڏهن بني اسرائيلن کي فرعون جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڏياريو هو ته انهن جو مقصد يروشلم هو. جو ته سندس قوم پنهنجي ابي ڏاڏي ابراهيمؑ کي وساري ويني هئي ۽ مصري ديوتائن جي پوڄا ڪرڻ لڳي هئي. انهن کي اها به خبر نه هئي ته انهن جو سئوٽاڻ يعني اسماعيل جو اولاد آزاد رهيو آهي ۽ هن وقت به انهن جي مدد ڪري سگهي ٿو. قرآن يهودين کي ياد ڏياريو ته انهن جو اصل قبلو ته مڪي ۾ آهي، نه ڪي يروشلم ۾.

مديني ۾ اچڻ کان پوءِ وقت اچي ويو هو ته اسرائيل ۽ اسماعيل جو اولاد پنهنجي ابي ابراهيم جي قبلي ڏانهن منهن ڪن. اها ڪا نئين آيت نه آهي، اجا به هڪڙو بهترين حڪم ڪٽي ايندڙ آيت آهي (نَأْتِ بِخَيْرٍ مِّنْهَآ). جو ته ابراهيمي قبلو اختيار ڪرڻ سان ديني وحدت ۽ قومن جي وحدت واري عمل ۾ ترقي ٿيندي ۽ هڪڙي وساريل ابراهيمي آيت تي عمل شروع ٿي ويندو. اهڙيءَ ريت هڪ ٻئي جاءِ تي "لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ" چيو ويو آهي. مطلب ته هر زماني ۽ ماحول جي لاءِ هڪ خاص قانون هوندو آهي. بنيادي طور تي خدائي قانون قائم رهندو آهي، پر ماحول جي تبديليءَ جي لحاظ کان انهيءَ قانون تي عمل مختلف نتيجا پيدا ڪندو آهي. قانون نه بدلبو آهي، پر ماحول جي تبديلي سان انهيءَ جا اثر بدلجي ويندا آهن. اهو ئي خدائي قانون آهي. انهيءَ لاءِ بقره جي 15 رڪوع ۾ حضرت ابراهيمؑ جي دعا هڪ وڏي ثبوت آهي، جنهن ۾ پاڻ دعا ڪن ٿا ته اي الله! هن شهر مڪي کي امن ۽ سلامتيءَ وارو بڻاءِ ۽ ڪعبي کي ماڻهن جي گڏجڻ واري جاءِ بڻاءِ

وَاِذْ جَعَلْنَا الْبَيْتَ مَثَابَةً لِّلنَّاسِ وَاَمْنًا ط وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّى ط وَعَهِدْنَآ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ اَنْ طَهِّرَا بَيْتِيَ


www.sindhsalamat.com

لِلطَّآىِٕفِيۡنَ وَالۡعٰكِفِيۡنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوۡدِ ﴿۱۲۵﴾

هيءُ ابراهيمي قانون يعني ابراهيمؑ جي صحيفي جي وساريل آيت يا حڪم آهي. قبلي جي باري ۾ هيءُ حڪم موسوي قانون يا حڪم کان بهتر آهي. پر يهودين انهيءَ وساريل انساني وحدت واري حڪم کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

## مسلمانن کي نصيحت:

مسلمانن کي لفظي تحريف کان روڪيو ويو آهي. جيئن ته يهودين سان گڏ رهندي مسلمان به اهڙي قسم جا محاورا ۽ اصطلاح ڳالهائڻ لڳا هئا جيڪي يهودي لفظي تحريف جي سلسلي ۾ ڳالهائيندا رهندا هئا. انهيءَ ڪري مسلمانن کي حڪم ڏنو ويو ته اهي آسان ۽ چٽي معنيٰ وارو لفظ ”انظرنا“ (اسان ڏانهن ڏسو) چوندا ڪريو ۽ يهودين وانگر راعينا (جنهن جي معنيٰ ڏنار به هوندي آهي) نه ڳالهائيندا ڪن. مطلب ته زبان کي وچڙائي يا لفظن کي مروڙي سروڙي نه ڳالهائن. تحريف سان لفظ جي اصل معنيٰ بدلجي ويندي آهي. اها ئي ڳالهه سورت نساء جي 48 رکوع ۾ چٽي وئي آهي ته يهودي زبان وچڙائي ڳالهائن ٿا ۽ اهو ظاهر ڪرڻ گهرن ٿا ته اهي لفظ توريت جا آهن، پر ايئن نه هوندو آهي. اهڙيءَ ريت اهي توريت جي اصل آيتن ۽ حڪمن کي لڪائي ڇڏيندا آهن.

هن ڳالهه ٻولهه جو مقصد هيءُ آهي ته توريت الله جو ڪلام آهي، انهيءَ ۾ تحريف نه آهي، پر يهودي اهڙي طرح ان کي پڙهندا آهن جو لفظن جي معنيٰ اڻ چٽي ۽ ڪڏهن ته بلڪل ئي غلط ٿي ويندي آهي. توريت کي به جيڪڏهن ڏنو وڃي ته ڪوڙ سچ پڌرو ٿي پوندو.

## توريت جي تحريف جو مسئلو:

قرآن پاڪ اندر توريت ۾ تحريف جي باري ۾ چار آيتون آهن ۽ هر جاءِ تي انهيءَ جو مطلب اهو ئي آهي ته ڪي يهودي توريت کي ڇڏي ڪري شيطاني ڪلام يعني پوپن ۽ طاغوت کي مڃن ٿا

(وَمَا تَتۡلُوا الشَّيٰطِيۡنُ عَلٰى مُلۡكِ سُلَيۡمٰنَ ۚ وَمَا كَفَرَ سُلَيۡمٰنُ وَلٰكِنَّ الشَّيٰطِيۡنَ كَفَرُوۡا يُعَلِّمُوۡنَ النَّاسَ السِّحۡرَ ۚ)

انهيءَ سلسلي ۾ سوره، نساء جي 8 رکوع ۾ به اشارو موجود آهي

(اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ اُوۡتُوۡا نَصِيۡبًا مِّنَ الۡكِتٰبِ يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡجِبۡتِ وَالطَّاغُوۡتِ).


Sindhica Academy, Karachi

قرآن پاڪ سيني خدائي ڪتابن کي مڃتا ڏيارڻ گهري ٿو. مطلب ته نسخ ۽ آيتن جي تبديليءَ جي ذريعي ضرورت موجب ۽ حالتن آڌار، قرآن ڪريم سيني نبين طرفان آندل خدائي قانونن کي چٽو ڪرڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ ان جو مقصد آهي. انهيءَ ۾ هر اهو قانون اچي وڃي ٿو جيڪو خدائي هيڪڙائي ۽ انساني وحدت ۽ برابريءَ ڏانهن وٺي وڃي. انهيءَ ۾ رڳو توريت ئي نه پر ابراهيمي صحيفا به شامل آهن.

## يهودين کي تنبيه: سورت جمعه رکوع 1:

اي يهوديو! الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻيو نه ته توهان جو مثال انهن گڏهن وارو هوندو جن تي ڪتابن جو ڍڳ لڏيل هجي، پر انهن جي تعليم تي عمل ڪرڻ انهن جي عقل کان ٻاهر هجي.

## بني اسرائيل جي آزاديءَ واري ڏهاڙي تي روزو:

رسول الله ﷺ جڏهن مديني ۾ آيا ته سال جي شروعات يعني رجب جي مهيني ۾ يهودي روزو رکندا هئا. پاڻ انهن کان پڇا ڪيائون ته اهو روزو ڇا جو آهي؟ يهودين چيو ته اسان کي هن مهيني ۾ فرعون جي غلاميءَ مان آزادي ملي هئي، انهيءَ جي يادگار ملهائڻ جي خيال کان رکندا آهيون. پاڻ فرمايائون ته اسان پاڻ انهيءَ ڳالهه جا وڌيڪ حقدار آهيون ته موسيٰؑ جي سنت تي عمل ڪريون ۽ پاڻ عاشوري جو روزو رکڻ شروع ڪيائون. انهيءَ ڳالهه جو مقصد اهو ظاهر ڪرڻ هو ته مسلمان ۽ يهودي قومن جا بنيادي طور تي مقصد ساڳيا آهن، يعني الله تعاليٰ جي هيڪڙائي تي ايمان آڻڻ ۽ انساني وحدت ۽ برابري قائم ڪرڻ. پر يهودين اسلامي ڀائيچاري ۾ شموليت نه ڪئي ۽ قبلي جي تبديليءَ کان پوءِ مسلمانن جو ساٿ ڇڏي ڏنو.

## سورت البقره رکوع 23:

نبوت کان پهريان پاڻ ﷺ جو قائدو اهو هو ته رمضان جي مهيني ۾ غارِ حرا ۾ وحي الله تعاليٰ جي عبادت ڪندا ۽ روزي ۾ وقت گذاريندا هئا، انهيءَ کي تحنث چوندا آهن. انهيءَ زماني ۾ عيسائي به چاليهن ڏينهن جا روزا 15 نومبر کان 25 ڊسمبر تائين رکندا هئا. اهي روزا عيسيٰؑ جي ڄمڻ جي خوشيءَ جا روزا هئا ۽ جيئن ته نسيءَ جي عمل سان رمضان سدائين سياري ۾ ايندو هو انهيءَ ڪري مؤمنن کي به ڪا تڪليف ڪونه ٿيندي هئي. جيڪا


www.sindhsalamat.com

خوراڪ بچي پوندي هئي سا بہ مسڪينن کي ڪم ايندي هئي. انهيءَ ڪري بدر کان پهريان 2 هہ جو سڄو مهينو رمضان جي روزن جي لاءِ مخصوص ڪيو ويو. خدائي وحيءَ جي ذريعي انهيءَ جي تصديق ٿي وئي ۽ انهيءَ ۾ ٻڌايو ويو تہ جهڙي ريت ڪتاب وارين ٻين قومن يعني عيسائين تي روزو رکڻ فرض آهي، تهڙيءَ ريت توهان تي بہ فرض ڪيو ويو آهي تہ جيئن جيڪا خوراڪ بچي پوي سا پڻ مهاجرن جي ڪم اچي سگهي. بهرحال، جيڪو روزي رکڻ جي سگهہ نہ رکندو هجي ان لاءِ ضروري آهي تہ هڪڙي مسڪين کي کاڌو کارائي ۽ جيڪڏهن دل گهريس تہ خوشيءَ سان وڌيڪ خيرات بہ ڪري يا روزو رکي، ٻئي ڳالهيون سٺيون آهن. (بقره آيت 184)

## روزي جو صدقو:

جڏهن بيماري، هيٺائي يا سفر جو بهانو نہ رهي تہ پوءِ ڀلي خيرات بہ ڪريو، پر روزو ضرور رکو تہ جيئن روزي جي حڪمت ۽ رحمت کان محروم نہ رهو. ياد رکو تہ روزي سان پرهيزگاري پيدا ٿيندي آهي (بقره، آيت 183). جسماني ۽ روحاني پاڪائي روزو رکڻ سان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي. معذورن لاءِ روزو نہ رکڻ ڪو گناهہ يا ڏوهہ نہ آهي، تنهن ڪري روزي جو فديو ڏيڻ واري ڳالهہ ڪا سزا نہ آهي، پر وقتي رعايت ۽ رحمت آهي. انهيءَ فديي کي ڪفارو سمجهڻ صحيح نہ آهي.

## بدر واري جنگ:

جنگ بدر حق ۽ ناحق جي وچ ۾ هڪ سنڌائتي ويڙهہ هئي. اهو ئي سبب آهي جو انهيءَ کي يوم الفرقان بہ چيو ويندو آهي. جمادي الثاني 2هہ (آڪٽوبر 623ع) ۾ ذي العشيره جي ويجهو جنهن قافلي جي لاءِ مهم روانو ڪئي وئي هئي، ساڳيو ئي قافلو شام مان واپار ڪري موٽيو ٿي آيو. پاڻ ﷺ جن طليحؓ ۽ سعيدؓ کي قافلي جي خبر چار وٺڻ لاءِ موڪليو. ان کان پوءِ پنهنجي سر پاڻ 14 رمضان 2 هہ تي چوهتر مهاجرن ۽ ٻہ سئو ايڪٽيهہ انصارن سان گڏجي روانو ٿيا. ستر اٺ ۽ ٻہ گهوڙا سامان کڻڻ لاءِ هئا. انهيءَ سفر جو مقصد جنگ نہ هو، رڳو واپاري قافلي کي پنهنجي قبضي ۾ وٺڻ هو. مخبرن ٻڌايو تہ قافلو ٽن ڏينهن ۾ اتي پهچي ويندو، پر ابو سفيان جنهن جي قافلي ۾ رڳو سٺ ماڻهو هئا، مسلمانن جي نڪري اچڻ جي خبر پوندي ئي ڳس مٽائي وڃي مڪي پهتو.


Sindhica Academy, Karachi

بدر جو ميدان مديني کان 98 ميل ۽ بحر احمر جي بندرگاهہ ينبوع کان ويهہ ميل پري هڪ علائقو هو. جيتوڻيڪ ابو سفيان مڪي وارن کي نياپو ڏياري موڪليو تہ هو صحيح سلامت مڪي پهچي ويندو انهيءَ لاءِ واهر جي ضرورت نہ آهي، پر ابو جهل بدر پهچڻ جي تياري ڪري چڙهي هئي. هو قتل ٿي ويل حضرمي جو فديو وٺڻ لاءِ آماده نہ هو پر انهيءَ لاءِ جنگ ڪرڻ تي هوڏ ٻڌي بيٺو هو.

## مسلمانن سان صلاح مشورو:

ذفران جي وادي ۾ پهچي رسول الله ﷺ کي خبر پئي تہ قريش ڀرپور تياريءَ سان بدر ڏانهن نڪري پيا آهن. هاڻي رسول الله ﷺ کي صلاح مشوري جي ضرورت پئي تہ اڳتي وڌن يا واپس موٽن. ابوبڪر، عمر ۽ مقداد اڳتي وڌڻ جي صلاح ڏني. انصارن بہ چئي ڏنو تہ اسان موسيٰؑ جي قوم وانگر اهو نہ چونداسين تہ توهان ۽ توهان جو الله وڃي وڙهو، پر اسان توهان جي حڪم تي سمنڊ ۾ لهي پوڻ لاءِ بہ تيار آهيون. جيتوڻيڪ بيعت عقبہ ۾ رڳو اهو شرط هو تہ مديني تي حملي جي صورت ۾ اهي پاڻ ڪريم ﷺ جي مدد ڪندا، پر هاڻي ايترو پري نڪري اچڻ کان پوءِ اسان توهان کي اڪيلو نہ ڇڏينداسين. ان تي پاڻ ﷺ جن ڏاڍو خوش ٿيا ۽ اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏنو.

ابوجهل جي لشڪر بہ ويجهو ئي لهي پيو هو. مسلمان اتي پهتا تہ انهن کي قريشن جي ڪا خبر نہ هئي. انهيءَ ڪري قرآن چيو:

”جيڪڏهن الله نہ گهري ها تہ توهان جي قريشن سان ويڙهہ ٿئي تہ اوچتو ئي اوچتو بنا ڪنهن اعلان جي توهان هڪ ٻئي جي مقابلي لاءِ نہ پهچو ها ۽ توهان جي سوڀ نہ ٿئي ها.“ (انفال، رکوع 6)

ان کان سواءِ الله تعاليٰ ڪافرن کي مسلمانن جي نظرن ۾ ٿورڙو ڪري ڏيکاريو. قريشن جو لشڪر هڪ هزار ماڻهن تي ٻڌل هو.

## جنگ لاءِ صلاحون:

جناب حباب بن منذر مشورو ڏنو تہ جنگي ڪارروائي جي لاءِ هيءُ ميدان صحيح نہ آهي، اڳتي وڌي وڃي پاڻي جي تلاءَ تي قبضو ڪجي ۽ اتي حوض ٺاهي وٺجي تہ جيئن اسلامي لشڪر اجارو نہ رهي. انهيءَ مان خبر پئي تہ مقصد جي تعين ۾ مشورو ايترو ضروري نہ آهي جيترو مقصد ماڻڻ لاءِ وسيلن بابت ضروري آهي. انهيءَ کي ئي ڪتابي جمهوريت يا ڪتابي شورائيت چوندا آهن.


www.sindhsalamat.com

**ميٺھن ۽ ننڊ:**

"اتي جنگ جي ميدا تي الله تعاليٰ ميٺھن وسايو جنھن ۾ مسلمان وھنتا ۽ لڳن ۾ چستي حاصل ڪئي." (انفال: 2 رڪوع)

مسلمان مٿانھين تي واريءَ جي دڙي تي ھئا جتي ميٺھن وسڻ جي ڪري ھلڻ ڦرڻ لاءِ سھنجو ٿي پيو، پر قريش جيڪي ھيٺاھين تي ھئا، سي گپ ٿي وڃڻ ڪري ھلڻ ڦرڻ ۾ ڏکيا ٿي پيا.

"ملائڪن (سڪينہ ۽ الله جي لشڪر) مسلمانن جي دل کي ڏاڍو ڪيو ۽ دشمنن جي دلين ۾ مسلمانن جي دھشت پيري ڇڏي."

(انفال رڪوع7)

قريشن کي رحمان جي لفظ کان چڙ ھئي، انھيءَ ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جنگ جو نعرو "يا رحمان" رکيو. ان کان پوءِ پاڻ پنھنجي ڇپر ۾ دعا ڪيائون تہ "اي الله اڄ جيڪي ھيءُ مٺ جيترا ماڻھو تنھنجو نالو مٿانھون رکڻ جي لاءِ ميدان ۾ ٽپي پيا آھن سي جيڪڏھن مارجي ويا تہ ڌرتيءَ تي تنھنجو نالو وٺڻ وارو ڪوبہ نہ ھوندو."

قريشن جو مسلمانن جو ولولو ۽ جوش ڏٺو تہ ھانءُ لاھي وينا. حڪيم بن حزام ابو جھل کي چيو تہ حضرمي جي خون بھا وٺين تہ ويڙھ ختم ٿي سگھي ٿي، پر ابوجھل نہ مڃيو. ٻنھي پاسن کان تير اندازي شروع ٿي وئي. ھڪ پاسي رحمان جا پوڄاري ھئا تہ ٻئي پاسي شيطان جا پوڄاري ھئا ۽ ڪعبي جي جنگي ديوتا ھبل، لات ۽ عزيٰ جو ورد انھن جي زبان جي جاري ھو.

ھاڻي مسلمانن کي ان ڳالھ جو انتظار ھو تہ شروعات پلي تہ قريشن جي طرف کان ٿئي. اينري ۾ عتبہ، شيبہ ۽ وليد ميدان ۾ لٿا ۽ دوبدو مقابلي لاءِ پنھنجو مٽ گھرڻ لڳا. جڏھن انھن انصارن سان وڙھڻ کان انڪار ڪيو تہ رسول اللهﷺ حمزه، علي ۽ عبيده بن حارث رضہ کي مقابلي جي لاءِ موڪليو. انھن قريش جي انھن سردارن کي ماري ڦٽو ڪيو تہ عام ويڙھ شروع ٿي وئي. ھڪڙي ئي ٻوڄاڙ ۾ قريش پنھنجا 70 ماڻھو مئل ۽ ستر قيدي ڇڏي پوئين پير ڀڳا. قرآن ٻڌايو آھي:

"ڪافرن کي مسلمان پاڻ کان ٻيڻا نظر آيا." (آل عمران، رڪوع 2)

"۽ مسلمانن کي وري ڪافرن جو تعداد گھٽ نظر آيو."

(آل عمران، رڪوع 5)

ابو جھل سخت ڦٽجي پيو ھو ۽ مرڻ ڪنڌي تي ھو جو عبدالله بن مسعود ؓ ان جي سيني تي پير رکيو تہ ڪانئس سوپ جي باري ۾ پڇڻ لڳس.



Sindhica Academy, Karachi

انھيءَ تي ابن مسعود ٻڌايس تہ مسلمان ئي ڪامياب ٿيا آھن.

ھن ويڙھ ۾ اميہ بن خلف حضرت عبدالرحمان بن عوف کي ان جو جاھليت وارو نالو وٺي سڏيو. اميہ جي سڏڻ تي ھو ڪيس ۽ سندس پٽ کي گرفتار ڪري وٺيو ٿي ويو جو حضرت بلال اميہ کي ڏسي ورتو ۽ ٻڪي وڃي مٿس حملو ڪيو، جو مڪي ۾ اميہ بلال جو مالڪ ھو ۽ ان تي سخت ظلم ڪندو ھو. ائين اميہ ۽ ان جو پٽ، ٻئي مارجي ويا.

## سورت الانفال رڪوع 5، خوني ويڙھ بابت پھرين آيت:

**مظلومن کي آزادي ڏيارڻ ھر مؤمن جو فرض آھي:** قتال جو مقصد اھو آھي تہ دنيا ۾ اظھار جي آزادي ھجي ۽ ڪو بہ ماڻھو ٻئي ڪنھن جي راءِ کي اختيار ڪرڻ لاءِ مجبور نہ ڪيو وڃي. راءِ جي آزادي ختم ٿيڻ کي عربي ۾ فتنو چوندا آھن جيڪو قتل کان بہ وڌو ڏوھ آھي. بدر جي سوپ کان پوءِ ھيءَ پھرين آيت آھي جنھن ۾ خوني ويڙھ جو حڪم ڏنو ويو آھي ۽ ان جو مقصد بہ ٻڌايو ويو آھي. اھو ھيءُ تہ الله تعاليٰ جو قانون دنيا ۾ لاڳو ڪرڻ ۽ شيطاني قانونن کي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ خدا جي عبادت ۾ آزاديءَ جي لاءِ خوني ويڙھ ڪرڻ ۽ مظلومن کي آزادي ڏيارڻ ھر مؤمن جو فرض آھي. پوءِ جيڪڏھن ظالم شيطان جا پوڄاري مڙي وڃن تہ ڪين معاف ڪري ڇڏيو.

جيڪو مال غنيمت ۾ ملي تو انھيءَ جو پنجون حصو الله ۽ ان جي رسول جو آھي، جنھن ۾ مٽن مائٽن، يتيمن، مسڪينن ۽ مسافرن جو حق آھي. جاھليت واري دؤر ۾ ٽي حصا سپاھين جا ھوندا ھئا ۽ ھڪ حصو سردار کي ملندو ھو، پر پاڻ ڪريم ﷺ چار حصا ٻين کي ڏنا ۽ پنجون حصو پنھنجي لاءِ رکيو، اھڙيءَ طرح سمورو غنيمت جو مال ۽ قيدي ورھائبا رھيا.

## بدر جي قيدين جي باري ۾ صلاحون:

ستر قيدين ۾ عقبہ بن ابي معيط ۽ نضر بن حارث عبدري (قريشن جو علمبردار) بہ ھو. انھن ماڻھن پاڻ ڪريم ﷺ جي قتل جي سازش ڪئي ھئي، انھيءَ ڏوھ ۾ ڪين قتل ڪيو ويو. باقي قيدين سان سھٹو ورتاءُ ڪيو ويو. قيدين جي باري ۾ حضرت عمر ۽ سعد بن معاذ ؓ جي صلاح اھا ھئي تہ انھن کي قتل ڪيو وڃي، پر ابوبڪرؓ جي راءِ ھئي تہ انھن کان فديو وٺي ڇڏي ڏنو وڃي. جيڪڏھن ڪو لکڻ پڙھڻ ڄاڻيندو ھجي تہ انھيءَ جو فديو اھو آھي تہ ھو انصارن جي ڏھن ٻارن کي لکڻ پڙھڻ سيکاريندو.



www.sindhsalamat.com

## غلامن جي آزاديءَ جو پهريون قانون:

جنگي قيدين کي يا تہ قتل ڪيو ويندو هو يا وري غلام بڻايو ويندو هو. پاڻ ان باري ۾ جيڪو پهريون قانون تيار ڪيائون سو اهو هو تہ نہ انهن کي قتل ڪيو ويندو ۽ نہ غلام بڻايو ويندو، پر انهن کان فديو وٺي ڪين آزاد ڪيو ويندو. انهن مان جيڪو فديو نہ ڏئي سگهندو هجي، انهن سان ڀلائي ڪري ڇڏي ڏنو وڃي. اڳتي هلي پاڻ ﷺ جو اهو ئي قانون سورهء محمد ۾ (فَاِمَّا مَنًّۢا بَعۡدُ وَاِمَّا فِدَآءً) جي شڪل ۾ قرآن جو مستقل حڪم بڻجي ويو.

انهيءَ قانون جي ڪري يهودي ڏاڍو ارها ٿيا، ڇو جو اهي گهڻو ڪري ماڻهن کي پنهنجي قرض جي بدلي ۾ غلام بڻائي ڇڏيندا هئا، ڪنهن کي مفت ۾ ڇڏڻ هنن جي سمجهہ کان ٻاهر هو.

## طلاق بائن کان پوءِ واپسي:

ابو لهب جي پٽن رسول الله ﷺ جي نياڻين سان ڏاڍو خراب هلت هليا. رڳو ابو العاص بن الربيع رسول الله ﷺ جي نياڻيءَ سان محبت رکندا هئا. اهو بہ قيد ٿي آيو ۽ فديي ۾ بيبي خديجہ جو هار آيو جيڪو پاڻ ﷺ جي نياڻي زينب کي ماءُ وٽان مليو هو. هار ڏسي ڪري پاڻ ﷺ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. پاڻ ان جو سمورو مال واپس ڪري ڇڏيائون. هو مڪي موٽي ويو، ماڻهن کي پنهنجو قرض موٽائي ڏنو ۽ امانتون انهن جي مالڪن تائين پهچائي مسلمان هجڻ جو اعلان ڪري مديني ڏانهن موٽي آيو. پاڻ ڪريم ﷺ جي ڌيءُ زينب کي ابوالعاص جي شرڪ جي ڪري طلاق ٿي وئي هئي، پر جڏهن هو مسلمان ٿي ويو تہ بيبي زينب کي، بائن طلاق هئڻ جي باوجود بہ ابوالعاص جي نڪاح ۾ ڏنو ويو. انهيءَ مان خبر پئي تہ بائن طلاق کان پوءِ بہ، جيڪڏهن زال جي گهر تي خلع نہ ڏنو ويو هجي تہ، اهڙي قسم جي رجعت کي قرآن ازڪي و اطهر چيو آهي.

## سورت الانفال رڪوع 2:

جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ ڪافرن ڏانهن پٿريون اڇلايون تہ الله تعاليٰ چيو تہ اهي مون اڇلايون هيون. اهڙي طرح جڏهن مسلمانن ڪافرن کي قتل ڪيو تہ الله تعاليٰ چيو تہ انهن کي مون قتل ڪيو هو ۽ ڪافرن جي تدبيرن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو "فَلَمۡ تَقۡتُلُوۡهُمۡ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ قَتَلَهُمۡ وَمَا رَمَيۡتَ اِذۡ رَمَيۡتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى" اهڙيءَ طرح شهيدن لاءِ بہ چيو تہ انهن کي مئل نہ سمجهو.


Sindhica Academy, Karachi

## سورت الانفال رڪوع 1:

سچا مؤمن اهي آهي جيڪي نماز قائم ڪن ٿا ۽ الله جي واٽ ۾ خرچ ڪن ٿا. الله تعاليٰ چيو تہ جڏهن قريش جي وڏي ڪٽڪ سان مقابلي جي وقت توهان الله تعاليٰ اڳيان مدد لاءِ ٻاڏائي رهيا هئا تہ الله تعاليٰ هزارين ملائڪن سان توهان جي مدد ڪئي. حقيقت اها آهي تہ ملائڪن واري ڳالهہ تہ رڳو هڪ خوشخبري هئي تہ جيئن مؤمنن جي دلين کي اطمينان حاصل ٿئي (وَمَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشۡرٰى وَلِتَطۡمَئِنَّ بِهٖ قُلُوۡبُكُمۡ).

## فطري وارو صدقو:

رمضان 2 هہ ختم ٿيڻ تي رمضان کان پوءِ خوشيءَ جو ميلو لڳو جنهن کي عيد سڏجي ٿو. هن کان پهريان عيسائين جي ڪرسمس جي عيد ٿيندي هئي، انهيءَ ڪري مسلمانن جي لاءِ رمضان ۾ زوري جي عبادت جي پڄاڻيءَ تي شوال جي پهرين تاريخ عيد جو ڏينهن مقرر ٿي. انهيءَ موقعي تي حڪم ڏنو ويو تہ هر هڪ آسودو هڪ خاص رقم فطري جي صدقي طور ڏئي تہ جيئن انهيءَ ڏينهن امت جو ڪوبہ ماڻهو بکيو نہ رهي.

بدر جي فتح کان پوءِ سورهء انفال نازل ٿي. هن سورت ۾ الله تعاليٰ سان گڏ رسول الله ﷺ جو بہ ذڪر اچڻ لڳو. انهيءَ مان خبر پئي تہ جيستائين خوني ويڙهہ جي آيت نازل نہ ٿي هئي تہ مسلمان ڪافرن جي تعداد کي ڏسي هيسجي ويندا هئا، جيئن بدر ۾ ٿيو هو. هن سورهء ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو تہ بدڪارن سان گڏجي نہ رهڻ گهرجي. ڇو تہ جڏهن الله تعاليٰ جو عذاب ايندو آهي تہ نيڪ ماڻهن کي بہ پنهنجي چپيٽ ۾ آڻي ڇڏيندو آهي ۽ اهو بہ واضح ڪيو تہ بزدليءَ واري روش انسان کي تباهہ ڪري ڇڏيندي آهي.

قريش معجزي يا نشاني جي طور تي عذاب جي گهر ڪندا هئا. اهو عذاب مڪي انهن تي انهيءَ ڪري نہ آيو جو اتي پاڻ ڪريم ﷺ موجود هئا ۽ ٻئي مسلمان بہ اتي ٽڪيل هئا. ڇو تہ جڏهن الله تعاليٰ جو عذاب ايندو آهي تہ بدڪارن سان گڏ نيڪ ماڻهو بہ پيسجي ويندا آهن. (انفال 1، 2، 3)

## جنگ جا قانون_ سورت انفال: رڪوع 10:

مسلمانن تي جيڪڏهن ظلم ٿيندو هجي تڏهن بہ واعدي خلافي ڪرڻ جائز نہ آهي. ڇو تہ يهودين اعلان ڪري معاهدو نہ ٽوڙيو هو، انهيءَ ڪري انهيءَ تي قائم رهڻ ضروري آهي.


www.sindhsalamat.com

## سورت الانفال رڪوع 9:

اهو حڪم ٻ ڏنو ويو ته جنگ ختم ٿيڻ کان پهريان يعني مڪمل طرح سان سوپ ماڻڻ کان پهريان قتل تي ويلن جو سامان ميڙڻ يا قيدين جي گرفتاري صحيح نه آهي. جيڪڏهن بدر جي باري ۾ الله تعاليٰ توهان جي سوپ جي باري ۾ فيصلو نه ڏنو هجي ها ته ظاهر آهي ته هرڪو ماڻهو فديي جي لالچ ۾ قيدين کي پڪڙڻ شروع ڪري ڏئي ها ۽ غنيمت جي مال هٿ ڪرڻ جي چڪر ۾ ڦاسي پوي ها، نتيجي ۾ مشرڪ اوچتو حملو ڪري ڏين ها ۽ توهان سخت عذاب ۾ ڦاسي پئو ها. پر جيڪو فديو ملي يا جيڪو غنيمت جو مال ڪٽي اچي سو کائو پيئو ته اهو حلال آهي. انهيءَ غنيمت جي مال ميڙڻ جي لالچ ۾ ئي احد ۽ ان کان پوءِ حنين جي معرڪن ۾ هار ٿي. قرآن چيو:

”مِنۡكُمۡ مَّنۡ يُّرِيۡدُ الدُّنۡيَا وَمِنۡكُمۡ مَّنۡ يُّرِيۡدُ الۡاٰخِرَةَ “ ۽ ” تُرِيۡدُوۡنَ عَرَضَ الدُّنۡيَا ۖ وَاللّٰهُ يُرِيۡدُ الۡاٰخِرَةَ ؕ “ جنگ الله تعاليٰ جو راضپو حاصل ڪرڻ لاءِ وڙهي ويندي آهي (اڄ ڪلهه وري محنت جي استحصال جي خاتمي جي لاءِ) مال غنيمت، غلام ۽ فديو حاصل ڪرڻ لاءِ نه ڪئي ويندي آهي.

## سورت الانفال رڪوع 8:

جيڪڏهن دشمن ناهه ڪرڻ لاءِ جهڪي پوي ته يڪدم ناهه ڪري وٺو. جو ته قتل مقصد نه آهي، پر اصل مقصد امن امان قائم ڪرڻ آهي. امن قائم ٿيندو ته فتنو گهٽجي ويندو ۽ جيڪي ماڻهو زبردستي دين کان ڦري ويندا آهن، تن کي خيال ۽ مذهب ۾ آزادي حاصل ٿي ويندي. مسلمانو! جنگ جي لاءِ تيار رهڻ ۽ گهوڙا پالڻ ٻ ثواب آهي. يعني الله ۽ ان جي رسول جي دشمنن سان جنگ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. اڄڪلهه سڀ کان پهريان ته مسلمانن کي سائنسي تحقيق جي ذريعي پنهنجي دفاعي حيثيت کي مضبوط ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ائين نه ٿي سگهي ته يورپ ۽ آمريڪا جي سائنسي تحقيقن کي ڪنهن طرح سان هٿ ڪرڻ گهرجي ته جيئن پنهنجي دفاعي حيثيت مضبوط رهي.

## سورت الانفال رڪوع 7:

منافقن کي چئي ڇڏيو ته مؤمن ناهه واري ڳالهه کان وڏائي نه ڪندا آهن. الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن قوم کي پنهنجي ڪا نعمت ڏيندو آهي ته ان وقت تائين


Sindhica Academy, Karachi

واپس نه وٺندو آهي جيستائين جو اها پنهنجو پاڻ ئي نااهل بڻجي انهيءَ نعمت کي ٺڏي نه ڇڏي. خدائي نعمتن کي رڳو نيڪ عملي واري زندگي گذارڻ سان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

## خانداني معاملا ۾ عورتن جي عزت افزائي

**جهالت واري دؤر ۾ عورتن جي حالت:** بدر جي فتح کان پوءِ مسلمانن جي خانداني ۽ گهريلو معاملن ڏانهن ڌيان ڏنو ويو. جاهليت واري زماني ۾ پرڏيل عورتن جي حالت بلڪل ٻانهين واري هئي. جو ته انهيءَ دؤر جون عورتون نه ته جنگ ۾ ڪم ڏئي سگهنديون هيون ۽ نه ئي وري امن جي حالت ۾ معاشي طور تي ڪارائتيون هيون. مردن آهستي آهستي ان کي ٻانهيءَ جي درجي تي پهچائي ڇڏيو هو. انهن جو ڪم رڳو مردن کي خوش ڪرڻ هو ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ هو. جنگي قانون موجب عورتن کي قتل نه ڪيو ويندو هو، تنهن ڪري انهن کي جيئرو ئي گرفتار ڪري ٻانهيون بڻايو ويندو هو ۽ انهن جي ٻارن کي انهن کان جدا ڪري غلاميءَ ۾ وڪيو ويندو هو. اهو ٻ رواج هو ته ڪجهه ڏينهن لاءِ دوست هڪٻئي جون زالون مٽائيندا هئا. ان ڪانسواءِ اهو ٻ رواج هيو ته ٻانهين کان بد پيشو ڪرائي ڏوڪڙ ڪمايا ويندا هئا. قانوني لحاظ کان عورت جي شاهدي ڪا ٻ حيثيت نه رکندي هئي، ايتري تائين جو مرد کي جيئن وڻي تيئن ڪيس ڪنهن غلطيءَ جي سزا ڏئي سگهندو هو جنهن ۾ ڪنهن ٻ ماڻهوءَ کي مداخلت جو حق نه هو. انهن حالتن ۾ ڪي غيرتمند ۽ غريب عرب، ٻار جي پيدا ٿيڻ کان پهريان ئي کڏ کوٽي تيار رکندا هئا ۽ جيڪڏهن ڇوڪري پيدا ٿيندي هئي ته ان کي جيئرو ئي پوري ڇڏيندا هئا.

## طلاق، ظهار يا ايلاء:

هڪ ماڻهو جيترن عورتن سان دل گهريس شادي ڪري سگهندو هو، ان کان سواءِ بيشمار ٻانهيون بنا نڪاح جي پڻ رکي سگهندو هو. ان کي اهو ٻ اختيار هوندو هو ته جنهن لاءِ وڻيس ان کي طلاق ڏئي ڇڏي ۽ ان کان پوءِ نه کاڌ خوراڪ ڏئيس ۽ نه ئي ڪنهن ٻئي سان نڪاح ڪرڻ ڏئيس. ان کي ان ڳالهه جو ٻ اختيار هو ته زال جي ڪنهن عضوي کي پنهنجي ماءُ جو عضوو چئي ڇڏي، مثال طور ائين چوي ته تنهنجي پٺ منهنجي ماءُ جي پٺ آهي. ائين ڪرڻ سان


www.sindhsalamat.com

اها عورت طلاقيل سمجهي ويندي هئي، پر ٻئي ڪنهن سان نڪاح بہ نہ ڪري سگهندي هئي. انهيءَ کي طلاقِ ظهار چوندا هئا. ڪي وري ائين بہ ڪندا هئا جو عورتن کي ٻن سالن تائين ڇڏي ڏيڻ جو قسم کڻندا هئا جنهن کي ايلاء چوندا هئا. عورت کي مڙس جي انهن سڀني ظلمن جي باوجود بہ ان کان طلاق وٺي آزاد ٿيڻ جو حق نہ هو. مطلب تہ زالن جي حالت جانورن کان بہ بچڙي هئي ۽ ٻانهين کي تہ پنهنجي بدن تي بہ ڪو اختيار نہ هوندو هو. ڪيترا ئي مالڪ تہ انهن جو جسم وڪڻي پنهنجو گذر ڪندا هئا.

عورتن جو پنهنجي مڙسن، پٽن يا پيئرن جي ورثي ۾ ڇڏيل ملڪيت ۾ بہ ڪو حق نہ هو. باقي ايترو سو ضرور هو تہ نڪاح ڪان پهريان انهن کي ان ڳالهہ جو حق مليل هو تہ اهي پنهنجو ڪابين مقرر ڪن ۽ اهو مڙسن کان وٺن. اهڙيءَ طرح انهن کي اهو بہ حق هو تہ پنهنجي ملڪيت ۾ جيئن وڻين تيئن خرچ ڪن ۽ واپار يا وياج جي ذريعي پنهنجي دولت کي وڌائن ۽ ان کي پنهنجي ذاتي ملڪيت ۾ رکن.

پاڻ ڪريم ﷺ کي جيئن ئي موقعو مليو، عورتن جي حالت سڌارڻ ۽ گهريلو زندگيءَ ۾ انهن کي مٿانهون درجو ڏيڻ جي لاءِ پاڻ جيڪو ڪجهہ ڪيائون، اڄ ويهين صديءَ ۾ بہ دنيا اتي پهچي نہ سگهي آهي.

## سورت النساء رکوع 1، يتيمن سان انصاف:

ماڻهؤ! يتيمن جو مال نہ کائو. جڏهن اهي سياڻا ۽ سمجهہ ڀريا ٿي وڃن تہ انهن جو مال انهن جي حوالي ڪري ڇڏيو. يتيم ڇوڪرين جو مال ڦٻائڻ جي خيال کان انهن سان شادي نہ ڪريو ۽ عورتن جو ڪابين انهن کي خوشيءَ سان ڏيو.

## رڳو هڪڙي عورت سان نڪاح ڪريو:

جيتوڻيڪ چئن عورتن سان هڪ ئي وقت نڪاح جائز آهي، پر جيڪڏهن ان ڳالهہ جو خطرو هجي تہ انهن ۾ انصاف قائم نہ ڪري سگهندؤ تہ پوءِ رڳو هڪڙي ئي عورت سان نڪاح ڪرڻ ۾ ڀلائي آهي. (ڇو تہ انصاف ۽ برابري قائم نہ ڪري سگهڻ جي ڪري انسان جي زندگي ايتري تہ اهنجي ٿي ويندي آهي جنهن جو بيان ئي نٿو ڪري سگهجي). انهن چئن واري ڳاڻيٽي ۾ توهان ٻانهين سان بہ نڪاح ڪري سگهو ٿا، پر شرط وري بہ اهو آهي تہ انهن جي مالڪن جي اجازت سان نڪاح ڪريو ۽ انهن کي ڪابين ڏيو.

اها ڳالهہ ڌيان ۾ رهي تہ اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت ٻانهيون ۽ غلام


Sindhica Academy, Karachi

انساني معاشري جو حصو هئا. قرآن معاشي حالتن جي لحاظ کان غلاميءَ کي يڪدم ختم نہ ڪيو، ڇو تہ اها هڪڙي پيداواري قوت هئي. پر حجة الوداع جي خطبي ۾ جيڪو نبوي اعلان ٿيو، انهيءَ غلام کي بہ مالڪ وارو درجو ڏئي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح غلاميءَ جو خاتمو ڪيو ويو. سڀني ماڻهن جا انساني حق برابر سڏيا ويا ۽ پرهيزگاري کانسواءِ ڪنهن کي ڪنهن تي فوقيت نہ ڏيڻ وارو اصول پڌرو ڪيو ويو.

## وراثت جو حق:

عورتن کي بہ مردن وانگر پيءُ ماءُ ۽ مائٽن جي مال ۾ وراثت جو حق ڏنو ويو.

- **نساء رکوع 2:** هن رکوع ۾ وراثت واري حق جو تفصيل ٻڌايو ويو آهي ۽ عورتن جي وراثت جو خاص طور تي خيال رکيو ويو آهي.
- **نساء رکوع 3:** هن رکوع ۾ زنا واري ڏوهہ جي شروعاتي سزائن جو ذڪر آهي. جيڪڏهن ڪا عورت بدڪاري ڪري تہ انهيءَ کي سزا ڏيڻ جي لاءِ مسلمانن منجهان چئن اکين ڏسندڙ شاهدن جي شاهدي ضروري آهي. ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي عورت کي مرڻ گهڙيءَ تائين گهر کان ٻاهر نڪرڻ نہ ڏنو ويندو يا ان جي موت کان اڳ الله تعاليٰ ان جي لاءِ ڪا ٻي واهہ ڪڍي. يعني ٻيو ڪو ماڻهو انهيءَ سان نڪاح ڪري ۽ پهريون مڙس ان کي طلاق ڏئي ڇڏي. پر جيڪڏهن ڪو مرد ڪنهن سان بدفعلي ڪري ٿو تہ ان کي جسماني سزا ڏني ويندي. ان کان پوءِ جيڪڏهن اهي يڪدم توبہ ڪري نيڪوڪاري واري واٽ وٺندا تہ پوءِ الله تعاليٰ بہ معاف ڪرڻ وارو آهي. (جيئن تہ شراب وانگر زنا بہ عام هئي، انهيءَ ڪري اهي شروعاتي سزائون هيون. اڳتي هلي سورهء نور ۾ عورتن ۽ مردن جون سزائون هڪجيتريون ئي ڪيون ويون جيڪي وڌيڪ سخت آهن).

## عورتن سان سهڻي نموني هلڻ جو حڪم:

ڪنهن عورت سان ڏاڍائي ڪري ميراث ۾ حصو وٺڻ جي ڪوشش نہ ڪريو ۽ نہ ئي انهن کي ڪو تحفو ڏئي پوءِ واپس وٺو. جيڪڏهن ڪا عورت توهان کي نہ ٿي وڻي تہ بہ ان سان سهڻو سلوڪ اختيار ڪريو. ڪابين واپس وٺڻ واري ڳالهہ تہ تمام ئي بچڙي آهي (انهيءَ باري ۾ اڳتي طلاق ۽ خلع جو ذڪر


www.sindhsalamat.com

آهي). جيڪڏهن پئسا وٺي ڪو ماڻهو طلاق ڏئي ڇڏي ته پوءِ ڪنهن به ريت هو عورت سان رجوع نٿو ڪري سگهي. اهڙي عورت ان لاءِ حرام ٿي وڃي ٿي. باقي جيڪڏهن ٻئي مرد سان نڪاح ڪري ۽ اهو به ڪيس طلاق ڏئي ڇڏي يا مري وڃي ته پوءِ ٻيهر مهر وٺي ڪري پنهنجي اڳوڻي مڙس سان شادي ڪرڻ گهري ته ڪري سگهي ٿي.

## رنڙ عورتن جي آزادي:

جيڪي عورتون رنجي پون ته اهي آزاد هونديون. مري ويل مڙس جي پاءُ يا ٻئي ڪنهن مٽ مائٽ کي اهو حق نه هوندو ته انهن تي ڏاڍائيءَ سان قبضو ڪري ان کي پنهنجي زال بڻائي يا ٻيو ڪنهن سان نڪاح ڪرڻ کان جهلي. ان ڪانسواءِ ڪو پنهنجي پيءُ جي رنڙ سان نڪاح ڪري ته اها به تمام ئي بي حيائي واري ڳالهه آهي.

- **نساء رڪوع 4:** هن رڪوع ۾ محرم عورتن جو بيان آهي. يعني اهي عورتون جن سان نڪاح ڪرڻ حرام ڪيو ويو آهي.

## ٻانهين سان نڪاح ڪريو:

هن وقت تائين اهو رواج هو ته ماڻهن کي جيترو وٽي ٻانهيون رکي سگهن پيا. پر زالن جو تعداد چئن تائين مقرر ڪرڻ کان پوءِ اهو شرط به وڌايو ويو ته انهيءَ تعداد جي اندر گهرو ته ٻانهين سان به نڪاح ڪري سگهو ٿا. جيڪڏهن ڪنهن آزاد عورت سان نڪاح ڪرڻ جي سگهه نه آهي ته ٻانهي جي مالڪ جي اجازت سان، ڪابين ڏئي ڪري ان سان نڪاح ڪري سگهو ٿا. پوءِ جيڪڏهن اهي ٻانهيون ڪا بدڪاري ڪن ته آزاد عورتن جي مقابلي ۾ انهن کي اڌ سزا ڏني ويندي.

- **نساء رڪوع 5:** الله تعاليٰ گهري ٿو ته اڳاٽن مهذب ماڻهن جي معاشرت جي باري ۾ توهان کي ٻڌائي ته جيئن توهان به اهڙي قسم جي معاشرت قائم ڪريو. جيئن ته انسان پنهنجي خلقت ۾ هيٺو آهي، تنهن ڪري الله تعاليٰ سخت قسم جون سزائون قائم نٿو رکڻ گهري (جيئن عورتن جي باري ۾ مختلف قومن جي رواج ۾ هيون يا آهن).

## عورتن جي ملڪيت جو حق:

جهڙيءَ ريت مردن کي پنهنجي ڪمايل دولت ۾ خرچ ڪرڻ جو مڪمل


Sindhica Academy, Karachi

اختيار آهي، اهڙيءَ ريت عورتن کي به پنهنجي دولت جي باري ۾ اختيار ڏنو وڃي ٿو. ميراث ۾ به ائين ئي انهن جو به حق آهي.

- **نساء رڪوع6:** مردن کي عورتن تي جسماني لحاظ کان فضيلت آهي. جيئن ته اهي محنت ڪندا آهن ۽ ڪمائي ڪري عورتن تي خرچ ڪندا آهن، انهيءَ ڪري اهي انهن جا رکوالا ۽ سرپرست (قوام) به آهن. انهيءَ ڪري عورتن جو به فرض ٿئي ٿو ته اهي نيڪ نيتيءَ سان گهريلو زندگيءَ کي وٽندڙ بڻائين ۽ مردن جو وري اهو فرض آهي ته عورتون جيڪڏهن ڪا لچائي ڪن ته انهيءَ لاءِ به پهريان ته انهن کي نصيحت ڪن، پوءِ جيڪڏهن اهي نه مڃن ته انهن سان ميل ميلاپ کان پري ٿي وڃن. پر جيڪڏهن انهيءَ تي به نه مڃن ته پوءِ ٿوري مار ڏئي به سمجهائن. جيڪڏهن انهيءَ تي اهي مڃي وڃن ۽ فرمانبرداري ڪن ته پوءِ ٿورين ٿورين ڳالهين تي انهن سان نه جهيڙن، پر جيڪڏهن ڳالهه اصل نه ٺهي سگهي ته پوءِ مرد ۽ عورت جي خاندان مان هڪ هڪ امين مقرر ڪيو وڃي ته جيئن اهي ٻنهي زال مڙس وچ ۾ ناهه ڪرائن، الله انهن جي مدد ڪندو.

## سيني سان محبت ۽ سهٽي سلوڪ سان هلڻ جو حڪم:

هتي اهو حڪم به ڏنو ويو آهي ته نه رڳو زال سان محبت ۽ سهٽي نموني رهڻ گهرجي، پر يتيمن، پاڙيسرين، مسافرن، ٻانهين ۽ ٻانهن سان به ويجهن مائٽن جهڙو سهٽو رويو اختيار ڪريو ۽ ڪنجوسي نه ڪريو.

## يهودين جو ذڪر:

بدر کان پوءِ ذاتي ۽ گهريلو زندگيءَ جي معاملن کي سنوارڻ کان پوءِ ڳالهه ٻولهه جو رخ يهودين ڏانهن ٿي ويو آهي. اسان هي ڏسي چڪا آهيون ته قبلي جي تبديليءَ ۽ يهودين جي شرارتن جي باوجود، قرآن يهودين سان معاهدو ٽوڙڻ جو حڪم نه ڏنو ۽ انهن کي پوءِ به اتحاد ۽ آخرت تي ايمان جي تعليم ڏني پئي وئي. بدر واري ويڙهه کي ڏسي يهودين سمجهي ورتو ته پاڻ ڪريم ﷺ جو ڌيان ٻيهر عيسائين ڏانهن وڃي رهيو آهي. قرآن عاشوري جي روزي جو حڪم ته نه ڏنو پر انهيءَ ئي رمضان ۾ روزن جو حڪم ڏئي ڇڏيو جنهن ۾ عيسائي به روزو رکندا هئا. وري بدر کان پوءِ غلاميءَ کي منسوخ ڪرڻ وارو قانون به جڙي ويو (ڏسو سوره محمد رڪوع ١)، هاڻي اهو


www.sindhsalamat.com

ممڪن نہ رهيو تہ جنگ يا قرض جي بدلي ڪو ڪنهن کي غلام بڻائي سگهي. انهيءَ کان بہ اڳتي اها ڳالهہ ٿي تہ وياج ۾ جوا کان بہ روڪيو ويو ۽ مسلمان عورتن کي ميراث ۾ ڪابين ذريعي اهي حق ڏنا ويا جيڪي انهن يعني يهودين وٽ نہ هئا. اهي ڇوڪرين کي انهن جي مڙسن وٽ وڪرو ڪري ڏيندا هئا ۽ يهودي مڙس کي اهو حق هو تہ انهن سان ٻانهين وارو ورتاءُ ڪري.

جيئن تہ مسلمانن جو ڌيان عيسائين ڏانهن وڌي رهيو هو انهيءَ ڪري يهودين، جيڪي حضرت عيسيٰؑ جا اصل کان دشمن هئا، مسلمانن کي بہ ڳالهيون ٻڌايون:

(1) بي بي مريم پاڪباز عورت نہ هئي (نعوذ باللّٰه). يهودين جو چوڻ هو تہ حضرت مريم جيتوڻيڪ يوسف نجار سان منگيل هئي، پر زال ٿيڻ کان پهريان ئي پيٽ سان هئي. عيسائي بہ ان ڳالهہ کي مڃيندا هئا پر اهي چوندا هئا تہ عيسيٰ بن مريم جو پٽ ڪو انسان نہ هو پر خدا هو. مسيح (عيسيٰ) اللّٰه جو ڪلمو هو، اللّٰه مڙس هو ۽ مريم زال هئي (نعوذ بااللّٰه).

(2) يهودي ٻي اها ڳالهہ ڪندا هئا تہ عيسيٰ پٽ مريم جي کي اسان سوريءَ تي چاڙهي خوار ڪرايو. يهودين اهو بہ چيو تہ عيسيٰ پٽ مريم جو هڪڙو ڪوڙو نبي هو، انهيءَ ڪري ڪيس رومي گورنر کي چوائي وڏي بيعزتي سان ان کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو. اهو يهودين جو مسيح (بادشاهہ) بلڪل بہ نہ هو، اجا بہ هو رومن سامراج جو باغي هو. عيسائي بہ اهو مڃن ٿا تہ عيسيٰؑ دنياوي بادشاهہ ڪونہ هو، پر ڀاڻ دلين ۾ محبت ۽ رحمت جو غلبو پيدا ڪرڻ آيا هئا. دنيا ۾ شيطان يعني نفرت ۽ لوڀ جي بادشاهي هئي. هو دنيا ۾ خدا تعاليٰ جي رحمت جي بادشاهي قائم ڪرڻ گهري پيو. انهيءَ ڪري هن پنهنجو پاڻ کي قربانيءَ لاءِ پيش ڪيو تہ جيئن انساني نسل، جيڪو حضرت آدمؑ جي گناهہ (يعني حياتي ۽ علم غيب جي هوس) جي ڪري ابدي طور گنهگار ٿي پيو هو، انهيءَ قربانيءَ سان پاڪ ٿي وڃي. جيڪي ماڻهو عيسيٰؑ کي محبت جو بادشاهہ مڃيندا سي دائمي حياتي يعني محبت ۽ رحمت جي دنيا ۾ پهچي ويندا. تنهن ڪري عيسيٰؑ جو سوريءَ تي چڙهڻ (عيسائين جي چوڻ موجب) هڪ قرباني هئي جنهن جي ڪري دنيا گناهہ کان ڇوٽڪارو ماڻيو ۽ عيسيٰؑ پاڻ، جيڪو اللّٰه جو پٽ هو، ٽئين ڏينهن اللّٰه ڏانهن ڪنيو ويو.

- **نساء رڪوع22:** هن رڪوع ۾ قرآن جو نقط نظر پيش ڪيو ويو آهي.


Sindhica Academy, Karachi

يهودين جي شرارتن ۽ منافقت جو قرآن ڪيترن ئي جائن تي جواب ڏنو آهي تہ جهڙي ريت قرآن توريت جي تصديق ڪندڙ آهي، اهڙي ريت اهو انجيل جي پڻ تصديق ڪري ٿو. اهو يهودين وانگر عيسيٰؑ ۽ عيسائين جو دشمن نہ آهي. باقي قرآن ان ڳالهہ کي نٿو مڃي تہ عيسيٰؑ جو پيءُ اللّٰه پاڻ هو. اللّٰه تعاليٰ کي تہ ڪنهن بہ وارث يا مددگار جي ضرورت ئي نہ آهي. اهڙي طرح حضرت مريم ڪنواري هئي، پر اللّٰه تعاليٰ پنهنجي قدرت سان ان کي حامله ڪيو، هوءَ بدڪار نہ هئي.

ان ڪانسواءِ حضرت آدم جو گناهہ رڳو سندس ئي توبہ زاريءَ جي سبب معاف ڪيو ويو هو. انهيءَ ڪري ڪوبہ انسان جيڪڏهن توبہ ڪندو تہ اللّٰه تعاليٰ ان کي بہ معاف ڪري ڇڏيندو آهي. ان ڳالهہ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي تہ هو قرباني ڪري اللّٰه تعاليٰ کي رت ۽ گوشت پيش ڪري. باقي جيڪڏهن ڪو اللّٰه تعاليٰ جو راضپو حاصل ڪرڻ لاءِ مسڪينن کي ڪاڌو ڪارائي ٿو ۽ غلامن کي آزاد ڪري ٿو تہ پوءِ اللّٰه تعاليٰ بہ اهڙي ماڻهوءَ کان راضي ٿئي ٿو. تنهن ڪري عيسيٰؑ جي سوريءَ تي چاڙهيو وڃڻ سان خوار يعني قتل نہ ٿيو پر اللّٰه تعاليٰ ان جو درجو مٿانهون ڪري ڇڏيو. (هن مضمون کي نساء جي آيت نمبر 22 ۾ بيان ڪيو ويو آهي).

يهودين کي چيو ويو تہ توهان جون شرارتون ۽ فتني بازيون ڪي نيون نہ آهن، هن کان اڳ ۾ بہ توهان ائين ئي ڪندا آيا آهيو، جنهن ڪري اللّٰه تعاليٰ توهان جي مٿان ڪي پاڪ شيون بہ حرام ڪري ڇڏيون هيون. هاڻي رحمت ڀريو نبي توهان وٽ آيو آهي، سو جيڪڏهن توهان توريت سان گڏو گڏ انجيل ۽ قرآن تي بہ ايمان آڻيندؤ تہ اهي پابنديون ختم ٿي وينديون. پر انهيءَ لاءِ شرط اهو ئي آهي تہ توهان نہ رڳو قرآن کي مڃيو پر عيسيٰ بن مريم ۽ انجيل کي بہ مڃيو.

هيٺ ذڪر ڪيل رڪوع ۾ يهودين جي بڇڙائين جي تفصيل ڏيڻ کان پوءِ انهن کي رحمت ۽ معافي جو پيغام ڏنو پيو وڃي. (نساء، رڪوع 22)

## يهودين جي لڳاتار نافرماني:

يهودين جو گُهر آهي تہ آسمان مان لکيل قرآن ڪٽي اچ. هنن جي اها گُهر تہ ڪجهہ بہ ناهي، موسيٰؑ جڏهن خدائي قانون وٺڻ جي لاءِ طور سينا جبل تي ويو هو تہ انهن نہ رڳو ڳابي جي پوڄا شروع ڪري ڏني، پر موٽي اچڻ تي موسيٰ سان خدا پرستي جي لاءِ اهو بہ شرط رکي ورتو تہ پاڻ کين اللّٰه اکين سان ڏيکاري! انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو جبل سينا وٽ وڄ ۽ گروڙ انهن کي اچي پڪڙيو ۽


www.sindhsalamat.com

پنهنجي مٿان جبل کي ڪرندو ڏسي انهن واعدو ڪيو ته هاڻي اسان اڻ ڏٺي خدا تي ايمان آڻينداسين. انهن جو اهو ڏوهه معاف ڪيو ويو ۽ سزا جي طور ڇنڇر جي ڏينهن ڪنهن به قسم جي دنياوي ڪم ڪار ۽ گهمڻ ڦرڻ کان روڪيو ويو. ان کان پوءِ انهن ٻيهر پنهنجو واعدو ٽوڙي ڇڏيو. اهو هن طرح جو:

(1) نبين کي ناحق ڪنائون ۽

(2) مريم تي تمام ئي وڏو بهتان ٻڌائون.

حضرت عيسيٰؑ جي وفات جي باري ۾ ٽي عقيدا موجود آهن:

- **پهريون عقيدو:** عام مسلمانن ۽ عيسائين جو آهي ته الله تعاليٰ عيسيٰؑ کي جيئرو ئي آسمان ڏانهن کڻي ورتو.
- **ٻيو عقيدو:** اجمل خان صاحب جو آهي ته عيسيٰؑ سوريءَ تي چاڙهيا ويا ۽ حق جي واٽ ۾ شهيد ٿي ويا. قرآن جي بيان موجب جيئن ته هو شهيد آهي جيئرو آهي تنهن ڪري جيئرن وانگر کائي پيئي ٿو. ائين هر مسلمان عقيدو رکي ٿو ته عيسيٰؑ سوريءَ تي چڙهي خوار نه ٿيو، باقي اهو مڃڻ ضروري آهي ته هو شهيد ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ ان جو مان مٿانهون ڪري ڇڏيو. يهودي ۽ عيسائي، ٻئي انهيءَ شڪ ۾ ڦاسي پيا آهن ته پاڻ سوريءَ تي گذاري ويا، پر عيسائي چون ٿا ته پاڻ جيئرا ئي آسمان ڏانهن کنيا ويا.
- **ٽيون عقيدو:** اهو آهي ته عيسيٰؑ سوريءَ تي نه گذاري ويا، پر طوفان جي ڪري اهڙو موقعو پيدا ٿي ويو جو جج پيلاطوس جي ذريعي، جيڪو ڳجهي طرح حضرت عيسيٰ جو پوئلڳ هو، کين بيهوشيءَ جي حالت ۾ سوريءَ تان لاٿو ويو ۽ پوءِ کين هڪ غار ۾ رکيو ويو جتي سندن علاج ٿيو ۽ ڇڱو ڀلو ٿيڻ کان پوءِ پاڻ گليل جبل ٽپي ويا هليا. انهن ٻنهي گليل جبلن تي گهاٽو ڪوهيڙو ڇانيل هو. عيسائين سمجهيو ته پاڻ آسمان ڏانهن هليا ويا آهن. حضرت عيسيٰؑ روم جي قابض علائقن مان نڪري ويو ته جيئن ٻيهر گرفتار نه ٿي سگهن. پاڻ لداخ جي خانقاهه ۾ ڪي ڏينهن گذاريائون ۽ ان کان پوءِ پاڻ ڪشمير اچي ويا جيڪو مٿانهين تي هو ۽ اتي چشما وهن پيا. اتي هڪ سئو ويهن سالن جي عمر ۾ گذاري ويا ۽ سري نگر جي ڳوٺ خانيار ۾ دفن ڪيا ويا.

## يهودين تي سزائون:

يهودين ظلم ۽ ڪفر واري روش اختيار ڪري ورتي هئي ۽ وياج وٺڻ



لڳا هئا، جنهن جو لازمي نتيجو قرضدارن جي غلامي هوندو آهي. وياج کان سواءِ بيماني ڪري ٻين جو مال ڦٻائي وڃڻ انهن جي عادت بڻجي پئي هئي. انهن ڳالهين جي سيني شريعتن ۾ منع ٿيل هئي، تنهن ڪري انهن جي مٿان سزا جي طور تي ڪي ٻيون شيون به حرام ڪيون ويون.

## آل عمران رڪوع 19:

پر يهودين ۾ پختي ايمان وارا ۽ اهي مسلمان جيڪي اڳين ڪتابن تي ايمان رکن ٿا ۽ قرآن کي به مڃين ٿا، نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪوات ڏين ٿا ۽ الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي به ايمان رکن ٿا، اهڙن ماڻهن کي تمام وڏو اجر ڏنو ويندو.

**نوٽ:** قرآن ڪريم ڪيترين ئي جاين تي الراسخون في العلم، اهل ذڪر، اولي العلم جهڙا سيئي لفظ اصل ڪتاب (يهودين ۽ عيسائين) جي لاءِ استعمال ڪيا آهن. انهن مان مراد هر دفعي اڳوڻن نبين ۽ ڪتابن کي مڃيندڙ ورتا ويندا آهن. انهيءَ ڪري والمؤمنون چئي ڪري چٽيءَ طرح ٻڌايو ويو ته انهيءَ مان مراد مسلمان نه پر يهودي آهن.

سورت آل عمران ۾ محڪمات ۽ متشابهات جي بحث ۾ به الراسخون في العلم مان جو مطلب يهودي ۽ عيسائي يعني ڪتاب وارا آهن.

## قريش جو خط:

بدر واري هار کان پوءِ قريشن مديني جي يهودين کي خط لکيو ته توهان وٽ جنگي سامان به آهي، مضبوط ڪوٽ به آهن، پوءِ مسلمانن جو خاتمو ڇونٿا ڪريو؟ جيڪڏهن توهان ائين نه ڪيو ته پوءِ توهان جي زائفن تائين پهچڻ کان اسان کي ڪابه شيءِ روڪي نه سگهندي.

هن خط کان پوءِ يهودين مسلمانن سان معاهدو ٽوڙي ڇڏيو ۽ مسلمانن جي وڌندڙ سگهه کي ڏسندي، ان کي ختم ڪرڻ لاءِ قريشن سان ڳٺ جوڙ ڪري ورتو.

هڪ مسلمان عورت پنهنجا ڳهه ٺهرائڻ جي لاءِ يهودين جي بنو قينقاع جي پاڙي ۾ وئي ته يهودين شرارت سان ان کي تنگ ڪيو. ان دانهون ڪيون ته جوش ۾ اچي هڪ مسلمان انهيءَ عورت سان ڇيڙڇاڙ ڪندڙ يهودي کي ماري وڌو. رسول الله ﷺ پنهنجي سر پاڻ يهودين جي پاڙي ۾ هلي ويا ته جيئن اصل ڳالهه معلوم ٿئي. پر يهودين معاهدو ختم ڪري ڇڏيو ۽ قلعي جا دروازا بند ڪري ويهي رهيا. مٿان وري رسول الله ﷺ ڏانهن ڌمڪي ڏياري مُڪي ته کين

قريش نہ سمجهيو وڃي جيڪي واڻيا ۽ مذهبي ٺيڪيداري تي پيٽ گذر ڪندڙ آهن، پر پاڻ هڪ ويڙهاڪ قوم آهن.

## بنو قينقاع وارن تي حملو:

ڇنڇر، 5 شوال 2 هه مطابق 11 فيبروري 624ع تي رسول الله ﷺ يهودين جي جنگ واري اعلان کي ٻڌي انهن تي حملو ڪري ڏنو. يهودين پندرنهن ڏينهن جي گهيراءَ کان پوءِ هٿيار ڦٽا ڪيا. عبدالله بن ابي سلول (منافق) انهن جي وڏي سفارش ڪئي، تنهن ڪري توريت جي حڪم موجب انهن کي قتل نہ ڪيو ويو ۽ نہ ئي انهن جي ٻارن ۽ عورتن کي غلام بڻايو ويو، پر انهن کي مديني مان نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو. انهن کي چيو ويو تہ اهي پنهنجي مالن جي بدران رڳو پنهنجي زالن ۽ ٻارن کي وٺي وڃن. ان موقعي تي ست سئو يهودي، جن ۾ ٽي سئو زرهون پهرين جنگي جوڌا بہ شامل هئا، شام ڏانهن لوڏيا ويا.

## سورت النساء رڪوع 7:

شراب جي روڪ جو پهريون حڪم اهو مليو تہ جڏهن نشي جي حالت ۾ هجو تہ نماز نہ پڙهو.

## وضو جو حڪم:

نماز جي لاءِ تڙ يا وضو ڪري اچو، جيڪڏهن پاڻي نہ ملي تہ پاڪ مٽيءَ سان تيمم ڪريو.

## سورت النساء رڪوع 8:

يهودي ڪن لفظن کي اهڙي طريقي سان ڳالهائن ٿا جو انهن جي خراب معنيٰ نڪري ٿي. الله تعاليٰ جي انهن تي لعنت آهي. اهي قرآن کي نٿا مڃن، جڏهن تہ قرآن توريت جي تصديق ڪري ٿو. اهي شيطان جا پوڄاري ۽ پوين جي ڳالهين تي ويساهہ رکندڙ آهن. توريت، ابراهيمي صحيفن ۽ قرآن کي نٿا مڃن. انهن جي سڀ کان وڏي ڪنجوسي اها آهي تہ اهي ورياج ڪانسواءِ ڪنهن کي ڪا شيءِ ڏيڻ لاءِ تيار ئي نہ آهن.

اهي ماڻهو طاغوت ۽ پوين کان فيصلو ڪرائين ٿا جڏهن تہ معاهدي جي لحاظ کان، جيڪو 1 هه ۾ ٿيو هو، انهن لاءِ رسول الله ﷺ جي قانون



موجب فيصلو ڪرائڻ پلو آهي. (نساء رڪوع 7 ۽ 8)

هتي اها ڳالهہ ڌيان ۾ رهي تہ يهودي توريت ۾ ڦير گهير ڪونہ ڪندا هئا، پر رڳو ڳالهہ ٻولهہ ۾ لفظن کي ڇبي ڇٽي کي ڳالهيون ڪري ويندا هئا.

اها بہ ڳالهہ ڌيان ۾ رهي تہ سورهء نساء ۾ اها ئي ڳالهہ ڇٽي وئي آهي تہ يهودي شيطان جي حڪمن کي مڃن ٿا، مطلب تہ توريت جي حڪمن جون شيطاني تشريحون ڪري يا پوين جي ٺاهيل حڪمن تي، جيڪي توريت جي خلاف آهن، عمل ڪن ٿا ۽ اصلي توريت کي لڪائن ٿا يا اهڙيون عبارتون پڙهن ٿا، جيڪي ٻڌڻ ۾ توريت جون ڀاسجن ٿيون، پر حقيقت ۾ اهي توريت جون نہ هونديون آهن، پر انهن جون پنهنجون گهڙيل هونديون آهن.

## غزوہ سويق:

ابو سفيان بدر جي بدلي وٺڻ جو قسم کنيو هو. تنهن ڪري هن يهودين جي قبيلي بنو نضير سان گڏجي سازش ڪئي ۽ مديني ۾ اچي انهن وٽ ترسيو ۽ موٽ تي هڪڙي انصاري کي ماري ڇڏيو ۽ ڪجهہ ڇپرن کي باهہ ڏياري ڇڏي، ڄڻ هن پنهنجو قسم پورو ڪري ورتو. رسول الله ﷺ خبر پوندي ئي انهن جي ڪڍ پيا پر هو ڀڄي ويو. اهو ذي الحج بہ هجري جو واقعو آهي.

## بي بي فاطمہ جو حضرت علي ؓ سان نڪاح:

انهيءَ ئي مهيني يعني ذي الحج 2 هه ۾ رسول الله ﷺ جي نياڻي فاطمہ جو حضرت علي ؓ سان نڪاح ٿيو.

## سورت النساء رڪوع 10:

هاڻي خوني ويڙهہ جو اعلانيہ حڪم ملي ويو ۽ ان جي وضاحت بہ ڪئي وئي تہ جيڪو الله تعاليٰ جي نالي کي مٿانهون ڪرڻ لاءِ وڙهندي وڙهندي ماريو وڃي يا سوڀ ماڻي، ٻنهي صورتن ۾ کين الله تعاليٰ وٽان ثواب ملندو. انهن کي گهرجي تہ ڪمزورن کي ظلم جي خلاف سوڀ ڏيارڻ جي لاءِ خوني ويڙهہ شروع ڪري ڏين. طاغوت جي پوڄارين سان ضرور وڙهڻ کپي تہ جيئن دنيا ۾ الله (يعني ماديت جي مقابلي ۾ روحانيت جو نالو مٿانهون ٿئي. پر منافق جهاد ۾ دير ڪن پيا ۽ گهرن پيا تہ مسلمانن کي سوڀ نہ ملي.

## امتحان وارو سال 3 ھ:

احد واري ويڙھ ۾ مسلمان جنهن مصيبت ۾ ڦاسي پيا، انهيءَ ڪري هيءُ سال امتحان يا پرکا وارو سال سڏجي ٿو.

## غزوه غطفان:

قريشن جي عراق واري واپار کي ڌڪ لاءِ رسول الله ﷺ 12 ربيع الاول سنه 3 ھ ۾ بنو غطفان تي حملو ڪيو، چو ته ڪين خبر پئي ته نجد ۾ مديني تي حملي جي لاءِ ٻه قبيلا گڏ ٿيا آهن. اتي پهچي خبر پئي ته اهي ٽڙي پکڙي ويا آهن پر انهن جو سردار ڪٿي لڪي ويو آهي. ان جو ارادو اهو هو ته پاڻ ڪريم ﷺ کي ستل حالت ماري ڇڏي. ائين هو جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ ستل هئا ته مٿان اچي پهتو ۽ اگهاڙي تلوار ڏيکاري پاڻ ﷺ کي چوڻ لڳو ته ٻڌاءِ هاڻي توکي مونکان ڪير بچائيندو؟ رسول الله ﷺ فرمايو ”الله!“. اهو ٻڌي هو ڏڪي ويو ۽ تلوار هٿ مان ڪري پيس، جيڪا رسول الله ﷺ جن کڻي ورتي. هاڻي هو نيازيون ڪرڻ لڳو ۽ مسلمان ٿي ويو. رسول الله ﷺ کيس معاف ڪري ڇڏيو ۽ نتيجي ۾ قريشن جو عراق سان واپار ڪٽجي ويو جنهن ڪري اهي پنهنجي ايراني حليفن وٽ وڃڻ کان ڊڄڻ لڳا.

## ڪعب بن اشرف يهودي جو قتل:

بنو نضير وارن جو شاعر ڪعب بن اشرف مڪي ويو ۽ سازش ڪئي ۽ رسول الله ﷺ ۽ مسلمانن جي گلا ۾ شعر چيا. ماڻهن کي ميڙائڻ لڳو ته ڪو ماڻهو وڃي ۽ ڌوهه ڪري رسول الله ﷺ کي ماري اچي. انهن حالتن کي ڏسندي اصحابن سڳورن رسول الله ﷺ جي حفاظت جي لاءِ پهرو ڏيڻ شروع ڪيو. مديني ۾ اچي هن رسول الله ﷺ کي مانيءَ جي دعوت ڏني ته جيئن کين ماري ڇڏي. آخر حضرت محمد بن مسلمه رسول الله ﷺ کان اجازت وٺي سعد بن معاذ جي صلاح سان ڪعب کي مارڻ جو فيصلو ڪيو. اهي ٻئي قرض گهرڻ جي بهاني سان وٽس رات جو لنگهي ويا ۽ زائفن ۽ ٻارن جي بدران پنهنجا هٿيار گروي رکڻ لاءِ تياري ظاهر ڪئي. اهو ٻڌي ڪعب دروازو کوليو، اندر وڃي انهن ٻنهي کيس ماري ڇڏيو ۽ راتو رات پاڻ ڪريم ﷺ کي اچي خوشخبري ٻڌائي.


Sindhica Academy, Karachi

## قرده وارو سريو:

جمادي الآخر 3 ھ (21 سيپٽمبر 624ع) رجب جي مهيني ۾ هڪڙو قافلو سدائين عراق ڏانهن واپار لاءِ ويندو هو. اتي وڃي سرءُ واري جشن ۾ شريڪ ٿيندو هو. يهودين جا ٺاهيل گهڻ ڏاڍو ناڻو ڪمائيندا هئا. عرب جو چمڙو، شراب ۽ چاندي جا هٿيار به پسند ڪيا ويندا هئا. هن قافلي ۾ ابو سفيان، صفوان بن اميه ۽ عبد الله بن ربيعه به هئا. حضرت زيد جي فوجي جٿي کي ڏسندي ئي ڀڄي ويا ۽ ايترو مال ڇڏي ويا جو ان جو پنجون حصو (خمس) به ويهه هزار درهم هو. هاڻي قريشن جي عراقي واپار جو به خاتمو ٿي ويو ۽ يهودين، منافقن ۽ مجوسي واپارين اسلام ۽ مسلمانن سان دشمني لاءِ سندرو ٻڌي ورتو.

## سورت النساء رڪوع 12:

اهي ماڻهو جيڪي مڪي يا ٻين جائين تي هئا، سي هڪ پاسي ته مشرڪن سان مليل هئا ۽ ٻئي پاسي مسلمانن کي چوندا هئا ته اسان مسلمان آهيون. اهي اصل ۾ منافق هئا. حڪم ٿيو ته اهي جيستائين پنهنجي اصل ڳوٺن کان لڏي مديني ڏانهن مسلمانن وٽ نٿا اچن، انهن سان به ويڙهه ڪريو. باقي اهي منافق جيڪي معاهدو ڪيل قوم سان لاڳاپا رکن ٿا يا ٺاهه ڪري وٺن ته اهي انهيءَ حڪم کان ٻاهر آهن.

## مومن کي قتل ڪرڻ جي سزا:

جيڪڏهن غلطيءَ سان توهان جي هٿان ڪو مؤمن قتل ٿي پوي ته هڪ ٻانهو آزاد ڪريو ۽ ان جو خون بها به ڏيو. جيڪڏهن قتل ٿي ويل مؤمن دشمن قوم منجهان هجي ته پوءِ رڳو غلام آزاد ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن ٺاهه ٿيل قوم مان هجي ته غلام آزاد ڪريو ۽ فديو به ڏيو. جيڪڏهن قاتل مسڪين هجي ته ان لاءِ اهو آهي ته هو ٻه مهينا لڳاتار روزا رکي ۽ توبهه ڪري. ڄاڻي ٻجهي مؤمن کي قتل ڪرڻ وارو سدائين لاءِ دوزخ ۾ رهندو ۽ جيڪو ماڻهو چوي ته هو مؤمن آهي ته ان جي ڳالهه کي بنا ڪنهن شڪ جي مڃي وٺو.

## سورت النساء رڪوع 13:

جان ۽ مال سان جهاد ڪرڻ وارن جو مرتبو مٿانهون آهي ۽ جيڪو مجاهدن جو همدرد آهي سو به ڄڻ ته مجاهد آهي.


www.sindhsalamat.com

## سورت النساء رڪوع 14:

جيڪي ماڻهو مڪي کان هجرت ڪري اچي سگهن ٿا، جيڪڏهن اهي نہ اچن تہ انهن جو بهانو نہ ٻڌو. اهي دوزخ ۾ داخل ٿيندا. انهن کي گهرجي تہ اهي مديني ڏانهن لڏي اچڻ جي ڪوشش ڪن، پوءِ جيڪڏهن انهيءَ ڪوشش ۾ اهي مري بہ پيا تہ اها حقيقت ۾ انهن لاءِ زندگي ئي هوندي.

## سورت النساء رڪوع 21:

الله ۽ ان جي رسولن جو انڪار ڪرڻ ڪفر آهي. جيڪي ماڻهن انهن مان ڪن کي مڃن ۽ ڪن کي نہ مڃن تہ اهي حقيقت ۾ ڪافر ئي آهن. باقي جيڪي ڪنهن نبيءَ ۾ فرق نٿا ڪن سي ئي مؤمن آهن.

انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو تہ دينن جي وحدت ئي انسانيت جو بنياد آهي. نبين ۾ فرق ڪرڻ سان وحدت قائم نٿي ٿي سگهي. انهن نبين ۾ آريائي ۽ زرد قومن جا نبي بہ شامل آهن، جيتوڻيڪ انهن جو نالو قرآن ۾ نہ ورتو ويو آهي.

## سورت النساء رڪوع 16:

اي رسول! جيڪو الله تعاليٰ جو قانون آهي، توهان انهيءَ موجب فيصلو ڪريو ۽ منافقن جي چوڻ تي انصاف واري واٽ کان ڪڏهن بہ پاسيرا نہ ٿجو.

## سورت النساء رڪوع 18:

الله تعاليٰ کي مڃيو ۽ نيڪ عمل ڪريو، اهو ئي ابراهيم خليل الله جو دين آهي. الله تعاليٰ کي رڳو زباني مڃڻ ئي ڪافي نہ آهي، پر انهيءَ جي لاءِ نيڪ عملن واري راهہ اختيار ڪرڻ بہ ضروري آهي. الله سان ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ واري ڳالهہ ڪنهن بہ صورت ۾ معاف نہ ڪئي ويندي. نيڪ عملن جي هڪڙي اهم شڪل توحيدي معاشري جو قائم ڪرڻ آهي، جنهن کي اڄڪلهہ غير طبقاتي معاشرو سڏيو وڃي ٿو.

## سورت النساء رڪوع 19:

عدل وارو نظام قائم ڪريو ۽ سچي شاهدي ڏيو پوءِ ڀلي اها توهان جي، توڙي توهان جي مٽن مائٽن جي خلاف ڇو نہ ويندي هجي. مطلب اهو آهي تہ هر حالت ۾ انصاف کي قائم رکو.


Sindhica Academy, Karachi

مسلمانو! توهان کي يتيم ڇوڪرين سان سلوڪ بابت جيڪو حڪم ڏنو ويو آهي، سو عام عورتن جي باري ۾ بہ ان تي ئي عمل ڪريو. عورتن ۽ مردن کي هر طرح سان صلہ رحمي ڪرڻ گهرجي. مرد جي لاءِ اها ڳالهہ مناسب نہ آهي تہ جيڪڏهن هر طرح جي ڪوشش کان پوءِ بہ جيڪڏهن زال سان ٺاهہ نہ ٿي سگهي تہ نہ ان کي طلاق ڏئي ۽ نہ وري زال وارا حق ڏئي ۽ ان کي بي سهارو ڇڏي ڏئي. تمام ئي اڻبڻت جي صورت ۾ انهن ٻنهي کي جدا ٿي وڃڻ گهرجي. الله انهن کي پنهنجي رحمت سان غني ڪري ڇڏيندو. مطلب تہ عورتن سان انصاف ۽ سهڻي سلوڪ سان پيش اچڻ گهرجي.

انهيءَ ئي زماني ۾ رسول الله ﷺ جي نياڻي بي بي ڪلثوم جو حضرت عثمانؓ سان نڪاح ٿيو، ڇو جو بدر واري ويڙهہ واري زماني ۾ حضرت عثمان جي زال رقيہ، جيڪا پڻ رسول الله ﷺ جي نياڻي هئي، گذاري وئي هئي. 15 رمضان ٽي هجري ۾ رسول الله ﷺ کي ڏوهٽو حسن رضي الله عنه پيدا ٿيو. 3 هجري ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن بي بي حفصہ رضي الله عنها سان نڪاح ڪيو. ٻيبي سڳوري حضرت عمر بن خطاب جي ڌيءَ هئي ۽ ان جو مڙس بدر واري ويڙهہ ۾ شهيد ٿي ويو هو.

## سورت محمد رڪوع 1:

جنگ ۾ جوانمردي سان ويڙهہ ڪريو يعني غنيمت جي مال ڏانهن ڌيان نہ ڏيو. ان کان پوءِ جيڪي قيدي ٻڌجي پون، انهن کي ڪنهن بہ صورت ۾ غلام نٿو بڻائي سگهجي. انهن کي يا تہ احسان ڪري آزاد ڪري ڇڏيو، يا وري فديو وٺي ڇڏي ڏيو. جيڪي فديو نہ ڏئي سگهن، انهن کي احسان ڪري ڇڏي ڏيو، مطلب تہ انهن کي توهان غلام نٿا بڻائي سگهو.

## سورت محمد رڪوع 2:

منافقن کي ڄاڻ هئڻ گهرجي تہ اڳاٽي دؤر ۾ وڏيون وڏيون بادشاهتون تباهہ ٿي ويون آهن، جن جي اڳيان مڪو تہ ڪجهہ بہ نہ آهي. قيامت اوچتو اچي ويندي تڏهن هوش ۽ حواس گم ٿي ويندا ۽ ان وقت توبهہ بہ ڪنهن ڪم جي نہ ٿيندي.

## سورت محمد رڪوع 3:

خوني ويڙهہ واري حڪم تي منافقن ڳوڙها ڳاڙڻ شروع ڪيا ۽ چوندا


www.sindhsalamat.com

هئا تہ ويڙهہ وارو حڪم اسان نہ مڃيندا سين، انهيءَ ڪان اسان کي معافي ڏيو، باقي توهان جا ٻئي سڀ حڪم مڃيندا سين.

## سورت محمد رڪوع4:

مشرڪن سان مسلمانن کي ڪنهن بہ قسم جي ٺاهہ جي اميد نہ رکڻ گهرجي ۽ نہ انهن سان ٺاهہ جون ڳالهيون ئي ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن صبر ۽ ثابت قدميءَ کان ڪم وٺندؤ تہ غالب رهندؤ. جهاد جي لاءِ مال ڏيڻ پنهنجي ئي مدد ڪرڻ آهي. جيڪڏهن توهان الله تعاليٰ جو نالو مٽائهون نٽا ڪرڻ گهرو تہ الله تعاليٰ کي انهيءَ جي ڪابہ پرواهہ نہ آهي. هو ڪنهن ٻي قوم کي پيدا ڪري ڇڏيندو جيڪا اهي ڪم ڪندي. الله تعاليٰ بي پرواهہ آهي جڏهن تہ توهان سڀئي ان جي اڳيان محتاج آهيو. ياد رکو تہ ٺاهہ ڪرڻ واريون ڳالهيون هيٺائيءَ جو دليل آهن.

## سورت صف رڪوع1:

اي مؤمنو! جيڪو ڪجهہ زبان سان چئو تہ اهو ڪري بہ ڏيکاريو، رڳو ٻٽاڪون هڻڻ توهان جو شان نہ آهي. ڪافر ڪيترو بہ ڪوشش ڪن تہ الله تعاليٰ جي هدايت واري روشنيءَ کي غلط پروپيگنڊا وارين ڦوڪن سان وسائن، تہ اهي ايئن نہ ڪري سگهندا مان اهو ئي احمد (فارقليط) آهيان، الله جو پيغام کڻي آيو آهيان تہ ان الله تعاليٰ جي ئي بندگي ڪريو جيڪو اڪيلو آهي. توهان کي توريت ۽ انجيل منجهان منهنجي دعويٰ جي خوشخبري ملي سگهي ٿي. سچو دين رڳو الله تعاليٰ جي ٻانهپ ئي آهي جيڪو سڀني دينن تي سوڀارو ٿيندو.

## سورت صف رڪوع 2:

فائدي وارو واپار اهو آهي تہ الله جي واٽ ۾ جان ۽ مال سان ڪوشش ڪريو تہ الله تعاليٰ توهان جي مدد ڪندو ۽ جلد ئي توهان کي ڪاميابي نصيب ٿيندي (نَصۡرٌ مِّنَ اللّٰهِ وَفَتۡحٌ قَرِيۡبٌ).

الله تعاليٰ پنهنجي رسول محمد ﷺ کي هدايت ۽ سچو دين ڏئي ڪري موڪليو آهي تہ جيئن هو ٻين ڪوڙن دينن کي ختم ڪري انهيءَ سچي دين کي سڀني تي سوڀارو ڪري (هُوَ الَّذِيۡۤ اَرۡسَلَ رَسُوۡلَهٗ بِالۡهُدٰى وَدِيۡنِ الۡحَقِّ لِيُظۡهِرَهٗ عَلَى الدِّيۡنِ كُلِّه).


Sindhica Academy, Karachi

## سورت مائده رڪوع 6:

منافق يهودي جاسوسي ڪن ٿا ۽ الله تعاليٰ جي ڪلام کي بدلائي بيان ڪن ٿا. مطلب تہ ان جي اندر تحريف ڪن ٿا. اهي احمد جي ٻي معنيٰ ٻڌائن ٿا جيڪڏهن اهي توهان وٽ ڪو فيصلو ڪٽي اچن تہ جيڪڏهن دل گهريو تہ چئي ڏيون تہ توهان پاڻ ئي توريت موجب فيصلو ڪري ڇڏيو. جڏهن توهان خدائي ڪلام کي مڃيو ئي نٿا تہ پوءِ موکي جج بڻائڻ ۾ ڪو فائدو ئي نہ آهي.

## سورت مائده رڪوع 7:

اي يهوديو! توريت ۾ توهان جي لاءِ هدايت ۽ نور آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ توهان جي لاءِ اک جي بدلي اک، ۽ جان جي بدلي ۾ جان جو قانون ٺاهيو آهي. عيسيٰ پٽ مريم جو بہ توريت کي ئي مڃيندو هو، ايتري تائين جو قرآن بہ گذريل ڪتابن جي تصديق ڪري ٿو. انهيءَ ڪري جيڪو فيصلو قرآن جو هوندو سو توريت (خدائي قانون) موجب ئي هوندو. انهيءَ ڪري عدل ۽ انصاف ڪرڻ وقت اها ڳالهہ ڌيان ۾ رهڻ گهرجي تہ توهان کي هڪ ڏينهن مرڻو آهي ۽ پوءِ جيئرو ٿي هر عمل جو حساب ڪتاب ڏيڻو آهي. اهڙيءَ طرح عدل ۽ احسان قائم رهي سگهي ٿو ۽ ظلم ۽ خود غرضي گهٽجي سگهي ٿي.

## سورت مائده رڪوع 8 ۽ 9:

جيڪي يهودي ۽ عيسائي ڪتاب الله کي مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيا انهن کي پنهنجو دوست نہ بڻايو. انهن جي هوڏ تي حيرت ٿئي ٿي. انهن کي گهرجي تہ توريت ۽ انجيل جي حڪمن تي عمل ڪن، انساني برابريءَ کي ڌيان ۾ رکن ۽ وياج خوري ۽ ماڻهن تي ڏاڍايون ڪرڻ ڇڏي ڏين. فرقيواريت کان پاسو ڪن ۽ سڀئي هڪ ٿي وڃن ۽ ويڙهہ لاءِ ٻاهہ نہ ٻارين.

## سورت مائده رڪوع 10:

هن دؤر جي پڇاڙيءَ تي سڀني قومن، خاص ڪري ڪتاب وارن کي هيءَ دعوت ڏني وئي تہ سڀئي گڏجي توريت، انجيل ۽ قرآن جي حڪمن تي عمل ڪن. مؤمن يهودي، عيسائي، صابي ۽ مجوسي، جيڪو بہ الله تي ايمان آڻي ٿو ۽ قيامت جي ڏينهن جزا ۽ سزا ملڻ کي برحق سمجهي ٿو ۽ انهيءَ تصور کي ڌيان ۾ رکي نيڪيءَ واري واٽ وٺي ٿو، سو پڪ سان خوف ۽ ڳڻتي کان


www.sindhsalamat.com

ڇوٽڪارو ماڻيندو.

ڇوٽڪارو ڇا آهي؟ هن دؤر جي آخر ۾ انهيءَ ڳالهه جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي تہ آخرت ۾ جزا ۽ سزا واري خيال کي دل ۾ رکڻ سان انسان نيڪيءَ واري واٽ تي هلي سگهي ٿو ۽ خوف ۽ ڳڻتيءَ واري حالت، جيڪا هن دنيا ۾ ۽ اچڻ واري زندگيءَ ۾ انسان مٿان ايندي، انهن ٻنهي کان ڇوٽڪارو ماڻيندو. جڻ تہ خوف ۽ ڳڻتيءَ کان ڇوٽڪارو ماڻڻ ئي ڇوٽڪاري جو اسلامي تصور آهي. خوف يعني جنگ جو ضد امن آهي ۽ ڳڻتي جو ضد ۾ ابدي نعمتون ۽ راحت آهي. مطلب تہ دنيا ۾ امن ۽ خوشحالي پکيڙڻ ۽ مرڻ کان پوءِ نفس مطمئنہ ۽ سکون ۽ نعمتون حاصل ڪرڻ ئي اسلام جو پيغام آهي.

هتي اها ڳالهه بہ ڌيان ۾ رهي تہ زمين تي لاهڻ کان پوءِ هن دنيا واري زندگيءَ ۾ آدم[ع] کي بہ ميوا مليا جيڪي خوف ۽ ڳڻتي هئا اهي وري نتيجو هئا معاشري جو مالڪ ۽ غلام جي ٻن معاشي طبقن ۾ ورهائجي وڃڻ جو. ڇو تہ زراعت واري زماني ۾ پيداواري وسيلن تي ڪن ٿورڙن سگهارن ۽ چالاڪ ماڻهن قبضو ڪري ورتو، جن جو تعداد سموري انساني آبادي جي 10 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ هو. جڏهن تہ 90 سيڪڙو انسانن کي انهن پيداواري وسيلن مان فائدو حاصل ڪرڻ کان محروم ڪيو ويو. انهن وٽ رڳو پنهنجي محنت ئي هئي جنهن کي وڪڻي ڪري اهي پنهنجو پيٽ پالي سگهندا هئا.

معاشري جي ارتقا سان گڏوگڏ غلام زرعي غلام يعني ڪڙمي بڻجي ويو ۽ مالڪ واري جاگيردار بڻجي ويو. مشين جي ايجاد ٿيڻ کان پوءِ زرعي غلام پگهاردار غلام (يعني نوڪر) بڻجي ويو جڏهن تہ جاگيردار وري فيڪٽري جو مالڪ بڻجي ويو. اڄوڪي دؤر ۾ صنعتي سرمائيداري جو نظام قائم ٿي چڪو آهي ۽ سائنسي تجزيي سان اها ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي تہ آقا، جاگيردار ۽ ڪارخانيدار جي دولت غلام، زرعي غلام ۽ پگهاردار غلام (مزدور) جي محنت جي استحصال جو نتيجو آهي. پيداواري وسيلن جو مالڪ پئسي جي زور تي اقتدار تي قبضو ڪري ٿو. نہ رڳو ايترو پر، علم ۽ تهذيب تي بہ پنهنجي ٺيڪيداري قائم ڪري وٺي ٿو.

مشين جي ايجاد ٿيڻ کان پوءِ هڪ ڪارخاني جي ڇت هيٺان سوين هزارين مزدور ڪم ڪرڻ لڳا ۽ تحقيق واري سائنسي طريقي ترقي ڪئي تہ خبر پئي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو هڪڙو ڪارخانو قائم ڪري ٿو تہ ڪجهہ ئي سالن ۾ هو هڪ کان وڌيڪ ڪارخانن جو مالڪ بڻجي پوي ٿو. ٻئي پاسي مزدور جي اها حالت آهي جو هو انهن ڪارخانن ۾ پنهنجي محنت سان پيداوار


Sindhica Academy, Karachi

ڪندو رهڻ جي باوجود بہ زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن لاءِ بہ سڪندو رهي ٿو ۽ پيڙهين تائين مزدور ئي رهن ٿا.

جيستائين پيداواري وسيلا جهڙوڪ زمين، ڪارخانا، ڪاٽيون، ٻيلا ۽ تيل ۽ گيس جا ذخيرا چالاڪ ۽ خود غرض ماڻهن جي هٿن مان نڪري محنت ڪندڙ عوام جي ملڪيت ۾ نٿا اچن، اها حالت جيئن جو تيئن جاري رهندي. يعني هڪ پاسي خوشحالي ۽ آسودگي تہ ٻئي پاسي وري غربت ۽ اڻاٽائي ۽ بدحالي جي اها حالت، معاشري ۾ اخلاقي برائين کي جنم ڏيندي رهندي. ائين انسان پنهنجي خلقڻهار کان پري ٿيندو ويندو.

قرآن ٻڌايو آهي تہ زراعت واري زماني ۾ جڏهن معاشرو ٻن مخالف معاشي طبقن ۾ ورهائجي ويو هو ۽ مالڪ جو ٻانهي تي ظلم وڌندو ويو تہ نبين جي موڪلڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. نبين سڀني خدائي توحيد جي عقيدي جي بنياد تي طبقاتي معاشري کي توحيدي معاشري ۾ بدلائڻ جي رٿ ڏني. توحيدي معاشري ۾ پيداواري وسيلا عوام جي ملڪيت ۾ هوندا آهن ۽ معاشرو غير طبقاتي بڻجي ويندو آهي. مزدور پنهنجي محنت سان جيڪو ڪجهہ بہ پيدا ڪندو آهي ان جو مالڪ هو پاڻ ئي هوندو آهي. جيئن تہ زمين ۽ ڪارخاني تي ملڪيت مزدور جي ئي هوندي آهي، انهيءَ ڪري ان جي پيداوار ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ منافعي جو هو پاڻ ئي مالڪ هوندو آهي. ٻئي پاسي اهڙي معاشري ۾ جيڪو ماڻهو محنت نٿو ڪري سو ڪنهن بہ شيءِ جو مالڪ نٿو ٿي سگهي ۽ نہ ئي پيداواري وسيلن تي هن جو قبضو ٿي سگهي ٿو.

پر تاريخ ٻڌائي ٿي تہ ٿيو ائين جو مذهب جي هر بانيءَ کان پوءِ مذهبي پيشوائن پيداواري وسلين جي مالڪ بڻجي ويل جاگيردار ۽ ڪارخانيدار سان ملي ڀڳت ڪري، توحيدي معاشري کي قائم ڪرڻ واري تصور کي مذهب جي باني واري تعليم منجهان ئي ڪڍي ڦٽو ڪيو. انهن مذهبي پيشوائن رڳو عبادت جي ڪجهہ رسمن جي پورائي ۽ عبادتگاهن جي اڏاوت ۽ انهن جي ٺاهہ ٺوهہ کي ئي آخرت جي ڇوٽڪاري جو ذريعو ٻڌائي ڇڏيو ۽ عوام کي ٻڌايو تہ غربت ۽ حڪومت الله سائين جي طرف کان هوندي آهي. انهيءَ ڪري غريب ۽ امير جي تقدير بدلائي نٿي سگهجي. انهيءَ عقيدي ڪروڙين انسانن کي ذهني طور تي گمراهہ ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي پنهنجي محنت جي استحصال تي چپ رهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. غلام، شودر ۽ ٻئي ڪمي ڪاسبي اڄ تائين مذهب جي انهيءَ غلط تصور جي ٻنڌڻ ۾ سڪ هڃڻ ڪري ئي پنهنجي محنت جي استحصال باوجود بہ چپ رهندا آيا آهن. هاڻي سائنسي مطالعي ۽ تجزيي


www.sindhsalamat.com

انهيءَ ٺڳيءَ جي ٿاهه کي پڌرو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ٻڌايو آهي ته الله تعاليٰ اهڙي قسم جي ڪابه تقدير نه ٺاهي آهي. ڇو ته الله تعاليٰ پنهنجي مخلوق جو دشمن نه آهي جو گهٽائي ڪي ته غربت ۽ بک ۾ رکي ۽ ڪن ٿورڙن ماڻهن کي دولت جي جهجهائي عطا ڪري ڇڏي.

اهو سڀ ڪجهه مذهبي پيشوائن ۽ پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري ويٺل مالڪن جي ملي ڀڳت جو نتيجو آهي جو ڪروڙين ماڻهو محنت ڪن ٿا ۽ ڪي ٿورڙا ماڻهو وري انهن جي محنت ۽ ڪمائيءَ تي عيش ڪري رهيا آهن. انهيءَ ڪري محنت ڪندڙن کي پنهنجي سمجهه کي جاڳائي ۽ پاڻ ۾ ٻڌي ڪري پيداواري وسيلن، جيئن زمين، ڪارخانن، ڪاڻين ۽ تيل جي ذخيرن وغيره تي قبضو ڪرڻ گهرجي. انهن جي لاءِ خوف ۽ ڳڻتيءَ مان ڇوٽڪاري جي اها ئي صحيح واٽ آهي. ٻي صورت ۾ ڪڏهن به عوام ۽ معاشرو خوف ۽ ڳڻتي يعني جنگ ۽ فساد، بک، جهالت، استحصال ۽ ٻي لاڀ ڪشالي مان ڪڏهن به جند آجي نه ڪري سگهندو.

مذهبي پيشوائن پاڪ ڪتابن ۽ قرآن جي تفسيرن مان توحيدي معاشري کي قائم ڪرڻ واري تصور کي ئي ڪڍي ڦٽو ڪيو آهي. اهي سدائين مذهبي حڪومت جو نعرو هڻي، پوءِ به استحصالي نظام ئي قائم ڪري ڇڏين ٿا.

اصل ۾ شروع کان وٺي هر مذهب ۽ اسلام جو عام پيشوا يا مذهبي ٺيڪيدار سرمائيداراڻي نظام جي پٺڀرائي ڪندو آيو آهي ۽ اجا تائين ڪري رهيو آهي. انهيءَ ڪري سائنسي تحقيق سان انهيءَ صورتحال کي ڄاڻڻ وارن مذهب کي ٺڏي ڇڏيو. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو اخلاقي ڇڙواڳي وڌي وئي ۽ معاشري جا فرد پيداواري وسيلن جي اجتماعي ملڪيت ۾ اچي وڃڻ کان پوءِ، پنهنجي نفساني خواهشن جي پورائي ۾ لڳي ويا ۽ ائين گڏيل معاشرو به پڄي پري ختم ٿي ويو. سائنس اهو نٿي ٻڌائي سگهي ته انسان ڪٿان آيو آهي ۽ ان کي ڪهڙي پاسي وڃڻو آهي. اهو رڳو مذهب ئي آهي جيڪو ان کي ٻڌائي ٿو ته هو الله تعاليٰ جي حڪم سان آيو آهي ۽ ان کي موٽي وري به الله تعاليٰ ڏانهن وڃڻو آهي. اهو نظريو هڪ فرد جي زندگيءَ کي مقصد ڏئي ٿو ۽ الله تعاليٰ جي خالق هئڻ وارو تصور ۽ مرڻ کان پوءِ پنهنجي عملن جو حساب ڪتاب ڏيڻ وارو عقيدو زندگيءَ جي انهيءَ مقصد کي عملي طرح سان ماڻڻ جي ضمانت ڏئي ٿو.

تنهن ڪري ڇوٽڪاري جو تصور رڳو مادي زندگيءَ ۾ آسودگي ۽


Sindhica Academy, Karachi

جنسي (Sex) ۽ ٻين نفساني خواهشن جو حصول زندگيءَ جو مقصد نه آهي. انسان جو ڇوٽڪارو روحاني بنيادن تي آهي. هو پنهنجي زندگيءَ ۾ جيترو وڌيڪ اخلاقي قانونن جو پابند هوندو، ايترو ئي دنياوي ۽ اخروي ڇوٽڪاري جي ويجهو هوندو. اخلاقي قانونن جي پابندي جو نتيجو معاشي اڻبرابري ۽ غلاميءَ جو خاتمو آهي ۽ اها ئي حقيقي ڪاميابي آهي.

اهو مذهب ئي آهي جنهن ٻڌايو آهي ته ڪائنات ۽ انساني زندگيءَ ۾ طبعي قانونن سان گڏوگڏ اخلاقي قانون به موجود آهن ۽ اهي به طبعي قانونن وانگر اٽل آهن. سائنسي تحقيق رڳو طبعي قانونن تائين محدود هوندي آهي. مذهب انهن قانونن سان گڏوگڏ اخلاقي قانونن جي موجودگيءَ جي به ڳالهه ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته فردن، خاندانن ۽ قومن جي عروج ۽ زوال ۾ اخلاقي قدرن جو وڏو هٿ هوندو آهي. اهي تهذيبو ۽ قومون جن اخلاقي قانونن جي پابندي نه ڪئي ۽ دنيا پرستي کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بنائي ڇڏيو سي دنيا مان مري کپي ويون. تاريخ ۾ انهن جو رڳو نالو وڃي بچيو آهي.

قرآن ۽ ٻين خدائي ڪتابن جو ڇوٽڪاري واري تصور جو مقصد توحيدي معاشري جو قائم ڪرڻ آهي، جيڪو اخلاقي قانونن کي پنهنجي نفسيات ۾ راسخ ڪرڻ ۾ ئي سلهاڙيل آهي. طبقاتي معاشري ۾ رهبانيت جي مسلڪ تي عمل ڪري ماڻهو رڳو پنهنجي روحاني سڳهه کي وڌائي سگهي ٿو، باقي ان سان گڏيل طور تي معاشرو اخلاقي ترقي نٿو ڪري سگهي.

اها ڳالهه به ڌيان ۾ رهڻ گهرجي ته سائنس ٻڌايو آهي ته انساني فطرت ۾ جنسي جذبو (Sex) بنيادي شيءِ آهي. جيڪڏهن انهيءَ جي تسڪين نه هجي ته ماڻهو مرگي، چريائپ ۽ هسٽيريا جهڙن ذهني بيمارين ۾ ڦاسي وڃي ٿو. انهن ۾ اهو جوش انهن لطيف فنن ۾ اجا به وڌي ويندو آهي جن ۾ اوگهڙ ظاهر ٿيندي آهي.

انهيءَ جي مقابلي ۾ مذهب ٻڌايو ته انساني فطرت خدائي نور تي ٻڌل آهي ۽ ان جي پورائي جي لاءِ اخلاقي قدرن ۾ پختگي ۽ گهڻي عبادت جي ذريعي الله تعاليٰ سان لاڳاپو قائم ڪرڻ ضروري آهي. مذهب وٽ جنسي جذبي تي ضابطو ڪرڻ تمام ئي ضروري آهي. ان جو غير قانوني ۽ زندگي کي قائم رکڻ واري مقصد کانسواءِ اظهار ۽ استعمال فرد توڙي معاشري، ٻنهي جي لاءِ تباهي آڻيندڙ هوندو آهي.

انسان جي انفرادي ۽ اجتماعي، دنياوي ۽ آخرت جي ڇوٽڪاري يا ڪاميابيءَ کي ٿورڙن لفظن ۾ هن طرح بيان ڪري سگهجي ٿو ته اها گڏيل معيشت، اخلاقي گڻن ۾ پختگي ۽ گهڻي عبادت جي ذريعي الله تعاليٰ سان


www.sindhsalamat.com

لاڳاپي کي سگهارو ڪرڻ سان سلهاڙيل آهي.

دين جي تعليم ۾ تحريف تي وجهڻ دين ۽ ان جي تعليم جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ تمام وڏي رڪاوٽ آهي. ڪو مريم کي الله جي ماءُ سڏي ٿو ته ڪو عيسيٰؑ کي الله جو پٽ چوي ٿو. ڪو اوسي رس (عزير) کي الله جو پٽ ٻڌائي ونئي ٿو ته ڪو وري فطرت جي قوتن کي خدائي صفتن سان واڳي انهن جي پوڄا شروع ڪري ٿو ڏئي. انهن سڀني تحريفن سان خوف ۽ ڳڻتي ڪڏهن به پري نه ٿيندي ۽ نه ئي اڄ تائين ان انسان جي جند ڇڏي آهي. حقيقي واٽ اها آهي ته جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي واري اصول کي ڌيان ۾ رکي عمل ڪيا وڃن. انهن سڀني تحريفن سان انسان پنهنجي عملن جو حساب ڪتاب ڏيڻ واري عمل کان بچي نه سگهندو. دين جو تت اهو آهي ته الله تعاليٰ تي ايمان آڻيندي نيڪيءَ واري واٽ ونو يعني انهيءَ جي لاءِ هڪڙو توحيدي يا غير طبقاتي معاشرو جوڙيو.

## بدر جي سوپ کان پوءِ:

بدر واري سوپ کان پوءِ الله تعاليٰ جي نالي سان گڏ رسول الله ﷺ جو نالو به اچڻ لڳو. ان جو مطلب اهو ٿيو ته جيتوڻيڪ رياست ۾ حڪومت جي قيام جو بنياد رياست ۾ حڪومت جي خدائي قانونن موجب آهي، پر دنيا ۾ رياست جا قانون ۽ فيصلو ڪرڻ جو ڪم رياست جي امير يا اڳواڻ جي ذمي هوندو آهي، جيڪو ڪتاب ۾ خدائي قانونن جي مطابق عمل ڪرائڻ جي صلاحيت رکندو اهي.

هاڻي اهو دؤر اچي ويو هو ته معاشري ۾ رياست جا قانون، جيڪي مختلف دؤرن ۾ الله تعاليٰ قومن کي ڏنا هئا، تن کي رسول الله ﷺ جن لاڳو ڪن ۽ هيٺن کي ڏاڍن کان سندن حق وني ڏين ۽ ڌرتيءَ تي الله تعاليٰ جي قانون کي جاري ڪن. موجوده دؤر جي ٻوليءَ ۾ پيداواري وسيلن جي ملڪيت، ڪن ٿورڙن ماڻهن جي قبضي مان ڪيڻي محنت ڪندڙ عوام جي حوالي ڪن ته جيئن محنت جي استحصال جو خاتمو ٿئي ۽ دولت ڪن ٿورڙن ماڻهن جي هٿن ۾ نه پئي ڦري، پر اها هر ڪمي ڪاسبي تائين پهچي سگهي. هاڻي انهيءَ دؤر ۾ هيٺي (ڪمي ڪاسبي) کي ڏاڍي (پيداواري وسيلن تي قابض) کان ان جو حق ڏيارڻ جو اهو ئي طريقو آهي ته پيداواري وسيلن کي عوام جي ملڪيت ۾ ڏنو وڃي. اڄ جيئن ته پيداواري وسيلن تي انفرادي قبضي کي مڃيو ويو آهي، انهيءَ ڪري هيٺي کي ڏاڍي کان حق ڏيارڻ وارو عمل ختم ٿي ويو آهي ۽


Sindhica Academy, Karachi

انسان جيئن جو تيئن نقصان ڏسندو آيو آهي. (سورة العصر)

رسول الله ﷺ ڪڙمت جي مخالفت ڪندي ان کي وياجي ڪاروبار سڏي ڪري توحيدي معاشري جي قيام جو معاشي بنياد قائم ڪري ورتو هو. انهيءَ تي حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کان پوءِ حضرت عمر رضي الله عنه عمل ڪيو ۽ جڏهن ابوبڪر رضي الله عنه جي دؤر جهڙي معاشي برابري قائم ڪرڻ ۽ غلاميءَ کي ختم ڪرڻ جو ارادو ڪيو ته انقلاب جي دشمن قوتن ڪين شهيد ڪري ڇڏيو. انهيءَ کان پوءِ معاشري کي گهرو ويڙهه ۾ ڦاسايو ويو، ايتري تائين جو مديني جي خلافت کي ڪٽي دمشق پهچايو ويو ۽ ان کي نبوت واري طريقي تان هٽائي بادشاهت واري طريقي تي بيهاريو ويو. اهڙيءَ طرح مدني رياست ۾ معاشري جي واڌويجهه رڪجي وئي جنهن کي خليفي ڊاڪٽر عبدالحڪيم اشتراڪي جمهوريت سڏيو آهي.

هيٺن کي ڏاڍن کان حق ڏيارن واري معاشرتي قانون کي لاڳو ڪرڻ جي طريقن تي انتظاميا جي ميمبرن سان صلاح مشورو ڪري سگهجي ٿو، پر قانون جو بنياد ڪتاب الله ئي هو، جيڪو رسول الله ﷺ ڏانهن وحي جي ذريعي نازل ٿيندو هو ۽ پاڻ انهن قانونن کي اڳوڻن ڪتابن جي روشني ۾ معاشري جي ڀلائيءَ لاءِ نافذ ڪندا هئا. پر جيئن ته ٻڌايو ويو آهي ته انقلاب جي دشمن قوتن خلافت کي نبوي طريقي کان هٽائي انهيءَ قانون کي معاشري ۾ رائج ڪرڻ ۽ ان جي تڪميل ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. ان کان پوءِ يورپ جي نئين سر ترقي تائين بادشاهت جي ڪاري رات مسلم امت جي مٿان ڇانيل رهي. اڄ ڪلهه امت اولهه جي سرمائيداراڻي نظام تي ٻڌل جمهوريت کي اسلامي جمهوريت تصور ڪري پنهنجائي رهي آهي، جنهن جو مديني جي گڏيل جمهوريت سان ڪو به لاڳاپو نه آهي.

## سورت انفال رڪوع 3:

هن رڪوع ۾ مؤمنن کي چيو ويو آهي ته الله تعاليٰ جي حڪمن ۽ رسول الله ﷺ جي ٻڌايل رستن تي عمل ڪريو ۽ يهودين يا مڪي جي مشرڪن وانگر خدا جي انهن حڪمن کان منهن نه موڙيو. فرمانبرداريءَ ۾ ئي توهان جي لاءِ حياتي آهي. نيڪي ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪريو ۽ انهيءَ فساد کان بچو جيڪو ظالمن سان گڏجي رهڻ يا انهن جي ظلم تي چپ ڪري ويهي رهڻ سبب رڳو ظالمن تي ئي نه پر انهن جي ڳجهن دوستن کي به ان وانگر پيهي ڇڏيندو. (وَاتَّقُوْا فِتْنَةً لَّا تُصِيْبَنَّ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْكُمْ خَآصَّةً) قرآن جي تعليم


www.sindhsalamat.com

موجب پنهنجي پيل ۾ محروم طبقن جو فرض بڻجي ٿو ته اهي پيداواري وسيلن تي قابض مالدار طبقن جي خلاف پنهنجو پاڻ کي منظم ڪري جاکوڙ ڪن ۽ پيداواري وسيلن ۽ اقتدار تي قبضو حاصل ڪن. ٻي صورت ۾ اهي به خدائي عذاب جي لپيٽ ۾ اچي ويندا.

اهو وقت ياد ڪريو جڏهن توهان هيٺا ۽ تمام ٿي ٿورا هئا. مشرڪن جو هر وقت خطرو رهندو هو، پر الله تعاليٰ توهان کي مديني ۾ پناهه ڏني ۽ پنهنجي مدد پهچائي. توهان کي پاڪ غذا ڏني، تنهن ڪري توهان الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪريو. ڪنهن سان به خيانت نه ڪريو ۽ نه مالڪ ۽ اولاد جي محبت ۾ الله تعاليٰ جي حڪمن کي وساري ويهو.

## سورت انفال رڪوع 4:

اهو وقت ياد ڪريو جڏهن مڪي جي ڪافرن رسول الله ﷺ کي پنهنجي چالاڪين سان قيد يا قتل ڪرڻ يا لوڌڻ تي گهريو. پر الله تعاليٰ، جيڪو سيني کان وڌيڪ سگهارو آهي، تنهن پنهنجي رسول کي حفاظت سان بچائي ورتو.

جڏهن مڪي جي ڪافرن کي قرآن جون آيتون پڙهي ٻڌائيبيون هيون ته اهي چوندا هئا ته جيڪڏهن گهرون ته اسان به اهڙو ڪلام ٻڌائي سگهون ٿا. اهي ته رڳو آڳاٽا قصا آهن. اهي هيئن به چوندا هئا:

”اي الله، جيڪڏهن هي تنهنجو ڪلام آهي ته پوءِ اسان تي پٿر وساءِ يا ٻيو ڪو اهڙو ڏکوئيندڙ عذاب اسان تي نازل ڪر.“

پر ائين ڪيئن ممڪن هو جڏهن جو الله تعاليٰ جو رسول انهن وٽ موجود هجي ۽ عذاب اچي يا ڪي ماڻهو الله جي دربار معافي گهري رهيا هجن ۽ پوءِ به عذاب اچي.

بهرحال هاڻي ڪو به بهانو نه آهي (ان حالت ۾ جو اهي مؤمنن کي مسجد حرام ڏانهن وڃڻ کان روڪيندا آهن) ته الله انهن تي عذاب نازل نه ڪري. (مطلب ته هاڻي نه ته رسول موجود آهي ۽ نه ئي توبه ڪرڻ وارو ۽ معافي گهرڻ وارا موجود آهن). هاڻي ته حالت اها آهي جو ڪافر ڪعبي جي چوگرد توبه ڪرڻ جي بدران پنهنجي بتن جي سامهون سيٽيون ۽ تاڙيو وڄائيندي، اگهاڙي حالت ۾ طواف ڪن ٿا. تنهن ڪري بدر واري ميدان ۾ پنهنجي هار جي صورت ۾ پنهنجي ڪافرانه روش جو مزو چکي ونو. الله جي وات مان روڪڻ جي لاءِ بدر ۾ جيڪا دولت خرچ ڪري چڪا آهيو، ائين وري به ڪندؤ ۽ ارمان دل ۾


Sindhica Academy, Karachi

سانڍي وري به هار کائيندؤ. ان کان به وڌي ٿوت توهان لاءِ اها هوندي جو توهان مرڻ کان پوءِ دوزخ ۾ گهيڙيا ويندؤ.

## سورت انفال رڪوع10:

(بدر جي) قيدين جيڪڏهن نيڪيءَ واري وات اختيار ڪئي ته انهن کان جيڪو ڪجهه ورتو ويو آهي، ته الله تعاليٰ انهن کي ان کان به وڌيڪ عطا ڪري ڇڏيندو. پر جيڪڏهن خيانت ڪيائون ته وري به هار ڪائيندؤ جيئن پهريان به ان جو مزو چکي چڪا آهيو.

اهي مؤمن ٻانها جن هجرت ڪري پنهنجي مالن ۽ نفس سان جهاد ڪيو ۽ اهي عيسائي، جن مهاجرن کي پناهه ڏني ۽ انهن جي مدد ڪئي، سي هڪ ٻئي جا دوست آهن.

پر جن ٻانهن هجرت نه ڪئي، اهي جيستائين هجرت ڪري نٿا اچن تيستائين اهي توهان جا سنگتي نه آهن. اهي جيڪڏهن ديني معاملن ۾ مدد گهرن ته مؤمنن تي انهن جي مدد ڪرڻ واجب آهي. باقي جنهن قوم سان توهان جو دوستاڻو معاهدو آهي ته انهن جي خلاف توهان انهن جي مدد نٿا ڪري سگهو.

سچا مؤمن اهي مهاجر ۽ انصاري آهن جيڪي مجاهد آهن. بدر واري سوڀ کان پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ ان کان پوءِ مؤمنن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي جهاد ڪيو، سي به پهرين مهاجرن ۽ انصارن جي برابر آهن. (باقي جيستائين وراثت جو تعلق آهي، ته ڪجهه مائٽن کي ٻين تي اوليت هوندي) اهو ئي الله جو قانون آهي. ائين نه ٿيندو ته پهرين مهاجر کي وراثت ۾ هاڻي واري مهاجر تي فوقيت هوندي. الله هر شيءِ کي ڄاڻي ٿو.


www.sindhsalamat.com

# اسلامي انقلاب جي اٺين منزل

## ياڳو پهريون: خاتم النبيين ﷺ

[شوال 3هه (جنوري 625ع) کان ذيقعده 6هه (فيبروري 628) ]

- لڳاتار ٽن سالن تائين حوصلي ۽ ثابت قدميءَ سان مصيبتن جو مقابلو
- احد واري معرڪي ۾ هار ۽ سڄي عرب وارن جو گهيراءُ ڪرڻ

### (احد کان بيعت رضوان تائين)

إِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ

### تاريخي پس منظر:

رومي سامراج 624ع ۾ آذربائيجان جي آتشڪدي کي تباهه ڪري چڪو هو، پر هڪ سال کان پوءِ پوڙهي خسرو پرويز جون فوجون 626ع ۾ فالسي دون ۾ پهچي وڃن ٿيون. اهو علائقو قسطنطنيه جي آمهون سامهون سمنڊ جي ڪناري تي آهي. اتي پهچي خسرو وچن تو ڪري ته هو هڪ سوريءَ چڙهيل ديوتا (مسيح ناصري) جي پوڄا ۽ هر قسم جي بت پرستيءَ کي ختم ڪري ڇڏيندو ۽ نج نور يا اهورا مزد جي دنيا ۾ حڪومت قائم ڪندو.
هوڏانهن صليب پرستن اصلي صليب حاصل ڪرڻ جي لاءِ هڪ صليبي جنگ شروع ڪري ڏني هئي. هرقل جون فوجون دجله واري علائقي ۾ 627ع ۾ گهڙي ويون هيون ۽ خسرو پرويز مقابلي جي سٽ نه سهي تيسي فون ڏانهن ڀڄي وڃي ٿو.



Sindhica Academy, Karachi

### مسلمانن جي بهادري:

پر دنيا وارن کي اها ڄاڻ نه هئي ته سَوَ کان به گهٽ مهاجر حجاز جي هڪڙي ڳوٺ ۾ پناهه وٺي قريشن جي واپارين جي واپار کي ڪٽي چڪا آهن. هاڻي قريش نه ته مديني واري رستي سان شام ڏانهن وڃي ٿا سگهن، نه نخل واري پاسي کان يمن ڏانهن وڃي ٿا سگهن ۽ نه ئي وري نجي واري رستي سان عراق ڏانهن وڃي ٿا سگهن. هر پاسي کان اسلامي مجاهدن جا ننڍا ننڍا جٿا واپار وارين منڊن ۾ ڏڪ جهلڻ لاءِ موجود آهن. انهن هاڻي اهو قانون ٺاهي ڇڏيو آهي ته جيستائين بيت الله ۾ الله جو نالو وٺڻ جي عام اجازت نه هوندي ۽ سڄي دنيا ۾ هر ڪنهن کي پنهنجي دين ۽ اظهار جي آزادي تان پابندي نه ڪنئي ويندي، ان وقت تائين اهي مٺ جيترا مؤمن پنهنجي جان ۽ مال کي الله وٽ وڪرو ڪري قريشن جي زندگيءَ زهر ڪري ڇڏيندا.

وَقَاتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ

”اي مؤمنو! اسلام جي دشمنن سان ان وقت تائين وڙهو جيستائين انهن جو پيدا ڪيل فساد بلڪل ئي ختم نه ٿي وڃي ۽ زمين تي الله تعاليٰ جي مرضيءَ وارو قانون نافذ نه ٿي وڃي.“

بدر واري سوڀ مسلمانن جي دل وڏي ڪري ڇڏي هئي. ٻئي پاسي يهودي ۽ منافق قريشن سان گڏجي اسلام جي خلاف سٽون سٽڻ لڳا هئا. ايتري تائين جو هاڻي ٽن سالن جو اهو دؤر شروع ٿيو جنهن ۾ مخالفن مسلمانن جو ساهه مٺ ۾ ڪري ڇڏيو هو ۽ حال اهو هو جو هر پاسي کان اونده انڌوڪار هئي ۽ مايوسيءَ جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا. جيڪڏهن رسول الله ﷺ کي پنهنجي مشن جي ڪاميابي جو حق اليقين ۽ الله جي مدد تي پورو پورو ڀروسو نه هجي ته دنيا وارن کي اڄ خبر به نه هجي ها ته عرب جي هڪڙي پراڻهين علائقي ۾ ڪو اهڙو واقعو به ٿيو هو جنهن ۾ 313 مجاهدن هڪ هزار دشمنن جو مقابلو ڪيو هو ۽ ڪو اهڙو ماڻهو به پيدا ٿيو هو جيڪو اڪيلو ئي اڪيلو سڄي دنيا کي هڪ ڪرڻ ۽ امن ۽ سلامتيءَ واري واٽ تي آڻڻ گهري پيو.



www.sindhsalamat.com

# احد واري ويڙهه

## قريشن جو ٻيو حملو

## (ڇنڇر 14 شوال 3هه مطابق 26 جنوري 625ع)

**هنده ۽ ٻين زائفن جو گيت:**

**نحن يبنات طارق منشي علی لنمارق**

اسان آسمان جی ستارن جون ڌيئر آهيون اسان غاليچن تی هلڻ واريون آهيون

**ان تقبلوا نعانق او تدبر و انفارق**

جيڪڏهن وڙهندؤ ته توهان سان ڀاکر پائينديون سين پر جيڪڏهن ڀڄندؤ ته پوءِ ڇڏي وينديون سين

**فراق غير وامق**

۽ ڪڏهن توهان جو منهن به نه ڏسنديون سين.

يهودين مڪي وڃي قريشن کي بدلو وٺڻ لاءِ ڀڙڪائڻ شروع ڪري ڇڏيو. قريشن جي ڀوپن ۽ شاعرن قبيلن اندر بدلي جي باهه ڀڙڪائي ڇڏي، جو ته هاڻي انهن کي هڪڙي حضرمي جو نه پر بدر ۾ مارجي ويل ستر جوڌن جو بدلو وٺڻو هو. قريشن اهو نهراءُ ڪري ڇڏيو ته ابو سفيان جو اهو قافلو، جيڪو بدر مان بچي ويو هو، انهيءَ جو سمورو نفعو انتقامي ويڙهه جي تياري تي خرچ ڪيو ويندو. اهو نفعو هڪ هزار اُٺ ۽ پنجاهه هزار دينار هو.

رسول الله ﷺ انهيءَ صورتحال کان چڱيءَ طرح واقف هئا ۽ انفاق في سبيل الله جي نالي تي چندو گڏ ڪري رهيا هئا. عباس بن عبدالمطلب پل پل جون خبرون مديني ڏانهن موڪلي رهيو هو. پاڻ ڪريم ﷺ جي صلاح هئي ته مديني جا يهودي ۽ منافق جيئن ته سازش ڪري رهيا آهن، انهيءَ ڪري مديني ۾ رهندي قلعو بند ڪري مقابلو ڪيو وڃي ۽ ٻاهر نه نڪرجي. پر نوجوان اصحابن جي زور ڀرڻ تي پاڻ پنهنجي رايو بدلايو ۽ فرمايو ته جيڪڏهن توهان ثابت قدم رهيا ته سوڀ ضرور ٿيندي.

قريشن ٽي چار هزار جي لڳ ڀڳ ماڻهو گڏ ڪري ورتا هئا جن ۾ ست سئو ته زرهون پهريل هئا. ان کان سواءِ ٻه سئو گهوڙيسوار ۽ ٽي هزار اٺ به هئن. ابوسفيان جي زال هند، جي اڳواڻيءَ ۾ جيڪا امير معاويه جي ماءُ هئي، پندرنهن عورتون فوج جي جوانن کي جوش ڏيارڻ لاءِ ۽ گهايلن جي مرهم پٽي



Sindhica Academy, Karachi

جي لاءِ گڏجي آيون هيون. بني عبدالدار (ڪعبي جي پوڄارين) جي هٿ ۾ جهنڊو هو ۽ هر ڪنهن جي زبان تي هبل جو نعرو هو. قريش هن دفعي پنهنجن سوارن ۽ پيادن کي اڳ ۾ ئي منظم ڪري چڪا هئا ۽ مديني کان ڪجهه ميلن جي وٿيءَ تي پهچي رڪجي پيا.

ٻئي پاسي مسلمانن جي هڪ هزار فوج مديني کان ٿهي سنڀري نڪتي هئي. جهاد جي شوق ۾ ڳڀرو نوجوان به ست ۾ شامل ٿي ويا هئا. ڪيترا منافق به لُٽ جو مال هٿ ڪرڻ جي خيال سان گڏجي پيا هئا. احد مديني کان ٽن چئن ميلن جي وٿيءَ تي هو. مسلمانن کي بدر وانگر پهريان پهچي جنگي ترتيب جو موقعو نه ملي سگهيو هو. منافق ابي سلول پنهنجي ٽي سئو ساٿين سان گڏ مديني کان ئي جدا ٿي ويو هو. اصل ۾ هن قريشن سان ڳٺ جوڙ ڪري ڇڏي هئي. هن پنهنجي معاهدي جو بهانو پيش ڪيو ته هو رڳو مديني جي اندر رهي ئي وڙهندو. هاڻي باقي رڳو ست سئو مسلمان رهجي ويا هئا، جن مان رڳو سئو ماڻهن وٽ زرهون هيون. قريشن جنگ جو ميدان مديني کان ڏکڻ جي بدران اتر ۾ ٺاهيو هو ته جيئن مديني ۾ داخل ٿيڻ ۾ انهن لاءِ ڪابه رڪاوٽ نه رهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن تاڪيد ڪري سمجهايو ته مال غنيمت کي حاصل ڪرڻ کان پهريان سوڀ حاصل ڪجو. انهيءَ مقصد سان پاڻ عبدالله بن جبير جي اڳواڻيءَ ۾ پنجاهه تير اندازن کي هڪڙي لنگهه جي حفاظت جي لاءِ ٻيهاري ڇڏيو ته جيئن انقلابي لشڪر پٺئين پاسي کان ٿيندڙ حملي کان محفوظ رهي سگهي.

ڇنڇر جي ڏينهن صبح جو ابو عامر فاش، جيڪو مديني جو هڪ منافق هو، تنهن قريشن جي پنجاهه ماڻهن سان گڏجي حملو ڪيو، پر پٺراءُ ڪرڻ جي ڪري واپس ڀڄي ويو. هاڻي عبدالدار قبيلي جي علمبردار مسلمانن کي مقابلي جي لاءِ للڪاريو، پر ان کي قتل ڪيو ويو. ان کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان عبدري قبيلي جا ماڻهو مقابلي جي لاءِ ايندا رهيا ۽ قتل ٿيندا رهيا.

هاڻي هند ۽ ڳائڻ واريون ٻئي زائفون ڀڄڻ لڳيون ۽ قريش به ميدان ڇڏي ڀڄڻ لڳا. اهو ڏسي تير اندازن سمجيو ته هاڻي سوڀ حاصل ٿي وئي تنهن ڪري انهن لنگهه کي خالي ڇڏي غنيمت جي مال ميڙڻ ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو حضرت حمزي جهڙي جوڌي کي به هڪڙو نيزو لڳو ۽ اهو شهيد ٿي ويو. علمبردار مصعب بن عمير کي ابن قيمه شهيد ڪري ڇڏيو. صواب جا ٻئي هٿ ڪٽجي ويا پر هڪ ٻئي قريشي جهنڊو سنڀالي ورتو. ابن قيمه رسول الله ﷺ جي مٿي تي تلوار هنئي جنهن ڪري خود (لوهي ٽوپلي) جون ٻه ڪڙيون مٿي ۾ پيهي ويون. عقبه بن ابي وقاص اهڙو پٿر



www.sindhsalamat.com

هنيو جو پاڻ ڪريم ﷺ جو چپ مبارڪ ڪٽجي ويو ۽ ٻه ڏند به شهيد ٿي ويا ۽ پاڻ هڪڙي کڏ ۾ ڪري پيا. خالد بن وليد ٻه سئو سوارن سان لنگهه وٽان حملو ڪيو ۽ مسلمانن جي کٽيل بازي هار ۾ بدلجي ويئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن سخت گهائجي پيا هئا. جناب طلحهؓ کين کڻي هڪ مٿانهين جاءِ تي پهچايو، جتي فاطمہ پهچي وئي ۽ علاج ۾ لڳي وئي. هل پکڙجي ويو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن شهيد ٿي ويا آهن. انهيءَ ڪري ابوسفيان واپسي جو اعلان ڪري ڇڏيو. مشرڪ عورتن مسلمانن جي لاشن جو مثلو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. قريش بدر ۾ پنهنجي ستر قتل ٿي ويلن جو ستر مسلمانن کي شهيد ڪري بدلو وٺي ورتو هو. انهيءَ ڪري سيئي واپس موٽي ويا، ڇو ته هاڻي وڌيڪ رهڻ جي ضرورت نه رهي هئي.

ابوسفيان جبل تان هيٺ آيو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جو نالو وٺي سڏڻ لڳو. پاڻ ﷺ جن پنهنجي اصحابن کي چپ رهڻ جو حڪم ڏنو. ان کان پوءِ هن ابوبڪر کي سڏيو. جڏهن جواب نه مليس ته چوڻ لڳو ته سيئي مري ويا آهن. پوءِ ابوسفيان چيو ته اسان جي عورتن مسلمان شهيدن جي لاشن جو مثلو ڪيو آهي يعني انهن جا نڪ ۽ ڪن ڪٽي ڇڏيا آهن، تنهن ڪري توهان ويڙهه جو مزو چکي ورتو ۽ اسان جي واپاري رستن تي رنڊڪون وجهڻ جو نتيجو ڏسي ورتو. جيڪڏهن هاڻي به توهان ۾ وِت آهي ته ايندڙ سال هن ئي موسم (رمضان يا شوال) ۾ بدر جي ميدان ۾ اچجو.

مشرڪن جا ٽيويهه ماڻهو مارجي ويا هئا جو انهن پاڄ ڪاڍي. پر مسلمانن جي مال غنيمت جي ميڙيءَ ۾ لڳي وڃڻ جي ڪري مهاجرن جا چار ۽ انصارن جا چاهٺ ماڻهو شهيد ٿي ويا. انهن شهيدن کي ٻه ٻه ڪري، رت هاڻن ڪپڙن سميت هڪ هڪ ڪري قبر ۾ دفن ڪيو ويو. رسول الله ﷺ جن فرمايو ته سيئي جنتي ۽ جيئرا آهن.

## احد جون ڪي خاص ڳالهيون:

1. **سجاڳپ:** مسلمانن جي سجاڳپ يا سندن جنگي نعرو ”احد احد“ هئي.
2. **جهنڊو:** ٻنهي جنگين ۾ ڪعبة الله شريف جي پوڄارين عبدالدار قبيلي جي هٿ ۾ جهنڊو هو. مسلمانن جي طرف کان احد جي ويڙهه ۾ مصعب بن عمير عبدري علمبردار هو جيڪو رسول الله ﷺ جي مهانڊي ۽ مديني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جو ايلچي ٿي آيو هو، شهيد ڪيو ويو. (ان جي بيوه جو نالو حمنہ بن جحش هو). هاڻي رسول الله ﷺ جن حضرت


Sindhica Academy, Karachi

عليؓ کي عملبردار بڻايو، جن جي هٿان قريشن جا ٻارنهن علمبردار ماريا ويا.

قريشن جي علمبردارن جي قتل ٿي وڃڻ پڄاڻان ابي طلحه جي غلام صواب جهنڊو کڻي ورتو. جڏهن ان جا ٻئي هٿ ڪٽجي ويا ته هو جهنڊي تي ڪري پيو ۽ مري ويو جنهن تي حسان بن ثابت هي شعر چيو. ڇو ته هاڻي هڪ عورت اهو جهنڊو کڻي ورتو هو:

فلو لا لواء الحارثيه اصبحوا
يباعون فیَ الاسواق بيع الجلائب

جيڪڏهن اها زائفان جهنڊو نه کڻي وٺي ها ته سيئي قريشي ٻيهر غلام ڪري بازارن ۾ وڪرو ڪيا وڃن ها، ان جي چوڦير ڳڏ نه ٿي سگهن ها.

3. **ام عماره جي بهادري:** سيده ام عماره نسيبہ بنت ڪعبہ المازينہ فرمائي ٿي ته مان پاڻي پيارڻ جي لاءِ صبح جو سوير ئي نڪري پئي هيس. مون رسول الله ﷺ جي ويجهو پهچي ڏٺو ته مسلمانن کي شڪست ٿي چڪي هئي. مون تيرن ۽ تلوارن کان رسول الله ﷺ جي حفاظت ڪئي. جڏهن ابن قيمہ اڳتي وڌيو ته مون ۽ مصعب بن عمير ۽ ٻين ماڻهن، جيڪي رسول الله ﷺ وٽ موجود هئاسين، ان کي روڪيو ۽ ان تي تلوار جا ٻه وار ڪيا، پر ان کي ٻه زرهون پهريل هيون. ان کان پوءِ هن ام عماره جي ڪلهي تي تلوار هنئي جنهن سان ان کي گهرو گهاءُ پهتو ۽ ان جو نشان سڄي عمر رهيو.
4. **طلحه ؓ ۽ سعد ؓ :** هن ويڙهه ۾ اهڙو وقت به آيو جو نبي ڪريم ﷺ وٽ طلحه ۽ سعد بن ابي وقاص کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نه رهيو. (اهي ٻئي بزرگ ظاهر ظهور دعوت واري زماني ۾ سابقون الاولون منجهان هئا).
5. **جيئرو جاڳندو شهيد:** جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن زخمي حالت ۾ کڏ ۾ ڪري پيا ته حضرت علي ؓ ۽ حضرت طلحه ؓ پاڻ ڪريم ﷺ جن کي ٻاهر ڪڍيو. انهيءَ تي پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن ڪو هلندڙ ڦرندڙ شهيد کي ڏسڻ گهري ته اهو طلحه کي ڏسي وٺي.
6. **يوم سبت:** ٺاهه موجب يهودين لاءِ به ضروري هو ته اهي به جنگ ۾ مسلمانن جو ساٿ ڏين ها، پر انهن بهانو اهو پيش ڪيو ته ڇنڇر جي ڏينهن اسان لاءِ جنگ حرام آهي. انهيءَ تي هڪ يهودي مخريق اڪيلو ئي جنگ جي لاءِ نڪري پيو ۽ شهيد ٿي ويو. انهيءَ جي لاءِ رسول الله


www.sindhsalamat.com

ﷺ فرمايو ته اهو ڀلي ۾ ڀلو يهودي هو.

7. **ملائڪ:** اهو سيني مسلمانن لاءِ ضروري آهي ته اهو ملائڪن تي ايمان آڻي. مڪي واري دؤر ۾ نازل ٿيندڙ قرآن ۾ ملائڪن ۽ روح الامين (جبرائيلؑ) جو ذڪر آهي. ان کي رسول الله يعني الله جو قاصد (پيغام آڻيندڙ ملائڪ) به چيو ويو آهي. سورت انفطار ۾ به ٻن لکندڙ ملائڪن جو ذڪر آهي. سورت المدثر جي هڪ آيت ۾ ملائڪن کي جنود الله به سڏيو ويو آهي. سورت انفطار ۾ به ٻن ڪاتب ملائڪن جو ذڪر آهي. سورت التطفيف ۾ انهن کي المقربون ۽ سورت التڪوير ۾ انهن کي رسول ڪريم چيو ويو آهي. سورت والنجم ۾ جبرائيل يا الله جي قوت واريءَ ساڳي معنيٰ رکندڙ لفظ شديد القويٰ آهي. سورت الحجرات ۾ مرسل ۽ سورت الشعرا ۾ روح الالمين چيو ويو آهي. سورت المؤمن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهي الله تعاليٰ جي عرش کي کڻي بيٺل آهن (اَلَّذِيۡنَ يَحۡمِلُوۡنَ الۡعَرۡشَ). هن ۾ الروح ۽ القدس جو به ذڪر آهي. سورت الفاطر ۾ ٻڌايو ويو آهي ته انهن جا ٻه، ٽي ٽي ۽ چار چار پر به آهن. سورت الجن ۾ حرساً شديداً ۽ آسمان جا محافظ به ٻڌايو ويو آهي. سورت بني اسرائيل ۾ چيو ويو آهي ته ڪافر ملائڪن کي ماديون سمجهن ٿا، جڏهن ته اهي ماديون يعني هيڻا نه پر نر يعني سگهارا آهن.

مديني ۾ اچي سوره انفال ۾ هزار ملائڪن سان بدر جي مسلمانن جي مدد جو ذڪر آهي. پر هتي رڳو ايترو ٻڌايو ويو آهي ته اها مسلمانن کي مطمئن ڪرڻ جي لاءِ هڪ خوشخبري هئي "وَمَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشۡرٰى وَلِتَطۡمَٮِٕنَّ بِهٖ قُلُوۡبُكُمۡ ۚ" (الانفال:10) جيئن ته انهيءَ جنگ ۾ مسلمانن کي سوڀ حاصل ٿي هئي، انهيءَ ڪري عام مسلمان اهو ٿي سمجهن پيا ته ملائڪن اچي ڪري مقابلو ڪيو هو، پر بدر ۾ مجاهدن ستر ماڻهن کي قتل ڪيو هو ان جو ذڪر موجود آهي.

احد ۾ به ملائڪن جي مدد جو واعدو هو، پر هار ٿي وئي. انهيءَ ڪري قرآن انهيءَ معاملي کي صاف ڪيو ته جيڪڏهن توهان صبر ۽ ثابت قدمي سان ڪافرن جو مقابلو ڪندا رهو ها ته رڳو ٽي هزار ملائڪ ئي نه پر پنج هزار ملائڪ الله جي طرف کان توهان جي مدد ڪن ها. پوءِ ٻڌايو ته اها رڳو توهان جي لاءِ خوشخبري هئي "وَمَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشۡرٰى لَـكُمۡ وَلِتَطۡمَٮِٕنَّ قُلُوۡبُكُمۡ بِهٖ‌ ؕ" (آل عمران:126). انهيءَ مان چٽيءَ طرح ظاهر آهي ته ملائڪن جو مطلب الله تعاليٰ طرفان عطا ڪيل صبر ۽ ثابت قدمي جي سگهه ۽ طاقت هئي.


Sindhica Academy, Karachi

## مسلمانن جو جوابي حملو ۽ ڪڍ پوڻ:

ٻئي ڏينهن پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت علي رضي الله عنه کي ڪافرن جي خبر چار لهڻ لاءِ موڪليائون ۽ سمجهايائون ته جيڪڏهن انهن جا گهوڙا خالي پلاڻيل هجن ۽ اهي پاڻ اٺن تي چڙهيل هجن ته ان جو مطلب اهو ٿيندو ته انهن جي موٽي اچي حملي ڪرڻ جو ارادو نه آهي. انهيءَ مان چٽيءَ طرح ظاهر آهي ته پاڻ ﷺ جن نه رڳو عربن جي نفسياتي ڪيفيتن جي ڄاڻ رکندا هئا، پر انهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ جنگي چالن کان به چڱيءَ طرح واقف هئا. حضرت علي رضي الله عنه اطلاع ڏنو ته جيتوڻيڪ انهن جا گهوڙا خالي پلاڻيل آهن، پر هو موٽي ٻيهر حملو ڪرڻ جي لاءِ صلاحون به ڪري رهيا آهن ته جيئن مسلمانن کي بلڪل ئي ختم ڪري ڇڏجي. اهو ٻڌي ڪري پاڻ ﷺ معبد خزاعي کي، جنهن اڃا تائين پنهنجو اسلام آڻڻ ڪنهن اڳيان ظاهر نه ڪيو هو، ابو سفيان ڏانهن دوستاڻي صلاح ڏيڻ لاءِ روانو ڪيو. هن وڃي ڪري قريشن کي ٻڌايو ته مسلمانن جو هڪ وڏو لشڪر، توهان کان بدلو وٺڻ لاءِ توهان جي ڪڍ پيو آهي، سو ڀلو انهيءَ ۾ اٿو ته ڀڄي جان بچايو.

هيڏانهن رسول الله ﷺ جن پڙهو ڏياريو ته جيڪي ماڻهو احد ۾ شامل هئا، سي دشمن تي جوابي حملي لاءِ تيار ٿي وڃن. هن دفعي جهنڊو حضرت ابوبڪر کي ڏنو ويو ۽ ٻئي ڏينهن تي اسلامي لشڪر حمراء الاسد پهچي ويو ۽ ميدان ۾ دشمن تي داٻو ڪرڻ لاءِ رات جو پنج ڇهه هزار چلهيون ٻاريون ويون. دشمنن جو اهو ڏٺو ته سمجهيائون ته ڪو وڏو لشڪر پهچي ويو آهي، سي انهن ڪٽي ڪڙيءَ تي زور ڏنو. پاڻ ﷺ ٽي ڏينهن اتي رهڻ کان پوءِ واپس موٽي مديني ۾ آيا.

هوڏانهن يهودين ۽ منافقن تي اهو اثر ٿيو جو اهي سمجهي ويا ته مسلمانن کي اتفاق سان هار ٿي آهي. ٻئي پاسي مسلمانن کي به پڪ ٿي وئي هئي ته جيڪڏهن اهي صبر ۽ ثابت قدميءَ سان وڙهندا رهن ها ته قريشن کي ته هارائي ئي چڪا هئا. مال غنيمت کي گڏ ڪرڻ ۽ انهن جي جنگي سستيءَ ئي انهن جي سموري نظم کي خراب ڪري ڇڏيو. انهن عهد ڪيو ته هاڻي ڪڏهن به پنهنجي امير جي فرمانبرداريءَ کان هڪ انچ به هيڏي هوڏي نه ويندا.

## احد واري ويڙهه جو قرآن ۾ ذڪر:

هن جنگ جي باري ۾ سورت آل عمران ۾ اشارا ڏنل آهن. بنو سلمه ۽


www.sindhsalamat.com

بنو حارثہ بہ منافقن جي پيروي ڪندي واپس وڃڻ وارا ٿي هئا، پر پاڻ ڪريم ﷺ طرفان ڪين سمجهائڻ تي تہ صبر ۽ ثابت قدميءَ ڪان ڪم وٺندؤ تہ الله ۽ ان جا ملائڪ توهان جي مدد ڪندا، اهي جيتوڻيڪ ڳڌجي تہ آيا هئا، پر پوءِ بہ انهيءَ ذهني ڇڪتاڻ ۾ ٿي رهيا جنهن ڪري آخر ڪار شڪست ٿي پئي.
ملائڪن جي مدد جو مطلب اهو هو تہ همت ۽ اطمينان يعني الله تعاليٰ جي مدد جو جيڪڏهن پڪو يقين پيدا ٿي وڃي تہ اهو ملائڪن جي طاقت جي برابر ٿي ويندو آهي ۽ ڪافرن جي دلين ۾ اهڙو تہ رعب پيدا ڪري ڇڏيندي ها جو اهي اٿي ڀڄن ها.

## سورت آل عمران رڪوع 14:

ڀيٽو ٽيٽو وياج ڪائڻ وارن يهودين کي خبر هئڻ گهرجي تہ انهن جي لاءِ انهيءَ ڪان ڀلو اهو آهي تہ اهي پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ جهاد لاءِ خرچ ڪن. (يهودي پنهنجي ڪنجوسيءَ جي ڪري جنگ جي لاءِ چندو نہ ڏيندا هئا).
بزدلي ۽ بدنظمي جي ڪري وڏيون وڏيون فوجون بہ هارائجي وينديون آهن. بدر ۾ ٿورڙن مسلمانن مشرڪن جي هڪ وڏي تعداد کي هارائي ڇڏيو. هن دفعي منافقن جي ڪري ايمان ۽ هميت ۾ گهٽتائي پيدا ٿي وئي، تنهن ڪري اڳتي ڪمزوري نہ ڏيکارجو. هي هڪڙو امتحان آهي، انهيءَ ڪان سواءِ توهان کي بهشت نصيب نہ ٿي سگهندو. (ڏسو بقره 26)

## سورت آل عمران رڪوع 15 ۽ 16:

هاڻي جنگ جو طريقو بدلايو وڃي ٿو. سوڀ ۽ هار جو دارومدار فوج جي اڳواڻ يا سپهہ سالار جي قتل ٿي وڃڻ تي نہ هئڻ گهرجي. جنگ هڪ اصول (يعني نظريي) لاءِ وڙهي ويندي آهي. تنهن ڪري هڪڙي ماڻهو جو موت سڄي جماعت جي هارائڻ جو سبب نہ ٿيڻ گهرجي. موت جو هڪ وقت مقرر آهي. پوءِ اصول يا نظريي جي سوڀ جي لاءِ آخري گهڙي تائين وڙهو. هاڻي جنگ جماعتي بنياد تي ٿيندي، پوءِ ڀلي امير يا سردار ڪيترائي ڇونہ مارجي وڃن پر پير پٺتي نہ ڪڍڻ گهرجن. محمد ﷺ تہ رڳو الله جو رسول آهي. ان جي مري يا مارجي وڃڻ تي جماعت جي ٻڌي ۽ ان جي ترقيءَ تي ڪوبہ اثر نہ پوڻ گهرجي. ان جو پيغام موجود رهندو ۽ ان اصول تي عمل ٿيڻ گهرجي.
دولت جي لالچ توهان جي سوڀ کي هار ۾ بدلائي ڇڏيو. الله تعاليٰ جيڪو واعدو ڪيو هو سو سچ هو. بهرحال اهو هڪ امتحان هو. هاڻي وري


Sindhica Academy, Karachi

اهڙي غلطي نہ ڪجو. هن وقت تائين جو ڪجهہ ٿيو سو توهان کي معاف ڪيو وڃي ٿو. توهان ڀڄي رهيا هئا، جڏهن تہ الله جو رسول توهان کي سڏي رهيو هو. شيطان جي ٺڳيءَ توهان کي هيڻو ڪري ڇڏيو هو. الله توهان جي انهيءَ غلطيءَ کي معاف ڪري ڇڏيو آهي.

## سورت آل عمران رڪوع 17:

قوم جي لاءِ مرڻ دولت گڏ ڪرڻ ڪان ڀلو آهي. بهرحال توهان جيڪا انحرافي ڪئي انهيءَ کي نرم دل واري نبيءَ معاف ڪري ڇڏيو آهي. هو اڳتي بہ توهان سان صلاح مشورو ڪندو رهندو. جيڪو جماعت يا انسانيت جي ڀلائيءَ جي لاءِ پاڻ پتوڙيندي شهيد ٿي ويندو آهي، انهيءَ کي موت نہ ايندو آهي (وَلَا تَحۡسَبَنَّ الَّذِيۡنَ قُتِلُوۡا فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ اَمۡوَاتًا). الله جي ٻانهپ ڪندڙ ڪڏهن بہ گيدي نہ ٿيندو آهي.

## سورت آل عمران رڪوع 15:

الله وارن کي ڪڏهن بہ خوف نہ ٿيندو آهي. باقي جيڪي شيطان جا پوڄاري هوندا آهن، اهي ئي مرڻ ڪان ڊڄندا آهن. جيڪي مؤمن آهن سي شيطان ڪان نہ ڊڄندا آهن. هن جنگ ۾ اها ڳالهہ بہ سامهون اچي وئي تہ منافق رڳو ڦرمار جي لاءِ ويندا آهن ۽ جڏهن انهن ڪان جنگي چندو گهرو تہ هڪ پئسو نہ ڏيندا. يهودين جي تہ اها حالت آهي (جو معاهدي جي باوجود بہ) اهي الله جي نالي تي، بنا وياج جي قرض ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهن. جڏهن تہ انهن کي خوشدليءَ سان چندو ڏيڻ گهربو هو. اهي چون ٿا تہ الله فقير آهي.

## سورت آل عمران رڪوع 19:

الله تعاليٰ جو نالو مٿانهون رکڻ وارن جو ڪم سئولو نہ آهي. اهو ڪم جان ۽ مال جي قرباني گهري ٿو، جنهن ۾ ماڻهو کي وڏي امتحان مان گذرڻو پوي ٿو. ان ڪان پوءِ وڃي الله تعاليٰ جي رضا نصيب ٿئي ٿي. يهودي توريت جي حڪمن ۾ تحريف ڪن ٿا ۽ حق کي ڪوڙ سان لڪائن ٿا. پر مسلمانن جو فرض آهي تہ اهي صبر ۽ پرهيزگاري ڪان ڪم وٺن جو اهو وڏي همت وارو ڪم آهي.


www.sindhsalamat.com

## سورت آل عمران رڪوع 20:

الله تعاليٰ جي وجود جي ثابتيءَ لاءِ زمين ۽ آسمان ۾ موجود نشانين کي ڏسو ته توهان کي خبر پئجي ويندي ته هن ڪائنات جو هڪ خالق آهي. جيڪي عقل ۽ سمجھ رکندا آهن اهي الله تعاليٰ جي خلقت ۾ غور ۽ فڪر ڪندا آهن ۽ ان ۾ ٻڌل هوندا آهن. اهي حقيقت جي تھ تائين پهچڻ لاءِ الله تعاليٰ کان مدد گهرندا رهندا آهن.

هن ڪائنات جي تخليق جو هڪڙو مقصد آهي. هيءَ سڄي ڪائنات ڪو بي مقصد حادثي جي نتيجي ۾ پيدا نه ٿي آهي. انهيءَ جو هڪڙو مقصد آهي. جن ماڻهن هجرت ڪئي يا زوريءَ گهرن مان لوڏيا ويا يا الله جي ٻڌايل واٽ تي هلڻ جي ڪري ايذايا ويا ۽ پوءِ اهي پنهنجي حق جي راھ تي ايندڙ رڪاوٽن جي خلاف وڙهيا ۽ ان جي نتيجي ۾ قتل ٿي ويا ته اهي سيئي پرهيزگار آهن ۽ ضرور بهشت ۾ داخل ٿيندا. اهڙيءَ طرح اهي ڪتاب وارا جيڪي الله تعاليٰ کي مڃن ٿا ۽ رشوت وٺي الله تعاليٰ جي قانونن ۾ تحريف نٿا ڪن انهن کي به الله تعاليٰ وٽان چڱو اجر ملندو.

صبر ۽ ٻڌيءَ سان سوڀ حاصل ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري توهان جي لاءِ ضروري آهي ته رڳو الله تعاليٰ کان ئي ڊڄندا رهو. اها ڳالھ ئي توهان ۾ حوصلو ۽ ثابت قدمي پيدا ڪندي ۽ ڪاميابيءَ جو سبب بڻبي.

## سورت النساء رڪوع 24:

احد واري ويڙھ ۾ ڪيترائي مسلمان شهيد ٿيڻ سان ٻار، خاص ڪري ڇوڪريون يتيم ٿي پيون هيون، تنهن ڪري هن موقعي تي ميراث جا حڪم ٻڌايا ويا ۽ ميراث ۾ زائفن جا حق مقرر ڪيا ويا. اهو دنيا جو پهريون قانون هو جنهن عورتن جي درجي کي مٿانهون ڪيو هو. پاڻ ڪريم ﷺ جن پاڻ به يتيم هئا ۽ سمجهن پيا ته يتيم ڇوڪرين ۽ بيواھ عورتن سان دنيا ۾ ڪيترو بڇڙو سلوڪ ڪيو ويندو آهي. ڪن ملڪن ۾ ته اهي مئل مڙس سان سڙي مرڻ پسند ڪنديون هيون. هتي اهو به ٻڌايو ويو ته مشرڪ عورت جي مقابلي ۾ مؤمن عورت سان نڪاح ڪرڻ ڀلو آهي.

اهڙي طرح زال کي تنگيل ڇڏي ڏيڻ کان ڀلو آهي ته انهيءَ کان جدائي اختيار ڪريو. (ڏسو سورت النساء جو رڪوع 2 ۽ 18)


Sindhica Academy, Karachi

## سورت النساء رڪوع نمبر 15:

مسلمانن کي گهرجي ته جيڪڏهن انهن کي ڪافرن جي فتنن جو خطرو هجي ته اهي سفر جي حالت ۾ پنهنجي نماز کي ٻيلي گهٽائي پڙهن ۽ پنهنجي حفاظت جو خيال ڪن، اهڙي طرح جو انهن مان اڌ ماڻهو نماز پڙهن ته اڌ وري نماز پڙهڻ واري جي حفاظت ڪن.

جيئن ته انهيءَ ئي سال پاڻ ڪريم ﷺ جن بيبي ام سلمه مخزوميهؓ سان نڪاح ڪيو. هوءَ عبدالله بن الاسد جي بيوھ هئي. ان کانسواءِ پاڻ حضرت جويريه سان نڪاح ڪيائون جيڪا خزاعه قبيلي مان هئي. هوءَ جنهن ماڻهوءَ جي پَتي ۾ آئي هئي، تنهن کان پاڻ ﷺ جن ڪين خريد ڪري آزاد ڪيو ۽ ان کان پوءِ ساڻن نڪاح ڪيائون. پاڻ پنهنجي پتيءَ ۾ آيل سيني قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيائون. اهو ڏسي ڪري مسلمانن به حضرت بيبي جويريهؓ جي قبيلي وارن جي سيني قيدين کي بنا فديو وٺڻ جي آزاد ڪري ڇڏيو.

## نڪاح جا اثر:

رسول الله ﷺ ۽ اسلام جي مخالفن سدائين تاريخي حالتن کي مروڙي سروڙي پيش ڪيو. اهو انهيءَ لاءِ ڪندا رهيا آهن ته جيئن اهي پنهنجي مذهب کي سچو ثابت ڪن. قرآن پاڪ خدا پرستيءَ جي ڪنهن به طريقي کي خراب نٿو پيو چوي، اجا به ورجائي ورجائي سمورن نبين ۽ انهن تي نازل ڪيل ڪتابن ۽ صحيفن جي تصديق ڪندو رهيو آهي. انهيءَ ڪري انهن جي ڪنهن به اعتراض جي ڪابه اهميت نه آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن جون سموريون شاديون اسلام جي خدمت جي لاءِ ئي هيون ۽ سدائين پاڻ خلق خدا جي فائدي ۽ الله تعاليٰ جي دين جي سربلنديءَ جو خيال رکيائون.

حضرت بيبي جويريه جو قبيلو خزاعه مڪي جي آس پاس موجود هئو. انهيءَ قبيلي کي اسلام ۾ آڻڻ جي رڳو هڪڙي ئي صورت هئي ۽ اها هيءَ ته پاڻ ڪريم ﷺ جن انهن سان پنهنجي مِٽي ڪن ۽ انهن تي ايترو احسان ڪن جو اهي ان جو ٿورو لاهي نه سگهن. پاڻ ﷺ جن ائين ئي ڪيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن هن قبيلي جي سمورن قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري ٻين مسلمانن به ائين ئي ڪيو ۽ هن قبيلي جا سمورا قيدي بنا فديوادا ڪرڻ جي آزاد ٿي ويا. اهڙي احسان انهن کي سدائين جي لاءِ اسلام ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جو غلام بڻائي ڇڏيو.


www.sindhsalamat.com

هن نڪاح جو اهو نتيجو نڪتو جو جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن 6 هجري ۾ عمري جو احرام ٻڌو ته هن ئي قبيلي جي ماڻهن رسول الله ﷺ جن کي انهيءَ ڳالهه جي خبر ڏني ته قريش وڙهڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا آهن. ان کان پوءِ هن قبيلي جي ماڻهن قريشن کي وڃي پاڻ ڪريم ﷺ جي جنگي سگهه کان ڊيڄاريو ۽ ٺاهه جي لاءِ مجبور ڪيو. آخرڪار هن ئي قبيلي جي ڪري، اڳتي هلي مڪو پاڪ بنا ڪنهن ويڙهه جي فتح ٿي ويو. ڏسو ته رڳو هڪڙي ئي نڪاح ڪهڙي طرح دنيا جي تاريخ جو پاسو ئي ڦيرائي ڇڏيو ۽ اسلام جي سياسي ڪاميابيءَ جي تمهيد ٻڌجي دنيا کي امن وارو بڻائي ڇڏيو.

انهيءَ ئي سال حضرت حسين بن عليؓ جي پيدائش ٿي. يعني شعبان سن 4 هه ۾ حسينؓ پيدا ٿيو. حضرت عبيده المطلبي جي بيواهه حضرت زينب سان پاڻ ڪريم ﷺ جن نڪاح ڪيو هو. پاڻ تمام ئي سخي هيون جنهن ڪري سندن لقب ”ام المساڪين“ هو. هن ئي سال سندن وفات ٿي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن مسلمانن جي مٿان احد جي شڪست جو اثر قائم ٿيڻ نه ڏنو. ڇو جو احد واري جوابي حملي کان پوءِ محرم سنه 4 هه ۾ بنو اسد وارن کي سيڪت ڏيڻ لاءِ ابو سلمه جي اڳواٽيءَ ۾ هڪ جٿو روانو ڪيو ويو هو. انهيءَ ۾ هڪ سئو پنجاهه سوار هئا ۽ گهڻائي انصارن جي هئي. جڏهن اهو جٿو پنهنجي منزل تي پهتو ته بنو اسد وارا ڀڄي ويا.

## ستر قراء جو قتل:

مديني جي اوپر ۾ نجد جي رستي کان قريشن جا واپاري قافلا عراق ڏانهن ايندا ويندا هئا. قريشن جي سازشن سان بنو لحيان جا ڪجهه ماڻهو پاڻ ڪريم ﷺ جن وٽ آيا ۽ چيائون ته اسان مسلمان ٿيڻ لاءِ تيار آهيون. انهيءَ ڪري توهان اسان کي تعليم ڏيڻ لاءِ ڪجهه ماڻهن کي اسان سان گڏ ڏيو. پاڻﷺ جن اصحاب صفه وارن مان قرآن ستر ڪي، جيڪي تمام ئي عزت ڀريا هئا. انهن سان گڏ موڪليو. رستي ۾ بعر معونه وٽ قريشن انهن سڀني کي ماري ڇڏيو. رڳو عمرو بن اميه جان بچائي مديني پهتو ۽ پاڻ ڪريمﷺ جن کي اها ڏکائيندڙ خبر ٻڌائي.

## ڏهن مسلمانن جو قتل:

بنو لحيان وارن ٻيهر به اها ئي ڪيڏ ڪيڏي ۽ قاره قبيلي وارن جي ذريعي ڪجهه مسلمانن جي اسلام جي تعليم ڏيڻ جي بهاني نبي ڪريم ﷺ کان



Sindhica Academy, Karachi

گهر ڪئي. رستي ۾ انهن سان به وڙهڻ لاءِ تيار ٿيا ته اهي مسلمان به آخري دم تائين انهن سان وڙهندا رهيا ۽ آخرڪار شهيد ٿي ويا.

## سورت بينه:

هن سورت ۾ وري اهل ڪتاب کي ٻڌايو ويو ته رسول الله ﷺ جن اها ئي تعليم ڏئي رهيا آهن جيڪا هن کان اڳ ۾ نازل ڪيل صحيفن ۾ ڏني وئي آهي يعني اهو ته رڳو هڪڙي الله جي عبادت ڪريو. پر هن تعليم کي نه ته ڪتاب وارا مڃن ٿا ۽ نه ئي مشرڪ مڃن ٿا. اڃا به پنهنجي راهبن ۽ مذهبي ٺيڪيدارن جي جوڙيل ريتن ۽ رسمن کي خدائي قانونن جو درجو ڏين ٿا. ڪو چوي ٿو ته فلاڻي شيءِ حلال آهي ۽ فلاڻي شيءِ حرام آهي. ڪو چوي ٿو ته پٽيلي (هنج ورتل) جي زال کي حقيقي نُنهن وانگر حرام سمجهڻ گهرجي. ڪو عورت کي ٽنگيل ڇڏي ڏئي ٿو ته ڪو وري پنهنجي زال کي ڏنل ڪابين ۽ تحفا وغيره به واپس وٺي ڪيس طلاق ڏئي ڇڏن ٿا ۽ ان ويچاريءَ کي ٻئي ڪنهن سان نڪاح ڪرڻ کان به روڪي ڇڏن ٿا. ڪو پنهنجي زال کي ماءُ چئي ٿو وٺي ۽ پنهنجي مٿان حرام ڪري ٿو ڇڏي.

پر خدائي قانون هڪڙو ئي آهي. تورات کان به اڳ حضرت ابراهيمؑ جي صحيفي ۾ تمام ئي آڳاٽا خدائي قانون موجود هئا. جن جي بنو اسماعيل اڃا تائين پيروي ڪندا هئا. انهن جو مثال اهو هو ته اهي اٺ جو گوشت کائيندا هئا ۽ ان کي حرام نه سمجهندا هئا. باقي ايترو سو هو ته اهي پٽيلي جي بيواهه يا طلاق ڏنل سان نڪاح نه ڪندا هئا. رسول الله ﷺ جن سچن رسولن مان هڪڻ جي حيثيت ۾ انهيءَ ريت کي ٽوڙيو ۽ پٽيلي (زيد بن حارثه) جي طلاق ڏنل زال سان پاڻ ئي نڪاح ڪيائون. اهڙي طرح خلع ورتل يا طلاق ڏنل عورت کي انهيءَ ڳالهه جو حق ڏنو ته اها نڪاح جي ٻنڌڻ مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ جنهن سان گهري، عدت واري مدت گذارڻ کانپوءِ نڪاح ڪري ۽ اهو به قانون ٺاهيو ويو ته جيڪو به ماڻهو پئسا وٺي عورت کي طلاق ڏئي ته اها عورت انهيءَ لاءِ حرام آهي. اصل ۾ اهو نئون حق عورت کي اسلام ئي ڏنو، باقي نه ته عام طلاق جي صورت ۾ انهيءَ ڳالهه جي اجازت ڏني ته ٻيو دفعو طلاق ڏيڻ کانپوءِ به جيڪڏهن راضي هجي ته مرد انهيءَ عورت کي واپس پنهنجي نڪاح ۾ وٺي سگهي ٿو. اهڙي طرح ظهار واري طلاق ۽ ٻين قسمن جي طلاقن ۾ عورت جي حقن جو خيال رکيو ويو ۽ مرد جي ڏاڍاين کان ان کي ڇوٽڪارو ڏياريو ويو.



www.sindhsalamat.com

## بنو نضير وارن جي ڏيهه نيڪالي:

ربيع الاول سنه 4 هجري (جون 625ع) ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي سر پاڻ انهن جي پاڙي ۾ ويا ۽ بنو نضير وارن کي چيو ته عمرو بن اميه غلطيءَ سان بن عامرين کي ماري ڇڏيو آهي، تنهن جي خون بها جي لاءِ مقرر ٿيل ڦوڙي ڏيو. يهودين ڪين قتل جي ارادي سان ڪين پٽ جي هيٺان ويهاريو ته جيئن سندن مٿان پٿر اڇلائي قتل ڪيو وڃي. رسول الله ﷺ کي خبر پئجي وئي ۽ پاڻ اتان اٿي هليا آيا. بنو نضير وارن ڦوڙي ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ بنو قريظ جي مدد جي آسري تي قلعي ۾ ويهي ڪري بغاوت شروع ڪري ڏنائون.

رسول الله ﷺ انهن جي قلعي جي گهيراءُ ڪيو. جڏهن انهن يهودين کي منافقن ۽ بنو قريظ وارن وٽان مدد نه ملي ته هنن انهيءَ شرط تي هٿيار ڦٽا ڪيا ته کين قتل نه ڪيو ويندو. اهو شرط مڃيو ويو ۽ انهن تي لازم ڪيو ويو ته اهي جنگي سامان ڪانسواءِ ٻيو جيڪو ڪجهه کڻي وڃڻ گهرن ته وڃي سگهن ٿا. آخرڪار يهودي ڇهه سئو اٺن تي پنهنجو سامان لڏي شام ۽ خيبر واري پاسي نڪري پيا.

## سورت آل عمران، رڪوع 12:

مسلمان هڪ اهڙي قوم آهي جيڪا چڱن ڪمن جو حڪم ڪندي آهي ۽ بڇڙن ڪمن کان روڪيندي آهي. پر يهودي توريت جي حڪم جي باوجود به ائين نٿا ڪن.

## سورت حشر، رڪوع 1:

يهودي جيتوڻيڪ اهل ڪتاب آهن، پر وڏا بي شڪرا آهن. انهيءَ ڪري رڳو هڪڙي ئي حملي سان هار مڃيائون. جيڪڏهن الله تعاليٰ جي طرف کان ڏيهه نيڪاليءَ جو حڪم نه هجي ها ته ان کان به انهن کي بڇڙي سزا ملي ها.

اهڙيءَ طرح انهن جون ڇڏيل زمينون انهن مهاجرن کي ڏنيون وڃن ٿيون جيڪي هٿين خالي آيا هئا. انصارن به وڏيون قربانيون ڏنيون. پاڻ نه ڪائي به مهاجرن کي ڪارايو. هاڻي انهن تي ڪوبه بار نه رهيو هو. اهي زمينون مهاجرن کي ڪڙمت جي بنياد تي نه پر ملڪيت ڪري ڏنيون ويون هيون. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته اسلام ۾ زمين ڪڙمت تي نه پر ملڪيت طور ڏني ويندي آهي، جنهن کي هو پاڻ کيڙيندا آهن.


Sindhica Academy, Karachi

## سورت حشر رڪوع نمبر 2:

منافقن جي بزدليءَ جو سبب اهو هو ته انهن جي اندر منافقت پريل هئي، نه ته هو ضرور يهودين جي مدد ڪن ها.

## سورت حشر، رڪوع نمبر 3:

اهو نه سمجهو ته رڳو الله يا رحمان يا يهودا ئي خدا جا نالا آهن، پر سمورا سٺا نالا، پوءِ پلي اهي ڪهڙي به ٻوليءَ ۾ هجن الله تعاليٰ جي لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿا. سيني جو آقا اهو ئي اڪيلو الله آهي.

غزوه بدر ثاني، پهرين ذيقعد سنه 4 هجري (4 فيبروري ٦٢٦ع)

احد واري ويڙهه کان پوءِ ابوسفيان چئي ويو هو ته ايندڙ سال بدر وٽ توهان سان مهاڏو ٿيندو. هتي هر سال ميلو لڳندو هو ۽ واپار ٿيندو هو. پاڻ ڏيڍ هزار پيادل ۽ ڏهه سوارن سان گڏ روانو ٿيا. واپار جو سامان به ڪنيو، پر ابوسفيان ڊچ کان نه آيو. جڏهن ته ٻين قبيلن جا ماڻهو آيا ۽ واپاري لحاظ کان گرما گرمي رهي. مسلمان انهيءَ ميلي مان سئو سيڪڙو نفعو ڪمائي واپس موٽيا.

## صلوٰت الخوف:

احد واري ويڙهه ۾ مسلمانن جي هار جي ڪري مشرڪن جو جيءُ وڌي ويو. يهودين ۽ منافقن به پاڻ ڪريم ﷺ جي ذاتي زندگي زهر ڪري ڇڏي هئي. مختلف قبيلا سازشون ڪري مسلمانن کي قتل ڪرڻ جڻ ته پنهنجو فرض سمجهن پيا. انهن حالتن هيٺ اڌ مسلمان نماز پڙهندا هئا ۽ باقي اڌ وري انهن نماز پڙهندڙ مسلمانن جي حفاظت ڪندا هئا. اهڙي طرح پڙهي ويندڙ نماز کي صلوٰت الخوف سڏيندا آهن.

## سورت النساء، آيت نمبر 23:

جيئن ته عام زندگيءَ جون سهولتون جنگ ۽ سفر واري حالت ۾ ميسر نٿيون ٿي سگهن، تنهن ڪري پاڻي نه ملڻ جي صورت ۾ وضوءَ جي بدران پاڪ مٽيءَ سان تيمم جو حڪم ڏنو ويو. مريضن جي لاءِ به اهو ئي حڪم آهي ته اهي تڙ يا وضو ڪرڻ جي بدران رڳو تيمم ڪن. (هن رڪوع جون ٻئي آيتون 2 هجري ۾ بيان ٿي چڪيون آهن)


www.sindhsalamat.com

## غزوه ذات الرقاع:

خاتم النبيين ﷺ جن کي اها خبر ملي ته نجد واري علائقي ۾ انمار ۽ ثعلبه قبيلا جنگ جي لاءِ گڏ ٿي رهيا آهن. اهي غطفان قبيلي سان واسطو رکندڙ هئا ۽ جبلن ۾ رهندا هئا. قريش جا عراق ڏانهن ويندڙ واپاري قافلا انهن ئي علائقن مان لنگهندا هئا. 10 محرم تي پاڻ ڪريم ﷺ جن ذات الرقاع تائين چار سئو مجاهدن سان پهتا. اهي ماڻهو پنهنجون زائفون ڇڏي ڀڄي ويا، پاڻ پندرنهن ڏينهن کان پوءِ واپس آيا.

## غزوه دومت الجندل:

25 ربيع الاول سنه 5 هه (26 جولاءِ 626ع) تي هڪ هزار مسلمانن سان گڏ پاڻ ڪريم ﷺ جن رومة الجندل تائين ويا. اهو علائقو دمشق کان پنجن راتين جي مفاصلي تي هو. انهيءَ علائقي ۾ ڪي بدمعاش ماڻهو يهودين جي سازش سان گڏ ٿي، واپارين ۽ مسافرن کي آزارڻ لڳا هئا. آخرڪار اهي ڀڄي ويا ۽ يهودين تي رعب ويهجي ويو.

## سورت النساءِ رڪوع نمبر 9:

اڳ ۾ ٽيل ٺاهه جي برخلاف جيڪو به ڪو مسئلو ٿئي پيو ته يهودي انهيءَ جي فيصلي لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ وٽ وڃڻ بدران انهيءَ کي پنهنجي راهبن وٽ کڻي ٿي ويا. اهي ماڻهو شيطان جي حڪمن موجب هلن ٿا. قرآن سڏي چيو ته اي يهوديو! پنهنجي واعدي جي پاسداري ڪريو ۽ پنهنجن راهبن کان فيصلا ڪرائڻ جي بدران رسول الله ﷺ وٽ پنهنجا فيصلا کڻي اچو.

## غزوه مريسيع:

شعبان 5 هه (27 نومبر 626ع) تي اها خبر ملي ته بنو مصطلق وارا، جيڪي مديني کان نون منزلن جي وٿيءَ تي هئا ۽ قريشن جا مددگار هئا، مسلمانن جي خلاف جنگي تياري ڪري رهيا آهن. پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت زيد بن محمدؓ کي مديني ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪري نڪري پيا. منافقن جو سردار عبدالله بن ابي به غنيمت جي لالچ ۾ اچي مسلمانن سان گڏجي پيو. دشمن جا ڏهه ماڻهو مارجي ويا جن کي ڇڏي اهي ڀڄي ويا. هڪ هزار اٺ، پنج هزار ٻڪريون ۽ ٻه سئو عورتون ۽ ٿورڙا مرد به پڪڙيا ويا.



## سورت المنافقون:

غزوه مريسيع ۾ منافق پهريون دفعو مسلمانن سان گڏجي نڪتا هئا. هتي اچڻ کان پوءِ به اهي پنهنجي شرارتن کان نه مڙيا ۽ مسلمانن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا رهيا. انهيءَ تي هيءَ سورت المنافقون نازل ٿي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته منافق رڳو زباني طور مسلمان آهن، جڏهن ته اهي دلي طور اسلام ۽ مسلمانن جا دشمن آهن. اهي ڏسڻ ۾ ته هاٿي آهن پر حقيقت ۾ سڪل ڪاٺيءَ وانگر ڪنجوس آهن. اي رسول ﷺ الله تعاليٰ انهن کي ڪڏهن به معاف نه ڪندو.“

”مسلمانو! انهن منافقن ۽ يهودين وانگر مال سان محبت نه ڪريو. خبر نه آهي ته ڪڏهن توهان تي موت اچي وڃي. مجاهدن جي مدد ڪرڻ کان نه ڪيٻايو ۽ نه ئي منافقن وانگر ڪنجوس ٿيو.“

## واقعه افڪ:

انهيءَ ئي غزوي ۾ منافقن بي بي عائشه صديقهؓ کي بدنام ڪيو، پر پاڻ ڪريم ﷺ کي انهيءَ بهتان تي بلڪل به ويساهه نه ٿيو. بي بي عائشهؓ جي پاڪدامنيءَ جي شهادت سورت النور ۾ ڏني وئي.

## زنا ۽ سورت النور رڪوع 1 کان 4 تائين:

زنا جي حد اها آهي ته عورت ۽ مرد ٻنهي کي سئو ڪوڙا هنيا وڃن ۽ ڪنهن پاڪدامن عورت مٿان زنا جو بهتان ٻڌڻ واري جي سزا اها آهي ته ان کي اسي ڪوڙا هنيا وڃن ۽ بهتان ٻڌڻ واري جي ان کان پوءِ ڪا به شاهدي قبول نه ڪئي ويندي.

”مسلمانو! هن بهتان واري واقعي ۾ به هڪ ڀلائيءَ وارو پاسو آهي، سو اهو ته بهتان ٻڌڻ وارا سمورا ماڻهو اڻڄاڻ مسلمان هئا، توهان کي گهربو هو ته انهيءَ کي ٻڌندي ئي ان کي ڪوڙ سمجهو ها“.

ان کان پوءِ حضرت ابوبڪر صديقؓ کي هدايت ڪئي ٿي وڃي ته انهن اڻڄاڻ مؤمنن کي، جن بهتان ٻڌو هو، معاف ڪريو ۽ انهن جي خلاف دلين ۾ ڪينو نه رکو، اجا به انهن جي جيڪا مالي مدد ڪندا هئا، سا ڪندا رهو. يورپ وارن انقلاب کي ختم ڪرڻ لاءِ عوام کي شراب ۽ زنا ۾ ڦاسائي ڇڏيو.


www.sindhsalamat.com

## پردو ۽ حياءُ:

اهو به حڪم ڏنو ويجي ٿو ته اجازت ڪانسواءِ گهرن ۾ داخل نه ٿيو. زائفن ۽ مردن کي لڄ حياءُ ڌارڻ ۽ پاڪدامنيءَ جو حڪم ڏنو پيو وڃي ۽ بڇڙي نظر وجهڻ کان روڪيو پيو وڃي. عورتن کي گهرجي ته پنهنجي هار سينگار کي ظاهر نه ڪن جو ماڻهن جون نظرون پاڻمرادو انهن ڏانهن ڪڇجي وڃن. ڇڙن جا نڪاح ڪرايو ۽ ٻانهين ۽ ٻانهن جا به نڪاح ڪرايو.

## غلامن کي آزاديءَ جو حق:

غلامن کي آزاد ٿيڻ جو حق ڏيو ته اهي "مڪاتبت"[1] ڪن ۽ هڪ خاص رقم مزدوري يا چندي مان گڏ ڪري مالڪ کي ادا ڪن. مسلمانن کي به گهرجي ته انهن جي آزاديءَ جي لاءِ چندو ڏين ۽ ٻانهين کان بد پيشو نه ڪرائن، نه ته بي صورت ۾ انهن جي مٿان زنا جي حد جاري ٿيندي. (بيت المال جي قائم ٿيڻ کان پوءِ اهو سلطنت جو فرض ٿي پيو هو ته اها غلامن کي آزاد ڪرائي).

## سورت النور رڪوع نمبر 6،5 ۽ 7:

الله زمين ۽ آسمان جو نور آهي. ان جي قانون ۾ هر شيءِ ٻڌل آهي. اهو ئي سيني جي بادشاهه ۽ خالق آهي. خدائي قانون تي هلڻ سان زمين تي بادشاهي ماڻيندؤ ۽ خوف واري جاءِ تي امن ۽ سڪون حاصل ٿيندوَ.

## سورت النور رڪوع 8 ۽ 9:

## مجلس جا ڪي اَدبَ:

اجازت ڪانسواءِ مجلس مان نه اٿو ۽ ڳالهه ٻولهه دوران مرتبن جو لحاظ رکو.

## زينب ۽ زيد بن محمد جي گهرو ويڙهه ۽ ناهه:

زينب بن جحش کي اها ڳالهه ڳري ٿي محسوس ٿي ته هوءَ هڪ آزاد

[1]مڪاتبت: غلامن کي انهيءَ ڳالهه جو حق حاصل هوندو هو ته اهي پنهنجي مالڪ سان هڪ معاهدو يا لکپڙهه ڪن، جنهن ۾ اهي پنهنجي مالڪ کي، مزدوري ڪري يا چندو گڏ ڪري، هڪ خاص رقم پنهنجي آزاديءَ جي عيوض ڏيئي ڪن. اهڙي قسم جي معاهدي يا لکپڙهه کي مڪاتبت سڏيو ويندو آهي. (سنڌيڪار)


Sindhica Academy, Karachi

ڪيل غلام جي نڪاح ۾ هجي، توڙي جو اهو محمد ﷺ جو پٽ ئي سڏائيندو هجي. آخر ڪار هن رسول الله ﷺ کي انهيءَ ڳالهه جي شڪايت ڪئي ته مون کي زيد ڏڪائي ٿو ۽ مان گهران ٿي ته هو مون کي طلاق ڏئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن قرآني حڪم مطابق ٻنهي ۾ ناهه ڪرائي ورتو ۽ زيد کي طلاق ڏيڻ کان روڪيو. جيڪڏهن خندق واري ويڙهه وچ ۾ نه اچي وڃي ها ته اها گهرو ويڙهه طلاق تي اچي ختم ٿئي ها. بهرحال انهيءَ زماني ۾ رسول الله ﷺ جن الله تعاليٰ جل جلاله جي حڪم سان طلاق يا ظهار کي منسوخ ڪري ڇڏيو ۽ عورتن کي وڌيڪ عزت ڏيارڻ ڏانهن وک وڌائي.

## ظهار ڇا آهي؟:

عربن پنهنجي زالن کي ٻانهين واري حيثيت ڏئي ڇڏي هئي. ٿورڙي به بيزاري ٿي ته يڪدم انهن کي طلاق ڏئي ڇڏيندا هئا. ظهار جو طريقو وري اهو هو ته پنهنجي زال کي پنهنجي ماءُ جو عضوو سڏيو ۽ انهيءَ عورت کي پنهنجي مٿان حرام ڪري ڇڏيو. پر اها مڪمل طلاق (آزادي) نه هئي. عورت جو مالڪ يا مڙس ته اهو ئي رهندو، پر عورت کي ٻئي ڪنهن مرد سان نڪاح جو حق نه هو ۽ نه ئي وري مڙس وٽان زوجيت واري حق جي حاصلات جو ڪو قانون هو. اهڙي عمل سان عورت جي زندگي زهر ٻڻجي ويندي هئي.

## سورت مجادله رڪوع 1:

حقيقت ۾ توهان جي ماءُ ته اها ئي آهي جنهن توهان کي ڄڻيو آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن ڪو مرد پنهنجي زال کي ماءُ چئي پاڻ کان جدا ڪري ڇڏي ته اهڙي ماڻهوءَ جي سزا اها آهي ته هو هڪڙو غلام آزاد ڪري يا ٻن مهينن تائين لڳاتار روزا رکي يا وري سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائي. پوءِ جيڪو انهيءَ قانون تي عمل ڪرڻ کان انڪار ڪندو ته الله تعاليٰ انهن کي تمام ئي ڏکوئيندڙ عذاب ڏيندو.

## سورت مجادله رڪوع 2:

گناهن ۽ سرڪشي جي ڳالهين بنسبت پاڻ ۾ سس ڦس نه ڪريو جو اهو شيطاني عمل آهي. الله جي رسول جي نافرماني نه ڪريو.


www.sindhsalamat.com

## سورت مجادلہ رڪوع3:

شيطاني ٽولي منافقن جي مٿان قبضو ڪري ورتو آهي، انهيءَ ڪري اهي الله کي وساري وينا آهن. اهي شيطاني ٽولا نقصان ۾ پوندا، ڇاڪاڻ ته اهي الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪن ٿا. انهيءَ ئي سبب جي ڪري مؤمنن کي انهن سان دوستي نه ڪرڻ گهرجي، پوءِ اهي ڀلي انهن جا ويجها مائٽ ئي ڇو نه هجن.

## الله جو ٽولو:

مؤمنن کي الله تعاليٰ ايمان جي دولت ڏني ۽ روح القدس (جبرائيلؑ) سان انهن جي مدد ڪئي آهي. اهي الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿا. الله انهن کان راضي آهي، اهي جنتي آهن ۽ مراد کي پهتل آهن.

# مديني تي پوري عرب ۽ يهودين جو گڏيل حملو

[قريش جو ٽيون حملو، غزوه احزاب، 8 ذيقعد 5 هه (2 مارچ 627ع)]

بدر ۽ احد واري ويڙهه کان پوءِ مسلمانن جي وڌندڙ طاقت کي ڏسي قريش جي سردار ابوسفيان، يهودين ۽ منافقن گڏجي ڪري مسلمانن سان هڪ فيصلائتي جنگ جي رٿ رٿي. رڳو شام واري رستي تي مسلمانن جا سچا طرفدار موجود هئا، پر عراقي شاهراهه تي بنو غطفان ۽ يمني رستي تي يهودين جا قبيلا مسلمانن جا دشمن هئا. مديني جي اندر ئي منافقن جاسوسيءَ جو ڄار وڇائي رکيو هو. بنو قريظ جي يهودي قبيلن کي به انهن پاڻ سان ملائي ورتو.

بدر ۾ مسلمان سوڀارا ٿيا ته احد واري ويڙهه ۾ قريشن انهيءَ جو بدلو وٺي ورتو. اصحاب صفه جي قارين کي دوکي سان ماري ويو. هاڻي قريشن اها پڪي تياري ڪري ورتي ته يا ته مسلمانن کي بلڪل ئي ختم ڪيو وڃي يا وري عرب جي واپاري رستن تي پاڻ ڪريم ﷺ جي سرداري قبولي وڃي. ابوسفيان لڳ ڀڳ ٻارنهن هزارن جي فوج وٺي آيو. عربن ايتري وڏي فوج هن کان اڳ ڪڏهن به نه ڏٺي هئي. ٻين عربن جو اهو اندازو هو ته ايتري وڏي فوج سان هڪ ئي ڏينهن ۾ جنگ جو فيصلو ٿي ويندو. پر انهن کي خبر نه هئي ته جنگ جي مدت ايترو ڊيگهه ڪري سگهي ٿي جو انهن جو ڪاڌو خوراڪ ئي ختم ٿي ويندو.


Sindhica Academy, Karachi

ڪافرن جي لشڪر جي روانگي جي خبر باهه وانگر پکڙجي وئي. رسول الله ﷺ جن پنهنجي اصحابن سان صلاح ڪئي ۽ صورتحال جي نزاڪت کان ماڻهن کي هوشيار ڪيو. وڏو خطرو اهو هو ته جنهن پاسي کان احد واري ويڙهه ۾ حملو ٿيو هو، هاڻي به اتان ئي حملي جو خطرو هو. انهيءَ ڪري مديني کان ٻاهر نڪري وڙهڻ پنهنجي پاڻ کي بربادي ڏانهن وٺي وڃڻ جي برابر هو.

## حضرت سلمان فارسيءَ جي صلاح:

حضرت سلمان فارسيؓ اها صلاح ڏني ته جنگ جو هڪ فارسي طريقو اهو آهي ته آباديءَ جي اڳيان کاهي کوٽي وڃي، اهڙي طرح دشمن کي بيوس ڪيو ويندو ته جيئن هو اڳتي وڌي نه سگهي. هن تجويز کي رسول الله ﷺ جن تمام گهڻو پسند ڪيو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ تي عمل ڪرڻ سان مسلمان تباهيءَ کان بچي ويندا. اهڙي طرح مجاهدن جي جٿن مديني جي چوڌاري ٽي ميل ڊگهي کاهي کوٽي ورتي. انهيءَ ۾ پاڻ ﷺ جن پنهنجي سر پاڻ به شامل هئا. ان کانسواءِ جتي جتي باغن ۽ گهرن کي پٺيون نه هيون اتي به کاهيون کوٽيون ويون ۽ اصحابن جا جٿا رات ڏينهن مديني جي حفاظت لاءِ هوشيار ٿي ويا. مهاجرن جو جهنڊو حضرت زيدؓ وٽ هو ۽ انصارن جو جهنڊو حضرت سعد بن عباده کي ڏنو ويو. سڀني جو جنگي نعرو ”حافهم لا ينصرون“ هو. ايتري ۾ ابوسفيان جو لشڪر پهچي ويو ۽ اڳيان کاهي ڏسي وائڙو ٿي ويو ۽ پنهنجي طاقت جو گهمنڊ لهي وين.

ڪافرن جي لشڪر کي ڏسي يهودي ۽ ڪافر خوش ٿي رهيا هئا. بنو قريظ وارن مديني تي حملي لاءِ تياري شروع ڪري ڏني ۽ مسلمانن سان ڪيل معاهدو ٽوڙي ڇڏيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو اسان جي مدد لاءِ الله تعاليٰ ڪافي آهي.

حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ

۽ ماڻهن ۾ خوف ۽ نفاق وڌڻ لڳو

إِذْ جَآءُوْكُمْ مِّنْ فَوْقِكُمْ وَمِنْ أَسْفَلَ مِنْكُمْ وَإِذْ زَاغَتِ الْأَبْصَارُ
وَبَلَغَتِ الْقُلُوْبُ الْحَنَاجِرَ وَتَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ الظُّنُوْنَا ﴿١٠﴾ (الاحزاب: 10)

پر پاڻ ڪريم ﷺ جن بلڪل به نه گهبرايا ۽ اهڙيون تدبيرون ڪيون جو قريشي ۽ يهودي هار کائي ڀڳا.

پاڻ ڪريم ﷺ جن نعيم غطفان کي، جيڪو نئون نئون مسلمان ٿيو هو، بنو قريظ وارن وٽ موڪليو. هن وڃي يهودين اسان دوستيءَ جي هام ڀري


www.sindhsalamat.com

۽ چيو تہ جيڪڏهن قريش جنگ اڌ ۾ ڇڏي هليا ويا تہ توهان جو ڇا ٿيندو. پوءِ تہ توهان محمد سان وڙهي نہ سگهندؤ. تنهن ڪري توهان لاءِ ڀلو انهيءَ ۾ ئي آهي تہ قريشن کان انهن جا ڪي ماڻهو گروي ڪري وٺو تہ جيئن اهي هلندي جنگ اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي نہ وڃن. يهودين کي اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي ۽ انهن قريشن کان ماڻهو گهري ورتا.

هوڏانهن نعيمؓ قريشن کي چيو تہ يهودين محمد ﷺ سان ناهہ ڪري ورتو آهي. اهي پاڻ ۾ هڪ ڳجهي ڳڌجاڻي ڪري چڪا آهن جنهن موجب اهي توهان کان ماڻهو گروي گهري، پوءِ انهن کي محمد ﷺ جي حوالي ڪندا. انهيءَ جو اهو نتيجو نڪتو جو جڏهن يهودين قريشن کان ماڻهو گروي طور گهريا تہ انهن ڪين نہ ڏنا. اهڙي طرح انهن ٻنهي ٽولن ۾ ڏار پئجي ويو ۽ يهودي انهيءَ حملي ۾ شريڪ نہ ٿيا.

## سورت الاحزاب رڪوع نمبر 2، آيت 9 کان 20:

منافقن جڏهن ڏٺو تہ جنگ ڊگهي ٿي رهي آهي ۽ يهودين بہ حملو نہ ڪيو، تہ انهن واپس مديني ڏانهن موٽڻ جو ارادو ڪيو. اهي چوڻ لڳا تہ اسان جا گهر غيرمحفوظ آهن تنهن ڪري اسان کي انهن جي حفاظت جو الڪو ٿي پيو آهي. انهيءَ وچ ۾ سخت طوفان آيو جو قريشن جا خيما اونڌا ٿي ويا ۽ خيمن کي چلهين مان ٻرندڙ باهہ لڳي وئي. اهڙي طرح هڪ افراتفري پکڙجي وئي. قريش بہ يهودين جي غداريءَ جي ڪري سست ٿي پيا هئا. ڪاڻو خوراڪ بہ گهٽجي ويو هين. ان ڪانسواءِ سوق ۽ عڪاظ ميلي جا ڏينهن بہ ويجها اچي پئي ويا. انهيءَ ڪري گهيراءَ جي ويهن ڏينهن کان پوءِ اهي سيئي هار کائي واپس موٽي ويا. اها ذيقعد جي 22هين تاريخ هئي.

## غزوه بني قريظہ:

ٻئي ڏينهن يعني 23 ذيعقد جي ڏينهن حضرت بلالؓ پڙهو ڏنو تہ ٽيپهري جي نماز بنو قريظ جي پاڙي ۾ پڙهي ويندي. ٽي هزار پيادا ۽ 36 سوار اتي پهچي ويا. يهودين پندرنهن ڏينهن جي گهيراءَ کان پوءِ هٿيار ڦٽا ڪيا. يهودين سعد بن عباده کي پنهنجو حڪم بڻايو تہ هو جيڪو فيصلو ڪندو سو ڪين منظور آهي. سعد ؓ توريت جي قانون موجب فيصلو ڏنو تہ انهن جي مردن کي قتل ڪيو وڃي ۽ عورتن ۽ ٻارن کي غلام بڻايو وڃي. پر پاڻ ڪريم ﷺ ڪن ٿورڙن يهودين کي جان جي امان ڏني. باقي لڳ ڀڳ پنج سئو ماڻهن کي قتل ڪيو ويو.


Sindhica Academy, Karachi

ريحانہ بنت عمرو کي آزاد ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن ان سان نڪاح ڪري ورتو. هٿيارن کان سواءِ جيڪو مال مليو سو مسلمانن ۾ ورهايو ويو.

## سورت الاحزاب، رڪوع 3، آيت نمبر 21 کان 27:

مسلمان چوندا هئا تہ اسان کي رسول الله ﷺ جن اڳي ئي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ ذي الحج مهيني کان ٻهريان ٻهريان دشمن ڀڄي ويندا. انهيءَ ڪري بنو قريظ وارن جي دل ۾ رعب ويهي ويو هو ۽ نتيجي ۾ اهي تباهہ ٿي ويا. اهڙي طرح قريشن جي طاقت بہ بلڪل جواب ڏئي چڪي هئي. مدينو بہ يهودين کان خالي ٿي ويو هو ۽ منافق بہ هيٺا ٿي پيا هئا. اهڙي وقت ۾ سورت بقره جي آيت نمبر 26 نازل ٿي.

## سورت البقره، رڪوع نمبر 26:

بني اسرائيلن آزاديءَ جو قدر نہ ڪيو تنهن ڪري وري وري غلام ٿيندا رهيا. اهو دنيا جو دستور رهيو آهي تہ الله تعاليٰ ﷻ جي راهہ ۾ مصيبتون سهڻ کان پوءِ ئي سوڀ ۽ آزادي ملندي آهي. سخاوت ۽ قرباني آزديءَ جي ضمانت هونديون آهن. تنهن ڪري ماءُ پيءُ، مٽن مائٽن، يتيمن، مسڪينن ۽ مسافرن تي پنهنجو مال خرچ ڪريو.

## سورت النساء، رڪوع نمبر 11:

بدر جي موقعي تي جڏهن توهان کي ويڙهہ لاءِ چيو ويو هو تہ توهان ڊڄو پيا ۽ سمجهو پيا تہ اها هڪ خراب ڳالهہ آهي. هاڻي سمجهي وٺو تہ جيڪا الله تعاليٰ ﷻ جي مصلحت هوندي آهي، انهيءَ ۾ ئي ڀلائي هوندي آهي.

## پٽيلي جي طلاق ڏنل سان نڪاح:

پاڻ ڪريم ﷺ جي حضرت بيبي زينب سان نڪاح تي وڏا اعتراض ڪيا ويا آهن. جڏهن تہ صورتحال اها هئي تہ حضرت زينب بنت جحش رسول الله ﷺ جي پڦاٽ هئي. ان جو ڀاءُ عبدالله بن جحش هجرت ڪري حبشہ ويو هو. ان جي زال ابوسفيان جي ڌيءَ ام حبيبہ هئي. عبدالله تہ حبشہ ۾ گذاري ويو ۽ ام حبيبہ جڏهن خيبر جي فتح کان پوءِ مديني آئي تہ پاڻ ڪريم ﷺ ساڻس نڪاح ڪري ان جي ۽ سندس ٻارن جي سنڀال پنهنجي ذمي ورتي.

بني ودان وارن جي اها خواهش هئي تہ رسول الله ﷺ ٻي بي زينب سان


www.sindhsalamat.com

نڪاح ڪن، جڏهن ته پاڻ ڪريم ﷺ جي سدائين اها خواهش رکندا هئا ته غلام ۽ آزاد واري فرق کي ختم ڪري ڇڏين. انهيءَ ڪري پاڻ پنهنجي آزاد ڪيل غلام زيد بن حارثه کي پنهنجي پٽيلو ڪري ورتائون. زيد به حقيقي پٽ کان وڌيڪ رسول الله ﷺ سان وفادار رهيو. طائف واري سفر ۾ به پاڻ رسول الله ﷺ سان گڏ گڏ رهيا. غزوه مريسيع جي موقعي تي پاڻ کين پنهنجو نائب بڻائي مديني ۾ ڇڏي ويا هئا. ڪيترين ئي جنگين ۾ وڏا مانوارا اصحابي سڳورا به سندن ماتحتي ۾ ڪم ڪري چڪا هئا. حضرت بي بي عائشه فرمائيندي هئي ته جيڪڏهن زيد جيئرو هجي ها ته پاڻ ڪريم ﷺ جن ان ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن کي به پنهنجو خليفو نه بڻائن ها. مڪي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جي دائي ام ايمن سان سندن نڪاح ڪرايو ويو هو جنهن مان کين اسامه بن زيد پيدا ٿيو هو. اسامه مڪي جي فتح جي وقت رسول الله ﷺ سان گڏ اٺ تي سوار هو. مطلب ته زيد رسول الله ﷺ جي نظرن ۾ تمام ئي پيارو هو. انهيءَ ڪري پاڻ حضرت زينب جي شادي زيد سان ڪرائي ڇڏيائون ۽ اهو سمجهي ڪرائي هئي ته پاڻ رسول الله جا پٽيلا ۽ عزتدار ماڻهو هئا.

ائين ٿو معلوم ٿئي ته زينب قريشي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي پڦاٽ هئڻ سبب زيد کي گهٽ سمجهي پئي. انڪانسواءِ گهر ۾ ام ايمن ۽ ان جو پٽ اسامه بن زيد به موجود هئا. انهيءَ ۾ ٻيا وڌيڪ ڳالهه اها هئي ته پاڻ ڪريم ﷺ سندس بيوهه ڀاڄائيءَ سان به نڪاح ڪري ورتو هو. اهو ٻڌي ڪري زينب[رض] انهيءَ ڳالهه جي خواهش ڪئي ته رسول الله ﷺ کين زيد جي زوجيت مان ڪڍي پنهنجي نڪاح ۾ آڻين. انهيءَ زماني ۾ زيد سان گهرو ويڙهه ايترو ته وڌي وئي جو زيد زينب کي پنهنجي ماءُ ڪوٺي ورتو. جيتوڻيڪ جو ظهار واري طلاق کي ختم ڪيو ويو هو. پر زيد کي سمجهائڻ جي باوجود به هن نه مڃيو ۽ زينب کي طلاق ڏئي ڇڏي. انهيءَ موقعي تي جاهليت جي عام تصورن کي مٽائڻ جي لاءِ ضروري هو ته قرآن انهن پراڻن عقيدن جي خلاف کو خاص اعلان ڪري.

اهو به ياد رهي ته بيبي زينب[رض] سان نڪاح ڪرڻ لاءِ ڪوبه ماڻهو تيار نه هو. شايد انهيءَ ڪري جو ڪيس هر ماڻهو هڪ غلام جي زال سمجهندي گهٽ نظر سان ڏسي پيو. اهو به گمان آهي ته انهيءَ لاءِ به ساڻس ڪو نڪاح ڪرڻ لاءِ تيار نه هو جو پاڻ تيز طبيعت واريون هيون. بهرحال ڳالهه کهڙي به هجي، زينب زيد کي ايترو ته پريشان ڪيو جو هو ڪيس طلاق ڏيڻ تي مجبور ٿي پيو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي خواهش جي باوجود به هو پنهنجي زال سان نباهه ڪرڻ لاءِ تيار نه هو.


Sindhica Academy, Karachi

## سورت الاحزاب رڪوع 1:

جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي زال کي ماءُ چئي ويهي ته ائين چوڻ سان اها عورت ان لاءِ ماءُ نه ٿي ويندي ۽ نه ئي وري جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي پٽيلو ڪري وٺي ته پٽ بڻجي ويندو. (تنهن ڪري زينب رسول الله ﷺ سان نڪاح ڪرڻ جي ڪري زيد جي ماءُ نٿي ٿي سگهي ۽ نه ئي وري زيد اڄ کان محمد ﷺ جو پٽ رهندو، پر هاڻي هو زيد بن حارث سڏرائيندو ۽ رسول الله ﷺ ۽ ٻين مسلمانن جو ڀاءُ سڏيو ويندو) باقي ايترو سو ضرور آهي ته رسول الله ﷺ جو زالون توهان جي لاءِ مائرن جو درجو رکن ٿيون يعني اهي هلندڙ دستور وانگر توهان جون مائر ئي سڏبيون.

## سورت الاحزاب، رڪوع 5:

الله تعاليٰ رسول الله ﷺ کي چيو ته تو تمام ئي سٺو ڪيو جو زيد کي سمجهايو. الله جو تنهنجي مٿان اهو خاص انعام آهي جو تنهنجي زينب سان شادي ٿي ۽ انهيءَ نعمت جو شڪر اهو آهي ته تون ان کي خوش رکين ۽ ان کي سنڀالي رکين ۽ ڪيس طلاق نه ڏئين. پر تنهنجي دل ۾ اها ڳالهه هئي ته جيڪڏهن زيد طلاق ڏيندو ته مان ان سان نڪاح ڪندس (پر جيئن ته اها ڳالهه جاهليت وارين ريتن ۽ رسمن جي خلاف ۽ اڻ وڻندڙ هئي، تنهن ڪري اي سچا رسول) توکي الله ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن کان به ڊڄڻ ۽ لڄي ٿيڻ نه گهربو هو. رسول جو اهو ئي ڪم آهي ته الله تعاليٰ ﷻ جا حڪم صاف صاف ماڻهن تائين پهچائي ۽ چئي ڏئي ته مان ڪنهن به ماڻهوءَ جو پيءُ نه آهيان (يعني زيد جو پيءُ نه آهيان) ۽ مان نبين جي تصديق ڪندڙ ۽ انهن تي مهر (يعني خاتم النبيين) آهيان. مان هر انهيءَ حڪم کي، جيڪو اڳاٽن نبين جي ذريعي الله تعاليٰ ﷻ جي طرف کان موڪليو ويو آهي، انهيءَ کي ماڻهن تائين پهچائيندس ۽ انهيءَ ۾ ڪنهن به قسم جي لڄ نه ڪندس. انهيءَ ڪري مان زيد جي طلاق ڏنل سان، الله تعاليٰ ﷻ جي اڳي کان ئي مقرر ڪيل قانونن موجب نڪاح ڪندس ۽ جهالت جي ٻنهي رسمن جو الله تعاليٰ ﷻ جي حڪم سان خاتمو آڻيندس ته جيئن الله تعاليٰ ﷻ جي اڳي کان مقرر ڪيل حڪم زنده ٿي سگهن ۽ جاهليت جون رسمون فنا ٿي وڃن. مان رسولن کي سچو ڪندڙ آهيان. مان رسول عربي آهيان ۽ عرب ۾ انهيءَ اسلام کي رائج ڪرڻ گهران ٿو جيڪو پهريان سموري دنيا ۾ اچي چڪو آهي.


www.sindhsalamat.com

## بي بي زينب سان نڪاح:

ان ڪان پوءِ زيد پنهنجي زال کي طلاق ڏئي ڇڏي ۽ الله تعاليٰ جي حڪم سان پاڻ ﷺ جن ساڻس نڪاح ڪيو ته جيئن مؤمنن تي انهن جي پٽيلن جي طلاق ڏنل زالن سان نڪاح ڪرڻ ۾ ڪابه رڪاوٽ نه رهي.

اهو ئي دستور اڳي به هو ۽ اهو الله تعاليٰ جو حڪم آهي. اها ئي گذريل دؤر جي مؤمنن جو طريقو رهيو آهي. انهيءَ حڪم جي سڃاڻڻ ۾ الله تعاليٰ ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن ڪان به ڊڄڻ نه گهرجي.

## خاتم النبيين:

انهيءَ جملي تي ۽ پڻ زيد جي واقعي تي سوين اعتراض قرآن جي عبارت جي اڳ پوءِ کي الڳ الڳ ڪري پيدا ڪيا ويا آهن. صاف ظاهر آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ الله تعاليٰ ﷻ جي حڪم سان جاهليت وارين غلط ريتن ۽ رسمن کي متائڻ گهرن پيا. انهيءَ ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن کي تاڪيد ڪئي وئي ته توهان خاتم النبيين يعني سمورن اڳاٽن نبين جي آندل حڪمن جي تصديق ڪندڙ آهيو تنهن ڪري توهان کي گهرجي ته خدائي قانونن تي عمل ڪرائڻ ۽ بيان ڪرڻ ۾ ڪنهن ڪان به لڄ نه ڪريو.

هاڻي زيد بن محمد زيد بن حارث بڻجي ويو. پر ان جي ۽ سندس پٽ اسامه جي عزت ۽ مان ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪنهن به قسم جو فرق اچڻ نه ڏنو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪين ڪيترن ئي سرين جو سالار بڻائي موڪليو ۽ پنهنجي وفات ڪان ٿورڙا ڏينهن اڳ ڀيرو اسامه کي هڪ مهم تي سردار بڻايو جنهن ۾ حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر جهڙا وڏي مان ۽ مرتبي وارا اصحابي سڀورا به شامل هئا.

بهرحال خاتم النبيين جي چٽي معنيٰ اها آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن گذريل نبين ۽ انهن جي آندل خدائي حڪمن جي تصديق ڪندڙ هئا. پاڻ انهن جي حڪمن جي نه رڳو تصديق ڪيائون، پر انهن تي عمل پڻ ڪري ڏيکاريو. حضرت ابراهيم ؑ جي زماني ۾ اٺ جو گوشت حلال هو. پاڻ ان جي تصديق ڪيائون ۽ يهودين کي چيائون ته ڪوڙا آهيو جو ان کي حرام سمجهو ٿا. اهڙي طرح اڳاٽن نبين جي زماني ۾ پٽيلي جي طلاقيل يا بيواهه سان سندس سهري جو نڪاح جائز هو. پاڻ انهيءَ جي به تصديق ڪيائون ته اهو جائز آهي ۽ ڪري به ڏيکاريو ته جيئن اهو دليل سان ثابت ٿي وڃي. اهڙي طرح پاڻ صلح حديبيه


Sindhica Academy, Karachi

جي موقعي تي قرباني ڪري ۽ مٿو ڪوڙائي پنهنجي اصحابن کي انهيءَ لاءِ آماده ڪيو ته اهي به پنهنجي قرباني ڪن ۽ مٿو ڪوڙائن.

باقي رهيو اهو سوال ته نبوت جو خاتمو پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪيو يا اهو خاتمو الله تعاليٰ ﷻ پاڻ ڪيو ته پاڻ ﷺ جن ڪان پوءِ ٻيو ڪو به نبي نه ايندو؟ سو اها ڳالهه هن جملي مان ثابت نٿي ٿئي. عبارت جي اڳ ۽ پوءِ مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته پاڻ اڳاٽن نبين جي حڪمن جي تصديق ڪري رهيا هئا، اهو اعلان نٿي ڪيائون ته مون ڪان پوءِ ڪو نبي نه ايندو. وري ان ڪان پوءِ اهو زمانو ايترو ته پريشاني وارو هو جو انهيءَ وقت انهيءَ اعلان جي ضرورت به نه هئي ته نبوت ختم ڪئي پئي وڃي. اها ڳالهه ياد رهي ته ان وقت تائين اڃا صلح حديبيه به نه ٿي هئي ۽ اندروني معاشرت ۽ ٻاهرين سياست سخت آزمائش واري دؤر مان گذري رهي هئي. تنهن ڪري ان وقت نبوت کي ختم ڪرڻ جو سوال اٿارڻ جي ضرورت ئي نه هئي. رڳو اهو ئي چوڻو هو ته زيد جي زال سان نڪاح ڪري اڳاٽن نبين جي دين کي زنده ڪري رهيو آهيان ۽ انهيءَ تي مهر هڻان ٿو.

جيڪڏهن ڪو اهو پڇي ته هاڻي ڪو نبي ايندو يا نه؟ ته اسان چئي سگهون ٿا ته الله تعاليٰ ﷻ انهيءَ ڳالهه تي وسارو آهي ته جيڪڏهن گهري ته نبي موڪلي ۽ گهري ته نه موڪلي. باقي ايترو سو آهي ته جيڪڏهن ڪو نبي اچي ته اهو ٻڌائڻو پوندو ته هو ڪهڙو نئون خدائي پيغام کڻي آيو آهي؟

مسلمان چون ٿا ته ڪابه نئين شريعت نه ايندي. باقي مصلح ۽ مجدد ايندا جيڪي اڳاٽي دين يا اسلام جي تجديد ڪندا يا ڪري سگهن ٿا. يهودي چون ٿا ته هڪڙو مسيحا اچڻ وارو آهي. عيسائي چون ٿا ته اهو مسيحا اچي چڪو ۽ خدا جي سڄي هٿ تي وينو آهي. باقي آرين جو تصور وري اهو آهي ته جڏهن دين جي حالت بگڙي ويندي آهي ته خدا پاڻ اوتار جي روپ ۾ زمين تي اچي ويندو آهي. بهرحال مجدد ايندا، نئون پيغام کڻي ايندا، پر اهي پنهنجو پاڻ کي نبي سڏائي نه سگهندا ۽ قرآن ۽ حديث جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ ڪنهن به قسم جي تحريف نه ڪري سگهندا.

## نبوت جي خاتمي ۽ حڪمت جي ضرورت:

پروفيسر اجمل صاحب ختم نبوت جي سلسلي ۾ جيڪو ڪجهه لکيو آهي، سو پنهنجي موقف ۾ بلڪل صحيح آهي. پر انهيءَ جي باوجود ختم نبوت جي هڪ تاريخي ضرورت آهي جنهن جي اهميت معاشرتي اوسر سان گڏ چٽي ٿيندي پئي وڃي.


www.sindhsalamat.com

مولانا عبيدالله سنڌيؒ ختم نبوت جي عقيدي کي موجوده دؤر جي ذهن کي ويجهو آڻڻ لاءِ ”اسلامي انقلاب جو بين الاقوامي پروگرام“ سڏيو آهي. قرآن پاڪ جن مقصدن جي لاءِ نازل ٿيو آهي، انهن مان هڪ اهم مقصد انساني وحدت کي قائم ڪرڻ آهي. علامہ اقبال انهيءَ کي آدم جي خلافت قائم ڪرڻ سان پڻ تعبير ڪيو آهي.

سائنس جي اوسر مواصلاتي وسيلن کي ايترو تہ ترقي ڏني آهي جو هاڻي دنيا هڪ ”عالمي ڳوٺ“ واري شڪل اختيار ڪري وئي آهي. نبين کي موڪلڻ جي ڪري مختلف مذهبن جا ٽولا بڻجي ويا آهن ۽ اهي عقيدن ۽ انهن جي تعبير جي اختلافن جي ڪري هڪٻئي جي خلاف خونخوار شڪل اختيار ڪري ورتي آهي جيڪا انساني وحدت جي قائم ڪرڻ ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ آهي.

انساني وحدت جي قيام واري رستي ۾ جتي مذهبن هڪ ٻئي جي خلاف خونخوار رويو اختيار ڪري ورتو آهي، اتي پيداواري وسيلن جي ذاتي ملڪيت، قوميت ۽ وطنيت جي تصور پڻ وحدت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو آهي. اڻويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪن ۾ سائنسي تحقيق جي بنياد تي اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ پيداواري وسيلن تي عوامي ملڪيت هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ڪانسواءِ محنت جي استحصال جو عمل ختم نٿو ٿي سگهي ۽ انساني محنت جي عظمت بحال نٿي ٿي سگهي. قوميت ۽ وطنيت جي خلاف عالمي مزدور عوام جي تحريڪ رنگ، نسل، ٻولي ۽ مذهب جي اختلافن کي سائنسي بنيادن تي ختم ڪري ڇڏيو آهي. اهي سيئي ڳالهيون واقفيت جي حد تائين تہ ٺيڪ آهن، پر جڏهن انهن جي بنياد تي انسانن کي ورهايو ويندو آهي تہ انساني وحدت جو خاتمو ٿي ويندو آهي.

نبوت جي خاتمي سان هن قسم جي گروهہ بندي بہ ختم ٿي وئي آهي. قرآن پاڪ انهيءَ گروهہ بنديءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ عالمي مذهبن ۽ انهن جي پاڪ ڪتابن ۾ پيش ڪيل وحدت تي زور ڏنو آهي ۽ گڏوگڏ انهن جي رسمن ۽ عبادتن جي مختلف شڪلين جي پاڻ ۾ فرق کي بہ تسليم ڪيو آهي. انهيءَ موضوع تي مولانا ابوالڪلام آزاد ترجمان القرآن جي ديباچي ۾ ”وحدت دين ڪي اصل عظيم اور قرآن حڪيم“ جي عنوان هيٺ دين جي بنياد تي انساني وحدت قائم ڪرڻ تي روشني وڌي آهي. مون پنهنجي لکٽي ”اسلامي انقلاب ڪا عهدنامہ“ ۾، جيڪا سورت الفاتحہ جو تفسير آهي، ”اهدنا“ جي تشريح ۾ مولانا آزاد جو ذڪر ڪيل سمورو مقالو لکي ڇڏيو آهي.

بهرحال نبوت واري سلسلي جي خاتمي کي مڃڻ ڪانسواءِ انساني


Sindhica Academy, Karachi

وحدت جو قيام ممڪن ئي نہ آهي. علامہ اقبال تحقيق جي سائنسي طريقي واري کوجنا کي نبوت جي خاتمي جي دليل سڏيو آهي. ڇاڪاڻ تہ تحقيق جي انهيءَ طريقي سان انساني عقل مسئلي جي سمورن جزئيات جو جائزو وٺي صحيح نتيجي تائين پهچي ٿو. تنهن ڪري عقل انساني کي هاڻي عقل کان مٿانهن سهارن جي ضرورت نہ رهي آهي. پر انهيءَ فيصلي ۾ هڪڙي ڳالهہ کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ اقبال پاڻ ئي ٻڌايو آهي تہ حقيقي مذهب نہ تہ عقيدي (Dogma) جو نالو آهي نہ ظاهري رسمن جو ۽ نہ ئي وري مذهبي پيشوائيت وارو مذهب انهيءَ آهي سوال جو جواب آهي تہ انسان ڪٿان آيو ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي. پر سائنس جو دارمدار جيئن تہ انسان حواسن تي آهي ۽ انساني حواس، حواسن کان مٿانهن حقيقتن کي ڳولي لهڻ جي اهليت نٿا رکن، تنهن ڪري انهيءَ سوال جي جواب حاصل ڪرڻ لاءِ حواسن کان مٿانهن ذريعن کي ئي ڳولڻو پوندو، جنهن جي سڀ کان پلي ۾ پلي شڪل خدائي وحي ئي آهي. سائنس حواسن جي مدد سان ٻڌايو آهي تہ انساني فطرت ۾ جنس (Sex) جو جيو گهرڙو ٿيندو آهي جيڪو مختلف ذريعن سان پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪرڻ گهرندو آهي. پر مذهب انهيءَ جي برخلاف ٻڌايو آهي تہ انساني فطرت ۾ الوهي (توانائي جو جيو گهرڙو) آهي جيڪو جبلتن جي حيواني گهرجن جي اظهار کي، پنهنجي اعليٰ اخلاقي سانچن ۾ بيهاري ٿو ۽ انساني شخصيت جي حيواني گهرجن کي انساني ۽ يزداني گهرجن ۾ بدلائي ڇڏي ٿو. اهڙي طرح بقول حضرت رومي جي تہ انسان ”آنچہ اندر وهم نايدن شوم“ جي اعليٰ ۽ مٿانهين شڪل اختيار ڪري وٺي ٿو.

مون پنهنجي لکٽي ”اسلام ۾ حرڪت ۽ ارتقا ڪا تصور“ ۾ ختم نبوت جي لاءِ ڇهن دليلن يا ضرورتن جي نشاندهي ڪئي آهي: (1) تحقيق جو سائنسي طريقو (2) رياست ۽ ان جو خاتمو (3) نصب العيني معاشرو (4) خلافتِ آدم (5) عالمي تهذيب جي جوڙجڪ ۽ (6) شرعي ۽ قرآني حڪمن جي عبوري حيثيت. يعني شرعي حڪمن ۾ حالتن ۽ زماني جو خيال رکڻ ۽ انهن جي تفصيل ۽ تشريح انهيءَ ڪتاب ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

تنهن ڪري نبوت جو خاتمو تاريخي ۽ معاشرتي ارتقا جو لازمي نتيجو آهي. اجمل صاحب صحيح فرمايو آهي تہ ايندڙ نبي ڪهڙي نئين تعليم کڻي ايندو جڏهن تہ اڳوڻن پاڪ ڪتابن ۽ قرآن ڪريم انساني زندگيءَ جي سمورن امڪاني مسئلن جي حل تي روشني وجهي ڇڏي آهي. هاڻي ضرورت انهيءَ ڳالهہ جي آهي تہ معاشري جي تنظيم کي مسئلن جي انهيءَ حل ڏانهن آندو


www.sindhsalamat.com

وجي. قرآن پاڪ انهيءَ معاملي ۾ مڪمل روشني ڏئي ٿو، پر افسوس اهو آهي ته مسلمانن نه ته معاشري جي تنظيم ڪي انهيءَ قرآني نقشي تي بيهاريو آهي ۽ نه ئي انهيءَ نقشي کي عالمي سطح يا عالمي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي. اهڙي طرح اسلام پنهنجي مافيا ۾ جامع انساني فڪر جي بدران هڪ مذهبي ٽولو بڻجي پيو آهي. انهيءَ ڪري نبوت جو خاتمو اسلام جي عقيدن مان هڪ عقيدو آهي جنهن کانسواءِ انساني وحدت جو دينن جي وحدت جي بنياد تي حصول ممڪن ئي نه آهي. اهو به ياد رهي ته قرآن پاڪ خدائي ڪتابن کي منسوخ نٿو ڪري، پر آڳاٽن نبين جي وساريل حڪمن کي عمل ۾ آڻي، انهن جي تڪميل ڪري ٿو.

## سورت البقره رڪوع نمبر 28:

عام السوال ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن عربن جي سماجي ۽ اخلاقي حالت مان اپرندڙ مسئلن جو قرآني حل پيش ڪيو آهي. مثال طور (1) حيض جي حالت ۾ عورتن سان صحبت درست نه آهي. (2) اجايا قسم کڻڻ صحيح نه آهي (جيئن ڪنهن جي مالي مدد نه ڪرڻ ۽ ماڻهن ۾ ناهه نه ڪرائڻ لاءِ قسم کڻڻ) (3) پنهنجي زال کان چئن مهينن تائين نه وڃڻ لاءِ قسم کڻڻ (ايلاء) صحيح نه آهي. اهڙن قسمن کي ٽوڙڻ ۽ انهن جو ڪفارو ادا ڪرڻ گهرجي.

ايلاء جو قسم کڻڻ وارن کي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته چئن مهينن تائين پنهنجي زالن سان جدا رهڻ جي حالت ۾ اها آزاد (طلاقيل) ٿي ويندي. چاڪاڻ ته ٽي حيض گذري وڃڻ کان پوءِ جيڪڏهن اها ڳالهه ثابت ٿي وڃي ته اها عورت پيٽ سان نه آهي ته هاڻي انهيءَ کي اختيار هوندو ته جنهن سان وٽيس تنهن سان نڪاح ڪري سگهي ٿي. پر جيڪڏهن زال مڙس صلح ڪرڻ گهرن ته ڀلو انهيءَ ۾ ئي آهي ته ايلاءَ جي بنياد تي طلاق ڏيندڙ مڙس جيترو جلد ٿي سگهي پنهنجي زال ڏانهن موٽي اچي.

اها ڳالهه به ياد رهي ته دستور موجب عورتن جو مردن تي اهڙو ئي حق آهي جيترو مردن جو عورتن تي آهي. جيتوڻيڪ عام حالتن ۾ مردن کي عورتن جي مٿان فضيلت حاصل آهي. پر ايلاءَ جي سلسلي ۾ مرد کي پنهنجي بيهودگيءَ جي سزا ڏنڊ جي شڪل ۾ ملڻ گهرجي ته جيئن هو وري پنهنجي زال جي حق ۾ ايلاءَ جو قسم نه کڻي سگهي.



## سورت البقره رڪوع نمبر 29:

زراعت واري دؤر جي شروعات کان وٺي مرد عورت کي غلام بلڪ ان کان به وڌيڪ بڇڙو ڪري رکيو آهي. پر حقيقي اسلام يا الله تعاليٰ جي ٻانهپ جو مطلب اهو نه هو ته ڪمزورن جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي جسماني سگهه رکڻ وارا ماڻهو سدائين جي لاءِ انسانن جي اڌ سراسر آباديءَ کي ذليل ۽ هيٺو ڪري رکن ۽ ان کي راندڪو بڻائي ڇڏين.

پاڻ ڪريم ﷺ جن طلاقِ ظهار کي ختم ڪيو. ايلاء واري قسم جي سزا مرد کي ڏني. اهڙي طرح طِلاق کان پوءِ مرد کي انهيءَ ڳالهه جو حق نه هوندو ته اهو طلاق يا ايلاء وانگر ڏانهنس موٽ ڪري سگهي، اها عورت انهيءَ لاءِ حرام ٿي وئي.

## طلاق بائن کان پوءِ رجعت:

پر جيڪڏهن عورت پئسا ڏئي خلع نه ورتو آهي، پر ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري مرد طلاق ڏئي ڇڏي ته طلاق ايلاء وانگر طلاق بائن کانپوءِ به ناهه ڪري سگهجي ٿو. اها ڳالهه تمام ئي مناسب آهي ۽ اها ڳالهه الله تعاليٰ وٽ پاڪيزه ۽ سٺي آهي.

پر جيڪڏهن طلاق خلعي (يعني عورت جو مرد کي ڪجهه ڏئي ڪري ورتل طلاق) کانپوءِ عورت ڪنهن مرد سان نڪاح ڪرڻ کان پوءِ ٻيهر طلاقيل بڻجي پوي ته پوءِ عورت کي انهيءَ ڳالهه جو اختيار حاصل آهي ته هوءَ اڳوڻي مڙس سان ناهه ڪري ان سان ٻيهر نڪاح ڪري. اهڙي طرح رضاعت جي معاملي ۾ به عورت جا مرد جي مٿان حق آهن. *(ڏسو سورت البقره، رڪوع نمبر 30)*

## رسول الله ﷺ کي ٻيبين سڳورين طرفان لٽي ڪپڙي وڌائڻ لاءِ مطالبو:

انهيءَ زماني ۾ رسول الله ﷺ جي پاڪ ٻيبين انهيءَ ڳالهه جي خواهش ڪئي ته انهن جي لٽي ڪپڙي ۽ خرچ پکي ۾ واڌارو ڪيو وڃي. پر جنگي خرچن جي ڪري انهن جي انهيءَ خواهش کي پورو ڪرڻ ڏکيو هو ۽ ذاتي عيش کي انساني مفادن تي ترجيح ڏيڻ ضروري هو. انهيءَ باري ۾ قرآن ڪريم پاڪ ٻيبين کي هن طرح جواب ڏنو:

## سورت الاحزاب رڪوع 4:

رسول الله ﷺ وٽ تڪليفون سهندي رهي سگهو ٿيون ته رهو، ٻي صورت ۾ توهان کي خوشدليءَ سان ڇڏيو ويندو. توهان سمورين عورتن وانگر نه آهيو جو آزاد گهمنديون رهو، توهان کي گهرجي ته شان و شوڪت سان گهرن ۾ رهو ۽ الله تعاليٰ جي ڪلام ۽ حڪمت کي ياد ڪريو.

## سلام بن ابي حقيق يهوديءَ جو قتل:

بنو نضير قبيلي وارن جو هڪ سردار هو جنهن جو نالو سلام هو. هن غزوه احزاب واري جنگ کي ڀڙڪايو هو ۽ پاڻ خيبر جي قلعن ۾ محفوظ هو. ان کي قتل ڪرڻ لاءِ پنج انصاري بنو خزرج مان ان کان قرض گهرڻ جي بهاني ويا ۽ راتو رات ڪيس ماري واپس مديني اچي پهتا.

# مديني جي اوسي پاسي رهندڙ قبيلن کي سيڪت

خندق واري جنگ کان پوءِ اهو ضروري ٿي پيو هو ته جيڪي قبيلا دشمنن سان مليل آهن، تن کي سيڪت ڏني وڃي ۽ مديني جي حڪومت جو دٻدٻو قائم ڪيو وڃي. انهيءَ مقصد لاءِ مديني جي اوسي پاسي ڪيتريون ئي مهمون روانو ڪيون ويون. انهن مان ڪن ۾ ته پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجو پاڻ گڏجي ويندا هئا. انهن مهمن جي خاص ڳالهه اها هئي ته زيد هاٽي جيئن ته زيد بن حارث ٻڌجي ويو هو، انهيءَ جي باوجود به ڪين وري انهن مخلتف سرين جو سردار ٻڌائي موڪليو پئي ويو، ايتري تائين جو هڪ سال جي اندر ڇهن سرين جو سردار ڪيس ئي ٻڌايو ويو. باقي سرين ۾ محمد بن مسلمه، عڪاشه، ابو عبيده بن جراح، عبدالرحمان بن عوف، علي بن ابي طالب، عبدالله بن رواحه ۽ ڪرز بن جابر رضي الله عنهم کي سردار ٻڌايو ويو.

## صحف ابراهيم ۽ صحف موسيٰ جا قانون:

جيتوڻيڪ يهودين جا ٻه قبيلا مديني مان لوڏيا ويا هئا ۽ بنو قريضه وارن کي پاڙؤن پٽيو ويو هو، پر مديني جي اوسي پاسي ۽ خاص ڪري خيبر ۾ ويهي ڪري يهودي پنهنجن شرارتن کي جاري رکيو پئي آيا.


Sindhica Academy, Karachi

قرآن ۾ يهودين ۽ عيسائين جي باري ۾ جيڪو ڪجهه نازل ٿيندو رهيو، انهي مان خبر پوي ٿي ته رسول الله ﷺ جن اهو گهرن پيا ته سيئي ڪتاب وارا انهيءَ حقيقت کي مڃي وٺن ته سمورن نبين جو پيغام هڪڙو ئي هو. سچائي ڪنهن هڪ قوم، جهڙوڪ يهودي يا مجوسيءَ تائين محدود نه پر عالمگير هئي. انهيءَ ڪري سڀني لاءِ هڪ گڏيل ڪلمو جوڙيو وڃي ۽ اهو هيءُ ته الله سڀني جو الله آهي. ڪابه قوم نه ته ڪو خاص خدا رکي ٿي ۽ نه ئي اها نسلي طرح سان خدا جي رحمت جي حقدار ۽ لاڏلي آهي. نه اها پنهنجي نبين، سڌارڪ انسانن ۽ نه ئي ملائڪن کي پنهنجو معبود ٻڌائي سگهي ٿي. اهي سمورا انهيءَ آقا (رب) جا ٻانها آهن، جنهن سڀني کي پيدا ڪيو آهي. انهيءَ باري ۾ آل عمران جا هيٺيان رڪوع ڏيون ٿا ۽ نوٽ ڪري ڇڏيو ته سورت بني اسرائيل (اسحاق جي آکهه) ۽ آل عمران (موسيٰ بن عمران جي آکهه) ٻنهي ۾ يهودين جي باري ۾ ڪي بنيادي ڳالهيون ٻڌايون ويون آهن. بني اسرائيل (آل اسحاق) اها قوم آهي جيڪا مصري غلاميءَ ۾ رهندي هئي ۽ انهن جو دين ابراهيمي هو. توريت اڃا نازل نه ٿيو هو. سورت آل عمران انهيءَ قوم جي لاءِ آهي جيڪا بني عمران مان آهي ۽ جنهن جي دؤر ۾ توريت نازل ٿيو هو. انهيءَ ڪري ئي هن سورت (آل عمران) ۾ چيو ويو آهي ته توريت کان اڳ جيڪي قانون هئا اهي توريت ۾ به هئا ۽ اهي صحف ابراهيم ۾ به هئا. پر يهودي حق واري ڳالهه کي پنهنجي ڪوڙ سان لڪائن ٿا.

## سورت آل عمران، رڪوع نمبر 8:

يهودين جا مذهبي پيشوا ملائڪن ۽ نبين کي رب (پالڻهار) مڃن ٿا ۽ انهن جي پوڄا ڪرائن ٿا. الله تعالا جي بندگي، جيڪا حقيقي دين ۽ اصلي اسلام آهي، سو ئي دين ابراهيم آهي. گهڻا يهودي انهيءَ کان روڪيندا آهن. اڃا به خدا پرستيءَ جي تعليم جيڪا پاڻ ڪريم ﷺ جن ڏين ٿا، تنهن کي به غلط ٻڌائن ٿا. اهي چون ٿا ته صبح جو قرآن تي ايمان آڻيو ۽ شام جو متشابهات، يعني جيڪي ڳالهيون يهودين جي قانون موجب آهن، تن کي ڇڏي ٻين ڳالهين کان ڦري وڃو ۽ مسلمانن جي ڳالهين کي نه مڃو. اهي پنهنجي زبانن کي اهڙي طرح وچڙائي ڳالهائن ٿا جو ڄڻ ته اها ڪا توريت جي عبارت آهي، جڏهن ته اها توريت جي عبارت هرگز نه هوندي آهي. پر انهن ۾ سيئي هڪجهڙا نه آهن جو بي ايمان هجن. انهن ۾ وڏا امين ۽ ديانتدار يهودي به آهن.


www.sindhsalamat.com

## سورت آل عمران رڪوع نمبر 9:

عهدنامہ عتيق اهو هو تہ الله تعاليٰ جي پانهپ اختيار ڪريو. ان ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن جي بہ پانهپ نہ ڪريو. جيڪو ماڻهو اهڙي قسم جي تعليم (يعني خدائي پانهپ جي تعليم) ڏيندو تنهن کي نبي مڃيو ويندو، اهو ئي اسلام (دين ابراهيم يا عهدنامہ عتيق) آهي. انهيءَ خدائي پانهپ جي تعليم هر نبي ڏيندو آيو آهي. انهيءَ ۾ سمورا نبي برابر آهن. (لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ) انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ دين قبولڻ جوڳو نہ آهي. (وَمَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ). اهو ئي عهدنامہ عتيق آهي.

## سورت آل عمران، رڪوع نمبر 10:

توريت کان اڳ دين ابرهيم ۾ ڪابہ غذا حرام نہ هئي. پر يهودين توريت نازل ٿيڻ کان اڳ چند قسم جا گوشت پنهنجي مٿان حرام ڪري ڇڏيا هئا. جڏهن تہ اصل حرام جو تعلق تہ نيڪ ۽ بد عملن سان آهي. جڏهن تہ عملن ۾ ڀلو عمل غريبن کي ڪاڌو ڪارائڻ آهي ۽ بڇڙو عمل ڪنجوسي ۽ وياج خوري آهي. اهي بني اسرائيل الله تعاليٰ کان نيڪ عملي ۽ خدا پرستيءَ جو واعدو ڪري انهيءَ کان ڦري ويا آهن ۽ دين ابراهيم ۽ ابرهيمؑ تي نازل ٿيل صحيفن يا حڪمن جا انڪاري ٿي پيا آهن.

## سورت آل عمران، رڪوع نمبر 11:

تنهن ڪري اي انصاريو! توهان الله تعاليٰ جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو ۽ يهودين جي برغلائڻ سان انهيءَ دين کي نہ ڇڏيو. سمورن پيغمبرن اهو ئي پيغام ڏنو آهي. مان بہ اهو ئي چوان ٿو. انهيءَ اسلام جي ڪري ئي توهان جو نفاق ختم ٿيو ۽ توهان يهودين تي سوپارا ٿيا.

## عيسائين ڏانهن وفد:

شعبان 6 هجري ۾ عبدالرحمان بن عوف دومة الجندل جي عيسائي رئيس ڏانهن روانو ڪيو ويو ۽ کين هدايت ڪئي وئي تہ جيڪڏهن عيسائي فرمانبردار ٿي رهڻ قبولين تہ انهن جي چوڪريءَ سان شادي ڪري ڇڏجان. حضرت ابن عوفؓ انهن کي ٽن ڏينهن تائين اسلام جي باري ۾ سمجهائيندو رهيو. آخر ڪار انهن جو بادشاهہ ۽ ٻيا ڪيترائي عيسائي مسلمان ٿي پيا ۽ انهن جي سردار جي ڌيءَ تماخر سان حضرت عبدالرحمانؓ جن نڪاح ڪري ورتو. هوءَ ابو سلمہ جي ماءُ هئي.


Sindhica Academy, Karachi

## حلالي ڪانسواءِ بي بي زينب جو پنهنجي مڙس جي حوالي ٿيڻ:

2 هجري ۾ حضرت زينب بنت رسول الله ﷺ کي ابو العاص طلاق ڏئي مديني موڪلي ڇڏيو هو. هاڻي سنہ 6 هجري ۾ هو ٻيهر گرفتار ٿي مديني آيو. آخر بي بي زينب ان جي سفارش ڪئي جنهن تي رسول الله ﷺ جن ان جو مال واپس ڪري ڇڏيو. هو غيرتمند ماڻهو هو، مڪي وڃي ڪري پنهنجي سمورو قرض ماڻهن کي ادا ڪري، مسلمان ٿي مديني واپس پهتو. هن چيو تہ مان مديني ۾ انهيءَ لاءِ مسلمان نہ ٿيو هئس تہ ڪٿي ماڻهو اهو نہ سمجهن تہ مان سندن مال ڦٻائڻ لاءِ مسلمان ٿيو آهيان. هو اعلان ڪري مديني اچي پهتو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪيترن ئي سالن کان پوءِ حضرت بي بي زينب کي، بنا ڪنهن نئي نڪاح يا حلالي جي ابوالعاص سان گڏ رهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي.

انهيءَ کان اڳ قرآن ۾ اهو حڪم ٿي چڪو آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي زال کان ڪجهہ مال وٺي، ان کان خلع گهرڻ تي ان کي طلاق ڏئي ڇڏي تہ هو انهيءَ عورت سان ايتري وقت تائين رجوع نٿو ڪري سگهي جيستائين انهيءَ عورت جو ٻئي ڪنهن ماڻهو سان نڪاح نہ ٿئي ۽ هو ڪيس طلاق نہ ڏئي.

پر بي بي زينب جي طلاق خلع نہ هئي. يعني ابو العاص پنهنجي زال کان پئسا وٺي طلاق نہ ڏني هئي، انهيءَ ڪري اها واپسي قرآن جي تعليم موجب پاڪيزه هئي.

## سورت البقره رڪوع نمبر 30:

رجعت جي حڪم جي وڌيڪ تشريح اها آهي تہ جنهن عورت کي طلاق ڏني وئي هجي ۽ اها پنهنجي عدت واري مدت پوري ڪري چڪي هجي تہ پوءِ هوءَ پنهنجي پهرين مڙس سان نڪاح ڪري سگهي ٿي. اها ڳالهہ بہ پاڪائيءَ واري آهي. (پر انهيءَ لاءِ شرط اهو آهي تہ عورت ۽ مرد ٻئي ٺهي هلن ۽ ٻنهي جي خواهش هجي تہ واپسي ٿي پلي آهي). پر خلع (جيڪا ڪجهہ پئسن جي عيوض ورتو ويو هجي) جي صورت ۾ واپسي نٿي ٿي سگهي.

## سورت البقره رڪوع نمبر 3:

صلوٰة وسطيٰ جو مطلب طلاق ڪانپوءِ طلاقيل کي هليءَ چليءَ وانگر خرچ پکو ملڻ گهرجي. اهو هر مسلمان جي لاءِ صلوٰت الوسطيٰ آهي. يعني اها انصاف واري ڳالهہ آهي جيڪا غير معمولي حالتن ۾ (جنگ يا مفلسي وانگر)


www.sindhsalamat.com

چڏي سگهجي ٿو يا ترميم ڪري سگهجي ٿي. جهڙي طرح جنگ جي حالت ۾ نماز جي حڪمن ۾ ترميم هوندي آهي (وسطيٰ انصاف ۽ وچٿري راهه جي معنيٰ ۾ ورتي وئي آهي جڏهن ته صلوٰت وري فرض جي معنيٰ ۾ ورتي وئي آهي).

## سورت مائده آيت نمبر 36 ۽ 37:

الله ۽ ان جي رسول سان جيڪي وڙهندا ۽ ملڪ ۾ فساد پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا، تن کي قتل، ڦاسي، هٿ پير ڪٽڻ جي سزا ڏئي سگهجي ٿي. باقي جيڪي شڪست کائڻ کان اڳ ئي اسلام جي پيغمبر سان ويڙهه کان مڙي وڃن ته انهن کي معاف ڪيو ويندو.

مٿيون پيغام هن دؤر جي آخر ۾ ڪافرن ۽ يهودين جي لاءِ ڏنو ويو هو ۽ اڳتي هلي خبر پوندي ته انهيءَ پيغام مڪي جي مشرڪن تي ڪهڙو اثر ڇڏيو.


Sindhica Academy, Karachi

# اسلامي انقلاب جي ٽائين منزل

## ڀاڱو پهريون

## بيعت رضوان کان مڪي جي فتح تائين

[ ذيقعد)6 هه کان ذي الحج 8 هه / فيبروري 628ع کان مارچ 630ع تائين ]

## دولت ڪتابيه جو عربي پروگرام..... بيعت رضوان ئي فتح مبين آهي.

### اسلام جو عالمگير ڪردار:

خندق واري جنگ ۾ هارائجڻ جي ڪري مڪي جي مشرڪن ۽ يهودين جي چيلهه ڀڄي پئي هئي. هجرت جو ستون سال شروع ٿيڻ وارو هو ۽ 628ع جي شروعات ٿي چڪي هئي. اهو زمانو هر مختلف قومن ۾ جشن وارو زمانو هو. مثال طور مجوسين جو جشن، ايسٽر ۽ عيد جي تيارين جو زمانو هو. پر هر جاءِ تي هڪ ئي دعا گهري وڃي ٿي ته اي الله! اسان کي اهرمن جي تباهين کان بچاءِ. اونداهين مان ڪڍي پنهنجي نور ۽ عدل سان دنيا کي روشن ڪري ڇڏ. جهڙي طرح آسمان تي الله تعاليٰ جو نالو مٿانهون آهي، تئين زمين تي به ان جو ئي نالو مٿي هجي. هرڪو امن ۽ سلامتيءَ جو خواهشمند آهي. ڪو ابراهيم ۽ موسيٰ جي نالي تي امن ۽ رحمت جي ڳولا ڪري رهيو آهي، ڪو رام ۽ ڪرشن جي نالي تي شفقت جو طلبگار آهي، ڪو زرتشت ۽ ماني جي ذريعي دنيا مان اهرمن جي اونداهيءَ کي پري ڪرڻ جو خواهشمند آهي ۽ ڪو وري مسيح ۽ يحييٰ جي نالي تي غلامن تي رحم ڪرڻ ۽ رواداري پکيڙڻ جي


www.sindhsalamat.com

آس رکي ٿو. پر هر مذهب جو پيروڪار پنهنجي پنهنجي بزرگن ۽ خدائن کي رڳو پنهنجي قوم تائين محدود رکي پيو. ڪوبه اهو سمجهڻ جي ڪوشش نه پيو ڪري ته هر هڪ سچو دين هڪ ئي تعليم ڏئي ٿو ته الله تعاليٰ کي مڃيو، سٺن ڪمن کي فروغ ڏيندي بڇڙائين کان بچو ۽ قومن جي اتفاق ۽ اتحاد سان دنيا کي بهشت بڻائي ڇڏيو. انساني تاريخ ۾ اسان کي محمد عربي ﷺ وانگر ٻيو ڪوبه ڪردار نظر نٿو اچي جنهن عالمگير امن،اتحاد ۽ ترقي جي لاءِ آواز اٿاريو هجي: نه رڳو آواز اٿاريو هجي، پر انهيءَ کي عملي جامو به پهرايو هجي.

جهڙي طرح رسول الله ﷺ جن مڪي ۾ خواب ڏٺو هو ته مڪي ۽ بيت المقدس، ٻنهي کي دارالسلام ۽ هڪ ئي خدا جو گهر مڃيندي سمورا ڪتاب وارا هڪ ٿي سموري دنيا ۾ خدا پرستيءَ جي دعوت کي عام ڪندا. پاڻ مديني ۾ اسلام جي انهيءَ ڳالهه کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪيائون ته مسلمان، يهودي ۽ عيسائي پاڻ ۾ گڏجي سڏجي رهن ۽ ڪعبة الله ۽ بيت المقدس کي هڪ ئي الله جو گهر سمجهيو وڃي. مسلمان دارالسلام عتيق يا مسجد ابراهيمي ڪعبة الله ۾ وڃي پراڻي طريقي تي بيت الله جو طواف ڪن ۽ طواف کان پوءِ مسجد اقصيٰ ڏي مهاڙ ڪن ۽ الله تعاليٰ جي ٻنهي گهرن کي مڃڻ وارن کي هڪ ئي مقصد تي گڏ ڪن: يعني بت پرستيءَ کي ختم ڪري خدا پرستي کي رواج ۾ آڻين. مهاجرن کي جڏهن اها خبر پئي ته رسول الله ﷺ جن مڪي وڃڻ گهرن ٿا ته اهي سمورا پڻ پاڻ سڳورن سان مڪي هلڻ لاءِ تيار ٿي پيا.

## مڪي ڏانهن پر امن روانگي:

ذيقعده 6 هه تائين مديني تي پوري عرب وارن جي حملي يعني خندق واري جنگ کي پورو هڪ سال ٿي چڪو هو. ذيقعد 5 هه کان ذيقعد 6 هه تائين مديني جي حڪومت، مديني جي اوسي پاسي ۾ رهندڙ سمورن قبيلن تي پنهنجي حڪومت قائم ڪري ورتي هئي. سرڪش يهودين کي مديني مان لوڏي، باغي قسم جي ماڻهن کي پنهنجي آخري انجام تائين پهچايو ويو هو.

هاڻي رسول الله ﷺ جن انهيءَ نيت سان مڪي ڏانهن روانو ٿيا ته پاڻ ڪعبة الله جي زيارت ڪن ۽ ذيقعده کان محرم تائين مسلمان انهن قانونن تي عمل ڪن جيڪي انهن مهينن ۾ امن ۽ سلامتي جي لاءِ رائج هئا. جيڪي ماڻهو هلن سي ڪنهن حملي جي نيت سان نه هلن.

انهيءَ اعلان سان مڪي جي قريشن تي اهو ظاهر ڪرڻو هو ته اسان جي نيت


Sindhica Academy, Karachi

عمري (بيت الله جي زيارت) جي آهي، جنگ ناهي ڪرڻي. اسان اعلان ڪري مڪي ڏانهن ايندا سين ۽ الله تعاليٰ جي پاران جو اعلان ڪري واپس هليا ويندا سين.

اهڙيءَ طرح پاڻ ﷺ سنه 6 هه جي ذيقعد مهيني ۾ پنهنجن سورنهن سئو جانثار اصحابن سان گڏجي مڪي ڏانهن روانو ٿيا. پاڻ سان گڏ رڳو تلوارون ڪيائون جيڪي رڳو حفاظت جي خيال کان هيون. قربانيءَ جي لاءِ ستر اُٺ پاڻ سان گڏ ڪنيائون جن جي اڳيان اڳيان ويهه سوار هئا ۽ پاڻ ﷺ جن احرام ٻڌي وڏي آواز سان تلبيو چئي رهيا هئا:

لبيك، اللهم لبيك، لبيك لا شريك لك لبيك، ان الحمد و
النعمة و الملك لك لا شريك لك

”اي الله! اسان حاضر آهيون، تنهنجو ڪوبه ڀائيوار نه آهي، واکاڻ ۽ نعمت ۽ بادشاهي تو کي ئي سونهين ٿي.“

جڻ ته پاڻ ﷺ جن الله تعاليٰ جي وحدانيت ۽ ان جي عالمگير بادشاهت جو اقرار ڪري غير الله جي پوڄا ۽ پاران کان نفرت جو اظهار ڪري رهيا هئا.

مڪي وارا مديني وارن تي ٽي حملا ڪرڻ جي ڪري اهو مڃڻ لاءِ تيار ئي نه هئا ته پاڻ ڪريم ﷺ جن پرامن طريقي سان عمرو ڪرڻ لاءِ اچي رهيا آهن. تنهن ڪري انهن پاڻ ﷺ جن کي روڪڻ لاءِ تياري شروع ڪري ڏني. بسر خزاعي جيڪي پاڻ ڪريم ﷺ جو ساهراڻو راڄ هئا ۽ ڳجهي طرح سان مسلمان به ٿي چڪا هئا، تن پاڻ ﷺ جن کي ڄاڻ ڏني ته خالد بن وليد ۽ عڪرمه جي اڳواٽيءَ ۾ ٻن سوارن جو جٿو متن حملو ڪرڻ لاءِ روانو ٿي چڪو آهي ۽ قريش ۽ ٻين قبيلن جا ماڻهو انهن جي پويان آهن. رسول الله ﷺ جن صفبندي ڪانپوءِ صلاة الخوف[1] پڙهي ۽ قريشن وارو دڳ ڇڏي ٻئي ڏکي دڳ کان مڪي ڏانهن روانو ٿيا ۽ حرم[2] واري علائقي ۾ داخل ٿي ويا. حديبيه واري علائقي ۾ ترسي پيا، جو جو اتي هڪ وڏو کوهه پڻ هو.

حديبيه مڪي کان رڳو نون ميلن جي مفاصلي تي هو. هتي ترسڻ جو مطلب اهو هو ته مسلمان وڙهڻ جو ڪوبه ارادو نٿا رکن ۽ نه ئي حرم جي اندر ڪنهن به قسم جي رتوڇاڻ گهرن ٿا. خزاعي مڪي وارن جي طرف کان اچي ڪري چيو ته قريش وارن احابيش (غير عرب قبيلي) کي تيار ڪري ورتو آهي

[1] اها نماز جيڪا دشمن کان ڪنهن خوف جي حالت ۾ پڙهي وڃي.

[2] ڪعبة الله جي اوسي پاسي وارو اهو علائقو يا حدون جن ۾ داخل ٿيل ڪنهن به جاندار کي مارڻ يا تڪليف پهچائڻ حرام آهي. انهيءَ ڪري ئي انهيءَ علائقي کي ”حرم“ جو نالو ڏنو ويندو آهي.


www.sindhsalamat.com

ته اهي ڪنهن به طرح مسلمانن کي بيت الله تائين پهچڻ نه ڏين. پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو ته اسان ويڙهه ڪرڻ نه آيا آهيون، باقي جي قريش وڙهندا ته پوءِ هيٺا اسان به نه آهيون. خزاع وارن رسول الله ﷺ جي مائٽي ۾ هجڻ جي ڪري مڪي جي قريشن ڪي ڏاڍو ڏيڇاريو. مڪرر به اهو ئي پيغام مڪي وارن کي ڏنو. ان کان پوءِ احابيش جو سردار حليس بن علقمه آيو. هن ڏٺو ته قربانيءَ وارن اُٺن جي ڳچين ۾ ڳانا ٻڌل آهن، جن کي ڏسندي ئي هو سمجهي ويو ته مسلمانن جي نيت بري نه آهي. هو پاڻ ڪريم ﷺ جن سان ملڻ کانسواءِ ئي واپس موٽي ويو ۽ قريشن کي چوڻ لڳو ته اهي ماڻهو ديندار آهن ۽ جنگ جي ارادي سان نه آيا آهن، تنهن ڪري ڪين اچڻ ڏيو. قريشن ان کي چيو ته تون ڳوٺائي ماڻهو آهين توکي انهن ڳالهين جي کهڙي خبر. قريشن وٽان ايندڙ آخري ماڻهو عروه ثقفي هو. هن جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جي اصحابن جي جانثاري ۽ حوصلا ڏٺا ته قريشن کي وڃي چيائين ته اهي ماڻهو تمام ئي سخت آهن. عمري ڪرڻ کانسواءِ هو موٽي نه ويندا.

هاڻي پاڻ ڪريم ﷺ ٺاهه جي لاءِ حضرت عثمان بن عفانؓ کي مڪي وارن ڏانهن موڪليو ته انهن کي وڃي ٻڌايو وڃي ته اسان رڳو عمرو ڪرڻ آيا آهيون. جڏهن حضرت عثمانؓ سفير جي حيثيت ۾ مڪي وارن وٽ پهتا ته ان جي قبيلي بنو اميه وارن سمجهي ورتو ته سورنهن سئو ماڻهن کي روڪڻ ڪو سئولو ڪم نه آهي. هيڏانهن ڪنهن اها خبر هُلائي ڇڏي ته حضرت عثمانؓ کي شهيد ڪيو ويو آهي. سمجهه ۾ ائين پيو اچي ته اها به ڪنهن بزرگ جي جنگي ڪيڏ هئي ته جيئن خبر پئجي سگهي ته ڪرو ۽ ڪوڙو مسلمان ڪهڙو آهي؟

## بيعت رضوان، مرڪزي انقلابي ڪاميٽيءَ جو قائم ٿيڻ:

انهيءَ خبر جو نتيجو اهو نڪتو جو پاڻ سڳورا ﷺ هڪ وڻ هيٺان ويهي رهيا ۽ پنهنجو هٿ پکيڙي ڇڏيائون ته جيڪو به ماڻهو مرڻ جو وچن ڪري ۽ بهشت جي بدلي پنهنجي جان وڪڻندو هجي سو منهنجي هٿ تي هٿ رکي آخري دم تائين بدلي وٺڻ لاءِ وڙهڻ جو وچن ڪري. اها بيعت الله تعاليٰ سان ٿيندي ۽ رسول الله ﷺ جو هٿ ڄڻ ته الله جو هٿ آهي جو سڌي سنئين خدا سان بيعت ٿي رهي آهي. سورنهن سئو ماڻهن ساهه صدقو ڪري ڇڏڻ جي بيعت ڪري ورتي ۽ قريش جي جاسوسن جون دليون ڏڪي ويون ته هڪڙي عثمان جي بدلي ۾ سمورن مڪي وارن کي سزا ملندي.



Sindhica Academy, Karachi

## بيعت رضوان ئي فتح مبين آهي:

جڏهن قرآن ۾ سورت فتح جو پهريون رڪوع نازل ٿيو ته انهيءَ ۾ ٻڌايو ويو ته مسلمانن جي جماعت جو اڄ تائين اهڙي قسم جو گڏيل محاذ نه ٺهيو هو. انهيءَ ۾ شايد ڪي منافق به هئا، ڪمزور دل وارا به هئا، قريش جا ڪي همدرد به هئا ۽ ڪي اهڙا به هئا جيڪي اسلام جي انقلابي سيرت کان واقف نه هئا. پر هاڻي هڪ اهڙي مرڪزي پارٽي تيار ٿي پئي هئي، جيڪا نه رڳو عرب پر سموري دنيا ۾ انقلاب آڻي سگهي پئي.

قرآن چيو ته اها ظاهر ظهور ڪاميابي (فتح مبين) آهي ۽ الله تعاليٰ انهيءَ جو انعام اهو ڏئي ٿو ته هن وقت تائين رسول الله ﷺ ۽ سندن ساٿين کان ڪافرن جي مقابلي ۾ جيڪي ڪوتاهيون ٿيون آهن اهي سڀئي معاف ڪيون وڃن ٿيون. ڪفر جي مقابلي ۾ هاڻي توهان هرگز ڪوتاهي نه ڪندؤ ۽ الله تعاليٰ توهان جي زبردست مدد ڪندو.

## سڪينه ۽ زمين و آسمان جون فوجون:

> ”انهيءَ الله توهان جي دلين کي اطمينان ڏيارڻ لاءِ زمين ۽ آسمان جون مضبوط دل رکندڙ فوجون نازل ڪري ڇڏيون آهن. (يعني هاڻي اهي مسلمان ايترو ته پڪا مسلمان ٿي چڪا آهن جو انهن کي ڪفر جي طاقت پنهنجي دڳ تان ٿيڙي نٿي سگهي) انهن جو ايمان وڌيڪ پختو ٿي ويو آهي، ڇاڪاڻ ته انهن رسول الله ﷺ سان نه پر الله تعاليٰ سان وچن ڪيو آهي ته، انهن الله تعاليٰ جو نالو مٽائڻ ۽ شيطان کي هيٺو ڪرڻ جي لاءِ پنهنجيون جانيون وڪٽي ڇڏيون آهن. انهن جي هٿ مٿان الله تعاليٰ جو هٿ آهي.“

## قريشن جي ٺاهه لاءِ منٿ ميڙ:

جهڙي طرح غزوه حمراء الاسد جي ذريعي رسول الله ﷺ غزوه احد جي شڪست کي سوڀ ۾ بدلائي ڇڏيو هو، جهڙي طرح قريشن ۽ يهودين ۾ خندق واري ويڙهه دوران ضمانت طور دشمن کي ماڻهو حوالي ڪرڻ واري ترڪيب مشرڪن ۾ ڏار وجهي ڇڏيا هئا ۽ قريشن کي هار ڪائڻ تي مجبور ڪري ورتو هو، تئين ئي خزاعه قبيلي مان ام المؤمنين جويريهؓ سان نڪاح ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن هن قبيلي کي پنهنجو ساٿاري بڻائي ڇڏيو هو.



www.sindhsalamat.com

جڏهن اوچتو پاڻ مڪي ڪان ٿورڙن ڪوهن تي سورنهن سئو ماڻهن سان ظاهر ٿيا ته انهيءَ ئي قبيلي جي ماڻهن قريشن کي ناهه ڪرڻ تي مجبور ڪري وڌو. احابيش وارن ۽ بنو خزاعه وارن جو ساٿ ڏنو. مٿان وري بيعت رضوان ته انهن جا ترا ئي ڪڍي ڇڏيا. قريشن جو ساهه مُٺ ۾ اچي ويو . انهن سهل بن عمرو کي ناهه جي شرطن سان رسول الله ﷺ جن وٽ موڪليو. پاڻ سڳورا ﷺ ته گهرن ئي اهو پيا ته قريش پنهنجي شرارتن کان دائمي يا گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه عرصي لاءِ مڙي وڃن. پاڻ ﷺ کي پنهنجي پالڻهار تي ايترو پڪو ويساهه هو ته پاڻ ضرور هڪ ڏينهن سموري عرب کي فتح ڪري وٺندا. انهيءَ ڪري ئي حديبيه وٽ پهچڻ کان پوءِ پاڻ پهريون ئي پيغام اهو موڪليائون:

> "اي قريشيو! توهان کي ويڙهه جهيڙن هيڻو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي توهان ۾ ست نه رهيو آهي جو ڪنهن سان وڙهي سگهو، پر پوءِ به توهان ويڙهه لاءِ تيار ٿي پيا آهيو. هن کان اڳ به توهان سموري عرب کي گڏ ڪري مٺ جيترن مسلمانن کان ڪٽي نه سگهيا آهيو. انهيءَ ڪري پلو انهيءَ ۾ اٿوَ ته مون کي ۽ عرب کي ڇڏي ڏيو ۽ ڏسو ته سوپ ڪنهن جي ٿئي ٿي. جيڪڏهن مان ڪٽي وڃان ته توهان جي لاءِ اها عزت واري ڳالهه ٿيندي جو مان به قريشي آهيان. هاڻي توهان کي منهنجو ساٿ ڏيڻ لاءِ ڪا به ڳالهه نه روڪيندي."
>
> اهو پيغام هن کان اڳ ۾ به ڪيترائي دفعا ڏنو ويو هو.

سهيل بن عمرو چيو ته اها اسان جي لاءِ وڏي شرم جي ڳالهه ٿيندي جو توهان زوريءَ مڪي ۾ داخل ٿي عمرو ڪريو. ايئن ڪرڻ سان عرب جا باقي قبيلا اسان مٿان کلون ڪندا. انهيءَ ڪري توهان هن سال بنا عمرو ڪرڻ جي واپس موٽي وڃو. رسول الله ﷺ جن انهن جي انهيءَ مطالبي کي مڃي ورتو.

وري سهيل چيو ته ايندڙ سال توهان جڏهن عمرو ڪرڻ ايندا ته پرامن طريقي سان ايندا، يعني توهان جون تلوارون مياڻ ۾ ئي هونديون ۽ ٽن ڏينهن کان وڌيڪ مڪي ۾ نه ترسندا. پاڻ ڪريم ﷺ جن انهن جو اهو شرط به مڃيو.

سهيل وري چيو ته جيڪو قريشي پنهنجي وارث جي اجازت کانسواءِ توهان وٽ ايندو ته توهان کيس واپس ڪندا ۽ جيڪو مسلمانن مان اسان وٽ ايندو ۽ اسان جو پانهن ڀيلي ٿيندو ته اسان ان کي واپس نه ڪنداسين. رسول الله ﷺ جن انهن جو اهو شرط به مڃي ورتو ڇاڪاڻ ته پاڻ ارڙهن سالن کان وٺي انهيءَ ئي آزاديءَ جي لاءِ وڙهي رهيا هئا ته ڪنهن به ماڻهوءَ کي ڏاڍ سان


Sindhica Academy, Karachi

آزمائش ۾ نه وڌو وڃي. يعني ڪنهن به ماڻهوءَ کي پنهنجي راءِ يا دين مٽائڻ لاءِ مجبور نه ڪيو وڃي. پر قريش سمجهندا هئا ته ڪنهن کي پنهنجي راءِ يا دين مٽائڻ لاءِ مجبور ڪرڻ چڱي ڳالهه آهي. اهي اهو نه سمجهندا هئا ته اهو هڪ اهڙو ظلم آهي جيڪو مظلوم کي بغاوت تي آماده ڪندو آهي ۽ انهيءَ جو نتيجو اهو نڪرندو آهي ته ظالم تباهه ۽ برباد ٿي ويندو آهي. دنيا جي انقلابن جي تاريخ وجهي ڏسو، هر جاءِ تي اها ئي ڳالهه نظر ايندي ته ظالم پاڻ ئي پنهنجي ظلمن جي ڪري مظلومن کي بغاوت تي آماده ڪندو آهي ۽ پوءِ دير يا سوير انهيءَ باهه ۾ سڙي خاڪ ٿي ويندو آهي.

## قومن جي تباهيءَ جا ڪارڻ:

صلح حديبيه واري سال (628ع) تائين، جيڪو مسيحي سال هو، دنيا جون گهڻيون قومون ظلم ۽ ناانصافين جي ڪري تباهه ٿي چڪيون هيون. عاد ۽ ثمود، لوط ۽ فرعون جي قوم، ساماني، فونيقي، يوناني ۽ رومي وغيره سمورا پنهنجي ظلم جو ئي شڪار ٿي ويون هيون. انهن کان به اڳ بابلونيه، سميري، ڪالدين، قديم مصرين جهڙيون قومون به غلط اکرن وانگر ميسارجي تاريخ جو حصو بڻجي چڪيون هيون. پاڻ ڪريم ﷺ جن انهن سڀني کان واقف هئا. غلامي، عورت جي ذلت، انصاف جي کوٽ، يا اهو نظريو ته حڪمران ٽولي جي لاءِ انصاف جو هڪڙو معيار هجي ۽ رعيت ۽ مجبورن جي لاءِ وري ٻئي قسم جو معيار يا قانون هجي: انهن ڳالهين قومن کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو هو ۽ ڌرتيءَ تان انهن جو نالو ئي مٽائي ڇڏيو هو.

حجاز هڪ اهڙو علائقو هو جتي هن وقت تائين ٻاهرين سامراجن جا پير نه پهتا هئا. پر اهو علائقو به قدامت پرستي، وهمن، فال وجهڻ ۽ غلام ناهڻ جا ائين ئي شوق رکندڙ هو جيئن دنيا جي ٻين علائقن ۾ هو. يورپي تاريخدان لکن ٿا ته عرب سموري جو سمورو انقلاب جي لاءِ تيار هو. انهن کي اها خبر نه هئي ته ننڍڙا ننڍڙا قبيلا پنهنجي لڏ پلاڻ جي ڪري بلڪل ئي غير متمدن زندگي گذاري رهيا هئا. ملڪ هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو جنهن جي آبادي واپاري قافلن جي لنگهه واري هئڻ ڪري هڪ ٻه هزار ماڻهن تي مشتمل هئي.

## رسول الله ﷺ جو ڪارنامو:

اها رڳو رسول عربي ﷺ جي اڻٿڪ ڪوشش ۽ دور انديشي ئي هئي جنهن اڻ ڇاٽائي ۽ جهالت جي بنياد تي ٿيندڙ قبائلي انتشار کي هڪ قانون ۽


www.sindhsalamat.com

مذهبي انتظام هيٺ جڪڙي ڇڏيو ۽ هڪ سلطنت نہ پر هڪ قوم جي تعمير ڪري ڇڏي، جنهن جي سچاڻ ئي ظلم کي ختم ڪري انصاف ڀريو معاشرو قائم ڪرڻ هو. رسول الله ﷺ کي اهو پڪو ويساهہ هو تہ مسلمانن مان ڪوبہ ماڻهو قريشن جي بيٺل ۽ مطلبي معاشري ۾ واپس نہ ويندو، پر ڪي ٿورڙا نوان مسلمان اهڙا هجن تہ انهن کي اهي پاڻ وٽ روڪي ڇڏيندا ۽ آخرڪار اهي انهن لاءِ ئي خطرو بڻجي ويندا؛ انهيءَ ڪري پاڻ ﷺ جن انهن جو اهو شرط بہ مڃي ورتو. هتي اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ اهو شرط رڳو قريشن مان ٿيندڙ مسلمانن جي لاءِ هو. باقي ٻين قبيلن کي مڪمل آزادي حاصل هئي تہ جيڪڏهن اهي گهرن تي قريشن جا ساٿاري بڻجن يا رسول الله ﷺ جي پاڙي ۾ اچي رهن. صلح جو اهو معاهدو ڏهن سالن لاءِ هو، پر پنجن سالن جي اندر ئي رسول الله جن پنهنجي حصي جو ڪم پورو ڪري هن دنيا مان موڪلائي ويا.

## معاهدي جي لکت ۾ رحمان ۽ رسول الله لکڻ تي اعتراض:

حضرت عليؓ معاهدي جي شروعات بسم الله الرحمٰن الرحيم الرحمٰن الرحيم سان ڪئي تہ سهيل، جيڪو زبردست خطيب ۽ نقاد هو، تنهن رحمٰن جي لفظ تي اعتراض ڪيو تہ اسان رحمان کي نٿا سڃاڻون. پاڻ ڪريم ﷺ جن انهيءَ ڪري رحمٰن جي جاءِ تي بسمك اللهم لکرائي ڇڏيو.

وري حضرت عليؓ جڏهن اهو لکيو تہ هي معاهدو رسول الله ﷺ جي طرف کان آهي تہ سهيل وري اهو اعتراض ڪيو تہ جيڪڏهن اسان محمد (ﷺ) کي الله جو رسول مڃيو ها تہ پوءِ جهڳڙو ڇو ڪريون ها؟ پاڻ ڪريم ﷺ جن انهيءَ کي ڊاهي ان جي جاءِ تي محمد بن عبدالله لکرائي ڇڏيو. هاڻي معاهدي تي حضرت ابوبڪر، عبدالرحمان، سعد بن ابي وقاص، ابو عبيده ۽ محمد بن مسلمہ رضي الله عنهم مسلمانن جي طرف کان صحيحون ڪيون. ٻنهي ڌرين معاهدي جو هڪ هڪ نقل پاڻ وٽ رکي ڇڏيو.

## جنگبندي جو معاهدو ۽ انهيءَ جا هاڪاري نتيجا:

اهو معاهدو پاڻ ڪريم ﷺ جي حڪمت عمليءَ جي تمام وڏي سوڀ هئي جو قريشن ڏهن سالن جي لاءِ جنگبنديءَ جو معاهدو ڪري ورتو هو. جڏهن تہ اهي ئي قريش مختلف قبيلن کي اسلام ۽ مسلمانن جي خلاف ڀڙڪائيندا رهندا هئا. پاڻ سڀورا ﷺ جن اهو گهرن پيا تہ اهي پنهنجن شرارتن کان مڙي وڃن، پر انهن جي دلين ۽ دماغن کي ذاتي مفادن ۽ پروهتن


Sindhica Academy, Karachi

جي ڪڌ لڳڻ واري ذهنيت اهڙو تہ مرده ڪري ڇڏيو هو جو انهن کي خودغرضي ۽ وهم پرستيءَ مان ڪڍي سڌي ۽ هدايت واري واٽ وٺائڻ ممڪن ئي نہ هو. هاڻي هن قسم جي معاهدي جو مطلب اهو هو تہ هنن مختلف قبيلن کي اسلام ڏانهن آڻڻ لاءِ ۽ اتحاد ڏانهن آماده ڪرڻ جو دڳ کولي ڇڏيو هو. انهيءَ ڪري قرآن انهيءَ کي پڌري سوڀ (فتح مبين) سڏيو.

جيئن ئي معاهدي تي صحيحون ٿي ويون؛ بنو خزاعہ وارن اعلان ڪيو تہ اسان محمد ﷺ جي معاهدي ۾ شامل ٿيون ٿا. هيءُ ئي اهو قبيلو آهي جنهن جي ٻہ سئو ماڻهن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن ام المؤمنين جويريہ رضي الله عنها سان نڪاح ڪرڻ وقت آزاد ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ قبيلي جي سمجهداريءَ صلح حديبيہ جي لاءِ دڳ کوليو هو ۽ انهيءَ ئي قبيلي جي ڪوشش سان مڪي وارا رسول الله ﷺ جي فرمانبرداريءَ لاءِ تيار ٿيا هئا.

انهيءَ سان گڏ ئي بنو بڪر وارن بہ اعلان ڪيو تہ اهي قريشن سان گڏ آهن ۽ قريشن جي معاهدي ۾ شامل ٿين ٿا.

## سورت الفتح رڪوع 1:

اصل ۾ مسلمانن جي هڪ اهڙي مرڪزي جماعت تيار ٿي وئي جيڪا الله تعاليٰ جي نالي تي مرڻ مارڻ لاءِ تيار هئي. انهيءَ بيعت جي خوف کان قريشن ٺاهہ جي لاءِ درخواست ڪئي هئي، انهيءَ ڪري ئي اها پڌري سوڀ (فتح مبين) هئي.

## سورت الفتح رڪوع2:

ڪيترائي ڳنوار قسم جا ماڻهو حديبيہ اچڻ کان لهرائن پيا، هاڻي اهي بہ گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿي پيا. رسول الله ﷺ کي گهرجي تہ جيڪي ماڻهو غنيمت جي مال جي لالچ ۾ گڏ هلن تن کي گڏ هلڻ نہ ڏنو وڃي. جيڪڏهن اهي آزمائش ۾ پورو اچن ٿا تہ جهاد ۾ شريڪ ٿي سگهن ٿا.

پاڻ ﷺ جن حج نہ ڪيو ۽ نہ ئي عمرو ڪري سگهيا، پر پڌري سوڀ (فتح مبين) جي خوشيءَ ۾ ٽن ڏينهن تائين حديبيہ ۾ عيد جي خوشي ملهائي، اٺ قربان ڪيا. بنو خزاعہ وارا بہ انهيءَ عيد ۾ شريڪ هئا.


www.sindhsalamat.com

## فتح حديبيہ کان پوءِ ڪتابي جمهوريت (توحيدي معاشري) جو قيام

هن وقت تائين مديني جي سلطنت ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو حڪم ئي خدا جو حڪم هو. عام طور تي پاڻ ئي خدائي وحي کي بيان ڪندا هئا ۽ پاڻ ئي انهيءَ تي عمل ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن تہ خاص دوستن سان صلاح مشورو بہ ڪري وٺندا هئا.

پر هاڻي بيعت رضوان کان پوءِ هڪ تمام ئي وڏي جانثار انقلابي جماعت قائم ٿي وئي هئي، جيڪا اسلام جي حقيقت کان واقف هئي. انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن ﷺ جن محسوس ڪيو تہ مختلف مسئلن ۾ بيعت رضوان وارن اهم سنگتين جي صلاح بہ فائديمند ٿي سگهي ٿي. تنهنڪري انسانيت جي ڀلائيءَ لاءِ انهيءَ مقصد هيٺ پاڻ ﷺ جن انهن کان صلاح وٺڻ شروع ڪئي. اها ڳالهہ اصل ۾ اسلامي پارٽي جي حڪومت ۽ سرداريءَ جو منڍ هئي جنهن جي ضرورت ۽ اهميت جو احساس نبوت واري اداري جي خاتمي کان پوءِ شدت سان ٿيو.

انهيءَ ڪتابي آمريت کي شورائي جمهوريت بہ چئي سگهجي ٿو جنهن ۾:

(1) الاهي ڪتابن جي اصولن تي بحث ڪري نہ پيو سگهجي.

(2) باقي اصولن کي عمل ۾ آڻڻ وارن ذريعن ۽ طريقن تي بحث ڪري سگهجي پيو.

(3) هن شورائي آمريت ۾ گهڻائيءَ واري راءِ تي فيصلا نہ ٿيندا هئا، پر جماعت جي امير کي جيڪا سڀ کان صحيح راءِ نظر ايندي انهيءَ تي عمل ڪرڻ جو حڪم ڏيندو هو.

(4) صحيح ڳالهہ جو معيار خدائي ڪتاب رکيو ويو هو.

(5) مطلب تہ خدائي فرمانبرداريءَ جي بنياد تي دنيا مان خوف، بک، غلامي، ذلت، خواري ۽ ظلم ۽ ناانصافي کي مٽائڻ انهيءَ شورائي حڪومت جو بنيادي مقصد هو.

## غزوه خيبر / اسلامي معاشي نظام:

محرم سنہ 7 هجري (اپريل سنہ 628ع) ۾ بنو نضير مديني کان نڪري خيبر ۾ اچي آباد ٿيا هئا. خيبر مديني کان ٽن منزلن (108 ملين) جي مفاصلي


Sindhica Academy, Karachi

تي اتر پاسي هڪ سائو ستابو علائقو هو. حجر ڏانهن اهو ئي رستو ويندو هو. اهو يهودين جو وڏو مرڪز هو. جنگ احزاب بہ انهن ئي ڀڙڪائي هئي.

خيبر جي ويجهو بنو غطفان وارا رهندا هئا، جن سان سازش ڪري يهودين مديني تي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. مديني جا منافق انهن جا همدرد هئا، انهيءَ ڪري رسول الله ﷺ جن گهريو تہ جهڙي طرح حديبيہ وارو ٺاهہ ٿيو هو، ائين ئي يهودين سان بہ ٺاهہ ٿي وڃي. اهڙي طرح پاڻ ﷺ جن حضرت عبدالله بن رواحہ کي ٽيهن ماڻهن سان گڏ خيبر ڏانهن موڪليو. انهن اسير بن زارم کي، جيڪو يهودين جو سردار هو، رسول الله ﷺ جو نياپو پهچايو تہ جيڪڏهن مديني وارن سان ٺاهہ ڪرين تہ رسول الله ﷺ جن توهان کي خيبر جو حاڪم مڃيندا. هن اها ڳالهہ مڃي ورتي ۽ ٽيهن ماڻهن سان گڏ مديني ڏانهن هليو. رستي ۾ ٻنهي ٽولن جي وچ ۾ ويڙهہ ٿي پئي ۽ نتيجي ۾ رڳو هڪڙو يهودي وڃي بچيو.

هاڻي يهودين غطفان قبيلي وارن کي مديني تي حملوڪرڻ لاءِ تيار ڪري ورتو ۽ پنهنجي باغن جي اڌ پيداوار ڏيڻ جو واعدو ڪيو. بنو فرازه پنهنجو پاڻ ئي وڃي انهن سان مليو. پاڻ سڳورن ﷺ جن کي جڏهن خبر پئي تہ انهن کي خط لکيائون تہ توهان پنهنجي حرڪتن کان مڙي وڃو.

خيبر واري واقعي کان ٿي ڏينهن اڳ يهودين مسلمانن جي اٺن تي حملو ڪيو. ابن بوذر کي قتل ڪري، ان جي زال کي پاڻ سان گڏ ڪٽي ويا، پر مسلمہ تير هٽي انهن کان اٺ ڇڏائي ورتا.

مڪي وارن کان مسلمانن کي ڪنهن بہ قسم جو خوف نہ هو، ڇاڪاڻ تہ انهن سان ٺاهہ ٿي چڪو هو. خيبر جي يهودين کي بہ امن پسند ٽولي ۾ شامل ڪرڻ جي لاءِ انهيءَ جماعت جي پسنديده ميمبرن سان صلاح مشورو ٿيو. جهڙي طرح مسلمان اوچتو مڪي پهچي ويا هئا، اهڙيءَ ئي طرح اهي خيبر ۾ بہ پهچي ويا. ايترو سو ڪيائون تہ انهن منافقن کي گڏ نہ ڪنيائون جيڪي رڳو مال غنيمت ملڻ جي لالچ تي هلڻ گهرن پيا. اهو جهاد الله جي راهہ ۾ امن ۽ سلامتيءَ وارو معاشرو قائم ڪرڻ لاءِ هو، انهيءَ ڪري انهيءَ جماعت جي پسنديده ماڻهن کي ئي ڪنيو ويو. انهن چوڏهن سئو پسنديده ماڻهن ۾ بہ گهوڙيسوار هئا. ڦٽيلن جي چاڪري لاءِ ويهہ اصحابياڻيون بہ گڏ هليون.

غطفان قبيلي وارا يهودين جا دوست هئا، انهيءَ ڪري ڪماندر حباب بن المنذر جي راءِ تي عمل ٿيو ۽ مسلمانن جي فوج رجيع واري علائقي ۾ ترسي پئي تہ جيئن بنو غطفان ۽ يهودين جي وچ ۾ اسلامي فوج رهي ۽ اهي هڪٻئي جي مدد ڪري نہ سگهن. مختلف قلعن تي مختلف جرنيلن حملو


www.sindhsalamat.com

ڪيو. پهريون قلعو ناعم حضرت عليؓ فتح ڪيو. حضرت زبير ۽ حضرت حباب ٻئي قلعا فتح ڪيا. باقي قلعن وارن هٿيار ڦٽا ڪيا. انهيءَ گهيراءَ ۾ پندرنهن مسلمان شهيد ٿيا ۽ ٽيانوي يهودي مارجي ويا.

## ڊل:

ڪنانه ڪانسواءِ جنهن جنرل محمود بن مسلمه کي قتل ڪيو هو، سڀني جي جان بخشي وئي. سموريون زمينون ۽ باغ مدني حڪومت جي ملڪيت ۾ داخل ڪيا ويا ۽ سموري بٽائيءَ جو اڌ ڊل جي طور تي مديني کي ڏيڻ جو فيصلو ٿيو، جنهن کي يهودين خوشيءَ سان قبول ڪري ورتو. اها گڏيل معيشت ۽ پڻ معاشري جي شروعات هئي. حضرت اسامه بن زيد کي سڀني کان وڌيڪ غنيمت جي مال مان حصو مليو ۽ سڀني کان ويجهو ڳٽيو ويو.

## شهزادي صفيه سان نڪاح:

رسول الله ﷺ جن جي عمر مبارڪ سٺ سالن جي ٿي چڪي هئي. يهودين کي دوست بنائڻ جو هڪڙو طريقو اهو هو ته مسلمانن انهن کي پنهنجي حفاظت ۾ آڻي محفوظ ڪري ورتو هو. انهن جي باغن ۽ زمينن جو قبضو به انهن وٽ ئي رهڻ ڏنو ويو. ٻيو طريقو مصاهرت جو هو. پاڻ ڪريمﷺ جن محسوس ڪيو ته ڪنانه جي قتل کان پوءِ شهزادي صفيه بيواهه ٿي پئي هئي ۽ سندس پيءُ حي بن اخطب بنو قريظ ۾ قتل ٿي چڪو آهي. تنهن ڪري يهودين جي انهن ٻنهي قبيلن کي خوش ڪرڻ جي لاءِ پاڻ ان سان نڪاح ڪيائون ۽ کين مديني ڏانهن وٺي آيا.

چوڏهن سالن کان جيڪي مسلمان مهاجر حبشه ۾ ترسيل هئا سي خيبر جي فتح واري خبر ٻڌي خيبر پهچي ويا. حضرت جعفر بن ابي طالب ۽ ام المؤمنين ام حبيبه بنت ابو سفيان پڻ انهيءَ قافلي ۾ شامل هيون. ان جو مڙس عيسائيت اختيار ڪري مري ويو هو ۽ پاڻ اتي ئي رسول الله ﷺ جي نڪاح ۾ اچي ويون هيون.

## سڌارا:

خوراڪ جي معاملي ۾ گندي خوراڪ کائڻ کان منع ڪيو ويو. هاڻي مسلمان مجبور نه هئا ته هر قسم جو گوشت کائن. انهيءَ دؤر ۾ خوراڪ يا طعام جو مطلب ئي گوشت هوندو هو. اهڙيءَ طرح خچرن ۽ گڏهن جو گوشت


Sindhica Academy, Karachi

حرام ڪيو ويو.

واپار جا ڪي اهڙا طريقا رواج ۾ هئا جن جي بڇڙائيءَ کي پاڻ ڪريمﷺ جن هڪ واپاريءَ جي حيثيت ۾ چڱيءَ طرح سمجهن پيا. تنهن ڪري هر اهڙي واپار يا واپاري ڏيتي ليتيءَ کي ناجائز قرار ڏنائون، جنهن ۾ مزدور يا ڪاريگر جو نقصان ٿيندو هو ۽ دولت چالاڪ واپارين وٽ گڏ ٿي ويندي هئي. انهيءَ ڪري ئي چانديءَ جي بدلي ۾ وڌيڪ سون جي ڏيتي ليتي کي ناجائز سڏيو ويو.

انهن ڏينهن ۾ واپار ئي آمدنيءَ جو سڀ کان وڏو وسيلو هئي. انهيءَ ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن مزدور جي مفادن جو گهڻو خيال رکيو. واپار جي انهن طريقن کي ناجائز سڏيائون جن ۾ مزدور جي محنت کي نقصان پهچڻ جو ٿورڙو به انديشو هو.

## سورت الفتح رڪوع نمبر3:

اصل ۾ بيعت رضوان ئي خيبر جي فتح جو پيش خيمو هئي. ڇاڪاڻ ته بيعت رضوان ۾ جانثار جماعت تيار ٿي چڪي هئي جيڪا فتح خيبر جو سبب بڻي ۽ جنهن مان غنيمت جو مال به هٿ آيو. اهو خدائي وجود جو دليل آهي ته الله تعاليٰ پنهنجي حڪمت سان هيٺن کي ڏاڍو بڻائي ڇڏيندو آهي. انهيءَ ئي الله توهان کي صراط مستقيم (يعني اسلام، ٻڌي ۽ ٻي ڊپائي جي ڊگ) تي آڻي بيهاريو آهي. هاڻي مڪي جي فتح ويجهو آهي.

تاريخ انهيءَ ڳالهه جي شاهد آهي ته جيڪي ماڻهو حق جي لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو ڏيندا آهن، تن کي ڪڏهن به هار جو منهن ڏسڻو نٿو پوي. اهو الله تعاليٰ جو اٽل قانون آهي. الله تعاليٰ بيعت رضوان جي ڪري جنگ ٿيڻ نه ڏني. قريش ڊڄي ويا ۽ جيڪي مسلمان مڪي ۾ هئا اهي به پريشاني کان بچي ويا.

## سورت الفتح رڪوع نمبر 4:

حديبيه ۽ خيبر واري سوپ کان پوءِ مسلمانن جي ڌاڪ ويهي وئي ۽ رسول الله ﷺ جن جو خواب پڻ سچو ٿي ويو. بيعت رضوان وارن کان الله تعاليٰ راضي ٿي ويو ۽ انهن جا گناهه معاف ڪري ڇڏيا ۽ ايندڙ وقت ۾ به تمام وڏو اجر ڏيڻ جي خوشخبري ڏني.


www.sindhsalamat.com

## غزوه وادي القريٰ، سنہ 7 هجري:

خيبر جي فتح کان پوءِ جيڪي يهودي وادي القريٰ ۾ هئا، انهن بہ فرمانبردار ٿي رهڻ قبوليو. اها قديم وادي عاد واري قوم جي پڙپانگ وسندي ٿي آڏاريل هئي ۽ مديني کان خيبر واري رستي تي هئي. هتان جي يهودين بہ اڌ پيداوار ڏل جي طور ڏيڻ قبولي.

## اطاعتِ فدڪ، سنہ 7 ه:

فدڪ وارن بہ بنا ڪنهن جنگ جي فرمانبرداري قبولي. جيئن تہ هتي ويڙهہ نہ ٿي هئي، انهيءَ ڪري هتان واري غنيمت ۾ غازين کي ڪوبہ حصو نہ ڏنو ويو. اها پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خالص ملڪيت سڏي وئي.

## حضرت ابو هريره جو اسلام قبولڻ:

جنهن دؤر ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن خيبر ۾ هئا، حضرت ابوهريره مڪي کان مديني ڏانهن هجرت ڪري آيو ۽ اسلام قبوليو. جاهليت واري دؤر ۾ سندن نالو عبدالشمس هو. مسلمان ٿيڻ تي ان جو نالو عبدالرحمان رکيو ويو. پاڻ ڪريم ﷺ جي صحبت ۾ ٽي سال رهيا. پاڻ پنج هزار ٽي سئو چوهتر حديثون بيان ڪيون اٿائون. پاڻ حديثن جي گهڻي روايت ڪرڻ جو سبب اهو ٻڌائن ٿا تہ مهاجر ۽ انصاري پنهنجي واپار ۽ روزمره جي معاشي سرگرمين ۾ رُڌل هوندا هئا جڏهن تہ مان پاڻ ڪريم ﷺ جن کان رڳو علم جي حاصل ڪرڻ ۾ لڳو پيو هوندو هئس. پاڻ انهتر سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائون.

## دنيا کي الله جي اطاعت جي دعوت، صفر سنہ 7 ه

هُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ۭ وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ۝ (الفتح: 28)

اِنِّىْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعَا (الاعراف: 158)

هن ئي سال اسلام جي عالمگير دعوت جي شروعات ٿئي ٿي جڏهن تہ اڃا تائين اسلام رڳو عرب علائقي تائين ئي محدود هو.

## عيسائي بادشاهن کي اسلام جي دعوت:

سورت آل عمران ۾ چيو ويو:


Sindhica Academy, Karachi

يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَاۗءٍۢ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اَلَّا نَعْبُدَ اِلَّا اللّٰهَ

”اي ڪتاب وارؤ! اچو تہ هڪ ئي ڳالھ تي اتفاق ڪريون، اها هيءَ تہ هڪڙي الله کانسواءِ ٻيو ڪنهن جي بہ غلامي نہ ڪريون، اهو الله جنهن جو ڪوبہ ڀاڱي ڀائيوار نہ آهي، نہ ڪنهن انسان يا مذهبي اڳواڻ کي پنهنجو خدا ٻڌايون ۽ نہ ڪنهن کي اوتار سمجهي پوڄا ڪريون، ڇو جو انهيءَ سان انسان جي خوداري ۽ عزت ختم ٿي ويندي آهي ۽ انساني برابري ۽ عزتِ نفس جو خاتمو ٿي ويندو آهي.“

تنهن ڪري عيسائي بادشاهن ۽ سردارن کي خدائي وحدت ۽ انساني وحدت ڏانهن دعوت ڏني وئي ۽ ٻڌايو ويو تہ انسان ڀلي ڇونہ ڪيترو بہ وڏي عزت وارو هجي، پر اهو معبود هرگز نٿو ٿي سگهي، ڇاڪاڻ جو هو وري بہ مخلوق ئي آهي. اهڙيءَ طرح مخلوق کي خالق جو درجو ڏئي، مذهبي پيشوائن يا گهڻن خدائن جي جماعت کي پيدا ڪرڻ پنهنجي ۽ الله تعاليٰ جي توهين ۽ گستاخي آهي. اهو خدا ڪيترو نہ ويچاره ۽ مجبور هوندو جنهن کي خسيس ماڻهو بہ ذليل ڪري سگهن. يا اهي انساني ديوتا ڪيترا نہ هيٺا هوندا جيڪي پنهنجو پيٽ پالڻ لاءِ ٻاوا، پادري بڻجي ويا هجن ۽ ٻين جي خيراتن تي گذارو ڪري رهيا هجن. انهيءَ دعوت کي کڻي وڃڻ وارا هيٺيان ماڻهو هئا ۽ انهن ئي ملڪن جي ٻولين ۾ انهن کي پيغام پهچائيندا هئا.

(1) **عمر بن اميہ:** نجاشي اصحم وٽ توحيد جو پيغام کڻي ويو جنهن کي پڙهي هو مسلمان ٿي ويو.

(2) **دحيہ ڪلبيؓ:** قسطنطينيہ جي شهنشاهہ هرقل وٽ ربيع الاول سنہ 7 هہ (جون 628ع) ۾ بصره جي والي حارث جي ذريعي خط کڻي ويو. هرقل شايد اسلامي توحيد کي مڃي وٺي ها، پر ڪن سياسي مصلحتن هيٺ ان وٽ موجود پادرين خدائي توحيد ۽ انساني برابري يعني حضرت عيسيٰ کي رڳو انسان مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو، تنهن ڪري هن ايمان نہ آندو. (بخاري، ڪتاب الجهاد)

(3) **حارث غساني:** جيڪو رومي سلطنت سان لاڳاپيل هو، تنهن چيو تہ هن دعوت جو جواب مان تلوار سان ڏيندس.

(4) **حضرت حاطب:** مقوقس، سڪندريہ جي بادشاهہ وٽ حضرت حاطبؓ بن ابي بلتعہ رسول الله ﷺ جن جي دعوت جو پيغام کڻي ويو. ان وقت مصر جي حالت تمام ئي خراب هئي. ساساني (ايراني) ۽ رومي فوجن


www.sindhsalamat.com

جي پاڻ ۾ ٿيندڙ جنگ ان کي تباهه ڪري ڇڏيو هو. مقوقس هن پيغام ڪان ڏاڍو خوش ٿيو. عيسائي تثليث ۽ مجوسي ثنويت مان نڪري اسلامي توحيد کي ڏاڍو پسند ڪيو. ايتري تائين جو ان جي ملڪ ۾ پڻ عيسائيت جي هڪ توحيد پرست جماعت موجود هئي. هن پاڻ ڪريم ﷺ جن کي پنهنجي دوستاڻي خط ۾ لکيو ته مان ڄاڻان ٿو ته هڪ نبي اچڻ وارو آهي جيڪو ابراهيم، موسيٰ، يحيٰ ۽ عيسيٰ عليهم السلام جي دين کي زنده ڪندو. مان ٻه ٻانهيون، پوشاڪون ۽ هڪ خچر تحفي ۾ موڪليان ٿو.

انهن ٻنهي ٻانهين مان پاڻ ڪريم ﷺ جن ماريه قبطيه کي پاڻ وٽ رکيو. اهو ربيع الثاني يا جمادي الاول سنه 8 هه جو واقعو آهي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن ملڪن جي بادشاهن کي جيڪي خط لکيا، انهن خطن سان اسلام جي بين الاقوامي دؤر جي شروعات ٿي. انهيءَ ڪري هن واقعي جي اهميت کي سامهون رکندي انهن خطن جو متن هيٺ لکجي ٿو.

## پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هرقل روم جي نالي تي لکيل خط

پاڻ ڪريم ﷺ جن 6 هه ۾ حديبيه کان واپس ٿيڻ تي هرقل جي نالي هڪ خط لکيو جيڪو  کيس سنه 7 هجري جي محرم مهيني ۾ مليو. پاڻ اهو خط حضرت دحيه ڪلبيؓ کي ڏئي موڪليو هئائون ۽ کين فرمايائون ته پاڻ اهو خط بصره جي حاڪم کي پهچائن ته جيئن هو اڳتي هرقل تائين انهيءَ کي پهچائي. اهو حاڪم حارث نالي غسان جو بادشاهه هو. هرقل بادشاهه اها باس باسي هئي ته جيڪڏهن هو فارس (ايران) وارن تي سوپارو ٿيو ۽ انهن کي پنهنجي ملڪ مان ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيو ته هو شڪرانو ادا ڪرڻ لاءِ پيرين پنڌ بيت المقدس جي زيارت ڪندو. اهڙيءَ طرح هو 628ع (7هه) جي ڪَتي واري مند ۾ پنهنجي باس پوري ڪرڻ لاءِ بيت المقدس ڏانهن روانو ٿي ويو. ان جي سفر دوران ئي بصري جي حاڪم پاڻ ڪريم ﷺ جن جو خط مبارڪ کيس پهچايو. جڏهن حضرت دحيه ڪلبي حارث وٽ پهتو ته هن عدي بن حاتم کيس گڏي ڏنو ته جيئن هو کيس هرقل تائين پهچائي. انهيءَ مبارڪ خط جو متن هن طرح هو:


Sindhica Academy, Karachi

بسم الله الرحمٰن الرحيم

**من محمد رسول الله ﷺ الى هرقل عظيم الروم والسلام علىٰ من اتبع هدىٰ اما بعد- اسلم تسلم يؤتك الله اجرك مرتين وان تتول فان اثم الارثيين عليك**

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان شروع

”محمد رسول الله جي طرف کان روم جي بادشاهه هرقل جي نالي. جنهن هدايت واري واٽ ورتي تنهن تي سلام هجي. اما بعد، اسلام قبول ڪر، ڇوٽڪاري وارو ٿيندين. الله تعاليٰ توکي انهيءَ جو ٻيڻو اجر ڏيندو. پر جيڪڏهن اسلام کان منهن موڙيندين ته تنهنجي رعيت جو گناهه به تنهنجي ڪنڌ هوندو.“

حضرت عبدالله بن عباس کان روايت ٿيل آهي ته مونسان ابوسفيان بن حرب بيان ڪيو ته اسان واپاري قوم هئاسين ۽ اسان جي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي وچ ۾ ٿيندڙ جنگين اسان جي واپار کي ٺپ ڪري ڇڏيو هو، ايتري تائين جو اسان جو واپار ۾ لڳل سرمايو به ڦاسي پيو هو. حديبيه واري ناهه کان پوءِ جڏهن اسان جي ۽ رسول الله ﷺ جي وچ ۾ جنگ بنديءَ وارو معاهدو ٿيو، ته اسان پنهنجو پاڻ کي پرامن محسوس ڪرڻ لڳاسين. انهيءَ ڪري مان اطمينان سان قريش واپارين جو هڪ قافلو وٺي شام ڏانهن راهي ٿيس. اسان جو ارادو غزه ۾ لڳندڙ واپاري منڊيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو هو. اسان اتي ان وقت پهتاسين جڏهن هرقل اتي ٻيهر پنهنجو قبضو ڄمائي ورتو هو جنهن تي هن کان اڳ فارس (ايران) وارن جو قبضو هو. هرقل وڏي جاکوڙ سان ايرانين کي اتان هڪالي ڪڍيو ۽ ٻيهر پنهنجو قبضو حاصل ڪري، انهن کان پنهنجي عظيم صليب واپس وٺي ورتو جيڪو انهن رومين کان کسي ورتو هو. جڏهن هرقل کي انهن سوڀن جي خبر پهتي ۽ پڻ اها به خبر پئي ته انهن جو صليب پڻ ايرانين کان واپس کسيو ويو آهي ته هو، جيڪو ان وقت حمص واري علائقي ۾ موجود هو، الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ جو ان سندس علائقو ۽ صليب واپس ڏياريو هو، پيرين پنڌ بيت المقدس جي زيارت جي لاءِ روانو ٿي ويو، ته جيئن اتي پهچي شڪراني جي نماز ادا ڪري ۽ اتي فرش وڇائي ۽ گل چاڙهي.

جڏهن هو بيت المقدس ۾ پهچي نماز مان واندو ٿيو ته ان وقت ان سان گڏ ان جا پادري ۽ روم جا وڏا وڏا سردار به هئا. هڪ ڏينهن صبح جو سوير ڏک پريو ٿي اٿيو ۽ آسمان ڏانهن وري وري ٿي ڏٺائين. انهيءَ تي هن جي پادرين کيس چيو ته اي سلطان، خدا جو قسم اڄ ته توهان صبح سوير ئي ڏکارا نظر پيا اچو؟ چيائين ته هائو، ڳالهه هيءَ آهي ته گذريل رات مون کي ڏيکاريو ويو ته


www.sindhsalamat.com

فتني وارو ظاهر ٿيڻ وارو آهي. پادري عرض ڪيو ته اسان اهڙي ڪنهن به قوم کي نٿا سڃاڻون جيڪا فتني باز هجي سواءِ يهودين جي، جڏهن ته اها قوم اڳي ئي توهان جي قبضي ۾ رعيت ۾ شامل آهي. باقي توهان جي اُلڪي جي لاءِ تدبير اها آهي ته توهان پنهنجي قبضي هيٺ آيل علائقن جي وڏيرن ۾ سردارن کي اهو حڪم ڏياري موڪليو ته انهن جي علائقن ۾ جيترا به يهودي رهندڙ هجن، تن سڀني جون منڍيون لهرائي ڇڏين. اهڙيءَ طرح توهان جو اهو اُلڪو ۽ پريشاني ختم ٿي ويندي. اهي ماڻهو اڃا هرقل جي اڳيان اهي تجويزون پيش ڪري ئي رهيا هئا جو بصره جي واليءَ جو هڪ قاصد هڪ عرب کي ساڻ وٺي هرقل وٽ پهتو. ان وقت جو رواج اهو هو ته ملڪن جا بادشاهه پاڻ وٽ پهچندڙ نئن خبرن چارن جي ڏيتي ليتي ڪندا رهندا هئا. اهڙيءَ طرح قاصد عرض ڪيو ته اي بادشاهه! هيءُ ماڻهو عرب جو ٻڪرار آهي ۽ پنهنجي ملڪ ۾ هڪ نئين ۽ عجيب قسم جي واقعي جي ظاهر ٿيڻ جي خبر ٻڌائي ٿو. توهان انهيءَ باري ۾ هن کان پڇا ڳاڇا ڪريو. جڏهن بصري جي والي وٽان آيل قاصد انهيءَ ماڻهوءَ کي هرقل جي اڳيان پيش ڪيو ويو ته هرقل پنهنجي ترجمان کي چيو ته هن کان پڇا ڪر ته هن جي ملڪ ۾ ڪهڙي نئين ڳالهه ٿي آهي؟ ترجمان جڏهن هن کان پڇا ڪئي ته هن جواب ۾ چيو ته اسان مان هڪڙو ماڻهو ظاهر ٿيو آهي جيڪو انهيءَ ڳالهه جي دعويٰ ڪري ٿو ته هو الله تعاليٰ جو موڪليل پيغمبر آهي. ڪن ماڻهن هن جي ڳالهه کي مڃي ورتو ۽ سندس اطاعت اختيار ڪئي ۽ ڪن وري ان جي مخالفت ڪئي ۽ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي پيا. ٻنهي ٽولن جي وچ ۾ ڪيترين ئي جنگين به لڳنديون رهنديون آهن. مان انهن کي انهيءَ ئي حال ۾ ڇڏي آيو آهيان. جڏهن هن اها خبر ٻڌائي ته بادشاهه حڪم ڏنو ته هن کي اگهاڙو ڪريو. جڏهن ڪيس اگهاڙو ڪيو ويو ته هن جو طُهر ٿيل هو. تڏهن هرقل چيو ته الله جو قسم هيءُ اهو ئي آهي جيڪو مون کي خواب ۾ ڏيکاريو ويو آهي، نه اهو جنهن جي باري ۾ توهان چئي رهيا آهيو (يعني يهودي). هن کي سندس ڪپڙا موٽائي ڏيو. ان کان پوءِ ڪوتوال کي گهرائي ڪيس حڪم ڏنو ته سڄي شام ملڪ ۾ ڳولا ڪري ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي وٺي اچو جيڪو انهيءَ نبيءَ جي قوم وارن مان هجي.

ابوسفيان جو بيان آهي ته الله جو قسم اسان ان وقت غزه ۾ هئاسين جو ڪوتوال اسان کي سوگهو ڪيو ۽ چيو ته ڇا توهان انهيءَ نبيءَ جي قوم وارن مان آهيو جيڪو حجاز ۾ ظاهر ٿيو آهي؟ اسان چيو ته هائو. هن چيو ته پوءِ توهان اسان سان گڏجي اسان جي بادشاهه وٽ هلو. اهڙيءَ طرح اسان هن سان


Sindhica Academy, Karachi

گڏ هلي پياسين. جڏهن اسان بادشاهه وٽ پهتاسين ته هن پڇيو ته ڇا توهان انهيءَ ماڻهوءَ جي قوم مان آهيو جيڪو نبوت جي دعويٰ ڪري ٿو؟ اسان چيو ته هائو. چيائين ته توهان مان ڪهڙو ماڻهو مٽيءَ ۾ ان کي سڀ کان وڌيڪ ويجهو آهي؟ مون چيو مان ئي ان کي سڀ کان وڌيڪ ويجهو آهيان.

ابوسفيان جو بيان آهي ته الله جو قسم! مون ڪڏهن به ڪنهن اڻ طهريل ماڻهو يعني هرقل کان وڌيڪ ڪنهن کي تيز فهم ۽ عقلمند نه ڏٺو.

هن مون کي چيو ته منهنجي ويجهو ٿيءُ. پوءِ مون کي پنهنجي سامهون ۾ منهنجي ساٿين کي منهنجي پويان ويهاري ڇڏيو. ان کان پوءِ منهنجي سنگتين کي چيائين ته مان هن کان سوال ڪندس. جيڪڏهن ڪٿي به هي ڪوڙ ڳالهائي ته توهان يڪدم انهيءَ جي ترديد ڪجو. خدا جو قسم! جيڪڏهن مان ڪوڙ ڳالهايان به ها ته به منهنجا سنگتي منهنجي ترديد نه ڪن ها، پر جيئن ته مان پنهنجي قوم جو سردار هئس، تنهن ڪري مان ڪوڙ ڳالهائڻ کان پاسو ڪندو هئس. مان اهو به سمجهي ويس ته سؤلي ڳالهه اها ٿيندي ته جيڪڏهن مون هتي ڪوڙ ڳالهائي ورتو ته منهنجا سنگتي انهيءَ ڳالهه کي ياد رکندا ۽ واپس موٽي منهنجي ڪوڙ هڻڻ وارين ڳالهين جا قصا ٻڌائيندا. انهيءَ خيال کان مون ڪوڙ نه ڳالهايو. ان کان پوءِ هرقل سوال ڪيو ته مون کي انهيءَ ماڻهوءَ جي باري ۾ ٻڌاءِ جيڪو توهان ۾ ظاهر ٿيو آهي ۽ هڪ نئين دعويٰ ڪري ٿو.

ابوسفيان چوي ٿو ته مون پاڻ ڪريم ﷺ جي شان کي هرقل جي سامهون حقير ۽ ان جي دعويٰ کي خسيس ڪري پيش ڪرڻ شروع ڪيم ۽ کيس ٻڌايم ته اي بادشاهه! توهان جو انهيءَ ۾ ڇا وڃي؟ ان جو شان توهان جي وڏي مرتبي کان گهٽ آهي، پر هرقل هڪ اهڙو ماڻهو هو جنهن جو انهن ڳالهين ۾ ڌيان ئي نه ويو. پوءِ هن چيو ته مان انهيءَ ماڻهوءَ جي باري ۾ تو کان جيڪو به سوال ڪريان ته تون رڳو مونکي انهيءَ ئي سوال جو جواب ڏي. مون چيو ته تنهنجي جي مرضي آهي، جيڪو وڻيو سوال ڪريو. ان کان پوءِ اسان جي وچ ۾ هي سوال جواب ٿيا:

هرقل: توهان مان انهيءَ جو ٻڻ ٻڌياد ڪيئن آهي؟

ابوسفيان: هو ٻڻ ٻڌياد جي لحاظ کان اسان سڀني ۾ نج ۽ عزتدار آهي.

هرقل: ڇا ان جي خاندان مان هن کان اڳ به ڪنهن اهڙي قسم جي ڪا دعويٰ ڪئي هئي، جهڙي دعويٰ هي ڪري ٿو، جنهن مان سمجهه ۾ اچي ته هو انهيءَ جو نقل ڪري رهيو آهي؟

ابوسفيان: نه


www.sindhsalamat.com

هرقل: ڇا هن ماڻهوءَ جي ڪا جاگير هئي، جنهن کي توهان ڦٻائي ويا هجو جنهن مان معلوم ٿئي ته هن پنهنجي انهيءَ ڦٻايل جاگير کي هٿ ڪرڻ لاءِ اهڙي قسم جي دعويٰ ڪئي هجي؟

ابوسفيان: نه

هرقل: توهان مان هن جا پوئلڳ ڪير ۽ ڪهڙي طبقي جا ماڻهو آهن؟

ابوسفيان: پوڙها، مسڪين، ڳڀرو جوان ۽ زائفون ان جا پوئلڳ آهن. پر ان جي قوم جي عزتدار ۽ وڏي عمر وارن ماڻهن مان ڪنهن به پوئلڳي نه ڪئي آهي.

هرقل: ڇا اهڙو ماڻهو جيڪو ان جو پوئلڳ بڻجي ٿو سو ساڻس محبت ڪري ٿو ۽ پابنديءَ سان ان سان سلهاڙيل رهي ٿو يا وري ڪجهه وقت کان پوءِ ان کي ڇڏي جدائي اختيار ڪري ٿو وڃي؟

ابوسفيان: اڄ تائين اهڙي ڪا ڳالهه نه ٿي آهي ته ڪنهن مٿس ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪيس ڇڏي ڏنو هجي.

هرقل: توهان جي ۽ ان جي وچ ۾ ٿيل جنگين جو ڪهڙو نتيجو نڪتو آهي؟

ابوسفيان: جنگ ۾ اسان برابر رهندا آهيون. ڪڏهن هو اسان تي سوڀارو ٿي ويندو آهي ۽ ڪڏهن وري اسان مٿس سوڀارا ٿيندا آهيون.

هرقل: ڇا هو ڪا واعدي خلافي ڪندڙ يا معاهدو ٽوڙيندڙ آهي؟

ابو سفيان: (چوي ٿو ته ڪنهن به سوال جي جواب ۾ مون کي پاڻ ﷺ جي خلاف ڳالهائڻ يا ڪو اشارو ڪرڻ جو موقعو نه ملي سگهيو سواءِ انهيءَ سوال جي. مون جواب ڏنو ته) هن وقت تائين ته هن ڪنهن به قسم جي واعدي خلافي نه ڪئي آهي، پر اڄڪلهه هن سان اسان جي جنگبنديءَ جو معاهدو ٿيو آهي. اسان نٿا چئي سگهون ته اڳتي لاءِ هنن جو رويو ڇا هوندو.

ابو سفيان چوي ٿو ته الله جو قسم! هرقل منهنجي انهيءَ ڳالهه تي ترجيترو به ڌيان نه ڏنو. ان کان پوءِ هن سوال ڪرڻ بند ڪيا ۽ مون سان هن طرح سان ڳالهائڻ جو سلسلو جاري رکيو.

هرقل چيو ته مون جو توکان سوال ڪيو ته ان جو بڻ بڻياد ڪيئن آهي ته تو جواب ڏنو ته هو بڻ بڻياد ۾ نج ۽ تمام ئي شريف ۽ عزتدار آهي؛ الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن کي نبي بڻائيندو آهي ته ان کي اهڙن ئي ماڻهن مان چونڊيندو آهي جيڪو پنهنجي قوم ۾ تمام ئي اعليٰ بڻ بڻياد وارو هجي. وري مون توکان سوال ڪيو ته ڇا ان جي گهراڻي ۾ هن کان اڳ به ڪنهن اهڙي قسم جي


Sindhica Academy, Karachi

دعويٰ ڪئي هئي جنهن جو هي نقل ڪري رهيو هجي، تو جواب ڏنو ته اهڙي ڪا ڳالهه نه آهي. وري مون سوال ڪيو ته توهان جي علائقي ۾ ان جي اهڙي ڪا جاگير آهي ڇا جيڪا توهان ڦٻائي ويا هجو ۽ هاڻي هن اهي نيون ڳالهيون شروع ڪري ڏنيون هجن ته جيئن انهن ڳالهين جي دٻاءَ ۾ اچي توهان کيس ان جي جاگير واپس ڪري سگهو، ته ان جي جواب ۾ تو اهڙي ڪنهن ڳالهه جو به انڪار ڪيو. ان کان پوءِ مون توهان کان سندس جي پوئلڳن جي باري ۾ سوال ڪيو ته تو ٻڌايو ته ان جا پوئلڳ هيڻا، مسڪين، ڳڀرو جوان ۽ زائفون آهن. حقيقت هيءَ آهي ته نبين جا پيروڪار سدائين اهڙي ئي قسم جا ماڻهو هوندا آهن. اڳتي مون توکان سوال ڪيو ته ڇا ان جا پوئلڳ ساڻس محبت ڪن ٿا ۽ ان سان واڳيل رهن ٿا يا ڪجهه وقت کان پوءِ ان کي ڇڏي جدا ٿي وڃن ٿا؟ تو انهيءَ جي جواب ۾ ٻڌايو ته ان جا پوئلڳ کيس ڇڏي نٿا وڃن ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين ساڻس وفادار رهن ٿا. حقيقت اها آهي ته ايمان جي چاشني اهڙي ئي هوندي آهي جو جڏهن اهو ڪنهن جي دل ۾ لهي وڃي ته پوءِ اهو نڪري نه سگهندو آهي.

وري مون توکان سوال ڪيو ته ڇا هو ڪڏهن واعدي خلافي ڪري ٿو، تو چيو ته نه؛ سو ٻڌي ڇڏيو ته جيڪڏهن هو سيني ڳالهين ۾ سچو آهي جيڪي تو مونسان بيان ڪيون آهن ته پڪ سان هو هڪ ڏينهن منهنجي پيرن هيٺان آيل زمين تي به هڪ ڏينهن قابض ٿي ويندو. منهنجي دل جي تمنا هئي ته مان ان جي خدمت ۾ حاضر ٿي ان جا پير ڌوئان ها. سو هاڻي توهان وڃي سگهو ٿا.

ابو سفيان چوي ٿو ته مان اتان اٿي روانو ٿيس ۽ پنهنجي هڪ هٿ تي ٻيو هٿ هڻي رهيو هئس ۽ چئي رهيو هئس اي الله جا ٻانهؤ! ابن ابي ڪبشه[1] جو معاملو ايتري تي عظمت اختيار ڪري ورتي آهي جو بنو اصفر جا سلطان به پنهنجي شامي حڪومت تي سندس سوڀ جي تصور کان ڊڄن ٿا.

راوي جو بيان آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جو خط مبارڪ جڏهن هرقل کي پيش ڪيو ويو ته هن انهيءَ کي عزت سان پنهنجي سامهون رکيو.

بخاري شريف جي روايت ۾ اچي ٿو ته جڏهن قيصر حمص پهتو ته روم

[1] ابو سفيان کان هڪ روايت ۾ آهي ته انهيءَ وقت کان مان حضرت محمد ﷺ کان خوف ۾ رهڻ لڳس ايتري تائين جو اسلام قبوليم. چيو وڃي ٿو ته ابن ابي ڪبشه آمنه بنت وهب، جيڪا پاڻ ڪريم ﷺ جي ماءُ هئي، جي ڏاڏي جو نالو هو. هو بتن جي پوڄا جي معاملي ۾ قريشن جي مخالفت ڪندو هو. انهيءَ ئي بنياد تي ابو سفيان پاڻ ڪريم ﷺ کي ابن ابي ڪبشه سڏيو.


www.sindhsalamat.com

جي سردارن کي پنهنجي محلات ۾ گهرايو، ان کان پوءِ ان جا دروازا بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ان کان پوءِ ميڙ ڏانهن منهن ڪري چيائين ته اي روميو! جيڪڏهن توهان پنهنجي ترقي، خوشحالي ۽ هدايت گهرو ٿا، ان سان گڏوگڏ جيڪڏهن توهان پنهنجي ملڪ کي بچائڻ گهرو ٿا ته انهيءَ پيغمبر جي پيروي اختيار ڪريو.

اهو ٻڌي اهي ماڻهو وحشي جانورن وانگرن ڏمرجي دروازن ڏانهن ڀڄڻ لڳا، پر جڏهن انهن دروازا بند ڏٺا ته چوڻ لڳا ته ڇا تون اسان کي عيسائيت ڇڏڻ ۽ هڪ دهقاني غلام جي تابعداري جي صلاح ڏئين ٿو؟ جڏهن هرقل انهن جي ڏڪار جو اهو حال ڏٺو ۽ انهن جي ايمان آڻڻ کان مايوس ٿي ويو ته چوڻ لڳو ته انهن سمورن کي موڏانهن موٽائي وٺي اچو. ان کان پوءِ انهن کي آٿت ڏنائين ته مون اها ڳالهه رڳو انهيءَ خيال کان چئي هئي ته انهيءَ سان توهان جي پنهنجي دين تي پابنديءَ جي شدت کي جاچي وٺان، سو مون توهان جي مذهبي پختگي ڏسي ورتي. اهو ٻڌي ويٺلن ان جي سامهون تعظيمي سجدو ادا ڪيو ۽ ان کان راضي ٿي ويا. ان کان پوءِ هرقل به اسلام قبول نه ڪيو.

سموريون ڏاريون لکڻيون انهيءَ ڳالهه ٻولهه جو انڪار ڪن ٿيون، جيڪا هرقل ۽ ابو سفيان جي وچ ۾ ٿي جنهن مان ان جي اسلام سان رغبت ڏانهن خبر پئجي ٿي. انهن جو خيال آهي ته جيئن ته هو هڪ پڪو عيسائي ۽ مذهب جو پابند هو، انهيءَ ڪري هن بنسبت اهڙي قسم جو ڪو به تصور نٿو ڪري سگهجي ته هن ابوسفيان سان اهڙي قسم جي ڪا ڳالهه ٻولهه ڪئي هوندي ته جيڪو ڪجهه تو بيان ڪيو آهي جيڪڏهن اهو صحيح آهي ته هو سوڀارو ٿي منهنجي پيرن هيٺان واري زمين تائين پهچندو ۽ منهنجي هيءَ خواهش آهي ته جيڪر مان پاڻ ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿي سندن پير ڌوئان ها. اها ڳالهه به عقل کان مٿي نظر اچي ٿي ته هن پنهنجي قوم کي عيسائيت ڇڏي پاڻ ڪريم ﷺ جي تابعداريءَ لاءِ چيو هجي، جڏهن ته هو ان وقت عيسائيت جو سردار هو ۽ فارس وارن (ايرانين) کان پنهنجي عظيم الشان صليب کا واپس وٺڻ جي لاءِ پنهنجي سنگتين سان صلاحن ۾ رُڌل هو.



Sindhica Academy, Karachi

# پاڻ ڪريم ﷺ جو حارث بن ابي شمر غساني جي نالي تي لکيل خط مبارڪ

حارث بن ابي شمر غساني قيصر روم جي طرف کان دمشق جو حاڪم هو. پاڻ ڪريم ﷺ جن شجاع بن وهب اسدي رضي الله عنه کي ڏانهنس پنهنجي خط مبارڪ ڏئي موڪليو هو جنهن جو مضمون هن طرح هو:

بسم الله الرحمٰن الرحيم

من محمد رسول الله الى الحارث بن ابي شمر. سلام على من اتبع الهدیٰ و

اٰمن بالله فانى ادعوك الى ان تؤمن بالله وحده لا شريك له يبق ملكك

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان شروع

”محمد رسول الله ﷺ جي طرف کان حارث بن ابي شمر جي نالي.
سلام هجي انهيءَ تي جنهن هدايت واري واٽ ورتي ۽ الله تي ايمان آندو. سو مان توکي اڪيلي الله تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏيان ٿو جنهن جو ڪو به ڀائيوار نه آهي. جيڪڏهن فرمانبرداري ڪندين ته تنهنجو ملڪ سلامت رهندو.“

حضرت شجاع فرمائي ٿو ته مان جڏهن اتي پهتس ته مون ان کي قيصر جي دعوت جي تياري ۾ رُڌل ڏٺو جيڪو فارس وارن تي سوڀارو ٿيڻ تي الله تعاليٰ جو شڪرانو ادا ڪرڻ لاءِ حمص کان بيت المقدس پهتو هو. مان غسانيءَ جي در تي ٽي چار ڏينهن ٽڪيل رهيس. پوءِ مون ان جي دربان کي چيو ته مان حضرت رسول الله ﷺ جو قاصد آهيان ته دربان چيو ته تون ان تائين پهچي نٿو سگهين جيستائين جو هو فلاڻي فلاڻي ڏينهن، جيڪي هن جي ٻاهر نڪرڻ جا ڏينهن آهن، پنهنجو پاڻ ٻاهر نه اچي. پوءِ اهو دربان مون کان پاڻ ڪريم ﷺ جي ذاتي زندگي ۽ دعوت جي باري ۾ پڇڻ لڳو. مان ان کي ٻڌائيندو ٿي ويم ۽ هو نرم ٿيندو ٿي ويو ايتري تائين جو هو روئڻ لڳو ۽ چيائين ته مون انجيل پاڪ ۾ جيڪو ڪجهه پڙهيو آهي، انهيءَ موجب مان انهيءَ نبيءَ ۾ اهي ئي وصفون ڏسان ٿو. منهنجو خيال هو ته هو شام ملڪ ۾ ظاهر ٿيندو، پر سمجهه ۾ اچي ٿو ته هو عرب جي ملڪ ۾ ظاهر ٿيو آهي. سو مان انهيءَ تي ايمان آڻيان ٿو ۽ ان جي تصديق ڪريان ٿو، پر مونکي خوف آهي ته حارث بن ابي شمر مونکي انهيءَ ڳالهه تي ماري ڇڏيندو. اهو دربان رومي هو ۽ ان جو نالو مري هو. هو منهنجي وڏي عزت ۽ مهماني ڪرڻ لڳو. هن مون کي حارث جي طرف



www.sindhsalamat.com

ڪان مايوس ڪري ڇڏي ۽ چيو ته هو قيصر کان ڊڄندو آهي.

هڪ ڏينهن حارث پنهنجي مٿي تي تاج رکي ٻاهر نڪتو ته مونکي ان جي سامهون پيش ڪيو ويو. مون هن کي پاڻ ڪريم ﷺ جو ڏنل خط ڏنو. هن انهيءَ کي پڙهي اڇلائي ڇڏيو ۽ چوڻ لڳو ته مون کان منهنجو ملڪ ڪير ڪسي سگهي ٿو؟ مان پاڻ هلي وڃي ان جو مقابلو ڪندس. جيڪڏهن هو يمن ۾ هوندو ته مان اتي وڃي به هن جو مقابلو ڪندس. هن حڪم ڏنو ته لشڪر تيار ڪيو وڃي ۽ هو سڄي رات پنهنجو پاڻ انتظام ڪندو رهيو. گهوڙن کي نعلون لڳائڻ جو حڪم ڏنائين. ان کان پوءِ شجاع کي چيائين ته تون جيڪو ڪجهه هتي ڏسي رهيو آهين تنهن جو وڃي ڪري پنهنجي سردار کي ٻڌاءِ. ٻئي پاسي هن قيصر ڏانهن خط لکي منهنجي باري ۾ ٻڌايو جيڪو ان کي بيت المقدس ۾ مليو. ان وقت حضرت دحيه اجا اتي موجود هو، جنهن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن قيصر ڏانهن موڪليو هو. جڏهن قيصر حارث جو خط پڙهيو ته ان کي لکيو ته پيغمبرن ڏانهن لشڪر وٺي روانو ڪڏهن به نه ٿيءُ. اهو خيال دل مان ڪڍي ڇڏ ۽ مون سان اچي بيت المقدس ۾ ملي وڃ. جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن کي حارث جي گستاخيءَ جي خبر ملي ته پاڻ فرمايائون ته ”هن جو ملڪ تباهه ٿيو “. انهيءَ مان خبر پوي ٿي ته هن اسلام نه قبوليو هو.

## فارس جي بادشاهه خسرو ڏانهن پاڻ ڪريم ﷺ جو خط مبارڪ

پاڻ ڪريم ﷺ جن خسرو پرويز بن هرمز کي به خط لکيو ۽ حضرت عبدالله بن حذافه سهمي رضي الله عنه کي خط مبارڪ ڏئي ڪري روانو ڪيو، جو جو ان جي خسرو پرويز وٽ گهٽي اچ وڃ هوندي هئي. خط جو مضمون هن طرح هو:

بسم الله الرحمٰن الرحيم

من محمد رسول الله ﷺ الی کسری عظیم فارس اسلام علی من اتبع الهدیٰ و امن بالله و رسوله و شهد ان لا اله الا الله و انی رسول الله ﷺ الی الناس کافة لینذر من کان حیا. اسلم تسلم فان ابیت فعلیك اثم المجوس.


Sindhica Academy, Karachi

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان شروع

”محمد رسول الله ﷺ جي طرف کان خسرو، فارس جي بادشاهه ڏانهن. سلام هجي ان تي جنهن هدايت واري واٽ ورتي ۽ الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آندو ۽ انهيءَ ڳالهه جي شاهدي ڏني ته الله کان سواءِ ٻيو ڪوبه معبود نه آهي ۽ اها ڳالهه ته مان سمورن انسانن ڏانهن الله تعاليٰ جي طرف کان پيغمبر ڪري موڪليو ويو آهيان ته جيئن هر جيئري انسان کي پنهنجي عذاب کان ڊيڄاري. اسلام قبول ڪر ته امن وارو ٿيندين پر جي انڪار ڪندين ته پوءِ تنهنجي سموري مجوس قوم جي گناهه جو بار به تنهنجي ڪنڌ هوندو.

خسرو پاڻ ڪريم ﷺ جي خط مبارڪ کي ڦاڙي ڇڏيو. انهيءَ تي رسول الله ﷺ جن فرمايو: ”الله تعاليٰ هن جي ملڪ جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندو.“

انهيءَ خط جي سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن انهيءَ ۾ لکرايو ته ”مان سمورن انسانن ڏانهن الله تعاليٰ جو موڪليل رسول آهيان.“ انهيءَ جملي مان مستشرقين وغيره جي انهيءَ دعويٰ جي ترديد ٿئي ٿي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن رڳو عرب وارن ڏانهن رسول ڪري موڪليا ويا هئا.

الله تعاليٰ جو اهو ارشاد به انهيءَ ڳالهه جي تائيد ڪري ٿو:

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَاۗفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨﴾ (سبا: 28)

”اسان توکي سمورن انسانن ڏانهن خوشخبري ڏيندڙ ۽ الله تعاليٰ کان ڊيڄارڻ وارو ڪري موڪليو آهي، پر ڪيترائي ماڻهو آهن جيڪي انهيءَ حقيقت کي نٿا سمجهن.“

خسرو نه رڳو خط مبارڪ ڦاڙيو، پر يمن ۾ پنهنجي مقرر ڪيل هڪ گورنر باذان کي لکي موڪليو ته پنهنجي ٻن دلير ماڻهن کي حجاز جي انهيءَ ماڻهوءَ وٽ موڪل ته جيئن اهي ڪيس پڪڙي مون وٽ وٺي اچن. ائين باذان بابويہ نالي پنهنجي ماليات جي سيڪريٽري کي جيڪو ان جو وڏو منشي پڻ هو ۽ حڪومت جي خرچن ۽ آمدنيءَ جو حساب ڪتاب لکندو هو: ۽ ان سان گڏ خر خسره نالي هڪ پارسي ماڻهو کي پاڻ ﷺ جي نالي هڪ خط لکي موڪليو جنهن ۾ پاڻ ﷺ کي حڪم ڏنو ويو هو ته توهان هنن ٻنهي ماڻهن سان گڏ يڪدم خسرو جي دربار ۾ حاضر ٿيو.


www.sindhsalamat.com

بابويہ کي وري اها خاص هدايت ڪيائين تہ انهيءَ ماڻهوءَ جي شهر پهچي پهريان ان سان ڳالهہ ٻولهہ ڪر ۽ مون کي انهيءَ جو حال احوال ڏي. اهي ٻئي گڏجي طائف پهتا. اتي هنن طائف جي پلي زمين ۾ قريش جي ڪجهہ ماڻهن کي ڏٺو ۽ انهن کان پاڻ ڪريم ﷺ جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪئي تہ انهن کين ٻڌايو تہ پاڻ مديني ۾ آهن.

طائف وارا انهن ٻنهي ماڻهن جي اچڻ تي ڏاڍا سرها ٿيا ۽ هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيون ۽ چوڻ لڳا تہ خوش ٿيو جو شهنشاهہ خسرو ان جو دشمن ٿي پيو آهي. سو هاڻي هو توهان جي طرف کان انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ ڪافي آهي ۽ اهي ٻئي قاصد اتان روانو ٿي پاڻ ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان بابويہ هيءَ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي.

بابويہ: شهنشاهہ خسرو شاهہ باذان ڏانهن حڪم موڪليو آهي تہ هو اهڙي ماڻهوءَ کي توهان ڏانهن موڪلي جيڪو توهان کي ان جي خدمت ۾ حاضر ڪري سگهي. هن مونکي توهان ڏانهن موڪليو آهي تہ جيئن توهان مونسان گڏجي ان جي خدمت ۾ هلو. جيڪڏهن توهان ائين ڪندا تہ باذان شهنشاهہ وٽ توهان جي حق ۾ اهڙي سفارش ڪندو جنهن سان توهان کي فائدو ٿيندو ۽ اهڙي طرح توهان شهنشاهہ جي ڪنهن بہ نقصان کان محفوظ ٿي ويندؤ. پر جيڪڏهن توهان گڏجي هلڻ کان انڪار ڪيو تہ پوءِ توهان سمجهي ويا هوندؤ تہ هو ڪير آهي. هو توهان کي ۽ توهان جي سموري قوم کي تباهہ ڪري ڇڏيندو ۽ توهان جي ملڪ کي برباد ڪري ڇڏيندو.

اهي ماڻهو پاڻ ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ ڪجهہ اهڙي حليي سان حاضر ٿيا هئا جو انهن جون ڏاڙهيون ڪوڙيل هيون ۽ شهپر وڌيل هئا. پاڻ انهن ڏانهن منهن ڪري ڳالهائڻ بہ پسند نہ فرمايو ۽ فرمايائون تہ توهان تي افسوس آهي، توهان کي اهڙي صورت اختيار ڪرڻ جو ڪنهن حڪم ڏنو آهي؟ انهن جواب ڏنو تہ اسان جي مالڪ (يعني خسرو) حڪم ڏنو آهي. پاڻ جواب ۾ فرمايائون: پر مون کي منهنجي مالڪ تہ ڏاڙهي وڌائڻ ۽ شهپر ننڍا ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي. پوءِ فرمايائون، هاڻي توهان موٽي وڃو، سڀاڻي مون وٽ اچجو. انهيءَ وچ ۾ پاڻ ڪريم ﷺ وٽ آسماني وحي جي وسيلي اها خبر ملي تہ خسرو تي الله تعاليٰ ان جي پٽ شيرويہ کي ڇڏيو آهي ۽ هن پنهنجي پيءُ کي فلاڻي مهيني جي فلاڻي رات فلاڻي وقت ماري ڇڏيو آهي.

واقدي جو بيان آهي تہ شيرويہ پنهنجي پيءُ خسرو کي ڏهہ جمادي الاول سنہ 7 هہ اڱاري جي رات جو اڌ رات کان پوءِ قتل ڪري ڇڏيو هو. ائين پاڻ ڪريم ﷺ


Sindhica Academy, Karachi

جن انهن ٻنهي قاصدن کي گهرائي انهيءَ واقعي جي خبر ٻڌائي تہ هنن ڇيو تہ توهان کي خبر آهي تہ توهان ڇا چئي رهيا آهيو؟ اسان انهيءَ بيچڙي خبر تي توهان کان پڇاڻو ڪنداسين. ڇا اسان توهان جي حوالي سان اها ڳالهہ لکي ڪري بادشاهہ (باذان) تائين پهچايون؟ پاڻ فرمايائون تہ ضرور توهان پنهنجي بادشاهہ تائين اها خبر لکي موڪليو ۽ هن ڏانهن اها ڳالهہ بہ لکي موڪليو تہ منهنجو دين ۽ منهنجي حڪومت اتي بہ پهچندي جتي هن وقت خسرو جو راڄ آهي ۽ منهنجي حڪومت اتي بہ پهچندي جيستائين انسانن جا پيرَ ۽ جانورن جي کُرن جا نشان پهچندا ۽ پنهنجي بادشاهہ باذان کي اهو بہ چئجو تہ جيڪڏهن تون اسلام قبوليندين تہ جيڪا حڪومت هن وقت تنهنجي هٿ هيٺ آهي، انهيءَ کي تو وٽ ئي رهڻ ڏيندس ۽ اڳتي لاءِ بہ تنهنجي ئي قوم کي بادشاهت تي قائم رکندس. ان کان پوءِ پاڻ خر خسره کي هڪ ٿيلي عطا فرمائي جنهن ۾ سون ۽ چاندي هو جيڪا ڪنهن بادشاهہ پاڻ ﷺ جن کي تحفو ڪري موڪلي هئي.

اهي ٻئي قاصد پاڻ ڪريم ﷺ وٽان واپس موٽي باذان وٽ پهتا. انهن جون ڳالهيون ٻڌي هن چيو تہ خدا جو قسم اها ڳالهہ ٻولهہ ڪنهن بادشاهہ جي تہ نہ آهي. مان سمجهان ٿو تہ پاڻ پنهنجي دعويٰ موجب پڪ سان پيغمبر ئي آهن. هاڻي توهان پاڻ ﷺ جي ڏنل خبر جو انتظار ڪريو. جيڪڏهن خسرو جي قتل واري خبر سچي آهي تہ انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ پاڻ الله تعاليٰ جا پيغمبر آهن. پر جيڪڏهن اها ڳالهہ سچي نہ ٿي تہ پوءِ ئي اسان پاڻ ﷺ جي باري ۾ ڪا راءِ قائم ڪري سگهنداسين.

## باذان جو اسلام قبولڻ:

باذان جي ڳالهہ ٻولهہ اڃا ختم ئي نہ ٿي هئي جو شيرويہ جو هيٺيون فرمان ان وٽ پهتو:

جيئن تہ خسرو فارس جي تمام ئي عزتدار ماڻهن جو قتل عام ڪرايو ۽ انهن جي گهرن کي باهيون ڏياري ڇڏيون، انهيءَ ڪري فارس وارن کي انهيءَ تي سخت ڪاوڙ هئي جنهن ڳالهہ کي سامهون رکندي مون ان کي ماري ڇڏيو آهي. سو تون هاڻي پاڻ وٽ ماڻهن کان منهنجي فرمانبرداريءَ جو واعدو وٺ ۽ خسرو جنهن ماڻهوءَ (يعني رسول الله ﷺ) جي باري ۾ توڏانهن حڪم موڪليو هو، انهيءَ تي نظر رک ۽ جيستائين انهيءَ جي باري ۾ توکي مون وٽان ڪو ٻيو حڪم ملي، ڪنهن بہ قسم جي اڳرائي نہ ڪج.

جڏهن شيرويہ جو اهو فرمان باذان کي مليو تہ هو چوڻ لڳو تہ پڪ سان


www.sindhsalamat.com

اهو ماڻهو الله جو رسول آهي. ائين هن اسلام قبوليو ۽ يمن ۾ ان سان گڏ جيڪي بہ فارس وارا هئا تن بہ اسلام قبوليو. انهيءَ بنياد تي حمير قبيلي وارا انهيءَ همياڻي (پئسا ڏوڪڙ ڪٽڻ واري ڳوٿري) جي ڪري، جيڪا پاڻ ڪريم ﷺ جن خر خسرو کي عطا ڪئي هئي، انهيءَ لاءِ چوندا هئا تہ ”خسرو معجزي وارو آهي.“ حمير جي ٻوليءَ ۾ انهيءَ کي منطق معجزه سڏيو ويندو آهي. سو اڄ تائين ان جي اولاد انهيءَ ڳوٿريءَ جي نسبت سان خر خسره معجزي واري جي اولاد سڏي ويندي آهي.

بابويہ ڳالهائيندي شاهہ باذان کي اهو بہ چيو هو تہ مون اڄ تائين پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ انهيءَ ماڻهو (يعني رسول الله ﷺ) کان وڌيڪ دٻدٻي واري ماڻهو سان ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪئي آهي.

باذان سوال ڪيو تہ ڇا انهيءَ نبيءَ سان گڏ پوليس جو پهرو آهي؟ تہ هن چيو تہ بلڪل بہ نہ.

جڏهن باذان اسلام قبوليو تہ نبي ڪريم ﷺ جن ڪيس يمن جي علائقن جو حاڪم مقرر ڪري ڇڏيو. ان جي بيٺڪ صنعاء ۾ ٿي جيڪو شروع کان ئي ان جي گاديءَ جو هنڌ رهندو پئي آيو. هو پنهنجي حڪومت تي قائم رهيو. ايستائين جو حجة الوداع کان پوءِ وفات ڪري ويو. ان کان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ان جي پٽ مشهر بن باذان کي صنعاء جي علائقي جو بادشاهہ مقرر فرمايو ۽ هر علائقي تي هڪ اصحابيءَ کي حاڪم مقرر فرمايو.

پوءِ الله تعاليٰ حضرت عمر رضي الله عنه جي خلافت واري زماني ۾ خسرو جي سموري حڪومت، اتان جي خزانن ۽ سموري ڌن دولت تي مسلمانن جو اقتدار قائم فرمايو. اهڙي طرح الله تعاليٰ خسرو جي طاقت کي چڙوچڙ ڪري دعوت الي الله کي پورو ۽ ثابت ڪري ڇڏيو.

مسٽر نورٿ پنهنجي ڪتاب ’مختصر اسلامي تاريخ‘، ڇاپو 1934ع، صفحو 34 تي انهيءَ واقعي جو منڍ کان ئي انڪار ڪيو آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن روم جي شهنشاهہ ۽ ايران جي شهنشاهہ ڏانهن ڪو خط موڪليو هو. هن جو چوڻ آهي تہ انهيءَ واقعي جو ڪوبہ تاريخي بنياد نہ آهي. سچ اهو آهي تہ يورپ جي تاريخدانن اهڙيءَ طرح هر اسلام خبر، ايتري تائين جو تاريخي طور ثابت ٿيل حقيقتن جو بہ صاف انڪار ڪري ڇڏيو آهي.


Sindhica Academy, Karachi

## پاڻ ڪريم ﷺ جو قبط جي بادشاهہ مقوقس ڏانهن خط مبارڪ

(7هہ مطابق 628ع)

حضرت رسول الله ﷺ جن حاطب بن ابي بلتعہ رضي الله عنه کي مقوقس ڏانهن روانو فرمايو. انهيءَ جو قصو هن طرح آهي تہ حديبيہ کان واپسي تي پاڻ ﷺ جن فرمايو: ”اي ماڻهؤ! توهان مان ڪير آهي جيڪو منهنجو هيءُ خط مصر جي بادشاهہ وٽ کڻي وڃي جنهن جو ثواب ان کي الله تعاليٰ وٽان ملندو. اهو ٻڌي ڪري حضرت حاطب بن ابي بلتعہ رضي الله عنه بيهي رهيو ۽ عرض ڪيو تہ اي الله جا رسول، مان انهيءَ خدمت جي لاءِ حاضر آهيان. پاڻ فرمايائون، اي حاطب! الله تعاليٰ توکي برڪت ڏئي.“

خط جو مضمون هن طرح هو:

بسم الله الرحمٰن الرحيم

**من عبد الله و رسوله الى المقوقس عظيم القبط سلام على من اتبع الهدى، اما بعد فانى ادعوك بدعاية الاسلام اسلم تسلم يوتك الله اجرك مرتين فان توليت فعليك اثم كل القبط يا اهل الكتاب تعالوا الى كلمة سواءٍ بيننا و بينكم ان لا نعبد الا الله ولا نشرك به شيئا ولا يتخذ بعضنا بعضا اربابا من دون الله فان تولوا فقولوا اشهدوا بانا مسلمون.**

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان شروع

الله جي ٻانهي ۽ ان جي رسول جي طرف کان قبط جي بادشاهہ مقوقس جي نالي، جنهن هدايت واري واٽ ورتي ان تي سلامتي هجي. ان کان پوءِ مان توکي اسلام جي دعوت ڏيان ٿو، اسلام قبول ڪر تہ ڇوٽڪارو ماڻيندين ۽ الله تعاليٰ وٽان توکي ٻيڻو اجر ملندو ۽ جيڪڏهن تو انهيءَ کان منهن موڙيو تہ سموري قبطي قوم جو وبال بہ تنهنجي ڪنڌ هوندو. اي ڪتاب وارؤ انهيءَ ڪلمي ڏانهن اچو جيڪو توهان جي ۽ منهنجي وچ ۾ ساڳيو آهي، سو اهو تہ الله کانسواءِ ٻيو ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪنداسين ۽ نہ ئي ان سان ڪنهن کي شريڪ مقرر ڪنداسين ۽ نہ ئي اسان مان ڪو الله تعاليٰ کانسواءِ پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي پنهنجو پالڻهار بڻائينداسين. جيڪڏهن ٻئي ماڻهوءَ اها ڳالهہ نہ مڃن تہ تون چئو پڻو اعلان ڪري ڇڏ تہ اسان تہ الله تي ايمان آڻڻ وارا آهيون.


www.sindhsalamat.com

پاڻ ڪريم ﷺ انهيءَ خط مبارڪ تي پنهنجي مهر نبوت هڻي ڪري حضرت حاطب رضي الله عنه جي حوالي ڪري ڇڏيو.

(اهو خط مبارڪ هاڻي ترڪي جي آثار قديمه واري ڪاتي وٽ محفوظ آهي. چيو وڃي ٿو ته هن کان اڳ اهو خط مبارڪ هڪ فرانسيسي عالم ڪي سعيد پاشا اخميم جي ويجهو واري دؤر ۾ مصر جي ويجهو هڪ گرجا گهر مان مليو هو).

حضرت حاطب رضي الله عنه انهيءَ خط مبارڪ کي کڻي مديني کان روانو ٿي مصر جي شاهه مقوقس جي محلات وٽ پهتو. اتي بادشاهه موجود نه هو ته پاڻ ان وٽ اهو خط کڻي اسڪندريه پهتا ۽ کيس پاڻ ڪريم ﷺ جن جو خط مبارڪ پيش ڪيائون. هن انهيءَ خط کي پڙهي سيني سان لڳايو ۽ هاٿي جي ڏندن مان جوڙيل هڪ صندوقڙي ۾ رکيو ۽ ڪاتب کي گهرائي عربيءَ ۾ جواب لکرايو.

الی النبی صلی الله علیه وسلم

بسم الله الرحمٰن الرحيم، لمحمد بن عبدالله من المقوقس عظيم القبط سلام عليك اما بعد فقد قرات كتابك و فهمت ماذ كرت فيه وما تدعوا اليه وقد علمت ان نبيا قدبقى و قد كنت اظن انه يخرج بالشام

نبي ڪرم ﷺ جي نالي

”الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان شروع، قبط جي بادشاهه مقوقس جي طرف کان حضرت محمد بن عبدالله جي خدمت ۾ سلام عرض آهي. ان کان پوءِ مون توهان جو خط مبارڪ پڙهيو ۽ توهان جيڪو ڪجهه انهيءَ جي اندر ارشاد فرمايو آهي ۽ جنهن دين جي دعوت ڏني آهي مون انهيءَ کي چڱيءَ طرح سمجهيو. مون کي اها اڳي ئي خبر هئي ته هڪ نبي اچڻ وارو آهي، پر منهنجو خيال هو ته اهو شام ملڪ مان ظاهر ٿيندو.“

حضرت حاطب رضي الله عنه سان هو جنهن عزت ۽ احترام سان پيش آيو انهيءَ جو پاڻ ڪريم ﷺ جن سان ذڪر ڪيو ويو. روايت آهي ته مقوقس قاصد کي هڪ سئو دينار ۽ پنج وڳا ڪپڙا ڏنا. ان کان پوءِ هڪ ڏاهي ماڻهوءَ کي گهرائي عورتون آڻڻ جو حڪم ڏنو، جنهن وڏي ڳولا کان پوءِ سڄي مصر مان ماريا (مريم) ۽ ان جي ڀيڻ سيرين کان وڌيڪ سهڻي ٻي ڪا به عورت نه ڏٺي. اهي ٻئي مصر ملڪ جي انصنا نالي ڳوٺ ۾ رهندڙ ۽ حفن قبيلي سان تعلق رکندڙ هيون. مقوقس انهن ٻنهي کي پاڻ ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ تحفي جي طور تي روانو ڪيون. انهن سان گڏ هڪ خچر ۽ بنها واري علائقي جي ماکي پڻ


Sindhica Academy, Karachi

تحفي ۾ موڪلي ڏني. هڪ روايت ۾ اهو به اچي ٿو ته انهن شين کانسواءِ مصر جي ڪتان ريشم مان ٺهيل ويهه ڪپڙا، عطر عود ۽ مشڪ به تحفي ۾ موڪليا پر اسلام نه قبوليو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن ان جي انهن تحفن کي قبوليو ۽ ماريا کي پنهنجي لاءِ رکيو ۽ سيرين کي حضرت حسان بن ثابت کي تحفو ڪري ڏنو. اها ئي سيرين عبدالله بن حسان جي ماءُ هئي. خچر جو نالو دلدل هو جيڪو اڇي رنگ جو هو. عربن وٽ انهيءَ زماني ۾ انهيءَ جهڙو ٻيو ڪو خچر ڪونه هو. پاڻ ڪريم ﷺ جن بنها جي ماکيءَ ۾ برڪت جي دعا فرمائي. مقوقس نبي ڪريم ﷺ ڏانهن جيڪي تحفا موڪليا هئا، تن جي هڪ فهرست حفني ناصف بيگ مرحوم پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ هن طرح ڏني آهي.

1. هڪ ماريه بنت شمعون جنهن ماءُ روم ڄائي هئي.
2. ٻي ٻانهي سيرين هئي جيڪا سونهن ۾ ماريه کان گهٽ هئي.
3. ٽين ٻانهي جنهن جو نالو قيسر هو.
4. هڪ ڪاري شيدڻ ٻانهي جنهن جو نالو بريره هو.
5. هڪ شيدي غلام جنهن جو نالو هابو هو.
6. اڇي رنگ جو هڪڙو خچر جنهن جو نالو دلدل هو.
7. هڪ گهوڙو سنجن سميت جنهن جو نالو ميمون هو.
8. اڇي رنگ جو گڏهه جنهن جو نالو يعفور هو.
9. هڪ چوڪنڊي پيتي جنهن ۾ سرمي داڻي، ڪنگو، تيل جي شيشي، قينچي ۽ ڏندڻ رکيل هئا.
10. بنها جي ماکي
11. هڪ هزار مثقال سون.
12. مصر جا ريشمي ويهه ڪپڙا.
13. ڪجهه عود عطر ۽ مشڪ
14. شيشي جو پيالو.

چيو وڃي ٿو ته انهن تحفن ۾ هڪڙو حڪيم پڻ هو، پر پاڻ ڪريم ﷺ جن کيس فرمايو ته تون واپس پنهنجي گهر هليو وڃ، ڇاڪاڻ ته اسان بک لڳڻ کان اڳ نه کائيندا آهيون ۽ جڏهن کائيندا آهيون ته پيٽ ڀري نه کائيندا آهيون (جنهن ڪري نه ته بيمار ٿيندا آهيون ۽ نه ئي حڪيم جي ضرورت ٿيندي آهي).

مديني جي رستي ۾ ئي حضرت حاطب بن ابي بلتعه جي تبليغ جي بنياد تي ماريه ۽ سيرين، ٻنهي اسلام قبول ڪري ورتو هو.


www.sindhsalamat.com

## ماريہ قبطيہ:

ماريہ مديني ۾ 8 هجري ۾ پهتي هئي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن کي ماريہ تمام گهڻو پسند هئي. پاڻ اڇي رنگ ۽ اڇن وارن واري تمام ئي خوبصورت عورت هئي. پاڻ کين ۽ ان جي ڀيڻ سيرين کي حضرت ام سليم بنت ملحان جي گهر ۾ ٽڪايو. اهي ٻئي مسلمان ٿيون. پاڻ ماريہ سان ٻانهيءَ جي حيثيت ۾ همبستري فرمائي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن کي بنو نضير جي مالن مان جيڪا غنيمت حاصل ٿي هئي، پاڻ ماريا کي ٿوري عرصي لاءِ انهن زمينن ڏانهن موڪلي ڇڏيو. پاڻ گرمي ۽ ڪارڪن جي موسم ۾ اتي رهنديون هيون. پاڻ تمام ئي ديندار عورت هئي. پاڻ ﷺ جن ان جي ڀيڻ سيرين کي حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنه کي، جيڪو دربار نبوت جو شاعر هو، بخشش ڪري ڏني. ان جي پيٽ مان حضرت حسان بن ثابت جو پٽ حضرت عبدالله بن حسان پيدا ٿيو. جڏهن تہ ٻي بي ماريہ جي پيٽ مان پاڻ ڪريم ﷺ جن جو پٽ حضرت ابراهيم پيدا ٿيو. حضرت ماريہ حضرت عمر رضي الله عنه جي خلافت ۾ سن 16 هجري ۾ وفات ڪئي ۽ جنت البقيع قبرستان ۾ دفن ڪئي وئي. حضرت عمر رضي الله عنه پنهنجو پاڻ ماڻهن کي سنڌن جنازي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ گڏ ڪندا رهيا ۽ جنازي جي نماز بہ پاڻ ئي پڙهايائون.

## ابراهيم بن رسول الله ﷺ

جڏهن حضرت ابراهيم پيدا ٿيا تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن سنڌن ڄمڻ جي ستين ڏينهن هڪ ٻڪري ڪُهي سنڌن عقيقو ڪيو. ان جو مٿو ڪوڙايو ۽ وارن جي وزن جيتري چاندي مسڪينن ۽ غريبن ۾ ورهائي ۽ ان جي وارن کي زمين ۾ دفن ڪرايو. حضرت ماريہ جي دائي پاڻ ڪريم ﷺ جي ٻانهي سلميٰ هئي. هن وڃي پنهنجي مڙس ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي غلام ابو رافع کي ٻڌايو تہ حضرت ماريہ کي پٽ پيدا ٿيو آهي. اهو ٻڌي ابو رافع پاڻ ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ پهتو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن کي اها خوشخبري ٻڌائي. پاڻ انهيءَ خوشيءَ ۾ هن کي هڪ غلام دان ۾ عطا فرمايو. انهيءَ خبر تي پاڻ ڪريم ﷺ جي پاڪ ٻيبين کي ڏاڍي غيرت آئي ۽ هڪ ٻانهيءَ مان پاڻ ﷺ جي اولاد جو ڄمڻ انهن کي ڏاڍو ڏکيو لڳو. حضرت ابراهيم جي پيدائش ذي الحج مهيني سن 8 ھ مطابق اپريل 630ع ۾ عاليہ واري علائقي ۾ ٿي جيڪو مديني جي اوسي پاسي ۾ هڪ علائقو هو. انصاري عورتون هڪ ٻئي سان


Sindhica Academy, Karachi

ريس ڪرڻ لڳيون تہ ان کي کير پيارڻ جي خوشنصيبي ڪنهن جي حصي ۾ اچي ٿي. ائين پاڻ کين حضرت ام برده بن منذر بن زيد بن لبيد بن خداش بن عامر بن غنم بن عدي بن نجار جي حوالي ڪيو. ان جو مڙس براء بن اوس بن خالد رضي الله عنه هو. اهڙيءَ طرح انهيءَ عورت حضرت ابراهيم کي کير پياريو.

## پاڻ ڪريم ﷺ جو اصحمه نجاشي جي نالي تي خط مبارڪ

مسلمانن پهرين هجرت حبشہ ڏانهن ڪئي هئي جتي نجاشي انهن کي تمام ئي عزت ۽ احترام سان رکيو ۽ اتي رهندي اهي ماڻهو قريشن جي ظلمن کان حفاظت ۾ هئا. جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني ڏانهن هجرت فرمائي تہ حبشہ ڏانهن هجرت ڪرڻ وارن مان چاليهہ اصحابي مديني ڏانهن روانو ٿي اتي پاڻ ڪريم ﷺ جن سان وڃي مليا ۽ انهن مان پنجاهہ يا سٺ اصحابي سڳورا حبشہ ۾ ئي نجاشيءَ جي پناهہ ۾ رهيا.

عمرو بن ضميري رضي الله عنه کي پاڻ ڪريم ﷺ جن ٻہ خط مبارڪ ڏئي ڪري نجاشيءَ ڏانهن موڪليو هو. انهن مان هڪ خط مبارڪ ۾ پاڻ نجاشيءَ کي اسلام جي دعوت ڏني هئائون.

ٻئي جي لاءِ کين هدايت ڪئي هئائون تہ هو پاڻ ڪريم ﷺ جي طرف کان والي ٻڌجي حضرت ام حبيبہ سان رشتو ڪري پاڻ ﷺ جي نڪاح ۾ ڏئي. جنهن خط ۾ پاڻ کين اسلام جي دعوت ڏني هئائون تنهن جي متن (Text) ڪجهہ هن طرح هو:

بسم الله الرحمٰن الرحيم

من محمد رسول الله ﷺ الى نجاشى الاصحم ملك الحبشة. سلم انت فانى احمد اليك الله الملك القدوس السلام المهيمن و اشهد ان عيسى ابن مريم روح الله و كلمة القاها الى مريم البتول الطيبة الحصنة فحملت بعيسى من روحه و نفخه كما خلق آدم بيده و نفخه و انى ادعوك الى الله وحده لا شريك له و الموالاة على طاعته و ان تتبعنى و تؤمن بالذى جآءنى فانى رسول الله وقد بعثت اليك ابن عمى جعفرا و نفرا معه من المسلمين فاذا جاءوك فاقرهم و دع التجبر فانى ادعوك و جنودك الى الله فقد بلغت و نصحت فاقبلوا نصحى و


www.sindhsalamat.com

**السلام علی من اتبع الھدیٰ.**

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان شروع

”محمد رسول الله ﷺ جي طرف کان اصحم نجاشي، شاهه حبشه جي نالي. تون سلامت هجين. مان تنهنجي سامهون انهيءَ هستيءَ جي واکاڻ ڪريان ٿو جيڪو سموري ڪائنات جو شهنشاهه، تمام ئي پاڪ ذات، امن ۽ سلامتي وارو، ايمان جي نعمت عطا فرمائڻ وارو ۽ رزق ۽ موت ۽ حياتيءَ جو ضامن آهي. مان انهيءَ جي تصديق ڪريان ٿو ته حضرت عيسيٰ بن مريم الله تعاليٰ جو روح ۽ انهيءَ جو ڪلمو هو جنهن کي الله تعاليٰ مريم جي جسم ۾ منتقل ڪيو جيڪا ڪنواري، پاڪباز ۽ نيڪو ڪار عورت هئي. سو پوءِ اها انهيءَ خدائي روح ۽ انهيءَ ڦوڪ سان حامله ٿي وئي جيئن الله تعاليٰ حضرت آدم عليہ السلام کي پنهنجي هٿ ۽ پنهنجي ڦوڪ سان پيدا فرمايو هو. مان توهان کي انهيءَ الله ڏانهن سڏيان ٿو، جيڪو اڪيلو آهي، ان جو ڪوبه ڀاڱي ڀائيوار نه آهي. سو تون الله تعاليٰ جي اطاعت قبول ڪر. مان توکي پنهنجي فرمانبرداري ڪرڻ ۽ انهيءَ شيءِ تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏيان ٿو جيڪا مون ڏانهن وحي جي وسيلي نازل ٿئي ٿي. بيشڪ مان الله جو رسول آهيان. مان تووٽ پنهنجي سؤٽ جعفر ۽ ان سان گڏ ڪجهه ٻين اصحابن کي توڏانهن موڪليو آهي. جڏهن اهي تووٽ اچن ته تون انهن کي پنهنجو مهمان ڪري رکجان ۽ انهن جي سامهون بغاوت ۽ وڏائي نه ڏيکارجان. مان توکي ۽ تنهنجي قوم کي الله تعاليٰ ڏانهن سڏيان ٿو. مون پنهنجو پيغام توهان تائين پهچائي ڇڏيو ۽ توهان کي نصيحت ڪري ڇڏي. سو توهان منهنجي نصيحت تي عمل ڪريو ۽ هدايت واري واٽ وٺڻ واري تي سلامتي هجي.“

جڏهن نجاشيءَ کي اهو خط مليو ته هن انهيءَ کي پنهنجي اکين تي رکيو ۽ تعظيم ۾ پنهنجي تخت تان لهي زمين تي ويهي رهيو ۽ اسلام قبوليو.

ان کان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ ڏانهن هي خط لکرايو:

**بسم الله الرحمٰن الرحيم**

**الی محمد رسول الله ﷺ من النجاشی الاصحم بن ابجر سلام علیك یا نبی الله ورحمة الله و برکات الله الذی لا اله الا هو الذی هدانی الی الاسلام.**


Sindhica Academy, Karachi

**اما بعد فقد بلغنی کتابك یا رسول الله فیما ذکرت من امر عیسی فورب السماء والارض ان عیسی ما یزید علی ما ذکرت و قد عرفنا ما بعثت به الینا وقد قربنا ابن عمك و اصحابه فاشهد انك رسول الله صادقا مصدقا و قد بایعتك و بایعت ابن عمك و اسلمت علی یدیه لله رب العالمین و ارسلت الیك بابنی ارها بن الاصحم بن ابجر فانی لا املك الا نفسی و ان شئت ان آتیك فعلت یا رسول الله.**

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان شروع

”اصحم بن ابجر نجاشي جي طرف کان حضرت محمد ﷺ جي خدمت ۾، اي الله جا نبي توهان تي الله جو سلام ۽ ان جي رحمت ۽ برڪت نازل ٿئي. اهو الله اڪيلو ۽ ڪنهن به ڀائيواري کان پاڪ آهي جنهن مون کي اسلام جو دڳ ڏيکاريو.

ان کان پوءِ اي الله جا رسول! توهان جو مبارڪ خط مون کي مليو جنهن ۾ توهان حضرت عيسيٰؑ جو واقعو بيان فرمايو آهي. زمين ۽ آسمان جي پالڻهار جو قسم، بيشڪ حضرت عيسيٰ جي باري ۾ جيڪو ڪجهه توهان فرمايو آهي، پاڻ ان کي تر جيترو به وڌيڪ نه هئا. توهان جيڪا اسلام جي دعوت مون ڏانهن موڪلي آهي، تنهن جي حقيقت کي مون سمجهي ورتو آهي. اسان توهان جي سؤٽ ۽ ان جي سيني سنگتين کي پاڻ وٽ مهمان ڪري رکيو آهي. مان انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪريان ٿو ته توهان الله تعاليٰ جي سچا ۽ تصديق ڪيل رسول آهيو. مون توهان جي توهان جي سؤٽ جي هٿ تي بيعت ڪري ورتي آهي. مون پنهنجي پٽ ارها بن اصحم بن ابجر کي توهان ڏانهن موڪليو آهي. مان رڳو پنهنجي جان جو مالڪ آهيان. جيڪڏهن توهان مون کي به حاضر ٿيڻ لاءِ حڪم موڪليندؤ ته مان حاضر ٿي ويندس.“

ابن اسحاق بيان ڪري ٿو ته مون کي ٻڌايو ويو ته نجاشي هڪ ٻيڙيءَ ۾ پنهنجي پٽ کي سٺ حبشين سان گڏ پاڻ ﷺ جي خدمت ۾ روانو ڪيو هو، پر جڏهن اهي ماڻهو وچ درياءَ ۾ پهتا ته ٻيڙي ٻڏي وئي، جنهن ڪري اهي سڀئي مري ويا. نجاشيءَ جي انهيءَ خط مان جيڪو هن پاڻ ڪريم ﷺ ڏانهن موڪليو هو، ان جي اسلام قبولڻ جي چٽائي ٿئي ٿي. ان سان گڏوگڏ اها به ڄاڻ ملي ٿي ته اسلام جيڪو ڪجهه حضرت عيسيٰؑ جي باري ۾ چوي ٿو، هو انهيءَ جي باري ۾ به اها ئي راءِ رکندو هو.


www.sindhsalamat.com

## نجاشيءَ جو اسلام قبولڻ:

ابن اسحاق جي روايت ۾ انهيءَ ڳالھ جي چٽائي موجود آهي تہ نجاشيءَ اسلام قبولي ورتو هو ۽ حضرت جعفر بن ابي طالب جي سامهون سورت مريم تلاوت ڪئي هئي جنهن ۾ حضرت عيسيٰؑ جو اهو قول بہ موجود هو:

قَالَ اِنِّيْ عَبْدُ اللّٰهِ ۗ اٰتٰنِيَ الْكِتٰبَ وَجَعَلَنِيْ نَبِيًّا ۝٣٠ (مريم: 30)

”حضرت عيسيٰ چئي ڏنو تہ مان الله تعاليٰ جو ٻانهو آهيان. هن مون کي ڪتاب (انجيل) عطا ڪيو آهي ۽ مون کي نبي بڻائي موڪليو ۽ مان جتي بہ هجان مون کي خير ۽ برڪت وارو ڪري ڇڏيو اٿس.“

هن آيت ۾ حضرت عيسيٰ پنهنجي ٻانهپ جي پاڻ ئي چٽائي ڪري ڇڏي ۽ الله تعاليٰ جو ارشاد ٿيو:

ذٰلِكَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ ۚ قَوْلَ الْحَقِّ الَّذِيْ فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ ۝٣٤ مَا كَانَ لِلّٰهِ اَنْ يَّتَّخِذَ مِنْ وَّلَدٍ ۙ سُبْحٰنَهٗ ۭ اِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ۝٣٥

(مريم: 35)

”هي عيسيٰ پٽ مريم جو آهي ۽ اهو ئي قول سچو آهي، جنهن جي باري ۾ هي ماڻهو جهيڙو ڪري رهيا آهن. اها ڳالھ الله تعاليٰ جي شان جي بلڪل خلاف آهي تہ هو ڪنهن کي پنهنجو پٽ بڻائي. هو انهيءَ ڳالھ کان گهڻو مٿي آهي. جڏهن بہ ڪنهن شيءِ جو ارادو ڪندو آهي تہ انهيءَ لاءِ حڪم ڏيندو آهي تہ ٿي پئو تہ اها شيءِ ٿي پوندي آهي.“

الله تعاليٰ جي حڪم عيسيٰ بن مريم ۾ انهيءَ ڳالھ ڏانهن اشارو آهي تہ هو انهيءَ عورت جو پٽ آهي نہ ڪ الله تعاليٰ جو. قرآن پاڪ ۾ آيو آهي:

وَاِنَّ اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ۭ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ۝٣٦ (مريم: 36)

”۽ حضرت عيسيٰ چيو تہ پڪ سان الله ئي توهان جو ۽ منهنجو پالڻهار آهي، سو توهان انهيءَ جي ئي عبادت ڪريو، اهو ئي سڌو رستو آهي.“

ڪجھ ماڻهو نجاشيءَ جي اسلام قبولڻ ۾ شڪ ڪيو آهي، پر سمورن اهم تاريخي ڪتابن ۾ ان جي اسلام قبولڻ جي چٽائي ٿيل آهي.

حضرت عمرو بن عاصؓ جو قول آهي تہ نجاشيءَ اسلام تي بيعت ڪئي هئي جنهن جو بيان پنهنجي جاءِ تي ايندو، پر هو پنهنجي اسلام کي


Sindhica Academy, Karachi

لڪائيندو هو، ڇاڪاڻ تہ ان جي قوم عيسائي هئي ۽ کيس انهيءَ ڳالھ جو خوف هو تہ ڪٿي هو مٿس حملو نہ ڪن.

نجاشيءَ جي اسلام قبولڻ مان انهيءَ ڳالھ کي بہ هٿي ملي ٿي تہ هو نسطوري عيسائي هو ۽ نسطوري مذهب جو بنياد توحيد تي آهي ۽ اهو مذهب حضرت عيسيٰؑ جي خدا هئڻ واري ڳالھ جو انڪاري آهي. انهيءَ ڳالھ جي ثبوت ۾ نسطوريہ جو قول پيش ڪري سگهجي ٿو:

”توهان اهو نہ چئو تہ مريم خدا جي ماءُ آهي، ڇو تہ هوءَ انسان هئي ۽ اها ڳالھ ناممڪن آهي تہ خدا انسان منجهان پيدا ٿئي“.

مان هن کان اڳ بيان ڪري چڪو آهيان تہ بحيرا راهب، جنهن پاڻ ڪريم ﷺ جي شام واري واپاري سفر ۾ پاڻ ﷺ جي شخصيت جي ڪجھ نشانين کي ڏسي سڃاڻي ورتو هو ۽ سندن جي عزت ۽ احترام ڪيو هو، سو بہ انهيءَ ئي مذهب جو پيروڪار هو. اهو نسطوريہ نالي ماڻهو عيسائي مذهب جو وڏو عالم ۽ وڏي عزت وارو ماڻهو هو ۽ اها ڳالھ ان جي عزت ۽ شان شوڪت جو دليل آهي تہ هو 428ع کان 531ع تائين لڳاتار قسطنطنيہ جي پادرين جو سردار رهندو آيو هو ۽ ڪيترائي پادري ان جا پوئلڳ هئا. پر هن جي عقيدي جي ڪري عسيائين جي طرف کان ان مٿان ظلم ڪيا ويا ۽ کيس جلا وطن ڪيو ويو.

پوءِ جڏهن خبر پئجي وئي تہ نجاشيءَ جو عقيدو بلڪل نسطوري عقيدو هو، تہ اهو ئي قول وڌيڪ ترجيح جوڳو ٿيندو تہ جڏهن ان کي پاڻ ڪريم ﷺ جي خط مبارڪ جي وسيلي اسلام جي دعوت ڏني وئي ۽ حضرت جعفرؓ ان جي سامهون سورت مريم تلاوت ڪئي، جيڪا انهن جي مذهب جي عين مطابق هئي، تہ هن پڪ سان اسلام قبوليو هو. هن اها دعوت انهيءَ ڪري بہ قبولي جو اسلام بتن جي پوڄا جي مخالفت ڪري ٿو ۽ توحيد خداوندي ڏانهن سڏي ٿو. اهڙي طرح حضرت عيسيٰؑ جي خدائيءَ جو پڻ انڪار ڪري ٿو. باقي پاڻ ڪريم ﷺ جي نبوت جو سو اعتراف ڪري ٿو. نجاشيءَ جو بہ اهو ئي عقيدو هو. تنهن ڪري ان جو اسلام قبولڻ قياس کي وڌيڪ ويجهو آهي.

مسند امام شافعي رحمۃ اللہ علیہ ۾ (ڪتاب جنازه و حدود) حضرت ابوهريرهؓ کان روايت ٿيل آهي تہ جنهن ڏينهن نجاشيءَ جي وفات ٿي، انهيءَ ڏينهن ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ پنهنجي اصحابن کي ان جي موت جي خبر ڏني ۽ سيني کي وٺي عيدگاھ ڏانهن ويا. انهن جو صفون سڌيون ڪرايون ۽ نجاشيءَ جي غائبانہ جنازي نماز پڙهائي جنهن ۾ چار تڪبيرون چيون. اهو واقعو نجاشيءَ جي


www.sindhsalamat.com

اسلام قبولڻ جو پڪو پختو دليل آهي، ڇاڪاڻ تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن رڳو مسلمانن جي ئي جنازي جي نماز پڙهائيندا هئا.

صحيح بخاري ۾ حضرت جابرؓ کان روايت ٿيل آهي تہ جنهن ڏينهن حبشہ ۾ نجاشيءَ جي وفات ٿي انهيءَ ڏينهن مديني ۾ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ اڄ هڪ مؤمن مرد جو مرتيو ٿيو آهي. سو اٿي بيهو ۽ پنهنجي اسلامي ڀاءُ اصحم جي لاءِ جنازي جي نماز پڙهو.

## مجوسين ڏانهن هڪڙي خدا ڪي مڃڻ جي دعوت:

628ع ۾ خسرو پرويز رومين کان هارائڻ کان پوءِ بدلي وٺڻ جي تياري ۾ مصروف هو. انهيءَ ئي زماني ۾ عبدالله بن خدافہ سهمي پاڻ ڪريم ﷺ جن جو خط مبارڪ کڻي اچي پهتو. خط ۾ لکيل هو تہ ٻن خدائن جي بدران هڪڙي ئي الله کي نيڪيءَ ۽ بديءَ جو خدا مڃو. اها ئي توهان جي اصلي تعليم آهي جيڪا زرتشت ڏني هئي ۽ جنهن کي بعد ۾ بگاڙي ماڻهن يزدان ۽ اهرمن جي پوڄا ۾ بدلائي ڇڏيو هو. تنهن ڪري جيڪڏهن خدائي توحيد کي مڃيندي منهنجي اطاعت ڪندؤ تہ توهان لاءِ امن ۽ سلامتي جو دروازو کلي ويندو. ٻي صورت ۾ توهان پنهنجي قوم جي گمراهيءَ جا پڻ الله تعاليٰ وٽ جوابدار رهندؤ.

خسرو پرويز پاڻ ڪريم ﷺ جو خط مبارڪ ڦاڙي ڇڏيو ۽ يمن جي گورنر باذان کي خط لکيو تہ حجاز جي نبيءَ کي گرفتار ڪري هتي موڪل. پر باذان جڏهن تحقيق ڪئي تہ هو پاڻ ئي مسلمان ٿي ويو ۽ انهيءَ زماني ۾ خسرو جي پٽ شيرويہ کيس قتل ڪري تخت تي قابض ٿي ويٺو.

منذر بن سادي، جيڪو بحرين جو رئيس هو، تنهن ڏانهن علاء بن الحضرمي موڪليو ويو ۽ ڪيتري ئي عوام مسلمان ٿي وئي. انهيءَ زماني ۾ نازل ٿيڻ واري سورت الاعراف جي رڪوع نمبر 2 ۽ سورت آل عمران جي رڪوع نمبر 7 کي سامهون رکڻ گهرجي جيڪي هن طرح آهن:

## سورت الاعراف رڪوع نمبر 2:

انسانو! مان سمورن انسانن جي لاءِ انهيءَ الله جو پيغام کڻي آيو آهيان جنهن جي زمين ۽ آسمان جي مٿان بادشاهي آهي. ان کان سواءِ ٻيو ڪو بہ معبود نہ آهي، اهو ئي ماريندو آهي ۽ اهو ئي جياريندو آهي. تنهن ڪري الله تعاليٰ کي مڃو ۽ ان جي آخري نبي کي بہ مڃو جيڪو پاڻ الله کي ۽ ان جي سمورن ڪتابن (حڪمن) کي مڃي ٿو.


Sindhica Academy, Karachi

## آل موسيٰ جي سڃاڻ:

موسيٰؑ جي قوم جو هڪ ٽولو حق جي واٽ ڏسي ٿو ۽ انهيءَ مطابق ئي اهي انصاف ڪن ٿا. الله تعاليٰ موسيٰ جي قوم جا ٻارنهن قبيلا ٺاهيا هئا ۽ انهن جي مٿان وڏا وڏا احسان ڪيا هئا. پر انهن پنهنجي بدعملي سان الله تعاليٰ جو تہ ڪجهہ بہ نہ وڃايو، اڃا بہ پنهنجو ئي نقصان ڪري ورتو. ۽ جڏهن پهرين تباهيءَ کان پوءِ ٻيهر بيت المقدس آباد ٿيو تہ توبہ ۽ نيڪي ڪرڻ جي بدران، جنهن جو کين حڪم بہ ڪيو ويو هو، اهي خدائي حڪمن ۾ ڦيرگهير ڪري پنهنجي خواهشن جي پويان لڳي پيا. يعني بدعملي ۽ نفاق پيدا ڪري ورتو ۽ انهن جي شرارتن جي ڪري انهن مٿان عذاب نازل ٿيو.

(بلڪل انهن ئي لفظن ۾ سورت بقره جي ستين رڪوع ۾ اهو ذڪر آهي. ايترو سو آهي تہ بقره ۾ يظلمون جي بدران يفسقون جو لفظ آيو آهي).

## سورت آل عمران رڪوع نمبر 7:

ڪتاب وارن کي ٻڌيءَ ۾ رهڻ جي دعوت: اي ڪتاب وارؤ، اچو تہ انهيءَ ڳالهہ تي هڪ ٿي وڃون، جيڪا ڳالهہ توهان ۽ اسان ۾ ساڳي ئي آهي؛ ۽ اها هيءَ تہ الله تعاليٰ کانسواءِ ٻيو ڪنهن جي بہ ٻانهپ اختيار نہ ڪريون ۽ نہ ان سان ڪنهن کي ڀائيوار ڪريون ۽ نہ الله کانسواءِ ٻئي ڪنهن انسان کي پنهنجو مالڪ (رب) بڻايون. بهرحال جيڪڏهن توهان منهنجي ڳالهہ جو انڪار ڪريو ٿا تہ پوءِ ٻڌي ڇڏيو تہ اسان الله تعاليٰ جا فرمانبردار آهيون. اي ڪتاب وارؤ! (يعني توريت ۽ انجيل کي مڃڻ وارؤ!) توهان ابراهيمؑ جي صحيفن کي ڇاجي ڪري نٿا مڃيو؟ ڇا توهان اها ڳالهہ نٿا سمجهو تہ ابراهيمؑ تي نازل ٿيڻ وارا صحيفا اڳي نازل ٿيا آهن، جڏهن تہ توريت ۽ انجيل ان کان پوءِ نازل ٿيل آهن. ابراهيم نہ تہ يهودي هو ۽ نہ عيسائي. هو تہ حنيف (سيني ڪوڙن مذهبن کان بيزار) هو ۽ مسلمان (يعني الله تعاليٰ جو فرمانبردار) هو نہ ڪي مشرڪ. ابراهيمؑ سان ويجهي نسبت انهن ئي ماڻهن جي آهي جيڪي ان جا پوئلڳ هئا. هاڻي رسول عربي ﷺ ان جي تعليم کي مڃيندڙ آهن. تنهن ڪري اي ڪتاب وارؤ! حق واري ڳالهہ ۾ ڇاڙي واڙي باطل يعني پنهنجي نفساني خواهشن کي نہ ملايو ۽ مؤمنن کي گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪريو.

اها ئي توحيد واري دعوت سورت المائده جي رڪوع نمبر 10 ۾ آهي. اهو ئي حڪم سورت النساء جي آخري رڪوع 20 ۾ آهي تہ پنهنجي ڪتابن


www.sindhsalamat.com

ڪي به مڃيو ۽ قرآن ڪي به مڃيو. جو ته ٻئي انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته الله اڪيلو ۽ هر قسم جي ڀائيواريءَ ڪان پاڪ آهي ۽ سمورن انسانن جي لاءِ خدا پرستيءَ جو پيغام آهي. رڳو يهودين ۽ عيسائين جي لاءِ خاص نه آهي. سمورا انسان الله تعاليٰ جا ٻانها هئڻ جي لحاظ ڪان برابر آهن. اهو به ذهن نشين ڪري ڇڏيو ته اها ئي توحيد واري دعوت مجوسين لاءِ به هئي ته ان ڪانسواءِ ٻين مشرڪن جي لاءِ به هئي.

## جزيي يا ڍل جي شروعات:

منذر جڏهن مسلمان ٿي ويو ته ان جي رعايا ۾ ڪي ماڻهو مجوسيت ۽ يهوديت يعني پنهنجي ابتدائي مذهب تي قائم رهڻ گهرن پيا. انهيءَ صورتحال ۾ منذر پاڻ ڪريم ﷺ ڪان پڇا ڪئي ته هاڻي ڇا ڪيو وڃي؟ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو ته جيڪڏهن اهي ايمان آڻين ها ته اها ڳالهه انهن جي لاءِ ڀلي هئي، باقي جيڪڏهن اهي پنهنجي مذهب تي قائم رهڻ گهرن ٿا ته انهن جي حفاظت اسان جي مٿان لازم آهي، پر انهيءَ جي لاءِ انهن ڪي ٽيڪس ادا ڪرڻو پوندو جنهن ڪي ايران ۾ گزيو چيو ويندو آهي. اهو ئي لفظ اڳتي هلي جزيو ٻڌجي ويو.

## مڪي ڪان مسلمان ٿي اچڻ وارا:

صلح حديبيه ڪان پوءِ هڪڙو مسلمان ابو بصير رضي الله عنه مڪي مان ڀڄي مديني آيو ته قريشي ان ڪي وٺڻ لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن وٽ اچي پهتا. پاڻ ﷺ جن پنهنجي واعدي موجب ڪيس انهن سان گڏ واپس موٽائي ڇڏيو. رستي ۾ ابو بصير هڪڙي قريشي ڪي ماري ڇڏيو ۽ ڀڄي وڃي قريشن جي شام واري واپاري رستي تي ديرو ڄمايو. مڪي جي بيوس مسلمانن ڪي جڏهن انهيءَ ڳالهه جي خبر پئي ته اهي به وڃي ان سان مليا ۽ هڪ سال جي اندر ٽي سؤ جي لڳ ڀڳ مسلمان گڏ ٿي ويا ۽ قريشن جي واپاري قافلن ڪي روڪڻ لڳا. هاڻي مڪي وارن ڏاڍو پڇتايو ۽ گهريو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن معاهدي جي انهيءَ شرط ڪي ٽوڙي ڇڏين ۽ انهن ڪي واپس مديني گهرائن. پر پاڻ اهو قبول نه فرمايائون.

انهيءَ وچ ۾ مديني جي شيطان قسم جي ڦورن تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪي ننڍيڙيون مهمون به روانو ڪيون ويون، جنهن سان مديني جي حڪومت جي طاقت وڌي وئي ۽ جنگي قبيلن محسوس ڪيو ته مديني ۾ هڪ مضبوط ۽ طاقتور حڪومت قائم ٿي وئي آهي.



## سورت البقره رڪوع نمبر 24:

مدافعت طور وڙهڻ نيڪي آهي. هاڻي عمرة القصاص جي تياري هئي ۽ انهيءَ ڳالهه جو انديشو هو ته حرم جي اندر ويڙهه نه ٿي پوي، تنهن ڪري قرآن چيو ته ويڙهه ڪرڻ وقت حد ڪان نه لنگهو، اها ڳالهه الله تعاليٰ ڪي پسند نه آهي. جيڪڏهن ڪو توهان سان مسجد حرام جي حدن اندر وڙهي ته مدافعت جي لاءِ توهان به وڙهو. جيڪي ماڻهو دين جي حڪمن تي عمل ڪرڻ ڪان ماڻهن ڪي روڪين ٿا ۽ انهيءَ معاملي ۾ ڏاڍ ڪان ڪم وٺي توهان ڪي گهرن مان ڪڍي چڪا آهن، سي قتل ڪان به وڌيڪ بڇڙو ڪم ڪري چڪا آهن. قتل ڪرڻ، ڇتي ۽ راءِ ڪان ڦرڻ جي مقابلي ۾ تمام خراب ڳالهه آهي. پوءِ به توهان حد ڪان نه لنگهو ۽ جيڪو مسڪين، يتيم، غلام، رشتي دار، مجاهد، قيدي ۽ ٻڪيو هجي ان جي مدد ڪريو ۽ ان جي آزاد ڪرائڻ جي لاءِ خرچ ڪريو. (مطلب ته چندو ڏئي انهن ڪي آزاد ڪرايو) قرباني سان پيٽ پريندو آهي، انهيءَ جي لاءِ عمري جي ادائگي جي شڪراني طور قرباني ڪريو ۽ ماڻهن ڪي ڪارايو .

## عمرة القصاص، ذيقعد 7 هجري (فيبروري 629ع)

## مديني ڪان روانگي:

ذيقعد 7 هه تي پاڻ ڪريم ﷺ جن ڏهه هزار ماڻهن ۽ قربانيءَ لاءِ ڪنيل سٺ اُٺن سان گڏ مديني ڪان روانو ٿيو. مڪي ڪان اٺ ميلن جي مفاصلي تي معاهدي موجب هٿيار ٿتا ڪيا ويا. مڪي ۾ سمورا مسلمان ذوق ۽ شوق سان داخل ٿيا. مڪي جا مشرڪ حرم ڇڏي ٻاهر هليا ويا ۽ جبل ابو قبيس جي چوٽيءَ ڪان مسلمانن ڪي ڏسڻ لڳا. مسلمانن به ڪعبي ڏانهن آڪڙجي تيز تيز هلڻ شروع ڪيو ته جيئن مشرڪ اهو نه سمجهن ته اسان هيٺا آهيون. رسول الله ﷺ جي فرمان موجب سيني جي زبانن تي هي لفظ هئا:

| | |
|---|---|
| لا اله الا الله وحده نصر عبده واعز جنده و هزم احزاب وحده | الله تعاليٰ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به معبود نه آهي. هن پنهنجي ٻانهي محمد ﷺ جي مدد ڪئي ۽ ان جي لشڪر ڪي سوڀ ڏني ۽ هن اڪيلي سر دشمن ٽولي ڪي شڪست ڏني. |

ٽن ڏينهن کان پوءِ مسلمانن مکو خالي ڪري ڇڏيو. ڪنهن بہ قسم جو جهيڙو ڪونہ ٿيو. اجا بہ رسول الله ﷺ جن قريشن کي دعوت ڏني تہ اچو تہ اٺ قربان ڪريون ۽ سيئي گڏجي خوشي ملهايون. پر مکي وارن انهيءَ دعوت کي نہ قبوليو.

## آخري نڪاح:

پاڻ حرم کان ٻاهر اچي ڪري مقام سريف تي ميمونہ هلاليہ سان نڪاح ڪيو. هوءَ حضرت خالد بن وليد جي پڦي ۽ حضرت عباس جي سس هئي. انهيءَ نڪاح جو اهو اثر ٿيو جو ٻن مهينن جي اندر ئي حضرت خالد بن وليد مسلمان ٿي ويو.

عثمان بن طلحہ ڪعبي جو سڀ کان وڏو پوڄاري هو. انهيءَ محسوس ڪيو تہ رحمان خدا هبل کي شڪست ڏئي ڇڏي آهي، تنهن ڪري پاڻ بہ مديني ۾ اچي مسلمان ٿي ويو. اهڙيءَ طرح ذي الحج سنہ 7 ھ ۾ خالد بن وليد ۽ عمرو بن العاص بہ مديني ۾ اچي مسلمان ٿي ويا.

## عام المساوات سنہ 7 ہ جا ڪي اهم واقعا:

1. صلح حديبيہ جي ڪري سڄو سال خير خيريت سان گذري ويو. خيبر جا يهودي بہ مسلمانن جا دوست بڻجي ويا.
2. مڪي ۾ اسلام تيزيءَ سان پکڙڻ لڳو ۽ قرآن پاڪ کلي عام پڙهجڻ لڳو. هاڻي مسلمان "الرحمان" جو نالو وٺندا هئا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن کي رسول الله ﷺ چوندا هئا، پر انهيءَ تي مشرڪ چڙندا نہ هئا.
3. حضرت ماريہ قبطيہ رضي الله عنها حمل سان هئي ۽ غالباً ڪجھ پاڪ بيبين کي ان سان ريس ٿيڻ لڳي هئي.
4. انهيءَ ئي سال ذيقعد مهيني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن بي بي ميمونہ هلاليہ بنت حارث سان نڪاح ڪيو ۽ اعلان بہ ڪري ڇڏيو تہ هي آخري نڪاح آهي. انهيءَ وقت بي بي ميمونہ بيوہ هئي ۽ سندن عمر ايڪونجاهہ سال هئي. حضرت خالد بن وليد ان جو ڀاڻيجو هو.
5. انهيءَ امن ۽ سلامتيءَ واري زماني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن کي ان ڳالهہ جو موقعو مليو تہ پاڻ يتيمن، مسڪينن ۽ خاص طرح سان عورتن جي باري ۾ قانونسازي ڪن. انهيءَ زماني ۾ خانگي زندگي ۽ تمدن ۽ معاشرت جا انقلابي حڪم جاري ڪيا ويا ۽ عورتن ۽ مسڪينن کي معاشري ۾ مٿانهون مرتبو حاصل ٿيو.



Sindhica Academy, Karachi

## عام الفتح سنہ 8 ھ (پهرين اپريل سنہ 829ع)

انهيءَ ئي سال مکو پرامن طريقي سان فتح ٿي ويو. فتح کان اڳ نون مهينن تائين مسلمانن جي معاشرتي زندگي جي اصلاح تي ڌيان رهيو ۽ پاڙيسري ملڪن ۽ بادشاهن ڏانهن اسلام جو پيغام موڪليو ويو.

فتح کان اڳ رڳو هڪڙو سريو جمادي الاول ۾ موڪليو ويو جنهن جا ٻہ مقصد هئا:

1. **غلامن جي حڪومت:** يعني موتہ واري سريي ۾ حضرت زيد بن حارث، رسول الله ﷺ جي پٽ ڪري سڏيل، کي اصحابن جي مٿان سردار بڻائي موڪليو ويو جنهن جو مقصد اهو ٻڌائڻ هو تہ اسلام ۾ برابريءَ جو تصور اهو آهي. هاڻي ٻانهي ۽ آزاد مسلمان ۾ ڪو بہ فرق نہ آهي.
2. **قاصد جي حرمت:** ٻيو مختلف قومن کي اهو ٻڌائڻ مقصد هو تہ قاصد جو قتل ڪرڻ جنگي ۽ اخلاقي اصولن جي خلاف آهي ۽ قاصد جو قتل حرام آهي.

## ابراهيم بن محمد ﷺ جي ڄمڻ ۽ ان جا اثرَ:

پڪ سان ابراهيم جي ڄمڻ تي عرب ۾ خوشيون ملهائيون ويون هونديون. عام طرح سان عربن مان ڪنهن هڪ کي جيڪڏهن ڌيءَ پيدا ٿيندي هئي تہ ان جي پيدائش تي ڏک ۽ حسرت کان ان جو منهن ڪاراٽجي ويندو هو. اهي نياڻي جي پيدائش کي پنهنجي لاءِ ذلت ۽ خواري سمجهندي ان کي جيئرو ئي پوري ڇڏيندا هئا. انهيءَ حقيقت ڏانهن قرآن پاڪ ۾ هن طرح اشارو ڪيو ويو آهي:

وَإِذَا بُشِّرَ أَحَدُهُم بِالْأُنثَىٰ ظَلَّ وَجْهُهُ مُسْوَدًّا وَهُوَ كَظِيمٌ ﴿٥٨﴾ يَتَوَارَىٰ مِنَ الْقَوْمِ مِن سُوءِ مَا بُشِّرَ بِهِ ۚ أَيُمْسِكُهُ عَلَىٰ هُونٍ أَمْ يَدُسُّهُ فِي التُّرَابِ ۗ أَلَا سَاءَ مَا يَحْكُمُونَ ﴿٥٩﴾ (النحل)

اهڙيءَ طرح سورت زخرف ۾ فرمايو ويو تہ اهي ماڻهو پنهنجي ديوين کي رحمان الله جون ڌيئر چون ٿا، جڏهن تہ اهي پاڻ ڌيئرن کان ايتري تہ نفرت ڪندا آهن جو ڌيءَ جي پيدائش تي انهن جو منهن ڪاراٽجي ويندو آهي ۽ چوندا آهن تہ اهڙي اولاد جو ڪهڙو فائدو جنهن کي لاڏ ڪوڏ سان پالجي پر ويڙهہ وقت ٻڙڪ بہ ٻولي نہ سگهي.



www.sindhsalamat.com

وَاِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمۡ بِمَا ضَرَبَ لِلرَّحۡمٰنِ مَثَلًا ظَلَّ وَجۡهُهٗ مُسۡوَدًّا
وَّهُوَ كَظِيۡمٌ ﴿۱۷﴾ اَوَمَنۡ يُّنَشَّؤُا فِى الۡحِلۡيَةِ وَهُوَ فِى الۡخِصَامِ غَيۡرُ مُبِيۡنٍ ﴿۱۸﴾
(الزخرف 17-18)

جيئن تہ اهي ڌيئرن کي ماري ڇڏيندا هئا، انهيءَ ڪري قرآن ڪريم پنهنجي مڪي دؤر ۾ انهن کي جهنم جي سزا کان ڊيڄاريو:

وَاِذَا الۡمَوۡءٗدَةُ سُئِلَتۡ ﴿۸﴾ بِاَىِّ ذَنۡۢبٍ قُتِلَتۡ ﴿۹﴾ (التڪوير: 8-9)

جناب ابراهيم جي پيدائش دنيا جي ٻانهين لاءِ رحمت جو دروازو کولي ڇڏيو. رسول الله ﷺ جن اهو قانون ناهي ڇڏيو تہ جنهن ٻانهيءَ کي ٻار پيدا ٿئي تہ اها آزاد ٿي ويندي. شرعي اصطلاح ۾ انهيءَ کي ام ولد چوندا آهن. ڪوبہ ٻار غلام پيدا نہ ٿيندو آهي. انهيءَ جو سبب پاڻ ڪريم ﷺ جن اهو ٻڌايو تہ هن وقت تائين هلندڙ دستور موجب جيڪو ٻار ڪنهن ٻانهيءَ جي ڪک مان ڄمي پيو سو بہ غلام ئي سمجهيو ويندو هو، پر اهو قانون بلڪل ئي غلط هو. حقيقت ۾ ڪوبہ ٻار غلام پيدا نہ ٿيندو آهي. جيڪو ٻار ٻانهيءَ جي ڪک مان پيدا ٿيندو. اهو هاڻي ابن حرّه يعني آزاد سڏيو ويندو.

آزاد ٿيڻ کان پوءِ بي بي ماريہ قبطيہ جو درجو آزاد زالن جي برابر ٿي ويو ۽ ڪيس بہ پردي جو اهو ئي حڪم ٿيو جيڪو ٻين ٻيبين جي لاءِ هو.

(انهيءَ سلسلي ۾ ڏهين باب جي اندر پاڪ ٻيبين جي احتجاج تي نظر ڊوڙائي ڏسو)

## گهڻن نڪاحن ۽ هڪ زال تي نظر:

پاڻ ڪريم ﷺ جن سٺ سالن جي عمر ۾ آخري نڪاح ڪيو. هتي ضرورت انهيءَ ڳالھ جي آهي تہ مختصر طور پاڻ ڪريم ﷺ جي نڪاحن جي نوعيت تي ڳالھ ڪئي وڃي ۽ ڏنو وڃي جيڪي ماڻهو رڳو هڪڙي نڪاح جا پابند آهن، سي انهيءَ ڳالھ کي ڇاجي ڪري پسند نٿا ڪن.

قرآني نقطہ نظر اهو آهي تہ هڪ مرد جي هڪ ئي زال هجي. پر حالتن جي گهرج اها آهي تہ ڪو ماڻهو هڪ کان وڌيڪ عورتن جي سارسنڀال لهڻ گهرندو هجي ۽ انهن جي اندر انصاف قائم ڪري سگهندو هجي تہ هو چار نڪاح بہ ڪري سگهي ٿو.

حقيقت ۾ ڪيترين ئي زالن کي جدا جدا گهر ۾ رکڻ ۽ هر هڪ سان برابريءَ وارو سلوڪ ڪرڻ ۽ واري واري سان سيني وٽ وڃڻ ۽ رهڻ اصل ۾ ”هڪ ئي زال“ وارو درجو رکي ٿو. فرق رڳو اهو آهي تہ ”هڪ زال“ جي حالت


Sindhica Academy, Karachi

۾ مرد لڳاتار هڪڙي ئي عورت وٽ رهندو آهي ۽ سيني کي جدا جدا رکڻ سان هر هڪ وٽ وٽي سان ويندو آهي. هر هڪ عورت سان جدا نڪاح جو معاهدو ٿيندو آهي. انهيءَ ڪري اهو هڪ خالص ”هڪ زال“ واري اصول کان بنيادي طور تي ڪو مختلف نہ آهي. (انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا)

اهو بہ ياد رهي تہ رڳو مالدار، بادشاهہ يا امير ماڻهو ئي گهڻين زالن واري اصول تي عمل ڪري سگهندا هئا. انهيءَ ڪي بہ قرآن چئن جي تعداد تائين محدود ڪري ڇڏيو.

## ڪابين

قرآن ڪريم عورت جو اهو حق رکيو آهي تہ اها جيترو گهري پنهنجي لاءِ ڪابين مقرر ڪري ۽ مڙس کان وٺي، قانون عورت کي ان جو حق ڏياريندو. عورت کي اهو بہ حق حاصل آهي تہ جنهن سان وڻيس نڪاح ڪري.

**يهودي:** يهودين ۾ اهو رواج هو تہ اهي پنهنجي زالن کي انهن جي پيءُ کان خريد ڪري وٺندا هئا. قرآن ڪريم پيءُ ماءُ کي پئسا وٺڻ جو حق نہ ڏنو، پر اهو حق عورت کي ڏنو آهي تہ هوءَ مڙس کان ڪابين وٺي.

**هندو:** مٿين ذات وارن هندن ۾ اهو رواج آهي تہ پيءُ ماءُ پنهنجي ڌيئرن لاءِ مڙس خريد ڪندا آهن. جيتوڻيڪ آڳاٽي زماني ۾ اهو رواج هو تہ مرد ڇوڪريءَ جي گُهر ڪرڻ لاءِ ان جي پيءُ ماءُ وٽ ويندا هئا ۽ ڇوڪري جنهن مرد کي پسند ڪندي هئي، تنهن سان شادي ڪندي هئي.

**طلاق:** عرب وٽ طلاق جو رواج جاهليت واري زماني کان هلندڙ هو. قرآن انهيءَ کي محدود ڪري ڇڏيو. رسول الله ﷺ جن طلاق کي جائز شين ۾ تمام ئي بڇڙي شيءِ سڏيو ۽ قرآن هڪ يا ٻن طلاقن کان پوءِ رجعت يعني مرد عورت جي ناهہ کي جائز سڏيو.

**خلع:** باقي جيڪا طلاق عورت پئسا وغيره ڏئي حاصل ڪري ۽ پنهنجي مڙس کان ايتري تہ نفرت ڪندي هجي جو ان سان ڪنهن بہ صورت ۾ رهڻ برداشت نہ ڪري، ۽ ڪجھ مال ڏئي ڪري مڙس کان طلاق وٺي تہ اهڙي حالت ۾ مرد ٽين طلاقن وانگر رجعت نٿو ڪري سگهي. هتي بہ قرآن عورت کي جاهليت واري ظلم کان بچائي ٿو تہ جيئن اها ٽنگيل نہ رهي ۽ ٻئي مرد سان نڪاح ڪري سگهي.


www.sindhsalamat.com

## گهڻن مڙسن وارو مسئلو:

ڪي ماڻهو اهو اعتراض ڪندا آهن ته جهڙي طرح قرآن مردن کي چئن نڪاحن ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي، اهڙي طرح عورت کي اهو اختيار ڇو ڪونه ڏنو آهي ته جيئن اها به هڪ ئي وقت چار مڙس ڪري سگهي ها؟

انهيءَ جو حياتياتي (Biological) جواب گهڻن ئي ماڻهن ڏنو آهي. يعني مٿين درجي وارن کير پيارينڊڙ جانورن ۾ مڙسن جي گهٽائي جو سلسلو نٿو ملي. انهيءَ ڪانسواءِ حيواني لاڳاپي جو مقصد قدرت مقرر ڪري ڇڏيو آهي. يعني حيواني نسل جي ترقي. اهو ئي نه، پر جانورن جي لاءِ جنسي لاڳاپي جي مند به هر ملڪ لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي. انهيءَ ڪري انسان جو مقصد انهيءَ ڪان مٿانهون هئڻ گهرجي. هو نه رڳو انساني نسل کي ترقي ڏئي، پر خانداني زندگيءَ ۾ ٻار جي تربيت ۾ هڪٻئي جي مدد ڪري. اهڙي طرح عام خانداني ۽ انساني زندگي، جانورن جي مقابلي ۾ وڌيڪ جٽادار ۽ وٽندڙ ٻڌجي وڃي. ائين نه ٿئي جو اولاد ۽ مٿن مائٽن سان محبت جو سلسلو ٻارن جي واڌ ويجھ ڪان پوءِ ختم ٿي وڃي. اهو رڳو انهيءَ ئي وقت ممڪن آهي جو ٻارن کي خبر هجي ته انهن جا پيءُ ماءُ ۽ مٽ مائٽ ڪير آهن. مڙسن جي گهٽائيءَ جي صورت ۾ اها سڃاڻ ۽ رت وارن رشتن سان چاهه باقي نٿو رهي.

پر انهيءَ جو اهو به مطلب نه آهي ته اسلام عورتن کي خلع يا طلاق ڪان پوءِ ٻئي مڙس سان نڪاح ڪرڻ ڪان روڪي ٿو. قرآن ته گهري ٿي اهو ته زال ۽ مڙس، خوشگوار ازدواجي زندگي واري معاهدي تي قائم رهن، پر جيڪڏهن عورت گهري ٿي ته هوءَ ٻيو مڙس ڪري ته پوءِ ڪيس انهيءَ ڳالهه جو حق آهي ته هوءَ ڪائنس طلاق وٺي يا نڪاح واري وقت ئي مڙس سان انهيءَ ڳالهه جو معاهدو ڪري ته مون کي انهيءَ ڳالهه جو حق رهندو ته مان جڏهن به گهران آزاد ٿي سگهان ٿي. انهيءَ لاءِ شرط رڳو اهو آهي ته جيڪڏهن هوءَ حامله آهي ته ٻار ڄڻڻ ڪان پوءِ ٻيو نڪاح ڪري سگهي ٿي. مقصد اهو ئي آهي ته اولاد کي خبر هجي ته ان جو پيءُ ڪير آهي.

**زنا:** قرآن زنا ڪان منع ڪيو ۽ انهيءَ جي تمام ئي سخت سزا مقرر ڪئي آهي. ظاهر آهي ته جڏهن ڪنهن مرد يا عورت کي قانوني طور تي حق حاصل آهي ته جنهن مرد يا عورت، پوءِ پلي اهو شرعي طريقي تي ازدواجي زندگي جي ذريعي لاڳاپو قائم ڪري وٺي، ته ڪو به سبب نه آهي ته اهي لڪي وڃي بدڪاري ڪن.

انهيءَ بدڪاريءَ جو سڀ ڪان وڏو اثر ان زنا ڪرائيندڙ عورت جي اولاد


Sindhica Academy, Karachi

تي ئي پوندو آهي. ڪو به مرد انهيءَ معصوم ٻار جو پيءُ يا سنڀاليندڙ بنجڻ لاءِ تيار ناهي ٿيندو. ايتري تائين جو جنهن مرد زنا ڪئي هوندي آهي، سو به پنهنجي بزدليءَ جي ڪري انهيءَ ٻار جو پيءُ ٿيڻ ڪان انڪاري ٿي ويندو آهي. معصوم عورت مرد جي ٺڳيءَ ۾ اچي پنهنجي سڄي زندگي تباهه ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ٻار به ڪٿي جو ناهي رهندو. اسلام بزدليءَ ڪان وڌيڪ ٻيو ڪنهن به شيءِ کي نفرت جوڳو نه سمجهيو آهي. انهيءَ ڪري ئي زاني ڪان وڌيڪ بزدل چور کي به نه سمجهيو آهي. چور لاءِ رڳو هٿ ڪٽڻ جي سزا مقرر ڪئي، جڏهن ته زانيءَ کي سنگسار ڪرڻ (پٿر هڻي مارڻ) جو حڪم ڏنو آهي.

مطلب ته رسول الله ﷺ جن عورت جو مان مٿانهون ڪرڻ لاءِ جيڪو ڪم ڪيو آهي، سو انهيءَ ئي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي ته پاڻ بيواهن ۽ بي سهاري عورتن سان نڪاح ڪري، انهن کي پنهنجي پناهه ۾ ورتو. پاڻ ﷺ جي زالن مان رڳو امان عائشه ئي ڪنواري هئي، جڏهن ته باقي ٻئي سڀئي بيواهه ئي هيون. ان ڪان پوءِ انهن سيني جا گهر جدا جدا هئا ۽ انهن سيني سان انصاف ڪيو ويندو هو.

## سورت الاحزاب رڪوع نمبر 6:

”اي مؤمنو! الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪريو. هن پنهنجي رحمت سان توهان کي اونداهي ۽ اڻ ڄاڻائيءَ مان سوجهري ۽ محبت ڏانهن آندو آهي ۽ رسول الله ﷺ کي چمڪندڙ ڏيئو (سراج منير) ڪري موڪليو آهي. تنهن ڪري:

(1) جيڪڏهن ڪنهن عورت سان نڪاح ڪرڻ ڪان پوءِ بنا همبستريءَ جي طلاق ڏئي ڇڏيو ته اهڙين عورتن کي عدت ۾ ويهڻ جي ڪا به ضرورت نه آهي (ڇو ته عدت جو اصل مقصد اهو ڄاڻڻ هوندو آهي ته عورت حامله ته نه آهي) ۽ انهن کي سهڻي نموني ڇڏي ڏيو.

(2) ڪابين مقرر ڪرڻ ڪانسواءِ ڪنهن به عورت سان نڪاح نٿو ٿي سگهي (يعني عورت کي مال ملندو، نه ان ڪان ورتو ويندو).

(3) رسول الله ﷺ جن کي ڪن خاص حالتن هيٺ بيواهه عورتن سان نڪاح ڪرڻ جي اجازت هئي، سا به هاڻي ختم ڪئي وئي آهي، ڇاڪاڻ ته مڪو هاڻي فتح ٿي چڪو آهي. اسلام هر پاسي پکڙجي ويو آهي. آسودن مسلمانن جي ڪوٺ نه رهي آهي جو جن غريب عورتن کي مڙسن جي سنڀال حاصل ڪرڻ جي ضرورت هجي تن کي نه ملي رهي هجي. هاڻي عورتن کي ڪابين ملڻ ۾ ڪا به ڏکيائي نه رهي آهي.


www.sindhsalamat.com

## سورت الاحزاب، رڪوع نمبر 7:

مردن ڪي پردي جي پويان رهڻ جو حڪم:

(1) نبي ﷺ جي زالن جي گهرن ۾ اجازت کانسواءِ داخل ٿيڻ منع ڪيو ويو آهي. اجا به جيڪڏهن ڪا شيءِ توهان ڪي گهرجي ۽ وٺڻ وڃو ته اها به پردي جي پويان گهرو. باقي انهن جا خاص مائٽ (جهڙوڪ ڀاٽيجا، ڀائيٽيا وغيره) انهن جي گهرن ۾ اجازت وٺي اندر به وڃي سگهن ٿا.

(2) پنهنجي دلين ۾ رسول الله ﷺ جي پاڪ زالن بنسبت ڪو به گندو خيال نه آڻيو ۽ اهو خيال به ڪڏهن نه ڪريو ته رسول الله ﷺ جي وفات پڄاڻان ڪڏهن انهن سان نڪاح ڪرڻو آهي. الله تعاليٰ وٽ اها تمام ئي بڇڙي ڳالهه آهي، چاڪاڻ ته اهي امت جون مائر آهن.

## سورت الاحزاب رڪوع نمبر8:

مديني جي منافقن ۽ بدڪردار لعنتين ۽ ڪوڙيون ڳالهيون پکيڙيندڙن کان بچڻ لاءِ مؤمن عورتن کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته اهي جڏهن به ٻاهر وڃن ته پنهنجي لاءِ پردي جو انتظام ڪري وڃن. باقي انهن منافقن جي لاءِ به جلد ئي ڪو بِلو ڪيو ويندو. اهو هيءُ ته اهي جتي به ڏٺا ويندا اتي قتل ڪيا ويندا.

## سورت الاحزاب رڪوع نمبر9:

الله ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداريءَ ۾ ئي عظيم ڀلائي آهي. مؤمن خدائي امانت جا پاسدار ٿيندا آهن. منافق ۽ مشرڪ تمام ئي جلد سخت عذاب ۾ گرفتار ڪيا ويندا ۽ مؤمنن جي غلطين کي الله تعاليٰ معاف ڪري ڇڏيندو، جو هو غفور ۽ رحيم آهي. (يعني ڪجهه قومن جي خدائن وانگر مجبور نه آهي) هو جنهن کي گهرندو ته بخشي به ڇڏيندو.

## موته وارو سريو (جمادي الاول سنه 8 ه آگسٽ 629ع)

موته دمشق جي ويجهو بلقاء وٽ آهي. اتي شرجيل غساني پاڻ ڪريم ﷺ جي قاصد کي قتل ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ ڪري ڪيس سيکت ڏيڻ جي لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ٽي هزار مجاهدن جو لشڪر حضرت زيد بن حارثه جي مهنداريءَ هيٺ روانو ڪيو. ان کي نائب آفيسر حضرت جعفر ۽ حضرت


Sindhica Academy, Karachi

عبد الله بن رواحه ڪري ڏنا ويا. هنن ٽنهي جي شهادت کانپوءِ مسلمانن کي انهيءَ ڳالهه جو اختيار ڏنو ويو هو ته هو جنهن کي به گهرن پنهنجو مهندار مقرر ڪن. لشڪر کي الوداع ڪرڻ جي لاءِ رسول الله ﷺ جن پنهنجي سر پاڻ ثنية الوداع تائين گڏجي هليا ۽ زيدؓ کي اڇي رنگ جو جهنڊو عنايت فرمايائون ۽ فرمايائون ته وڃ ۽ انهن ماڻهن کي الله تعاليٰ جي فرمانبرداريءَ لاءِ سڏ.

شرجيل بهراء، وائل، لخم ۽ جذام وغيره قبيلن مان هڪ لک ماڻهو گڏ ڪري ورتا هئا. جڏهن ته شهنشاهه هرقل مواب واري علائقي ۾ موجود هو. مقابلو تمام ئي سخت هو. ٽئي مهندار شهيد ٿي ويا ته خالد بن وليد کي مجاهدن جو مهندار مقرر ڪيو ويو. پاڻ وڏي سورهيائي سان وڙهيا. ان پوءِ پوءِ پنهنجي فوج کي وڏي حڪمت عمليءَ سان دشمن جي گهيري مان ڪڍي آيا. اهو حضرت خالد بن وليد جو وڏو ڪارنامو آهي.

واپسي تي مديني وارن ان جو شاندار استقبال ڪيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ان جي جنگي تدبير جي وڏي واکاڻ ڪئي ۽ حضرت جعفر جي يتيم نياڻي کي پنهنجي هنج ورتو ۽ پنهنجي پاءُ زيد کي ياد ڪندي ڏاڍا ڏکارا ٿي پيا.

ان کان پوءِ ڪجهه ٻيون مهمون به روانو ڪيون ويون. انهن مان هڪ موقعي تي بطن اخم واري علائقي ۾ ابو قتاده رضہ هڪ شخص کي قتل ڪري ان جو مال پنهنجي قبضي ۾ ورتو هو، جڏهن ته هن اسلامي طريقي تي اسلام عليڪم به چيو هو. پاڻ ڪريم ﷺ جن اهو ڀڏي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته جيڪو ماڻهو اسلام جي طريقي تي سلام ڪري ۽ چوي ته مان مسلمان آهيان ته ان کي مسلمان ئي سمجهو. انهيءَ تي قرآن پاڪ ۾ هيءُ حڪم ٿيو:

## سورت النساء رڪوع نمبر 13:

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓا۟ إِذَا ضَرَبْتُمْ فِى سَبِيلِ ٱللَّهِ فَتَبَيَّنُوا۟ وَلَا تَقُولُوا۟ لِمَنْ أَلْقَىٰٓ إِلَيْكُمُ ٱلسَّلَٰمَ لَسْتَ مُؤْمِنًا ۚ (جيڪو سلامتي گهري، تنهن سان نه وڙهو)

## مڪي ۾ پر امن طريقي سان داخل ٿيڻ
(سنه 8 ه جنوري 630ع)

بيعت رضوان ۽ صلح حديبيه جي ٻاويهن مهينن کان پوءِ مديني ۾ اها خبر پهتي ته مديني وارن جي حليف قبيلي بنو خزاعه وارن تي قريشن بنو بڪر


www.sindhsalamat.com

وارن سان ملي حملو ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي بيگناهه ماڻهو مارجي ويا آهن. پاڻ ڪريم ﷺ جن اها ڳالهه ٻڌندي ئي قريشن ڏانهن نياپو ڪيو ته ٽن شرطن مان ڪو به هڪ شرط مڃيو:

(1) مقتولن جو خون بها ڏيو.

(2) بنو بڪر وارن جي حمايت کان الڳ ٿي وڃو ته خزاعه وارا پنهنجو پاڻ ئي هنن سان ٻه ٻه پاڻي ڪن.

(3) اهو اعلان ڪريو ته حديبيه وارو معاهدو ٽوڙيو ٿا.

قريشن آخري شرط مڃي ورتو ۽ اعلان ڪيو ته هاڻي وري مڪي ۽ مديني وارن ۾ جنگي حالت قائم ٿي وئي آهي.

مڪي وارا انهيءَ فيصلي تي جلد ئي پيشمان ٿيا ۽ ابو سفيان، جيڪو ان وقت مڪي جو سردار هو، پنهنجي سر پاڻ مديني ۾ اهو پيغام آيو ته حديبيه واري معاهدي کي ٻيهر قائم ڪريون پر انهيءَ معاهدي جي تجديد نه ٿي سگهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن ڳجهي نموني مڪي تي حملي جي تياري شروع ڪري ڏني. شروع ۾ ته اهو ممڪن هو ته فوج جنهن به طرف ڏانهن موڪلي وڃي انهيءَ طرف کي راز ۾ رکيو وڃي، پر هاڻي راز ظاهر ٿي پيو هو. جيتوڻيڪ هاڻي به رازداريءَ جو حڪم هو. اتفاق اهڙو ٿيو جو حضرت حاطب بن ابي بلتعه رضه قريشن کي هڪ خط لکيو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن مڪي تي حملو ڪرڻ لاءِ اچي رهيا آهن ۽ پنهنجي ۽ پنهنجي حليف بنو خزاعه وارن جي مقتولن جو سخت بدلو وٺندا. سندن خيال هو ته ائين ڪرڻ سان سندس گهر وارا، جيڪي اجا تائين مڪي ۾ ٽڪيل هئا، محفوظ رهندا. پر خط پڪڙجي پيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن انهيءَ ڳالهه کي ڪِلي ڪري ٽاري ڇڏيو ۽ فرمايو ته هي بدري آهي ۽ هن جا سمورا گناهه معاف ٿي چڪا آهن. ان کان پوءِ سورت الممتحنه نازل ٿي.

## سورت الممتحنه رکوع نمبر 1:

دشمنن خلاف پنهنجن منصوبن کي ڳجهو رکو. الله تعاليٰ جي واٽ ۾ پنهنجي گهر وارن جو خيال نه ڪريو، بلڪل اهڙي طرح جهڙي طرح حضرت ابراهيمؑ پنهنجي گهروارن جو خيال نه رکيو هو. ڪافرن کان پنهنجن منصوبن کي ڳجهو رکو.

## سورت الممتحنه، رکوع نمبر 2:

جيڪي ماڻهو توهان سان نٺا وڙهن تن سان ڀلائي ۽ انصاف ڪريو، پر


Sindhica Academy, Karachi

جن توهان کي جلاوطن ڪيو هو تن سان دوستي گناهه آهي. (ان کان پوءِ مؤمن عورتن جي بيعت جو ذڪر آهي)

پاڻ ڪريم ﷺ جن انهن مختلف قبيلن سان گڏجي، جن سان مسلمانن جو معاهدو ٿيل هو، سنه 8 هه ۾ مڪي ڏانهن ڏهه هزار جو لشڪر وٺي روانو ٿيا. هاڻي وري مهاجرن جو نعرو ”يا بني عبدالرحمان“ مقرر ٿيو. سمورو لشڪر مڪي جي ويجهو مر الظهران وٽ ترسيو. اتي ابوسفيان اچي ڪري اسلامي لشڪر جي تعداد کي ڏٺو ۽ ايترو ته هيسجي ويو جو حضرت عباسؓ سان گڏجي پاڻ ڪريم ﷺ وٽ اچي آڻ مڃيائين ته ”رحمان“ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به معبود نه آهي، جيڪڏهن ٻيو ڪو معبود هجي ها ته اڄ ضرور اچي اسان جي مدد ڪري ها. ٻي دليائي سان رسول الله ﷺ جي رسالت جو اقراري ٿيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي هن دشمن جي دل وٺڻ لاءِ اعلان فرمايو ته جيڪو ماڻهو ابوسفيان جي گهر ۾ پناهه وٺندو تنهن کي معاف ڪيو ويندو.

## مڪي اندر پر امن طرح سان داخل ٿيڻ:

20 رمضان المبارڪ، سنه 8 هه، پرهه ڦٽيءَ مهل پاڻ ﷺ جن پنهنجي ڏاچي قصويٰ تي سوار ٿيا. پاڻ ﷺ سان گڏ زيد بن حارثه جو پٽ اسامه به سوار هو. جتي مڪي وارن کي مهاجر مسلمان ”رحمان“ جي ياد ڏياري رهيا هئا، اتي پاڻ ڪريم ﷺ جن مڪي وارن کي اهو به ياد ڏياري رهيا آهن ته غلامن ۽ يتيمن کان وڌيڪ سندن نظر ۾ ٻيو ڪو به انسان نه آهي. (زيد غلام هو ۽ ان جو پٽ اسامه يتيم هو)

مڪي پهچي پاڻ حجون جي جبل تي ترسيا. اتي سمورو مڪو چٽيءَ طرح سان ڏسڻ ۾ ٿي آيو ۽ پاڻ ﷺ جي سامهون هو. گذريل ڏهن سالن جا واقعا پاڻ ڪريم ﷺ جي اکين اڳيان ڦرڻ لڳا ۽ پاڻ تمام ئي عاجزاڻي طريقي سان پنهنجي ڏاچيءَ تي ويٺي ويٺي ئي شڪر جو سجدو ڪري ورتائون. پاڻ عام اعلان ڪيائون ته مڪي ۾ پرامن طريقي سان داخل ٿيندا ۽ اهو به اعلان ڪيائون ته ڪعبة، حڪيم بن حزام ۽ ابوسفيان جو گهر دارالامان سمجهيو ويندو. اهو به فرمايو ته انهن جائن کان سواءِ جيڪو ماڻهو پنهنجي گهر جو دروازو بند رکندو تنهن تي پڻ حملو نه ڪيو ويندو، جيڪو هٿيار ڦٽا ڪندو سو پڻ محفوظ رهندو. ان جي باوجود به بنو ڪنانه وارن خالد بن وليد واري جٿي تي حملو ڪيو جنهن جي جواب ۾ انهن تي حملو ڪيو ويو ۽ انهن جا ڪي ماڻهو مارجي ويا. پاڻ ڪريم ﷺ جن ٻڌي ڪري فرمايو ته الله تعاليٰ جي اها


www.sindhsalamat.com

ئي مرضي هئي ۽ وڏيڪ تاڪيد ڪئي تہ تلوار نہ ڪڍي وڃي. پاڻ اعلان ڪيائون تہ يوسف ؑ جيئن پنهنجي ڀائرن کي معاف ڪيو هو، اڄ مان بہ پنهنجي دشمنن کي معاف ڪريان ٿو.

لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ؕ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ ۫ وَهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ

پاڻ سورت الفتح جي تلاوت ڪندي بيت الله وٽ آيا ۽ وڏي آواز سان فرمايو تہ:

جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ ؕ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا (الاسراء: 81)

عثمان بن ابي طلحہ ڪعبي جي ڪنجي آڻي ڏني. بلال ۽ طلحہ سان گڏ پاڻ اندر داخل ٿيا. مختلف بتن کان ڪعبة الله کي پاڪ ڪيو ۽ الله تعاليٰ جي وڏائيءَ جو اعلان ڪيو. هبل کي ڇت کان هيٺ ڪيرائي ڇڏيو ۽ بلال ڇت تي چڙهي الله تعاليٰ جي مقابلي ۾ ايندڙ سمورن باطل اِلاهن، سمورن انسانن ۽ سموري ڪائنات کان سندس وڏائيءَ جو اعلان ڪيو ۽ محمد بن عبدالله جي پيغمبر هئڻ جو وڏي سڏ اعلان ڪيو.

## اسلام (خدائي فرمانبرداريءَ) تي بيعت:

رسول الله ﷺ جن بيت الله جي طواف ۽ تطهير کان پوءِ صفا جبل تي ويهي رهيا ۽ جيڪي ماڻهو مسلمان ٿيڻ گهرن پيا تن کان هيٺين ڳالهين جو واعدو وٺن پيا:

(1) الرحمان ئي الله آهي، ان جو ڪوبہ ڀائيوار نہ آهي.
(2) محمد الله تعاليٰ جا پيغمبر آهن.
انهيءَ ڪري اسان سمورن شيطاني ڳالهين کان توبہ ڪريون ٿا. خود غرضي، بدلو وٺڻ ۽ پنهنجي بڻ بڻياد تي فخر ڪرڻ واري روش اختيار ڪندي ڪنهن کي حر ۽ ڪنهن کي عبد (يعني ابن ڏاڏن جي تعظيم ڪندي انساني برابريءَ کي مٽائڻ) ۽ جهالت واري هٺ کان مڙي ويندا سين.
(3) چوري، قتل، نياڻين کي مارڻ ۽ تهمت لڳائڻ ڇڏي ڏينداسين.
(4) حق واري ڳالهہ ۾ رسول الله ﷺ جي فرمانبرداري ڪنداسين. (اهو شرط انهيءَ ڪري تمام ئي اهم آهي جو ماڻهن جي ضمير کي مڪمل آزادي ڏني وئي آهي تہ جيئن اهي جن ڳالهين کي مٿين اصولن جي روشنيءَ ۾ چڱو سمجهن تن تي عمل ڪن ۽ جن ڳالهين کي شيطاني سمجهن تن کي ڇڏي ڏين).
(5) عورتن کان شرڪ، چوري، زنا، تهمت، قتل کان مڙي وڃڻ کانسواءِ اهو


Sindhica Academy, Karachi

بہ واعدو ورتو ويو تہ اسان جاهليت واري رسم موجب غم جي وقت پنهنجا وار نہ ڪوليندين سين ۽ نہ سينو ڪٽينديون سين ۽ نہ ئي قبرن تي وڃي ماتم ڪنديون سين.

## سورت الممتحنہ رڪوع نمبر 3:

هن رڪوع ۾ مؤمن عورتن جي بيعت جو ذڪر آهي.

هن کان پوءِ پاڻ ستن واجب القتل ڏوهارين جي معافيءَ جو اعلان ڪيائون ۽ خاص طرح سان صفوان بن اميہ بن خلف کي پنهنجو پٽڪو مبارڪ نشاني طور موڪلي معاف ڪيائون. معافي کان پوءِ بہ هو پنهنجي ڪفر تي قائم رهيو. پر غزوه حنين کان پوءِ جڏهن ان کي گهڻو مال انعام طور ڏنو ويو تہ هو قائل ٿي ويو تہ الله جي رسول کانسواءِ ٻيو ڪوبہ ماڻهو ايتري سخاوت نٿو ڪري سگهي. تنهن ڪري آخرڪار هن الله (ٻاجهاري) ۽ رسول الله ﷺ تي ايمان آندو.

## نبوي تقرير ۽ ان جي ادبي اهميت:

تقرير جي ذريعي هميشہ انساني جذبن جي لهرن ۾ طوفان پيدا ڪيو ويو آهي. ڪرشن جي نالي تي دياس جيڪو خدائي نغمو (ڀڳوت گيتا) لکيو هو ۽ توريت ۾ جيڪي حڪم بيان ڪيا ويا ۽ زبور ۾ جيڪي ترانا ڳاهيا ويا آهن، مگاستي (ارسطو جي شاگرد) عيسيٰ ؑ کان ٽي سئو سال پهريان جيڪي موتي پوئيا هئا، سي سڀ حقيقت ۾ تقريري ادب جي تخليقي فنڪاري جو بهترين نمونو آهن. پر جڏهن اسان پاڻ ڪريم ﷺ جي انهيءَ فتح واري تقرير (خطبي) تي نظر وجهون ٿا تہ جيڪو هڪ نبي، هڪ فاتح، هڪ مصلح ۽ هڪ محسن جي حيثيت سان پاڻ ﷺ جن حضرت عيسيٰ ؑ کان 628 سال پوءِ ڏنو هو سو پنهنجو مٽ پاڻ نظر اچي ٿو. اها تقرير انهيءَ تعليم جو تت آهي جنهن جي لاءِ پاڻ ﷺ جن تيرنهن سال مڪي ۾ ۽ ڏهہ سال مديني ۾ پاڻ پتوڙيو هو. اها عظيم تقرير ڪجهہ هن طرح آهي:

- لا اله الا الله وحده لا شريك له

"الله تعاليٰ کانسواءِ ٻيو ڪو بہ معبود ٻانهپ جي لائق نہ آهي. هو اڪيلو آهي ۽ انهيءَ جو ڪوبہ ڀائيوار نہ آهي".

- صدق وعده و نصر عبده و حزم الاحزاب وحده.

"هن پنهنجو واعدو پورو ڪيو ۽ پنهنجي ٻانهي محمد جي مدد ڪئي ۽ ان ئي مشرڪن جي فوجن کي اڪيلو ئي شڪست ڏني".


www.sindhsalamat.com

- **لا ماثرة اودم او مال يدعى فهو تحت قدمى هاتين الاسد انه البيت وسقاية الحاج.**

”ٻڌي وٺو. جاهليت جون سموريون رسمون، قصاص ۽ خون بها جون دعوائون منهنجي ٻنهي پيرن هيٺان آهن. باقي ڪعبة الله جي مجاوري ۽ حاجين کي پاڻي پيارڻ وارو عهدو (سقايہ) باقي رهندو“.

- **الا و قتيل الخطا شبه العمد بالسوط والعصاء ففيه الدية المخلظة فى بطونها اولادها.**

”ٻڌي ڇڏيو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن کي ڇهبڪ سان يا لٺ سان ماري، جڏهن تہ ان کي اقت مارڻ جو ارادو نہ رکندو هجي، پر هو مري پوي تہ بہ پوري خون بها يعني هڪ سئو اٺ ڪيس ڏيڻا پوندا. انهن مان چاليهہ ڏاچيون ڍڪيون هونديون.“

- **يا معشر القريش! ان الله قد اذهب عنكم نخوة الجاهلية و تعظمها بالآباء الناس كلهم من آدم و آدم من تراب.**

”اي قريش قوم وارؤ! الله تعاليٰ توهان مان جاهليت واري زماني جي وڏائي ختم ڪري ڇڏي آهي. هاڻي توهان کي پنهنجي ٻڻ ٻڏياد تي وڏائي نہ ڪرڻ گهرجي. سمورا انسان آدم جو اولاد آهن ۽ آدم کي گاري جهڙي ڪِني ٿيل مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو جيڪو تمام ئي هيٺاهون عنصر سمجهيو ويندو آهي. (مقصد اهو آهي تہ سمورا انسان پاڻ ۾ برابر آهن)“

- **يا ايها الناس! ان اكرمكم عندالله اتقاكم**

”اي انسانو! ياد رکو تہ الله تعاليٰ وٽ سڀ کان وڌيڪ عزت ڀريو اهو ئي آهي جيڪو بيحيائي ۽ بڇڙائيءَ وارن ڪمن کان پاڻ کي بچائي ٿو ۽ نيڪيءَ وارا ڪم ڪري ٿو“.

- **ان الله قد حرم مكه يوم خلق السماوات والارض فهى حرام الى يوم القيامه فليبلغ شاهد كم غائبا كم ولا يحل لنا من غنائمها من شى.**

”مڪي کي الله تعاليٰ انهيءَ وقت کان احترام وارو ٻڌايو آهي جڏهن کان هيءَ ڪائنات پيدا ڪئي هئي. هيءَ قيامت تائين ائين ئي احترام جوڳو رهندو. انهيءَ ڳالهہ جي خبر انهن ماڻهن تائين پهچايو جيڪي هتي موجود نہ آهن. هن شهر جي ڪنهن بہ شيءِ کي ڦرڻ اسان جي لاءِ جائز نہ آهي“.


Sindhica Academy, Karachi

- **مثلى و مثلكم كما قال يوسف لا خوته: لا تثريب عليكم اليوم اذهبوا فانتم الطلقاء يغفر الله لكم وهو ارحم الراحمين.**

”منهنجو ۽ توهان جو مثال ائين آهي جيئن يوسف ۽ ان جي ڀائرن جو هو. اڄ توهان تي ڪنهن بہ قسم جي ميار نہ آهي، وڃو توهان بلڪل آزاد آهيو. الله تعاليٰ توهان کي معاف ڪري، هو تمام ئي وڏو رحمت ڪندڙ آهي.“

تقرير ڪان پوءِ پاڻ ڪعبة الله جي چاٻي حضرت عثمان بہ ابي طلحہ کي ڏنائون. سقايہ يعني حاجين کي پاڻي پيارڻ جو عهدو حضرت عباس وٽ ئي رهڻ ڏنو ۽ باقي ادارا ختم ڪري ڇڏيا، ڇاڪاڻ تہ انهن ادارن جي شڪل ۾ ڪعبة الله جا مذهبي ٺيڪيدار حاجين کي ڦريندا هئا. ڪو جوتشي هو ۽ نساءت شهور يعني قمري سال جي مهينن کي شمسي ٻڌائيندا هئا. ڪو ڳجهہ جون ڳالهيون پيو ٻڌائيندو هو تہ ڪو وري پوپو هو. ڪو ڪرائي تہ ڪعبة الله جو طواف ڪرڻ لاءِ ڪپڙا پيو ڏيندو هو، ٻي صورت ۾ اگهاڙو ٿي ڪعبي جو طواف ڪرڻو پوندو هو. ڪو مختلف بتن جي نالن تي قرباني پيو ڪرائيندو هو. مطلب تہ پوڄارين جون جاري ڪيل جيتريون هٿ ٺوڪيون رسمون هيون تن سڀني کي ختم ڪيو ويو ۽ هر ماڻهوءَ کي سڌو سنئون، يعني پوڄاري يا مذهبي ٺيڪيدار جي واسطي ڪانسواءِ ئي الله تعاليٰ جي عبادت جو حق حاصل ٿي ويو هو. هندستان ۾ انهيءَ واقعي جي ساڍن تيرهن سالن ڪان پوءِ اڇوتن کي عبادت گاهن ۾ وڃي عبادت ڪرڻ جو حق ڏنو ويو آهي، پر اڃا بہ هر ماڻهوءَ کي برهمڻ ٻڻجڻ جو حق نہ مليو آهي. ايتري تائين هاڻي بہ اڇوت عبادت گاهن ۾ نٿا وڃي سگهن، ڇو جو برهمڻ ۽ انهن جي مٿين ذاتين وارا چيلا انهن تي تشدد ڪرڻ ڪان نٿا مڙن.

اهو ئي حال عيسائي پادرين ۽ مجوسي دستورن جو آهي. انهن ڪانسواءِ ٻيا ماڻهو سڌوسنئون خدا تائين نٿا پهچي سگهن. اهو اسلام جو ئي اثر آهي جو عبادت جي آزادي ۽ بنا ڪنهن وچ واري شفاعت ڪندڙ جي، الله تعاليٰ تائين پنهنجي پڪار (دعا) پهچائڻ جو تصور ڪيترن ئي سالن ڪان پوءِ پروٽسٽنٽ ۽ هريجن تحريڪن جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو. پر هاڻي انهن اصلاحي تحريڪن جو ظهور بي معنيٰ آهي. ڇو جو ڪميونسٽ تصور، انهن بي عمل ۽ بي ڪردار مذهبي رهنمائن ۽ انهن جي ٺيڪيداريءَ بہ انهن جي خلاف ايتري تہ نفرت پکيڙي ڇڏي آهي جو ماڻهو هاڻي مذهب کي ئي وهم پرستي ۽ اجايا خيال سمجهڻ لڳا آهن.


www.sindhsalamat.com

# مدني دؤر جو مڪي قرآن

قرآن ڪريم جا ڪيترائي جزا اهڙا آهن جو جيتوڻيڪ مڪي آهن، پر هجرت کان پوءِ نازل ٿيا آهن. انهيءَ ڪري انهن کي شروع وارن ترتيب ڏنل نسخن ۾ مدني شمار ڪيو ويندو آهي. مڪي ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ رسول الله ﷺ جن تي جيڪو قرآن نازل ٿيو سو ڪن پراڻن بحثن کي ٻيهر جياري ٿو ۽ انهن جا جواب ڏئي ٿو. ايتري تائين جو انهيءَ مدني قرآن جو بياني انداز ۽ تقريري انداز به مڪي وارو آهي.

مڪو ڇڏڻ کان پهريان قريش ور ور ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن کان آيتون (نشان، ثبوت يا معجزا) گهرندا هئا. مطلب ته اهي چوندا هئا ته انهيءَ ڳالھ جو ڪهڙو ثبوت آهي ته الله تعاليٰ موجود آهي جيڪو تو وٽ پيغامن کي موڪلي ٿو ۽ توهان ان جا رسول آهيو؟ يعني اهي ٻن شين جو هر وقت ثبوت گهرندا هئا. هڪ ته الله تعاليٰ جي وجود جو، ۽ ٻيو اهو ته هن ڪين رسول يا پيغمبر بڻايو آهي. مديني ۾ نازل ٿيڻ وارو اهو قرآن انهيءَ پراڻي سوال جو جواب ڏئي ٿو ۽ انهيءَ جي ڳالھ ٻولھ جو رخ به قريشن ڏانهن آهي.

## سورت البقره رڪوع نمبر 20:

هيءُ رڪوع الله تعاليٰ جي وجود جي ثبوت ۾ آهي. آسمان ۽ زمين ڪي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ ڏينهن ۽ رات کي ڪير ٿو ڦيرائي؟ سمنڊ جي اندر ٻيڙيون ڪهڙي قانون هيٺ ترن ٿيون؟ پاڻي ڪير وسائي ٿو؟ هوائون ڪهڙي قانون ۽ حڪم هيٺ هلن ٿيون؟ جيڪڏهن توهان عقل ۽ سمجھ رکندڙ آهيو ته اهي سموريون حقيقتون الله تعاليٰ جي موجودگيءَ جو دليل آهن. ٻيو ڪوبہ نہ ته ڪائنات جو خلقيندڙ آهي ۽ نئي ڪو ڪائنات جو حاڪم آهي. سندس قانون جي خلاف هڪ ذرو به نٿو چري سگهي. تنهن ڪري هر مخلوق پنهنجو پاڻ ئي الله تعاليٰ جي وجود جو دليل پيش ڪري ٿي.

## سورت البقره رڪوع نمبر 1:

بيشڪ قرآن هدايت آهي. اهوئي الف لام ميم جن مان ڪلما نهن ٿا ۽ جن سان چٽيءَ طرح سمجھ ۾ اچڻ وارو هي قانون (ڪتاب) نهي ٿو: انهيءَ ۾


Sindhica Academy, Karachi

بيشڪ هدايت پريل آهي. (يعني اهو جادو يا ڳجھ جو علم نہ آهي جو ٻٽي معني رکندو هجي يا توهان کي ڳجهو رکيو وڃي يا انهيءَ جي ذريعي مذهبي پيشوا ۽ ٺيڪيدار ۽ شاعر دولت ڪمائي سگهن).

جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ کان ڊڄن ٿا (۽ ان ڪانسواءِ ڪنهن جي به ٻانهپ نٿا ڪن) تن کي ۽ انهن ماڻهن کي جيڪي ڳجھ يعني الله تعاليٰ کي مڃين ٿا، جيڪي پنهنجي فرضن يعني نماز جا پابند آهن ۽ پنهنجو مال غريبن ۽ مجاهدن تي خرچ ڪن ٿا، تن کي هن ڪتاب (قانون علم) مان هدايت حاصل ٿي آهي ۽ اهي ئي ڪاميابي ماڻيندڙ آهن.

الله تعاليٰ کي مڃڻ کان پوءِ جيڪي ماڻهو پراڻن ڪتاب ( آڳاٽن خدائي ڪتابن) کي به موجوده تعليم (يعني قرآن) سان گڏ مڃين ٿا. اهو به مڃين ٿا ته چڱن ۽ بڇڙن عملن جي قيامت جي ڏينهن جزا يا سزا ملندي. اهي ئي ماڻهو پنهنجي پالڻهار جي ڏسيل واٽ تي آهن ۽ انهن لاءِ ئي ڀلائي آهي.

## سورت البقره رڪوع نمبر3:

رڳو قرآن ئي معجزو نہ آهي، پر سمورا خدائي ڪتاب معجزو آهن.

مڪي ۾ مشرڪن اهو بحث شروع ڪري ڏنو هو ته ڪابہ تعليم الله تعاليٰ وٽان نٿي اچي. ڳجھ جو علم شيطانن جي وسيلي شاعرن ۽ ٻوڙن کي حاصل ٿيندو آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن ور ور ڪري قرآن جي ذريعي ٻڌايو ته ۽ اهو ئي جواب ڏنو ته ڳجھ جو علم الله تعاليٰ پنهنجي ملائڪن جي وسيلي جنهن به ٻانهي کي گهري ڏئي سگهي ٿو. يعني بحث اهو نہ هو ته قرآن معجزو آهي، پر بحث انهيءَ ڳالھ تي هو ته سموري وحي الله تعاليٰ جي طرف کان هوندي آهي، پوءِ ڀلي اها انزل عليڪ (قرآن جو نازل ڪرڻ) هجي يا انزل من قبلڪ (توريت، زبور، انجيل وغيره) يعني بحث قرآني معجزي جو نہ پر سمورن ڪتابن جو الله تعاليٰ جي طرف کان نازل ڪرڻ بابت آهي. ظاهر آهي ته عرب جي مشرڪن وٽ جيڪو ڪلام هو، تنهن کي هو پاڻ به شيطاني چوندا هئا، سي ڪتان خدائي ڪلام آڻين ها؟ پر جيڪڏهن آڻين به ها ته انهن کي مڃڻو پوي ها ته الله آهي ۽ هو پنهنجي رسولن تي وحي موڪلي ٿو. تنهن ڪري مڪي ۾ اچي رسول الله ﷺ قرآني وحيءَ بنسبت بحث کي ختم ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ اڄ تائين رڳو ڪجھ علم وارا انهيءَ غلطيءَ ۾ قائل آهن ته اهو بحث رڳو قرآني معجزي بنسبت آهي، جڏهن ته بقره جو پهريون رڪوع چٽائيءَ سان چئي رهيو آهي ته الله تعاليٰ جي طرف کان جيترا به ڪتاب نازل


www.sindhsalamat.com

ٿيا آهن، تن سڀني کي سچو مڃڻ گھرجي. جيستائين انهن جو الله تعاليٰ جي طرف کان هئڻ جو سوال آهي، اهي سمورا معجز آهن يعني الله جا انڪاري نہ آهن، هر گز الله جي طرف نٿا مڃي سگھن ۽ نہ اهو چئي سگھن ٿا تہ الله تعاليٰ رسولن کي موڪلي ٿو. جيڪڏهن اهي ائين چوندا تہ اهي مسلمان ٿي ويندا آهن. ”۽ اي ماڻهؤ! جيڪڏهن توهان کي انهيءَ ۾ جيڪو الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهي محمد تي نازل ڪيو آهي، شڪ ۾ آهي تہ پوءِ توهان ئي اهڙي قسم جي (توحيد ۽ سڌاري واري) تعليم وارا ڪي جملا (هڪڙي ئي سورت) ٺاهي آڻيو ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجن شاهدن کي بہ وٺي اچو (جيڪي اهو چون تہ اها تعليم جيڪا توهان ٺاهي آيا آهيو شيطان نہ ٺاهي ڏني آهي پر اها خدا پرستيءَ واري تعليم آهي) تہ مان توهان کي سچو مڃيندس. پر مان ڄاڻان ٿو تہ توهان ائين نہ ڪري سگھندؤ ۽ نہ ئي ائين ڪرڻ جي توهان ۾ سگھہ آهي. انهيءَ جو ان ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙو نتيجو نڪرندو تہ توهان انڪار ۽ بي دينيءَ جي ڪري جهنم جي ٽري ۾ اڇلايا ويندؤ.

”۽ جيڪي ماڻهو ايمان آڻڻ سان گڏ نيڪ عمل بہ ڪن تہ انهن کي بهشت جي خوشخبري ڏني وڃي ٿي.“

”الله سان جيڪو توهان جو نيڪ عملي ۽ خداپرستيءَ جو معاهدو آهي (حضرت ابراهيم؏ جي زماني کان وٺي لڳاتار ٿيندو آيو آهي)، تنهن کي نہ ٽوڙيو. دنيا ۾ فساد نہ پکيڙيو. ڇو جو اهي شيطاني ڪم آهن. اهڙا ماڻهو نقصان ۾ رهندا. ياد رکو تہ الله تعاليٰ ئي خالق ۽ عليم آهي.“

## مڪي تعليم جي مڪي ۾ پڄاڻي:

مطلب تہ روحانيت (الله تعاليٰ تي ايمان) ۽ نيڪ عملي جي جيڪا تعليم مڪي ۾ شروع ڪئي وئي هئي، فتح مڪي کان پوءِ مڪي ۾ ئي انهيءَ جي پڄاڻي ٿي ۽ ماڻهن کي اها خبر پئجي وئي تہ رحماني ۽ شيطاني تعليم ۾ ڪهڙو فرق آهي ۽ الله تعاليٰ ۽ مرڻ کان پوءِ واري زندگي جو اعتقاد ۽ نيڪ عملي پرامن زندگي (اسلام) جي لاءِ ضروري آهي.

هن رڪوع ۾ چٽيءَ طرح سان ٻڌايو ويو آهي تہ رحماني تعليم ماڻهن کي خوف ۽ ڏکر (جنگ ۽ فساد ۽ بک ۽ بدحالي) کان بچائي ٿي. فساد في الارض کان روڪي ٿي ۽ نيڪ عمليءَ جي هدايت ڪري ٿي. (يعني الله جي موڪليل ڪلام ۽ شيطاني وسوسي جي وچ ۾ اها ئي ڪسوٽي آهي).

شيطاني وسوسا جيڪي پوپن ۽ شاعرن جي وسيلي توهان حاصل ڪرڻ


Sindhica Academy, Karachi

جي دعويٰ ڪريو ٿا، سي ڪوڙين اڳڪٿين، ڪوڙي واڪاڻ ۽ ٺڳيءَ سان دولت حاصل ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڇا آهي؟ توهان جا شاعر قتل ۽ غارتگري جي تعليم ڏين ٿا. اهي ظلم ۽ زيادتين، جنگ ۽ زمين تي فساد جو ماحول پيدا ڪن ٿا. توهان جا پوپا اهڙيون تاريخون ۽ سوڻ ٻڌائن ٿا جن تي عمل ڪري توهان مظلومن کي قتل ڪري سگهو ۽ انهن يتيم ٻارن ۽ عورتن کي غلام ۽ ٻانها بڻائي سگھو. (الشعراء يتبعهم الغاون). انهيءَ ڪري رسول الله ﷺ جن کي جڏهن ڪافرن للڪاريو تہ توهان شعر پڙهو تہ پاڻ صاف انڪار ڪري ڇڏيائون تہ الله تعاليٰ مون کي اهڙي قسم جو شيطاني ڪلام نہ سيکاريو آهي.(وما علمناه الشعر)

## آخري للڪار يا جنگ:

ڇا مٿين ڳالهين ۾ ڪا هڪ ڳالھ بہ قرآن ڪريم يا ٻئي ڪنهن آسماني ڪتاب ۾ ملي ٿي؟ ظاهر آهي تہ ڪنهن خدائي تعليم ۾ ڪا بہ شيطاني تعليم نٿي ملي سگھي. تنهن ڪري جيڪڏهن انهن ۾ اجايون ڳالهيون نہ آهن تہ پوءِ توهان پاڻ ئي خدائي ڪتابن ۽ قرآن وانگر ڪا سورت ٺاهي آڻي ڏيکاريو. اها ئي ڳالھ هڪ ٻي جاءِ تي هن طرح بيان ڪئي وئي آهي:

قُلْ فَاْتُوْا بِكِتٰبٍ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ هُوَ اَهْدٰى مِنْهُمَاۤ اَتَّبِعْهُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ۝۴۹ (القصص: 49)

يعني توريت ۽ قرآن کان وڌيڪ بهتر تعليم ڏيندڙ ٻيو ڪو ڪتاب ڪٺي اچو تہ مان انهيءَ جي پيروي ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيان. هتي بہ اهو ئي چيو ويو آهي تہ فيصلو بہ پلي توهان جا ئي ماڻهو ڪن تہ جيڪڏهن توهان جي لکٽي الله تعاليٰ وٽان نازل ڪيل ڪتاب جهڙي آهي تہ پوءِ مان توهان کي مڃي وٺندس تہ توهان سچا مسلمان ٿي ويندؤ. الله ۽ مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ تي ايمان آڻي نيڪ عمل ڪرڻ کي ايمان جو جزو بڻائيندؤ. انهيءَ ڪري ئي ڪافر اهڙو ڪلام چوڻ تي وس وارا نہ هئا. ”وَلَوْ نَشَآءُ لَقُلْنَا مِثْلَ هٰذَاۤ ۙ“. اها انهن جي رڳو زباني دعويٰ هئي، پر ضد جي ڪري رسول الله ﷺ کي چوندا هئا تہ تون شاعرن واريون اجايون ڳالهيون ٿو ڪرين.

مشرڪ عجيب قسم جي اڻ تڻ ۾ هئا. جيڪڏهن اهي خدائي ڪتابن وانگر ڪي خيال گھڙين ٿا تہ اهي مسلمان ٿي وڃن ٿا، پر جي نٿا گھڙين تہ هارجي وڃن ٿا. اهي وڏ کان وڏ اهو چئي پئي سگھيا تہ توهان ڪو شعر ٺاهي ڪٺي اچو، جنهن جو جواب اڳي ئي رسول الله ﷺ جن ڏئي چڪا هئا. شعر


www.sindhsalamat.com

جي اندر اجايون ڳالهيون هونديون آهن جيڪي منهنجي لاءِ مناسب نہ آهن. اللّٰہ تعاليٰ مون کي اهڙي قسم جي شاعري ناهي سيکاري.

بهرحال اهي ڪا هڪ عبارت بہ نہ ٺاهي سگهيا ۽ اها ڳالهہ ثابت ٿي وئي تہ قرآن، انجيل، توريت وغيره، سمورا آسماني ڪتاب ۽ انهن کي عاجز ڪرڻ وارا آهن. جاهليت وارا ڪلام يعني شعر، سجع ۽ فال ڪڍڻ جو گهڻو حصو شيطانيت واري واٽ ڏيکاري ٿو. يعني يا تہ انهيءَ ۾ نسيب آهي، يا قصيدو مرثيو آهي يا شعر حماسہ آهي جيڪي سموري جا سمورا زمين تي فساد، قتل، ظلم، سرڪشي ۽ ڪوڙين ڳجهہ جي ڄاڻ جي دعوائن تي آڌاريل آهن. انهيءَ ڪري ئي رسول اللّٰہ ﷺ جن فرمايو، ”شعر چوڻ منهنجي عزت ۽ شان جي بلڪل ئي خلاف آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن جي سڃاڻ اها آهي تہ اهي جيڪو ڪجهہ چوندا آهن سو ڪندا نہ آهن.“ انهن جون گهڻيون ڳالهيون بي تڪيون هونديون آهن. انهيءَ زماني ۾ سورت نصر نازل ٿي جنهن سان ثابت ٿئي ٿو تہ ماڻهن گهڻي تعداد ۾ اسلام قبولڻ شروع ڪري ڏنو هو.

## سورت النصر:

اي رسول! اللّٰہ تعاليٰ جو شڪر ڪر جو اللّٰہ تعاليٰ جي مدد سان ماڻهو ٽولن جا ٽولا ٿي اسلام ۾ داخل ٿي رهيا آهن. يعني اهي اللّٰہ تعاليٰ کي مڃيندي نيڪ عملي جو واعدو ڪري رهيا آهن ۽ اهو سمجهي ويا آهن تہ بد عملي جو نتيجو هتي نہ تہ هتي بڇڙو ٿيندو.

ڪعبة اللّٰہ جو خزانو ۽ ان ۾ جيڪو مال هو سو جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو ويو. بت ٽوڙيا ويا، اتي حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل ۽ حضرت عيسيٰ عليهم السلام جون تصويرون بہ هيون جيڪو اڌ ڊنل حالت ۾ وڏي عرصي کان ڪعبي ۾ رکيل هيون. مختلف قبيلن مسلمان ٿي پنهنجي ديوين ۽ بتن کي ڊاهي ڇڏيو ۽ اللّٰہ تعاليٰ جي سڏيءَ طرح ٻانهپ شروع ڪري ڇڏي، ڇاڪاڻ تہ مذهبي ٺيڪيدان جي جماعت ئي ختم ڪئي وئي هئي، جن ڪانسواءِ اهي ڪا بہ عبادت نہ ڪري سگهندا هئا. اسلام جو دنيا تي اهو هڪ وڏو احسان آهي.

## مشرڪن جي دلجوئي:

رسول اللّٰہ ﷺ جن جو مقصد مشرڪن جي دلين کي پنهنجو ڪرڻ هو. انهيءَ ڪري مهاجرن کي پنهنجون اهي ملڪيتون جيڪي انهن هجرت واري وقت مڪي ۾ ڇڏيون هيون ۽ مشرڪن انهن جي پويان اتي قبضو ڪري ورتو


Sindhica Academy, Karachi

هو، واپس وٺڻ کان روڪيو ويو.

مشرڪن جي دلجوئي جو هڪڙو طريقو اهو بہ اختيار ڪيو ويو تہ مخلتف غزون ۾ جيڪو مال غنيمت ملندو هو، سو تمام ئي سخاوت سان مشرڪن ۾ ورهايو ويندو هو.

جيڪي مشرڪ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان جنگ نہ ڪندا هئا، تن کي مڪمل مذهبي آزادي ڏني ويندي هئي. انهيءَ ڪري ئي اهي حنين واري جنگ ۾ ٻن هزارن جي تعداد ۾ مسلمانن سان گڏجي وڙهيا، ۽ مسلمانن کي بہ انهن جي ڪري ئي شروع ۾ شڪست ٿي. ان کان پوءِ بيعت رضوان وارن اصحابن بگڙي ويل حالتن کي قابو ۾ آندو. هاڻي خدائي واڪاڻ جون ٻہ سورتون نازل ٿيون، يعني الحديد ۽ التغابن.

## سورت الحديد رڪوع نمبر1:

هن رڪوع ۾ اللّٰہ تعاليٰ جي واکاڻ جو مغز يا عرق پيش ڪيو ويو آهي. ڪائنات جو ذرو ذرو انهيءَ جي پاڪائي بيان ڪندو آهي. ان جي ئي هر جاءِ تي حڪومت آهي. اهو ئي سڀ کان پهريون آهي ۽ اهو ئي سڀ کان آخري آهي. اهو ئي ظاهر آهي ۽ اهو ئي ڳجهو آهي. اهو ئي خلقڻهار آهي ۽ اهو ئي سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي. هو دلين جو حال ڄاڻندڙ آهي. اهو ئي محفل ۽ اڪيلائيءَ ۾ توهان سان گڏ هوندو آهي. اللّٰہ ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ پاڻ ۾ ٻڌي ڪريو. انهيءَ ئي اللّٰہ پنهنجي ٻانهي محمد ﷺ جي ذريعي توهان کي اونداهيءَ مان ڪڍي روشني ۾ آندو، تنهن ڪري اللّٰہ تعاليٰ توهان کي جيڪو ڪجهہ ڏنو آهي، تنهن مان سندس واٽ ۾ خرچ ڪريو.

## سورت الحديد رڪوع نمبر2:

جيڪي خيرات ڪندا تن کي ٻيڻو نفعو ڏنو ويندو ۽ ان ڪانسواءِ اجر عظيم جا مستحق ٿيندا. منافق ۽ يهودي دولت گڏ ڪرڻ واري حوس جي ڪري انهيءَ نفعي حاصل ڪرڻ کان محروم رهندا.

## سورت الحديد رڪوع نمبر3:

هر ڪا مصيبت اللّٰہ تعاليٰ جي طرف کان ئي هوندي آهي. تنهن ڪري جيڪو توهان کي نہ ملي انهيءَ تي غم نہ ڪريو ۽ جيڪو ملي وڃي انهيءَ تي آڪڙجي نہ وڃو. ڪنجوسيءَ سان دولت وڌندي نہ آهي ۽ اللّٰہ جي واٽ ۾ خرچ


www.sindhsalamat.com

ڪرڻ سان گھٽبي نہ آهي. نبي انهيءَ لاءِ ايندا آهن تہ دنيا ۾ عدل ۽ انصاف قائم ڪن ۽ لوهہ مان ڪم وٺن جنهن ۾ عدل قائم ڪرڻ لاءِ سختي ۽ زور موجود آهي ۽ ان ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪي نفعا آهن.

### سورت الحديد رڪوع نمبر4:

نوح ۽ ابراهيم عليهم السلام جي اولاد کي الله تعاليٰ نبوت سان گڏ حڪومت يعني قانوني فيصلي جي سگهہ پڻ ڏني هئي. انهن مان ڪي سنئين واٽ تي هليا (يعني عدل ڪيو) ۽ ڪي وري گمراهہ ٿي ويا. سيني کان آخر ۾ عيسيٰ بن مريم خوشخبري (انجيل) ٻڌايو تہ ٻاجهہ ۽ محبت ڪرڻ واري کي ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو.

الله تعاليٰ رهبانيت ۽ جوڳ جي تعليم نہ ڏني آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو الله تعاليٰ کي پنهنجي زهد ۽ تقويٰ سان راضي ڪرڻ گهري تہ رڳو ڏيکاءَ وارو درويش نہ بڻجي، پر زهد ۽ جوڳ جو پورو پورو حق ادا ڪري. عيسائين اها ڳالهہ شروع تہ ڪئي پر ان کي پورو نہ ڪري سگهيا.

مؤمنو! آخر ۾ انهيءَ نبي (محمدﷺ) کي مڃو جيڪو الله تعاليٰ جي طرف کان مهرباني ۽ روشني جا توهان کي ٻيٽا حصا ڏياري ٿو. (يعني سمورن نبين کي مڃيندي جيڪڏهن توهان محمد ﷺ کي بہ مڃيندؤ) تہ الله تعاليٰ جو خاص فضل توهان سان گڏ رهندو.

### سورت الحديد جي اهميت:

ياد رکو تہ هن سورت (الحديد) ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ويهن سالن واري تعليم جو تت آهي. ماڻهو هن سورت جي آيتن جي مدد سان وحدت الوجود واري نظريي کي بہ ثابت ڪندا آهن تہ وحدت الشهود واري نظريي کي پڻ پيش ڪندا آهن. انهيءَ مان دنيا جو عملي رستو بہ ڳولي لهندا آهن ۽ انهيءَ ئي زهد ۽ رهبانيت جي وچولي رستي تي هلي سگهندا آهن. نہ رڳو يهودي ۽ عيسائي، پر ٻيون خدا پرست قومون ۽ نور جي پوڄا ڪندڙ آريا قومون (مثال طور مجوسي ۽ براهمہ) بہ هن سورت مان فائدو حاصل ڪري سگهن ٿيون. بهرحال مسلمانن کي ڏينهن رات هن جو مطالعو ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ۾ الاهيات، اخلاقيات ۽ سياست، سيني جو خلاصو موجود آهي.


Sindhica Academy, Karachi

### سورت التغابن رڪوع نمبر1:

سورت تغابن خدائي واڪاڻ ۾ هي بي مثال تقرير آهي. سموري ڪائنات ۾ انهيءَ جي ئي حڪومت آهي. تنهن ڪري انهيءَ جي ئي واکاڻ ڪريو. جنهن کي بہ بادشاهت ملي تہ اها الله تعاليٰ ئي ڏني، تنهن ڪري ان جي واٽ ۾ خرچ ڪريو. انسان جي هدايت جي لاءِ انسان ئي ايندو آهي. مرڻ کان پوءِ واري زندگي يقيني آهي. يعني جزا ۽ سزا وارو قانون اڻ ٽر آهي ۽ اها ئي قرآن جي تعليم آهي.

### سورت التغابن رڪوع نمبر2:

ڪنهن بہ غير الله تي ڀروسو نہ ڪريو. جيڪو ڪجهہ ڪري ٿو سو الله تعاليٰ ئي ڪري ٿو. مال ۽ اولاد جي فتني کان بچو ۽ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪريو.

## غزوہ حنين، هوازن ۽ ثقيف قبيلن جي مدافعت
## (6 شوال سنہ 8 ھ مطابق جنوري 630 ع)

مڪي جي پر امن انقلاب کان پوءِ عرب جا بہ وڏا قبيلا هوازن ۽ ثقيف مسلمانن تي حملي ڪرڻ جي سازش ڪري رهيا هئا. اهي ماڻهو چئن هزارن جي فوج سان مڪي کان ٽن راتين جي وٿيءَ تي حنين واري هنڌ گڏ ٿيا. اها جاءِ نخلہ ۽ طائف ۽ اوطاس کان هڪ جيتري وٿيءَ تي آهي. رسول الله ﷺ جن اها ڳالهہ ٻڌي فوجي چندو گڏ ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ لاءِ مشرڪن کان بہ شيون اڌاريون ۽ پئسا قرض طور ورتا ۽ 6 شوال تي ٻارنهن هزار فوجين سان گڏ روانو ٿيا. انهن ۾ بہ هزار نوان مسلمان ۽ مشرڪ بہ گڏ هئا. اهي سيئي پنهنجي عددي گهڻائي تي وڏائي ڪري رهيا هئا.

هوازن وارن صفبنديءَ جو انتظار نہ ڪيو پر مختلف مورچن کان تير ڇُٽڻ شروع ڪري ڏنا ۽ ايترو تہ سخت حملو ڪيو جو مسلم فوج جا پير اُکڙي ويا. ڀڄڻ وارن هڪبئي کي چيڀاٽڻ شروع ڪيو. ايتري تائين جو رسول الله ﷺ جن اڪيلا رهجي ويا. پاڻ سڏ ڪيائون ياانصار الله ورسوله، پر ڪنهن بہ ڀڄ ڊڪ جي ڪري نہ ٻڌو. آخر ۾ پاڻ حضرت عباسؓ کي حڪم ڪيائون تہ ماڻهن کي سڏن، جو هن جو


www.sindhsalamat.com

آواز ڳرو هو. هن وڏي سڏ آواز ڏنو ۽ چيو: اي انصاريو، اي بيعت رضوان وارؤ وارو، ڊڄو! اهو ٻڌندي ئي مهاجر ۽ انصاري چرين وانگر پاڻ ڪريم ﷺ جي اوسي پاسي مڙي ويا. هاڻي هوازن وارا ڀڄڻ لڳا ۽ ثقيف وارن جا ستر ماڻهو ماريا ويا. انهيءَ ويڙهه ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن حڪم فرمايو ته عورتن ۽ ٻارن کي بلڪل به نه ماربو جو انهيءَ کان وڌيڪ بزدليءَ واري ٻي ڪا ڳالهه نه آهي.

## اوطاس وارو سريو:

جيڪي ماڻهو اوطاس ڏانهن ڀڄي ويا هئا، تن جو به پيڇو ڪيو ويو ۽ اتان ڇهه هزار عورتون ۽ ٻار، چوويهه هزار اٺ، چاليهه هزار ٻڪريون ۽ چار هزار اوقيه چاندي غنيمت ۾ مليو.

انهيءَ فتح جو ذڪر اڳتي هلي سورت توبه ۾ ٿيو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته توهان جي دلين کي الله تعاليٰ اطمينان بخشيو ۽ ملائڪن جو لشڪر توهان جي مدد لاءِ نازل ڪيو جنهن ڪري توهان جي هار به سوڀ ۾ بدلجي وئي.

## غزوه طائف:

اوطاس مان واندڪائي کان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن طائف ڏانهن وڌيا. بنو ثقيف وارا قلعو بند ڪري اندر ويهي رهيا. مسلمانن منجنيقون استعمال ڪيون، ثقيف وارن ٻارنهن مسلمانن کي تيرن سان شهيد ڪري ڇڏيو. آخرڪار ارڙنهن ڏينهن جي گهيراءَ کان پوءِ گهيرو ختم ڪيو ويو ۽ جعرانه ۾ اچي ڪري غنيمت جو مال ورهايو ويو.

گهيراءَ جي دوران پاڻ ﷺ جن اعلان ڪيو ته اسلام غلامن جو مددگار آهي. جيڪو غلام قلعي مان نڪري اسان وٽ ايندو، سو آزاد سمجهيو ويندو. انهيءَ اعلان تي چاليهه پنجاهه غلام ٻاهر نڪري آيا جيڪي آزاد ڪيا ويا.

جڏهن اوطاس جو مال غنيمت ورهايو ويو ته قيدين کي به ورهايو ويو. هي اهو قبيلو هو، جنهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي ننڍپڻ ۾ حليمه سعديه جو کير پيتو هو. پاڻ ڪريم ﷺ جي کير شريڪ ڀيڻ شيما به قيدين ۾ شامل هئي. تنهن ڪري جڏهن هوازن جي مردن اچي ڪري پاڻ ﷺ کي درخواست ڪئي ته پاڻ فرمايائون ته منهنجا ۽ منهنجي خاندان جا قيدي آزاد آهن. مهاجرن ۽ انصارن جڏهن اهو ٻڌو ته انهن به پنهنجي حصي جي قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيو. رڳو بني تميم ۽ بنو فزاره وارن قيدين کي فديي کانسواءِ آزاد ڪرڻ کان انڪار ڪيو جو اهي مشرڪ هئا. انهيءَ ڪري رسول الله ﷺ جن انهن کي فرمايو ته بنو هوازن وارا


Sindhica Academy, Karachi

مسلمان (فرمانبردار) ٿي توهان وٽ آيا آهن تنهن ڪري انهن جي قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيو، انهن جي هر قيديءَ جي بدلي ۾ توهان کي ڇهه ڏاچيون ڏنيون وينديون. تنهن ڪري هڪ ئي وقت ڇهه هزار عورتون ۽ ٻار آزاد ٿي ويا.

## جعرانه وارو عمرو:

18 ذيقعد سنه 8 هجري تي پاڻ ڪريم ﷺ جن عمري جي نيت ڪئي. پاڻ مڪي ۾ اچي عمرو ادا ڪيائون. عتاب بن اسيد کي مڪي جو گورنر مقرر ڪيائون ۽ معاذ بن جبل کي ان سان گڏ ڇڏيائون ته جيئن هو ماڻهن کي قرآن جي تعليم ڏين. عتاب جي پگهار هڪ درهم ڏهاڙي جي حساب سان مقرر ڪيائون ۽ پاڻ واپس مديني موٽي آيا. حج جا حڪم سورت بقره جي رڪوع نمبر 25 ۽ رڪوع نمبر 19 ۾ ۽ سورت الحج ۾ بيان ڪيا ويا آهن.

## انصارن جي هڪ غلط فهميءَ جو ازالو:

جيترو به مال مليو اهو نون مسلمانن ۾ تمام ئي سخاوت سان ورهايو ويو. انصارن جا ڪي نوجوان چوڻ لڳا ته مڪي وارن تي ته خاص مهرباني ٿي رهي آهي. پاڻ انهن کي سمجهايائون ته اهي ماڻهو دولت جا بکيا هئا، تنهن ڪري مون انهن کي مال ڏنو. پر مان توهان جو آهيان ۽ توهان منهنجا آهيو. مان توهان سان گڏجي مديني هلندس. انهيءَ تي سڀني جي اکين مان ڳوڙها وهي پيا ۽ پنهنجي بدگمانيءَ تي پيشمان ٿيا.

## سورت البقره رڪوع نمبر 25:

هن رڪوع ۾ حج جا حڪم بيان ڪيا ويا آهن:

(1) جيڪو ماڻهو حج جو احرام ٻڌي سو پنهنجي زال کان جدا پري رهي، گناهن کان بچي ۽ ويڙهه جهيڙي ۾ نه پوي.

(2) پاڻ سان گڏ سفر جو سامان واڌاري رکي.

(3) واپار ڪري ۽ نفعو ڪمائي

(4) پيءُ ڏاڏي جا ڪارناما بيان ڪرڻ جي بدران الله تعاليٰ جي رحمتن جو بيان ڪري.

(5) منافقن کان هوشيار رهي.

(6) جيڪا مرڪزي جماعت بيعت رضوان ڪرڻ وارن جي جڙي آهي، انهيءَ جي عزت ڪريو. اها جماعت امن ۽ امان گهري ٿي، منافقن


www.sindhsalamat.com

وانگر فساد پکيڙڻ نٿي گهري. انهن ئي جانبازن جي ڪري حنين واري ويڙهه ۾ فتح ممڪن ٿي سگهي.

اسلام جو مقصد امن ۽ سلامتي آهي. الله تعاليٰ فساد کي پسند نٿو ڪري. الله تعاليٰ جي ٻانهپ سان نهٺائي ۽ بردباري پيدا ٿيندي آهي. شيطان جي وسوسن تي عمل ڪندؤ ته انهيءَ ۾ توهان جو ئي نقصان ٿيندو.

## سورت البقره رڪوع نمبر 19:

جيڪو ماڻهو الله تعاليٰ کان مدد گهري ٿو، ۽ گڏوگڏ ثابت قدميءَ سان پنهنجي مقصد تي قائم رهي ٿو ته الله تعاليٰ ان جي مدد ڪري ٿو. ۽ جڏهن ان تي ڪا مصيبت اچي ٿي ته هو چئي ٿو ته اسان الله جا آهيون ۽ الله ڏانهن ئي موٽي ويندا سين. (انالله وانا اليہ راجعون). انهن تي الله تعاليٰ جا انعام ۽ رحمتون وسنديون آهن.

# انساني زندگيءَ جو مقصد

علامه اقبال پنهنجي ڇهين خطبي ۾ ٻڌايو آهي ته مذهب پنهنجي مڪانهين مفهوم ۾ نه ته عقيدو (Dogma) آهي ، نه رسمن جو مجموعو ۽ ظاهري عمل ۽ نه ئي وري مذهبي پيشوائيت آهي، پر اهو انهن ٻن ڳالهين جو جواب آهي ته انسان ڪٿان (Whence) آيو آهي ۽ ڪٿي (Where) ويندو. مٿي ذڪر ڪيل آيت ۾ به چيو ويو آهي ته انسان الله تعاليٰ جي طرف کان اچي ٿو ۽ الله تعاليٰ ڏانهن ئي موٽي ويندو. اهو ئي انساني زندگيءَ جو مقصد آهي ته هو پنهنجي اصل يعني الله تعاليٰ ڏانهن موٽڻ لاءِ جاکوڙيندو رهي. انهيءَ عظيم مقصد هيٺ ئي زندگيءَ جا ٻئي ننڍا مقصد ٿيندا آهن.

مثال طور هڪ ماڻهو پنهنجي گهر کان پنهنجي دوست ڏانهن وڃي ٿو، پر رستي ۾ ان کي ياد نٿو رهي ته هو ڪٿان هليو هو ۽ ڪيڏانهن وڃي پيو ته نتيجي ۾ اهڙو ماڻهو هيڏي هوڏي ڀلجي گمراهه ٿي تباهه ٿي وڃي ٿو. اهي سموريون تهذيبون جن جي سامهون زندگيءَ جو اهو عظيم مقصد نه هو سي زمين جي نقشي تان ئي مٽجي ويون آهن. فرد توڙي قوم، ٻنهي لاءِ لازمي آهي ته اهي پنهنجي معاشرتي، نفسياتي ۽ تهذيبي قوتن کي اهڙي طرح ترتيب ڏين جو انهيءَ عظيم مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي.


Sindhica Academy, Karachi

سائنس ٻڌائي ٿي ته انساني فطرت ۾ جنسي جذبو (Sex) غالب آهي، جيئن فرائڊ جي تحقيق آهي. اهڙي انڪشاف جنسي ڇڙواڳي پيدا ڪئي آهي. ايتري تائين جو جنسيت کي قانوني شڪل ڏني وئي آهي. سائنس جون سموريون تحقيقون زندگيءَ جي حيواني مقصدن جي ورڇڙهي ويون آهن. دنيا جي سمورن مذهبن زندگيءَ جو مقصد الله تعاليٰ ڏانهن موٽي وڃڻ ٻڌايو آهي. تنهن ڪري تعليم ۽ پيغام رساني وارن وسيلن کي استعمال ڪندي انساني زندگيءَ جو اهو عظيم مقصد انساني نفسيات ۾ پري ڇڏڻ گهرجي. معاشرتي سطح تي انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ موجوده طبقاتي معاشري کي توحيدي يعني غيرطبقاتي معاشري ۾ تبديل ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ پيداواري وسيلن تي ڏهه سيڪڙو ماڻهن جي قبضي ۾ هجڻ بدران نوي سيڪڙو مزدور طبقي جو قبضو هوندو آهي. مزدور کي پنهنجي مزدوري ڪمائڻ جي لاءِ انهن وسيلن جي مالڪن وٽ مزدوريءَ تي پنهنجي محنت وڪرو ڪرڻي نه پوندي آهي. اجا به پنهنجي محنت جي پيداوار جو هو پاڻ ئي مالڪ هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته پيداواري وسيلن تي ان جو ذاتي قبضو هوندو آهي. طبقاتي معاشري ۾ گڏيل زندگي فرد کي پنهنجي ذاتي تڪميل ۾ ڪا به مدد نه ڏيندي آهي، ڇو جو انهيءَ جو بنياد محنت جي استحصال وسيلي ”نفعو“ ڪمائڻ هوندو آهي.

## شهيد مئل نه پر جيئرا آهن:

اهڙي طرح صبر ۽ ثابت قدمي سان الله تعاليٰ جي واٽ ۾ ساهه صدقو ڪرڻ وارو مرندا نه آهن، پر اهي جيئرا رهندا آهن، باقي توهان کي انهيءَ جي سمجهه نه آهي. اهي ماڻهو الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خوف، بک، مالي نقصان ۽ پنهنجي حاصل ڪيل ميون جو نقصان خوشيءَ سان سهندا آهن (۽ هميشه جي لاءِ زنده ٿي ويندا آهن).

نوٽ: في سبيل الله جو هڪ مطلب في سبيل العوام به آهي. ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ الٰہ الناس به آهي. جيڪي ماڻهو عوام کي بک، ويڙهه جهيڙي، غلامي، اڻ ڄاڻائي ۽ غلاميءَ واري زندگيءَ مان ڪڍڻ لاءِ استحصالي ۽ رعايتون ڏنل طبقي جي خلاف جاکوڙيندي پنهنجو ساهه صدقو ڪن ٿا، سي اصل ۾ روحانيت ۽ نيڪيءَ جي رستي ۾ سر گهورين ٿا. پوءِ ڀلي انهن جو مذهب، قوميت ۽ ملڪ ڪهڙو به هجي. رڳو ڪنهن مذهب جي نالي تي ساهه ڏيڻ ئي شهادت نه آهي. جيئن ته دين يا مذهب، دولت جي غير مساوي ورڇ يعني سرمائيداري ۽ جاگيرداري نظام جا حامي بڻجي چڪا آهن، انهيءَ ڪري مذهب جي نالي تي انهيءَ معاشي ٺيڪيداريءَ واري نظام کي قائم رکڻ ۽


www.sindhsalamat.com

محنت جي استحصال کي جائز سڏڻ جي لاءِ ساھ صدقو ڪرڻ نيڪي ۽ روحانيت (الله تعالي) جي لاءِ ساھ ڏيڻ نہ آهي. انساني وحدت ۽ محنت سان حاصل ڪيل پيداوار تي مزدور جو پاڻ ئي مالڪ ٿيڻ جي لاءِ جاکوڙيندي سر ڏيڻ بہ حقيقت ۾ جڻ تہ الله تعاليٰ جي لاءِ ئي سر ڏيڻ آهي. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ اصل ۾ روحانيت، محبت، امن، مساوات، آزادي ۽ ڀائپي جو حامي آهي. رڳو مذهبي رسمون ادا ڪرڻ ۽ ظاهري طرح سان عبادت ڪرڻ الله تعاليٰ کي اڪيلو ڪري مڃڻ واري عقيدي جي خلاف آهي. عام طور تي ڏٺو ويو آهي تہ مذهب جي لاءِ جاکوڙڻ سگهارن طبقن جي مفادن کي قائم رکڻ لاءِ هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ جن اخلاقي ۽ روحاني قدرن کي قائم ڪرڻ جي لاءِ مذهب يا نبي سڳورا آيا هئا، مذهب جي مٿجي وڃڻ کان پوءِ هاڻي انسانيت جي ڀلائي ۽ ترقي جا اهي مقصد غير مذهبي قوتن پنهنجائي ورتا آهن.

## صفا ۽ مروه:

صفا ۽ مروه جبل الله تعاليٰ جي نشانين مان آهن جيڪي حضرت ابراهيم[ع] ۽ حضرت اسماعيل[ع] جي ياد ڏيارين ٿا. حج يا عمرو (يعني بيت الله جي زيارت) ڪرڻ وقت جيڪڏهن انهن جبلن جو طواف ڪيو وڃي تہ ڪو بہ گناھ نہ آهي. (جاهليت واري زماني ۾ هتي بت ڪتل هئا، پر هاڻي اهي بت نہ آهن). اهي جبل حضرت ابراهيم[ع] جي مڪي اچڻ ۽ حضرت بي بي هاجره جي پاڻيءَ لاءِ ڳولا ۾ ڊڪڻ جي ياد ڏيارن ٿا.

جن ماڻهن الله تعاليٰ جو انڪار ڪيو سي دائمي عذاب ۾ گرفتار ڪيا ويندا. اهڙين ڳالهين کان توبہ ڪريو. الله تعاليٰ وڏو بخشڻهار ۽ پنهنجي ٻانهن سان محبت ڪندڙ آهي. ان کي مڪمل اختيار حاصل آهي تہ هو ڪنهن کي بہ معاف ڪري ڇڏي. سيني جو معبو هڪڙو ئي آهي. اهو ئي ٻاجهارو آهي ۽ رحمت ڪندڙ آهي. **لا الہ الا هو الرحمٰن الرحيم.**

## حج ڇا آهي؟

حج زراعتي رهڻي ڪهڻي جي يادگار آهي. ائين ڪٿي ڇئجي تہ اهو هڪ ميلو هوندو هو جنهن ۾ وچولي موسم ۾ پنهنجا فصل ڪٽڻ کان پوءِ هر قوم خوشيون ملهائيندي هئي ۽ پنهنجي ديوتائن کي بہ گل ۽ ميوا، پکين ۽ جانورن جا نذرانا يا قربانيون پيش ڪندي هئي. عبراني يا سنسڪرت ۾ ذبح جي معنيٰ ئي ڪنهن شيءِ کي نذر ڪرڻ آهي. مثال طور حضرت اسماعيل[ع] کي


Sindhica Academy, Karachi

ذبيح الله انهيءَ لاءِ چوند آهن جو هو "الله تعاليٰ جي گهر" بيت الله جي لاءِ خاص طرح سان نذراني طور پيش ڪيا ويا هئا تہ جيئن اهي الله جي گهر جا مجاور ٿين ۽ الله تعاليٰ جي ٻانهپ ڪرڻ وارن کي هدايت جو رستو ڏيکارين.

بهرحال دنيا جي هر ملڪ ۾ هر سال ۾ ٻہ دفعا چيٽ ۽ ڪتي جي فصل واري زماني ۾ جڏهن ڏينهن وچولا هوندا هئا (21 مارچ ۽ 21 سيپٽمبر) تڏهن ميلا لڳندا هئا. عرب ۾ اهو دستور هو تہ مختلف ميلن ۽ بازارن مان لنگهندي ذي الحج (فيبروري، مارچ) ۾ عرفات، مزدلفہ ۽ منيٰ ۾ ماڻهو ميلا لڳائيندا هئا. انهي کي حج اڪبر سڏيو ويندو هو. ان ڪانسواءِ انهيءَ زماني ۾ ٽن مهينن تائين قتل، ويڙهہ جهيڙو بند ڪيو ويندو هو. يعني ذيقعد، ذي الحج، ۽ محرم (جنهن کي صفر اول بہ چوندا آهن) محترم مهينا سمجهيا ويندا هئا. ايتري تائين جو پنهنجي جاني دشمن کي قتل ڪرڻ يا مسافر کي ڦرڻ بہ ناجائز سمجهيو ويندو هو.

انهيءَ زماني ۾ ايران ۾ نو روز جمشيدي، هندستان ۾ هولي، فلسطين ۾ يهودي عيد فصح ۽ عيسائين ۾ نو روز (ايسٽر) ملهايو ويندو هو. عرب وارا انهيءَ حج واري موسم ۾ گرميءَ جو سفر (رحلة الصيف) ڪندا هئا ۽ عام طرح سان ٿڌن ملڪن ڏانهن ويندا هئا.

ڪَتي واري مند ۾ يعني 21 سيپٽمبر جي ويجهو هڪ ننڍڙو ميلو لڳندو هو جنهن کي عرب وارا حج اصغر سڏيندا هئا. انهيءَ مهيني ۾ رحلة الشتاء يعني سياري جو سفر هوندو هو ۽ جيئن تہ چيٽ جي مقابلي ۾ اهو فصل ٿورڙو هوندو هو، انهيءَ ڪري رڳو هڪ مهينو يعني رجب جو مهينو انهيءَ لاءِ گهڻو سمجهيو ويندو هو. ايران ۾ انهيءَ کي نئين سياري جو جشن سڏيو ويندو هو. هندستان ۾ انهيءَ کي دسهڙو سڏيندا آهن جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ ڏينهن ۽ بنگال ۾ هڪ مهيني تائين ملهايو ويندو آهي ۽ انهيءَ ۾ ديوتائن کي بہ قرباني وغيره سان خوش ڪيو ويندو آهي.

## قرباني ۽ قرآن:

هر ملڪ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ قربانيءَ جي رسم هلندڙ هئي. پکين، جانورن ۽ انسانن جي قربانيءَ جا مختلف طريقا رواج ۾ هئا. قرآن ٻڌايو آهي تہ انهيءَ جو مقصد الله تعاليٰ جي اڳيان جانورن جو گوشت پيش ڪرڻ نہ آهي. ڇو تہ هن کي انهن شين جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي. انهيءَ جو مقصد رڳو اهو آهي تہ الله تعاليٰ جا ٻانها ان جي حڪمن تي عمل ڪن ۽ گناهن کان بچن. ظاهر آهي تہ گناھ جون جيتريون بہ شڪليون آهن، سي ٻين انسانن کي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان تڪليف


www.sindhsalamat.com

پهچائڻ ٿيون. قتل، چوري، زنا، ڪوڙي شاهدي، ويڙهه جهيڙو، وياج وغيره. انهيءَ ڪري قرآن تقويٰ يعني گناهن کان بچڻ کي ٻانهپ جو درجو ڏنو آهي.

سورت حج جي رڪوع نمبر 5 ۾ اچي ٿو، جنهن جو ترجمو هي آهي ته اصل مقصد بدحال ۽ محتاجن کي کاڌو کارايو وڃي. اهڙي طرح اڳتي فرمايو ويو ته انسان ٻن مصيبتن ۾ ڦاٿل آهي: هڪڙو بک ۽ ٻيو ڏک. بک جو علاج گڏيل معيشت آهي ۽ ڏک جو علاج گناهن کان بچڻ ۽ مراقبي جي ذريعي الله تعاليٰ سان لاڳاپو قائم رکڻ. مهاتما ٻڌ به اها ئي تعليم ڏني هئي.

سورت الحج انهيءَ ڪري مدني سڏجي ٿو جو اها هجرت کان پوءِ نازل ٿي آهي، پر اها مڪي انهيءَ ڪري آهي جو اها مڪي ۾ نازل ٿي. پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪافرن کي پراڻي معجزي گهرڻ واريون ڳالهيون ياد ڏياريون. انهيءَ سورت ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته جهاد ڇاجي ڪري فرض ٿيو ۽ مذهبي رسمن خاص طرح سان قربانيءَ جي لاءِ ٻڌايو ته اها رسم هر قوم ۾ رهي آهي. پر اسلام يا دين ابراهيم حنيف ۾ اها قرباني الله تعاليٰ جي نالي تي ٿئي ٿي، بتن جي نالي تي نٿي ٿئي ۽ انهيءَ لاءِ ٿيندي آهي ته جيئن محتاجن جي مددگاري ٿي سگهي، نه انهيءَ لاءِ ته الله تعاليٰ رت ۽ گوشت سان خوش ٿئي. الله تعاليٰ تائين اهو رت ۽ گوشت نٿو پهچي، پر الله تعاليٰ کي توهان جي پاڪائي يعني بڇڙين ڳالهين کان بچڻ پسند آهي. الله تعاليٰ جي ويجهڙائي ۽ راضپو حاصل ڪرڻ جو هڪڙو ئي طريقو آهي ۽ اهو اهو ته ان جي سمورن حڪمن کي مڃيو وڃي ۽ ان جي ٻانهپ کان منهن نه موڙيو وڃي. تنهن ڪري عبادت جي طريقن تي جهيڙڻ نه گهرجي پر عبادت جي مقصد تي نظر رکڻ گهرجي. هاڻي سورت الحج جو تت ڏنو وڃي ٿو.

## سورت الحج رڪوع نمبر 1:

قيامت ضرور ايندي. الله تعاليٰ جي وجود ۾ ڪو به شڪ نه آهي. اي انسانو انهيءَ ۾ ڪو به شڪ نه آهي. قيامت ضرور ايندي. اي مڪي جا ڪافرؤ، الله تعاليٰ جي وجود جي باري ۾ جهيڙو نه ڪريو، جو جو اها شيطان جي پيروي آهي. الله تعاليٰ ئي خالق آهي. اهو ئي مئلن کي جيئرو ڪرڻ وارو آهي. هو هر شيءِ تي وس وارو آهي.


Sindhica Academy, Karachi

## سورت الحج رڪوع نمبر2:

ڪي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي خوشحاليءَ ۾ ته خدا پرست بڻجي ويندا آهن ۽ جي بدحالي اچي وڃين ته شيطان پرست ٿي پوندا آهن. انهن جي دنيا ۽ آخرت خراب ٿي وئي. ڇا اُهي اِهو نٿا ڏسن ته ڪائنات جي هر شيءِ الله تعاليٰ کي سجدو ڪري ٿي، يعني اها انهيءَ قانون جي پابند آهي. انسان کي مونجهو نه ٿيڻ گهرجي.

## سورت الحج رڪوع نمبر 3:

نيڪ عمل ڪندڙ مؤمن جنت ۾ ويندا ۽ مسجد حرام کان جهليندڙ ڪافر جهنم ۾ داخل ڪيا ويندا (مسجد حرام ڪعبة الله کي سڏيو ويندو آهي جيڪو حضرت ابراهيم جي طرف کان تاهيل الله جو گهر آهي).

## سورت الحج رڪوع نمبر4:

بيت الله ۾ عبادت جا جيڪي طريقا رائج آهن، يعني طواف، قيام، رڪوع ۽ سجدا، سي ابراهيمؑ جي وقت کان وٺي آهن. ان ڪانسواءِ هتي ٻئي واپاري، سماجي ۽ معاشي فائدا به آهن. قربانيءَ جو مقصد رڳو محتاجن جو پيٽ ڀرڻ آهي. قول زور يعني شرڪ کان بچڻ جي لاءِ ضروري آهي ته بتن جي نالي تي قرباني نه ڪئي وڃي.

## سورت الحج رڪوع نمبر 5:

قربانيءَ جي رسم هر قوم ۾ رهي آهي. انهيءَ جو مقصد اهو آهي ته الله جي نالي تي قرباني جي ذريعي الله تعاليٰ جو نالو مٿي رهي ۽ غريبن جو پيٽ به ڀربو رهي. پوءِ اهڙي طرح سان الله تعاليٰ جي ويجهڙائي به حاصل ٿئي. ياد رکو ته الله تعاليٰ کي جانورن جو گوشت ۽ رت نٿو پهچي، پر الله جي خلق جي خدمت ۽ پاڪائي ۽ گناهن کان بچڻ جو خيال (عمل) الله تعاليٰ کي پسند آهي. (اهو ڀلو طريقو ئي قرباني ۽ الله جي ويجهڙائي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي).

## سورت الحج رڪوع نمبر 6:

قتال جي حڪم جي توجيهه: ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته قتال جي باري ۾ اها پهرين آيت آهي. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته مڪي جي فتح کان پوءِ اهو قتال جي جواز جي باري ۾ هڪ بيان آهي. قتال انهيءَ ڪري فرض ڪيو ويو هو ته مسلمان


www.sindhsalamat.com

مظلوم هئا ۽ ناحق سان پنهنجي وطن مان لوڏيا ويا هئا. انهن جو ڏوهه رڳو اهو هو تہ اهي الله تعاليٰ کي پنهنجو رب مڃڻ تي ضد ڪري بيٺا هئا. جيڪڏهن الله تعاليٰ جي مدد پنهنجن ٻانهن سان نہ هجي ها تہ مشرڪ ماڻهو ڪڏهن جو گرجا گهرن، مدرسن، عبادتگاهن ۽ مسجدن کي ڊاهي ڇڏين ها.

## فتح ڪان پوءِ فرض:

جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن مسلم يا خدا پرست قوم کي ڪنهن ملڪ جو مالڪ بڻائي تہ ان جوقوم جو فرض آهي تہ اها نماز قائم ڪري، زڪوات ڏئي، نيڪ ڪمن ڪرڻ جو حڪم ڏئي ۽ بڇڙن ڪمن کان روڪي ۽ ان کان پوءِ نتيجو الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏي. ڏسو تہ بنين کي ڪوڙو ڪندڙ قومون بہ الله تعاليٰ ئي تباھ ڪيون آهن. افسوس آهي جون توهان جون اکيون تہ آهن پر انهن سان ڏسو نٿا ۽ دليون تہ آهن پر انڌا ٿي رهيا آهيو.

## سورت الحج رڪوع نمبر 7:

هن رڪوع جي آيت "وَالَّذِيْنَ سَعَوْا فِيْٓ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ" اڳي بہ مڪي دؤر ۾ نازل ٿي چڪي آهي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ انهيءَ شيطاني وسوسي جو بہ ذڪر آهي جنهن جي ڪري حبشہ ڏانهن هجرت ڪندڙ 5 نبوي ۾ واپس اچي ويا هئا. هتي، يعني مڪي ۾ اچي ڪري انهيءَ آڳاٽي ڳالهہ جو ٻيهر جواب ڏنو ويو تہ شيطاني وسوسو تہ آدم کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ٿيندو رهيو، پر نبي کي الله تعاليٰ هوشيار ۽ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪري ڪوبہ نبي حق جي واٽ تان ڪڏهن بہ نہ ٿڙيو. هيءَ آيت انهيءَ آيت جي تشريح آهي جيڪا مڪي ۾ سورت النجم ۾ لات ۽ منات واري ذڪر ۾ ٿي چڪي آهي.

## مڪي جي ڪافرن کي جواب:

جيڪي ماڻهو اسان جي آيتن کي شڪست ڏيڻ جي لاءِ انهن جي پويان پون ٿا، انهن کي جاڻ هئڻ گهرجي تہ هن کان اڳ بہ جيڪي رسول ۽ نبي آيا آهن تن جي تعليم ۾ شيطان ملاوت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر الله تعاليٰ شيطاني خيالن کي مٽائي ڇڏيو ۽ پنهنجي ڳالهين کي رسولن جي دلين ۾ پختو ڪري ڇڏيو. يعني انهن آيتن کي محڪم ڪري ڇڏيو. پر جڏهن شيطاني وسوسي کي سخت دل مشرڪن ٻڌو تہ اهي جملا انهن جي لاءِ فتنو (آزمائش) بڻجي ويا ۽ جيئن تہ اهي ظالم سخت مخالفت لاءِ آماده هئا، تنهن


Sindhica Academy, Karachi

ڪري اهي اجا بہ وڌيڪ پٿر دل بڻجي ويا.

اهي محڪم آيتون (يعني الله تعاليٰ جي ڏنل مضبوط خيالن جو علم) جڏهن انهن ماڻهن ٻڌيون جيڪي علم وارا آهن تہ انهن کي خبر پئجي وئي تہ اهي الله تعاليٰ جي طرف کان ئي نازل ڪيل حق ۽ سچ واريون ڳالهيون آهن. انهن کي ٻڌي انهن ايمان آندو ۽ انهن جون دليون نرم ٿي ويون.

پر ڪافر انهيءَ معاملي ۾ قيامت تائين شڪ ۾ رهندا. انهيءَ ڏينهن الله تعاليٰ جي بادشاهي هوندي ۽ اهو فيصلو ڪندو ۽ ڪوڙو پائيندڙن تي خوار خراب ڪندڙ عذاب پهچيندو.

## سورت الحج رڪوع نمبر8:

**مهاجر ۽ شهيد:** اهي ماڻهن جيڪي الله تعاليٰ جو نالو مٿانهون ڪرڻ لاءِ پنهنجي شهر مان لڏي ويا ۽ حق جي واٽ ۾ قتل ٿيا يا مري ويا، تن کي الله تعاليٰ سٺو (طيب) بدلو (رزق) ڏينهن ۽ دلپسند بهشت ۾ داخل ڪندو ۽ هر مظلوم جي داد رسي ڪندو.

## سورت الحج رڪوع نمبر 9:

**قومن جي بندگيءَ جا طريقا:** الله تعاليٰ هر امت جي لاءِ ٻانهپ جو طريقو مقرر ڪري ڇڏيو آهي. يعني جيڪو عبادت جو طريقو الله تعاليٰ ٻڌايو آهي، انهيءَ ۾ ڪنهن (ڪافر) کي جهيڙڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. اها ئي سڌي واٽ آهي. بحث ڪرڻ وارن کي چئي ڇڏ تہ الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن انهيءَ جو بہ فيصلو ڪندو (تہ قرباني يا ٻانهپ جو مقصد ڪنهن سمجهيو) اهي ماڻهو قرآن ٻڌي ڪري مارڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا، انهيءَ جو نتيجو جهنم آهي. الله تعاليٰ جي طرف کان الله تعاليٰ جي عبادت جا طريقا هر قوم ۾ رائج آهن ۽ اهي سيئي سچا آهن.

**نوٽ:** دنيا جي مذهبن وچ ۾ سمورو جهيڙو ۽ فساد عبادت جي طريقن ۾ اختلاف جي ڪري آهي. دين تہ الله تعاليٰ جي عبادت ۽ نيڪ عملي جو نالو آهي، پر ان جي عبادت ڪرڻ جا طريقا مختلف آهن. مولانا ابوالڪلام آزاد پنهنجي سورت فاتحہ جي تفسير ۾ "وحدت دين جي اصل عظمت اور قرآن حڪيم" جي عنوان سان انهيءَ تي تفصيلي بحث ڪيو آهي. مون پنهنجي تصنيف "اسلامي انقلاب ڪا عهدنامہ"، جيڪا سورت فاتحہ جو تفسير آهي، ۾ اهدنا جي بحث ۾ اهو بحث جيئن جو تيئن لکي ڇڏيو آهي. انهيءَ ۾ رڳو


www.sindhsalamat.com

انھيءَ ڳالھ کان روڪيو ويو آھي تہ عبادت ڪرڻ وقت ڪنھن بُتَ، تصوير وغيره کي سامھون رکيو وڃي. الله تعاليٰ جي عبادت اڻ ڏٺي ڪئي وڃي. ڪنھن بہ پاسي منھن ڪري ڪنھن بہ طريقي سان عبادت ڪرڻ خدائي ويجھڙائي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آھي.

## سورت الحج رڪوع نمبر 10:

**الله تعاليٰ جي وجود جو دليل:** انسانو! ھڪڙو مثال ٻڌو. جا انھن ديوتائن، جن کي توھان پوڄيو ٿا، ھڪ مک بہ پيدا ڪئي آھي؟ الله تعاليٰ تہ تمام ئي سگھارو ۽ ھر شيءِ تي سوڀارو آھي. ھو ٻڌندڙ بہ آھي تہ ڏسندڙ بہ آھي. چڱو نگھبان ۽ چڱو سنڀاليندڙ آھي. جنھن لاءِ گھرندو آھي تنھن کي ملائڪن ۽ انسانن ۾ پنھنجو پيغامبر مقرر ڪندو آھي. اھو ئي ڳجھ جي ڄاڻ رکندڙ آھي. اي ايمان وارؤ! پنھنجي پالڻھار (الله) جو حڪم مڃو. سڀني سان ڀلائي ڪريو تہ توھان جو بہ ڀلو ٿئي. ھن امت جو نالو ابراھيمي امت آھي. انھيءَ توھان جو نالو مسلم (الله تعاليٰ جو فرمانبردار) رکيو ھو. قرآن بہ توھان کي اھو ئي نالو ڏنو آھي. تنھن ڪري نماز ادا ڪريو ۽ زڪوات تي قائم رھو. الله تعاليٰ جي حڪم کي مضبوطيءَ سان جھليو (يعني شيطان کان پري ڀڄو)

هُوَ مَوْلٰىكُمْ ۚ فَنِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ

”اھو ئي توھان جو مالڪ آھي. ڪيترو نہ سٺو مالڪ ۽ ڪيترو نہ چڱو مددگار آھي.“

**ڳڏيل حج، سنہ 7 ھ:** اھو حج ڳڏيل ھو. يعني انھيءَ ۾ مؤمنن جو امير الحج حضرت عتاب بن اسيد ھو ۽ مشرڪن پنھنجي طريقي تي حج ڪيو ھو.

رسول الله ﷺ سياسي ضرورتن جي لاءِ مديني واپس آيا ھئا. ھتي اچي پاڻ ﷺ جن پنھنجي پٽ ابراھيم کي ڏٺو تہ ھو سٽن اٺن مھينن جو ٿي ويو ھو. پاڻ ڪيس ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. ٻيون زالون نہ رڳو ماريہ قبطيہ سان ريس ڪرڻ لڳيون ھيون.

پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني آيا ھئا. ھتي منافقن ٻيھر بغاوت شروع ڪري ڏني ھئي. ھينين آيتن ۾ انھيءَ جو ئي ذڪر آھي:

## سورت النساء رڪوع نمبر 20:

منافق رڳو ڏيکاءَ لاءِ نماز پڙھندا آھن. اھي ڪفر ۽ ايمان جي وچ ۾ لٽڪيل آھن. مؤمنو! توھان کي حڪم ڏنو وڃي ٿو تہ مؤمنن کي ڇڏي ڪافرن


Sindhica Academy, Karachi

کي پنھنجو دوست نہ بڻايو. اھي منافق جھنم جي بلڪل ھيٺين طبقي ۾ وڌا ويندا. ھائو، باقي جيڪي توبہ ڪري خالص ديندار ۽ مؤمن بڻجي ويا تہ پوءِ اھي بہ مؤمنن سان گڏ رھندا. مظلوم ڪانسواءِ ڪنھن کي بہ ڪنھن جي شڪايت نہ ڪرڻ گھرجي. بھرحال برائيءَ کي معاف ڪرڻ وڌيڪ ڀلي ڳالھ آھي.

## اصلي ڪافر:

اصلي ڪافر اھي آھن جيڪي الله ۽ ان جي سمورن رسولن کي نٿا مڃن. يعني ڪن کي تہ مڃن ٿا، پر ڪن کي نٿا مڃن. اھي ڪا وچ واري واٽ وٺڻ گھرن ٿا.

## اصلي ايمان:

الله ۽ سمورن رسولن کي اھڙيءَ طرح مڃڻ جو انھن ۾ ڪنھن بہ قسم جو فرق نہ ڪيو وڃي، اھو ئي اصلي ايمان آھي. (يعني الله جي ھر رسول کي مڃڻ گھرجي ۽ ڪنھن رسول کي ٻئي رسول تي فضيلت نہ ڏيڻ گھرجي. پيغام جي اعتبار سان سڀني جو اھو ئي پيغام آھي تہ الله کي مڃو ۽ بدعمليءَ جي سزا کان ڊڄو ۽ نيڪ عملي ڪريو).

## سورت النساء رڪوع نمبر 23:

سمورا نبي وحي جي اعتبار کان برابر آھن. اي رسول الله ﷺ جھڙي طرح پھرين نبين تي اسان وحي نازل ڪئي ۽ زبور ۽ توريت نازل ڪيو، ايئن ئي تون بہ رسول آھن ۽ اسان توتي قرآن نازل ڪيو آھي. رسولن جو ڪم بھشت جي خوشخبري ڏيڻ ۽ بدعملي جي عذاب کان ڊيڄارڻ آھي. آڳاٽن نبين تي بہ جاڳندي توڙي خواب جي صورت ۾ خدائي پيغام آيا ھئا. (۽ ھاڻي جيڪي انھن لفظن جا ترجما موجود آھن، سي بہ خدائي ڪلام آھن).

## وحي جي نوعيت:

**قرآن الله تعاليٰ جي علم سان نازل ٿيو آھي:** الله تعاليٰ ۽ ان جا ملائڪ شاھد آھن تہ قرآن جي تعليم الله تعاليٰ جي علم سان آئي آھي. اھا حق واري ڳالھ جنھن کي رسول، الله تعاليٰ وٽان کڻي آيو آھي، تنھن کي مڃڻ ۾ ئي توھان جي لاءِ ڀلائي آھي. (يعني قرآن پاڪ معنوي طور الله وٽان آيو آھي) ڪلام من علم الله ۽ ڪلام الله جو فرق ظاھر آھي.


www.sindhsalamat.com

## متشابهات ۽ عيسائي:

مسيح عيسيٰ مريم جو پٽ هو. هو الله جو رسول ۽ ان جو ڪلمو هو. ان ڪي الله تعاليٰ مريم جي پيٽ ۾ وڌو هو. هو الله تعاليٰ جي طرف ڪان روح هو. الله تعاليٰ اڪيلو آهي، ٽي نہ آهن. الله تعاليٰ ڪي ڏيءَ جي ڪا بہ حاجت نہ آهي، جڏهن جو سموري زمين ۽ سيئي آسمان ان جي ملڪيت آهن.

ايندڙ سورت آل عمران واري حصي ۾ متشابهات تي تفصيلي بحث آهي. پر هتي اهو نوٽ ڪرڻ ضروري آهي تہ ڳالهہ جو رخ عيسائين ڏانهن آهي. ۽ اهي خاص ملندڙ جلندڙ آيتون (متشابهات) جن ڪي عيسائين جا عالم مڃيندا هئا، تن جو خاص لاڳاپو سورت النساء جي هن رڪوع سان آهي. ياد رهي تہ قرآن انهن دليلن (آيتن) ڪي محڪمات سڏي ٿو جيڪي بنيادي آهي. مثال طور خدا، مرڻ ڪان پوءِ اٿاريو وڃڻ وغيره. ۽ متشابهات انهن آيتن ڪي سڏي ٿو جيڪي محڪمات جو تفصيل آهن يا ان مان نتيجي جي طور تي پيدا ٿيون آهن. مثال طور الله تعاليٰ خلقيندڙ ۽ مصور آهي. اها محڪم ڳالهہ مڃي وئي آهي تہ انهيءَ جو نتيجو، يعني هو بنا پيءُ جي پيدا ڪري سگهي ٿو، اهو متشابہ يا نتيجو يا تفصيل آهي. اهڙو دليل (آيت) پاڻ انجيل ۾ بہ موجود آهي.

(ڏسو انجيل يوحنا، باب اول)

(1) شروع ۾ ڪلمو هو، ڪلمو الله تعاليٰ سان گڏ هو، ڪلمو ئي خدا هو.
(2) شروع ۾ اهو ئي ڪلمو (لوگاس يا عقل پهريون) خدا سان گڏ هو.
(3) انهيءَ ڪلمي (يا لوگاس) سموريون شيون جوڙيون (پيدا ڪيون) ۽ جيڪا بہ شيءِ پيدا ٿي، ان جي مدد ڪانسواءِ پيدا نہ ٿي.
(4) انهيءَ ۾ روح هو ۽ اهو روح انسانن جي لاءِ روشني هو.
(5) يوحنا ڪي خدا موڪليو تہ انهيءَ نور جي شاهدي ڏئي تہ هڪ مسيح اچڻ وارو آهي، جنهن دنيا ڪي ٻڌايو تہ اهو ڪلمو خدا جو اڪيلو پٽ ۽ نور آهي.

انهيءَ ڪان اڳتي واري باب اٺين جي آيت نمبر 2 ۾ آهي تہ:

”مسيح چيو تہ مان دنيا جو نور آهيان. جيڪو منهنجي پيروي ڪندو سو اونداهيءَ ۾ نہ ويندو پر زندگيءَ جو نور حاصل ڪندو.“

قرآن انهن متشابهات يعني انجيل ۽ قرآن جي ملندڙ جلندڙ آيتن ڪي وڏي حد تائين مڃي ٿو تہ مسيح هڪ ڪلمو هو. پر يوحنا هڪ فلسفي ماڻهو هو. هن مسيح ڪي الله تعاليٰ جو همسر بڻائي ڇڏيو آهي تہ اهو ڪلمو خدا سان گڏ هو. قرآن چوي ٿو تہ اهو ڪلمو بہ الله تعاليٰ جو حڪم يا امر هو. يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ


Sindhica Academy, Karachi

يُبَشِّرُكِ بِكَلِمَةٍ مِّنْهُ ۖ اسْمُهُ الْمَسِيحُ عِيسَى ابْنُ مَرْيَمَ وَجِيهًا فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ وَمِنَ الْمُقَرَّبِينَ يعني اهو ڪلمو يا مسيح الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي. (ڪلمہ منہ) الله جو حڪم.

اهڙي طرح هن سورت (آل عمران) ۾ چيو ويو آهي، اَنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكَ بِيَحْيٰى مُصَدِّقًا بِكَلِمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ حڪم خدائي يعني مسيحؑ مخلوق ۽ خدائي حڪم آهي.

هتي سورت النساء ۾ چٽيءَ طرح چيو ويو آهي تہ مسيح الله تعاليٰ جي برابر نہ هو پر ان جي مخلوق هو. هو برابريءَ جي حڪم ۾ نہ هو پر الله تعاليٰ جي حڪم سان مخلوق هو. ”وَكَلِمَتُهٗ اَلْقٰهَآ اِلٰى مَرْيَمَ.“

## 8 هجري جا مختلف واقعا:

(1) انهيءَ سال بيبي ماريہ قبطيہ جي ڪک مان ابراهيمؑ پيدا ٿيو ۽ ان جي آزاديءَ جي ڪري سيني امهات ولد جي آزاديءَ جو اعلان ٿيو، جنهن جو مطلب اهو هو تہ جنهن ٻانهيءَ کي ٻار ڄمي سا آزاد آهي. جيئن تہ ٻار غلام نہ هوندو آهي، انهيءَ ڪري ان جي ماءُ بہ هاڻي غلام نہ پر آزاد هوندي.
(2) زينب بنت رسول الله ﷺ (حضرت ابوالعاص بن ربيع جي گهرواري) جي وفات ٿي.
(3) حضرت بي بي سوده رضي الله عنها تمام وڏي عمر جي ٿي وئي هئي تنهن ڪري هن پنهنجو وارو بيبي عائشہ رضي الله عنها ڪي بخشي ڇڏيو هو ۽ رسول الله ﷺ جن ان جي واري ۾ حضرت عائشہ وٽ رهڻ لڳا.
(4) مڪي ۽ حنين جي فتح ڪان پوءِ بت خانا الله تعاليٰ جي عبادت جا گهر بڻايا ويا.
(5) ابوسفيان، يزيد بن ابوسفيان، عروه بن مسعود ثقفي، عڪرمہ بن ابو جهل، شيبہ بن عثمان عبدري، حڪيم بن حزام، ابو قحافہ حضرت ابوبڪرؓ جو پيءُ، خويلد بن اسد، مالڪ بن عوف نضري مسلمان ٿيا.

**نوٽ:** قرآن ڪريم ٻڌائي ٿو تہ هر ڳوٺ ۾ نبي موڪليو ويو آهي. ڪجهہ نبين جا نالا قرآن ۾ ورتا ويا آهن ۽ ڪن جا نہ ورتا ويا آهن. اصل ۾ اسلام جو بنياد حضرت ابراهيم جي تعليم ۽ فڪر تي آهي. انهيءَ ڪري قرآن ڪريم سامي قومن جي نبين جو ذڪر ڪيو آهي پر آريائي ۽ رزد قومن جي نبين جو ذڪر نہ ڪيو آهي. انهن جو رڳو اشارو ڪيو آهي. پر ختم نبوت جي مقصدن ڪي سامهون رکندي، انساني وحدت جو قائم ڪرڻ اسلام جو


www.sindhsalamat.com

بنيادي مقصد آهي. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ قرآن ڪريم عبادتن ۽ رسمن جي طريقن تي زور نٿو ڏئي پر ان جي جاءِ تي رڳو اهو چئي ڇڏيو ته هر امت جا طريقا جدا جدا آهن. انهن کي بحث ۽ جهيڙي جو ذريعو بنائڻ قرآني مقصدن جي خلاف آهي. اهڙي طرح آريائي ۽ زرد قومن جي نبين ۽ انهن جي ڪتابن کي مڃڻ انساني وحدت جي قيام لاءِ ضروري آهي. ڪرشن، رام چندر، مهابير، مهاتما ٻڌ، زرتشت، سقراط، افلاطون، ڪنفيوشس جهڙن حڪيمن ۽ انهن جي تعليم جو قرآن پاڪ جي تعليم سان گڏ گڏ مطالعو ڪرڻ نه رڳو ضروري آهي، پر قرآني مقصدن جي حاصلات لاءِ اڻ ٽر آهي.

دنيا ۾ دائمي امن ۽ سلامتي جي لاءِ جتي پيداواري وسيلن تي عوامي ملڪيت کي مڃڻ ۽ تنگ نظر قوميت ۽ نسل پرستيءَ جو خاتمو ضروري آهي، اتي آريائي ۽ زرد قومن جي عظيم مذهبي رهنمائن کي مڃڻ ۽ انهن جي ڪتابن ۽ تعليم جو گهرو مطالعو ڪرڻ به تمام ئي ضروري آهي. مسلمانن رڳو سامي قومن جي نبين کي مڃيو آهي ۽ وما انزل من قبلڪ ۾ رڳو توريت ۽ انجيل کي مڃيو آهي. مسلمان امت قومن جي امانت جو اهو اهم منصب تڏهن ئي حاصل ڪري سگهي ٿي جڏهن اها مٿي ذڪر ڪيل مذهبن جي بانين ۽ انهن جي تعليم جو هاڪاري انداز ۾ مطالعو ڪندي.


Sindhica Academy, Karachi

# اسلامي انقلاب جي ڏهين منزل

## ڀاڱو پهريون: دنيا جي قومن جي لاءِ رحمت ڪتابي حڪومت جو عالمي پروگرام

[(محرم 9 هه کان ربيع الاول 11 هه مطابق مارچ 630ع کان جون 632ع)]

هن وقت تائين جيڪو ڪم ٿي چڪو آهي، ۽ اڳتي جيڪو طريقي ڪار آهي انهيءَ جو ذڪر:

(1) الحمدلله! الله جي دين کي اج توهان جي اڳيان به پوريءَ طرح سان نمايان ڪيو ويو آهي. هاڻي نور حق جي روشنيءَ ۾ توهان کي نه ته ڪو پوپو يا جادوگر ٺڳي سگهندو ۽ نه ئي مطلبي ڪتاب وارا ٺڳي سگهندا.

(2) الحمدلله، جو امن ۽ سلامتيءَ جي بنياد تي توهان جي حڪومت قائم ٿي وئي آهي. هاڻي نفرت، فساد، جادو ۽ فال ڪڍڻ، نفاق ۽ بزدلي پکيڙيندڙ نيست ۽ نابود ٿي ويندا. ڪتاب وارن کان نه زڪوات ورتي ويندي ۽ نه ئي انهن تي فوجي خدمت فرض ٿيندي. غلام، مسڪين، يتيم ۽ رنڙ، ڪمزور ۽ محروم ۽ سيني جي پالنا (تربيت ۽ حفاظت) جي ذميداري سلطنت تي هوندي.

(3) ڪوبه فتنو نه وڌو ويندو. يعني ڪنهن کان به خيال ۽ مذهب جي آزادي نه کسي ويندي. باقي علم جي دولت حاصل ڪرڻ لاءِ هر عورت مرد کي مجبور ڪيو ويندو ته جيئن گذريل قومن جي زوال مان سبق وٺي اڻ ڄاڻائي ۽ خود غرضي، بزدلي ۽ قدامت پرستي ختم ٿي وڃي.

(4) هر مؤمن ڀانهو الله تعاليٰ جو سپاهي آهي ۽ امن ۽ علم پکيڙڻ جي لاءِ بنا ڪنهن معاوضي جي ڪم ڪندو. هن جو پهريون فرض اهو هوندو ته غير مسلمانن کي هيناهين کان مٿاهين ڏانهن ۽ اونداهيءَ کان


www.sindhsalamat.com

روشنيءَ ۾ پهچائيندو.

(5) اڄو خود پرستي ڇڏي انساني تعمير جي جانثاراڻي جاکوڙ ۾ اسان سمورا هڪ ٿي وڃو.

*باز آ باز آ ازہر آنچہ کر دی باز آ*
*گر کافر و گبر و بت پرستی باز آ*
*ایں درگہ ما درگہ نومیدی نیست*
*صد بار اگر توبہ شکستی باز آ*

## عام البرات يا عام الوفود

(پهرين محرم 9 هه مطابق 20 اپريل 630ع)

بيعت رضوان کان فتح مڪي واري عرصي ۾ عربي قومي پروگرام تي عمل ڪيو ويو. هاڻي مڪي جي فتح کان رسول الله ﷺ جي وفات تائين واري عرصي ۾ عالمي پروگرام جي جوڙجڪ ڪي نمايان ڪيو وڃي ٿو ۽ انهيءَ تي ڀرپور طريقي سان عمل به ڪري ڏيکاريو ويو آهي.

مڪي جي فتح کان پوءِ واپار ۽ حڪومت جيئن ته رحمة اللعالمين جي قبضي ۾ اچي وئي هئي، تنهن ڪري عرب جي مختلف قبيلن وڏي تعداد ۾ وفد موڪليا. انهيءَ ڪري ئي اهو سال عام الوفود يعني وفدن وارو سال سڏيو ويو. هاڻي جيڪي ماڻهو اسلام قبول ڪندا هئا. انهن مان ڪي سمجهندا هئا ته اسان رڳو پاڻ ڪريم ﷺ جي فرمانبرداري ڪئي آهي. انهن ماڻهن جي دلين ۾ اڃا تائين اهو تصور ڇتو نه ٿيو هو ته هاڻي عرب جو حڪومتي نظام هڪ الله جي ٽولي جي هٿ هيٺ آهي جنهن جا امير پاڻ ڪريم ﷺ جن آهن.

بهرحال، جيڪي اهڙي طرح اطاعت (يا اسلام) قبول ڪندا هئا، سي به ڳالهيون مڃيندا هئا:

(1) اهو ته جناب محمد ﷺ جن الله تعاليٰ جا رسول آهن ۽ مديني جي حڪومت جا امير آهن. پاڻ نماز يا الله تعاليٰ جي پاران جو حڪم ڏين ٿا.

(2) اهو ته امير جي فرمانبرداري جو بنيادي ثبوت نه رڳو نماز آهي، پر اهو به آهي ته هر اسلامي حڪومت، جيڪا خدائي ڪتابن واري تعليم جي بنياد تي هجي، تنهن ڪي هلائڻ جي لاءِ پنهنجي مال جو اهو حصو زڪوات جي طور تي ڏئي جيڪو ان جي ضرورتن کان وڌيڪ هجي.


Sindhica Academy, Karachi

انهيءَ سلسلي ۾ يمامه، طائف، يمن، نجران ۽ ٻين علائقن کان لڳاتار 10 هجري تائين مختلف قبيلن جا وفد ايندا رهيا ۽ تابعداري ڪندا رهيا.

انهن وفدن مان گهڻن ئي دين جي حقيقت ڪي سمجهي الله ۽ ان جي رسول ڪي مڃيو هو، انهن ڪي مؤمن سڏيو ويو. باقي جيڪي نالي ۾ فرمانبرداري تي ويا هئا ۽ نبي ڪريم ﷺ جي وفات کان پوءِ باغي ٿي ويا هئا، سي مؤمن نه پر مسلمان هئا. يعني انهن رڳو رسول الله ﷺ جي فرمانبرداري ڪئي هئي.

## نجران جا عيسائي ۽ اصحاب الاخدود:

اسان پاڻ ڪريم ﷺ جي مڪي زندگيءَ ۾ ڏٺو ته جڏهن حبش جي عيسائين سڀ کان پهريان مسلمانن ڪي پناهه ڏني هئي، ان کان پوءِ مديني اچي جڏهن يهودين ڪعبة الله (ابراهيمي قبلي، بيت العتيق) ڪي پنهنجو قبلو مڃڻ کان 2هه ۾ انڪار ڪري ڇڏيو هو، ته پاڻ ڪريم ﷺ جن ٻيهر عيسائين ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ خدائي حڪم سان رمضان جا روزا رکيا. اهڙي طرح انهيءَ ئي موسم ۾ روزا فرض ڪيا ويا جهڙي طرح عيسائين ۾ فرض هئا.

مڪي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن نه رڳو قرآن جي ذريعي عيسائين جي واڪاڻ ڪئي، پر اهو به ٻڌايو ته حق پرستيءَ جي واٽ ۾ نجران جي عيسائين (560ع) ۾ باهه ۾ سڙي وڃڻ پسند ڪيو، پر خدا پرستيءَ کان نه مڙيا. "قُتِلَ اَصْحٰبُ الْاُخْدُوْدِ" عيسائين ڪي جيئرو ساڙڻ وارا خوار ٿيا. (سورت البروج). انهن عيسائين ڪي قرآن ڪريم مؤمن ڀانها ڪري سڏي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته انهن تي اهو ظلم رڳو انهيءَ ڪري ڪيو ويو هو جو اهي هڪڙي الله تي ايمان رکن پيا جيڪو تمام ئي سگهارو ۽ ساراهه جوڳو آهي، آسمانن ۽ زمين جو بادشاهه آهي ۽ ان جي سامهون هر لڪيل شيءِ به ظاهر آهي

"وَمَا نَقَمُوْا مِنْهُمْ اِلَّآ اَنْ يُّؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ۝٨ الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ۝٩" (البروج)

نجران جي انهن عيسائين جي اولاد جو وفد پاڻ ڪريم ﷺ وٽ آيو هو. انهن مان ڪي ڏنگا هئا جيڪي اجايا بحث ڪن پيا. انهن ڪي حضرت عيسيٰ جي پيدائش جي حقيقت ٻڌائي وئي جنهن ڪي انهن ماڻهن مڃيو جيڪي علم ۾ پختا هئا.

ابن هشام ۽ ابن سعد انهن وفدن جو ذڪر نه ڪيو آهي. پر حديثن مان خبر پوي ٿي ته نجران جي عيسائين جا به وفد پاڻ ڪريم ﷺ جن وٽ آيا هئا.


www.sindhsalamat.com

یونس بن بکیر جیکا روایت کئي آهي انهيءَ مان خبر پوي ٿي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن نجران جي عيسائين کي اسلام جو دعوت جو خط لکيو هو ۽ نجران جي لاٽ پادري ٽن ماڻهن کي مديني موڪليو هو. ان سان ئي ابهتالہ جي ڳالهہ ٻولهہ ٿي هئي ۽ مباهلي جي بدران اهي ماڻهو جزيو ڏيڻ تي راضي ٿي ويا هئا. حضرت مغيرهؓ جزيي جو معاهدو لکيو هو جنهن ۾ عيسائين جي ۽ انهن جي گرجاگهرن جي حفاظت جو واعدو ڪيو ويو آهي. (فتوح البلدان البلاذري ۽ زاد المعاد، از ابن قيم، 495).

اها ڳالهہ امڪان کي ويجهو آهي تہ اهو وفد مڪي جي فتح کان پوءِ مڪي ۾ ئي آيو هجي.

ٻيو وفد مديني ۾ ڪجهہ عرصي کان پوءِ آيو هو، جنهن ۾ ابوالحارث نجران جو لاٽ پادري، ايبم عبدالمسيح ۽ چويهہ ٻيا سردار هئا. اهي مسجد نبوي جي اڱڻ ۾ تنبو لڳائي ترسايا ويا هئا ۽ اتي ئي پنهنجي طريقي تي نماز پڙهندا هئا. انهن جي موجودگيءَ ۾ ئي سورت آل عمران جو ستون ۽ اٺون رڪوع نازل ٿيو.

## سورت آل عمران، محڪمات ۽ متشابهات جو بحث:

هيءَ سورت الف لام ميم جي حروف مقطعات سان شروع ٿئي ٿي. انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اهو حصو مڪي آهي. يعني اها رسول الله ﷺ جن تي انهيءَ زماني ۾ نازل ٿي هئي، جڏهن پاڻ يا تہ مڪي شريف ۾ آيا هئا يا وري عيسائين جي ڪا جماعت پاڻ ڪريم ﷺ جن سان مڪي ۾ اچي ملي هئي. سورت بقره جي پهرين رڪوع وانگر هي رڪوع بہ مڪي زبان ۾ نازل ٿيو. جهڙي طرح حبشہ جا عيسائي مڪي جي ويجهو هئا، اهڙي طرح نجران بہ مڪي کي ويجهو هو. اهو علائقو يمن جي اتر ۾ صنعا کان ڏيڍ سؤ ميلن جي وٿيءَ تي آهي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن اتان جي حالتن کان چڱيءَ طرح واقف هئا. شايد انهن ئي عيسائين جو ذڪر سورت المائده جي ڏهين رڪوع ۾ هن طرح ڪيو ويو آهي تہ مؤمنن کان اهي ماڻهو وڌيڪ محبت ۽ ويجهڙائي رکن ٿا جيڪي عيسائي آهن. اهي قرآن کي ٻڌي ڏڪارا ٿي وڃن ٿا ۽ انهن ۾ حقاني عالم ۽ درويش (راهب) آهن. "وَلَتَجِدَنَّ اَقۡرَبَهُمۡ مَّوَدَّةً لِّلَّذِيۡنَ اٰمَنُوا الَّذِيۡنَ قَالُوۡۤا اِنَّا نَصٰرٰى ط" بهرحال انهن عيسائين جي سامهون خدائي ڪتاب جي محڪم ۽ مفصل ڳالهين جو ذڪر ٿيو. انهن کي محڪمات ۽ متشابهات بہ چوندا آهن.


Sindhica Academy, Karachi

## متشابهات بنسبت ترتيب نزول جي اهميت:

اها ڳالهہ هن کان اڳ ٻڌائي وئي آهي تہ سورت العلق کان قرآن نہ شروع ڪرڻ جي ڪري زندگي جي بنيادي مسئلن جو علم ۽ عمل نظرن کان غائب ٿي ويو. پوءِ سورت الحمد کي سورت فاتحہ طور مقرر ڪرڻ سان هن سورت جو مفهوم ڪٿان ڪان ڪٿي هليو ويو. انهيءَ ڪانسواءِ سورت بقره جا چاليهہ رڪوع، جيڪي ڏهن مختلف سالن ۾ نازل ٿيا، هڪ جاءِ تي ڳڏ ڪري ڇڏڻ جي ڪري نہ رڳو يهودين جي دوستي ۽ دشمني ڳڏجي وئي، پر عورتن جي مسئلن ۾ ايلاء (يعني زالن ڏانهن نہ وڃڻ کان قسم کڻڻ) کي ڪجهہ راوين نبي ڪريم ﷺ جي پاڪ زالن جي مظاهري سان ملائي ڇڏيو. ڪتابن جي معجزي کي قراني معجزو ٻڌايو ويو. آيتن جون معنائون معجزا ٿي پيا ۽ حج 9 هہ جو ذڪر فتح مڪي کان پوءِ نہ پر مديني جي هجرت کان پوءِ ئي سامهون آيو.

سورت آل عمران کي ٽين سورت مقرر ڪرڻ جي ڪري قرآن پاڪ جا ڪيترائي مضمون متشابہ يعني غير محڪم سمجهيا ويا، جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو مؤمنن بہ پڪاري چيو تہ جيڪڏهن قرآن ۾ اهڙيون ڳالهيون جن جو مطلب جاڻڻ ۽ مقرر ڪرڻ ۾ مونجهارو ۽ هڪجهڙائي واري حالت پيدا ٿي پوي. (بقول مولوي شبير احمد عثماني). يا اهي "مشتبہ المراد هجن" (بقول مولوي اشرف علي ٿانوي) تہ پوءِ مؤمن ڇا ڪن؟ ۽ ڪهڙي طرح خدائي ڪلام کي سمجهي انهيءَ تي پاڻ بہ عمل ڪن ۽ غير مسلمن کي ڇا ٻڌائن؟ امام نوويؒ جيڪو صحيح مسلم جو شارح آهي، تنهن کي چوڻو پيو تہ "اها ڳالهہ الله تعاليٰ جي شان کان گهڻو پري آهي جو هو پنهنجي مخلوق سان اهڙن لفظن ۾ ڪلام ڪري جو اها ڪنهن بہ طرح سمجهي نہ سگهي." قتاده ۽ عڪرمہ جو قول آهي تہ متشابہ ضد يا الٽ آهي محڪم جو، انهيءَ قول کي امام نووي بہ مڃي ٿو، پر انهيءَ جو ڪو حل ڪڍي نہ سگهيو.

بهرحال جيڪڏهن اهو مڃي بہ وٺجي تہ رسول الله ﷺ جن تيرنهن سالن تائين مڪي وارن کي الله تعاليٰ جي وجود ۽ مرڻ کان پوءِ واري زندگي بنا ڪنهن دليل جي مڃائڻ گهري ۽ کين تمام ئي گهٽ ڪاميابي ٿي تہ متشابهات جو معاملو محڪمات تائين پکڙجي وڃي ٿو ۽ اسلام جون بنيادي حقيقتون بہ اهڙيون ئي ٿي وڃن ٿيون جو بنا دليل جي "مڃو تہ مڃو نہ تہ جهنم ۾ وڃو" اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي انساني سمجهہ کان ٻاهر آهن.

**نوٽ:** نزولي ترتيب ڪانسواءِ قرآن کي سمجهڻ ۾ سڀ کان وڏو نقصان اهو ٿيو جو مڪي ۾ تيرنهن سالن ۾ نازل ٿيڻ واري قرآن ۾ رسول الله ﷺ کي


www.sindhsalamat.com

اذيتون ڏيڻ وارو مالدار ۽ غلام ساز طبقو نظرن کان غائب ٿي ويو ۽ قرآن جو مفسر اهو سمجهي نہ سگهيو تہ نہ رڳو رسول الله ﷺ، پر سمورن نبين جي موڪلڻ جو مقصد زراعت واري زماني ڪانوڻي انساني معاشري کي، جيڪو مالڪ ۽ غلام جي هڪ ٻئي سان ٽڪر کائيندڙ ٻن معاشي طبقن ۾ ورهائجي ويو هو، توحيدي معاشري ۾ بدلائڻو هو، جنهن ۾ پيداواري وسيلا ڏهہ سيڪڙو ماڻهن جي ملڪيت مان نڪري نوي سيڪڙو انهن وسيلن کان محروم ماڻهن جي قبضي ۾ اچي وڃن ٿا. اهڙي طرح معاشري جي ترقي جي ڪري اهو ادارو مالڪ ۽ غلام، جاگيردار ۽ هاري (زرعي غلام) جي شڪل ۾ بدلجي ويو. مشين جي ايجاد کان پوءِ جاگيردار ۽ هاري وارو ادارو ڪارخانيدار ۽ مزدور (پگهاردار غلام) واري حالت ۾ بدلجي ويو.

انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيو جو پيداواري وسيلا ڏهہ سيڪڙو ماڻهن جي ئي قبضي ۾ رهيا ۽ نوي سيڪڙو ماڻهن کي پنهنجي محنت پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري ويٺل ماڻهن وٽ وڪڻي پيٽ پالڻ کانسواءِ ٻيو ڪو وسيلو نہ رهيو. انهيءَ معاشي نظام جي ڪري پيداواري توڙي، علم ۽ تهذيب جا سمورا وسيلا مالدار طبقي جي قبضي ۾ اچي ويا ۽ انهيءَ طبقي غلاميءَ جي قديم ۽ جديد اداري کي قائم ڪيو. پنهنجي دولت ۽ اقتدار ۾ واڌاري جي لاءِ ٻين پيداواري وسيلن تي زبردستي قبضو ڪرڻ شروع ڪري ڏنو، جنهن سان معاشري ۾ جنگ ۽ فساد پيدا ٿي پيو ۽ انهن جي ڪري ماڻهن اخلاقي ۽ روحاني قدرن کي پنهنجائڻ بدران دولت حاصل ڪرڻ کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد ٺاهي ڇڏيو.

جيڪڏهن مڪي ۾ نازل ٿيڻ واري قرآن کي مديني ۾ نازل ٿيڻ واري قرآن کان الڳ ڪري مطالعو ڪيو وڃي تہ چٽيءَ طرح خبر پئجي ويندي تہ سمورو بگاڙ مالدار ۽ غلام ساز طبقي وارن جو پيدا ڪيل هو. اهي خدائي وجود ۽ مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ جو انڪار بہ انهيءَ ڪري ئي ڪندا هئا تہ اهي انهيءَ تصور کي مڃڻ کانپوءِ غلامن جي محنت جو استحصال نہ ڪري سگهندا هئا، پر انسانن کي غلام بہ نہ ڪري سگهندا هئا.

منڍ کان ئي جڏهن خدائي وحي جو نزول شروع ٿيو، تہ مذهبي پيشوائن، مذهب جي بانيڪارن کان پوءِ توحيدي معاشري جي قيام جو تصور انهن جي تعليم مان ڪڍي ڇڏيو ۽ ان جاءِ تي عبادتن ۽ رسمن جي ادائگي جي ظاهري شڪل کي ئي آخرت واري زندگيءَ لاءِ ڇوٽڪاري جو وسيلو سڏيو. محروم طبقي کي ٻڌايو ويو تہ انهن جي غربت، ڏتڙيل حالت، غلامي ۽ خواري الله تعاليٰ انهن جي تقدير ۾ لکي ڇڏي آهي، تنهن ڪري انهن کي پنهنجا


Sindhica Academy, Karachi

معاشي حق حاصل ڪرڻ لاءِ احتجاج ۽ بغاوت وارو رستو پنهنجائڻ نہ گهرجي، پر صبر ۽ شڪر کان ڪم وٺڻ گهرجي. اها تعليم حضرت نوح[ؑ] کان وٺي محمد عربي ﷺ تائين مذهبي پيشوا عوام کي ڏيندا رهيا آهن ۽ اهو عقيدو گهڙيو ويو آهي تہ معيشت جي اڻ برابريءَ واري ورڇ مذهب جو بنيادي عقيدو آهي. اهڙي طرح لفظ ”تقدير“ کي غلط معنيٰ ڏني وئي.

انهيءَ باري ۾ قرآن ۽ بائبل آدم جي ٻن پٽن هابيل ۽ قابيل جي قصي تي روشني وڌي آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ جي فيصلي کي رد ڪندي قابيل هابيل کي ماري ڇڏيو ۽ ان جي زال ۽ مال ملڪيت تي قبضو ڪري ويٺو. انهيءَ دؤر کان وٺي اڄ تائين سموري تاريخ تي قابيل ڇانيل رهيو آهي ۽ اهو حڪمران (فرعون) مالدار (قارون) ۽ مذهبي پيشوا (هامان يا بلعم باعور) جي شڪل ۾ تاريخ ۾ ور ور ڪري ايندو رهيو آهي ۽ عوام جي محنت جو استحصال ڪندو رهيو آهي ۽ اڄ بہ ڪري رهيو آهي.

مڪي ۾ نازل ٿيڻ واري سموري قرآن ۾ انهيءَ مالدار ۽ اقتدار ڌڻي طبقي تي سخت تنقيد ڪئي وئي آهي. پر هاڻي واري ترتيب ڏنل مصحف ۾ مديني ۾ نازل ٿيڻ وارو قرآن پهريان اچي ويو آهي، جنهن ڪري قرآن ڪريم جي مالدار طبقي تي ڪيل تنقيد نظرن کان هٽي وئي آهي ۽ اهو بنيادي تصور طبقاتي معاشري کي توحيدي معاشري يا غير طبقاتي معاشري ۾ بدلائڻ جو قرآن ۽ ٻين خدائي ڪتابن جو بنيادي مقصد غائب ٿي ويو آهي. رڳو زبان سان الله تعاليٰ جي وجود ۽ مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿيڻ جو اقرار پنهنجي معاشرتي نتيجن کي پيدا نہ ڪري سگهيو ۽ انهيءَ تبديليءَ جي ڪري سموري انساني تاريخ پيداواري وسيلن جي مالڪ ۽ انهن کان محروم ماڻهن جي پاڻ ۾ ڇڪتاڻ جي ڪري رتورت ٿي وئي آهي.

پروفيسر اجمل خان مرحوم مولانا عبيدا للّٰه سنڌي[ؒ] جي هدايت تي قرآن نزولي ترتيب جي بنياد تي سمجهڻ جو دروازو کولي ڇڏيو آهي ۽ پهريون دفعو اهو راز ظاهر ٿيو آهي تہ سمورن نبين جي ڇوڏاري آخر ڇا جي ڪري رڳو ڏتڙيل ماڻهو ئي گڏ ٿيندا هئا ۽ مالدار طبقو ڇاجي ڪري نبين کي اذيتون ڏيندو، کين قتل يا جلاوطن ڪندو هو. نزولي ترتيب سان اها بہ خبر پوي ٿي تہ هبوط آدم (آدم جو زمين تي لاٿو وڃڻ) کان پوءِ جڏهن خدائي وحي جو نزول شروع ٿيو تہ عوام کي چيو ويو تہ جيڪڏهن اهو نبي جي تعليم تي عمل ڪندا تہ اهي خوف ۽ ڏک کان محفوظ رهندا. خوف جو مطلب ويڙهہ ۽ جهيڙو آهي ۽ ڏک جو مطلب غربت، غلامي، اڻ ڄاڻائي ۽ محرومي آهي. انهن ئي ٻن مخالف


www.sindhsalamat.com

نظرين جي پاڻ ۾ ڇڪتاڻ جي ڪري سموري انساني تاريخ ظلم ۽ ڏاڍ جي ور چڙهي وئي. تنهن ڪري مسلمان عالم ۽ مفسرن جو تفسير ڪرڻ وقت مالدار طبقي طرفان محنت جي استحصال جي عمل کي نظرانداز ڪرڻ قرآن ڪريم جي حڪمتِ بالغہ جي خلاف آهي. انهيءَ ڪري موجوده ترتيب موجب سمجهڻ کان اڳ نزولي ترتيب جي ذريعي قرآن کي سمجهڻ تمام ئي ضروري آهي. جيئن تہ محڪمات ۽ متشابهات جي مسئلي تي سموري قرآن ۽ اسلام جي وضاحت جو دارومدار آهي، تنهن ڪري انهيءَ تي تفصيلي بحث جي ضرورت آهي.

**قرآن ڪريم جي ڪابہ آيت مشتبہ المراد نہ آهي:** جيڪڏهن متشابہ کي محڪم جو ضد سڏيو وڃي تہ اهو سراسر غلط آهي. متشابہ جي معنيٰ آهي هڪ ٻئي سان هڪجهڙائي رکندڙ. يعني قرآن ۾ اهڙيون آيتون (دليل ۽ حڪم) موجود آهن جيڪي ٻئي سان هڪجهڙائي رکن ٿيون ۽ سمورو قرآن متشابہ آهي "كِتٰبًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ" (الزمر 23). اها تعليم نہ رڳو آڳاٽن الهامي ڪتابن، جهڙوڪ توريت ۽ انجيل وغيره سان هڪجهڙائي رکي ٿي، پر بار بار ورجائي وئي آهي، اها ئي احسن الحديث آهي. هيءَ آيت سورت الزمر جي آهي جيڪا مڪي ۾ نازل ٿي. جيڪڏهن انهيءَ کي پهريان پڙهيو وڃي تہ هر قسم جو وهم گمان ختم ٿي وڃي ٿو.

اهو بيان اللناس آهي. انهيءَ کي الله تعاليٰ "عربيّ مبين" ۾ نازل ڪيو آهي. انهيءَ ۾ سموريون ڳالهيون عربي ڄاڻڻ وارن جي سمجهہ ۾ اچڻ واريون آهن. "وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ". اهو هڪ سوجهرو آهي جنهن سان رستو روشن ٿئي ٿو. "جَعَلْنٰهُ نُوْرًا نَّهْدِيْ بِهٖ مَنْ نَّشَآءُ". انهيءَ نور کي عربي ٻوليءَ ۾ ڄاڻڻ جي ضرورت نہ آهي. انهيءَ جي روشني ڪنهن بہ ٻوليءَ جي وسيلي پهچي سگهي ٿي.

**نوٽ:** ڪميونزم جي تعليم جي لاءِ ضروري نہ آهي تہ روسي ٻوليءَ جي ڄاڻ هجي. هر ٻوليءَ ۾ انهيءَ تعليم جي ترجمي کي پڙهي سمجهڻ ڪافي آهي. انهيءَ تعليم جي بنياد تي روس، چين، ڪيوبا، ويٽنام ۽ ڪوريا وغيره ملڪن ۾ انقلاب آندو ويو آهي. عالمن عربي ٻوليءَ کي لازمي سڏڻ سان قرآن جي تعليم تي پنهنجي ٺيڪيداري قائم ڪري ڇڏي آهي. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيو آهي جو نہ تہ عوام قرآن جي بنيادي تعليم کان پوري ريت واقف آهي ۽ نہ ئي ان جي بنياد تي معاشري کي بدلائڻ جي ڪوشش کي ديني فرضن ۾ شامل ڪيو ويو آهي.


Sindhica Academy, Karachi

## قرآن جون سموريون آيتون محڪم آهن:

هن قرآن جون سموريون آيتون مضبوط ۽ توريل تڪيل آهن ۽ انهن سان گڏ انهن جي تفصيل بہ آهي. ڇو جو اهي انهيءَ حڪمت واري الله جي طرف کان آهن جيڪو حڪمت وارو ۽ هر شيءِ جي ڄاڻ رکندڙ آهي.

الٓرٰ ۚ كِتٰبٌ اُحْكِمَتْ اٰيٰتُهٗ ثُمَّ فُصِّلَتْ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ خَبِيْرٍ (هود)

هن آيت مان بہ اها ڳالهہ چٽيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿي تہ محڪم آيتن جي جيڪا تفصيل ۽ توضيح آهي سا بہ محڪم جو ئي جزو آهي. (هيءَ سورت هود مڪي آهي. جيڪڏهن هن کي پهريان پڙهيو وڃي تہ محڪم يعني بنيادي آيتن ۽ مفصل يعني تفصيلي آيتن جي وحدت سمجهہ ۾ اچي وڃي ٿي. يعني محڪم ۽ متشابہ هڪٻئي سان سلهاڙيل آهن).

آل عمران ۾ بہ اهو ئي چيو ويو آهي تہ محڪمات ام الڪتاب آهن ۽ متشابهات يا بنت الڪتاب انهن اصولي ڳالهين جو ضد نہ آهن، پر انهن جون ڏيئر يا تفصيل آهن. بنت الڪتاب (يا تفصيل) تي محڪم آيتن کي ملائڻ کانسواءِ جيڪڏهن غور ڪيو ويندو تہ ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ ايندي.

## الله تعاليٰ جي قدرت ۾ شڪ جي گنجائش نہ آهي:

مٿين تشريحن مان خبر پوي ٿي تہ جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ کي خلقڻهار ۽ هر شيءِ جو علم رکندڙ مڃي چڪا آهن سي خدائي قدرت ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ نٿا ڪري سگهن. مڪي واري زندگي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڏٺو تہ مشرڪ نہ تہ الله تعاليٰ جي قدرت کي مڃين ٿا، نہ مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ کي ۽ نہ ئي وري وحيءَ جو الله تعاليٰ وٽان هجڻ مڃن ٿا، ٻئي پاسي حبشہ ۽ ٻين علائقن جا عيسائي قرآن پاڪ جي گهڻي تعليم کي مڃن ٿا. پر انهن مان ڪي اهڙا بہ آهن جيڪي انهيءَ کي نٿا مڃن تہ عيسيٰ؈ بنا پيءُ جي پيدا ٿيو. اهي سمجهن ٿا تہ مسيح الله تعاليٰ جو پٽ آهي. اهي حد کان لنگهي ويل آهن جيڪي توريت ۽ قرآن جي محڪم دليلن کي ڇڏي، ٻين تفصيلي دليلن جي پويان پئجي وڃن ٿا ۽ چون ٿا تہ جڏهن الله تعاليٰ جو ڪلام (يعني انجيل ۽ قرآن) اهو چوي ٿو تہ مسيح الله تعاليٰ جو ڪلمو هو، جنهن کي الله تعاليٰ مريم جي دل ۾ وڌو هو تہ ظاهر آهي تہ الله مسيح جو پيءُ آهي. انجيل توڙي سورت النساء، ٻنهي ۾ لکيل آهي تہ مسيح الله تعاليٰ جو ڪلمو هو جيڪو مريم جي دل ۾ وڌو ويو هو.


www.sindhsalamat.com

## حد کان لنگهيل ۽ علم ۾ پختا انسان:

قرآن چوي ٿو تہ ڪتاب وارن (يهودين ۽ عيسائين) ٻنهي ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو آهن. هڪڙا اهي جيڪي حد کان لنگهي ويل آهن. اهي اهو نٿا مڃن تہ الله تعاليٰ جيئن گهري ڪا بہ شيءِ ٺاهڻ جي طاقت رکي ٿو. ”هُوَالَّذِيۡ يُصَوِّرُكُمۡ فِي الۡاَرۡحَامِ كَيۡفَ يَشَآءُ ؕ “. ان جي باوجود بہ تہ توريت انهيءَ ڳالهہ کي مڃي ٿو تہ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڪري سگهڻ جي طاقت رکي ٿو ۽ مرڻ کان پوءِ وري جيئرو ٿيڻ بہ برحق آهي. انهن جي بيوقوفيءَ جو اهو جواب ڏنو ويو آهي تہ اچو تہ پلا مباهلو ڪريون، پوءِ جيڪو ڪوڙو هوندو سو لعنتي سڏيو ويندو.

## انهن ۾ علم جا پختا:

ڪتاب وارن مان ٻي جماعت انهن جي هئي جيڪي پنهنجي علم ۾ پختا هئا. اهي توريت ۽ انجيل کي بہ مڃن پيا تہ قرآن کي بہ مڃن پيا. قرآن ۾ جتي بہ راسخون في العلم يا اهل الذڪر وغيره جا لفظ استعمال ٿيا آهن، انهيءَ جو مطلب ڪتاب وارا آهن. انهيءَ ڪري ئي سورت النساء ۾ مؤمنن کي انهن کان جدا ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن سورت کي پهريان پڙهيو وڃي تہ ”راسخون في العلم“ مان مؤمنن جي جماعت جو تصور نٿو پيدا ٿئي. ڇو جو هتي ڳالهہ جو رخ عيسائين جي حد کان لنگهي ويل ماڻهن ۽ انهن جي ئي راسخون في العلم ڏانهن آهي. انهيءَ ڪري پهريان چيو ويو آهي تہ ڪتاب وارا نہ رڳو توريت کي مڃين ٿا، پر قرآن کي بہ مڃين ٿا. ڏسو:

لٰكِنِ الرّٰسِخُوۡنَ فِي الۡعِلۡمِ مِنۡهُمۡ وَالۡمُؤۡمِنُوۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِمَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ وَمَاۤ اُنۡزِلَ مِنۡ قَبۡلِكَ (النساء: 162)

يعني مؤمن تہ انهيءَ ڳالهہ کي مڃن ٿا تہ عيسيٰ؏ کي الله تعاليٰ جهڙي طرح گهريو ماءُ جي ڳنڀيرٽيءَ ۾ پيدا ڪيو. عيسائين جا راسخون في العلم بہ انهيءَ ڳالهہ کي مڃن ٿا تہ الله تعاليٰ جهڙي طرح گهري پيدا ڪري سگهي ٿو. هو پيءُ ماءُ تہ ڇا پر پيءُ ۽ ماءُ ٻنهي کانسواءِ ئي آدم وانگر بہ پيدا ڪري سگهي ٿو.

## بحث تصور في الارحام جو هو، آل عمران، رڪوع نمبر 1:

جيئن تہ متشابهات بہ محڪمات مان اخذ ٿيل آهن، تنهن ڪري بحث رڳو اهو هو تہ الله تعاليٰ عيسيٰ؏ کي پيءُ کان سواءِ ڪيئن پيدا ڪيو. قرآن پاڪ حد


Sindhica Academy, Karachi

ڪان لنگهي ويلن کي اهو جواب ڏنو تہ توهان جا ئي اهي ماڻهو جيڪي علم ۾ پختگي رکن ٿا، سي بہ انهيءَ ڳالهہ کي مڃن ٿا تہ الله تعاليٰ ڪراڙي زڪريا کي هڪ سنڍ عورت مان پٽ ڏنو. اهي انهيءَ ڳالهہ کي بہ مڃن ٿا تہ آدم کي الله تعاليٰ بنا ماءُ ۽ پيءُ جي پيدا ڪيو، تہ پوءِ توهان ڇاجي ڪري اهو نٿا مڃو تہ الله تعاليٰ عيسيٰ؏ کي بنا پيءُ جي پيدا ڪيو آهي. مزي جي ڳالهہ اها آهي تہ توهان چئو ٿا تہ عيسيٰ؏ کي سوريءَ چاڙهي قتل يعني خوار ڪيو ويو. ڇڻ تہ توهان اهو بہ سمجهو ٿا تہ الله قتل ۽ ذليل ٿي سگهي ٿو جڏهن تہ هو الله جيئرو آهي، مري نٿو سگهي ۽ اها بہ ڳالهہ آهي تہ انهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪو بہ معبود نہ آهي ۽ ڪو بہ ڪيس خوار نٿو ڪري سگهي. ڇو جو هو عزت وارو ۽ بدلو وٺڻ تي سگهارو آهي. ”وَاللّٰهُ عَزِيۡزٌ ذُو انۡتِقَامٍ“. انهيءَ کانسواءِ توهان پنهنجي علم ۾ ڪامل انسانن کان پڇي ڏسو اهي بہ ”هُوَالَّذِيۡ يُصَوِّرُكُمۡ فِي الۡاَرۡحَامِ كَيۡفَ يَشَآءُ ؕ“ کي مڃين ٿا. اهي اهو بہ مڃن ٿا تہ الله تعاليٰ ”حيُّ“ آهي، هو مري نٿو سگهي. انهيءَ ڪري شرڪ ڪندڙ نہ ٿيو ۽ محڪمات جي روشنيءَ ۾ تفصيلي آيتن کي ڏسو.

## ڪلام جو تت:

متشابهات جي باري ۾ اها سستي ٿي تہ رڳو هڪڙي آيت کي سامهون رکي انهيءَ جي تشريح ۽ تفسير ڪئي وئي. نتيجو اهو پيدا ڪيو ويو تہ قرآن جون آيتون يعني ان جا جملا مؤمنن جي سمجهہ کان ٻاهر آهن، انهن جي حقيقت ڄاڻڻ جي ڪوشش نہ ڪرڻ گهرجي. جڏهن تہ حقيقت انهيءَ جي بلڪل ابتڙ آهي. هن سورت جي وچ ۾ بدر وغيره جو بيان اچي وڃي ٿو. جيڪڏهن انهيءَ کي جدا ڪيو وڃي ۽ سئولي انداز ۾ انهيءَ جو مطلب بيان ڪيو وڃي تہ انهيءَ جي معنيٰ ٿيندي:

(1) **الله تعاليٰ قادر مطلق ۽ حيُّ ۽ قيوم آهي:** اي عيسائيو! توهان مان ڪيترائي راسخ في العلم آهن. اهي ڄاڻن ٿا تہ قرآن بہ اهڙيءَ ئي طرح الله تعاليٰ جو نازل ڪيل ڪلام آهي، جهڙي طرح هن کان اڳ توريت ۽ انجيل نازل ڪيا ويا هئا. اهي ڄاڻن ٿا تہ الڪتاب جو بنيادي فقرو (ام الڪتاب) هي آهي تہ الله تعاليٰ هر شيءِ تي وسوارو آهي. اهو زنده (حيُّ) آهي ۽ انهيءَ جي ئي پيدا ڪرڻ سان هر شيءِ قائم آهي.

(2) **مسيح جو پيءُ الله نہ آهي:** پر توهان ۾ جيڪي حد کان لنگهيل آهن اهي رڳو تفصيلي آيتن، بنات الڪتاب، متشابهات جي پيروي ڪن ٿا ۽ ام


www.sindhsalamat.com

الڪتاب (محڪمات) ڪي ڇڏي ڏين ٿا. اهي چون ٿا ته جڏهن انجيل ۾ (۽ قرآن ۾ پڻ) اهو لکيل آهي ته عيسيٰؑ جو ڪوبه انسان پيءُ نه هو ۽ هو مريم جي دل ۾ وڌل الله جو ڪلمو هو ته ظاهر آهي ته سندس پيءُ الله ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه نٿو ٿي سگهي. پيءُ ڪانسواءِ ٻلا ڪو ڪيئن ٿو پيدا ٿي سگهي.

انهي قول جي ترديد ۾ انهيءَ ئي سورت ۾ قرآن ٽي مثال ڏنا آهن جيڪي عيسائين جي توريت ۽ انجيل ۾ پڻ آهن. انهن کي نظر انداز ڪري ڇڏڻ سان قرآن جو وڏو حصو مؤمنن لاءِ به "مشتبہ المراد" بڻايو ويندو آهي.

- **پهريون مثال:** (ذڪريا جو پٽ) اي عيسائيو! ڇا توهان توريت ڪي نه پڙهيو ته الله تعاليٰ ذڪريا کي پٽ ڏنو جنهن جو نالو يحييٰ هو. جڏهن ته ان وقت زڪريا ايترو ته ڪراڙو ٿي چڪو هو جو اولاد پيدا ڪرڻ جهڙو ئي نه رهيو هو. مٿان وري اهو ته سندس زال به سنڍ هئي ۽ انهيءَ مجبوريءَ کي هو پاڻ به ڄاڻي پيو. تڏهن ئي ته چئي ويٺو: "قَالَ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّقَدْ بَلَغَنِيَ الْكِبَرُ وَامْرَاَتِيْ عَاقِرٌ ؕ" (آل عمران) ته انهيءَ تي الله تعاليٰ فرمايو ته ائين ئي ٿيندو. مان اهڙي طرح پيءُ ماءُ منجهان پٽ پيدا ڪرڻ تي وسوارو آهيان. "قَالَ كَذٰلِكَ اللّٰهُ يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ"
- **ٻيو مثال:** (عيسيٰؑ کي بنا پيءُ جي پيدا ڪرڻ) اي عيسائيو! اهڙيءَ طرح جڏهن عيسيٰ ڪلمة الله جي خوشخبري مريمؑ کي ڏني وئي ته ڪيس حيرت لڳي ته مون کي ٻار ڪيئن ٿيندو جو مون کي ته ڪنهن مرد هٿ به نه لاتو آهي. "قَالَتْ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ وَلَدٌ وَّلَمْ يَمْسَسْنِيْ بَشَرٌ ؕ" (آل عمران) ته الله تعاليٰ فرمايو ته مان ائين ڪرڻ تي وسوارو آهيان. جڏهن ڪو ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهيان ته منهنجي "ٿي پئو" چوڻ سان ئي اها شيءِ ٿي پوندي آهي. مون کي وسيلن جي ضرورت نه پوندي آهي. "قَالَ كَذٰلِكِ اللّٰهُ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ اِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ" (آل عمران: رڪوع5) اها ڳالهه به متشابه آهي. يعني توهان جي انجيل ۾ پڻ موجود آهي ته الله تعاليٰ قادر مطلق آهي. انهيءَ جي حڪم سان حضرت عيسيٰؑ بنا پيءُ جي پيدا ٿي پيو.
- **ٽيون مثال:** آدم جو مثال ڏسو، توهان جي ڪتابن ۾ اهو به موجود آهي ته آدم کي الله تعاليٰ گاري مان بنا ماءُ پيءُ جي پيدا ڪيو. انهيءَ ڪري عيسيٰ جو مثال به آدم وانگر ئي سمجهو ته الله تعاليٰ ان کي بنا پيءُ جي پيدا ڪيو. انهيءَ ۾ شڪ نه ڪريو. "اِنَّ مَثَلَ عِيْسٰى عِنْدَ اللّٰهِ كَمَثَلِ اٰدَمَ ؕ خَلَقَهٗ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ قَالَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ۝٥٩ اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُنْ مِّنَ الْمُمْتَرِيْنَ ۝٦٠" (آل عمران، رڪوع6)


Sindhica Academy, Karachi

## مباهلي جي دعوت:

پر انهن ٽنهي ڪليل دليلن کان پوءِ به جيڪڏهن توهان نٿا پيا مڃو ۽ حجت ڪريو ٿا ته پوءِ اچو مباهلو ڪريو ته الله تعاليٰ قادر مطلق آهي، عيسيٰ پٽ مريم جو پيءُ نه آهي. اچا به ان جي ئي حڪم سان هو بنا پيءُ جي پيدا ٿيو ۽ جيڪو ڪوڙو هجي ان تي الله تعاليٰ جي لعنت هجي. "فَمَنْ حَآجَّكَ فِيْهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ اَبْنَآءَنَا وَاَبْنَآءَكُمْ وَنِسَآءَنَا وَنِسَآءَكُمْ وَاَنْفُسَنَا وَاَنْفُسَكُمْ ۣ ثُمَّ نَبْتَهِلْ فَنَجْعَلْ لَّعْنَتَ اللّٰهِ عَلَى الْكٰذِبِيْنَ ۝٦١" (آل عمران)

## مايعلم تاويلہ الا الله جو مطلب:

حقيقت ۾ اعتراض اهو نه آهي ته متشابه جو ڇا مطلب آهي، قرآن پاڻ ئي چوي ٿو ته متشابهات ڪانسواءِ ٻيون به ڪيتريون ئي ڳالهيون اهڙيون آهن جن جي حقيقت الله تعاليٰ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه نٿو پيو ڄاڻي. پر انهيءَ جو اهو مطلب نه آهي ته انهن ڳالهين جي حقيقت تائين پهچڻ لاءِ ۽ انهن جي اصليت ڄاڻڻ لاءِ ڪان الله تعاليٰ روڪي ٿو. قرآن جي ڪابه آيت يا ڳالهه اهڙي نه آهي جو الله تعاليٰ اهڙي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي هجي يا اسان کي ٻڌائي هجي جو اسان ان کي سمجهي نه سگهون، پوءِ ڀلي اهي ڳالهيون محڪم (بنيادي) هجن توري متشابه (تفصيلي).

اسان سورت العلق ۾ پهريان ڏسي چڪا آهيون ته اسان کي جيڪو به علم ملي ٿو سو الله تعاليٰ ئي ڏئي ٿو. جيترو هو علم ڏئي ٿو، انهيءَ کان وڌيڪ اسان کي ڄاڻ نه هوندي آهي. "علم الانسان مالم يعلم" جو به اهو ئي مطلب آهي ته علم جو فائدو الله تعاليٰ جي طرف کان ئي ٿيندو آهي. تنهن ڪري اهو علم ڀلي ام الڪتاب (محڪمات) هجي يا بنت الڪتاب (متشابهات) هجي، ٻئي الله تعاليٰ جا ڏنل علم (ڪل من عند الله) آهن. اهي سچ آهن ڪوڙ نه آهن. اهي الله جهانن جي خلقڻهار جا ڏنل آهن شيطان مخلوق جا ڏنل نه آهن. يعني متشابهات به "محڪمات" مان پيدا ٿيا آهن ۽ ٻئي ايمان وارن جي لاءِ ڇٽا آهن. ڇو جو الله تعاليٰ انهن جو استاد آهي.

ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي ته جيڪي ماڻهو متشابهات کي مڃن ٿا ۽ محڪم ڪانسواءِ مڃڻ جي معاملي ۾ اجائي تنقيد ڪن ٿا سي غلطي تي آهن.


www.sindhsalamat.com

انهن کي ڄاڻ هئڻ گهرجي ته انهن جي تاويل يا حقيقت لله تعاليٰ ئي ڄاڻي ٿو. توهان انهيءَ جي حقيقت ڄاڻڻ جي ضرور ڪوشش ڪريو، پر محڪمات جي روشنيءَ ۾ ڪريو. انهيءَ کان پوءِ توهان تي اها حقيقت ظاهر ٿيندي ته الله تعاليٰ جيترو علم ڏيڻ گهري ٿو، انهيءَ کان وڌيڪ نٿو ملي. مير انهيءَ بيوسيءَ جو اظهار ڪجهه هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

*يهي جانا که کچھ نه جانا، هائے پھر بھی اک عمر میں ہوا معلوم*

طبعي علمن يعني قدرتي سائنس جا ماهر به اهو ئي چون ٿا ته اسان ايترو ڄاڻون ٿا ته طبيعيات، ڪيميا، حياتيات وغيره جي سلسلي ۾ ”ڇا“ مشاهدو ڪيو. مثال طور اهي اهو ڄاڻي سگهن ٿا ته پاڻي ٻن جزن جو مرڪب آهي. انهيءَ ۾ هائيڊروجن جا ٻه ذرا ۽ آڪسيجن جو هڪ ذرو (ايٽم) آهي. پر اهي اهو نٿا ٻڌائي سگهن ته ايئن ڇو آهي. جڏهن انهن کان پڇو ته ايئن ڇو ٿيندو آهي ته اهي عاجزيءَ سان مڃڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا ته ”اسان نٿا ڄاڻون، الله ئي ڄاڻي ٿو“. ته ٻه ۽ هڪ جي نسبت سان اهي ذرڙا ڇوٽا ملن ۽ ڇا جي ڪري پاڻي بڻجي وڃن ٿا.

انهيءَ عجز جو اهو مطلب نه آهي ته الله تعاليٰ اهو گهري ٿو ته اسان سائنسي تحقيقن ۽ ”تفڪر في الخلق“ مان مڙي وڃون. ائين نه آهي. الله تعاليٰ اسان کي ور ور ڪري عقل ۽ حواسن جي استعمال جو حڪم ڏئي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته جيترو علم هو ڏيڻ گهري ٿو، اوترو ضرور ڏيندو ۽ هر وک تي توهان محسوس ڪندؤ ته سچو ۽ حقيقي علم پنهنجي عقل ۽ ڪوشش سان انهيءَ وقت تائين نٿا حاصل ڪري سگهو جيستائين جو توهان الله تعاليٰ جي طرف کان غيبي مدد حاصل نه ڪريو. پنهنجي ڪوششن جي ناڪامي هر وک تي هڪ وسواري ۽ سگهاري ۽ هميشه زنده ۽ بيهڪ ورتل خلقڻهار جي ياد ڏياري ٿي.

## حد کان لنگهي ويل جي هوڏ:

سورت آل عمران ۾ متشابهات جي سلسلي ۾ حد کان لنگهي وڃڻ وارن جي هوڏ جو ذڪر ٿيل آهي. چيو ويو آهي ته توهان محڪم آيتن کي ته ڇڏي ڏيو ٿا ته الله تعاليٰ بنا ڪنهن سبب جي رڳو پنهنجي حڪم سان مٽيءَ جهڙي بي جان شيءِ مان به آدم کي پيدا ڪري سگهي ٿو. پر وري انهيءَ ڳالهه جي پويان پئجي وڃو ٿا ته عيسيٰ پٽ مريم کي بنا پيءُ جي پيدا نٿو ڪري سگهي. اڃا به وڏي ڳالهه وري اها ٿا ڪريو ته هو پاڻ ان جو پيءُ آهي ۽ مريم الله جي زال آهي. ڳالهه اها آهي ته جڏهن اهو مڃيو وڃي ته الله تعاليٰ هر طرح سان مخلوق


Sindhica Academy, Karachi

تي وسوارو آهي ته پوءِ انهيءَ ڳولا ۾ ڇوٽا پئو ته الله تعاليٰ پيءُ ڪانسواءِ ”ڪهڙي طرح“ ۽ ”ڇاجي ڪري“ عيسيٰ کي پيدا ڪيو. اها هڪ اهڙي ڳالهه آهي جنهن جي حقيقت کي الله تعاليٰ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه نٿو پيو ڄاڻي. يا ته اهو مڃي وٺو ته ”الله تعاليٰ جي قدرت“ جو ئي انڪار ڪيو، پوءِ نه ته عيسيٰ خدا بڻجي سگهندو ۽ نه ئي خدا کي عيسيٰ جو پيءُ بڻائيندؤ. بهرحال هتي بحث ”تصور في الارحام“ جو هو ته الله تعاليٰ هر طرح پيدا ڪرڻ تي وسوارو آهي، اهو نه هو ته انهيءَ جي حقيقت تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. ضرور تحقيق ڪريو. جڏهن بيوس ٿي پوندؤ ته پوءِ يا ته حد کان لنگهيلن وانگر انڪاري ٿي ويندؤ يا وري اعتراف ۽ عجز ڪري الله لوڪ بڻجي ويندؤ ۽ چئي ڏيندؤ:

سُبۡحٰنَكَ لَا عِلۡمَ لَنَاۤ اِلَّا مَا عَلَّمۡتَنَا ؕ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡعَلِيۡمُ الۡحَكِيۡمُ

”اي الله اسان کي ايتري ئي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي جيترو تون ڏيندو آهين. تون ئي علم ۽ حڪمت وارو آهين.“

بهرحال نجران جي عيسائين سامهون سورت آل عمران تلاوت ٿي ۽ جتيوٽيڪ انهن ڇٽيءَ طرح مسيح بن مريم جي خدا هئڻ ۽ ان جي پٽ هئڻ جو انڪار نه ڪيو، پر مباهلي لاءِ تيار به نه ٿيا. انهيءَ ۾ خبر پئجي ٿي ته انهن تي توريت ۽ قرآني دليلن سان چٽائي ٿي وئي هئي ته الله تعاليٰ معمولي سبب ڪانسواءِ ئي رڳو پنهنجي حڪم سان جيڪو ڪجهه گهري خلقي سگهي ٿو. اهو ئي ”مصور في الارحام“ آهي. اهو ئي لفظ ”ڪن“ سان عدم کي وجود ۾ آڻي سگهي ٿو. آل عمران جو تت هيٺين ريت آهي:

## سورت آل عمران رڪوع نمبر 1:

اي عيسائيو! اهو ڪهڙو خدا آهي جيڪو سوريءَ چڙهي مري ويو. (جيئن ته توهان چئو ٿا ته خدا مري سگهي ٿو، اهو غلط آهي) الله ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه معبود نه آهي. هو نه رڳو جيئرو آهي (مري نٿو، جيئن ته مسيح جي باري ۾ توهان جو عقيدو آهي ته هو مريو ويو)، پر ان جي وجود سان ئي هر شيءِ زنده ۽ قائم آهي (مطلب ته عيسيٰؑ کي به ان ئي پيدا ڪيو هو. ڀلا هڪ مخلوق ڪهڙي طرح خالق بڻجي سگهي ٿي). ڏسو جنهن علم جي سرچشمي مان توريت ۽ انجيل آيا آهن، انهيءَ مان ئي قرآن به آيو آهي ۽ اهو گذريل قانونن (ڪتابن) جي تصديق ڪري ٿو (يعني ان جون آيتون ۽ حڪم پراڻن ڪتابن سان هڪجهڙائي رکن ٿا ۽ هن ۾ به الله تعاليٰ جي خالقيت جا اهي ئي مثال موجود آهن، جيڪي انهن ڪتابن ۾ آدم، عيسيٰ ۽ يحييٰ جي تخليق جي باري ۾ آهن ته هو بنا ڪنهن


www.sindhsalamat.com

سبب جي رڳو الله تعاليٰ جي حڪم سان وجود ۾ آيا). جيڪي ماڻهو انهن آيتن (دليلن) کي نٿا مڃن انهن جي لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. ياد رکو ته الله تعاليٰ زبردست بدلو وٺڻ وارو آهي. جهڙي پوک پوکيندؤ تهڙي لڻندؤ!

## تصور في الارحام ۾ غيب جو علم:

عيسائيو! توهان کي ور ور ڪري چيو پيو وڃي ته لڪيل ڳالهيون رڳو الله تعاليٰ ئي ڄاڻيندو آهي. اهڙي طرح هو ئي ڄاڻي ٿو ته ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار جي شڪل ڪيئن ٺاهي ٿو. ٻيو ڪوبه معبود اهڙو نه آهي جيڪو ان جي طاقت ۽ حڪمت جي تهه تائين پهچي سگهي.

## محڪمات يا ام الڪتاب ۽ متشابهات يا بنت الڪتاب:

هن کان اڳ چيو ويو آهي ته "ام الڪتاب" يعني خدائي قانون ۽ حڪمن جي پاڙ يا ماءُ الله تعاليٰ وٽ آهي. "وَاَمُّ الْكِتٰبِ لَدَيْنَا" هتي عيسائين کي ٻڌايو ويو آهي ته پلي قرآن هجي يا انجيل يا توريت، انهن ۾ ڪي اصولي ڳالهيون ٻڌايون ويون آهن. جيئن ته سورت جي شروع ۾ ٻڌايو ويو آهي ته الله تعاليٰ زنده آهي ۽ سيني جو سنڀاليندڙ "هميشه بيهڪ وارو" آهي. الله تعاليٰ رسول عربيﷺ تي ڪي اهڙيون ڳالهيون نازل ڪيون جيڪي محڪم يا اصل ۽ بنياد جي حيثيت رکن ٿيون ۽ ڪجهه ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي محڪم ڳالهين سان مشابهت رکن ٿيون، جڻ ته انهن جا فروع هجن. پر افسوس آهي جو اهي ماڻهو، خاص طور تي عيسائي، جن جي دلين ۾ ڏنگ آهي، اهي بنيادي يا محڪم ڳالهين کي ڇڏي ڏين ٿا ته الله تعاليٰ حيٌّ ۽ قيوم آهي ۽ انهن ڳالهين جي پويان پئجي وڃن ٿا جيڪي بنيادي ڳالهين سان مشابه آهن ۽ انجيل ۽ قرآن ٻنهي ۾ آهن. انهن جو مقصد رڳو اهو هوندو آهي ته انهيءَ حرڪت سان فتنو پيدا ڪن ۽ انهيءَ حقيقت جو بنياد ڄاڻن ته الله تعاليٰ ڪهڙيءَ طرح بنا پيءُ جي پيدا ڪري سگهي ٿو. انهن کي ڄاڻ هئڻ گهرجي ته ڪيتريون ئي ڳالهيون اهڙيون آهن جن جي تهه يا حقيقت تائين پهچڻ کان توهان عاجز آهيو. الله ئي ڄاڻي ٿو ته هو ڪهڙي طرح ڪنهن شيءِ کي پيدا ڪري ٿو.

## راسخين في العلم:

جيڪي ماڻهو پڪو علم رکن ٿا ته (پلي يهودي هجن يا عيسائي) اهي چون ٿا ته اسان انهيءَ ڳالهه کي مڃون ٿا ته الله تعاليٰ بنا سببن جي پيدا ڪري


Sindhica Academy, Karachi

سگهي ٿو. هر شيءِ جو وجود الله تعاليٰ جي ئي حڪم تي ڏارومدار رکي ٿو (ڪل من عند ربنا) اها ڳالهه حد کان لنگهي ويل ماڻهو نٿا سگهجي سگهن. رڳو اهي ماڻهو ئي سمجهي سگهن ٿا جيڪي عقل رکن ٿا.

"اي الله! هدايت کان پوءِ اسان کي گمراهه نه ڪر." يعني جڏهن اسان الله تعاليٰ کي قادر مطلق، حي ۽ قيوم مڃي چڪا آهيون ته ڪنهن ٻئي ماڻهو کي انهيءَ وانگر پنهنجو معبود هرگز نٿا مڃي سگهون ۽ نه ئي الله تعاليٰ کي مجبور چئي سگهون ٿا.

**نوٽ:** ڏسو راسخون في العلم، سورت النساء، رڪوع نمبر 22، آيت نمبر 62، جيڪا هن کان پهرين گذري وئي.

## سورت آل عمران رڪوع نمبر2:

اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ. الله تعاليٰ پاڻ ۽ ملائڪ ۽ ڄاڻيندڙ (يعني ڪتاب وارا ۽ مؤمن عالم) شاهد آهن ته الله تعاليٰ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه (عيسيٰ يا عزير) معبود نٿو ٿي سگهي. اهو ئي طاقت ۽ حڪمت وارو آهي. ۽ الله تعاليٰ کي جيڪو دين پسند آهي سو اهو ئي آهي ته ان جي حڪمن کي مڃيو وڃي. ان جي فرمانبرداريءَ جو نالو ئي اسلام آهي ۽ ڪتاب وارن ۾ اهو اختلاف ته عيسيٰ به خدا آهي، ان وقت پيدا ٿيو جڏهن انهن جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ساڙ ۽ ڪينو وڌي ويو. بهرحال جيڪڏهن الله تعاليٰ جي فرمانبرداري (يا اسلام) جي معاملي ۾ اهي هجت ڪن ٿا ته ڪتاب وارن ۽ اڻ پڙهلين، ٻنهي کي چئي ڏيو ته مان الله ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن جي به اطاعت نٿو ڪريان.

## سورت آل عمران رڪوع نمبر 3:

**ڪتاب وارن جي وڏائيءَ تي چينڀ:** اهو نه سمجهو ته توهان الله تعاليٰ جا لاڏلا آهيو. ڪوبه ماڻهو مڪافات عمل واري قانون کان بچي نٿو سگهو. پڪ سان بيهر سڀئي پيدا ٿيندا ۽ جزا ۽ سزا جو فيصلو ٿيندو. اهو الله بادشاهه آهي. اهو ئي قاضي بڻجي آخري فيصلو ڪندو. هن جي مرضي آهي، جنهن کي وٽيس هن دنيا ۾ عزت ڏئي ۽ جنهن کي وٽيس خوار ڪري. تنهن ڪري مؤمنن کي گهرجي ته مشرڪن کي پنهنجو دوست نه بڻائن.

## سورت آل عمران رڪوع نمبر 4:

الله تعاليٰ جي محبت جو ثبوت اهو آهي ته منهنجي ڳالهين کي مڃي


www.sindhsalamat.com

انهن تي عمل ڪريو. الله تعاليٰ ان ڪان راضي ٿيندو. ان ڪان پوءِ حضرت بي بي مريم جو قصو بيان ٿيو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته جيڪو الله ڪراڙي ماڻهوءَ کي هڪ سنڍ زال مان ٻچو ڏئي سگهي ٿو، جيڪو الله مٽيءَ مان آدم کي پيدا ڪري ٿو سگهي، اهو ئي هڪ ڪنواري مريم مان به اولاد پيدا ڪري سگهي ٿو. عيسيٰ؏ جي ڄمڻ جو ذڪر انجيل جي ذڪر سان مشابهت رکي ٿو. چو جو اصل محڪم آيت کي نه وساريو ته الله تعاليٰ هر شيءِ جو خالق آهي، جڏهن عيسيٰ؏ خالق نه آهي.

## سورت آل عمران رڪوع نمبر 5:

حضرت عيسيٰ جي ٻاروتڻ ڪان ڪرڙوڌ عمر تائين اها ئي تعليم هئي ته منهنجو ۽ توهان جو پالڻهار الله آهي. الله تعاليٰ جي هيڪڙائيءَ واري اها تعليم ڪجھ ڪافر يهودين کي نه آئڙي ۽ حضرت عيسيٰ کي سوريءَ جي سزا ڏياري. پر الله تعاليٰ انهن جي مڪر کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو (يعني اصل محڪم آيت، الله تعاليٰ جي الوهيت آهي جيڪا يهودين ۽ عيسائين کي توريت ۽ انجيل ۾ ڳولڻ گهرجي. باقي تفصيلون متشابهات آهن ۽ انهيءَ بنيادي الوهيت واري تصور جي ثبوت جي طور تي پيش ڪيون وينديون آهن).

## سورت آل عمران رڪوع نمبر 6:

هن رڪوع ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته اي عيسيٰ، مان توکي وفات ڏئي تنهنجو درجو مٿي ڪندس. تون شهيد آهين ۽ تنهنجو مرتبو مون وٽ تمام مٿانهون آهن ۽ سچن عيسائين (يعني عيسيٰ؏ کي الله جو پيغمبر مڃيندڙن کي) قيامت تائين يهودي ڪافرن تي سوڀارو رکندس ۽ قيامت ۾ انهيءَ جهيڙي جو نبيرو مان ئي ڪندس (ته مريم هڪ پاڪباز عورت هئي ۽ عيسيٰ الله تعاليٰ جو پٽ نه هو، پر هو الله تعاليٰ جو ٻانهو ۽ ان جو رسول هو ۽ اهو ته هن جي پيدائش ڪهڙي طرح ٿي هئي. بس سمجهي ڇڏيو ته جهڙي طرح الله تعاليٰ آدم کي مٽيءَ مان بنا ماءُ ۽ پيءُ جي پيدا ڪيو هو، تنهن جي لاءِ اها ڳالھ ڪا ڏکي نه آهي ته رڳو ماءُ مان ئي اولاد پيدا ڪري. اها ئي سچ ڳالھ آهي، سو انهيءَ ڪان انڪار نه ڪريو).

## مباهلي جي دعوت:

جيڪڏهن ان ڪان پوءِ به عيسائي عيسيٰ؏ کي الله تعاليٰ جو پٽ ڪوٺين


Sindhica Academy, Karachi

يا يهودي بي بي مريم تي تهمتون هڻندا رهن، ته انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به رستو نه آهي، سواءِ انهيءَ جي ته تون انهن سان مباهلو ڪر ته جيڪو ڪوڙو هجي تنهن تي الله جي لعنت هجي ۽ الله ڪيس تباهه ڪري ۽ دوزخ ۾ داخل ڪري.

## ڪتاب وارن کي توحيد جي ڪلمي جي دعوت

اسلام ڪانسوءِ ٻئي ڪنهن به مذهب، مختلف خدا پرست قومن کي ڪلمي تي اتحاد جي دعوت نه ڏني آهي ۽ نه ايئن چيو ته سمورا انسان برابر آهن. ۽ نه ئي تلقين ڪئي ته سمورن انسانن کي تنگ، نسل ۽ ملڪ جا فرق ميساري الله تعاليٰ جي ٻانهپ ۾ هڪ تي وحڻ گهرجي. (اها ئي ڳالھ سورت المائده ۾ به ڪئي وئي آهي) ته اي ڪتاب وارؤ! اچو ته اسان سمورا انهيءَ ڳالھ تي هڪ ٿي وڃو ته الله تعاليٰ ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن جي به بندگي نه ڪنداسين ۽ نه ئي ڪنهن انسان (عيسيٰ وغيره) کي پنهنجو معبود بڻائينداسين.

## آڳاٽو انسان ڇا هو؟

اي ڪتاب وارؤ! اچو ته سمورا گڏجي هڪڙي الله جي بندگي ڪريون. اهو ئي سڀ کان آڳاٽو دين آهي. مذهبي ٺيڪيدارن کي وچ مان ڪڍي ڦٽو ڪريو. اچو ته پوڄارين ۽ پيشوائن جي جماعت کي ختم ڪري ڇڏيون ته جيئن هرڪو ماڻهو بنا شفاعت ڪندڙ يا وچ واري ديوتا جي الله تعاليٰ تائين پنهنجو آواز پهچائي سگهي. تنهن ڪري هاڻي اي ڪتاب وارؤ! انهيءَ حق واري تعليم کي، جيڪي توهان جي ئي ڪتابن ۾ به موجود آهي، نه لڪايو ۽ حق ۽ باطل کي پاڻ ۾ نه گڏايو.

## نجران جي عيسائين سان معاهدو:

ان ڪان پوءِ نجران جي عيسائين سان معاهدو ٿي ويو. معاهدو اهو هو ته اهي الله تعاليٰ جي پوڄا ڪندا ۽ الله تعاليٰ جي رسولن جي جماعت ۾ شامل ٿي ويندا. انهن جي ڪنهن به ديني يا دنياوي ڪم ۾ ڪنهن قسم جو رخنو نه وڌو ويندو، پر انهيءَ لاءِ شرط اهو آهي ته اهي عوام جي سڌاري جي ڪوشش ڪندا ۽ ظالم جو ساٿ نه ڏيندا. انهن تي هڪڙو ٽيڪس "جزيو" لڳايو ويندو ۽ انهن ٽيڪسن جي بدلي ۾ اهي انهيءَ فوجي خدمت ڪان آزاد هوندا جيڪا


www.sindhsalamat.com

مسلمانن تي لاڳو ٿيندي. يعني انهن کان زڪوات ۽ فوجي خدمت نہ ورتي ويندي. ٻئي پاسي انهن جي جان، مال ۽ عزت جي اهڙيءَ ئي طرح حفاظت ڪئي ويندي جهڙي مسلمان پنهنجي لاءِ ڪندا آهن.

سنہ 9 هجري جي شروع ۾ ئي صدقن ۽ زڪواتن جي گڏ ڪرڻ وارن کي موڪليو ويو تہ جيئن اهي مسلمانن وٽان واڌو رقمون (عفو) وصول ڪن.

## زڪوات جي شرح مقرر نہ آهي:

مسلمانن تي زڪوات اهڙيءَ ئي طرح فرض آهي جيئن الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻڻ فرض آهي. پر انهيءَ جي شرح مقرر ٿيل نہ آهي. مسلمان سلطنت جي ضرورت لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن غزوه تبوڪ جي لاءِ چندو گڏ ڪرڻ شروع ڪيو تہ ابوبڪرؓ پنهنجي سموري ملڪيت ۽ حضرت عمرؓ پنهنجي ملڪيت جو اڌ سراسر رسول الله ﷺ جي حوالي ڪري ڇڏيو.

## سورت البقره رڪوع نمبر 26:

مسلمانن پڇا ڪئي تہ خرچ ڪرڻ لاءِ ڇا ڏين؟ تہ قرآن چيو تہ جيڪو ڪجهہ بہ ڏئي سگهو ٿا ڏئي ڇڏيو ۽ پيءُ ماءُ، مٽن مائٽن، مسڪينن، مسافرن سان جيڪا بہ ڀلائي ڪري سگهو ٿا سا ضرور ڪريو. هتي خير جو مطلب مالي امداد آهي.

## سورت البقره رڪوع نمبر 27:

۽ پوءِ فرمايو تہ پنهنجي ضرورتن کان وڌيڪ جيڪا بہ رقم توهان وٽ وڌيڪ هجي سا رياست جي ترقيءَ لاءِ ڏيو. ڇو جو رياست جي ترقي ئي فرد جي ترقي آهي. انساني دنيا جي ڀلائيءَ جا ڪم بہ انهيءَ انفاق (خرچ ڪرڻ) سان ئي ٿي سگهن ٿا.

## سورت التوبہ رڪوع نمبر 8:

**زڪوات جو خرچ ڪرڻ:** زڪوات يا صدقا اُنن جائن تي خرچ ڪيا ويندا آهن: (1) فقيرن تي، (2) مسڪينن تي (3) صدقو يا زڪوات وصول ڪرڻ واري عملي تي (4) مؤلفة القلوب يعني انهن ماڻهن تي جن جا ايمان ڪمزور هجن. (5) رقاب يعني انهن ماڻهن تي جيڪي قرض جي غلاميءَ ۾ ۽ خون بها ادا ڪرڻ جي سلسلي ۾ مجبور هجن، (6) ڏنڊ ڀرڻ وارن تي يعني جيڪي ماڻهو


Sindhica Academy, Karachi

قرض يا ڪو ڍنڊ يا چٽي ڀري نہ سگهندا هجن، (7) الله تعاليٰ جي واٽ ۾ مجاهدن، اسلام جي تبليغ ڪندڙن، علمي تحقيق ڪندڙن ۽ ڏکين حالتن ۾ ڪنهن جي مددگاري جي سلسلي ۾ ۽ (8) مسافرن جي تڪليف گهٽائڻ جي لاءِ (رستا ٺهرائڻ ۽ مختلف عام سماجي ڪمن جي لاءِ).

## سورت الحجرات، مسلمانن کي لڇڻ سکڻ لاءِ هدايت:

هاڻي مسلمان هڪ تهذيب يافتہ (ڪتابي) قوم بڻجي رهيا هئا. انهيءَ ڪري هن سورت ۾ انهن کي ڪي ٿورڙا اصول ۽ مجلس ۾ ويهڻ جا لڇڻ سيکاريا ويا تہ جيئن اهي جاهليت واري سِيٺَ ڇڏي ڏين ۽ سهٽي سيبتي زندگيءَ جي قانونن تي عمل ڪرڻ لڳن. انهن کي چيو ويو تہ ذاتي رنجشن جي ڪري هڪٻئي سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ترڪ نہ ڪن، گهرن جي ٻاهران ٻيهي وڏي آواز سڏ نہ ڪن، ڪنهن بہ ڳالهہ جي معاملي ۾ تحقيق ڪرڻ کان پوءِ ڪو عملي قدم کڻن. جيڪڏهن هڪ ٻئي ۾ ويڙهہ جهيڙو ٿي پوي تہ ٺاهہ ڪرائن. جيترا بہ ايمان وارا آهن، يعني جيڪي الله تعاليٰ کي مڃن ٿا، سي سمورا پاڻ ۾ ڀائر آهن، تنهن ڪري ڪنهن بہ ڀاءُ تي ٺٺولي نہ ڪن. نہ بدگماني ڪن ۽ نہ ئي وري هڪٻئي جي جاسوسي ڪن. ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ اها تہ رنگ ۽ نسل تي وڏائي نہ ڪن. ياد رکو تہ اسلام ۽ ايمان ۾ وڏو فرق آهي. ايمان جو دل سان تعلق آهي. الله تعاليٰ کي مڃيندي جيڪو ماڻهو قيامت جي ڏينهن تي بہ ويساهہ رکندڙ هوندو، سو ئي نيڪ عمل ڪندو ۽ اهو ئي اصل مؤمن آهي.

## نبي ﷺ جي ٻيبين جو احتجاج:

مديني جي سلطنت جي قائم ٿيڻ کان پوءِ خيبر ۾ ۽ ان کان اڳ مديني جي يهودين کان جيڪو مال بنا جنگ جي مليو هو، انهيءَ ۾ مجاهدن جو حصو رکڻ جي ضرورت نہ هئي. انهيءَ کي قرآن جي اصطلاح ۾ فَي چوندا آهن. اهو مال ۽ ملڪيت رسول الله ﷺ جي ذاتي ملڪيت هئي. جيئن تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مٿان زڪوات ۽ صدقن جو پئسو حرام هو، انهيءَ ڪري پاڪ ٻيبين جي معاشي زندگي چڱي نہ هئي. هوازن واري غنيمت مان بہ وڏو حصو نون مسلمانن جي دل وٺڻ لاءِ خرچ ڪيو ويو هو ۽ مڪي ۾ ڪي انصارين ۽ منافقن انهيءَ سخاوت تي ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون هيون، ايتري تائين جو ڪن تہ هيئن بہ چئي ڏنو تہ ”رسول الله ﷺ جن سمورو مال قريشن کي ئي پيا ڏين، جيتوڻيڪ اسان جي تلوارن مان رت ٽمي رهيو آهي. بهرحال منافقن


www.sindhsalamat.com

مديني ۾ پهچي پاڪ ٻيبين کي پڙڪايو ته  توهان جو مڙس ته هاڻي بادشاهه بڻجي ويو آهي، پر پنهنجي دولت کي دشمنن ۾ پيو ورهائي ۽ توهان اڳي وانگر ساڳي طرح بک ۽ لنگهڻ تي ويٺيون آهيو. اسان ته ڪٽي هر حال ۾ گذارو ڪري ويندا سين، پر توهان تي ترس ٿو پيو اچي. انهيءَ تي پاڻ ﷺ جي ٻيبين سڳورين جواب ڏنو ته اسان ۽ عام عورتون برابر نه آهيون. جيڪڏهن اسان کي ڏک ايندو ته اسان کي انهيءَ جو اجر به ٻيڻو ئي ملندو.

منافقن هاڻي اها ترڪ ڪئي ته بي بي صفيه، جيڪا بنيادي طور يهودي خاندان مان هئي، جي پاڻ ﷺ سان نڪاح ۽ ان جي عزت افزائي واري معاملي کي قريشي ٻيبين سڳورين تائين پهچايو. انهن بي بي صفيه تي ٺٺڪار شروع ڪري ڏني، پر پاڻ ﷺ جن بي بي صفيه کي فرمايائون ته تو ڪان وڏيڪ شريف ڪير ٿي سگهي ٿو ته تون پيغمبرن جي نسل مان آهين ۽ تنهنجو مڙس به پيغمبر آهي. مطلب ته پاڻ ڪريم ﷺ جي خانگي زندگي ۾ سختي وڌندي رهي.

## بي بي ماريه جي عزت افزائي:

حضرت بي بي ماريه قبطيه مان پاڻ ڪريم ﷺ جن کي ابراهيم ڄايو ته پاڻ ﷺ جن ڪيس به پردو ڪرڻ جو حڪم ڏنو. يعني هڪ ٻانهيءَ کي زال جو درجو ملي ويو. انهيءَ ڳالهه تي قريش جي آزاد ٻيبين کي ڏاڍي مٺيان لڳي ۽ انهن پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪان خرچ جي گهر ڪري ورتي ۽ انهيءَ ۾ سختي اختيار ڪئي (طبقات). هتي اها ڳالهه به ڏيان ۾ رهڻ گهرجي ته جناب ابراهيمؓ جي ولادت تي قرآن ڪريم اهو عام قانون به جاري ڪري ڇڏيو ته جيڪڏهن ڪنهن ٻانهيءَ جي ڪک مان ٻار پيدا ٿيو ته انهيءَ ٻانهيءَ جو درجو آزاد عورتن وارو ٿي ويندو. انهيءَ جو سبب اهو ٻڌايو ته ڪوبه ٻار غلام نٿو ٿي سگهي، انهيءَ ڪري ان جي ماءُ به آزاد ٿي ويندي.

## رسول الله ﷺ جي ولي عهدي جو معاملو:

9 هه جي شروعات ۾ منافقن حضرت عائشه کي ورغلائڻ ۾ ڪاميابي ماڻي ورتي. ڪين حضرت ماريه  سان ته نفرت هئي، پر هاڻ اها ظاهر ڳالهه هئي ته رسول الله ﷺ جن کي ابراهيم، نسبي پٽ پيدا ٿي پيو هو ۽ جاهليت ۽ ٻين ملڪن جي عام رواج موجب پٽ ئي قوم ۽ قبيلي جو سردار بڻايو ويندو هو. منافقن به سادي طبيعت حضرت عائشه ۽ سخت طبيعت بي بي حفصه کي ايترو ته ورغلايو جو انهن پاڻ ڪريم ﷺ جي اڳيان حضرت ماريهؓ جي عزت افزائي


Sindhica Academy, Karachi

۽ برابريءَ (۽ جناب ابراهيم جي جانشينيءَ واري مسئلي) تي سخت احتجاج ڪيو. اهي منافقن جي پڙڪائڻ تي اهو سمجهي ويٺيون ته  عام دستور موجب پٽ پيءُ جي گادي سنڀاليندو ۽ ابراهيم قوم جو امير بڻجي ويندو. علامتن مان به اهو ئي سمجهه ۾ اچي پيو ته هاڻي پاڻ ڪريم ﷺ جو ٻيو ڪو پٽائون اولاد به نه آهي. زيد بن حارثه، جيڪو اڳي زيد بن محمد سڏيو ويندو هو، غزوه موته ۾ شهيد ٿي ويو هو ۽ اسامه بن زيد ۽ علي بن ابي طالب ڪانسواءِ رسول الله ﷺ جو ٻيو ڪو ويجهو مائٽ به باقي نه رهيو هو. باقي سڀ ڪان جهونو سنگتي ۽ حضرت عائشهؓ جو پيءُ، جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن جو سهرو به هو، سو موجود هو ۽ ان جا ڪيترا پٽ به هئا. ان ڪانسواءِ حضرت عمرؓ به پاڻ ڪريم ﷺ جن جا سهرا آهن، يعني بي بي حفصه جا والد آهن؛ انهيءَ ڪري جڏهن حضرت بي بي عائشه ۽ حفصه رضي الله عنها حضرت ماريه ۽ ابراهيم بن محمد جي خلاف محاذ جوڙيو ته غالباً پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت ابراهيم کي ئي پنهنجو ولي عهد بنائڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو. پر جيئن ته عورتن جي اها عادت هوندي آهي، تنهن ڪري انهن به هڪ ٻئي سان خلافت جي معاملي ۾ ڪجهه نه ڪجهه چوڻ شروع ڪري ڏنو. انهيءَ تي قرآن ۾ اهي حڪم نازل ٿيا ته ڪنهن جي لاءِ نه ڪا حلال شيءِ حرام ٿي سگهي ٿي ۽ نه ئي ٻي سمجهه عورتن کي ڪنهن معاملي ۾ رازدار بڻائي سگهجي ٿو.

## سورت التحريم رڪوع نمبر 1:

**حلال کي حرام نه ڪريو:** اي رسول(ﷺ)!  پنهنجي ڪن زالن کي خوش ڪرڻ جي لاءِ حلال کي حرام ڪرڻ جو توکي ڪوبه اختيار نه آهي. جيڪڏهن تو عهد ڪري ورتو آهي ته تو غلطي ڪئي آهي. تنهن ڪري اهڙي قسم کي ٽوڙي ڇڏ. ڪنهن اهم مسئلي جي سلسلي ۾ رازداريءَ واريون ڪي ڳالهيون پاڻ ﷺ جن پنهنجي هڪ ٻيبيءَ سان ڪيون هيون، جيڪي هوءَ رکي نه سگهي ۽ ٻين سان ان جو ذڪر ڪري ورتو. تنهن ڪري ٻنهي کي تنبيهه ڪئي وڃي ٿي ته رسول الله ﷺ جن سان انهيءَ معاملي تي مظاهرو نه ڪريو. (نه ته جيڪڏهن معاملو اعلانيه طور بحث هيٺ ايندو ته) منافقن ڪانسواءِ، جيڪي هر معاملي ۾ اسلام جي مخالفت ڪن ٿا، جيترا به مؤمن آهن ۽ الله ۽ جبرائيل ۽ ملائڪ سڀئي رسول الله ﷺ سان گڏ هوندا. يعني رسول الله ﷺ کي مڪمل اختيار هوندو ته امامت ۽ خلافت جي مسئلي تي جيڪو وڻين سو فيصلو ڪن.

ياد رکو ته ديني ۽ ملڪي معاملن ۾  توهان کي دخل ڏيڻ جو ڪوبه حق


www.sindhsalamat.com

نہ آهي. انهيءَ جو اهو نتيجو ٿي سگهي ٿو تہ رسول اللہ ﷺ توهان کي طلاق ڏئي ڇڏين ۽ توهان جي جاءِ تي سهڻن لڇڻن واريون ۽ نوجوان زالون اللہ تعاليٰ کين عطا ڪري.

## سورت التحريم رڪوع نمبر 2:

رسول اللہ ﷺ ڪي سختيءَ سان منافقن سان وڙهڻ گهرجي. (اهي مديني جي سلطنت قائم ٿيڻ کان پوءِ هاڻي خلافت ۽ وراثت جا جهيڙا شروع ڪري مسلمانن ۾ افراتفري پکيڙي رهيا آهن). اي مؤمن عورتون! اهو سمجهي ڇڏيو تہ جيڪڏهن مڙس چڱو آهي تہ ان جي ڪري توهان کي بهشت نہ ملندو ۽ جيڪڏهن توهان جو مڙس بڇڙو آهي تہ ان جي ڪري توهان کي دوزخ ۾ نہ وڌو ويندو. اصل ۾ توهان سان گڏ رڳو توهان جا عمل ئي هلندا. جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي! مطلب تہ توهان اهو نہ سمجهو تہ جيڪڏهن مان توهان جو مڙس آهيان تہ توهان اللہ جي رسول جون زالون هئڻ جي حيثيت ۾ بهشت ۾ داخل ٿي ويندؤ. ياد رکو تہ هر ماڻهو پنهنجي عملن جو پاڻ جوابدار آهي. تنهن ڪري عورتن جو سياست ۾ داخل ٿيڻ، ۽ مردن جو گهرو معاملن ۾ دخل ڏيڻ مناسب نہ آهي. عورتن ۽ مردن جي عملن جو حدون مقرر آهن. تنهن ڪري انهن ۾ هڪ خاص ضابطو هئڻ گهرجي.

## رومي سامراج سان مقابلي جي تياري:

هاڻي رسول اللہ ﷺ جن ارادو ڪيو تہ مديني جي سلطنت ۾ اهل ڪتاب کي شريڪ ڪن. انهيءَ لاءِ پاڻ خاص طرح سان رومي سامراج ڏانهن ڌيان ڏنائون ۽ فوجي خرچن لاءِ چندو گڏ ڪرڻ شروع ڪيائون. قرآن پاڪ انفاق ۽ صدقي جي هن طرح سجاڻ ڪئي:

## سورت التوبہ رڪوع نمبر 6:

اللہ جي راهہ ۾ جهاد کان نہ گهٻرايو ۽ نڪي بهانا ڪريو. جيڪڏهن توهان اڳتي نہ وڌندؤ تہ اللہ تعاليٰ ٻي ڪنهن قوم کي پيدا ڪندو جيڪا اهي ڪم ڪندي.

ڏسو رڳو ٻہ ماڻهو، هڪ رسول اللہ ﷺ ۽ ٻيو ابوبڪرؓ ٿي غار ثور ۾ هئا. پر انهن سان گڏ ٽيون يعني اللہ تعاليٰ بہ گڏ هو. هن پنهنجي رسول ﷺ تي سڪينہ (اطمينان) نازل ڪيو ۽ اللہ تعاليٰ پنهنجا ملائڪ نازل ڪيا ۽ اڄ هو


Sindhica Academy, Karachi

مڪي ۽ مديني جو مالڪ آهي. انهيءَ ڪري رومي سامراج جي مقابلي ۾ هلڻ لاءِ بهانا نہ ڳوليو. ياد رکو تہ جيڪڏهن توهان جهاد نہ ڪندؤ تہ برباد ٿي ويندؤ، توهان جي قوم ئي ختم ٿي ويندي تہ پوءِ توهان ڪٿي بچي سگهندؤ؟

## سورت التوبہ رڪوع نمبر 7:

ڪجھ منافق تبوڪ ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار نہ هئا پر رڳو مالي مدد ڪرڻ گهرن پيا. انهن جي باري ۾ قرآن اهو حڪم ڏنو تہ اهي منافق سرهائي سان مال ڏين يا ارهائيءَ سان، ڪنهن بہ طرح انهن کان مدد نہ ورتي وڃي. نہ انهن جي نماز قبول آهي ۽ نہ ئي انهن جو انفاق قبوليت جوڳو آهي. اللہ تعاليٰ جي ٻانهپ ۽ نفاق (جيڪي اسلام جو بنياد آهن) هرگز قبول نہ آهن جيڪڏهن اهي بي دليائيءَ سان ڏنا وڃن.

## سريو فلس، حاتم طائي جي ڌيءَ جي عزت افزائي:

ربيع الثاني، سنہ 9 ھ ۾ حضرت عليؓ ابن ابي طالب طي قبيلي وارن تي حملو ڪيو ۽ انهن جي قبيلي جو بت فلس کي ڊاهي ڇڏيو. مال غنيمت ۽ قيدين کي مديني آندو ويو. انهن قيدين ۾ عرب جي مشهور سخي حاتم جي ڌيءَ بہ هئي. حاتم جو پٽ عدي تہ ملڪ شام ڏانهن ڀڄي ويو. رسول اللہ ﷺ جن مسلمانن کي چيو تہ هيءَ انهيءَ ماڻهوءَ جي ڌيءَ آهي جنهن ۾ هڪ مؤمن واري سڀ کان پلي صفت يعني سخاوت موجود آهي. انهيءَ ڪري پاڻ انهيءَ ڇوڪريءَ کي ڪپڙا ۽ سفر جو خرچ ڏئي آزاد ڪري ڇڏيو. اجا بہ ان جي قبيلي جي سمورن قيدين کي بنا فديو وٺڻ جي آزاد ڪري ڇڏيو. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيو جو رومي سرحد تي مسلمانن جو هڪ وفادار دوست قبيلو قائم ٿي پيو. هن قبيلي ۾ گهڻائي عيسائين جي هئي. عدي بن حاتم بہ عيسائي هو. رسول اللہ ﷺ جي سخاوت ۽ رحمت مان ايترو تہ متاثر ٿيو جو مديني ۾ اچي مسلمان ٿي ويو ۽ 67 ھ ۾ هڪ سؤ ويهہ سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين.

## سورت طلاق:

مسلمان پنهنجي زالن کي طلاق ڏئي سگهن ٿا. پر هڪ ئي وقت ٽي طلاقون ڏئي انهن کي آزاد نٿا ڪري سگهن. انهن کي گهرجي تہ جيستائين انهن جون عورتون پڌري بي حيائي تي لهي نہ اچن، انهن کي گهرن مان نہ ڪڍن ۽ انهن جي سڌاري جي ڪوشش ڪندا رهن. عدت ۾ انهن جي خرچ پکي جو خيال


www.sindhsalamat.com

رڪن ۽ جيڪڏهن عورت مڙس جي ٻار کي ڪير پياريندي هجي ته انهيءَ جو به معاوضو ادا ڪن ۽ الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهن ۽ ناانصافي نه ڪن.

## غزوه تبوڪ:

**رجب 9 هجري، مطابق 14 آڪٽوبر 630ع:**

موته واري هار کان پوءِ عيسائين جي دل وڌي ٿي وئي ۽ اهي مسلمانن تي حملي جون تياريون ڪرڻ لڳا هئا. اهي خبرون نبطي ۽ تيل جي واپارين ذريعي جڏهن مديني ۾ پهتيون ته پاڻ ڪريم ﷺ جن فوجي چندو گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. حضرت عثمان انهيءَ لشڪر جي تياريءَ ۾ وڏي مدد ڪئي ۽ ٻين اصحابن به دل کولي چندو ڏنو. موسم به ڏاڍي گرم هئي ۽ کارڪن جو فصل پچي تيار ٿي بازارن ۾ اچي رهيو هو. انهيءَ ڪري ڪيترائي منافق ڪو نه ڪو بهانو ڏئي نٽائي ويا. ٽي اهڙا مسلمان به هئا جيڪي پنهنجي سستيءَ جي ڪري جهاد ۾ هلڻ کان رهجي ويا. غزوه کان واپس موٽي اچڻ تي رڳو انهن ٽنهي ئي پنهنجي ڏوهه جو اعتراف ڪيو جنهن تي انهن کي سزا ۽ پوءِ معافي به ملي. منافقن کان نه ته چندو ورتو ويو ۽ نه ئي واپسيءَ تي انهن کان ڪو پڇاڻو ئي ڪيو ويو. انهن کي قرآن پاڪ هن طرح سان چيتايو آهي:

## سورت التوبہ رڪوع نمبر 9:

منافقو! مال جي حوس جي ڪري توهان کان اڳي به ڪيترين ئي قومون تباهه ۽ برباد ٿي ويون، تنهن ڪري انهيءَ ڳالهه کي ياد رکو.

## سورت التوبہ رڪوع نمبر 10:

**منافقن تي سختيءَ جو حڪم:** منافق گهرن ٿا ته مسلمانن ۾ پنهنجي چغل خوريءَ سان ڦوٽ وجهن (جيئن انهن پاڻ ڪريم ﷺ جي پٽ ابراهيم جي پيدائش تي ان جي خلافت وارو مسئلو کڻي پاڻ ﷺ جي زالن کي ورغلايو هو). تنهن ڪري انهن تي سختي ڪريو، پر اهي جيڪو گهرن پيا سو نه ٿيو. جيڪڏهن اهي توبه نه ڪندا ته انهن کي ڏکوئيندڙ عذاب ملندو. انهن انفاق ( الله جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ جو) وچن ڪيو هو، پر هاڻي دولت ملڻ کان پوءِ انهيءَ ڳالهه جا انڪاري ٿي پيا آهن. ايتري تائين جو جيڪي مسلمان انفاق ڪن ٿا، ته هي انهن تي به ٺٺوليون ٿا ڪن. اي رسول ﷺ تون انهن جي لاءِ جيڪڏهن لک دفعا معافي گهرندين ته به الله تعاليٰ انهن کي بلڪل به معاف نه ڪندو.


Sindhica Academy, Karachi

مطلب ته پاڻ ﷺ جن ٽيهه هزار فوج سان گڏ، جنهن ۾ ڏهه هزار سوار به هئا، تبوڪ ڏانهن روانو ٿيا. اهو علائقو دمشق جي ويجهو هو. اتي پهچي خبر پئي ته هرقل شهنشاهه قسطنطينه حمص ۾ آهي. پاڻ اتي هڪ مهيني تائين ترسيا، پر عيسائي بادشاهه کي همٿ نه ٿي جو اچي مقابلو ڪري. انهيءَ وچ ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن اوسي پاسي ڏانهن ننڍا ننڍا فوجي جٿا روانو ڪيا. دومة الجندل جو سردار اڪيدر عيسائي هو، تنهن کي حضرت خالد بن وليد گرفتار ڪري آيو ۽ هن جزيو ڏئي فرمانبردار ٿي رهڻ قبوليو. اهڙي طرح ڪي ٻي عيسائي سردار به جزيو ڏيڻ تي راضي ٿي ويا ۽ مديني جي رياست جي سرپرستيءَ ۾ پنهنجي مذهب تي قائم رهيا.

## جماعتي انقلاب:

جيئن ته هن فوجي چر پر ۾ ٻه مهينا ٻاهر گذري ويا، تنهن ڪري کاڌي خوراڪ جو سمورو سامان ختم ٿي ويو. ڪيترن ئي جائن تي هن وڏي فوج کي پاڻي به نه پيو ملي. ڪن جائن تي ته ماڻهن وڻن جا پن کائي گذارو ڪيو. مطب ته هن فوجي مشق مسلمانن کي آزمائش ۾ وجهي پڪو پختو ڪري ڇڏيو. انهن جي همٿ ٻڌي ۽ الله تعاليٰ جي نالي تي رضاڪاراڻي خدمت سان اهو ثابت ٿي ويو ته مسلمانن جي هڪڙي مضبوط پارٽي ٺهجي وئي آهي ۽ اها پارٽي انهيءَ لائق ٿي وئي آهي ته وڏين وڏين جماعت ۽ قومن جي ذهنن ۾ مادي انقلاب پيدا ڪري سگهي.

اهو جماعتي انقلاب هڪڙي ڏينهن جو نه هو ۽ نه ئي اهو جماعتي روح عربن ۾ اڳي کان موجود هو. حقيقت اها آهي ته انهن ۾ انفرادي هٺ، وڏائي ۽ بدلي وٺڻ واري عادت کانسواءِ ٻيو جماعتي ڀلائيءَ وارو ڪو تصور ئي موجود نه هو. رڳو پاڻ ڪريم ﷺ جن ئي هڪ اهڙي شخصيت هئا، جن انهن جي مزاج کي نظم ۽ ضبط جي سانچي ۾ پري، بي مقصد زندگي گذاريندڙ ماڻهن کي هڪ عظيم مقصد واري قوم بڻائي ڇڏيو. ايئن چوڻ گهرجي ته پاڻ ڪريم ﷺ جي عملي دل ۽ دماغ، ويهن سالن جي اندر اندر هارايل ۽ ٽڙيل پکڙيل مٽيءَ جي پترن کي نئين قالب ۾ آڻي، هڪ سهڻو ماپو بڻائي ڇڏيو. پوءِ انهيءَ ماپي جي ذريعي امن ۽ ترقيءَ جو نئين زندگي بخشيندڙ شربت ملڪ ۽ قوم کي ذوق ۽ ضرورت آهر شادابي ڏيڻ لڳو.


www.sindhsalamat.com

## تبوڪ کان موٽي اچڻ تي
## قرآن ڪريم منافقن کي وعيد

### سورت التوبہ رڪوع نمبر 11:

جيڪي ماڻھو جنگ ۾ نہ ويا ۽ نہ ئي مال سان مدد ڪئي، اھي دوزخي آھي. ھاڻي ڪنھن بہ مھم تي جيڪڏھن اھي ھلڻ گھرن تہ انھن کي ساڻ نہ ڪنيو ويندو.

### سورت التوبہ رڪوع 12:

ڪمزور ۽ مسڪين مؤمن جھاد ۾ شامل ٿيڻ واري فرض کان آجا آھن. پر آسودن منافقن کان پاسو ڪيو وڃي ڇو جو انھن جو ڏوھ معاف نٿو ٿي سگھي. جيڪڏھن توھان انھن کي معاف ڪري بہ ڇڏيو تہ الله تعاليٰ انھن کي معاف بلڪل نہ ڪندو.

### مسجد ضرار:

منافقن پنھنجي شرارتن ۽ مسلمانن ۾ ڦوٽ وجھڻ جي لاءِ ھڪ نئين ترڪيب اھا اختيار ڪئي تہ قبا ۾ پنھنجي لاءِ ھڪ جدا مسجد تيار ڪري ورتي تہ جيئن انھيءَ ۾ ويھي مخلص مسلمانن جي خلاف سازشون ڪري سگھن. اجا بہ عيسائين سان ملي پڳت ڪري، اتي ابو عامر راھب کي گھرائي سازشن جو بندوبست بہ ڪري ورتو ھو. ھنن پاڻ ڪريم ﷺ جن کي عرض ڪيو تہ پاڻ ھلي ڪري انھيءَ مسجد ۾ نماز پڙھن تہ جيئن اھا مسجد بہ پاڪ سمجھي وڃي.

### سورت التوبہ، رڪوع نمبر 13:

انھيءَ مسجد جي باري ۾ قرآن جو اھو حڪم ٿيو تہ اھا مسجد جيئن تہ مسلمانن جي ڀڃيءَ ۾ ڦوٽ وجھڻ جي مقصد سان ٺاھي وئي ھئي ۽ ابو عامر فاسق جي سازشن جي لاءِ ڪم آندي وئي آھي، انھيءَ ۾ نہ وڃو پر انھيءَ مسجد ۾ وڃو جيڪا قبا ۾ اڳي کان جوڙيل آھي. انھيءَ حڪم کان پوءِ اھا مسجد ڊاھي وئي.

### سورت التوبہ رڪوع نمبر 14:

ٽن مسلمانن تبوڪ واري سفر ۾ پوئتي رھجي وڃڻ تي ندامت جو اظھار


Sindhica Academy, Karachi

ڪيو ۽ پنھنجو ڏوھ باسيو. انھن جي توبہ قبول ڪئي وئي ۽ انھن جي واڪاڻ ڪئي وئي.

### سورت التوبہ رڪوع نمبر 15:

سچن جو ساٿ ڏيڻ وارن کي ڇوٽڪاري جي خوشخبري ڏني وڃي ٿي ۽ تبوڪ واري سفر ۾ مصيبتن ۽ بک ۽ اڃ جي تڪليفن واري امتحان ۾ جيڪي ماڻھو پار پيا، تن کي انھيءَ جو اجورو ملندو.

### سورت التوبہ رڪوع نمبر 16:

خوني ويڙھ ۾ سختي ڪريو، نرمي وارو انداز اختيار نہ ڪريو. پاڻ ۾ محبت سان ھلو. رسول الله ﷺ جن مؤمنن سان محبت ڪن ٿا ۽ انھن جي ٿورڙي بہ تڪليف تي بي چين ٿي وڃن ٿا. پر جيڪي منافق آھن، پاڻ ﷺ جن کان منھن ڦيرائن ٿا. انھن کي ڄاڻ ھئڻ گھرجي تہ رسول الله ﷺ جن کي رڳو الله تعاليٰ جي مدد جو ڀروسو آھي، جيڪو عرش عظيم جو مالڪ آھي. ڪين منافقن جي مدد جي ضرورت نہ آھي.

### ثقيف وارن جو وفد، رمضان 9 ھ:

طائف جي بنو ثقيف وارن ھاڻي محسوس ڪيو تہ ھاڻي وٽن مديني واري حڪومت (يعني پاڻ ڪريم ﷺ) جي تابعداريءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو نہ آھي. اھي ان ڪانسواءِ نہ تہ مڪي جي واپار مان فائدو ماڻي سگھن ٿا ۽ نہ ئي وري يمن ۽ عراق ڏانھن وڃي سگھن ٿا. انھيءَ ڪري ھنن ھڪڙو وفد مديني ڏانھن موڪليو ۽ بت پرستيءَ کان توبہ ڪئي، پر اھي بت ڊاھڻ کان ڏڃن پيا، ڇو جو لات ديويءَ جو ڊپ انھن جي مٿان حاوي ھو.

انھيءَ ڪري ھنن زڪوات ۽ جھاد في سبيل الله کان بہ معافي گھري. پاڻ ڪريم ﷺ جن انھن کي پوئين ٻن ڳالھين کان تہ آجو ڪيو ۽ فرمايو تہ جڏھن اسلام جا ڳڻ انھن جي دلين ۾ پاڙون کوڙيندا تہ اھي بہ انھن فرضن جي فائدن کان واقف ٿي جھاد ۽ انفاق ۾ اڳرائي ڪرڻ لڳندا. (سنن ابوداؤد، خبر طائف) پر جيئن تہ اھي بت ٽوڙڻ کان ڏڃن پيا، انھيءَ ڪري انھيءَ ديويءَ جي بيوسي ثابت ڪرڻ ضروري ھئي. تنھن ڪري حضرت مغيرہ بن شعبہ وڃي انھيءَ ديويءَ کي ڊاھي ڦٽو ڪيو ۽ جيئن تہ طائف وارا سمجھندا ھئا تہ ان جي بي حرمتي ڪرڻ واري جي مٿان مصيبت نازل ٿيندي، پر اھڙي ڪابہ ڳالھ نہ ٿي


www.sindhsalamat.com

اجا بہ مسلمانن کي ان جي اندران تمام وڏو خزانو هٿ لڳو.

## اسلامي طريقي تي حج:

**9 هه (پهرين ذي الحج، 9 مارچ 631ع):** اهو حج نج مسلمانن جي طريقي تي ٿيو هو. جيتوڻيڪ انهيءَ ۾ مشرڪ بہ شريڪ هئا. پر انهيءَ حج ۾ 8 هه واري حج وانگر ٻنهي ٽولن جدا جدا حج ڪيو. مشرڪن جو گذريل سال وانگر ڪو بہ حج جو نہ امير هو. مڪو ۽ طائف ٻئي شهر فتح ٿي چڪا هئا. عرب ۽ عرب کان ٻاهر جيڪي ماڻهو حج واري ميڙ ۾ شامل نہ ٿي سگهيا هئا، انهن سيني کي حج ۾ اهو ٻڌايو ويو تہ ايندڙ سال کان حج رڳو انهن ماڻهن جو ٿيندو جيڪي الله تعاليٰ کي هڪ ڪري مڃين ٿا ۽ قيامت تي ايمان رکن ٿا.

انهيءَ حج ۾ مديني کان حضرت ابوبڪر صديقؓ کي حج جو امير بڻائي موڪليو ويو ۽ ساڻس گڏ ٽي سئو مسلمان حج ڪرڻ ويا. ان جي وڃڻ کان پوءِ پاڻ ﷺ جن حضرت عليؓ کي مشرڪن کان بيزاريءَ وارو حڪم ٻڌائڻ لاءِ روانو ڪيو ۽ هن حج جي ٻئي ڏينهن يعني 10 ذوالحج 9 هه تي قرآن ڪريم جي هيٺين سورت سيني کي ٻڌائي وئي:

## سورت التوبہ رڪوع نمبر 1:

**مشرڪن جا معاهدا:** جن مشرڪن سان معاهدا ڪيا ويا هئا ۽ اهي ٽوڙيندا رهيا، هاڻي اهي سمورا معاهدا ختم سمجهن. پوءِ بہ اها رعايت ڪئي وڃي ٿي تہ چئن مهينن جي انهن کي مهلت آهي. جيڪڏهن اهي الله تي ايمان آڻن ٿا ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ڪن ٿا تہ ڏاڍو سٺو، ٻي صورت ۾ انهن سان جنگ ڪئي ويندي. باقي ايترو سو آهي تہ جيڪڏهن اهي خدائي ڪلام کي ٻڌڻ جي مهلت گهرندا تہ انهن کي امان ڏني ويندي. ان کان پوءِ انهن کي نماز ۽ زڪوات ادا ڪرڻي پوندي.

باقي بنو خمره، بنو مدلج ۽ بنو ڪنانہ وغيره سان (جن ماڻهن سان ڪنهن خاص مدت تائين معاهدا آهن) سي قائم رکيا ويندا. ڇو جو واعدو ٽوڙڻ تمام وڏو گناهہ آهي.

## سورت التوبہ رڪوع نمبر2:

**نماز ۽ زڪوات:** ان ڪانسواءِ انهن کي اهڙين عبادتگاهن سان ڪهڙو واسطو، جن ۾ الله تعاليٰ جي عبادت ڪئي ويندي هجي ۽ اتي بت بہ باقي نہ


Sindhica Academy, Karachi

رهيا هجن. اتي اهي ئي ماڻهو وڃي سگهن ٿا جيڪي الله تعاليٰ تي ايمان رکن ٿا ۽ زڪوات بہ ڏين ٿا (رڳو الله تعاليٰ کي مڃڻ ئي ڪافي نہ آهي).

## سورت التوبہ رڪوع نمبر4:

سڪينہ ۽ الله جا لشڪر: حنين ۾ سڪينہ (دل جو اطمينان) ۽ الله تعاليٰ جا لشڪر نازل ٿيا تڏهن فتح ٿي. جڏهن تہ گهٽائيءَ ۾ منافق ۽ مشرڪ گڏ هئا، پر انهن جي ڪري مسلمانن ڀاڄ ڪاڏي. آخرڪار اهي مجاهد جيڪي بيعت رضوان ڪري چڪا هئا، ڪامياب ٿيا. انهيءَ ڪري انهن پليت مشرڪن کي الله تعاليٰ جي مسجد ۾ نہ اچڻ ڏيو، اهي الله تعاليٰ جي ديوتائن کان ڊڄندا آهن. مشرڪن جي نہ اچڻ سان حج واري ميلي جي رونق ڪونہ گهٽبي. اجا بہ ٿورن ڏينهن کان پوءِ مشرڪ بہ واپار ۾ موڙيءَ کان بيزار ٿي مؤمن بڻجي ويندا.

## ڪتاب وارن تي جزيو:

۽ جيڪي ڪتاب وارا آهن تن کي جزيو ڏيڻو پوندو. اهي پنهنجي مذهب تي قائم رهي سگهن ٿا. ڇو جو اهي الله تعاليٰ کي مڃن ٿا ۽ الله تعاليٰ جي قانونن کي بہ مڃن ٿا.

## سورت التوبہ رڪوع نمبر 5:

پر اهي غلطي اها ٿا ڪن تہ انسانن کي الله جا پٽ ڪوٺين ٿا ۽ پنهنجي مذهبي اڳواڻن جي پوڄا ڪري انساني عزت کي گهٽائي ڇڏين ٿا. بهرحال هاڻي الله تعاليٰ جو نور (اسلام) ضرور پکڙندو ۽ اهي غلط رستي تي هلندڙ ڪتاب وارا بہ سنئين واٽ وٺندا ۽ آخر ڪار سچي دين جي سوڀ ٿيندي. جيڪي يهودي وياج کائن ٿا سي پڻ پيشمان ٿيندا. مديني جي رياست ۾ ٺڳي واري طريقي (جوئا، وياج وغيره) سان مال لٽڻ جي ڪابہ گنجائش نہ آهي. جيڪي ماڻهو، پوءِ ڀلي اهي مسلمان ئي ڇونہ هجن، ڪنجوسي اختيار ڪندي مال دولت گڏ ڪن ٿا ۽ الله تعاليٰ جي راهہ ۾ خرچ نٿا ڪن، اهي بہ جهنم ۾ ويندا ۽ اتي انهن جو مال بہ جهنم ۾ وجهي تپائي انهن کي ڏنيپو ويندو.


www.sindhsalamat.com

## عام الوداع (10 ھ، مطابق اپريل 630ع)

رسول الله ﷺ جي زندگيءَ جو اهو سال امن امان واري زماني ۾ تعميري ڪمن ڏانهن ڌيان ڏيڻ جي تعليم ڏئي ٿو. انهيءَ سال جيتوڻيڪ ڪي ٽورڙا سريا به موڪليا ويا، پر اصل ڪم ٻه ٿيا هئا. هڪ ته قرآن پاڪ جي تدوين ۽ ٻيو امن، ترقي ۽ اسلام جي حقيقت جو پيغام ڏيڻ هو جيڪو پاڻ ﷺ جن حج جي موقعي تي دنيا جي انسانن کي ڏنو.

## قرآن جي تدوين، رمضان 10 ھ:

رمضان جو مهينو سدائين ڪرسمس واري زماني جي ويجهو هوندو هو ۽ مسيحي دنيا ۾ 15 نومبر کان 25 نومبر تائين عيسيٰؑ جي جنم جي خوشي ملهائي ويندي هئي ۽ سچا عيسائي چاليهه ڏينهن روزا رکندا هئا. پاڻ ڪريم ﷺ جن نبوت کان اڳ عيسائي اسلام جا پابند هئا ۽ حرا واري غار ۾ روزي ۽ مراقبي ۾ انهيءَ ئي رمضان جي موسم ۾ وقت گذاريندا هئا.

مديني ۾ رمضان جا روزا فرض ڪيا ويا ۽ پاڻ ﷺ جن اهو دستور ٺاهي ڇڏيو هو ته انهيءَ مهيني ۾ ڏهن ڏينهن لاءِ دنيا جي ڪاروبار کان پاسيرا ٿي مسجد ۾ اعتڪاف ۾ ويهندا هئا ۽ خاموشيءَ سان خدائي ياد ۾ مصروف ٿي ويندا هئا. انهيءَ زماني ۾ هر سال ان وقت تائين جيترو قرآن نازل ٿي چڪو هوندو هو، تنهن کي مختلف سورتن ۾ ترتيب ڏيندا هئا. 10 ھ ۾ پاڻ ويهه ڏينهن اعتڪاف ڪيائون ۽ انهيءَ سال پاڻ قرآن ڪريم جو دؤر ٻه دفعا ڪيائون ۽ سورتن کي ترتيب ڏنائون. انهيءَ ۾ وحيءَ واري ملائڪ (جبرائيلؑ) به سندن ساٿ ڏنو.

ان کان پوءِ به قرآن پاڪ جو نزول جاري رهيو ۽ جدا جدا پنن تي ان جي ڪتابت ٿي. پر انهن مان هڪڙي سورت توبه کي باقي نازل ٿيل سورت يعني سورت مائده کان پوءِ بسم الله الرحمٰن الرحيم لکي جدا نه ڪيو ويو. انهيءَ ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جي وفات کانپوءِ جيتوڻيڪ سورت المائده ۽ سورت توبه به جدا سورتون ڪيون ويون، پر سورت توبه کي بسم الله الرحمٰن الرحيم لکي جدا نه ڪيو ويو هو. انهيءَ ڪري اها ايئن ئي موجوده صحيفن ۾ رکيل آهي.


Sindhica Academy, Karachi

**البقره، 38، 39، 274 ۽ 283:**

خرچ ڪرڻ سان خوف ۽ ڳڻتي ختم ٿيندي آهي. قرض لکت ۾ هجي ته اها ڀلي ڳالهه آهي ۽ گروي واري شيءِ قبضي ۾ ورتل هئڻ گهرجي.

## جناب ابراهيم ﷺ جي وفات:

29 شوال 10 ھ تي ان جي وفات ٿي. انهيءَ ڏينهن سج گرهڻ به ٿيو. ماڻهن چيو ته ايئن انهيءَ ڪري ٿيو آهي جو الله جي نبيءَ جي پٽ وفات ڪئي آهي. رسول الله ﷺ جن يڪدم انهيءَ ڳالهه جي ترديد ڪئي ۽ فرمايائون ته سج ۽ چنڊ الله تعاليٰ جي قدرت جي نشانين مان آهن ۽ ڪنهن جي به مرڻ يا جيئڻ سان انهن تي گرهڻ نه ٿيندو آهي.

منافقن اهو سمجهي ورتو هو ته جناب ابراهيمؓ پاڻ ڪريم ﷺ جن جا جانشين ٿيندا، تنهن ڪري انهن سندس ۽ سندس ماءُ جي خلاف هلچل شروع ڪري ڏني. هاڻي ان جي وفات سان انهن جا وات بند ٿي ويا. پر مسلمانن ۽ پاڻ رسول الله ﷺ جن کي ڏاڍو ڏک پهتو.

انهيءَ سال (10ھ) رسول الله ﷺ اعلان ڪيو ته پاڻ هن سال حج ڪندا ۽ انهن مشرڪن ڪانسواءِ، جن سان دوستيءَ واري معاهدي جي مدت رهيل آهي. ٻيو ڪو به مشرڪ انهيءَ حج ۾ شامل ٿي نه سگهندو.

## فاتح ۽ نبيءَ ۾ فرق:

سموري سيرت پڙهي ڏسو: توهان کي پاڻ ڪريم ﷺ جي طرف کان جارحاڻي حملي جو ڪٿي به ڪو نالو نشان ئي نه ملندو. مڪي واري زندگيءَ جي تيرنهن سالن ۾ تلوار جو ته ڪو نالو نشان ئي نٿو ملي. باقي مديني واري زندگيءَ جي ٻئي سال، بدر واري ويڙهه کان تلوار جو استعمال شروع ٿئي ٿو. ڪنهن به تاريخ جا پنا اٿلائي ڏسو، بدر ۾ قريشن حملو ڪيو، جڏهن ته پاڻ ڪريم ﷺ جن مدافعت ڪئي. احد ۾ حملو ڪيو ويو، پاڻ مدافعت ڪيائون. ان کان پوءِ خندق واريءَ ويڙهه ۾ به پوري عرب ۽ يهودين سان ملي ڪري حملو ڪيو ويو ته اتي به پاڻ ﷺ جن بچاءَ ۾ وڙهيا. صلح حديبيه واري موقعي تي امن واري مهيني ۾ پاڻ ﷺ جن عمرو ڪرڻ گهريو ته قريشن ڪين روڪي ڇڏيو. پاڻ ﷺ جن سان جيتوڻيڪ وڏي طاقت به موجود هئي، پر پوءِ به پاڻ ويڙهه کان پاسو ڪيائون. آخر 8 ھ ۾ جڏهن قريشن ناهه ٽوڙيندي مسلمانن جي ساٿي قبيلي بنو


www.sindhsalamat.com

خزاعہ وارن جو قتل عام ڪيو. ان وقت بيعت رضوان ڪرڻ وارن مظلومن جي فرياد رسي جي لاءِ مڪي ڏانهن وڌيا، پر ويڙهہ جي نوبت پوءِ بہ نہ آئي. چو جو رسول الله ﷺ جن پنهنجي ساٿين کي ايترو تہ پڪيڙي ڇڏيو هو ۽ لڳاتار ابوسفيان کي مختلف قبيلن جي اڳيان گذاريو هو جو هو ڏڪي ويو ۽ هو فرمانبردار ٿي پيو. ان کان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن عام اعلان ڪرايو تہ جيڪو ماڻهو ڪعبي جي حرم ۾ يا ابوسفيان جي گهر ۾ يا پنهنجي گهر ۾ ويٺو رهندو تنهن کي قتل نہ ڪيو ويندو. انهيءَ اعلان جو اهو بہ مطلب هو تہ اسان هن وقت ايترو تہ سگهارا آهيون جو اسان سان وڙهڻ جو ڪوبہ فائدو نہ آهي. انهيءَ ڪري پلو انهيءَ ۾ اتوَ تہ پنهنجي گهرن ۾ ئي ويٺا رهو. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيو تہ بنا ڪنهن خوني ويڙهہ جي مڪو فتح ٿي ويو. تاريخدان انهيءَ کي مڪي جي فتح لکن ٿا، پر حقيقت رڳو اها آهي تہ مڪو هڪ ڪليل شهر بڻجي ويو هو ۽ مسلمانن انهيءَ تي آسانيءَ سان قبضو ڪري ورتو هو. ان کان پوءِ حنين وارو واقعو بہ بچاءُ ئي هو. طائف وارن جو گهيراءُ ڪيو ويو، پر ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪنيو ويو. تبوڪ ڏانهن بہ عيسائين جي ميڙائڻ تي فوج موڪلي وئي پر ڪنهن بہ قسم جي ويڙهہ نہ ٿي. آخر ڪهڙي جاءِ تي پاڻ ڪريم ﷺ جن يا مسلمانن تلوار جي زور تي ڪنهن ملڪ يا قوم کي فتح ڪيو ۽ فتح ڪرڻ کانپوءِ انهن کي زبردستيءَ مسلمان ڪيو؟ تاريخ اهڙن واقعن کان خالي پئي آهي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن جيڪڏهن نبي نہ هجن ها ۽ هڪ عام فاتح هجن ها تہ سندن سموري زندگي رت ۽ ٻاهہ جو هڪ افسانو هجي ها ۽ دنيا ۾ امن ۽ ترقي جي بدران يا تہ اڪيلا سڌارڪ ۽ سنياسي (راهب) ملن ها يا وري اهڙا پروهت ۽ پوڄاري (مذهبي ٺيڪيدار) پوئتي رهجي وڃن ها جيڪي ظالمن جا مددگار بڻجي انسان جو رت ۽ ست ڪڍي ڇڏين ها ۽ حق پرستن جو رت پئي نہ رڳو خوش ٿين ها، پر غلامي ۽ اڻ ڄاڻائي کي رائج ڪري انساني دماغَ جي تخليقي صلاحيتن کي سدائين جي لاءِ دفنائي ڇڏين ها. اڄ اسان فخر سان چئي سگهون ٿا تہ رسول الله ﷺ جن دنيا جهان وارن جي لاءِ رحمت هئا ۽ پاڻ علم ۽ ڄاڻ جي دروازن کي کولي، انساني برابريءَ جو بنياد وڌائون. اهو انهيءَ جو ئي نتيجو آهي جو دنيا جي ڏتڙيل قومن ۾ انقلاب ايندا رهيا آهن ۽ ايندا رهندا، ايتري تائين جو سموري انسانيت برابري، انصاف ۽ علم جو علمبردار بڻجي ويندي. يعني هڪ عالمگير روحاني گڏيل معاشرو قائم ٿي ويندو.


Sindhica Academy, Karachi

## سورت المائده جي اهميت:

انهيءَ زماني ۾ سورت المائده نازل ٿي رهي هئي. ان جا حڪم امن امان وارو معاشرو قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ اڄ بہ مشعل راهہ آهن. جيڪي ماڻهو دائمي سچائين جي ڳولا ۾ آهن، تن کي انساني جماعت جي هن دؤر ۾، جنهن ۾ 10 هہ وارو عرب هو، سورت مائده جي حقيقت کان آگاهي ڏيندڙ نصيحتون، زندگيءَ واري قانون جو ڪم ڏئي سگهن ٿيون.

## سورت المائده رڪوع نمبر 1:

**واعدي پاڙڻ جي تعليم:** مسلمانو! اهو نہ سمجهجو تہ سمورا مشرڪ واجب القتل آهن. جن مشرڪن واعدي خلافي نہ ڪئي آهي تن سان پنهنجا معاهدا پورا ڪريو. معاهدو ٽوڙڻ تمام ئي ڪريل حرڪت آهي. دشمن هجي تہ انهيءَ سان بہ انصاف واري وات هلو.

## احرام جي حالت ۾ خون خرابو نہ ڪريو:

حج جو احرام ٻڌڻ کان پوءِ ڪنهن کي بہ قتل نہ ڪريو. ايتري تائين جو وڻ جو پن بہ نہ پٽيو. مڪمل طرح سان امن ۽ محبت جا مثال بڻجي وڃو ۽ نہ قرمار ڪريو.
**اسلام:** الله تعاليٰ ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن جو بہ خوف نہ رکو ۽ ان جي ٻانهپ هجڻ جو اعلان ڪريو. اهو ئي اسلام آهي. ڪتاب وار جا پاڪ کاڌا کائي سگهو ٿا ۽ انهن جي عورتن سان نڪاح ڪري سگهو ٿا (يعني اڳاتن يهودين ۽ هندن وانگر ذات پات جو فرق پيدا نہ ڪريو ۽ هڪٻئي مان شاديون ڪرڻ سان نفرت ختم ٿي وڃي ٿي).

## سورت المائده رڪوع نمبر2:

**دشمن سان بہ انصاف ڪريو:** دشمن جي خلاف بہ ڪوڙي شاهدي نہ ڏيو. انصاف ئي تقويٰ کي وڌيڪ ويجهو آهي. يهودين احزاب ۾ مسلمانن کي تباهہ ڪرڻ گهريو، تن جي باري ۾ بہ اهو ئي چيو ويو تہ انهن جي دشمنيءَ جي باوجود بہ انهن سان انصاف وارو ورتاءُ ڪريو ۽ معاف ڪريو.

## سورت المائده رڪوع نمبر 3:

اي رسول الله ﷺ! يهودين ۽ عيسائين جي پوئين حرڪتن کي معاف ڪري


www.sindhsalamat.com

ڇڏ. اهي ماڻهو الله تعاليٰ سان ان جي ٻانهپ جو واعدو ڪري چڪا آهن. جيتوڻيڪ پنهنجي ڪتابن ۾ هير ڦير ڪن ٿا ۽ پاڻ ۾ وڙهن ٿا، پر الله تعاليٰ کي معاف ڪرڻ ۽ احسان ڪرڻ پسند آهي، انهيءَ ڪري تون به انهن کي معاف ڪر.
(هتي ياد رکو ته يهودين سان نفرت انهيءَ زماني ۾ هئي جڏهن اهي اسلام جا مخالف ۽ واعدي خلافي ڪندڙ هئا. خيبر جي فتح کان پوءِ اهي مديني جي حڪومت جي ماتحت ٿي چڪا هئا ۽ انهن جي حفاظت مسلمانن جي مٿان لازم هئي).

## سورت المائده جو پهريون اڌ، رڪوع نمبر6:

**اسم احمد:** هتي ڪجھ سزائن جو ذڪر آهي. مفسرن يحرفون الڪلم مان ڪلام الله يا توريت ۾ تحريف يا جو مطلب ڪڍيو آهي. اها ڳالھ صحيح نه آهي. قرآن اڳي ئي چئي چڪو آهي ته اهي پنهنجي ڳالھ ۾ اهڙي طرح زبان کي وچڙائيندا آهن جو سلام کي سام ۽ انظرنا کي راعنا چوندا آهن. ايتري تائين جو اهي ڪجھ اهڙيون عبارتون به پڙهندا آهن جو ظاهر ۾ ائين پيو محسوس ٿيندو آهي ته اهي توريت ٿا پڙهن جڏهن ته اهو توريت نه هوندو آهي. اهڙي طرح اهي ڪيترين ئي ڳالهين لڪائيندا آهن. فارقليط (احمد) جو ذڪر جيڪو توريت ۾ آهي، تنهن کي ظاهر ڪرڻ نه گهرندا آهن. بهرحال قرآن انهن جي سيني ڪرتوتن کي ظاهر ڪري ڇڏيو آهي.

## سورت المائده رڪوع نمبر11:

عيسائين جون دليون ايمان وارن سان وڌيڪ ويجهيون آهن. انهن ۾ عالم ۽ راهب (سنياسي) به آهن ۽ جڏهن اهي قرآن ٻڌندا آهن ته حق واري ڳالھ کي ٻڌي روئي ڏيندا آهن.

## سورت المائده رڪوع نمبر 12، 13 ۽ 14:

**چند هدايتون:** (1) چوريءَ جي سزا هٿ ڪٽڻ آهي، پر جيڪڏهن توبه ڪري ته معاف ڪري سگهجي ٿو. (2) پاڪ شيون کائو، پر توهان جي زندگيءَ جو مقصد رڳو کائڻ پيئڻ ئي نه هئڻ گهرجي. (3) حد کان لنگهي نه وڃو. (4) جيڪڏهن ڪوڙو قسم کڻو يا واعدي خلافي ٿي وڃي ته انهيءَ لاءِ صدقو ڏيو يا هڪ غلام کي آزاد ڪريو. (5) شراب، جوئا، فال ڪڍڻ، ڍارا هڻڻ سيئي پليت ڳالهيون آهن. انهن کان ائين پچو جيئن شيطاني غلاظت کان پچندا آهيو.


Sindhica Academy, Karachi

(6) احرام جي حالت ۾ شڪار نه ڪريو (7) اجايا سوال نه ڪريو، ٻين سان توهان جو ڇا وڃي؟ پنهنجي ڪم سان ڪم رکو. (8) وصيت ڪرڻ لاءِ ڪي شاهد بڻائيندا ڪريو. (ياد رهي ته جوئا ڪيڏي شراب پيئارڻ جاهليت واري زماني ۾ سخاوت سمجهيو ويندو هو).

## سورت المائده رڪوع 15 ۽ 16:

**عيسيٰؑ جي توحيد واري تعليم:** عيسيٰؑ جڏهن الله تعاليٰ جي حڪم سان مئلن کي جيئرو ڪيو ته يهودي چوندا هئا ته هي ڪو جادوگر آهي. الله تعاليٰ يهودين جي الزامن کان ڪيس بچايو ۽ ڪيترن ئي حوارين مٿس ايمان آندو ته پاڻ اهو سڀ ڪجھ الله تعاليٰ جي حڪم سان ڪن پيا. عيسيٰؑ جا حواري به تمام ئي سادي طبيعت وارا هئا. انهن حضرت عيسيٰ کي چيو ته الله تعاليٰ کان دعا گهر ته اسان لاءِ آسمان مان ڪاڌو لهندو رهي. عيسيٰؑ انهن کي چيو ته اها ڳالھ ممڪن آهي، پر جيڪڏهن ان کان پوءِ توهان ڪا نافرماني ڪئي ته پوءِ ڪاڌي جي بدران توهان تي عذاب نازل ٿيندو. خبردار ٿجو، مون کان پوءِ مون کي يا منهنجي ماءُ کي انهيءَ لاءِ پنهنجو معبود نه بڻائجو ته مان مئل کي جيئرو ٿو ڪريان. مان ته پاڻ به الله تعاليٰ جي ٻانهپ ڪريان ٿو. مان پاڻ ئي ٻانهو آهيان ته پوءِ خدا ڪيئن ٿو ٿي سگهان؟

## عيسيٰ عليه السلام جي وفات يا شهادت کان پوءِ:

اي الله! جيستائين مان ماڻهن ۾ موجود هئس، ان وقت تائين مون انهن کي اها ئي تعليم ڏني جنهن جو تو مونکي حڪم ڪيو هو ته الله تعاليٰ جي ٻانهپ اختيار ڪريو جيڪو توهان جو ۽ اسان جو پالڻهار آهي. جيستائين مان انهن ۾ موجود رهيس انهن جو نگهباني ڪندو رهيس، پر جڏهن تو منهنجي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ڪيا (۽ مان شهيد ٿي ويس) ته تون ئي انهن جو نگهبان هئين ۽ انهن جي حال کان چڱيءَ طرح واقف آهين. تون گهرين ته انهن کي معاف ڪري ڇڏين ۽ گهرين ته ڪين سزا ڏئين. هر جاءِ تي تنهنجي ئي بادشاهي آهي ۽ تون هر شيءِ تي وسوارو آهين.


www.sindhsalamat.com

# حجة الوداع (يا حج محمد ﷺ) 10 ھ

25 ذيقعد سنہ 10 ھ تي پاڻ ڪريم ﷺ جن غسل ڪيو ۽ احرام ٻڌي نڪتا. سمورين پاڪ زالن کي گڏ ڪنيائون ۽ لبيڪ اللهم لبيڪ جون صدائون هٽندي مر الظهران پهتا ۽ غسل ڪرڻ ڪان پوءِ بني شيبہ ڪان مڪي شريف ۾ داخل ٿيا.

۽ ذي الحج تي مڪي ۾ هڪ خطبو ڏنائون. 8 تاريخ تي مڪي ڪان منا ڏانهن ويا ۽ رات اتي ترسيا ۽ 9 ذي الحج تي فجر جي نماز ڪان پوءِ عرفات واري ميدان ڏانهن روانو ٿيا. رستي ۾ مزدلفہ ڪان اڳتي نمره واديءَ ۾ ترسيا ۽ ٻيپهري جي نماز ڪان پوءِ عرفات واري ميدان ۾ داخل ٿي هنصاف واري هنڌ ترسيا. پاڻ دعا گهرندا رهيا ۽ سج لهڻ ڪان پوءِ عرفات ڪان مزدلفہ آيا. سانجهي ۽ سومهٽي جي نمازن کي گڏي پڙهيائون. صبح جو عورتن ۽ ٻارن کي گڏي اڳتي موڪليائون ۽ پاڻ اتان سج اڀرڻ ڪان اڳ ئي روانو ٿي ويا ۽ منيٰ ۾ پهچي جمرن کي پٿر ڇُٽيا. ان ڪان پوءِ 63 اُٺن جي قرباني پنهنجي مبارڪ هٿن سان ڪيائون جڏهن تہ باقي 37 اٺ حضرت عليؓ جن پاڻ ﷺ جن جي طرف ڪان قربان ڪيا. ان ڪان پوءِ پاڻ مٿو ڪوڙايائون ۽ ننهن لهرايائون ۽ سبيل ڪپڙا پائي عطر هنيائون ۽ ماڻهن کي حڪم ڏنائون تہ خوشي ملهايو ۽ دل تي ڪائو ۽ پيئو.

## حج وارو خطبو:

**دنيا کي جهالت ۽ بک ڪان بچائڻ جي تعليم جو تت، 11 ذي الحج سنہ 10 ھ:**

اڄ اهو يتيم جيڪو پنهنجي ٻاروتڻ ۾ انهيءَ ميدان ۾ ٻڪريون چاريندو هو، سو دلين جي شهنشاھ جي حيثيت ۾ هڪ ڏاچيءَ تي سوار آهي ۽ هڪ لک چوويھ هزار ڪان وڌيڪ انسانن جو ميڙ سندن آخري پيغام ٻڌڻ جي لاءِ ڪن لايون ويٺو آهي. پاڻ ڪي معمولي بادشاھ نہ آهن پر پاڻ پنهنجي لباس ۾ ٻين ڪان جدا نہ آهن. ڪين بہ ائين ٿي هڪ چادر ٻڌل آهي جيئن ٻين کي ٻڌل آهي. ڪين ائين ئي چادر ٻڌل آهي جيئن ڪو مسڪين ٻڌندو آهي. سندن ننهن ۽ وار انهيءَ مسافرن وانگر وڌيل نظر اچي رهيا آهن جهڙي طرح ڪو مسافر پري جي مسافري ڪري آيو هجي ۽ پنهنجي بادشاھ، پنهنجي مالڪ جي سامهون پهچي زبان سان پنهنجي سموري ڄمار جي ڪمائي پيش ڪري رهيو هجي.

اڄ جهانن جي سردار، مجاهدن جي مهندار، رسولن جي تصديق ڪندڙ،


Sindhica Academy, Karachi

غازين جا غمخوار ۽ رحمة اللعالمين هڪ مسڪين غلام وانگر، پنهنجي مالڪ حقيقيءَ جي سامهون، پنهنجي ٻاويهن سالن جي فصل جي لهپ ڪٽي سامهون بيٺا آهن ۽ پنهنجي دل جي اونهائين ۽ دماغ جي ڪندن پاسن مان ڳولي ڦولي انهن ڳالهين کي بيان ڪرڻ گهرن ٿا، جيڪي دنيا کي سڌي دڳ، نعمت ۽ رحمت ڏانهن وٺي وڃن ٿيون.

اوچتو پاڻ ﷺ جي نظر مڪي جي سڀ ڪان وڏي ڪافر اميہ بن خلف جي پٽ ربيعہ تي پئي. پاڻ ربيعہ کي، جنهن جو آواز سڀ ڪان ڳرو هو، پنهنجي ويجهو ڪيو. شايد انهيءَ ۾ اها بہ مصلحت هئي تہ دنيا ڏسي وٺي تہ اڄ سڀ ڪان وڏي ڪافر ۽ باغيءَ جو پٽ هڪ يتيم ۽ مسڪين جي پاسي ۾ ويٺو آهي. پوءِ ربيعہ کي فرمايائون تہ مان جيڪو ڪجھ چوندو وڃان، تنهن کي تون وڏي آواز ورجائيندو وڃجان. پوءِ پاڻ وڏي شانائتي انداز ۾ پڇيائون:

- ماڻهؤ! اڄ ڪهڙو مهينو آهي؟ ماڻهن جواب ڏنو تہ اهو شهر الحرام (محرم مهينو) آهي.
- وري پڇيائون، ماڻهؤ! هيءُ ڪهڙو هنڌ آهي؟ جواب مليو تہ هي بلد الحرام آهي.
- پڇيائون، پوءِ هي ڪهڙو ڏينهن آهي؟ ماڻهن چيو تہ اڄ حج اڪبر جو ڏينهن آهي.

ان ڪان پوءِ پاڻ انتظار ڪندڙ دلين ۽ دماغن تي جن جملن جو ڏڪ هنيو سي هي هئا:

1. **قصاص، چوري، تهمت وغيره حرام آهن:** مسلمانو! ”جهڙي طرح اڄوڪو ڏينهن، اڄوڪو مهينو ۽ اڄوڪو هنڌ حرام ۽ پاڪ آهي، اهڙيءَ ئي طرح توهان جي جان، مال، عزت هڪ ٻئي جي لاءِ احترام جوڳا آهن. ڏسو، مان توهان کي حڪم ڏيڻ ڪان اڳ پاڻ پنهنجي خاندان ۾ اڳرائي ڪريان ٿو ۽ اعلان ڪريان ٿو تہ ربيعہ بن حارث بن مطلب جو هڪ ٻار بنو ليث وارن ۾ رضاعت (کير پيارڻ) لاءِ موڪليو ويو هو، اتي بنو هذيل وارن ان کي قتل ڪري ڇڏيو. مان اهو خون معاف ٿو ڪريان. هاڻي قصاص باقي نہ آهي.
2. **بنا محنت جي ڪنهن جو مال ڪائڻ حرام آهي:** اهڙي طرح منهنجو چاچو عباس بن عبدالمطلب وياج جو پئسو ڪمائيندو هو. اهو سمورو مال باطل آهي. مان ان جو سمورو وياج ختم ٿو ڪريان.

اڄ جي ٻوليءَ ۾ بنا محنت جي ڪنهن جو مال ڪائڻ ۽ باطل طريقي سان


www.sindhsalamat.com

مال ڪمائڻ کي ”محنت جو استحصال“ سڏيندا آهن. محنت جو اهو استحصال جاگيرداري ۽ صنعتي سرمائيداري واري دؤر ۾ وڏا وڏا قارون پيدا ڪندو رهيو آهي ۽ اڄ بہ ڪري رهيو آهي. تحقيق جي سائنسي طريقي انهيءَ تي ڀرپور روشني وڌي آهي. محنت جي استحصال سان جيڪو نفعو حاصل ٿئي ٿو، سو ئي اصل ۾ وياج آهي.

3. **جاهليت واري وڏائي ۽ رنگ ۽ نسل وارو فرق ختم ڪيو وڃي ٿو:** ماڻهؤ! جاهليت واري زماني جي شيطاني وڏائي ۽ هٺ ۽ رنگ ۽ نسل جي بنياد تي هڪ قبيلو ٻئي قبيلي کان ۽ هڪ غلام مالڪ کان جيڪو فرق رکندو هو، سي سمورا جهيڙا مان پنهنجي ٻنهي پيرن هيٺان لتاڙيان ٿو. ماڻهؤ! ياد رکو تہ توهان سمورا آدم جو اولاد آهيو ۽ آدم کي خسيس گاري جهڙي مٽيءَ مان ٺاهيو ويو هو. عزت ۽ شرافت تہ رڳو انهن ماڻهن لاءِ ئي آهي جيڪي تقويٰ ۽ پرهيز گاري واري واٽ تي هجن ۽ الله تعاليٰ جي ٻانهپ ڪندا هجن.

موجوده زماني ۾ انهيءَ کي قوميت ۽ وطن پرستي سڏيو ويندو آهي ۽ اها وڏي فتني جي پاڙ آهي. اقبال انهيءَ مسئلي جي خلاف وڏو جهاد ڪيو آهي. هو انساني وحدت جي لاءِ قاتل زهر وانگر آهي.

4. **ڏوهاري ئي سزا جو مستحق آهي:** عدل ۽ انصاف جي گهر اها آهي تہ سزا انهيءَ کي ئي ملڻ گهرجي جيڪو ڏوهہ ڪري (يعني قصاص جو اهو طريقو بلڪل غلط آهي تہ قبيلي جي ڪنهن بہ بي گناهہ ماڻهوءَ کي خون جي بدلي قتل ڪيو وڃي. يا ڪنهن ڏوهاري مالڪ جي بدلي ۾ ڪنهن غلام کي قتل ڪيو وڃي ۽ اهو سمجهيو وڃي تہ انصاف ٿي ويو. اهو بہ سمجهي ڇڏيو تہ الله تعاليٰ کي رت ۽ گوشت نٿو پهچي، ۽ توهان ڪنهن جانور کي ڪُهي انهيءَ جي بدلي ۾ اهو سمجهي ويهو تہ توهان جي گناهن جو ڪفارو ٿي ويو. اصل شيءِ پرهيز گاري آهي ۽ الله تعاليٰ ڏانهن موٽڻ آهي جيڪا سڌي واٽ يا اسلام آهي.

5. **غلامن کي آزاد ڪريو:** مسلمانو! اَرّقاء ڪم اَرقّاء ڪم. پنهنجي غلامن کي بلڪل بہ نہ وساريو. جيڪو توهان کائو سو ئي انهن کي بہ کارايو، جيڪو توهان پهريون سو ئي انهن کي بہ پهرايو. اهي بہ توها جهڙا ئي انسان آهن. انهن کان انهن جي وس کان وڌيڪ ڪم نہ وٺو. جيڪڏهن اهي آزادي گهرن تہ انهن سان مڪاتبت ڪريو. يعني انهن کي وقت ڏيو تہ اهي ٻي ڪنهن جاءِ تي ڪم ڪري ڪجهہ ڪمائي توهان کي پنهنجي


Sindhica Academy, Karachi

آزاديءَ جي بدلي ڪجهہ پئسا ڏين ۽ آزاد ٿي وڃن.

6. **غلام توڙي آزاد سڀئي برابر آهن:** ياد رکو تہ خدائي قانون جي سامهون سمورا انسان برابر آهن، تنهن ڪري جيڪڏهن توهان جي مٿان هڪ غلام کي بہ امير مقرر ڪيو وڃي تہ جيستائين اهو خدائي قانونن جي پابندي ڪندو هجي تہ ان جي فرمانبرداري هر مؤمن تي فرض آهي.

رسول الله ﷺ جن غلاميءَ کي ختم ڪرڻ جو طريقو ٻڌايو هو. پر دمشق واري خلافت، جنهن ۾ مسلم بادشاهيت جي شروعات ٿي، غلامي واري اداري کي دائمي بڻائي ڇڏيو. ڪجهہ فقيهن پنهنجي فتوائن سان انهيءَ جي دائميت جو جواز مهيا ڪري ڏنو. ايتري تائين جو آمريڪي صدر ابراهيم لنڪن اها سعادت ماڻي ۽ چئن سالن جي گهرو ويڙهہ ۾ پنهنجي سر گهوريندي انهيءَ اداري کي ختم ڪري ڇڏيو.

7. **عورت جا حق:** ماڻهؤ! عورتن جي باري ۾ الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهو. توهان انهن کي الله تعاليٰ جي نالي تي پنهنجون زالون بڻايو آهي. توهان ٻنهي جو هڪ ٻئي تي حق آهي، پر عورت جو وڌيڪ حق اهو آهي تہ توهان هليءَ چليءَ وانگر انهن کي کاڌو ۽ لٽو ڪپڙو بہ ڏيندؤ.

مسلمان انهيءَ حڪم کي بہ عمليءَ طرح نٿا مڃن. اهي هڪ ئي دفعي ٽي طلاقون ڏئي عورت تي ظلم ڪن ٿا ۽ بنا خلع جي يعني ڪابين واپس ڪرڻ ڪانسواءِ عام طلاق بائن جي لاءِ بہ حلالو عورت لاءِ قائم رکيو آهي جيڪا انسانيت جي توهين آهي. اڄ مسلم معاشري ۾ عورت سڀ کان وڌيڪ مجبور ۽ مقهور شخصيت آهي. حلالو رڳو خلع ۾ جائز آهي جنهن ۾ عورت ڪابين جا پئسا موٽائي پنهنجي لاءِ طلاق حاصل ڪري ٿي.

8. **الله جي ٽولي جي ترقيءَ لاءِ جهاد:** الله تعاليٰ واري ٽولي کي ترقي ڏيڻ جي ڪوشش جو نالو جهاد في سبيل الله آهي. اهو سمورين دولتن کان وڌ ڀلي دولت آهي. (شيطاني ٽولي کي هيٺو ڏيکارڻ هر الله واري مرد مؤمن جو فرض آهي).

جهاد في سبيل الله اصل ۾ دنيا مان بک، جهالت، غلامي، خوف ۽ جنگ کي ختم ڪري طبقاتي معاشري کي توحيدي معاشري ۾ بدلائڻ لاءِ هو. توحيدي معاشري ۾ پيداواري وسيلا جهڙوڪ زمين، ڪارخانا، ڪاٽيون، تيل ۽ گيس جا ذخيرا، ٻيلا وغيره ڏهہ سيڪڙو ماڻهن جي قبضي مان ڪڍي عوام جي


www.sindhsalamat.com

ملڪيت ۾ ڏنا ويندا آهن. محنت جي استحصال سان حاصل ٿيندڙ منافعي مان، جيڪو اصل ۾ وياج آهي، ڇو جو اهو بنا محنت جي حاصل ٿئي ٿو ۽ ڪن ٿورڙن ماڻهن وٽ تمام گهڻي دولت اچي وڃي ٿي ۽ گهڻائي اجا تائين پنهنجي محنت وڪڻي پيٽ پالڻ تي مجبور هوندا آهن ۽ پنهنجي غربت جي ڪري اهي تعليم ۽ تربيت جي برڪتن ڪان محروم رهندا آهن.

پر مسلمانن بادشاهت واري دؤر ۾، اسلام جي بگڙيل شڪل ڪي پنهنجائڻ جي ڪري، مسلم بادشاهن جي اقتدار ۽ سلطنت ۾ پکيڙ جي لاءِ تلوار ڪڍڻ ڪي جهاد جو نالو ڏنو. موجوده دؤر ۾ مشهور جهاد ڪرڻ وارين جماعتن ڪي انهيءَ ڳالھ جي خبر ئي نہ آهي تہ اصل ۾ اسلام دنيا مان بک، غربت، غلامي، ويڙھ جهيڙي ۽ نسل ۽ قوميت جي بنياد تي انسانن جي وچ ۾ پيدا ٿيندڙ نفرت ڪي ختم ڪرڻ جو نالو آهي. نہ رڳو مسلم معاشري مان انهن غير انساني لعنتن ڪي ختم ڪرڻ اسلام جو فرض آهي، پر بين الاقوامي انقلاب جي تحريڪ هئڻ جي ڪري اسلام انهن سمورين قومن ۽ گروهن جي جاني ۽ مالي ۽ اسلحي سان مدد ڪرڻ فرض سڏي ٿو، جيڪي ظاهر ۾ تہ اسلام جي دائري ۾ داخل نہ آهن، پر انساني حيثيت سان انهن غير انساني ڪمن مان ڇوٽڪارو ماڻڻ جون ڪوششون ڪري رهيون آهن.

جهاد يا خوني ويڙھ ڪرڻ ڪان اڳ مسلمان مجاهدن ڪي اسلام جي انسان دوستي ۽ محنت جي استحصال جي خلاف تعليم ڪي چڱيءَ طرح سمجهڻ گهرجي. اهو ياد رهي تہ سامي، آريائي ۽ زرد قومن ۾ موڪليل مذهبن جي بانين ڪي موڪلڻ جو مقصد بہ اهو ئي هو تہ جيئن دنيا مان مخالف معاشي طبقن جي پاڙ ۾ چڪتاڻ ڪي ختم ڪري، دنيا ڪي امن، محبت، فڪر ۽ عمل جي آزادي، معاشي مساوات ۽ سياسي آزاديءَ جو گهر بڻايو وڃي جنهن ۾ هر ماڻهو پنهنجي محنت جي پيداوار جو پاڻ ئي مالڪ هجي.

انهيءَ عظيم الشان خطبي ڪان پوءِ، جيڪو قرآن حڪيم اجا بہ سمورن مذهبن جي حقيقي تعليم جو تت آهي ۽ انسانيت جي لاءِ ميگنا ڪارٽا جي حيثيت رکي ٿو، پاڻ ماڻهن ڪان وري پڇيائون تہ قيامت جي ڏينهن منهنجي ڪم جي باري ۾ توهان ڪان پڇيو ويندو تہ توهان ڇا ورندي ڏيندؤ؟ ماڻهن چيو تہ ”بلغت و اديت و نصحت“ (اسان شاهد آهيون تہ توهان الله تعاليٰ جو پيغام سهڻي نموني اسان تائين پهچائي ڇڏيو) اهو ٻڌي پاڻ پنهنجي ڏسٽي آڱر مٿي ڪنيائون ۽ فرمايائون: ”اللهم اشهد!“ اي منهنجا الله! ڏس تہ هي ماڻهو ڪهڙي شاهدي ڏئي رهيا آهن. ان ڪان پوءِ پاڻ فرمايائون تہ هر ماڻهو جيڪو هتي


Sindhica Academy, Karachi

موجود آهي، سو انهيءَ ماڻهوءَ تائين جيڪو هتي موجود نہ آهي، منهنجو پيغام پهچائي. تمام ئي ممڪن آهي تہ اهو ماڻهو ڪائنس وڌيڪ سهڻي طريقي سان منهنجي ڳالهين ڪي سمجهي ۽ انهن تي عمل ڪرڻ وارو بڻجي پوي.

## نئين اسلامي ڪيلينڊر جو مسئلو:

حج ڪان پوءِ اهو قانون هوندو هو تہ ناسي الشهور، بنو ڪنانہ جوتشن وٽ ماڻهو اهو پڇڻ ايندا هئا تہ ايندڙ سال ڪهڙي مهيني ۾ ذوالحج ٿيندو؟ اهي چنڊ جي مهينن ڪي شمسي مهينن سان ملائڻ لاءِ هر ٻئي ٽئي سال هڪڙو مهيني وڌائي ڇڏيندا هئا. يعني ايندڙ صفر ڪي سال مان گهٽائي ڇڏيندا هئا. اهڙي طرح انهيءَ جو ڳاڻيٽو قمري سال ۾ نہ ٿيندو هو. يعني مصر ۽ ايران جي هندن وانگر چنڊ جي سال ۾ ڪجھ ڏينهن هر سال يا ٽئين سال وڌائي ان ڪي شمسي سال جي موسم موجب ڪري ڇڏيندا هئا ۽ سال ۾ جنهن مهيني لاءِ گهرندا هئا تنهن ڪي نسي ڪري ڇڏيندا هئا. پاڻ ڪريم ﷺ جن قرآني حڪم سان انهيءَ جهيڙي ڪي ختم ڪري ڇڏيو ۽ فرمايو تہ سال جا ٻارنهن ئي مهينا ٿيندا آهن تنهن ڪري ڪوبہ مهينو گهٽايو يا وڌايو نہ ويندو، تہ جيئن جيڪي مهينا حلال آهن سي حلال ئي رهن ۽ جيڪي حرام آهن سي حرام رهن ۽ جوتشين جي شيطانگريءَ ڪي انهيءَ ۾ دخل نہ هجي. (ابن سعد 134)

## سورت التوبہ رڪوع نمبر 5:

الله تعاليٰ جي مرضيءَ موجب پاڻ ڪريم ﷺ جن جو اڳلي سال هن فاني جهان مان لاڏاڻو ٿيو. پر پاڻ فرمائي ويا هئا تہ حج جي موسم شمسي اعتدال سان ٿي رهي آهي، جڏهن تہ ڏينهن ۽ رات برابر آهن. جيڪڏهن انهيءَ جو لحاظ رکيو وڃي ها تہ اسلام جو سال بہ عيسوي سال وانگر ٻارنهن مهينن جو شمسي سال ٿي پوي ها. پر ماڻهن انهيءَ پاسي ڌيان نہ ڏنو جنهن ڪري حج ۽ رمضان سال جي سمورن مندن ۾ ڦرڻ لڳا. حجة الوداع تائين سدائين ذي الحج مارچ ۾ ۽ رمضان ڊسمبر ۾ ٿيندو هو. اهڙي طرح حج اصغر رجب يا سيپٽمبر آڪٽوبر ۾ منين ٿڌين واري وقت ۾ ٿيندو هو.

مسلمانن ڪي گهرجي تہ اهي هن مسئلي تي غور ڪري پنهنجي لاءِ ٻارهن مهينن جو شمسي سال ٺاهن تہ جيئن رسول الله ﷺ ۽ الله تعاليٰ جي مرضي پوري ٿي وڃي. يعني نجومين ۽ پوپن جو خاتمو ٿي وڃي ۽ هر ماڻهو صحيح موسم ۾ عبادت ۽ واپار ڪري سگهي. ڇو جو هن وقت تہ واپاري سال


www.sindhsalamat.com

شمسي آهي، پر مذهبي سال قمري رهجي ويو آهي جنهن جي ڪري حج ۽ رمضان سال جي سمورن مندن ۾ ڦرڻ لڳا آهن.

انهيءَ ڳالهه جو قرآني ثبوت ته حج جي موسم چيٽ ۽ ڪتيءَ جي وچولن ڏينهن ۾ ٿيندا هئا، سورت القريش ۾ موجود آهي. اهي ئي امن ۽ واپار ۽ حج (يعني ميلي) جا ڏينهن هوندا هئا. جڏهن ته حج اڪبر (مارچ ۾) ۽ حج اصغر سيپٽمبر ۾ ٿيندو هو. بيت الله جي حج جي ڪري ماڻهن کي بک ۽ خوف کان انهيءَ واپاري ميلي جي ذريعي ڇوٽڪارو ملندو هو. *(رحلة الشتاء والصيف)*

اهڙي طرح رمضان به سدائين نومبر ڊسمبر ۾ هوندو هو ۽ عيسائي روزا به، جيڪي حضرت عيسيٰ ؑ جي ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ رکيا ويندا هئا، انهيءَ ئي (رمضان) ۾ ٿيندا هئا. "كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ" ۾ انهن ئي عيسائي روزن ڏانهن اشارو آهي ۽ رسول الله ﷺ جن سدائين انهن ئي ڏينهن ۾ روزا رکيا ۽ شمسي سال جي لحاظ کان چيٽ جي وچولن ڏينهن واري وقت حج اڪبر ۽ ڪتي جي وچولن ڏينهن واري وقت حج اصغر ڪيو ويندو هو.

## عام الحزن يا عام الوفات،
(**سنه** 11 **هه، مطابق** 632ع)

628ع ۾ امن امان سان مڪو فتح ٿي ويو ۽ دنيا جي بادشاهن کي به دربار نبويءَ مان امن ۽ اتحاد جي دعوت ڏني وئي، پر ايران جي ڪراڙي خسرو پرويز انهيءَ دعوت کي ڪابه اهميت نه ڏني ۽ ان جو پٽ شيرويه پنهنجي پيءُ کي ماري تخت تي قبضو ڪري ويهي رهيو. هو به ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مري ويو ۽ ملڪ ۾ طوائف الملوڪي پکڙجي وئي. بران فارس جي حڪمراني سنڀالي ۽ هرقل سان ٺاهه ڪري ورتو. پراڻي سرحدن کي مڃي ورتو. 632ع ۾ خسرو جي پوٽي يزد گرد کي، جيڪو اجا ٻار هو، تخت تي ويهاريو ويو ۽ هرقل کي اصلي صليب واپس ڪيو ويو.

انهيءَ زماني ۾ هندستان مان گوتم ٻڌ جو مذهب پنهنجي امن ۽ سلامتيءَ واري پيغام جي ڪري سموري ايشيا ۾ پکڙجي ويو. جيتوڻيڪ هندستان جا برهمڻ ٻڌ کي ديوتا ٻڌائي ۽ ان جي مذهب کي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي عوام کان پري ڪري چڪا هئا، اجا به ائين چئجي ته گهٽي


Sindhica Academy, Karachi

ڀاڳي ان کي بگاڙي چڪا هئا. پر چيني سيلاني هيون سانگ ٻڌايو آهي ته ٻڌ مت هندستان کان ٻاهر پري پري تائين پکڙجي چڪو هو ۽ جيڪي ماڻهو هندستان جي برهمڻن جا ستايل هئا، سي ٻين ملڪن ۾ پناهه وٺي رهيا هئا. بهرحال ٻڌ مت کي پنهنجي پيدائش واري هنڌ يعني هندستان ۾ مڃتا نه ملي سگهي، پر هو پنهنجي ٻاهرين پاڙيسري ملڪن ۾ پکڙجي ويو ۽ انهيءَ مذهب جي شڪل ڇا مان ڇا ٿي وئي.

انهيءَ زماني ۾ عيسائين جو نسطوري فرقو وچ ايشيا تائين پکڙجي چڪو هو ۽ عسائي مذهب ۽ ڪليسا جا ڪيترائي فرقا هڪ ٻئي کي ڪافر سڏي رهيا هئا ۽ هڪ ٻئي جو رت وهائي رهيا هئا.

يهودي پنهنجي شرارتن ۽ ٽيڙي فطرت جي ڪري ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ هئا. 634ع ۾ رحمت اللعالمين جي عمر مبارڪ ٽيهٺ (63) سال ٿي چڪي هئي. عرب جي سخت آب و هوا ۽ دين حق جي ڦهلاءَ جي لڳاتار ڪوشش پاڻ ڪريم ﷺ جي زندگيءَ کي انهيءَ قابل نه رکيو هو ته پاڻ گهٽي وقت ائين ڪم ڪري سگهن. انهيءَ ڪمزور عمر ۾ ٽيهٺ اٺن کي نحر (ذبح) ڪرڻ جي جاکوڙ پاڻ ﷺ جن کي بيمار ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح پاڻ مڪي مان ئي بيمار واپس موٽيا. حالتون اهڙيون هيون جو هاڻي مديني جي حڪومت جو سموري عرب تي قبضو نه ٿيو هو. پاڻ ﷺ جن کي نه رڳو سياسي، پر سماجي زندگيءَ جي مختلف فردن جي ذاتي زندگيءَ جي معاملن کي به طئي ڪرڻو پوندو هو. ڪمن جو زور ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو هو. سابقون الاولون ته مڪي ۾ ئي تيار ٿي چڪا هئا ۽ مهاجر ۽ انصارن جي هڪ تجربيڪار جماعت مدني زندگيءَ جي آڙ ۾ جڙي راس ٿي وئي هئي. انهن ئي ماڻهن سنه 6 هه ۾ بيعت رضوان ڪئي هئي. اها هڪ اهڙي ڪفن ٻڌل جماعت هئي جيڪا نه رڳو اسلامي انقلاب جي روح ۽ ان جي مقصدن کي چڱيءَ طرح سمجهي پئي، پر الله تعاليٰ جي راضپي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي سر ساهه ۽ مال جي به پرواهه نه ڪندي هئي. تنهن ڪري رسول الله ﷺ کي به انهيءَ معاملي ۾ اطمينان هو ته پاڻ جيڪو پيغام پهچائي چڪا آهن، تنهن کي ڪتاب الله جي روشنيءَ ۾ اڳتي ڪٽي وڃڻ وارا سمجهه ڀريا ماڻهو موجود آهن.

## خم غدير تي خطبو:

حج کان موٽندي خم جي تلاءَ تي پاڻ ﷺ ترسيا. بريد اسلمي انهيءَ تلاءَ تي، جيڪو مديني ڏانهن ويندي واٽ تي موجود هو، حضرت علي جي


www.sindhsalamat.com

شڪايت سان پنهنجي غلطيءَ جو اعتراف ڪيو. انهيءَ موقعي تي پاڻ ﷺ جن فرمايو ته توهان اهلبيت جو احترام ڪريو جن کي مان توهان ۾ ڇڏيون پيو وڃان. هڪ اهل بيت ۽ ٻيو ڪتاب الله. جيڪي انهن ٻنهي کي مضبوطيءَ سان جهليندا سي ڇوٽڪاري وارا ٿيندا. جنهن جو مان مولىٰ آهيان، علي به انهيءَ جو مولىٰ آهي. علي جو دوست منهنجو دوست ۽ علي جو دشمن منهنجو دشمن آهي.

## سور البقره رڪوع نمبر 40:

## قرآن جي آخري ۽ جامع دعا:

الله بادشاهه آهي. اهو ئي ڳجهه جو ڄاڻيندڙ آهي. اهو ئي هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي. سمورن نبين جو پيغام هڪ ئي آهي جنهن کي اسان مڃون ٿا. (انهن نبين ۾ گهڻو سامي نسل وارا نبي ئي نه آهن، پر آرين ۽ زرد قومن جا نبي به شامل آهن). انسان مجبور آهي. الله تعالىٰ ئي هر شيءِ تي وسوارو آهي. تنهن ڪري جيستائين ٿي سگهي نيڪيءَ واري واٽ وٺو. ڇو جو جيڪو توهان پوکيندؤ سو ئي لڻندؤ ۽ الله تعالىٰ کان پنهنجي ڀل چڪ جي معافي گهرندا رهو ۽ چئو ته اي اسان جا الله، اسان تي اهڙو بوجهه نه وجهه جنهن کي کڻڻ جي اسان ۾ سگهه نه هجي. اسان تي ٻاجهه ڪر. تون اسان جو مالڪ آهين. ڪافرن جي مقابلي ۾ اسان جي مدد فرماءِ ته جيئن اسان انهن کي تنهنجا ٻانها بڻائي سگهون.

## سريو اسامه بن زيد، 27 صفر 11 هه، مئي 632ع:

هاڻي سموري عرب ۾ اسلام پکڙجي چڪو هو. پر اتر ۾ عيسائين جو ظلم وڌي رهيو هو ۽ رومي سلطنت جي جنگي ٽيڪسن، غلام سازين ۽ مذهبي چالبازين سان سمورو شام، مصر ۽ ايران پريشان هو. مسلمانن کي سريه موته ۾ شڪست ملي هئي. تنهن ڪري جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن کي خبر پئي ته عيسائي ٻيهر حملي جي تياري ڪري رهيا آهن ته پاڻ موته جي شهيد زيد بن حارثه جي پٽ اسامه بن زيد کي گهرايو. جيترا به وڏا وڏا اصحابي، مهاجر يا انصاري هئا، تن سڀني جو سردار انهيءَ غلام جي پٽ کي ڪيائون جنهن جي ماءُ به هڪ ٻانهي هئي. عمر جي لحاظ کان به اسامه ارڙهن سالن جو هو. بيماريءَ جي حالت ۾ به پاڻ اسامه کي جهنڊو تيار ڪري ڏنائون ۽ مسلمانن تي ثابت ڪري ڇڏيائون ته هاڻي دنيا مان رنگ ۽ نسل جو فرق ختم ڪيو ويو آهي ۽ سندن حج اڪبر واري خطبي کي عملي جامو پهرايو پيو وڃي.

حضرت اسامه شهر کان ٻاهر فوج کي گڏ ڪيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن


Sindhica Academy, Karachi

جي تڪليف وڌندي وئي پر پوءِ به پاڻ انهيءَ لشڪر کي وڃڻ کان نه روڪيائون. اجا به فرمايائون اغز عليٰ برڪة الله (الله تعاليٰ جي برڪت سان غزوي لاءِ روانو ٿي وڃو). اسامه جي ماءُ ام ايمن آچر جي ڏينهن پٽ کي ٻڌايو ته پاڻ ڪريم ﷺ جو مرض شدت اختيار ڪري ويو آهي، تنهن ڪري پاڻ غزوي تي وڃڻ کان رڪجي ويا. پاڻ ﷺ جن فرمايو، ماڻهؤ! مان گهران ٿو ته توهان اسامه سان سهڻو سلوڪ ڪريو ۽ ان جي فرمانبرداري ڪريو.

پاڻ ڪريم ﷺ جي وفات کان پوءِ حضرت ابوبڪر خلافت جي بيعت کان پوءِ سڀ کان پهريون ڪم اهو ڪيو ته حضرت اسامه کي پهرين ربيع الثاني 11 هجري تي غزوي لاءِ روانو فرمايو. هي اهو دؤر هو جو اسلام کان ڦرندڙن مديني تي ڪاهه ڪٽي ڪئي هئي ۽ اسلام جو مرڪز خطري واري صورتحال کي منهن ڏئي رهيو هو. پر حضرت ابو بڪرؓ فرمايو ته جيڪو جهنڊو رسول الله ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿ سان ٻڌو آهي تنهن کي مان ڪيئن ٿو کولي سگهان. بهرحال اهو لشڪر روانو ٿيو ۽ ڪاميابيءَ سان وڏو مال غنيمت کٽي موٽيو.

## رسول الله ﷺ جي وفات

سومر جي ڏينهن يعني 29 صفر 11 هه مطابق 26 مئي 632ع تي پاڻ ڪريم ﷺ جو مرض شروع ٿيو. پاڻ انهيءَ کان اڳ گذريل شام جو جنت البقيع جي قبرستان ڏانهن ويا هئا. اتان مغفرت جي دعا گهري واپس موٽي رهيا هئا جو مٿي ۾ سور پئجي ويو ۽ بخار به ٿي پيو. بيماريءَ جو سلسلو ٻن هفتن تائين جاري رهيو. پاڻ پنهنجي زالن کان اجازت ورتائون ته پاڻ بي بي عائشه جي حجري ۾ ئي رهندا. پاڻ لڳ ڀڳ ٻن هفتن تائين بيمار رهيا ۽ پاڻ محسوس ڪري ورتائون ته سندن آخري وقت ويجهو اچي ويو آهي. تنهن ڪري پاڻ فرمايائون ته جيڪي ماڻهو نبين جي قبرن جي پوڄا ڪندا آهن سي لعنتي آهن. منهنجي قبر کي هرگز سجدي گاهه نه بڻائجو. انصارن جي لاءِ به فرمايو ته انهن جو قدر ڪجو ۽ انهن جي غلطين کي درگذر ڪجو. وفات کان هڪ ڏينهن اڳ پاڻ پنهنجي چاليهن غلامن کي آزاد ڪري ڇڏيائون. سمورو مال خيرات ڪري ڇڏيائون. هٿيار مسلمانن کي ڏئي ڇڏيائون. زره هڪڙي يهودي وٽ گروي رکيل هئي. آخري رات ڏيئي ٻارڻ لاءِ تيل به ڪونه رهيو هو. بي بي عائشه ڪنهن پاڙيسرياڻيءَ کان تيل گهرائي ڏيئو ٻاريو.


www.sindhsalamat.com

## آخري وصيت:

پاڻ ﷺ جن جيڪي آخري لفظ فرمايا هئا سي هئا:

**الصلوٰة وما ملكت ايمانكم**

”نماز ۽ پنهنجي غلامن جو خيال رکجو.“

ان کان پوءِ پاڻ پنهنجو سڄو هٿ مٿي آسمان ڏانهن کڻندي فرمايو:

**اللهم الرفيق الاعلىٰ**

”منهنجو الله مٿانهون سنگتي آهي.“

اهو چوندي ئي 12 ربيع الاول 11 ھ تي پاڻ ﷺ جو هٿ مبارڪ هيٺ ڪري پيو. اکين جون ماڻڪيون مٿي کڄي ويون. انا لله و انا اليہ راجعون.

## وفات کان پوءِ:

اصحابن تي ڏک جو ايترو ته اثر ٿيو جو ڪن جا ته حواس ئي گم ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا ته رسول الله ﷺ جن وفات بلڪل به نه ڪئي آهي. حضرت عباس ۽ حضرت ابوبڪرؓ ڪانسواءِ ٻيا سڀئي پريشان ٿي ويا. حضرت ابوبڪرؓ جڏهن خبر ٻڌي ته اناالله چيو ۽ واصفيا واخليلاه چئي ڏاڍو رنا ۽ پوءِ اچي رسول الله ﷺ جي منهن مبارڪ تان چادر لاهي پيشاني کي چميو ۽ فرمايو: ”**طيبت حيّا وميتا**“ يعني توهان جيئري ۽ وفات کان پوءِ ٻنهي حالتن ۾ پاڪيزه آهيو. پوءِ فرمايائون: ”ماڻهؤ! جيڪو ماڻهو محمد جي پوڄا ڪندو هو تنهن کي خبر هئڻ گهرجي ته پاڻ وفات ڪري ويا. پر جيڪو الله تعاليٰ جي ٻانهپ ڪندو هو ته الله تعاليٰ جئيرو آهي، هو هميشه زنده ۽ سدائين ٻيهڪ ونندڙ آهي ۽ ڪڏهن به نه مرندو.“

ان کان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جي وصيت موجب حضرت عليؓ کين تڙ ڏنو ۽ حضرت اسامه ۽ حضرت فضل بن عباس، اهلبيت مان تڙ ڏيڻ ۾ شريڪ ٿيا. جنهن جاءِ تي وفات ڪيائون اتي ئي سيني واري واري سان نماز پڙهي. حضرت عائشه جي حجري ۾ قبر مبارڪ کوٽي وئي ۽ وفات جي ٻٽيهن ڪلاڪن کان پوءِ 14 ربيع الاول اڱاري ڏينهن رات جي وقت پاڻ ﷺ جن جو جسد پاڪ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.


Sindhica Academy, Karachi

# آخري ڳالهه
# سيرت پاڪ جو تت

اسلام جي پس منظر جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته دنيا ۾ شروع کان ئي ٻن قسمن جا مذهب ۽ نظريا ۽ ٻن قسمن جا ماڻهو ڏٺا ويا آهن. انهن مان ڪي ماڻهو ته سموري انسانيت جي ڀلائيءَ جو سوچيندڙ هئا ۽ ڪي وري رڳو ننڍڙي جماعت جو ڀلو سوچڻ جي صلاحيت رکندا هئا، پر انهيءَ سان ٻين انسانن کي نقصان ٿيندو هو.

تنهن ڪري اهو دين ۽ فڪري ڳالهيون جيڪي اهي سيکارين ٿا ته سمورا انسان برابر ۽ ٻائر آهن، ۽ جن جو مقصد معاشي برابري، سياسي آزادي ۽ ذهني آزادي وارن قدرن کي انسانن ۾ رائج ڪرڻ آهي، سي سچائيءَ تي آهن ۽ نور هدايت جي واٽ ڏيکارين ٿا.

انهيءَ جي برخلاف جيڪي مذهب ۽ فڪري سوچون تنگ نظري ۽ رڳو هڪ خاص ٽولي جو ئي ڀلو گهرن ٿيون ۽ انسان جي معاشرتي زندگيءَ کي هيٺ مٿانهين واري ورڇ ڪري برابريءَ وارن حقن ۽ ترقيءَ کي روڪين ٿيون سي باطل آهن ۽ اونداهي ۽ گمراهيءَ ڏانهن وٺي وڃن ٿيون.

سموري دنيا جي آخرت ۽ دنيا جي ڀلائي جي لاءِ رسول الله ﷺ به اهو ئي محبت وارو پيغام دنيا اڳيان آڻي پيش ڪيو جيڪو انساني تاريخ جي شروع کان ئي هر هادي ۽ مصلح (نبي) پيش ڪندو آيو آهي ته:

(1) هڪڙي الله جا فرمانبردار يعني مسلم ٿي وڃو.

(2) اهو مڃو ته هر چڱي ڪم جو اجر ۽ هر بڇڙي ڪم جي سزا ضرور ملندي پوءِ اها هن دنيا ۾ ملي يا آخرت ۾.

الله تعاليٰ جو فرمانبردار يا ٻانهو ٿي رهڻ جو اهو مطلب آهي ته سمورا


www.sindhsalamat.com

انسان پاڻ ۾ برابر آهن. يعني انساني حيثيت ۾ ڪنهن انسان يا قوم کي ٻين انسانن يا قوم تي رنگ، نسل، وطن جي لحاظ کان ڪابہ فوقيت حاصل نہ آهي. آدم جو اولاد هئڻ جي ڪري پاڻ ۾ ڀائر ڀائر بڻجي رهو. مال ۽ دولت ۽ اقتدار ۾ واڌاري جي لاءِ پنهنجي ڀائرن جي رت ۾ هٿ نہ ٻوڙيو. محبت جو مطلب آهي تہ محبوب جي ڀلائي سامهون هجي. محبت انهيءَ کي چوندا آهن جنهن ۾ ماءُ پيءُ وانگر اهڙو جوش، جذبو ۽ قربانيءَ جو جذبو پيدا ٿي پوي جو ٻار جي خدمت ۽ پالنا جي مصيبت بہ راحت سمجهہ ۾ اچي.

دنيا جي تاريخ ۾ رڳو رسول عربي، حضرت محمد ﷺ جن کي ئي انهيءَ سلسلي ۾ ڪاميابي ملي سگهي جو رڳو مختلف نبين، ڏاهن، هادين، سڌارڪن ۽ فلسفين وانگر خالي محبت ۽ رحمت جو پيغام ئي نہ ڏنائون، پر هڪ اهڙي انقلابي معاشرو جوڙيائون جنهن ۾ اها صلاحيت هئي تہ اها نفرت ۽ خود غرضي، جنسي ڇڙواڳي، مال جي حُب، ڏيک ويک ۽ حرص ۽ هٻڇ جو خاتمو ڪري ڇڏي. انهيءَ معاشري پنهنجي انهيءَ مقصد کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ مديني ۾ هڪڙي رياست قائم ڪري ورتي جيڪا ڊاڪٽر خليفي عبدالحميد اشتراڪيءَ جي چواڻي هڪ اشتراڪي جمهوريت هئي. پر افسوس جو انهيءَ رياست يا انهيءَ خلافت کي، جيڪا نبوي طريقي تي قائم هئي، انقلاب دشمن قوتن ختم ڪري انهيءَ جي جاءِ تي بادشاهيت واري حڪومت قائم ڪري ڇڏي جنهن جي شروعات حڪومت جي گادي مديني کان دمشق ڏانهن ڪٽي وڃڻ سان ٿي.

نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي زندگيءَ ۾ اهو عظيم الشان ڪم ڪهڙي طرح پورو ڪيو، سو سيرت جي مطالعي مان چڱيءَ پر پروڙي سگهجي ٿو، پر انهيءَ لاءِ شرط اهو آهي تہ انهيءَ کي قرآني نزول جي تاريخي ترتيب سان پڙهو. پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مختلف دؤرن مان گذرندڙ جاکوڙ، سندن تعليم ۽ انهيءَ تعليم جي نتيجي ۾ جيڪا انقلابي جماعت جڙي تنهن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

سيرت جو مطالعو ڪرڻ وقت انهيءَ ڳالهہ کي ذهن ۾ هر وقت رکڻ گهرجي تہ رسول الله ﷺ جن جنهن حق تي مبني دين جي تعليم ڏني، انهيءَ جو مقصد رڳو ظاهري عبادتن ۽ رسمن جي ادائگي ۽ مسجدن جي ٺاهہ ٺوهہ ۽ سينگار ڪرڻ نہ هو، پر سموري اسلامي دنيا مان مذهب ۽ ملت جي لحاظ کان جهالت، غربت، مسڪيني، خون خرابي، جنسي ڇڙواڳي، شراب نوشي، جوئا بازي، محنت جي استحصال، مذهبن جي وچ ۾ نفرت ۽ جارحيت، فڪر ۽ عمل جي آزادي جي انڪار ۽ فساد ۽ ويڙهہ جهيڙي جو خاتمو ڪرڻ هو. پر ٻين


Sindhica Academy, Karachi

مذهبن وانگر ڪن مذهبي قوتن بہ بادشاهيت واري نظام جي پٺڀرائي ڪري اسلام کي هڪ مذهبي ٽولي جي حيثيت ڏئي ڇڏي. جڏهن تہ ختم نبوت موجب اسلام انقلاب جي هڪ بين الاقوامي هلچل هئي. ان جي اندر معاشري جي اهڙي تبديليءَ جو مقصد اهو هو تہ هر ماڻهو پنهنجي مادي ۽ جسماني ضرورتن کان مطمئن ٿي، پنهنجو توجهہ ۽ تعلق الله تعاليٰ سان قائم رکڻ جي لائق ٿي وڃي. چو تہ هن زندگيءَ جو مقصد ۽ واڌاري جو مقصد انا لله و انا اليہ راجعون جي مطابق الله تعاليٰ جو خوف پنهنجي دل ۾ پيدا ڪرڻ آهي.

رسول الله ﷺ پنهنجي واپاري سفرن ۽ مڪي ۾ حج اڪبر جي موقعي تي لڳندڙ بازارن (سوق عڪاظ ۾ مختلف ملڪن کان اچڻ وارن واپاري قافلن جي ماڻهن سان ملاقاتن دوران انهن جي مذهبن ۽ فڪرن جي باري ۾ معلومات الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان اهو نتيجو ڪڍي ورتو هو تہ تاريخ جي شروع کان علم ۽ دولت هڪ ننڍڙي طبقي ۾ محدود ٿي چڪي آهي، جنهن ڪري انهيءَ ننڍڙي مالدار ۽ غلام ساز طبقي ڪانسواءِ انسانن جي گهڻائي غلام بڻجي چڪي آهي ۽ اهي غلام ۽ پٺتي پيل انسان معاشي بدحالي، جهالت، غربت ۽ محڪومي ۾ ڦاسي پيا آهن.

اهڙي طرح مالدارن ۽ پروهتن يعني مذهبي پيشوائن جي ور چڙهيل طبقو نہ رڳو پاڻ ئي خود غرضي ۽ هٻڇ جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پوي ٿو، پر جاهل ۽ غريب مظلومن جي سوچ ۽ فڪر کي بہ اپاهج ڪري ڇڏي ٿو ۽ اهي سيئي شيطاني طريقن سان زنده رهڻ جا منصوبا تيار ڪرڻ لڳندا آهن. اهڙي طرح پنهنجو پاڻ ۾ ڇڪتاڻ، جنگ ۽ غربت جي شڪل ۾ ظاهر ٿي ٻنهي کي تباهہ ڪري ڇڏي ٿي. انساني تاريخ انهيءَ ئي طبقاتي ڇڪتاڻ ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ خون خرابي، بغاوت ۽ رتوڇاڻ سان رتو رت ٿي وئي آهي.

دنيا کي خوف (جنگ ۽ ويڙهہ جهيڙي) کان امن ڏانهن، بک کان معاشي خوشحالي ڏانهن، جهالت جي تاريڪي کان علم ۽ عقل جي روشني يا ايمان ڏانهن وٺي وڃڻ ڪو آسان ڪم نہ هو. انهيءَ انقلابي ڪوشش ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن ٽيويهہ سال کپائي ڇڏيا. وک وک تي مذهبي پيشوائن جي هٿ يرغمال بڻيل جماعتن رڪاوٽون وڌيون ۽ تشدد ڪيو. ايتري تائين جو ڪين قتل ڪرڻ جون سازشون بہ ڪيون. مٿن ٺٺوليون ڪيون ويون ۽ پنهنجي لوفر ڇورن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن کي تنگ ڪرڻ لاءِ سندن پويان لڳائي ڇڏيو.

انهيءَ سلسلي ۾ عرض ڪيو وڃي ٿو تہ سيرت نبوي کي طبقاتي معاشري کان توحيدي معاشري ۾ بدلائڻ واري هڪ انقلاب پسند داعي الي الله


www.sindhsalamat.com

جي حيثيت سان مطالعو ڪيو وڃي تہ جيئن اها خبر پئجي سگهي تہ قرآني يا آسماني انقلاب ڪهڙين ڏکين منزلن مان لنگهيو هو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪهڙي طرح انسانذات کي جهالت ۽ ذلت ڀري حالت مان ڪڍي علم ۽ خوشحالي جي سڌي واٽ تي وٺي آيا هئا ۽ نفرتن جي ٻاٽ اونداهيءَ کي محبت ۽ رحمت جي چانڊوڪيءَ سان روشن ڪري ڇڏيو هو.

جيڪڏهن سيرت پاڪ جو انهيءَ انقلابي نظر سان مطالعو ڪيو وڃي تہ هر دؤر جو مسلمان پنهنجي دؤر جي معاشري کي توحيدي معاشرو بڻائڻ ۾ روشني حاصل ڪري سگهندو. پر انهيءَ لاءِ شرط اهو آهي تہ مسلمان اسلام جي انقلابي ۽ عالمگير ڪردار کي سامهون رکي ۽ سمجهي وڃي تہ معاشري کي بدلائڻ لاءِ جاکوڙ انفرادي عبادت کان وڌيڪ اهم آهي. جيئن تہ الله تعاليٰ پاڻ بہ سورت مزمل ۾ رسول الله ﷺ جن کي پنهنجي عبادت جي وقتن کي گهٽ ڪرڻ جي تاڪيد فرمائي آهي تہ جيئن معاشري کي تبديليءَ جي تڪليف ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺي سگهن.

اهو ياد رهي تہ مذهبي ٺيڪيدارن وٽ يرغمال بڻيل جماعتن ۾ تبديلي ۽ انقلاب جي دشمن قوتن کي قائم رکندي، معاشري ۾ ڪابہ تبديلي نٿي آڻي سگهجي. انهن جي موجودگيءَ ۾ اسلام جي جياپي ۽ شريعت جي نفاذ جون سموريون ڪوششون ناڪام ٿينديون رهنديون.

انهيءَ دؤر جون قرآني سورتون هي آهن:

(1) **سورت علق جون پهريون پنج آيتون:** جسماني ٻڪ ۽ غلامي، روحاني خوف ۽ مذهبي ٺيڪيدارن کان آزاديءَ جو پروگرام بڻجي چڪو هو. آزاد ۽ غلام، عورت ۽ مرد سڀئي رسول الله ﷺ جي تصديق ڪري رهيا هئا ۽ جهانن جي پالڻهار ۽ خلقڻهار جي ٻانهپ جون ڳجهي تياري جاري هئي.

(2) **والضحيٰ:** پڪ سان توهان جي ڳالهہ ٿي آخرڪار مٿانهين ٿيندي. جهڙي طرح يتيميءَ جي حالت ۾ توکي پناهہ ملي ۽ حق جي ڳولا ۾ تڙپ کان پوءِ توکي هدايت ملي، غربت کان پوءِ توهان کي شاهوڪاري ملي، اهڙي طرح ايندڙ زمانو پوئين زماني کان ڀلو هوندو.

(3) **الم نشرح:** انهيءَ زماني ۾ الله تعاليٰ جي طرف کان سندن دل کي سڪون ڏني پئي وئي. چيو ويندو هو تہ توهان جو سينو کوليو ويو آهي. ڏک کان پوءِ سک جو اچڻ لازمي آهي.

(4) **الفلق:** فلق جو پالڻهار توکي حاسدن ۽ جادوگرن کان پناهہ ۾ رکندو.


Sindhica Academy, Karachi

(5) **الفيل:** توسان حسد يا ساڙ ڪندڙ جادوگر اصحاب فيل (هاٿين وارن) وانگر تباهہ ۽ برباد ٿي ويندا.

(6) **القدر:** انهن حسد ڪندڙن ۽ جادوگرن جو مقابلو  تون انهيءَ اسلامي تعليم سان ڪري سگهندين جيڪو الروح يا قرآن آهي. انهيءَ سان گڏ ملائڪ آهن جيڪي امن ۽ سلامتي پيدا ڪن ٿا. انهيءَ سموري خدائي ڪلام کي پاڻ ﷺ جن ڪُليءَ طرح اسلام جي دعوت واري زماني ۾ ماڻهن کي ٻڌايو.

هاڻي اسلامي انقلاب جي مڪي ۽ مدني دؤرن تي روشني وڌي وڃي ٿي. انهن دؤرن جو هر هر مطالعو ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن قرآني فڪر جي نوعيت ۽ انهيءَ بنياد تي معاشري جي نئين سر اڏاوت ڪرڻ واري جاکوڙ کي سمجهي سگهجي.

## اسلامي انقلاب جي پهرين منزل

### ڳجهي دعوت:

جيئن تہ ٻڌايو ويو آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن مختلف قومن ۾ واپاري سفر ڪرڻ کانپوءِ الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان اهو محسوس ڪري ورتو هو تہ تاريخ جي شروعات کان وٺي دنيا ۾ بہ ٽولا موجود رهيا آهن. انهن مان هڪڙو اهو آهي جيڪو خدائي حڪمن تي عمل ڪري ٿو ۽ ٻيو اهو آهي جيڪو پنهنجي نفس کي خدا بڻائي "مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ" شيطان جو ٻانهو بڻجي وڃي ٿو. اڄڪلهہ جي ٻوليءَ ۾ انهن ٽولن يا طبقن کي پيداواري وسيلن تي قبضو ڪرڻ وارو طبقو. جيڪو تعداد ۾ سموري انساني آباديءَ جي لڳ ڀڳ ڏهہ سيڪڙو رهيو آهي، ۽ غلام بڻائيندڙ آقا، پوءِ جاگيردار ۽ ان کان پوءِ صنعت ڪار جي شڪل ۾ موجود رهيو آهي. جڏهن تہ ٻيو انهن پيداواري وسيلن (زمين، ڪارخانن، ڪاڻين، گيس ۽ پيٽرول جي ذخيرن، ٻيلن وغيره) کان محروم رهيو آهي جنهن جو تعداد نوي سيڪڙو کان بہ وڌيڪ آهي. انهن طبقن ۾ هڪ پاسي دولت جي جهجهائي ۽ ٻئي پاسي غربت ۽ ذلت ڀري حالت هجڻ جي ڪري نبين جي انقلابي تعليم کان نفرت ڪرڻ وارا ماڻهو بہ ملندا رهيا آهن.

ڊاڪٽر علي شريعتي تفصيل سان ٻڌايو آهي تہ قابيل پنهنجي ڀاءُ هابيل کي قتل ڪرڻ کان پوءِ تاريخ کي ٽن شڪلن ۾ وري وري اپاريندو رهيو آهي ۽


www.sindhsalamat.com

اڄ بہ اپري رهيو آهي. يعني حڪمران طبقو (فرعون)، مالدار يا سرمائيدار طبقو (قارون) ۽ مذهبي پيشوا طبقو (بلعم باعور يا هامان) جي شڪل ۾. معاشري ۾ سمورن اخلاقي قدرن جي تباهيءَ جو سبب اها ئي طبقاتي ورڇ آهي.

اسان جي دؤر ۾ سوشلسٽ معيشت جي پٺڀرائي ڪرڻ وارن، مذهب جو انهيءَ ڪري انڪار ڪيو جو سمورن مذهبن جي تاريخ ۾ مذهبي پيشوائن پاڻ وٽ يرغمال بڻايل جماعتن جي مفادن کي ديني نقطي نظر کان تحفظ ڏئي ڇڏيو آهي.

انهيءَ ڪري انهيءَ صورتحال کي بدلائڻ لاءِ جڏهن پاڻ ﷺ جن کي الله تعاليٰ ايمان ۽ يقين جي واٽ تي آڻي ڇڏيو ۽ نصب العين ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ انقلابي طريقي کي چٽو ڪري ڇڏيو تہ ڳجهيءَ طرح سان پنهنجي ڪن خاص دوستن کي ڪم ۾ شامل ڪرڻ شروع ڪيو تہ جيئن دنيا کي الله جو ٻانهو بڻايو وڃي ۽ شيطان پرستي يعني خود پرستي ۽ نفرتن کان بچايو وڃي. انهيءَ دؤر ۾ فڪر ۽ عمل جو بنياد انهيءَ عقيدي تي رکيو ويو تہ هن دنيا ۽ انسانن، ٻنهي جو خلقڻهار هڪ الله ئي آهي. هر چڱي ڪم تي اجر ۽ هر بڇڙي ڪم تي سزا نہ رڳو هن دنيا ۾ ملندي، پر جيڪڏهن هتي نہ ملي سگهي تہ مرڻ کان پوءِ آخرت واري زندگيءَ ۾ ضرور ملندي. سورت علق جي پهرين پنجن آيتن ۾، جيڪي حرا واري غار ۾ نازل ٿيون ڪائناتي، شهري ۽ نفسياتي ڳالهين کي ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ ٽن سالن جو وقت لڳي ويو ۽ رڳو ڪي ٿورڙن ماڻهن ايمان آندو جن ۾ غلام ۽ آزاد ٻنهي قسمن جا ماڻهو شامل هئا.

انهيءَ مدت ۾ نازل ٿيڻ وارين سورتن ۾ ڳالهہ ٻولهہ جو رخ رسول الله ﷺ جن جي ذات پاڪ سان هو تہ جيئن انقلاب جي اهميت، انهيءَ کي حاصل ڪرڻ جي ڏس ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين ۽ انقلاب جي ڪاميابي ۾ الله تعاليٰ جي غيبي مدد تي روشني وجهي سگهجي.

## اسلامي انقلاب جي ٻين منزل

### اعلانيہ دعوت:

ٽن سالن جي ڳجهي تبليغ کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڊيڄاريندڙ ۽ پاڪ ڪندڙ جي حيثيت سان اعلانيہ تبليغ جي شروعات ڪري ڇڏي هئي.


Sindhica Academy, Karachi

انهيءَ اعلانيہ دعوت واري دؤر ۾ رسول الله ﷺ جي حيثيت گناهن ۽ الله تعاليٰ جي نافرمانين جي نتيجن کان ڊيڄارڻ واري ۽ نيڪ ڪم ڪرڻ وارن کي پاڪ رهڻ جي ڪري الله تعاليٰ وٽان ملندڙ اجر جي خوشخبري ڏيڻ واري رهنما جي هئي. انهيءَ دؤر ۾ پاڻ ﷺ جن قريشن کي سمجهايو تہ جن قومن ۾ پروهتن (مذهبي ٺيڪيدارن)، بادشاهن ۽ سردارن، غلام ۽ مزدور جي محنت جي استحصال سان گڏ ڪيل دولت کي پنهنجي لاءِ خاص ڪري ڇڏيو، سي تباهہ ٿي ويون. جيڪڏهن قريشن بہ انهيءَ ئي طريقي تي پنهنجي قوم کي رکيو تہ اهي بہ تباهہ ٿي ويندا.

انهيءَ صورتحال جو علاج ڪرڻ لاءِ توحيد ۽ عملن جي جزا ۽ سزا لاءِ مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئرو ٿي اٿڻ جو تصور ڏنو ويو. قريشن کي چيو ويو تہ پنهنجي معبودن جي پيدا ڪيل ڪا شيءِ ڏيکارين ۽ جيڪڏهن ظالم کي ان جي ظلم جي سزاهن دنيا ۾ پوريءَ طرح نہ ملي تہ اهو ظلم ٿيندو. پر الله تعاليٰ جيئن تہ ظالم نہ آهي، انهيءَ ڪري آخرت واري زندگيءَ ۾ انهيءَ سزا جو پورائو ڪيو ويندو. انهيءَ جي لاءِ ضروري آهي تہ پوپن ۽ جادوگرن جي ٺڳين کان ماڻهن کي ڪڍي انساني عقل کي انهن شيطانن کان ڇوٽڪارو ڏيارجي.

پهريان تہ قريشن اهو سمجهو تہ رسول الله ﷺ جن بہ ٻين وانگر ڪي پوپا يا جادوگر آهن جنهن پنهنجو پيٽ پالڻ لاءِ اهو ڍنگ رچايو آهي. پر پوءِ جڏهن انهن ڏٺو تہ مظلوم طبقن جا ماڻهو جهجهائيءَ سان ۽ عام آزاد شهري گهڻ تعداد ۾ رسول الله ﷺ جي تعليم کان متاثر ٿي انهن جي پرپاسي گڏ ٿي رهيا آهن، تہ انهن پاڻ ڪريم ﷺ جي مخالفت شروع ڪري ڏني. پاڻ ﷺ کي ڪوڙو سڏيو ۽ مٿن ٺٺوليون ڪرڻ شروع ڪيون.

(1) انهن چيو تہ انهن کي عملن واري جزا جي ڪابہ پرواهہ نہ آهي، تنهن ڪري نہ تہ مرڻ کان پوءِ ڪا زندگي آهي ۽ نہ ئي ڪو اهڙو خدا موجود آهي، جيڪو اسان جي ظلم ۽ عيش عشرت تي اسان کي ڪا سزا ڏئي سگهي. جيڪڏهن اهڙو ڪو خدا هوندو بہ تہ اهو اسان جي ديوين لات ۽ عزيٰ جو پيءُ آهي ۽ اهي ديويون پنهنجي پيءُ وٽ سفارش ڪري اسان کي بچائي وٺنديون.

(2) انهن چيو تہ اسان اڄ تائين اهڙي ڳالهہ نہ ٻڌي آهي تہ الله تعاليٰ بہ ڪنهن سان ڳالهائي ٿو. باقي اسان جي شاعرن ۽ جادوگرن سان شيطان ۽ جن ڳالهيون ڪندا رهندا آهن. انهن جا جواب وحيءَ جي ذريعي دليلن سان ڏنا ويا سي مختصر طور هن طرح آهن:


www.sindhsalamat.com

أ. هيءُ قرآن قول فيصل آهي، هزل نه آهي. (الطارق) جهڙي طرح موسيٰ جي تختين ۾ لکيل توريت جي تعليم هئي، اهڙي ئي تعليم قرآن ۾ پڻ موجود آهي. (البروج) اهو ڪلام پراڻن قومن جا قصا نه آهن پر ذڪر ۽ نصيحت آهي ۽ انهيءَ ۾ اهڙا دليل آهن جن سان الله تعاليٰ جي هستي ۽ قيامت جو ثبوت ملي ٿو. اهو ڪو جادو نه پر هڪ نصيحت آهي (القلم) اهو خدائي ڪلام آهي جيڪو هڪ امانتدار ملائڪ وٽي اچي ٿو. شيطان يا جن جو ڪلام نه آهي. (التڪوير) ۾ پوپن يا شاعرن وانگر هن تعليم جو ڪوبه معاوضو ڪونه ٿو وٺان. (الذاريات)

انهيءَ دؤر ۾ خدائي وحي جي ذريعي جيترو ڪلام نازل ٿيو سو الله تعاليٰ جي ثبوت ۽ قيامت جي قائم ٿيڻ ۽ مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ ۾ چڱن بڇڙن عملن جي جزا ۽ سزا ملڻ تي روشني وجهي ٿو. جيڪڏهن انهن دليلن تي اونهائيءَ سان ڏنووجي ته اهو مڃڻ کانسواءِ ٻيو ڪوبه چارو نه آهي ته اها قريشن جي هٺ ڌرمي هئي جو هو انهيءَ خدائي ڪلام جو انڪار ڪندا هئا.

ب. قرآن قريش جي شاعرن، جادوگرن ۽ پوپن کي للڪاريو ته هن ڪلام جهڙو ڪلام ڳاهي پيش ڪن. رسول الله ﷺ جن فرمايو ته هن ڪلام جو الله تعاليٰ جي طرف کان هئڻ جو ثبوت اهو آهي ته جيڪڏهن مان ڪوڙ هڻان ته الله تعاليٰ مون کي تباهه ڪري ڇڏيندو. هيءُ وحي انهيءَ خدائي وحيءَ وانگر آهي جيڪا سمورن رسولن تي نازل ٿيندي رهي آهي. انهيءَ للڪار جي شروعات سورت الحاقه سان ٿئي ٿي. رسول الله ﷺ جن کي حڪم ڏنو ويو آهي ته پاڻ نه مڃيندڙن کان منهن موڙين.

بهرحال جيڪي ماڻهو دولتمند ۽ اولي نعمة آهن اهي نه ته مسڪينن کي ڪاڌو ڪارائن ٿا ۽ نه ئي اهو مڃن ٿا ته الله تعاليٰ موجود آهي جيڪو انهن کي سندن عملن جو بدلو ڏيندو. جيئن ته قريشن تشدد ۽ ڏنوليون ڪرڻ ۾ حد کان لنگهي ويا هئا، انهيءَ ڪري رسول الله ﷺ جن الله تعاليٰ جي حڪم سان انهن کان منهن موڙي پنهنجي ڪلام جو رخ عيسائين ڏانهن ڪري ڇڏيو.


Sindhica Academy, Karachi

# اسلامي انقلاب جي ٽين منزل

## رحمان پرستن سان دوستي:

مشرڪن رسول الله ﷺ جن تي ايمان آڻيندڙ مؤمنن تي تشدد ڪرڻ ۾ حد کان لنگهي ويا هئا. پر مؤمنن کي پڪ هئي ته ظلم ۽ نفرت جو آخري نتيجو بڇڙو ئي ٿيندو آهي. جيڪڏهن ظالم دنيا ۾ انهيءَ نتيجي کان ڪٽي بچي به وڃي ته به مرڻ کان پوءِ الله تعاليٰ کيس سزا ضرور ڏيندو.

انهيءَ زماني ۾ رسول الله ﷺ جن کي قرآن ڪريم المبشر جو لقب ڏنو. ان سان گڏوگڏ رسول الله ﷺ جن عيسائين ڏانهن ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو ۽ کين ٻڌايو ته اسان به رحمان کي مڃون ٿا ۽ انهيءَ جا ٻانها آهيون. رحمان الله تعاليٰ جو نالو آهي ۽ اسان به عيسيٰ[۴] کي الله تعاليٰ جو ڪلمو مڃون ٿا ته کين الله تعاليٰ جو ٻانهو سمجهون ٿا پر کيس الله تعاليٰ جو پٽ نٿا مڃون. الله تعاليٰ هر شيءِ تي وسوارو آهي، انهيءَ ڪري هو انهيءَ ڳالهه تي به وسوارو آهي ته بنا پيءُ جي پٽ پيدا ڪري، جيئن هن ڪراڙي ۽ سنڍ پيءُ ماءُ جي گهر ۾ يحييٰ کي پيدا ڪيو (سورت مريم). اهو ساڳيو ئي بحث مديني ۾ نجران جي عيسائين جي وفد سان به ٿيو هو. ايمان آڻڻ وارن حبشه ڏانهن لڏ پلاڻ شروع ڪئي. انهيءَ دور ۾ هينئين ڳالهين بحث هيٺ آيون:

أ. **شفاعت ۽ ڪفارو:** ڪافر گهرن پيا ته پاڻ ڪريم ﷺ جن انهن ديوين جي شفاعت کي مڃن. پاڻ ڪريم ﷺ جن پڻ انهن جي باري ۾ ڪجهه نرمي رکن پيا. پر پاڻ نه رڳو قريشن، پر عيسائين کي به چئي ڇڏيو ته ظالم جي ڪابه سفارش نٿو ڪري سگهي. جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي وارو اصول سيني جي مٿان لاڳو ٿئي ٿو. شفاعت ۽ ڪفارو ڪابه معنيٰ نٿو رکي.

ب. **الله تعاليٰ جي وجود جون نشانيون (آيتون):** ڪافر چوڻ لڳا ته الله تعاليٰ جي موجودگي جو ڪهڙو ثبوت آهي. قرآن انهن کي چيو ته ڇا الله نه ته توهان جون ديويون خلقيندڙ آهن؟ (العلق) ڇا پکين کي اڏامڻ جي طاقت الله کانسواءِ ٻيو ڪو ڏئي ٿو؟ (الملڪ) هر هڪ مخلوق ان جي نشاني (آيت) آهي ته ڪائنات جي اندر هڪ خالق آهي (يٰسين، رعد، الشعراء) ڇا انهيءَ ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ ته هر عمل جي جزا يا سزا ملندي، ڪنهن ٻئي دليل جي ضرورت آهي. پڪ سان جيڪڏهن توهان


www.sindhsalamat.com

نہ مڃيندؤ تہ توهان تي الله تعاليٰ جو عذاب ايندو (الدخان). مرڻ کان پوءِ پيهر جيئرو ٿي اٿڻ برحق آهي (الحجر). جانورن کي ڏسو، ٻيڙين تي نظر وجهو، اهي سڀئي الله تعاليٰ جي خالق هجڻ جا اهڃاڻ آهن.

ت. **ڪافرن جو عذاب گهرڻ:** ڪافر مرڻ کان پوءِ واري زندگي ۽ الله تعاليٰ جي قيامت جي ڏينهن جو مالڪ هئڻ جو انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيو تہ اسان تي الله تعاليٰ جي طرف کان پلي تہ پٿر وسراءِ. قرآن انهن کي چيو تہ جڏهن وقت آيو تہ توهان تي عذاب بہ اچي ئي ويندو. (الحجر) ۽ بد اعماليءَ جو ضرورت مزو چکندؤ (الڪهف). مالدر ماڻهو ئي آخرت جي عذاب کي نٿا مڃن، ڇو جو اهي ظالم آهن. تنهن ڪري اهي مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ جا ئي انڪاري آهن. ياد رکو تہ الله تعاليٰ عدل ڪرڻ وارو آهي تنهن ڪري هو هر شيءِ جو بدلو ڏيندو. انهيءَ جي لاءِ ڪنهن دليل (معجزي) جي ضرورت نہ آهي. (الانبياء)

ث. **قرآن جي تعليم خدائي تعليم آهي:** رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ مان چوان ٿو تہ ظلم نہ ڪريو، اجا بہ بڇڙائيءَ جو بدلو نيڪيءَ سان ڏيو. ڇا هيءُ جنن ۽ شيطانن جو ڪلام آهي؟ (المؤمنون) هيءُ ڪلام هڪ ملائڪ جي ذريعي سان مون کي مليو ٿو. شاعرن وانگر اهو شيطاني ڪلام نہ آهي. اهو خدائي ڪلام آهي ۽ ظالمن کي ظلم کان ڏيڄاري ٿو. اهو ڪم شاعر نہ ڪندا آهن. (الشعراء) اهو ڪلام صاف ۽ آسان (عربي) ٻوليءَ ۾ آهي. پوپن وارين ڪي منجهيل ڳالهيون نہ آهن. اهو آڳاٽن رسولن تي موڪليل وحي وانگر ئي آهي (الشوريٰ، الانبياء) جيڪڏهن توهان جي پوپن ۽ شاعرن وٽ نيڪي ۽ محبت ڏانهن وٺي وڃڻ وارو ڪلام آهي تہ اهو ڪٿي اچو (اها للڪار الاحقاف ۾ آهي: ائْتُونِي بِكِتَابٍ مِّن قَبْلِ هَٰذَا أَوْ أَثَارَةٍ مِّنْ عِلْمٍ إِن كُنتُمْ صَادِقِينَ) اها تعليم عيسائين جي لاءِ ڪتاب يا انجيل واري آهي (الڪهف). ياد رکو تہ الله تعاليٰ ڪنهن انسان سان ناهي ڳالهائيندو يعني هيءُ الله جو ڪلام برزبان الله ناهي. باقي الله تعاليٰ وحي جي ذريعي دل ۾ هڪ علم ۽ جز پيدا ڪندو آهي. اهو هڪ ڪلام آهي جيڪو پردي پويان (من وراءِ الحجاب) ايندو آهي. يعني قرآن ”ڪلام من عندالله“ آهي. اهو خدائي الهام آهي خدا جو ڪلام نہ آهي. (الشوريٰ). اهو حق ۽ سچ آهي، جادو نہ آهي. انهيءَ جي تعليم اها آهي تہ ظلم کي ڇڏي ڏيو (السباء) الله تعاليٰ جنهن تي گهري پنهنجو ڪلام (روح) نازل ڪري


Sindhica Academy, Karachi

ڇڏي (المؤمن) اهو قرآن ٽيڏو ڦڏو ڪلام نہ آهي. انهيءَ ۾ اڳين نبين جي تعليم کي هر هر ورجايو ويو آهي ۽ انهن سان هڪجهڙائي (مشابہ) رکي ٿو (الزمر: كِتَابًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ). مطلب اهو تہ 7 نبوي تائين قريش ظلمن ۾ حد کان لنگهي ويا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان بائيڪاٽ ڪيائون. پاڻ شعب ابي طالب ۾ 10 نبوي تائين قيد رهيا.

## اسلامي انقلاب جي چوٿين منزل

### بائيڪاٽ ۽ يهودين ڏانهن ڏيان:

رسول الله ﷺ جن جي مٿان هيءَ منزل تمام ئي سخت هئي. بهرحال، اسوه ابراهيمي ۽ يوسفي، يعني قتل ۽ قيد جي منزلن مان بہ پار پوڻو هو. ان ڪانسواءِ موسوي طريقي تي هلندي هجرت ۽ جهاد جي واٽ بہ وٺڻي هئي. انهيءَ دؤر جون مصيبتون ڇڻ تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن کي سبق ڏئي رهيون هيون تہ بنا سهاري ۽ آسري جي بہ حضرت يوسف وانگر اهو چوڻ گهرجي تہ صبر ۽ ثابت قدمي ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي ۽ ڪافر پلي مڃن توڙي نہ مڃن، اها ڳالهہ پڪي آهي تہ الله تعاليٰ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ فيصلو ڪرڻ وارو (حاڪم) نہ آهي. اهو ئي قيامت جي ڏينهن ظالمن کي سزا ڏيندو.

إِنِ الْحُكْمُ إِلَّا لِلَّهِ (يوسف: 40)

لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۖ لَهُ الْحَمْدُ فِي الْأُولَىٰ وَالْآخِرَةِ ۖ وَلَهُ الْحُكْمُ وَإِلَيْهِ تُرْجَعُونَ

(القصص: 70)

## اسلامي انقلاب جي پنجين منزل

### مختلف قبيلن ۾ خدائي قانون (دين) جي تبليغ:

هاڻي 10 نبوي جو اهو زمانو اچي ويو هو تہ جيتوڻيڪ پاڻ ڪريم ﷺ جن کي شعب ابي طالب مان آزادي ملي وئي هئي، پر ابوطالب جي وفات کانپوءِ ڪين ڪوبہ خانداني سهارو نہ رهيو هو. تنهن ڪري پاڻ مختلف قبيلن ۾ انهيءَ الهامي قانون جي تبليغ شروع ڪري ڏنائون تہ ”حڪم“ يعني بادشاهت


www.sindhsalamat.com

رڳو الله تعاليٰ جي آهي. ڪوبہ انسان جيڪڏهن هن دنيا ۾ خدائي قانون جي خلاف ڪنهن تي ظلم ڪندو تہ الله تعاليٰ، جيڪو سمورن انسانن جو مالڪ ۽ خالق آهي، سو قيامت جي ڏينهن آخري فيصلو ڪندو. تنهن ڪري شيطان ڪان بچو (الاعراف). انهيءَ زماني ۾ رسول الله ﷺ جن مختلف قبيلن کي چيو تہ:

أ. **بني اسرائيل:** کي چيو تہ توريت بہ خدائي قانون آهي ۽ ٻڌايو تہ شيطان جي ڪوڙڪي ۾ اچي ظلم ڪرڻ جو نتيجو بڇڙو هوندو آهي. هن ۾ بني اسماعيل جي امي نبيءَ جو ذڪر آهي، جيڪو نيڪيءَ جو حڪم ڏيندو ۽ بڇڙائيءَ کان روڪيندو. تنهن ڪري اچو تہ اسان سڀئي هڪ تي وجون تہ اهڙيءَ طرح توهان غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ماڻيندؤ. (الاعراف). توريت تي عمل ڪرڻ وارا سٺا ماڻهو آهن (الفاطر) اي بني اسرائيلو، جيڪڏهن توهان قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکو ها تہ پوءِ ظلم نہ ڪريو ها ۽ غلاميءَ واري زندگيءَ ۾ ٽي دفعا خوار نہ ٿيو ها. مون کي وحيءَ جي ذريعي خبر پئي آهي تہ جيڪڏهن بني اسرائيل الله تعاليٰ سان بغاوت ڇڏي ڏين ۽ مسلمانن سان هڪ تي وجن تہ انهن جي لاءِ اها ڳالهہ ڏاڍي سٺي ٿيندي. مڪي کان يروشلم تائين الله تعاليٰ جو قانون (دين) نافذ ٿي ويندو (سورت اسراء).

ب. **مجوسي:** مجوسين کي چيو ويو تہ ٻن خدائن جي پوڄا نہ ڪريو ۽ نہ سج ۽ چنڊ کي سجدو ڪريو. (السجده) انداهي ۽ سوجهرو الله تعاليٰ جا ئي پيدا ڪيل آهن، اهي خدا نٿا ٿي سگهن (الانعام).

ت. **طائف جي مشرڪن جو پاڻ ﷺ جي دعوت قبولڻ کان انڪار ۽ معجزا ڏيکارڻ لاءِ مطالبو:** معجزا ڏيکارڻ الله تعاليٰ جي ئي اختيار ۾ آهن. انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت تہ الله تعاليٰ موجود آهي، اهو آهي تہ جڏهن مشرڪ ٻيڙين ۾ سوار ٿيندا آهن تڏهن اهي الله تعاليٰ کي ئي سڏيندا آهن (العنڪبوت). مان بہ هڪ انسان آهيان، انهيءَ ڪري معجزو نٿو ڏيکاري سگهان. اهو ڪم رڳو الله تعاليٰ جو ئي آهي. ڀلا انهيءَ ڳالهہ ۾ معجزي جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ مان تہ چوان ٿو تہ دشمن سان بہ ڀلائي ڪريو تہ هو توهان جو دوست بڻجي ويندو (السجده). ڳجهہ جون ڳالهيون رڳو الله تعاليٰ ئي ڄاڻي ٿو. ايتري تائين جو اهي جنَ جيڪي توهان جي شاعرن وغيره کي ڳجهہ جون ڳالهيون ٻڌائڻ جا پابند آهن، سي پڻ انهيءَ ڳالهہ جا قائل آهن تہ اهي ڳجهہ نٿا ڄاڻن. ڳجهہ جي ڄاڻ رڳو الله تعاليٰ وٽ ئي آهي (الجن). پوءِ الله تعاليٰ جي موجود هئڻ جي


Sindhica Academy, Karachi

ثبوت لاءِ معجزي جي ڪهڙي ضرورت آهي. ذري ذري مان الله تعاليٰ جي قدرت جون نشانيون ظاهر آهن (الجاثيہ). الله تعاليٰ جي قدرت جي ثبوت طور معجزا نہ ڏيکاريا ويندا، باقي الله جي وجود جا نشان (آيتون) سموري ڪائنات ۾ پکڙيل آهن. اڪيون اٿوَ تہ ڏسو (بني اسرائيل، الجاثيہ). مون کي پڪ آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي وجود جون نشانيون انڪار ڪندڙن تي ظاهر ڪري ڇڏيندو (النمل). ڏسو الله تعاليٰ جي قدرت جون نشانيون سموري ڪائنات ۾ پکڙيون پيون آهن ۽ هر شيءِ انهيءَ جي قانون تي هلندي، ان جي اڳيان سجدي ۾ آهي ۽ هر شيءِ ان جي مقرر ڪيل قانون ۾ جڪڙيل آهي. (بني اسرائيل). ڏسو، انهيءَ ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ لاءِ هر عمل جي جزا يا سزا ضرور ملندي، انهيءَ لاءِ ڪنهن معجزي جي ضروت نہ آهي. مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿي اٿڻ پڪي ڳالهہ آهي. (يونس) الله تعاليٰ کي انهيءَ ڳالهہ جو اختيار آهي تہ هو توهان تي عذاب ڪري. مان جيڪڏهن زمين ۾ ڇُر هٽي گهري وڃان يا آسمان تي چڙهي وڃان تڏهن بہ توهان لاءِ ڪو معجزو آڻي نٿو سگهان. مان تہ رڳو خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ آهيان. مان نہ تہ ڳجهہ جي ڄاڻ رکان ٿو ۽ نہ ئي ڪو ملائڪ آهيان، پر هڪ انسان آهيان (الانعام) کليل حقيقت جي لاءِ معجزي جي ضرورت ئي نہ آهي.

هي شيطاني ڪلام نہ پر رحماني تعليم آهي. (للڪار)

الڪتاب خدائي ڄاڻ کي چيو ويندو آهي (الفاطر). انسان کي علم الله تعاليٰ ڏنو آهي (العلق). انهيءَ ڳالهہ کي جنَ بہ مڃن ٿا تہ انهن کي ڳجهہ جو علم نہ آهي، اجا بہ الله تعاليٰ ئي ڳجهہ جو علم رکندڙ آهي (الجن). اها رحماني تعليم آهي "روح" آهي. اها ئي وحي آهي. توهان کي تمام ئي ٿورڙي ڄاڻ ڏني وئي آهي. توهان اها ڳالهہ سمجهي نہ سگهندؤ تہ اهو ڪلام يا روح يا وحي ڪهڙي طرح نازل ٿئي ٿو. بهرحال، وري بہ توهان کي للڪاريو وڃي ٿو تہ توهان جا شيطان ڀلي توهان جي ڪيتري بہ مدد ڪن، اسان جي نازل ڪيل نيڪ عملي، انصاف ۽ محبت واري تعليم نٿا ناهي سگهو. سچا يهودي ۽ عيسائي اها ڳالهہ مڃن ٿا تہ اها تعليم روح القدس (جبرائيلؑ) جي آندل آهي ۽ رحماني تعليم آهي (بني اسرائيل). جيڪڏهن توهان لاءِ اها ڳالهہ ممڪن آهي تہ هن جهڙيون ڪي ڏهہ سورتون ناهي آڻيو (هود). جيڪڏهن اهو بہ ممڪن نہ هجي تہ پوءِ توهان هن قسم جي نيڪ عمليءَ جي تعليم ڏيڻ واري هڪ ئي سورت ناهي


www.sindhsalamat.com

آٽيو (يونس). هيءُ قرآن روح القدس جي ذريعي الله تعاليٰ وٽان آيو آهي. مان يهودين جي هٽ ڌوڪين ڳالهين کي الله تعاليٰ جي وحي واري حڪم سان بدلايان ٿو. جيڪو ڪجهه آٽيا ٿو، سو پاڻ نٿو لکان ۽ نه ئي وري نفساني خواهش سان ائين ڪريان ٿو. الله تعاليٰ جي ٻانهن تي شيطان جو ڪوبه وس نٿو هلي. (النحل).

## الله تعاليٰ جنهن لاءِ گهري ان تي وحي نازل ڪري سگهي ٿو:

اهو ضروري نه آهي ته الله تعاليٰ شاهوڪارن تي ئي وحي نازل ڪري. (الزخرف) هر امت ۾ الله تعاليٰ جي واٽ ونائيندڙ هڪڙو پيغامبر ايندو رهيو آهي (يونس). توهان نٿا ڄاڻو ته پوءِ اهل ذڪر (يهودي ۽ عيسائي وغيره) کان پڇي وٺو (النحل). هيءَ ڪا نئين تعليم نه آهي، پر هيءَ ته الله تعاليٰ جي بندگيءَ ڏانهن سڏيندڙ ابراهيم جي تعليم آهي (الانعام).

## مڪي تعليم جو تت

قرآن جي ذريعي پاڻ ڪريم ﷺ جن جيڪا مڪي تعليم ڏني، انهيءَ جو تت اهو آهي ته هن سموري تعليم ۾ انقلابي نظريي وارا جزا ڏنا ويا آهن. مديني ۾ انهيءَ نظريي تي معاشري جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي وئي آهي:

أ. **رحمت وارو الله:** الله اهو آهي جنهن جي ڪوبه سفارش نٿو ڪري سگهي. انهيءَ جي قدرت ۾ ڪوبه شريڪ نه آهي. اهو ظالمن کي سزا ۽ نيڪن کي اجر ڏيندو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن آخري فيصلو ڪندو. هو سڀني تي ڪرم ڪندڙ آهي، تنهن ڪري ان جي انصاف ۾ رحمت به داخل آهي ۽ هن پنهنجي لاءِ به رحمت جو قانون جوڙي رکيو آهي. تنهن ڪري هن عدل سان گڏوگڏ رحم ڪرڻ به پاڻ تي لازم ڪيو اٿس. (كَتَبَ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ). هو ڪرم ڪندڙ ۽ مالڪ آهي. هو سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو، پر ظلم نٿو ڪري "وَمَآ رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ". هو رحم ڪندڙ آهي. هو ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي ڏوهه جي سزا ٻئي ڪنهن کي نٿو ڏئي. تنهن ڪري شفاعت ۽ ڪفارو بي معنيٰ شيءِ آهي. هو سڀني قومن جو پالڻهار آهي ۽ ڪابه قوم هن جي لاڏلي نه آهي. ان جي قدرت جون نشانيون هر جاءِ تي پکڙيل آهن. معجزن



جي ڪابه ضرورت نه آهي.

ب. **مرڻ کان پوءِ واري زندگي ۽ مايوسي:** ظلم ۽ ڏاڍائيءَ کان مڙئي وڃو. دنيا جون قومون انهيءَ جي ڪري ئي تباهه ۽ برباد ٿي ويون. اهو نه سمجهو ته ظلم جي سزا کان بچي ويندؤ. پڪ ڄاڻو ته جهڙي پوک پوکيندؤ، تهڙي ئي لڻندؤ. اها ئي الله تعاليٰ جي سنت آهي. جيڪڏهن دنيا ۾ توهان بچي به ويؤ ته آخرت ۾ ضرور سزا ڀوڳيندؤ. مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿي اٿڻ پڪي ڳالهه آهي. پر جيڪي ماڻهو ظالم آهن سي مايوسيءَ واري دنيا ۾ آهن ۽ ٻيهر پيدا ٿيڻ واري ڳالهه جا انهيءَ ڪري ئي انڪاري آهن. انڪار سان مايوسي پيدا ٿيندي آهي.

**ٻيهر جيئرو ٿيڻ ۽ اميد:** نيڪو ڪاري (عدل سان گڏ رحمت) جو نتيجو هن دنيا ۾ خوشحالي آهي ۽ مرڻ کان پوءِ به بهشت آهي. تنهن ڪري محبت ۽ رحمت جي دنيا وسايو ۽ نا اميديءَ کي ڪفر سمجهو. خدا پرستيءَ جو لازمي نتيجو خوشي، زندگي ۽ اميد آهي. گناهه کان پوءِ توبه ڪريو، الله تعاليٰ رحم ڪندڙ آهي، اميد آهي ته معاف ڪري ڇڏيندو. هن وٽ ڪنهن جي به سفارش جي ضرورت نه آهي.

ت. **فڪري آزادي:** سمورن هادين ۽ نبين جي اها ئي تعليم رهي آهي. يعني اها ئي قرآن واري تعليم. انڪار ڪندڙن جي لاءِ نه رڳو قرآن، پر سمورا حڪم ۽ خدائي ڪتاب معجزو آهن. انهيءَ ڪري اهي نه ته الله تعاليٰ جي وجود جا قائل آهن ۽ نه ئي مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿي اٿڻ تي ويساهه ڪن ٿا. اهي پنهنجي عقلن کي مذهبي ٺيڪيدارن ۽ پوپن (موجوده دؤر ۾ سائنس ۽ مذهبي پيشوائن) جي هٿ وڪڻي چڪا آهن. تنهن ڪري ڀلو انهيءَ ۾ اٿوَ ته خدائي ڪتابن کي مڃو جنهن جو لازمي نتيجو فڪري آزادي آهي. انهيءَ سان طبقاتي ڪشمڪش ختم ٿي وڃي ٿي ۽ محبت ۽ رحمت جي ڪري ضمير جو سچو آواز خدائي آواز بڻجي ويندو آهي.

ث. **محنت جي استحصال سان دولت ميڙڻ ۽ نبين سڳورن سان دشمني:** مڪي ۾ نازل ٿيندڙ قرآن ۾ آسودن تي سخت تنقيد ڪئي وئي آهي ۽ معاشي طبقي جي لحاظ کان انهن کي نبين جو دشمن سڏيو ويو آهي. سورت سبا ۾ چٽائي ڪئي وئي آهي ته نبين سڳورن کي تڪليفون ڏيڻ وارا اهي ئي آسودا ماڻهو آهن. ايترو به چيو ويو ته سمورين بد اخلاقين جو بنياد اهو ئي آسودو طبقو آهي. سوال اهو آهي ته اها دولت انهن وٽ

آئي ڪٿان آهي؟

زراعت واري زماني کان وٺي اسلام جي ظاهر ٿيڻ تائين اها دولت غلام ۽ زرعي غلام جي محنت جي استحصال سان آئي هئي. مالڪ ۽ جاگيردار انهيءَ دولت جا مالڪ هئا. اسلام کان پوءِ جڏهن يورپ ۾ تحقيق جي سائنسي طريقي جو رواج پيو، ته مشينون ايجاد ٿيون ۽ پهريون دفعو هڪ ڪارخاني جي ڇت هيٺ هزارين مزدورن ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته محنت جي استحصال ۽ انهيءَ مان حاصل ٿيندڙ دولت جي سموري عمل تي روشني پوي ٿي. اهڙي طرح خبر پئي ته دولت نه ته آسمان مان لهي ايندي آهي، ۽ نه ئي زمين مان نڪرندي آهي، پر اها مزدور جي محنت مان حاصل ٿيندڙ پيداوار جي هڪ وڏي حصي تي ڪارخانيدار مالڪ ٻٽجي قبضو ڪري وٺندو آهي. غلام ۽ زرعي غلام جي محنت جو استحصال اهڙيءَ ئي طرح ٿيندو رهندو آيو آهي، جهڙي طرح اڄ به مزدور جو ٿي رهيو آهي. مالڪ، جاگيردار ۽ ڪارخانيدار جي سموري دولت انهيءَ استحصال جو ئي نتيجو آهي.

قرآن ۽ ٻين پاڪ ڪتابن جي تفسير ۽ تشريح ڪندي مذهبي پيشوائن انهن ڪتابن کي انهن جي تاريخي پس منظر کان جدا ڪري مطالعو ڪيو، جنهن جو وڏو فائدو غلام ٻڻائيندڙ آقا، جاگيردار ۽ ڪارخانيدار کي حاصل ٿيو. قرآن ڪيترن ئي جاين تي ٻڌايو آهي ته الله تعاليٰ رزق جا سمورا وسيلا پنهنجي ٻانهن لاءِ پيدا ڪيا آهن. هابيل جي قتل ۽ آدم کي زمين تي لهي وڃڻ کان پوءِ جيڪو معاشي نظام قائم ٿيو، انهيءَ ۾ ڏهه سيڪڙو ماڻهن جو پيداواري وسيلن تي قبضو ٿي ويو ۽ نوي سيڪڙو گهٽائي انهن وسيلن مان فائدو ماڻڻ کان محروم ٿي وئي.

انسان پنهنجي عملن ۾ خودمختيار آهي. اهو هن جو فرض هو ته هو اهڙو معاشي نظام جوڙي جو پيداواري وسيلا عوام کي فائدو ڏيڻ لاءِ ڪليل رهن ها، پر ايئن نه ٿيو. قرآن پاڪ جي موجوده ترتيب اندر مڪي ۽ مدني سورتن کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيو ويو آهي. انهيءَ سان مڪي دؤر ۾ نازل ٿيڻ واري قرآن ۾ مالدارن تي جيڪا سخت تنقيد ڪئي وئي آهي، سا نظرن کان لڪي وئي آهي. انهيءَ سبب جي ڪري قرآن معاشري ۾ ڪا به بنيادي تبديلي آڻڻ ۾ مدد نه ڏئي سگهيو، اڃا به غلاميءَ جو ادارو دائمي بڻايو ويو. سياسي نظام ۾ بادشاهيت قائم ڪئي ويئي. عوام ۽ ان جي مفادن کي حڪومت، قانون سازي ۽ معاشي نظام جوڙڻ کان بي دخل ڪري ڇڏيو.

جيستائين قرآن جي تعليم موجب پيداواري وسيلن کي ٿورڙن ماڻهن


Sindhica Academy, Karachi

جي قبضي مان ڪڍي مزدور عوام جي ملڪيت ۾ نٿو ڏنو وڃي، اها صورتحال جيئن جو تيئن قائم رهندي.

مون پنهنجي لکڻي ”انقلاب مڪ“ ۽ ”فهم قرآن کي جديد طريقي“ ۾ امام ابن تيميه جي فتويٰ جو نقل ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ۾ امام موصوف چيو آهي ته موجوده صحيفي واري ترتيب تلاوت جي لاءِ آهي، باقي تحقيق جي لاءِ ڪنهن به ترتيب کان ڪم وٺي سگهجي ٿو. تنهن ڪري ضروري آهي ته تحقيق جي لاءِ مڪي ۽ مدني دؤر ۾ نازل ٿيندڙ قرآن جو جدا جدا مطالعو ڪيو وڃي.

اسلامي جي معاشي نظام جي باري ۾ اها ڳالهه سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته مديني ۾ نبي ڪريم ﷺ جن ڪڙمت کي وياج تي مبني ڪاروبار سڏيو هو. پر بغداد واري خلافت جي دٻاءَ هيٺ اچي مجتهد فقيهن جي شاگردن ڪڙمت کي ڪن شرطن سان جائز سڏيو. جڏهن ته حضرت ابوبڪر صديقؓ مال غنيمت جي برابر ورڇ لازم ۽ حضرت عمرؓ مصر ۽ شام مان حاصل ٿيندڙ زمينن کي بيت المال جي ملڪيت چئي ڇڏيو هو. اهو ئي عمل خيبر جي فتح کان پوءِ پاڻ رسول الله ﷺ جن به اختيار ڪيو هو ته زمينن ۽ باغن کي ته رياست جي ملڪيت ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ يهودي هارين کان ڍل وٺڻ شروع ڪئي.

جيئن ته ڪڙمت کي جائز سڏيو ويو هو، انهيءَ ڪري مشين جي ايجاد کان پوءِ ڪارخاني کي به انهيءَ ئي اصول هيٺ مالڪ ۽ مزدور جي شڪل ڏني وئي. فقيهن جهڙي طرح جاگيرداري کي جائز سڏيو، اهڙيءَ ئي طرح ڪارخانيداري کي به جائز چئي ڇڏيو. هاريءَ جي محنت جي استحصال وانگر مزدور جي محنت جو استحصال به رڳو فقهي نقطي نظر کان جائز سڏيو ويو. جيستائين اها صورتحال رهندي، دولت هڪڙي ننڍڙي طبقي جي ملڪيت ۾ گڏ ٿيندي رهندي.

قرآن چيو آهي ته ڪمزور ۽ غريب طبقي جي ماڻهن جو فرض آهي ته اهي پنهنجي شعور کي بيدار ڪن ۽ پنهنجي تنظيم قائم ڪري، هلندڙ جاگيرداري ۽ سرمائيداري معاشِي نظام جو خاتمو ڪري ڇڏين. هن دؤر جي انسان جو معاشي ڇوٽڪارو گڏيل معيشت اختيار ڪرڻ ۽ حقيقي مذهب يعني توحيد خدائي جي نظريي هيٺ اخلاقي ۽ روحاني ڳڻ پنهنجائڻ يا نه پنهنجائڻ جي جزا ۽ سزا جي لاءِ مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ تي ايمان آڻڻ ۾ آهي. جيستائين اهي ٻئي جزا جدا جدا رهندا، انساني معاشرو تباهيءَ جي ڪُن ۾ ڦاٿل رهندو. حقيقي مذهب ۾، جنهن کي پاڪ مذهبن جي بانين رواج ۾ آندو هو، اهي ٻئي جزا گڏ ڪيا ويا آهن. پر مذهبي پيشوائن انهن کي جدا جدا ڪري ڇڏيو.


www.sindhsalamat.com

تنهن ڪري قرآن پاڪ ۽ سيرت پاڪ جو جيستائين طبقاتي نقطي نظر ۽ ترتيب نزول جي روشنيءَ ۾ مطالعو نه ڪيو ويندو، قرآن ۽ سيرت معاشري ۾ ڪابه تبديلي نٿي آڻي سگهي.

## مديني جي هجرت کان پوءِ

مڪي ۾ اسلامي نظريي جا جزا ٻڌايا ويا هئا. ڪوبه انقلاب نظريي ڪانسواءِ نه ايندو آهي. هجرت ڪان پوءِ مديني ۾ انهيءَ ئي نظريي جي بنياد تي رياست قائم ڪئي وئي جنهن مڪي تعليم جي بنياد تي معاشري ۾ اهڙا قانون نافذ ڪيا هئا، جن کي لاڳو ڪرڻ سان جهالت، بک، غلامي ۽ مسڪينيءَ جو خاتمو ٿي ويو ۽ انسان رحمت ۽ محبت جو پتلو بڻجي ويو. ڏوهاري ۽ خطا ڪندڙ جي لاءِ توبه جي ذريعي خدائي رحمت جا دروازا کوليا ويا ۽ ماڻهو نذرانن ۽ مذهبي ٺيڪيدارن جي سفارش واري جهنجهٽ مان آجا ٿي ويا.

## اسلامي انقلاب جي ڇهين منزل

### قومن جي سرداري:

هجرت ڪان پوءِ انقلاب جو مرڪز مديني کي بڻايو ويو ۽ پاڻ ڪريمﷺ جن نه رڳو مهاجرن ۽ انصارن، پر يهودين جا به حاڪم ۽ امير بڻيا. پاڻﷺ امير العالمين جي حيثيت سان مديني جي اوسي پاسي ۾ ويٺل مشرڪن سان به دفاعي معاهدا ڪيائون. پنهنجي نظريي جي حفاظت ۽ نفاذ جي لاءِ مهاجرن جي فوجي تربيت به ڪيائون. انفاق يعني جنگي خرچن جي لاءِ چندو به گڏ ڪيائون ۽ يهودين سان اهڙو معاهدو ٿيو جنهن جي ذريعي پاڻ ﷺ جن حڪمران، جڏهن ته مسلمان ۽ يهودي هڪ ئي امت سڏيا ويا، جنهن ۾ مذهب جي اختلاف باوجود به معاشري جي ٻيهر تعمير جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. انهيءَ کي ميثاقِ مدينه جو نالو ڏنو ويو. اهو ميثاق اصل ۾ ان ڳالهه جو نمونو آهي ته مختلف مذهب، رنگ نسل، قوميت ۽ غربت ۽ سرداريءَ جي فرق جي باوجود به دنيا جي قومن کي نيڪيءَ تي گڏ ڪري سگهجي ٿو ۽ نه رڳو آدم جي خلافت، پر عالمي حڪومت به قائم ڪري سگهجي ٿي.


Sindhica Academy, Karachi

### خوني ويڙه جو مقصد:

خوني ويڙهه جو مقصد زندگين کي بچائڻ آهي نه مارڻ (المائده) ۽ هڪ انسان جو قتل سموري انسانيت جي قتل برابر آهي. (المائده)

همٿ ۽ بردباريءَ سان ڪم ڪيو وڃي ته انسان دوست انقلابي نظريي جي بنياد تي ننڍڙي جماعت وڏي جماعت کي هارائي سگهي ٿي. ڇو ته غلط نظريي واري ڪنهن وڏي جماعت وٽ انسانيت کي ترقي ڏيڻ جو ڪوبه منصوبو نه هوندو آهي. قومي ۽ انساني مفادن تي شخصي مفادن کي ترجيح ڏيڻ سان وڏي جماعت جون پاڙون پٽجي وينديون آهن. (بقره، رڪوع 22، طالوت وارو قصو)

## اسلامي انقلاب جي ستين منزل

### خوني ويڙهه جي انسان دوست ڪردار تي وڌيڪ روشني:

**خوني ويڙهه جي باري ۾ وڌيڪ انقلابي قانون:**

1. انسان کي انسان جي سياسي ۽ ذهني غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي لاءِ خوني ويڙهه (مسلح جاکوڙ) ڪرڻي پوندي آهي (بقره، رڪوع نمبر 27) ڇو جو اظهار جي آزادي جو ڪسجي وڃڻ قتل جي برابر آهي.
2. جيڪڏهن دشمن ٺاهه ڪرڻ لاءِ آماده ٿئي ٿو ته يڪدم ٺاهه ڪريو. (انفال)
3. دشمن سان به واعدو نه ٽوڙيو (انفال، رڪوع نمبر 10)
4. ڪنهن به ماڻهوءَ کي جنگ جي ذريعي غلام نٿو بڻائي سگهجي.

(سورت محمد)

5. الله تعاليٰ جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ فائدي وارو واپار آهي (الصف) ڇو ته الله جي لاءِ وڙهڻ جو مطلب آهي غلام بڻائيندڙ جماعتن جي قبضي ۽ اقتدار کي ختم ڪري عوام جي اخلاقي ۽ روحاني ۽ انقلابي ڳٽن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آزادي ڏيارڻ آهي.
6. جهاد يا الله تعاليٰ جي راضپي لاءِ خوني ويڙهه ۾ خرچن لاءِ چندو ڏيڻ پنهنجي ئي مدد ڪرڻ آهي. (محمد، رڪوع 4) قتال في سبيل الله اصل ۾ قتال في سبيل العوام آهي، جنهن جي مدد سان غلام بڻائيندڙ جماعتن جي بند مان، عوامي مفادن کي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو تاريخ جي ڪيترن ئي دؤرن ۾ مزدور ۽ غلام ۽ پنتي پيل ماڻهن پنهنجي جماعتي مفادن کي حاصل ڪرڻ لاءِ


www.sindhsalamat.com

اقتدار ڏٽين، پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري ويٺل طبقن ۽ عوام جي گهٽي حصي کي ان مان فائدو ماڻڻ کان محروم ڪرڻ واري معاشي نظام جي حامين خلاف مسلح جاکوڙ ڪئي آهي.

## قومن جو اتحاد:

انهيءَ دؤر ۾ يهودين کي چيو ويو ته الله ۽ آخرت کي مڃيندڙن جو قبلو اهو ئي هئڻ گهرجي جيڪو سڀ کان پهريان ابراهيمؑ مڪي ۾ جوڙيو هو. يهودين ان کي نه مڃيو ۽ چيو ته يروشلم کي ئي هو پنهنجو قبلو قائم رکندا. اهي موسوي دين تي هلي رهيا هئا. پاڻ ڪريم ﷺ جن گهرن پيا ته بني اسرائيل پنهنجي پيءُ ابراهيمؑ جي دين تي گڏ ٿي وڃن، ڇو جو اهو ئي قديم دين ۽ اصل اسلام آهي.

## عيسائين ڏانهن پيهر ڌيان:

يهودين جي معاهدو ٽوڙڻ جي ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن پيهر عيسائين ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ انهيءَ زماني ۾ روزا فرض ڪيا ويا، جڏهن عيسائي عيسيٰؑ جي ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ روزا رکندا هئا.

قرآن ڪريم قومن جي اتحاد دين يعني ڪائنات جي وحدت ۽ مرڻ کان پوءِ وري جيئرو ٿي اٿڻ، عملن جي جزا ۽ سزا جي ملڻ ۽ اعليٰ اخلاقي ۽ روحاني ڳڻن کي مڃڻ بنياد سڏيو ويو. ان سان گڏوگڏ عبادتن ۽ رسمن جي اختلاف ۽ عقيدن جي تشريح ۽ وضاحت کي پوءِ واري حيثيت ڏني آهي.

"انهيءَ ڪانسواءِ قرآن رنگ نسل، قوميت ۽ وطنيت جي اختلاف کي قومن جي سڃاڻپ ۽ هڪٻئي سان واقفيت جي لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. يعني انهن جي بنياد تي انسانن کي ورهڻ انسان دشمني سڏيو آهي. انهيءَ سان گڏ ئي قرآن ڪريم پيداواري وسيلن کي عوام جي ملڪيت سڏي ٿو." (بقره: 29)

قرآن موجب قومن جو اتحاد اصل ۾ انسانيت جو اتحاد ۽ عالمگير روحاني گڏيل معاشري جو قيام آهي، جنهن کي توحيدي معاشرو به چيو وڃي ٿو.


Sindhica Academy, Karachi

# اسلامي انقلاب جي اٺين منزل

## گڏريل نبين جي تصديق ۽ نبوت جو خاتمو:

احد جي هار کان پوءِ ٽي سال وڏين تڪليفن سان ڀريل هئا. انهن ٽنهي سالن جو مقابلو شعب ابي طالب وارن ٽن سالن سان ڪريو ته خبر پوندي ته اسلامي انقلاب جي بنياد جي اها منزل ڏاڍي سخت هئي. شعب ۾ توريت جي تعليم مان سبق ڏنو ويو هو. هاڻي احد جي شڪست کان پوءِ انهيءَ کي عملي طرح جاري ڪرڻو هو ۽ اهڙيون حالتون پيدا ٿي ويون هيون جو جيڪڏهن انهن قانونن کي جاري نه ڪيو وڃي ها ته ابراهيمي دين خطري ۾ پئجي وڃي ها. انهيءَ ڪري انهيءَ دؤر ۾ پاڻ ﷺ جو لقب خاتم النبيين ٿيو. يعني پاڻ ﷺ نبين جي تصديق ڪندڙ هئا ۽ سختيءَ سان انهن ابراهيمي قانونن کي جاري ڪرڻ گهرن پيا، جن کي يهودي مڃڻ نه پيا گهرن. هڪ پاسي يهودي غداري ڪري رهيا هئا ۽ قبلي جي تبديليءَ کان پوءِ مصدق النبيين تي ٺٺوليون ڪرڻ لڳا هئا. ٻئي پاسي مسلمانن جي اندر به منافقن جي هڪ اهڙي ٽولي گهري آئي هئي جيڪا ڪافر قريشن سان ڳٽ جوڙ ڪري رهي هئي. ٽئين پاسي عرب جا مشرڪ نڳيءَ سان مسلمانن کي گهرائي قتل ڪري رهيا هئا ۽ پاڻ ﷺ جن جي پنهنجي ئي زندگي خطري ۾ هئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن جي لاءِ هٿياربند پهريدار مقرر هئا. انهن حالتن ۾ به پاڻ ﷺ جن اڳين نبين جي تصديق کان پاسيرا نه ٿيا ۽ پاڻ اعلانيه طور عمل ڪري ڏيکاريائون:

1. يهودين کي پاڻ فرمايائون ته ابراهيمي قبلو موسوي قبلي کان آڳاٽو آهي، تنهن ڪري هاڻي اڳتي به اهو ئي قبلو هوندو.
2. پاڻ اهو به فرمايائون ته اٺ جو گوشت ابراهيم جي وقت کان وٺي حلال آهي، تنهن ڪري اهو حرام نٿو ٿي سگهي.
3. پاڻ فرمايائون ته ڇنڇر جي ڏينهن شڪار نه ڪرڻ يا جنگ ۾ وڃڻ کان انڪار ڪرڻ غلط ڳالهه آهي. (جيئن يهودين احد واري جنگ جي معاملي ۾ بهانو ڪيو هو ته اهو سندن ڇنڇر آهي، انهيءَ ڪري پاڻ شامل ٿي نه سگهندا) اهو خدائي قانون نٿو ٿي سگهي ته ڪنهن ڏينهن ڪم نه ڪيو وڃي ۽ اهو نظريو گهڙيو وڃي ته ڇهن ڏينهن ۾ الله تعاليٰ زمين ۽ آسمان کي ٺاهيو ۽ پوءِ هن ٿڪجي ستين ڏينهن (يوم سبت) کي آرام ڪرڻ جو ڏينهن ڪيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ٻڌايو ته الله تعاليٰ ڪڏهن به ٿڪبو نه


www.sindhsalamat.com

آهي. هو نہ تہ ڪراڙو ٿيندو آهي ۽ نہ ئي سمهندو آهي.

4. منافقن ڪي پاڻ فرمايائون تہ اها مشرڪاڻي رسم آهي تہ پٽيلي جي زال سان نڪاح نہ ڪيو وڃي. نڪاح ابراهيمي قانون آهي ۽ بني اسرائيل بہ انهيءَ ڪي مڃن ٿا. مان انهيءَ جي تصديق ڪريان ٿو تہ مان زيد جو پيءُ نہ آهيان ۽ ان جي طلاقيل زينب سان نڪاح ڪري ابراهيمي قانون تي عمل ڪري ڏيکاريان ٿو. مان خاتم النبيين (يعني نبين جي تصديق ڪندڙ) آهيان. مون ڪي خدائي حڪم جاري ڪرڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جو شرم ۽ وڏائي نٿي ٿئي. امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر مسلمانن جو فرض آهي. (آل عمران، رڪوع نمبر 12)
5. مؤمنن ڪي فرمايو ويو تہ زنا جي تهمت ڪنهن تي بہ نہ لڳايو. پاڻهين جو بہ نڪاح ڪري ڇڏيندا ڪريو (النور). خلع واري طلاق ڪانسواءِ هر طلاق قابل رجعت آهي (بقره رڪوع نمبر 28 ۽ 29). جيڪو حق جي راهہ ۾ قتل ٿيندو آهي سو ڪڏهن بہ فنا نہ ٿيندو آهي. قوم جي لاءِ مرڻ دولت ڪان پلو آهي. (آل عمران، رڪوع نمبر 17)

# اسلامي انقلاب جي نائين منزل

## موت تي بيعت ڪرڻ وارن انقلابين جي جماعت:

تيرنهن سال مڪي ۾ ۽ ڇهہ سال مديني ۾ گذارڻ ڪان پوءِ 6 هہ ۾ هڪ اهڙي انقلابي جماعت تيار ٿي وئي جنهن شيطانيت ۽ نفرت جو خاتمو ڪرڻ ۽ اڪيلي الله جي پانهپ يعني محبت ۽ رحمت ڪي عام ڪرڻ لاءِ موت تي بيعت ڪري ورتي هئي. اها اسلام جي بنيادي ۽ سڀ ڪان وڏي سوڀ هئي تہ پوري جماعت بيعت رضوان ڪري ورتي هئي. رسول الله ﷺ جن اعلان ڪري ڇڏيو تہ سموري دنيا ۾ خدائي پيغام پهچائڻ لاءِ مان رسول بڻجي آيو آهيان. (اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعًا، سورت الاعراف) هاڻي هڪ قومن جي فاتح هئڻ جي حيثيت ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن معاف ڪرڻ ۽ احسان جا اهي خدائي قانون ماڻهن تائين پهچائي ڇڏيا.

1. **نيڪيءَ جي سڃاڻ:** نيڪي تقويٰ ڪي چوندا آهن. يعني الله تعاليٰ جي حاڪميت جي خوف ۽ ان جي رحمت جي واعدي تي ظلم ۽ نفرت ڪان بچڻ ۽ عدل ۽ محبت ڪي ترقي ڏيڻ ئي نيڪي آهي. جهالت واري اڻ


Sindhica Academy, Karachi

ڄاڻائي ۽ سيٽ ڪي ڇڏي اهل ڪتاب يعني تهذيب يافتہ ماڻهن وانگر بردباري اختيار ڪرڻ بہ نيڪي آهي.
2. **انصاف پريو قتال:** قتال بہ نيڪي آهي. پر انهيءَ لاءِ شرط اهو آهي تہ اهو عدل تي ٻڌل هجي ۽ اظهار جي آزادي جي حق جي لاءِ هجي (بقره، رڪوع نمبر 24).
3. **نہ وڙهندڙن سان ڀلائي ۽ انصاف ڪرڻ نيڪي آهي:** انهن ڪي علم جي دولت ڏيڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪريو. جهاد جي حقيقت الله تعاليٰ جي نالي ڪي بلند ڪرڻ ۾ ئي آهي.
4. **ڪتاب وارن ڪي مذهبي آزادي:** ڪتاب وارن ڪي پوري پوري آزادي آهي. انهن جي جان، مال، عزت جي حفاظت مسلمانن جي مٿان لازم آهي. انهيءَ جي بدلي ۾ انهن ڪان هڪ ٽيڪس (جزيو) ورتو ويندو جنهن جي بدلي ۾ اهي فوجي خدمت ڪان آجا هوندا. انهن جي مذهبي پيشوائن، مسڪينن، پوڙهن ۽ عورتن تي اهو ٽيڪس نہ لڳندو. (اصل ۾ غير مسلم اقليتن سان اهو ئي سلوڪ رکڻ ئي اسلام جو حڪم آهي)
5. **مشرڪن جي تاليف قلب:** فتح مڪي ڪان پوءِ عام امن جو اعلان ڪيو ويو. جيڪي نوان مسلمان هئا يا شرڪ تي قائم هئا، تن سان معافي ۽ درگذر وارو رويو اختيار ڪيو ويو ۽ 8 هہ جي حج وارو واپاري نفعو حاصل ڪرڻ ڪان مشرڪن ڪي نہ روڪيو ويو. اهو مشرڪن توڙي مسلمانن جو گڏيل حج هو.
6. **ڪتابي جمهوريت جو قيام:** هن وقت تائين هر سماجي ۽ سياسي مسئلي ۾ رسول الله ﷺ جن جو حڪم هڪ امير جي حيثيت ۾ هلندو هو. رضوانين جي جماعت تيار ٿي وڃڻ ڪان پوءِ اسلامي انقلاب ڪي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ انهن رضوانين سان صلاح مشورور بہ ٿيڻ لڳو. يعني هڪ شورائي جماعت ٺهي وئي جيڪا ڪتاب الله (قرآن) جي روشنيءَ ۾ جماعت جي امير، جناب محمد رسول الله ﷺ ڪي مشورو ڏئي سگهندي هئي، جڏهن تہ فيصلو گهڻائيءَ واري راءِ تي آڌاريل نہ هو، پر اصول (ڪتاب الله) جي روشنيءَ ۾ جيڪا سٺي ۾ سٺي راءِ هوندي، انهيءَ تي عمل ٿيندو هو. جيستائين دنياوي معاملن جو لاڳاپو هوندو هو، تن ۾ عام ۽ سٺين ڳالهين تي عمل ڪيو ويندو هو.

(انتم اعلمون بامور دنياڪم — مسلم)


www.sindhsalamat.com

اصل ۾ اسلام جو هڪ سياسي نظام آهي. انهيءَ ۾ ڪلام الله (قرآن) جي قانونن ۽ اصولن جي روشنيءَ ۾ پلي ۾ پلي راءِ کي اختيار ڪيو ويندو هو. ائين نه ٿيندو هو ته جيڪڏهن گهڻائي هڪ غلط ڪم يا بدڪاريءَ کي اختيار ڪري وٺي ته انهيءَ کي قانوني شڪل ڏني وڃي؛ جيئن اڄ ڪلھ اولھ وارن ملڪن ۾ ٿيندو آهي. اسلام جو سياسي نظام سڀني اخلاقي ڳڻن کي تحفظ ڏئي ٿو. انهيءَ ڪري راءِ جي گهڻائيءَ جي بدران، اخلاقي ڳڻن کي رائج ڪرڻ ۽ عدل ۽ محبت کي پنهنجائڻ جي لاءِ سڀ کان سٺي راءِ تي ئي عمل ٿيندو هو. دنيا جي معاملن ۾ سائنسي تحقيق جي طريقن مان ڪم ورتو ويندو آهي، جيئن ڪجيءَ جي وڻن ۽ ميوي جي باري ۾ رسول الله ﷺ جن فرمايو ته دنيا جي معاملن ۾ توهان پنهنجي معلومات موجب عمل ڪريو. انهيءَ ۾مذهب ڪنهن به قسم جي دخل اندازي نٿو ڪري.

7. **عدل ۽ احسان:** هن ڪتابي آمريت يا اصولي شورائيت جو بنيادي مقصد عدل ۽ احسان هو ۽ مرڪزي انقلابي پارٽيءَ جو فرض هو ته دنيا مان جهالت، غربت ۽ غلاميءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ الله جي واٽ ۾ پنهنجي سر جو سانگو لاهي ڇڏي ۽ انسانيت کي علم جي دولت سان مالا مال ڪري ڇڏي ته جيئن انسان حقيقي معنيٰ ۾ انس ۽ محبت جو پتلو بڻجي وڃي.

انهيءَ جو اهو مطلب آهي ته اسلامي معاشي نظام ۾ پيداواري وسيلن يا دولت حاصل ڪرڻ جي سرچشمن تي ڪن ٿورڙن ماڻهن جي بدران عوام جو قبضو هوندو آهي. جيڪڏهن ڪي ٿورڙا ماڻهو ملڪيت تي قبضو ڪري وجن ٿا ته عام ماڻهو دولت مان فائدو حاصل نه ڪري سگهندا. قرآن ڪريم ڪيترين ئي جاين تي اهو ٻڌايو آهي ته رزق جا سمورا وسيلا الله تعاليٰ سڀني انسانن لاءِ پيدا ڪيا آهن. تنهن ڪري اهڙو معاشي نظام ترتيب ڏيڻ گهرجي جنهن ۾ هر ماڻهو انهن پيداواري وسيلن مان فائدو ماڻي سگهي. ائين نه ٿيڻ گهرجي ته ڪي ٿورڙا ماڻهو پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري، گهڻن انسانن کي پنهنجي محنت وڪڻڻ تي مجبور ڪري ڇڏين ۽ انهن جي محنت جي استحصال سان پاڻ ته جهجهي دولت حاصل ڪن پر اهو مزدور ساڳيو ئي غربت ۽ مسڪينيءَ ۾ پيو گذاري.

علامه اقبال اها ڳالھ صحيح چئي آهي ته بادشاهيت جي ڪري دنيا اسلام جي معاشي نظام مان لاڀ پرائي نه سگهي آهي. جڏهن ته بادشاهيت جو


Sindhica Academy, Karachi

اهو ادارو دمشق واري خلافت ۾ ئي قائم ڪيو ويو هو، جنهن سان اڳتي هلي جاگيرداري نظام کي سگھ ملي. انهيءَ جو مطلب اهو آهي ته علامه اقبال جي چواڻي، مسلمانن ۾ جمهوريت رڳو ٽيھ سالن تائين قائم رهي سگهي. ٻڪهي بادشاهيت کان پوءِ مسلمانن اولھ وارن جي صنعتي سرمائيداري نظام تي ٻڌل نالي واري جمهوريت کي پنهنجائي ورتو، جنهن جي مزاج ۽ روح، ٻنهي تي بادشاهيت جو اثر هو. اڄ به انهيءَ سرمائيداراڻي جمهوريت جي ايوانن ۾ پيداواري وسيلن تي قابض ماڻهن جا نمائندا ويٺل آهن ۽ جيڪي پنهنجي مفادن کي تحفظ ڏيڻ جي لاءِ قانونسازي ڪندا رهيا آهن.

اشتراڪي معاشري ۾ ڪجھ عرصي لاءِ عوامي جمهوريت قائم ٿي هئي، جيڪا ڪن سببن جي ڪري ختم ٿي وئي.

8. **الف: پراڻن بحثن جو خاتمو:** سورت حديد ۽ سورت تغابن ۾ خدا ۽ قيامت (مرڻ کان پوءِ وري جيئرو ٿي اٿڻ) وارن بحثن جو خاتمو ڪيو ويو.

**ب: معجزا:** آيات الله جي بحث جو آخري جواب سورت بقره جي رڪوع نمبر 20 ۾ ڏنو ويو.

**پ: خدائي ڪتابن جو معجزو:** يعني اعجاز قرآن ۽ سمورن آسماني ڪتابن جو انڪار ڪندڙن جي لاءِ معجزو هئڻ ثابت ٿي ويو.

*(بقره رڪوع نمبر 3)*

9. **پروهتي (مذهبي پيشوائيت جي) نظام جو خاتمو:** ڪعبي مان پروهتي نظام ختم ڪيو ويو. عقل کي آزاد ڪيو ويو.

(پر بادشاهت واري دؤر ۾ مسلمانن هڪ دفعو وري پنهنجي اندر مذهبي پيشوائيت واري نظام کي قائم ڪري ورتو آهي جيڪو سائنس ۽ علم جو دشمن آهي).

# اسلامي انقلاب جي ڏهين منزل

## اسلامي انقلاب جو بين الاقوامي پروگرام:

هاڻي سڄو عرب فتح ٿي چڪو هو ۽ دنيا جي مختلف قومن ۾ اسلامي انقلاب کي آڻڻو هو ته جيئن انساني ڀڄيءَ جي ذريعي مساوات يا برابريءَ کي قائم ڪري سگهجي. علم ۽ عقل آزاد هجن ۽ پروهتن، نجومين، پوپن ۽ جنگ جي باھ لڳائڻ وارن شاعرن جو خاتمو ٿي وڃي. تنهن ڪري عالمي انقلاب آڻڻ


www.sindhsalamat.com

جي لاءِ مختلف قومن کي ھي پيغام ڏنا ويا.

1. **ڪتاب وارن کي دعوت:** اي ڪتاب وارؤ، اچو تہ الله مرڻ ڪان پوءِ واري زندگيءَ تي ايمان آڻي اسان انھيءَ ڳالھ تي ھڪ ٿي وڃون تہ الله ڪان سواءِ ٻيو ڪنھن کي بہ پنھنجو پالڻھار نہ مڃون ۽ ڪابہ قوم ٻي ڪنھن قوم ڪان عزت واري نہ سمجھي ويندي. جيڪو نيڪيءَ جي رستي تي ھلندڙ ھوندو، سو ئي الله تعاليٰ وٽ وڏيڪ عزت ڀريو ھوندو. (آل عمران)
2. **عيسائيو! الله تعاليٰ ئي قادر مطلق آھي:** يعني ھو انھيءَ ڳالھ تي وسوارو آھي تہ بنا پيءُ جي ڪنھن انسان کي پيدا ڪري. انھيءَ ۾ ڪنھن بہ قسم جو شڪ گمان نہ ڪريو ۽ الله تعاليٰ کي عيسيٰ جو پيءُ نہ سمجھو. اھو الله تہ مٽيءَ مان (بہ) انسان جوڙي سگھي ٿو. تنھن ڪري ان جي خالقيت جي قدرت ۾ شڪ نہ ڪريو. (آل عمران)
3. **ڪتاب وارن جي ھڪڙي جنتري ھوندي:** جھڙي طرح روزا ھن زماني ۾ رکيا وڃن ٿا، اھڙيءَ طرح رکڻ گھرجن جيئن ڪتاب وارا (عيسائي) رکندا آھن. اھڙي طرح حج جو ميلو بہ انھيءَ زماني ۾ ھجي، جڏھن يھودي، عيسائي ۽ مجوسي (چيٽ جي وچولن ڏينھن ۾) ميلو ڪندا آھن. باقي انھيءَ ۾ مشرڪ نہ اچي سگھندا ۽ شرڪ جي جاءِ تي اڪيلي الله جي ٻانھپ ٿيندي. انھيءَ ڪري ھاڻي سال جا ٻارنھن ئي مھينا ٿيندا ۽ نسئي جي موسم (يعني ھڪ مھينو ھر ٻئي ٽئين سال وڌائڻ) ختم ڪئي ويندي. انھيءَ جنتري سان ڪتاب وارا ترقي ڪندا.
4. **انفاق جو پاڻ ۾ اتحاد، زڪوات، جھاد:** مؤمنن جي جان ۽ مال کي الله تعاليٰ خريد ڪري ڇڏيو آھي (توبہ) تنھن ڪري جھاد يعني دنيا مان خوف ۽ پريشاني کي ختم ڪرڻ لاءِ انھن کي خوشيءَ سان (الله جي راھ ۾) خرچ ڪرڻ گھرجي. (البقره، رڪوع نمبر 38) پر اھو ضروري نہ آھي تہ سيئي جھاد ڪن. جھاد ڪان ڪراڙا ۽ عورتون آجا آھن. انفاق جي ڪابہ حد مقرر نہ آھي. باقي زڪوات ھڪ قانوني ٽيڪس آھي جيڪو سلطنت وصول ڪندي ۽ دنيا مان خوف (جنگ ۽ فساد) ۽ بک ۽ بدحاليءَ کي ختم ڪرڻ ۾ خرچ ڪندي. بزدلن (منافقن) ڪان چندو نہ ورتو ويندو. انھن جو بائيڪاٽ ڪيو ويندو. (بقره، رڪوع نمبر 26)

مسلمانن زڪوات کي ذڪر ڪيل مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ خرچ ڪرڻ بدران پنندڙن ۽ غريبن ۾ ٿورڙن رپين جي شڪل ۾ ورھائڻ شروع ڪيو آھي. قرآن پاڪ زڪوات کي خرچ ڪرڻ لاءِ اَٺ ميدان ڏسيا


Sindhica Academy, Karachi

آھن جتي ان کي خرچ ڪيو ويندو.

5. **گندين شين ڪان پاسو ڪرڻ:** مؤمنو! ڪي حرام ڪم شروع ڪان ئي منع ڪيا ويا آھن. پر ڪن حالتن ۾ مرون جو گوشت، مردار ۽ رت بہ حلال ٿي وڃي ٿو. ھاڻي اھو ٻڌي ڇڏيو تہ شراب، جوئا، فال ڪڍڻ ۽ نجومت ايتريون تہ گنديون شيون آھن جو انھن ڪان پرھيز ڪجو. اھي ڪنھن بہ طرح سان جائز نہ آھن ۽ پنھنجي نفسن جو محاسبو ڪندو رھڻ گھرجي. (مائده، رڪوع: 11) (اھي حڪم رڳو مسلمانن جي لاءِ ئي نہ آھن، پر ھر مذھب جي مڃيندڙن جي لاءِ آھن. پر انھن جي رواج ۾ آڻڻ جي معاملي ۾ ڪوبہ ڏاڍ نہ آھي.)
6. **ھر حال ۾ عدل ڪريو:** مشرڪن سان بہ ڪيل پنھنجا معاھدا نہ ٽوڙيو ۽ دشمنن سان بہ انصاف ڪريو (مائده) يھودين کي معاف ڪريو (مائده).
7. **عورت جي عزت ڪريو:** عورت ۽ مرد ھڪ ٻئي جو لباس آھن. جيئن تہ عورت ڪمزور ٿيندي آھي، تنھن ڪري مرد تي اھو فرض آھي تہ ان جي کاڌي پيتي جو بندوبست ڪري، ڪابين بہ ڏي ۽ مري وڃي تہ ان جي ميراث ۾ بہ ان جو حق ھجي (قرآن ۽ خطبہ حجة الوداع).
8. **غلام:** غلامن کي آزاد ٿيڻ جو موقعو ڏيو تہ اھي ٻي ڪنھن جاءِ تي ڪمائي توھان کي توھان جو قرض ادا ڪن. جيستائين اھي توھان جا غلام رھن، ان وقت تائين جيڪو توھان کائو سو ئي انھن کي بہ کارايو ۽ جيڪو توھان پھريو سو ئي انھن کي بہ پھرايو. انھن ڪان انھن جي وس ڪان وڌيڪ ڪم نہ وٺو. غلام کي بہ اھو حق آھي تہ ھو امير المؤمنين بڻجي سگھي جيئن اسامہ بن زيد کي پاڻ ڪريم ﷺ جن اسلامي لشڪر جو امير بڻائي دنيا تي انساني برابريءَ جو ڏاڪو ڄمايو.
9. **الاھي خلافت:** آخرڪار ٽيويھن (23) سالن جي لڳاتار محنت ڪان پوءِ رحمة اللعالمين ﷺ جن انسانيت کي امن ۽ ڀلائيءَ جي رستي تي روان دوان ڪري ڇڏيو ۽ اھڙي طرح محبت ۽ رحمت جي بھشت ۾ داخل ڪري ڇڏيو جنھن ۾ ھر مؤمن خليفة الله في الارض بڻجي پئي سگھيو تہ :

براوج کمال صبح صادق مائیم   حل نکت و کشف دقائق مائیم
سرّ حق و خلق از دل مابیروں نیست   مجموعہ مجموع حقائق مائیم


www.sindhsalamat.com

## ڪلام جو تت:

رحمة اللعالمين دنيا کي نہ رڳو ٻڌايو، پر عملي طرح سان ڪري بہ ڏيکاريو تہ:

1. سمورا انسان برابر آهن، ڇو جو سڀئي آدم جو اولاد آهن ۽ سڀني جو هڪڙو ئي الله آهي.
2. هر قوم ۾ خدائي پيغام آڻڻ وارا ايندا رهيا آهن. اسان انهن سڀني جي تعليم کي مڃون ٿا ۽ رسولن ۾ ڪنهن بہ قسم جو فرق نٿا ڪريون (لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِه) يعني سچائي عالمگير آهي ۽ حق وارو دين هر جاءِ تي هڪڙو ئي آهي. الله تعاليٰ جي ٻانهپ ڪريو ۽ شيطان کان نفرت ڪريو.
3. گروهہ بندي ۽ ويڙهہ جهيڙي جو بنياد پروهت (مذهبي پيشوا) آهن. اهي شيطاني ڪارندا آهن ۽ ظلم ۽ سرڪشي کي پکيڙين ٿا. اهي چوندا آهن تہ يهودي ٿيڻو وجو تہ هدايت وارا ٿيندؤ يا عيسائي ٿيڻو تہ هدايت ملندوَ. "كُوْنُوْا هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى تَهْتَدُوْا" پر قرآن چوي ٿو تہ الله تعاليٰ جي ٻانهپ اختيار ڪريو تہ هدايت وارا ٿيندؤ "قُلْ بَلْ مِلَّةَ اِبْرٰهٖمَ حَنِيْفًا".
4. پروهتن (مذهبي پيشوائن) شفاعت جو ڍونگ رچائي رکيو آهي ۽ چون ٿا تہ الله تعاليٰ سان اسان سفارش ڪري سگهون ٿا. انهيءَ ڪري انهن آخرت کي دنيا کان جدا ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن تہ دنياوي عملن تي ئي آخرت جو دارومدار آهي. اسلام دين ۽ دنيا جي تسلسل کي قائم رکي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ محبت ۽ رحمت ئي دنيا ۽ آخرت جو قانون حيات آهي.
5. پروهتي (مذهبي پيشوائيت جي اداري) کي ختم ڪيو وڃي ٿو ۽ علم ۽ عقل کي آزاد ڪيو وڃي ٿو. ان سان گڏوگڏ بيت المال قائم ڪري دولت ۾ هر انسان جو حق قائم ڪيو وڃي ٿو تہ جيئن رڳو دولتمندن ۾ ئي دولت گردش نہ ڪندي رهي.

انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ پيداواري ذريعن تي عوام جي ملڪيت قائم ڪرڻ ضروري آهي. ٻي صورت ۾ دولت مزدوري يا خيرات جي شڪل ۾ ئي هيٺين طبقن تائين پهچندي آهي. ان ڪانسواءِ ٽين ڪابہ شڪل نہ آهي جنهن ۾ محنت جو استحصال نہ هجي. جيڪڏهن لميٽڊ ڪمپنيون قائم ڪيون وڃن تڏهن بہ محنت جي استحصال جو خاتمو نٿو ٿئي. انهيءَ جي خاتمي جي رڳو هڪڙي ئي



Sindhica Academy, Karachi

شڪل آهي ۽ اُها اِها تہ پيداواري وسيلن کي مزدورن جي هڪٻئي سان مدد واري بنيادن تي جوڙيل جماعتن جي حوالي ڪيو وڃي ۽ انهن جماعتن ۾ دانشور بہ شامل هجن.

6. **جهاد جو مقصد:** اهو آهي تہ ڪافرن جو نہ، پر ڪفر جي اونداهيءَ جو خاتمو ڪري ڇڏيو ۽ علم ۽ دولت جي دروازي کي هر ماڻهوءَ تي کولي ڇڏيو. (يعني پيداواري وسيلن کي ٿورڙن ماڻهن جي قبضي مان ڪڍي مزدور عوام جي ملڪيت ۾ ڏنو وڃي تہ جيئن هر ماڻهو پنهنجي محنت مان حاصل ٿيل موڙيءَ جو پاڻ ئي مالڪ هجي)

تنهن ڪري حق جي ڪلمي کي مٿانهون رکڻ لاءِ جهاد ڪرڻ ۽ ڪافرن (غير مسلمانن) جي ڀلائيءَ جي لاءِ انهن کي اونداهيءَ مان ڪڍڻ ئي مسلمانن جو فرض آهي.

## مديني ۾ قائم ٿيندڙ معاشري ۽ رياست جو نقشو

هن ڪتابي دنيا (توحيدي معاشري) ۾ نہ چوري هئي ۽ نہ ڌاڙيل هئا. ڇو جو ڪوبہ ماڻهو هن رياست ۾ مسڪين رهي ئي نہ پيو سگهي ۽ نہ ئي وري شاهوڪارن کي دولت گڏ ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو هو. (كَيْ لَا يَكُوْنَ دُوْلَةً بَيْنَ الْاَغْنِيَآءِ مِنْكُمْ) هاڻي تہ زنا بہ ختم ٿي وئي هئي جو نڪاح جو نوڙ دائمي بہ نہ هو. عورت کي خلع ۽ مرد کي طلاق ڏيڻ جو حق مليل هو. هن معاشري ۾ اها بدترين بزدلي سمجهي وڃڻ لڳي تہ ٻار جي سار سنڀال ۽ خرچ پکي جي ذميداريءَ کان پيءُ لڪي وڃي ۽ ٻار کي پنهنجي ٻڻ ٻٽياد کان محروم ڪري هڪ سادي سودي عورت جي مٿان ظلم ڪري. تنهن ڪري جيترن بہ ڏوهن کي مذهبي پيشوائيت ۽ غير عادلاڻي نظام ۽ شاهوڪارن کي هٿي ڏني هئي، تن سڀني جو خاتمو ڪري ڇڏيو ويو. اجا بہ اهو نظام ئي ختم ڪيو ويو جنهن جي ڪري دنيا ۾ بي ايماني هئي. دنيا امن ۽ ترقي جي رستي تي هلي ان کي ٻيهر بهشت ٻڻائڻ لڳي هئي. نسل، رنگ، جادو ۽ بادشاهي ظلمت جون اونداهيون پيار ۽ محبت جي روشنيءَ جو تاءُ نہ سگهي سگهيون ۽ سڀني عبدالرحمان جاميءَ جي چواڻي ڇڻ تہ هڪ آواز ٿي چوڻ شروع ڪري ڇڏيو:



www.sindhsalamat.com

بنده عشق شدی ترک نسب کن جامی
کاندریں راه فلاں ابن فلاں چیزے نیست

اَلَآ اِنَّ اَوۡلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ
”الله سان محبت ڪرڻ وارن کان خوف ۽ ڳڻتي پري ڀڄندا آهن.“

هاڻي علم مذهبي ٺيڪيدارن جي غلاميءَ مان نڪري عام ٿي پيو هو. هاڻي ڪتابي شورائيت واري حڪومت ڪمزورن کي سگهارو بڻائي ڇڏيو هو ۽ قياس (استخراجي منطق)، استقراء (سائنسي طريقي) جي روشنيءَ سان دنيا کي دين بڻائي ڇڏيو. غلامن جي ڏيتي ليتيءَ جون بازارون بند ٿي ويون. عورتن کي به انساني آزادي ملي وئي. اعلان ڪيو ويو ته ڪابه ٻانهي ڪنهن به ٻار کي غلام نٿي پيدا ڪري سگهي. اهڙيءَ طرح انسان کي غلام بڻائڻ منع ٿي ويو ۽ مرد کي مجٽو پيو ته عورت جي خدمت ڪرڻ ان جو فرض آهي جو هوءَ هڪ ماءُ آهي. انسان جو غلام بڻائڻ انهيءَ ڪري منع ڪيو ويو جو هو ان جو ٻاءُ آهي. علم ڪنهن کان به لڪائڻ ڪنجوسي آهي، خود غرضي آهي، گهٽياپڻو آهي، ڇو جو اهو عمل انساني شرف ۽ عزت جي خلاف آهي ۽ انسان کي غير الله جي دروازي تي جهڪائي ٿو. هاڻي علم ۽ عقل، برابري ۽ محبت، امن ۽ ترقي جي دروازن تي طاغوت جي شڪل ۾ ڪو به دربان ۽ پوپي جي شڪل ۾ ڪوبه شفاعت ڪندڙ باقي نه رهيو ۽ دنيا آخرت جي پوک بڻجي وئي. هاڻي هڪ انسان ٻئي انسان کي چئي سگهيو ته:

اے آنکہ توئی خلاصۂ کونِ و مکان — بگزار دمے و سوسۂ سود و زیاں
یک جامِ مے از ساقی باقی بستان — تاباز رہی تواز غمِ ہر دو جہاں


www.sindhsalamat.com

Sindhica Academy, Karachi



# ڀاڱو ٽيون

# نزولي ترتيب جي تحقيق جي تاريخ


Sindhica Academy, Karachi


www.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# مصنف طرفان پيش لفظ

قومون ۽ امتون تاريخ جوڙينديون آهن ۽ پنهنجا نشان تاريخدانن جي لاءِ ڇڏي وينديون آهن. پر تاريخدان ايتري تي بس نه ڪندا آهن ته تصوير جي رڳو هڪڙي ئي پاسي تي روشني وجهن. چو ته انهن جو اهو فعل ايندڙ نسلن جي لاءِ ”حجاب اڪبر“ بڻجي ويندو آهي. انهيءَ ڪري ئي تاريخ جو فلسفو تاريخ ڪان مٿانهون درجو رکي ٿو. اهو نه رڳو قومن ۽ امتن جي سياسي جماعتي ۽ اخلاقي پاسن جي چٽائي ڪندو آهي، پر ان جي حقيقي روح جي واڌويجهه جي اهڙي ته مڪمل تصوير گهڙيندو آهي جو پس منظر جي موجودگيءَ جي ڪري اهو فنڪاريءَ جو هڪ تمام ئي عمدو نمونو بڻجي ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو جماليات جا ماهر پسمنظر کي تصوير جو هڪ اٽٽر جزو سمجهندا آهن.

اسلام کي سمجهڻ لاءِ سڀ ڪان پهريان ۽ ضروري شيءِ اهو پسمنظر آهي، جنهن هڪ خاص زماني ۾ اسلام کي چٽو ڪيو. حقيقت تائين پهچڻ جي لاءِ اهو ئي ڪافي نه آهي ته اسان ڪنهن مذهب جي عقيدن تي تحقيق ڪريون. پر اهو به ضروري آهي ته اسان اهو ڄاڻون ته انهيءَ جا عقيدا ۽ عمل ڪهڙي طرح ۽ ڪيئن وجود ۾ آيا. انهن پوءِ ترقي ڪئي يا عمل نه ڪرڻ ڄهڙا ڪم سڏيا ويا؟ مطلب ته انهيءَ تدريجي طريقي سان تاريخ جي فلسفي کي مڪمل طرح سان، ان جي بنيادي پسمنظر سان ظاهر ڪرڻ هڪ انساني خدمت آهي. محقق جي لاءِ اهو به ضروري آهي ته هو پنهنجي ذاتي عقيدن ۽ عوام جي رجحانن ڪان پاسيرو ٿي ڪم ڪري. ان جو اهو مقصد نه هئڻ گهرجي ته پنهنجي ذاتي خيالن ۽ احساسن کي ماڻهن تي ظاهر ڪرڻ کي تحقيق سمجهي، يا عوام جي رجحانن ڪان متاثر ٿي درباري شاعر بڻجي وڃي، پر حقيقتن تائين پهچڻ لاءِ هر قسم جي تعصب ڪان پاسو ڪرڻ پهريون شرط آهي.



Sindhica Academy, Karachi

اسلام جي پسمنظر کي موجوده مقالي ۾ پهريان بيان ڪيو ويو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ نه رڳو جاهليت واري عرب جي معاشرت ۽ تهذيب تي روشني وڌي وئي آهي، پر عرب ۽ عرب ڪان ٻاهر سمورن مذهبن جو اهو نقطو نظر پيش ڪيو ويو آهي، جنهن مان اسلام ڪان اڳ عرب متاثر ٿيو ۽ جنهن اسلام کي چٽو ٿيڻ لاءِ زمين هموار ڪئي.

پس منظر جي مطالعي ڪان پوءِ سڀ ڪان ضروري ۽ بنيادي شيءِ اسلام جي تاريخ آهي، جيڪا قرآن ڪريم جي تاريخي مطالعي سان ڄاڻي سگهجي ٿي. انهيءَ مطالعي ۾ نه رڳو اسلامي لٽريچر ڪان مدد ملي سگهي آهي، پر جاهليت واري زماني جو جيڪو به علمي ذخيرو آهي، سو اسان جي رهنمائي ڪري سگهي ٿو. جيتوڻيڪ اسان جي لاءِ قرآن پاڪ جي اندر موجود شهادت ڪافي آهي ته اهو اسان کي سڌي واٽ (صراط مستقيم) ڏانهن وٺي ويندو ۽ ان جي تاريخي روشنيءَ ۾ اسان اسلام ۽ اسلامي تعليم جو سچو ۽ حقيقي نقشو ذهن تي آڻي سگهون.

انهيءَ مقصد جي لاءِ اسان کي سڀ ڪان پهريان قرآن مجيد کي ان جي نزولي ترتيب موجب ترتيب ڏيڻو پوندو. ڇڻ ته قديم زماني جي مقابلي ۾ اڄ ڪلهه اسلام ۽ ٻين مذهبن جا ڪتاب آسانيءَ سان ملي سگهن ٿا. ان ڪانسواءِ ڇاپن جي گهٽائيءَ جي ڪري انهن جو قيمتون به عام ماڻهو جي پهچ ۾ آهن. پر اهڙي قسم جي علمي مشغولين جي لاءِ جيستائين خدائي توفيق شامل نه هجي، ته رڳو ڪتب خانن مان ڪم نه هلي سگهندو. الله جو شڪر آهي ۽ مون کي انهيءَ ڳالهه تي فخر آهي ته اسلامي تاريخ جي تيرنهن صدين جي گذرڻ ڪان پوءِ مڪي پاڪ ۾ الله تعالىٰ جي هڪڙي ٻانهي جي ڪيميائي اثر رڪندڙ اک، منهنجي دلي ارادن ۾ پختگي پيدا ڪئي ۽ مان اهو ڪم ڪري سگهيو آهيان جنهن جي دنيا کي سخت ضرورت هئي. نه رڳو ايترو، پر اتي ڪم ختم ڪرڻ ڪان پوءِ به الله تعالىٰ اهڙي علمي صحبت جو سامان ڏئي ڇڏيو جو ان ڪان وڌيڪ شايد ئي دنيا ۾ ڪا شيءِ هجي.

جنهن زماني ۾ هيءُ اخباري ترجمو مديني ڏانهن موڪليو پئي ويو، انهيءَ زماني ۾ پنجاب ۾، جيڪو هندستان جو هڪ اسلامي علائقو چئي سگهجي ٿو، قرآن پاڪ جي باري ۾ اتان جي قانون ساز مجلس ۾ هڪ دل ٽوڙيندڙ بحث ڇڙي پيو هو. ان ۾ جن ماڻهن حصوورتو سي تعليم يافته ماڻهو آهن. اسلام ۽ قرآن جي باري ۾ جيڪي ڳالهيون ٿيون، سي هڪ اخبار جي تت (خلاصي) مان هتي پيش ڪيون وڃن ٿيون ته جيئن توهان اندازو ڪري سگهو ته



www.sindhsalamat.com

مسلمان ۽ ان جا هم وطن هندو ڪهڙي طرح تفسير بالراءِ ڪرڻ وارن جي خيالن جي اثر ۾ اچي ويا آهن. هيٺ لکيل جملن تي غور ڪريو ۽ هندستان جي مسلمانن جي عام ذهنيت جو اندازو لڳايو:

”قرآن پاڪ جي ترجمي تي ڪن ٻه ٻن مسلمانن جو اتفاق نہ آهي.“

(سر شهاب الدين)

”انهن مولوين گهٽن ئي ماڻهن کي تعليم جي روشنيءَ کان محروم رکيو آهي.“ (ميان عبدالحق)

ان کان پوءِ اهو ڏسو تہ جنهن مذهب جي شروعات اقراء بسم ربک سان ٿي آهي، ان جي فردن جو تعليم جي باري ۾ ڪهڙو طرز عمل آهي:

لاهور 8 جنوري سنہ 1940ع ، اڄ پنجاب اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ عزت ماب جناب ميان عبدالحي، وزير تعليم پنجاب تحريڪ پيش ڪئي تہ پرائمري ايجوڪيشنل بل تي غور ڪيو وڃي. انهيءَ تي خواجہ غلام محمد صاحب (يونينسٽ) مخالفت ڪندي تحريڪ پيش ڪئي تہ انهيءَ کي پهرين فيبروري 40ع تي عوام کان راءِ وٺڻ لاءِ شايع ڪيو وڃي، ڇو جو انهيءَ ۾ پردي جو بندوبست نہ ڪيو ويو آهي جيڪو مسلمانن جي لاءِ مذهبي طور لازمي آهي.

**وزير تعليم:** مدرسن ۾ ڇهن کان يارنهن سالن تائين جي عمر جون ڇوڪريون ۽ ڇهہ کان ڇوڏهن سالن تائين عمر وارا ٻار پڙهي سگهن ٿا. ايتري ننڍڙي عمر جي ٻارن ۾ بد اخلاقيءَ جو ڪوبہ انديشو نٿو ٿي سگهي.

خواجہ عبدالصمد پردي جي باري ۾ هڪ آيت تلاوت ڪئي ۽ ٻڌايو تہ پردي جي پابندي مسلمانن جي لاءِ ضروري آهي.

بيگم شاهنواز چيو تہ خواجہ صاحب غلط پيو چوي. اسلام ۾ پردي جي پابندي لازم نہ آهي ۽ چيو تہ خواجہ صاحب اسلام کي سمجهيو ئي نہ آهي.

**صدر اسيمبلي:** (سر شهاب الدين) خواجہ صاحب کي قرآن مجيد جو ترجمو ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ چيو تہ قرآن مجيد کي بحث ۾ نہ آندو وڃي، ڇو جو ٻہ مسلمان ڪنهن هڪ ترجمي تي متفق نہ آهن.

پيڙ رشيده لطيف چيو تہ خواجہ صاحب کي قرآن مجيد ترجمو ڪرڻ جو پورو پورو حق حاصل آهي.

**بيگم شاهہ نواز:** خواجہ صاحب قرآن مجيد جو غلط ترجمو ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪين قرآن ترجمو ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي ٿو تہ پوءِ اسان کي بہ صحيح ترجمو ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.



Sindhica Academy, Karachi

(آواز) قرآن ئي اسان جي صحيح رهنمائي ڪري سگهي ٿو).

صدر صاحب چيو تہ قرآن پاڪ جي آيت تي بحث نہ ڪيو وڃي.

وزير تعليم چيو تہ توهان ”مولوي صاحب“ کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏيو. مان ڪين سيني ڳالهين جو جواب ڏئي سگهان ٿو.

بيگم شاهنواز ٻيهر چيو تہ اسلام ۾ پردي جي پابندي لازم نہ آهي.

ان کان پوءِ صدر صاحب قرآن پاڪ جي باري ۾ ڪابہ ڳالهہ ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ چيو تہ جيڪڏهن هڪ ميمبر کي ڪنهن آيت جو ترجمو ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي تہ ٻئي ميمبر جو بہ اهو حق ٻڻجي وڃي ٿو تہ هو انهيءَ آيت جو ترجمو پنهنجي خيالن موجب ڪري.

خواجہ عبدالصمد چيو تہ مان پنهنجي دليلن جي پٺڀرائيءَ ۾ قرآن پيش ڪرڻ جو حق رکان ٿو. اهو ايجوڪيشنل بل اسان جي تهذيب ۽ تمدن تي حملو ڪري رهيو آهي. اسلام گڏيل تعليم جي سخت مخالفت ڪئي آهي. اسان موجوده حڪومت کي انهيءَ ڳالهہ جي اجازت نٿا ڏئي سگهون تہ اها اسان جي مذهب تي حملو ڪري.

سر سڪندر، وزيراعظم چيو تہ اسان جي ملڪ ۾ مسجدن ۽ مدرسن اندر ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا گڏ پڙهندا رهيا آهن. پردو ڪرڻ يا نہ ڪرڻ واري سوال ۾ توهان چيو آهي تہ هن صوبي جي 98 سيڪڙو عورتون پردو نٿون ڪن. اسلام جي تاريخ ۾ هڪ دفعو بہ ائين نہ ٿيو آهي جو عورتن کي اهڙو سخت قسم جي پردي جو حڪم ڏنو ويو هجي جيترو اڄ اسان جي مولوي صاحبن جي ذهن ۾ آهي.

چوڌري ڪرشن گوپال دت (مخالف پارٽي) چيو تہ مان مذهب کي موجوده شڪل ۾ هندستان جي لاءِ لعنت سمجهان ٿو. ان قسم جون بيهودهہ ڳالهيون جنهن مذهب جي نالي تي ڪيون وڃن پيون، مون کي ان جي حالت تي رحم اچي ٿو.

**نواب مظفر خان:** صدر صاحب! عزت ماب ميمبر اسلام تي حملو ڪري رهيو آهي.

**چوڌري ڪرشن گوپال دت:** معاف ڪجو، مون اسلام تي ڪوبہ حملو نہ ڪيو آهي. رڳو ايترو چيو آهي تہ جيڪڏهن اهو ئي آهي جنهن جي پردي ۾ اڄ مولوي عبدالصمد ٽپا ڏئي رهيو آهي تہ مون کي ان تي ضرور رحم ايندو. اسلام کي وچ ۾ نہ آڻيو ۽ عوام کي علم جي روشني حاصل ڪرڻ ڏيو.



www.sindhsalamat.com

**باجي رشيده:** (پرجوش لهجي ۾) اسلام اسان جو بنياد آهي. اسلام سياست کان جدا نہ آهي. اسان جي اٿڻي ويهڻي مڪمل طرح سان اسلام موجب هئڻ گهرجي.

ميجر فرمان علي چيو تہ عورتن کي پڙهائڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. اهي گهوڙيون آهن، جيڪڏهن پڙهڻ لکڻ سکي ويون تہ بي لغام ٿي وينديون. انهن جي وات تي هر وقت لغام هئڻ گهرجي. پڙهڻ واري ڇوڪري يا عورت جو اخلاق صحيح نٿو رهي سگهي. پردي کانسواءِ ڇوڪريون جڏهن ٻاهر وڃن ٿيون تہ ڇوڪرن کي خراب ڪن ٿيون.

وزير تعليم (ميان عبدالحق) جناب هيءُ قانون تہ ڏهن ڏهن ۽ ٻارنهن ٻارنهن سالن وارين نينگرين جي لاءِ آهي.

**پيٽ رشيده:** اهو قانون پاس ٿي ويو تہ ڪيترا ئي هير رانجها ۽ سسئي پنهون ٻڌجي ويندا.

**وزير اعظم:** پردي ۾ رهندي تہ اجا بہ وڌيڪ پيدا ٿيندا.

وزير تعليم چيو تہ مان پڪو مسلمان آهيان. مان پنهنجي اسلام کي ۽ پنهنجي شريعت کي چڱيءَ طرح سمجهان ٿو. مان خواجہ عبدالصمد جي اسلام کي نٿو سمجهان. هندستان جي آبادي جو هڪ حصو انهن مولوين جي مهربانيءَ جي ڪري تعليم جي روشنيءَ کان محروم رهجي ويو.

(زمزم لاهور)

## ڏکيائيون:

مسلمانن کي جيڪي ڏکيائيون قرآن کي سمجهڻ ۽ اسلام جي حقيقتن تائين پهچ حاصل ڪرڻ ۾ پيدا ٿي رهيون آهن، تنهن جو هڪڙو ئي حل آهي: يعني قرآن کي انهيءَ ترتيب سان سمجهيو وڃي جنهن ترتيب سان الله تعاليٰ پاڻ ان کي نازل فرمايو آهي. پنجاب اسيمبليءَ جا فاضل قانونساز شايد اهو ڄاڻندا هوندا تہ هر دؤر جي سون نہ پر هزارن علم وارن قرآن ڪريم ۽ اسلام کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن پوري ديانتداريءَ سان اها ڪوشش بہ ڪئي آهي تہ پنهنجي سموري ڄمار کپائڻ کان پوءِ جيڪو ڪجهہ انهن سمجهيو آهي، سو ٻين کي بہ سمجهائن. ان سان گڏوگڏ هر زماني ۾ اهڙا بزرگ بہ ٿي گذريا آهن جن پنهنجي زماني جي علمي ترقي سان گڏوگڏ قرآن جي ڪائنات ۽ اخلاق واري نظريي ۾ هڪجهڙائي پيدا ڪرڻ گهريو آهي. جڻ تہ


Sindhica Academy, Karachi

قرآني حقيقتن جي ڪسوٽي سائنس ۽ مادي علم ٿي آهن. مثال جي طور تي اسان هيٺ اهو تبصرو لکون ٿا جيڪو جديد قرآني ادب جي سلسلي ۾ 13 جون 1940ع جي اخبار "مدينہ" ۾ ڇاپيو ويو هو. انهيءَ مان اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ قديم طريقن تي حقيقتون ۽ سمجهاڻيون قرآن تائين پهچڻ جي سلسلي ۾ اهم حيثيت رکن ٿيون.

"اهو ڪتابي سائيز جي 47 صفحن تي ٻڌل هڪ رسالو آهي جيڪو مولانا فراهي جي انهن ٽن اهم رسالن مان هڪ آهي، جيڪي هن قرآني مشڪلن کي حل ڪرڻ جي لاءِ لکيا هئا ۽ جن کي صحيح معنيٰ ۾ قرآن جون ڪنجيون چئي سگهجي ٿو. قرآن پاڪ جو تحقيقي مطالعو ڪرڻ وارن کي جن شروعاتي ڏکيائين سان منهن ڏيڻو پوي ٿو، سي گهڻو ڪري لفظن، اسلوبن ۽ تاويلن سان واسطو رکن ٿيون. جيستائين لفظن جون معنائون اهڙي طرح معلوم نہ ٿين جو انهن جي حدن، لازمي ڳالهين، ضدن، ۽ متشابهن وغيره جي فرق ۾ ڪابہ ڏکيائي نہ ٿي سگهي، قرآني اسلوبن سان ايتري گهري واقفيت نہ هجي جو انهن جي ننڍڙن فرقن ۾ چڱيءَ طرح سان سڃاڻ ڪري سگهجي، ۽ سڀ کان آخر ۾ جيستائين تاويل ۽ تفسير جي اونهائين ۽ ان جي انهن اصولن ۽ طريقن تي مبصراڻي نظر نہ هجي، ان وقت تائين اها ڳالهہ ناممڪن آهي تہ قرآن جو ڪوبہ مطالعو ڪرڻ وارو ان جي ڪنهن هڪ آيت جو صحيح مفهوم مقرر ڪري سگهي. انهيءَ ئي ڳالهہ کي سامهون رکندي مولانا فراهي "مفردات القرآن"، "اساليب القرآن" ۽ "اصول التاويل" جي نالي سان ٽي رسالا لکيا هئا.

مطلب اهو تہ هڪ پاسي تہ اها حالت آهي تہ اسان جي يونيورسٽين مان فارغ التحصيل اسلام جي بنيادي ڪتاب جي تاريخي ارتقا کان اڻ واقف آهن. ٻئي پاسي عالم سگهورا بہ جيڪي ڪوششون ڪري رهيا آهن، اهي نہ رڳو ايتري تائين آهن جو اردو ٻوليءَ ۾ آڳاٽن مفسرن جي خيالن کي صحيح طرح سان پيش ڪري سگهن ۽ نہ ئي انهن واٽن جي پيروي ڪن جيڪي اڄڪلهہ جي اقتصادي ۽ تاريخي نظرين سان ڪنهن حد تائين هڪجهڙائي نٿا رکن.

ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ هندستان ۾ سٽلن کي جاڳائڻ جي لاءِ هڪ نئون آواز اڀريو آهي ۽ انهن ورقن جي پريس ۾ وڃڻ کان اڳ ئي هڪ


www.sindhsalamat.com

پروگرام بہ عوام جي سامهون اچي ويو آهي. مون کي پڪ آهي تہ حضرت مولانا عبيدالله سنڌي صاحب شاهہ ولي الله محدث دهلويؒ جي فلسفي ۾ گهٽي شاهدي انهيءَ ڳالھ جي لڏي هوندي تہ نزولي ترتيب کي سمجهڻ کانسواءِ قرآن کي سمجهڻ ناممڪن آهي. ڇو جو تاريخ جو صحيح مطالعو ترتيب سان ئي ٿي سگهي ٿو. انقلاب جي ڪيفيتن کي سمجهڻ جي لاءِ انهن جو احوال ذهنن ۾ تاريخي ترتيب سان گڏ ٿيل هجڻ ضروري آهي جيڪو انقلاب اچڻ کان اڳ ڪنهن قوم ۾ موجود هوندو آهي. حضرت مولانا جي پرگرام مان ئي خبر پوي ٿي تہ اهي شيون قرآن جي تاريخي مطالعي جو نتيجو آهن. مان انهيءَ جو نقل هتي انهيءَ لاءِ ڏئي رهيو آهيان تہ دنيا جو هڪ عظيم الشان عالم ۽ اسلامي حڪمت جو ماهر قرآن پاڪ کي صحيح طرح سان سمجهڻ جو جيڪو طريقو تجويز ڪري ٿو، تنهن کان توهان محروم نہ رهو.


Sindhica Academy, Karachi

# اسلامي عالمگير انقلاب جي تاريخ ۽ حضرت شاهہ ولي اللهؒ دهلوي بطور امام انقلاب

## قرآني انقلاب جون پهريون مرڪز:

فاران تي رحمت جو ڪڪر وسيو، جنهن انسانيت کي ظلم ۽ جهالت کان بچائڻ جي لاءِ بين الاقوامي انقلاب جو مستقل پروگرام قرآن عظيم جهڙي ڪتاب الله ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو: جنهن انهيءَ رڻ پٽ ۾ هڪ پراڻي بيت الله کي اجتماعي تنظيم جو هڪ اهڙو مرڪز بڻائي ڇڏيو، جتان دنيا ۾ انقلاب جو ٻوڏون لڳاتار ايندڙيون رهنديون.

سڀ کان پهرين ٻوڏ ۾ اوير جي وڏي بادشاهہ خسرو ۽ اولھ جي وڏي امير قيصر جي سرمائيداري ۽ بادشاهي ڪکن ڪانن وانگر لڙهي وئي ۽ انهن فرعون جهڙن بادشاهن جي ظلمن ۽ سرڪشي کان تنگ ٿيل انسانن سک جو ساهہ کنيو.

تاريخ انهيءَ واقعي کي نٿي وساري سگهي تہ هن عظيم انقلاب جي پهرين تعميري پروگرام سان دنيا لڳ ڀڳ پنج سئو سالن تائين فائدو حاصل ڪندي رهي. قريش جي پيشوائن کي الله تعاليٰ شام ۽ عراف جي نئين دنيا جي تعمير ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو. انهيءَ ڳالھ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ انهيءَ سلسلي ۾ ڪي ماڻهو پنهنجي حيواني گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ حد کان لنگهي ويا ۽ انهن جي زماني ۾ ظلم چوٽ چڙهي ويو. پر اڳوڻن ۽ وچولن وڻان ٿيندڙ لاپ انهن ظالمن جي ظلم تي غالب رهيو.


www.sindhsalamat.com

## هن انقلاب جو ٻيو مرڪز:

هن پهرين عربي دؤر کا دنيا کي اهو عظيم فائدو پڻ مليو ته ان ۾ پنهنجو مرڪز جوڙي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿي پئي. خسرو جي بادشاهت ۾ رهندڙ عجمي قومن، هن عالمگير برادريءَ ۾ شامل ٿي پنهنجي اندر ترقيءَ جي نئين تڙپ پيدا ڪري ورتي. انهن جي فارسي ٻوليءَ بغداد ۾ عربي کان بين الاقوامي دعوت جو سبق سکي، بخارا جي رستي کان ٿيندي غزني کي پنهنجو ٽڪاڻو بڻايو.

اسان جو خيال آهي ته قرآن ڪريم جي هن آيت "وَّاٰخَرِيْنَ مِنْهُمْ لَمَّا يَلْحَقُوْا بِهِمْ" ۾ جنهن قوم ڏانهن اشارو آهي، ان جو مصداق انهيءَ غزني جي فارسي مرڪز کي سڏڻ گهرجي.

غزني ايران ۽ هندستان جي هڪ قدرتي حدبندي تي آهي. انهيءَ ڪري اوپر جو اهو مرڪز، اسان جي ملڪ ۾ هڪ معجزي وارو ڪم ڪري ويو. ويدانت فلاسافيءَ جي غلط تفسيرن جي ڪري جيتري ڪمزوري هندستاني ذهنيت ۾ پيدا ٿي هئي، غزني جي تجديد انهيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو هو. فردوسيءَ شاهنامو لکيو جنهن ۾ ذوالقرنين جهڙي اولوالعزم بادشاهه پيدا ڪرڻ واري آريائي معاشري جي تاريخ کي هندو فلاسافي جي عقليت سان واڳي ڇڏيو.

حڪيم سنائي "حديقه"۾ ۽ مخدوم علي هجويري "ڪشف المحجوب"۾ انهيءَ فلاسافيءَ جي اصلاح ۽ تڪميل کي پنهنجو مقصد ٺاهي ڇڏيو. اسان جي ملڪ جي طبيعي سگهه انهيءَ علم ۽ حڪمت جي تڙپ ۾ لڪيل هئي. انهيءَ اڳتي هلي عربي گاڏڙ فارسي کي هن وڏي کنڊ جي سياسي ۽ علمي ٻولي بڻائي ڇڏيو.

غزني جي مرڪزيت جو اثر هو جو "شاهنامي" سان گڏ شيخ سعدي جو "گلستان و بوستان" بنيادي اصولن طور رائج ٿيا. مخدوم علي الهجويري جي نائبي، امام معين الدين اجميري ۽ انهن جي خليفن جي حصي ۾ آئي. "حديقه" ۾ جنهن علمي ارتقا کي شروع ڪيو ويو هو، "مثنوي معنوي" ان جي آخري منزل سڏي وئي.

غزني جي مرڪز کي عيسائي جنتري جي ٻئي هزار جي شروعات کان خاص لاڳاپو آهي. جڏهن ته انهيءَ جنتريءَ مان پهريون هڪ هزار سال ڪڍيو وڃي ته انهيءَ انقلاب جي جنتري بڻجي ويندي. اسان انهيءَ کي هندي جنتري چوندا آهيون.


Sindhica Academy, Karachi

## هن انقلاب جو ٽيون مرڪز:

غزني کي هلي ٻن سؤ سالن ۾ اها تحريڪ لاهور کان ٿيندي دهلي پهتي. دهلي "جواندر پرست" جو ٻيو نالو آهي، انساني تاريخ ۾ ايٿنز، روما ۽ بابل جهڙن پهرين درجي جي مرڪزن ۾ شامل ٿئي ٿي. هتي پهچي تحريڪ پنهنجي ڪاميابيءَ جي چوٽين کي ڇهي ٿي.

قطب الدين ايبڪ ۽ قطب الدين بختيار ڪاڪي کان محي الدين عالمگير ۽ قطب الدين ولي الله تائين پنج سؤ سالن ۾ دنيا انهيءَ تحريڪ مان ڪهڙو فائدو ماڻيو؟ افسوس آهي جو انهيءَ تي پوري روشني وجهڻ جو سامان هندستان جي پراڻي تاريخ وانگر اسان کي سئولائيءَ سان نٿو ملي. باقي نه ته حضرت محمد باقي بالله ۽ جلال الدين اڪبر جي جانشينن جي تسلسل سان انساني ٻڌي جا ڪيترا گهاوَ دهليءَ ڇتايا ۽ دنيا جي اڄ جي ترقي تي انهيءَ جو ڪيترو احسان آهي، تنهن کي ايترو جلدي وساري نٿو سگهجي. استاد ذڪاء الله دهلوي جي تاريخ هند ۾ اڪبري "تقنن" تي ٻه صفحا پڙهڻ کان پوءِ اکيون کلي وڃن ٿيون.

## دهلي بطور انقلابي مرڪز:

هتي کي ٿورڙا جملا دهلي جي مرڪز تي لکڻ کان منهنجو قلم نٿو رهي. بغداد ۾ عربي ۽ فارسي ٻئي ٻوليون ڳالهايون وينديون هيون. بغداد جي زوال تي عربي قومون قاهره ۾ گڏ ٿي ويون ۽ فارسي ڳالهائڻ وارين قومن جو مرڪز دهلي بڻجي ويو. هڪ اهڙو وقت به اچي چڪو آهي جڏهن پنجاهه جي لڳ ڀڳ پرديسي شهزادا دهلي جا مهمان رهي چڪا.

غزني جي عربي گاڏڙ فارسي ۽ هندستان جي هندي جي ميلاپ سان دهلي جي اردوءِ معليٰ پيدا ٿي جنهن ۾ بين الاقوامي ٻولي بڻجڻ جي صلاحيت اعليٰ درجي ۾ موجود آهي. اها ئي ٻولي اسان جي تاريخي بين الاقواميت جي يادگار آهي. دهلي جي حڪمت ۽ دهليءَ جي ٻولي اسان جو قومي نشان آهي.

مرا نام و نشاں، نام و نشان دہلی

## امام ولي الله دهلويؒ:

اڄ اسان شاهجان جي تخت طائوس ۽ "فتاويٰ عالمگير" ڏانهن ڌيان ڏيارڻ نٿا گهرون. اسان کي رڳو انهيءَ حڪيم جي واقفيت ڪرائڻي آهي


www.sindhsalamat.com

جيڪو افلاطون يا ان کان به مٿانهون درجو رکندڙ هو. هو چوي ٿو:

علي! من مي شناسم اين گهر وزدان حکمت را
فلاطون آه گرمي ديد يونانے که من دارم
(التفهيمات)

امام عبدالعزيز دهلوي کان نقل ٿيل آهي ته ارسطو افلاطون جي سڃاڻ هنن لفظن ۾ بيان ڪئي آهي: الدتانس اص انسان تالد. اسان جي خيال ۾ اها سڃاڻ امام ولي الله دهلوي جي اعليٰ شان ڏانهن اشارو آهي.

شاه عبدالعزيز کي پنهنجي پيءُ سان اها ئي نسبت هئي، جيڪا ارسطو کي افلاطون سان يا امام ابو يوسف کي امام ابو حنيفه سان مڃي ويندي آهي.

اسان اڄ دهلي جي انهيءَ حڪيم جي واقفيت ڪرائي رهيا آهيون جنهن ”دهلي ۾“ خلافت راشده واري دؤر ۽ نبوي دؤر جي شريعت کي تدوين ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪري ورتي هئي. انهيءَ مٿانهين مرتبي تائين نه ته لاهور پهچي سگهيو، نه غزني. نه اتي بخارا جي پهچ ٿي سگهي ۽ نه ئي وري بغداد جي.

امام قطب الدين ولي الله احمد دهلوي جي زماني کان اسان جو وطن ايترن ته فتنن جي ور چڙهيل رهيو آهي جو خالص علمي مشغولين جي لاءِ اعليٰ درجي جي جماعتن جو پيدا ٿيڻ ناممڪن ٿي پيو. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن اعليٰ فردن جو تسلسل ئي قائم رهي سگهيو ته انهيءَ کي نعمت غير مترقبه سمجهڻ گهرجي.

## حضرت شيخ الهندؒ:

حضرت شيخ الهند مولانا محمود الحسن ديوبندي اسان کي انهن بزرگن کان واقف ڪرايو. پاڻ جميعت الاقوام جي سلسلي ۾ تڪميلي درجي جو افتتاح ڪيائون. اسان جي جماعت کي ”حجة الله البالغه“ جو درس ڏنائون. عثماني خلافت جي لڏي وڃڻ کان پوءِ اهو سلسلو اڳتي وڌڻ کان رڪجي ويو. انهيءَ انقلاب جي ٿڌو ٿي وڃڻ تي جيڪا نئين علمي تحريڪ دهلي ۾ پيدا ٿي، سا جامعه مليه آهي. اهو تقدير جو لکيو ئي سمجهڻ گهرجي جو جامعه مليه جي افتتاح جي لاءِ حضرت شيخ الهندؒ هندستان ۾ واپس پهچي ويا.

وڏي عرصي کان منهنجي اها خواهش رهي ته حضرت مولانا شيخ الهندؒ جي يادگار جامعه مليه دهلي ۾ قائم ٿيڻ گهرجي ۽ اها ”احياء حڪمت هنديه“ يا ”احياء حڪمت دهليه“ يا ”احياء حڪمت ولي اللهيه“ جي شڪل ۾ هجي.


Sindhica Academy, Karachi

**جامعه مليه:** الله تعاليٰ جو شڪر آهي جو جامعه مليه انهيءَ تجويز کي منظور ڪري ورتو آهي ۽ پوءِ ان کي ڇاپيو آهي. انهيءَ تجويز جو روح جيڪو اسان جي ذهن ۾ وينل آهي، تنهن کي اسان آسانيءَ سان پني جي ٽڪري تي نٿا لکي سگهون. باقي انهيءَ کي آهستي آهستي چٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهنداسين.

هن وقت ان جي هڪڙي پاسي کي سمجهڻ جي لاءِ انهيءَ کي ٽن مرحلن ۾ ورهائڻ گهرجي.

(1) **يورپ جي انقلاب ۽ ان جي حڪمت کي سمجهڻ:** يورپ گذريل ٻه سئو سالن ۾ فلسفي ۽ سائنس ۾ اهڙي ته ترقي ڪري ورتي آهي جنهن سان ڪنهن ملڪ يا وطن جو متاثر نه ٿيڻ اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. خاص طور تي اسان جو وطن جيڪو پهرين درجي ۾ يورپي بادشاهت جو فرمانبردار رهيو آهي، سو انهيءَ تحريڪ ۾ سڃاڻپ به حاصل ڪري چڪو آهي.

اسان جي ملڪ ۾ اها صلاحيت موجود آهي ته اهو ڪنهن هندستاني يونيورسٽيءَ جو گريجوئيٽ، جيڪو معاشيات جو مطالعو به ڪري چڪو هجي، هن انقلاب جي حقيقت کي سولائيءَ سان سمجهي سگهي. باقي ايترو سو ضرور آهي ته ان جي لاءِ انگريزي جو ڄاڻڻ ضروري آهي.

اسان ترقي يافته هندستاني يعني اردو کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ انهيءَ سان گڏ انگريزيءَ جو به ضميمو لڳائي ڇڏيو آهي. اسان انگريزيءَ جي ضرورت انهيءَ لاءِ محسوس ڪريون ٿا ته اها هڪ بين الاقوامي ٻولي آهي.

جيتري حد تائين اردو پنهنجي بين الاقوامي حيثيت مڃرائيندي ويندي، ايتري حد تائين انگريزيءَ کان بي نيازي ٿيندي ويندي.

انهيءَ موضوع تي اسان جو تفصيلي پروگرام ڪنهن ٻئي موقعي تي ٻڌندا.

(2) **قرآن ڪريم جيڪو بين الاقوامي انقلاب جو پروگرام جوڙيو آهي، تنهن کي شاه ولي اللهؒ جي فلسفي ۽ حڪمت جي روشنيءَ ۾ سمجهڻ:**

انهيءَ جي لاءِ حجة الله البالغه، ازالة الخفاء، البدور البازغه وغيره ڪتاب پڙهڻ ضروري آهن.

جيڪڏهن ديوبند جو فارغ التحصيل شاه ولي الله جي ڪتابن پڙهڻ لاءِ مستقل وقت خرچ ڪري ته تمام ئي ٿورڙي وقت ۾ انهيءَ مرحلي مان


www.sindhsalamat.com

آسانيءَ سان پار پئجي سگهي ٿو.

جيڪڏهن هڪ گريجوئيٽ ۽ هڪ فاضل گڏجي مطالعو ڪن ۽ يورپ جي انقلاب ۽ شاهه ولي الله جي انقلابي نظرين کي مقرر ڪري لاديني انقلاب جي نقصانن ۽ سببن تي غور ڪن ۽ انهن ٻنهي جي هڪجهڙائين ۽ اختلافن کي سمجهي وٺن ته انهيءَ مطالعي جي تڪميل ٿي ويندي.

(3) **ان کان پوءِ قرآن ڪريم جو مطالعو انقلابي نقطي نظر کان جاري رکڻ ۽ نيڪ ڪمن جو حڪم ۽ برائيءَ کان روڪڻ واري ڳالهين تي عمل ڪرڻ جي لاءِ مدني دؤر ۽ ان جي گڏيل نموني کي، جيڪو موطا امام مالڪؒ ۾ سهيڙيل آهي، ڪافي سمجهڻ ۽ انهيءَ فن جي تڪميل ۽ ان جي امامت کي شاهه ولي الله جي ذات ۾ لاڳاپيل مڃڻ:** جامعه مليه ۾ اها صلاحيت آهي ته هوءَ انهيءَ تحريڪ جو علمي مرڪز بڻجي وڃي. هڪ اهڙي شاگرد کي، جيڪو علمي تحقيق جو عاشق هجي، ضروري مدد ڏئي سگهي. انهيءَ جي اندر جدت پسند استادن جو وڏو تعداد موجود آهي. يورپ جي عالمن سان ملڻ کان پوءِ شاهه ولي الله جي فلسفي جي حقيقت اسان تي ظاهر ٿي آهي. انهيءَ جي بنياد تي وطنيت ۽ دينن جي جهڳڙي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ اسان هڪڙو نئون تجربو ڪرڻ گهرون ٿا. انهن شاگردن جي ضرورتن لاءِ جنهن مختصر انداز ۾ پئسا جامعه کي گهربل آهن، ڇا ايتري وڏي ڪم لاءِ ملڪ جي سمجهدار طبقو ڪيٻائيندو. ”فَإِنْ تَوَلَّوْا فَقُلْ حَسْبِيَ اللَّهُ ۖ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۖ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ ۖ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ“

افسوس آهي جو 1940ع جي آخر تائين ملڪ جي سمجهه ڀرئي ۽ مالدار طبقي بيت الحڪمت جي شاگردن ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڏنو. انهيءَ ڪري رڳو مالي حيثيت رکندڙ شاگردن جي هڪ ننڍڙي جماعت کان سواءِ ڪيترائي ذوق رکندڙ حضرت مولانا عبيدالله سنڌيؒ جي تقريرن کان محروم رهندا. اسان کي اميد آهي ته بيت الحڪمت ۾ جيڪي ليڪچر ڏنا ويندا، سي وقفي وقفي سان ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿيندا رهندا ته جيئن هندستان جا رهاڪو اسلام جي تاريخي ۽ هندستاني اهميت کي سمجهي سگهن ۽ اسلام ۽ هندستاني فلسفي جي هندستاني رهڻي ڪهڻي ۾ صحيح جاءِ ٻيهاري سگهن.

ڪتاب گهر، الهٰ آباد جي فرمائش تي اسان اهو طئي ڪيو ته ”اسلام جي حقيقي ۽ بنيادي جوڙ جڪ“ جي باري ۾ ٽي ڪتاب جلد کان جلد ڇاپيا وڃن ته


Sindhica Academy, Karachi

جيئن جيڪي ماڻهو اسلام ۽ اسلام جي بانيءَ جي باري ۾ صحيح تاريخي معلومات حاصل ڪرڻ گهرن ٿا، سي چڱيءَ طرح انهن ڪتابن جي ذريعي حاصل ڪري سگهن.

(1) **اسلام جو پس منظر:** يعني اسلام کان اڳ وارا مذهب ۽ وهم گمان.

(2) **قرآن ڪريم جي نزولي ترتيب:** هيءُ اهو بنيادي ڪتاب آهي جنهن جي ذريعي سان قرآن پاڪ جو صحيح تاريخي مطالعو قرآن جي تفسير ۽ ان جي بابن ۾ ورهائڻ ڪانسواءِ ڪري سگهجي ٿو.

(3) **سيرت محمد عربي ﷺ:** هن سيرت جي خاص ڳالهه اها آهي ته هن جا بنياد قرآن ڪريم تي ٻيهاريل آهن. سيرت جي سلسلي ۾ سمورو قرآن اهڙيءَ ترتيب سان بيان ڪيو ويو آهي جنهن ترتيب سان اهو پاڻ ڪريم ﷺ جي عملي زندگيءَ ۾ اهو نازل ٿيو آهي ۽ ان جي ضرورت ٿي. اهڙي طرح هن سيرت جي مطالعي سان نه رڳو اسلام جو ٻين مذهبن سان تقابلي مطالعو ڪري سگهجي ٿو، پر اسلام جي اخلاقيات ۽ سياست جو آهستي آهستي ٿيند سڌارو ذهن ۾ اچي وڃي ٿو.

سڀ کان اڳ قرآن پاڪ جي نزول جي ترتيب شايع ڪئي وڃي ٿي. انهيءَ کان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جي سيرت ۽ آخر ۾ اسلام جو پس منظر شايع ٿيندو. آخر ۾ ذڪر ڪيل ٻئي ڪتاب ڪافي ٿلها ۽ دلچسپ آهن.

**محمد اجمل خان**

(ڪلڪته ڊسمبر 1940ع)


www.sindhsalamat.com

# قرآن ڪريم جي نزولي ترتيب

**پيش لفظ:**

قرآن پاڪ جي مختلف سورتن جي تاريخي ترتيب يا نزولي ترتيب ڄاڻڻ ڪو سولو ڪم نہ آهي. قرآن پاڪ جي مڪي حصي ۾، جيڪو سموري قرآن جو ٻہ ٽهايون آهي، تمام ٿي ٿورڙا تاريخي اشارا ملن ٿا. مديني ۾ بہ انهيءَ زماني جي تاريخ جو تمام ٿورڙو ذڪر آهي. جيڪي ماڻهو قرآن جي زماني ۾ موجود هئا، انهن ۾ بہ ابولهب (جيڪو هڪ لقب يا ڪنيت آهي) ۽ زيد (جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جو پٽيلو سمجهيو ويندو هو) ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن جو بہ نالو نٿو ملي. قرآن پاڪ جي اها خاص ڳالهہ آهي تہ دوست ۽ دشمن جو ذڪر هڪ ئي وقت ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهم تاريخن، تفسيرن ۽ حديثن جي مدد سان انهن شخصن ۽ هنڌن جي باري ۾ رڳو اندازي طور چئي سگهون ٿا جن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ ڪيو ويو آهي يا جيڪي ان وقت موجود هئا. انهن ڏکيائين جي ڪري اسان کي قرآن جي مختلف حصن کي تاريخي سلسلن سان ترتيب ڏيڻ ٻيڻ تي ڏکيو ٿي وڃي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو شيعن جي گهڻائيءَ جو اهو عقيدو آهي تہ اصلي قرآن، جنهن ۾ نزولي ترتيب آهي، آخري امام وٽ موجود آهي جيڪو دنيا جي ختم ٿي وڃڻ واري وقت جي ويجهڙائيءَ ۾ ايندو ۽ مؤمنن تي اصلي قرآن ظاهر ڪندو. ان جي برخلاف وري سنين جو عقيدو اهو ٿي ويو آهي تہ موجوده قرآن جي تاريخي ترتيب اڻ ٽيٽي ڳالهہ آهي ۽ انهيءَ خيال هيٺ انهن انهيءَ باري ۾ ڪڏهن ڪوشش بہ نہ ڪئي آهي. ٻئي فرقا اهو عقيدو رکن ٿا تہ عڪرمہ، محمد بن سيرين کي چيو تہ انسانن ۽ جنن جي گڏيل طاقت ڪان اهو ٻاهر آهي تہ قرآن پاڪ کي شان نزول موجب ترتيب ڏنو وڃي.
(ڏسو اتقان حصو پهريون، صفحو 158)


Sindhica Academy, Karachi

اسان کي خبر آهي تہ ڪن ٿورڙين ڪمزور روايتن کي گڏ ڪرڻ ڪانسواءِ هن وقت تائين گذريل تيرنهن سئو سالن جي اندر قرآن جي تاريخي ترتيب جي باري ۾ ڪو بہ پروسي جوڳو ڪم نہ ٿيو آهي. جيتوڻيڪ هر سال هڪ ڪان وڌيڪ تفسيرون رڳو انهيءَ لاءِ ڇاپيون وينديون آهن تہ جيئن قرآن جي لڪيل ڳالهين کي ظاهر ڪن. پڪ سان پوري يورپ جا محقق داد ڏيڻ لائق آهن جو انهن سڀ ڪان پهريان انهيءَ ڳالهہ جي ڪوشش ڪئي تہ قرآن جي سورتن کي هڪ قسم جي تاريخي ترتيب ڏين. پر انهن مان هر ڪنهن کي ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پيو ۽ انهن سچن محققن جي شان کي قائم رکيو ۽ پنهنجي ناڪاميءَ جو اعتراف ڪري ورتو. ان ڪان پوءِ انهن مان ڪن قرآن جي مختلف حصن کي قافيي جي لحاظ ڪان يا رسول الله ﷺ جي بياني جي لحاظ ڪان گڏ ڪرڻ شروع ڪيو. ڪن هندستانين بہ هڪ ٻئي قسم جي ساراهہ جوڳي ڪوشش ڪئي. يعني انهن قرآني مضمونن کي مختلف عنوانن هيٺ مختلف بابن ۾ گڏ ڪري ورتو. اهڙي طرح ڪنهن مضمون جي باري ۾ جيتريون بہ جدا جدا آيتون قرآن پاڪ ۾ موجود آهن، سي سموريون هڪ ئي جاءِ تي ملي سگهن ٿيون. اهڙي طرح محمد ڪربلائي هڪ ڪتاب لکيو ۽ گولڪنده جي سلطان عبدالله قطب شاهہ جي نالي سان منسوب ڪيو. گذريل صديءَ ۾ اهو ئي ڪم پنجاب جي مولانا عبيدالله ڪيو ۽ سيٺ يعقوب حسن مرحوم کي مدرسن ۾ سياسي قيدي هئڻ جي ڪري ايترو وقت مليو جو هو بہ قرآن کي بابن ۾ ترتيب ڏئي سگهيو ۽ ويجهڙائيءَ ۾ ئي مولوي وحيدالزمان حيدرآبادي 1936ع ۾ قرآن کي بابن ۾ ترتيب ڏنو آهي.

قرآن ڪريم جي سمورن لفظن جي هڪ اهڙي پوري لغت، جنهن ۾ سيپارن ۽ رڪوعن جو حوالي ڏنو ويو آهي، عالمگير حڪومت جي چوٽيهين سال يعني 1191ع ۾ مصطفيٰ افغان ولد محمد سعيد تيار ڪئي. اهو محمد اعظم شاهہ اورنگزيب عالمگير جو استاد هو. انهيءَ ڪتاب جو نالو نجوم الفرقان آهي ۽ لوهي ٽائيپ ۾ 1216ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي ۽ ويجهڙائيءَ ۾ ئي پنجاب مان شايع ٿيو آهي. انهيءَ قسم جو ڪجهہ ڪوششون مصر ۾ بہ ٿيون آهن.

پر انهيءَ سموري محنت ۽ لٽريچر جي مدد سان بہ اسلام جي بنيادي ڪتاب يعني قرآن پاڪ کي رڳو انهيءَ لاءِ سمجهي نٿا سگهون تہ ان جون مختلف سورتون نزولي تاريخ موجب ترتيب ڏنل نہ آهن. قدرتي طور اهو سوال پيدا ٿو ٿئي تہ قرآن پاڪ جي موجوده ترتيب جي ڪري جيڪو نظرياتي


www.sindhsalamat.com

اختلاف پيدا ٿي پيو آهي، انهيءَ جي ذميواري ڪنهن تي اچي ٿي. انهيءَ سوال جو جواب گهڻو ڪري انهيءَ زماني جي تاريخ سان تعلق رکي ٿو.

رسول ڪريم ﷺ جن جي مڪي واري تيرنهن سالن واري ڄمار مالدار جماعت جي خلاف جاکوڙڻ ۾ گذري. ايتري تائين جو پاڻ ﷺ جن مديني ڏانهن لَڏي (هجرت ڪري) ويا. پاڻ هتي ڏهن سالن تائين جيئرا رهيا ۽ اهو زمانو بہ ڪڏهن مڪي وارن سان، ڪڏهن مديني جي يهودين سان تہ ڪڏهن وري انهن نالي جي مسلمانن سان، جيڪي مديني جا رهندڙ هئا ۽ سندن لڪيل دشمن هئا، جنگيون ڪندي گذريو. جيڪڏهن ڪو عام ماڻهو هجي ها تہ ايتري ذهني ۽ جسماني محنت وارو ڪم ان جا پساهہ پورا ڪرڻ لاءِ ڪافي هو. پر پاڻ ﷺ جن ارادو ڪري ڇڏيو هو تہ مان زنده رهندس ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي ڪم جي تڪميل ڏسندس. پاڻ مڪو فتح ڪري ورتائون، يهودين کي ملڪ بدر ڪري ڇڏيائون، منافقن کي خاموش ڪري ڇڏيائون ۽ ”جبل الرحمت وارو خطبو“ عرفات جي ميدان وٽ عظيم الشان ميڙ جي سامهون ڏيڻ کان پوءِ اطمينان سان 23 سالن جي مجاهداڻي ڄمار کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪندي هميشہ جي لاءِ امر ٿي ويا.

ان کان پوءِ جناب ابو بڪر صديقؓ جن رسول الله ﷺ جا خليفا بڻيا. انهن کي اهو ڪم پورو ڪرڻو هو ۽ اسلامي پرچم کي مٿانهون رکڻو هو. پاڻ الله تعاليٰ جا رسول نہ هئا، پر پاڻ محمد عربي ﷺ جا پيغمبر هئا. پاڻ پهريان ماڻهو هئا، جن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي تبليغي مقصدن کي سمجهيو هو. هاڻي اهو سندن ئي ڪم هو تہ الله تعاليٰ جي مرضيءَ جي اهڙيءَ ئي طرح ترجماني ڪن، جهڙي طرح هن وقت تائين پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪندا پئي آيا. هن انقلاب ۾، جنهن جو بنياد پاڻ ڪريم ﷺ جن رکيو هو، صديق اڪبرؓ تمام ئي جوش ۽ جذبي سان ڪم ڪيو هو. هو ڄاڻي پيو تہ مڪي جي تيرنهن سالن واري جاکوڙ جو مقصد اهو هو تہ اهڙن فردن جي جماعت تيار ٿي وڃي جن جي اندر ڪنهن مٿانهين مقصد جي لاءِ قربانيءَ جو جذبو موجود هجي. مڪي واري اخلاقي تعليم کي ور ور ڪري صلوٰت ۽ زڪوات جي نالي سان مڪي ۾ سمجهايو ويو هو. مديني ۾ اچي انهن جي اصطلاحن ۾ وسعت پيدا ٿي وئي ۽ ٻئي اخلاقي گڻ بہ انهن جي اندر ئي سمائجي ويا. اهڙي طرح اسان مڪي تعليم کي اخلاقي ۽ مدني تعليم کي اسلامي تعليم جو سياسي زمانو چئي سگهون ٿا. وڏي حد تائين پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ انقلاب کي مڪمل ڪري ڇڏيو هو.


Sindhica Academy, Karachi

تنهن هوندي بہ اسلام جا اصول انهن ماڻهن جي سمجهہ ۾ پوريءَ طرح نہ اچي سگهيا هئا جو پاڻ ڪريم ﷺ جي فرمانبرداريءَ جو ڪلمو پڙهڻ جي لاءِ هزارن جي تعداد ۾ وفد مديني ۾ آيا هئا. حقيقت بہ ايئن ئي ڏسڻ ۾ اچي ٿي تہ انهن مان گهڻن اهو خيال ڪيو تہ محمد (ﷺ) جن هڪ سردار آهن جن مڪي کي فتح ڪري ورتو آهي، جيڪو عربن جو قديم بتخانو هو. انهيءَ ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن جي اطاعت ڪرڻ ۾ ڪابہ خرابي نہ آهي جيستائين جو اسان کي واپاري ميلن ۽ حجن جي آزادي آهي. اهو ئي سبب هو جو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وفات کان پوءِ ئي سموري عرب خليفي جي فرمانبرداريءَ کان انهيءَ لاءِ ڪنڌ ڪڍائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اهي بہ اهي ئي حدون ۽ حق قائم رکڻ گهرن ٿا، جيڪي پاڻ ڪريم ﷺ جن قائم ڪيا هئا. انهيءَ ڪري ئي اسلام جي سموري جماعت ۾ هڪ زلزلو اچي ويو. عربن نہ رڳو خليفة الرسول سان بغاوت ڪري ورتي (جيڪي زڪوات وصول ڪرڻ گهرن پيا)، پر الله تعاليٰ جي خلاف پڻ بغاوت جو جهنڊو اپو ٿي ويو جيڪو پنجن مقرر ٿيل وقتن تي نماز جو حڪم ڏئي رهيو هو.

مرتدن انهيءَ جو اهو حل سوچيو تہ صلوات ۽ زڪوات منسوخ ڪئي وڃي. پهرين شيءِ کي وقت جو ۽ ٻي شيءِ کي مال جو زيان سمجهيو ويو. مال ۽ وقت جو ٻلو استعمال جوئا کيڏڻ ۽ شراب خوري سمجهيو ويو ۽ اهو تہ آخر اهڙي ماڻهوءَ جو اطاعت ڇو ڪئي وڃي جيڪو پاڻ پيغمبر نہ آهي، پر رڳو محمد ﷺ جي حڪمن جو ترجمان آهي.

سموري عرب ۾ بدامني عام ٿي وئي. ڪجهہ اهڙا ماڻهو بہ هئا، جيڪي خليفي جي اطاعت انهيءَ شرط سان ڪرڻ لاءِ تيار هئا تہ زڪوات کي منسوخ ڪيو وڃي. نبوت جا ڪوڙا دعويدار پيدا ٿي پيا. انهن اسلامي عبادتن ۽ ٽيڪس کي ختم ڪري ڇڏيو. مديني جا مسلمان سپني کان جدا ٿي ويا. ايتري تائين جو جناب عمرؓ ۽ ٻين اصحابن سڀورن جناب حضرت ابوبڪر صديقؓ کي نرمي اختيار ڪرڻ جي صلاح ڏني. انهيءَ تي وقت جي خليفي سختيءَ سان فرمايو تہ ”عمر! تون جهالت واري دؤر ۾ تمام ئي ثابت قدم هئين، هاڻي توکي ڇا ٿي ويو آهي جو مسلمان هوندي بہ ڪمزوري جو اظهار ڪري رهيو آهين؟ مان قسم سان چوان ٿو تہ تلوار جي ڌار سان مان زڪوات وصول ڪندس پوءِ ڀلي اها اٺ کي ڏانوڻ ڏيڻ واري رسي ئي ڇو نہ هجي“. مرتدن جي خلاف هڪ خونريز جنگ ڪئي وئي ۽ پورو هڪ سال گذرڻ ۽ هزارين مسلمانن جي


www.sindhsalamat.com

شهادت کان پوءِ ڏوهارين کي بيهر صحيح رستي تي آندو ويو.

رڳو يمامہ واري جنگ ۾ ست سئو قرآن جا حافظ سڳورا شهيد ٿي ويا. اها ويڙه مسيلمہ ڪذاب جي خلاف وڙهي وئي هئي. بهرحال شهيدن جو رت رائيگان نہ ويندو آهي. انهيءَ سان نہ رڳو اسلام ئي بچي ويو، پر قرآن ڪريم پڻ محفوظ ٿي ويو. حضرت ابوبڪرؓ قرآن جي مختلف حصن کي هڪ جاءِ تي سهيڙڻ جو حڪم ڏنو ۽ سيني مسلمانن قرآن جي ڪاتبن جي هر ممڪن مدد ڪئي. قرآن ڪيترين ئي چمڙي جي ٽڪرن تي لکيو ويو (انهيءَ کي ورق يا پنا چوندا آهن) ۽ انهيءَ کي وقت جي خليفي وٽ امانت طور رکيو ويو.

انهيءَ وچ ۾ مسلمانن کي دنيا جي ٻن زبردست شهنشاهتن سان مقابلو ڪرڻو پيو. هڪ پاسي ايراني ۽ ٻئي پاسي رومي شهنشاهيت يا سامراج هو. مسلمانن پنهنجي جانين جي بازي لڳائي نہ رڳو سوڀ ماڻي، پر ٻن پڪڙيل شهنشاهتن جي قبضو پڻ ڪري ورتو. بلڪل انهيءَ وقت جڏهن قيصر هرقل ۽ شام ۾ هارائجي ڀڄي رهيو هو، تہ حضرت ابو بڪر صديقؓ جن وفات ڪئي. پاڻ رڳو اڍائي سال خلافت ڪيائون ۽ سندن خليفو حضرت عمر فاروقؓ مقرر ٿيو.

هاڻي قرآني پنن جو مجموعو حضرت عمرؓ جي سنڀال هيٺ اچي ويو. پاڻ اسلامي دنيا ۾ ساڍا ڏهہ سال خلافت جي خدمت ڪيائون. سندن خلافت ۾ اسلام جي لشڪر 22 لک 51 هزار چورس ميل زمين جو، اسلامي فتح ٿيل علائقن ۾ واڌارو ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ زماني ۾ ڪيترا ئي سياسي ۽ سماجي ادارا قائم ٿيا. مثال طور ملڪي ۽ فوجي آفيسون، فوجي ڇانوڻيون ۽ بيت المال وغيره. جيتوڻيڪ آخري ذڪر ڪيل ٿيل جي شروعات انهيءَ کان اڳ ئي ٿي چڪي هئي، پاڻ پنهنجي اولاد کي خلافت جي گُهر ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو هئائون، ڇو جو اهو ڪو مورثي عهدو ڪونہ هو. انهيءَ زماني ۾ مسلمانن پاڻ وٽ قرآن جا جلد ترتيب ڏئي رکي ڇڏيا هئا ۽ جن ۾ سورتن جي ترتيب ساڳي نہ هئي. ڪن وٽ رڳو ضروري سورتون ئي هيون ۽ اهڙن مجموعن جي چونڊ رڳو ڪاتب جي پسند يا حافظي تي دارومدار رکي پيئي. جيئن تہ روزانو جي پنج وقتي نماز ۾ قرآن پاڪ جي سورتن جي تلاوت فرض هئي، انهيءَ ڪري اها بہ رسم هئي تہ حملو ڪرڻ کان اڳ قرآن پاڪ جي ڪن حصن جي تلاوت ڪئي ويندي هئي. انهيءَ موقعي تي گهڻو ڪري سورت الانفال يا سورت بدر جي تلاوت ڪئي ويندي هئي. حضرت عمرؓ خلافت جي طرف کان ڪيترا ئي استاد مقرر ڪري ڇڏيا هئا، جيڪي مختلف قبيلن ۾ قرآن جو لکڻ پڙهڻ


Sindhica Academy, Karachi

سيکاريندا هئا ۽ ملڪي خزانن يعني بيت المال مان انهن جون پگهارون ڏنيون وينديون هيون.

حضرت عمرؓ کان پوءِ ٽئين خليفي حضرت عثمان بن عفانؓ 24 هہ ۾ پهرين محرم تي خلافت جي مسند تي ويٺا. حضرت عمرؓ جي برخلاف پاڻ قريش جي سردارن کي پري پري وارن هنڌن جي حڪومت ۾ وڌيڪ حصو ڏنو. اهڙي طرح هڪ مخصوص جماعت پيدا ٿي پئي جيڪا پنهنجو حق سمجهندي فتحن جي مني پاسي تي قبضو ڄمائي ويٺي ايتري تائين جو انهن خلافت تي بہ قبضو ڪرڻ جون اميدون ڪري ورتيون هيون، ڇو جو اهي قريش قبيلي سان تعلق رکن پيا. انهيءَ نامناسب خيال جو لازمي نتيجو اهو ٿيڻو هو جو اندروني نفاق وڌي ويو. نتيجو اهو ٿيو جو 18 ذي الحج سنہ 35 هہ مطابق 20 مئي 656ع تي حضرت عثمان ذوالنورين کي شهيد ڪيو ويو. پاڻ اسلام جي سڀ کان وڏي خدمت اها ڪيائون تہ قرآن پاڪ جي مختلف قرائتن کي ختم ڪري ڇڏيائون ۽ اصلي قرآن (يعني اهو قرآن جيڪو حضرت عمرؓ جي وفات کان پوءِ ام المؤمنين حضرت حفصہؓ جي سنڀال ۾ هيو) جا نقل ڪرائي سمورن اسلامي ملڪن ڏانهن موڪليائون.

حضرت عثمانؓ جي قتل جي ڪري اسلامي فوجن جو فاتحاڻو قدم رڪجي ويو ۽ رتوڇاڻ واري جنگ شروع ٿي وئي. بغاوت ڪرڻ وارن حضرت عليؓ کي خلافت قبولڻ تي مجبور ڪيو جيتوڻيڪ طلحہ ۽ زبيرؓ بہ انهيءَ منصب جي لاءِ خواهشمند هئا. حضرت عثمان جي قبيلي جا فرد سندن خون جو بدلو وٺڻ جي لاءِ ڊانهين رهيا هئا. اهي انهيءَ قتل جو الزام انهن سيني ماڻهن تي هڻڻ لڳا جيڪي خلافت جا خواهشمند هئا يا جن جي هٿن ۾ طاقت اچي وئي هئي. امير معاويہؓ انهن سيني جا سردار هئا. حضرت علي ۽ حضرت امير معاويہ رضي الله عنهما جي وچ ۾ صفين جي جنگ ٿي ۽ بلڪل اهڙي وقت ۾ جڏهن حضرت عليؓ جي سوڀ ٿيڻ واري هئي تہ عمر بن العاص جي ترڪيب سان فتح شڪست ۾ بدلجي وئي. اها گهرو ويڙهہ حضرت عليؓ جي وفات تائين ختم نہ ٿي. سندن شهادت 21 رمضان سنہ 40 هہ تي ٿي.

بغاوت، بدنظمي ۽ لاقانونيت جي انهيءَ دؤر ۾ حضرت عليؓ جن قرآني علمن جي گهڻي خدمت نہ ڪري سگهيا. چيو وڃي ٿو تہ پهرين ٽن خليفن واري پر امن زماني ۾ پاڻ قرآن کي نزولي ترتيب سان گڏ ڪري ورتو هئائون انهيءَ قرآن کي پاڻ شايع نہ ڪيائون. جيئن تہ پاڻ انهيءَ قرآن جي سورتن جي ترتيب


www.sindhsalamat.com

جا پابند بڻجي ويا هئا جيڪو 11 هه ۾ سهيڙيو ويو هو. پاڻ نحو ۾ بيان جا ڪجهه اصول ٻڌايا هئائون. اهي اصول اڳتي هلي بنيادي اصول مقرر ڪيا ويا. پاڻ قرآن ۾ اسلام جي سڀ ڪان وڌيڪ ڄاڻيندڙن مان هئا. انهيءَ جو سبب اهو هو ته ڪانئن وڌيڪ پاڻ ﷺ جن سان گڏ ٻيو ڪنهن به ڄمار نه گذاري هئي.

امير معاويهؓ حسن بن عليؓ جي وچ ۾ 41 هه ۾ هڪ ٺاهه ٿيو ۽ حضرت عليؓ جي وفات جي ڇهن مهينن ڪان پوءِ پاڻ سياست جي ميدان مان هٽ ڪٽي ويا. امير معاويه 41 هه ۾ مسلمانن جا حاڪم مقرر ٿيا ام الؤمنين حفصه بنت عمر، جن وٽ اصلي قرآن جو مخطوطو هو، انهيءَ ئي سال وفات ڪيائون.

بني امير جي حڪومت 41 هه ڪان حضرت امير معاويه جي خلافت سان شروع ٿي ۽ 131 هه ۾ مروان ٻئين تي ختم ٿي وئي. 92 سالن جو اهو زمانو انهيءَ ڳالهه جي لاءِ ڪافي هو ته انهن انقلابي خيالن تي هڪ اونهي نظر وڌي وڃي، جن تي اسلام جي عمارت بيهاري وئي هئي. هن سموري زماني ۾ مضبوط سياسي پارٽيون هڪٻئي جي خلاف ڪم ڪري رهيون هيون. حضرت عليؓ جا ساٿي به انهيءَ بنياد تي خلافت جي دعويٰ ڪري رهيا هئا ته رسول الله ﷺ جي خاندان ۾ ئي مورثي طور تي امامت جاري رهي سگهي ٿي. پر خارجي، شيعان علي ۽ شيعان معاويه ڪي اسلام ڪي خارج سمجهن پيا. حقيقت ۾ اها هڪ سخت قسم جي مسلمان جماعت هئي جيڪا سدائين پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ساهه جي پرواهه به نه ڪندي هئي. ايتري تائين جي صحيح رهنمائي نه ملڻ جي ڪري بلڪل ئي ختم ڪئي وئي. انهن ئي خارجين جي هڪ شاخ "عجاوره" سڏبي هئي ۽ انهن جو عقيدو هو ته "سورت يوسف" قرآن جي سورت نه آهي، جو اهو رڳو هڪ عشق محبت جو داستان آهي. (ڏسو ملل، شهرستاني، صفحه 631)

امير معاويه کي رڳو قديم تاريخ سان دلچسپي هئي. پاڻ عبيد بن شريه الجرهمي کي تاريخ لکڻ جو حڪم ڏنائون. (اهو ڪتاب دائرة المعارف حيدرآباد وارن 1337هه ۾ شايع ڪيو آهي ۽ ان سان گڏ ڪتاب التيجان مؤلف ابن هشام به شايع ڪيو آهي)

امير معاويه سنه 45 هه ۾ زيد بن هميه کي بصره جو گورنر مقرر ڪيو ۽ ان ڪان پوءِ 51 هه ۾ ڪوفي جو انتظام به ان جي حوالي ڪري ڇڏيو. اهو 53هه ۾ ڪوڙهه جي بيماري ۾ مري ويو. ان جي حڪومتي دؤر ۾ ابوالاسوالدئلي (وفات 65هه) عربي گرامر جا قانون مرتب ڪيا. ان جو سبب اهو هو ته عجمي


Sindhica Academy, Karachi

ماڻهو صحيح طرح سان عربي ڳالهائي نه سگهندا هئا ۽ ڪيترائي قرآن پاڪ کي اهڙي طرح پڙهي ويندا هئا جو اصل معنيٰ ئي بگڙي ويندي هئي. ابوالاسود نحو جا بنياد حضرت عليؓ وٽان سکيا هئا، جنهن هن فن کي ايجاد ڪيو هو. اهو عربي ٻوليءَ جي عام طرح ۽ قرآن جي خاص طرح سان هڪ وڏي خدمت هئي. ابوالاسود لفظن جي آخري حرفن جي لاءِ اعراب پڻ ايجاد ڪيا هئا، جيئن ربر جي لاءِ اکر جي مٿان هڪ ٽبڪو ۽ زير جي لاءِ اکر جي هيٺان هڪ ٽبڪو ۽ پيش جي لاءِ اکر جيترو هڪ ٽبڪو لڳائڻ شروع ڪيو هو. اهي ٽبڪا ٻئي قسم جي مَسُ سان لڳايا ويندا هئا ته جيئن اکرن جي اصلي ٽبڪن جي سڃاڻ ٿي سگهي. آخرڪار انهيءَ ايجاد جي اصلاح نصر بن عاصم ۽ يحيىٰ بن يعمر حجاج بن يوسف جي حڪم تي ڪئي هئي جڏهن ته هو خليفي عبدالملڪ جي طرف ڪان عراق جو والي هو. نصر ۽ يحيىٰ ابوالاسود جا شاگرد هئا. انهن 75 هه ۾ حرڪتن ۽ اعرابن ۾ سڌارا ڪيا ته جيئن انهيءَ ئي مَسُ سان لکي سگهجي جنهن سان اصل لکٽي لکبي هئي. خليل بن احمد انهن اعرابن ۾ حرڪتن کي انهيءَ معيار تي قائم ڪيو جنهن تي اهي هن وقت تائين آهن. خليل گهڻو ڪري عروض ۽ قافين جو ماهر سمجهيو ويندو هو. هيءُ اهو ئي ماڻهو آهي جنهن عربي جي سڀ ڪان پهرين لغت جو ڪتاب "العين"تيار ڪيو هو. اهو خليفي هارون رشيد جي زماني ۾ موجود هو ۽ هن 175 هه ۾ وفات ڪئي.

مطلب ته خلفاء راشدين جي زماني ۾ قرآن ڪريم کي سهيڙيو ۽ شايع ڪيو ويو ۽ شروعاتي اموي دؤر ۾ نحو ۽ اعراب جڙيا. 88هه تائين سمورا اصحابي وفات ڪري چڪا هئا. عبدالله بن بصر المازني، جيڪو بقول اليافعي جي آخري اصحابي هو، جي وفات 88هه ۾ شام جي علائقي حمص ۾ ٿيا. اهو عبدالملڪ جي خلافت جو زمانو هو. اسلامي عقيدا لڳ ڀڳ هڪ خاص شڪل اختيار ڪري چڪا هئا. اسلام جي اڳ پوءِ کي چڱيءَ طرح سان سمجهڻ وارن، يعني اهي جن سچ پچ به اسلام جي انقلابي ڪيفيت کي سمجهيو هو، هاڻي بلڪل باقي نه هئا. عام مسلمانن جي لاءِ قرآن هڪ سمجهه ڪان مٿانهون ڪتاب بڻجي ويو هو ۽ اهي ماڻهو به، جيڪي دينيات سان واسطو رکن پيا ۽ تعليم يافته به هئا، هن پاڪ حصي جون ڪيترين ئي ڳالهيون نه سمجهي سگهن پيا.

هاڻي هڪ عالمن جي جماعت پيدا ٿي پئي ۽ ان پڪو ارادو ڪري ڇڏيو هو ته هن خدائي پيغام کي، جيڪو محمد ﷺ جي ذريعي سموري انسانذات کي پهچايو ويو آهي، ضرور سمجهندا. خليفي عمر بن عبدالعزيز نبي ڪريم


www.sindhsalamat.com

ﷺ جي حديث ۽ احوالن کي گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. هن وقت تائين هڪ راوي کان ٻئي راوي تائين زباني حديث بيان ڪئي ويندي هئي. هن وقت تائين تمام ٿي گهٽ حديثون لکيون ويون هيون. عام طور تي اها حديث مشهور هئي ته رسول الله ﷺ جن حڪم ڏنو آهي ته مون کان قرآن کانسواءِ ڪابه شيءِ نه لکو: (لا تکتبوا عني سوي القرآن) ته جيئن حديثن ۾ قرآن جي مسودن ۾ ڳانڍاپو نه ٿي وڃي. تنهن هوندي به ڪي صلح ناما لکيا ويا ۽ ڪن ماڻهن پنهنجي حافظي جي مدد سان ڪي حديثون به لکيون. جيتوڻيڪ عمر ثاني جي خلافت 99 کان 101هه تائين جو خاتمو زهر کارائڻ جي ڪري تمام جلد ٿي ويو هو، پر پوءِ به هن قرآني علمن کي ٻيهر زنده ڪيو. خاص طور تي حديثن ۽ مغازي جو ته تمام ئي وڏو چرچو ٿي پيو. انهيءَ ئي ڳالهه جو نتيجو هو جو عباسي دؤر ۾ حديثن جو مطالعو پنهنجي ڪمال تي پهچي ويو هو ۽ حديثن جو تمام وڏو ذخيرو انهيءَ ڳالهه جي شاهدي جي لاءِ ڪافي آهي ته انهيءَ زماني جي مسلمانن کي علم سان وڏو چاهه هو. اسان کي اها ڳالهه وسارڻ نه گهرجي ته امن ۽ ٺاهه واري زماني ۾ علمي ۽ تمدني سرگرميون ڪافي فائدي مند ثابت ٿيون آهن. مسلمانن جي فن ۽ ادب جون بهترين شيون عباسي دؤر ۾ پنهنجو پورو عروج حاصل ڪري چڪيون. پر حقيقي قرآني روح تي ڪن نيڪ خيال ۽ جوشيلن محدثن هڪ ٿلهو پردو چاڙهي ڇڏيو، ڇو جو اهي ڪوڙيون (موضوع) حديثون گهڙڻ لڳا هئا. اهڙا ماڻهو گهڻو تڻو اموي دؤر جي پيداوار هئا.

تنهن ڪري اسان بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي اها دعويٰ ڪري سگهون ٿا ته پهرين چئن خلفاء راشدين جي زماني ۾ قرآن جي تفسير جي ڪابه ضرورت ئي نه هئي. انهن جا سمورا ملڪي توڙي ذاتي عمل قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ ٿيندا هئا. انهن جي گڏيل زندگي يا سوانح حيات تي، انهن روايت ڪيل حديثن جي مقابلي ۾، وڌيڪ زور ڏيڻ ۽ سمجهڻ بهتر ٿيندو. انهن جون زندگيون، انهن جا عمل سڀ جو سڀ قرآن ڪريم جو حقيقي تفسير هئا. پر پوءِ واري زماني ۾ اصحابن سڳورن جي روايت ڪيل حديثن کي وڌيڪ اهم سمجهيو وڃڻ لڳو. ان جي مقابلي ۾ حق جي ڳولائن جي اها جماعت گهڻو ڪري وڌيڪ عقلمنديءَ واري روش تي هئي، جنهن جاهليت واري زماني جي نظم ۽ نثر کي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو هو. ان سان نه رڳو عربن جي سمورن ادارن جهڙوڪ الشعرديوان العرب جي تاريخ جي خبر پوي ٿي، پر ڪيترن ئي لڪيل لفظن جي معنيٰ به جملي جي جوڙ جڪ مان سمجهه ۾ اچي وڃي ٿي.


Sindhica Academy, Karachi

انهيءَ سلسلي ۾ اهو ٻڌائڻ مناسب ٿيندو ته پوءِ اچڻ وارن مفسرن ٻين پاڪ ڪتابن کي غير ضروري سڏڻ ۾ سخت غلطي ڪئي. توريت، انجيل ۽ ايران، هندستان ۽ يونان جي پاڪ ڪتابن کي اسلام جي پاڪ ادب ۾ جاءِ نه ملي. هر هڪ مسلمان ڏهاڙي سمورين آڳاٽن رسولن ۽ الله تعاليٰ جي ڪتابن جي تصديق جو ڪلمو پڙهي ٿو (اٰمَنتُ بِاللهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَ كُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ) پر توريت ۽ انجيل جا اهي قصا، جن مان گهڻن جو حوالو قرآن پاڪ ۾ به موجود آهي، تنهن کي بيڪار، غلط ۽ تحريف ٿيل سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ طرز عمل ۾ انهن ماڻهن وڌيڪ مبالغو ڪيو جيڪي ڪن قرآني آيتن کي، جيڪي يهودين ۽ عيسائين جي باري ۾ آهن، صحيح طرح نه سمجهي سگهيا آهن. اهو بحث اسان اڳتي هلي مناسب جاءِ تي تفصيل سان ڪنداسين. هتي رڳو ايترو ئي چوڻ گهڻو آهي ته قديم ڪتابن کي قرآن جي تفسير جي سلسلي ۾ وڌيڪ موقعو ملڻ گهرجي. حقيقت اها آهي ته اهي ڪتاب (تاريخي معلومات جي لحاظ کان) حديثن وارو ئي درجو رکن ٿيون.

اسلام جي بنيادي حقيقتن ۽ ان اصلي شڪل ۽ صورت کي سمجهڻ جا امڪان تمام گهڻو وڌي وڃن، جيڪڏهن اسان اسلام جي ارتقائي درجن جو هيٺين طريقي سان مطالعو ڪريون:

1. سڀ کان اڳ اسلام جي پس منظر جو تعصب کان بلڪل ئي خالي ٿي مطالعو ڪريون. انهيءَ سلسلي ۾ نه رڳو توريت ۽ انجيل، پر جيترا به مذهب اسلام کان اڳ عرب ۽ ان جي اوسي پاسي ۾ ٿي گذريا آهن، سڀني جو مطالعو فائديمند ٿيندو. خاص طور تي هندو فلسفو ۽ ايراني مذهب جو مطالعو اسلامي حقيقتن جي باري ۾ ڪيترن ئي پردن کي هٽائي سگهي ٿو.
2. ان کان پوءِ رسول عربي حضرت محمد ﷺ جي سيرت پاڪ جو مطالعو ڪرڻ گهرجي. مطلب ته اسان پاڻ ڪريم ﷺ جن جي عملن کي قرآني بيانن جي تاريخي اوسر سان گڏوگڏ مطالعو ڪريون. جيئن ته هن وقت تائين انهيءَ قسم جي سيرت نه لکي وئي آهي، تنهن ڪري اسان جو تمام ئي اهم فرض اهو ٿي وڃي ٿو ته قرآن پاڪ کي به انهيءَ تاريخي ترتيب سان سهيڙيون جهڙي طرح اهو وقت به وقت انسانن ۽ مسلمانن جي سامهون پيش ڪيو ويو. موجوده مقالي ۾ رڳو آخري ذڪر ڪيل شيءِ تي روشني وڌي وئي آهي.


www.sindhsalamat.com

## هن وقت تائين انهيءَ سلسلي ۾ ڇا ٿيو آهي؟

هاڻي اسان قرآن جي تاريخي ترتيب جي باري ۾ ڪم شروع ڪري ڏيون ٿا ۽ اهو ئي موجوده تحقيق جو خاص مقصد بہ آهي. ”سورتن جي ترتيب جيڪا موجوده ڇاپيل قرآن پاڪن ۾ آهي، سا تاريخي نہ آهي ۽ نہ ئي ڪا حديث اهڙي موجود آهي جو اهو چئي سگهجي تہ اها ترتيب پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ڏنل آهي.“

محدثن جو انهيءَ ڳالهہ تي اختلاف آهي. الانباري ابو جعفر النحاس ۽ ابن الحصار چون ٿا تہ قرآن جي مختلف سورتن جي ترتيب رسول الله ﷺ جن جي ٻڌايل آهي. پر محدثن جي گهڻائيءَ جي اها راءِ آهي تہ قرآن جي ترتيب اصحابن سڳورن جي اجتهاد تي آڌاريل آهي. امام مالڪ، قاضي ابوبڪر ۽ ابن فارس انهيءَ ئي ٽولي سان واسطو رکن ٿا. ڪن جي راءِ اها آهي تہ ڪن سورتن جي ترتيب رسول الله ﷺ جن پنهنجو پاڻ ئي ڪري انهن کي جدا جدا ڪري رکيو هو ۽ باقي ترتيب اصحابن سڳورن ڏني. (ڪتاب التبيان، 78)

مڪي دؤر جون گهڻيون سورتون اهڙيون آهن جن ۾ مديني ۾ نازل ٿيڻ وارو قرآن نہ ملايو ويو آهي. رڳو ڪي ٿورڙيون اهڙيون سورتون آهن جن ۾ اهڙيون آيتون آهن جيڪي مڪي نہ آهن. انهن آيتن جي صحيح طور تي تاريخ نزول ٻڌائڻ تمام ئي ڏکيو آهي.

نزولي ترتيب موجب قرآن سهيڙڻ جي سڀ کان پهرين ڪوشش حضرت عليؓ جن رسول الله ﷺ جي وفات کان پوءِ ڪئي هئي. پاڻ گهرن پيا تہ پنهنجي علمي زندگي، جنهن جي لاءِ هو طبعي طور تي بلڪل موزون هئا، گذارين. هو پاڻ ڪريم ﷺ جن سان ننڍپڻ کان ئي گڏ رهيا هئا، تنهن ڪري سندن اهو چوڻ بلڪل ٺيڪ آهي تہ مان قرآن پاڪ جي هر آيت جي شان نزول کان واقف آهيان. حضرت ابوبڪر صديقؓ جي خليفو چونڊجڻ کان پوءِ پاڻ قرآن پاڪ کي نزولي ترتيب جي لحاظ کان سهيڙڻ ۽ ان کي ياد ڪرڻ پنهنجو مقصد بڻائي ڇڏيو هو. هو ڪنڌائتا ٿي ويٺا ۽ ان زماني جي سياسي زندگيءَ ۾ تمام ئي گهٽ حصو وٺندا هئا. ڪن ماڻهن انهيءَ جو سبب اهو گهڙي ورتو هو تہ کين حضرت ابوبڪرؓ جو خليفو چونڊجڻ پسند نہ هو. پر جڏهن کين انهيءَ ڳالهہ خبر پئي تہ حضرت عليؓ انهيءَ ڳالهہ جو بلڪل ئي انڪار ڪري ڇڏيو تہ مون کي خوف هو تہ ڪٿي ڪتاب الله ۾ ڪو واڌارو نہ ٿي وڃي. انهيءَ ڪري مون


Sindhica Academy, Karachi

وچن ڪري ڇڏيو هو تہ جيستائين قرآن پاڪ کي سهيڙي گڏ نہ ڪندس تيستائين پنهنجي چادر نہ اوڍيندس. (اتقان 57)

سيوطي اهو نٿو چوي تہ پاڻ قرآن کي نزولي ترتيب سان گڏ ڪري رهيا هئا، ڇو جو هيٺين بيان کان پوءِ ئي هو چوي ٿو تہ:

> ”محمد جو بيان آهي تہ مون عڪرمہ کي چيو تہ انهيءَ کي نزولي ترتيب سان سهيڙيو تہ انهيءَ تي عڪرمہ جواب ڏنو تہ جيڪڏهن سمورا جن ۽ انسان گڏ ٿي وڃن تہ قرآن کي انهيءَ ترتيب سان ترتيب ڏين تہ اها ڳالهہ انهن جي وس کان ٻاهر آهي.“ (اتقان 58)

پر ابن النديم هڪ اهڙي فهرست ڏني هئي جيڪا حضرت عليؓ جي ترتيب ڏنل ٻڌائي ويندي هئي. جيتوڻيڪ اها ترتيب بہ موجوده الفهرست ۾ موجود نہ آهي. انهيءَ مان سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ يا تہ ان کي اها ترتيب ملي ئي نہ يا اهو صفحو ئي لڪايو ويو آهي. شيعن جي محققن جو بہ اهو ئي خيال آهي تہ حضرت عليؓ قرآن پاڪ کي تاريخي ترتيب سان سهيڙيو هو ۽ اهو سندن اولاد وٽ اڃا بہ موجود آهي.

عبدالله بن مسعودؓ پنهنجي قرآن جو نسخو ڪوفي ۾ ترتيب ڏنو هو ۽ اهو حضرت عثمانؓ جي ترتيب ڏنل صحيفي کان ڪو گهڻو مختلف بہ ڪو نہ هو. اهو ئي حال ابي بن ڪعب جي ترتيب ڏنل ڏنل نسخي جو بہ هو. سيوطي جو قول آهي تہ ڪيترائي عالم اهڙا هئا، جن اهو ٻڌايو تہ ڪهڙي آيت مڪي ۾ نازل ٿي ۽ ڪهڙي ٻئي ڪنهن جاءِ تي نازل ٿي. ڪن تہ آيت جي نزول جو وقت بہ ٻڌايو آهي (اتقان) پر انهن سمورين ڳالهين سان نزولي ترتيب ڄاڻڻ ۾ تمام ئي ٿوري مدد ملي ٿي. ڇو جو انهن قولن ۾ ڪا بہ تاريخ مقرر نہ ڪئي وئي آهي ۽ ائين ٿئي بہ ڪيئن؟ جڏهن تہ انهيءَ زماني ۾ تاريخ جو خيال ئي ابتدائي درجي جو هو ۽ تاريخ جو دارومدار ڪنهن لڙائي يا مشهور واقعي تي هوندو هو.

الفهرست ۾ مڪي ۽ مدني سورتن جي ترتيب ڏنل آهي ۽ ٻنهي کي گهڻو ڪري پهرين صدي هجري جي سند سان حاصل ڪيو ويو آهي. اها فهرست سيوطي جي فهرست کان ڪيترين ئي ڳالهين ۾ فرق رکي ٿي. الفهرست ۾ ابن مسعود، ابي بن ڪعب ۽ حضرت عليؓ جون فهرستون بہ آهن. (جيتوڻيڪ آخري فهرست گم ٿي وئي آهي) جتي طبري 35 ھ جو حال لکيو آهي اتي اهو بہ لکيل آهي تہ حضرت عثمانؓ ابن مسعود کي قرآن جي باري ۾ چيو هو تہ انهيءَ ۾ سورت يونس ستين نمبر تي لکيل آهي. الفهرست جي مصنف جو بيان آهي تہ


www.sindhsalamat.com

مون پاڻ به مصحف جا ڪيترائي اهڙا نسخا ڏٺا آهن، جن جي باري ۾ اهو بيان ڪيو ويندو هو ته اهي ابن مسعود جي ترتيب موجب آهن، پر انهن مان ڪي به نسخا به اهڙا نه مليا جيڪي ترتيب ۾ هڪجهڙائي رکندڙ هجن. بهرحال جيئن ته اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته ڪنهن آيت جي نزولي تاريخ مقرر ڪرڻ تمام ئي ڏکيو هو. ڇو جو مڪي دؤر ۾ تاريخ جي تعين جو نظام تمام ئي غير اطمينان بخش هو. مديني جو به ساڳيو ئي حال هو. اسان کي ڪيتريون ئي سورتون اهڙيون مليون آهن جن جو نزولي زمانو ڪنهن نه ڪنهن غزوه جي باري ۾ آهي. پر غزون جي صحيح تاريخ مقرر ڪرڻ به هڪ ڏکيو ڪم آهي.

مسلمان محققن پنهنجون سموريون ڄمارون تفسيرن لکڻ ۽ اهڙن علمن کي ترتيب ڏيڻ ۾ خرچ ڪري ڇڏيون جن سان قرآن پاڪ جي مطلبن کي سمجهي سگهجي. ڇو جو انهن جو گهڻو حصو پهرين چئن خليفن کان پوءِ ڳجهو ٿي ويو هو. انهيءَ مان اها به ڄاڻ پوي ٿي ته پاڻ ڪريم ﷺ جي وفات کانپوءِ اموي دؤر تائين، انهيءَ سلسلي ۾ تمام ئي گهٽ ڪم ٿيو هو. ايتري تائين جو اموي خليفن تاريخ ۽ حديث کي گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ظاهر آهي ته سئو سالن جو زمانو انهيءَ ڳالهه لاءِ حديثن ۽ عام روايتن جون تيز ڪندڙون لسيون ٿي پون ۽ گهڻو ڪجهه راز جي پردي ۾ گم ٿي، اسان کي انهيءَ زماني جي ڪيترن ئي ماڻهن جي زندگين کي تنقيد جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ کان محروم ڪري ڇڏي. وقت گذرڻ سان وڏا وڏا گهاوَ به ڀرجي ويندا آهن ۽ ابوجهه مسلمانن کي اهڙيون ڳالهيون تمام ئي گهٽ ياد رهي سگهنديون هيون جن سان انهن کان اڳ گذري ويل کي خراب رنگ ۾ ظاهر ڪري سگهجي. ان جي برخلاف انهن جي دشمنن جي خلاف بي بنياد ڪهاڻيون گهڙجي ويون. عام انساني نفسيات کان مسلمان آجا نه هئا ۽ انهن جي زرخيز تخيل پهرين زماني جي بزرگن کي اهڙين ڪرامتن کي ظاهر ڪندڙ بڻائي ڇڏيو، جيڪي رسولن کان به نه ٿي سگهيون. خوشقسمتيءَ سان قرآن پاڪ پنهنجي حقيقي ۽ بنيادي پاڪيزگي ۽ صحت سان گڏ هاڻي تائين موجود آهي ۽ ان زماني جي سچي تاريخ رڳو ان جي ئي مدد سان لکي سگهجي ٿي.

عربي ادب ۾ بعد ۾ اچڻ وارن گهڻو ئي واڌارو ڪيو، پر اهو ڪم خاص انهيءَ مقصد سان نه ڪيو ويو. ان جو مقصد هڪ نه ٻي طرح قرآن پاڪ کي سمجهڻ هو. مثال طور جاهليت واري زماني جي شاعري ۽ ٻوليءَ جو مطالعو ۽ انهن جا مجموعا ۽ انهن جي لغت تيار ڪرڻ رڳو انهيءَ مقصد سان هو ته قرآن


Sindhica Academy, Karachi

پاڪ جي ڪيترن ئي لفظن جون اهي معنائون ڄاڻي سگهجن، جيڪي جاهليت واري زماني ۾ رائج هيون ۽ هاڻي پنهنجي اصلي معنيٰ کان بدلجي چڪيون هيون. ان ڪري قرآن پاڪ جون ڪيتريون ئي لغتون ”غريب القرآن“ جي نالي سان ترتيب ڏنيون ويون. جاهليت جي ڪنهن شعر جو حوالو حديث کان وڏيڪ وزن رکندو هو. حضرت عليؓ کان پوءِ وارن نحو جي ماهرن رڳو عربي ٻوليءَ کي سمجهڻ سمجهائڻ جي لاءِ عربي نحو ۽ عروض جو بنياد وڌو. اهڙي طرح يوناني فلسفي، منطق، طبعيات، ما بعد الطبعيات، علم الاعداد، کي ايتري ته ترقي ڏني جو ڪيترا ئي نوان مذهب انهن علمن ۾ پيدا ڪيا ويا. پر مقصد انهن جو به اهو ئي هو ته قرآني منطقت ۽ جوڙ جڪ کي سمجهي سگهجي. انهن سمورن علمن جي ترقيءَ نه رڳو قرآن کي سمجهڻ ۾ وڏي حد تائين مدد ڏني، پر انهن ملڪن ۾ جتي اسلامي حڪومت پکڙي، اتي علم ۽ تهذيب جي روشني پڻ عوام جي اندر پکڙجي وئي.

خوشقسمتيءَ سان انهن ماڻهن ۾ هڪڙو ٽولو قدامت پرستن جو به هو جيڪي فلسفين ۽ ڪلام ڪندڙن جي ترقي پسند خيالن کي خراب نظر سان ڏسي پيو ۽ هر دليل کي حديث نبوي تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. انهن عالمن سخت محنت سان اسلامي شريعت ۽ رسول الله ﷺ جي سيرت جو جيترو به مواد ممڪن هو تنهن کي سهيڙڻ شروع ڪيو. تمام سٺو ٿيو جو انهن جا خيالَ عباسي دؤر جي خيالن سان ملي نه ويا هئا. انهيءَ ڪري انهن جي مجموعن ۾ محدثن جي نفسيات ۽ عادتن جي پوري تاريخ ملي سگهي ٿي. بي شڪ انهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ کان وٺي تابعين تائين واري زماني جي ڳالهين جي جهلڪ پڻ نظر اچي ٿي، باوجود انهيءَ جي جو شيعه محدث جي فرقيوارانه ذهنيت به ڪيترين ئي جاين تي ظاهر ٿي وڃي ٿي.

انهن حالتن ۾ قرآن ڪانسواءِ ٻي ڪا به شيءِ اسلام جي ارتقا واري صاف ۽ سچي تاريخ نٿي ٻڌائي سگهي. انهيءَ مان اها به خبر پئي ته ڪهڙيءَ طرح آهستي آهستي خيال حق ۽ باطل ۽ نيڪي ۽ بدي، عرب عوام کي سمجهايا ويا. پر اهي سيئي ڳالهيون ان وقت ڄاڻي سگهجن ٿيون، جڏهن قرآني مضمونن کي تاريخي ترتيب سان گڏ ڪيو وڃي. سٽينلي لين پول چوي ٿو ته: ”قرآن جي باري ۾ شڪ شبهو گهڻو ڪري انهيءَ عام ترتيب جي ڪري ئي آهي. يعني انهيءَ ۾ عام طرح ڊگهيون سورتون پهريان ۽ ننڍيون سورتون پوئتي سهيڙيون ويون آهن. ظاهر ۾ مسلمان عام ترتيب تي راضي نظر اچن ٿا. بهرحال اها ترتيب ٻين پاڪ


www.sindhsalamat.com

ڪتابن کان منفرد قسم جي نہ آهي. جرمن تنقيد قرآن کي لڳ ڀڳ تاريخي ترتيب ڏيڻ جو طريقو ايجاد ڪري ورتو آهي. انهيءَ تنقيدي ترتيب جو اهو نتيجو آهي جو جناب رسول الله محمد ﷺ جي تعليم جي ارتقا تي مڪمل روشني پوي ٿي ۽ ان جي طرز بيان ۽ سندن تبليغي طريقي جي تبديلين جو سبب پڻ معلوم ٿي وڃي و جڏهن قرآن جي ترتيب اهڙي طرح ڪئي وڃي جو دماغ مان بي ترتيبيءَ جو اثر ڪافور ٿي وڃي ۽ اسان هڪ زبردست دماغ جي ترقي، هڪ پاڪيزه روح جي ڪمزوري ۽ توانائي ۽ هڪ وڏي انسان جي اٽڙ رنگينين کي ڏسڻ لڳندا آهيون. *(خطبات و احاديث رسول عربي)*

ان کان اڳ جو اسان پنهنجا اصول بيان ڪريون، مناسب ٿيندو تہ هن وقت تائين نزولي ترتيب تي جيڪو ڪم ٿيو آهي، انهيءَ جو جائزو وٺون. انهيءَ سان اسان کي اڳتي هلي مطالعي ۾ وڏي مدد ملندي. شروعاتي اصحابن وٽ مختلف سورتن جي ترتيب فطري طور تي تنزيلي ئي هئي. مڪي ۾ تمام ئي ٿورڙا ماڻهو لکڻ پڙهڻ ڄاڻيندا هئا ۽ هر اهڙي شيءِ کي، جنهن کي عرب محفوظ ڪرڻ گهرندا هئا، زباني طور ياد ڪري وٺندا هئا. انسانن، ايتري تائين جو ڪتن ۽ گهوڙن جو ﭑڻ ﭑٽياد بہ تمام ئي احتياط سان ياد ڪري ويندا هئا. عاد ۽ ثمود جا قصا ۽ پٿر واري زماني جي ماڻهن جا قصا هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين زباني هلندا ايندا هئا. اهڙا نہ رڳو مرد هئا، عورتون بہ هيون جيڪي هفتن تائين لڳاتار نظم ۽ شعر زباني پڙهي سگهنديون هيون. اهڙيون مجلسون، ميلن ۽ تفريحي جلسن ۾ ٿينديون هيون. ڪو هيڪڙ ٻيڪڙ ئي لکندو هو، سواءِ انهن جي جو ڪي تمام ئي اهم ناهہ يا تمام ئي مشهور قصيدن جي جيڪي ڪعبة الله تي لٽڪائڻ لاءِ لکيا ويندا هئا.

رسول الله ﷺ جي زندگي تمام ئي سخت ۽ پورهئي واري هئي. رسالت جي شروعاتي حالت ۾ پاڻ ﷺ جن کي ڳجهي طرح سان ڪم ڪرڻو پيو، پر جڏهن دين جي ڪليل طرح پرچار شروع ڪيائون ۽ سندن ڪجھ پوئلڳ بہ ٻڌجي ويا تہ انهن کي ايترا تہ ڏک ڏنا ويا جو مجبور ٿي پاڻ ﷺ جن کي پنهنجي ساٿين کي چوڻو پيو تہ اهي حبشہ ڏانهن لڏي (هجرت ڪري) وڃن. ان کان پوءِ سست ئي حبشہ ڏانهن ٻي هجرت ٿي، جنهن ۾ مڪي جي مسلمانن جي جماعت کي اڃا بہ گهٽايو ويو. ان کان پوءِ ٽن سالن تائين مڪي وارن پاڻ ﷺ جن سان بائيڪاٽ ڪيو ۽ شعب ابي طالب مان نڪرڻ کان پوءِ بہ پاڻ ﷺ جن کي مڪي ۾ دين جي تبليغ ڪرڻ جي اجازت نہ هئي. تنهن ڪري پاڻ ﷺ جن


Sindhica Academy, Karachi

پنهنجي فرض جي ادائگي لاءِ مختلف قبيلن جا دورا ڪرڻ شروع ڪيا. انهيءَ چڪتاڻ جي نتيجي ۾ تہ نہ پاڻ ڪريم يءَ ﷺ جن کي ئي ۽ نہ وري سندن ساٿين کي ئي اهڙو موقعو ملي سگهيو جو اهي وحي کي لکي سگهن ها. جيڪي ماڻهو موجود هوندا هئا، وحيءَ کي بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي ياد ڪري وٺندا هئا. پڪ سان انهن انهيءَ ئي ترتيب سان، جنهن ۾ اهو نازل ٿيندو هو، هڪ ٻئي پٺيان سورتن کي ياد ڪيو هوندو. ظاهر آهي تہ جڏهن سورتون هڪ خاص ترتيب سان ياد ٿي وينديون آهن، تہ انهن جو وچ ۾ هڪ نئين سورت کي داخل ڪري ياد ڪرڻ ڏکيو ٿي ويندو هوندو. پر جيڪي ماڻهو حبشہ ڏانهن لڏي ويا هئا، ۽ جيڪي ماڻهو پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ شعب ابي طالب ۾ نظربند نہ هئا، تن کي مجبورا قرآن پاڪ جو جيڪو بہ حصو، جنهن بہ ترتيب سان ملي ويندو هو، ياد ڪرڻو پوندو هوندو ۽ گهڻو ڪري انهيءَ قسم جي واڌارن ۾ نزولي تاريخ جي ترتيب ممڪن نہ ٿي سگهندي هوندي.

رسول الله ﷺ جڏهن دين جي تبليغ شروع ڪئي هئي تہ حضرت علي بن ابي طالب نہ رڳو ٻار هو، پر هو رسول الله ﷺ جو سئوٽ پڻ هو. اسلام قبولڻ وقت سندس عمر ڏهہ سال ۽ ڪن مطابق نوَ سال هئي. ڪن جو خيال آهي تہ اٺ سال هئي يا ان کان بہ گهٽ عمر هئي. پر ٻين جو قول آهي تہ اسلام قبولڻ وقت اٺن کان سورنهن سالن جي وچ واري هڪ عمر جا هئا. پاڻ پنهنجي ٻاروتڻ کان رسول الله ﷺ جي وفات تائين رسول الله ﷺ سان گڏ رهيا. مهاجرن ۽ انصارن ۾ جڏهن پاڻ مديني ۾ مواخات جو سلسلو شروع ڪيائون تہ حضرت عليؓ کي پنهنجو ياءُ سڏيائون. ان ڳالھ ۾ ڪوبہ شڪ يا شبهو نہ آهي تہ پاڻ سموري قرآن ۽ ان جي هر هڪ آيت جي شان نزول کان چڱيءَ طرح واقف هئا.

ابن ابي دائود محمد بن سيرين کان روايت ڪري ٿو تہ حضرت عليؓ فرمايو تہ جڏهن رسول الله ﷺ جن وفات ڪئي تہ مون حضرت ابوبڪرؓ جي بيعت ڪرڻ ۾ دير ڪئي تہ ابوبڪرؓ مون سان مليو ۽ چيو تہ ڇا توهان کي منهنجي خلافت تي اعتراض آهي؟ مون چيو تہ نہ، مون قسم کنيو هو تہ جيستائين مان قرآن کي گڏ نہ ڪري وٺان، نماز کانسواءِ بدن تي چادر نہ اوڍيندس. هن جو خيال آهي تہ پاڻ يعني حضرت عليؓ قرآن کي نزولي ترتيب سان گڏ ڪيائون. ان کان پوءِ محمد بن سيرين جو قول آهي تہ جيڪڏهن اهو ڪتاب ملي وڃي تہ ان مان گهڻي ئي معلومات ملي سگهي ٿي.

تمام ئي بدقسمتيءَ جي ڳالھ آهي تہ حضرت عليؓ جي ترتيب جي


www.sindhsalamat.com

شيعن کي بہ خبر نہ آهي. گھڻو ڪري پاڻ انهيءَ ئي ترتيب کي مڃي ورتو هئائون جنهن ترتيب سان حضرت عثمانؓ قرآن کي لکرايو هو. النديم جو بيان آهي تہ ”حضرت عليؓ تن ڏينهن ۾ قرآن کي گڏ ڪيو هو. اهو پهريون صحيفو هو جنهن ۾ قرآن حافظي جي سگھ تي تيار ڪيو ويو هو. اهو صحيفو امام جعفر جي خاندان ۾ هو. ڪجھ ڏينهن ٿيندا جو مون انهيءَ کي ابي يعلي حمزة الحسينيءَ وٽ ڏٺو آهي. ان جا ڪيترائي پنا ڳري ويا آهن. اهو حضرت علي بن ابي طالب جي هٿ جو لکيل آهي. امام حسن جي خاندان ۾ اهو ئي صحيفو پيءُ کان پٽ ڏانهن هلندو رهيو آهي ۽ انهيءَ جلد جي تفصيل هيٺين صفحن ۾ بيان ڪيل آهي.“ *(الفهرست 42 نديم)*

ان کان پوءِ الفهرست ۾ ڪجھ بہ نہ آهي، اجا بہ هڪ بيو مضمون شروع ٿي وڃي ٿو. انهيءَ مان خبر پوي ٿي تہ يا تہ بعد ۾ ڪنهن الفهرست جي اصلي نسخي ۾ خرابي ڪئي ۽ حضرت عليؓ جي ترتيب کي ڪڍي ڇڏيو يا الفهرست جي ليکڪ پاڻ هڪڙو صفحو ڇڏي ڏنو هو تہ بعد ترتيب کي ڏسي لکي وٺندس. بهرحال حضرت عليؓ واري صحيفي جي هن وقت تائين ڪابہ خبر پئجي نہ سگھي.

قرآن پاڪ جو هر هڪ نسخو چٽيءَ طرح سان پڌائي ٿو تہ موجوده ترتيب تاريخي نہ آهي. آيتن جي باري ۾ شيعو فرقو سنين کان جدا عقيدو رکي ٿو. انهن جو خيال آهي تہ سورتن ۾ جهڙي طرح آيتون مرتب آهن، اهي رسول الله ﷺ جون ترتيب ڏنل نہ آهن. پر اها دعويٰ سمورين سورتن جي لاءِ صحيح نٿي ٿي سگھي. بهرحال شيعا ڪنهن بئي قرآن کي، جنهن جي ترتيب موجوده قرآن کان جدا هجي، پيش نٿا ڪن ۽ موجوده ترتيب تي ئي راضي ٿي ويا آهن. اهي موجوده قرآن جي هر لفظ کي خدائي وحي مڃين ٿا، جيتوڻيڪ انهن مان ڪن جو خيال آهي تہ موجوده قرآن مان ڪجھ آيتون ۽ ڪجھ سورتون، جيڪي حضرت عليؓ ۽ اهل بيت جي واکاڻ ۾ هيون سي ڪڍيون ويون آهن.

هتي اهو بيان بہ دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندو تہ خدابخش اوريئنٽل لائبريري پٽنہ ۾ هڪ قلمي نسخو قرآن مجيد جو موجود آهي ۽ انهيءَ جي ترتيب انهيءَ ترتيب موجب آهي. انهيءَ ۾ بہ سورتون (يعني سورت ولايت ۽ سورت نورين) ۽ ڪجھ آيتون موجوده قرآن کان وڌيڪ آهن.

سورت ولايت جي هيٺان هيٺيون نوٽ فارسي ۾ آهي ”شيعن ۽ سنين ۾ انهيءَ ڳالھ تي وڏو اختلاف اهو آهي تہ سورتن ۽ آيتن جي نزولي ترتيب ڇا


Sindhica Academy, Karachi

آهي. هر فرقي مختلف حديثون گڏ ڪيون آهن. پر سيني جو انهيءَ ڳالھ تي اتفاق آهي تہ قرآن جي موجوده ترتيب حضرت عثمان جي زماني ۾ ٿي آهي. بهرحال انهيءَ کان انڪار نٿو ٿي سگھي. شيعن جو خيال آهي تہ قرآن هن کان وڌيڪ هو جيڪو عثماني صحيفي ۾ موجود آهي ۽ هڪ پورو جلد حضرت علي وٽ هو، جنهن کي هڪ امام ٻئي امام کي ڏيندو ايندو هو. آخري امام کان پوءِ اهو امام مهدي وٽ پهچي ويو جيڪو اسان جي اکين کان اوجهل آهي. جڏهن امام غائب ظاهر ٿيندو تہ هو اچي انهيءَ قرآن کي ظاهر ڪندو. انهيءَ قرآن جون آيتون ۽ سورتون ٻئي نزولي ترتيب سان گڏ ڪيون ويون آهن. ٻنهي فرقن جي عالمن جي اتفاق راءِ سان اهو قرآن ڇاپيو نہ ويو آهي. هن قرآن ۾ بہ سورتون وڌيڪ آهن ۽ ٿوريون آيتون بہ ڪٽي ڪٽي وڌايون ويون آهن. جيئن تہ شيعہ عالمن جو اهو چوڻ آهي تہ حضرت عليؓ جي زماني کان وٺي سمورو قرآن نہ ڇاپيو ويو ۽ مهدي جي ظاهر ٿيڻ تائين اهو قرآن ظاهر نہ ٿيندو. تنهن ڪري انهيءَ قرآن جون سورتون ۽ آيتون تلبيس کان خالي نہ آهن ۽ انهن تي اعتماد نٿو ڪري سگھجي.

هن قرآن جي ڪتابت جي تاريخ 1200 ھ آهي ۽ هن ۾ 234 صفحا آهن ۽ هر صفحي ۾ 17 سٽون آهن.

## عبدالله بن عباس وارو صحيفو:

عبدالله بن عباس بن عبدالمطلب جو لقب ”حبر الامة“ هو. ان کان پوءِ ”ابوالخلفا“ جو لقب پڻ پئجي ويو هو. ڇو جو عباسي خليفا ان جي اولاد مان هئا. هجرت کان لڳ ڀڳ ٽي سال پهريان پاڻ ان وقت پيدا ٿيا جڏهن پاڻ شعب ابي طالب ۾ نظر بند هئا. پاڻ ڪريم ﷺ جي وفات جي وقت ان جي عمر رڳو 13 سال هئي. سندن والد حضرت عباس فتح مڪي جي وقت مسلمان ٿيو هو. انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو تہ هنن کان جيڪي رسول الله ﷺ جون حديثون روايت ڪيل آهن، انهن مان گھڻيون اهڙيون آهن جيڪي پاڻ ٻين کان ٻڌائون. هن کي ننڍپڻ جي رڳو ٻن ٽن سالن جي لاءِ پاڻ ﷺ جي صحبت نصيب ٿي هوندي. پر جيئن تہ سندن عمر وڌي هئي، انهيءَ ڪري ڪين پاڻ ڪريم ﷺ جي باري ۾ معلومات جو گھڻو وجھ مليو. ان ڪانسواءِ رسول الله ﷺ انهن جي لاءِ دعا بہ گھري هئي تہ الله تعاليٰ کيس ڪتاب ۽ حڪمت جي سمجھ عطا ڪري. سندن لقب ”ترجمان القرآن“ بہ هو. وفات واري وقت سندن عمر 68 سال هئي. پاڻ پنهنجي عمر جي


www.sindhsalamat.com

آخري حصي ۾ نابين ٿي ويا هئا. پاڻ شيعان علي مان هيا ۽ جنگ جمل ۽ جنگ صفين ۽ نهروان ۾ پاڻ حضرت عليؓ سان گڏ هئا.

"ابن الزبير کيس طائف ڏانهن ڪيدي ڇڏيو هو جتي سندن وفات ٿي." (الف.الف، صفحه 372-274)

"حضرت عليؓ پنهنجي خلافت واري زماني ۾ کين بصره جو گورنر مقرر ڪيو هو جتي پاڻ حضرت علي جي شهادت تائين والي رهيا. پر ابن زبير کين طائف ڏانهن ڪيدي ڇڏيو هو جتي سندن وفات ٿي." (الف. الف 372-274)

(ج ڪ جده صفحه 811)

41ھ ۾ ابن العباس جو مشهور پٽ جنهن جو نالو علي هو پيدا ٿيو. هو علي عباسي خليفن جو ڏاڏو هو. علي جي پيدائش جنهن سال ٿي هئي، انهيءَ سال امام حسن بن علي امير معاويه جي حق ۾ خلافت تان هٿ ڪٽي ويو هو. علي بن عبدالله بن العباس جي پيدائش، خلافت کي نبوي خاندان ڏانهن موٽائڻ جو سبب بڻي.

ابن عباس به انهن اصحابن جي جماعت سان گڏ هئا جن کي امير معاويه 50 ھ ۾ قسطنطنيه تي حملو ڪرڻ جي لاءِ روانو ڪيو هو ۽ يزيد کي به مجبور ڪيو هئائين ته انهيءَ فوج سان گڏجي وڃي. ابو ايوب انصاري 30 هزار مسلمانن سان گڏ وڙهندي شهيد ٿي ويو. اسلامي لشڪر گهيراءُ ڇڏي امن سان موٽي اچڻ کي ترجيح ڏني. ان کان پوءِ مسلمانن دمشق ۾ هڪ ٺاهه تي صحيح ڪئي ۽ اوپر ۾ رومن سامراج جي 30 سالن جي لاءِ ڏاک ويهي وئي.

جڏهن امام حسينؓ عراق (ڪوفه) ڏانهن انهيءَ مقصد سان وڃي رهيو هو ته يزيد کان خلافت کسي ته ان وقت ابن عباس مکي ۾ هو. پاڻ کين ڪوفي ڏانهن وڃڻ کان روڪيو ۽ چيو ته عبدالله بن زبير انهيءَ خبر تي خوش ٿيندو ڇو جو تنهنجي موجودگيءَ ۾ حجاز جي اندر ڪير به ان جو قدر نٿو ڪري. (ا.ڪ)

امام حسين جي شهادت کان پوءِ عبدالله بن زبير خلافت جو دعويدار ٿي پيو. هن ابن عباس کان بيعت لاءِ گهر ڪئي پر پاڻ انڪار ڪيائون. انهيءَ سان يزيد کي اهو خيال پيدا ٿيو ته ابن عباس منهنجو ساٿاري آهي. پر پاڻ يزيد ڏانهن هڪ خط لکي ان جي غلط فهميءَ کي ختم ڪيائون.

ابن عباس جي باري ۾ پيهر 68 ھ ۾ ڪجهه حال احوال ملي ٿو. انهيءَ زماني ۾ زبير مکي ۾ خليفو هو. ابن حنفيهؓ (محمد بن علي) مکي ۾ ابن زبير


Sindhica Academy, Karachi

جي بيعت کان انڪار ڪري طائف اچي ويو هو. انهيءَ وچ ۾ ابن عباس مکي ۾ ويو ۽ سخت ڳالهيون ڪري طائف هليو آيو ۽ هتي اچي وفات ڪيائين. ابن حنفيهؓ جنازي جي نماز پڙهائي. (ا.ڪ 66 ھ)

انهن سمورين حالتن کي ڏسندي خبر پوي ٿي ته پاڻ حضرت عليؓ جي سخت طرفدارن مان هئا. جيتوڻيڪ پاڻ يزيد بن معاويه جي ماتحتي ۾ هڪ دفعو قسطنطنيه تي جهاد ڪرڻ لاءِ مجبور به ٿيا هئا ۽ ان کان پوءِ جيتوڻيڪ اموي خليفن سان بيعت نه ڪيائون، پر پاڻ ابن الزبير جي به حڪومت نه مڃيائون جيڪي عراق ۽ حجاز جا امير هئا.

حضرت ابن عباس جي حالتن کان توهان واقف ٿي چڪئو. قرآن ڪريم جي نزولي ترتيب جي باري ۾ جيتريون به روايتون ملن ٿيون سي لڳ ڀڳ سڀ جو سڀ ساڻس منسوب آهن. اهي هيٺ ذڪر ڪيون وڃن ٿيون.

- **روايت (1):** ابن سعد پنهنجي طبقات ۾ لکيو آهي ته واقدي قدامه کان، هن ابي سلميٰ الحضرمي کان، هن ابن عباس کان ٻڌو ته مون ابن ابي ڪعب کان پڇيو ته مديني ۾ ڪيترو قرآن نازل ٿيو، ته هن چيو ته 27 سورتون اتي نازل ٿيون باقي مکي ۾ نازل ٿيون (اتقان 9).
- **روايت (2):** النحاس پنهنجي ڪتاب الناسخ والمنسوخ ۾ لکي ٿو ته يموت بن المزرع مون کي چيو ته مون ابو حاتم سهل بن محمد السجستاني کان ٻڌو، جنهن ابو عبيده معمر بن المثنيٰ کان ٻڌو، هن يوسف بن حبيب کان ٻڌو ته هن مجاهد کي چيو ته مکي ۽ مدني قرآن کي جدا جدا ڪريو. هن چيو ته مون ابن عباس کان انهيءَ جي باري ۾ پڇيو ته هن فرمايو:

أ. سورت 6 (الانعام) هڪ ئي دفعو مکي ۾ نازل ٿي هئي. اها ٽن آيتن کانسواءِ آهي جيڪي آخر ۾ آهن (قل تعالوا....) ۽ جيڪي مديني ۾ نازل ٿيون هيون. سموري سورت مکي آهي.

ب. سورت، 10، 11،12،13،14 ۽ 16 مکي آهن.

ت. سورت 16 (النحل) مکي ۾ نازل ٿي، سواءِ آخري ٽن آيتن جي جيڪي مکي ۽ مديني جي وچ ۾ احد جبل وٽ نازل ٿيون.

ث. سورت 17، 18، 19، 20 ۽ 21 مکي آهن.

ج. سورت 22 (الحج) مکي آهي، سواءِ ٽن آيتن جي جيڪي (هذان خصمان) کان شروع ٿين ٿيون، جيڪي مدني آهن.


www.sindhsalamat.com

ح. سورت 22 ۽ 25 مڪي آهن.

خ. سورت 26 (شعراء) مڪي آهي، سواءِ پنجن آخري آيتن جي جيڪي مدني آهن ۽ والشعراء يتبعهم الغاؤن کان شروع ٿين ٿيون.

د. سورت 27، 28 ۽ 29 مڪي آهن.

ذ. سورت 31 (لقمان) سواءِ ٽن آيتن جي مدني آهي. يعني ولو انما في الارض من شجره کانسواءِ.

ر. سورت 32 (السجده) مڪي آهي سواءِ هنن ٽن آيتن جي: يعني افمن کان مؤمنا کمن کان فاسقاً.

ز. سورت 34، 35، 36، 37 ۽ 38 مڪي آهن.

س. سورت 39 مڪي آهي سواءِ انهن ٽن آيتن جي جيڪي مديني ۾ حضرت حمزه جي قاتل وحشي جي باري ۾ نازل ٿيون يعني قل يا عبادي الذين اسرفوا .... الخ.

ش. سورت 40، 41، 42، 43، 44، 45، 46، 50، 51،52، 53، 54، 55 ۽ 56 مڪي آهن.

ص. سورت 46 مڪي آهي سواءِ آخري ٻن آيتن جي جيڪي مدني آهن.

ض. سورت 67، 68، 69، 70، 71 ۽ 72 مڪي آهن.

ط. سورت 73 مڪي آهي سواءِ آخري ٻن آيتن جي: (ان ربک يعلم ... الخ)

ظ. سورت 74 کان ختم قرآن تائين مڪي سورتون آهن. سواءِ 99، 110، 113 ۽ 114 جي، جيڪي مدني آهن. (اتقان 9-10)

هن کان پوءِ مدني سورتن جي فهرست آهي يعني اهي سورتون جيڪي متين فهرست ۾ شامل نہ آهن سي مدني آهن. سيوطيءَ اهو بہ واذارو ڪيو آهي تہ انهيءَ روايت جا بيان ڪرڻ وارا سيئي ثقہ، عادل ۽ عرب جا مشهور عالم آهن.

- **روايت (3):** بيهقي دلائل النبوة ۾ چوي ٿو تہ ”اسان کي ٻڌايو علي بن احمد بن عبدان، ان کي ٻڌايو عبيد الصغار، هن محمد بن الفضل کان ٻڌو، هن اسماعيل بن زراه الراتي کان ٻڌو، هن عبدالرحمان قرشي کان، هن خصيف کان، هن مجاهد کان، هن ابن عباس کان جنهن انهن سورتن جي تفصيل ٻڌائي جيڪا مديني ۾ نازل ٿي هئي.“ يعني روايت نمبر (2) ۾ جيڪي سورتون باقي رهجي ويون هيون. (اتقان — 10)

انهيءَ روايت ۾ انهن تنهي سورتن جو تفصيل نہ آهي جيڪي ابن عباس (متي ڪيل روايت نمبر 2 ۾) ڇڏي ڏنيون هيون، پر هيٺ بيان ڪيل روايت مان


Sindhica Academy, Karachi

اسان کي خبر پوي ٿي تہ هن سورت 13، 55، 67 ۽ 98 کي روايت نمبر 2 ۾ شامل نہ ڪيو هو. روايت نمبر 2 ۽ نمبر 4 ۾ هڪ فرق موجود آهي جنهن جو ذڪر بيهقي نہ ڪيو آهي. روايت نمبر 2 ۾ ابن عباس سورت 30، 113، 114 کي مدني سڏي ٿو، پر اهي ئي سورتون روايت نمبر 4 ۾ مڪي ٻڌايون ويون آهن.

ظاهر آهي تہ انهن ٻنهي روايتن مان هڪ شڪ ۾ آهي. پر اسان سچائيءَ تائين قرآن پاڪ جي اندروني شاهدي جي وسيلي ئي پهچي سگهون ٿا، جيڪا انهيءَ تحقيق جو اصل مقصد آهي.

- **روايت نمبر (4):** فضائل القرآن ۾ ابن الفريس ابن عباس جي رواين جي سلسلي جي حوالي سان روايت ڪري ٿو تہ ”جڏهن سورت فاتحہ نازل ٿي تہ اها مڪي ۾ هڪڙي سورت هئي. ان کان پوءِ الله تعاليٰ جيڪو گهريو انهيءَ ۾ واڌارو ڪري ڇڏيو“. (اتقان 10)

هن کان پوءِ ابن عباس جي سورتن جي اها فهرست آهي، جيڪا سورت 96 (اقراء) کان شروع ٿي آخري سورت 9 (توبہ) تائين آهي. اها فهرست نزولي ترتيب سان آهي ۽ هن مقالي جي آخر ۾ سڄي ئي نقل ڪئي وئي آهي.

انهيءَ روايت مان هڪ خاص ڳالهہ اها بہ معلوم ٿئي ٿي تہ سورت فاتحہ جو رڳو ايترو جزو (جيڪو ان کي هڪ سورت بڻائڻ جي لاءِ ڪافي هو) مڪي ۾ نازل ٿيو ۽ باقي سورت مدني آهي.

هن روايت ۾ ۽ روايت نمبر 2 ۾ جيڪو اختلاف آهي، سو مٿي بيان ڪيو ويو آهي، پر انهيءَ ۾ جيڪو نئون خيال سورت فاتحہ جي باري ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي تہ ڪجهہ مڪي آهي ۽ ڪجهہ مدني، انهيءَ باري ۾ سيوطي کي ڪجهہ اختلاف آهي (ڏسو اتقان 14). جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهہ جي تائيد سيوطي بہ ابوالليث ثمرقندي جي زباني پهريان لکي چڪو آهي. (اتقان12).

## مصحف حسينؒ بن علي ۽ عڪرمہؒ:

حسين بن علي 5 شعبان 3 هہ يا 4 هہ ۾ پيدا ٿيو ۽ جمعي جي ڏينهن 10 محرم سنہ 61 هہ ۾ شهيد ٿيو (اصابہ). يعني پاڻ ڪريم ﷺ جي وفات واري وقت سندن عمر رڳو 10 سال هئي. تنهن ڪري بيهقي جيڪا روايت ڪانئن اتقان صفحي نمبر 10 تي نقل ڪئي آهي، سا پاڻ رسول الله ﷺ کان ٻڌي روايت نہ ڪئي هوندائون، پر امڪان آهي تہ ٻئي ڪنهن اصحابيءَ کان ٻڌي هجي ڇو جو انهيءَ روايت جو مآخذ ڄاڻ ۾ نہ آهي. تنهن ڪري اها روايت


www.sindhsalamat.com

وڏيڪ وزنائتي نٿي ٿي سگهي.

عڪرمہ حضرت ابن عباس جو آزاد ڪيل غلام هو. انهيءَ ڪري ٿي چئي سگهجي ٿو تہ انهن جي روايتن جو بنياد گهڻو تڻو حضرت ابن عباس جي روايتن تي هوندو.

بهرحال انهن ٻنهي بزرگن جي روايت سان بيهقي دلائل النبوه ۾ سند سان هڪ روايت نقل ڪئي آهي (اتقان 10) جنهن مان قرآن جي نزولي ترتيب جي خبر پوي ٿي، جيڪا انهن ماڻهن جي ڄاڻ ۾ هئي.

اها سورتن جي فهرست انهيءَ ترتيب سان بلڪل ٺهڪي اچي ٿي جيڪا حضرت ابن عباس ٻڌائي آهي. ان ۾ جيڪي اختلاف آهن سي هن ريت آهن:

أ. هن ۾ سورت نمبر 1، 7، 19 نہ آهن. پر ابن عباس سورت 17 ۽ 19 کي مڪي ٻڌايو آهي ۽ سورت نمبر 1 جي پهرين ٽن آيتن کي بہ مڪي ٻڌايو آهي. انهيءَ ڪري وڏي حيرت ٿئي ٿي تہ پهرين سورت يعني سورت فاتحہ کي انهيءَ روايت ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي. جيڪا قرآن پاڪ جي سڀ کان ضروري سورت سمجهي وڃي ٿي. گهڻو ڪري حسين ۽ عڪرمہ (رضي الله عنهما) ابن مسعود جي پيروي ڪرڻ مناسب سمجهيو هوندو جنهن سورت فاتحہ کي پنهنجي صحيفي ۾ نہ لکيو هو. (ڏسو نديم الفهرست 40)

ب. هن روايت ۾ ڪن سورتن جا اهي نالا لکيا ويا آهن جيڪي ابن عباس جي روايت ۾ نہ آهن. ان جو سبب اهو آهي تہ جيڪڏهن توهان پهرين صدي هجري جا صحيفا ڏسندؤ تہ خبر پوندي تہ فعل جي لاءِ رڳو بسم الله الرحمٰن الرحيم لکي ڇڏيندا هئا. سورتن جا نالا اڳتي هلي لکجڻ لڳا. مثال طور ابن عباس ۽ حسين ۽ عڪرمہ جي صحيفن ۾ لکڻ جو انداز ڪجهہ هن طرح هو:

| سورت نمبر | ابن عباسؒ | حسين ۽ عڪرمہؒ |
|---|---|---|
| 73 | يا ايها المزمل | المزمل |
| 107 | ارايت الذي يكذب | ارايت |
| 105 | الم تر كيف فعل ربك | اصحاب الفيل |
| 72 | قل اوحي | الجن |
| 26 | طسم الشعراء | طسم |
| 28 | القصص | طسم |
| 10 | يونس | التاسعه |
| 15 | اصحاب الحجر | الحجر |
| | وغيره | وغيره |


Sindhica Academy, Karachi

ت. ابن عباس سورت مائده کي آخري مدني سورتن کان اڳ ۾ جاءِ ڏني آهي. پر حسين ۽ عڪرمہ ان کي ڇهين مدني سورت سڏيو آهي.

ث. ابن عباس سورت تطفيف کي مڪي سورتن جي آخر ۾ جاءِ ڏني آهي، پر حسين ۽ عڪرمہ مدني دؤر جي شروعات هن سورت سان ڪئي آهي. اهو هڪ ننڍڙو اختلاف آهي. پر انهيءَ مان اهو سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ راوين مان هڪ راوي ننڍڙي غلطي ڪئي آهي.

**نوٽ:** سيوطي جي "اتقان" جي ٻن ڇاپيل نسخن جو مقابلو ڪرڻ سان ڪتابت جو هڪ عجيب اختلاف ڄاڻ ۾ آيو آهي. انهن مان هڪ ازهريہ ڇاپخاني مصر جو 1967ع ۾ ڇاپيو آهي ۽ ٻيو ڪلڪتي ۾ 1885ع ۾ شپرنگر علماء مدرسہ عاليہ ڪلڪتہ جي تصحيح ڪان پوءِ ڇاپيو هو. انهن ۾ اختلاف هن طرح آهن:

| نمبر | ڪلڪتہ وارو ڇاپو | مصر وارو ڇاپو |
|---|---|---|
| 1 | صفحو 20 سٽ 13 الحسن | صفحو 10 سٽ 8 الحسين |
| 2 | صفحو 20 سٽ 22 السابعه | صفحو 10 سٽ 14 التاسعه |
| 3 | صفحو 21 سٽ 10 السابعه | صفحو 10 سٽ 21 التاسعه |

**محمد بن نعمان بن بشير وارو صحيفو:** الفهرست ۾ جيڪا ترتيب سورت محمد بن نعمان بن بشير سان منسوب آهي، ان کي النديم راوين جي سلسلي جي حوالي سان هن طرح بيان ڪيو آهي: "قرآن پاڪ جي پهرين سورت جيڪا پاڻ ڪريم ﷺ جن تي نازل ٿي سا اقراء 94، (مالم يعلم) تائين هئي. ان کان پوءِ سورت نون، پوءِ مزمل (جنهن جو آخري حصو مديني ويندي نازل ٿيو هو. پوءِ المدثر نازل ٿي. پر مجاهد جو قول آهي تہ اها مدثر نہ پر سورت "تبت يدا" هئي. (ن ف 37). ان کان پوءِ سمورين سورتن جي فهرست آهي جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ سورت والناس مدني آهي ۽ سورت لقمان ۽ سورت ڪهف ۽ سورت نحل جو آخري حصو بہ مدني آهي ۽ سورت (73) يعني تطفيف


www.sindhsalamat.com

مدني آهي. انهيءَ ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته ”معوذتين“ سڀ کان پهران مديني ۾ نازل ٿيون. ان کان پوءِ باقي قرآن نازل ٿيو. (الفهرست 39)

ايئن پيو سمجهه ۾ اچي ته متي ڏنل فهرست ۾ محمد بن نعمان رڳو مڪي سورتن جي ترتيب ٻڌائي آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ سلسلي ۾ النديم هڪ ٻي فهرست پڻ ڏني آهي جيڪا ابن جريج جي روايت سان مدني سورتن جي ترتيب کي ظاهر ڪري ٿي.

انهيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته 85 سورتون مڪي ۾ ۽ 68 سورتون مديني ۾ نازل ٿيون. انهيءَ ۾ مدني سورتن جي روايت ابن عباس تي ختم ٿئي ٿي ۽ لڳ ڀڳ اها ئي روايت آهي، جيڪا اتقان ۾ ابن عباس کان روايت ٿيل آهي. فرق رڳو اهو آهي ته:

1. ابن عباس سورت احزاب کي مدني ٻڌائي ٿو ۽ سورت اعراف کي مڪي. پر الفهرست ۾ اها ترتيب الٽي ٿي وئي آهي يعني سورت احزاب مڪي ۽ اعراف مدني ٿي وئي آهي.
2. ابن عباس سورت الرحمان کي مدني ٻڌائي ٿو جيڪو حقيقت جي بلڪل خلاف آهي. پر الفهرست ۽ بيهقيءَ جي روايت ۾ ان کي مڪي ٻڌايو ويو آهي.

بهرحال ٻنهي سندن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته مڪي سورتن جي ترتيب (سواءِ ڪن جزوي اختلافن جي) هڪ ئي آهي. مثال طور ابن عباس سورت 84 ۽ 85 کي مڪي سورتن جي وچ ۾ رکيو آهي. پر محمد بن نعمان جي فهرست ۾ سورت 54 ۽ سورت 86 آهي ۽ اها مڪي سورتن جي فهرست جي بلڪل آخر ۾ لکي وئي آهي.

ٻنهي ۾ سورت فاتحه نه آهي. پر ابن عباس جي فهرست جي آخر ۾سورت فاتحه جو ذڪر آهي ڇو جو ان جو خيال آهي ته ان مان اڌ مڪي ۾ ۽ اڌ مديني ۾ نازل ٿي. (صفحا 8 کان 12).

مسلمانن جي قديم ڪتابن ۾ قرآن پاڪ جي نزولي ترتيب جي باري ۾ رڳو ايتري ڄاڻ پئجي سگهي آهي جيڪا متي بيان ڪئي وئي آهي. ان کان پوءِ اڄ تائين ڪوبه اهڙي قسم جو ڪم نه ٿيو آهي. گذريل صديءَ کان يورپي محقق جيڪي ڪوششون ڪيون آهن تن جو تت پيش ڪرڻ پڻ ضروري آهي ته جيئن اڳتي هلي اسان جيڪو طريقو اختيار ڪريون، تنهن ۾ اسان جو نقط نظر چٽو نظر اچي جيڪو هي آهي:


Sindhica Academy, Karachi

# قرآن ڪريم جي نزولي ترتيب جي سلسلي ۾ مستشرقن جو ناڪام ڪوششون

## ميور:

جيستائين يورپي محققن جو تعلق آهي، انهن سڀني ۾ سر وليم ميور جو نالو سڀني کان اوچو نظر اچي ٿو. هي اهو پهريون ماڻهو آهي جنهن قرآن جي مختلف سورتن کي نزولي ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. نوئل ڊيڪي پڻ انهيءَ ڳالهه جو اعتراف ڪري ٿو ته ميور کي قرآني سورتن جي ترتيب جو خيال سڀ کان پهريان آيو (ن.گ 5). مارگو ليوٿ جو قول آهي ته ميور ”لائف آف محمد“ تمام گهٽي عيسائي تعصب ۾ لکيو آهي. ڏسو انسائيڪلو پيڊيا برطانيڪا (Mahomet). جيتوڻيڪ هو پنهنجي لکٽي ”محمد“ ۾ هو ميور جي ”سيرت محمدﷺ“ کي پاڻ ڪريم جي باري ۾ اعتدال واري ۽ سنجيده تنقيد سڏي ٿو. چڻ ته ان جو خيال آهي ته ”هاڻي اهڙن ڪتابن جي ضرورت نه آهي“ (ڏسو ديباچو، صفحه ۽ ”محمد“ از مارگوليٿ). ميور پنهنجي دليلن ۾ قياس آرائيءَ کان گهڻو ڪم ورتو آهي ۽ ڪيترن ئي جائن تي ته موضوع ۽ ڪمزور حديثن کي دليل طور به استعمال ڪري ٿو. هن جي اها دعويٰ بنا ڪنهن سند جي آهي ته ”شروعاتي سورتون ۽ ٻيئي قول محفوظ نه رکيا ويا، جيئن ته انهن کي وحي محفوظ سمجهيو ويو“. هن جو خيال آهي ته شروعاتي وحيءَ جا ڪاتب ورقہؓ، عليؓ، ۽ خديجہؓ (رسول الله ﷺ جي گهر واري) هئا. (م.ل) هن کي اها به خبر نه آهي ته ورقہ نابين هو. علي جي عمر رڳو ڇهه سال هئي ۽ خديجہؓ ڪڏهن ڪتابت ڪئي ئي ڪونه هئي. امڪانن ۽ قياسن کي بنيادي دليل بڻائڻ ۽ انهن مان ٻيئي نتيجا اخذ ڪرڻ وڏو خطرناڪ ڪم آهي.


www.sindhsalamat.com

بهرحال، هن جيڪو ڪجهه سورتن کي تاريخي ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي سا انهيءَ لاءِ وڌيڪ دلچسپ آهي جو اهو پهريون يورپي عيسائي آهي جنهن قرآن جي سورتن کي تاريخي ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

ميور قرآن جي سورتن جا ڇهه دؤر ٻڌائي ٿو (ڏسو قرآن (Spek) ايڊيشن ۾ H.D صفحو 492) اهي هيٺ ڏنل آهن:

- ”پهريون دؤر 18 سورتن جي مشتمل آهي جنهن ۾ ننڍا ننڍا گيت يا نثر جا ٻي جوڙ ٽڪرا آهن جيڪي محمد ﷺ رسالت يا (خدائي مشن) جو خيال اچڻ کان اڳ لکيا هوندا. انهن مان ڪوبه اهڙو ٽڪرو نه آهي جيڪو خدائي پيغام جي شڪل ۾ هجي“.
- ٻيو دؤر چئن سورتون آهن. محمد ﷺ جي رسالت سورت 96 کان شروع ٿئي ٿي جنهن ۾ قراءت جو حڪم آهي ۽ حديثون انهيءَ کي پهرين وحي سڏين ٿيون.
- ٽئين دؤر ۾ 19 سورتون آهن. انهن ۾ قيامت جي ڏينهن، بهشت ۽ دوزخ جو ذڪر آهي جيڪو قريشن جي سخت مخالفت سان لاڳاپو رکي ٿو. اها دؤر رسالت جي شروع کان وٺي حبشہ جي هجرت تائين وارين سورتن تي مشتمل آهي. يعني نبوت جي پهرين کان پنجين سال تائين).
- چوٿين دؤر ۾ 23 سورتون آهن. اهي محمد ﷺ جي نبوت جي ڇهين کان ڏهين سال تائين وارين سورتن تي مشتمل آهي. هن دؤر ۾ يهودين جي پاڪ ڪتابن جو ذڪر شروع ٿئي ٿو. قديم قومن ۽ عرب جي ڪهاڻين جو ذڪر آهي. بت پرستيءَ کان ٿوري مدت لاءِ ڏاهه سورت 54 سان لاڳاپو رکي ٿو.
- پنجين دؤر ۾ 31 سورتون آهن. اهو دؤر پاڻ ڪريم ﷺ جي نبوت جي ڏهين سال کان شروع ٿي مڪي جي هجرت تائين حاوي آهي. انهيءَ زماني جي سورتن ۾ ڪي بيان انجيل جا آهن. حج جا حڪم ٻڌايا ويا آهن. قريش جي اعتراضن جو جواب ڏنو ويو آهي ۽ اسان جي سامهون حشر ۽ جزا واري ڏينهن، جنت ۽ جهنم، توحيد جي ثبوت ۽ الله تعاليٰ جي قدرت ۽ پالڻهاري جي جيئري جاڳندي تصوير چِٽي وئي آهي. آهستي آهستي سورتون ڊگهيون ٿينديون وڃن ٿيون ۽ ڪي نه ڪيترن ئي صفحن تائين پهچن ٿيون. هن زماني جي آخري سورتن ۾ اسان کي گهڻو ڪري مديني جون آيتون ملن ٿيون جيڪي ڪنهن


Sindhica Academy, Karachi

مضمون جي سلسلي ۾ وڌايون ويون آهن. مثال طور سورت 42 جي آيت 40 هڪ اهڙي آيت آهي جنهن ۾ مڪي وارن جي خلاف هٿيار کڻڻ جي اجازت ڏني وئي آهي.

- ڇهون ۽ آخري دؤر ويهن سورتن تي مشتمل آهي جيڪي مديني ۾ ڏنيون ويون آهن (و. ڊ 509) يعني اهي سورتون جيڪي مديني ڏانهن هجرت جي پهرين سال کان پاڻ ڪريم ﷺ جي وفات تائين نازل ٿيون.

ٻي ڪنهن جاءِ تي اسان ميور جي پوري فهرست نقل ڪئي آهي. هن پاڻ ڪريم ﷺ جي زندگيءَ جا جيڪي مختلف دؤر سڏيا آهن، سي مسلمان تاريخدانن جي بيانن ۾ ڪڍيا ويا آهن. پر نوئل ديڪي جو خيال صحيح آهي ته ميور قرآن جا ڇهه دؤر مقرر ڪرڻ ۾ غلطي ڪئي آهي (ن.گ 95) ان ڪانسواءِ هن وٽ پنهنجي بيان لاءِ ڪابه سند نه آهي ته هو پهرين دؤر جي سورتن کي وحي نه سڏي. جڏهن ته هن قرآن پاڪ جي 18 سورتن کي انهيءَ ڪري قرآن پاڪ مان خارج سڏيو، جو اهي ان جي گمان ۾ رسالت کان اڳ واريون سورتون آهن. ان ڪانسواءِ هو 21 سورتن جي باري ۾ اهو مڃي ٿو ته مان انهن کي ڪنهن خاص دؤر سان واڳي نٿو سگهان، ڇو جو ڪيس انهن جي نزول واري زماني جي پڪ نه آهي.

وائل: ڊاڪٽر گستاف وائل ٻيو مستشرق آهي، جنهن قرآن جي سورتن جي نزولي ترتيب ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جو ڪتاب ”تمهيد قرآن“، جيڪو 1878ع ۾ ٻيو دفعو ڇپيو، انهيءَ موضوع تي هڪ مشهور ڪتاب آهي. نوئل ديڪي ان مان گهڻي مدد ورتي آهي ۽ گهڻو ڪري هن جي ئي خيالن جي پابندي ڪئي آهي.

هن جي پهرين ڪوشش اها هئي ته پاڻ ڪريم ﷺ جي سيرت ۽ قرآن جي ٻوليءَ جو مطالعو ڪري (ڪ.ه 31). هن جو چوڻ آهي ته رڳو انهيءَ ئي طرح سان اسان ڪنهن حد تائين قرآن جي مختلف سورتن جي تاريخ ڄاڻي سگهون ٿا. (ڪ.ه 32).

”محمد ﷺ جي عربي سيرت نگارن جي مدد سان اسان قرآن جي انهيءَ حصي جي تاريخ مقرر ڪري سگهون ٿا، جن ۾ ڪي تاريخي واقعا ذڪر ڪيل آهن. جتي اها ڳالهه نه آهي، اتي جيڪا شيءِ مددگار ٿي سگهي ٿي سا وحيءَ جي صورت ۽ ان جي معنويت آهي“ (ڪ. ه. 32) انهيءَ ڪري هن پاڻ ڪريم ﷺ جي زندگيءَ کي ٽن حصن ۾ ورهائيو آهي:

1. شروع ۾ (محمد ﷺ هڪ سڌارڪ جي طور تي ظاهر ٿين ٿا. انهيءَ


www.sindhsalamat.com

زماني ۾ متن جوش ۽ جذبي جو زور آهي. سندن ٻولي قافيي واري آهي، انهيءَ ۾ شاعريءَ واري سچي چاشني آهي. انهن سورتن ۾ سندن مقصد تبليغ جو ذڪر آهي. انهيءَ ۾ اها روحاني چڪتاڻ آهي، جنهن جي آخر ۾ ڪين پڪو ويساهه ٿي وڃي ٿو تہ ڪين سچ پچ الله تعاليٰ مقرر ڪيو آهي تہ جيئن پاڻ قوم جي باطل پرستي کي ختم ڪن ۽ بت پرستي جي جاءِ تي هڪ قدرت رکندڙ ۽ هر شيءِ تي نظر رکندڙ الله تعاليٰ جي پوڄا کي جاري ڪن، جيڪو بد ڪردار ۽ بي ايمان کي گهٽو ڪري هن دنيا ۾ جهجهي سزا ڏئي ٿو. پر هن ڪان پوءِ اچڻ واري زندگي ۾ تہ پڪ سان سزا ڏيندو. ان سان گڏوگڏ ايمان وارن ۽ نيڪ عمل ڪندڙن کي چڱو بدلو ڏيندو آهي ۽ ڏيندو. انهيءَ زماني سان لاڳاپيل سندن اهي جملا آهن جيڪي پاڻ پنهنجي مخالفن تي ڪيائون. اهي مخالف جيڪي ڪين ذليل ۽ ڪوڙو سمجهندا هئا. انهيءَ ۾ اهي آيتون بہ آهن جيڪي الله تعاليٰ سندن صبر ۽ ثابت قدمي جي لاءِ نازل ڪيون آهن. هن زماني جي ڪيترين ئي سورتن ۾ بهشت جي دلپسند رهڻي ۽ خوشين ۽ دوزخ جي اهنجن کي مادي رنگ ۾ رڱيو آهي ۽ انهيءَ ۾ قيامت جي ڏينهن وارين سختين کي خوفناڪ لفظن ۾ بيان ويو ڪيو آهي. باقي سورتن ۾ دعائون، گيت ۽ بد دعائون وغيره آهن. (ڪ ه 33، 34)

هاڻي اسان کي اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي تہ ”وحي جي صورت“ مان وائل جو ڇا مطلب آهي. صورت مان ان جو مطلب مختلف سورتن جي ديگهہ آهي. ڇو جو هن جو خيال آهي تہ قرآن جي سورتن جي تدوين اهڙي طرح ڪئي وئي آهي جو ديگهہ ۽ ننڍائيءَ جي لحاظ کان ڊگهيون سورتون پهريان ۽ ننڍيون سورتون آخر ۾ رکيون ويون آهن. (ڪ ه 33) انهيءَ ڪري ننڍرين سورتون شروعاتي سورتون آهن. ”معنيٰ“ سان انهيءَ جو مطلب پاڻ ڪريم ﷺ جي انهيءَ تعليم سان آهي، جيڪا انهن سورتن ۾ ڏني وئي آهي. انهيءَ تعليم جي باري ۾ هن جو خيال آهي تہ اهي ”هڪ اهڙي ماڻهو ڏني هئي جيڪو پنهنجي شروعاتي دؤر ۾ جوش ۽ جذبي سان ڀريل هو ۽ هن کي پڪ نہ هئي تہ هو الله جو پيغمبر آهي، پر هو پنهنجو پاڻ کي رڳو هڪ سڌارڪ سمجهندو هو“.

پاڻ ڪريم ﷺ جن کي رڳو هڪ سڌارڪ سڏڻ ۾ وائل تحقيق ڪئي هجي يا نہ، پر انهيءَ ۾ تہ جيترو بہ شڪ نہ آهي تہ رڳو ”جوش ۽ جذبي“ کي


Sindhica Academy, Karachi

انهيءَ شيءَ جو بنياد سڏڻ ۾ هن تمام وڏي غلطي ڪئي آهي تہ جيئن ان جي بنياد تي هو ڪنهن سورت کي انهيءَ دؤر سان لاڳاپيل هئڻ بيان ڪري سگهي. هرشفلڊ انهيءَ نظريي جي باري ۾ جيڪو ڇيو آهي سو تمام ئي مناسب لڳي ٿو ۽ اڳتي هلي اسان هرشفلڊ جو بہ تفصيلي بيان ڏنو آهي.

ان ڪانسواءِ شروعاتي دؤر وارين سورتن جي باري ۾ جيڪي روايتون آهن، سي ايتريون تہ ٽڪراءَ ۾ آهن جو اسان کي انهن سورتن جي اندر ئي ڪنهن اهڙي شيءِ کي ڳولي لهڻو آهي، جنهن مان خبر پئجي سگهي تہ اها سورت ڪهڙي زماني سان واسطو رکي ٿي. اسان ڪنهن سورت کي رڳو ڊگهي نہ هئڻ جي ڪري يا انهيءَ ۾ جوش ۽ جذبي نہ هئڻ يا شاعريءَ وارو قافيو نہ هئڻ جي ڪري شروعاتي دؤر ۾ بنا ڪنهن مناسب سبب جي نتا رکي سگهون.

2. وائل جو چوڻ آهي تہ ”ٻئي دؤر ۾ محمد (ﷺ) هڪ نئين مذهب جي باني جي حيثيت سان ظاهر ٿيا آهن. سنجيده متانهين تخيل پرستيءَ جي بدران غور ۽ فڪر ظاهر ٿيڻ لڳي ٿو. شاعري جي جاءِ تي خطابت جو زور معلوم ٿئي ٿو. سندن ٻولي سنجيده ۽ منطقي ٿي وڃي ٿي ۽ اڳ وانگر دلي جوش ۽ جذبو باقي نٿو رهي“.

”سورتون ڪجهه ڊگهيون ٿي وڃن ٿيون ۽ انفرادي طور ايماني جزن جي تشريح ڪن ٿيون. يا آڳاٽن ماڻهن ۽ نبين جي قصن کي اهڙي تہ اثرائتي انداز ۾ بيان ڪن ٿيون جو مؤمنن جي ايمان ۾ سگهہ ۽ مخالفن جي دلين ۾ خوف پيدا ٿي وڃي ٿو. حقيقت ۾ محمد (ﷺ) پنهنجو پاڻ کي آڳاٽن نبين وانگر سمجهن ٿا ۽ پنهنجي وات مان اهي ڳالهيون ڪن ٿا جن جي ڳالهہ جو رخ مڪي وارن ڏانهن هوندو آهي. اهي ٻڌائن ٿا تہ انهن نبين کي ان دؤر جي ماڻهن غلط سمجهيو هو، ايتري تائين جو حق جي سوڀ ٿي ۽ گنهگار شرمندا ڪيا ويا ۽ تباهہ ڪيا ويا. انهيءَ دؤر سان اهي سورتون بہ لاڳاپو رکن ٿيون جن ۾ انهن ڪفر ڳاڙ مطالبن جي خلاف دليل آهن، جيڪي نبوت جي ثبوت جي لاءِ معجزي گهرڻ جي صورت ۾ ڪيا ويندا هئا. پر پاڻ سدائين وحيءَ جي سچائي جي لاءِ ان جي معنوي سچائي ۽ صوري ڪمال ڏانهن اشارو ڪري ٻڌائن ٿا تہ اهو ئي پڪو نڪو نشان (معجزو) ان جي خدائي مآخذ (وحي) هجڻ جو آهي. انهيءَ زماني سان لاڳاپيل ڪيترائي خواب آهن جن ۾ پاڻ ﷺ جن سان جِنن عقيدت جو اظهار ڪيو. انهيءَ ۾ بيت المقدس تائين اڏ


www.sindhsalamat.com

راتِ جو سفر (معراج) به آهي. اهي آسماني سفر سندن دؤر جي ماڻهن جي نظرن ۾ خواب هو. انهيءَ دؤر ۾ ڪجهه اخلاقي حڪم عيسائين جي تثليث ۽ عيسيٰؑ جي سوريءَ تي چاڙهڻ کي رد ڪيو آهي. انهن سيني ڪانسواءِ ڪيترين ئي شيون جي الله، وحي، قيامت ۽ حشر جي باري ۾ آهن. اڳ ۾ ئي پڙهي ٻڌايون ويون آهن. سي هر هر ورجايون ويون آهن". (ڪ. ه 24).

وائل جي چوڻ موجب، هن زماني جي خاص ڳالهه اها آهي ته پاڻ ڪريمﷺ هڪ نئون مذهب پيش ڪن ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي ٻين نبين وانگر سمجهن ٿا. جيستائين "نئين مذهب" جو تعلق آهي، اسان انهيءَ جي دعويٰ ڪري سگهون ٿا ته اهو قرآن پاڪ ۾ موجود نه آهي. حقيقت ۾ پاڻ سمورن مذهبن جي بنياد توحيد کي عقليت جي اصولن موجب مڃيو آهي، جنهن جو اسان اڳتي هلي تجزيو ڪنداسين.

هن دؤر ۾ ڪنهن حد تائين ڏگهين سورتن کي بنا ڪنهن سبب جي وائل جاءِ ڏني آهي. يعني هن کي انهن سورتن ۾ جوش ۽ جذبو نظر نٿو اچي. جيتوڻيڪ اهو ظاهر آهي ته پهرين ئي سورت (سورت 96) ۽ ان کان پوءِ واريون سورتون به ايتري ئي سنجيده ٻولي ۽ فصاحت سان بيان ڪيون ويون آهن جهڙيون ٻيون سورتون آهن.

هُن هِن دؤر ۾ جن سورتن کي رکيو آهي، تن جو صحيح تجزيو ڪيو آهي. پر سمجهه ۾ ايئن ٿو اچي ته هن اصل عربي قرآن جي بدران ان جي ترجمن مان ڪم ورتو آهي. چو جو قرآن پاڪ ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي آسماني سفر جو ڪٿي به ذڪر نه آهي. ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي دؤر وارن ماڻهن نه، پر قرآن پاڪ ئي اسريٰ واري واقعي کي خواب سڏيو آهي. انهيءَ مان چٽيءَ طرح خبر پوي ٿي ته جيستائين قرآن پاڪ جو اصل عربيءَ ۾ مطالعو نه ڪيو وڃي ۽ رڳو تفسيرن ۽ ترجمن تي ئي گذارو ڪيو وڃي ته ڪنهن به طرح اهو ممڪن نه آهي ته ڪو محقق صحيح نتيجو ڪڍي سگهي.

3. ٽئين دؤر جي باري ۾ وائل جو خيال آهي ته "هن جي ٻولي بلڪل معمولي هئي. اها نه رڳو ان وقت ڪوڙي سمجهه ۾ ايندي آهي جڏهن پاڻ قانون ۽ حڪم جاري ڪندا آهن ۽ غزون جو حال بيان ڪندا آهن، پر ان وقت به ڦڪي ٿي ويندي آهي جڏهن پاڻ خدائي صفتن، ڪائنات جي سونهن، قيامت واري ڏينهن جي سختين ۽ بهشت جي شان ۽ رونقن



کي ظاهر ڪن ٿا". (ڪ. ه. 32)

وائل جو اهو ڪو ڪمال نه آهي ته هن کي خبر پئجي وئي ته هن دؤر جون سورتون ۾ آيتون ڏگهيون آهن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو مدني دؤر جي سورتن جو ترجمو پڙهندو ته هو آسانيءَ سان انهن شين کي ڏسي سگهي ٿو. وائل جون انهيءَ دؤر جي باري ۾ اميدون بلڪل ئي غير ضروري آهن. چو جو هو گهري ٿو ته مڪي سورتن وانگر هن دؤر جو بياني اندازبه "شاعراڻو" هو. هن کي اهو جاڻڻ گهربو هو ته بياني انداز جي تبديلي رڳو اتفاقي يا غير ضروري نه هئي. حقيقت اها آهي ته جاهليت جي شاعري بيٺل يا غير تخليقي ٿجي وئي هئي ۽ هن پنهنجي زندگي ۽ شڪل صورت متائي ڇڏي هئي. اها رڳو تڪبندي وڃي رهي هئي. اهڙيءَ طرح قرآن ڪريم انهيءَ شاعريءَ کي گمراهي سڏيو ۽ هن هڪ نئون بياني انداز ايجاد ڪيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن عرب وارن جي اڳيان جيڪي نثر جا قسم پيش ڪيا سي عرب جي ادبي تاريخ ۾ هڪ تخليقي دماغ جي سمورن ڳڻن کي پيش ڪن ٿا. ظاهر آهي ته بحث هيٺ آيل مسئلي جي نوعيت جي لحاظ کان بياني انداز پڻ بدلبو رهندو آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن قانونن کي نظم يا شاعراڻي نثر ۾ بيان ڪيو وڃي ته اها بلڪل غير فطري شيءِ هوندي. قرآن ڪريم جو هڪ مقصد اهو به هو ته سادي نثر جا نمونا ايجاد ڪري ۽ شاعري ۽ شاعرن کي تمام ئي پوئتي ڇڏي وڃي. هڪ قانونساز مان اها اميد ڪرڻ ته هو قانونن کي شاعريءَ ۾ ادا ڪري، هڪ عجيب قسم جو خيال آهي. مدني سورتن جي باري ۾ هر مستشرق اهي غلطي ضرور ڪئي آهي.

بهرحال وائل کي ڪيترين ئي تاريخي شيون ڏگهين سورتن ۾ مليون جن ۾ بيان ڪيل خيال سان هن انهن کي مدني دؤر ۾ جاءِ ڏني. پر اهو ياد رکڻ گهرجي ته انهن سورتن ۾ ڪيترائي اهڙا رڪوع آهن جيڪي مختلف وقتن ۾ نازل ٿيا آهن ۽ انهن کي مختلف سورتن ۾ مضمونن جي اعتبار کان پوءِ گڏ ڪيو ويو آهي. انهن جي ترتيب تنزيلي نه آهي. تنهن ڪري اسان کي ڪن مدني سورتن کي ڪيترن ئي حصن ۾ ورهائڻو پوندو ته جيئن انهن کي صحيح طور تي تاريخ وار ترتيب ڏئي سگهجي. اهڙو اتفاق تمام ئي گهٽ ٿيو آهي جو هڪ پوري سورت (مدني دؤر ۾) ٻي سورت کان پوءِ تاريخي حيثيت سان گڏ نازل ڪئي وئي هجي.

## نوئل ڊيڪي:

ميور جي ”لائيف آف محمد“ جي ڇپجڻ کان ٻه سال پوءِ ٿيورڊ ورنوئل ڊيڪي پنهنجي تاريخ قرآن 1859ع ۾ ڇاپرائي. اهو هڪ اهڙو ڪتاب هو جنهن تي 1860ع ۾ پيرس اڪاڊمي آف النس ڪر شنز مصنف کي سرڪاري اعزاز ڏنو (د.ق 11). هن جو خيال آهي ته قرآن جي تاريخي ترتيب جو هڪ عام تصور ئي قائم ڪرڻ ناممڪن آهي. ڇو جو مڪي سورتن ۾ ته تمام ئي ٿورڙا تاريخي اشارا آهن ۽ مدني سورتن ۾ جيڪو ڪجھ آهي، سو اهڙو نه آهي جو انهن تي اعتماد ڪيو وڃي. اهي واقعا ته سورت ۾ غزوه بدر سورت 33 ۾ غزوه احد ۽ سورت 48 ۾ صلح حديبيه جو ذڪر آهي، بلڪل صحيح آهن. پر اهي تاريخي اشارا گهٽا نه آهن ۽ ڪنهن ڪنهن سورت ۾ ملن ٿا (ن.گ 45). هن جو خيال آهي ته هڪ حد تائين صحيح نزولي ترتيب جو ڄاڻڻ ناممڪن آهي. هو چوي ٿو ته ميور تفصيلي طور تي ترتيب ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان کي ڪاميابي حاصل نه ٿي سگهي، ڇو جو ان جو ڄاڻڻ ناممڪن آهي (ن. گ 59). تنهن ڪري ڪوشش جي باوجود هو پڪن پختن نتيجن تائين نه پهچي سگهيو. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ جڏهن هن انسائيڪلو پيڊيا برٽانيڪا ۾ انهيءَ باري ۾ هڪ ڪالم لکيو ته هن کي پنهنجا شروعاتي نظريا بدلائڻا پئجي ويا ۽ هن سورتن جي مختلف جزن جي باري ۾ اهو چيو ته حقيقت ۾ ڊگهين سورتن جي ڪيترن ئي ٽڪرن کي ميڙو پوندو ته اهي شروع ۾ جدا جدا هئا. ايتري تائين جو ننڍين ننڍين سورتن ۾ به اهڙا حصا ملندا جيڪي انهن ۾ اڳي نه هئا. پر ان سان گڏوگڏ اسان کي انهيءَ ڇنڊڇاڻ ۾ وڌيڪ بندوبست نه ڪرڻ گهرجي، جيئن مون پنهنجي شروعاتي ڳالهين ۾ ڪيو آهي ۽ جيئن ته شپرنگر به ڪڏهن ڪڏهن ڪندي ڏسجي ٿو. اهو بلڪل واضح آهي ته ڪي سورتون شروع کان ئي ڊگهيون هيون. مثال طور سورت مريم نمبر 13. هن ۾ هڪ ننڍڙي تمهيد آهي، پوءِ يوسف جي تاريخ آهي. ان کان پوءِ ڪجھ خاتمي جا لفظ آهن ۽ اهي سورت مڪمل طور تي هڪجهڙي آهي. اهڙي طرح سورت 20 موسيٰ جي تاريخ بيان ڪري ٿي ۽ پوري آهي. اهو ئي حال سورت 18 جو آهي، وغيره (انسائيڪلو پيڊيا برطانيڪا)

جيستائين سورتن جي نزولي ترتيب جو لاڳاپو آهي، نوئل ڊيڪي صحيح چوي ٿو ته هڪ ئي روايت آهي جنهن ۾ سمورين سورتن جي نزولي



Sindhica Academy, Karachi

ترتيب ٻڌائڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. پر اهو چوڻ بي فائدو آهي ته اهي ئي روايتون مختلف شڪلين ۾ ملن ٿيون. انهيءَ ۾ اهو ذڪر به نه آهي ته اسان جي موجوده سورتن ۾ مختلف تاريخن جا حصا شامل آهن. انهيءَ روايت ۾ ايترا ته شبها آهن يا وري بنا ڪنهن شڪ جي غلط بيان آهن جو انهيءَ کي گهٽي اهميت نٿي ڏئي سگهجي. ان ڪانسواءِ اهو به ناممڪن آهي ته محمد (ﷺ) جي ڪنهن هم عصر اهڙي فهرست تيار ڪئي هجي، پوءِ پلي اها ڪنهن به ڪئي هجي ته ان جي لاءِ لڳ ڀڳ اهو ناممڪن ٿي ويو هوندو ته شروعاتي مڪي سورتن جي باري ۾ اعتماد جوڳي معلومات حاصل ڪري سگهي (انسائيڪلو پيڊيا برطانيڪا قرآن).

نوئل ڊيڪي جي معلومات جو بنياد وائل ۽ ميور جون تحقيقون آهن، هو جتي ڪٿي ميور تي تنقيد ڪري ٿو. هن کي اها به خبر نه آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪهڙي سال نبوت جو اظهار ڪيو. ڇو جو هو به ميور وانگر سمجهي ٿو ته شروعاتي دؤر ۾ ڪيتريون ئي سورتون هيون ۽ انهن مان ڪيتريون ته بيڪار ٿي ويون. اسان ڄاڻون ٿا ته اهو بيان رڳو هڪ خام خيال ئي آهي ۽ ان جو ڪوبه ڪُر پير نه آهي. پروفيسر وائل وٽان هو اهو به سکي ٿو ته قرآن کي ٽن دؤرن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، پر هن کي اها خبر ئي نه آهي ته ڪڏهن هڪ دؤر ختم ٿئي ٿو ۽ ٻيو شروع ٿئي ٿو ڇو جو هن جي خيال ۾ اهي دؤر بلڪل ئي جدا جدا ورهايل نه آهن. ڪن سورتن جي باري ۾ هو چوي ٿو ته انهن ۾ شڪ آهي ته انهن کي وچين درجي ۾ رکيو وڃي يا شروعاتي يا آخري دؤر ۾ ۽ انهن گروپن ۾ به اهو بلڪل ئي ناممن آهي ته ڪنهن حد تائين مختلف سورتن جي صحيح نزولي ترتيب ڄاڻي سگهجي. انهيءَ مان چٽيءَ طرح ظاهر ٿي وڃي ٿو ته قرآن جي سورتن جي ترتيب، جيڪا هن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، رڳو هڪ قياسي شيءِ آهي ۽ ان جو پڪو پختو بنياد نه آهي. تنهن ڪري هن اهو طريقو اختيار ڪيو آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جي نفسياتي ارتقا کي قرآن جي ذريعي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس ۽ اهڙي طرح مختلف سورتن کي ترتيب ڏنو اٿس. اها صورت به انهيءَ منطقي شڪ جو هڪ نج مثال آهي جنهن کي ”دوريه“ چوندا آهن. ڇو جو هو قرآن جي ترتيب کي قرآن جي ئي ترتيب مان ڄاڻڻ گهري ٿو. قرآن جي بنا ڪنهن تاريخي ترتيب جي اهو ناممڪن آهي ته ”پاڻ ڪريم ﷺ“ جي نفسياتي ارتقا تي روشني پئجي سگهي. هو اڳتي هلي انهيءَ ڳالھ جو اقرار ڪري ٿو ته ”اهڙين حالتن ۾ انسان سدائين داخلي



www.sindhsalamat.com

مفروضن يا رڳو وهمن کي يقيني شيءِ مڃڻ تي مجبور ٿي ويندو آهي“ تنهن ڪري نوئل ڊيڪي جي سموري ڪوشش جو تت هن جي پنهنجي ئي لفظن ۾ اهو آهي ته ”اهو ئي پلو ٿيندو ته اسان مڪي سورتن جي ٽن گروپن کي ڪنهن حد تائين هڪ خاص ترتيب سان ملائي ڇڏڻ تي ئي ڳالهه ختم ڪريون (ا.ب) بين لفظن ۾ قرآن جي باري ۾ هن کي نه ته اها خبر پئجي سگهي ته مڪي دؤر ڪڏهن ختم ٿيو ۽ ٻيو دؤر شروع ٿئي ٿو ۽ نه ئي هو انهن سورتن جي، انهن جي دؤرن موجب ترتيب ئي ڄاڻي سگهيو.

”وحي جو مدني حصو“ پوءِ پلي اهو سڄي سورت هجي يا مڪي جي سورت جو ڪو جزو هجي، اسان چٽيءَ طرح سان ڄاڻي سگهون ٿا. ان جي سڃاڻ هيءَ آهي ته انهن جا مضمون مڪي دؤر جي سورتن کان جدا آهن“. اهو خيال انهيءَ حصي جي شروع ۾ ظاهر ڪري ٿو، جنهن ۾ قرآن جي مختلف ٽڪرن جي تاريخ جو بيان آهي. پر رڳو پن جملن کان پوءِ هو هڪ شرط سان ان کي مشروط ڪري ڇڏي ٿو. يعني ”مديني جي سورتن جي باري ۾ به ڪيترين ئي غير متعين ڳالهيون باقي رهجي وڃن ٿيون“. جو جو هو روايتن ۽ تاريخي حوالن جي شڪ ۾ وجهڻ وارين ڳالهين تي ڪا به پڪي پختي راءِ قائم نٿو ڪري سگهي.

مدني سورتن جو هڪ حصو شرعي حڪمن ۽ ديواني ۽ فوجداري قانونن جي باري ۾ ٻڌائي ٿو. انهيءَ ۾ ئي منافقن ۽ يهودين تي سختيءَ سان نڪته چيني ڪئي وئي آهي. انهيءَ حصي جو بياني انداز آخري مڪي دؤر جي بيان سان ملندڙ آهي ۽ گهڻو ڪري بلڪل ئي سادو نثر آهي، جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي قافيا بندي به ملي ٿي. (ن. گ. 55)

قرآن ڪريم جي مڪي حصي کي هو ٽن دؤرن ۾ ورهائي ٿو:

1. پهريون دؤر پهرين سال کان پنجن سالن تائين وارو جذباتي دؤر آهي. سورتون ننڍيون آهن ۽ انهن جون آيتون به ننڍيون ننڍيون آهن. گهڻو ڪري سورتون قسم سان شروع ٿين ٿيون. انهن ۾ قيامت، بهشت ۽ جهنم جو ذڪر آهي. تنهن هوندي به اهو تمام ئي ڏکيو آهي ته انهن سورتن کي تاريخي ترتيب ڏئي سگهجي. هن سورتن ۾ انهن ماڻهن کي، جيڪي الله تعاليٰ جي هيڪڙائي، مرڻ کان پوءِ وري جيئرو ٿيڻ، ۽ جزا ۽ سزا جو انڪار ۽ ان ڳالهه تي ٺٺوليون ڪندا هئا. سخت عذاب کان ڊيڄاريو ويو آهي ۽ رسولن جا به ننڍڙا قصا لکيل آهن.


Sindhica Academy, Karachi

2. ٻئي دؤر جي سورتن ۾ (پنجين کي ڇهين سال تائين) ”تخيل جي تيزي آهستي آهستي گهٽجي وڃي ٿي. تنهن هوندي به انهيءَ ۾ جوش ۽ جذبو موجود آهي. پر بيان آهستي آهستي سادو ٿيندو وڃي ٿو ۽ سورتون ڊگهيون ٿي وڃن ٿيون جن ۾ فطرت ۽ تاريخ آهي. ڊگهين عبارتن ۾ هڪ دردمندانه سڏ آهي. سورت فاتحه انهيءَ دؤر جي شروعاتي سورت آهي. رحمان جو استعمال هن دؤر ۾ وڌيڪ آهي، پر اها پڪ نه آهي ته بسم الله الرحمٰن الرحيم هن دؤر سان تعلق رکي ٿي يا نه“.
3. مڪي جي ٽئين دؤر جون سورتون (ستين سال کان هجرت تائين) موجوده قرآن جو وڏو حصو آهن. اهي لڳ ڀڳ بلڪل ئي معمولي ٻوليءَ ۾ آهن. ڪي سورتون ۽ آيتون ڊگهيون آهن ۽ انهن ۾ نصيحت جو رنگ پريل نظر اچي ٿو. (ن گ 55، 21) ۽ انسائيڪلو پيڊيا برطانيڪا. قرآن)

## ايچ گرم:

گرم به قرآن ڪريم جي مختلف سورت کي انهن جي بياني انداز جي لحاظ کان ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. فلچر پنهنجي ڪالم ”محمدن رليجن“ ۾ انسائيڪلوپيڊيا برطانيڪا ۾ بيان ڪيل ”گرم“ جي ترتيب لکي آهي. انهيءَ مان خبر پوي ٿي ته هن قرآني سورتن کي نزول جي لحاظ کان نه پر انهن جي عبارت جي لحاظ کان ترتيب ڏنو آهي. انهيءَ ڪري ئي هو سورت اقراء (96) کي پنهنجي فهرست ۾ ٻارهين نمبر تي لکي ٿو. جيتوڻيڪ انهيءَ ۾ ڪنهن به قسم جو شڪ نٿو ڪري سگهجي ته اها پهرين سورت آهي. هن ٻارهين سورت کي پهرين نمبر تي رکيو آهي جيڪا پڪ سان بعد واري سورت آهي ۽ اهو مڃائڻ بلڪل ئي ناممڪن آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ پنهنجي مشن جي شروعات تبت يدا کان شروع ڪئي هجي، جنهن ۾ پاڻ پنهنجي چاچي ابولهب کان بيزاري ظاهر ڪئي آهي. بهرحال ”گرم“ پنهنجي سورتن جي مختلف گروهن کي هن ريت ملايو آهي:

1. مڪي کان پهرين گروهه کي هو آڳاٽي قافيه بندي سڏي ٿو. هتي اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته ”آڳاٽي قافيه بندي نثر“ جي معنيٰ چٽي نه آهي. جن ماڻهن ”علم بديع“ تي قلم کنيو آهي، تن قافيه بندي جا پنج قسم ڳڻايا آهن:


www.sindhsalamat.com

أ. نثر متوازي: جنهن جا ٻئي جملا هم وزن ۽ هم قافيا هجن.
ب. نثر مطرف: جنهن ۾ هم قافيہ جملا هجن، پر هم وزن نہ هجن.
ت. نثر متوازي: جنهن ۾ هم وزن جملا هجن، پر هم قافيا نہ هجن.
ث. نثر مرصع: جنهن ۾ هڪ جملي جو هر هڪ لفظ ٻئي جملي جي مقابل لفظ جي هم وزن ۽ هم قافيہ هجي.
ج. نثر متماثل: اهو بہ نثر مرصع وانگر ئي هوندو آهي. فرق رڳو ايترو هوندو آهي تہ ان ۾ لفظ تہ هم وزن هوندا آهن، پر هم قافيہ نہ هوندا آهن.

وري انهن سمورن نثرن جي پڪيڙ يا جملن جي تعداد جي لحاظ کان ورچ ڪئي وئي آهي جيڪا يا تہ ننڍڙي هوندي آهي يا وري ڊگهي. اهڙيءَ طرح نثر جا ڏهہ قسم بڻجي ويندا آهن.

”گرم“ نثر جا بہ قسم ٻڌايا آهن جيڪا ڳالهہ اسان جي سمجهہ کان ٻاهر آهي. هتي اها ڳالهہ بہ ڌيان ۾ رهي تہ بديع تي لکڻ وارن جو وڏو انگ (مثال طور باقلاني ۽ اشاعره) انهيءَ کان انڪاري آهن تہ:

(1) قرآن ۾ قافيہ بندي آهي. تنهن هوندي بہ انهيءَ ڳالهہ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ قرآن جي مڪي سورتن ۾ ڪيترين ئي هنڌن تي قافيو ملي ٿو.
(2) گراهم جو قول آهي تہ مڪي سورتن جو ٻيو ميڙ هلڪي قافيہ بندي ۾ آهي. اهي هلڪي قافيہ بندي ڇا آهي؟ اهو سمجهہ کان ئي ٻاهر آهي.
(3) ٽيون ميڙ مدني سورتن جو آهي. انهن کي ”گرم“ وڌيڪ مناسب طريقي سان ورهايو آهي. چو جو انهيءَ ۾ مشهور غزون جو احوال آهي. انهن جا هن چار گروپ ڏسيا آهن:
أ. هجرت کان غزوه بدر تائين. ۽ ٿورڙيون آيتون جيڪي مڪي سورتن ۾ ملايون ويون آهن.
ب. غزوه بدر کان غزوه احد تائين.
ت. غزوه احد کان مڪي جي فتح تائين.
ث. مڪي جي فتح کان پوءِ رڳو سورت (9) جون آيتون 25 کان 124 تائين.

مديني جي انهن سورتن کي ”گرم“ تاريخي حوالن جي بنياد تي ورهايو آهي جيڪو گهڻو ڪري صحيح آهي. پر جيستائين مڪي سورتن جي


Sindhica Academy, Karachi

ترتيب قافيي جي لحاظ کان ڪئي وئي آهي، سا بلڪل ئي غلط آهي ۽ انهيءَ ترتيب کان بلڪل ئي جدا آهي، جيڪا اسان اڳتي هلي نفسياتي تاريخي لحاظ کان ترتيب ڏني آهي.

## هارٽ وگ هرش فلڊ:

گهڻو ڪري هرش فلڊ آخري يورپي مستشرق آهي، جنهن قرآن کي مختلف زمانن ۾ ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن جي ڪتاب ”قرآن جي باري ۾ نيون تحقيقون“ هن جي مضمونن جو مجموعو آهي، جيڪو ”انڊين انٽي ڪوئري“ بمبئي جي 29 ۽ 30 نمبرن جي جلدن ۾ 1900 ۽ 1901 ۾ ڇاپيا. هن قرآن ڪريم جي مختلف جزن جي تفسير بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ پنهنجي نظرين جي تائيد ۾ ڪي بيهودا نظريا بہ گهڙي ورتا آهن. ڪنهن مناسب جاءِ تي اسان ان جو ذڪر ڪنداسين. هن ”ويجهي ۾ ويجهي“ ترتيب قرآن پاڪ جي سورتن جي ئي نہ، پر مختلف آيتن جي بہ ڪرڻ گهري آهي. (ڏسو انٽي ڪوئري، جلد 30، صفحا 526 کان 528)

هن سورت 12 کي نزولي ترتيب ۾ چوٿون درجو ڏنو آهي جيڪو بلڪل ئي غلط آهي. اڳتي هلي اسان ڏسنداسين تہ نہ رڳو روايتون ۽ تاريخ، پر هن سورت جي اندروني شاهدي بہ ظاهر ڪري ٿي تہ اها پوءِ واري زماني جي آهي. هن جيڪي سندون ڏنيون آهن، سي گهڻو ڪري يورپي ترجمن جون آهن ۽ ان جي تحقيق جو رخ هريرو غلط آهي. عام طور تي هو پنهنجي گمانن جي ئي پيروي ڪري ٿو. مثال طور:

> ”مان سمجهان ٿو تہ سورت 112 کي شروعاتي وحين ۾ جاءِ ڏيان “ اڳتي هلي وري چوي ٿو تہ هن وقت تائين مون ٽن سورتن کي تاريخي جاءِ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اها هڪ لحاظ کان خراب شروعات آهي، جنهن جي ذريعي مون قرآن جي سورتن جي نزولي ترتيب سان ڇنڊڇاڻ شروع ڪئي آهي. مان پهريان ئي انهيءَ ڳالهہ جو اقرار چوڻ ڪريان تہ انهيءَ باري ۾ اعتماد جوڳا نتيجا حاصل ڪرڻ جي تمام ئي گهٽ اميد آهي. جتيوٽيڪ اهي اسلام جي آهستي آهستي ٽيندڙ ارتقا کي جاچڻ لاءِ ڪيترائي ضروري چونہ هجن. اسان کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ مثال ملي ئي ويو، جنهن قرآن کي ترتيب ڏيڻ وارن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو تہ ان کي


www.sindhsalamat.com

كهڙي سورت سان ملائن. اهڙي طرح كيترا ئي مثال آهن. كيترين ئي سورتن جي باري ۾ اهو نٿو چئي سگهجي تہ اهي كڏهن نازل ٿيون ۽ انهن كي ڳولڻ جي لاءِ جيكي معياري قاعدا آهن سي تمام ئي ٿورا آهن ۽ تمام ئي گهٽ انهن تي ڀروسو ٿي سگهي ٿو." (ا – ا. جلد 29، صفحو 203)

بهرحال هو قرآني وحي جا پنج گروپ مقرر كري ٿو ۽ حضرت عائشہ جي روايت كي دليل طور كتب آڻي ٿو تہ پاڻ فرمايو هئائون تہ: ؟كيتريون ئي بياني سورتون قانوني حكمن كان پهريان نازل ٿيون هيون". اها روايت اسان اڳي ئي لكي آيا آهيون. پر هرش فلڊ چوي ٿو تہ "تنهن هوندي بہ اهو خيال نہ كرڻ گهرجي تہ اهي گروپ پوري طرح سان ورهايل آهن. ان جي برخلاف اهي هكٻئي ۾ داخل ٿي ويندا آهن. يعني هر گروپ جا جزا اڳاٽين سورتن ۾ ملن ٿا ۽ بعد جي جزن ۾ گڏريل ركوعن كي ورجايو ويو آهي". انهيءَ مان خبر پوي ٿي تہ هو پنهنجي موجوده اندازن تي آڌاريل ورڇ تي بہ ويساهہ نٿو ركي تہ اهي صحيح آهن يا نہ. هو چٽيءَ طرح اقرار كري ٿو تہ اسان كي سورتن جي تاريخي ترتيب ڏيڻ جي خيال كي سدائين جي لاءِ ڦٽو كرڻ گهرجي، پر اهو ٿي سگهي ٿو تہ قرآن كي مضمونن جي لحاظ كان ورهائي اسان كنهن حد تائين قرآن جي انهن مطلبن كي ڄاڻي سگهون ٿا، جن لاءِ اهو نازل ٿيو آهي. مديني جي سورتن جي لاءِ واقعن جي رفتار هك قسم جي رهبر جو كم ڏئي ٿي. جيتوڻيك انهيءَ تي بہ پورو ڀروسو نٿو ٿي سگهي. (جلد 29، صفحو 204).

مكي دؤر جي باري ۾ ان جي اندازن تي آڌاريل نزولي ترتيب هيٺ بيان كيل ڇهن حصن تي ورهايل آهي:

1. پهريون خطبو جيكو سورت اقراء كان شروع ٿئي ٿو جنهن ۾ پنج آيتون آهن.
2. ان كانپوءِ اهڙيون سورتون نازل ٿيون آهن جن مان مٿين اعلان جي تصديق ٿئي ٿي. يعني پاڻ كريم ﷺ جي نبوت جي تصديق.
3. هن كان پوءِ فصيح ۽ بليغ ٻوليءَ ۾ نيكيءَ تي اڀاريندڙ ۽ بڇڙائيءَ جي نتيجن كان خوف ڏياريندڙ سورتون آهن. سندن عقلمند هئڻ ۾ جيكي شك ۽ شبها آهن، تن جي ترديد آهي ۽ گمراهن جي لاءِ سخت سزا ۽ ڌمكي آهي. انهن ۾ سخت قسمَ آهن جي جي ٻولي قافيي دار آهي.
4. ان كان پوءِ بياني سورتون آهن جن ۾ اڳاٽا قصا ۽ انجيلن جون


Sindhica Academy, Karachi

كهاڻيون آهن. "جڏهن رسولن جو ڏك ڏولاوو ختم ٿي ويندو آهي تہ پوءِ اهي واعظن ۽ سزائن جو بيان كندا آهن".
5. "تشريحي خطبا (سورتون) ان وقت ڏنا وڃن ٿا جڏهن پاڻ ﷺ جي كهاڻين جو ذخيرو لڳ ڀڳ ختم ٿيڻ تي هوندو آهي. انهيءَ ۾ قدرت جي نظارن ۽ عظمت جو بيان هوندو آهي".
6. مٿين دؤر جي ختم ٿيڻ تي قانوني خطبا ڏنا ويندا آهن يعني جڏهن مسلمان اهڙا خطبا ٻڌڻ لاءِ پوريءَ طرح تيار ٿي ويندا آهن. انهن ۾ ايماندارن كي اهو ٻڌايو ويندو آهي تہ پكي عقيدي واري مسلمانن جي زندگي كهڙي طرح گذارجي.

هرشفلڊ "قانوني" اصطلاح كي تمام ئي عام معنائن ۾ استعمال كيو آهي تہ جيئن اهو پڙهڻ واري كي حقيقي قانوني سورتن جي لاءِ تيار كري سگهي جيكي سچ پچ بہ مديني ۾ ئي نازل ٿيون هيون. انهيءَ لاءِ بہ تہ هن جيكو نظريو هك دؤر جو ٻئي دؤر ۾ داخل ٿيڻ بنسبت ٻڌايو آهي، سو ثابت ٿي سگهي. حقيقت اها آهي تہ هو انهيءَ ڳالهہ جو قائل آهي تہ "قانوني" مان ان جو مطلب "اخلاقي" تعليم آهي. (جلد 30، صفحہ 11) بهرحال صاف ظاهر آهي ۽ هرشفلڊ پاڻ بہ مڃي ٿو تہ هن جيكا قرآن پاك جي ورهاست كئي آهي، سا تاريخي نہ آهي.

## راڊول:

راڊول 1876ع ۾ قرآن پاك جو ترجمو شايع كيو هو. هن مكي سورتن كي وائل جي ترتيب موجب نزولي ترتيب ڏني ۽ مدني سورتن كي كونوئل ڊيكي جي ترتيب موجب ركيو.

## مرزا ابو الفضل:

الہ آباد كان 1911ع ۾ مرزا ابو الفضل قرآن پاك جو انگريزيءَ ۾ لفظي ترجمو ڇپرايو. هن جي دعويٰ هئي تہ "قرآن جي سورتن كي اهڙي تاريخي ترتيب سان مرتب كيو ويو آهي جو هن وقت تائين عالمن انهيءَ كي مڃيو آهي. وغيره" پر اها ترتيب اصل ۾ اها ئي آهي جيكا نوئل ڊيكي ڏني هئي. باقي ايترو سو فرق آهي تہ شروع وارين اٺن سورتن ۾ ٿوري تبديلي كئي وئي آهي (يعني كنهن كي پهريان ۽ كنهن پوئتي كيو ويو آهي.) اهو ظاهر آهي تہ اسلام جي عالمن اها ترتيب نہ ڏني آهي. بهرحال سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هاڻي اها


www.sindhsalamat.com

ترتيب منسوخ سمجهي مرزا صاحب ٻيو قرآن ڇاپيو آهي، جنهن ترتيب اها ئي آهي جيڪا عثماني صحيفي جي آهي.

## نظر ثاني:

يورپي محققن جي باري ۾ اسان وڌيڪ لکڻ نٿا گهرون. جيستائين نزولي ترتيب جو لاڳاپو آهي، هو پاڻ به مڃن ٿا ته اهو انهن جي وس کان ٻاهر هو. هرشفلڊ جي هيٺ لکيل راءِ انهيءَ بيان جي تائيد ۾ ڪافي آهي:

هرشفلڊ چوي ٿو ته: ”جيستائين مڪي سورتن جو تعلق آهي، ڪجهه عام نڪتا وائل ۽ ميور قائم ڪيا آهن ۽ انهن کي ئي نوئل ڊيڪي اختيار ڪيو آهي ته جيئن مونجهارن کي منهن ڏئي سگهجي. اهي سڀئي سمورين سورتن کي ٽن دؤرن ۾ ورهائن ٿا ۽ اها ورچ ظاهر ۾ گهٽ جوش وارين نبوي ﷺ ۽ گهٽ جذباتي ڊيگهه وارين آيتن تي ٻڌل آهي. پر اسان بيان ڪري چڪا آهيون ته شروع کان ئي رسول الله ﷺ جي تقريرن (آيتن) ۾ سنجيده غور ۽ فڪر موجود آهي. جوش ۽ جذبي جو نظريو اهڙو آهي جنهن تي اعتماد نٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن اسان انهيءَ بيان ڪيل ”جوش“ جو تجزيو ڪريون ته اسان کي ٻن شين ۾ فرق رکڻ گهرجي. هڪڙو جوش ته اهو هوندو آهي جيڪو حقيقي طور تي انسان جي دل ۾ قائم رهي ڪري ڪنهن خيال جي ڌُن ۾ ان کي لڳائي ڇڏيندو آهي ۽ نتيجي جي پرواهه ڪرڻ ڪانسواءِ ئي هو پنهنجو ڪم ڪندو رهندو آهي. ٻيو جوش خالي جذبو هوندو آهي، جيڪو وات مان نڪرندي ئي ٿڌو ٿي ويندو آهي. پهريون جوش محمد ﷺ جي دل ۾ ان وقت کان موجود هو جڏهن پاڻ ڪوبه پروگرام اڃا نه ڏنو هئائون ۽ اهو ان وقت تائين قائم رهيو جيستائين ڇيو وڃي ٿو ته سندن تقريرون سنجيده ۽ ٿڌيون ٿي ويون هيون.

”جوش ۽ جذبن جا مختلف درجا هوندا آهن جيڪي گهٽ يا وڌ تقريرن مان ظاهر ٿيندا آهن. انهن کي رڳو اهڙيءَ طرح پرکڻ گهرجي جهڙي طرح انسان جي جذبن جي تبديليءَ کي پرکيو ويندو آهي. خارجي حالتن جو جذبن تي گهرو اثر ٿيندو آهي. وقتي جوش ته رڳو اتفاقي طور تي يا ڪنهن همٿ ڏياريندڙ ڳالهه سان به پيدا ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري اهو نٿو چئي سگهجي ته اهي سورتون جن ۾ زور بيان يا جوش هوندو آهي رڳو شروعاتي دؤر سان واسطو رکن ٿيون. جيڪڏهن اهو ڪٽي مڃيو به وڃي ته سورت


Sindhica Academy, Karachi

اقراءکان وٺي ئي اسان کي مڃڻ گهرجي ته محمد (ﷺ) ۾ اصلي جذبو موجود نه هو، ته اهو سراسر سورت اقراء جي تاريخ جي خلاف آهي.“ (جلد 29، صفحو 203)

اي منگانا انهن مستشرقين جي باري ۾، جن قرآن جي نزولي ترتيب ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پنهنجو خيال ظاهر ڪيو آهي ته اها شايد آخري ڳالهه آهي. انهيءَ کان وڌيڪ نٿو چئي سگهجي. انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته انهن جون ڪوششون ضرور ساراهه جوڳيون آهن، ڇو جو اهي حقيقت تائين پهچڻ گهرن ٿا. پر جن تصنيفن ۽ ترجمن مان هو مدد وٺن ٿا، سي انهن يونيورسٽين جون هونديون آهن جيڪي اسلام ۽ ان جي بانيءَ جي لاءِ سخت تعصب رکنديون آهن. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيندو آهي ته اهي قرآن جي باري ۾ غلط نتيجا ڪڍي وينڊا آهن. جيتوڻيڪ اهو ڪم بنا ارادي جي ٿيندو آهي. ان ڪانسواءِ جيئن ته اسان اڳ ۾ به لکي چڪا آهيون ته گهڻن مستشرقن وٽ عربي ادب جي ڄاڻ اڻپوري هوندي آهي. پر انهيءَ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته انهن مان ڪيترا ئي ليکڪ اهڙا به آهن جن پنهنجي دلين ۾ ڪٽرپڻي کي ڪڍي ڇڏيو آهي. پر عربي ٻوليءَ ۾ ڪٿي نه ڪٿي، ڪنهن لفظ يا محاوري کي غلط سمجهڻ انهن ماڻهن جي لاءِ به ضروري آهي جيڪي انهيءَ ٻوليءَ جا ماهر آهن. بهرحال اي منگانا جو قول انهيءَ ڳالهه جي لاءِ ڪافي آهي جيڪو مستشرقن جي صحيح ارادن جي تشريح ڪري ٿو:

”جيڪي ڪوششون يورپين ڪيون آهن ته قرآن کي نزولي ترتيب موجب مرتب ڪن، سي ايترو ئي ناڪام رهيون آهن جيترو مقامي ماڻهن جون. مثال طور راڊول جي ترجمي کي ڪڻو، انهيءَ ۾ سورت 16 کي 73 سڏيو ويو آهي ۽ سورت نمبر 6 کي 89 ڏسيو ويو آهي. پر سورت نمبر 16 جي اڻويهين آيت ۾ آهي:

”وَعَلَى الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا مَا قَصَصْنَا عَلَيْكَ مِنْ قَبْلُ ۚ وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ“

يعني اها ڳالهه هن کان اڳ ذڪر ٿي چڪي آهي. هاڻي سورت نمبر 6 جي 47هين آيت کي ڏسو

”وَعَلَى الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا كُلَّ ذِيْ ظُفُرٍ ۚ وَمِنَ الْبَقَرِ وَالْغَنَمِ حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ شُحُوْمَهُمَآ اِلَّا مَا حَمَلَتْ ظُهُوْرُهُمَآ اَوِ الْحَوَايَآ اَوْ مَا اخْتَلَطَ بِعَظْمٍ ۭ ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِبَغْيِهِمْ ڮ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ“.


www.sindhsalamat.com

هن ۾ انهيءَ ڳالهہ جو ذڪر آهي. يعني ڪن شين کي يهودين تي حرام ڪرڻ جو ذڪر آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن مختلف سورتن کي تاريخي حيثيت سان گڏ ڪرڻ ممڪن هجي تہ سورت نمبر 6 کي سورت 16 کان اڳ ۾ جاءِ ڏيڻ گهرجي.

رسول الله ﷺ جي نفسياتي ارتقاء واري مفروضي تي ڪنهن سورت جي تاريخ کي دارومدار سمجهڻ فطري طور تي هڪ غير علمي طريقو آهي ۽ نہ ئي اهو اهڙي طرح ممڪن آهي جو سندن علم جي ترقي کي انهيءَ ترتيب جو بنياد سڏي ڪجھ فائدو حاصل ڪري سگهجي. مثال طور شپرنگر چوي ٿو تہ 617ع ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن کي خبر پئي تہ هود ۽ صالح[۴] جون ڪهاڻيون فرضي آهن، انهيءَ جو اهو نتيجو نڪتو جو پاڻ آئينده انهن کي ذڪر ڪرڻ ۾ احتياط ڪيائون. پر حقيقت اها آهي تہ پاڻ انهن واقعن جو ذڪر سورت نمبر 9 جي آيت نمبر 17 ۾ ڪيو اٿس.

”اَلَمۡ يَاۡتِهِمۡ نَبَاُ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ قَوۡمِ نُوۡحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوۡدَ ۙ وَقَوۡمِ اِبۡرٰهِيۡمَ وَاَصۡحٰبِ مَدۡيَنَ وَالۡمُؤۡتَفِكٰتِ ؕ اَتَتۡهُمۡ رُسُلُهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظۡلِمَهُمۡ وَلٰكِنۡ كَانُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ يَظۡلِمُوۡنَ“

۽ حديثن موجب هيءَ سورت قرآن ڪريم جي آخري يا ان کان پهرين سورت آهي.

(هسٽينگز. انسائيڪلوپيڊيا، جلد 10، صفحہ 545)

***



www.sindhsalamat.com
Sindhica Academy, Karachi